# مهابوڏ 2010

## (جيڪي سنڌ سان ٿيو)

### عزيز رانجهاڻي





ڪتاب نمبر
292

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 2011ع
ڪتاب جو نالو: مها بوڏ 2010 (جيڪي سنڌ سان ٿيو)
ليکڪ: عزيز رانجهاڻي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: محمد ارشد سولنگي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: =/400 رپيا

**"Maha Bodd 2010"**
**(Super Flood 2010)**
By: Aziz Ranjhani
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.org
Email:sindhica_academy@yahoo.com

## اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻوفون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 3431115-0300
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر- ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدر اباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ- ممتاز ڪتاب گهر دادو-حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڌڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گهر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٽر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 3319565-0300، عطار ڪتاب گهر، بدين، جنيد بوڪ اسٽور، دادو، مهراڻ ڪ[illegible] حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو،

[illegible] ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ❊ | انتساب | عزيز رانجهاڻي | 7 |
| ❊ | ٻه اکر | عزيز رانجهاڻي | 9 |
| ❊ | مهاڳ | اشتياق انصاري | 13 |
| 2 | اخباري خبرون | | 17 |
| 3 | تاثرات/ ڊائري/ مشاهدو | | 31 |
| 4 | هي ڳالهه آهي زماني جي تنهنجي نہ! | | 42 |
| 5 | داوءَ ۾ دنگل | | 44 |


## ڪالم


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | آبپاشي کاتو سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيندو! | عرفان علي ٻگهيو | 89 |
| 2 | ٻوڏ ”ٻڏي جا ٻيٽا“ يا انساني الميو | امداد علي سومرو | 92 |
| 3 | سنڌو سمهندو ناهي ... | ممتاز بخاري | 97 |
| 4 | ڀاڱي ڙي ڀاڱي | عبدالقادر جوڻيجو | 100 |
| 5 | سنڌ ۾ سپر فيلڊ جو پهچڻ | محمد ادريس راجپوت | 104 |
| 6 | درياهه بادشاهه جي واپسيءَ شهيد ٻيٽي جو دور | پروفيسر لياقت عزيز | 108 |
| 7 | هي ماڻهو اسان جي مدد جا منتظر آهن | امتياز جوڻيجو | 110 |
| 8 | اڄوڪو ٻوڏ جي آئيني ۾ سنڌ جو عڪس ڏسون | امر سنڌو | 112 |
| 9 | صديءَ جي وڏي ٻوڏ ۽ سنڌ | دلشاد ٻتو سينيئر | 117 |
| 10 | 69 سالن کان پوءِ هڪ وڏي ٻوڏ | عزيز ڪاڇيلو | 124 |
| 11 | سنڌ کي ڪيئن بچائجي؟ | دلشاد ٻتو سينيئر | 127 |
| 12 | ٻوڏ جي تباهي ۽ متاثرين جي بحاليءَ وارو سوال | بئريسٽر ضمير گهمرو | 132 |
| 13 | سنڌ جا لتيل صبح ۽ اُجڙيل شامون | شبنم گل | 138 |
| 14 | سپر فلڊ ۽ حيدرآباد شهر جي سلامتي | محمد ادريس راجپوت | 142 |
| 15 | ڪوٽڙيءَ ڏانهن وڌندڙ وهڪرو، ڪني تار تيل منجهہ آر بي او ڊي | امداد علي سومرو | 147 |
| 15 | ٽائٽانڪ ٻڏجي ويل منهنجو ڳوٺ | دودو چانڊيو | 153 |
| 16 | منڇر واري ٻوڏ کان بچڻ لاءِ دعا سان گڏ کهڙي دوا ممڪن آهي؟ | اختيار کوکر | 157 |
| 17 | ٻوڏ ڪٿي ڊنگ ڪندي؟ | محمد ادريس راجپوت | 161 |







| | | | |
|---|---|---|---|
| 18 | هن ٻوڏ ۾ ڇا ڇا ٻڏڻ گهرجي؟ | اشفاق آذر | 164 |
| 19 | ٻوڏ جا سبب ۽ دربدر ٿيل سنڌ واسين جو مستقبل | ڊاڪٽر مير عالم مري | 168 |
| 20 | سنڌو، چاندوڪيون راتيون ۽ سمنڊ ۾ وڏي وير جو چڙهڻ | نواز خان زئور | 172 |
| 21 | ٻوڏن ۾ مهاڻا زندگيون بچائيندڙ مسيحا | عزيز رانجهاڻي | 176 |
| 22 | ڇا سنڌ خلاف ٿيندڙ گناهن ۾ آب حيات پيتو آهي؟ | افيئر | 178 |
| 23 | بگ بينگ کان پوءِ واري سنڌ | افيئر | 180 |
| 24 | اڄوڪا ماڻهن لاءِ دربدريءَ جا در بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون | ماروي ميمڻ | 182 |
| 25 | سنڌ کي ڊنڊوڙي ڏنہ پر حقيقي هيروز گهرجن | اشفاق آذر | 185 |
| 26 | ٻوڏ ڪٿي پهتي؟ | محمد ادريس راجپوت | 190 |
| 27 | ڀهاڙي وهڪرن ۽ دريائي پاڻيءَ جو ميلاپ منڇر کي ڪهڙو رُوپ ڏيندو؟ | عزيز رانجهاڻي | 193 |
| 28 | جيئرن کان خالي ٿيندڙ شهر | ڊاڪٽر ايوب شيخ | 196 |
| 29 | ڪراچي پهتل ٻوڏ ستيلن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي؟ | اختيار کوکر | 199 |
| 30 | ٻوڏ، امدادي ڪئمپون ۽ عزت نفس | نثار کوکر | 205 |
| 31 | سنڌ ۾ ٻوڏ جا هاڃا | محمد ادريس راجپوت | 210 |
| 32 | سنڌ کي ٻوڙيندڙ ”ڏنڌوڙين“ کان حساب ڪير وٺندو؟ | امداد علي سومرو | 214 |
| 33 | ٻوڏ جي تباهيءَ کان پوءِ جنم وٺندڙ دردناڪ قصا | سهيل ميمڻ | 219 |
| 34 | ٻوڏ سبب تباهه ٿيل سنڌ ۽ سرڪار جي ذميواري | سويو گيانچندڻاڻي | 222 |
| 35 | سنڌ جي تباهي: وفاق ڪٿي آهي؟ | علي قاضي | 225 |
| 36 | ڇا سنڌ ”جوهي“ کان سکي سگهي ٿي؟ | افيئر | 228 |
| 37 | ٻوڏ کان پوءِ تبديل ٿيل سنڌ | علي قاضي | 230 |
| 38 | ڇا سنڌ سرڪار وٽ ٻوڏ ستيلن جي بحاليءَ لاءِ ذريعا ڪونهن؟ | بئريسٽر ضمير گهمرو | 234 |
| 39 | جوهي تہ هر حال ۾ ٻڏندو! | محمد ادريس راجپوت | 240 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 40 | ٻڏيءَ کان پوءِ! | عبدالقادر جوڻيجو | 243 |
| 41 | نئي کان پوءِ دادو! | انجنيئر ظفر علي شاهه | 249 |
| 42 | ٻوڏ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو؟ | محمد ادريس راجپوت | 252 |
| 53 | تاريخ مان سبق نہ پرائڻ جا نتيجا | محمد ادريس راجپوت | 257 |
| 54 | منهنجو شهر | منظور ميراڻي | 261 |
| 55 | سياسي تنظيمون ۽ ويلفيئر جو تصور | حفيظ ڪنير | 266 |
| 56 | سنڌ ۾ قدرتي آفت جي تباهڪاريءَ پنيان غير قدرتي فيڪٽرز جو ڪردار | نصير ميمڻ | 269 |
| 57 | دريا جا بند صرور ٽٽا آهن پر اسان جا حوصلا نہ! | علي قاضي | 275 |
| 58 | چا منچر ٽٽڻ کان بچي ويندي؟ | محمد ادريس راجپوت | 280 |
| 59 | يا تہ مفاهمت رهي سگهندي يا وري ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثر | نواز ڪنير | 283 |
| 60 | ٻوڏ سٽيلن جي بحاليءَ جو اٽانگو سفر | نصير ميمڻ | 285 |
| 61 | ٻوڏ کان پوءِ "نئين سنڌ" جي تعمير لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي؟ | ڊاڪٽر ايوب شيخ | 292 |
| 62 | سنڌ جو آئيندو_سکر بئراج | عبدالقادر جوڻيجو | 297 |
| 63 | سنڌ ڪي مليل نياپو | نثار کوکر | 303 |
| 64 | لاڙ ۾ ٻوڏ لٿي جون سرگرميون | محمد ادريس راجپوت | 307 |
| 65 | سنڌ جي سوناميءَ جو ذميوار ڪير آهي؟ | مير محمد پرهياڙ | 312 |
| 66 | خيرپور ناٿن شاهه: ٻوڏ ۾ ٻڏل هڪ لاوارث شهر جي درد ڪٿا | سهيل ميمڻ | 317 |
| 67 | نئين سنڌ جي تعمير جا خدو خال واضح ٿيڻ گهرجن | منوج ڪمار | 320 |
| 68 | هيءَ مها ٻوڏ قدرتي آهي يا هترادو؟ | رسول بخش پليجو | 323 |
| 69 | ٻڏل سنڌ جي نقصان جو ڪاٿو ۽ زميني اُپت | محمد ادريس راجپوت | 327 |
| 70 | چا اسان آمريڪا جي تيار ڪيل موسمي هٿيار هٿان ٻُڏا آهيون؟ | رسول بخش پليجو | 332 |
| 71 | خوف ڪي فتح ڇو نہ ڪجي؟ | علي قاضي | 335 |
| 72 | سنڌ ٻڏڻ کان بچائي نہ پئي سگهجي؟ | امداد علي سومرو | 340 |
| 73 | سنڌو ندي ڇو نہ سنڀالجي سگهي؟ | علي گوهر ٿيبو | 345 |
| 74 | هڪ انجنيئر جي ٻوڏ دوران بند تي لکيل | اشتياق انصاري | 357 |






ڊائري


| | | | |
|---|---|---|---|
| 75 | چونڊيل نمائندا ۽ قومپرست ڪٿي گم ٿي ويا آهن؟ | همسفر گاڏهي | 355 |
| 76 | متاثرن تي ٿيندڙ لنبازي ۽ "نادرا" آڏو بي وس ٻٽيل سنڌ حڪومت! | اختيار کوکر | 358 |
| 77 | پاڻيءَ سان "پاٽي" ٿي ويل شهر ڪي "نئون" ڪيئن ڪجي؟ | ڊاڪٽر ايوب شيخ | 365 |
| 78 | ڪندن جي جاچ بابت اُپرندر ڪجھ سوال | محمد ادريس راجپوت | 369 |
| 79 | ڪنهن نجات ڏياريندڙ جو انتظار ڪندڙ سنڌ! | شبنم گل | 373 |
| 80 | سنڌ جي ٻڏل شهرن مان پاڻي ڪڏهن نڪرندو؟ | محمد ادريس راجپوت | 378 |
| 81 | سنڌ جي ٻڏل ايراضين مان پاڻي ڪيئن ڪيدجي؟ | محمد ادريس راجپوت | 383 |
| 82 | هڪ اُجڙيل شهر جي سار | منوج ڪمار | 387 |
| 83 | ايندڙ سال واري ٻوڏ ۾ سنڌ ٻڏڻ کان بچي ويندي؟ | محمد ادريس راجپوت | 390 |
| 84 | منچر گدلاڻ کان آجي ڪيئن ٿي سگهندي؟ | محمد ادريس راجپوت | 394 |
| 85 | منچر جي ڳنڀير صورتحال! | محمد ادريس راجپوت | 399 |
| 86 | هن مخلوق جي سار ڪير لهندو؟ | مير محمد پرهياڙ | 404 |
| 87 | گهارن بابت عدالتي ڪميشن جي رپورٽ! | محمد ادريس راجپوت | 408 |
| 88 | ٻُڏل علائقن مان پاڻي نيڪال جو ڪم ڪٿي پهتو؟ | محمد ادريس راجپوت | 414 |
| 89 | جاچ ڪميشن جي سفارشن تي عمل ڪير ڪرائيندو | اختيار کوکر | 419 |
| 90 | وارثيءَ جي آس ۾ ڏکن هٿان پيڙجندڙ خلق! | مختيار چانڊيو | 425 |
| 91 | دردن جو ديس ٻٽيل شهر سان وس وارن جي ٻہ اکيائي! | مختيار چانڊيو | 428 |
| 92 | وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد/ داستان سفر جو | محمد بخش شاهاڻي | 431 |
| 93 | ڪئمپ ڪهاڻيون | | 437 کان 528 |

# انتساب

سنڌ جي انهن لکين ٻوڏ متاثرين جي نانءُ جيڪي وس وارن جي بي حسي ۽ سياست جي بي رحم راند ۽ چالبازين سبب پنهنجي پڊن تان دربدر ٿي پنهنجي ئي ديس ۾ ڪئمپن حوالي ٿيا ۽ اڄ 10 مهينا گذرڻ جي باوجود هو جنگي قيدين وانگر اذيتون، مصيبتون، ڏک، اهنج، ايذاءُ ۽ تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجن وستين ۽ واهڻن ۾ واپس ورڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن، ۽ سنڌ جي انهن هزارين ٻيڙيءَ وارن ملاحن، مهاڻن، ميربحرن (ناکئائن) جي نانءُ جن هن انتهائي ڏکي گهڙيءَ ۾ لوڀ، لالچ، دڙڪي ۽ دهمان کان مٿانهون ٿي پنهنجي ديس واسين کي پاڻيءَ جي سمونڊ مان ڪڍي محفوظ هنڌن تي پهچايو ۽ تاريخ جي سڀ کان وڏي بوٽ ريسڪيو آپريشن کي لڳاتار ڇهه مهينا ڪچي، ڪاڇي ۽ پڪي ۾ جاري رکي هڪ عالمي رڪارڊ قائم ڪيو.

ڪاوش گروپ جي سرواڻ علي قاضيءَ جي نانءُ ٻه جنهن جوسگهارو آواز ٻوڏ متاثرين جي حقن، مدد ۽ سهائتا لاءِ ميڊيا ذريعي ڏيهه پرڏيهه گونجندو رهيو.

اجـــان رچ مـــان رڙاچـــي پئـــي
متـــان ســمجهين ويـــا مـــور ســارا مـــري

**-عزيز رانجهاڻي**




www.sindhsalamat.com

ٻه اکر

# مها ٻوڏ 2010
## جيڪي سنڌ سان ٿيو

07 آگسٽ 2010 تي سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٽوڙيءَ واري هنڌ تان سنڌوءَ جي بچاءُ بند کي گهارو ڇا لڳو، ڄڻ سنڌ ۾ قيامت اچي وئي. شير درياهه سنڌو مستيءَ ۾ اچي سنڌ جي ميدانن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪاهجي پيو ۽ ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي بلوچستان جي حدن ڪان وٺي سنڌي سمونڊ تائين هڪ ٻيو سمونڊ ڪري ڇڏيو. جتي 10 ڪان وٺي 16 فوٽن تائين ڪيترائي ڏينهن اڌ سنڌ پاڻيءَ هيٺ رهي ۽ اڌ سنڌ جي آبادي سر ۽ مال متاع بچائڻ لاءِ سرگردان رهي ۽ پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي صدين کان آباد هي ڌرتي ڌڻي بي گهر تي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ڪئمپن جي حوالي ٿيا. سنڌوءَ جو پاڻي سنڌن پويان ائين پئجي ويو جيئن ڪو حملہ آور لشڪر اوچتو ڪنهن علائقي ۾ ڪاهجي پوي ۽ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وڃي ۽ هو ساهه بچائڻ لاءِ برمنهن ڪندا هجن. ڪٿي جيڪب آباد، ڪشمور، ٺل، شهدادڪوٽ، ڳڙهي خيرو ۽ ڪٿي ڪراچي، سانگهڙ، ٽنڊو باگو، نئون ڪوٽ ۽ حيدرآباد، ساهه بچائڻ لاءِ هي ڌرتي ڌڻي، سنڌ جي هڪ ڪنڌ کي ڇڏي ٻئي ڪنڌ تي وڃي ڪئمپن ۾ پهتا ۽ دربدر ٿي مصيبتن ۽ عذاب ۾ اچي ويا.

انساني تاريخ جو هي سڀ کان وڏو الميو بہ اڳيئي ڏکايل سنڌو ماٿريءَ جي حصي ۾ آيو. گڏيل قومن جي سربراهه سميت، عالمي نشرياتي ادارن ۽ ٻين ايجنسين ايڏي وڏي پئماني تي لڏ پلاڻ، تباهي ۽ نقصان کي ڏسي هن سانحي کي تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ ڏکوئيندڙ سانحو ۽ الميو قرار ڏنو.

سنڌ واقعي پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ ۾ ايڏو نہ پوڳيو هوندو جهڙو 2010 جي مها ٻوڏ ڪري پوڳيو. سوين ماڻهو لڙهي سنڌوءَ جي لهرن حوالي ٿيا. اک ڇنڀ ۾ هزارين ڳوٺ، وسنديون واهڻ، شهر خالي ٿي ويا ۽ سندن هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال بہ لڙهي ويو. سڄي زندگيءَ جي گڏ ڪيل موڙي اک ڇنڀ ۾ لڙهي لهرن حوالي ٿي وئي. لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهه ٿي ويا. سندن اڪين اڳيان گهر محل، ماڙيون، دوڪان، ڪارخانہ ۽ ٻيون جايون لڙهي رهيون هيون. اسڪول، روڊ، رستا، پليون، ڪئنال ، واهہ، شاخون سڀ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. فقط سر بچائي ماڻهو بندن، ٽلهن، ٽبن، ڇتين، وڻن، پهاڙن، پلين ۽ ٻين مٿانهين هنڌن تي پناهه لاءِ پهچي ويا. لکن جي تعداد ۾ هي بي يارومددگار ڌرتي ڌڻي واقعي فقط پنهنجو سر بچائڻ لاءِ هٿين خالي گهرن مان نڪري





سگهيا. سندن ووٽن جي نتيجي ۾ اقتدار ۾ آيل حڪومت کي پنهنجي ئي هڪ اتحادي ڌر ان سموري سانحي دوران بجاءِ متاثرين جي مدد ڪرڻ جي، وزارتون ڇڏڻ، گورنري ڇڏڻ، انقلاب، مارشلا، ٽيڪس ۽ ٻين معاملن ۾ ڌمڪائي، هيسائي، منجهائي، بليڪ ميل ڪري ساٽو ۽ موڳو ڪري ڇڏيو ۽ هو اقتدار وڃڻ جي خوف کان بجاءِ پنهنجي ماڻهن، ووٽرن ۽ مصيبت جي ماريل انسانن جي هن ڏکي ۽ مشڪل گهڙيءَ ۾ پرگهور، سهائتا ۽ حقيقي سار لهڻ ۽ واهر ڪرڻ جي 90 نائين زيرو جي ياترا ڪرڻ ۽ ڪين هر طرح سان خوش رکڻ ۾ پورا هيا ۽ ٻئي پاسي هي ڌرتي ڌڻي، سندن ووٽر ۽ شهيد راڻيءَ جا سپاهي پاڻيءَ ۾ لڙهي رهيا هئا ۽ ڪئمپن ۾ بک ۽ بيمارين سبب مري رهيا هئا.

سنڌ جا ماڻهو هڪ وڏي الميي ۽ سانحي پٺيان هڪ ٻيو سانحو ڏسي رهيا هئا. يعني وس وارن جي بي حسي ۽ سانگ سياست جا ۽ افعال وڏيرن ۽ چونڊيل نمائندن جا، لکن جي تعداد ۾ (اڌ سنڌ) ڌرتي ڌڻين بہ عيدون ڪئمپن ۾ سڏڪن، لڙڪن، آهون، دانهن ۽ ماتم ۾ گذاريون. سندن اکين اڳيان علاج نہ ٿيڻ ۽ ڪئمپن ۾ سهوليتون نہ هئڻ سبب پنهنجا پيارا مرندي ڏسي رهيا هئا. معصوم ٻالڪ کير لاءِ تڙپي رهيا هئا. عورتون حمل دوران مري رهيون هيون. گيسٽرو ڪانئن حياتي کسي رهي هئي . شروع ۾ ڪئمپن ۾ گهٽ، ٻوسٽ، گرمي، بک ۽ بيمارين سندن ساهه ڪڍيو ۽ بعد ۾ سخت سيءُ ۽ برساتن بہ ڪين سٺي ڪانئن خوب پلاند ورتو. سندن مٿان لڳل ٽينٽ ٽمي رهيا هئا، نہ ڪمبل نہ بوڇڻ، نہ راشن نہ دوائون، ڪيترن ئي هنڌن تي تہ متاثرين پنهنجي گلن جهڙن معصوم ٻارن ۽ پيارن ۽ پاڻ مٿان سخت سيءُ کان بچڻ لاءِ پلال وجهي راتيون جاڳي گذاريون. هن جديد دنيا ڏکويل سنڌ جا هي منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽ سياست جي سانگن ۽ بي رحمين ڪري ڪنهن ۾ بہ همت نہ ٿي جو صحت جي اتحادي وزير کان پڇاڻو ڪري تہ علاج نہ هئڻ سبب هي خدا جي خلق مري رهي آهي سو ڇو؟ ان جو ذميوار ڪير آهي؟ سنڌ جو چيف ايگزيڪيوٽو سنڌ جي فضائن ۾ هيليڪاپٽر تي لاماره ڏيئي رهيو هو ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پهتل هزارين ڌرتي ڌڻي ننڌڙڪا ۽ خوف واري صورتحال ۾ ڪئمپن ۾ هيسيل، مايوس، پريشان، بدحال، بي حال ۽ بي يارومددگار واڙيل هئا. سندن ڪو بہ وس نہ پيو هلي، جيڪي ڪين مليو ۽ جنهن جيڪو ڏنو سو سندن لاءِ غنيمت. هنن جون اکيون هر وقت انهن چهرن کي ڳولينديون ۽ تاڙيندڙيون رهيون جيڪي سندن ئي ووٽ سبب سوپارا ٿي ميمبر ۽ وزير بڻيا، پر ڪين ڪو بہ نظر نہ آيو.

ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻو، دادو ۽ ٻين هنڌن تي هنن متاثرين لاءِ آيل سامان پئي پراڻو ٿي ويو ۽ بعد ۾ اڇلايو ويو ۽ سيءُ کان بچڻ لاءِ آيل ڪمبل ۽ ٻيا بوڇڻ بہ وس وارن کان وسري ويا ۽ سامان سان ٽيل ڪنٽينر بندر گاهه تي بيٺا/ پيل رهيا.

لکين ماڻهن کي بي رحم سياست جي آڙ ۽ نعريبازي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين هنڌن تي وڃڻ لاءِ اُڪسايو ويو ۽ جڏهن هو اٻوجهہ ۽ مصيبتن جا ماريل اُت پهتا تہ ساڻن دوکو ئي ٿيو ۽ اهي ڪردار ئي گم هيا جن ڪين سبز باغ ڏيکاري سوين ميل ڏور

پهچايو. واقعي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي چواڻي ته سياست جي اندر ۾ دل نه هوندي آهي. شايد اهو سچ هجي، ورنه مصيبت جي مارين، لٽيل ۽ ڦريل قافلن سان ڪير اهڙي مذاق نه ڪري ها، يا شهيدن سان اهڙي مذاق جي ڇا ضرورت هئي؟

هنن اکين گنجو ٽڪر حيدرآباد، ڄامشورو، ڪراچي، دادو، لاڙڪاڻو، خيرپور، جوهي، ميهڙ، رتوديرو، سيوهڻ، ڪاڇو ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي ڪئمپن ۾ پهتل ڌرتي ڌڻين جي جيڪا حالت ڏٺي سا قلم سان لکڻ کان قاصر آهيان ۽ جيڪي داستانِ غم ۽ قصه ٻڌا سي هانءُ ڏاري وجهن ٿا.

هزارين اسڪول، ڪاليج تباهه ٿيا يا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا ۽ سنڌ جو مستقبل به ڇڻ انهن سان گڏ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. لکين شاگرد تعليم کان محروم ٿي ويا. بيشمار ٻار توڙي ٻڍا لڏپلاڻ، ڀاڄ ۽ سفر دوران پنهنجن پيارن کان وڇڙي ويا. لکين دل جا مريض، بڪين جي عارضي جا مريض ڪئمپن ۾ علاج کان محروم ٿي رهجي ويا.

ميڊيا رپورٽن ۾ اچي رهيو آهي ته بااثر ماڻهن جون اوطاقون اڃان تائين متاثرين جي لاءِ آيل امداد جي سامان سان ڀريون پيون آهن. سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ Bad governance خراب حڪمرانيءَ جو شايد سڀ کان وڏو تجربو ڏسي چڪي آهي.

عالمي ادارن اهي ڳالهيون به ميڊيا تي آنديون آهن ته ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سڀ کان وڏو نقصان هر حوالي سان سنڌ جو ئي ٿيو پر سنڌ ئي عالمي ادارن کي صحيح، درست ۽ وقتا انگ اکر ۽ تفصيل ڏيڻ ۾ دير ڪئي آهي جنهن سبب متاثرين جي حقيقي واهر ۽ امداد نه ٿي سگهي. ائين ڇو ٿيو؟سنڌ جو والي توڙي وٽان لڳل گهاري کان وٺي اڃان تائين اهو چوندو پيو اچي ته ”شڪر آهي سنڌ ۾ ايڏو وڏو جاني نقصان نه ٿيو آهي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ وغيره وغيره“ ڇا ائين سنڌ جي واليءَ کي چوڻ گهربو هو؟

اڃان تائين لاش ملي رهيا آهن. پاڻيءَ ۾ ڪيترا لڙهيا، ڪئمپن ۾ ڪيترا مئا، لڏ پلاڻ ۽ ڀاڄ دوران ڪيترا مئا، حمل دوران ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون، گيسٽرو، گرمي، ٽڏ، بک ڪيترن کان حياتي کسي؟ نانگن جي ڪکڻ سبب ڪيترا مئا، پاڻي پار ڪندي ڪيترا لڙهي ويا؟ پناهه لاءِ ٻيڙين ۾ سوار ٿي ڪيترن انسانن ٻڏي جانيون وڃايون؟ ڪئمپن ۾ ڪيترن کي بجليءَ جا ڪرنٽ لڳا؟ بک سبب پاهه ٿي ڪيترا مئا؟ علاج نه ملڻ سبب ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون؟ صدمي سبب ڪيتريون حياتيون اجهامي ويون. لڏپلاڻ دوران روڊ رستن تي حادثن ۾ ڪيترا ماڻهو مئا؟ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ پاڻيءَ هيٺ آيل جاين جڳهين، دوڪانن، ڪارخانن، اسڪولن ۽ ٻين عمارتن جي ڇتين ۽ ڀتين ڪرڻ سبب ڪيترا ماڻهو مئا يا اڃان ڪيترا ڊبجي مرندا؟ وغيره وغيره جي حساب ڪجي ته اهو تعداد هزار کان به وڌيڪ تي پهچندو. ٻوڏ ۾ لڙهي ويل ماڻهن جا لاش ته اڃان ملي رهيا آهن. تازو تاريخ 14-2-2011 تي ٺل شهر مان ڪاوش جي عيوضي ٺل شهر ويجهو ٻوڏ ۾ لڙهي ويل هڪ عورت سميت ٽن ماڻهن جي لاشن ملڻ جي رپورٽ فائيل ڪئي آهي. خاطوءَ پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته مليل لاش سڙيل، ڳريل ۽ سڃاڻپ ۾ نه اچڻ جهڙا





آهن. اڃان ڪيترا گمنام سڙيل ۽ ڳريل لاش 7 مهينن گذرڻ کان پوءِ ملندا؟ سو وقت ٻڌائيندو. پر سنڌ سرڪار وٽ فقط 50 جانين جي ضايع ٿيڻ جي رپورٽ آهي. هي سڀ ڇا آهي؟

اڄ به ست اٺ مهينا گذرڻ باوجود سنڌ جو منظر اهو ساڳيو آهي، يعني 7 آگسٽ کان پوءِ وارو. اڄ به لکين ماڻهو پنهنجن اجهن کان محروم ڪئمپن ۾ عذاب ۽ ذلت واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ 20 هزارن جي وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ ۽ راشن لاءِ دربدر ٿي لٽيون ڪائي رهيا آهن ۽ ڪٿي ته جانيون به ضايع ڪري چڪا آهن ۽ اڄ به ڪئمپن ۾ ڪيتريونِ ئي ساهه جون تندون ٽٽي رهيون آهن ۽ هزارين ماڻهو ڏوڪڙ پئسو نه هئڻ سبب پنهنجن اُجهن ڏانهن واپس ورڻ کان قاصر آهن ۽ اڄ به دادو، خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ، سيوهڻ، جوهي ۽ ڪاڇي ۾ هيليڪاپٽر ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ متاثرين لاءِ راشن پهچائي رهيا آهن ۽ مٿي ڄاڻايل علائقن ۽ ڪجهه ٻين هنڌن تي جهڙوڪر ٻوڏ ختم ئي نه ٿي آهي ۽ اڄ به لکين ٻوڏ متاثرين سموري سنڌ ۾ نقصان جي ازالي ۽ اجها ٺاهي ڏيڻ لاءِ وس وارن ڏانهن واجهائي رهيا آهن ۽ ڪين هڪ ٻي ايندڙ ٻوڏ ۽ ان سبب ٿيندڙ تباهيءَ جو خوف ورائي ويو آهي ۽ هو ٻيهر موت جي منهن ۾ وڃڻ بجاءِ ڪئمپن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيئي رهيا آهن ڇو ته اڃا بندن کي لڳل گهارا بند به نه ٿي سگهيا آهن. تازو سپريم ڪورٽ سنڌوءَ جا بند ٽٽي پوڻ جي معاملي جي جانچ لاءِ جيڪا ڪميشن ٺاهي هئي ان پنهنجي حتمي رپورٽ به جمع ڪرائي ڇڏي آهي. 200 صفحن تي مشتمل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ڪچي جي علائقن ۾ هزارين ايڪڙ زمينن تي بااثر ماڻهن جي قبضن ۽ ٽوڙي بند جي ڪيترن ئي سالن کان مرمت نه ٿيڻ سبب بند ٽٽو ۽ وڏي تباهي ٿي. ڪميشن ٽوڙي بند ٽٽڻ جو ذميوار ان وقت جي آبپاشي سيڪريٽري ۽ گڊو بئراج جي چيف انجنيئر کي قرار ڏنو آهي. ڪميشن سفارش ڪئي آهي ته آبپاشي سيڪريٽري ۽ گڊو برائج جي چيف انجنيئر خلاف هاءِ ڪورٽ جي نگرانيءَ ۾ جانچ ڪرائي وڃي ته هو ڇو ناڪام ٿيا. 200 صفحن جي رپورٽ ۾ گهڻو ڪجهه آهي. ڪيتريون ئي تلخ حقيقتون ۽ سچايون آهن. ۽ ڪيترن ئي لڪل پاسن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. مٿي ڄاڻايل عملدارن کان علاوه به ڪيترن ئي ذميوارن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ۽ آئينده وڏي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ تجويزون پڻ ڏنيون ويون آهن. هاڻي ڏسون ته ان ڪميشن رپورٽ تي وس واريون اختياريون ڇا ٿيون ڪن ۽ آئينده سنڌ کي ٻوڏن ۽ تباهين کان بچائڻ لاءِ ڪهڙا عملي قدم کڻن ٿيون. اهو وقت ٻڌائيندو. هي منهنجو پورهيو شال قبول پوي!

**عزيز رانجهاڻي**

مهراڻ هائوس دادو

تاريخ: 10_6_2011

Ranjhaniazeez@hotmail.com

**مهاڳ**

# هيبتناڪ حادثي جي تاريخ

سنڌ ۾ آيل هن مها ٻوڏ دوران، عزيز رانجهاڻي ۽ مان ڪافي وقت گڏ هياسين. ان موتمار مصيبت جو پاڻ اکين سان صورتحال ڏسڻ لاءِ گڏجي مختلف بندن ڪان سواءِ منڇر ڍنڍ، جوهي، ايم اين وي ڊرين تي بار بار وڃڻ ٿيو. ساڳي وقت ٻوڏ متاثر ماڻهن جي پنهنجي وت وس آهر مدد لاءِ ڪراچي، حيدرآباد دادو ۽ ڪاڇي جي ڪيترين ڪئمپن جا به ڦيرا ڦريا. اهڙي سفر دوران سنڌ ۾ آيل هن قيامت برپا ڪندڙ ريلي جي باري ۾ پنهنجي سمجهه مطابق تبصرن ۽ تجزين سان گڏ، حڪمرانن جي ڪن لاٽار تي به ڪڙهندا ۽ ڀڄندا هئاسين. خاص ڪري ان هنگامي حالتن وقت جڏهن نام نهاد پاڻي جا ماهر مختلف ٽي وي چئنلن تي ويهي ابتاسبتا تجزيا پيش ڪندا هئا ته انهن جي اڻڄاڻائي تي افسوس ٿيندو هو.

مون کي ياد آهي ته ٽوڙي بند ٽٽڻ بعد منهنجي عزيز رانجهاڻي سان ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. هن ٻڌايو هو ته ان بي مهار پاڻي جو آخري انت منڇر ئي آهي. هن تمام سولي نموني سمجهايو ته اهو وهڪرو ڪهڙا ڪهڙا گهٽ گهيڙ گهوٽيندو، منڇر ۾ اچي ڪرندو، پوءِ منڇر بم جيان ڦاٽڻ بعد جيڪا قيامت آڻيندي، اها ڏسڻ وٽان هوندي. عزيز رانجهاڻي جا اهي انديشا واقعي هر هڪ وک تي صحيح ثابت ٿيا.

مان جنهن شعبي ۾ نوڪري ڪيان ٿو، ان جو تعلق به پاڻي سان ئي آهي. ٽيهن سالن کان ڪيترن ڊيمن آبي ذخيرن، ڪئنالن جي اڏاوتن کان سواءِ ٻوڏن دوران به ڏکين ۽ نازڪ مرحلن مان گذريو آهيان. تازي ٻوڏ دوران به بندن تي دل و جان سان قومي فرض سمجهي مهينن جا مهينا ايمرجنسي ڊيوٽيون ڏنيون آهن.

انهن ٻوڏن دوران جتي حڪمرانن جي بي حسي، چونڊيل نمائندن جي اقربا پروري، اعليٰ عملدارن جي اک ٻوٽ ڏٺي، اتي ڪن محڪمن جي نااهلي به بي مثال آهي. گذريل ٻوڏ دوران هڪ هنڌ گهارو لڳي ويو جيستائين مشينون اچن هڪ آرمي جو ميجر ۽ مان ڪاڙهي ۾ اُڀي پيرين، اُج ۽ بک تي گهارو بند ڪرائڻ جا جتن ڪري رهيا هياسين، ته اوچتو اسان کي مٿان حڪم مليو ته هاڻي گهاري کي بند ڪرڻ جو ڪم آبپاشي کاتو ڪندو. ان حڪم ملڻ سان ڏٺوسين ته اتي ديومالائي انداز ۾ ڄڻ ڪنهن تهوار جي تياري شروع ٿي وئي، اک ڇنڀ ۾ شاميانا ۽ قناعتون لڳي ويون.





ٽيبل ڪرسيون اچي ويون اعليٰ قسم جي ڪراڪري ۾ ڪيڪ پيسٽريون، ڊرائي فروٽ سجائي رکيا ويا. ڇيلا ڪسجڻ ۽ ديڳن کي دَم اچڻ لڳا. منگلي ٻڌڻ لاءِ ٽوبن جا ٽولا پهچي ويا، هزارن جي تعداد ۾ ٻاچڪا ڳوٽيون ۽ لڪڙن جا ڍير لڳي ويا. مطلب ته گهاري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش گهٽ پر عياشي ۽ ٻي بندوبست ڏي توجهه گهڻو هو.

اسان ڳاتي ٽوڙ گرمي ۾ به پنهنجي حصي ۾ آيل ڪم جي نگهباني ڪري رهيا هياسين. اسان جي سامهون منهن جي عهدي جيترو آبياري کاتي جو آفيسر، ڪار اندر ويٺو، ايئرڪنڊيشن هلايون ڪم جي نگهباني ڪري رهيو هو، هو تپش ڪري، ڪار مان ٻاهر پير به هيٺ نه پيو لاهي، هو ٿڌي ڪار ۾ ليٽيو، يخ مشروبات سان لطف اندوز به ٿي رهيو هو.

بهرحال ان ڪارروائي دوران مشينون پهچڻ سان منهنجي هڪ ايڪسيڪيوٽر جو آپريٽر ٻه ٽي دفعا، وڏي اعتماد سان مون کي اچي چيو ”سائين خوامخواهه وقت ٿا وڃايو. مون کي صرف ڪلاڪ ڏيو ته مان اهو بند ٻڌي ڏيانوَ.“

مان آرمي آفيسر سان ذڪر ڪيو، جنهن پاڻي کاتي جي هڪ عملدار سان ڳالهه ڪئي، جنهن وڏي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو، ”هي اسان جي اداري جو مسئلو آهي، ٻي ڪنهن جو نه وڃي“ لڳي پيو ته هو شايد اهڙو سٽيو گرهه هٿان وڃائڻ نه پيا چاهن.

چوويهه ڪلاڪ گهاري کي بند ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي وئي. پر ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو. ٻڌل منگلي لڙهي وئي، يار صفا ڏئي وٺي بيٺا، پرسان وارا علائقا ٻڏندا پي ويا. تڏهن فوجي آفيسرن به اک ڇٽي هنن رابطو ڪري ان آپريٽر کي گهرايو. يقين ڪيو ته ان آپريٽر چند ڪلاڪن ۾ ٻن ٽن مشينن جي مدد سان ساڳيو گهارو ٻڌي ڏنو. خبر نه آهي ته الائي ڇو اسان جي ماهرن به ڏينهن ۽ لکين رپيا هرويرو ايئن پاڻي ۾ وهايا. سنڌ ۾ آيل اٿلن دوران سوين اهڙا نااهلي جا مثال موجود هوندا. پرڏنو وڃي ته هن ٻوڏ دوران اهڙن ادارن کان علاوه سنڌ جي ماڻهن مال ملڪيت سان گڏ پنهنجو صدين جو وقار به ڄڻ وڃايو آهي. حڪومت هن آفت وقت ڄاڻي ٻجهي وزيرن ۽ وڏيرن کي مان ڏئي، انهن جي معرفت امداد ورهائي. جيئن عوام وري وڏيرن جو ڳيجهو رهي ۽ انهن جي درن جا ڌڪا کائي. ٻين لفظن ۾ ورهاست جي اهڙي ڪبيهه طريقيڪار ۾ عوام جي خودداري کي ڌوئي، ڪين پينو بڻايو ويو. ٿوري گهڻي امداد جيڪا ملي به ان ۾ به اقربا پروري ڪئي وئي. ايتري قدر جو ڪيترو امدادي سامان اڄ به وڏيرن جي اوطاقن ۽ گودامن ۾ سڙي رهيو آهي.

هن مها ٻوڏ دوران البت اهو سٺو سبق مليو ته جن به شهرن جي ماڻهن درياهن سان مهاڏو اٽڪايو اهي پنهنجا وستيون ۽ واهڻ بچائي ويا. ان جو مثال شهدادڪوٽ، هالا، لاڙڪاڻو ۽ جوهي وغيره آهي. ٻين هنڌن تي درياهه جي بندن تي اتان جا وزير، چونڊيل نمائنده ۽ سرڪاري عملدار موجود هئا. پر جوهي ۾ صرف هٿين خالي عوام

۽ مچريل سمنڊ جو جهيڙو هيو. اهڙي موقعي تي جوهي جي دوستن جي همت افزائي لاءِ، عزيز رانجهاٽي سان گڏجي، چندڻ وٺان ٻيڙي تي چڙهي، چوليون هٽندڙ سمنڊ جهاڳي وڃي جوهي پتڻ تي پير چنڊيا هئا، اتي چوڦير پاڻي جو آڙاهه ڏسي حيران ٿي وياسين. بند تي راتن جون راتيون جاڳيل سرويچ ڪوڏريون ڪلهن تي لڙڪايون چوڪسي ڪندي نظر آيا. اتي ٻورين، ٻاچڪن ۽ پٽرن جي ڪمي ڪري ماڻهن پنهنجي گهرن جو رليون ۽ چادريون، بند تي وڇائي ان کي ڪاٽ ۽ لهرن کان بچايو هو، مردن سان گڏ ڪيترين پردهه دار عورتون به چليون ۽ ٻاچڪا ڀري بند ٻيهاري رهيون هيون، معصوم ٻارڙا به جذبي ۾ سرشار پنهنجي وس آهر مائرن ۽ ڀينرن جو هٿ ونڊائي رهيا هئا.

جوهي جي ڪونڌرن جو اهو مثالي ڪارنامو ڏسي، هاڻي اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن کي جيڪڏهن صحيح ليڊر شپ ملي ته ٻوڏ ته ڇا، هو دنيا جي هر مصيبت سان منهن ڏئي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ ماڻهن کي پنهنجي سگهه جو اندازو ٿيو ۽ هنن کان ڪسيل اعتماد ڪين وري موٽي مليو.

سنڌ ۾ سالن کان وٺي الائي ڪيترين سياسي تحريڪون، آفتون ۽ ٻوڏيون آيون آهن. پر بدقسمتي سان، اسان وٽ انهن تحريڪن، مصيبتن ۽ ٻوڏن جو ڪو به باضابطه ريڪارڊ موجود ڪونهي، پر هن ڀيري جس آهي عزيز رانجهاٽيءَ کي جنهن وڏي ذميواريءَ سان هن ٻوڏ جي روزمره جي ڊائري لکڻ سان گڏ ان دور ۾ مختلف رسالن، اخبارن ۾ ڇپيل مضمون ۽ ڪالم به هٿ ڪري، سنڌ جي هن هيبتناڪ حادثي کي تاريخ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

**اشتياق انصاري**
**دادو**
19_04_2011

# اخباري خبرون

- **حيدرآباد:** سنڌ ۾ برسات جو سلسو جاري، ڪيترائي گهر ڊهي پيا، 13 ماڻهو فوت، نئڱ گاج وهي اچڻ ڪري بند جو اندريون حصو لڙهي ويو. 100 ڳوٺن جو رابطو ڪٽجي ويو. بلوچستان ۾ به وسڪارو، ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، ٽنڊو محمد خان، هالا، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ، دادو، ڪوٽڙي ۾ برسات پئي.
- **اسلام آباد:** ٻوڏ وارن علائقن ۾ فوري طور دوائون فراهم نه ڪيون ويون ته وڏي تباهي ايندي *(سنڌ سرڪار)*
- **جنيوا/ اسلام آباد:** ٻوڏ سٽيل 5 لک ڳورهاري عورتن ڪي طبي سهولتون فراهم نه آهن، خيمن ۾ ٻارڙا پيدا ٿين ٿا. مائرن جو ن غذائي ضرورتون پوريون نه پيون ٿين. *(گڏيل قومون)*
- **ڪراچي:** سنڌ جي 40 لک ٻوڏ متاثرن ۾ 10 لک ماڻهو بيمار، ڪئمپن ۾ 5 لک ٻار پيدا ٿي سگهن ٿا. 5 لک عورتون حمل سان آهن.
- **سکر:** سنڌ تباهه ٿي وئي ۽ جمالي ائين پيو ڳالهائي جڻ علي واهڻ ۾ جانور ٿا رهن (وزيراعليٰ) ٽوڙي بند ۽ دادو، مورو روڊ ڪي هٿرادو گهارا ناهن هنيا ويا. آبپاشي کاتي ۽ پاڻي ماهرن جا ٻوڏ بابت اندازه غلط ثابت ٿيا.
- **نوشهروفيروز:** مورو پرسان ٻوڏ متاثرن ڪي محفوظ هنڌ ڏانهن ڪٽي ويندڙ ٻيڙي اونڌي، عورت ۽ 3 ٻارڙا ٻڏي فوت
- **ڪراچي:** ڳڙهي خيرو جا شهري ٻڏا ته ڪيس ڏاريجي تي داخل ڪرائبو *(غلام محمد شهلياڻي)*
- **ڳڙهي خيرو/ شهدادڪوٽ:** گڊو ۽ سکر وٽ لاٽ، ڪوٽڙي وٽ واڌ، ڳڙهي خيرو شهر ٻڏي ويو، 3 عورتون لڙهي ويون، قبو سعيد خالي ڪرڻ لاءِ آخري وارننگ.
- سيوهڻ: منڇر ڍنڍ جي سطح 111.5 آر ايل تي وئي. ٻوڏ جو پاڻي 10 ڏينهن اندر چوڙ ڪندو.
- **حيدرآباد:** ٻوڏ متاثر ٿيلسيميا ۾ مبتلا ٻارڙي جو رت تبديل نه ٿيو.





- **قمبر/ نصير آباد:** قمبر جي غيبي ديري، جاگير ۽ حمل ڍنڍ وارن عائقن مان لڏ پلاڻ شروع.
- **ڪراچي:** سنڌ ۾ 938 امدادي ڪئمپون قائم ڪيون آهن. وزيراعليٰ
- **ڄامشورو:** ڄامشورو ٻوڏ سٽيل پيرسن بک وگهي فوت.
- **حيدرآباد:** ڪوٽڙي وٽ وڏي ٻوڏ، ڳڙهي خيرو ڪي ٻوڙڻ بعد پاڻي قمبر- شهدادڪوٽ ضلعي ۾ داخل، سجاول جوڻيجو خالي، حمل ڍنڍ جا دروازا کوليا ويا.
- **حيدرآباد:** بيگاري ڪئنال ڪي گهارو هٽي پاڻي شڪارپور طرف ڇوڙ، وڏيڪ 100 ڳوٺ ٻڏي ويا. 3 عورتون ۽ 2 ٻار لڙهي ويا.
- **حيدرآباد:** سنڌ ۾ گيسٽرو سبب وڏيڪ 18 جانيون ضايع، سوين ماڻهو وبائي مرض ۾ مبتلا
- **ڄامشورو:** ڄامشورو ۾ ٻوڏ سٽيل علائقن مان آيل هزارين ماڻهو بي يارو مددگار، ٻه ٻارڙا بک وگهي زندگيون وڃائي ويٺا.
- **حيدرباد:** آر بي او ڊي 2 شهر ٻوڙيندي، واپڊا جي اعتراضن باوجود سنڌ حڪومت 36 ارب خرچ ڪيا. واپڊا اختياريون
- **حيدرآباد:** سائيٽ ايريا ۾ 500 سرڪاري فليٽن ۾ ترسايل ٻوڏ سٽيلن ڪي ٻي دخل ڪرڻ جي ڪوشش
- **خيرپور/ پير جو ڳوٺ:** خيرپور ضلعي م ٻوڏ هيستائين 214 ڳوٺن جو نالو نشان مٽائي ڇڏيو.
- **خيرپور:** ٻوڏ سبب سنڌ جا 10 هزار ڪلوميٽر روڊ رستا تباهه ٿي ويا. *(منظور وساڻ).*
- حيدرآباد: ٽوڙي بند جو گهارو ٻڌڻ جي منظوري، ڪيرٿر ڪئنال ڪي وڏيڪ گهارا، رتوديرو ۽ نئون ديرو ۾ افراتفري، شهدادڪوٽ ڪي خطرو برقرار.
- **حيدرآباد:** گيسٽرو معصوم ٻارڙن سميت وڏيڪ 15 حياتيون ڪسي ورتيون.
- **دادو:** منڇر ۾ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ، 24 ڪلاڪن ۾ ٻوڏ جو پاڻي حمل ڪان دادو پهچندو، ايم اين وي ڊرين جا بند مضبوط نه ٿيا.
- **لاڙڪاڻو:** علي واهڻ وٽ بند ٽٽي ها ته تمام گهڻو نقصان ٿئي ها *(خورشيد شاهه)*
- **سيوهڻ** : آمري ۾ انڊس هاءِ وي پرسان سٽل ٻوڏ متاثرن مٿان ڪار چڙهي وئي، 5 ڄڻا فوت، عورت مرٽينگ.
- **واشنگٽن/ اسلام آباد:** 8 لک ماڻهن ڪي فوري امداد نه ملي ته اهي ڏڪاريا بيمارين سبب مري سگهن ٿا. اقوام متحده
- **ڪراچي:** ڪالاباغ ڊيم هجي ها ته  به ٻوڏ ڪي ڪنٽرول نه ڪري سگهي ها: *(مشرف)*

- **سکر:** سکر جي ڪئمپن ۾ ترسيل 13000 ڳورهارين عورتن جي حالت خراب *(سرڪاري اداره)*
- **ٺٽو:** ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثرن تي ڳوليون هلائي کين هراسان ڪيو پيو وڃي *(بشير قريشي)*
- **ڄامشورو:** ڄامشورو ۾ 50 هزار ٻوڏ سٽيل ٻک ۽ بدحالي جي ور چڙهيل
- **خيرپور:** خيرپور انتظاميه کي روزانو 22 لک ملڻ باوجود ٻوڏ سٽيل بکون ڪاٽڻ تي مجبور.
- **خيرپور:** خيرپور ۾ ٻوڏ کان پوءِ جهنگلي جانور پڪي تي نڪري آيا، نسل ڪشي
- هرڻ، ڦاڙها، سوئر، ڳدڙ ۽ تتر مري ويا. شڪاري جانورن کي مارڻ لڳا. 50 کان وڌيڪ ڦاڙهن ۽ 100 سوئرن ۽ ڳدڙن کي ماريو ويو. جهنگلي جيوت کاتو خاموش تماشائي بڻيل.
- **ڄامشورو:** ڄامشورو پرسان ڪچي مان آيل مُرن جانور حملو ڪري معصوم نينگري ۽ همراهه کي زخمي ڪري ڇڏيو.
- **حيدرآباد:** سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثر ٻارن لاءِ شام جا ڪلاس هلائڻ جو فيصلو.
- **ڪراچي:** ٻوڏ متاثرن جو تعداد 60 کان 70 لک تي سگهي ٿو. 4 هزار 4 سئو ڳوٺ لڙهي ويا آهن. ساڍا 500 ارب جو نقصان، 25 شهر ٻڏي ويا ۽ 14 لک گهر تباهه. ڊونرز ڪانفرنس گهرائڻ تي غور.
- **ٺٽو:** ٺٽي ۾ سنڌوءَ جي ايم ايس ۽ پي بي لوڪابندن کي 3 ڳهارا، ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا. ٺٽو، دڙو، سڄاول، جاتي، ٻنورو ۽ شاهبندر ٻڏڻ جو خطرو. لڏ پلاڻ شروع.
- **اسلام آباد:** امداد جو هڪ هڪ پئسو ٻوڏ متاثرن تي خرچ ٿيندو: صدر زرداري
- **دادو:** دادو ۾ ٻوڏ متاثرين يوٽيليٽي اسٽور جي سامان سان ڀريجي آيل ٽرڪ تي ڪڙڪي پيا. ڦرلٽ، پوليس جي لٺ بازي، ڪيترائي زخمي.
- **شڪارپور:** شڪارپور کان جيڪب آباد ۽ ڪشمور تائين 19 ڏينهن گذرڻ بعد ماڻهن جي اچ وڃ شروع. وڏين گاڏين ذريعي سفر
- **لاڙڪاڻو:** لاڙڪاڻي ۾ آيل لک کان وڌيڪ ٻوڏ متاثرن جي حالت رحم جوڳي، نه ڪاڌو تو ملي نه علاج، انتظاميه لاپتا.
- **حيدرآباد:** قاسم آباد جي ڪئمپ ۾ پناهه ورتل نل واسڻ جا 2 ٻارڙا فوت.
- **اسلام آباد:** سنڌ ۾ ٻوڏ سبب 40 لک 15 هزار ماڻهو متاثر ٿيڻ ۽ صرف 116 ڄڻا فوت ٿيڻ جي تصديق.
- **ڪراچي:** رليف ڪئمپن تي چونڊيل نمائندن ۽ وزيرن جون ڊيوٽيون لڳائڻ





گهرجن *(علي قاضي)*

- عالمي برادريءَ جو ضمير نه سنڌ وارن لاءِ نه ٿو جاڳي پر اسلام آباد وارن جو ڪڏهن جاڳندو. رڳو ڪئمپن ۽ بندن جا دورا ڪرڻ سان ٻوڏ سٽيلن جي مدد نه ٿي سگهندي. هاڻي ٺٽي ضلعي سميت سنڌ ٻوڏ سبب هڪ هزار ارب رپين جو نقصان ڀوڳي چڪي آهي. سواءِ دورن جي وفاقي حڪومت سنڌ ۾ ڪٿي به نظر نه ٿي اچي. سنڌ ۽ ٻين ٽن صوبن کي هڪ نظر سان نه ڏٺو وڃي. هي ٻن يا ڇئن ماڻهن نه پر 50 لک ماڻهن جو مسئلو آهي. سڄو انفرااسٽرڪچر تباهه ٿي چڪو آهي. سنڌ حڪومت کي هاڻي صرف وفاقي حڪومت جي اشارن ڏانهن نه ڏسڻ گهرجي *(علي قاضي)*
- **ڪراچي:** ڪراچي ويندڙ ٻوڏ متاثرين جي حالت 1947ع جي مهاجرن کان به خراب آهي( سردار احمد) ايم ڪيو ايم کان ڪراچي پهتل ٻوڏ متاثرن جي واهر ڪرڻ ۾ دير تي آهي *(سردار احمد)*
- **ٺٽو:** ٻوڏ متاثرن کي مڪلي ۽ ڪراچي ۾ ترسايو ويندو (ذوالفقار مرزا)
- **نئون ديرو:** ڳڙهي خدابخش کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ حفاظتي بند ٻڌڻ جو ڪم شروع.
- **ڪراچي:** صحافي علي قاضي ٻوڏ متاثرن ۾ راندڪا ۽ ٻيو سامان ورهايو.
- **سکر:** بک کان تنگ آيل سوين ٻوڏ متاثر سکر ۾ پچندڙ ديڳين وٽ پهچي ويا. منٿن ۽ احتجاج بعد ماني فراهم.
- **فريد آباد:** فريد آباد ۽ ڀرپاسي گيسٽرو ۽ مليريا پکڙجي وئي. 50 ڄڻا اسپتال داخل.
- روهڙي: سنڌوءَ ۾ لٽل مينهن ڪيندي، ڇگو مڙس ٻڏي فوت.
- **ڳاجي کهاوڙ/ ميهڙ:** پاڻي ڳاجي کهاوڙ ۾ داخل، وڌيڪ شهرن کي خطرو، قمبر ۽ دادو ضلعن جي چونڊيل نمائندن ۾ ڇڪتاڻ تيز، نصير آباد ۽ ميهڙ ۾ هڙتال.
- **ڪراچي:** عالمي امداد صوبن کي نه ڏني ويندي، وفاقي سرڪار پاڻ ورهائيندي *(رحمان ملڪ)*
- **حيدرآباد:** گيسٽرو وگهي 10 ٻارڙن سوڌو وڌيڪ 21 ماڻهو فوت.
- **ڪراچي:** ٻوڏ سٽيلن کي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن م گهر اڏي ڏيئي آباد ڪرڻ جي سفارش. *(روينيو کاتو)*
- **ڪراچي:** حڪومت پاران ٻوڏ متاثر ساڍا 8 هزار عورتن کي هنري سکيا ڏيڻ جو فيصلو.
- **اسلام آباد:** لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، دادو، ڪشمور ۽ شڪارپور ۾ ريل رستا بند آهن *(بلور)*

- **ڪراچي:** گهارن تباهي آندي آهي، ٻوڏ کان بچڻ لاءِ سنڌوءَ مان چندڻ ڪيو وڃي. متاثرن کي پڪا گهر تعمير ڪرائي ڏنا: *(آصف زرداري)*
- **اسلام آباد:** ٻوڏ متاثر علائقن ۾ گيسٽرو جا 5 لک مريض آهن. *(گڏيل قومون)*
- **ميهڙ/ جوهي:** ايم اين وي ڊي جا گهارا بند نہ ٿيا. ڪي اين شاهہ ۾ جوهي جا 120 ڳوٺ ٻڏي ويا. هزارين ماڻهو ڦاٿل. ٻوڏ جوهي واسين جو ٻہ ساهہ سڪائي ڇڏيو.
- **حيدرآباد:** سنڌ سرڪار ڪراچي ۾ ٻوڏ سٽيلن جي مستقل آبادڪاري جو انتظام ڪري. *(اياز پليجو)*
- **سکر:** سکر ضلعي جي ڪئمپ ۾ 370 ٻوڏ سٽيلن کي ارڙي ٿيڻ جو انڪشاف
- دادو: دادو، ميهڙ، جوهي، ۽ ڪي اين شاهہ کي بچائڻ جو ڪوششون جاري آهن *(مظهر/جمالي)*
- **ڪراچي:** بندن کي لڳل گهارن جي سپريم ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ جاچ ڪرائي وڃي. *(ايس ٽي پي)*
- **ڪراچي:** صوبن کي امداد آبادي جي بنياد تي نہ پر ٿيل نقصان تحت ڏني ويندي، ٻوڏ سٽيلن کي گهرن جي تعمير لاءِ سرن ۽ سيمينٽ سميت ٻيو سامان ٻہ ڏينداسين. *(صدر آصف)*
- **دادو:** ٻوڏ وهڪرن جو وارهہ، نصير آباد، جاتي ۽ چوهڙ جمالي ڏانهن رخ، دادو بچائڻ لاءِ جي او سي پهتو. سوين ڳوٺ ٻڏي ويا.
- **حيدرآباد:** گيسٽرو جي وبا وڌيڪ 28 حياتيون ڳڙڪائي ڇڏيون. ٻارڙي سميت سوين اسپتالن ۾ داخل.
- **شهدادڪوٽ:** همسفر ۾ ٻن نوجوان پٽن جي وڇوڙي شهدادڪوٽ واسڻ جو جيءُ جهوري ڇڏيو! اهي ٻوڏ ۾ لڙهي ويا هئا.
- **خيرپور:** خيرپور ۾ انتظاميہ ٻوڏ سٽايلن کي ملندڙ خوراڪ بند ڪري ڇڏي. لکين رپيا هڙپ ٿيڻ لڳا.
- **ٺل:** ٺل تعلقي ۾ ٻوڏ جي تباهي. 5 شهرن سوڌو 1000 ڳوٺ ٻڏي ويا. 4 چار لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر. بيمارين ۾ 50 ماڻهو فوت ٿيا. جن ۾ اڪثريت گيسٽرو ۾ مبتلا هئي.
- **ڏاهيجي:** گهاري کان گهگهر تائين هزارين ٻوڏ سٽيل قومي شاهراهہ پرسان ويٺل
- ميهڙ: ڏامراهہ واهہ ۾ سپريو بند کي ڪٽ ڏيڻ جي گنجائش ناهي. *(جي او سي حيدرآباد)*
- **ٽنڊو محمد خان:** ملاڪاتيار ۾ ملوڪ شاهہ واسي جون رونقون بحال، 30 هزار شهرين جي واپسي





- **حيدرآباد:** حيدرآباد جي رليف ڪئمپن ۾ ٻوڏ سٽيلن جو تعداد 33 هزار ٿي ويو.
- **ٺٽو:** ٻوڏ سٽيل علائقن توڙي ڪئمپن ۾ گيسٽرو جي وبا وڌيڪ 37 حياتيون ڪسي ورتيون، سوين اسپتالن پيڙا.
- **واره/ نصير آباد:** ايم ايس بند جو گهارو وڌي 500 فوٽ ٿي ويو. پاڻي جاتي شهر ويجهو پهتو، نصير آباد ۾ بند ٽٽي پيو، علائقا پاڻيءَ هيٺ
- **ڪراچي:** سنڌ سرڪار ٻوڏ متاثرن کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ نادره جي نظام تي اعتراض واري ڇڏيا.
- **دادو:** وڏي وزير جوهي برانچ کي ڪٽ هڻن کان روڪي ڇڏيو. چندڻ واهہ کي گهارا، ڪي اين شاهہ مان لڏ پلاڻ، ميهڙ ۾ سپريو بند اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو. جوهي برانچ کي ڪٽ جي مامري تي چڪتاڻ” هٿياربند پهچي ويا.
- **حيدرآباد:** ڪوٽڙي بئراج وٽ لاٽ، اوپارو وهڪرو 7 لک 91 هزار ڪيوسڪ پهچي ويو.
- **جيڪب آباد:** بلوچستان جي سرحد تي 35000 هزار ماڻهو اجان ڦاٿل، خوراڪ ختم 48 ڪلاڪن ۾ ڪيترائي ماڻهو مرڻ جو خدشو آهي *(ڊي پي او جيڪب آباد پرويز چانديو)*
- **ڪراچي:** ڪراچي اينڊڙ ٻوڏ سٽيلن جو تعداد لک کان وڌي ويو. 47 رليف ڪئمپون قائم ٿيل.
- **قمبر:** قمبر ۾ بند تي ويٺل پيرسن عورت ڪاڻو نہ ملڻ ڪري فوت
- **ٺٽو:** ٺٽي ضلعي ۾ 8 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. *(سسئي پليجو)*
- **حيدرآباد:** صحت کاتي پاران 9 لک ٻوڏ سٽيلن جي بيمار هجڻ جي تصديق
- **اسلام آباد:** صدر حيدر آباد جي ڪئمپن مان اقليتن جي نيڪاليءَ جو نوٽيس ورتو. جانچ جو حڪم
- **واره:** واره ۾ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ ڪري 2 ٻائر ٻڏي فوت.
- **جوهي:** جوهي ۾ ٻوڏ جي خطري سبب سرڪاري رڪارڊ منتقل ڪرڻ جو حڪم.
- **اسلام آباد:** ٻوڏ ۾ ٻہ ٻہ اکيائي، فلڊ ڪميشن ٻن ڏينهن اندر پنجاب جي ٻوڏ متاثرن جي انگ ۾ 62 لک 91 هزار جو اضافو ڪري ڇڏيو.
- **ڪراچي:** ٻوڏ سٽيلن لاءِ پرڏيهہ مان ملندڙ امداد جي ورڇ ۾ سنڌ سان ناانصافي ٿيڻ جو خدشو *(رپورٽ)*
- **دادو:** ڪي اين شاهہ ۽ جاتي ٻڏي ويا. انڊس هاءِ وي پاڻيءَ هيٺ 7 ڇٽا لڙهي ويا. جوهي برانچ کي ڪٽ.
- **جوهي:** جوهي شهر ۽ سوين ڳوٺ ۾ افراتفري، ماڻهو ڪاڇي ڏانهن پيادل روانا،

چونديل نمائندن خلاف مظاهرو، هزارين ماڻهو جبلن ۾ پناهه لاءِ پهتل. ڪاڇي جي ڳوٺن ۾ سون جي تعداد ۾ ضلعي دادو جا ٻوڏ متاثرين پهتا.

- **حيدرآباد:** گيسٽرو وڏيڪ 24 ٻوڏ متاثرن ڪان حياتيون کسي ورتيون.
- **ڪراچي:** سنڌ ۾ گيسٽرو وگهي هڪ ٻه ماڻهو فوت ناهي ٿيو. *(صحت جو وفاقي وزير)*
- **ڪراچي:** سنڌ جي ڊي جي هيلٿ پاران وفاقي وزير صحت جي دعويٰ رد، ٻوڏ دوران 62 ماڻهو فوت ٿيا، جن مان 31 ڄڻن گيسٽرو سبب دم ڏنو. *(ڊي جي هيلٿ)*
- **فريد آباد:** حمل ڊنڊ ۾ پاڻي جو چاڙهه برقرار، ايف پي بچاءُ بند ٽٽڻ جو خطرو.
- **گولاڙچي:** ٽني جا هڪ لک ٻوڏ متاثرين بدين پهتل، 70 هزار دربدر، اعلانيل 2000 مان فقط 200 خيما لڳي سگهيا.
- **لاڙڪاڻو:** لاڙڪاڻو انتظاميه ٻوڏ متاثرن کي به نه بخشيو، ڪاڌي جي اڌ رقم هڙپ، غير معياري ڪاڌو فراهم.
- **لاڙڪاڻو:** لاڙڪاڻي مان گم ٿيل 3 ٻوڏ ستيل ٻارن کي وارث ملي ويا.
- **سکر:** سکر ۾ امدادي سامان جي ورڇ ۾ ٻارڙن تان جهيڙا، ڇهه ڄڻا فوت.
- **خيرپور:** مختلف علائقن ۾ ڪاڌو نه ملڻ ڪري ٻوڏ ستايل پنڻ تي مجبور.
- **ڪوٽڙي:** ڪوٽڙي کان دادو تائين ٻوڏ جي پاڻيءَ هيٺ آيل ريلوي ٽريڪ بحال نه ٿي.
- **ميهڙ:** ڪي اين شاهه ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ سبب ٿيل تباهي جا ذميوار پ پ پ جا چونديل نمائنده آهن. (قاضي شفيق مهيسر).
- **ڪراچي:** ڪيٽيون ڪنهن جي ملڪيت نه آهن، اهي صرف ٻيلي کاتي جي ملڪيت آهن ڪيٽين وارن سان مون ڪي نه ويڙهايو. درياهه اهي ختم ڪري ڇڏيون آهن *(زرداري)*
- **اسلام آباد:** فيڊرل فلڊ ڪميشن جو ٻيو ڪارنامو، سنڌ ۾ مري ويل چوپائي مال جو انگ هڪ لک کان گهٽائي ڇڏيو. فلڊ ڪميشن ٻه ڏينهن اڳ سنڌ ۾ ٻوڏ سبب مري ويل چوپائي مال جو تعداد هڪ لک 29 هزار 416 ڄاڻايو. ڪميشن طرفان ڪالهه جاري ڪيل انگن اکرن ۾ ڊرامائي تبديلي ڪندي سنڌ ۾ مري ويل جانورن جو انگ صرف 24 هزار 788 ڄاڻايل. رپورٽ ۾ پنجاب خيبر پختونخواهه، گلگت، بلتستان، آزاد ڪشمير توڙي فاٽا جي انگن اکرن ۾ ڦيرڦار نه ٿي. بلوچستان جي انگ ۾ واڌارو، سنڌ ۾ 2 لک 17 هزار گهر جزوي طور ۽ هڪ لک 25 هزار 483 گهر مڪمل تباهه ٿيا آهن. *(فلڊ ڪميشن جي رپورٽ)*
- **ڪراچي:** پنجاب طرفان ٻوڏ متاثرن جو انگ وڌائڻ وارو معاملو سي سي آءِ ۾ اٿارڻ جو فيصلو *(وزيراعليٰ)*





- **ڪراچي:** ٻوڏ بابت آرميءَ جو خرچ سنڌ سرڪار ڀريندي. *(قيصر بنگالي)*
- **ڪراچي:** الهه تلهه تباهه ٿيل متاثرين کي 6 مهينا ڪئمپن ۾ رهڻو پوندو. 55 لک ماڻهو پاڻي سڪڻ بعد پنهنجن علائقن ۾ واپس هليا ويندا *(بنگالي)*
- **دادو:** پاڻي سيتا روڊ شهر ويجهو پهچي ويو. جوهي کي به خطرو، وارهه ۽ نصير آباد کي بچائڻ لاءِ ڏامراهه  کي ڪٽ جو فيصلو. ڪي اين شاهه ٽاٽو، اسپتال ۽ گرڊ اسٽيشن به ٻڏي ويو.
- **مورو:** دادو، مورو پل وٽ روڊ کي لڳل گهارو بند ڪرڻ لاءِ ڪم شروع نه ٿيو، زميني رابطو ڪٽيل.
- **وارهه/ نصير آباد:** وارهه شهر لاءِ خطرناڪ صورتحال- حمل ڊنڊ به ڀرجي وئي. حمل ڊنڊ جو بچاءُ بند ٽٽي سگهي ٿو. لاڙڪاڻي شهر کي به خطرو هوندو. *(انجنيئر آبپاشي)*
- **حيدرآباد:** ماءُ جي بک ۽ سرڪار جي بي حسي معصوم ماجد کان حياتي کسي ورتي. معصوم کي ٽن ڏينهن کان ٿڃ نه ملي ۽ نه ئي کو ٻيو کير سبزي منڊي حيدرآباد رليف ڪئمپ ۾ ڪين نه خيمو مليو ۽ نه ئي ڪٿي چانورو ملي سگهيو.
- **دادو:** ڪي اين شاهه مان لڏ پلاڻ ڪندڙ 3 لک ماڻهن لاءِ ڪا به ڪئمپ قائم نه ٿي، هزارين دربدر ۽ کليل آسمان هيٺ ويٺل.
- **ڪي اين شاهه:** ٻه نوجوان ٻوڏ جي وهڪري ۾ لڙهي ويا.
- **جيڪب آباد:** بلوچستان ۾ ڦاٿل هزارين سنڌ واسين جي حڪومت وارثي نه ڪئي ڪيترائي بيمارين ۽ بک سبب بدحال، 10 ٻار زندگي وڃائي ويٺا.
- **حيدرآباد:** سنڌ ۾ ٻوڏ سبب برصغير جي ورهاڱي ۽ افغان جنگ کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿيا. *(قادر مگسي)*
- **اسلام آباد:** سنڌي ايم اين ايز ٽوڙي بند ٽوڙڻ واري معاملي جي عدالتي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. نيشنل ڊزاسٽر اٿارٽي تي تنقيد.
- **اسلام آباد:** وزيراعظم طرفان سنڌوءَ جا بند ٽوڙڻ بابت جاچ جو حڪم، اي پي سي گهرائڻ جو اعلان.
- **دادو/ ميهڙ/ ڪي اين شاهه/ سيتار روڊ:** ڪي اين شاهه جو زميني رابطو ڪٽجي ويو، جوهي ڀان روڊ به پاڻيءَ هيٺ، ايم اين وي ڊرين تي دٻاءُ ، دادو رنگ بند جو ڪم فوج حوالي.
- **دادو/ ميهڙ:** سپريو بند کي گهارو، ميهڙ ۽ دادو شهرن لاءِ خطرا وڌي ويا. ڪجهه ڪلاڪن ۾ لکين ماڻهن جي لڏ پلاڻ، جوهي لاءِ آخري وارننگ، ميهڙ بعد سيتا روڊ به 70 سيڪڙو خالي، ڪي اين شاهه جا وڌيڪ ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا. جوهي رنگ بند سان پاڻي ٽڪرائجڻ لڳو آخري وارننگ، ماڻهن جي لڏ پلاڻ.

- **ڪراچي**: صدر طرفان سنڌ ڪابينه ۾ ٻوڏ متاثرن بابت فيصلو نه ٿيڻ تي ڪاوڙ.
- **ڪراچي**: سنڌ سرڪار طرفان فلڊ ڪميشن جا انگ اکر رد. بند ٽوڙڻ بابت ثبوت مليا ته عدالتي ڪميشن جوڙبي، صوبي ۾ ٻوڏ متاثرن جو انگ هڪ ڪروڙ کان وڌي ويو آهي. سي سي آءِ اجلاس ۾ 5 ڪرب جي گهر ڪرڻ جي منظوري.
- **ڄامشورو**: ڄامشورو ضلعي اندر 50 هزار ٻوڏ ستيل دربدر. رهائش ۽ کاڌ خوراڪ کان محروم.
- **شهدادڪوٽ**: قبو سعيد خان کان متاثهين وارن علائقن ۾ ويل 7 هزار کان وڌيڪ ماڻهو قاتل، کاڌ خوراڪ ختم.
- **حيدرآباد**: پنجاب عالمي ادارن کان ملندڙ امداد ڦٻائڻ جو پروگرام رٿيو آهي. سمورن سنڌين کي ٻوڏ متاثرن کي ڪراچي ۾ آباد ڪرڻ لاءِ خدمتون ڏيڻ گهرجن. *(قادرمگسي)*
- **واهي پانڌي**: ڪاچي ۾ ٻوڏ ستيلن جي آمد جاري، خوراڪ جي کوٽ، انتظاميه واهر نه ڪئي، دادو، جوهي ۽ ڪي اين شاهه مان ڪيترائي ٻوڏ ستيل خاندان واهي پانڌي پهچي ويا.
- **دادو/ ميهڙ/ خيرپور ناٿن شاهه**: پاڻي ميهڙ پرسان انڊس هاءِ وي تي پهچي ويو. ايف پي بند تي به دٻاءُ، دادو ضلعي جا 8 لک ماڻهو دربدر.
- **ڪراچي**: صدر سنڌ سرڪار کي ٻوڏ کان بچي ويل ضلعن جي ماڻهن تي ٻوڏ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.
- **حيدرآباد**: سنڌ ۾ وڌيڪ 17 ٻوڏ متاثر گيسٽرو وگهي فوت.
- **ڪراچي**: سنڌ ۾ سيني صوبن کان گهٽ ماڻهو متاثر ٿيا آهن. وڏو نقصان ماڻهن جي ضد سبب ٿيو. سنڌ ۾ جيڪي به ماڻهو ٻڏا آهن اهي پنهنجي ضد سبب ٻڏا آهن. ماڻهن کي اڳواٽ اطلاع ڏنو يو هيو پر اهي ٻاهر نه نڪتا ۽ پاڻ کي بچائي نه سگهيا *(وزيراعظم)*
- **ڪراچي**: ڊزاسٽر اٿارٽي سنڌ ۾ ٻوڏ دوران خاص ڪردار ادا نه ڪيو. *(قائم علي شاهه)*
- **ڪنڊڪوٽ**: ٽوڙي گهارو 28 ڏينهن گذرڻ بعد به بند نه ٿي سگهيو.
- **ڪراچي**: ظفر الله جمالي پاران ٽوڙي بند کي گهارو لڳڻ خلاف سپريم ڪورٽ ۾ وڃڻ جو فيصلو، جيڪب آباد ايئربيس کي بچائڻ لاءِ منظم رٿابندي تحت ٽوڙي بند کي ٽوڙيو ويو. *(اڳوڻو وزيراعظم)*
- **خانپور**: خانپور ۾ هاءِ وي وٽ هزارين ٻوڏ متاثر مهيني کان ويٺل ڪنهن به مدد نه ڪئي، انتظاميه ۽ چونڊيل نمائنده لاپته.
- **ڪي اين شاهه**: ڪي اين شاهه پرسان ٻوڏ جي پاڻي مان 2 لاش مليا.





- **دادو**: دادو جي چونڊيل نمائندن ۽ شهرين ۾ گڏجاڻي بنا نتيجي ختم، سرندي وارا لڏي وڃن. (پ پ پ ايم پي اي).
- چونڊيل نمائندن جي خاطرين مان مطمئن ناهيون. لڙهنداسين ته پوءِ چوندا ته وٽن تي چڙهي ويهو. *(شهري)*
- دادو شهر کي ڪو به خطرو ناهي، ماڻهو افواهه پکيڙي رهيا آهن *(جمالي)*
- ماڻهن کي دوکي ۾ نه رکنداسين، محفوظ هنڌن تي منتقل ٿين *(رشيده پنهور)*
- سرندي وارن کي صلاح ڏيندس ته حيدرآباد ۽ ڪراچي وڃن. غريب ماڻهن لاءِ 40 نئديون بسون فراهم ڪيون وينديون *(ڪلثوم چانڊيو)*
- **سانگهڙ**: سانگهڙ ۾ ٻوڏ متاثرن جي آمد جاري، وڌيڪ 50 خاندان پهتا، خيرپور ناٿن شاهه کان پهتل 200 متاثر خاندان عزيزن ۽ کليل آسمان هيٺ ويٺل.
- **سکر**: پاڪستان ۾ 20 لک ٻارن کي پوليو ۽ ارڙي ٿيڻ جو خدشو: *(يونيسيف)*
- **دادو/ميهڙ/ جوهي**: دادو، جوهي ۽ ميهڙ لاءِ صورتحال انتهائي خراب، ايم اين وي ڊي ۽ بندن کي روڙيون، ماڻهن کي لڏي وڃڻ جي صلاح، دادو ۾ وڌيڪ سوين گاڏيون پهچي ويون.
- ڦلجي کي به خطرو، دادو ۽ جوهي ۾ صورتحال ڏاڍي خراب آهي. خطرن کي رد نٿو ڪري سگهجي.
- **دادو**: رفيق جمالي، سيد غلام شاهه، سجيلا لغاري طرفان جوهي وارن کي لڏڻ جي وارننگ، پير مظهر الحق وري ڦلجي، مخدوم بلاول، پيري، موندر، خدا آباد ۽ ڦڪاجي ماڻهن کي لڏي وڃڻ جو چئي ڇڏيو. ايم اين وي ڊي کي دادو طرف گهارا پيا ته شهر ٻڏي ويندو.
- **اسلام آباد**: فلڊ ڪميشن هيرا ڦيري نه ڇڏي، سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جو انگ 5 لک 3 هزار گهٽايو ويو.
- **جوهي**: جوهي کي بچائڻ لاءِ شهرين جا اراده اٽل، بند تي ڏينهن رات ڪم، ڪامورا ۽ چونڊيل نمائنده گم.
- **حيدرآباد**: گيسٽرو وڌيڪ 14 ٻوڏ متاثرن کان حياتيون ڪسي ورتيون.
- **ڪراچي**: ڪراچي ۾ رهندڙ ٻوڏ ستيلن کي نوڪريون ۽ پلاٽ ڏينداسين. روينيو کاتي کي ذميواري ڏبي: *(ذوالفقار مرزا)*
- **ڪراچي**: ڪراچي ۾ ڪئمپن ۾ ترسيل ٻوڏ متاثرن جو تعداد 76 هزار کان وڌي ويو.
- **ڪراچي**: ڌرتي ڌڻي ڪراچي ۾ پاڻ کي لاوارث نه سمجهن، ٻوڏ ستيل جتي چاهين رهي سگهن ٿا، کين سهولتن سان گڏ تحفظ به ڏنو ويندو. جهڙي ريت 1947ع ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ انڊين کي آباد ڪيو ويو، اهڙي طرح ٻوڏ

سٽيلن کي بہ ڪراچي ۾ آباد ڪنداسين. (سنڌسرڪار)

- **دادو/ جوهي/ ميهڙ:** ايف پي بند کي گهارو، 40 ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ، جوهي لاءِ آخري وارننگ، ميهڙ کي بچائڻ لاءِ رائيس ڪئنال کي ڪٽ هڻڻ جو فيصلو، دادو کي خطرو ناهي، *(وڏو وزير)*
- **اسلام آباد:** ٻوڏ سٽيل اڃا 4 مهينا ڪئمپن ۾ رهندا، خوراڪ جي بحران جو خدشو آهي، ڪراچي ۾ متاثر آباد نہ ٿيا تہ مسئلا پيدا ٿيندا. قيصر بنگالي
- **حيدرآباد** سنڌ جي ٻوڏ سٽيلن ۾ گيسٽرو تي ضابطو نہ آيو. وڌيڪ 19 ماڻهو فوت.
- **سيوهڻ:** منڇر ۾ پاڻي جي سطح 113.80 آريل تي پهچي وئي. بندن تي دٻاءُ، ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي سطح ۾ تيزي سان اضافو، هڪ ئي ڏينهن ٿي انچ جي واڌ، منڇر ۾ ايندڙ پاڻيءَ ۾ وڌيڪ اضافي جو امڪان آهي (آبپاشي عملدار) رهواسين ۾ خوف ڇانيل.
- **جوهي:** جوهي شهر کي بچائڻ لاءِ رهواسي پاڻمرادو رنگ بند کي مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف، انتظاميہ منهن موڙي ڇڏيو.
- **لاڙڪاڻو:** لاڙڪاڻي ۾ پهتل ٻوڏ متاثرن جو انگ 2 لک ٿي ويو. ٽينٽ سٽي اڃان قائم نہ ٿيا.
- **پير جو ڳوٺ:** احمد پور ۾ بيوس ٻوڏ ستايل ٻارڙا ڪٽي وڪرو ڪرڻ لاءِ پهچي ويا.
- جيڪب آباد: جيڪب آباد جو زميني رابطو بحال نہ ٿيو. بلوچستان ۾ 15 هزار ماڻهو اڃا ڦاٿل، وڌيڪ 6 ڄڻا فوت ٿي چڪا.
- **هنڱورجا/ بوزدار وڏا:** دادوءَ جا ٻوڏ سٽيل لڏا ڪٽي رسول آباد ۽ بوزدار وڏا پهچي ويا.
- **حيدرآباد:** بنگلاديش جي 40 ڊاڪٽرن جو وفد دادو جي ٻوڏ سٽيلن جي واهر لاءِ پهتو.
- حيدرآباد/ ڀان سعيد آباد: ڀان سعيد آباد ڀرسان ڇنڊڻ کي گهارو، منڇر ۽ درياءُ جي سطح برابر، اڙل وٽان 2 دروازا کوليا ويا. ايف پي بند کي زيرو پوائنٽ وٽان ڪٽ ڏيئي پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرايو ويو، منڇر جي سطح وڏي درياهہ جي برابر ٿي وئي. اڙل ٽيل وٽان 5 دروازن مان 2 کوليا ويا. اڄ ڇوڙ شروع ٿي ويندو. ٻوڏ جو تمام گهڻو پاڻي منڇر طرف اچي رهيو آهي. منڇر 118 آريل برداشت ڪري سگهي ٿو.
- **ڪراچي:** وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن جا اعلان اڌورا، لکين ٻوڏ سٽيلن کي عيد کان اڳ روڪ رقم/ معاوضو نہ ملي سگهيو.
- **ڪراچي:** وفاقي زڪوات ڪائونسل طرفان سنڌ جي ٻوڏستايلن لاءِ مليل هڪ





ارب 15 ڪروڙ ورهائجي نہ سگهيا.

- **سکر:** ”عيد خرچي ڏيو“ سکر ۾ ٻوڏ متاثرين سراپا احتجاج بڻجي ويا. گاڏين جي ڀيج ڊاهہ، 8 اهلڪار يرغمال، شهر بند
- **جوهي:** جوهي لاءِ آخري وارننگ باوجود معمول جي زندگي روان دوان.
- **حيدرآباد:** گيسٽرو وگهي وڌيڪ 18 ٻارڙن ۽ ٽن عورتن سميت 25 ڄڻا فوت
- **وارهہ:** حمل ڍنڍ جي سطح انتهائي خطرناڪ حد تائين پهچي وئي. پنج 5 ئي دروازا کولڻ باوجود ڍنڍ جي سطح ۾ گهٽتائي نہ اچي سگهي. نئين جو پاڻي ڍنڍ ۾ اچڻ ڪري روز دٻاءُ وڌڻ لڳو.
- **شڪارپور:** شڪارپور ۾ ٻوڏ جي وڏي تباهي، 13 سئو ڳوٺ ٻڏي ويا. 7 لکن کان وڌيڪ ماڻهن کان اجها کسجي ويا.
- **ڄامشورو:** ڄامشوري لڳ ٻوڏ متاثرن اتي سان پريل گاڏي ڦري ورتي.
- **دادو:** دادو شهر کي ڪو خطرو ناهي، ماڻهو افواهن تي ڌيان نہ ڏين *(پير مظهر)*
- **حيدرآباد:** حمل ڀرسان ايف پي بند کي گهارو، ميهڙ، جوهي ۽ کي اين شاهہ لاءِ ڀيهر وارننگ، دادو بچائڻ لاءِ ڇنڊڻ کي ڪٽ جي تجويز، صوبائي وزير مراد شاهہ ڇنڊڻ کي ڪرمپور وٽان ڪٽ جي مخالفت ڪري ڇڏي. اڙل ٽيل بعد اڙل هيڊ جا 2 دروازا کوليا ويا. يوسي ٿلٽي، ٻوبڪ، ڀان ۽ بچل چنہ لاءِ ريڊ الرٽ جاري
- **دادو:** سڄو ڌيان منڇر تي آهي ۽ انتهائي ايمرجنسي واري صورتحال آهي. *(سيف الله ڌاريجو)*
- **ٺٽو:** سنڌ سرڪار ٻوڏ متاثرن ۾ 20 -20 هزار وارا ”وطن ڪارڊ“ ورهائڻ شروع ڪري ڇڏيا. فلڊ ڪميشن جا انگ اکر قبول ناهن، اسان پنهنجو ڪيس گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ رکي ڇڏيو آهي . *(وڏو وزير)*
- **دادو:** دادو ۾ ٻوڏ بابت اهم اجلاس، ڇنڊڻ کي ڪرم پور وٽان ڪٽ جي تجويز بابت وڏي وزير کي آگاهي، چونڊيل نمائنده ڪٽ ڏيڻ يا نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪندا.
- **ڄامشورو:** ڄامشورو ۾ سامان ورهاست دوران بدنظمي، هڪ ڄڻو فوت، 4 زخمي.
- دولتپور صفن: دولتپور صفن ۾ ٻوڏ متاثر مچرجي پيا. ڊي ڊي او جي گهر تي ڪاهہ سامان ڪٽي ويا.
- **خيرپور:** خيرپور ضلعي جي ڪچي واسين سميت پوڻا 4 لک ٻوڏ ستايل خالي هٿين لڙڪن ۽ سڏڪن سان عيد ملهائيندا.
- **سانگهڙ:** سانگهڙ ضلعي ۾ پهتل ٻوڏ سٽيلن جو تعداد 35 هزار ٿي ويو. ميرن ۽ ڦاٿل ڪيڙن سان عيد ملهائيندا.

- **دادو:** دادو مورو روڊ ڳهاري پئڻ بعد ٽرئفڪ لاءِ کلي ويو.
- **دادو/ سيوهڻ:** دادو کي بچائڻ لاءِ منڇر وٽان چنڊڻ کي ڪٽ هڻڻ جو فيصلو، سيوهڻ جي 4 يوسيز کي خطرو، مراد شاهه جو احتجاج، وڏو وزير اعلان ڪرڻ بنا واپس.
- **دادو/سيوهڻ:** منڇر جي سطح 120.85 آرايل جي خطرناڪ حد تائين ٿي وئي. ميهڙ جا وڌيڪ 50 ڳوٺ ٻڏي ويا. جوهي ۽ ميهڙ جي رنگ بندن تي دٻاءُ، دادو انتظاميه ڪراچي مان گهرايل بسون ۽ ٽرڪون واپس ڪري ڇڏيون.
- **بوزدار وڏا:** دادو ضلعي جا 50 ٻوڏ متاثر خاندان بوزدار وڏا پهچي ويا.
- **دادو:** راشن ڏيڻ ڪي بک مرڻ کان بچايو، دادو ۾ وڏي وزير جي آمد دوران ٻوڏ متاثرن جا ڌرڻا لنبازي، چڪريون
- **سکر:** ٻوڏ سٽيلن کي سندن ڳوٺن ۾ آباد ڪري گهر ٺهرائي ڏبا. خورشيد شاهه، خورشيد شاهه ساڌ ٻيلي مندر پهتو، ٻوڏ سبب ٽيل نقصان جو جائزو.
- **حيدرآباد:** زهر ٻٽيل منڇر جي لوٽيات 50 سيڪڙو گهٽجي وئي. درياهه ۾ چوڙ ٽينڊڙ پاڻي پيئڻ لائق قرار، لوٽيات ويتر گهٽبي. *(ماهر)*
- **سيوهڻ:** منڇر جو گيج ٻڏي ويو. ايم ايس بند کي 300 فوٽ ڪٽ، ٻوبڪ، چنا، دل ۽ تلٽي جا علائقا ٻڏي ويندا. ڊنڊ جو گيج 121 آر ايل تائين آهي جيڪو ٻڏي وڃڻ بعد نئون گيج لڳائي سطح 125 آر ايل ڪئي وئي. رات تائين ڊنڊ جي سطح 121.5 آر ايل کان وڌي وئي. تيز هوائن سبب پاڻي اوور فلو ٿيڻ لڳو. دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ ڪٽ هنيو ويو.
- **سيوهڻ:** منڇر جي پاڻيءَ مان سيوهڻ کي ڪو به خطرو نه آهي/قلندر به مدد ڪندو. *(وڏو وزير)*
- **سيوهڻ:** نيٽ منڇر ٽٽي پئي. تيز هوائن سبب رات دير سان ايم سي بند ٽٽي پيو. وڏي پئماني تي لڏپلاڻ. انڊس هاءِ وي بند. ڀان شهر کي خطرو. ڳهاري سبب 300 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ ايندا.
- **ڪراچي/ ٺٽو:** ٻوڏ متاثرن جي وڏ ۾ وڏ امداد، آمريڪا ڪئي آهي، پر ٽرانسپرنسي هجڻ گهرجي *(هالبروڪ)*
- **ٺٽو:** آمريڪي صدر جي نالي جي خبر ناهي. راشن ۽ پاڻي ڪپي، ٻوڏ متاثر.
- **ڪراچي:** سڄي سنڌ ۾ مائٽن وٽ ٽوڙي روڊن ۽ بندن جي ڪنارن تي ترسيل هزارين ماڻهن جي امداد کان رهجي وڃڻ جا امڪان.
- **سيوهڻ/ ڀان سعيد آباد/دادو/ميهڙ:** منڇر جي سطح ۾ 2 فوٽ لاٽ، سيوهڻ تعلقي جا وڌيڪ 50 ڳوٺ ٻڏي ويا. ڪرمپور وٽان پاڻيءَ جو درياءُ ۾ چوڙ شروع.
- **اسلام آباد:** اين ڊي ايم طرفان سنڌ ۾ 213 ماڻهو فوت ۽ 11 لک 10 هزار گهر





ڊهڻ جي تصديق.

- **ڪوئٽا:** هڪ ڪروڙ ٻوڏ متاثرن کي خوراڪ جي فوري ضرورت آهي. *(عالمي اداره)*
- **ڪنڌڪوٽ:** ڪهوڙا گهٽ بند پئڻ جو فائدو ناهي. ٽوڙي گهارو اڃان بند ناهي ٿيو. 10 هزار ڪيوسڪ پاڻي وهي پيو. وڏي وزير کي شڪايت
- **حيدرآباد:** ٻوڏ متاثرن جي ڪئمپ ۾ گيسٽرو وگهي وڌيڪ 9 ماڻهو فوت.
- **سکر:** تاريخي ساڌ ٻيلي مندر جي سرڪار مالڪي نه ڪئي. 9 ايڪڙن تي ٻيٽل باغ تباهه.
- **سکر:** سنڌ ۾ سپر فلڊ دوران به 15 ضلعن پاڻي ڪوٽ کي منهن ڏنو. 14 مُک ڪئنالن کي گهرج کان گهٽ پاڻي فراهم، فصل متاثر.
- **خيرپور ميرس:** عالمي برادري پنجاب حڪومت تي اعتبار نه ٿي ڪري. *(وڏو وزير)*
- **نيويارڪ:** 2 به ڪروڙ ٻوڏ متاثرين جي مڪمل بحالي عالمي برادريءَ جي وس ۾ ئي ناهي، پاڪستان پاڻ به ڪجهه قدم کڻي: *(آمريڪا)*
- **سيوهڻ:** ٻوڏ سٽيلن کي 20-20 هزار رپيا ڏيڻ بعد ڳوٺن ۾ وڃڻ لاءِ چونداسين. بحاليءَ جو ڪم 6 مهينا جاري رهندو: *(وڏو وزير)*
- **حيدرآباد:** انتظاميه پاران 80000 ٻوڏ سٽيلن جا انگ اکر جاري ، سياڻي کان 12000 ڪٽنبن کي وطن ڪارڊ ملندا.
- **سکر:** وطن ڪارڊ لاءِ هزارين ٻوڏ سٽيل ٻيهر سکر موٽي آيا.
- **شهدادڪوٽ:** شهدادڪوٽ واسي مصيبتن ۽ دربدري ۾ رهڻ بعد واپس اڃهن ۾ پهتا. چهرن تي اداسي، سيني ۾ وڏا درد، 20 سيڪڙو پاڙو نه هئڻ ۽ امداد جي آسري مختلف شهرن ۾ ترسيل.
- **ڪراچي:** سنڌوءَ کي لڳل گهارن جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن قائم، ڪراچي ۾ ترسندڙ ٻوڏ سٽيلن کي سڀ سهولتون ڏينداسين. ڪراچي ۾ 80 هزار ٻوڏ متاثرين آيا پر اهي ڪراچي ۾ ترسڻ لاءِ تيار نه آهن: *(قائم علي شاهه)*
- **ڪراچي:** ٻوڏ ۾ آبپاشي کاتي نااهلي ڏيکاري، سموري عملي کي معطل ڪيو وڃي: *(جام مدد)*
- **سکر:** پوليس وحشت جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا، وطن ڪارڊ حاصل ڪندڙن تي وحشياڻي مارڪٽ، 11 ڄڻا رتو رت.
- **نئون ديرو:** ڳڙهي خدابخش واري وطن ڪارڊ سينٽر تي متاثرن تي لنبازي، 6 زخمي، ڪارڊ انهن کي ملي ٿو جيڪي رشوت ڏين ٿا. اسان ڪيڏانهن وڃون. متاثر.

# تاثرات/ ڊائري/ مشاهدو

• فيلڊ مان ڪي چار ڏينهن موڪل منظور ڪرائي دادوءَ لاءِ نڪتس ته جيئن اُتي روبرو وچي صحافين، سنگت ساٿ سان ملاقات ڪري ٽوڙي گهاري مان ٻوڪي/هلان ڪري ايندڙ پاڻيءَ سبب دادو، سيوهڻ ،ڀان سعيد آباد، ٻوبڪ، جوهي، خيرپور ناٿن شاهه، ڪاڇو، ايف پي بند، منڇر ڍنڍ، منڇر بند ۽ ايم اين وي ڊرين کي ٿيندڙ امڪاني نقصان بابت صحيح صورتحال کان آگاهه ٿجي ۽ پڻ ڪالهه دادو مورو پل ويجهو دادو مورو روڊ تي لليا پتڻ وٽ جيسرن جي ڳوٺ وٽان لڳل ڏار يا هٽراڏو هنيل گهاري جو جائزو وٺي سگهجي ۽ گهاري سبب پاڻيءَ جي گهيري ۾ آيل پنهنجي دوست عبدالله جيسر سان روبرو ملي سگهجي. جنهن رات ئي فون تي ٻڌايو ته هو انهي لڳل گهاري سبب فقط خاندان تڙ تڪڙ ۾ ڪڍي سگهيو آهي ۽ پاڻ بي يارومددگار گهر ۾ ٽپڙن ۽ پنهنجي لائبريري جي سنڀال لاءِ ويٺو آهي. فيلڊ مان سڌو حيدرآباد حسين آباد اشتياق انصاري ڏي هليو ويس جيڪو پاڻ ان پريشانيءَ ۾ هيو ته ڪوٽڙي بئراج تي مسلسل پاڻيءَ جي سطح وڌڻ سبب قاسم آباد، حسين آباد، لطيف آباد ۽ ڪوٽري وٽ بندن تي سخت دٻاءُ آهي ۽ اهي افواهه گردش ۾ آهن ته شايد لطيف آباد کي هڪ مخصوص گروهه جي خواهش ۽ انگل سبب بچائڻ لاءِ قاسم آباد وٽان بند کي گهارو هنيو ويندو يا ٿي سگهي ٿو ته ڪٿان به بند پاڻ ئي ايڏي وڏي وهڪري جو دٻاءُ برداشت نه ڪندي ٽٽي پون. هن اهو به ٻڌايو ته اهڙي اوچتي صورتحال يا مصيبت کي نظر ۾ رکندي پنهنجي گهر جو ضروري سامان مٿي ڇت تي رکي ڇڏيو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته هو اهڙي خطري کان بچڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڀاءُ اسحاق وٽ ڪراچي هليا وڃن. ٿوري دير ڀوڳ سبب پيدا ٿيل يا اڳتي پيدا ٿيندڙ صورتحال تي پنهنجا تبصره ڪري بندن ۽ بئراج تي وهڪري جي صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ نڪري پياسون. ويجهو ئي ڪجهه عرصو اڳ حسين آباد ۾ درياهه ڪناري ٺهيل پارڪ ۾ پهتاسين ته ان جو هڪ وڏو حصو پاڻيءَ ۾ ٻڏل نظر آيو ۽ ماڻهو خوف ۾ نظر آيا. بعد ۾ جڏهن ڪوٽڙي پل تي هلندڙ گاڏيءَ مان ئي پل تان هيٺ وهندڙ ان تاريخي وهڪري جو نظارو ڪيو جتي ماڻهو هجومن جي صورت ۾ ڪوٽڙي طرف کان بيهي سنڌوءَ جي ان تاريخي وهڪري جو لقاءُ ڏسي رهيا هئا. واقعي ايڏو تيز





وهڪرو هيو جو ڪيترائي ماڻهو فقط ان خوفناڪ وهڪري کي ڏسي ئي ڌهلجي پئي ويا. اشتياق کي گهر ڇڏي آفتاب عزيز سان پنهنجي گاڏيءَ ۾ دادو لاءِ روانو ٿيس. پيٽارو کان ٿوڙي ڦاٽڪ تائين ريلوي لائين جي ٻئي پر مورين مان پاڻي ڪاهي اچي انڊس هاءِ وي ويجهو پهتو هيو ۽ ٿوڙي ڦاٽڪ پل کان وٺي سيوهڻ تائين ته صورتحال انتهائي خراب ۽ خطرناڪ نظر آئي ڪيترن ئي هنڌن تي اربين رپين سان ٺهندڙ آر بي او ڊي بند تي گهارا لڳي چڪا هيا ۽ پاڻي انڊس هاءِ وي جي ٻي پر مورين ۾ پلين وسيلي اولهه ۾ ٽڪرين تائين هڪ وڏي ڇر ڪري چڪو هيو. آمري شهر ته مڪمل پاڻيءَ جي گهيري هيٺ آهي پر افسوس جو موهن جي دڙي کان به قديم ”آمري تهذيب“ جا آثار به مڪمل طور پاڻيءَ ۾ ٻڏي چڪا هيا ۽ ۽ آمري شهر جي ٻئي پر آمري ريلوي اسٽيشن ويجهو قائم آمري ميوزيم پاڻي هيٺ هيو. آمريءَ کان سيوهڻ تائين انڊس هاءِ وي جي ٻنهي پاسن پاڻي گهٽو جمع ٿي چڪو هيو جيڪو وڏي وچي لڪي سلسلي جي ٽڪرين تائين پهتو ۽ لڪي ريلوي اسٽيشن هيٺان گذرندڙ انڊس هاءِ وي مٿان پاڻي پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو ۽ سيوهڻ شهر ۾ لعل باغ ۽ دانستر ٽيل Tail وٽ ته اڃان بدتر صورتحال نظر آئي جو سنڌوءَ جو پاڻي ايترو چڙهي چڪو هيو جو دانستر جي پل کي پائي رهيو هو ۽ ان ويجهو ئي سيوهڻ شهر طرف وڃڻ جي ناڪام ڪوشس ڪري رهيو هو. ڄامشورو کان سيوهڻ ۽ دادوءَ تائين ٻوڏ متاثرين سان ڀريل ٽرڪون، ٽرالا، ٽراليون، ويگنون، بسون، ڊاٽسنون ۽ ٻيو گاڏيون نظر آيون جيڪي پنهنجي حيثيت ۽ گنجائش کان وڌيڪ لڏيل/ ڀريل ۽ سٽيل نظر آيون ۽ انڊس هاءِ وي جي ٻنهي پاسن ڪاٽوٽ، آمري هوٽل، لڪي جبل تي واقع لڪي ريلوي اسٽيشن سيوهڻ شهر ۽ ٻين هنڌن تي هلان ڪري ايندڙ پاڻيءَ کان پنهنجون فقط جانيون بچائي نڪتل ماڻهن جا انبوهه بي يارو مددگار ويٺل نظر آيا ۽ ڪشمور جيڪب آباد ۽ شڪارپور مان پنهنجن اباڻن پڊن تان سر بچائي نڪتل متاثرين کي ته منزل جي به سڌ نه هئي ته ڪين ڪيڏانهن وڃڻو آهي بس جتي ڪين سمجهه ۾ آيو يا بهتر محسوس ٿيو اُتي هي پنهنجي ئي ديس ۾ ڪئمپن حوالي ٿي سرڪار ۽ اين جي اوز جي رحم و ڪرم تي هوندا.

دادو ويندي ٻوبڪ وٽان منڇر بند تي وڃڻ لاءِ مڙڻو پيو. واٽ تي مون موبائيل تي پنهنجي دوست ۽ پي ايف ايف پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳواڻ مصطفيٰ ميراڻي سان رابطو ڪيو. ان ٻڌايو ته هينئر هو صوبائي وزير مراد علي شاهه سان گڏ ٿلٽي ويجهو بند تي موجود آهن جتي روڙيون پئجي رهيون آهن ۽ بند ٽٽڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي. منڇر بند تي پهتس ته مصطفيٰ جو ئي هڪ عزيز جيڪو آبپاشي کاتي جو ملازم آهي ۽ منڇر بند تي سندس ڊيوٽي آهي تنهن ٻڌايو ته هينئر ڍنڍ جي ليول 110.9 تي پهتل آهي ۽ اها سطح مسلسل وڌي رهي آهي. مون کي اهو ڏسي حيرانگي ٿي ته بند تي ڪو به آبپاشيءَ جو ذميوار اهلڪار موجود نه هيو حالانڪ

هنن ڏينهن ۾ ته ڪو ذميوار ماڻهوءَ جو موجود هجڻ انتهائي ضروري آهي جو هاڻي ٿورن ئي ڏينهن ۾ ٻوڏ جو پاڻي منڇر ۾ ئي داخل ٿيندو جتي ان جو آخري دنگل ٿيندو. سو ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي منڇر بند کي وڌ کان وڌ محفوظ بنائڻ لاءِ ضروري سامان جو هن مرحلي تي بند تي هئڻ اشد ضروري آهي جو ٿي سگهي ٿو ته ڪو اوچتو گهارو پئجي وڃي يا هلان ڪري ايندڙ ٻوڙي وارو پاڻي ڪٽي اڙل ۽ دانستر جا دروازه نه لوڙهي وڃي جيئن 1995ع واري ڪاڇي ۾ آيل ٻوڏ سبب ٿيو هو. بند تي ئي هوس ته پروفيسر اعجاز قريشي جو فون آيو ته هو پاڻ پنهنجي فيملي سان ٿورو دير اڳ اتان پيرو ڪري ويو آهي ۽ هن به انتهائي ٻُڏتي جو اظهار ڪيو، منڇر تي ٿيندڙ امڪاني صورتحال ۽ آخري دنگل تي ۽ پڻ آبپاشي کاتي جي لاپرواهي تي. دادو پهتس ته اها سُڌ پئي ته ڪجھ ماڻهو جن جا عزيز مٽ مائٽ ڪراچي ۾ هئاسي ته ان امڪاني خطري سبب في الحال نڪري ويا آهن ۽ باقي ماڻهو ٻڌتر ۾ آهن ته ڇا ڪجي. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سنڌو واري وهڪري ۽ ٻوڙي گهاري سبب ٿيل نقصان جي ڪوريج ۾ مصروف آهي پر هاڻي گذريل هڪ ٻن ڏينهن کان منڇر ۽ ڪاڇي ۾ پيدا ٿيندڙ امڪاني صورتحال بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو اٿن. امڪاني متاثر ٿيندڙ علائقن جا ماڻهو اهو سوچين ٿا ته ٻوڙي واري گهاري مان هڪ لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ مسلسل هلندڙ وهڪري ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور شهدادڪوٽ قمبر ۾ ايڏا ڪيس ڪيا آهن ۽ ڳڙهي خيرو شهر ۾ 8 کان 10 فٽ پاڻي وهي رهيو آهي ته اهو ڪاڇي ۽ منڇر ۾ پهچڻ کان پوءِ جڏهن ڍنڍ جو پاڻي درياهه جي سطح انتهائي وڌي وڃڻ ڪري سنڌوءَ ۾ ڇوڙ نه ڪري سگهندو ته پوءِ بندن جو ٽٽڻ يا هٽراڏو ٽوڙڻ جي صورت ۾ ته هت به اهڙو ئي ڀيانڪ منظر يا صورتحال ٿي سگهي ٿي.

- دادو شهر ۾ مختياڪار آفيس ٻاهران منڇر جي مهاڻن جي وڏي رش نظر اچي پئي. وڏي تعداد ۾ ضلعي انتظاميه منڇري مهاڻن جون ٻيڙيون ڊاٽسنن ۾ لڏي/ ڪٽي هت آفيس ويجهو روڊ ۽ گهٽين ۾ ڦٽو ڪيون آهن آفيس چوڌاري گهٽين ۽ روڊ تي ڪي 50 کان مٿي ٻيڙيون رکيل نظر اچي رهيون آهن سج لٿي جو وقت آهي ويچارا ٻيڙين جا مالڪ مهاڻا پاڻيءَ کانسواءِ پنهنجن ٻيڙين تي ويهي رکوالي ڪري رهيا آهن. سندن چهري تان پريشاني نظر اچي رهي آهي. هو گهٽين ۾ رکيل ٻيڙين هڙين ۽ گالين جي آڳل ۽ ٻيڙيءَ اندر تري ۾ سوير ئي سمهڻ جي تيارين ۾ آهن. هنن کي انتظاميه دادوءَ جي ڪچي ۽ پڪي ۾ امڪاني ٻوڏ واري صورتحال ۾ ماڻهن کي ڪڍڻ ۽ محفوظ هنڌن تي پهچائڻ لاءِ هتي آندو آهي. شهري ماحول سندن لاءِ اوپرو محسوس ٿي رهيو آهي. جنهن سبب ئي هو پريشان آهن ۽ ٻي پريشاني اها به اٿن ته شايد سرڪار اڳوات طئہ ٿيل ڏهاڙيءَ جا پئسہ ڪم لهڻ کان پوءِ ادا ڪري يا نه ۽ ڪم ختم ٿيڻ کان پوءِ وري هي ٻيڙيون ڪين منڇر تائين پاڻيءَ ۾ پهچائي به ڏئي يا نه ڪين





ڪين. ان حوالي سان ماضي جا تجربہ ذهن ۾ آهن جنهن ڪري ويچارا هت اچي مصيبت ۾ ڦاٿل آهن. پر ڇا ڪن سرڪار ته زوراور آهي ۽ ٻيو سندن روزگار به ته اهو ئي آهي.

هو ٻڌائن ٿا ته ڪين 2 هزار ڏهاڙي تي هت آندو ويو آهي پر ڪين اڃا تائين ڪجھ به نه ڏنو ويو آهي. هنن جي ماني ۽ رهائش جو بندوبست به نه ڪيو آهي ۽ ڪين پئسا به نه آهن جو وڃي ويجهو هوٽل تي کائين يا سرڪار ڪين کارائي ڪيترا ته پنهنجن هڙهين جي آڳيلن ۽ پاڇيلن تي نالين جي بدبوءِ ۾ بکئي پيٽ سمهي رهيا آهن. ڪي اڃان ماني جي انتظار ۾ جاڳي رهيا آهن ته متان ڪنهن کي ڪا کهل اچي ۽ ماني پور ملي.

مون کي ڏسي ڪيترائي واقف مهاڻا اچي مليا ۽ پنهنجو ڏک بيان ڪيائون ۽ حجت ڪيائون. منڇر ۾ 1990 کان وٺي مسلسل سوين پيرا وڃڻ سبب اهي منڇري مهاڻا واقف ٿي ويا آهن. مون کان ان وقت سندن لاءِ جيڪو ٿي سگهيو مون ڪيو ۽ مختياڪار آفيس مان ڪين ڪجھ رقم پڻ وڏي مشڪل سان وٺي ڏني سرڪار جو هنن مهاڻا سان هن ڏکي ويل هي رويو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. هي مهاڻا ته سرڪار وڏيرن ۽ ڏاڍن جي ڏاڍ جو هميشه شڪار ٿيندا آيا آهن سندن تنظيم فشرفوڪ فورم جي وجود کان پوءِ ڪين ڪجھ تحفظ ۽ حقن جو احساس سندن منجھ پيدا ٿيو آهي.

منجهند جو فيلڊ مان حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي ۾ ٻوڏ جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ نڪري پيس. سحرش نگر قاسم آباد ويجهو ٻچاءُ بند جي اندر سنڌوءَ جي پيٽ ۾ جيڪا آبادي هئي سا هاڻي مڪمل پاڻيءَ هيٺ اچي تباهه ٿي چڪي آهي ۽ ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي اچي بندن تي ويٺا آهن. فقط ٻه ڏينهن اڳ اهي ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ هئا تن کي سنڌوءَ ڪاوڙ ۾ اچي ٻاهر ڌڪي ڇڏيو آهي. جڏهن ڪوٽڙيءَ واري پل تان گذر ٿيو ته ان وقت پل هيٺان 9 لک 38 هزار واڌو وهڪرو گذري رهيو هئو جنهن کي هزارين ماڻهو حسين آباد ۽ ڪوٽڙي ڪنارن وٽان پسي رهيا هئا. وهڪري ۾ غضب جي دهشت ۽ ڌهڪاءُ هيو ۽ تيزي سان ڌوڪيندو سنڌي سمنڊ سان ڪيئي سالن کان پوءِ ملڻ لاءِ واقع بي تاب نظر آيو. ٻه ٽي ڏينهن کان وٺي اهي خبرون آهن ته چانڊوڪين راتين سبب سنڌي سمونڊ به وڌي اچي پنهنجي محبوب شينهن درياهه سنڌو ۽ مهراڻ جي آڌر ڀاءُ لاءِ نيڻ وڇايا آهن. هي عجيب ملن آهي. جيڪو هنن چانڊوڪي راتين ۾ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ شڪوه شڪايتون، سسڪيون، آهون دانهون به هونديون ته انهن سازشن جو به ذڪر جن ذريعي ڪين ملڻ ۾ سال لڳي ٿا وڃن.

چنڊ ڪر چانڊاڻ منهنجا پرين آهن پنڌ ۾
اڇن مون اوطاق پوءِ لهي وڃ لطيف چئي.

(شاهه)

هي درياهہ ضرور سنڌي سمونڊ کي ٻڏائيندو تہ مان هيڏي وڏي تباهي ڪري هت تو وٽ پهتو آهيان پر پوءِ بہ ڪو هڪ ماڻهو بہ مون اهڙو نہ ڏٺو جنهن منهنجي اهڙي رويي خلاف شڪايت ڪئي هجي. دانهيو هجي يا مون کي پٽيو هجي. هو مون کي اڄ بہ سگهارو ۽ شينهن جي لقب سان پڪارين ٿا. ڪوٽڙي پل تان ٿيندو جڏهن ڪوٽڙي ڦاٽڪ واري رستي سان ڪوٽڙي بئراج ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو هوس تہ ڪوٽڙي ڄامشورو ٽول پلازہ، ڄامشورو ڦاٽڪ ۽ ايل ايم سي اسپتال ويندڙ رستي تي هزارين متاثرين بي يارومددگار کليل آسمان هيٺ نظر آيا. انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ درديلا منظر هيا. ننڍڙا معصوم ٻارڙا واقع پٿريلي زمين تي ستي روئندي رڙندي ڪيهندي نظر آيا ۽ سندن مٿان مکيون پڻ پڻ ڪري رهيون هيون ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڪين سرڪار يا ڪنهن ٻي ڌر کان ڪين ڪجھ بہ نہ ٿو ملي يا ڪين سار ئي نہ ٿي لهي وڃي. سمورن کي اهو لباس پاتل نظر آيو جيڪي هو اتان پنهنجن اجهن مان پائي پڄي نڪتا هيا. عورتن جا وار وکريل، مردن جي چهرن تي خوف جا نمايان آثار فقط ان ڪري تہ جيڪي ويجهي آباديون ۽ عاليشان سوسائٽي ۽ يونيورسٽين جا بنگلا نظر اچي رهيا هئا جيڪي سندن ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ ساڳي قوم جا ماڻهو آهن سي بہ سندن هن مشڪل گهڙيءَ ۾ ڪين ا ئين بي يارومددگار حالتن جي رحم ڪرم تي ڇڏي بنگلن ۾ عيش و آرام ڪري رهيا.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
تہ لڳي ماٺ مرن کُي، ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري، اوپر اُپري ڪين ڪي.

*(شاهہ)*

- ڄامشورو ڦاٽڪ تي پوليس جي اٿالن بيراج طرف ويندڙ گاڏين کي روڪي ڇڏيو ڇو تہ هينئر اتي پاڪستاني فوج جو سربراهہ جنرل ڪياني ڪوٽري بئراج جو معائنو ڪرڻ وارو آهي سندس هيليڪاپٽر آسمان تي لامارا ڏيئي رهيو آهي. آءٌ گاڏي واپس ڪري موٽي حيدرآباد وڃڻ لاءِ بائي پاس واري پل تي پهتس جتي پل جي ٻنهي پاسي سنڌوءَ جي پيٽ ۾ آباد ڪيترائي ڳوٺ مڪمل ٻڏل نظر آيا ۽ ڇتين تائين پاڻي پهچي چڪو هو ۽ قاسم آباد واري پاسي ماڻهن جا هشاءَ بند تي بيهي صورتحال جو جائزو وٺي رهيا هئا. درياهہ جي دهشت سبب ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس نظر آيو ڇو تہ ايڏي وڏي وهڪري جي دوران قاسم آباد وٽان بند ٽٽڻ جي صورت ۾ لکين ماڻهن کي نڪرڻ جو موقعو بہ شايد نہ ملي. حيدرآباد ۾ هالا ناڪہ ويجهو نئين سبزي منڊي ۾ قائم هڪ وڏي متاثرين جي ڪئمپ ڏسڻ لاءِ جڏهن مين گيٽ وٽ پهتس تہ اتي ئي بيهي ويس ۽ اندر وڃڻ جي پاڻ ۾ همت نہ سمجهيم ڇو تہ ان وقت کي نالي جا بکيا ماڻهو متاثرين ۾ ڪي چند پيڪيٽ ڪنهن مٿانهين تان بيهي ائين





اڇلائي رهيا هئا ڄڻ تہ ڪي اهي ماڻهو ٻوڏ جا متاثرين نہ هجن ڪي جنگي قيدي هجن. اهي نالي بکيا ماڻهو هينئر سڄي حيدرآباد شهر ۾ بہ شاميانہ هٽي متاثرين جي امداد جي نالي ۾ وڏو سامان کڻو ڪري هڙپ ڪن ٿا ۽ فقط ڏيکاءُ لاءِ ڪي چند پيڪيٽ چانهہ جا يا بسڪوٽن جا پري کان اڇلائي انهن تي متاثرين جي هلان ڏسي واقع تسڪين حاصل ڪن ٿا. اهي ڪير آهن؟ ها اهي ئي آهن جيڪي فقط ڪي ڇهہ ڏهاڪا اڳ پاڻ هن سنڌ جي ڏڪايل ماٽري ۾ اچي ڪئمپن پيڙا ٿيا هئا.

وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾
دهلين دمامين نقرين ٿي پلپل پڇياس
ڍولي ڍيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.

*(شاهہ)*

مون سان گڏ هڪ انجنيئر دوست گهڻو ئي اصرار ڪيو تہ اندر هلي متاثرين جي حالت زار ڏسون، مون چيو تہ اهو بي مقصد ۽ فضول ٿيندو ڇو تہ اسين انهن جي مدد تہ ڪري نہ سگهنداسون باقي هلي سندن تماشو ڏسون اهو مناسب نہ آهي. ڳوڙها ڳاڙيندا سڪتي جي حالت ۾ وڃي فيلڊ پهتاسون. زبان مان بي اختيار رڙ نڪتي تہ يا حسين گهوڙا هي ڪهڙو ظلم ڌرتي ڌڻين سان، درياهہ تہ هنن کي بي دخل ڪيو پر هت تہ هي موت جي منهن ۾ آهن. ڪراچي جي تہ ٻي ڳالهہ آهي پر ويجهو قاسم آباد حيدرآباد ۽ ٻين علائقن ۾ رهندڙ هزارين سنڌي ڇو هنن لاءِ اجنبي بڻجي ويا آهن جو تازو ئي سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي لڳ قائم هڪ ڪئمپ ۾ هڪ ڳڀرو جوان فقط بک وگهي پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو جي اسين واقع سار لهون ها تہ سنڌو ڪناري اهو وڏو انياءُ نہ ٿئي ها. ڇا هي آفريڪا آهي جتي خانہ جنگي سبب سوين ماڻهو بک وگهي مئا هئا.؟

حضرت عمر رضہ چيو هو تہ جي فرات نديءَ ڪناري ڪو ڪتو بہ بکيو رهيو تہ ان جي ذميواري وقت جي خليفي تي هوندي. سو ٻڌايو تہ سهي سنڌو ڪناري بک وگهي مرندڙ هن نوجوان جي قتل جي ذميواري ڪير قبول ڪندو ۽ ان جي ايف آءِ آر ڪنهن جي خلاف ڪٽجي؟

اڄ هزارين سنڌي ٻالڪ بکيا، اگهاڙا، يتيم، بيمار ڪئمپن ۾ پيا آهن. ڇا ننڍا ٻالڪ ڪڏهن وڏا نہ ٿيندا؟

- صبح جو اسين فيلڊ مان ڪي سينئر آفيسر فيلڊ مئنيجر جي اڳواٽيءَ ۾ گنجي ٽڪر لاءِ روانا ٿياسين جتي هزارن جي تعداد ۾ ٻوڏ متاثرين ڪجھ ڏينهن کان ترسيل آهن. ڪمپني پاران اُتي هڪ هفتي لاءِ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي پئي وڃي. گنجو ٽڪر تاريخي حوالي سان هڪ وڏي اهميت رکي ٿو جتي سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪپ تي حر ڪئمپ حيدرآباد کان وٺي سعيد پور ٽڪر ٽنڊ محمد خان تائين ڦهليل ۽ سنڌوءَ

جي ڪاپي ڪناري سان گڏوگڏ هلندڙ هيءَ جوءِ ايامن ڪان، ڪاهوڙين، جوڳين، سامين، ڪاپڙين، سنياسن، مستن، ملنگن، فقيرن، صوفين، ساڌوئن ۽ اوليائن جو مسڪن ۽ پناهه گاهه رهي آهي، ٻيو ته ٺهيو خود سنڌ جي ساهه، سنڌ جي شاهه، ڀٽ جي گهوٽ فلسفي ۽ شاعر شاهه عبداللطيف پڻ جڏهن پنهنجي ديس جي حالتن ڪان مايوس ۽ ڏڪارو ٿي ڀٽ کي خير آباد چيو ته هن کي به پناهه لاءِ هي جاءِ ئي موزون لڳي جتي هو سپ ويچا، فرق، نظر، يا ۽ دين ڌرم جي چڪرن ڪان بالاتر ٿي هت اچي جوڳين ۽ سنياسين سان مليو ۽ سندن رنگ ۾ رلجي ويو ۽ ساڻن گڏ هتان ئي هڪ وڏو، ڏکيو ۽ اڙانگو سفر ڪري وڃي هنگلاج ۽ لاهوت نڪتو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا اهي اهم مشاهده ماڻيائين جن سندس ذات ۽ ڏاهپ ۾ نه صرف اضافو ڪيو پر ڪيس هڪ وڏي همت، طاقت، جوش ۽ ولولو عطا ڪيو ۽ ڪيس اها حاصل ٿيل ڏاهپ ۽ حوصلو اڄ اسان وٽ ”شاهه جي رسالي“ جي صورت ۾ موجود آهي جنهن مان هن ڏکايل ماٽريءَ جا هزارين ماڻهو ٽي سئو سالن ڪان فيض ۽ سبق حاصل ڪري پاڻ جاڪوڙي، ڏاها ۽ همت ڀريا انسان، لوچيندڙ ۽ سوچيندڙ بڻيا آهن جن سنڌ ۾ مذهبي اوچ نيچ بجاءِ انسانيت ۽ وطن دوستيءَ کي ترجيح ڏني. اڄ انهيءَ گنجي ٽڪر تي هزارن جي تعداد ۾ ٽولين جي صورت ۾ وک وک تي ڪلي آسمان هيٺ هن ڏکايل سنڌو ماٽريءَ جا قديم رهواسي اچي گڏ ٿيا آهن.

اچــوڙي ســورن واريــون ڪريــون ســور پچــار

(شاهه)

ڇاهي محض اتفاق آهي جو اڄ اسين متاثرين جي صورت ۾ ڌرتي ڏٽين کي هت ٽولين ۽ لڏن جي صورت ۾ ائين ويٺل ڏسي رهيا آهيون جيئن لطيف جي دور ۾ ديس جي حالتن تي پڇي ڪامي پڇري کي وطن دوست ۽ مانجهي مڙس هت اچي پناهه وٺندا هيا.؟

ڄامشوري ڪان سيوهڻ ۽ دادو تائين اشتياق انصاري سان هي سفر زندگيءَ جو يادگار سفر ثابت ٿيو. ڄامشوري ڪئمپن ۾ خلق خدا جي اهنجن ۽ مصيبتن ڏسڻ ڪان پوءِ سڄي واٽ دادوءَ تائين متاثرين جا قافلہ ئي قافلا گاڏين تي پنڌ، چوپائي مال سان نظر اچن پيا جيڪي اجان ڪراچي حيدرآباد ۽ ٻين هنڌن ڏانهن وڃي رهيا آهن. روڊ جي ٻنهي پاسي انڊس هاءِ وي تي ڪاٽوٽ ڪان وٺي سيوهڻ تائين ٻوڏ متاثرين اجها اڏي ويهي رهيا آهن سنڌوءَ جو پاڻي اچي انڊس هاءِ سان لڳو آهي ۽ مانجهند ڪان وٺي لڪي سيوهڻ تائين ته اهو روڊ جي ٻئي پاسي به چڙڪيو بيٺو آهي ۽ وڌي رهيو آهي. آمريءَ جي آثارن تي به متاثرين جي هڪ ڪئمپ پاڻي جي گهيري ۾ دڙي تي نظر اچي رهي آهي جڏهن اسين آمري ٽپي لڪيءَ ويجهو پهتاسين ته اوچتو منهنجي نظر لڪي جي جبلن تي هڪ اچي پٽيءَ تي پئي ته مون اشتياق کي چيو ته اهو پٽو ته





اتي ائين نظر نه ايندو آهي ۽ اهو ڇا ٿي سگهي ٿو.؟ شام جو وقت آهي ڪا سج جي رفليڪشن به نه آهي اجان اڳتي هلي ئي رهيا هئاسين ته ڪيئي اهڙا پٽا لڪيءَ تي نظر اچڻ لڳا آخر اسان اهو اندازو ڪيو ته شايد لڪي تي سخت برسات پئجي رهي آهي ۽ اهي پٽا ته تيز برسات سبب مٿان لهندڙ آبشار ئي ٿي سگهن ٿا ان وقت لڪي جبلن تي هلڪو جهڙ به محسوس ٿي رهيو هو جنهن سبب جبل جو اهو حصو باقي حصي ڪان ڪجهه Dark نظر اچي هيو هو جڏهن لڪي جي پل پار ڪري سنڌو جو تيز ۽ وڏو وهڪرو پل تان اکين سامهون ويجهو ڏسي هيٺ لٿاسين ته اوچتو برسات شروع ٿي وئي ڦهرين آهستي پوءِ وئي تيز ٿيندي. جڏهن لڪي جبلن جي بلڪل پاڙ سان روڊ تي هلي رهيا هئاسون ته سوين آبشار جبلن جي چوٽيءَ تان ڪرندي هيٺ روڊ تائين وهندي ڏسي رهيا هئاسين. لڪيءَ تي اهڙا منظر زندگيءَ ۾ هي ڦهريون ڀيرو اسين ٻئي ڏسي رهيا هئاسون. اکين تي يقين نه پئي آيو ته ايڏي وڏي تعداد ۾ آبشار ايڏي وڏي اوچائي تان وڏي شور ۽ گوڙ سان هيٺ لهي رهيا هئا. اسان ڪيترن ئي ننڍن وڏن آبشارن کي ڪئميرا جي اک ۾ گاڏي تان ويهندي محفوظ ڪيو ڇو ته ٻاهر بارش پئجي رهي هئي. ڇا ته منظر هيا شايد ورهين ڪان پوءِ لڪي تي ايڏي برسات پئي جو ائين اسان کي محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ گاڏي مٿان لڪي جي چوٽين تان ڪي ماڻهو بالٽيون ڀري يا وڏن پائيپن سان هيٺ اسان ڏي پاڻي اڇلائي رهيا آهن. لڪيءَ جي اهڙن منظر اسان کي پاڻ ڏانهن ايترو ته ڇڪيو جو ڄڻ وقت بيهي ويو هجي ۽ اسان کي اهو به احساس نه پئي ٿيو ته روڊ سان گڏ درياهه ٻئي پاسي وهي پيو ۽ تيز بارش سبب آبشار هت اچي روڊ کي ٻوڙي رهيا آهن. اسان ڪوشس ڪئي ته سمورن آبشارن کي ڪئميرا جي اک ۾ محفوظ ڪيون ۽ اسان ڪيو به پر پوءِ به ڪي رهجي ويا هوندا. ايڏي برسات لڪيءَ جي جبلن تي جو صدين ڪان موجود لڪي ۾ آبشارن جا اهي وهڪره گس ۽ نشان پلٽا ڪائي وهي رهيا آهن ۽ هڪ اهڙو منظر ڏسي رهيا آهيون جيڪو شايد اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيهر ڏسي سگهون يا نه؟ اشتياق چوي ٿو ته ڪاش ڪا مووي ڪئميرا هجي ها ڪو چينل وارو هجي جيڪو انهن سمورن آبشارن جي فلمبندي ڪري سنڌ ملڪ ۽ دنيا کي ڏيکاري ها ڇو ته هي وري الائي ڪڏهن ائين وهن ۽ جي وهن به ته اسان ڏسي سگهون يا نه.هي ته محض هڪ اتفاق هيو جو اسان هينئر اکين سان ڏسون پيا. فوٽو گرافي ڪندي جيئن جيئن اڳتي وڌي رهيا آهيون ته برسات به تيز ٿيندي پئي وڃي ۽ روڊ تي پاڻيءَ جي سطح به وڌي رهي آهي بلڪ روڊ جي ساڄي طرف درياهه جي پاڻيءَ سان ملي روڊ تي بيهي رهيو آهي ۽ هاڻي اسان جي گاڏي ڪٿي اڌ فوٽ ته ڪٿي هڪ فوٽ پاڻيءَ ۾ جهڙو ڪر درياهه جي وهڪري ۾ هلي رهي آهي ۽ سامهون تيز بارش سبب بلڪل ويجهو ايندڙ ۽ ڪراس ڪندڙ گاڏي به نظر نه ٿي اچي. گاڏين بتيون (هيڊلائٽس) روشن ڪيون آهن پر پوءِ به هڪ ميٽر جي فاصلي تي به اها روشني نظر نه پئي اچي ۽ آسمان تان پاڻي ڪير ڄڻ

بالٽيون ۽ ڊرم پري زمين تي اڇلائي رهيو آهي. اڳتي هلڻ انتهائي مشڪل آهي پر پوئتي موٽڻ بہ ناممڪن. جي بيهي رهجي تہ پوءِ لڙهڻ جو خطرو. سڌو سنڌوءَ حوالي. آخر ڪجي تہ ڇا ڪجي؟ سامهون ڪي 2 ڪلوميٽرن تي سيوهڻ جو شهر پر هتي تہ اسين ڪي فرلانگ اڳتي نہ ٿا هلي سگهون. تيز بارش روڊ تي پاڻي سامهون ايندڙ گاڏين جو ڪو اندازو نہ ٿو ٿئي. هڪ هلڪو خوف ۽ پريشاني اسان جي چهرن تي واضع نظر اچي ٿو.

اشتياق پڇي ٿو تہ هاڻي ڇا ڪيون؟

بيهجي رهجي، پوئتي هلجي يا ائين اڳتي هلندو هلجي؟

سائين واڳ اوهان جي وس آهي جيئن مناسب سمجهو؟

هو منهنجي اکين ۾ ڏسي ٿو شايد ڪا هلڪي پريشاني محسوس ڪري ٿو. چڱو اڳتي وڌڻ ئي بهتر آهي پوءِ ڏٺو ويندو باقي بيهڻ جو مطلب تہ ڦاسڻ آهي پوءِ تہ گاڏي بہ ڇڏڻي پوندي ۽ پوءِ جبل جي ڪڙ وٺي سيوهڻ هلي سگهبو. بارش بجاءِ گهٽجڻ جي تيز ٿيندي پئي وڃي ۽ هاڻي تہ بالٽيون نہ بلڪ ڊرم پري ڪير ڄڻ هاري رهيو هجي. جبل تي آبشار وڏي اٿل ڪائي هڪ وڏي اچي پٽي يا وهڪرو ٺاهي رهيا آهن ۽ اسين ڪوشش ڪيون ٿا تہ انهن کي ڪئميرا جي اک ۾ محفوظ ڪيون.

مان ڊرائيونگ ٿو ڪيان تون ڪوشش ڪر تہ ڪو بہ آبشار ڪئميرا جي اک ۾ محفوظ ٿيڻ کان بچي نہ وڃي. هي منظر وري ڏسڻ لاءِ ڪڏهن نہ ملندو. آءٌ سوچيان پيو تہ هي اهو اشتياق جاڪوڙي آهي جيڪو زندگيءَ جي الائي ڪيترن ڏکين مشڪلاتن مان لنگهي پار پيو آهي سو هن مشڪلات مان بہ ڪدي سيوهڻ تائين پڄائيندو. اشتياق جو سڄو زور ان تي آهي تہ فوٽو ڪيندو وڃ ۽ منهنجو زور ان تي تہ تون هلندو هل نہ تہ سيوهڻ تائين پهچڻ ناممڪن ٿي ويندو. سنڌو ۽ لڪي آبشارن جو پاڻي پاڻ ۾ ملي صلاح ڪري انڊس هاءِ وي کي ڪيترن ئي هنڌن تان لڪائي ڇڏيو آهي. بارش اڃان بہ تيز ٿي رهي آهي. ايڏي برسات جو شايد اڳ ڪڏهن اسان پوندي نہ ڏٺي جيڪا هن لڪي جبل جي 20 ڪلوميٽرن جي ٽڪري تي پئجي رهي آهي. اوچتو هڪ ٽرڪ بلڪل سامهون اچي وئي اشتياق انتهائي خبرداري سان گاڏيءَ کي موڙيو ۽ حادثي کان بچي وياسون. هاڻي تہ سخت بارش سبب آبشار تہ اڃان بہ تيز وهي رهيا آهن پر اسان کي نظر نہ اچي رهيا آهن. آهستي آهستي هلندي هلندي لعل باغ سامهون پهتاسين جتي روڊ مٿي هيو ۽ سامهون سيوهڻ شهر هيو. سيوهڻ پهچي هڪ ٻئي ڏي گهوري رهيا هئاسين ۽ هڪ پمپ تي بيهي لڪيءَ طرف نهاري رهيا هئاسين. هي منظر هي سفر زندگي ڀر ياد رهندو ڪاش ان وقت ڪامووي ڪئميرا هجي ها. تہ سموري دنيا کي لڪي تي وهندڙ سوين آبشارن جو پتو پئجي سگهي ها. مون چيو سائين لعل بچايو نہ تہ وڃون ها مري. اشتياق کلي ڏنو. قاسم آباد سحرش نگر وٽان سنڌوءَ جو ڪاپو بند ٽٽڻ واري خطري سبب ڪيئي خاندان قاسم آباد حسين





آباد لطيف آباد، حيدرآباد ۽ ٻين هنڌن تان امڪاني خطري سبب گهر خالي ڪري ويا هيا. اشتياق انصاري بہ ڪي چار ڏينهن اڳ پنهنجا ٻار وٺي پنهنجي ڀاءُ اسحاق انصاري ڏي هليو ويو ۽ فيملي اتي ڪراچي ڇڏي اڄ صبح اتان دادوءَ لاءِ روانو ٿيو آهي جتي سندس پوسٽنگ آهي. آءُ بہ ڪجھ ڏينهن موڪل تي دادو گهر پيو وڃان رات ئي اشتياق سان ڄامشورو ۾ سنڌالاجي ۾ ملڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. صبح جو مان فيلڊ مان روانو ٿي ڄامشورو ڦاٽڪ پهتس تہ اشتياق فون ڪئي تہ هو سنڌ الاجي ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. گڏجي دادوءَ لاءِ روانا ٿياسين. ڇا تہ دردناڪ منظر هيا سنڌ الاجي ڪان وٺي ڄامشورو پاور هائوس جي گيٽ تائين هزارين متاثرين روڊ جي ٻنهي پاسن انهي ٻن ڪلوميٽرن جي ٽڪري ۾ بي يارومددگار ويٺل نظر آيا معصوم ابهم ٻارڙا ڪي تہ واقعي نوان ڄاول ڄامشوري جي پٿريلي زمين تي ليٽڙيون پائي رهيا هئا يا ڪرڙيون هٽي رهيا هئا نہ پاڻي نہ کير نہ دوا نہ ڪو اوهي نہ واهي نہ سامان نہ سڙو نہ ڏوڪڙ نہ پئسو نہ ڪپڙو نہ لٽو، نہ ڇت نہ ڇپر يا الله هي ڇا؟ هيڏو ڪيس ۽ ڪلور آخر ڪهڙو هنن جو ڏوهہ؟ سامهون ڄامشوري سوسائٽي ڏي نظر ڦيرايم هزارين گهر پر سڀ بي خبر ۽ لاتعلق ڪالهہ ئي سوسائٽي ڀرسان ٽول پلازه ويجهو هڪ نوجوان ٻک وگهي مري ويو اڄ هنن وٽ ڪير بہ نہ ٿو اچي ڪيڏانهن ويا سنڌ جا جوڌا هوشو هيمو، دولهہ درياهہ خان، جيڪي هر قومي ڪم ۾ اڳڀرا هوندا هئا. شاگرد نڪري پوندا هئا پر اڄ ڪير بہ ويجهو نہ ٿو اچي هي ڇا ٿي ويو آهي سنڌي سوسائٽي کي. ايل ايم سي ۾ ڪيترا ڊاڪٽر ڪيترا وارڊ آهن ڪيتريون دوائون آهن پر هنن لاءِ ڪجھ بہ نہ آهي. ڪير آهي صحت جو وزير؟ ڪير آهي سنڌ جو وزيراعليٰ ۽ هي متاثرين ڪير آهن؟ ڄامشورو پاور هائوس ڀرسان ڪي جهوپڙيون نظر اچن ٿيون جيڪو تازو ئي ڪن متاثرين اتي موجود ديوين کي ڪٽي ٺاهيون آهن جيڪي قديم غارن واري دور جي جهلڪ پيش ڪن ٿيون. هي تہ شهر آهي ويجهو حيدرآباد آهي ڪراچي آهي، ايل ايم سي آهي سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽيون آهن هتي اهي منظر، مايوس ئي ڪن ٿا.

سنڌي صنعتڪار جبار ميمڻ چوي پيو تہ فورن چونڊيل نمائنده پنهنجا فنڊ ٻوڏ متاثرين کي ڏين. هن چيو تہ پيپلز ورڪس پروگرام جا پئسا بہ ملندا آهن سي بہ اربين رپيا ٻوڏ متاثرين کي ڏنا وڃن. صوبو پنهنجا پئسا وفاق کان وٺي جيڪي مختلف مد ۾ ان ڏي رهيل آهن سي بہ ٻوڏ متاثرين تي خرچ ڪيا وڃن. هن ٻڌايو تہ سنڌ ۾ 35 ارب رپيا فقط لائيو اسٽاڪ جو نقصان ٿيو آهي.

بئريسٽر ضمير گهمرو چوي ٿو تہ 20/25 سيڪڙو سنڌي مڊل ڪلاس اڳتي اچي. هن ٻڌايو تہ انڊس رائٽ بئنڪ تي ڪشمور کان ڪيٽي تائين هڪ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ متاثرين جون فوري ضرورتون پوريون ڪيون وڃن.

جبار ميمڻ وڌيڪ چوي ٿو تہ سنڌ سرڪار قرض وٺي 20 هزار سوزوڪيون

خريد ڪري روزگار واسطي ڀوڏ متاثرين ۾ آسان قسطن تي ورهايون وڃن. اسٽيل مل ڪان سنڌ حڪومت پنهنجي زمين واپس وٺي متاثرين ۾ ورهائي يا اسٽيل مل جي سهڪار سان متاثرين لاءِ هفتي جي ٽريننگ جو پروگرام شروع ڪري جنهن ۾ ويلڊنگ سيڪارڻ ڪان وٺي ٻيا هنر شامل هجن ته جيئن متاثرين پنهنجو روزگار پاڻ ڪري سگهن. ڪي ٻه لک ماڻهو تيار ڪجن ته جيئن اهي پنهنجو روزگار پاڻ ڳولي سگهن. هن چيو ته هينئر نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪٿي به نظر نه ٿي اچي.

اڪثر متاثرين اهو ٻڌائي رهيا آهن 5/6 ڏينهن ڪان هت اسان وٽ ڪير به نه آيو فقط اوهان صحافي ئي آيا آهيو.

- اڄ لاڙ ٻڏي رهيو آهي. هي اهي ماڻهو پيا ٻڏن جن سان آءٌ ساندهه ڪي چار سال گڏ رهيس انهن ڪي پرڪيم ۽ انهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيس. ٽنڊي محمد خان، ملاڪاتيار، سعيد پور ٽڪر، ماتلي، شاهه ڪريم بلڙي، ٻٺورو، جهوڪ شريف، جاتي، سجاول، چوهڙ جمالي، ٺٽو، ڪور واهه، گولاڙچي، ٻارڻ ۽ بدين. انهن سڀني علائقن ۾ سخت سردين ۽ ڪاڙهن ۾ آءٌ ساڻن گڏ رهيس ۽ سموري علائقي ۾ پنهنجي نوڪريءَ جي حوالي سان ذميواريون نڀائيندو رهيس. هي سڄو علائقو منهنجي آپريشنل ايريا جو حصو رهيو آهي. سادا ماڻهو آهن، پرڪين وقت جي وير ڏڪي (بلڪ ڪين سادگيءَ) پوئتي ڪري ڇڏيو آهي. سندن زمينن جا مالڪ اڄ ٻيا آهن ۽ هي هزارين ساده لاڙي انهن وٽ نوڪر ۽ غلام بڻجي ويا آهن.



# هي ڳالهه آهي زماني جي ٿنهنجي نه!

سنڌ ۽ پاڪستان ۾ چونڊن جو پنهنجو هڪ الڳ جهان آهي. سنڌ ۾ چونڊن ڪان اڳ رئيس مير، پير، وڏيرا (شهري توڙي ٻهراڙيءَ جا) ڪي ڇهه مهينا اڳ تياريون شروع ڪري ڏيندا آهن. ڪي 1000 ڪان وڏيڪ ڪردار ڏينهن رات هڪ پوتار ڪي ڪٽرائڻ لاءِ پنهنجا سڀ ڪم، گهر، زمينون، ٻار، ٻچا، ڇڏي پاڻ ڪي وقف ڪري ڇڏيندا آهن. ڪي ووٽر لسٽن جي هيرا ڦيري ۾ ته ڪي ماڻهن ڪي ڌمڪائڻ، ڪي لالچون ڏيڻ، ڪي ڌڙابندي ڪرڻ، ڪي خلق خداجي ٻڌڇوڙ ڪرائڻ، ڪي خودساخته چوري، اغوا ۽ قتل جون وارداتون ڪرائڻ، ڪي تڪ جي سڪين ستابن ماڻهن ۽ اقليتن ڪان زبردستي رقم وٺڻ يا پتا خوري واري ڪم ۾ جنبي ويندا آهن ۽ پوتار پاڻ اليڪشن جا خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ بئنڪن ڪان قرض وٺڻ، علائقي جي اقليتن ڪان وياج ڪٽڻ ڪنهن ڪي اليڪشن ڪٽڻ ڪان پوءِ نوڪري، پرمٽ، پلاٽ، زمين، ٺيڪا ۽ ٻيون سهولتون ڏيڻ جا وچن واعدا ۽ اقرار ڪري اليڪشن ۾ خرچ ايندڙ گهربل رقم به حاصل ڪريو وڃن. اهڙي طرح ڪي ڇهه مهينا سڄي سنڌ ۽ ملڪ اهو تماشو پنهنجين اکين سان ڏسندي رهندي آهي. اليڪشن ورڪ ۾ ڪم ڪندڙ ڪي هزار ڪان وڌيڪ ڪردار ۽ "واٺا" ۽ وري انهن جي به واٺن لاءِ ماني، پاڻي، گاڏي ۽ جيب (ڪيسي) خرچي جو پڻ پوتار جوڳو بندوبست ڪندو آهي. اليڪشن ويجهي اچڻ تائين سوين بسن جي لاءِ اڳواٽ ائڊوانس ڏيئي ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي بڪ ڪرائي ڇڏبو آهي، تڪ ۾ ڪي سئو ڪن ڪئمپون لڳي ويندي ون آهن جن ۾ ڪرسيون، ٽيبلون، پوسٽر لائوڊ اسپيڪر رکيا ۽ لڳايا ويندا آهن. پوءِ شروع ٿيندي آهي. جئي جئي، جيڪو فلاڻي جو يار آ غدار آ، غدار آ، جيئي سائين قاضي الله راضي، ڏسندي ڏسندي سڄو ملڪ اليڪشن مهم حوالي ٿيو وڃي ۽ پوءِ اليڪشن وارو ڏينهن به اچي وڃي. هڪڙا ڪامياب ته ٻيا ناڪام، ڪرندڙ اميدوار جا ته ڪي هڪ ڪروڙ ڪان 5 ڪروڙ ته ان جوا جي نظر ٿي ويندا آهن. پر هن ڀيري سنڌ م محترمه جي شهادت ڪان پوءِ چونڊجي آيل حڪمران ڌر جي ميمبرن ڪي اهڙيون ڏکيائون ڏسڻيون نه پيون ۽

سنڌن جا ڪروڙين رپيا بچي ويا ۽ مفت ۾ ميمبر ٿي ويا. اليڪشن وڙهڻ مهل ته نه سنڌن حڪومت هوندي آهي ۽ نه ڪي ٻيون سهولتون پر ان جي باوجود به هو هي هيڏو وڏو شو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن ۽ سوين هزارين ماڻهو هٿ ڪري وٺندا آهن. پر هن ڀيري ٽوڙي جي ٽٽڻ کان پوءِ انهن پوٽارن ڪي کهڙي نانگ سنگهيو يا ڪنهن روڪيو؟ آمريڪا، وفاقي سرڪار، ايم ڪيو ايم، پ پ پ حڪومت يا دنيا ۾ موجود ڪنهن وڏي پير، مرشد ۽ وليءَ؟ جواب آهي ته ڪين ڪنهن به نه روڪيو. ووٽر بيوقوف ۽ نمائنده واقعي چالاڪ هوندا آهن اهو ئي سبب آهي جو هزارين ماڻهو ڪين ووٽ ڏين ۽ چونڊجي هڪڙو اچي. ڇا اهو ڪو معمولي ڪردار ٿي سگهي ٿو؟ جواب آهي ته اهو شخص واقعي غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي تڪ جي لکين ماڻهن جي منهن ۾ ڌوڙ ۽ اکين ۾ مرچ وجهي يا پٽيون ٻڌي يا ٽوٽا، ڦيٽا، سڳا ڪري ڪانئن اڳتي نڪري وڃي ٿو ۽ پوءِ "ڪم لٿو ڏکڻ وسريو" ۽ ان جو نتيجو ۽ ثبوت اوهان ٽوڙي ٽٽڻ کان پوءِ ڏٺو. ڏسي رهيا آهيو ۽ ڏسندا ئي رهندا. شهري وڏيرا ته پنهنجن لاءِ گهڻو ڪجھ ڪندا آهن. پر اسان جي رورل وڏيرن ڇا ڪيو؟ ڪشمور، شڪارپور، جيڪب آباد، قمبر -شهدادڪوٽ، دادو، حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٺٽو، مٽياري، نوابشاهه، نوشهروفيروز، خيرپور سکر، گهوٽڪي ۽ ٻين ضلعن ۾ اسان ڇا ڏٺو؟ سنڌ واسيو اهي منظر نه وسارجو ۽ پنهنجن ئي چونڊيل نمائندن پاران مصيبت کان اڳ مصيبت وقت ۽ مصيبت کان پوءِ ڪا واهر نه ڪرڻ واري داتهن ٻيو ڪنهن ڪي نه ته خدا ڪي ضرور ڏجو!

هي مـنهن ڏيئـي ٻـن تـون وهـه ڪـائي نـه مـرين
توسـين مليـر جـايون ڪـڏهن سـنگ نـه ڪـن
تـون ڪـيئن منجهـان تـن، پـاڻ ڪـوٺـائين مـارئي.
(شاهه)





# دادوءَ ۾ دنگل

ٽوڙي کان هلندڙ پاڻيءَ ڪشمور، شڪارپور، جيڪب آباد، قمبر- شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ لکين ماڻهن سان ڪيترائي ڪيڏ ڪيڏي دادوءَ ۾ اچي آخري دنگل شروع ڪيو آهي. ٽوڙيءَ مان ته پاڻي مذڪوره ڇاڻايل ضلعا ٻوڙيندو اڳتي هلندو رهيو پر هاڻي دادوءَ ۾ ڪيس درياهه ۽ منڇر ۾ چاڙهه سبب ڪيس ڪو به گس نه آهي ۽ سمورو ضلعو ان پاڻيءَ آڏو هڪ ڊيم مثل آهي جنهن جي اولهه ۾ ڪير ٿر جو فطري بند، اوڀر ۾ ايف پي بند ۽ ايم اين وي ڊي ڏکڻ ۾ ايف پي بند جو ڪجھ حصو ۽ منڇر ڪيٽنگ بند ۽ سنڌوءَ جو ساڄو بند آهي فقط هڪ پاسو اُتريون ڪليل آهي جنهن ذريعي هن ڊيم ۾ موتمار پاڻيءَ مسلسل داخل ٿي رهيو آهي ۽ ڪيس ٻاهر نڪرڻ جو ڪو به رستو نه آهي. اهڙي صورتحال ڪي نظر ۾ رکندي ڪي باخبر ماڻهو ته ڪافي ڏينهن اڳ سموري ضلعي مان لکن جي تعداد ۾ لڏ پلاڻ ڪري حيدرآباد ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين محفوظ علائقن ڏانهن روانا ٿي ويا آهن. هن دنگل جو اختتام ڪٽي ٿيندو تنهن بابت سوچڻ سان ئي لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. جي درياهه جي پاڻيءَ منڇر ڪي پاڻ ۾ ملڻ جي اجازت ڏني ته ٺيڪ! نه ته ڪير ٿر کان وٺي سنڌوءَ جي ساڄي بند تائين هيءَ ضلعو هن موتمار پاڻيءَ ۾ ڇپپاٽجي هڪ وڏي سانحي جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

- **دادوءَ جي حدن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ کان پوءِ جا منظر**

دادو جو هي روڊ تي چنڊڻ ايم اين وي ڊي پل تان ٽوڙي وارو پاڻي دادو جي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ الهندي ناري ذريعي منڇر ۾ وهي رهيو آهي. اهو منظر ڏسڻ لاءِ دادو جوهي کان سوين ماڻهو چنڊڻ پل تي گڏ ٿيا آهن. لڏ پلاڻ شروع ٿي ويئي آهي. دادو مان بسن، ٽرڪن، ٽرالين ۽ ٻين گاڏين ذريعي ماڻهو جو هي طرف وڃي رهيا آهن. هو ٻڌائن ٿا ته اسين ڪاڇي ۽ ڪير ٿر ٿا وڃون. اهڙن هنڌن تي جت پاڻي جي پهچ نه هجي. ٻئي پاسي جو هي مان اينڊز ڪي گاڏيون دادوءَ طرف روانيو آهن.

**جوهي شهر ۾**

اڄ منجهند جو مختيارڪار جوهي پاران شهر ۾ لائوڊ اسپيڪر ذريعي شهرين ڪي 24 ڪلاڪن ۾ شهر خالي ڪرڻ جي وارننگ ڏني وئي. شهر مان وڏي پيماني

افراتفري ۽ خوف واري ماحول ۾ لڏ پلاڻ ۽ ڀاڄ ٿي رهي آهي. آءٌ جڏهن جوهي شهر ٻاهران اولهه ۾ جوهي واهي کي ملائيندڙ رستي ۾ ايف پي بند تي پل وٽ بيهي لڏ پلاڻ ۽ ڀاڄ جا اهي منظر ڏسي رهيو هوس ته سخت صدمو رسيو ته ماڻهو پنهنجن گهرن جون چٽيون پٽي سمورو سامان ساڻ ڪري واهي روڊ سان ڪيرٿر جي ويجهو وارن ڳوٺن ۽ علائقن ۾ وڃي رهيا هئا. ائين لڳي رهيو هو جو ڄڻ اسين پٿر جي دور مان جيڪو سفر شروع ڪيو ۽ 5000 سال اڳ موهن تهذيب جا وارث ٿياسون ۽ ان بعد 5000 سال هن ئي ڌڪايل ماتريءَ ۾ گذاريا هاڻي وري ڀيهر اسين پٿر جي دور يا جبلن ۾ وڃي رهيا آهيون. هي ڇا؟ هن جو ذميوار ڪير؟ خدا يا اسان جا پنهنجا چونڊيل نمائنده، ماهر يا ٻي ڪا مخلوق؟

## جوهي ڀان روڊ تي ڪمال خان موري وٽ

جوهي کان ڪمال خان موري تائين لڏ پلاڻ جا اهي ساڳيا منظر. هڪڙا جوهي مان ڀان رستي سامان ڪٽي گاڏين تي ڀان روڊ تي وڃي رهيا هيا ته ٻيا وري جوهي روڊ تان جوهي شهر طرف اچي رهيا هيا ۽ اتان ڪاڇي طرف. ڪا به سرڪاري واهر يا مدد نظر نه پئي اچي. ڪمال خان موري ويجهو ڏڪڻ ۾ ايم اين وي ڊي ڊرين کي اولهه ۾ جوهي طرف به وڏا گهارا لڳي چڪا هيا. ٿورو دير اڳ ۽ هينئر اسين اهي گهارا ايم اين وي ڊي جي ساڄي بند تان ڳوٺ صالح جمالي ۽ ڇپر جمالي وٽان ڏسي رهيا آهيون. ايم اين وي ڊي جو پاڻي بجاءِ منڇر ۾ وڃڻ جي ٻنهي گهارن ذريعي تيزيءَ سان جوهي طرف وهي رهيو آهي. جوهي لاءِ خطرو نظر اچي رهيو آهي. ڪير گهارن کي ٻڌندو؟

- سنڌ ٽي وي تي وزيراعظم گيلاني ٻڌائي پيو ته عالمي اداره سڌيءَ ريت پاڪستان کي امداد نه ڏيندا، اها پنهنجي اين جي اوز جي معرفت ڏيندا جيڪي اڌ کائيندا ۽ اڌ ورهائيندا. وزيراعظم سچ چيو يا ڪوڙ سو وقت ٻڌائيندو.
- ٺٽي ضلعي جي هڪ ڪئمپ ۾ عورت ٻڌائي ٿي ته ”ڪا شيءِ نه بچي سڀ درياهه ڪٽي ويو. اڳ ابا چار ڀوڏون ڏٺم اهي خطرناڪ نه هيون هاڻي ته اسان کي درياهه ڪڍي ٻاهر ڪري ڇڏيو.
- ڪئمپن ۾ سنڌ اندر ماڻهن کي مرندي ميڊيا ڏيکاري رهي آهي.

ڪيڏانهن ويا سنڌي ڊاڪٽر ۽ انهن وٽ رکيل وڏي تعداد ۾ سيمپل، هي ته سڀ متاثرين سندن مريض آهن جي بچيا ته سندن روزگار رهندو جي مئا ته پوءِ ڪين ڪير فيس ڏيندو جنهن مان محل ماڙيون ٺاهيندا. ڇا اهي مسيحا نه آهن؟ جي هجن ها ته پوءِ پنهنجي پرسان روڊ رستي پاڙي ڳوٺ شهر ۾ خلق خدا کي ائين تڙپندي مرندي نه ڇڏين ها.

سنڌ جو صحت کاتو ڪنهن جي ماتحت آهي؟ ڪير ان جو وزير آهي؟ ڇاپيو





ڪري؟ ڪنهن جي حڪم ۽ اشاري تي پيو هلي؟ ڇو نه ٿو ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪري؟ ڇو وڏو وزير خاموش آهي صحت جي وزير آڏو؟ هزارين بلڪ لکين متاثرين مريضن کي ڇو نه ٿو ڄامشورو ايل ايم يو شفٽ ڪيو وڃي؟ ڇو ڪجهه وارڊ سندن لاءِ مخصوص نه پيا ڪيا وڃن؟ ڇو ڪين ائين ننڌڻڪو ڇڏيو ويو آهي؟ انهن سوالن جا جواب ڪير ڏيندو؟ شايد وقت ٻڌائيندو ته اتحاد ۽ سياسي مفاهمت جي نالي ۾ متاثرين سان ڪهڙا ڪلور ٿيا. ڪاش سگا سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جي متحرڪ هجي ها ته به ڪجهه نه ڪجهه ڪري وٺي ها. ڪيڏانهن ڊاڪٽر سليمان شيخ ويو. عبدالستار ايڌي ڪٿي آهي.؟ آغا خان جون اسپتالون ڇاپيون ڪن؟ هي وڏو سانحو آهي سيني کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. انسانيت جي ناتي ئي.

- ڪئمپن ۾ لکين ماڻهو پهچي چڪا آهن ۽ ڪرب واري زندگي گهاري رهيا آهن. سڄي سنڌ سڪتي ۾ آهي سڀ نفسياتي ۽ ذهني مريض پيا نظر اچن جيڪي متاثر ٿيا اهي ۽ جيڪي ڪجهه بچيا سي به. ها ڪي چند آهن سنڌ م ڪي متاثرين ۽ ٻيا جن پنهنجو حوصلو قائم رکيو آهي ۽ حالتن جو مڙس ٿي مقابلو ڪري رهيا آهن. ميڊيا جو هڪ مخصوص ۽ روايتي ٽولو، ڪجهه انسان دشمن سياستدان ۽ ليڊر جيڪي هن ڏکي مهل تي به متاثرين کي طعنا ۽ مهڻا ڏين ٿا ۽ انسانيت بجاءِ ٻولي، گروهن، قبيلن، قومن، ذاتين ۽ علائقن ۾ ورهائين ٿا ۽ انهن جي بحالي ۾ سياست ۽ مذهب جي نالي ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا. ڇا اهي چرين ، پاڳلن، ذهني ۽ نفسياتي مريضن کان گهٽ آهن؟ شايد سيني کان وڏا متاثرين هجن جن کي قدرت ۽ فطرت انڌو ۽ پاڳل بڻائي ڇڏيو آهي. ها اهي مخصوص ميڊيا ئي گروپ، سياستدان ۽ مذهبي ملا هڪ ئي ڳالهه هئا، آهن ۽ رهندا.

هئا اڳي ئي گڏ ٻڌڻ ۾ به ٿيا.

*(شاهه)*

- هڪ ڪروڙ کان مٿي متاثر ٿيندڙ هن خلق خدا جي لکين ٻارن جي مستقبل ۽ تعليم جو ڇا ٿيندو آهي؟ ڪو سوچي. اسڪول ته ڊهي ويا ۽ ٻار ڪئمپن حوالي آهن ڪير سندن تعليم جاري رکڻ ۾ مدد ڪري يا منصوبابندي ڪري. ڏسون ڪير ٿو ڪري.
- خدا جي گهر مسجدن مان لائوڊ اسپيڪرن تي ملن جي ڌم لڳل آهي ته متاثرين تي خدا جو قهر ۽ ڏمر نازل ٿيو آهي. نماز نه پڙهندا هئا، روزا نه رکندا هئا، زڪوات نه ڏيندا هئا. حج نه ڪندا هئا وغيره وغيره. هن ڏکي ۽ مصيبت واري گهڙيءَ ۾ بجاءِ متاثرين جي لاءِ امداد ڪنو ڪرڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ جي اهي دشمن جا ماڻهو يا ايجنٽ بڻجي اهڙي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن سو به مفت ۾. هي ٻوڏ انهن کي به لوڙهي ۽ ناس ڪري ويندي. اهي ملا هيا جن هن سرزمين تي ڪشميرين، بوسنيا وارن، فلسطينين ۽ افغانين لاءِ ڪلون ۽ چندا گڏ ڪيا پوءِ اڄ انهن کي ڇا ٿي ويو آهي؟

۽ سچ پچ هن ٻوڏ ۾ متاثر ٿيندڙ لکين ماڻهو سيني کان پنهنجا حساب ڪتاب چڪتو ڪندا. ڏچو ان ڏينهن کان.

- الطاف لنڊن مان ويهي چوي پيو ته وڏيرن جي گهرن ۽ محلن تي قبضا ڪريو ته جيئن هڪ سول وار سنڌ ۾ ٿئي سو به ڪراچيءَ کانسواءِ باقي سنڌ ۾ جنم وٺي ۽ متاثرين وڌيڪ اهنجن ۾ هليا وڃن. جيڪا ساهه جي تند بچيل اٿن سا به جلد ٽٽي پوي. دنيا ۾ اهڙو ڪو مثال ملي ٿو ته ڪو ليڊر هن مصيبت واري گهڙيءَ ۾ بجاءِ متاثرين جي مدد ۽ بحاليءَ جي خانه جنگي واريون ڳالهيون ڪري؟ ڇا وڏيرا شهري نه ٿيندا آهن ڇا دهستگردن وٽ محل ۽ ماڙيون ۽ خزانه نه آهن؟ انهن جو ذڪر پوءِ ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟ هي چالاڪي هرڪو سمجهي ٿو. ڪن مخصوص ڌرين پاران واويلا ڪئي پئي وڃي ان آڙ ۾ ته سموري سنڌ مان پنهنجي ئي گاديءَ واري شهر ۾ ايندڙ متاثرين کي روڪيو وڃي ڇو ته انهن جي اچڻ سان ڪراچيءَ جو ماحول خراب ٿيندو ۽ ڏوهه وڌندو. هڪ مخصوص ميڊيائي گروپ انهن جي سُر ۾ سرملائي رهيو آهي. اهڙي گندي سوچ رکندڙ لاءِ عرض آهي ته هي متاثر ٿيندڙ مخلوق ۽ ان ۾ شامل ڪجهه ماڻهو واقع ڌاڪو يا ڌاڙيل ۽ چور ٿي سگهن ٿا پر ايڏا خطرناڪ نه جهڙا ڪراچيءَ شهر ۾ هزارن جي تعداد ۾ اڳي موجود آهن جيڪي جيئري ماڻهوءَ جي کل لاهي ڪيس ٻورين ۾ بند ڪري لاش گهٽين ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندا آهن. هي ته فقط پروپيگنڊا آهي ته جيئن هن ڌرتيءَ جا اصل وارن پنهنجي ئي وڃايل شهر ۾ نه وڃن ڇو ته قبضا گير هميشه اصل مالڪ کان خوفزده هوندو آهي. باقي ٻيا پلي هزارين اچن. اهو سموري دنيا ۾ هڪ طئه ٿيل اصول آهي ۽ قبضا گيرن جو خوف ته متان مالڪ پنهنجو حق گهري يا ڇني نه وٺي.

- هي ان سانحي جيترو ئي وڏو سانحو آهي جيڪو ٻوڏ متاثرين سان ٿيو آهي. ته پاڪستان ۾ 20 کان وڌيڪ مذهبي چئنل ڪيبل تي هلي رهيا آهن پر افسوس جو اجان تائين ڪنهن هڪ چئنل تائين به اها سُڌ نه پئي آهي ته ڪي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو ڏک ۽ تڪليف ۾ آهن. ڇا مذهب انسان لاءِ نه هوندو آهي يا هي چئنل ماڻهن جي لاءِ نه آهن. انهن مذهبي چئنلن جي اڻ ڇاڻائي تي سواءِ ڪل جي ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي؟

- 1947ع ۾ لکن جي تعداد ۾ هندستان مان پناهگير سنڌ پهتا ته سنڌ واسين نه فقط انهن کي ڪارايو، آڌر ڀاءُ ڪيو، پنهنجا گهر، بنگلا، محل ماڙيون، زمينون، نوڪريون ۽ شهر حوالي ڪيا پر انهن جا ناجائز انگل به برداشت ڪيا. ٿيڻ ته ائين گهر جي ها ته هو سنڌين تي آيل هن مصيبت جي گهڙيءَ ۾ موٽ ۾ متاثرين جي سڀ کان وڌيڪ مدد ۽ سهائتا ڪن ها پر افسوس جو ان جي الٽ ٿيو يعني ڪين طعنه مهڻا، ڪراچي اچڻ کان روڪڻ ڪين بيمار، ڌاڙيل ۽ ڌاريا سمجهيو ويو ۽ ڪين ڌڪاريو ويو. ڪئمپن ۾ پاڻي بند ڪيو ويو. مئلن کي غسل لاءِ پاڻي نه پيو ملي عيد موقعي تي ماڻهن کي وهنجڻ لاءِ پاڻي نه پيو ملي. ڇا هي سنڌين کي مهمانوازيءَ جي تاريخ وڏي سزا ڏني آهي ڇا؟





حيدرآباد تعلقي جي ڀهراڙيءَ مولان ۾ قائم هڪ ڪئمپ ۾ ترسيل ٻوڏ متاثر عورت مائي بيگم ٻڌائي ٿي ته دڙي مان پيرين پنڌ اگهاڙي مٽي پڳاسين اسان کي پاڻي پڳو پوءِ وٺي پڳاسين. چئي ٿي ته اسين هٿ ٻيوس ٿي پهتا آهيون ڪو شوق سان ڪو نه آيا آهيون. انسانيت جي دشمنن لاءِ مائي بيگم جو اهو جملو ئي ڪافي آهي جيڪي ٻوڏ متاثرين جي امداد، بحالي ۽ آبادڪاريءَ ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا آهن.

- قاضي علي به اڄ ڪراچي جي هڪ ڪئمپ ۾ ٻارن ۾ رانديڪا ورهايا. ڪي ٽي اين تي ان جا فوٽيج هلي رهيا آهن. حيدرآباد جي هڪ ڪئمپ ۾ سحر رضويءَ سان گڏ ڪراچيءَ مان آيل هڪ نينگريءَ به ڪوڙ سارا رانديڪا ورهايا. ڪيڏا نه ٻار خوش نظر اچي رهيا هئا انهن ٻنهي ڪئمپن ۾. ڀلا ڪن پل لاءِ ئي خوشي ته ڪين ملي.

- قيصر بنگالي ڪي ٽي اين تي ٻڌائي پيو ته ٽوڙي وارو ايندڙ پاڻي دادوءَ ۾ داخل ٿيندو پر اهو دادو شهر ۾ داخل نه ٿيندو. وري هو چوي ٿو ته جيڪڏهن درياهه جي ليول جلد گهٽ نه ٿي ۽ منڇر ان ۾ چوڙ نه ڪيو ته پوءِ خطرا وڌي سگهن ٿا. عجيب منجهيل بيان آهي. هاڻي ماڻهو ڇا سمجهن اهڙي ڏکي صورتحال ۾؟

ڪي ٽي اين نيوز الرٽ ۾ خبر بريڪ ڪئي ته ٽوڙي بند وارو گهارو ٻڌڻ لاءِ ڪم شروع ٿي ويو، هي ٻوڏ متاثر علائقن جي ماڻهن لاءِ آٿت واري خبر آهي.

- قاضي علي ڪي ٽي اين تي چوي پيو ته سنڌ ۾ صحت کاتي ۽ اريگيشن کاتي جي ڪارڪردگي مايوس ڪندڙ آهي. هاڻي جي 100 کان وڌيڪ ٻارڙا گيسٽرو ۾ مرن ٿا ۽ سنڌ صحت کاتو چوي ته اسان ڪوششون نه ورتون ها ته 1000 مرن ها ۽ ٽوڙي جي گهاري ۽ نٽي ۾ لڳل گهارن سبب جيڪا تباهي ٿي آهي تنهن بابت آبپاشي کاتو جي چوي ته اسان ڪوششون نه ڪيون ها ته 100 کان وڌيڪ گهارا لڳن ها. هاڻي ڪير هنن سان مقابلو ڪري. سنڌ کي درياهه ڪو نه ٻوڙيو آهي بلڪ ادارن جي ناقص ڪارڪردگي ٻوڙيو آهي. ڪي ٽي اين تي قاضي علي چوي پيو ته سنڌ ۾ ڪيترائي ڪردار اُڀري نروار ٿيا آهن جن بغير ڪنهن لالچ لوڀ ۽ ميڊيا ۾ اچڻ جي شوق کان بالاتر ٿي پاڻ ملهايو ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. جن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جا به نوجوان جبار ملاح ۽ جبار ڪانڌڙو به آهن جن گهارن بند ڪرڻ ۽ ڳوٺ کي بچائڻ واسطي پنهنجون جانيون قربان ڪيون آءٌ انهن کي سلام پيش ڪيان ٿو ۽ انهن ماڻهن کي به جن اجان تائين پنهنجن پيارن کي بند ۾ دفن ٿيڻ کي ترجيح ڏني. ڇو ته جي انهن جا لاش ڪڍجن ٿا ته وري گهارو پئجي ڳوٺ ٻوڙي سگهي ٿو. انهن جون قربانيون نه وسارڻ جوڳيون آهن جن پنهنجي جيجل ماءُ سنڌ سان وفاداري ڪندي راتيون جاڳي سنڌ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. هي هيرو آهن سنڌ انهن کي هزارين سالن تائين ياد ڪندي.

- قاضي علي چوي پيو ته سڄي ٻوڏ ۾ آبپاشي کاتو ڪٿي به نظر نه آيو. ڪٽ ڏيارڻ اريگيشن جو ڪم هيو. ڊي سي او يا پوتارن جو نه. پوتارن درياهه کي ائين

ڪٽ ڏنا جيئن ڪنهن واٽر ڪورسن ڪي ڏاڍ جي زور تي ڏيندا آهن پنهنجون زمينون اباد ڪرڻ لاءِ ۽ غريبن جو زمينون تباهه ڪرڻ لاءِ. هي ته درياهه هو هن ڪي ڪٽ ڏيئي هنن سموري سنڌ ٻوڙائي ڇڏي.

- هڪ عورت مڪلي قبرستان مان ٻڌائي پئي ته هت جيڪي ٻه لکين ماڻهو موجود آهن سي اڌ مرٽينگ آهن. نه جيئرا آهن نه مئل آهن. جي هڪ ماڻهوءَ جي قتل جي سزا ڦاهي آهي ته پوءِ لکين ماڻهن کي ٻوڙيندڙن ۽ ماريندڙن جي ڪهڙي سزا؟ هو سوال ڪري ٿو؟
- قاضي علي چوي پيو ته سسئي پليجو هاڻي ٿي چوي ته منهنجي سرڪار نه ٻڌي ته پوءِ وڃي ماڻهن سان عوام سان پنهنجن سان مڪليءَ تي ويهي ۽ ائين سڀ ڪشمور کان وٺي ڪن. پر يقين آهي ته ائين ڪير نه ڪندو؟ سڀ هاڻي چوندا ته نه ٻڌي وئي. ته پوءِ وڃي پنهنجن ووٽرن سان ويهن، پر هو ائين نه ڪندا. هاڻي متاثرين لاءِ چون پيا ته بي صبرا آهن. اسين پاڻ ڇا ٿا ڪيون؟ شادين ۾ اسان ته گهران ٻه ڪائي ايندا آهيون يا وڃي ڪائينداسون پر هنن جو ته ڪو ٻه گهر نه آهي. جيڪي ٽرڪون هو ڦرين ٿا سي آهن ٻه ته انهن جون نه. هن چيو ته مون پنهنجي ڪي ٿي اين وارن کي چيو ته اهڙي صورتحال ۾ پري ٿي بيهن. هنن جو سامان آهي پلي هو ڦرين جي اسينManage نه ٿا ڪري سگهون ته پوءِ ائين ئي ٿيندو نه. اي سي ڪمرن ۾ ويهي ڊي سي او منظم هئڻ جا درس ڏيئي رهيا آهن. سا شرم جهڙي ڳالهه آهي. هن چيو ته ٺٽي جي ماڻهن کي ڪراچيءَ جي ڪئمپن جي ايڊريس ڏني وڃي ته هو اوڏانهن وڃن.
- حيدرآباد جون اين جي اوز ڪيڏانهن ويون؟ ۽ اين جي اوز سان لاڳاپيل ڳريون شخصيتون اڄ ڪٿي آهن؟ سندن پرسان ئي ڄامشورو ۽ڪوٽڙي ۾ هزارين ماڻهو بي يارومددگار اچي پهتا آهن .ڪا ته سندن واهر ڪريو.
- قاضي علي خدشو ڏيکاري ٿو ته جيڪي هن خراب ڪلچر ۽ تباهيءَ جا ذميوار آهن. اين جي اوز، مختيارڪار، روينيو کاتو، تپيدار ۽ ٻيا. وري ٻه سروي جو ڪم انهن کي ڏيندا ته پوءِ سمجهبو ته وڏي تباهيءَ کان پوءِ ٻه اسان ڪجهه نه سکيو، ته پوءِ وڏي تباهي اسان جو مقدر آهي. قاضي علي واقعي اڄڪلهه بي ڊپو ٿي ڳالهائي ٿو ۽ هن هيڏي وڏي تباهيءَ تي انتهائي ڏکارو نظر اچي ٿو ۽ هئڻ ٻه گهرجي. هو چوي ٿو ته ڇاهي ماڻهو سڄي زندگي هنن ڪئمپن ۾ رهندا ڇا؟ جلدي ڪريو مليريا ٻين هنڌن تي ڪين زمين ڏيو ته هو پنهنجي لاءِ گهر اڏين، ڪالونيون ٺاهين ۽ آباد ٿين. ڇا سڄي زندگي ڪئمپن ۾ رهندا ڇا؟ ڇا هي حُر ڪئمپ آهن جن ۾ ڏرتي ڌرٽين کي انگريزن واڙيو هو. ۽ انهن جي وڃڻ بعد ٻه هو ڪيئي سال ان ديس ۾ قيد هئا جنهن کي ٺاهڻ لاءِ هنن انگريزن خلاف ويڙهه ڪري ڪين پڇايو؟
- ڪي ٽي اين تي ٺٽي شهر جا فوٽيج هلي رهيا آهن. بادشاهي مسجد ويجهو چوڪ تي هڪ پراڻي ماڊل جي جيپ هلندي نظر اچي پئي. ويجهو ئي هڪ ڪتو





گهمي رهيو آهي. بادشاهي مسجد کي فوڪس ڪيو پيو وڃي. شهر بلڪل سنسان آهي. هي منظر ڪشي اهڙي پئي محسوس ٿئي جهڙو ڪر پورچوگيز اچي هاڻي ئي شهر کي لٽي ويا هجن يا ترخانن جي ڪارروائي هجي ڪي ارغون يا ڪي مغل لشڪر، ڪي منگول اچي شهر ۾ قتل عام ڪري ويا هجن ۽ هاڻ ڪو ٻه شهر ۾ موجود نه هجي. هي ڇا ٿيو؟ ڪير هتي آيو اوچتو؟ ڪنهن ماڻهن کي ڀڄايو؟ اهو ته وقت ۽ تاريخ ٻڌائيندي ته رات جي انڌيري ۾ ڪين ڪنهن نن٘ڍ مان اٿاري ائين ڪين مڪلي طرف ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ڄڻ ڪو پاڻي نه بلڪ ڪو حملہ آور لشڪر ڪن ساعتن ۾ شهر ۾ داخل ٿيڻ وارو هجي ۽ ماڻهو قتل عام جي خوف کان سر بچائي نڪتا هجن. ڊي سي او رات جو بي گاهه وقت شهر ڇڏڻ جو اعلان ڪيو ۽ شهري وڃي مڪليءَ تي پهتا جتي بي يارو مددگار ڪئمپن ۾ سٿيل آهن ۽ سامهون سندن شهر ۽ گهر نظر اچي رهيا آهن بس ڇا لکجي وڌيڪ هن سانحي تي ۽ڊي سي او جي اعلان تي.

- اوچتو دادو ۾ شهر بند ٿي ويو ياڇ پئجي وئي هي ساڍي ٽين وڳي منجهند جو ٽائيم هيو. ڪي نوجوان موٽر سائيڪلن تي منهن تي ڍڪيل ڪپڙي سان زبردستي شهر بند ڪرائي رهيا هئا. ڇي ڇا؟ غنويٰ ڀٽو تي لاڙڪاڻي ۾ حملو ٿيو آهي. ڇا هي صورتحال هاڻ هٿ وٺي بگاڙي پئي وڃي؟ جو هن مصيبت واري گهڙيءَ ۾ ٻه اهڙيون حرڪتون؟
- لنڊن ۾ پاڪستاني ٽيم جي مئچ فڪسنگ جو اسڪينڊل ڇا سامهون آيو سنڌ دشمن ميڊيا کي ڄڻ موقعو ملي ويو. ڇاجي ٻوڏ؟ ڇا جا متاثر؟ ڇاجي تباهي؟ لڳي وئي آهي مئچ فڪسنگ اسڪينڊل پويان. هي آهي قومي ميڊيا ۽ هي آهي قومي ڪرڪيٽ ٽيم، سڀ هڪ ٻئي سان ٻُٽ ۽ مليل آهن.
- وزيراعليٰ ٺٽي جي ٻوڏ سٽيل علائقن جو دورو ڪيو، سجاول پل ويجهو بريفنگ ورتائين سسئي پليجو ٻه پرسان اداس ۽ بغير ميڪ اپ جي بيٺل نظر اچي رهي آهي. ڪيس ڪارو جوڙو پاتل آهي. بس ايترو لکڻ ڪافي آهي.
- سنڌ مان بلوچستان ويل ٻوڏ متاثرين شڪايتون ڪري رهيا آهن ته سندن ڪا ٻه سار نه پئي لڌي وڃي. هو ٻڌائين ٿا ته سندن سان فرق رکيو پيو وڃي. ڇا هي ان بيان جو ته رد عمل ناهي جيڪو ظفر الله جمالي ڪجهه ڏينهن اڳ ڏنو ته سنڌ حڪومت يا سنڌ وارن اسان کي هٿ وٺي ٻوڙايو. بحرالحال هي سٺو سنوڻ ناهي. ائين نه هئڻ گهرجي. هڪ عورت ٻڌائي پئي ته ڪوئٽا جي ڪئمپن ۾ نه پاڻي آهي نه ماني مرون ٿا بک، اُس ۾ ويٺا آهيون. تنبو ٻه ڪو نه ٿا هٽي ڏين. ٻار مرن پيا. هي ته بلوچستان جي ڪئمپ جي صورتحال آهي جتي سنڌ جي سرحدي شهرن جيڪب آباد ۽ ٻين علائقن جا رهواسي پهتا آهن. ڇا سنڌ ۾ ان کان بهتر صورتحال آهي ڪئمپن جي؟
- وزيراعظم بار بار پيو چوي ۽ عالمي ادارن کان مدد پيو گهري ته ٽينٽ ڪپن. هو چوي ٿو ته منهنجي معرفت دنيا کي پيغام ڏيو ته ٽينٽ ڪپن، سوال آهي ته جڏهن

ڪي سال اڳ اُترين علائقن مظفر آباد ۽ آزاد ڪشمير ۾ وڏو زلزلو آيو هو ته ان مان به اسان سبق نه سکيو ڇا؟ جو ٻيهر ايندڙ ڪنهن امڪاني مصيبت واسطي پلاننگ ڪيون ها ۽ ٽينٽ گڏ ڪري رکون ها. ڪٿي آهي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ جو کاتو.؟ ان کان ته ڪير پڇي به نه ٿو. سنڌ ۾ ته ان جو اڃان تائين ڪو وجود نظر نه پيو اچي.

- آواز ٽي وي تي صحافي طارق لغاري ٻڌائي پيو ته دادو شهر به خاموشيءَ ۾ اڌ خالي ٿي ويو آهي. ڪي 15 ڏينهن کان وٺي ماڻهو شهر خالي ڪري رهيا آهن. هو چوي ٿو ته عيد جي موقعي تي به شهر جي مصروف چونڪ تي عام ڏينهن کان به گهٽ رش ۽ رونق آهي.

گهرو کاتي جي وفاقي وزير رحمان ملڪ ٺٽي جو دورو ڪيو ۽ چيو ته هاڻي متاثرين کي ٽن ويلن جي ماني باقاعده ملندي. هاڻي ڏسون ته واقعي ٽي ويلها ٿي ملي يا.....
”وه وعده جو کيا وفا هو“

- ڪروڙين ٻوڏ متاثرين جو نه صرف وڏو نقصان ٿيو آهي جاني ۽ مالي پر ڪئمپن ۾ هو هاڻي وڏيڪ پوڳي رهيا آهن. سندن زندگي ته زهر ٻڻجي رهجي وئي آهي. ٻار رلي ويا پر هاڻي ته هو پاڻي ۽ ماني ڳيي لاءِ صبح کان رات تائين انتظار ڪن ٿا. نواز شريف ڪي عوام ”قرض اتارو ملڪ سنوارو“ ۾ اربين رپيا ڏنا. پر هينئر ڪٿي آهي نواز شريف يا ان جهڙو ڪو ليڊر جيڪو ٻوڏ متاثرين لاءِ به نعرو هڻي ته ”سيلاب متاثرين کي مدد کرو اور سيلاب سي بچي هوئي لوگ ان کا قرض اتارين“

ڪي ٽي اين تي اڄ علي قاضيءَ جي ڇهري جي ريڊنگ، لهجي ۽ ڳالهائڻ مان لڳي ٿو ته ڪيس ڪي ڊريون ڌمڪائي رهيون آهن ته هو پنهنجو پروگرام بند ڪري يا متاثرين بابت سرڪاري پاليسي سان هلي. شايد ائين جيئن هڪ ٻيو سنڌي چئنل سنڌ جي نالي ۾ ڪري رهيو آهي. ان چئنل جي به ساک آهي پر هاڻي لڳي ٿو ته هو به پنهنجي ساک خراب ڪرڻ جي پويان پيل آهي. هينئر متاثرين جي حوالي سان اسڪرين تي واحد آواز علي قاضيءَ جو آهي جيڪو گهڻو ٻڌو وڃي ٿو. سو متاثرين جي بي دخلي، امداد، بحالي، تڪليفن، اهنجن، نقصانن مطلب ته هر حوالي سان ۽ هر اينگل کان ڳالهائي پيو بي ڊپو ٿي.

- اڄ هڪ سنڌي چئنل هڪ ٻئي چئنل لاءِ کلي عام چئي رهيو آهي ته هو Panic پيا ڦهلائين. هي ڇا؟ هي ڪهڙي قسم جو پروفيشنل ساڙ آهي. اهو چئنل هڪ ٻي مشهور چئنل لاءِ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ جميل سومرو واتان به اهو ئي پيو چورائي ته Exegervation ڪن ٿا ۽ Panic ڦهلائين ٿا. افسوس جو ان چئنل جو هڪ اينڪر چوي پيو ته سرڪار ته ويچاري پاڻ مظلوم آهي ڇا ڪري ٻوڏ متاثرين ته تمام گهڻا آهن. ڇا هي پروفيشنلزم آهي. افسوس صد افسوس. هي ڪنهن جي خدمت ڪري رهيا آهن؟.





- هن هيڏي وڏي مصيبت ۾ سنڌ جو 25 سيڪڙو رهيل مڊل ڪلاس اڳتي اچي، سنڌ جا وڏا زميندار، وڏيرا ۽ سيٺيون اڳتي اچن. پئسي وارا شيخ، ميمڻ، هندو، ڪاٺياواڙي، بوهري، خواجه، اسماعيلي اڳتي اچن. هن مها ٻوڏ ۾ سڄاول، جاتي ۽ چوهڙ جمالي ۾ اسماعيلي سنڌي به ته تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. سندن سربراهه ۽ عالمي اڳواڻ پرنس ڪريم آغا خان آهي. تنهن کي گهڻو اڳتي اچڻ گهرجي. ملڪ جي ڪنهن عالم فتويٰ جاري ڪئي ته حج ۽ عمري تي ويندڙ ماڻهو هن ڀيري جي نه وڃن ۽ اهو پئسو متاثرين کي ڏين ته ان کان وڌيڪ ڪو افضل حج ۽ عمرو ڪو نه ٿيندو. ڏسون ته ڪير ٿو ان تي عمل ڪري. هن وقت تائين ته ڪو مرد مجاهد سامهون نه آيو آهي شايد ڪو اچي يا ڪو به نه ايندو “

اهو اسان جي مسلمانيءَ جو امتحان آهي ۽ پڻ انسان دوستيءَ جو به.

شابس آهي ان عالم کي جنهن اهڙي فتويٰ جاري ڪئي. تاريخ ڪيس ياد رکندي. پر تاريخ انهن کي به ياد رکندي جن هن عالم جي فتويٰ ڏانهن ڌيان نه ڏنو. ڪين ڪهڙو ڏوهه ۽ ثواب منلدو. سو ته خدا ۽ بندي جي وچ ۾ معاملو آهي. اسين فقط راءِ ڏيئي سگهون ٿا. اسين وري به جس ان عالم کي ئي ڏينداسين جنهن بهادري واري فتويٰ جاري ڪئي نه ته هتي فتوائن تي هنگامه برپا ٿي ويندا آهن ۽ عالم خوف وچان فتويٰ ڏيڻ کان لنوائيندا آهن.

- وفا برهماڻي جوهي مان ايس ايم ايس ڪري ٻڌايو ته جوهيءَ م ٻوڏ نه ايندي جو انهي کي سمجهڻ لاءِ علائقي جي ٽوپو گرافي سمجهڻ ضروري آهي. مان دادوءَ لاءِ ته يقين سان نه ٿو چئي سگهان جو هتي فيلوئر جي ڪري 2 يا 3 فٽ پاڻي اچي سگهي ٿو پر جوهي ۾ هن طرف کان ناممڪن آهي.

- ممتاز بخاري ٻوڏ کان پوءِ ڦهريون ڀيرو تاريخي ساڌ ٻيلو جي صورتحال ڏيکاري رهيو آهي. توقع کان وڌيڪ نقصان ٿيو آهي پاڻي سموري ساڌ ٻيلي ۾ گهڙي وڏو نقصان ڪيو آهي. ڪا به واهر نه ٿي، پارڪ تباهه، راڄ گهاٽ تباهه، ها فقط تاريخي لائبريري اوچائي يا ٿلهي تي هئڻ سبب بچي وئي جيڪو خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

- ڪنهن ڪئمپ ۾ موجود هڪ عورت روئي ٻڌائي رهي آهي ته ڪجهه ڪو نه ٿو ملي پيٽ ۾ ساهه ئي نه آهي. اسان کي ڪجهه ڪو نه کپي سرڪار جو. فقط پاڻي لپ ئي ڏين ته ڀلو.

- سنڌ ٽي وي تي حر جماعت پاران اشتهار هلي رهيو آهي ته پير صاحب پاڳارو جي عقل فهم ۽ دانشمندي سبب سنڌو جي ڪاٻي پاسي گهارا نه لڳا ۽ لکين آبادي ٻوڏ کان بچي وئي. اشتهار ۾ ڪن شهرن ۾ ان حوالي سان پير صاحب جي مريدن پاران جلوس ۽ جلسا به ڏيکاريا پيا وڃن ۽ خوشيون ڪيون پيون وڃن. جيئي پير صاحب پاڳارو. اهڙي طرح سکر ۾ به سيد خورشيد شاهه جي حق ۾ ڪن مظاهرن ۽ ريلين جو خبرون شايع ٿيون ته شاهه صاحب علي واهڻ کي ڪٽ ڏيڻ کان بچائي ورتو ۽ لکين

ماڻهن کي عذاب ۽ مصيبت مان نجات ڏياريو. جيئي سيد خورشيد شاهه.
اڄ گهر ۾ ننيڙي ابير جو جذبو ڏسڻ وٽان هيو، ٽي وي اسڪرين تي ٻوڏ سٽيلن جا مسلسل اهنج ۽ آهون ڏسي ۽ ٻڌي پنهنجي امڙ ۽ سنڌوءَ کي چيو ته منهنجا سمورا ڪپڙا ۽ بوٽ مون کي ڏيئي ته مان وڃي متاثرين ۾ ورهايان ۽ مون کي منهنجا جهومڪ ۽ والا به ڏي ۽ پئسا به. هن واقعي سڄي گهر ۾ ڦڙڦوٽ ڪري الماڙي مان سامان ڪڍي سيني کي نه صرف حيران ڪري ڇڏيو پر افسرده به ڪري ڇڏيو. ڇا ته ننيڙي جو جذبو آهي ان وقت تائين سڪون سان نه ويٺي جيسين ڪجهه نه ڪجهه ڪٺي هلي هڪ ڪئمپ ۾ ڏيئي آئي. واهه ابير واهه ڪاش اهو جذبو انهن ۾ اچي جن کي وڏي تعداد ۾ سامان سموري دنيا مان ٻوڏ متاثرين ۾ ورهائڻ لاءِ مليو ٿو پر هو بجاءِ ان کي حقدارن ۽ وارثن حوالي ڪن پر پنهنجن گهرن ۽ گودامن ۾ لڪائي رکيو ويٺا آهن جن مان ڪيترو ته خراب به ٿي ويندو آهي. ڇا هو خدا جي خوف کان نه ٿا ڊڄن يا ڪين خدا جي آڏو جوابده ناهي ٿيڻو يا ڪين ڪا ڪهل ۽ رحم نه ٿو اچي.؟
حسين آباد ۾ ڪوٽڙي پل ويجهو درياهه ڪناري ويٺل هڪ اقليتي سنت چوي پيو ته مان پنهنجو ڌرم نه ڇڏيندس، مندر نه ڇڏيندس، گهر نه ڇڏيندس، گهر ٻڏي وڃي ڌوڙ پائي، پر مندر ويو ته مري ويندس: مان مندر ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏيندس پلي ٻڏي وڃان، ڇو ته اهو منهنجو ڌرم آهي. مان گيتا روز پڙهان ٿو ان ۾ ائين لکيل آهي اسين گوشت خور نه آهيون پر هت سرڪار اسان کي جيڪا ماني ڏني آهي ان ۾ گوشت آهي تنهن ڪري پنهنجو پاڻ پچائي هت ويٺا آهيون اسان کي متاثرين ۽ انسان ته سمجهيو ئي نه ٿو وڃي. اسان جا به ڪي حق آهن پر هي ان جا انڪاري آهن.

- ڪي ٽي اين تي مڪلي ڪئمپ بابت رپورٽ ڏيکاري پئي وڃي. سواءِ ماتم ڪرڻ جي ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي ۽ نه لکي ٿو سگهجي. اڍائي سال پورا سسئي پليجو وزير رهي آهي پر مڪليءَ کي لوڙهو به نه ڏياري سگهي.

لکين ٻوڏ متاثرين پناهه لاءِ اچي مڪلي پهتا آهن. هاڻي سنڌ جي انهن عالمي معيار جي آثارن ۽ ورثي جو ڇا ٿيندو؟ سو وقت ئي ٻڌائيندو. اهو فقط اسان جي غلط منصوبابنديءَ سبب پيو ٿئي. سنڌ هاڻي پنهنجي ماڻهن جي جاني ۽ مالي نقصان کان پوءِ آثارن ۽ تاريخي ماڳن جو نقصان به برداشت ڪندي. سنڌي عوام وانگر سنڌ جا آثار به ننڌڻڪا ۽ لاوارثي جو شڪار آهن، مڪليءَ جي تباهيءَ تي اڳتي هلي عالمي سطح تي جيڪا سنڌ ۽ ملڪ تي ڦٽڪار ٿيندي ان جي ذميواري ڪنهن تي هوندي، آمريءَ جي آثارن تي ته مورڳو متاثرين جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي جيڪا پڻ چوڏاري پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي وئي آهي. هي ڪهڙي منصوبابندي آهي ساڌ ٻيلي ۾ هڪ فوٽ کان مٿي پاڻي داخل ٿي ويو آهي. هن ٻوڏ ۾ سنڌ جي آثارن کي به وڏو نقصان پهتو آهي، سي رپورٽون اجان اچڻيون آهن.

- سنڌ ٽي وي تي مڪلي ڪئمپ ۾ موجود هڪ متاثرين ٻڌائي پيو ته اسان جي





واهر ڪير ڪري؟ هت ته هينئر هرڪو پاڻ متاثرين بڻجي پيو آهي. هو روئي ٻڌائي رهيو آهي ته نه ڄاڻ ڇو امداد ونندڙن کي هي سنڌ جي پوليس ڄاڻي ٻجهي زور سان مٿن تي لٺيون وسائي رهي آهي. هي پڃائڻ نه پر متاثرين کي مارڻ آهي. هي ڪنهن جي چوڻ تي ائين ڪري رهيا آهن؟. ڇا هي پوليس ڪنهن دشمن ملڪ جي آهي يا اسين ڪي ملڪ دشمن آهيون؟ يا هي پوليس يهودين ۽ اسرائيلن جي آهي ۽ اسين ڪي فلسطيني هجون؟ هو پوليس جي اهڙي رويي ۽ ڪردار تي ڪيئي شڪ ۽ خدشا ڏيکاري رهيو آهي.

- ڪراچي جي هڪڙي شهري تنظيم ۽ ان جي ساٿاري نا م نهاد قومي ميڊيا متاثرين جي تڪليفن، دردن جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ يا انهن جي امداد ۽ مدد ڪرڻ بجاءِ اهو راڳ الاپي رهي آهي ته وڏيرن پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ ماڻهن کي ٻوڙايو. هي ميڊيا ۽ سنڌ سرڪار جي اتحادي تنظيم ان کان هڪ انچ اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نه آهي. اها حقيقت آهي ته وڏيرن جو ڪردار سڄي ٻوڏ ۾ ڪو مثبت نه رهيو پر اهي پوءِ جون ڳالهيون آهن هينئر ته انهن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي ڪيس کي عالمي سطح تي پهچائڻ جو مسئلو آهي انهن جا اهنج گهٽائڻ جو مسئلو آهي آبادڪاري جو مسئلو آهي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪئمپن ۾ انهن جي علاج جو مسئلو آهي. اڃان ته ٻوڏ هلي پئي ۽ لکين ماڻهو دربدر ٿين پيا پر هنن کي اچي هيءَ مشڪري لڳي آهي. هنن کي پنهنجا شهري وڏيرا ۽ دهشتگرد ته نظر ئي نه ٿا اچن. انهن لاءِ ته ميڊيا اف به نه ٿي ڪڇي.
- آواز ٽي وي تي 10 سالا ٻار مسڪرائيندي ٻڌائي ٿو ته ”ها روزو رکيو آهي“ ڇا سان رکيو اٿئي؟ ڪجهه سان به نه بس توڪل سان رکيو آهي. ڇا ته خود اعتمادي آهي ان ٻار جي ڳالهائڻ ۾، ڪئمپن ۾ اهڙا هزارين ٻار موجود آهن جن کي حالتن ڌڪي لاوارث ۽ ننڌڻڪو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هو اسڪول وڃڻ بجاءِ ماني ڳيي لاءِ آتا آهن ”هي ٻالڪ نيٺ ته وڏڙو ٿيندو ۽ ويندو توڪان گوءِ ڪٽي“ مخالف چون پيا ته هي قوم تباهه ٿي ويندي ۽ جبلن ۾ پناهه وٺي خانه بندوش بڻجي هڪ طرف ويهي رهندي ۽ پنهنجا وڏيرا ۽ ليڊر ڪين هڙپ ڪري ويندا ڇو ته هنن جو ايمان ڪمزور آهي ۽ ملڪ سان ايترا سچا نه آهن جيترا اسان آهيون. ڇا ملڪ سان سچائي جو معيار اهو آهي ته مسلسل 30 سالن کان ملڪ جي هڪ وڏي شهر ۾ بغير وقفي سان قتل عام جاري رکجي؟ هزارين سالن کان آباد ماڻهن جا ڳوٺ ڊاهجن ۽ لکين ڪروڙين ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ ڪجي؟ 12 مئي جهڙا واقعا ڪجن؟ جي اهي معيار آهن ته پوءِ هو درست آهن. پررب العزت وٽ ته ڪجهه ٻيائي معيار آهن.
- مهراڻ ٽي وي تي نويد قريشي ايف پي بند ۽ منڇر ڪنٽيننگ (ايم سي) بند تي منڇر ۽ سيوهڻ جي ٻوڏ متاثرين کان حال احوال وٺي رهيو آهي ”هو چون پيا ته ايمرجنسي ۾ 25000 هزار ڪرايو پري پير ڳاجي وجون پيا. جي وقت تي ٻڌائن ها ته اهو ڪرايو 5000 هزار پرڙو پئي ها. جي هي ايم اين وي ڊي يا منڇر بند ٽٽندو ته

وزير سيد مراد علي شاهه جو پنهنجو ڳوٺ واهڙ به ٻڏندو. هڪڙا چون پيا ته اسان کي ڪير جلد هتان ڪڍي. اوهان صحافي پهتا آهيو باقي ڪير به سار لهڻ نه آيو آهي. اسان کي پڪ نه آهي ته ٻار ٻچا ڪڍي سگهنداسين يا نه. منڇر پرجي وئي آهي باقي ٽي فٽ رهي ٿي اسان جي بدن ۾ ساهه نه آهي خدا جي واسطي اسان جي ٻچن کي ڪڍو. سيوهڻ، ڀان، بوبڪ، ٿلٽي، دادو سڀ ٻڏندا اسان ڏسون پيا پاڻي اڳي کان مختلف آهي.

- ڊيلي ڊان جي ليڊ آهي ته:

"Breache made to save warah at Dadu`s Cost"
"400000 Lake People Shelter in Makli"

- تصوير سنڌيلو رپورٽر سنڌ ٽي وي هاٽي گاجي کهاوڙ مان واپس ٿي هٽ دادو پريس ڪلب پهتو آهي. ميهڙ خيرپور به ڏسي آيو آهي، چوي پيو ته دل رت جا ڳوڙها پئي ڳاڙي. جيتري تباهي ٿي آهي سو بيان کان ٻاهر آهي. هو انتهائي ڏکايل آهي چوي ٿو ته ڪي 8 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ هڪ لک کان وڌيڪ پاڻيءَ جي گهيري ۾ آهن جن کي بروقت ڪڍڻ جي ضرورت آهي.
- قادرمگسي چوي ٿو ته ڪجھ چئنلن الطاف جي بيان کي اهميت ڏيندي ٻوڏ جي صورتحال کي نظر انداز ڪيو آهي جيڪا بي ايماني ۽ بدديانتي آهي پنهنجي صحافتي ذميوارين جي حوالي سان. هو چوي ٿو ته سنڌين کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ آباد ڪيو وڃي.
- ٺٽو محمد خان ۾ بشير قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته متاثرين کي فورن مصيبتن کان بچائي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو وڃي ۽ سنڌن پر گهور لڏي وڃي.
- ڪراچيءَ جي هڪ شهري تنظيم، اي اين پي، جماعت اسلامي، سني تحريڪ پ پ پ ۽ ڪراچيءَ جي ٻين فلاحي ۽ سماجي تنظيمن متاثرن جي مدد واسطي ايترو نه ڪيو آهي جيترو ڪين ڪرڻ گهرجي ها. شابس آهي آرٽس ڪائونسل ڪراچي، چيمبرس آف ڪامرس ڪراچي، عقيل ڊيڊي ۽ ڪجھ ٻين کي جن ٿورو ڪي گهڻو متاثرين لاءِ ڪيو. ايڏي الائي چو نظر نه پيو اچي، ڪنهن روڪيو اٿس، يا ڪنهن مصلحت جو شڪار آهي.

ڪي ٽي اين فوٽيج ڏيکاري رهي آهي ته ماڻهو چوهڙ جمالي ۽ جاتيءَ مان پيرين اگهاڙا پنڌ نڪري رهيا آهن. ڪين محفوظ رستو نه ملي رهيو آهي. هو ڏاڍا پريشان آهن ميڊيا رپورٽ ڪيو آهي ته سرڪار پاران مليل 42 بسن ۾ اثر رسوخ وارين ڌرين فقط پنهنجا ماڻهو ڪڍيا آهن. واقعي قيامت جهڙو منظر آهي انهن علائقن ۾. جيئن چوندا آهن ته هڪ پاسي باهه ۽ ٻئي پاسي پاڻي. هنن لاءِ ته مصيبت آهي. هڪ طرف سنڌو جو پاڻي ڌوڪيندو پيو اچي ۽ ساحلي علائقن جا ماڻهو لڙهي سمنڊ حوالي ٿي سگهن ٿا يا وري درياهيءَ پاڻيءَ جو مقابلو ڪري نڪري اچن. بس ميدان ڪارزار





آهي. هزارين ماڻهو پناهه جي تلاش ۾ ڊوڙي رهيا آهن. هن ياج ۾ ڇا هزارين ماڻهو هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويندا.

- ڇا هن مها ٻوڏ سبب سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي به خطرو پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي؟ ڇا سنڌ جو ڳوٺاڻو ڪلچر تبديل ٿي ويندو؟ لکين ٻار هاڻي سنڌي بجاءِ ڪا ٻي تعليم حاصل ڪندا؟ ڇا ٿيندو آخرڪار؟ ڇا واقعي سنڌو اسان کي پوئتي وٺي ويو آهي؟ يا اسان کي هن وقت تي جاڳايو آهي؟ ڌونڌاڙيو آهي. پنهنجن ۽ پراون سيني کي ننگو ڪري، اسان جي سامهون بيهاريو آهي. ماڻهن جي منهن تي چڙهيل منافقت جا پردا لاهي ڇڏيا آهن، ڇا سنڌوءَ اسان جا صدين جا سفر سالن يا ڏهاڙن ۾ طئہ ڪرايا آهن؟ اهو وقت ٻڌائيندو.
- ڪي ٽي اين تي منور سليم خاصخيلي چوي ٿو ته سجاول واسي واهر نه ٿيڻ جي شڪايت ڪري رهيا آهن. هنن کان پڇيو ويو ته ڇا ڊي سي او منظور شيخ ڪا مدد نه ٿو ڪري ڇا؟ وراڻيءَ ۾ هنن ڏکاري انداز ۾ چيو ته ان ئي ته اسان کي تباهه ڪيو ۽ ان ئي ته اسان کي ٻوڙايو.

ڪي ٽي اين تي خيرپور ناٿن شاهه جي متاثرين سان رپورٽر مختيار چانڊيو حال احوال ڪري رهيو آهي. "منهنجا جانب منهنجا پنهل اسان ڏي ڪير به نه آيو آهي. روزگار رب جي هٿ ۾ آهي الائي ڏيندو الائي نه."

ڪي ٽي اين نيوز پروگرام ۾ اقتصادي ماهر ڊاڪٽر شاهده چوي پئي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت ۽ ڊڪٽيٽر شپ ٻئي فيل ويا آهن.

مڪليءَ مان ڪي ٽي اين تي ناز سهتو متاثرين سان حال احوال ڪري رهيو آهي. هڪ عورت ٻڌائي ٿي ته "اسان کي ڪنهن نه ڪڍيو، پاڻ مڙسي ڪري نڪتا آهيون. پٽ اڇليو ڏين، ڪو اسين جانور آهيون ڇا؟ ڪتي وانگر اڇلين ٿا، ماڻهو آهيون جانور نه." سموري مڪلي تي قبرن ويجهو مزارن اندر لکين انسان مئلن سان گڏ رهي رهيا آهن. سنڌ اهڙا منظر شايد هن کان اڳ نه ڏٺا هجن.

مقبول پنهور ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي يونيورسٽين جي چانسلر سيني يونيورسٽين کي حڪم ڪيو ته امداد گڏ ڪن. حڪم جي تعميل ٿي، ٽرڪون ڀرجي سنڌ نه پر ڪنهن ٻئي ڏيهه ڏانهن روانو ڪيون ويون. جي واقعي ائين ٿيو آهي ته هي به هڪ وڏو سانحو آهي جيڪو مفاهمت ۽ اتحاد جي نالي ۾ ٿي رهيو آهي.

- آربي او ڊي ڪالونيءَ ۾ اشتياق سان روزاني روٽين واري ڪچهري جاري آهي.

ايم اين وي ڊي جي حالت ۽ ٻين موضوعن تي ڳالهه روز جو معمول آهي. دادو شهر مان لڏ پلاڻ جو سلسلو جاري آهي. پندرهن وار افيئر جو ٻوڏ نمبر مليو جنهن ۾ منهنجا ٻه مضمون ڪاڇي ۾ ٻوڏ ۽ "68 سالن کان پوءِ" "1942-2010" مضمون ڇپيا آهن. پوئين مضمون ۾ مون دادو ۾ ٻوڏ سبب منڇر، ايف پي بند، ايم اين وي ڊي ۽ منڇر ڍنڍ ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جو تجزيو ڪيو آهي. اهي ٻئي مضمون مون

10-8-15 تي لکي اشتياق صاحب جي حوالي ڪيا هئا رسالي ڪي موڪلڻ لاءِ.

- نٽي جي ڊي سيءَ او جي اعلان ڪي ٺٽي شهر جي ماڻهن ائين ورتو ڄڻ پاڻي نه ڪا دشمن جي فوج ڪن پل ۾ شهر ۾ داخل ٿي ماڻهن جون سسيون لٽي ويندي يا ڪنڌ ڪپيندي . ڊي سي او جي ان اعلان لکين ماڻهن ڪي منٽن ۾ وڃي مڪليءَ تي مُردن سان ملائي ڇڏيو.
- آواز ٽي وي تي ايوب ڪوسو ۽ قيصر نظاماڻي مسلسل اسٽوڊيو ۾ ويهي دنيا ڪي سنڌ مر ٻوڏ جي تباهڪارين بابت اپ ڊيٽ ڪري رهيا آهن. ايوب ڪوسو ٻڌايو ته مان پاڻ متاثرين منجهان آهيان ۽ ڳوٺ ڇڏي ٻار وٺي ڪراچي پهتو آهيان.
- ڪي ٽي اين تي گاجي کهاوڙ وارا رڙيون ڪري رهيا آهن ته بچايو. ڏامراهه واهه ڪي ڪٽ هڻو. نادر مگسي واهر ڪر نه ته باڍهه، لاڙڪاڻو، وارهه، وڳڻ ٻڏي ويندا.
- ڪٿي آهي ايم ڪيو ايم جي خدمت خلق ڪميٽي جيڪا زلزلي دوران وڃي ڪشمير پهتي هئي جنهن لاءِ خاص مخصوص ميڊيا به ڏينهن رات ڪم ڪيو. هو ته سوين ميل پري هيا پر هت ته پنهنجي صوبي ۾ مصيبت اچي وئي آهي. ڪٿي آهي خدمت خلق ڪميٽي، ڳوليوس ته سهي.

ايم اين وي ڊي تي جوهي واسي ٻڌائن ٿا ته اسين ڄڻ پاڪستاني نه آهيون جو ڪير واهر به نه ٿو ڪري ۽ ڪير گهارا به نه ٿو ٻڌي ايم وي ڊي جا جيڪو پاڻي جوهي ڏانهن ڌوڪيندو پيو وڃي.

- جي او سي حيدرآباد ميجر جنرل شوڪت اقبال سپريو بند ميهڙ جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي جوانن ڪي ٻوڏ متاثرن ڪي محفوظ هنڌن ڏانهن ڪڍڻ جون هدايتون ڏنيون.

آرمي ڪي سنڌ مر ٻوڏ دوران موبلائيز ته ڪيو ويو پر محدود پئماني تي نه ڄاڻ ڇو؟ ضرورت هئي ته وڏي تعداد ۾ آرمي ڪي ريسڪيو ۽ امدادي ڪمن ۾ شامل ڪيو وڃي ها ته جيئن متاثرين جي بر وقت ريسڪيو ٿي سگهي ها پوءِ به آرميءَ پنهنجا فرض ادا ڪيا ۽ ماڻهن ڪي محفوظ هنڌن تي پهچائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي.

- وڏي عذاب ۾ آهن، متاثرين ڪئمپن ۾، ڪي ٽي اين ٻڌائي پئي ته عورتن لاءِ نه ٽوائليٽ آهن نه وهنجڻ لاءِ پاڻي. پاڻيءَ بنان هو ڪيئن ٿانو ڌوئن، ڪپڙا ڪيئن ڌوئن وغيره وغيره. مردن کان وڌيڪ عورتون ۽ ٻار ڪئمپن ۾ عذاب ۾ اچي ويا آهن. معصوم ٻارن لاءِ ڪي سنڌن وٽ رلڪا يا ڪپڙا نه آهن. گندگيءَ سبب بيمارين ۾ ورنجي ويا آهن.

ميڊيا تي متاثرين جي صحيح حالت زار ۽ انهن جي حق ۾ هڪ وڏو آواز قاضي علي جي روپ ۾ گونجي پيو. هاڻي هڪ پاسي هو اڪيلو ۽ ٻئي پاسي هن جا مخالف ميڊيائي گروپ. پر هو لڳو پيو آهي مڙي نه ٿو ۽ چوي ٿو ته آءٌ اهو ئي چوندس ۽ ٻڌائيندس جيڪو ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ڏسي رهيو آهيان.





آءٌ اڪيلو ڪيئي سٽ، خنجر خنجر ڪيئي هٽ.

*(اياز)*

- سنڌ ۾ مها ٻوڏ سبب آيل مصيبت ۾ به سمورن سنڌي چئنلن تي ساڳئي نموني سان لاڙڪاڻي واسي حاجي ڳهٽو خان سنڌي بلوچ جو اشتهار هلي رهيو آهي. پلاٽن جو اشتهار ته لاڙڪاڻي جي پل سني، حاجي ڳهٽو خان سنو. شايد ڪيس اجان سنڌ ۾ آيل هن تباهيءَ جي هن شريف ماڻهوءَ ڪي سُڌ نه پئي آهي. جو وڏي ڏومر ڏام سان اهو اشتهار چئنلن تي هلي رهيو آهي. ماڻهو هينئر مصيبت ۾ آهن ۽ هن ڪي لڳي آهي پلاٽن جي وڪري جي.

گاجي کهاوڙ وارا ميڊيا تي ٻڌائي رهيا آهن ته فوجي جوان ريسڪو ۾ رڌل آهن متاثرين ٻار ٻڍا عورتون ٻڌائن ٿيون ته پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ هاڻ ته پيچي پيچي اسان جا مٽا ئي سور ٿا ڪن ساٿا تي پيا آهيون. گاجي کهاوڙ ۾ 10 سالا نينگر تصوير سنڌيلو ڪي ٻڌائي رهي آهي ته پيچي پيچي اسان جا مرد، مايون ۽ اسان سامان ڪٽي اڏ مٺا تي پيا آهيون هر پاسي پاڻي ڦري ٿو اچي. اجان ڪٿي ساهه ٿا پٽيون ته اچيو پاڻي ويجهو پوي. ان جو ڪٽو به نه آهي. نينگر جڏهن ڳالهائي رهي آهي ته سندس پرسان هڪ وڏو قافلو مٿن تي سامان سميت گذري رهيو آهي. حيران، پريشان، بيزار، اڏ مئا، ٽٽل، ڪين ڪا به زمين جي ٽڪري نه ٿي ملي جتي هو ڪي ساعتون ويهن يا دم پٽين، .

- اسلام جا ٺيڪيدار ۽ انسانيت جا ويري، متاثرين تي هر قسم جي تنقيد ته ڪن پيا پر اهو ٻڌائن ته هنن رمضان جي پلاري مهيني ۾ ڪئمپن کان ٻاهر روزي رکرائڻ يا روزي کولرائڻ جو سنڌن لاءِ ڇا بندوست ڪيو. جمعي نماز پڙهائڻ لاءِ ڪهڙا انتظام ڪيا، ڪئمپن ۾ مسجدون ناهي ٻارن ڪي قرآن پڙهائڻ واسطي ڇا ڪيو. عورتن جي غسل ۽ حاجت واسطي ڇا ڪيو ؟ پوءِ به چون ٿا ته متاثرين تي خدا ڏمريو آهي. ٽوڙيءَ وٺان گهارو ان ڪري لڳو ته ڪشمور ڪنڌ ڪوٽ جيڪب آباد ۽ ٻين علائقن ۾ اقليتون رهنديون آهن. هي انهن سان گڏ رهن ٿا ڪائين ٿا ۽ ڏک سک ۾ شريڪ ٿين ٿا تنهن ڪري سنڌن مٿان مصيبت آئي آهي. اي انسانيت جا دشمنؤ خدا کان ڊڄو، هي برو وقت ڪنهن تي به اچي سگهي ٿو. ڪجهه عقل کان ڪم وٺو. ميڊيا جا اهي گروپ ۽ ٽولا به خدا کان ڊڄن جيڪي هر وقت سڄو ڏينهن ڪوڙ ۽ بڪواس بڪي رهيا آهن ۽ خلق خدا ڪي گمراهه ڪري رهيا آهن.

هن هيڏي وڏي مصيبت ۾ ٿيڻ ته ائين گهربو هو جو سنڌ ۾ سرڪار سرڪاري ڊاڪٽرن جي پرائيويٽ ڪلينڪس هلائڻ تي ڪي سال ڇهه مهينا پابندي هڻي ڪين متاثرين جي سار لهڻ لاءِ پابند ڪري ها. پرائين نه ٿيو. شايد ان ڪري جو متاثرين سان ڪا همدردي ئي نه آهي.

- ٻوڏ متاثرين ڪي گهرجي ته هو پنهنجي ڪا تنظيم سازي ڪري پنهنجي لاءِ

ايندڙ امداد کي حقيقي متاثرين ۾ ورهائڻ کي يقيني بڻائين ۽ ان امداد ۽ بحالي واري ڪم ۾ پاڻ کي شامل ڪن ورنه ڪجهه به ڪين نه ملندو. لڪين متاثرين ۾ هزارين ته اعليٰ تعليم يافته، ڊاڪٽر، انجنيئر، پروفيسر ۽ پنهنجن شعبن جا ماهر ۽ پي ايچ ڊي به هوندا تن جو فرض آهي ته اڳتي اچن پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪن ۽ آل سنڌ ٻوڏ متاثر اتحاد نالي سان تنظيم جوڙي سرڪار سان اين جي اوز سان ۽ عالمي ادارن سان گڏ ڪم ڪن ۽ پڻ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙين. هي وقت آهي جو هو ڪجهه ڪن ورنه ٻين جي آسري تي ويهي بڪون ڪاٽيندا ڇو ته هتي امداد ۽ ان جي ورهاست جي تاريخ ئي ڪجهه مايوس ڪندڙ آهي.

• ڪي ٽي اين ٽي تي پ پ پ اڳواڻ تاج حيدر واضح لفظن ۾ پيو ٻڌائي ته هينئر ڪراچي ۾ ٻه شيون خطرناڪ ٿي سگهن ٿيون هڪ طرف متاثرين آهن ۽ انهن جا همدرد ۽ ٻئي طرف هڪ شهري ۽ دهشتگرد تنظيم. آءٌ واضح ڪيان ٿو ته سياڻي ڪنهن به ڪئمپ ۾ خدانخواسته ڪنهن وڏي پئماني تي دهشتگرد اچي ڪا ڪارروائي ڪئي ته ان جي ذميواري مون تي عائد نه ڪجو يا آءٌ اهو رسڪ نه ٿو ڪٽي سگهان ڇو ته انهن کي اوهين سڀ سڃاڻو ٿا.

هي اقبال حيدر واقع اهو شخص آهي جنهن جي دل ۾ مون متاثرين لاءِ ۽ ڏرتي ڏٽين لاءِ حقيقي درد محسوس ڪيو. ڪراچي پ پ پ ۾ هي هڪ سمجهو ماڻهو ثابت ٿيو آهي. ٻيا به ڪي هوندا.

• اڄڪلهه جيڪي به سنڌ ۾ چونڊيل نمائنده آهن انهن جي وڏن يقينن 47ع ۾ ايندڙ پناهگيرن کي ويلڪم ڪيو هوندو پنهنجون زمينون گهر، مال ملڪيتون ڏنيون هونديون ۽ هو اڄ هن ملڪ جي اچي ڪاري جا مالڪ آهن پر هن ٻيري هنن جي پوئين نسل ته ان ڪان به وڌيڪ پناهگير ٿيل سنڌ واسين لاءِ ڪجهه به نه ڪيو نه ڪئمپون قائم ڪرايون نه پنهنجن ڪوٺن ۾ رهايو نه پنهنجا گهر ڏنا نه پنهنجون ملڪيتون ڪي ٽي اين ته ٻڌائي رهي آهي ته سموري سنڌ ۾ ڪنهن به چونڊيل نمائندي يا وڏيري مير پير متاثرين لاءِ ڪا به ڪئمپ پنهنجي طرفان قائم نه ڪئي. هن زيادتيءَ کي ڪهڙو نالو ڏجي؟

• دادو پريس ڪلب ۾ هڪ صحافي چئي رهيو آهي ته هاڻي ته واقع هي ڇڻ اسان کي ٻوڙائيندا. هينئر ته اجان پنهنجي گهرن ۾ آهيون، ايندڙ ڏينهن م ڪٿي هونداسون، هي فيصلو هاڻي پاڻي نه بلڪ هي ماهر ڇڻ ڪندا. جيڪي ٻين کي ٻوڙائي يا پاڻ کي بچائي هاڻي اسان جي ڪڍ لڳا آهن. الائي ڇا ٿيندو دادوءَ جو؟

• چوڻي آهي ته جڏهن روم سڙي رهيو هو ته نيرو بانسري وڄائي رهيو هو. هي چوڻي هت سچ پئي ثابت ٿئي. وڏي وزير دادو جي سمورن چونڊيل عيوضين کي ڊي سي او سميت نوابشاهه گهرايو آهي. سو به هن ڏکي وقت ۾ جڏهن شهرين ۾ خوف ڇانيل آهي. دادو ۽ مورو روڊ بند آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته قبلهٔ نوابشاهه پهچڻ





لاءِ ته رستو بند آهي ته پوءِ وري ڪين سڪر گهرايو آهي. خدا ڄاڻي هي ڪهڙي حڪمت عملي آهي. بس شاهه صاحب پاڻ ئي ڄاڻي ٿو يا اهو به نه ٿو ڄاڻي اجا ڪو ٻيو آهي جيڪو ڪيس مشورا ڏيئي رهيو آهي.

شهر جي ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ آهي ۽ هت روز ميٽنگون، فضائي دورا، ميڊيا کي بريفنگ، ماڻهو هاڻي بي زاري ڏيکاري رهيا آهن سرڪار جي اهڙي رويي تي.

• او پيپنين وٽ علي قاضي پروگرام ۾ مڪليءَ مان هڪ ڪالر ٻڌائي رهيو آهي ته 3 ڏينهن اڳ وفاقي وزير رحمان ملڪ هن ڪئمپن ۾ اچي ٽي ويلها ماني ڏيڻ جو واعدو ڪري ويو پر ٽي ويلها ته ڇا هڪ پاڻيءَ جو گلاس به نه مليو. ”اٺ ڏهن ٽي رڙيا جڏهن ٻورا ٽي سبيا“ منهنجي دوست ڊاڪٽر اسلم خواجه سڄاول واري ٻڌايو ته هو ڪراچيءَ جي هڪ ڪئمپ ۾ ڪسمپرسي واري حالت ۾ گذاري رهيو آهي پر انهن حالتن ۾ به هن چيو ته ننڍي ۽ سڄاول وارا گهارا بند ڪيا وڃن. ڊاڪٽر همت وارو انسان آهي. 1990ع ۾ جڏهن آءُ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس ۽ هو لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ته اسين ٻنهي گڏجي ڄامشورو پريس ڪلب جو بنياد وڌو. هو ڄامشوري مان اخبار جنگ لاءِ ڪم ڪندو هو ۽ مان جاڳو اخبار لاءِ. اسان گڏجي مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر احد ابڙو ڪان هڪ پئنل انٽرويو به ڪيو هو جيڪو جنگ مڊويڪ اسپيشل ۾ ڇپيو هو. مان ڄامشورو پريس ڪلب جو پهريون صدر بڻيس ۽ هو جنرل سيڪريٽري، ڊاڪٽر سان سڄاول واري گهر ۾ هڪ ٻه ملاقات ٿي آهي. انتهائي همت ڀريو ۽ بهادر ماڻهو آهي.

فضل الله قريشي چيو ته قاضي صاحب اوهان ڪالهه ڪراچيءَ ۾ صدر آصف زرداريءَ سان ملاقات ڪئي؟ ڇا هن کي اندازو هيو ته ڪير متاثرين جي امداد ۽ بحاليءَ ۾ رڪاوٽون وجهي رهيو آهي؟ علي قاضيءَ جواب ۾ ڪيس چيو ته صدر ايڊمٽ ڪيو ۽ چيو ته هو اهڙن ماڻهن جي سمورن حرڪتن ڪان واقف آهي ۽ هن کي احساس آهي.

قاضي عليءَ چيو ته صحت ۽ ٽرانسپورٽ واريون وزارتون اتحادين وٽ آهن ان ڪري حڪمران انهن ڪان پڇاڻو نه ٿا ڪري سگهن. جنهن سبب ماڻهو مري رهيا آهن ۽ مدد نه پئي ٿئي. هن اهو پڻ چيو ته جيڪي ڪاتا پ پ وٽ آهن سي ته ڀلا ڪجهه ڪن. ؟

• ڪي ٽي اين جي هڪ ٽاڪ شو ۾ ادريس راجپوت چوي ٿو ته هن منجهيل صورتحال بابت هن لاڙڪاڻو ۾ موجود انجنيئر شفقت حسين وڌو ڪان راءِ ورتي آهي تنهن جو چوڻ آهي ته ڏامراهه وڏندڙ پاڻيءَ جو دٻاءُ جهلي نه سگهندو، سو ان کي ڪٽ هنيو وڃي. هن چيو ته صورتحال انتهائي منجهيل ۽ ڳنڀير آهي جنهن ڪري هو ڪا به حتمي راءِ نه ٿو ڏيئي سگهي. ادريس وڌيڪ چيو ته سانگهڙ ۽ ٻين پاسن جا ماڻهو پوڪيءَ لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ مظاهرا ڪري رهيا آهن. تنهن ۾ ايريگيشن ڪاتي جي نااهلي آهي باقي ٻيو ڪو ٽيڪنيڪل معاملو نه آهي.

- گنجي ٽڪر تي قائم ڪئمپ ۾ سليم ملاح متاثر عورتن کان انٽرويو ڪري پيو، سڀ پنهنجو ظلم ڪٿا بيان ڪري رهيون آهن. 7 عورتن مان 6 جا مڙس ۽ پٽ لڙهي ويا آهن. ڇا اهي موت ڪٿي ڪنهن اخبار يا چئنل تي رپورٽ ٿيا يا هينئر پهريون ڀيرو ٿي رهيا آهن.؟ اهڙا سوين موت آهن جيڪي اڃان چئنلن ۽ اخبارن ۾ رپورٽ ٿيڻا آهن ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪي سوين ماڻهو سيلاب ۾ لڙهي ويا آهن يا گم ٿي ويا آهن. سو وقت ئي ٻڌائيندو باقي سنڌ جو وڏو وزير الائي ڇو بار بار ميڊيا کي ٻڌائي پيو ته شڪر آ سنڌ ۾ جاني نه مالي نقصان ٿيو آهي. هو اهو ائين بار بار ڇو ٿو ٻڌائي ڪنهن جي چوڻ تي ائين ڪري رهيو آهي.؟ سو وقت ٻڌائيندو. ائين ڪرڻ سان ته ويچارا متاثرين معاوضن کان به محروم رهجي ويندا.

صبح جو ڇهين بجي اشتياق انصاري ايم اين وي ڊرين تان (جتي ان جي ڊيوٽي آهي) ٻڌايو ته ايم اين وي ڊي کي خانپور سامهون رات جو چئين بجي وڏي روڻ پئجي وئي آهي، جيڪو دادوءَ لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي.

## چنبڙ موري دادو جوهي روڊ تان:

ايم اين وي کي اولهه طرف لڳل ڪيترن ئي گهارن جو پاڻي هاڻي چنبڙ کان جوهي ويندڙ روڊ مٿان گذري رهيو آهي. ننڍيون گاڏيون ته نه پر اڃان وڏيون گاڏيون گذري رهيون آهن. وڏي پئماني تي ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري ايم اين وي ڊي بند طرف اچي رهيا آهن يا دادو وڃي رهيا آهن. جوهي ۾ روڊ بند ٿيڻ سبب خوف وڌي ويو آهي.

## ڪاري موري جوهي برانچ
## ۽ جڏهن ڪاري موريءَ کي ڪٽ هنيو ويو!

عجيب منظر آهي هتي. سون جي تعداد ۾ ڪاري موري تي جوهي برانچ کي ڪٽ هڻڻ جا حمايتي جديد هٿيارن سان ويٺا آهن ۽ ٻئي پاسي ڪٽ هڻڻ جا مخالف جوهي واسي. وڏي خونريزي جو خطرو آهي. جوهي واسين جو موقف آهي ته ان ڪٽ هڻڻ سان جوهي جو وجود ميسارجي ويندو ۽ جيڪي علائقا ٻڏا آهن سي ته ٻڏا هاڻي اسان کي ڇو موت جي منهن ۾ ڏنو ٿو وڃي. ڪٽ هڻڻ جا حامي چون ٿا ته جي ڪٽ نه لڳو ته سنڌن علائقي ۾ ڪجهه نه بچندو ۽ علائقي جو وجود ختم ٿي ويندو. اوچتو هڪ گاڏين جو وڏو قافلو ڪاري موريءَ طرف ايندي نظر اچي ٿو جن وٽ برانچ کي ڪٽ لڳائڻ واري مشينري به موجود آهي. قافلي ۾ چونڊيل نمائنده ايريگيشن جا اهلڪار، ضلعي انتظاميه جا ماڻهو، روينيو، پوليس، آرمي اهلڪار ۽ گاڏيون ڪاري موري تان پار ڪري جوهي برانچ تي ڳوٺ لليا پاسي بيهي رهيا آهن. اهو منظر ڏسي جوهي طرف جي ماڻهن ۽ لليا ڳوٺ ۽ چانڊيه ڳوٺ جي ماڻهن جو ساهه سڪي ويو.





طئہ ٿيل فيصلي موجب ڪٽ هنيو ويو. هڪڙن خدا جو شڪرانو ادا ڪيو ۽ ٻين ان کي خدا پاران عذاب نازل ٿيڻ سمجهيو. ڪير ڪامياب ٿيو ڪير ناڪام، اها ڪهڙي پلاننگ هئي سو وقت ٻڌائيندو.

## دادو شهر:

خيرپور ناٿن شاهه ۽ آسپاس وارن علائقن جا لکين ماڻهو گاڏين تي لڏپلاڻ ڪري انڊس هاءِ وي ذريعي ڄامشورو ۽ ڪراچي وڃن پيا. ڪي هزارين ماڻهو دادو شهر جي روڊن رستن ۽ گهٽين ۾ بي يارومددگار ويٺل آهن. هن عيد جي موقعي تي به دادو شهر ۾ ڪا رونق نه آهي اڌ شهر اڳواٽ خالي ٿي چڪو آهي. جنهن ڪي هي متاثرين ڀري رهيا آهن. شهر جو مصروف چوڪ تي شام جو جيڪا رواجي رونق هوندي آهي سا اڌ رهجي وئي آهي. شهر جي مصروف بازارن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان کليل آهن. شهر ۾ موجود ڪئمپن ۾ خدا جي هن خلق ۽ پ پ پ جي ووٽرن سان جيڪا ويڌن ٿئي پئي سا ساڳي آهي جيڪا ڪراچيءَ سميت پوري سنڌ ۾ نظر اچي پئي.

- شڪارپور جي هڪ ڪئمپ ۾ ماڻهو چئي رهيا آهن ته کين فقط چانو ڪپي، ٻن هفتن کان اُس تي ويٺا آهيون.
- سنڌ ۾ جي بهتر حڪومت هجي ها ته شايد ذري برابر به نقصان نه ٿئي ها يا ڪنهن قدر ان نقصان کي گهٽائي سگهجي ها. گڏيل حڪمت عملي، ڏاهپ، ٿڌي دماغ سان، سوچ ويچار سان، عقل ۽ علم سان، فني طريقن، خلوص ۽ سچائي سان پر ڇا ڪجي هت ته ڊينگو ئي ڊيري تي پيو آهي. شهري بابو ته اصل سنڌ سرڪار کي چرڻ به نه پيا ڏين ۽ متاثرين سان همدردي جي ته ڳالهه ئي نه پڇو، هو ان تي خوش نه آهن ته اهي ڪراچي اچن يا سنڌن ڪا واهر ٿئي. هي عجيب صورتحال آهي هن ڏکايل ماتريءَ جي ماڻهن سان. هن ڏکايل گهڙيءَ ۾ هن شهري تنظيم جو جيڪو رويو ۽ ڪردار رهيو سو تاريخ جي صفحن ۾ لکجي ويو آ. سنڌ جي قومپرستن جو به ڪو سرگرم ڪردار نظر نه پيو اچي. هو به بس خانه پوري ڪري رهيا آهن.
- ڪي ٽي اين جي نيوز ايڪسٽرا پروگرام ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته هيڏي وڏي تباهي کان پوءِ به چونڊيل نمائنده ماڻهن کي ٻوڏ جي پاڻيءَ مان ڪڍڻ ۽ واهر ڪرڻ بجاءِ گهارن جي سياست ۾ سرگردان آهن.
- ڪشمور ۽ غوثپور واسي ٻڌائن پيا ته پ پ پ ماڻهن کي نلڪا، راشن، پاڻيءَ جون ٽانڪيون ۽ ٻيو سامان ڏنو سو ته پ پ پ وارا پنهنجن عزيزن، مائٽن ۽ واقف ڪارن ۾ ورهائي رهيا آهن. پيا پين کي پيا ڏين ته پناڻ پناڻن کي. هنن چيو ته جي ٽوڙي بند پاسي سمورا چونڊيل عيوضي ڌيان ڏين ها ته اهو سانحو ڏسڻو نه پئي ها. هنن چيو ته سرڪار اسان کي (مال) جانورن جيتري به حيثيت نه پئي ڏيئي. هنن چيو ته

مالڪ مال ڪي بہ ڪٽي ڇڏيندو آهي يا واڙي ۾ بند ڪندو آهي تہ باقاعده چاري ڏيڻ يا بڙي بيماري ۾ سار لهندو آهي. پر اسان تہ جانورن کان بہ بدتر ٿي ويا آهيون. شايد ان لاءِ تہ محترمہ کي ووٽ ڏنوسين. ماني هلائين ٿا تہ پڪي ۾، چون ٿا تہ ڪچي ۾ ڪو بہ متاثرين موجود نہ آهي. اوهان صحافي آيا آهيو ۽ ڏٺو آهي تہ اسين هت ڪهڙي حال ۾ حالت ۾ آهيون

- ٺوڙي گهاري وٽ آرمي اهلڪار امانت علي ٻڌائي پيو تہ اسان هت اچي ڏٺو تہ سنڌو ٻن حصن ۾ وهي رهيو آهي. جيترو Main Course ۾ پيو وهي اوترو ئي هن گهاري مان.

ناز سهتو جاتيءَ مان ٻڌائي رهيو آهي تہ پاٽي جاتيءَ شهر ۾ داخل ٿي ويو آهي چونديل نمائنده ۽ ايريگيشن اهلڪار گم آهن، ماڻهو مدد لاءِ آرميءَ کي پڪاري رهيا آهن. پاٽي جاتي شهر جي مختلف واردن ۾ تيزيءَ سان وڃي رهيو آهي. سوين ماڻهو ڦاٿل آهن. جاتيءَ ۾ صورتحال تمام خراب آهي.

تڙ خواجہ شهر خالي ٿي ويو آهي. جتان رات جو ٻيڙين تي چڙهي ماڻهن چوريون ڪيون آهن ۽ سجاول ۾ بہ ائين ئي ٿيو. هن ٻڌايو تہ پنياري ڪئنال کي گهارو لڳو آهي سو بہ پاٽي جاتيءَ ۾ داخل ٿيندو.

- بلوچ اڳواڻ حاصل بزنجو کي ٽي اين ٽي هوسٽ منظور شيخ کي هڪ پروگرام ۾ ٻڌائي رهيو آهي تہ حب ۾ 60 هزار متاثرين آهن ۽ ڪيترائي خضدار ۾ آهن اوستہ محمد، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ ۽ ٻين علائقن کان آيل آهن. هنن کان ٻوڏ سڀ ڪجھ کسي ڇڏيو آهي، ماحول، مٽ مائٽ، علائقا، اميري، غريبي، سک، سڪون، مال ملڪيت سڀ کسي ڇڏيو آهي. هن چيو تہ ڀلا متاثر ٿيندڙ ڪٽي سڀ امير نہ هئا پر غريب ئي سهي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي حال سان سڪون سان تہ رهيا پيا هئا ۽ پنهنجن سان گڏ هيو، ڪو ماني ٽڪر تہ ڏيندو هوندن ڪو ڏک درد تہ ٻڌڻ وارو هوندن، پر هتي تہ هو اڪيلو، لاچار ۽ مجبور آهي.

ڪي ٽي اين ٽي ٽٽي ويجهو چليا تي قائم ڪئمپ ۾ متاثرين اهي ئي داستان ٻڌائين پيا جيڪي سموري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود متاثرين ٻڌائين ٿا. يعني واهر نہ ٿيڻ ۽ سار سنڀال نہ لهڻ.

- ٻوڏ متاثر ٻار گيسٽرو ۽ ٻين بيمارين ۾ ورنجي رهيا آهن. هزارين ٻار ڪئمپن ۾ ٿيليسيميا جا مريض آهن انهن بابت اجان شايد ڪنهن سوچيو بہ نہ آهي، انهن جو ڇا ٿيندو، اهي اٽينڊ بہ ٿيندا يا مري ويندا. هزارين ماڻهو هيپاٽائيٽس سي ۽ ٻين خطرناڪ مرضن ۾ مبتلا آهن انهن جو ڇا ٿيندو؟ هزارين ماڻهو دل جي مرض ۾ مبتلا هوندا تن کي ڪئمپن ۾ ڪير دوائون ڏيندو. هزارين ماڻهو ڊائيلاسز تي هوندا تن کي ڪير اٽينڊ ڪندو. ڇا اهي سڀ موت جي منهن ۾ آهن. هئڻ تہ ائين گهرجي جو سرڪار ڪراچي ۾ جناح اسپتال، حيدرآباد ۾ لياقت ميڊيڪل ڄامشورو ۽ سکر





۾ ڪنهن اسپتال ۾ ڪي خاص ايمرجنسي وارڊ فقط ٻوڏ متاثرين لاءِ مخصوص ڪري جتي انهن جو علاج ٿئي، ڏسون تہ سرڪار ڇا ٿي ڪري؟

- ڪي ٽي اين رپورٽ ڪيو آهي تہ محرابپور ۾ خان محمد چانديو ۽ سندس زال هير ڪيترن ئي ٻوڏ متاثرين کي اجهو ۽ کاڌو فراهم ڪري هڪ روايت قائم ڪئي آهي. ڪاش سڄي سنڌ ۾ ائين ٿئي؟

اجـــان رج مـــان رڃ اچـــي پئـــي،
متـــان سـمجهين ويـــا مـــور ســارا مـــري.

- سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرين لاءِ اي اين پي ڇا پئي ڪري جيڪا پڻ سرڪار جو حصو آهي سنڌ ۾ آباد پٺاڻ وڏا مالدار آهن، ڪراچي م تہ تمام سکيا ستابا آهن ۔ سنڌ هنن کي ورهين کان پناهہ ڏيئي پالي رهي آهي. هت ڏکي گهڙي ۾ هنن ڪا سٽي موٽ نہ ڏني آهي. انهيءَ جا سبب ڳولڻا پوندا.
- نظام شيخ جوهي برانچ تي موجود سوين هٿيارٻندن کان انٽرويو ڪري رهيو آهي، جيڪي چون پيا تہ ڪجھ بہ ٿئي سڀ مري وڃون، پر پنهنجا گهر، ٻار ٻچا ٻوڙڻ ۽ لوڙهڻ نہ ڏينداسين. ٻئي ڌريون ساڳي زبان پيون ڳالهائن. هاڻي ڪير سچ تي ۽ ڪير ڪوڙ تي؟

نظام پڇين ٿو تہ هنن هٿيارن کڻڻ جي نوبت ڪيئن آئي؟ وراڻي ۾ چون ٿا تہ سرڪار گم آهي، نمائنده گم آهن، ايريگيشن گم آهي پوءِ جنهن کي جيئن سمجھ ۾ ايندو تيئن ڪندو.

ٻوڏ متاثرين هر هنڌ اهي دانهون پيا ڪن تہ چونڊيل نمائنده واهر نہ ٿا ڪن، موبائيل فونون بند ڪيو ويٺا آهن. خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ميهڙ مان هزارين ماڻهو ٻوڏ ۾ ڦاٿل آهن پر ڪير بہ سندن سار نہ ٿو لهي نہ ئي ڪار رسيڪيو پئي ٿئي نہ ڪو راشن پيو ملي.

- دادو پريس ڪلب ۾ صحافي صابر ينڊ پيو چوي تہ حيرانگي ٿئي پئي تہ سنڌ جون مذهبي تنظيمون هن ڏکيءَ گهڙي ۾ گم ٿي ويون آهن، بوسنيا، ڪشمير، افغانستان، فلسطين، سوات تہ کين ياد آهي پر پنهنجي گهر م ڪلور ٿيو آهي تنهن بابت هو بجاءِ ٻاهر نڪري ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي مسجدن مان واعظن ذريعي متاثرين جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي رهيا آهن، ڇا اهي خدا وٽ جواب نہ ڏيندا؟
- ڪي ٽي اين تي ايم پي اي مهرين ڀٽو چوي پئي تہ هينئر لکين ماڻهن جو وجود سخت خطري ۾ آهي هو اڳتي هلي اهو سوال ڪندا تہ اسين ڪير آهيون، ؟ اسان جي ڪهڙي سڃاڻپ آهي؟ ۽ هينئن پنهنجي ديس ۾ ڪئمپن ۾ ڪيترو عرصو گذارينداسون. ؟

بلوچ اڳواڻ حاصل بزنجو چوي ٿو تہ وفاق کي متاثرين بابت سنجيده ٿي سوچڻو

پوندو ۽ انهن جي بحاليءَ جو ڪم مڪمل ڪرڻو پوندو.

- سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ پ پ اتحاد سبب متاثرين جي بحالي ۽ امداد ۾ وڏيون پيچيدگيون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ لڳي ٿو ته انهيءَ غير فطري اتحاد سبب متاثرين گهڻو پوڳيندا.
- ڪي ٽي اين تي ٽوڙي واسي ٻڌائين ٿا ته هت اسان وٽ بند ٻڌڻ ۾ ٻين ڪمن ۾ فوجي ساٿ ڏين پيا. ۽ آبپاشي کاتي وارا ساٿ ته پري جي ڳالهه. ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن هتي ڳوٺاڻن جي هڪ ٻيڙي ٻڏي رهي هئي ته اهي بجاءِ مدد ڪرڻ جي ٺٺوليون ڪري رهيا هئا.
- ناز سهتو مڪليءَ تي ڪئمپ ۾ موجود ٻوڏ متاثرين سان حال احوال ڪري رهيو آهي.

ناز: هت ته مئل ماڻهو رهندا آهن پوءِ اوهان هت ڇو رهيا آهيو؟
جواب: اسين به مئل آهيون.
ناز: هت ته مئل ستا پيا آهن اوهان انهن سان گڏ ڪيئن ستا پيا آهيو؟
جواب: اسين مئلن کان به وڌيڪ آهيون ۽ انهن کان به وڌيڪ بدتر زندگي گهاري رهيا آهيون.

- متاثرين جي حق ۾ قاضي عليءَ جو آواز گونجي رهيو آهي. هو چوي پيو ته هي ڌرتي ڏٽي آهن هنن کي ائين ننڌڪو نه ڇڏيو وڃي.

اڇا رج مان رڙ اڇي پئي،
متان سمجهين ويا مور سارا مري

مهراڻ ٽي وي تي ناصر مورائي ۽ هاشم لغاري چون ٿا ته حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم پ پ وارن کي چوي ها ته اوهين ڇڏيو، پري ٿيو هنن جي مدد، خدمت ۽ سنڀال اسين ڪنداسين ڇو ته هنن ئي ماڻهن 1947ع ۾ ۽ ان کان پوءِ اسان جي دل کولي مدد ڪئي پنهنجا گهر اسان کي ڏنا، ملڪيتون ڏنيون، زمينون ڏنيون، شهر ڏنا، اجهو ۽ پناهه ڏني، اڄ هي تڪليف ۾ آهن ۽ ساڳي وانگر اسان جي اڪثريتي شهر ۾ آيا آهن لحظ اهو اسان تي فرض آهي ته اسين اهو قرض موٽايون پر افسوس جو انهن ائين نه ڪيو، الٽو ڪيئي رڪاوٽون وڌيون، مسئلا پيدا ڪيا جنهن سبب متاثرين ڪراچي ۾ رولڙي جو شڪار ٿيا ۽ تڪليفن ۾ اچي ويا آهن هاءِ ڙي زمانه، اڙي آسمان حيف ٿئي

سنڌين کي واقعي مهمانوازي جي ايڏي وڏي سزا ملي آهي جو هنن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هوندو. اجان به ڪي سنڌي هوندا جيڪا پاڻ کي مهمانواز سڏائيندي فخر محسوس ڪندا هوندا. آءٌ نه ٿو سمجهان. يا مان غلط هجان. اهو وقت ٻڌائيندو؟

ڪي 20 ڏينهن اڳ اشتياق انصاري ۽ بدر ابڙو کي مون ٽوڙيءَ مان ايندڙ پاڻيءَ





جي آخري ڇوڙ منڇر ۽ دادو ۾ ٽيڻ جي صورت ۾ امڪاني خطرن ۽ دنگل بابت آگاهه ڪيو هو ۽ پڻ ٻين ڪيترن دوستن ۽ ساٿين ۽ مهربانن پروفيسر اعجاز قريشي، نوراحمد ميمڻ، نوراحمد جهنجهي، ڊاڪٽر ايوب شيخ،عثمان ميمڻ، نصير ميمڻ، ادريس راجپوت، الطاف ابڙو، ناصر پنهور، حاڪم علي شاهه بخاري، گل محمد عمراڻي، حفيظ ڪنڀر، منظور ميراڻي، ڊاڪٽر علي احمد رند، مصطفيٰ ميراڻي، همسفر گاڏهي، معشوق شابراڻي، ذوالفقار شيخ، نظام شيخ، گلڻ ڀند، صابر ڀند، نصير اعجاز، قربان خشڪ، وفا برهماڻي، ڊاڪٽر حميد سومرو، اڪبر لاشاري، معشوق برهماڻي، مرتضيٰ سيال، ناز سهتو ۽ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻين ڪيترن شخصيتن ۽ سڄاڻ ڌرين کي فقط ان نيت سان ته جيئن هو بروقت پنهنجن لکڻين يا اثر رسوخ کي استعمال ڪندي اختيارين تائين دادوءَ کي امڪاني سخت خطرن بابت آگاهه ڪن ۽ بروقت ڪي فيصلا ڪري ڪنهن وڏي نقصان کان بچي سگهجي.

مون مختصر اهو ئي تجزيو ڪيو هو ته ٽوڙيءَ مان ايندڙ پاڻي دادوءَ ۾ هڪ وڏو دنگل ڪندو، نقصان ڪندو ۽ مبادا اهو پاڻي سيوهڻ کان لاڙڪاڻي جي حدن تائين علائقا ٻوڙيندو ڇو ته دادو جي جاگرافي حيثيت ٽوڙي پاڻيءَ لاءِ هڪ ڊيم مثل هوندي جنهن ۾ مسلسل هڪ طرف کان (اُتر کان) ڪيترن ئي ڏينهن تائين هڪ ٻيو متبادل درياهه وهندو رهندو /داخل ٿيندو رهندو جنهن سبب منڇر ڀربي، ڪاڇو ڀربو، ايم وي ڊرين تي دٻاءُ ٿيندو، ايف بي بند تي دٻاءُ ٿيندو، حمل تي پڻ وزن پوندو پوءِ منڇر، ايف پي، ايم اين وي يا حمل ڪنهن وقت ڪٽان ٿٽا ته وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو.

- اڄ جڏهن شام جو آر بي او ڊي ڪالوني ۾ اشتياق سان سندس ڪمري ۾ روز شام واري گپ شپ ۾ ويٺو هوس ته بدر صاحب جو فون آيو ته عزيز تنهنجو اندازو 100 سيڪڙو درست ثابت ٿئي پيو ۽ هاڻي دادوءَ لاءِ فقط دعا ئي ڪري سگهجي ٿي. بدر اشتياق سان به ڳالهايو تنهن پڻ بدر کي اهو ئي ٻڌايو ته عزيز جيڪو 17.8 تي ڪاوش لاءِ به ڪالم لکي منهنجي حوالي ڪيا تن ۾ جيڪا صورتحال بيان ڪئي وئي آهي. حالات ان طرف پيا وڃن ۽ ساڳي صورتحال ٿهي پئي يا نظر اچي پئي. ٻن مضمونن مان هڪ مضمون ڪاوش ۾ ڇپيو .

مون اشتياق ۽ بدر صاحب کي ٻڌايو ته 1997 ۾ نئہ گاج جي موتمار وهڪري سبب دادو ضلعي ۾ ان وقت ڪي 300 کان وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيون هيون، ايف پي بد هنڌان هنڌان ٽٽي پيو، يعني نئہ گاج ايف پي بند کي ڳوٺ الهبچايو جمالي وٽان (گاج جي قديم وهڪري وارو هنڌ) ٽوڙيو هو ۽ وري ايف پي واري گهاري سڌو اچي هٿ ڪيو هو ايم اين وي ڊي کي ۽ پوءِ جڳ ڏٺو ته دادو شهر ٻاهران کي لمحن ۾ انڊس هاءِ وي تي پاڻي وهي رهيو هو ۽ انڊس هاءِ وي بند ٿي ويو. هوڏانهن منڇر کي نه صرف گهارا لڳا پر دانستر ريگيوليٽر به لڙهي ويو. ڪي 2 لک ماڻهو رات

پيٽ ۾ ايف پي بند، ايم اين وي ڊي بند، منڇر بند ۽ ٻين هنڌن تي پناهه لاءِ اچي پهتا هئا. 4 لک ايڪڙن تي بيٺل تباهه ٿيا هئا هڪ وڏي تباهي هئي جيڪا فقط نئَ گاج جي وهڪري سبب ٿي هي. جنهن ۾ مون هڪ انگريزي اخبار جي (خاطوءَ) نمائندي طور رپورٽ ڪيو هو ۽ ڪي 18 ڏينهن مسلسل ليڊ ورتي هئي. پاڻي ته ان وقت دادو شهر ٻاهران نور واهه تائين اچي پهتو هو ۽ شهر ۾ افراتفري مچي هئي سو هاڻي ته هي هڪ ٻيو درياهه پيو دادو ڏانهن ڌوڪيندو اچي. خدا خير ڪري

اشتياق جي ڊيوٽي جيئن ته دادو شهر کان ويجهو الهندي طرف الهندي ناري ايم اين وي ڊي جي ڪناري تي آهي جتي هو ايمانداريءَ سان رات ڏينهن اوجاڳا ڪري ڊيوٽي ڪري ٿو. بقول ان جي ته جي منهنجن اوجاڳن ۽ ڪوشش ڪري دادو شهر بچي ٿو ته اها منهنجي لاءِ زندگيءَ جي شاندار اچيومينٽ هوندي. آءٌ اشتياق ڏي گهوري ڏسان پيو ۽ ڪيس يقين سان اهو چوان ٿو ته تنهنجي ان جذبي جي ڪري ئي شايد دادو بچي پوي.

- دادو بس اسٽاپ تي ڪي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو شهر خالي ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي وڃڻ لاءِ انبوهن جي صورت ۾ سامان سميت انتظار ۾ آهن. پبلڪ ٽرانسپورٽ گم آهي. ٽرانسپورٽرن ماڻهن جي اهڙي خوف ۽ پريشانيءَ کان ڀرپور فائدو وٺندي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ لاءِ روٽين جي سروس بند ڪري ڇڏي آهي ۽ جي ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏيون نٺديون ۽ وڏيون هلي به رهيون آهن ته سنڌن ڪرايا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. حيدرآباد لاءِ 120 رپين بجاءِ هڪ هزار کان 1100 سئو تائين ۽ ڪراچيءَ لاءِ 250 رپين بجاءِ 3000 هزار رپين تائين وصول ڪيو پيو وڃي پوءِ به ماڻهو وڃن پيا. ڇا ڪن سر ته بچائڻو آهي. ٻچن کي محفوظ هنڌن ڏي ته موڪلڻو آهي. نجي الڳ سواري جو ڪرايو ته جهڙوڪر عمري جي ڪرائي جيترو وصول ڪن پيا يعني حيدرآباد لاءِ وين 15000 کان 2000 هزار ۽ ڪراچيءَ لاءِ 50000 هزار تائين. هي پنهنجائي ڄاتل سڃاتل ٽرانسپورٽر ۽ مالڪ آهن جيڪي هينئر شهرين سان هن مصيبت جي گهڙيءَ ۾ هي ڪيس ۽ ڪلور ڪري رهيا آهن. ڇا ته ڏڪائيندڙ منظر آهن بس اسٽاپ تي هڪ طرف دادوءَ جا شهري شهر مان وڃڻ لاءِ آتا ته ٻئي طرف خيرپور ۽ ميهڙ مان متاثر ٿي آيل ماڻهو پڻ دادو شهر پهچي ۽ اُتان حيدرآباد ڪراچي وڃڻ لاءِ بيچين. ڇا ته هن ٻوڏ ماڻهن کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي.
- دادو پريس ڪلب ۾ به صحافي دوستن ۾ اڄ ڪجهه بيچيني وڌيڪ پئي محسوس ٿئي. هو پنهنجون هن مشڪل گهڙيءَ ۾ صحافتي ذميواريون نڀائين يا پنهنجا ٻار ٻچا شهر مان ڪڍي ٻئي پاسي وڃن. ڪين ڪجه سمجهه ۾ نه ٿو اچي.

ميڊيا تي شهر مان چونڊيل ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو جي شهر واسين کي شهر جلد ڇڏڻ جي صلاح کان پوءِ جيڪا شهر ۾ ڀاڄ پئي آهي سا ڏسي دل روئي پئي. هڪ پاسي شهر مان جيترا ماڻهو نڪري رهيا آهن ٻئي پاسي اوترائي متاثرين ٻين پاسن





کان شهر ڪي پري رهيا آهن. ريلوي اسٽيشن، روڊ، فٽ پاٿ، پيٽرول پمپ ويجهو پيل زمين، شهر جي اردگرد زمين جي ڪجهه ٽڪرن تي اسڪولن ۾ سرڪاري عمارتن ۾ متاثرن ئي هر طرف نظر اچي رهيا آهن. اوچتو تيل جي اگهن ۾ واڌ ٿي وئي آهي. شهري پنهنجن گاڏين ۾ تيل ۽ گئس وجهرائڻ لاءِ پيٽرول پمپن تي اچي قطارون ڪري بيٺا آهن ڪين اهو ڊپ آهي ته اهڙي ڀاڄ کان پوءِ شايد ڪين ايمرجنسي ۾ تيل يا گئس به ڪين نه ملي.

- شام جو جڏهن آر بي او ڊي ڪالوني ۾ اشتياق سان ملڻ ويس ته ان شهرين جي اهڙي ڀاڄ ۽ ايم اين وي ڊي بندن جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي مون کي دوستانه صلاح ڏني ته مان به پنهنجي فيملي وٺي سنڌس حيدرآباد واري گهر ۾ وڃان. هن چيو ته هاڻي هت رهڻ هڪ وڏو رسڪ هوندو. ٿي سگهي ٿو ته پوءِ شهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪو رستو به نه بچي. ڇو ته دادو مورو روڊ به بند آهي. مون سنڌس آڏو وري به اها ڳالهه رکي ته گهر وارا ايڏو سولائي سان پنهنجو گهر ڇڏڻ نه ٿا چاهين ۽ ٻيو ته اسان پورو هڪ مهيني جو راشن وٺي رکيو آهي، جيڪڏهن شهر طرف ڪو گهارو لڳو يا پاڻي پهچڻ جي ڪندو ته اسان کي ڪي ڪلاڪ يا ڏينهن ملي ويندو ۽ اسين هتان نڪري ويندا‌سين باقي گهاري لڳڻ ۽ شهر ۾ پاڻي داخل ٿيڻ کان پهرين نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي ۽ بابا به چوي ٿو ته اوهان ڀلي سڀ هليا وڃو آءٌ گهر اڪيلو ۽ خالي نه ڇڏيندس ته پوءِ اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪيس ڪئين اڪيلو ڇڏي وڃون. اشتياق جي صلاح ته عقل واري آهي پر اسان سخت مونجهاري جو شڪار آهيون. واقعي سيني جو ننڊون حرام آهن ۽ ٿوري ٿوري دير کان پوءِ شهر ۾ خوف وارو ماحول ڇانئجي ٿو وڃي. اڄ کان وڌيڪ شهر ته خالي ٿي ويو آهي. شهر جي مين چونڪ تي شام جي وقت ۾ ٿيندڙ رونق ختم ٿي وئي آهي. ورلي ڪو واقف شهر ۾ نظر اچي ٿو نه ته اڪثر ويچارا ٻوڏ متاثرين ئي شهر ۾ نظر پيا اچن. گلڻ پنڊ، صابر پنڊ، نظام شيخ، ولي محمد لنڊ، فريد شيخ ۽ ٻين صحافين چيو ته هنن پنهنجون فيملون شهر مان ڪڍي ٻاهر موڪلي ڇڏيون آهن ۽ شهر تيزيءَ سان خالي ٿي رهيو آهي. انجنيئر صدام رانجهاڻي به آيو ته هاڻي ٻڌايو ته اسين ڇا ڪيون ڪيڏانهن وڃون. مون ڪين ٻڌايو ته في الحال اهو ئي ڪيو جيڪي اسين پيا ڪيون يعني انتظار. بهتر جي اميد ۽ بدتر لاءِ تيار. مهتاب عزيز شهر مان جائزو وٺي ٻڌايو ته شهر ۾ مسلسل ايم اين وي ڊي کي گهارن لڳڻ جي افواهن کان پوءِ تيزيءَ سان ڀاڄ پئي آهي، سو بهتر ٿيندو ته اسين به شهر کي ڇڏي حيدرآباد هلون. سنڌو ٽيوش سينٽر تان واپس اچي ٻڌايو ته سنڌس سمورن سهيلين جون فئمليون شهر مان نڪري ويون آهن ۽ هاڻ پاڻ کي به حيدرآباد يا ڇني هلڻ گهرجي.

ڪي ٽي اين تان خبر هلي ته لاڙڪاڻي مان ڪا خاص ريل رواني ٿي راڏڻ پهچي ٻوڏ متاثرين کي ايمرجنسي ۾ ڪٽي لاڙڪاڻي پهچايو. هي سٺو عمل آهي شايد ميهڙ

۽ خيرپور وارن کي به فائدو رسي.

- وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ميڊيا کي ٻڌائي رهيو آهي ته سنڌ سميت ملڪ ۾ ٻوڏ سبب جيڪا تباهي ٿي آهي سا ڪره ارض تي سڀ کان وڏي تباهي آهي. يو اين به هن تباهيءَ کي دنيا جي وڏي تباهي قرار ڏنو آهي.
- ڪي ٽي اين تي جوهي مان حاڪم لغاري ٻڌائي پيو ته جوهي جي مختيارڪار عبدالفتاح پنهور پاران شهرين کي شهر خالي ڪرڻ جي آخري وارننگ جاري ڪئي وئي آهي ۽ ٻوڏ جو پاڻي شهر ٻاهران رنگ بند سان اچي ٽڪرايو آهي ۽ شهر ۾ ڀاڄ پئي آهي. جوهي شهر ۾ قائم ڪئمپن ۾ ترسيل متاثرين، خوف ۾ ورتل ماڻهن جون رڙيون ۽ دانهون واهر لاءِ اپيل. هن ٻڌايو ته ماڻهو وڏي تعداد ۾ واهي پانڌي، ڇني، حاجي خان ۽ ٻين رستن ذريعي ڪاڇي طرف پناهه لاءِ وڃي رهيا آهن جتي نه ڪئمپون موجود آهن نه علاج جون سهولتون ۽ نه راشن ته پوءِ ڪاڇي طرف ويندڙ هزارين ماڻهن جي زندگين جو ڇا ٿيندو؟ فوٽيج ۾ ماڻهن کي ڏيکاريو پيو وڃي ته اهي پنهنجن گهرن جون ڇتيون پٽي ۽ ٽيئر گاڏيءَ ڪڍي وڃي رهيا آهن جڻ ڪي انهن کي هاڻي ٻيهر هتي موٽڻو ئي ناهي.
- ڪي ٽي اين تي منجهند 3 وڳي ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو جي حوالي سان خبر هلي ته دادو جا شهري محفوظ هنڌن ڏانهن هليا وڃن.

پير مظهر اسڪرين تي ٻڌائي پيو ته دادو شهرين لاءِ بهتر آهي ته اهي پنهنجون فيمليون ڪڍي وڃن.

- صبح جڏهن گهران پريس ڪلب وڃي رهيو هوس ته واٽ تي هڪ دوست چنه ٻڌايو ته پير صاحب رات فون ڪري چيو ته پنهنجا ٻار ڪڍي وڃي باقي پاڻ پلي شهر ۾ گهر جي سنڀال لاءِ هجي. پريس ڪلب پهتس ته صحافين ۾ به پير مظهر جي حوالي سان اها ساڳي ڳالهه ٻڌائي ته پنهنجون فيمليون شهر مان ڪڍي وڃو.

دادو شهر جي مين چوڪ تي سخت رش ۽ پيهه آهي. افراتفري جو ماحول آهي. هڪڙا دادو ڇڏين پيا ۽ ٻيا دادو اچن پيا. عجيب پريشاني ۽ ڏک وارا منظر ڏسڻ وٽان ملي رهيا آهن، ماڻهو پنهنجن فيملين ۽ سامان کي گاڏين ۾ سٽي شهر خالي ڪري رهيا آهن. سڀني جا هوش حواس ختم. ڪين ڪا سنڌ نه آهي ته ڪير ڪيڏانهن پيو وڃي.

ناميارو صحافي علي قاضي ڪي ٽي اين تي پنهنجي مشهور پروگرام اوپينيئن وٽ علي قاضي ۾ چوي ٿو ته ”انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندن جي نااهلي سبب خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ، سيتا، ڦلجي، جوهي ٻڏي رهيا آهن ۽ هاڻي دادوءَ جو تاريخي شهر به ٻڏڻ جي خطري هيٺ آهي. هن چيو ته هن مها ٻوڏ ۾ سنڌ اندر انتها درجي جي مس مئنيجمينٽ ڏٺي وئي.

- ٻوڏ سٽيلن علائقن ۾ هوا ۾ اڏامندڙ هيليڪاپٽرن کي زمين تي موجود خلق خدا ڪنهن چڱي نظر سان نه پئي ڏسي هو سمجهن ٿا ته چونڊيل نمائنده، انتظامي





عملدار يا ٻيا جيڪي انهن ۾ سوار آهن سي خلق خدا جي لاءِ ته ڪجهه به نه ڪري سگهيا ٺلهو رڳو دورن ۾ پورا آهن ۽ خوامخواهه وڏو عوامي پئسو ضايع ڪري رهيا آهن. ماڻهن جو واقعي انهن تان اعتماد کڄي ويو آهي جو مصيبت وقت ۽ ان کان پوءِ هاڻي امداد ۽ بحالي واري مرحلي ۾ ڪين ڪو به سار لهڻ وارو نظر نه پيو اچي. سو هو هاڻي اهڙن دورن کي وقت ۽ پئسي جو زيان سمجهي رهيا آهن. ماڻهو چون ٿا ته 1976ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ اهي هيليڪاپٽر سندن لاءِ آڌت ثابت ٿيندا هئا جن ۾ بروقت سندن واهر ٿيندي هئي، ريسڪيو ٿيندي هئي ۽ امداد ملندي هئي پر هن ڀيري صورتحال مختلف آهي. ماڻهو اهو به چون ٿا ته جي شهيد بينظير زنده هجي ها ته شايد ڪا واهر ٿئي ها پر هاڻ ان جي پارٽي نه ڄاڻ ڇو ۽ ڪهڙين مصلحتن ۽ معاهدن ۾ ڦاسي پنهنجن ووٽرن جي سار نه ٿي لهي.

- گڏيل قومن ۽ دنيا جي ٻين ادارن چيو آهي ته سنڌ ۾ ٻوڏ سبب جيڪو نقصان ٿيو يا جيڪو ڊزاسٽر ٿيو آهي سو تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو آهي جنهن ۾ ڪي ڪروڙ ماڻهو پنهنجن علائقن مان ڌڪجي دربدر ٿيا لکن جي تعداد ۾ چوپايو مال ۽ جايون جڳهيون ڊهي پٽ پئجي ويون. اناج جا ذخيره تباهه ٿي ويا ۽ مختلف قسم جون ملڪيتون جن ۾ لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل، دڪان، ڪارخانا، روڊ، رستا، پليون، اسڪول ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه پاڻي لوڙهي ويو يا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ۽ لکين ماڻهو پنهنجن عزيزن، مٽن مائٽن کان جدا ٿي ٽڙي پکڙي ويا ۽ تقريبن هن ڏکايل سنڌو ماتريءَ جو ساڄو پاسو پنهنجو وجود ئي وڃائي ويٺو ۽ سواءِ جبلن ۽ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ شهرن جي ڪا اهڙي زمين نه بچي جتي ٻوڏ متاثرين پناهه وٺن. هن هيڏي وڏي سانحي ۾ سنڌ سرڪار يا وفاقي سرڪار يا اڃا به ڪي عالمي اداره ۽ ملڪ جيڪا به مدد ڪن سو وقت ٻڌائيندو پر سنڌ تي آيل هن ڏکي گهڙيءَ ۽ مصيبت ۾ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ۽ سنڌ م موجود ڪي اهڙين سخصيتن جو به فرض آهي جيڪي پنهنجي فيلڊ ۾ هڪ سٺي ريپوٽيشن رکن ٿا يا دنيا جي واءُ سواءُ، اوپارين ۽ لهوارين، سياسي سماجي، اقتصادي تبديلين تي نظر رکن ٿا ۽ دنيا گهمن ٿا تن جو به فرض آهي ته هن گهڙيءَ ۾ پنهنجي ديس ۽ وطن جي انهن ماروئڙن لاءِ ڪجهه ڪن جيڪي هينئر سڀ ڪجهه پنهنجو لٽائي ڦرائي بي يارو مددگار پنهنجي ئي ديس ۾ دربدر ڪئمپن جي زندگي گهاري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ پير صاحب پاڳارو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، عبدالستار ايڌي، پرنس ڪريم آغا خان، علي قاضي، شيري رحمان، حسن مجتبيٰ، عادل راشدي، سني پنهور، اقبال ترين، منور لغاري، جاويد سومرو، ميتلو فيملي، مسعود انصاري، ڊاڪٽر ايوب شيخ، قاضي اسد عابد، ڄام ساقي، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر قادرمگسي،بشير خان قريشي، اياز لطيف پليجو، نصير ميمڻ، ڊاڪٽر سونو ڪنگهراڻي، پروفيسر اعجاز قريشي،يوسف ميمڻ، سوڀو گيانچنداڻي، سسئي پليجو، حميره علواڻي، ناصر پنهور، ناصر مورائي، ڊاڪٽر ڪريم راڄپر،

حسين هارون، سومره فيملي، کهڙو فئملي، آفندي فيملي، ماروي ميمڻ، نثار ميمڻ، مصطفيٰ قريشي، عابده پروين، عتيقہ اوڊو، سڪينہ سمون ، حميره رحمان، امر جليل، ظفر جوڻيجو، عرفانہ ملاح، مظهر الحق صديقي، بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري، آصفہ ڀٽو زرداري، فاطمہ ڀٽو، غنويٰ ڀٽو، ممتاز ڀٽو، جتوئي فيمليز، هالا جا مخدوم، ڀٽ شاهہ، سچل سرمست، قلندر لعل شهباز، صوفي عنايت جا گادي نشين، ٽنڊي محمد خان جا سرهندي، ارباب رحيم، گل محمد مستوئي، ناز سهتو، گل محمد جکراڻي سميت سنڌ ۽ ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ چاوا، سنڌو دوست انسان دوست شخصيتون ۽ خاندان جيڪي ڪنهن بہ شعبي سان تعلق رکندڙ هجن تن کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ متاثرين جي بحاليءَ تائين پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌ چاوا هندو بہ تمام گهڻو ڪجھ ڪري سگهن ٿا. اهو اسان سڀني جو فرض آهي تہ اسين انهن لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪيون. مثلن سنڌ ﻣ يا سنڌ کان ٻاهر فنڊريزنگ لاءِ مهم هلائڻ يا ميڊيا ۽ ٻين وسيلن ذريعي سنڌ جي حقيقي متاثر ٿيندڙن جو ڪيس پيش ڪري ڪانئن مدد يا امداد حاصل ڪجي.

• ڪي ٽي اين ويجهي ايندڙ عيد جي حوالي سان ڪئمپن ۾ وڃي حال احوال وٺي رهي آهي. سڀ روئن پيا ٻار ٻچا، مرد، عورتون ڇاجي عيد؟ ڪنهنجي عيد؟، سڏڪا، رڙيون، دانهون، ڪوڪون، آهون ڳوڙها پٽڪا، يا الله هي ڇا هيڏو ڪِيس؟ ڪنهن سان عيد ڪن؟، ڪٿي ڪن؟ هتي تہ گهر گهر مان ڪنهن جو ڪو نہ ڪو پاتي وچڙي ويو آيا موت جي منهن ۾ هليو ويو آ. عيد جي لفظ ٻڌڻ سان ئي هو پنهنجا لڙڪ ۽ سڏڪا نہ ٿا روڪي سگهن. هينئر بہ ڪي ڊريون سنڌ ۾ هن هيڏي وڏي سانحي کي لڪائڻ يا ان جي اثر کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ميدان تي لهي پيون آهن ۽ شروع کان پنهنجي ڪرت کي لڳيون پيون آهن. ڇا هن سانحي جي شدت کي لڪائڻ، حقيقي جاني ۽ مالي نقصان جا انگ اکر يا تفصيل لڪائڻ يا انهن ۾ هيراڦيري ڪرڻ هڪ سفاڪي، بيحيائي، انسان دشمني، ڪميٽائپ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ ٿي سگهي ٿو.؟ مثلن ڪي ڊريون بار بار اهو ورجائين ٿيون تہ سنڌ ۾ جاني نقصان گهٽ ٿيو، سنڌ ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ نقصان گهٽ ٿيو. شڪر آهي جو سنڌ ۾ فقط چند جانيون ضايع ٿيون. ڇا هي متاثرين جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر نہ آهي.

• رات جو هڪ وڳي اشتياق بند تان پنهنجي ڪئمپ ويجهو ايم اين وي ڊي ۾ روڻ پوڻ جو اطلاع ڏنو. اهڙيون روڻيون دادو لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن ۽ بند جي مذڪوره پوزيشن مان ئي دادوءَ کي وڏيڪ خطرو آهي.

• بدر ابڙو ايس ايم ايس ڪري ٻڌايو تہ ميهڙ ويجهو سندس اباڻو ڳوٺ 12 فٽ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو آهي. بعد ۾ هن فون ڪري ٻڌايو تہ ڪيس سخت صدمو رسيو آهي ان ڪري تہ ان ڳوٺ سان سندس جون ڪيئي ننڍپڻ جون يادون وابستہ آهن. هو





سوال ڪري ٿو تہ ڇا عزيز دادو بہ ائين 12 فٽ پاڻيءَ هيٺ هوندو ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ۾ چوي ٿو تہ نہ خدا نہ ڪندو ۽ اهو منظر هڪ صدمي کان گهٽ نہ هوندو. هو اميد ڪري ٿو تہ دادوءَ کي اعليٰ اختياريون جي بچائڻ چاهين تہ اهو ممڪن آهي.

• دادو پريس ڪلب ۾ صحافي دوستن ٻڌايو تہ تازو اطلاع اهو آهي تہ ڊسٽرڪٽ جيل دادو مان قيدين کي حيدرآباد ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي منتقل ڪيو پيو وڃي ۽ گڏوگڏ نادرا آفيس دادو بہ پنهنجو سمورو رڪارڊ ڪنهن محفوظ هنڌ ڏانهن منتقل ڪيو آهي ۽ پڻ ضلعي جي روينيو رڪارڊ سميت ٻيو اهم رڪارڊ پڻ ٻوڏ جي خطري ۽ شهر جي ٻڏڻ جي خطري سبب محفوظ هنڌ تي منتقل پيو ٿئي. اهڙي خبر صحافين سميت شهرين کي ان وقت سخت مونجهاري ۽ ڀڄڊڪ ۾ وجهي ڇڏيو، جڏهن نظام شيخ دادو مان ڪي ٽي اين تي اهڙي خبر بريڪ ڪئي جنهن سبب وڏي تعداد ۾ شهرين جي لڏ پلاڻ محسوس ڪئي وئي.

دادو پريس ڪلب بہ هن ٻوڏ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿي جو سموري ضلعي جو سمورو احوال سرڪاري توڙي غير سرڪاري هٿ ميڊيا کي مليو وڃي ۽ انهن ذريعي سموري دنيا کي. هر روز وڏا وڏا تبصرا ۽ بحث پيا هلن. صحافين جو بہ پنهنجو هڪ الڳ جهان ۽ دنيا آهي احساس آهن وابستگيون آهن. هڪڙا پ پ پ جا حمايتي تہ ٻيا وري لياقت جتوئي جا هڪڙا پير مظهر جا جذباتي حد تائين حامي تہ ٻيا وري رفيق جمالي ۽ ٻين جا. دادو ميڊيا جا ڪجھ دوست تہ هن ٻوڏ ۾ مسلسل ڏينهن رات ڪري اوجاڳا ڪاٽي رپورٽنگ ڪري رهيا آهن ۽ ٻيڙين ذريعي ڏکين هنڌن تي وڃي پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي رهيا آهن. منهنجو بہ گهڻو وقت ساڻن پريس ڪلب ۾ گذري ٿو، جتي نظام شيخ ، گلڻ پنڊ، قربان خشڪ، صابر پنڊ، فتاح شيخ، ولي محمد لنڊ، ولي محمد چانڊيو، نصير پنڊ، نويد قريشي، طارق لغاري، سعيد سنڌي، هوت ڏاهري ۽ ٻين صحافين سان دنيا جهان جا حال احوال ڪندي گذري ٿو. پريس ڪلب ۾ اچڻ جو وڏو فائدو اهو ٿئي جو ماڻهو هر خبر کان باخبر ٿيو وڃي. بحرحال صحافي بہ هن معاشري جو حصو آهن پر هي پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي ٻين جي ڏکن ۽ دردن جون ڪهاڻيون دنيا وارن آڏو پيش ڪن ٿا.

• سکر مان ڪي ٽي اين تي ممتاز بخاري ٻڌائي ٿو تہ ساڌ ٻيلو ٻوڏ سبب سخت متاثر ٿيو آهي ۽ اجان تائين ڪنهن بہ واسطيدار نقصان جي ازالي يا مندر جي مرمت لاءِ ڪي ڪوششون نہ ڪيون آهن. تاريخي ساڌ ٻيلي ۾ ٻوڏ جو پاڻي ڪاهجي پيو ۽ تاريخي باغ بہ سخت متاثر ٿيو آهي پر شڪر آهي جو قديم ڪتابن واري لئبريري بچي وئي آهي.

• مڪلي مان ناز سهتو ٻڌائي رهيو آهي تہ هزارين جيئرا ماڻهو مردن سان گڏ پاسي ۾ ائين ستا پيا آهن جيئن هو بہ زنده لاش هجن. ڪين ڪجھ بہ نہ آهي نہ کائڻ لاءِ نہ پهرڻ لاءِ بس ڏک، سور ۽ اهنج ئي سندن جا ساٿي آهن. هن تاريخي ۽ عالمي

ورثي کي هزارين ماڻهن سبب سخت نقصان جو انديشو آهي تنهن لاءِ واسطيدار ادارا فورن هن ورثي کي بچائڻ لاءِ جوڳا بندوبست ڪن.

- ڪي اين شاهه مان اصغر شاهه رپورٽر ڪي ٽي اين ٻڌائي ٿو ته شهر ۾ ماڻهو جهڙوڪر موڳا ٿي پيا آهن ڪين ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي. شهر پاڻيءَ سان ڀرجي ويو آهي ڪو نيڪال نه آهي هر طرف ويراني آهي.
- ڀان سعيد آباد مان ڪاوش عيوضي پرديپ ڪمار ٻڌائي ٿو ته ڀان ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ ڪيترن ڳوٺن ۽ ڪئمپن ۾ 10 ڪان وڌيڪ ٻار، مرد ۽ عورتون گيسٽرو وگهي فوت ٿي ويا آهن. انڊس هاءِ وي بند آهي، منڇر مان ڇوڙ گهٽ آهي. جيڪو وڌايو وڃي.
- آبپاشي وزير سيد مراد علي شاهه چوي ٿو ته منڇر ۾ چار ايم اي ايف پاڻي جمع ٿيو ۽ هن ڍنڍ دنيا جي وڏي ڍنڍ جو اعزاز حاصل ڪيو آهي.
- نوشهروفيروز مان قاضي ذوالفقار ٻڌائي ٿو ته سوين ٻوڏ متاثرين وطن ڪارڊ نه ملڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي. پيچ ڊاهه ڪئي آهي.
- ڪي ٽي اين ٽي فيض کوسو ٻڌائي ٿو ته ٻوڏ جي پاڻيءَ سبب انڙپور شهر تباهه ٿي ويو آهي. هڪ پوڙهي ٻڌائي پئي ته سندس پٽ ٻوڏ وهڪري ۾ لڙهي ويو.
- ڪئمپن ۾ موجود متاثرين ڪي ٽي اين کي ٻڌائي رهيا آهن ته سرڪار زوري پئي ڪڍي پر اسين نه نڪرنداسين، گهر ٻڏل آهن ڳوٺ ۽ ٻنيون ٻڏل آهن سرڪار ڪئمپن ۾ پاڻ گهرايو هاڻ ڪيئن ٿي چوي ته نڪري وڃو. جي زوري ڪڍيائون ته روڊ تي ٻچا وٺي پاڻ کي گاڏيءَ هيٺان ڏينداسين. ٺل مان بنگلاڻي ٻڌائي ٿو ته ٺل تعلقي جي هڪ ڳوٺ جا 44 ماڻهو لاپته آهن يا ته لڙهي ويا يا مري يا وري گم ٿي ويا آهن .سندن وارثن کي ڪو اتو پتو نه آهي.
- مختلف شهرن ۾ حجامن سوين ٻوڏ متاثرين جي مفت ۾ سنوارت ڪري سندن سان يڪجهتي ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو. واقعي متاثرين وٽ ايتري ٻه سگهه نه آهي. جو هو پنهنجي سنوارت ڪن يا ڪين ايترو ٻه وقت نه مليو آهي جو سنوارت جو سوچين. مسلسل اهنجن، سورن، ڏکن ۽ عذابن ۾ آهن. ڪٿي آهن اهي بليڊ ڪمپنين وارا جن انهيءَ ئي خلق خدا کان ڪروڙين رپيا ڪمايا آهن.
- سنڌ ۾ هن ڀيري مها ٻوڏ سبب جيڪا تباهي بربادي ۽ لڏ پلاڻ ٿي آهي سا تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن ٻه ڪٿي ايڏي تباهي نه ٿي. بدقسمتي سان تاريخ جي سڀ کان وڏي تباهي سنڌ جي مقدر ۾ لکيل هئي ۽ انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي لڏ پلاڻ سنڌين جي پلئه پوڻي هئي. هي جيڪي رات ڀيٽ ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو شهرن، ڳوٺن ۽ ميدانن ۾موتمار پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا تن کي لڙهڻ کان بچائڻ لاءِ ڪچي ۽ پڪي تي سڄي سنڌ مان مهاڻا، ملاح، ميربحر ميدان تي اچي ويا. دنيا جي سڀ کان وڏي ريسيڪو آپريشن ۾ پاڻمرادو بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي پنهنجا ٻار





ٻچا گهر تڙ ڇڏي پنهنجا ونجهه سنيالي ٻيڙيون ڪاهي هن مها ٻوڏ ۾ پاڻي جي موتمار وهڪرن ۾ ڪاهي پيا. دنيا جي هن سڀ کان وڏي بوٽ ريسڪيو آپريشن ۾ سنڌ جي درياهي، منڇري ۽ ٻين پاڻين جي مهاڻن مڙسي ڪري ڪي لکن جي تعداد ۾ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. اهو واقع عجيب اتفاق آهي ته سنڌ جي مهاڻن جن ڪيترن ئي سالن کان درياهه ۽ ڍنڍن ۾ پاڻي نه هئڻ سبب پنهنجي گذر جو اهم وسيلو ٻيڙيون بيهاري ڇڏيون هيون ۽ هاڻي تازي مها ٻوڏ سبب اوچتو بجلي جي رفتار سان هنن جيڪو هي ڪارنامو ڪري لکين ماڻهن کي نه صرف بچايو پر ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٻيڙين وسيلي ماڻهن جي آمد رفت جاري رکيو پيا اچن ۽ پڻ سامان جي رسد ۽ پهچ کي يقيني بنايو آهي سو واقعي هڪ تاريخي ڪارنامو آهي جنهن لاءِ کين عالمي سطح تي مڃتا ملڻ ضروري آهي. اسان ڪاڇيلن کي ته منڇري مهاڻن جي اهڙي تڪڙي ريسڪيو آپريشن جي ته شروع کان سُڌ آهي جو جڏهن نئه گاج ۽ ڪير ٿر جابلو سلسلي ۾ برساتن سبب جڏهن ڇڙواڳ نيون لهنديون آهن ته رات ڀيٽ ۾ فريد آباد حمل ڍنڍ کان وٺي ڇني، لڪي، جهانگارا، سيوهڻ تائين منڇر کي هڪ ڪريو ڇڏين ۽ اهڙي صورت ۾ هميشه هزارن جي تعداد ۾ ڪاڇيلا رات جي اونداهيءَ ۾ پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويندا آهن پوءِ ٽينديون آهن رڙيون، واڪا، دانهون، ڪوڪون بچايو بچايو پاڻي ڙي پاڻي. بچايو بچايو. پوءِ اهڙي وقت ته نه سرڪار هوندي آهي نه ڪو اڳواڻ ڪو ريسڪيو پلان، پوءِ اهي ئي منڇر جا مهاڻا ۽ انهن جون سوين ٻيڙيون هونديون آهن جيڪي ڪيرٿر ۽ ڪاڇي ۾ برساتن پوڻ سان ئي ڪاڇي ۾ اڳواٽ خطري کي محسوس ڪندي ٻيڙيون ڪاهي ماڻهن کي لڙهڻ کان بچائڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ جيئن ئي وشال منڇر ۾ ڪو، ڪامون، ڪو ڊورو ڇوڙ ڪري ۽ ٻيڙين لاءِ ڪو گس ٿهي ته منڇري مهاڻا اهو گس وٺي ونجهه سنيالي ٻيڙيون هاڪاري ڪاڇي جي ميدانن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ڦاٿل انسانن انهن جي مال متاع ۽ سامان کي ڏينهن هجي يا رات ڪڍي محفوظ هنڌن تي پهچائيندا آهن ۽ اهو سلسلو منڇر ۽ ڪاڇي ۾ صدين کان ائين جاري وساري آهي. هن ڀيري ته سنڌوءَ ۾ مها ٻوڏ سبب سمورو ڪڇو ته پاڻي هيٺ اچي ويو. جتان ملاحن ماڻهن کي بروقت ڪڍي پڪي تي پهچايو پر اوچتو سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٽوڙيءَ وٽان گهاري پوڻ سبب جيڪو موتمار پاڻي هلان ڪندو، ڏوڪيندو، ماڻهن کي ٻوڙيندو، شهرن ۽ ڳوٺن کي مسمار ڪندو اچا تائين وهندو پيو اچي ۽ هاڻي ڄامشوري ضلعي جو سيوهڻ تعلقو ٻڏي رهيو آهي ۽ منڇر ۾ سطح انتها درجي تائين پهچڻ بعد ان کي گهارا پئجي ويا آهن.

انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي هن بوٽ ريسڪيو آپريشن جيڪو بغير ڪنهن سرڪاري، خانگي ملڪي توڙي عالمي سهڪار کان سواءِ اوچتو ۽ پاڻ مرادو ڪيو ويو تنهن ۾ هڪ اندازي موجب 3000 هزار کان مٿي ٻيڙين، 9000 کان مٿي ملاحن

حصو ورتو ۽ ڪي 10 لک کان وڌيڪ انساني جانيون بچايون ۽ اربين روپين جو چوپايو مال ۽ متاثرين جو ٻيو سامان محفوظ هنڌن تي پهچايو ۽ هينئر تائين سنڌوءَ جي سموري ساڄي ڪپ تي روڊ نيٽ ورڪ تباهه ٿيڻ سبب ۽ شهر ۽ رستا پاڻيءَ هيٺ هئڻ سبب هي مهاڻا سموري نظام ڪي هلائي رهيا آهن جيڪو هڪ عالمي ڪارناموئي ٿي سگهي ٿو. سنڌ ۾ ٻيڙين جي ذريعي ايڏي وڏي آمدرفت ڪي نظر ۾ رکندي ۽ ڦيٽي ڪي مفلوج ڏسندي ڪيترن ئي هنڌن تي ماڻهن واتان اهي جملا ٻڌايا ويا ته ”هاڻي روڊ رستا ته ويا ٻڏي ۽ ڊهي، هر طرف پاڻي ئي پاڻي آهي ڦيٿو ته هلي نه ٿو سگهي سو چو نه روزگار واسطي گاڏيون وڪڻي ڪي ٻيڙيون وٺجن“

- سنڌ جا ماڻهو سوچين ٿا ته جي گڊو ۽ سکر بئراج وٽان سنڌوءَ جي ڪابي ۽ ساڄي پاسي ڪي ٻه وڏا فلڊ ڪئنال يا ڇنڊڻيون هجن ها ته هن مها ٻوڏ ۾ ٻه سواءِ ڪچي کان باقي سموري سنڌ سڪون سان هجي ها ۽ نه ئي بئراجن ڪي خطرو هجي ها ۽ نه ئي ايڏي وڏي پئماني تي هي خلق خدا آزار ۾ اچي وڃي ها ۽ نه اڌ سنڌ تباهه ٿئي ها.

اهي وهڪرا پلي سنڌوءَ جي قديم وهڪرن الهندي ناري ۽ اپرندي ناري يا علي واهڻ ڪي منصوبابندي ڪري جوڙيا وڃن ها ته جيئن مها ٻوڏ اچڻ جي نتيجي ۾ سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن کان انهن قديم وهڪرن ذريعي پاڻي ڪابي پاسي کان سڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿئي ها ۽ ساڄي پاسي ۾ اهو منڇر ۾ اچي وري ٻيهر سيوهڻ وٽان سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪري سنڌي سمونڊ ۾ هليو وڃي ها. اها منصوبابند ڪير ڪري ها؟ ڪنهن ڪي ڪرڻي هئي؟ آيا پاڪستان کان پهرئين اهو ٿيڻ گهربو هو يعني انگريز دور ۾ يا ملڪ ٺهڻ کان پوءِ ان منصوبابنديءَ ڪي مڪمل ڪجي ها؟ اهو اجان تائين ڇو نه ٿي سگهيو؟ اهڙن سوالن جا جواب ته وقت ئي ٻڌائيندو؟

اوهان ٿو رو سوچيو ته سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن اهي وڏيون ڇنڊڻيون ”يا هي قديم وهڪرا يا فلڊ ڪئنال ڪچا يا پڪا موجود هجن ها ته ڇا ايڏي وڏي تباهي سنڌ ڏسي ها؟ جواب آهي نه. بلڪ سنڌ ته اهڙن ڪئنالن کان سنڌوءَ ۾ مها ٻوڏ هئڻ کان پوءِ ڊيمن جو ڪم ٻه وٺي سگهي ها. ها اهي ٻه سنڌو جي سيني تي ڪابي ۽ ساڄي پاسي ملڪ جا وڏا ڊيم پڻ هجن ها. اجا ٻه وقت نه ويو آهي جو مستقبل ۾ سنڌوءَ ۾ مها ٻوڏن ڪي نظر ۾ رکي اهڙي منصوبابندي فورن ڪرڻ ڪپي. ان کان اڳ جو سنڌوءَ جو ڪابو پاسو ٻه ڪڏهن اسان جي سستي، نااهلي، غفلت ۽ غلط منصوبابندي سبب ساڄي ڪناري وارو منظر پيش ڪري يا مورڳو سکر بئراج ڪي ئي لوڙهي وڃي. هي وقت آهي ته ائين ڪجي سنڌ لاءِ ملڪ لاءِ ۽ پڻ دنيا لاءِ ٻه اهو بهتر، ڪارگر ۽ مفيد ثابت ٿيندو ڇو ته سنڌ هڪ زرعي صوبو آهي. دنيا گلوبل وليج ۾ تبديل ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي وسيلا هڪ علائقي جا نه پر دنيا جي مشترڪ ۽ گڏيل ملڪيت آهن. اوپن مارڪيٽ سبب ٻه اهو ايڏو ڏکيو يا مهانگو ٻه نه آهي. جڏهن اسين سنڌوءَ جي ڪابي پاسي ايل بي او ڊي ۽ ساڄي پاسي آر بي او ڊي جهڙا منصوبا اربين رپيا





خرچ ڪري مڪمل ڪري سگهون ٿا ته پوءِ ڪروڙين جانيون ۽ ڪربين رپين جو ملڪيتون ۽ مال بچائڻ لاءِ ڇاڻايل ڪئنال ڇو نه ٿا ٺاهي سگهون؟ ڏسون ته ان سلسلي ۾ ڪير ٿو اڳڀرائي ڪري.

- جوهي مان امر لاشاري ايس ايم ايس ڪري ايف پي بند ڪي جوهي ويجهو ڳوٺ الهبچايو جمالي وٽان گهاري جو اطلاع ڏنو، هي اطلاع هن رات جو 2 وڳي ڏنو. هي گهارو جوهي لاءِ بنهه خطرناڪ آهي ۽ ايف پي بند ڪي هي پهريون لڳل گهارو آهي. منڇر زيرو پوائنٽ کان وٺي حمل ريگيوليٽر تائين. ڇا هاڻي حمل کان ڪاڇي رستي منڇر ويندڙ پاڻي ٻه جوهي ۾ ڪاهي ايندو؟ يا الله خير. هي گهاري جو اهو ئي هنڌ آهي جتي 1995ع ۾ نئه گاج جي موتمار وهڪري ۾ گهارو لڳو هيو جنهن سبب مذڪوره سڄو ڳوٺ تباهه ٿي يا لڙهي ويو هو ان وقت 1995ع ۾ بروقت مان ۽ نظام شيخ دادو مان گهاري واري هنڌ پهچي رپورٽنگ ڪئي. دردناڪ منظر هيا. سمورو ڳوٺ لڙهي ويو هو.
- صوبائي وزير پيرمظهرالحق ٽي وي تي ميڊيا ڪي ٻڌائي پيو ته نادر مگسي چوي ٿو ته پاڻي تمام گهٽو آهي. پير صاحب جي ان جملي تي ميڊيا تبصرو ڪندي چيو ته ڇا پاڻيءَ جي خبر فقط نادر مگسي ڪي آهي، پير صاحب خود دادو ۽ سنڌ جو رهواسي نه آهي؟ ڇا ڪيس نادر مگسي کان وڌيڪ پنهنجون صوبائي اختياريون ڪيس اهڙو اطلاع نه ٿيون ڏين يا سندن وفاق ۽ ان جا مواصلاتي اداره ڪين پاڻيءَ بابت سنڌ ڪي صحيح معلومات فراهم نه ٿا ڪن جو سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير ڪي پاڻي جي مقدار بابت هڪ ٻئي صوبائي وزير نادر مگسي ڪي ڪوٺ ڪرڻو پيو آهي. ڇا سرڪاري مشينري ناڪام پئي وڃي يا هن هيڏي وڏي ڊزاسٽر ۾ سڀ منجهي پيا آهن. بحرالحال ڇا ٻه هجي.

سنڌ ٽي وي تي منظور سولنگي ٻڌائي پيو ته ٻوڏ متاثرين جو نقصان ٻڌايل انگ اکرن کان گهڻو وڌيڪ ٿيو آهي ۽ ڪوڙ شيون ۽ اسم ته رپورٽ ٻه نه ٿيا آهن. هو چوي ٿو ته سَوَن جي تعداد ۾ فش فارم لڙهي ويا انهن جو معاوضو ڪير ڏيندو؟ رکيل اناج لڙهي ويو، ڳهه، ڏاج، مال متاع، نقد، سڀ لڙهي ويا انهن جو معاوضو ڪير ڇا لڳائيندو؟ هو ڳڻتي ظاهر ڪري ٿو ته متاثرين ڪٿي سڄي زندگي متاثرين ئي نه رهجي وڃن.

- دادو شهر واسين ڪي اڄ هڪ خوشخبري ملي ته دادو مورو روڊ تي لڳل گهارو بند ٿيڻ سبب دادو مورو جو روڊ رابطو بحال ٿي ويو آهي. دادو وارن لاءِ واقعي هي خبر ان Sense ۾ اهم ترين آهي ته شهر ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي داخل ٿيڻ سبب شهر ڪي جلدي ۾ ڇڏڻ ۽ محفوظ هنڌن ڏانهن وڃڻ لاءِ سولو ۽ آسان رستو آهي. اها ٻه ميڊيا رپورٽ ڪئي ته ٽرانسپورٽر ۽ ٻيڙي وارن جو جهيڙو جنهن م 6 ماڻهو زخمي ٿيا. جهيڙو ڇا ٿي؟ ان ڳالهه تي ته اجان اتان ٽرئفڪ نه هلي ۽ هر روز سون جي تعداد ۾

مورو کان دادو ايندڙ ۽ ويندڙ مسافرن کي ٻيڙين رستي پار ڪرائجي ۽ مال ڪمائجي، واهه ڙي حضرت انسان واهه. واهه تنهنجو عقل، تنهنجي ڏاهپ تنهنجي سوچ

- ڪي ٽي اين ٽي ڪراچيءَ جي هڪ ڪئمپ ۾ ٻوڏ متاثر ڪئمپ جي ماحول ۽ ڪراچي واسين جي رويي ۽ بي حسيءَ کي نظر ۾ رکندي چوي ٿو ته ”اسان کي ڪجهه نه کپي، نه امداد، نه 20 هزار، نه راشن فقط واپسيءَ جو ڪرايو کپي ته ههڙي زندگي گهارڻ کان بهتر آهي ته ڳوٺ ۾ واپس وڃون پوءِ مرون يا بچون هت ته ڪير سار لهڻ وارو به نه آهي.

- ڪي ٽي اين ٽي قيصر بنگالي ڏاڍو سٺو پيو ڳالهائي ته متاثرين جو وڏو نقصان ٿيو آهي جاني ۽ مالي ٻئي سو ڪين ڏيڻو پوندو. هو چئي پيو ته ”فصل تباهه ٿيا تن جو معاوضو، ڪو دڪان هيو اهو بند ڪري مالڪ محفوظ هنڌ تي هليو ويو ۽ اهو تباهه ٿي ويو تنهن جو معاوضو ڏيڻو پوندو. ڍور ڍڳن جو معاوضو، انساني جانين جو معاوضو، ڍهندڙ گهرن ۽ ملڪيتن جو معاوضو ڏيڻو پوندو“ اهو ڪيئن ٿيندو سو حڪومت کي سوچڻو پوندو. لڪين ماڻهو ڪئمپن کان ٻاهر روڊن تي ۽ عزيزن ۽ واقف ڪارن وٽ ترسيل آهن تن جي معاوضي جو ڇا ٿيندو؟ انهن کي ڪيئن ۽ ڪٿان معاوضو ملندو؟ اهو سڀ اسان کي سوچڻو پوندو.

- رات جو 2:50 منٽن تي اشتياق ايم اين وي ڊي تان دادو جوهي روڊ تي ڇنڊڻ ويجهو گهاري جو اطلاع ڏنو. اشتياق جي گذريل 13 ڏينهن کان ايم اين وي ڊي بند تي رات جو ڊيوٽي آهي. هو انهن لاپرواهه آفيسرن مان نه آهي جيڪي رات جو سمهي رهن. هو سڄي رات جاڳي ٿو بندن جي چوڪي ڪري ٿو ۽ انهن کي مضبوط بنائڻ ۽ انهن جي حفاظت پنهنجو انساني، اخلاقي، قانوني ۽ قومي قرض سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو رات دير تائين به سنگت سان رابطي ۾ رهي ٿو.

- قاضي علي ڪي ٽي اين تي چوي پيو ته ڏوهه درياهه جو نه بلڪ بيڊ گورننس جو آهي جنهن سبب بند ٽٽا. ٻيو سنڌ ۾ متاثرين کي امداد عيد کان پهرين ڪير ڏيندو ۽ انهن متاثر ماڻهن کي معاوضو ڪير ڏيندو جيڪي پنهنجي مٽن مائٽن وٽ وڃي پناهه ورتي آهي ۽ جن انهن کي پناهه ڏني آهي سي به ته هڪ سينس ۾ متاثرين ئي ٿيا تن کي ڪير معاوضو ڏيندو جيڪي انهن کي پالي رهيا آهن؟ هن چيو ته وڏي تعداد ۾ متاثرين ڪئمپن جي حالت زار کي ڏسي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پنهنجن مائٽن وٽ وڃي رهيا آهن سي به برابر جا امداد ۽ معاوضي جا حقدار آهن .

- اڄ عيد جو ڏينهن آهي پر سنڌ ۾ ڇا جي عيد؟ اڌ آبادي ته پنهنجا اڄها ڇڏي مٽ مائٽن کان وڇڙي دربدر ٿي، ڪڪ پن تي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ٺٽو، ڄامشورو، ڪوٽري، ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين ڪيترن ضلعن ۾ ذلت واري زندگي گذاري پئي. ڪيترن کي ته واقعي پائڻ لاءِ به ڪو وڳو نه آهي سواءِ سندن بدن تي پيل وڳي جي جو ته هو فقط جانيون بچائي خشڪيءَ تي پهتا. ميڊيا ڏيکاري پئي ته





متاثرين جي ڪئمپن جا منظر ڪهڙا آهن، رڙين، دانهن، ڪوڪن، ڳوڙهن، لڙڪن، سڏڪن، آهه زاري ڪانسواءِ اتي ڪجهه به نه آهي، هن مذهبي ڏڻ تي ڪين پنهنجن مسلمان ڀائرن کي ڪنهن به پنهنجو نه ڪيو ۽ خوشين ۾ شريڪ نه ڪيو نه سرڪار نه مذهب جون دعوائون ڪندڙ تنظيمن، نه شهري وڏيرن، نه انساني حقن جي علمبردارن ۽ نه ئي نه ڪنهن ٻئي، سنڌ جو وڏو وزير آهي. سو هر وقت ۽ سنڌ جي فضائن ۾ هيليڪاپٽر تي لامارا ڏيئي رهيو آهي. نتيجو سنڌ جو عوام ڏسي رهيو آهي.
هن عيد جي موقعي تي ڪراچي جي متاثرين لاءِ نه سفاري پارڪ، نه ڪلفٽن، نه ٻين تفريحي ماڳن ۽ پارڪن ۾ ڪا مفت سهولت رکي وئي ۽ نه ئي ڪي پروگرام رٿيا ويا .

جا عمر تو مل عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا
وئـي ويچـارن وسـري، خوشـي ۽ خريـد
سـڪڻ ڪيـا شـهيد مـارو ملـڪ مليـر جـا

*(شاهه)*

- ڪراچي سائيٽ جي ڪئمپ جي حوالي سان ميڊيا تي ٻڌايو پيو وڃي ته ڪراچي انتظاميه ڪالهه کان ڪين پاڻي نه پئي پهچائي جنهن سبب هو اڄ عيد نماز به نه پڙهي سگهيا، قومپرستن مان به ڪو لڙي نه آيو. دودو چانڊيو ٻڌائي رهيو آهي ته هنن ڪئمپن جي ذميواري ڊي سي اوز، مختيارڪار ۽ ڊي ڊي اوز تي آهي پر انهن مان ڪنهن کي به ان ڳالهه جو احساس نه ٿيو ته سڀاڻي ڪا عيد به آهي. هي واقعي مسلمانيءَ جي دعويٰ ڪندڙ ڪراچي انتظاميه جي منهن تي به چماٽ آهي. ڪيڏانهن وئي سندن مسلماني، انسان دوستي ۽ اسلامي دعوائون. لڳي ٿو سڀ ڪوڙ آهي. متاثرين پنهنجو ڏکيو وقت گذاري ويندا پر سڀني جو اصل چهرو ظاهر ڪري ويندا دنيا آڏو.

- ڪي ٽي اين تي جوهي شهر ۾ گڏيل قومن جي امداد ڪٽي ايندڙ هيليڪاپٽر تي ماڻهن جي ڪاهه جا منظر/ فوٽيج هلي رهيا آهن. ماڻهو زبردستي هيليڪاپٽر تي چڙهي سامان جي ڦرلٽ ڪري رهيا آهن ۽ هر ڪو پنهنجي لاءِ وڌ کان وڌ سامان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ڇو ته هو ڪيترن ڏينهن کان شهر ۾ زمين جي ڪجهه ٽڪري تي محصور ٿيل آهن. سندن چوڌاري 10 کان 12 فٽ پاڻيءَ جو گهيرو آهي ۽ فقط پنهنجي مدد پاڻ تحت ڏنل شهر کي رنگ بند سبب ٻڏڻ کان بچيل آهن. هو پراميد آهن ته سندن رنگ بند جي شڪل ۾ اها محنت، جستجو ۽ جاکوڙ کين ٻڏڻ کان بچائيندي، اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو وڌ کان وڌ راشن يا سامان حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ هيليڪاپٽر لهندي ئي ان مٿان ڪڙڪي پيا آهن. انتظاميه نالي شايد جوهي ۾ ڪنهن شيءِ جو وجود نه رهيو آهي جو ڪين ائين ڪرڻ کان روڪي يا پنهنجي نگرانيءَ ۾ اها ورهاست ڪري.

- ڪي ٽي اين تي ميهڙ شهر مان اڳوٽي ايم پي اي قاضي شفيق مهيسر جو آواز گونجي پيو "نادرمگسي دادوءَ کي ٻوڙايو ۽ هاٽي اهو ڪير ٿيندو آهي جو ڪيس دادو کي بچائڻ جو چيف منسٽر ٽاسڪ ڏيئي رهيو آهي."

قاضي اها ڳالهه وزيراعليٰ جي ان بيان جي رد عمل ۾ ڪري رهيو آهي جنهن ۾ هن چيو ته دادوءَ کي بچائڻ جو فيصلو سيد مراد علي شاهه، نادرمگسي ۽ سيڪريٽري آبپاشي شجاع جوڻيجو هڪ فضائي دوري ڪان پوءِ ڪندا ۽ پنهنجي رپورٽ ڏيندا ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ دادوءَ کي ڪيئن ايم اين وي ڊي جي امڪاني خطري ڪان بچائجي.

- ڪي ٽي اين تي غوثپور واسي عورتون ٻڌائن ٿيون ته "ڪو هت ڪراچي جي ڪئمپن ۾ سڪ مان نه پهتا آهيون، ٽوڙي سامهون ٿي ڳوٺ هيا جن کي پاڻي وٺن سميت پاڙئون پٽي ويو ۽ پاڻي ٻيٺ ڪري ويو جي اُتي زمين جو ٽڪرو به هجي ها ته اسين هت نه اچون ها. هن چيو ته اسان جا ڏوڪڙ آهن جيڪي سرڪار کي مليا آهن ۽ سرڪار اسان کي هڪ روپيو به نه ٿي ڏيئي جو ٻارن کي ڪو بسڪوٽ يا پاپو وٺي ڏيون. اها حالت رهي ته جهيڙو ٿيندو پوءِ جيڪو بچيو جيڪو مئو.

- ڪڍ واهه اٿلڻ سبب جهانگاره شهر جو قبرستان ۽ شاهي بازار پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا آهن. ڇا هاڻي ڪاڇي جي شهرن ۽ ڳوٺن سان دادو سيوهڻ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ جو جيڪو رابطي واسطي آخري رستو بچيو هيو سو به بند ٿيڻ وارو آهي؟ جي ائين واقعي به ٿيو ته اهو سانحي ڪان گهٽ نه هوندو ڇو ته واهي پانڌي، ڇني، ٽنڊو رحيم خان، شاهه حسن، گاجي شاهه، علي مراد شاهاڻي ۽ ڪاڇي ڪير ٿر سميت ڪيترن ئي هنڌن تي جوهي، دادو سميت ڀان ۽ مختلف علائقن مان هزارين ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري اتي ترسيل آهن، تن جو ڇا ٿيندو؟ ڪين ڪهڙي رستي سان ۽ ڪيئن امداد ڪئي ويندي؟ ڇا اهي ماڻهو بکون ڪاٽي مري ويندا يا سرڪار هيليڪاپٽرن ذريعي سندن سار لهندي، ڏسون ته ڇا ٿي ڪري سرڪار .

ڪي ٽي اين تي فيض ڪوسو گنجو ٽڪر واري ڪئمپ ۾ متاثر ماين ڪان حال وٺي رهيو آهي "اسين ڪٿان آيا آهيون، اهو ئي درياهه جي وچوڙ مان آيا آهيون. هن پونگي ۾ وينا آهيون ماڻهو پلي جهجهو ڪائين، اسان وٽ ڪجهه به نه آهي" هوءَ وراڻي ٿي "درياهه مان ڪي اچي ٻچن ۾ پيو، درياهه جو ڏوهه ناهي، اسان جو پنهنجو ڏوهه آهي"

"ڪئمپن ۾ ڪجهه ماڻهن جي گفتگو، لهجو، جملن، لفظن جي ادائيگي حيران ڪري ٿي. انهن ۾ هڪ نواڻ ۽ سچائي ڇلڪي ٿي. ڪي ڪمال جا نوان ۽ عجيب جملا ۽ اصطلاح پڻ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا جيڪي هن وقت تائين ادب ۾ شايد لکت ۾ نه آيا هجن.

گنجي ٽي فيض سان هڪ مري عورت مخاطب آهي

"اسان کي ٻروچ ۽ مري سمجهي ڌڪارين ٿا ۽ امداد نه ٿا ڏين، وٺڻ لاءِ





ٻچون ٿا ته ڇون ٿا ته ٻچو اوهين مري آهيون، ابا ڪولهين ، باگڙين ۽ ٻين کي ڏين ٿا پر اسان کي نه ٿا ڏين، اسين مسلمان آهيون"

هي ڇا؟ جي واقعي سنڌ ۾ ڪو ائين ڪري رهيو آهي ته اهو سواءِ انسانيت کي لڄائڻ ۽ بي شرميءَ جي ٻيو ڪجهه به نه آهي. ڇا جو سنڌي ڇا جو مهاجر ڇاجو پٺاڻ ڇاجو پنجابي، ڇاجو بلوچ، ڇاجو ڪشميري ٻوڏ ته اها تميز نه رکي پوءِ هي ڪهڙا ڄٽ آهن جيڪي اهو فرق رکي رهيا آهن. ڪاش اهو سچ نه هجي؟

- دادو شهر جي مٿان هينئر صبح جو شايد اهو ئي هيليڪاپٽر اڏامندي نظر اچي ٿو جنهن ۾ 3 رڪني ڪميٽي دادوءَ جي مستقبل (ٻڏڻ يا نه ٻڏڻ) جو فيصلو ڪرڻ لاءِ فضائي جائزو وٺي رهيو آهي. 1976ع جي ٻوڏ ۾ ياد آهي ته جڏهن ڪاڇي جي شهر ڇنيءَ ۾ اهي هيليڪاپٽر آسمان تي اڏامندي نظر ايندا هئا ته ماڻهو خوش ٿيندا هئا ۽ هن ڀيري هن ٻوڏ ۾ ماڻهو هيليڪاپٽرن جي لامارن تي خوشيءَ بجاءِ ڳڻتيءَ ۾ نظر آيا. سو ڇو؟

- ڪي ٽي اين تي اسلام آباد مان محسن ٻبر انهن ماڻهن جي خاندانن جا انٽرويو ڪري رهيو آهي جيڪي سنڌ جي مختلف علائقن مان ٻوڏ ڪان متاثر ٿي سخت تڪليفن مان پار پئي اسلام آباد تائين وڃي پهتا آهن. هن ٻوڏ به ڪي وڏا ڪيس ۽ ڪلور ڪيا آهن ۽ ماڻهن کي پناهه وسطي سوين ميلن جو مفاصلو طئي ڪرڻو پيو آهي. متاثر ٿيندڙن مان ڪن چيو ته اسان سنڌ ۾ ڪئمپن ۾ رهڻ ڪان موت کي ترجيح ڏني ڇو ته اتي جيڪا ذلالت ڏسڻ وٽان ملي سا بيان ڪان ٻاهر آهي. ٺل مان اسلام آباد پهتل هڪ خاندان ٻڌائي پيو ته هو پهرئين ڪوئٽا ويا جتي سندن ڪنهن به سارِ نه لڌي. ڪوئٽا جي ڪئمپن ۾ ڪا به سهوليت نه هئي بلڪ جڳهه ئي نه هئي. پوءِ اُتان ڊيره بگٽي ذريعي جابلو سفر ڪري صادق آباد پهتاسين جتان ريل رستي اچي لاهور ۽ اسلام پهتاسين پنهنجن ڪن عزيزن وٽ. وڏا خرچ ٿيا پر اها ته پڪ آهي ته هتي ماني ٽڪر ته ملندو.

- امر لاشاري جوهي مان ٻڌائي ٿو ته 8 فوٽ وارو رنگ بند (جوهي شهر کي) شهرين پنهنجي مدد پاڻ ڪري ڏينهن رات اوجاڳا ڪري هاڻي 13 فٽ تائين پهچايو آهي ۽ هاڻي لڳي ٿو ته جوهي واسي ڪامياب ويندا يعني ٻڏڻ ڪان بچي ويندا. ڇندڻ ڪان جوهي تائين هلندڙ ڏينهن ۾ ڪي 100 ڪان وڌيڪ ٻيڙين جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته انهن جو ڪرايو 100 رپيا آهي جيڪو غريبن جي پهچ ڪان وڌيڪ آهي ۽ سرڪار جوهي واسين جي اچ وڃ لاءِ اجان تائين ٻيڙين جو ڪو به بندوبست نه ڪيو آهي.

ملاح به ڇا آهن سڄي زندگي هو روڊن تي هلندڙ گاڏين جا روز وڌندڙ ڳرا من پسند ڪرايا ڀري ڪنگال ٿي پيا آهن ۽ هاڻي جڏهن اڌ سنڌ تي ڦيٽو نه ٿو هلي سگهي ته هو به ماڻهن ڪان شايد پنهنجو قرض چڪائي رهيا آهن يا انتقام وٺي رهيا آهن. عجيب مڪافات عمل آهي. بحرالحال ويچارن مهاڻن جا ته ڪي هي به ٿي هفتا پوءِ ته

ٽرانسپورٽر ڪين هر وقت لٽيندا ۽ ڦريندا.

- لاڙڪاڻي مان ٽن سالن جي معصوم ٻارڙي پروين جي گيسٽرو وگهي فوت ٿيڻ جي خبر رپورٽ ٿي آهي. والدين ڪي ڪفن جا پئسا ۽ ٽرانسپورٽ جي وسعت نه هئڻ سبب ڪفن نه ايڏي وارن ڏنو ۽ لاش ڪيئي ڪلاڪ ماءُ ۽ پيءُ آڏو جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ روڊ تي پيل رهيو. بيوسيءَ جو عجيب عالم آهي. لاڙڪاڻي واسي فقط تماشو پيا ڏسن. ميڊيا رپورٽ ڪيو ته پوري شهر ۾ ڪنهن به ڪين مدد نه ڪئي نه ٽرانسپورٽ ۾ نه ڪفن ۾.

- هي سنڌ جي راڻي بينظير شهيد جو شهر آهي، هي ايشيا جي عظيم اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي جو شهر آهي هي پ پ پ جو مضبوط قلعو آهي ۽ اڄ پ پ پ جا ووٽر ڪفن ۽ دفن لاءِ پنهنجا مئل ٻچا پنهنجي سامهون روڊ تي رکي روئي رهيا آهن. هن جو ذميوار ڪير؟ انتظاميه، پ پ پ حڪومت، لاڙڪاڻي جا ڊاڪٽر، لاڙڪاڻي جون سيٺيون، سياستدان ناميارا وڪيل، ها سڀ ذميوار آهن. ڇا هي متاثر ٿيندڙ ڪي جنگي مجرم آهن يا دشمن ملڪ جا ماڻهو آهن جو ڪين خسيس ڪفن لاءِ به ڪير هتي اڳتي نه ٿو اچي ۽ ڪين ڪا گاڏي نه ٿي ڏني وڃي ته هو پنهنجي جگر جي ٽڪري کي پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان ۾ دفنائي اچن. هي آهي اسان جو حال ته پوءِ غيرن تي ڪهڙي ميار؟

- خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ تعلقن مان فوجي گاڏين ۾ متاثرين سڄي دادو شهر ۾ ڪئمپن ۾ اچي رهيا آهن. دادو شهر ڪان ڪڪڙ تائين سون جي تعداد ۾ موٽر سائيڪلن، چنگچي رڪشائن، ڪارن، ٽرڪن، بسن ويگنن، پنڌ پيادل قافلا ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهو ۽ چوپايو مال پناهه لاءِ ان شهر ۾ اچي رهيا آهن. جنهن جا رهواسي پاڻ پناهه لاءِ ڪنهن ٻئي پاسي وڃي رهيا آهن. هي واقعي حيران، پريشان ۽ دل ڏاريندڙ منظر آهي. ڪيترن ئي قافلن سان ته اهو ظلم به ٿيو ته هو تڪڙ ۾ ڪي 10/15 هزارن ۾ سواري ڪري اچي دادو شهر پهتا ۽ سامان مس لاٿائون ته وري ڪين ڪنهن اطلاع تي ٻيهر ڪا ٻي سواري ڪري ڪنهن ٻي منزل ڏانهن روانو ٿيڻو پيو ۽ ائين لٽيل قافلا ٻيهر لٽبا ويا.

- هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال دادو شهر جي ٻاهران جمع ٿي ويو آهي جتي مالڪ ڪليل آسمان هيٺ انهن جي رکوالي ڪري رهيا آهن. ڪين مال کي چارو ڏيڻ جي به وسعت نه آهي. بلڪ ڪين پاڻ کي به کائڻ لاءِ ڪجهه نه ٿو ملي ته هو هيڏي وڏي ڌڻ کي ڪيئن کارائيندا. انهيءَ ڌڻ مان ڀڳڙن مٺ تي ڪي سفاڪ قسم جا ماڻهو 20 هزارن جي قيمت وارو مال 10 يا 5 هزارن ۾ کائڻ وٺن ٿا ۽ هو انهن پئسن سان پاڻ به کائين ته مال به کائي. انسانيت جو ڀيانڪ روپ هن صورت ۾ ظاهر ٿي پيو آهي. متاثر علائقن جي ڪيترن ئي ماڻهن ايمرجنسي ۾ پنهنجي شهر ۾ يا دادو اچي 40 هزارن وارو سون 10 هزارن ۾ به ڪپائي ڪا سواري ڪري محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيا يا پنهنجون ضرورتون





پوريون ڪري رهيا آهن ۽ اهڙا به اطلاع آهن ته وياج خور به پنهنجي ڪرت سان اڳي ڪان اڳيرا نظر اچن پيا. هي ڇا ٿي ويو آهي. سنڌ ۽ سنڌين کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي ۽ هن جو نتيجو ڇا نڪرندو. سو وقت ئي ٻڌائيندو.

- عجيب سنڌ جا هينئر منظر آهن. هڪ طرف غوثپور جيڪب آباد ۽ ٻين علائقن ۾ ماڻهو واپس پنهنجن اجهن ڏي اچي رهيا آهن ته ٻئي طرف دادوءَ ۾ ٻوڏ هلي رهي آهي شهر ۽ ڳوٺ ٻڏي رهيا آهن ۽ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن. ڪئمپون پرجي رهيون آهن ۽ رستا بند ٿي رهيا آهن ۽ ڄامشورو ضلعن ۾ پيان ۽ سيوهڻ جا رهواسي ٻوڏ جو انتظار ڪري رهيا آهن.

- اڄ ڳوٺ ڇني مان نوجوان معشوق رانجهاڻيءَ جي بجليءَ جي پول تان ڪري فوت ٿيڻ جو اطلاع مليو. ڳوٺ ويجهو ٻوڏ جي پاڻيءَ سبب بجليءَ جو لڳل ٿنڀو بنياد کان ڪمزور هئڻ سبب اوچتو سندس مٿان ڪريو ڪيس دماغ ۾ ڌڪ لڳا رستا بند هئڻ ڪري وڏي مشڪل سان ڪيس سخت زخمي حالت ۾ ٻيڙي ذريعي بوبڪ بند تائين نيو ويو جتان حيدرآباد ويندي سيوهڻ ويجهو دم ڏٽي حوالي ڪيائين. ٻوڏ جتي ڪيترائي راڳا ڪيا آهن اتي ڪن هنڌن تي بجلي جي ٿنڀن ڪرڻ ۽ اوچتو ديوارن ۽ جاين ڪرڻ سبب به ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿيون آهن.

- دادو شهر ۾ اڄا تائين ماڻهو گهرن، گهٽين، دڪانن، پاڙن، ڪارخانن، آفيسن ۽ ٻين هنڌن تي 6 کان 10 فٽ تائين پڪيون ديوارون ڏيارڻ واري ڪم ۾ رڌل آهن. ڪين يقين آهي ته ايم اين وي ڊي تي سخت خطري سبب گهارن لڳڻ ڪري اهو پاڻي شهر ۾ ڪا هجي ايندو جنهن سبب هو پنهنجي ملڪيتن کي بچائڻ لاءِ ائين ڪري رهيا آهن ۽ گڏوگڏ شهر مان وڏي پئماني تي لڏ پلاڻ پڻ جاري آهي. عجيب صورتحال آهي هڪڙا ماڻهو ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه، جوهي ۽ دادو تعلقي جي علائقن مان ٻوڏ جي پاڻيءَ سبب متاثر ٿي دادو پناهه لاءِ اچي رهيا آهن ته ٻئي پاسي دادو شهر جا رهواسي ٻوڏ کان بچڻ لاءِ حيدرآباد ڪراچي ۽ ٻين شهرن جو رخ ڪري رهيا آهن. عجيب افراتفري وارو ماحول آهي. ڪيترائي مهربان جن ۾ بدر ابڙو، اشتياق انصاري، غلام شبير شيخ ۽ ٻيا دوست دادوءَ کي خطرن ۾ ڏسي مون کي فيملي ڇني، حيدرآباد يا ٻئي ڪنهن هنڌ شفٽ ڪرڻ جو چئي رهيا آهن ۽ منهنجو ڪين اهو ئي جواب آهي ته پنهنجو گهر ڇڏڻ ڏکيو آهي گهٽا ڀاتي آهيون ڪيڏانهن ويندا سون. جڏهن ڪو گهارو لڳو ۽ شهر ۾ پاڻي داخل ٿيندو ڏسي ايمرجنسي ۾ نڪري ويندا سون ۽ مون اهو ئي سوچيو آهي. اشتياق انصاريءَ ته اهو به چيو آهي ته حسين آباد ۾ ڀائو اخلاق جو گهر جيڪو خالي پيو آهي ان ۾ اوهان رهي سگهو ٿا يا منهنجي گهر ۾ ڏکيو سکيو رهي اوهان هي وقت ڪڍي سگهو ٿا. واقعي هي اشتياق صاحب جو خلوص آهي آءٌ ان خلوص جي موٽ ۾ فقط ايترو چوندس ته هو مهل جو مڙس ماڻهو آهي دوست جي تڪليف ۽ پريشانيءَ کي پنهنجو سمجهندو آهي ۽ هر ممڪن ساٿ ڏيندو آهي. ڀلا

جاڪوڙي جو ٿيو.

ٿـــورا نـــ ٿـــورا مـــون تـــي مـــاروئڙن جـــا.

• گهڻن ڏينهن کان اشتياق انصاري جي خواهشن هئي تہ جوهي هلي سنگت سان ملجي، منهنجي بہ ساڳي ئي خواهش هئي تہ ٻوڏ کان پوءِ ۾ جوهي دادو رستو بند ٿيڻ کان پوءِ جوهي جي دوستن، ڊاڪٽر حميد سومرو، اڪبر لاشاري، ذوالفقار برهماڻي، معشوق برهماڻي، وفا برهماڻي، عزيز ڪنگراڻي، فتاح ڏاهري، غلام نبي رستماڻي، سائين بخش رند، نقاد ٿهيم ۽ بخت جمال سومرو ۽ ٻين ساٿين سان وڃي ملجي ۽ هنن جوهيءَ کي مڙسي ڪري رات ڏينهن اوجاڳا ڪري رنگ بند ڏيئي شهر کي بچايو ۽ پنهنجن ملڪيتن کي محفوظ ڪيو ۽ پاڻ کي دربدر ٿيڻ کان بچايو. ايم اين وي ڊي تي اشتياق جي مسلسل ڊيوٽي هئڻ سبب اهو خيال ٻوڏ جو پاڻي لهڻ تائين خواب پئي معلوم ٿيو. صبح جو سوير ايم اين وي ڊي تان اشتياق فون ڪيو تہ عزيز اڄ تون فيلڊ ڊيوٽي لاءِ شام جو هليو ويندين سو پوءِ آءٌ اڪيلو رهجي ويندس ڇو نہ اڄ ئي هلي ٿي اچون. پنهنجي گاڏيءَ ذريعي دادوءَ کان چنڊڻ موري پهتاسين. آفتاب رانجهاڻي بہ اسان سان ساٿ ۾ هيو جنهن گاڏي ڊرائيو ڪري اسان کي چنڊڻ تي پهچايو. جتي وڏي تعداد ۾ ٻيڙيون بيٺل هيون جيڪي جوهيءَ کان چنڊڻ تائين دادو ۽ جوهي ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي صبح ساجهر کان سج لٿي تائين پهچائي رهيون هيون. چنڊڻ اڄ دادو ۽ جوهيءَ جو هڪ وڏو پتڻ وارو ڏيک ڏيئي رهيو هو. چنڊڻ کان جوهيءَ جو ڪرايو 50 رپيا في ماڻهو وصول ڪيو پئي ويو ۽ نجي ٻيڙيءَ جا ڪي 6 کان 7 سئو رپيا وٺي رهيا هئا. هڙيي تي ويهي اسان جوهيءَ ڏانهن رخ رکيو. هڙيي ۾ موٽر لڳل هئي جنهن ڪري اهو 10 ڪلوميٽرن وارو پنڌ 45 منٽن ۾ ڪيوسين ورنہ ونجهہ ذريعي تہ شآيد ٻيڻو يا ٽيڻو وقت لڳي وڃي ها. ٻيڙي جوهي دادو روڊ جي ڪاٻي ڪناري سان هلندي رهي. سڄي واٽ ڏڪوئيندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ منظر هيا. جيستائين نظر پئي وئي اوسيتائين ڳوٺ، گهر، آباديون، سرڪاري عمارتون، ڪارخانہ سڀ ڇتين تائين پاڻيءَ هيٺ نظر آيا جنهن مان محسوس ٿيو تہ ڪي 10 کان 12 فٽن تائين چنڊڻ ۽ جوهي وچ ۾ پاڻي جمع ٿي ويو هيو ۽ اڃان تائين منڇر طرف وڃي رهيو هو. اهي ڳوٺ ۽ عمارتون جيڪي 20 ڏينهن اڳ اسين پنهنجن اکين سان ڏسي وياسين سي اڄ پاڻيءَ ۾ ايستائين ٻڏل نظر اچي رهيا آهن جو سندن سڃاڻپ بہ مشڪل ٿي پئي آهي. واٽ تي هڪ بس ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ڦاٿل هئي جنهن جي فقط هڪ ڪني يا معمولي لوهہ جو ڪو حصو يا ٽڪرو ئي نظر اچي رهيو هو. جڏهن جوهيءَ ويجهو پهتاسين تہ شهر کي ڏنل رنگ بند ٻاهران ڊگري ڪاليج جو هي مڪمل ڇتين تائين پاڻيءَ ۾ ٻڏل نظر آيو. رنگ بند ٻاهران پيٽرول پمپ، ڪارخانہ ۽ گهر مڪمل پاڻي ۾ ٻڏل هيا. رنگ بند تي پهتاسين تہ سوين ماڻهو چنڊڻ





وانگر هن جوهي پتڻ تي ٻيڙين ۾ چڙهندي ۽ لهندي نظر آيا. پتڻ ويجهو ئي رنگ بند جي پاسي ڪجهہ دير هڪ دڪان تي ويٺاسين جتي ڊاڪٽر حميد اسان کي وٺڻ لاءِ پهچي ويو. ڏاڍو خوش ٿيو. سڌو وڃي سومره محلي ۾ رنگ بند ڪنڌيءَ قائم ان بيس ڪئمپ ۾ وٺي ويو جتي شهر جي رنگ بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جوهي واسي اچي گڏ ٿيندا هيا. ڪئمپ تي لاهور ۾ ڪاوش جو رپورٽر امداد سومرو، سائين بخش رند، نقاد ٿهيم ۽ صبح جو جوهي آيل سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مشتاق ڦل پڻ موجود هيو. اسان دادوءَ مان ورتل ڪجهہ اخبارون ۽ ٻيو سامان ڊاڪٽر حميد حوالي ڪيو جنهن وري اهو ڪئمپ ۾ موجود ساٿين حوالي ڪيو. ڊاڪٽر اسان کي ويجهو ئي ڪجهہ والن جي مفاصلي تي رنگ بند تي وٺي ويو. رنگ بند ڇا هيو ڄڻ ڪنهن وڏي قلعي جي ديوار هئي شايد هت ان جي اوچائي 14 فٽ هئي ۽ ٻئي طرف ٻوڏ جو پاڻي بند سان اڃان ٽڪرائجي رهيو هو ۽ سامهون حد نظر تائين ڳوٺ ۽آ باديون پاڻيءَ ۾ ٻڏل نظر آيون. رنگ بند ڏيئي جوهيءَ کي بچائڻ واقعي جوهي واسين جو وڏو گڏيل ڪارنامو آهي. بند تان ئي ڊاڪٽر اسان کي شهر جي اولهہ ۾ ايف پي بند تي واهي کان جوهي واري پل تي وٺي ويو جتي هزارن جي تعداد ۾ ٻوڏ متاثرين بند تي ويٺل نظر آيا جتي هڪ ميڊيڪل ڪئمپ بہ نظر آئي. وڏي تعداد ۾ خيما هئڻ سبب هڪ وڏي خيما بستي جو ڏيک هيو. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هي متاثرن جوهي شهر ڪانسواءِ باقي جوهي چوڌاري پاڻيءَ ۾ ٻڏل ڳوٺن مان هت پناهہ لاءِ آيا آهن. ايف پي بند سان حمل ڍنڍ مان ايندڙ پاڻي واهي جوهي پل هيٺان ايف پي بند سان گڏ منڇر طرف وهي رهيو هو ۽ جوهي کان واهي تائين روڊ رستو اڃان بحال هيو. ايف پي بند تان ئي ڊاڪٽر جي گهر ۾ منجهند جي ماني ڪائي ساڳي طرح ٻيڙيءَ ۾ جوهي پتڻ تان روانا ٿي چنڊڻ پتڻ تي پهتاسين. هن موٽ واري سفر ۾ ڊاڪٽر مشتاق ڦل ۽ ان سان گڏ ڪجهہ دوست بہ ساڳي ٻيڙيءَ ۾ سوار هياسين. چنڊڻ پهچي اتان گاڏيءَ ۾ چڙهي دادو واپس پهتاسين. اهو زندگي جو يادگار ۽ ڏڪوئيندڙ سفر هيو. چنڊڻ کان دادو ويندي وفا برهماڻيءَ جو ايس ايم ايس مليو تہ ٻان سعيد آباد کان سيوهڻ تائين ماڻهو انڊس هاءِ وي تي سفر نہ ڪن ڇو جو منڇر کي لڳل گهارن سبب اوچتو انڊس هاءِ وي تي پاڻي هلندڙ گاڏين کي لوڙهي سگهي ٿو ڇو تہ منڇر جي گهارن مان پاڻي تيزيءَ سان انڊس هاءِ وي طرف اچي رهيو آهي. گهر پهچي سامان ڪٽي آءٌ شام جو 6 بجي دادوءَ مان حيدرآباد لاءِ ساڳي انڊس هاءِ وي تان سفر شروع ڪيو. دادوءَ ۾ ئي اهي افواهہ هلي رهيا هئا تہ انڊس هاءِ وي ٻان پرسان بند ٿي ويو آهي يا بند ٿيڻ وارو آهي. آءٌ تڪڙ ۾ روانو ٿيس تہ جيئن روڊ بند ٿيڻ ۽ ان مٿان پاڻي وهڻ کان پهرين سيوهڻ پهچان. ٻان سعيد شهر ٻاهران انڊس لنڪ پل تي چڙهيس تہ ٽريفڪ جام هئي ۽ سامهون روڊ جي ساڄي پاسي واهڙ ڳوٺ طرف ۽ پري تائين پاڻي ڊوڪيندو انڊس هاءِ وي طرف ايندي نظر پئي آيو ۽ محسوس ٿيو تہ شايد

اڳيان ايئرپورٽ ويجهو روڊ تي پاڻي ڪراس ڪيو هجي. اوچتو گاڏين روڊ تي هلڻ شروع ڪيو آءُ بہ انهن جي پويان. شهباز ايئرپورٽ بوبڪ ويجهو تہ سڄ لٿي مهل روڊ تي پاڻي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو وڏي افراتفري هئي ۽ گاڏيون ان ٽڪري تي تيزيءَ سان اچي وڃي رهيون هيون تہ جيئن موتمار پاڻيءَ مان نڪري سيوهڻ پار تائين جان بچائي پهچي وڃجي. هڪ وڏو رسڪ هيو جيڪو هينئر ان روڊ تان سفر ڪندڙ ماڻهن ڪنيو. شهباز ايئرپورٽ ڪان وٺي سيوهڻ تائين انڊس هاءِ وي جي ٻنهي پاسن پاڻي روڊ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر اڃان ڪٿي هن روڊ تان اوور ٽاپ يا اوور فلو نہ ڪيو هو. سيوهڻ اچي دم پٽيوسين. هي آهي مها ٻوڏ 2010 جيڪا ماڻهن کي سنڌوءَ جي ساڄي طرف هر هنڌ اڃان تائين ڊوڙائي پئي ، سهڪائي پئي، ٻوڙي پئي، لوڙهي پئي ۽ دربدر ڪري پئي. انڊس لنڪ تي پار ويجهو پل تي صوبائي وزير سيد مراد علي بيٺو هيو جيڪو خاموشيءَ سان پنهنجي اباڻي ڳوٺ سيد مراد علي شاه واهڙ کي ٻڏندو ڏسي رهيو هو. ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ سامهون روڊ تان نظر ايندڙ شهباز ايئرپورٽ اندر پاڻي داخل ٿي چڪو هيو ۽ انڊس لنڪ جي ساڄي پاسي وارن بندن کي پار سعيد آباد کي بچائڻ واسطي اوچو ڪيو پئي ويو انڊس لنڪ تي ئي ڪامريڊ روشن ٻرڙو، مولابخش لغاري، حاجي نثار لنڊ، ظفر رانجهاڻي ۽ ٻيا پار واسي پريشان نظر اچي رهيا هئا.

- ڪي ٽي اين تي نفسياتي ماهر ڊاڪٽر ڪمال حسين چوي ٿو تہ ٻوڏ متاثرين ۾ 38 سيڪڙو نفسياتي بيمارين جو شڪار آهن. جنهن سبب سندن منجهہ، چڙ، بخيلي، ڊپريشن ۽ ٻين علامتون ۽ حرڪتون واضع نظر اچن ٿيون.
- سڄاول مان ناز سهتو پبلڪ لائبريري جي رپورٽ ڏيڪاري رهيو آه. لائبريري جو انچارج/ سنڀاليندڙ عزيز ميندرو چوي ٿو تہ مون ٻوڏ کان اڳ ڪتاب ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ مٿي ڪٻٽن ۾ رکي ڇڏيا. هو چوي ٿو تہ مون ارادو ڪيو تہ منهنجو گهر ٻڏي وڃي پر لائبريري بچي وڃي ۽ مون ان مقصد لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو.
- سڄي ملڪ ۾ مولوي ۽ انهن جا حمايتي آمريڪا ۾ عافيہ صديقي کي سزا خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن. جلسا ۽ جلوس ٿي رهيا آهن. سياستدان عمران خان ۽ شيخ رشيد ۽ ٻيا وات ڦاڙي زوردار تقريرون ڪري رهيا آهن، پر سنڌ جي ٻوڏ متاثرين لاءِ سندن وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڇا اهي انسان نہ آهن؟
- مشهور سرجن ڊاڪٽر اديب رضوي چوي ٿو تہ ٻوڏ متاثرين ۾ هزارين ماڻهو اهڙا آهن جن جي بڪين جو علاج هلندڙ آهي ۽ ڪيترا تہ ڊائيلاسز تي آهن، هاڻي اهي دربدر ٿي ڪئمپن ۾ رهن ٿا سو انهن جي علاج ۽ ڊائيلاسز جو سرڪار بندوبست ڪري نہ تہ هزارين مريض زندگيءَ جي جنگ هارائي ويهندا.
- لاڙڪاڻي جي ڪئمپن ۾ موجود هزارين ٻوڏ متاثرين چون ٿا تہ مال لڙهي ويو، گهر تباھ ٿي ويا ۽ هاڻي لڳي ٿو تہ هت سخت سرديءَ ۾ اسين سڀ مري وينداسين.





معصوم ٻارن کي گرم ڪپڙا نہ آهن، ڇا ڪيون، ڪيڏانن وڃون، سخت سيءُ سبب سڄي رات جاڳي گذاريون ٿا، سيءُ تہ هڏ ئي ڀڃي ڇڏيا آهن، ڪو ٻوڇڻ ڪو نہ آهي، معصوم ٻچا ڇاتيءَ سان لڳايو صبح ٿا ڪيون. هاڻي تہ خيما ۽ تنبو بہ ٿمن ٿا، هڪ عذاب مان نڪري ٻئي عذاب ۾ اچي ويا آهيون. ڪير بہ سار نہ ٿو لهي. هن زندگيءَ کان خدا موت ڏيئي تہ بهتر آهي. ڪٿي آهي. حڪومت ڪٿي آهي انسانيت، بس اسان جو ڪير بہ نہ آهي. نہ کائڻ لاءِ آهي ۽ نہ پائڻ لاءِ ۽ نہ پاڻ کي لڪائڻ لاءِ.

- ڪي ٽي اين تي نظام شيخ سخت سردي سبب ڪئمپن ۾ ترسيل متاثرين جي اهنجن بابت ٻڌائي رهيو آهي. هو ٻڌائن ٿا تہ هي سيءُ تہ اسان کي ماري ڇڏيندو. اسان جا ٻچا اسان کان کسي وٺندو. پهرئين تہ بک پئي مئاسون هاڻي تہ لڳي ٿو سيءُ وگهي مري ويندا سون. ڪيڏانهن وئي امداد، ڪٿي آهي انسانيت، نہ هنڌ نہ بسترا نہ باھ نہ ماني نہ ڪپڙا وڃون تہ ڪيڏانهن وڃون. هڪ ٻلال آهي جيڪو ٻچن جي مٿان پيا وجهون ۽ پاڻ سڄي رات جاڳي صبح ٿا ڪيون. خدا جي واسطي اسان جي ڪير وارثي ڪري اسين آخر انسان آهيون. ڪير اسان جي ٻچن تي رحم ڪري.

# ڪالم

هيل سنڌو نديءَ ۾

# آبپاشي کاتو سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيندو!

**عرفان علي ٻگهيو**

سپر فلڊ ملڪ جي مٿانهن علائقن ۾ سوين حياتيون ڳڙڪائڻ، لکين ماڻهو بي گهر ۽ اربين رپين جو نقصان ڪرڻ کان پوءِ سنڌ طرف رخ رکيو آهي.

هڪ طرف جتي هن خطرناڪ ٻوڏ ڳوٺن جا ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا آهن، لکين سنڌ واسي بي گهر ٿي ويا آهن، سنڌ جي زراعت کي اربين رپين جو نقصان رسيو آهي، آبپاشي کاتي جي بچاءُ بندن سان ٿيل مهربانين سبب وڏي جاني نقصان جو انديشو آهي. ڪچي توڙي پڪي جا بي گهر ٿيل ڳوناڻا سرڪاري رليف ڪئمپن ۾ ماني ڳيي لاءِ پريشان آهن ته ان وقت ڪي روشني ڪوڏيا سنڌوءَ ۾ آيل چاڙهه تي جهمريون هڻندا وتن ڪي ته وري سنڌ تي آيل هن قدرتي آفت کي سندن دعائن جو نتيجو قرار ڏيندي، پنهنجي مهم کي ڪيش ڪرائڻ جي ڪوش پيا ڪن. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيءَ خطرناڪ ٻوڏ سنڌ کي ڪيئن خوشحال ڪندي هي سپر فلڊ ته سواءِ بربادي جي ٻيو ڪجهه نه ڏيندو! سو سنڌو بادشاهه ۾ آيل خطرناڪ چاڙهه ته نينگ ٽپا عقلمندي آهي؟

سنڌ لاءِ ٻوڏون ڪا نئين ڳالهه ڪونهن، پر هيل صورتحال ان ڪري خطرناڪ آهي جو اتر کان وٺي لاڙ تائين بچاءَ بند هنڌان هنڌان مڪمل طور تباهه ٿيل آهن. لاڳاپيل کاتن کي هر سال بچاءَ بندن جي مرمت ڪرائڻي هوندي آهي. جنهن لاءِ ڪروڙين رپيا بجيٽ رکي ويجي ٿي، پر آيل بجيٽ جي رقم ڪامورن بندن جي مرمت ڪرائڻ بدران پنهنجي کيسي ۾ وڌي. آبپاشي کاتي سنڌ واسين کي هن خطرناڪ ٻوڏ ۾ ٻوڙي مارڻ لاءِ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. ڪشمور کان وٺي ٺٽي تائين حالت اها آهي جو ڪٿي بندن ۾ روٽيون پيل آهن ته ڪٿي زرعي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ غير قانوني طور بندن اندران وڏا وڏا پائيپ هنيا ويا آهن. ته ڪٿي وري بچاءَ بند کي ڪٽي رستا ٺاهيا ويا آهن. مٽياريءَ ۾ ته حالت اها آهي جو لڳ ڀڳ سوين ميلن تي پکڙيل ايس ايم بچاءَ بند تي 70 ڪلوميٽرن جي ايريا ۾ 12 کان 15 فوٽ جا 50 کان





مٿي ڪٽ هڻي رستا ٺاهيا ويا آهن. آبپاشي کاتي جي سنڌ تي ڪرم نوازيون ته ڏسو جو جنهن بچاءَ بند تي پاڻيءَ جي زوردار وهڪري کي روڪڻ لاءِ بند مٿان 40 فوٽ پٿر وڇائڻو هو اتي فقط 5 فوٽ پٿر وڇائي باقي رقم هڙپ ڪئي وئي.

ٻوڏ جي ابتدائي وهڪرن سبب ئي سکر ضلعي جا ڪچي وارا سمورا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. بخشاپور، بداڻي، شاهه ٻيلو، سعيد آباد، باگڙجي، الف ڪچو، پنهواري، ڪڏهري، ڪچو ٻندي، قادرپور، رضا ڳوٺ، سڌوجا ۽ ٻيا علائقا مڪمل طور ٻڏل آهن. انهن علائقن جا ماڻهو زندگيون بچائڻ لاءِ پريشان آهن. هنن علائقن جا هزارين ماڻهو ڪامورن جي دعوائن جي ابتڙ بي يارومددگار آهن. سنڌ جي زراعت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکندڙ سکر بيراج زبون حالي جو شڪار آهي. سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه پڻ ان ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته سکر بيراج 9 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻيءَ جو دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهندو، اندازو آهي ته سپر فلڊ جو 12 لک وارو وهڪرو، سکر بئراج وٽان گذرندو. هاڻ جيڪڏهن خدانخواسته سنڌ جي زراعت لاءِ انتهائي اهميت رکندڙ سکر بئراج کي هيءَ خطرناڪ ٻوڏ ڪو نقصان پهچائي ٿي ته پوءِ اسان وٽ بچندو ڇا؟ ڇيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن ٻوڏ سبب سکر بئراج کي ڪو نقصان پهتو ته سنڌ جي زراعت جا ترا نڪري ويندا. سوال اهو ٿو پئدا ٿئي ته سرڪار آخر هن وقت ئي حرڪت ۾ ڇو آئي آهي، هيترن سالن کان بچاءَ بندن توڙي بئراجن جي مرمت لاءِ ڇو نه سوچيو ويو ۽ انهن جي مرمت لاءِ رکيل رقم ڇو نه خرچ ڪئي وئي؟ سنڌ ۾ ٻوڏ جي هن خطرناڪ صورتحال پيدا ٿيڻ کان پوءِ آبپاشي کاتي توڙي سيڊا وارن جي ڄڻ عيد ٿي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته بچاءَ بندن جي مرمت لاءِ سنڌ سرڪار پاران جاري ٿيل 44 ڪروڙ رپيا صحيح جاءِ تي خرچ ڪرڻ بدران ڪامورن توڙي سندن بالا اختياريون پنهنجا کيسا ڀريون رهيون آهن. آبپاشي کاتي وارن کي سنڌ جي ماڻهن تي ڪو قياس ئي نٿو اچي. جو انهن هن خطرناڪ حالتن ۾ سنڌ جي عوام کي ٻڏندو ڇڏي ڏنو آهي. ڪيڏي نه ناانصافي آهي جو سنڌ سان هيڏي ويڌن تي ڪائنن ڪو پڇڻ وارو به ناهي. ڪراچيءَ ۾ ڪا ٽارگيٽ ڪلنگ ٿئي ٿي ته وفاقي توڙي صوبائي مشينري حرڪت ۾ اچي وڃي ٿي. پر ڪچي توڙي پڪي جي لکين ماڻهن جون جانيون داءَ تي لڳائڻ تي ٻيو ته ٺهيو ڪنهن هڪ به ڪرپٽ ڪاموري خلاف ڪارروائي نه ٿي آهي! هر سال بندن جي مرمت جي نالي ۾ ڪروڙين رپيا خرچ ته ڏيکاريا ويندا آهن، پر بندن جي حالت ڏسي اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته گذريل 8 سالن جي عرصي دوران مٽيءَ جو هڪ لپو به بندن تي نه لڳايو ويو.

گڊو بئراج کان ايندڙ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو گهوٽڪي طرف اچڻ کان پوءِ وڏي تباهي ٿيڻ جو انديشو ڏيکاريو پيو وڃي، هڪ طرف سپر فلڊ جي خوف ۾ ورتل ڳوناڻا اهي دانهون ڪري رهيا آهن ته پاڻيءَ جو اهو وهڪرو وڏي تباهي مچائي

سگهي ٿو، پر ضلعي انتظاميه توڙي آبپاشي کاتي جا ڪامورا ٺلهين بيان بازين واري دلپشوري ۾ پورا آهن.

ڪشمور، گهوٽڪي، سکر، خيرپور، لاڙڪاڻو، نوشهروفيروز، دادو، مٽياري، حيدرآباد توڙي ڄامشوري جا لڳ ڀڳ سمورا بند تمام خراب حالت ۾ پيل آهن، جنهن سبب هزارين ڳوٺ خطري هيٺ اچي ويا آهن. ان صورتحال سبب هن وقت سڄي سنڌ ۾ شديد خوف هراس ڇانيل آهي. ڪچي ۾ ڦاٿل ڳوٺاڻا ان پريشانيءَ ۾ آهن ته سندن ڪچن گهرن مان انهن جا ٻار ٻچا ۽ مال متاع ڪيئن محفوظ هنڌن تي پهچائجن؟

سنڌ ۾ ڊيم نه هئڻ ڪري ٻوڏ جو اهو پاڻي سواءِ ٻوڙڻ جي ڪو فائدو نه ڏيندو. خطرناڪ ٻوڏ سنڌ اندر داخل ٿي وئي آهي. سنڌ جا سمورا بچاءَ بند ڪيترن ئي هنڌن تان مڪمل طور تباهه ٿيل آهن، جنهن سبب عوام کي ڳرو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو. آبپاشي کاتي جي ڪامورن پاران جيڪڏهن هر سال بندن جي مرمت ڪرائي وڃي ها ته سنڌ ۾ اڄ هيءَ خطرناڪ صورتحال پيدا نه ٿئي ها. هي ڪرپشن جو هڪ وڏو اسڪينڊل آهي، جيڪو ٻوڏ اچڻ سبب سامهون آيو آهي. وڏي عرصي کان ٻوڏ نه اچڻ ڪري بچاءَ بندن طرف ڪنهن جو ڌيان ئي نه ويو. آبپاشي کاتي جي ڪامورن ۽ وزيرن مشيرن اهو سمجهيو ته سنڌ ۾ هاڻ ٻوڏ ايندي ئي ڪا نه، تنهن ڪري جيترو مال ميڙڻو اٿوَ ميڙيو، آبپاشي توڙي سيڊا وارن ته مال ميڙي پنهنجا گهر ڀريا، پر سنڌ واسي موت جي منهن ۾ ڌڪجي ويا.



# ٻوڏ: "ٻڏي جا پيٽا" يا انساني الميو؟

امداد علي سومرو

سنڌ واسيو! "هو جمالو" ڳايو، جهمريون پايو، ٻئي ٻانهون کولي آجيان ڪريو، گدو تي، سکر، موري، ڪوٽڙيءَ واري پل تي بيهي گلن جي ورکا ڪريو، ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جو جوڀن ڪيترن ئي سالن بعد موٽي آيو آهي. ڇيڇڪا ڇٽي ٻيلا آباد ڪريو، ڪچو وسايو، خوشيون ملهايو، چو ته پهاڙ لتاڙي، جهر جهنگ جهاڳي گجندڙ سنڌو سنڌ اچي رهيو آهي، بلڪل ان ڪنڌار جيان، جنهن جي هڪڙي هڪل سان سڀ بندي خانا کلي ويندا آهن، ائين ئي سنڌوءَ جي هڪ گجگوڙ سان سيني بندن جا در کلي ويا. ڊئمن بئراجن جا ڦاٽڪ مٿي ٿي ويا ۽ هر هنڌ اها رڙ ٻڌي وئي ته پري ٿيو. سنڌو اچي رهيو آهي، سو سنڌ واسيو، سنڌو سڀ لڪ، سڀ لنگهه سڀ ميدان لتاڙي اڄ يا سڀاڻ سنڌ ۾ داخل ٿيندو ۽ پوءِ مهراڻ جي موجن سان سنڌ واسين جي موج ٿي ويندي، سنڌو ڏهه لک ڪيوسڪ جي وهڪري سان پنجاب جي پهاڙن ۽ ميدانن کي لتاڙي سنڌ ڏانهن وڌي رهيو آهي، پهرين مون سوچيو ته ٻوڏ جي امڪاني تباهڪارين تي لکان، سنڌ واسين کي خبردار ڪريان، ڪچي وارن کي ڊيڄاريان، پڪي وارن کي راتيون جاڳي رهڻ جي صلاح ڏيان پر پوءِ منهنجي ذهن ۾ "ٻڏي جا پيٽا" واري ڪچي جي چوٽي اچي وئي، ان ڪري خبردار ڪرڻ کان اڳ مون کي خيال آيو ته جيڪڏهن آئون دادو ۾ هجان ها ته پڪ سان دادو- موري پل تي وڃي سنڌوءَ جي ان تاريخي موجن کي ڏسڻ ۽ سنڌو جي آجيان ڪرڻ لاءِ بيهي رهان ها ۽ جيڪڏهن حيدرآباد ۾ هجان ها ته پڪ سان ڄامشوري واري پل تي بيهي سنڌوءَ جي اها گجگوڙ ٻڌان ها، جنهن ميان والي ۽ ڊيرا غازي خان جي شهرين کي راتين جو سمهڻ ئي نه ڏنو.

"سائين، درياهه تمام گهڻو مچريل آهي، جناح بئراج جي پل ائين لڏي رهي آهي، جيئن تيز هوا ۾ وڻ جون ٽاريون لڏنديون آهن ۽ پاڻيءَ جو گوڙ پنج ڪلوميٽرن

تائين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي، ائين ٿو لڳي ڄڻ هڪ ئي وقت ڪيترائي شينهن گڏجي گجندا هجن.“ ميان والي جي محمد رفيق مون کي ڪالاباغ يا جناح بئراج وٽان سنڌوءَ جي وهڪري ۽ علائقي ۾ ٻوڏ جي صورتحال کان آگاهه ڪندي فون تي ٻڌايو. مون کي يقين نه آيو ته پاڻيءَ جو شور پنجن ڪلوميٽرن تائين ٻڌي سگهجي ٿو، ان ڪري ورائي پڇيم ته، يار ايترو پري تائين پاڻيءَ جو آواز ڪيئن ٻڌجي رهيو آهي؟ ورنديءَ ۾ رفيق چيو ته، ”اوهان کي يقين نٿو اچي پر هتي ماڻهو پڪي تي به پريشان ويٺا آهن ۽ پاڻيءَ جو شورانهن کي سمهڻ نٿو ڏئي، منهنجو گهر دريا کان پنج ڪلوميٽر پري آهي ۽ گهر ويٺي پاڻيءَ جو شور چٽو ٻڌجي رهيو آهي.“ سو ماڻهن ۾ دريا جي دهشت به آهي پر ”ٻڏي جا ٻيٽا“ واري چوٽي به ياد رکڻ گهرجي، جيڪا صدين جي تجربن بعد تخليق ٿي هوندي.

ٻوڏ جي نقصانن کان ڪو به انڪار ناهي، خيبر پختونخواهه ۾ ٻوڏ انساني حياتين جو جيڪو نقصان ڪيو آهي، ان جو ته ڪو تدارڪ نٿو ڪري سگهجي، ان جو جيترو افسوس ڪجي گهٽ آهي، سوين ماڻهن کي دريائن ۽ نئن، ندي نالن ۾ آيل پاڻي لوڙهي ويو، لکين ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن، انهن جو افسوس سڄي ملڪ ۾ هر ڪنهن کي آهي پر اها به حقيقت آهي ته ٻوڏون انساني المين کي ضرور جنم ڏينديون آهن پر ٻوڏون قدرتي عمل آهن، جنهن سان زمينون سيراب ٿينديون آهن، ٻيلا ٻيهر جنم وٺندا آهن، جر ڀرجي ويندو آهي ۽ زير زمين پاڻيءَ جي سطح وڌي ويندي آهي. ڪچي ۽ پڪي ۾ هڪ اهڙي خوشحالي ايندي آهي، جنهن جو اثر سالن تائين برقرار رهندو آهي.مجموعي طور تي زمين جو جيڪو به نظام آهي اهو نوبنو (ريچارج) ٿي ويندو آهي ۽ ٻوڏ ڪجهه ڏينهن جي تڪليف ڏيڻ بعد سالن جا سک ڏئي ويندي آهي. پر ان جو مطلب اهو قطعي نه وٺڻ گهرجي ته سنڌ جي حڪومت، انتظاميه، آبپاشي کاتو ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار ننڊ پيا هجن ۽ اهو سوچين ته ٻوڏ خوشحالي لاءِ اچي رهي آهي. ان صورت ۾ ٻوڏ اچي خوشحالي کان اڳ تباهي ڏئي ويندي. جيڪڏهن اڳواٽ مڪمل بندوبست ڪيا وڃن ته سنڌوءَ ۾ ايندڙ وهڪرو، جيڪو اڄ يا سڀاڻي تائين ڪنهن به وقت گڊو بئراج وٽان گذرندو، سنڌ لاءِ صرف ۽ صرف خوشحالي ئي کڻي ايندو پر جيڪڏهن اڳواٽ ڪي به انتظام نه ڪيا ويا ته پوءِ جيڪو نقصان ٿيندو، اهو بعد ۾ ايندڙ خوشحالي سان به وسري نه سگهندو، ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ ۾ ڍاڪن بعد ايترو پاڻي اچي رهيو آهي. سالن تائين سنڌوءَ جو پيٽ سڪل رهڻ سبب هڪ ته ان ۾ واريءَ دڙا ٺهي ويا آهن. ٻيو وري انهن دريا جي پيٽ ۾ رهائش اختيار ڪري ٻنيون پوکي ڇڏيون آهن. مون کي ان ڏينهن هڪ نجي ٽي وي تي خبر ٻڌي حيرت ٿي ته





سنڌوءَ مان سکر بئراج وٽان گذرندڙ ڏيڍ لک ڪيوسڪ جي وهڪري سان پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو آهي. پهرين مون کي لڳو ته اها خبر ائين ئي هلائي وئي آهي، فوٽيج به هلي پر مون کي يقين نه آيو پر پوءِ پاڻ ان جي تصديق ڪيم ته حيرت ٿي ته سکر بئراج وٽ ماڻهو دريا جي بند اندر جهوپڙيون ۽ ڪچا گهر اڏي ويهي رهيا آهن، جنهن ڪري اتان دريا مان ڏيڍ به لک ڪيوسڪ پاڻي گذرڻ به مسئلو بڻجي ويو آهي، ان ڪري ئي گهرن ۾ پاڻي داخل ٿي ويو آهي ۽ ٻيو سبب اهو معلوم ٿيو ته ڊائون اسٽريم سکر ۾ واريءَ جي دڙن سبب دريا جي وهڪري ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن. ان ڪري پاڻي هيڏانهن هوڏانهن ٽڪر هڻي ڪنارن تي پهچي ويو آهي. يعني سنڌوءَ کي پنهنجي ئي پيٽ مان لنگهه نه مليو ۽ صرف ڏيڍ لک ڪيوسڪ پاڻي بئراج مان گذرڻ کان اڳ گهرن ۾ داخل ٿي ويو، هاڻي جيڪڏهن ان کي ڪير قدرتي آفت چئي ته ان کان وڌو ”داناءُ“ ٻيو ڪو چئبو ڀلا؟ سو اصل مسئلو انتظامن جو آهي، پڪ سان سنڌوءَ جي ڪنڌين جي سالن کان مرمت نه ٿي هوندي. بند ڪمزور هوندا، ماڻهن بندن تان مٽي روڙي ڇڏي هوندي ۽ جيڪڏهن بندن جي ڪمزور حصن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته پوءِ ته سنڌوءَ جو 8، 9 لک ڪيوسڪ جو امڪاني وهڪرو نه رڳو ڪچو ٻوڙيندو پر بند ٽوڙي پڪي ۽ مٿانهين وارن شهرن ۾ به داخل ٿي سگهي ٿو.

ڄامشوري بئراج کان وٺي گڊو پل تائين ۽ پوءِ اڳتي لطيف آباد وارن علائقن جي پاسي مان گذرندڙ سنڌوءَ سان واريءَ مافيا جيڪو حشر ڪيو آهي، ان سان سنڌوءَ جا ڪنارا ڪمزور ٿي چڪا آهن. سڄو ڏينهن سوين ٽريڪٽر ٽرالين جي بچاءَ بند لهي دريا جي پيٽ ۾ لهڻ سان سوين جاين تان دريا جي بند ۾ ڪيترن ئي فوٽن جا چرا لڳل آهن، سکر، لاڙڪاڻي، نوشهري فيروز، نوابشاهه، دادو، ڄامشوري، حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾ به پڪ سان دريا جي ڪنڌين جو ساڳيو حشر ڪيو ويو هوندو ۽ جيڪڏهن بندن ۾ لڳل چرن سبب دريا بي قابو ٿي ٻاهر اچي وڃي ۽ ٻوڏ انساني المين کي جنم ڏئي ته پوءِ ڇا ان کي قدرتي آفت قرار ڏيڻ جائز هوندو؟

هن وقت تائين جي خبرن مطابق، سنڌ حڪومت ٻوڏ جي صورتحال سبب صوبي ۾ ريڊ الرٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پر اهو ريڊ الرٽ جيڪڏهن بندن تي ڪئمپون قائم ڪري ۽ اربين رپيا فنڊ ڪائڻ تائين محدود رهيو ته پوءِ سنڌ کي وڏي تباهيءَ کان بچائڻ ممڪن نه هوندو، سنڌ جي آبپاشي کاتي جي تاريخ آهي ته هڪ هڪ بند، هڪ هڪ منصوبي تي ڏهه ڏهه ڀيرا فنڊ ڪاڏا ويندا آهن، سدائين آبڪلاٽي جي منڊ ۾ ان قسم جا بند ٻڌڻ جي نالي ۾ پهرين ڪروڙين رپيا وڏن پيٽن ۾ هليا ويندا آهن ۽ پوءِ وري ڪاڳرن ۾ اهو ٻڌايو ويندو آهي ته نئون ٺهيل يا مرمت ڪيل بند

ٻوڏ لوڙهي ڇڏيو ۽ وري ٻيهر ان بند جي نالي ۾ ڪروڙين رپيا ڪاڏا ويندا آهن، آبڪلاڻي يا ٻوڏ سنڌ جي آبپاشي کاتي  کي الرٽ ضرور ڪندي آهي پر ان لاءِ نہ، تہ ڪهڙي ڪهڙي بند کي مضبوط ڪجي، ڪٿي ڪٿي بند کي روڙيون لڳل آهن جيڪي پرجن، ڪٿان ڪٿان پاڻي بند کي گهارا هڻي سگهي ٿو، انهن کي اڳواٽ ٻڌو وڃي پر ان لاءِ تہ ڪهڙي بند جي نالي ۾ ڪيترو فنڊ ڪائي سگهجي ٿو ۽ ڪيترا پيرا ڪائي سگهجي ٿو، پٿر جي پيچنگ جي نالي ۾ ڪائي سگهجي ٿو يا ڪچي بند جي نالي ۾، سو جيڪڏهن صورتحال ائين رهي تہ پوءِ پڪ سان سنڌو سنڌ ۾ خوشحاليءَ بدران وڏي انساني الميي جو سبب بڻجي ويندو، سنڌوءَ ۾ ايندڙ وهڪرا سنڌ جي خوشحالي لاءِ هوندا آهن، ڪوٽ منڻ بعد سنڌ م داخل ٿيڻ ڪان وٺي ڊيلٽا وٽ سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين هر پاسي جڏهن سنڌو خيريت سان گذري وڃي  تہ پوءِ جيڪا خوشحالي ايندي آهي، اها سالن تائين برقرار رهندي آهي. ان ڪري صرف فوج کي سنڌ جي بندن تي ٻيهارڻ بدران آبپاشي جي اڪثر ڪرپٽ ۽  راشي عملي مٿان نگران بہ ويهاريا وڃن تہ اهي جنهن جنهن بند جي نالي ۾  اهي فنڊ وٺن ٿا، اهي فنڊ انهن بندن تي استعمال ٿين.

خبرن مطابق، سنڌ حڪومت ٻوڏ جي امڪاني صورتحال کي نظر ۾ رکندي آبڪلاڻي جي نالي ۾ ڪروڙن رپين جا فنڊ جاري ڪيا آهن، سنڌو جي ڪنڌين سان گڏ ان فنڊ جي بہ نگراني ضروري آهي، ٻي صورت ۾ سنڌوءَ جي بندن سان گڏ اهي ڪروڙين رپيا بہ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ لڙهي وڃي سمنڊ ۾ ڪرندا ۽ پوءِ ڪير بہ اهو ثابت نہ ڪري سگهندو تہ ڪنهن بند تي ڪيترو فنڊ لڳو ۽ ڪنهن بند جي آڙ ۾ ڪيترو فنڊ ڪاڏو ويو. ان بعد ٻيهر اربين رپيا ايندا، جيڪي پڻ بندن تي مٽيءَ جون بہ ٽي ٽراليون لهرائي ڪاڏا ويندا نہ رڳو سنڌ حڪومت بندن ۽ فنڊن جي نگراني ڪري صوبي کي ٻوڏ جي تباهڪارين ڪان بچائي، بلڪ حڪومت کي گهرجي تہ اها سرڪاري سطح تي ڊيلٽا ڪان ڪشمور تائين سڄي ڪچي ۾ ڇيڇڪا ڇٽرائي تہ جيئن اهي ٻيلا، جيڪي ڪڏهن ڌاڙيلن خلاف آپريشن جي نالي ۾ وڍيا ويا، تہ ڪڏهن وري ٻيلي ڪاتي جي واڍي مافيا جي ور چڙهيا، سي ٻيلا ٻيهر  زنده ٿي سگهن، عام طور تي تہ مينهن بعد پاڻ ئي  سلا ڦٽندا آهن، ڇاڪاڻ تہ وڻن جا ٻج مند ۾ ڇٽي اتي ئي ڪرندا آهن ۽ مينهن پوڻ بعد انهن مان پاڻمرادو ڪروڙين وڻ ڦٽي نڪرندا آهن پر سنڌوءَ جي  ٻنهي ڪنارن جي ٻيلن کي ميدانن ۾ تبديل ڪيو ويو. ان ڪري اهو امڪان گهٽ آهي تہ ڪچو ٻڏڻ بعد هيل پاڻمرادو سلا ڦٽندا، ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ٻبرن، ٽالهين، نمن، ٻيرن، ڪنڊي ۽ ٻين قسمن جي وڻن





جا ٻج ڇٽيا وڃن، ان ڪم ۾ سنڌ حڪومت کي هڪ ڏينهن بہ نہ لڳندو. اهو  ڪم هيلي ڪاپٽر ذريعي ڪجهہ ڪلاڪن اندر ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪرڻ جي نيت هوندي تہ اهو ڪم ٿي ويندو، پوءِ ڪچي مان پاڻي لهڻ بعد هڙيون ٿينديون ۽ اهي وڏي ٻيلا بڻجي وينديون، جيڪي ٻيلا مستقبل ۾ بندن سان گڏ ٻوڏن ڪان بچاءَ جو وڏو هٿيار ثابت ٿيندا.

سو مجموعي طور تي جيڪڏهن بهترين حڪمت عملي سان سنڌوءَ ۾ ڏهاڪن بعد آيل هن وڏي ٻوڏ کي منهن ڏنو وڃي تہ سڄي سنڌ ان جو ڦل سالن تائين کائيندي، مهاڻا خوسحال ٿيندا، ڪچو آباد ٿيندو، تمر جا ٻيلا وڌندا، ڊيلٽا تي لٽ مليل پاڻي سمنڊ کي پنتي ڌڪي ڇڏيندو، پلو ڄامشوري پل تائين اچي پهچندو، جنهن سان نہ رڳو مهاڻن جو روزگار کلندو، بلڪ دريا جي ڪنارن تي ننڍين وڏين هوٽلن تي ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪاروبار هلندو، سو مجموعي طور تي ٻوڏ سنڌ کي خوشحالي ئي ڏئي ويندي.ا ن ڪري مون شروعات سنڌ واسين ۾ ٻوڏ جو خوف ويهارڻ بدران سنڌ واسين کي ايندڙ خوشحاليءَ جون واڌيون ڏئي سنڌوءَ جي آجيان ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. نہ رڳو عوام، بلڪ انتظاميہ ۽ حڪومت بہ نعريبازي بدران هڪ بهتر حڪمت عمليءَ سان ٻوڏ ڪان ٻيڻ وصول ڪري سگهي ٿي. سنڌوءَ جي ڪنڌين، ڪچي ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ آباد ماڻهو پاڻ ئي پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڪجهہ ڏينهن پڪي ۽ مٿانهين وارن  علائقن ڏانهن لڏي وڃن، ڍور، ڊڳا، اناج ۽ ٻيو قيمتي سامان بہ محفوظ هنڌ منتقل ڪن. حڪومت صحيح معنيٰ ۾ بندن کي مضبوط ڪري، مجموعي طور تي سڄي سنڌي قوم هڪ اجتماعي سوچ سان ايندڙ ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏئي تہ اڄ يا سڀاڻي تائين گڊو وٽان گذرندڙ 8 ڪان 9 لک ڪيوسڪ پاڻي ڪچي ۽  پرپاسي جي علائقن کي ٻوڙڻ بعد سمنڊ  ۾ وڃي پوندو ۽ اهو پاڻيءَ جو دٻاءُ هر ٻئراج تي ڪجهہ ڪلاڪن تائين برقرار رهندو، ان بعد پويان ڪان ايندڙ وهڪرا اڌ جيترا بہ نہ هوندا، ان ڪري جيڪو پاڻي اچي رهيو آهي، ان کي خيرن سان سمنڊ تائين پهچائڻ لاءِ حڪومت، انتظاميہ ۽ عوام ميدان ۾ ڪڏي پئي، ان صورت ۾ ئي سنڌ کي ٻڏي جا ٻيٽا  ملي سگهندا ۽ پوءِ سڄي سنڌ سرويچ سجاولي جا ٻول بہ ڳائڻ ۾ حق بجانب هوندي تہ ”جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.“

# سنڌو سمهندو ناهي....

ممتاز بخاري

بس اجهو ٽا بند سنڌو جاءِ ٻئي ڪنارا ٻڏجن ۽ وري گجگوڙ ڪندڙ سنڌو جي موسيقي ماحول ۾ گونجڻ واري آهي ۽ اجهو ٿو سنڌو پنهنجي ٻيٽ مٿان ستل ڪچي واسين کي جاڳائي..... پر هڪ ڀؤ... هڪ دهشت.... الاءِ ڇو اها دهشت درياهه بادشاهه ڪنيو ٿو اچي، اصل ۾ اهو ڀؤ ۽ اها دهشت درياهه جي ناهي پر درياهه جي نالي تي جيڪو ڊيچاريو ٿو وڃي، ان جي آهي ۽ اها به ان ڪري آهي، جوا سان جو آبپاشي کاتو اهو وساري ويٺو آهي ته ڪو ڪڏهن سنڌو بادشاهه وري جاڳندو ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ مستقبل ۾ مرڪن ۽ آسيس جو سبب بڻبو، ميانوالي کان ڳاڙهسرو پاڻي گڊو تائين ميڙڙو ٿي پهچي رهيو آهي، پر رڳو ٻه هفتا اڳ اسان جا سرڪاري ڪاتا جاڳيا آهن، هڪ هفتي ۾ انگ اکر گڏ ٿيا آهن ۽ ٻئي هفتي ايترا دورا ٿيا آهن، جنهن مان لڳي پيو جڻ سندن اصل ڪم ئي اهي دورا آهن، پر حقيقت اها آهي ته وزيرن، مشيرن ۽ سرڪاري عملدارن جا اهي دورا آبپاشي، روينيو ۽ زراعت کاتي جي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن فرض شناس ڪم وارن ماڻهن کي پروٽوڪول ۾ اهڙو ٿا ڦاسائي وجهن، جو اهي رڳو بريفنگس تيارڪرڻ ۾ پورا نظر اچن ٿا. سرڪار جيڪڏهن امڪاني ٻوڏ دوران رڳو بريفنگس لاءِ سمورن ڪم وارن ماڻهن کي وزيرن سان ڦاسائي ڇڏيو ته ان سان ڪم ڪندڙ ماڻهن جي صلاحيت ڪٿي کٽب ايندي؟ ڏينهن جو ۽ شام جو دورا ته ٿي رهيا آهن ۽ ان جو هڪڙو فائدو اهو آهي ته گوسڙو ۽ گهٽ ڪم ايندڙ ۽ رڳو پگهارون کڻڻ لاءِ ڀرتي ٿيل ڪجهه ملازم انهن ڏينهن ۾ روزي حلال ڪرڻ لاءِ موجود هجن ٿا، هڪ ريٽائرڊ آبپاشي عملدار موجب، "اهڙا ملازم ته ان لائق ناهن جو ڪٿي بند ۾ واريءَ جي ٻوريءَ طور انهن کي ڪم آڻجي."

سنڌوءَ ۾ ايندڙ اها ٻوڏ، جيڪا امڪاني طور "سپر فلڊ" به ٿي سگهي ٿي، ان لاءِ سواءِ انگن اکرن ۽ حساس جاين جي نشاندهي، ۽ ڪجهه جاين تي مشينون پهچائڻ واري ڪم جي ٻيو ڇا ٿي سگهيو آهي؟ ۽ پوءِ ملڪ جي فوج، نيوي ۽ رينجرز کي به





انهن ڪمن ۾ پاڻ سان شامل ڪيو وڃي.

ڇا اها انتهائي وڏي ٻوڏ آهي؟ ان حوالي سان به ڪجهه آبپاشي ماهرن جا متضاد رايا آهن، ڇو ته خيال اهو پيو ڪيو وڃي ته سنڌو ۾ ايندڙ اها ٻوڏ 8/9 لک ڪيوسڪس جي آهي ته پوءِ ان کي انتهائي خطرناڪ ڇو پيو ڄاڻايو وڃي. ڇاڪاڻ ته 2005ع ۽ 2006ع ۾ سکر بئراج وٽ پاڻي 5 لک ۽ ساڍا 5 لک ڪيوسڪ کان مٿي رهيو آهي ۽ ان کان پوءِ وارن ٽن سالن ۾ سکر ۽ گڊو بئراجن وچ ۾ ننڍي ٻوڏ واري صورتحال به مشڪل سان رهي آهي. ان ڪري ان جهوني آبپاشي ماهر جو خيال آهي ته ٻوڏ 9 لک ڪيوسڪ تائين هوندي پر ان کي ان ڪري وڌيڪ ڄاڻايو پيو وڃي. ڇو ته گذريل 14 سالن ۾ سنڌو جي بندن تي ڌيان نه ڏنو ويو آهي، جن سان جانورن ۽ ڪوئن ته ويڙن ڪئي ئي آهي پر ماڻهن به وسان ڪين گهٽايو آهي، جو بندن جي مٿي به ڪٽي ويا آهن ان صورتحال ۾ آبپاشي کاتو ايڏي واويلا ڪري پيو، جيئن اهي ڄاڻائين ته پاڻي 10 لک ڪيوسڪ کان مٿي هو، اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟ جيڪڏهن ان جهوني آبپاسي ماهر جي اها راءِ صحيح آهي ته پوءِ ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته سنڌ ۾ ايندڙ امڪاني سپر فلڊ سان جيڪڏهن کي وڏا نقصان ٿين ٿا ته پوءِ سنڌوءَ جو تارو تار پٽي ڄاڻائي ۽ قدرت پاران آيل آفت جو سهارو وٺي جان ڇڏائي ويندا.

گڊو کان وٺي سمنڊ تائين جيڪو ڪچو 16 لک چورس ايڪڙن تي پکڙيل آهي ۽ جنهن ۾ 10 لک چورس ايڪڙن تي ڦهليل ڪچي جي زندگي ڪيئن آهي. اهڙي صورتحال ۾ انتظامن جي حتمي شڪل ڪيئن اهو سمجهڻ ايترو مشڪل نه آهي؟ ۽ مٿان سنڌو جي بندن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان ڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ آباد آهن، جيڪي به بندن ٽٽڻ جي صورت ۾ خطري هيٺ آهن. ائين اهو خطرو ان دور جا ماڻهو نٿا وساري سگهن، جڏهن 1976ع ۾ سکر وٽان 12 لک ڪيوسڪس پاڻي گذريو هو پر اصل ۾ اهو پاڻي ان کان وڌيڪ هو، ڇو ته سکر بئراج صرف ان صورت ۾ بچي سگهيو هو، جڏهن علي واهڻ وٽان بند کي گهارو هنيو ويو ۽ لڳ ڀڳ هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي علي واهڻ واري علائقي ۾ ڦهلجي ويو. جتي ماڻهن جي سانير ٻڏائي ٿي ته تمام گهڻو مالي نقصان ٿيو هو، چوپايو مال لوڙهي ويو هو، ربڏنو جاگيراڻي اهو قصو ٻڌائيندي چئي ٿو ته، "مان ڪچو بيلدار هئس، اسان کي اها خبر ئي نه پئي ته اهو گهارو ڪيئن پيو. پر هڪڙي اڳوڻي چيف انجنيئر جو اهو خيال آهي ته ان وقت جي وزير اعليٰ ۽ ٻن ٻين ماڻهن اهو فيصلو ڪيو هو ته سکر بئراج کي بچائڻ لاءِ علي واهڻ وٽ گهارو ضروري آهي. عوامي حڪومت هجڻ جي ڪري عوام کي آگاهه نه ڪيو ويو هو ته مٿان ماڻهو اٿي ڪڙا ٿين. هن جو خيال آهي ته سنڌ جي زرعي زندگي لاءِ اها قرباني ڏني وئي پر جڏهن هن وقت آبپاشي کاتي جي اختيار ڌڻين کان اهو سوال ڪجي ٿو ته، آخر انهن کا "ٻي رٿا" جوڙي وئي آهي، جنهن سان ڪنهن امڪاني تباهي کان بچي سگهجي؟ ان سوال تي لڳ ڀڳ سڀ ڪامورا خاموش آهن،

ڇو ته جيڪڏهن موسميات کاتو، آبپاشي کاتو ۽ ارسا وارا اهو چئي رهيا آهن ته پاڻي 10 لک ڪيوسڪ تائين ايندو ته ڇا انهن وٽ ڪو ”سيڪنڊ پلان“ آهي، جنهن سان شهرن توڙي بئراجن کي بچائي سگهجي؟ پنجاب ۾ بهرحال اهو پلان آهي ته بندن کي اهڙين جاين تان ڪٽ ڏنو ويندو آهي، جتان پٽي وهي وري بئراجن جي هيٺين پاسي کان درياءَ ۾ شامل ٿي ويندو. ان سلسلي ۾ سنڌ جي آبپاشي ماهر نور محمد بلوچ جو چوڻ آهي ته سنڌ وٽ درياهه جي صورتحال اها آهي جو پنجاب رٿا سنڌ ۾ استعمال نٿي ڪري سگهجي، ته پوءِ آخر سنڌ جي آبپاشي کاتي وٽ ٻي رٿا ڪهڙي آهي؟ ان جو جواب شايد ڪنهن وٽ ناهي، ڇو ته جڏهن پاڻي متي چڙهي آيو آهي ته امڪاني تباهين کان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ئي تياريون ڪيون پيون وڃن، جنهن مان لڳي رهيو آهي ته شايد ڪا اهڙي ”رٿا“ آهي، جو ڪٿي نه ڪٿي بند ٽٽن ۽ ڪو نه ڪو نقصان ٿئي، ٿي سگهي ٿو ته اها ڳالهه مڪمل غلط هجي ۽ ڪيترن ئي ماهرن جو اهو خيال به آهي ته ائين نه ٿئي جو سنڌو درياهه نقصان ڏئي، پر اها آس ضرور آهي ته سنڌو وهندو رهي ۽ پنهنجا ڪنارا برقرار رکي پر آبپاسي کاتي وارن کي ڪير سمجهائي ته آڌيءَ رات جي ڪا به غفلت نقصان ڏئي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته وهندڙ سنڌو درياهه کي ڪڏهن به ننڊ ناهي ايندي ۽ اهو به ڏٺو ويو آهي ته جڏهن به ڪا ٻوڏ آئي آهي يا گهارا پيا آهن ته انهن جو پهر گهٽي ياڳي آڌي رات گذرڻ کان پوءِ وارو ئي هوندو آهي. سنڌو جي پاڻيءَ ۾ ٻوڏ جي صورتحال وقت جهلم ندي جو پاڻي به ايندو آهي ته ٻين ندين جو پاڻي به مختلف رستن کان ٿيندو پنجند تائين پهچندو آهي، جتان منڻ ڪوٽ وٽان سنڌو جي پاڻي سان ملي ويندو آهي ته ان جي زور ۾ اجا به واڌارو ٿي ويندو آهي. هن ڀيري به چشما ۽ تربيلا وٽان سنڌو جي پاڻي ۾ برسات پوڻ جي ڪري واڌ آئي آهي ته پنجند وٽ ايندڙ ٻين ندين جو پاڻي ڪاهيندو پيو اچي، جيڪي وهڪرا منڻ ڪوٽ وٽ جيڪڏهن ساڳي وقت گڏجن ٿا ته پوءِ شايد 9 کان 10 لک ڪيوسڪ پاڻي ٿي وڃي، ٻي صورت ۾ جيڪڏهن وهڪرا اڳتي پوئتي ٿين ٿا ته پوءِ پاڻي 8 لک کان 9 لک ڪيوسڪ پاڻي ٿي وڃي، ٻي صورت ۾ جيڪڏهن وهڪرا اڳتي پوئتي ٿين ٿا ته پوءِ پاڻي 8 لک کان 9 لک ڪيوسڪس هوندو جيڪڏهن ان پاڻي وڏو نقصان پهچايو ته پوءِ ڇا چئجي ته ڪير ستل هو ۽ ڪير جاڳندو رهيو؟





# پاڻي ڙي پاڻي

عبدالقادر جوڻيجو

اٺ ڏهن پئي رڙيا، جڏهن ٻورا پئي سباڻا، هيءَ بندو هن ئي اخبار ۾ گذريل ڇئن سالن کان رڙيون ڪندو پيو اچي. پر ڪو به بااختيار بندو انهن رڙين تي ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هونئن به ڀلا خدا ڪارڻ ڏنل مفت جي مشورن تي ڪير ڌيان ڏئي ته ڇو ڏئي، مشورن ته انهن تي ڌيان ڏنو ويندو آهي، جن تي ٽڪا خرچ ٿيندا آهن، اهي ٽڪا وري مدي خارج، نصابي علم جي ليکن ۾ قاتل ڪامن سينس کان وانجهيل ۽ ماضيءَ جي لوڪ ڏاهپ توڙي حال جي جديد ريسرچ کان اڻ واقف رهندڙ اهڙن ماهرن مٿان خرچ ڪيا ويندا آهن، جن کي عرف عام ۾ سينيئر انجنيئر ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. انهن قيمتي مشورن جي قيمت وري اڳ ۾ ئي ستايل مسڪين ماڻهن جي چلهه، دل ۽ جان کي چڪائڻي پئجي ويندي آهي.

قدرتي آفتون دنيا ۾ جتي ڪٿي ايندڙيون رهنديون آهن، اهو ڪو نئون مسئلو ناهي، پر اصل مسئلو اهو آهي ته انهيءَ مسئلي کي منهن ڪيئن ڏجي، جو گهٽ ۾ گهٽ نقصان ٿئي. اڄ جڏهن هي به اکر لکڻ ويٺو آهيان، انهيءَ کان ٻه ڏينهن اڳ تائين نالي ۾ نهال ماهرن اهي دم دلاسا پئي ڏنا ته سکر روهڙيءَ واري پل هيٺان ڇهه ست لک ڪيوسڪ پاڻي لنگهندو ۽ ڪوٽريءَ واري پل تائين اهي مڙيئي به ٽي لک ڪيوسڪ بڻجي ويندا سو ڏيئي وٺي ڪڇو ٻڏندو ۽ ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيندا. سنڌ کي سدائين ڏٽن ۽ ڪوڙن آسرن مارايو آهي. سيزن ڪمائڻ وارا مڙيئي ڏٽا هٽي غريب جو پيٽ ڪاٽي پنهنجو پيٽ ڀريندا رهيا آهن، پر ڦهرئين آگسٽ جي ڪاوش جي ريهون ڪندڙ وڏي ۾ وڏي سرخي سيني جا پول پڌرا ڪري وڌا آهن. سرخي ڪجهه هن ريت آهي، ”سنڌ ۾ خطرناڪ ترين ٻوڏ جي وارننگ، پاڻيءَ جو ريلو ساڍا ڏهه لک ڪيوسڪ هوندو: سکر بيراج ۾ ايتري سگهه ناهي: قائم علي شاهه.“ ظاهر آهي ته جيڪا خبر سنڌ جي وزير اعليٰ کي هوندي، اها ته پڪي پختي هوندي. هونئن به سائين قائم علي شاهه فطرت کي ويجهو رهندڙ جهونو مڙس آهي. تنهن کان پوءِ ڪيس وزيراعليٰ جي حيثيت ۾ ڪٿان نه ڪٿان خبر پيئي آهي.

سندس ئي لفظن ۾، چلڪي تي بندوق ڪو نه هنئي اٿائين. ڪيس درياهه جا بچاءَ بند به سڏا پيا آهن ته اهي بند پاڻيءَ جي ڪيتري دٻ سهي سگهندا. پاڻ ته انهيءَ بيان کي لوهه تي ليڪو سمجهون ٿا. باقي سينيئر انجنيئر اجايون چڙيون پيا هڻن ۽ مال پاڻيءَ جي انتظار ۾ آهن، پاڻ کي پاڻيءَ جي اصلي حقيقت تي نظر وجهڻي آهي. حضرت نوح عليه السلام ٻيڙيءَ تي چڙهڻو ناهي.

خيبر پختونخواهه جي ساڪائتي سياستدان بشير احمد بلور جو چوڻ آهي ته سندس صوبي ۾ 1929ع ۾ ايترو نقصان نه پهتو هوندو، جيترو هينئر پهتو آهي. پلا جي ايترو نقصان ٿيو به هوندو ته پوءِ پڪ سان 15 انچن کان تمام گهٽو وڏيڪ مينهن پيو هوندو، چاڪاڻ جو انهيءَ زماني ۾ ماڻهو جابلو نئين جا گهٽ گهيڙ خالي ڇڏيندا هئا ته جيئن پاڻي پلي پنهنجي واٽ وٺي وڃي درياهن ۾ ڪري. پر اڄڪلهه حال اهو لڳو پيو آهي جو سڄي ملڪ ۾ جتي ڪٿي پاڻيءَ جي اصلي واٽن تي ماڻهن پنهنجيون وسنديون وسائي ڇڏيون آهن. ٻني ٻارو ته پنهنجيءَ جاءِ تي، پر انهن واٽن تي ماڻهن ڪچا پڪا گهر ۽ اجا به وڏي ڪري ننديا وڏا واهڻ ناهي ڇڏيا آهن. جتان ڪوڪ ۽ چپس به وٺي سگهجن ٿا. پڪين اوطاقن ۾ مڙسن جو نڪاءُ پيو پوي ۽ بازار ۾ لانگ پيئي لڳي. اصل ۾ وڏو نقصان تڏهن ئي ٿو ٿئي. جڏهن پاڻيءَ جي رستا روڪ ٿي ٿئي. سو انجنيئرنگ جو علم پنهنجي جاءِ تي، پر جي اسان انجنيئرنگ جي علم کي سوشل ائنتراپالاجي انسان بابت علم جي علم سان ٺهڪائي نه ڏسنداسين ته اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏيندا رهجي ويندا سين، پاڻيءَ جي چرپر پنهنجي جاءِ تي، پر ماڻهن جي لاڳيتي چرپر کي به اک ۾ رکبو. تڏهن ڪجهه چئي سگهبو.

جي بلوچستان جي ماضيءَ ۽ حال تي نظر وجهبي ته اڳي جڏهن اڄوڪن مينهن کان وڏا مينهن وسندا هئا ۽ جابلو نئيون گهوگهٽ ڪري اٿنديون هيون ته انهن نئين جا به لنگهه خالي هوندا هئا، تنهن ڪري هڪڙيون نئيون ڪوهن جا ڪوهه سٽينديون ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ وڃي ڪرنديون هيون، ٻيون نئيون وري اوڀر طرف رخ رکي اچي سنڌو درياهه ۾ ڪرنديون هيون. ٽيون نئيون وري اتر اوڀر طرف منهن ڪنديون هيون، پنجاب وٽان سنڌو درياهه ۾ ڪرنديون هيون. ها البته جي ڪو اڄگر مينهن وسندو هو ته ڪجهه ڏراڙ ۽ ڪجهه مال انهن نئين جي رهڙي ۾ اچي ويندا هئا ۽ اٽي ۾ لوڻ برابر نقصان ٿيندو هو، پر هاڻي ماڻهن انهن نئين جا گهٽ بند ڪري ڇڏيا آهن، تڏهن جابلو علائقو هوندي ڪري به ٻوڏ هيٺ اچيو وڃي، رهي ڳالهه جابلو نئين جي اسپيڊ جي، ته اها ته درياهه جي اسپيڊ کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ آهي جو رب پيو ڏئي پناهه الائي ڪهڙي پاڻيءَ جي ماهر کي الائي ڪنهن صلاح ڏني ته پاڻيءَ جو ذخيرو ڪرڻ لاءِ اهڙي ڪنهن جابلو نئين جي لنگهه تي جلال ڊيم ٺاهيو ته جيئن اڳيون سوجهرو به چٽ ٿئي. ظاهر آهي ته ڊيم ۾ ضرور اهڙو مٽيريل استعمال ڪيو ويو هوندو، جو وهڪري جي دٻ جهلي وڃي. پر تازو جابلو نئين هٽي جلال ڊيم جون ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيون جو اک نه ڏسي گوڏي ڪي،





انهيءَ ڊيم ٽٽڻ کان پوءِ جيڪو نقصان ٿيو آهي. تنهن هٽي پيننگ ڪري ڇڏي. ڏر ڏٽين کان وڃي پڇي ته ڏسو ته ڊيم ڪهڙا ڪيس ڪيا آهن. ڊيم ٺاهڻ وارن کي چئجي ته چا چئجي! اڙي بابا، هي جديد دور آهي، جنهن ۾ ڪرڪيٽ جي بالر جي اڇلايل بال جي اسپيڊ ته ڪٿي سگهجي ٿي، پر جابلو نئين جي اسپيڊ نٿي ڪڇجي، هن دور ۾ اهو ڪوڙو ئي نٿو لڳي. سو بابل سائين، پهرئين نئين جي اسپيڊ ته ڪٿيو، پوءِ وڃي پنهنجو شوق پورو ڪريو.

جيڪڏهن خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ ايڏو مينهن ٿو پوي ته سنڌ جو جابلو علائقو مٿان ڪو نه لهي آيو آهي. جو ايترو مينهن نه پوي، اپ تي ڪهڙو اعتبار! ڪٿي به ڦاٽي سگهي ٿو، جن يارن کي اهو شوق ڪٽيو بيٺو آهي ته سنڌ جي جابلو علائقي، خاص ڪري دادو، ڄامشوري ۽ ٺٽي ضلعي جي جابلو علائقن ۾ پاڻيءَ جو ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڊيم ٺاهيا وڃن (ڪجهه ته ٺهي به چڪا آهن ۽ ڪن جي پلاننگ جاري آهي) انهن کي عرض آهي ته نام نهاد ماهرن جي چئي تي لڳي اهڙو ڪم نه ڪن جو وٺڻ جي بدران ڏيڻو پئجي وڃي ۽ اڳيون سوجهرو به چٽ ٿي وڃي، فطرت سان ڪس ڪبي ته هڪ نه هڪ ڏينهن فطرت به اهڙي ڪس ڪندي جو چئي ڪٽي بس ڪر.

اهي ته ٿيون جابلو ئيون هاڻي اچجي درياهه شاهه بادشاهه تي، جيڏا اٺ اوڏا لوڏا، جيڏو وڏو درياهه، اوڏا وڏا مسئلا. نواب آف ڪالاباغ جڏهن پنهنجو محل نما بنگلو پئي ٺاهيو، تڏهن سندس تصور ۾ به نه هو ته ڪو اهڙو ڏينهن به ايندو، جو سنڌو درياهه اٿل کائي سندس محل جا ترا ڪڍي ڇڏيندو. جنهن زماني ۾ سکر بيراج وٽان ٻارهن تيرهن لک ڪيوسڪ لنگهند هو، تڏهن به ميانوالي جو اهو محل سلامت هوندو هو، ننڍڙو ڪوڙو هٽي ڏسو ته جڏهن ميانواليءَ وٽان محل کي ڇهڻ بدران ئي جيڪو پاڻي اتان ٽٽندو هو، اهو ساڳيو پاڻي تيرهن لک ڪيوسڪ ٻڌجي سکر روهڙيءَ وٽان لنگهندو هو، هينئر ته اهو محل ٻڏي به چڪو ته سکر روهڙيءَ وٽان ڪيترو پاڻي لنگهندو؟ اهو سوال وڃي پڙهندڙ پڇن، باقي ڪالاباغ جي محل جي باري ۾ پوڙهي مهاڻي جا اهي ئي لفظ ورجائي ٿو سگهان، جنهن چيو هو ته، ”بادشاهه درياهن جا سودا نه ڪندا آهن، پر درياهه بادشاهن جو سودو ڪري ڇڏيندو آهي“ رب جي مهندان توبهن

اڳي جڏهن درياهه ۾ ٻارهن کان وٺي پندرهن لک ڪيوسڪ جون جيڪي ڦهري ٻوڏيون اينديون هيون، تڏهن سنڌ ۾ هڪ فطري بچاءَ هوندو هو، جيڪو روهڙيءَ وٽان هوندو هو، انهيءَ زماني ۾ روهڙيءَ وٽان هڪ وڏي ڇنڊڻ هوندي هئي، اتان سنڌو درياهه جو ڳچ پاڻي ڇنڊجي وڃي مري ويل هاڪڙي درياهه جي پيٽ ۾ پوندو هو. پوءِ اهو پاڻي باقاعدي درياهه جي صورت ۾ سر ڏکڻ طرف وهندو هو، سانگهڙ ضلع پار ڪندو، ٿر جي واريءَ جو ڪس ڏيندو وڃي ڪنري تعلقي جي چيلهه بند وٽان اولهه طرف مڙندو هو ۽ بدين ضلعي جي ڏکڻان ڏيپلي تعلقي جي ٻنهين الهندينءَ ڪنڌ ۾ سمنڊ ۾ وڃي ڪرندو هو. باقي جيڪو پاڻي بچندو هو، اهو ٻارهوئي مهينا هڪ ڍگهي ڍنڍ جي

صورت ۾ موجود هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن کي پڪ ونڻي هجي ته اهو قرب ڪري ڪپري تعلقي ۾ اچا تائين انگريز جي دور جون اهي شاهي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ لوهي پلون وڃي ڏسي، جيڪي انهيءَ چندڻ عرف مرحوم هاڪڙي جي مٿان اڏيل آهن ۽ اچا صحيح سلامت آهن. جي ڪنهن کي اعتبار نه اچي ته اهو ٻئي ڪنهن کان نه، پر خود چيف منسٽر جي صلاحڪار سرفراز راڄڙ کان پڇي سگهي ٿو. مون اهو سڄو ڪَس ڏٺو آهي ۽ ڏڇيو ڏڇيو ڳالهه ٿو ڪريان ته ٻه ٽي لک ڪيوسڪ پاڻي انهيءَ چندڻ ۾ وهي هڪ پاسي اچڙي ٿر جون ڪيئي ڍنڍون پريندو هو. آخري ڍنڍ جو نالو رتڙائو ڍنڍ آهي، جيڪا بارڊر سان لڳي بيٺي آهي. 1965ع ڌاري تائين ته مون پاڻ اها چندڻ ڏٺي، جنهن جو پيٽ منهنجي پنهنجي ڳوٺ جي پر ۾ لڳ ڀڳ سنڌو درياهه ئي جيترو هو. نندي هوندي انهيءَ پاڻيءَ وانڪل جي گهيڙ وٽ راند ڪندا هئاسين جو اتان وارياسو پيٽ ٻنهين سوڙهو به هوندو هو ۽ مٿاڇرو به باقي ٻئي هنڌ ته سياري ۾ به اٺ ٻوڙ پاڻي هوندو هو. اسان جي ڳوٺ جي پر ۾ ئي الهندئين پاسي عقلان جو ڪن هوندو هو، جنهن ۾ جيڪو ويو سو ڇٽو.

هن وقت ڪيترن ئي زميندارن انهيءَ پيٽ ۾ ٻنيون پوکي ڇڏيون آهن.اها ئي حالت سانگهڙ ضلعي ۾ آهي. روهڙيءَ وٽ اوپر طرف انهيءَ چندڻ جي کهڙي حالت آهي، اها ته ڪو اتان جو ئي ڪاوش جو نمائندو خبر ڏيئي سگهي ٿو، پر پنهنجي پٽ جو حال ڏسي اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته، اها چندڻ پوکن سان ۽ ماڻهن جي آبادين سان ڍڪجي چڪي هوندي. مطلب ته ٻيءَ سنڌ کي ٻوڏ کان بچائڻ وارو گهٽ به بند ٿي چڪو. هاڻي ڏهه لک ڪيوسڪ ته ڇا، مورڳو ڇهه ست لک ڪيوسڪ پاڻي به وڏو حشر مچائيندو جو بچاءُ بندن جو به حال ناهي ته ٻئي پاسي ماڻهن جي لڏ پلاڻ جي ڪري ڪچو به ماڻهن سان سٽجي چڪو آهي. آباديون وڌي ويون آهن، روڊ رستا ٺهي چڪا آهن، سو پاڻيءَ جي اڇل ته ڪو نه ماريندي، پر ماڻهن جي اٿل هٽي ساڙي وجهندي، سورهن جا ويهه آنا تباهيءَ جا امڪان آهن ۽ مينهن جي مند اچا باقي آهي، سرڪار جون حق تي رڙيون پيون پون. سو سواءِ مهاڻن جي ٻين ماڻهن کي عرض آهي درياهه کان پڇي پاسو ڪن، باقي مهاڻن غريبن ته سوکهڙي جي ڪري ايترو سنو آهي جو اهي ته حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ تي به چڙهڻ لاءِ تيار آهن.

درياهه جي اک ڪڪڙي آهي، مستيءَ ۾ آهي، مدد لاءِ واجهائڻ جي ضرورت ناهي. پنهنجن پيرن تي زور رکڻ جي ضرورت آهي، باقي رب سوائي سٽائي ڪندو.





# سنڌ ۾ سپر فلڊ جو پهچڻ

**محمد ادريس راجپوت**

مون ڪاوش ۾ هڪ مضمون ”ٻوڏ کي ڪيئن منهن ڏجي؟“ جي عنوان هيٺ لکيو، جيڪو 5 آگسٽ تي ڇپيو آهي. انهيءَ ۾ مون ٻڌايو هو ته سنڌ ۾ گڊو بئراج وٽ وڏ ۾ وڏ پاڻي 8 لک ڪيوسڪ ايندو ۽ سنڌ ۾ سپر فلڊ ايندي، منهنجي اها اڳڪٿي فيل ٿي وئي ۽ 6 آگسٽ تي گڊو بئراج وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو 9 لک 62 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو. ياد رهي ته 9 لک ڪيوسڪ کان مٿي واري ٻوڏ کي سپر فلڊ چئجي ٿو ۽ ائين چئجي ته سنڌ ۾ سپر فلڊ اچي وئي، اردو جي شاعر چيو آهي ته:

هوئي تاخير تو ڪجه باعث تاخير بهي تها

يعني جيڪڏهن مان دير سان پهتس ته انهيءَ جو ڪو سبب به هوندو. هن وڏيڪ پاڻي اچڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ درياهن جي وهڪرن جي صورتحال هر ڏينهن متجندي رهي ٿي، تنهن ڪري هر ڏينهن پاڻي اچڻ جي اڳڪٿي ڦرندي رهي ٿي، پاڻي جڏهن ڪنهن بيراج کان هلي ٿو ته ٻئي بيراج تائين پهچڻ ۾ وقت ٿو وٺي. رستي تي اهو پاڻي درياهه جي پيٽ ۾ ڦهلجي ٿو ۽ ڪڏون ۽ ڪوٻا ڀري ٿو، تنهنڪري ٻئي بيراج تي پهچڻ تي انهيءَ جي شدت گهٽجي وڃي ٿي. وري جيڪڏهن رستي تي ڪو ڪنڌ پئجي وڃي ٿو ته اهو پاڻي اچا گهٽجي وڃي ٿو. ان جي ابتڙ وري اها صورتحال ٿئي ٿي ته ڪيترين نيون رستن تي ملن ٿيون، جيڪڏهن انهن نين جي واٽر شيڊ ۾ مينهن پون ٿا ته اهي نيون ٻن بيراجن جي وچ ۾ ڪافي پاڻي کڻي اچن ٿيون، تنهنڪري ٻي بيراج تي پهچندڙ پاڻي مٿين بيراج کان ايندڙ پاڻي کان وڌي وڃي ٿو. مٿين ڳالهين جي سمجهاڻي لاءِ مان سنڌ مان سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج جو مثال ڏيندس. سال 1976ع واري ٻوڏ ۾ سکر بيراج کان ڇوٽي وارو وهڪرو اٽڪل 12 لک ڪيوسڪ هيو، پر انهيءَ جي نتيجي ۾ ڪوٽڙي تي ڇوٽيءَ وارو وهڪرو ست لک 91 هزار ڪيوسڪ پهتو يعني 66 سيڪڙو پاڻي پهتو ۽ باقي 34 سيڪڙو رستي تي ڪڏن ڪوٻن ڀرڻ رهجي ويو. سال 1956ع ۾ سکر بيراج کان ڇوٽي وارو وهڪرو 9 لک 79

هزار ڪيوسڪ هليو، پر ڪوٽڙي بيراج تي 9 لک 81 هزار ڪيوسڪ پهتو، يعني ذري گهٽ ساڳيو. حقيقت ۾ ٻه هزار ڪيوسڪ وڌيڪ اهو انهيءَ ڪري ممڪن ٿيو، جو ان سال سن واري نئين وهي آئي جو جبلن تي تمام گهڻا مينهن پيا.

اڇو هن سال واري صورتحال تي، گڊو بيراج تي 6 آگسٽ تي 9 لک 62 ڪيوسڪ پاڻي پهتو، اهو اثر آهي ٻه ڏينهن اڳ پنجند ۽ ٽي ڏينهن اڳ هليل تونسا واري پاڻي جو، ڇو ته تونسا کان پاڻي گڊو پهچڻ ۾ ٽي ڏينهن ۽ پنجند کان گڊو پاڻي پهچڻ ۾ ٻه ڏينهن لڳن ٿا. ٽي ڏينهن اڳ يعني 3 آگسٽ تي تونسا جي هيٺين پر وهڪرو هو 7 لک 69 هزار ۽ 4 آگسٽ تي پنجند کان هيٺ وهڪرو هو 64 هزار. ٻئي جوڙ ٿا ڪريون ته ڪل ٿئي ٿو 8 لک 31 هزار ڪيوسڪ پر گڊو بيراج تي 6 آگسٽ پاڻي پهتو 9 لک 62 هزار، اهو ڪيئن ممڪن ٿيو؟ وچ مان ڊيرا غازي خان جون نيون وهي آيون، جو انهن جي جبلن تي تمام گهڻا مينهن پيا انسان جو حساب ڪتاب ٻه جوڙ ٻه يعني چار واري نموني ٿئي ٿو، پر الله سائين جو پنهنجو نظام آهي، هو قادر آهي ۽ هو اهو ڪري سگهي ٿو، جيڪو اسان سوچي به نٿا سگهون، وري جيڪڏهن تونسا بيراج جي ڪاٻي پاسي واري مارجينل بند کي ڪنڌ نه لڳي ها، جنهن مان اٽڪل ڏيڍ لک ڪيوسڪ پاڻي نڪري ويو ۽ جنهن ڪوٽ ادو جي شهر کي ٻوڙي ڇڏيو ۽ اهو پاڻي هيٺ اسان وٽ اچي ها ته سنڌ م ٻوڏ جي صورتحال اڃا خراب ٿئي ها. هاڻي اچو ته ڏسون ته آبپاسي کاتي وارا ٻوڏ کي ڪيئن منهن پيا ڏين ۽ اڳتي هنن کي ڪيئن محنت ڪرڻ کپي ته ٻوڏ ٻنا ڪو نقصان ڏيڻ جي سمنڊ ۾ هلي وڃي، گڊو بيراج کان هيٺ ساڄي پاسي ٻه ڳالهيون ٿيون آهن. هڪڙي ته بيگاري جي بند سلوس جو هڪڙو در ڪري پيو. رات جو ٻارهين بجي انهيءَ جي خبر پئي. تنهن وقت کان ئي وٽ وٺان شروع ٿي وئي. پهرين اتان پاڻي جو وهڪرو ڪنٽرول ڪيو ويو. هيٺيون سلوس بند ڪري انهيءَ نقصان ٿيل گيٽ جي جاءِ تي ٻيو گيٽ هنيو ويو. ٻي اها ته ٽوڙي بند جي هڪ ٽڪري ۾ فري بورڊ ڇهن فوٽن بدران هڪ فوٽ بچيو. اتي واري جون ڳوٺين سان 111 حساس جاين جي نشاندهي ڪئي وئي. هونءَ ته سڄا بند حساس آهن، پر انهن جاين تي خاص توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي، گڊو ۽ سکر بيراج جي وچ ۾ قادر بند جتي قادر پور گئس فيلڊ آهي، اتي حساس آهي. اتي پٿر جي پچنگ ۽ ايپرن ٺهيل آهي. اتي ڪاڏ ٿئي ٿي پئي ۽ صورتحال کي پٿر وجهي ڪنٽرول ڪيو پيو وڃي. ياد رهي ته پنو عاقل وارو فوجي علائقو به انهيءَ ڪري متاثر ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن اتي ڪجهه ٿيو ته وري اچو سکر بيراج تي، جتي مان جڏهن 6 آگسٽ تي پهتس ته وهڪرو 6 لک ڪيوسڪ هو، عبدالعزيز انسپيڪٽر ٽيليفون بيراج مون کي ٻڌايو ته هن مهل تائين سکر بيراج مان پاڻي پاس ڪرڻ ۾ هنن کي ڪا تڪليف نٿي ٿئي. جو واهه گهٽ ڪرڻ ڪري پانڊ ليول گهٽ پئي رکي وڃي ۽ هو بيراج جا گيٽ کولي پاڻي پاس ڪن ٿا. ٻئي پاسي هنن ٻنهي پاسن جا گيٽ به کولي ڇڏيا آهن. هنن





جو چوڻ آهي ته اينڊڙ سپر فلڊ به بيراج مان بنا ڪنهن خطري جي پاس ٿي ويندو، سکر بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج وچ ۾ ڪيتريون جايون حساس آهن، جيڪي ماضي ۾ ڪو نه هيون ۽ تازو ٿاهيون پيون وڃن. هڪڙي آهي لاڙڪاڻو- خيرپور واري پل جنهن جو ڪم پورو نه ٿيو آهي، جيتوڻيڪ پل ٺهي وئي آهي ۽ انهيءَ تان ٽريفڪ هلي ٿي پئي. اها پل لاڙڪاڻي واري پاسي ٺاهي وئي آهي ۽ اتي ٻه اسپر ۽ هڪڙو اسٽڊ ٺاهڻو هو. اهو ڪم نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کي ڪرڻو آهي. پاڻيءَ جو دٻاءُ لاڙڪاڻي واري پاسي آهي. پل به لاڙڪاڻي واري پاسي ٺاهي وئي. جنهن ڪري لاڙڪاڻي پاسي بندن تي اڃا پريشر وڌندو. مون آبپاشي جي ايس اي عبدالرحمان نظاماڻي سان فون تي رابطو ڪيو. جنهن ٻڌايو ته جيتوڻيڪ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي وارن جو ڪم مڪمل ناهي، پر هو پنهنجن خاص بندوبستن سان هن ٻوڏ کي منهن ڏئي ويندا. ٻي آهي آر بي او ڊي اها ڊرين سيوهڻ کان مٿي ڪرمپور ڳوٺ وٽان شروع ٿئي ٿي، ۽ درياهه سان لڳو لڳ ويندي گهارو ڪوري وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي، سيوهڻ کان ڄامشورو تائين اها ڪن هنڌن تي درياهه جي ويجهو اچي وڃي ٿي. جتي ان جي ڪاٻي بند کي درياهه واري بند طور ٺاهي پٿر جي پچنگ ۽ اپرن ٺاهي وئي آهي. پر هي صفا نئون بند آهي. جنهن کي درياهه جو ٻوڏ وارو پاڻي نه لڳو آهي. گڊو تي سپر فلڊ پاس پئي ٿئي. جنهن جي ڪري انهيءَ هنڌ اٽڪل 6 لک ڪيوسڪ پاڻي ٿيندو. جيڪو ان نئين بند کي لڳندو ۽ نقصان ڏئي سگهي.

## ڪوٽڙي بيراج تي گهڻو پاڻي پهچندو؟

گذريل سپر فلڊن جي رڪارڊ مان خبر پئي ٿي ته جيڪو پاڻي گڊو بيراج کان هلي ٿو، ذري گهٽ اوترو ئي يا انهيءَ کان ڪجهه ٿورو گهٽ پاڻي سکر بيراج تي پهچي ٿو. پر ڪوٽڙي بيراج تي اهو ڪافي گهٽ پهچي ٿو، مثال طور سال 1976ع ۾ سکر کان هليو اٽڪل 12 لک ڪيوسڪ، پر ڪوٽڙي تي پهتو اٽڪل 8 لک. سال 1978ع م سکر بيراج کان هليو اٽڪل 11 لک ڪيوسڪ، پر ڪوٽڙي بيراج تي پهتو اٽڪل سوا ست لک ڪيوسڪ. سال 1988ع ۾ سکر بيراج تان هليو اٽڪل 11 لک ڪيوسڪ، پر ڪوٽري بيراج تي پهتو اٽڪل ساڍا ڇهه لک ڪيوسڪ سال 1992ع ۾ سکر بيراج کان هليو اٽڪل پوڻا 11 لک ۽ ڪوٽڙي بيراج تي پهتو اٽڪل پوڻا ست لک ڪيوسڪ هن سال سکر بيراج تان هلندو اٽڪل ساڍا نو لک ۽ جيڪڏهن وچ ۾ نين جو پاڻي نٿو ملي ته ڪوٽڙي بيراج تي پهچندو اٽڪل 6 لک ڪيوسڪ. اهو پاڻي پهچڻ ۾ هفتو ڪن وٺندو، جيڪڏهن سکر بيراج تي وڏي ٻوڏ 7 آگسٽ تي پهچي ٿي ته ڪوٽڙي تي اها اٽڪل 14 آگسٽ تي پهچندي.

### ڇا ڪالاباغ ڊيم ٺهيل هجي ها تہ ٻوڏ جي شدت گهٽجي وڃي؟

پنجاب جي گورنر سلمان تاثير چيو آهي تہ جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ٺهيل هجي ها تہ ٻوڏ سبب آيل بربادي ۾ ٿيل نقصان تمام گهٽو گهٽجي وڃي ها. پهرين ڳالهہ اها تہ ڪالاباغ ڊيم جو ذڪر ڪرڻ بدران جيڪڏهن گورنر صاحب چوي ها تہ ”جيڪڏهن ڀاشا ڊيم ٺهيل هجي تہ نقصان تمام گهٽو گهٽجي وڃن ها“ تہ ساڳي ڳالهہ ٿئي ها- پر ڪالاباغ ڊيم جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جو پنجاب وارن مطابق هر هڪ خرابي جو علاج ڪالاباغ ڊيم آهي. اها ڳالهہ ٻڌائيندو هلان تہ پاڻي گڏ ڪرڻ ۽ بجلي پيدا ڪرڻ وارن ڊيمن ۾ ٻوڏن کي گهٽ ڪرڻ جي صلاحيت نالي ماتر يا ڪجهہ بہ نہ هوندي آهي. اسان وٽ ڊيم ٻوڏ اچڻ کان اڳ ڀريا وڃن ٿا. ڇو جو ٻوڏ دير سان اچي ٿي جڏهن سانوڻيءَ جون برساتون پون ٿيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن سانوڻيءَ جون برساتون فيل ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڊيمن ۾ اڳ ۾ پاڻي نٿو ڀريو وڃي تہ اهي نہ ڀرجي سگهندا. هن سال جو مثال اسان جي سامهون آهي. تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1525 فوٽ ٿي وئي. جڏهن پهرين آگسٽ تي سنڌو ۾ چوٽي وارو وهڪرو آيو. انهيءَ ليول تي ڊيم جي سلامتي جي خيال سان ان جي ڏينهن ۾ ليول هڪ يا ٻن فوٽن کان مٿي نٿي وڌائي وڃي. پهرين آگسٽ تي تربيلا ۾ رڳو 26000 ڪيوسڪ پاڻي ذخيرو ڪيو ويو، جڏهن تہ چوٽي وارو وهڪرو چار لک 46 هزار ڪيوسڪ هو. 26000 ڪيوسڪ ايتري مقدار ڪونهي جو انهيءَ ڪري ٻوڏ تي خاص فرق پوي، تنهنڪري وڏا ڊيم ٻوڏ جي شدت خاص گهٽائي نٿا سگهن.

وري اچو ڪالاباغ ڊيم جو اثر خيبر پختونخواهہ جي شهر نوشهري مٿان پوڻ واري مامري تي، جيڪو هن سال ڪابل درياهہ جي ٻوڏ ڪري ٻڏو، جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ٺهيل هجي ها تہ انهيءَ جي 915 فوٽ ليول جو ابتو اثر نوشهره شهر تائين پهتل هجي ها ۽ اهو پاڻي ٻوڏ واري پاڻي کي نيڪال ٿيڻ نہ ڏئي ها، جنهن ڪري نوشهره شهر ۾ ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جي صورت ۾ وڌيڪ نقصان ٿئي ها. ڪالاباغ ڊيم ڪا امرت ڌارا دوا ڪونهي، جو هر هڪ بيماري جو علاج ڪري. جڏهن انهي جي ٺهڻ تي ملڪ ۾ اتفاق راءِ ڪونهي تہ انهيءَ جو گهڙي گهڙي ذڪر ڇو ٿو ڪيو وڃي؟

سنڌ ۾ هن سال وڏي ٻوڏ آيل آهي. بند مٽيءَ جا ٺهيل آهن ۽ پاڻي مٿي وارن بندن تي صحيح گشت نہ هجڻ جي صورت ۾ نقصان پهچائي سگهي ٿو، دعا ٿا ڪريون تہ آبپاشي وارا صحيح ڊيوٽي ڏيندا ۽ هن سال ٻوڏ ڪو نقصان ڪرڻ بنا سمنڊ ۾ هلي ويندي. آمين!





ڪچان تہ ڪافر

# دريا بادشاهہ جي واپسيءَ شهيد ٿيڻ جو دور

لياقت عزيز

هن جيون جا هزارين رنگ آهن. وقت سان گڏوگڏ اهي بدلجندا رهن ٿا. زندگيءَ جا 61 سال گذرڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ انسان ائين بدلجي ٿو، جيئن موسمون بدلجن ٿيون. فطري طور تي چار موسمون آهن. اونهارو، سيارو، سرءُ ۽ بهار پر انسان انهيءَ فطري موسمن کان وڌيڪ موسمن مان گذري ٿو.

انسان تہ ڪنهن بہ موسم تي راضي نٿو رهي. جيڪڏهن اونهارو نہ اچي تہ ماڻهو ڏکن جي گرمي ڪيئن محسوس ڪري؟ اونهاري جي موسم ۾ انب پچن ٿا، ماڻهو پنهنجي دوستن، عزيزن، مٽن مائٽن ۽ سرندي وارن کي انبن جون پيٽيون پهچائين ٿا. ڪي قربدار دوست قرب ۾ سڪ سان انب پهچائيندا آهن، ڪي مجبوري وچان پهچائيندا آهن تہ من يار راضي ٿين، اهي يار جيڪي سٽيٽين ڪرسين تي هوندا آهن، يا جن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن يار جو مطلب هوندو آهي. مطلب نڪرڻ کان پوءِ پنهنجي يارن کي انب جيان چوسي گندگيءَ جي ڍير تي اڇلائيندا آهن، ائين زندگيءَ جو ڪاروان هلندو رهي ٿو.

سياري جي موسم ۾ ٿڌ پوي ٿي، تہ هرڪو ماڻهو ٿڌو ٿي وڃي ٿو. سياري جي رات ڊگهي هوندي آهي، انسان مزي سان ننڊ ڪندا آهن، پر ايڏي ننڊ بہ نہ ڪرڻ گهرجي، جو ڪير پيرن مٿان پيل سوڙ لاهي وڃي، سياري جي ڊگهي رات ۾ خبردار رهڻ کپي، هن موسم ۾ غفلت جي ننڊ سمهڻ ڪري سڀ ڪجهہ چوري ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي، ان ڪري ماڻهو چوڪيدار رکندا آهن، تہ اهو چوڪي ڏيندو رهي ۽ هوڪو ڏيندو رهي، سياري ۾ اوندهن ڊگهن پهاڙن تي برف ڪري ٿي ۽ پهاڙ ڄمي وڃن ٿا. سياري کان پوءِ سرءُ جي مند ايندي آهي، ٽاريون ٽٽنديون آهن. پن ڪرندا آهن، پر مضبوط ٿڙ باقي بچندو آهي، وري بهار جي موسم ايندي آهي، وڻن ۾ ٻور ٿيندو آهي، پن ساوا ٿيندا آهن، گل ڦٽندا آهن، جن جي سرهاڻ سان هر هنڌ خوشبو خوشبو هوندي آهي، جيڪا گدلاڻ جي جاءِ والاريندي آهي.

ڇڪر جيان ڦري وري اونهارو ايندو آهي، سج جي تپش سان برف ڳرندي آهي. سنڌ ۾ پنهنجي سانير ۾ مون پرائمري تعليم دوران ٻوڏ ڏٺي، جڏهن دريا جا بند ٽٽي پيا هئا ۽ پاڻي ٽنڊو محمد خان جي ويجهو ٽنڊو سائينداد وٽ پهتو هو. سڄو شهر

خوف ۾ مبتلا هو، ٻوڏ جي پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ مسجدن ۾ دعائون گهريون ويون. ان وقت سڀ کان وڏيڪ ڪٽڪو سرندي وارن کي هوندو هو. ان کان پوءِ مون ٻوڏ جو پاڻي 1973ع ۾ ڏٺو هو، جڏهن سنڌو دريا ۾ ڪابل ندي جو پاڻي ڪابل مان آيو هو ۽ پارت مان وهندڙ چناب نديءَ جو پاڻي پڻ سنڌو ۾ داخل ٿيو هو، ان وقت پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جو سربراهه هو، هو جيڪو بنگالين کي "حق حاڪميت" نه ڏيڻ ڪري مشرقي پاڪستان جي عليحدگي کان پوءِ باقي بچيل پاڪستان جو سربراهه ٿيو، سنڌ ۾ آبپاشي ۽ بجلي جو ايڊوائيزر مير اعجاز علي خان ٽالپر هو ۽ سيڪريٽري آبپاشي عبدالوهاب شيخ هو، جيڪو هن وقت گورنر سنڌ جو ايڊوائيزر آهي. عبدالوهاب شيخ به ادريس راجپوت جيان سنڌ جي مٽي سان محبت ڪئي آهي. شهيد ذُالفقار علي ڀٽو سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال جي پيش نظر هيلي ڪاپٽر، ڪار، ٻيڙي ۾ سفر ڪيو ۽ ڪٽي ڪٽي پنڌ به بندن جو معائنو ڪيو. ٻوڏ جي پاڻي صرف ڪڇي جي علائقن کي ٻوڙيو، ان جي سار سنڀال لاءِ ڪيمپون قائم ڪيون ويون. ماڻهن کي رڌ پچاءُ جي سامان سان گڏوگڏ دوائون ۽ رهڻ لاءِ تنبو پڻ فراهم ڪيا ويا، اهڙي طرح سنڌو جو پاڻي ڪنهن وڏي نقصان پهچائڻ کانسواءِ سمنڊ جي پيٽ ۾ آرام سان هليو ويو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو مستقل طور تي پاڪستان جي ٻين وفاقي وحدتن سان گڏ سنڌ کي بچائڻ لاءِ هڪ مستقل منصوبو جوڙيو، جنهن ۾ بندن کي پٿرن سان مضبوط ڪرڻ، انهن مان نڪرندڙ ڪينالن، واهن، شاخن ۽ اڏن کي پڪو ڪرڻ شامل هو، ڪجهه واهن جي ڪنارن تي پڪا رستا پڻ ٺهيا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سڀ کان وڏي اها خوبي هئي، جو رات جو ڪنهن وقت فون ڪري صوبائي وزيرن، مشيرن کان سنڌ جي عوام جي مسئلن متعلق ڄاڻ حاصل ڪندو هو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي انهيءَ فوجي ڪمانڊر ان چيف هٽايو، جنهن کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سينيئر جنرلن کي ڇڏي ترقي ڏيئي فور اسٽار جنرل بنايو، پاڪستان جي 63 سالن جي دور ۾ ٽيهه سال فور اسٽار جنرلن، يعني ايوب خان، ضياءُ الحق ۽ پرويز مشرف حڪومت ڪئي.

اڄ خيبر پختونخواهه جا گهڻا علائقا ٻڏي ويا آهن ۽ پنجاب ۽ سنڌ جا به ڪيترا علائقا ٻوڏ هيٺ اچي ويا آهن سنڌو درياهه موجون هڻندو سمنڊ ۾ لهندو وڃي. هڪ عجيب قدرت جو رنگ آهي، دريا کي هٿرادو زنجيرون وجهڻ وارن جي ڪوشش جي باوجود دريا بادشاهه جهل نٿو ڏي.

مالڪ ڪائنات کان اهائي دعا آهي ته شال سنڌو دريا ائين ئي وهندو رهي ۽ سنڌ آباد ٿئي. بقول لطيف سائين:

"سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين."





# هي ماڻهو اسان جي مدد جا منتظر آهن

## امتياز جوڻيجو

سنڌوءَ ۾ جڏهن واري پئي اڏامي، تڏهن به سنڌ جا ماڻهو رب منڻي جي آسري هئا، ۽ اڄ جڏهن ٻوڏ جي ٻوڙان ٻوڙ آهي، تڏهن به عام خلق کي آسرو رب منڻي جو آهي، باقي وس وارن جا هٿ مٿي تي آهن ۽ اها ئي وائي سندن وات تي آهي ته، اسان کي اندازو ئي نه هو ته ڪا ايڏي تباهي ٿيندي." ڳالهه اها ناهي ته ٻوڏ سنڌ ۾ ڪيتري تباهي مچائي آهي، پر اصل ڳالهه اها آهي ته وس وارا هن مشڪل گهڙيءَ م ٻوڏ متاثرين جي ڪيتري واهر ڪري رهيا آهن؟ خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب ۾ ته اوچتو اپ ڦاٽو ۽ ٻنهي صوبن جا پٽا ڪدي ڇڏيائين، پر سنڌ ۾ اٿ تڏهن پئي رڙيا، جڏهن خيبر پختوانخواهه جو شهر نوشهرو پئي ٻڏو! وس وارن کي اها ڳالهه ته ڪکي پئي ته بندن جا حال پورا آهن ۽ پاڻي ٻوڙا ٻوڙ ڪندو، ان صورتحال ۾ يقينن بندن تي ڪنٽرول وس کان ٻاهر هو، اهڙي صورتحال ۾ ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته سرڪار جو سڄو زور ٻوڏ متاثرين کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري ڪين ٻن ويلن جو ڪاڌو فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻوڏ سبب جيڪي امڪاني بيماريون ظاهر ٿينديون، ان لاءِ پڻ ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪيون وڃن ها. ٻوڏ ۾ لکين ماڻهو دربدر ٿيا آهن، جن جي اڪثريت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهي، انهن ماڻهن کي امڪاني بيمارين کان بچاءَ لاءِ ميڊيڪل موبائل سروس جو بندوبست ڪيو وڃي ها، پر اهڙا انتظام پري پري تائين ڏسڻ ۾ نٿا اچن، اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جون سياسي پارٽيون به صرف بيانن تائين محدود ڏسڻ ۾ آيون آهن، حالانڪ سنڌ جي سياسي پارٽين وٽ ڪارڪنن جو وڏو انگ آهي. انهن کي جيڪڏهن هن مشڪل گهڙي ۾ ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ اڳتي آندو وڃي ها ته ڪيڏو نه سنو ٿئي ها. پر جڏهن چئني پاسن کان رڳو بيانن تي زور هو، تڏهن ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين ٻوڏ متاثرين جي سهائتا لاءِ ٻوڏ متاثر ضلعن ۾ ڪيمپون قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اسان ماڻهو اڪثر اهو چوندا آهيون ته اسان

مشڪل وقت ۾ عملي طور ڪجھ ڪرڻ بجاءِ ٻين کي ڏس ڏيندا آهيون ته هيئن ڪريون، هونئن ڪريو، پر ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين اسان سڀني کي هن مشڪل گھڙي ۾ عملي مظاهري جي دعوت ڏني آهي. جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي ٻوڏ متاثرين جي واهر لاءِ اڳتي اچون ته هزارين، لکين انسانن کي هن مشڪل گھريءَ ۾ بک، بيمارين ۽ پريشانين کان بچائي سگھون ٿا. پوءِ اچو ته جيجل سنڌ جي پريشان ٻچڙن جي واهر لاءِ اڳتي اچون ۽ جيڪي وس ۾ هجي اوترو سهڪار ڪريون، ان عمل سان گھٽ ۾ گھٽ اسان جا ضمير مطمئن رهندا ته مشڪل گھڙيءَ ۾ اسان وسان ڪين گھٽايو، ٻي ڳالھ ته ان عمل سان سنڌين ۾ قومي ٻڌي جو احساس به وڌندو، جنهن جي هن وقت اشد ضرورت آهي .





# اچو ته ٻوڏ جي آئيني ۾ سنڌ جو عڪس ڏسون

امر سنڌو

هيلوڪي ٻوڏ هن سنڌ ۾ رڳي سڏا پٽ، وسندڙ وسنديون ۽ آباد و شاد آباديون ئي نه ٻوڙيون آهن، پر هن ٻوڙ ٻوڙان ۾ دل جي ڌرتي به هيل آلي آلي آهي، ٻوڏ جي هن قدرتي تباهي جي آئيني ۾ سنڌ جو جيڪو پڳل ٽٽل، مجروح ٿيل عڪس نظر اچي ٿو، سو دل جي ڌرتي کي اجا به وڌيڪ نپوڙيندڙ، اجا به وڌيڪ سوڙهو ڪندڙ آهي، هن ٻوڏ جي آئيني ۾ سموري جذباتيت، سموري حساسيت کي ڪن پل لاءِ پاسيرو ڪري ٻين جا نه، آڙي پاڙي جا نه، آس پاس جا نه، اچو ته پنهنجا پنهنجا عڪس ڏسون، پنهنجي پنهنجي روش سياست، روش جذبات جو جائزو وٺون!

سنڌ، واليان سنڌ، عاشقان سنڌ ۽ دعويدارين سنڌ جي دل جي ڌرتي به اسان جو سياسي مزاج ائين سخت، ڪرخت ۽ ٺوٺ ڪري ڇڏي هوندي، ان انڪشاف تي، آئيني جي ان عڪس تي دل جي ڌرتي اک سميت آلي آهي. ’’ک ه سی است گور ک دنده هے‘‘ جي ٻڏندڙ سنڌ جي آئيني ۾ پاڻ وٽ مروج سياست جي سخت گيري قابل حيرت آهي. بلڪ قابل ڏک آهي. بس هن کي سياست ڏسي توهان کي انهن عادي فقيرن، پيشه ور پينو فقيرن جي زخم سان ڪيڏڻ واري حرڪت ياد نٿي پئي، جيڪي ڏيان ڇڪائڻ لاءِ پڻ ڌانهن متوجھ ڪرڻ لاءِ پنهنجي زخمن سان ڪيڏن ٿا، ڇُٽا ڦٽ ڏيکارين ٿا ۽ پوءِ ڦٽن تان وهندڙ رسندڙ زخمن تان لٽو مٿي ڪري صدا ڏيڻ شروع ڪن ٿا. هن آفت تي، هن ٻوڙ ٻوڙان ۾، هن ڇتي تباهي ۾ سنڌ سان عشق جا دعويدار سنڌ جي وهندڙ زخمن تي پها رکي، طبيب ٿيڻ بجاءِ سياست جي دڪان جا نوان شٽر کولي سجائي متوجھ ڪرڻ واري ڌنڌي جي سيٽ سنڀالي چڪا آهن، پيشور پينو فقير واري صداگيري شروع آهي. هوڏانهن حڪومتي ڪارندا، سرڪاري اهلڪار پنهنجي مٿي کي هٿ ڏيو ويٺا آهن. بيشڪ ته هيءَ قدرتي آفت سندن هٿ تري سان نه روڪڻ جهڙي، نه ئي ڪنٽرول جهڙي، پر پنهنجي پيشورانه ڪٿ ۾ هو ڪيترا اهل آهن، ٻوڏ سندس پول کولي ٿي، پاٽي جي سياست تي بيشڪ ته سڄي سنڌ ٻارين

ٻچين سيٽلائيز ٿيل، پر ڇا پاڻ ڪي ڪٿي اهو ياد پوي ٿو ته پاڻي سياست تي مڇي مواڙ ٿيندڙ ڏرين مان ڪڏهن ڪنهن بہ سنڌ جي آبپاشي کاتي جي عملدارن سان ڪرپشن جي مامري تي ڪو وڏو جهيڙو ڪاڏو هجي. ”پاڻي جي سياست“ سنڌ ۾ اڄ بہ ائين بڻيل آهي. جو ان جي آڙ ۾ سڄي سماج جو ڏينگو ڏيري ٿيل پاسجي ٿو. پاڻي جي سياست تي سياستدانن کان ويندي آبپاشي کاتي جي عملدارن، ويندي داروغن تائين ڪنهن ڪنهن پنهنجا ڪيسا ناهن ڀريا... اڃوڪي ٻوڏ ڏسو، سنڌ ۾ آبپاشي کاتي جي عملداري ڏسو ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ڏسو، پوءِ سنڌ جي سياست ۾ متا اڇا ڪندڙن جو ٽريڪ رڪارڊ ڏسو.... صاحبو.... هتي ئي اردو محاوري جيان ”دودھ کا دودھ اور پاني کا پاني“ ٿيڻ جو لقاءُ هوندو... دوستو! هو درست تہ پاڻي جي سياست مان پنجاب جي ڏاڍائي جو عنصر نٽو ڪڍي سگهجي. پر پنهنجي پاڻي کاتي جا ماهر، پنهنجي زراعت جا ماهر جيڪي رٽائرمينٽ کان پوءِ قومپرستي جي نئين جمادي ۾ سياسي تجزيہ ڪار بڻجي روزميڊيا تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڪير ٻڌائي تہ اسان جي قومپرستي واري سياست مٿن ڪپڙو رڪندي ڇو تي نظر اچي، چيف انجنيئر کان ويندي واهن تي مقرر ڪيل آبپاشي جي انجنيئرن پاران ڪجھ سياسي پارٽين جي ڪارڪنن، ڪجھ صحافتي دوستن جي مهيني جي خرچ پکي، داڻي پاڻي جا حساب جيڪڏهن مقرر نہ هجن ها تہ يقين ڪريو هن وقت سياسي قيادت سنڌ ڪي آيل هن وڏي زخم تي سياست جي نئين دڪان کولڻ بجاءِ آبپاشي کاتي جي اهلڪارن جي وٺ ڪندي نظر اچي ها. اهو ئي کاتو ئي جيڪو سوکھڙي وارن ڏينهن ۾ واٽر ڪورس جي وارابندي کان ويندي شاخ ۽ واهه کولڻ/ نہ کولڻ تي پنهنجي ٻچن جو مستقبل محفوظ ڪرڻ جو سامان پيو گڏ ڪندو آهي، سياسي ليڊر شپ جڏهن پاڻي ڪوٽ/ فلڊ ڪئنال کلڻ تي پنجاب لاءِ مارچ ڪري رهي هوندي آهي. ٺيڪ انهن ئي ڏينهن ۾ داروغي کان چيف انجنيئر تائين آبپاشي کاتي جي اها مخلوق واهن جي کوٽائي، بندن جي حفاظت ۽ واٽر ڪورسن جي مرمت لاءِ مختص ڪيل رقم جي خرد برد جا حساب لکڻ ۾ پوري هوندي آهي. مجموعي طور اهي بچاءُ بند، اهي واهه، اهي واٽر ڪورس.... اهي پنهنجي مقامي سياست جو حصو ناهن... ٻيلي کاتي ۾ ٻيلن جي سار سنڀال پنهنجي ايجنڊا جو حصو ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، ڪچي ۾ مستقل طور ٻيلا ڪٽرائي ڪيٽيون آباد ڪرائيندڙن تي پنهنجي سياست ڪڏهن بہ نظر نہ وڌي آهي. درياهه جي پيٽ ۾ باقائده بجلي جا پول لڳائڻ، رستا پڪا ڪرائي ٻنيون آباد ڪندڙن لاءِ بہ ڪڏهن پنهنجي آڱر اپي نہ ٿي. قدرتي ماحوليات کھڙي پکي، کھڙي نر مادي جو ناءُ آهي، پاڻ ان کان بہ بيخبر آهيون. اسان ڪيترائي دفعا ”پاڻي ڪوٽ“ لاءِ مارچ ڪندا رهياسين. ٽرندي سياري ۽ ڪڙهندڙ ڪاڙهن ۾ اسان پاڻي پاڻي ڪندا رهياسين... اسان جي سياست جو ڪاروبار ئي انهن مارچ جي ريلين سان هلڻو هو، ها پر ڪڏهن ٻڌو تہ اسان ڪنهن آبپاشي عملدار خلاف ماڻهن ڪي





سياسي طور بيهڻ، گهيراءُ ڪرڻ سيکاريو هجي، جيڪو اسان جي پيئڻ واري ڍڪ پاڻي کي بہ ڏوڪڙ ڏيندڙ آبادگارن کي وڪڻي ڏيڻ واري ڌنڌي ۾ ملوث هجي؟ اسان جي سموري سياست جا قبلا ۽ مرڪز ٻاهرين، ڌارين جي ڌاڙيوالي تي فوڪس رهيا آهن، اسان سچ پچ تہ ماڻهن کي ڪڏهن بہ اهو ٻڌائي. سچ ٻڌائي نہ سگهياسين تہ ڌاڙيلن جي پيداگيري کان ٻيلن تائين جي ڪٽائي واري سياست کي ضياءَ ڪيئن مضبوط ڪيو. اسان ڪڏهن بہ پنهنجن ماڻهن کي ڪو نہ ٻڌايو تہ ٻيلا ڪاٽي اسان آفتن، قدرتي سيلابن کان پناهه وارا پر ڪاٽي رهيا آهيون. اسان ڪين ڪو نہ ٻڌايو تہ ٻيلا ڪٽي ٻنيون آباد ڪرڻ ۾ اسان هٿ وٺي پنهنجي قدرتي ماحول کي تيلي ڏئي رهيا آهيون. اسان ڪين ڪڏهن بہ ڪو نہ ٻڌايو تہ ٻيلا ڪٽجڻ کان پوءِ ٻيو دفعو پوکڻ بعد بہ پنجاهه سالن ۾ اسان وڃايل ٻيلن جو هڪ سيڪڙو آباد مس ڪري سگهنداسين.

اسان جي سياست جو محور ”ڌاريا“ ۽ ”پنجاب دشمني“ رهي ۽ اسان ڄاڻي واڻي اهي انگ اکر پنهنجي ماڻهن کان لڪائيندا رهياسين تہ پاڻي ۾ ڪوٽ هئڻ باوجود جڏهن پاڻي سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ٿو، تڏهن بہ 20 کان 40 سيڪڙو پاڻي آبپاشي کاتي جي نااهلي، واهن جي مرمت ۽ کوٽائي نہ هئڻ ڪري ضايع ٿئي ٿو، اسان جي سياست جو محور جيئن تہ قومپرستي هئي. ان ڪري اسان لاءِ اهو اعتراف ڏاڍو ڏکيو هو تہ سنڌ ۾ پاڻي اچڻ کان پوءِ بہ وڏن زميندارن پاران واٽر لفٽر مشينون لڳائي پاڻي چوري ڪيو وڃي ٿو ۽ ان پاڻيءَ جي چوري کان پوءِ نہ رڳو سنڌ جو اڪثريتي ننڍو آبادگار متاثر ٿئي ٿو، پر سنڌ جي پڇڙي وارن علائقن يعني بدين، عمرڪوٽ وغيره تائين انساني آباديون پيئڻ جي پاڻي جي شديد قلت جو شڪار آهن. توهان بدين، عمرڪوٽ جي ڳوٺن تائين وڃي تہ ڏسو ڪيئن ڳوٺن جا ڳوٺ پيئڻ واري پاڻي جي قلت جي بحران ۾ آهن. ميلن جا ميل هو پيئڻ واري پاڻي جي ڳولا ۾ ڦٿڪن ٿا ۽ ٻئي پاسي وڏا آبادگار سندن پيئڻ جي پاڻي جي چوري، لفٽنگ مشين وسيلي ڪري پنهنجا فصل بچائين ٿا. اسان جي سنڌ وستيءَ جي نالي ۾ ٿيندڙ سياست اهڙن پاڻي چور زميندارن ۽ آبپاشي کاتي جي عملدارن جي ان چوري ۾ شرڪت تي ڪک رکندي پئي اچي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهڙن پاڻي چورن جو گهيراءُ ٿيڻ شروع ٿيو ۽ آبپاشي کاتي جي ڪرپٽ ترين، بدعنوان ۽ رشوت خور عملي پاران منٿلين وارو سلسو تہ بند ٿئي ئي ٿئي، پر دڪان بہ سدائين لاءِ بند ٿيڻ جو امڪان ٿي سگهيو ٿي.

”*يہ سياست گورک دهندا هے*“ هن پنهنجي ئي سياست جو نرالو اندازو هو، جنهن فقط نعرن جي آڌار تي وڏا ڏاها ۽ قومي هيرا پيدا ڪيا. اها پنهنجي ئي گورک سياست هئي. جيڪا ”قومي سوال“ تي تہ متيءَ ۾ لٺيون هٽندي رهي. پر انساني حقن واري سوال کان سدائين وانجهيل رهي آهي. پنهنجا ئي سياسي ڏاها، قومي هيرا ۽ آڄپي جي جنگين جا اڳواڻ هئا، جيڪي جڏهن سياست جي سفر تي هليا هئا تہ

سندن ڪيسا خالي هئا ۽ اڄ جڏهن سندن مال ملڪيت، اڪائونٽن جو حساب ڪتاب ڪولجي ته سچ پچ هڪ وڏو سوال اڀري سگهي ٿو..... پنهنجي قومي سياست ۾ مال ملڪيت، ڪيئن ٺهيا؟ وارو سوال پڇڻ Taboo آهي، هتي ”ڏوهارين“ جي سرپرستي وارو سوال به ممنوع آهي. هتي رائج سياست ۾ ”سهائتا“ جو سوال اٿڻ ممڪن ناهي. پنهنجي ديس جي سياست ۾ ”عوام جي فلاح“ به فقط حڪمرانن جي ڪلهن تي اڇليل آهي. عوام جو ڀرجهلو ٿيڻ جو ساهس پنهنجي نالي ۾ نهال قيادت ۾ توهان ڪي ڪو نظر اچي ٿو؟ جيڪڏهن انهن جون پنهنجون ٻنيون ٻڏنديون هجن. جيڪڏهن پنهنجا وٿاڻ لڙهندا هجن يا پنهنجي لوڙهن ڪي ڪو سيڪ ايندو هجي ته ڪيئن نه ڪارڪنن جي فوج ڪٺي ڪري وجهن. هن ٻوڏ جي آئيني ۾ انهن جا سياسي بيان اها اداڪاري آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي عيال سميت فلاپ آهن.

هيءَ سنڌ ٻڏي پئي ۽ سندن ڪي ڪو لوڏو ڪونهي. هي نعرن ۾ مارچ ڪرائڻ جا شوقين، ڪراچي ۾ لکين سنڌي گڏ ڪرڻ جا سپنا سجايا ڪنڌڙ سپ سياستدان ٻڌائين ته هن مشڪل جي گهڙي ۾ سندن ڪيترا هزار ڪارڪن لڙهندڙ سنڌ مان ٻڏندڙن جي بچاءَ جا بند ٻڌيل آهن. ڪيترا ڪارڪن بکين ڪي ڪارائڻ لاءِ مينهن وڏ ڦڙي ۾ بيٺل آهن.. هزارين گاڏين جو جلوس ۾ ڊسپلي ڪندڙ سياستدان ٻڌائين ته سندن ڪارڪنن جون ڪيتريون گاڏيون ڪچي مان بي يارو مددگار مخلوق ڪي محفوظ ماڳ مڪان تي پچائڻ جو ڪم ڪري رهيون آهن. سياستدانن وٽ قوم سڌارڻ، قوم ٺاهڻ ۽ وطن پرستي جا وڏا نعرا آهن، ان ڪري مٿن ميار به وڏي رکبي. ڪانئن ضرور پڇاڻو ڪبو ته ڪير ڪير آهي، جو هن ڏکي ترين گهڙي ۾ سنڌ جي هن خلق جو ڀرجهلو ٿيڻ لاءِ اڳتي ٿو اچي.... ڏسو ڪهڙي وطن پرست، قومپرست پارٽي جا ڪارڪن آهن، جيڪي پنهنجي قيادت جي سڏ تي لبيڪ چئي پنهنجي هم وطنن جي سهاري لاءِ پنهنجا ڪلها آڇين ٿا؟ وقت ماتم ڪرڻ جو ناهي. وقت مدد ڪرڻ، مددگار بڻجڻ جو آهي، Charity کان وانجهيل سياست ڪي چيئرٽي ڏانهن اٿڻ جو وقت آهي، منهنجي قومپرست اڪ انساني اذيت، مصيبت ۽ ڏک جي گهڙي ڪي قوم جي خاني ۾ نٿي رکي. ان ڪري صوبي خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب جي تباهي تي گڏوگڏ ڏک ڪري ٿي، پر سنڌ ۾ آيل مصيبت ان ڪري به سوائي ٿي پاسي، جو سنڌ جو عام ماڻهو، ان سياست جي بيرحمي جو شڪار آهي، جيڪا زخمن جي طبيب ٿيڻ بجاءِ پينو فقير بڻيل آهي، اهو ئي سبب آهي جو ٻين صوبن جي پيٽ ۾ خطري جي اڳواٽ خبر هئڻ باوجود اسان جو ماڻهو ڪچي مان تڪڙو لڏ پلاڻ لاءِ راضي نه ٿيو. ”سنڌ ٻوڙڻ جي سازش“ جهڙي سياست رهندو انهن مڪسينن جا ترا ڪڍي ڇڏيا، جيڪي بئراج بچائڻ لاءِ بند ڪي ڪٽ ڏيڻ واري حڪمت عملي ڪي سازش قرار ڏيندا رهيا. هيل تائين سنڌ ۾ بي گهر ٿيندڙن جو تعداد لکن ۾ ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن حڪومت اهو گهربل رليف ڏيڻ کان حقيقتا قاصر آهي ته ان وقت ۾ مخير





ادارن ڪي، ماڻهن ڪي، سياسي جماعتن ڪي، پروفيشنل ادارن ڪي اڳيان اچي هن مشڪل گهڙي ۾ عوام جو ڀرجهلو ٿيڻ کپي. سنڌ م حقيقتاً اهو رليف نظر نٿو اچي. جيڪو ٻين صوبن ۾ ٻيا غير سرڪاري ادارا، سياسي جماعتون ڪري رهيون آهن، گهوٽڪي ۾ ڊاڪٽر اديب رضوي جي ٽرسٽ ته ڪئمپ لڳائي سگهي پئي. پر چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا ينگ گريجوئيٽ، انڊر گريجوئيٽ ۽ ماهر ڊاڪٽر رليف لاءِ ٽيم جوڙي لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي نٿا وڃي سگهن، اهڙي ريت پيپلز ميڊيڪل ڪاليج مان ڇا ڪي چند شاگرداڻيون به اهڙيون ناهن. جيڪي پنهنجي استادن/ دوائن وارين ڪمپنين کان رليف لاءِ آمادي پيڪيج گهري قاضي احمد ۽ ڀرپاسي رليف لاءِ هليون وڃن؟ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جا ڊاڪٽر اغوا ٿيڻ تي لکين رپين جو پنگ ڀرين ٿا، سي هن وقت ٻاهرين ملڪن جي دورن ۽ عمرن جي پيڪيج وٺڻ بجاءِ دوائن وارين ڪمپنين کان رليف پيڪيج وٺي جان بچائڻ واريون، بارشن کان پوءِ وبائي بيمارين کان بچاءُ واريون دوائون ڪٺي، پنهنجي وطن واسين جي امداد لاءِ ڇو نٿا نڪري پون؟ ڪٿي آهن شاگرد جماعتون.... سنڌ جي شاگرد جماعتن کي ڇو نٿو ياد پوي ته دنيا ڀر ۾ قدرتي آفتن لاءِ شاگرد ئي رضاڪارن جا جٿا جوڙي ڏتڙيلن جي واهر لاءِ واهرو بڻبا آهن. سنڌ جي شاگرد جو ان حوالي کان مجموعي رول ڏسجي ته يقينن ڪو ساراهه جوڳو نه هوندو. اهو شاگرد ٿيڻ ائين کپي ها ته سنڌ تي آيل هن وڏي آفت ۾ سنڌ جي بي يارو مددگار ماڻهن جو ٻيلي ٿيڻ لاءِ پاڻ مرادو نڪري پوي ها. هن مصيبت جي گهڙي ۾ مدد لاءِ وڌايل هٿ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سهارو کپي.

هيءَ ميار ناهي. پر مذمت آهي سنڌ جي ان نام نهاد ڊياسپورا لاءِ، جيڪو روزگار، ڪاروبار لاءِ سنڌ کان ٻاهر ٻين ملڪن جو شهري ٿيل آهي. هوءَ مختلف حوالن سان تنظيمي ڍانچا ٺاهي سنڌ جي نالي جي ورد جو ورودي به بڻيل آهي، پر افسوس ته اهو آهي ته ٻاهر رهندڙ ان سنڌ جي ڊياسپورا کي ”سنڌي مائنڊ سيٽ“ جي مرض مان نڪرڻ لاءِ ڪي سال کپن. جنهن ۾ ”وطن پرستي“ ۾ نه انساني حقن جو ڪو نقطو شامل آهي ۽ نه ئي سندس سياسي ذهن ۾ سياست ۾ ”چيئرٽي“ جي ڪا گنجائش آهي، نه ته انهن قدرتي آفتن ۾ اها اڄ به ڪک پتي مان لک پتي ٿيل سياسي ليڊرن، ٻن ڪالمي، ٻه ڪالم لکي سگهندڙ دانشورن جي دورن لاءِ ته پئسا خرچ ڪري سگهي ٿي، پر ڏکي گهڙي ۾ پنهنجي ماڻهن لاءِ سهائتا جو سامان موڪلڻ وارو اعلان سندن پاران پاڻ ڪو ورلي ٻڌو هوندو... ديس جي خدمت، ديس واسين جي سهائتا ۽ امداد سان سلهاڙيل آهي، اهو سبق سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ شايد هن ڀيري هيءَ قدرتي آفت، هي ٻوڏ به ناڪافي ٿئي.

# صديءَ جي وڏي ٻوڏ ۽ سنڌ

دلشاد ڀٽو سينيئر

سنڌ تاريخ جي بدترين ٻوڏ مان گذري رهي آهي. هن وقت تائين 1942ع ۾ ايندڙ ٻوڏ کي سڀ کان وڏي ٻوڏ ليکيو ويندو هو پر هيءَ ٻوڏ 1942ع واري ٻوڏ کان به وڌيڪ شديد آهي. گذريل اڌ صدي ۾ سنڌ اندر جيڪي به ٻوڏيون آيون آهن، انهن جا وهڪرا چند ڏينهن اندر بيراجن وٽان گذري ويندا هئا، پر 3 آگسٽ کان وٺي سنڌ ۾ ايندڙ هن ٻوڏ جو وهڪرو اڃا تائين جاري آهي. ٻوڏ جي وهڪري ۾ لاٿ اچڻ بجاءِ مسلسل واڌ اچي رهي آهي. جڏهن گڊو بيراج وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو ساڍا 8 لک ڪيوسڪ هيو، ان وقت پنجاب ۾ ٺهيل تونسا بيراج وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو 7 لک ڪيوسڪ هيو. اميد اها هئي ته ساڍا 8 لک ڪيوسڪ پاڻي گذرڻ کان پوءِ پاڻي جي وهڪري ۾ لاٿ اچڻ شروع ٿي ويندي پر وهڪري ۾ لاٿ اچڻ بجاءِ 12 ڪلاڪن جي اندر گڊوءَ وٽ وهڪرو ساڍا 10 لک ڪيوسڪ ٿي ويو هي سٽون لکجڻ تائين گڊو وٽ وهڪرو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ کان وڌي چڪو آهي. جيڪو وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ يا ان کان به وڌيڪ ٿي سگهي ٿو، ڇو ته پنجاب جي سرحدن تي چاچڙان ريگيوليٽر وٽ پاڻيءَ جو آخري وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو هيو، جنهن کان پوءِ وهڪرن جو وڌيڪ تفصيل اچڻ بند ٿي ويو آهي. وهڪرن ۾ ايندڙ واڌ جو بنيادي سبب پنجاب جي سرحدن ۾ راجن پور جي پهاڙن مان ايندڙ پاڻي ۽ پنجاب جي ندين مان ايندڙ پاڻي آهي. راجن پور جي پهاڙن کان لهندڙ پاڻي ۽ پنجاب جي ندين جو پاڻي ملي سنڌو درياهه ۾ چاڙهه پئدا ڪري رهيا آهن. راجن پور وٽان ايندڙ پاڻيءَ جو ڪو به باضابطا رڪارڊ ڪونهي. ان پاڻيءَ جو اندازو 2 کان اڍائي لک ڪيوسڪ آهي. جيڪڏهن ان پاڻيءَ يا پنجاب جي ندين مان ايندڙ پاڻيءَ ۾ اضافو ٿو ٿئي ته سنڌ اندر ٻوڏ جو ايندڙ وهڪرو 13 لک ڪيوسڪ يا 13 لکن کان وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو، ايڏي وڏي وهڪري کي نه سنڌ جا بند برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. نه سنڌ جا بيراج برداشت ڪري سگهن ٿا. گڊو بيراج شايد ان وهڪري کي





برداشت ڪري وڃي پر سکر بيراج ايڏي وڏي وهڪري کي برداشت ڪري نه سگهندو. جيڪڏهن ڪوٽڙي بيراج وٽ وهڪرو 8 لک يا 8 لک ڪيوسڪ کان وڌي ويو ته ڪوٽڙي بيراج کي به خطرو ٿي سگهي ٿو. ان وهڪري جي دٻاءَ جيڪڏهن درياهه جا بند ٽوڙي وڌا ته پوري سنڌ ٻڏندي ۽ ان سان گڏ سنڌ جا شهر به ٻڏندا. ان ڳالهه جو به ڪو اندازو ڪونهي ته سنڌو درياهه ۾ اهي وهڪرا ڪيترو وقت هلندا. ڇو ته سنڌو درياهه ۾ اهي وهڪرا پهاڙن تي ٿيندڙ مون سون جي بارشن سبب آهن. مون سون جي بارشن جي موسم جون کان سيپٽمبر تائين هوندي آهي. ان حساب سان آگسٽ جو پورو مهينو بارشون هلي سگهن ٿيون. بارشن جو سلسلو اڃا جاري آهي. انڪري سنڌو درياهه ۾ چاڙهه به جاري آهي. ڪشمير کان وٺي هماچل پرديش تائين پوري پهاڙي سلسلي ۾ بارشون جاري آهن.

انهن سمورين بارشن جو پاڻي مختلف ندين وسيلي، سنڌو درياهه ۾ داخل ٿي رهيو آهي. ندين کان علاوه برسات نالا به سمورن پهاڙن جو پاڻي ڪٽي سنڌو درياهه ۾ شامل ڪري رهيا آهن. راجن پور وٽ برساتي پاڻي نالن جي شڪل ۾ سنڌو درياهه اندر ڪري رهيو آهي ۽ صوبي سرحد ۾ آيل ٻوڏ ۽ بارشن جو پاڻي ڪالاباغ وٽ برساتي نالن جي شڪل ۾ ڪري رهيو آهي. هماچل پرديش ۾ ٿيندڙ بارشن جو پاڻي پنجاب جي ندين وسيلي ۽ ڪشمير ۾ ٿيندڙ بارش جو پاڻي گلگت- بلتستان جي ندين وسيلي سنڌو درياهه ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جيستائين بارشن جو سلسلو ختم نٿو ٿئي. ان وقت تائين سنڌو درياهه جي وهڪري ۾ لاٿ جو امڪان ڪونهي. اهو وهڪرو 5 ڏينهن به جاري رهي سگهي ٿو ۽ 15 ڏينهن به جاري رهي سگهي ٿو. ڪوٽڙي بيراج وٽ پهچڻ کان پوءِ سمنڊ ۾ ڪرڻ تائين ٻوڏ جي ان پاڻيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو لڳي سگهي ٿو. ان حساب سان سنڌ اندر ٻوڏ مهيني تائين جاري رهي سگهي ٿي. هن صديءَ جي بدترين ٻوڏ سنڌ ۾ ڪيتري تباهي آڻيندي ڪا خبر ناهي. سنڌو درياه جا بند انتهائي ڪمزور حالت ۾ آهن. ڇا اهي بند ايڏي وڏي عرصي تائين سنڌو درياهه ۾ ايندڙ ٻوڏ جي وهڪري کي برداشت ڪري سگهندا يا ڦاٽي پوندا؟ سنڌ جي آبپاشي وزير پريس ڪانفرنس ڪندي اهو اعتراف ڪيو آهي ته گذريل 15 سالن کان سنڌو درياهه جي بندن جي ڪا به مرمت نه ٿي آهي. سنڌ حڪومت 15 سالن کان مرمت نه ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته گذريل 35 سالن کان سنڌو درياهه جي بندن جي ڪا به مرمت نه ٿي آهي. درياهه جي بندن جي مرمت ان وقت ٿي هئي. جڏهن 1973ع ۾ سنڌ اندر وڏي ٻوڏ آئي. ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت هئي. ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ اندر بندن جي مرمت جي نگراني ڪشمور کان وٺي ٺٽي تائين هيليڪاپٽر وسيلي پاڻ ڪئي هئي. هن وقت بندن جي نگرانيءَ جو ڪم يا ته چند وزير ڪري رهيا آهن يا اسيمبلي ميمبر ڪري رهيا آهن.

گذريل 15 سالن کان سنڌو درياهه ۾ ڪا ٻوڏ نه اچڻ ڪري تر جي وڏيرن ۽ سردارن سنڌو درياهه مان لفٽر ذريعي پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن لفٽ جي پاڻيءَ مان پورت نه ٿي ته مختلف جاين تان درياهه جا بند ٽوڙي پاڻي ڪنيو ويو، انهن 14 سالن تائين سنڌو درياهه کي لٽ جو مال سمجهيو ويو ۽ جڏهن ٻوڏ آئي ته حڪمرانن بدحواسيءَ ۾ بندن جي چڪاس ڪئي. خبر پئي ته پاڻي چورائڻ لاءِ ڪئنالن ۽ شاخن جي بندن کي هنڌان هنڌان ٽوڙيو ويو آهي. 15 سالن کان سنڌ جا وڏيرا، مير ۽ سردار درياهه جا بند ٽوڙي پاڻي ڪڍندا رهيا. پر نه ڪنهن حڪومت ان جو نوٽيس ورتو ۽ نه ئي آبپاشي کاتي جي عملدارن ان عمل خلاف ڪارروائي ڪئي. ان کي چوندا آهن .ننڌڪا گهوڙا غيباٽا سوار“ صرف اهو چئي ڇڏڻ سان ته درياهه جا بند هنڌان هنڌان ٽٽل آهن. سنڌ حڪومت جي ذميواري ختم نٿي ٿئي. پر حڪومت جي ذميواري ته اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي.

ٻوڏ جو خطرو گذريل ٻن مهينن کان موجود هيو، قدرتي آفتن کي منهن ڏيندڙ اداري طرفان اهو اطلاع ڏنو ويو هو ته هنزه جي علائقن ۾ ٺهندڙ ڊيم جي ٽٽڻ جو خطرو موجود آهي، جيڪڏهن ڊيم ٽٽي ته خطرناڪ ٻوڏ ايندي. گذريل ٻن مهينن کان ٻوڏ جو خطرو موجود هجڻ باوجود سنڌ حڪومت بندن جي مرمت ۾ مجرمانه غفلت ڇو ڪئي؟ اها ڳالهه به ذهن نشين ڪري ڇڏجي ته اڃا ته هنزه نه ٽٽي آهي. هي صرف انهن بارشن جو پاڻي آهي، جيڪو پهاڙن کان هيٺ لهي رهيو آهي. جيڪڏهن بارشن هنزه کي ڦاڙي وڌو ته پوءِ اڃا وڏي تباهي اچي سگهي ٿي. ڇا سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي آبپاسي ماهرن کي اها ڄاڻ نه هئي ته هندستاني ڪشمير جي لداخ واديءَ ۾ جون کان پوندڙ برساتن ۽ ٻوڏن جا وهڪرا سنڌو درياهه تي ڪهڙا اثر ڇڏيندا؟ گذري ڏيڍ مهيني کان لداخ واديءَ ۾ برسات ۽ ٻوڏ هلي رهي آهي. ڇا سنڌ جي آبپاشي ماهرن کي اها ڄاڻ نه آهي ته لداخ وادي ۽ سنڌو درياهه جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ ڇا انهن کي خبر نه آهي ته سنڌو درياهه لداخ مان گذري ٿو ۽ لداخ ۾ ايندڙ ٻوڏ جو پاڻي سنڌو درياهه ۾ لهندو؟ جڏهن لداخ مان لهندڙ پاڻي گلگت نديءَ کي ڦاڙي وڌو، ان وقت به سنڌ جي آبپاسي عملدارن کي اها ڄاڻ نه پئي ته سنڌ ڏانهن ڪهڙي تباهي اچي رهي آهي. لداخ ته هندستان ۾ آهي، پر گلگت ته پاڪستان ۾ آهي، ڇا آبپاشي کاتي کي پاڪستان جي ندين جي به ڄاڻ ناهي ته گلگت ۽ هنزه سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن؟ جيڪڏهن سنڌ جي آبپاسي کاتي کي سنڌو درياهه جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ ناهي ته پوءِ سنڌ کي ااهڙي کاتي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ٻوڏ جو پاڻي گذريل هڪ ڏيڍ مهيني کان پهاڙي علائقن ۾ تباهي مچائيندو رهيو، پر سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جا آبپاشي عملدار ستل رهيا. انهن کي جاڳ ان وقت ٿي جڏهن پاڻي ڪالاباغ وٽ پهچي ويو. جڏهن تربيلا جا منهن کلي ويا. جڏهن ساڍا 10 لک پاڻي سنڌ ڏانهن وڌڻ لڳو اهو به ان وقت جڏهن موسميات کاتي اطلاع ڏنو ته ٻوڏ جو پاڻي





سنڌ ڏانهن وڌي رهيو آهي حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن. جيڪڏهن موسميات کاتو اطلاع نه ڏي ها ته سنڌ حڪومت اڃا تحرڪ ۾ نه اچي ها. درياهه جي بندن جي مرمت ان وقت شروع ڪئي وئي. جڏهن پاڻي سر تي پهچي ويو. هاڻي سنڌ جو آبپاشي وزير پريس ڪانفرنس ڪري چوي ٿو ته اسان بي وس آهيون. اسان ڪجهه ڪري نٿا سگهون .جيڪو کاتو انگريزن جي ڏنل بهترين آبپاشي نظام کي سنڀالي نه سگهيو. اهو ڪڏهن به اهل ٿي نٿو سگهي. آبپاشي کاتي جي نااهليءَ جو ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو، جو ان طرفان ٻوڏ جي وهڪرن جا ڏنل انگ اکر غلط ثابت ٿي چڪا آهن. جيڪي ماهر ٻوڏ جو صحيح اندازو لڳائي نٿا سگهن. اهي سنڌ کي ٻوڏ کان ڪهڙو بچائي سگهندا؟ جڏهن اليڪٽرانڪ انجنيئر کي آبپاشي جو چيف انجنيئر بڻايو ويندو ته ائين ئي ٿيندو، جيڪو ٿي رهيو آهي. تارن مان اليڪٽرڪ ڪرنٽ ٽپائڻ واري کي ڪهڙي خبر ته بيراج مان پاڻي ڪيئن گذاربو آهي. اسان نوان بند تعمير ڪري نٿا سگهون، پر جيڪڏهن اڳ موجود بندن جو تحفظ به نٿا ڪري سگهون ته پوءِ باقي ڇا ٿا ڪري سگهون؟ اسان جي بيراجن جا دروازا مٽيءَ ۾ پورجي ويا آهن. انهن کي صاف ڪرڻ لاءِ اسان وٽ نه وسيلا آهن نه جديد مشينون آهن. 1932ع ۾ ٺهندڙ سکر بيراج کي لڳ ڀڳ 70 سال پورا ٿيڻ وارا آهن. پنهنجي فطري عمر پوري ڪرڻ کان پوءِ سکر بيراج آخري پساهه کڻي رهي آهي. بيراج جي اسٽرڪچر ۾ ڏار پئجي ويا آهن. ديوارن جا پلستر اکڙي چڪا آهن، بيراج جا 13 دروازا مٽي ۾ پورجي مڪمل طور تي بند ٿي ويا آهن، سکر بئراج جنهن تي سنڌ جي 50 سيڪڙو معيشت جو دارومدار آهي. ان بئراج کي آثار قديمه ۽ فالتو شيءِ سمهجي نظر انداز ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اهو بيراج ٽٽي پيو ته سنڌ قحط جو شڪار ٿي ويندي. سکر بيراج مان 11 لک ڪيوسڪ پاڻي جو گذرڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. اهو وهڪرو سکر بيراج جي اسٽرڪچر کي نقصان پهچائي سگهي ٿو.

پنجاب ۾ بيراجن کي بچائڻ لاءِ هڪ جديد آبپاشي نظام موجود آهي. جڏهن پنجاب جي درياهن ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو بيراج جي گنجائش کان وڌي ويندو آهي ته اضافي پاڻيءَ کي هڪ الڳ چينل ذريعي بيراج جي پاسي کان گذاري ٻيهر درياهه ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. جيئن اضافي پاڻيءَ جي دٻاءَ سبب بيراج جي اسٽرڪچر کي نقصان نه پهچي، پر سنڌ ۾ بيراجن کي بچائڻ لاءِ اهڙو ڪو به انتظام ڪونهي. انگريزن جڏهن سکر بيراج ٺاهيو هو ته ان وقت سکر بيراج مان 15 لک ڪيوسڪ پاڻي گذرڻ جي گنجائش موجود هئي. سنڌ ۾ ايندڙ 1976ع واري وڏي ٻوڏ ۾ سکر بيراج وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي آساني سان گذري ويو هو، پر اڄ جڏهن سکر بيراج جي گنجائش 15 لک ڪيوسڪ مان گهٽجي صرف 9 لک ڪيوسڪ رهجي وئي آهي ته اها به پنجاب جي مهرباني آهي. ڇو ته سکر بيراج ۾ وهڪرن جي گنجائش ان وقت گهٽجي وي. جڏهن تربيلا ڊيم جي تعمير ٿي. پنجاب جي آبپاشي

ماهرن جو چوڻ هو ته ٻوڏ جو پاڻي سمنڊ ۾ ڪري اجايو زيان ٿي رهيو آهي. ان ڪري ان پاڻي کي ڊيم ناهي روڪڻ سان زمينون آباد ڪري سگهجن ٿيون. تربيلا ڊيم جي پاڻي مان زمينون ته پنجاب جون آباد ٿيون، پر سزا سنڌ کي ملي. ٻوڏن جو پاڻي جڏهن درياهن مان گذرندو آهي ته اهو پاڻي بيراجن جي درن ۾ ڦاٿل مٽي کي ڌوئي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو آهي. تربيلا ڊيم ٺهڻ کان پوءِ آهستي آهستي مٽي سنڌ جي بيراجن جي دروازن ۾ ڦاسندي وئي ۽ تربيلا ڊيم ٺهڻ کان پوءِ سکر بيراج جا 13 دروازا مٽيءَ ۾ پورجي بند ٿي ويا. جنهن ڪري سکر بيراج جي گنجائش گهٽجي وئي. درياهن ۾ پاڻيءَ جا تيز وهڪرا جڏهن ايندا آهن ته پاڻ سان مٽي به ڪٽي ايندا آهن. اهي وهڪرا ان مٽيءَ کي لوڙهي وڃي سمنڊ ۾ اڇليندا آهن. تربيلا ٺهڻ کان پوءِ جڏهن ان ۾ پاڻي روڪيو ويو ته درياهه جا اهي وهڪرا گهٽجي ويا . انهن وهڪرن ۾ اها سگهه نه رهي ته مٽيءَ کي ڌڪي سگهن. ان ڪري ڪمزور وهڪرن پاڻ اسان آندل مٽي درياهه جي پيٽ ۾ ڇڏڻ شروع ڪئي. بيراجن وٽ درياهه جي پيٽ ۾ مٽرنڊڙ ان مٽيءَ درياهه جو پيٽ ايترو مٿي ڪري ڇڏيو، جو اتان پاڻي گذرڻ جي گنجائش گهٽجي وئي. 1976ع ۾ سکر بيراج وٽ پاڻي گذرڻ جي گنجائش جيڪڏهن 12 لک ڪيوسڪ تصور ڪجي ته تربيلا ٺهڻ کان پوءِ 3 لک ڪيوسڪ جيتري مٽي درياهه جي پيٽ ۾ جمع ٿيڻ سان هن وقت سکر بيراج جي گنجائش صرف 9 لک ڪيوسڪ رهجي وئي آهي. پاڻيءَ جي وهڪرن جڏهن درياهه جي پيٽ ۾ مٽي اڇلڻ شروع ڪئي ته ان مٽيءَ جي نتيجي ۾ درياهه اندر مختلف جاين تي پيٽ ۾ ٺهندڙ ٻيٽ تربيلا ڊيم جو تحفو آهن. درياهه جي پيٽ ۾ ٻيٽ ٺهڻ سان پاڻي گذرڻ جي گنجائش گهٽجي ويندي آهي ۽ گهٽ پاڻي به وڏيڪ چاڙهه ڏيکاريندو آهي. هڪ طرف درياهه جي اندر ٻيٽ ٺهي رهيا آهن ته ٻئي طرف پلاٽ مافيا ناجائز قبضا ڪري درياهه اندر غيرقانوني تعميرات ڪري رهي آهي. جنهن سبب ٻوڏ جي وقت جڏهن درياهه مان پاڻي گذري ٿو ته ٻوڏ جو پاڻي هڪ طرف بچاءَ بندن تي دٻاءُ وڌائي ٿو ته ٻئي طرف پاڻي گذرڻ وقت بيراجن مٿان دٻاءُ پوي ٿو. سنڌو درياهه جي ڪنارن تي سکر ۽ حيدرآباد سميت ڪيترائي شهر آباد آهن، انهن ٻيٽن ۾ ناجائز تعميرات مان ٻوڏ جي وقت سنڌ جي شهرن کي خطرو ٿي سگهي ٿو، سنڌ کي ٻوڏن کان بچائڻ جو ڪو به انتظام ڪونهي، تربيلا ڊيم، جيڪا ان دعويٰ سان ناهي وئي هئي ته سنڌ کي ٻوڏ جي پاڻي کان بچائيندي. پر اها ڊيم خود سنڌ کي ٻوڙڻ جو سبب بڻجي چڪي آهي. هن وقت سنڌ طرف جيڪا ٻوڏ اچي رهي آهي. جيڪڏهن تربيلا ڊيم کي خالي رکيو وڃي ها ته شايد سنڌ ۾ ايڏي شديد ٻوڏ نه اچي ها، پر تربيلا ڊيم کي خالي رکڻ بجاءِ ان کي ڀريو ويو، تربيلا ڊيم کي ان وقت ڀريو ويو، جڏهن سنڌ ۾ پاڻي جي شديد کوٽ هئي. جيتوڻيڪ پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جون زمينون سڪي رهيون هيون ۽ ٻج سڙي رهيا هئا، ٿٽي ۽ بدين جي علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي ڪو نه هيو، پر ان جي





باوجود به پنجاب جي آبپاسي ماهرن پاڻي سنڌ ڏانهن موڪلڻ بجاءِ پاڻي کي روڪي تربيلا ڊيم کي ڀريو، جيتوڻيڪ قدرتي آفتن سان منهن ڏيندڙ اداري طرفان اهو چيل هو ته هنزه ڦاٽڻ جي خطري سبب مئي ۾ جون جي مهيني ۾ تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جو مقدار گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي، پر پوءِ به پنجاب جي آبپاشي ماهرن سمورين سفارشن کي نظر انداز ڪندي تربيلا ڊيم کي چوٽي تائين ڀري ڇڏيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته جڏهن ٻوڏ جو پاڻي آيو ته ان پاڻي کي روڪڻ لاءِ تربيلا ۾ ڪا به گنجائش نه هئي. ٻوڏ جي پاڻي مان صرف 27 هزار ڪيوسڪ پاڻي روڪي باقي سمورو پاڻي سنڌ ڏانهن ڇڏيو ويو. تربيلا کان پوءِ ڪالاباغ جي پهاڙن وٽ صوبي سرحد مان لهندڙ ٻوڏ جو پاڻي شامل ٿيڻ کان پوءِ سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي ليول خطرناڪ حد تائين وڌي وئي. تربيلا ۽ ڪالاباغ مارن خارج ٿيندڙ ساڍا 10 لک ڪيوسڪ پاڻي جڏهن پنجند وٽ پهتو ته باقي ڪسر پنجاب جي درياهه پوري ڪئي. باوجود ان جي ته موسميات ڪاتي اها وارننگ جاري ڪئي هئي ته بارشن پوڻ سبب درياهه ۾ پاڻي جي ليول وڌندي، ان ڪري منگلا ڊيم کي نه ڀريو وڃي، پر پنجاب ان وارننگ کي به نظر انداز ڪري تربيلا سان گڏ منگلا ڊيم کي به ڀري ڇڏيو، جڏهن ٻوڏ آئي ته تربيلا ۽ منگلا ٻنهي ڊيمن مان پاڻي سنڌو درياهه ۾ ڇڏيو ويو. هن وقت پنجاب جي ندين جو سيلابي پاڻي ۽ منگلا ڊيم جو پاڻي جڏهن پنجند وٽ سنڌو درياهه ۾ شامل ٿئي ٿو ته ان سموري پاڻيءَ جو رخ سنڌ طرف آهي.

پنجاب ۾ راجن پور ۽ منڊ ڪوٽ وٽ بند ٽٽڻ جي باوجود گڊو بيراج وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ آهي، جيڪڏهن اهي بند نه ٽٽن ها ته گڊوءَ وٽ وهڪرو 13 يا 14 لک ڪيوسڪ هجي ها. گڊوءَ وٽ مسلسل ساڍا 11 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو ظاهري ڪري ٿو ته پويان اڃا 13 کان 14 لک پاڻي اچي رهيو آهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ کان پوءِ اها اميد هئي ته سکر بيراج تي پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽبو، پر ٽوڙي بند جي ٽٽڻ کان پوءِ به سکر بيراج تي پاڻيءَ جو دٻاءُ برقرار آهي. سکر بيراج وٽ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ ۽ سيپيج سبب پاڻي سکر شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ سان سکر بيراج کي ته ڪو فائدو نه ٿيو، البته پنجاب جي درياهن مان ايندڙ پاڻي کي سنڌو درياهه ۾ اچڻ جو رستو ملي ويو. جيڪڏهن راجن پور، منڊ ڪوٽ ۽ ٽوڙي بند نه ٽٽن ها ته سنڌو درياهه ۾ موجود پاڻيءَ جو چاڙهه پنجاب جي درياهن مان ايندڙ پاڻيءَ کي قبول ڪرڻ بجاءِ واپس ڌڪي ڇڏي ها. پاڻي واپس ڌڪڻ سان پنجاب جا درياهه ڦاٽي پون ها ۽ پنجاب جا شهر ٻڏن ها. پهرين پنجاب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ سنڌ جا وسيلا استعمال ٿيا. هاڻي پنجاب جي شهرن کي بچائڻ لاءِ سنڌ جا شهر ٻڏي رهيا آهن. ٽوڙي بند سان گڏ پنجاب جا منڊ ڪوٽ ۽ يونگ وارا بند ٽٽڻ کان پوءِ اتان جو پاڻي به سنڌ طرف اچي رهيو آهي. هن وقت سنڌ جي بيراجن تان دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ سنڌ جا سپ ڪينال فل وهايا ويا آهن. سيلاب

بيراجن جي وسيلي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي ويو آهي.

انگريز بي وقوف ڪو نہ هئا، جو انهن ڪينالن جي بندن تي وڻ پوکرايا هئا. وڻ بندن کي مضبوط ڪندا آهن. پر انگريز جي وڃڻ کان پوءِ انگريز جي سموري نظام کي سبوتاج ڪيو ويو . ڪينالن جا سڀ وڻ ڪپي هڪ هڪ ڪري وڪيا ويا. ڪينال جا ڪمزور بند پاڻيءَ جي دٻاءَ تي ڦاٽندا ۽ سيلاب سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪاهي پوندو. ڪينالن جا وڻ آبپاشي عملي جي اهلڪارن تباهہ ڪيا ۽ سنڌ جا ٻيلا ملڪ جي حڪمرانن ڪپي ناس ڪيا. ٻيلا ڪپڻ سان درياهہ جا بند طاقت وڃائي ويٺا آهن. سنڌ ۾ ڪو بہ اهڙو هنڌ محفوظ ناهي. جتي ٻوڏ جو خطرو نہ هجي، هن وقت تائين سنڌ ڀين کي پناهہ ڏني آهي، حڪومت ڀيو تہ ڪجهہ ڪري نہ سگهي. پر ايترو تہ ڪري سگهي ٿي تہ ڪراچيءَ جي علائقن ۾ ڪيمپون هڻي سنڌ جي متاثر ماڻهن کي پناهہ ڏيڻ جو بندوبست ڪري ۽ عالمي ادارن کان مدد طلب ڪري متاثر ماڻهن جي خوراڪ ۽ رهائش جو بندوبست ڪيو وڃي يا حڪومت اجا ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي پناهہ ڏيڻ بجاءِ ڀين صوبن جي ماڻهن کي پناهہ ڏيندي؟



# 69 سالن کان پوءِ هڪ وڏي ٻوڏ
## (2010-1942)

عزيز ڪاڇيلو

شير درياهہ سنڌوءَ ۾ ڪجهہ ڏينهن کان انتهائي مٿاهين درجي جو وهڪرو جاري آهي، جنهن سنڌ جي حدن ۾ سنڌوءَ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي وارن حفاظتي بندن جي اندر گڊو بئراج کان وٺي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ايندڙ ڪچي جي هزارين ڳوٺن ۽ شهرن کي گهيري ۾ آڻي لکين ماڻهن کي ڪچو ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي تاريخ جي هن بدترين ٻوڏ سبب بہ سو کان مٿي انساني جانيون ضايع ٿيون آهن. وڏي پئماني تي چوپايو مال لڙهي سنڌوءَ جي لهرن جي حوالي ٿي چڪو آهي. لکين ايڪڙن تي بيٺل اربين رپين جا فصل لڙهي چڪا آهن ۽ ڪربين رپين جو متاثرين جو مالي نقصان پڻ ٿيو آهي. گڊوءَ کان سنڌي سمونڊ تائين اهو وهڪرو پنهجي مستيءَ ۾ اجا جاري آهي ۽ نہ ڄاڻ اڃتي سکر کان ڇوڙ واري علائقي تائين ڪيترو نقصان ڪري سو تہ وقت ٻڌائيندو. پر ٻئي پاسي ٽوڙي وٽ بند کي لڳايل هٿراڏو گهاري سبب سنڌ جي سيني تي هڪ ٻئي درياهہ وهڻ شروع ڪيو آهي. جيڪو ڏوڪيندو شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي ڪيترن ئي علائقن کي ٻوڙيندو لکين ماڻهن کي دربدر ڪندو ڪاڇي جي علائقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پراڻا (قديمي) ۽ نوان گس، ڀيچرا ۽ وهڪرا ڳولهي رهيو آهي. جنهن سبب شهدادڪوٽ کان وٺي لاڙڪاڻو، دادو، ڄامشورو ۽ ڪاڇي جي سموري آبادي سڪتي ۾ اچي وئي آهي، ڇو تہ پاڻيءَ جو اهو وستار بقول سنڌ جي وزيراعليٰ جي تہ ”اهو پاڻي اُتر سنڌ جي جيڪب آباد، لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ، دادو ۽ ڄامشورو ضلعن جي ڪيترن ئي علائقن کي ٻوڙيندو اچي منڇر ۾ دم پٽيندو.“ مذڪوره ڇاڻايل ضلعن جا ماڻهو اڳي ئي سنڌوءَ ۾ هلندڙ مٿانهين درجي جي وهڪري سبب ڊنل هئا سي هاڻي تہ واقعي اهڙي خبر ۽ اطلاع کان پوءِ سڪتي ۾ اچي ويا آهن تہ جي سنڌوءَ جي لهرن کان بچياسين تہ جيڪب اباد ۽ شڪارپور مان ايندڙ هڪ لک ڪيوسڪ واري وهڪري

ڪان ڪيئن بچي سگهنداسون. جيڪو منڇر ۽ ڪاڇي ۾ جڏهن داخل ٿيندو ته ڇا ايف پي بند ۽ منڇر بند پاڻي جو ايترو وهڪرو برداشت ڪري سگهندا؟ سو به اهڙي حالت ۾ جو جڏهن منڇر جي سطح 110 آر ايل تي پهرين پهتل آهي ۽ ان جو سنڌوءَ ۾ ڇوڙ به هينئر ناممڪن آهي ته پوءِ اهو پاڻي ڪيڏانهن ويندو. جنهن جو آسان جواب اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته منڇر بند، ايف پي بند سيوهڻ ڪان وٺي حمل ڍنڍ تائين ڪٿان به ٽٽي سگهي ٿو ۽ اهڙي صورت ۾ هڪ ٻيو ڀيانڪ انساني الميو جنم وٺندو. جنهن ۾ ايف پي بند جي اندر ڪاڇي جي علائقي ۾ موجود هزارين ڳوٺ ته ٻڏي سگهن ٿا، پر ايف پي بند ۽ سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ جي وچ ۾ آيل لاڙڪاڻي ڪان وٺي سيوهڻ تائين سمورن شهرن جو ۽ انهن ۾ رهندڙ ڪي پندرنهن لک ڪان وڌيڪ انساني آبادي ۽ ملڪيتن جو ڇا ٿيندو؟ اهڙن سوالن جي جوابن لاءِ هينئر ڪير به موجود نه آهي، ڇو ته سمورن اختيارين جو ڌيان فقط سنڌوءَ جي وهڪري تي آهي ۽ ان جي ڀنهي پاسن آباد لکين ماڻهن ۽ شهرن کي سنڌوءَ جي بندن تي هٿرادو گهارو هڻي وڏي نقصان ڪان بچائڻ تي آهي، پر واقعي هينئر اهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي آهي جو سمورا ادارا بيوس بڻيل آهن. ڪين ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪجي؟ اهڙي صورتحال ۾ ڪاڇي ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ٻي متبادل ٻوڏ يا انساني الميي پيدا ٿيڻ ڪان اڳ ڪا منصوبابندي ڪجي ته جيئن وڌ ڪان وڌ نقصان ڪان بچي سگهجي. تنهن بابت اڃا تائين ڪٿان به ڪا اميد، ڪا سوچ، ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي. هڪ نجي ٽي وي چئنل تي آبپاشي ماهر ادريس راجپوت جڏهن اهو واضح لفظن ۾ چيو ته ٽوڙي واري گهاري مان جيڪو پاڻي وهي رهيو آهي. سو سنڌ جي لينڊاسڪيپ تي هڪ ٻيو درياهه وهندي نظر اچي ٿو، جيڪو گهٽ ممڪن آهي ته منڇر ۾ وڃي ڇوڙ ڪري، ميڊيا جي اهڙن اطلاعن ڪان پوءِ واقعي اهڙي امڪاني الميي سبب متاثر ٿيندڙ آبادين ۾ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ، علائقا ڇڏڻ يا اتان لڏڻ بابت سُس پس شروع ٿي وئي آهي ۽ جيڪي ڪاڇي ۽ منڇر جي جاگرافي ڪان واقف آهن، سي ته پهرئين ئي سمجهيو وينا آهن ته 1942ع جهڙي ڪاري ٻوڏ وانگر ايندڙ ساڳين رستن ۽ گسن سان اهو وستار سواءِ تباهي ڪان ٻيو ڪجهه به نه ڏئي سگهندو. ها ڪو معجزو ئي ان الميي ڪان بچائي سگهي ٿو. يعني جي ان وهڪري جو رخ تبديل ٿي وڃي پر ان جا امڪان گهٽ ئي نظر اچن ٿا، ڇو ته پاڻي کي وهڻ لاءِ هميشه هيٺاهين جي گهرج هوندي آهي، سو شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ پهتل اهو پاڻي ڪاڇي ۾ ڪاهي ايندو، نه ڪي مٿي بلوچستان جي علائقن ڏانهن ويندو. واقعي صورتحال انتهائي ڳنڀير ۽ ڏڪائيندڙ آهي، ته جي ايف پي بند يا ايم سي منڇر ڪنيٽنگ Containing بند ٽٽو ته پوءِ اهو وهڪرو وڃي سنڌوءَ جي ساڄي بندن سان ٽڪرائبو ۽ اهڙي صورت ۾ اهي بند به اهڙي وهڪري جي سٽ سهي نه سگهندا، ڇو ته اهي اڳي ئي ڪمزور ۽ پُسيل (آلا) آهن ۽ خدا نه ڪري جي اهي بند ٽٽا ته پوءِ ڪير ٽر جبل ڪان وٺي سنڌوءَ تائين اها به سُڌ نه



هوندي ته درياهه ڪٿان پيو وهي، اهو سڄو ڪي 60 يا 70 ڪلوميٽرن واري پٽي درياهه جو ئي ڏيک ڏيندي ۽ ان جي گهيري ۾ ايندڙ شهر ڳوٺ ڇا ڏيک ڏيندا؟ تنهن بابت سوچيندي به لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ ڪان پهرئين مرڪزي سرڪار، صوبائي سرڪار ۽ عالمي ايجنسيون گڏجي ڪا حڪمت عملي جوڙين ته جيئن ڪنهن وڏي الميي ڪان بچي سگهجي يا امڪاني متاثر ٿيندڙن کي صورتحال بابت صحيح آگاهي ڏئي ڪين مصيبت ڪان پهرئين پنهنجون جانيون بچائي محفوظ هنڌن ڏانهن وڃڻ جو مشورو ڏنو وڃي. يا جيڪڏهن واسطيدار ادارا ۽ ايجنسيون اهو سمجهن ٿيون ته اهڙي ٻوڏ يا وهڪري کي ٽارڻ ناممڪن آهي ته پوءِ اهڙي صورتحال ۾ وڌ ڪان وڌ نقصان ڪان بچڻ لاءِ هاڻي ڪان ئي مذڪوره علائقن ۾ ريسسڪيو آپريشن شروع ڪيو وڃي. جنهن م وڏي تعداد ۾ ٻيڙيون اسٽينڊ باءِ ڪري رکجن. وڏي پئماني تي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪري ڇڏجي ۽ ٻيا ايمرجنسي پلان جوڙي رکجن ته جيئن ڪنهن قدر نقصان کي گهٽائي سگهجي.

سنڌوءَ ۾ مٿاهين ڇاڙه سبب ۽ منڇر جي مڪمل پرجڻ ڪان پوءِ جي منڇر بند ڪٿان به ٽٽو ته اهو منظر قيامت ڪان گهٽ نه هوندو، ان علائقي وارن لاءِ جيڪي سڌا ان جي زد ۾ ايندا. هي صورتحال واقعي منجهائيندڙ آهي ته آخرڪار اهڙي مصيبت ڪان بچڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ڇو ته ٽوڙي واري لڳل گهاري کي فورن بند ڪرڻ ته شايد هاڻ ايستائين مممڪن نه رهيو آهي. جيستائين سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي سطح تمام گهٽجي. هي اسٽوري/ رپورٽ لکڻ تائين ٽوڙي واري گهاري مان وهندڙ پاڻي شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي علائقن کي ٻوڙڻ ڪان پوءِ ڪاڇي ۾ اچڻ جا افواهه زور وٺي رهيا آهن ۽ ماڻهو سخت مونجهاري جو شڪار آهن.

# سنڌ کي ڪيئن بچائجي؟

**دلشاد ڀٽو سينيئر**

گلگت- بلتستان ۾ شروع ٿيندڙ بارشن سبب هڪ دفعو ٻيهر سنڌو درياهه ۾ چاڙهه اچي رهيو آهي بلتستان جي ضلعي اسڪردو ۾ سنڌو درياهه اندر پاڻيءَ جي سطح وڌڻ کان پوءِ هڪ نئين ٻوڏ سنڌ طرف اچي رهي آهي. گلگت ۽ هنزه نديءَ جو پاڻي شامل ٿيڻ کان پوءِ اسڪردو کان هيٺ درياهه جا وهڪرا ساڍا 4 لک ڪيوسڪ هئا، ديامير ۽ ڪوهستان تائين پهچندي اهي وهڪرا 5 لک ڪيوسڪ کان وڌي چڪا آهن. ڪوهستان ۽ تربيلا جي وچ ۾ سوات ۽ ڪابل نديون سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون، تربيلا تائين پهچندي انهن وهڪرن ۾ برسات جو ڪيترو وڌيڪ پاڻي شامل ٿيندو، ڪا پڪ ناهي، تربيلا اڳ ئي ڀريل آهي، مسلسل هلندڙ ٻوڏين جا وهڪرا تربيلا کي خالي ٿيڻ نٿا ڏين. 13 آگسٽ تي گڊوءَ وٽ جڏهن ٻوڏ جو ڀريون وهڪرو پهتو هو، ان وقت تونسا بئراج وٽ وهڪرو 10 لک ڪيوسڪ هيو ۽ سنڌ پهچندي پهچندي چاچڙان ريگيوليٽر وٽ وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ ٿي ويو هو ان وهڪري ۾ پنجاب مان ايندڙ ندين مان صرف 60-70 هزار ڪيوسڪ پاڻي شامل هيو. جيڪو بعد ۾ وڌي 2 کان اڍائي لک ڪيوسڪ تائين پهتو، هن وقت پنجاب جي ندين مان 3 لک ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو جاري آهي. اسڪردو کان ايندڙ نئين سيلابي وهڪري کي جيڪڏهن تونسا وٽ 9 لک ڪيوسڪ به تصور ڪجي ته به پنجاب جي ندين مان 3 لک ڪيوسڪ پاڻي ملڻ کان پوءِ اهو وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ ٿي ويندو. جيڪڏهن راجن پور جي پهاڙن مان اضافي پاڻي شامل ٿيو ته وهڪرو 13 کان ساڍن 13 لکن تائين ٿي سگهي ٿو. ان حساب سان گڊو وٽ پهچندڙ وهڪرو هڪ دفعو ٻيهر 11 کان ساڍا 11 لک ڪيوسڪ هوندو.

گڊو وٽ وهڪرو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ ٿيڻ کان پوءِ سکر بئراج تي ٻيهر دٻاءُ وڌندو. ان ڳالهه جي به ڪا ضمانت موجود نه آهي ته وڌيڪ بارشون ٿينديون ۽ ٻوڏ جا وڌيڪ وهڪرا سنڌ طرف نه ايندا. محترم عبدالقادر جوڻيجو جي چوڻ موجب اپ





ڦاٽي پيو آهي، جيستائين آسمان وسڻ بس نه ڪندو ٻوڏ بند نه ٿيندي، آگسٽ جو پورو مهينو بارشون هلڻ جو امڪان آهي، بار بار ٻوڏ جا وڏا وهڪرا سکر بئراج برداشت ڪري نه سگهندي، سکر بئراج سان گڏ سکر شهر کي به خطرو آهي. پاڻيءَ جي ليول وڌڻ سان شهر جي بندر وال تي به دٻاءُ وڌندو آهي. سکر بئراج ۽ بندر وال پاڻيءَ جا اهي وڌندڙ وهڪرا ڪيترو وقت برداشت ڪندا. خبر ناهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ کان پوءِ بند ۾ پوندڙ شگاف تيزيءَ سان وڌندو رهيو آهي. اهو شگاف هڪ ميل تائين ويڪرو ٿي چڪو آهي. هڪ ميل جي ويڪر ۾ وهندڙ پاڻي بذات خود هڪ درياهه جي حيثيت رکي ٿو، جيئن جيئن اهو شگاف ويڪرو ٿيندو ويو، تيئن تيئن پٽي تيزي سان جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن جو رخ ڪيو، ان پاڻيءَ کي واپس درياهه تائين پهچائڻ لاءِ جيڪب آباد، شڪارپور ۽ قمبر- شهدادڪوٽ کان ڦيرائي منڇر ڍنڍ تائين پهچايو ويندو. شهدادڪوٽ وٽ بلوچستان جي پهاڙن کان لهندڙ برسات جي اندازن ڏيڍ لک ڪيوسڪ پاڻيءَ جو رخ به منڇر طرف آهي. جيڪڏهن ٽوڙي بند کان ايندڙ پاڻي جو وهڪرو 50 هزار ڪيوسڪ تصور ڪجي ته بلوچستان جي پهاڙن کان ايندڙ ڏيڍ لک ڪيوسڪ پاڻي ان ۾ ملي 2 لک ڪيوسڪ ٿي ويندو. اهو 2 لک ڪيوسڪ پاڻي منڇر مان سنڌو درياهه ۾ ان وقت داخل ٿيندو، جڏهن سنڌو درياهه ۾ ٻوڏ جو سٽن کان اٺ لک ڪيوسڪ وهڪرو ڪوٽڙي بئراج طرف جاري هوندو، 2 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪوٽڙي بئراج وٽ درياهه جو وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ يا ان کان وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو.

ٻيو خطرو انڊس ڊيلٽا کي آهي. گذريل 15 سالن کان انڊس ڊيلٽا ۾ پاڻي ويو ئي ڪونهي، يا نه وڃڻ جي برابر ويو آهي. ان ڪري ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سنڌو درياهه جي بندن جي حالت سڀ کان وڌيڪ نازڪ آهي. 8 کان 9 لک ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو گذرڻ وقت انڊس ڊيلٽا کي ٻوڏ جو شديد خطرو رهندو. اهو نه وسارڻ کپي ته ٺٽي وٽ سنڌو درياهه گهارو ڪريڪ مان گذري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. سنڌو درياهه ۾ موجود چاڙهه جي پيش نظر ان امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي ته گهاري وٽ ايندڙ پاڻي ڪراچي جو رخ ڪري، ڇو ته ڪراچيءَ جا گلشن حديد ۽ اسٽيل ٽائون جا علائقا ٺٽي کي انتهائي ويجهو آهن. حيدرآباد جي شهر ڪوٽري ۽ سکر بئراج کي بچائڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي ورهايو وڃي. هن وقت سنڌو درياهه ۾ ٻن درياهن جو پاڻي موجود آهي ۽ ٻن درياهن جي وهڪري کي ملائي هڪ درياهه مان گذاري نٿو سگهجي. ان سموري پاڻيءَ کي جيڪڏهن هڪ ئي درياهه مان گذارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته بي تهاشا تباهي ايندي. ماضيءَ ۾ سنڌو درياهه ٻن وهڪرن جي شڪل ۾ وهندو هو، هڪ وهڪرو سنڌ جي وچ مان وهندو هو. سنڌ جي وچ مان وهڻ ڪري ان وهڪري کي سنڌ جي سينڌ سڏيو ويندو هو. سينڌ مان وهندڙ پاڻي سنڌ لاءِ سنڌور جي حيثيت رکندو

هو، ان ڪري سنڌ واسي ان وهندڙ پاڻيءَ کي سنڌور يا سنڌو سڏيندا هئا. ٻيو وهڪرو ٿر جي ريگستانن مان وهندو هيو، جنهن کي هاڪڙو سڏيو ويندو هو. هاڪڙي کي مهراڻ جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي. اڄ به ٿر جي مقامي آبادي هاڪڙي جي ڦٽل پيٽ کي مهراڻو سڏيندي آهي. لفظ مهراڻو جي لغوي معنيٰ آهي وڏو پٽي يا مهاجل (مها معنيٰ وڏو ۽ ارڻو معنيٰ پاڻي) هاڪڙو پنجند جي درياهن جو پاڻي ڪٽي بهاولپور رياست مان گذري سنڌ جي ٿر مان وهندو راجستان ۾ داخل ٿيندو هو ۽ سنڌو درياهه هماليه جي پهاڙن ۽ ندين جو پاڻي ڪٽي سنڌ جي ميداني علائقن مان هندو هو. جيستائين هاڪڙو وهندو رهيو، ان وقت تائين ٿر جو ڪافي علائقو زرخيز ۽ سر سبز رهيو، پر شايد جاگرافيائي ۽ جيولوجيڪل تبديلن سبب درياهن جي وهڪرن ۾ گهٽتائي اچي وئي. ان ڪري پنجند جا وهڪرا به سنڌو درياهه ۾ شامل ٿي ويا ۽ هاڪڙو آهستي آهستي ڦٽي ويران ٿي ويو. هن وقت به هاڪڙي جو ڦٽل پيٽ پوري ٿر مان گذري ٿو، جيڪو چنڊڻ جي نالي سان روهڙي وٽان نڪري اڇڙي ٿر کان ٿيندو رتڙائو تائين وڃي ٿو. رتڙائو وٽ واري رت مائل ڳاڙهي هجڻ ڪري ان علائقي کي رتڙائو سڏيو ويندو آهي. خيرپور، ڪپرو، عمرڪوٽ، ٿرپارڪر کي لتاڙيندي چنڊڻ بدين جي علائقن مر سمنڊ وٽ پهچي ٿي.

هڪ دفعو ٻيهر سنڌو درياهه جا وهڪرا ان حد تائين پهچي ويا آهن، جتي سنڌو درياهه جي اڪيلي پيٽ ۾ ماپي نٽا سگهن، ان ڪري انهن وهڪرن کي سمنڊ تائين پهچائڻ لاءِ ٻن رخن ۾ ورهائڻ ضروري آهي. صرف هڪ رخ تي وهائي سموري پاڻيءَ کي سمنڊ تائين پهچائي نٿو سگهجي. ڪنهن وڏي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ سنڌو درياه کي ٻن حصن مر ورهائڻو پوندو. 1942ع ۾ جڏهن وڏي ٻوڏ آئي هئي ته ان وقت انگريزن سنڌو درياهه جي پاڻي کي تقسيم ڪرڻ لاءِ پاڻي جو وڏو مقدار چنڊڻ ۾ ڇڏيو هيو. 1942ع جي ٻوڏ کان پوءِ انگريزن جو اهو منصوبو هيو ته چنڊڻ يا هاڪڙي کي مستقل فلڊ ڪئنال جي حيثيت ڏني وڃي. ان مقصد لاءِ ڪم به شروع ڪيو ويو ۽ ڪپري وٽ ڪجھ لوهيون پليون هاڪڙي جي پيٽ مٿان ناهيون ويون، پر 1947ع ۾ انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ اهو ڪم اڌ ۾ رلي ويو ۽ چنڊڻ مستقل فلڊ ڪئنال ۾ تبديل ٿي نه سگهي. 1976ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. ان وقت به درياهه کي ڪٽ ڏئي پاڻي چنڊڻ مان گذاريو ويو هيو، هن وقت موجوده حڪومت، سنڌو درياهه جي پاڻي کي چنڊڻ مان گذارڻ جي بجاءِ درياهه جي پاڻي کي ورهائڻ لاءِ ڪئنال ۽ شاخون کولي ڇڏيون آهن. حڪومت جو چوڻ آهي ته چنڊڻ ۾ پاڻي ڇڏڻ سان علي واهڻ جا علائقا ٻڏندا. علي واهڻ جي علائقن کي چنڊڻ کان وڌيڪ ناري ۽ منڙائو ۽ لڳندڙ گهارن مان خطرو آهي، اهي ٻئي ڪنيال ڀرپور وهي رهيا آهن ۽ انهن ۾ پوندڙ گهارا علي واهڻ جي علائقي کي ٻوڙيندا. منڙائو ۽ نارو ڪينال فل وهائڻ سان علي واهڻ کي بچائي نٿو سگهجي. علي واهڻ





کي صرف ان وقت بچائي سگهجي ٿو، جڏهن چنڊڻ کي وهايو وڃي. چنڊڻ کي وهائڻ سان علي واهڻ سميت سموري سنڌ کي بچائي سگهجي ٿو. چنڊڻ وهائڻ سان علي واهڻ کي خطرو صرف ان وقت ٿي سگهي ٿو، جڏهن آبپاشيءَ جا عملدار نااهليءَ جو مظاهرو ڪن. جيڪڏهن چنڊڻ کي پوري احتياط سان وهايو وڃي ته علي واهڻ کي ڪو به خطرو ڪونهي. خطرو صرف انهن زمينن کي آهي، جيڪي چنڊڻ جي پيٽ ۾ آهن. اهي زمينون چند بااثر زميندارن ۽ وزيرن جون آهن، وزيرن جي انهن زمينن کي بچائڻ لاءِ چنڊڻ کي وهائڻ کان ڪيٻايو پيو وڃي. چنڊڻ ٿر جي ريگستان ۾ وڃي ٿي. هن وقت سنڌ کي بچائڻ لاءِ درياهه جو پاڻي ريگستانن ۾ ڇڏڻ کان علاوه ٻيو ڪو به بهتر حل ڪونهي. چنڊڻ روهڙيءَ مان نڪري اڇڙي ٿر ۾ داخل ٿئي ٿو. اڇڙو ٿر عام ٿر کان مختلف آهي. اڇڙي ٿر ۾ واريءَ جي ڏهڻ آهي ۽ واريءَ جي اها ڏهڻ درياهه جو وڏو پاڻي پي جذب ڪري سگهي ٿي. ٻيو اڇڙي ٿر ۾ واريءَ ۾ گهمڻ انتهائي مشڪل آهي. ان ڪري اڇڙو ٿر انتهائي غير آباد علائقو آهي. جتي آبادي نه هجڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن پاڻي اڇڙي ٿر ۾ ڇڏيو ويو ته آبادي به متاثر نه ٿيندي. ٻيو پاڻي جو اهو عام قانون آهي ته پاڻي وهڻ وقت زمين ۾ جذب ٿيندو آهي ۽ سج جي تپش تي بخارات جي شڪل ۾ اڏامندو به رهندو آهي.

ان سموري عمل کي آبپاشيءَ جي اصطلاح ۾ واٽر لاسز يا پاڻيءَ جو زيان چوندا آهن. ميداني علائقن ۾ وهڻ وقت پاڻي 55 سيڪڙو زمين ۾ جذب ٿي يا بخارات جي شڪل ۾ اڏامي ويندو آهي. واريا سي علائقن ۾ پاڻي 60 سيڪڙو کان وڌيڪ زمين ۾ جذب ٿي ويندو، صرف 35 يا 40 سيڪڙو وهڪري جي شڪل ۾ بچندو، ٻوڏ جو پاڻي جيترو زمين مر جذب ٿيندو. اوترو زير زمين پاڻيءَ جي ذخيرن کي وڌائيندو ۽ جيترو ٻاهر وهندو، اوترو تباهي آڻيندو. سنڌو درياهه ۾ مسلسل ٻوڏ ۽ بارشن سبب واٽر لاسز گهٽجي 15 يا 20 سيڪڙو رهجي ويا آهن. جو پريل هجڻ ڪري زمين پاڻي جذب نٿي ڪري. انڪري پاڻي زمين اندر گهٽ ۽ زمين مٿان گهڻو وهي ٿو، ٿر ۾ ويندڙ پاڻي زمين اندر وڌيڪ ويندو ۽ زمين مٿان گهٽ وهندو، زمين ۾ ويندڙ پاڻي ٿر جا جر ڀريندو اڇڙي ٿر جي رستي سان لڳ ڀڳ 120 ڍنڍون موجود آهن. انهن 120 ڍنڍن ۾ به درياهه جو پاڻي ڀري سگهجي ٿو، اڇڙي ٿر کان پوءِ هٿونگو وٽ 90 ڍنڍون ٻيون آهن، جيڪي به ڪافي پاڻي روڪي سگهن ٿيون. ڪپري ۽ عمرڪوٽ وٽ چنڊڻ جي پيٽ ۾ ڪجھ آباديون آهن. پاڻي ڍنڍن ۾ پرجڻ ۽ زمين ۾ جذب ٿيڻ کان پوءِ ايتري مقدار ۾ نه بچندو، جو ڪپري ۽ عمر ڪوٽ جي آبادين کي متاثر ڪري سگهي. ان جي باوجود به احتياطن انهن آبادين کي ڪجھ وقت لاءِ لڏائڻو پوندو. سانگهڙ ضلعي ۾ مشهور مکي ٻيلو آهي. اضافي پاڻيءَ جو رخ ان ٻيلي طرف به ڪري سگهجي ٿو. مکي طرف رخ ٿيڻ کان پوءِ سمنڊ ڏانهن ويندڙ پاڻيءَ جو مقدار ڪو خاص نه بچندو.

ٿر ۾ آبادي انتهائي ڇدي آهي. ان آباديءَ کي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ منتقل ڪري سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن وڏا شهر ٻڏا ته انهن جي آباديءَ کي منتقل ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو. سنڌ جا بئراج ٽٽي پيا ته ٻوڏ جو پاڻي ضابطي مان نڪري ويندو. سکر بئراج ٽٽڻ سان ٻوڏ جو پاڻي سکر، خيرپور، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، سانگھڙ ۽ حيدرآباد تائين ويندو. حڪومت جيڪڏهن چاهي ته پوري سنڌ کي وڏي تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿي، صرف احتياط ۽ عمده منصوبابنديءَ جي ضرورت آهي.



# ٻوڏ جي تباهي: سنڌ جي متاثرين جي ڪراچيءَ ۾ بحاليءَ وارو سوال

بئريسٽر ضمير گهمرو

گذريل صدي کان پوءِ هن صدي جي هي پهرين ٻوڏ آهي، جنهن سنڌ ۾ ڳوٺ، فصل، شهر تباهه ڪري ڇڏيا آهن، هونئن ته سنڌ لاءِ ٻوڏ خوشحالي ۽ ترقي جي علامت رهي آهي. پر جڏهن اها ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري وڃي ته پوءِ آفت ۾ تبديل ٿيو وڃي. هينئر به ڪجھ ائين ٿيو آهي. اهڙيون آفتون هميشه قومن کي هڪ ته ڳنڍ ڪنديون آهن ۽ ٻيو ته سنڌن کي سوچڻ تي مجبور ڪنديون آهن. بينظير جي شهادت واري سانحي جيئن سموري سنڌ کي ڳنڍ ڪيو هو، يا نسل پرستي خلاف ملهايل سنڌي ٽوپي ڏي ۽ سنڌو ڏي جيئن سنڌين کي هڪ جاءِ تي ڳنڍ ڪيو هو، هي مصيبت به ڪين اهڙي ٻڌيءَ جو چتاءُ ڏئي رهي آهي. هن آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ بي مثال ٻڌي، ايثار، قرباني ۽ رٿابندي جي ضرورت آهي.

هونئن ته ٻوڏ جي ڪري صرف ڪچو متاثر ٿيندو آهي، جيڪو هڪ فطري عمل آهي، پر هينئر جيڪو پڪو ٻڏو آهي. ان ۾ سنڌ جا ڪچي سميت سٺ کان سٺر لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن. اڃا مٿيون وهڪرو عروج تي آهي ۽ جيڪڏهن ڏهه پندرهن ڏينهن ساڳي صورتحال رهي ته سنڌ ۾ انساني تباهي جو اهو وڏي ۾ وڏو سانحو هوندو، جتي بک ۽ بيماري ۾ لکين ماڻهو پاهه ٿي ويندا. هينئر ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته ٻن قسمن جي رٿابندي ڪجي. هڪ ته ٻوڏ متاثرن جي کاڌ خوراڪ، رهائش ۽ علاج جو بندوبست ۽ ٻيو گهڻ مدي واري رٿابندي، جنهن هيٺ سنڌ جي 25 کان 30 لک جي متاثر آبادي تي ڪراچي ۾ هڪ نئون شهر اڏي آبادي ڪجي، ڇو ته ٻين جڳهن تي عوام کي مستقل آباد ڪرڻ لاءِ نه صرف وڏيڪ خرچ ايندو، پر سنڌن روزگار لاءِ مستقل بنيادن تي وڏو مسئلو رهندو، ان ڪري سرڪار کي فوري طور هڪ ته ٻوڏ ستايل ماڻهن جي کاڌ خوراڪ، رهائش ۽ علاج جو بندوبست ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو وري ميگا رٿابندي ذريعي ڪراچي ۾ 25 کان ٽيهه لک آبادي جو نئون شهر تعمير ڪيو وڃي. ان کي قائم ڪرڻ لاءِ هيٺيان دليل آهن.

## ڪچي جي آبادي جي بحالي:

هينئر ايڪهين صدي ۾ ندي جي پيٽ ۾ ماڻهن کي مستقل طور رهڻ جي اجازت ڏيڻ انهن کي بلا ڊزاسٽر جي منهن ۾ ڏيڻ جي برابر آهي. جو ته دنيا ۾ ڪٿي به هاڻي ماڻهن کي ندي جي پيٽ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪرڻ جي ڪا به رياست اجازت نٿي ڏئي سگهي. سنڌ ۾ گذريل ڪيتري عرصي کان پاڻي نه اچڻ ڪري ڪچي ۾ وڏي پيماني تي گهر، ٽيوب ويل ۽ ٻي اربين رپين جي سيڙپڪاري ڪئي وئي. جيڪا سڀ جو سڀ تباهي جي نذر ٿي وئي. جيڪڏهن اها سموري سيڙپڪاري ذهانت ۽ رٿابنديءَ سان ڪئي وڃي ها ته هينئر ڪچي جي اٽڪل 35 (پنجٽيهه) لک ماڻهن کي دربدريءَ ۽ تباهي جو منهن نه ڏسڻو پوي ها. ان ڪري ڪچي ۾ ماڻهن کي مستقل رهائش اختيار ڪرائڻ دراصل ماڻهن جي تحفظ ۽ آبادڪاري کان ڪن لاٽار ڪرڻ آهي. جو ته سنڌو ڪنهن به وقت اربين رپين جي پڪين اڏاوتن، گهرن، سامان ۽ سموري الهه تلهه کي ٻهاريو وڃي. ان لاءِ سرڪار جو اهو فرض آهي ته ڪچي جي زمين کي وڏي پيماني تي ماحوليات ۽ جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ استعمال ڪري، اتي صرف پاڻي ۾ مهارت حاصل ڪندڙ بردارين جهڙوڪ ملاحن کي گذر سفر ڪرڻ ۾ سو به وڏي تحفظ سان جي اجازت ڏني وڃي ۽ ڪچي جي 35 لک ماڻهن کي مستقل طور تي آباد ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺي جو ته ڪنهن به ايڏي وڏي آبادي کي بلا ڊزاسٽر جي منهن ۾ ڏيڻ رياست جي ناڪامي آهي. ان ڪري ئي سنڌ جي اضافي آبادي پنهنجي راڄڌاني ڪراچي رخ ڪرڻ بدران اتي رهڻ کي ترجيح ڏني آهي. ان جا ڪيترائي سبب آهن جنهن ۾ سڀ کان وڏو سبب لاڙڪاڻي، سکر ۽ ڪراچي ۾ فاصلي کي هٽرادو وڌائڻ وارو عنصر ڪارفرما آهي.

## سکر ڪراچي مفاصلو:

پهرين نواز شريف سرڪار جڏهن ملڪ ۾ موٽر وي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ته هنن چيو هو ته اسين موٽر وي اهڙين جاين کان شروع ڪنداسين جتي سڀ کان وڌيڪ ٽريفڪ هوندي، جيئن ته ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ ٽريفڪ ڪراچي ۽ سکر وچ ۾ آهي ۽ ان کان پوءِ ڪوئيٽا، پشاور ۽ لاهور ڏانهن ڇڏبي ٿي وڃي ٿي. ان ڪري پهريون موٽر وي ڪراچي ۽ سکر وچ ۾ ٺاهڻ بدران لاهور ۽ پنڊي ٻيو پشاور پنڊي ٽيون لاهور- فيصل آباد ۽ هينئر چوٿون فيصل آباد- ملتان وچ ۾ ٺهي رهيو آهي. ملڪ جي نام نهاد نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، پنجاب هاءِ وي اٿارٽي ٿي وئي آهي ۽ انتهائي چالاڪي ڪري اڄ ڏينهن تائين سکر ۽ ڪراچي کي ويجهو ڪرڻ لاءِ موٽر وي ٺاهڻ کان ڪن لاٽار ڪئي وئي ته جيئن سکر کان ڪراچي اچڻ لاءِ سنڌي عوام مصيبت ۾ هجي. لاهور ۽ راولپنڊي وچ ۾ مفاصلو چار سئو نوي (490 ڪلوميٽر آهي. جيڪو ڪوچ





تي چئن ڪلاڪن ۾ ڪار تي ساڍن ٽن ڪلاڪن ۾ طئہ ٿئي ٿو، جڏهن ته ٽول پلازا ڪراچي کان سکر جو 430 ڪلوميٽر آهي. جيڪڏهن موٽر وي ٺهيل هجي. ٽن کان چئن ڪلاڪن ۾ سکر کان ڪراچي پهچڻ جي سنڌي عوام کي سهولت ڏني وڃي ته سنڌين جو رخ ڪراچي هجي ها. ان سبب ڪري اڄ ڏينهن تائين توڙي جو ڪراچي- حيدرآباد موٽروي منظور به ٿي چڪو آهي، پر ڪم اڃا تائين شروع نه پيو ڪيو وڃي. لاهور کي پنڊي تائين پهچڻ لاءِ هڪ موٽر وي ۽ ٻيو جي ٽي روڊ آهي، پر سکر کان ڪراچي لاءِ هڪ روڊ آهي. جنهن جي ٻارنهن مهينا مرمت هلندي رهندي آهي. ڪراچي- سکر موٽر وي نه ٺاهڻ، سنڌين کي پنهنجي راڄڌاني کان ڪٽڻ برابر آهي ۽ ٽيو به ائين آهي. ڪراچي ويجهو هجڻ باوجود ڄڻ اسان لاءِ تمام ڏور آهي. ٺٽي ۽ ڪراچي وارو روڊ به هميشه خراب رهي ٿو. اهڙي طرح بدين ۽ ٺٽو به جهڙو گڏ هوندي به ڪراچي کان ڏور آهن.

## لاڙڪاڻو_ ڪراچي مفاصلو:

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته انگريز آفيسر اٺن ذريعي گڏاپ کان نئنگ ۽ فريد آباد وارو رستو وٺي لاڙڪاڻي پهچندا هئا. گڏاپ کان نئنگ ۽ فريد آباد (لڱ ميهڙ) وارو رستو ٺاهيو وڃي ته لاڙڪاڻي کان ڪراچي اڍائي ڪلاڪن ۾ پهچي سگهجي ٿو، گڏاپ کان نئنگ کي ملائڻ لاءِ وچ ۾ رڳو هڪ جبل جي بلاسٽنگ ڪرڻي پوندي ۽ بهترين روڊ ٺاهڻ لاءِ اوهان کي ڪا ايڏي وڏي رقم درڪار به نه هوندي. وڌ ۾ وڌ پنج ارب رپيا. اوهين لاڙڪاڻي کان ڪراچي تائين سنڌو جي سموري ساڄي ڪناري کي ڪراچي سان ڳنڍي ان سموري علائقي کي واپار جو مرڪز بڻائي سگهو ٿا، جيڪو انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ۽ سنڌو تي بئراجن ٺهڻ کان پوءِ پستي جو شڪار رهيو آهي.

## لاڙڪاڻو_ گڏاپ رستوءِ هل اسٽينشز:

لاڙڪاڻو، دادو، گڏاپ رستي سان سنڌ جون چار وڏيون هل اسٽيٽشز آهن. جن ۾ ڪتي جي قبر، ڪرچاٽ، گورک ۽ بدو جبل مشهور آهن. ڪتي جي قبر تائين جيڪڏهن پنڊي- مري جهڙو رستو ٺاهيو جي، اهو فاصلو صرف چاليهن منٽن جو هوندو. لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر توڙي ان علائقي ۾ مختيارڪار رهندڙ جڳ مشهور شخصيت مرزا قليچ بيگ اونهاري ۾ ٽي مهينا ڪتي جي قبر تي رهندا هئا. سنڌ جو ڪمشنر به اونهاري ۾ ڪتي جي قبر تي قيام ڪندو هو، پر هي ملڪ ٺهڻ کان پوءِ ان تي ڪڏهن به نه سوچيو ويو ته لاڙڪاڻي- ڪراچي کي ملائي اتر سنڌ کي ڪراچي ڏانهن اسيس (رسائي) ڏجي ته جيئن اتر جو ماڻهو پنهنجي راڄڌاني کان اوپرو نه رهي.

اهڙي رٿابندي ذريعي اتر سنڌ جا لکين ماڻهو ڪراچي جي مارڪيٽ سان مليل هجن ها ۽ لاڙڪاڻي جو واپاري ساڳي ڏينهن ڪراچي مان موٽي اچي ها. 1948ع ۾ جڏهن ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري مرڪز جي تابع ڪيو ويو ته ڪراچي مان سنڌين جي بي دخلي ۽ پنهنجي راڄڌاني تي مالڪي نه هجڻ ڪري ڪين سياسي يتيم ٿيڻو پيو ۽ مرڪز ڌارين جي آبادڪاري ڪرائي سنڌين کي سياسي طور بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ جي راڄڌاني سان بهتر مواصلاتي نظام ذريعي لاڙڪاڻي سکر جو رابطو هجي ها ته اڄ ڪراچي جي حيثيت اهڙي نه هجي ها. جو برسات سٽيل ماڻهن تي هتي ڌاريا حملو ڪن ها. اسان کي لاڙڪاڻي کان گڏاپ تائين جبل سان گڏ ڪيترائي شهر، هل اسٽيشنس ۽ ڪراچي تائين لاڙڪاڻي کان اڍائي ٽن ڪلاڪن ۾ رسائي هجي ها ۽ هينئر ٻوڏ ستايل عوام کي آساني سان ڪراچي ۽ ٻين جاين تائين پهچائي سگهجي ها. لاڙڪاڻو- حيدرآباد رستو يا لاڙڪاڻو- ڪوٽڙي رستو تڏهن استعمال ٿيڻ لڳو. جڏهن انگريزن ڪوٽڙي- دادو ريلوي سرشتو وڌايو. جنهن ڪري دادو، ڦلجي ۽ راڌڻ شهر اڀٽي وڌيا. پر فريد آباد، ماڏو، جوهي، نئينگ پوئتي هليا ويا. لاڙڪاڻي کان سنڌين کي پنهنجي سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ ست اٺ ڪلاڪ لڳيو وڃن. جو ته پهريون لاڙڪاڻو کان ڄامشوري اچڻو پوي ٿو، جڏهن ته لاڙڪاڻو، جوهي، ڇني يا نئينگ واري رستي تان ڪراچي گڏاپ تائين اڍائي سئو ڪلوميٽر جو رستو آهي. اسان ته سنڌ جي مارڪيٽ، رستن هل اسٽيشنس تي ريسرچ ڪئي آهي، نه وري سنڌ جي ڊيمو گرافي کي پرکيو آهي. جنهن ڪري سامراج ڊيمو گرافي کي استعمال ڪري سنڌي سمنڊ پنهنجي هٿ ڪري ڇڏيو آهي.

## گڏاپ_ سونمياڻي:

ويهين صدي جي شروعات يا اڳ ۾ گڏاڻي ۽ سونمياڻي تائين به سنڌين جي رسائي عام هوندي هئي ۽ دريجي توڙي لسٻيلي جنهن ۾ هاڻي به نوي سيڪڙو سنڌي رهن ٿا. اسان جو تڪڙو رابطو هوندو هو، دريجي ۾ ته هينئر به جوهي جا- فون نمبر ڪم ڪن ٿا، اهي ان ڪري تهذيبي طور ان رستي کي ڇڏي لسٻيلي، دريجي، گڏاڻي ۽ سون مياڻي واري سمنڊ کان به ڪٽجي وياسين. ان ڪري تمام وڏو مارڪيٽ، جيڪو ان سموري علائقي تي مشتمل هجي ها ۽ سنڌ جي خوشحالي جي ضمانت هجي ها، نه رڳو وڃائي ويٺاسين، پر ڪراچي تي رسائي نه هجڻ ڪري اتان دربدر ٿي وياسين، نئينگ ۽ گڏاپ وچ ۾ ٿورو مفاصلو آهي ۽ هينئر به ماڻهو پٽريلن رستن مان سوا ڪلاڪ ۾ گڏاپ پهچيو وڃن. سنڌ سرڪار يا ٽوئرزم واري ڊپارٽمينٽ ان تي سيڙپڪاري سان اسين ڪيترا مارڪيٽ، هل اسٽينشن ۽ خوشحالي جا انبار آڻي سگهون ٿا. سنڌ جي ڊيمو گرافي کي ڪڏهن به سياست سان نه جوڙيو يو





آهي. ايڪوهين صدي ۾ لاڙڪاڻي جو ماڻهو ڇهن ڪان اٺن ڪلاڪن ۾ ڪراچي رسي ٿو، جنهن کي اڍائي ڪلاڪن ۾ رسڻ گهرجي.

## ڪراچي تائين رسائي

ڪراچي تائين رسائي ٿر ۽ بدين کي به وڏي عرصي ۾ حاصل ٿي آهي. ڇو ته صوبي ۾ رهندڙ ڌارين آفيسرن ۽ هينئر به رٿابندي ڪندڙن جي وڏي ڪوشش آهي ته بدين. سکر ۽ لاڙڪاڻي کي ڪراچي رسائي نه هجي. ان ڪري ٺٽي- ڪراچي وارو روڊ تباهه آهي سکر- ڪراچي موٽر وي ڄاڻي واڻي نٿو ٺاهيو وڃي ۽ لاڙڪاڻي کي گڏاپ سان ملائڻ لاءِ سنڌ سرڪار وٽ ڪا به رٿابندي نه آهي. پنجاب ۾ ملتان کان فيصل آباد تائين موٽر وي ٺهڻ سان ملتان- پنڊي مفاصلو گهٽجي چار ڪلاڪ ٿي ويندو، ڇو ته ڪين پوءِ لاهور نه وڃڻو پوندو، پر اسين ته سانگهڙ- خيرپور کي به ڇڳي نموني نه ملائي سگهيا آهيون. اسان جي صدر جو لاڙڪاڻي جي ترقي تي خاص ڌيان آهي. ان ڪري ڪتي جي قبر تي بهترين رستو ٺاهي ۽ لاڙڪاڻي کي گڏاپ سان ملائي هو سنڌ تي وڏو احسان ڪري سگهي ٿو، پ پ سرڪار جيڪڏهن اهو ڪم ۽ سکر کان ڪراچي موٽر وي ٺهرائي ته به سنڌي ڪراچي کي ويجها ٿي سگهن ٿا. پر حيدرآباد- ڪراچي موٽر وي منظور ٿيڻ باوجود ان تي ڪم شروع نه ڪيو ويو آهي ۽ اين ايچ اي رڳو پنجاب ۾ موٽر وي ٺهرائي رهي آهي.

## ڪراچي ۾ آفت سٽيل علائقا

هينئر آفت سٽيل علائقن مان ڪراچي پهچڻ ۽ ماڻهن کي سفري سهولتون نه هجڻ ڪري سخت ڏکيائي اچي رهي آهي. پوءِ به ٻن لکن کان مٿي ماڻهو ڪراچي پهچي چڪا آهن. پر اهي مختلف علائقن ۾ پنهنجي پنهنجي مائٽن، دوستن يا واسطيدارن وٽ رهيل آهن. سرڪار ڪراچي ۾ ٽينٽ سٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو آهي. جيڪو تمام سٺو عمل آهي. ڇو ته ڪراچي ۾ روزگار جا ذريعا آهن. زمين آهي. ان ڪري ٻوڏ متاثرين کي اتي آباد ڪرڻ ۾ سرڪار کي نه ته تڪليف ايندي ۽ نه وري ٻوڏ متاثرين کي جيڪب اباد کان روهڙي تائين ته ٽرين سروس شروع ڪئي وئي آهي. پر روهڙي کان ڪراچي لاءِ جوڳا بندوبست نه آهن. سرڪار کي سياسي تنظيمن کي ٻوڏ سٽيلن لاءِ ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪرڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي ۽ ڪراچي ڏانهن ئي ڪين آباد ڪرڻ گهرجي. ڇو ته هونئن به ههڙي وڏي آفت جي ڪري ڏهه پندرهن لک ماڻهو ڪراچي ايندا پر سرڪار جيڪڏهن ڪين پلاٽ ڏيڻ“ روزگار ڏيڻ لاءِ بندوبست ڪري جيڪو هروڀرو ايڏو مشڪل هرگز نه آهي ته 25 کان 30 لک

سنڌين کي ڪراچي ۾ آباد ڪري آباديءَ کي توازن ۾ آڻي سگهجي ٿو ۽ ماڻهن کي مصيبت کان بہ بچائي سگهجي ٿو. ان ڪري سرڪار کي ماڻهن کي ٻي هنڌ آباد ڪرڻ بجاءِ ڪراچي ۾ ميگا سٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ جنهن طريقي سان جڙتو طريقا استعمال ڪري ڪراچي کي سنڌين کان ڏور رکيو ويو آهي. فطرت هن آفت ۾ سنڌين کي پنهنجي راڄڌاني ۾ آباد ڪرڻ ۽ ان جي مالڪي ڪرڻ جو بهترين موقعو ڏنو آهي. سرڪار جيڪڏهن ان موقعي کي غنيمت سمجهي استعمال ڪري ٿي ۽ سنڌي عوام جي آبادڪاري لاءِ هڪ ڪابينا ڪميٽي جوڙي مڪمل رٿابندي ڪري ٿي تہ سموري سنڌ سندن ڳڻ ڳائيندي، نہ تہ اربين رپيا ايندڙ امداد ڪامورن ۽ وچوارن جي حوالي ٿي ويندي، ۽ ٻوڏ مان سنڌين کي مستقل نقصان رسندو.

## اسلام آباد ۽ امداد

اسلام آباد کي هن مهل تائين آمريڪا، ورلڊ بئنڪ، آءِ ايم ايف ۽ ٻين ڪيترن ملڪن کان بہ سئو ارب کان وڌيڪ رقم ملي چڪي آهي. اندرون ملڪ پڻ جيڪي فنڊ قائم ڪيا ويا آهن. انهن مان سرڪار کي سوين ڪروڙ ملڻ جو اندازو آهي، پر هينئر تائين سنڌ سرڪار کي پائي بہ نہ ملي آهي. وفاقي سرڪار کي گهرجي تہ مختلف ملڪن مان سندس مليل رقم جا انگ اکر عوام آڏو پڌرا ڪري ۽ اهي مختلف صوبن کي حوالي ڪرڻ وقت انصاف پريو اصول اپنائي پنجاب ۽ سرحد ۾ بہ ٻوڏ تباهي آندي آهي. ظاهر آهي اتي بہ رقم درڪار آهي. پر هن دفعي سنڌ سان هميشه وانگر ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ نہ ٿيڻ گهرجي. بہ سئو ارب رپين مان گهٽ ۾ گهٽ ستر ارب فوري طور سنڌ حوالي ڪيا وڃن تہ جيئن سنڌ سرڪار فوري طور پنهنجي ماڻهن جي نہ رڳو واهر ڪري، پر انهن کي آباد ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي. سرڪار کي گهرجي تہ ڪراچي ۾ پيل لکين ايڪڙ سرڪاري زمين ٻوڏ متاثرين ۾ پلاٽن جي صورت ۾ ورهائي ۽ بهتر پلاننگ ذريعي انهن کي بهترين شهري سهولتون فراهم ڪري اهائي سنڌ جي وڏي خدمت هوندي. ان ڪانسواءِ آبپاسي ۽ شهري نظام کي مڪمل طور بهتر بڻايو وڃي ۽ ڪچي بابت پاليسي جو اعلان ڪيو وڃي.





# سنڌ جا لٽيل صبح ۽ اجڙيل شامون

شبنم گل

سنڌ جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ اسان ڪيئي خوبصورت منظر ڏٺا آهن. سرسبز ٻنين جي وچ ۾ ڪچا گهر، جن جي اڱڻن ۾ ڪٽن تي وڇايل ٽڪ جون خوبصورت رليون. ماٽي ولوڙڻ جا آواز، مال جي ڳچين ۾ ٽلين جي موسيقيءَ سان گڏ مٽي ۽ وڻن جي بيخود ڪندڙ خوشبوءِ.... عورتون ڦٽيون چونڊڻ وڃن يا کوه تان پاڻي ڀرڻ، سندن چهرن تي پرهه ڦٽيءَ جو منظر ۽ سريلا ٿڪ پيا فضائن ۾ ترندا هئا. عورتون گهرن ۾ ٽڪ جون رليون ناهين. پرت پرين، سلائي ڪن يا ٻنين ۾ پوک ۾ رڌل نظر ايندين هيون. حالتن ۾ بهتري هئي. ٿي ويلا ماني ڪائي سگهندا هئا. ڪير، مکڻ ۽ ڏڌ جي اٽاٽ نظر نہ ايندي هئي.

پر اهي سمورا منظر سڪل گل جي پنکڙين جيان وکري ويا آهن. سنڌ جا ڪيترائي سرسبز آباد علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي چڪا آهن. اهي منظر ياد ڪيون ٿا تہ لڳي ٿو. اکين پٽيان جهليل برسات ۾ سنيالي رکيل حوصلو بہ لڙهي ويندو جن جي مرڪن ۾ پنهنجون مرڪون ۽ لڙڪن ۾ پنهنجا لڙڪ پسندا رهيا آهيون. اهي سڀاجها، پيارا جهنگن جا جهانگيئڙا پنهنجا گهر ۽ وٿاڻ ڇڏي دربدر ٿي چڪا آهن. گهر هر ڪنهن کي پيارو ٿئي ٿو. اباڻا ڪک اکين ۾ روشنين کي جيئرو رکندا ايندا آهن. جن سان انسان جي هڪ عجيب انسانيت ٿئي ٿي. گهر بہ ماءُ جي جهوليءَ جيان ٿئي ٿو، پيار جو هڪ گهاٽو ڇانورو، چاهي ٽٽل ڦٽل ڪکن پنن جو ٺهيل ڇو نہ هجي. اهو آسرو کسجي وڃي تہ انسان لاءِ زمين تي ان کان وڌو ڪو ٻيو هاڃو نٿو ٿي سگهي. اهي نکور صبحون، سرسبز ۽ ساوا منظر، زندگيءَ جا پڙلاءَ، پيار جي پنهنجائپ وڃائجي وڃي تہ زندگي وقت جي رک ۾ ڇٽنگ ٻڌجي ٻرڻ اجهامڻ لڳي ٿي. ڏک تہ ڏک آهن پر بي آسرا ٿي وڃڻ جو ڏک ئي عجيب ٿئي ٿو، چوندا آهن تہ ڏک ان وقت دل جي گهراين کان محسوس ٿيندو آهي. جڏهن ٻنهي ماڻهن جا تجربا ساڳيا هجن. گهر جي گرمي ۽ پناهه ۾ رهندڙن کي پنهنجي اجهي کان محروم ماڻهن جي ڏک جي

کهڙي پروڙ....!؟ ڳالهه اجتماعي شعور جي آهي. لڙڪن ۾ پنهنجا لڙڪ، ۽ مرڪن ۾ پنهنجون مرڪون پسڻ جو هنر ئي ته آهي. جيڪو هڪ انسان کي ٻئي انسان سان تعلق جي ڏور ۾ ڳنڍيو ٿو ڇڏي. ڳالهه انفرادي سوچ، سک ۽ فائدي جي ناهي، انفرادي سوچ رکندڙ قومون سدائين اڪيلون ۽ ڇڙ وڇڙ رهن ٿيون، ٻڏي ۾ جيڪو ذهني سڪون ۽ محبت ۾ ميناج آهي. اهو ورهائجي وڃڻ ۾ نه آهي. اسان کي اهي سمورا سادا، سڪيا ستابا علائقا تا ياد اچن ته دل ٻڏندي محسوس ٿئي ٿي. مرڪون وڃائجي ويون آهن. اکين ۾ درياهه اٿلي پيا آهن. ماڻهو بي يارومددگار آهن. امدادي ڪارروايون ناڪافي لڳن ٿيون. هن وقت ماڻهن کي هر قسم جي امداد جي شديد ضرورت آهي. ڇيو وڃي ٿو ماڻهن ۾ اهو جذبو نه رهيو آهي. سياسي پارٽين ۾ به اهو دم خم ڪونهي، حڪومت جي عملدارن جا لهجا به خالي لڳن ٿا. ڪا تڙپ، ڪو پڇتاءَ يا احساس ندامت ڪونهي، نه ئي ڪوتاهي کي مڃڻ جي جرئت محسوس ٿئي ٿي، نه ڪٿي پڇتاءَ جي تلافي ڪرڻ جي ڏن باقي آهي. پنهنجن جي درد کي ڪو پنهنجو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو، چاهي تجربن م هڪجهڙائي نه هجي. اسان ڪڏهن ٻن ڏينهن جي بک نه ڪاٽي هجي. ڪڏهن بي گهر نه ٿيا هجون ڪڏهن ڪنهن ڏانهن آس وندين اکين سان نه ڏٺو هجي، چاهي ذات جي غرور ۾ گم هجون پر آهيون ته سنڌ واسي... اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو ته سنڌوءَ جو پاڻي رڳن ۾ ڊوڙندو هجي ۽ صوفين جي سرزمين تي ساهه کڻندا هجون، ماءُ جي هنج جهڙي ڌرتي تي رهندي، ڌرتيءَ جي ڏکن کان غافل ٿي وڃون!... ڪيئن مممڪن آهي ته پنهنجي اٻوجهه مسڪين ۽ محبت ڪندڙ آس وندين اکين کي وساري ويهون! سنڌ جا ڳوٺ ۽ ٻهراڙيون خلوص ۽ محبت جي جذبن سان سرشار آهن. اتي شهرن ۾ رهندڙ ڪاغذي گلن جهڙا جذبا نه آهن. بلڪ اهي هڪ تازي گلاب جيان مهڪندا رهندا هئا. اڄ اها خوشبوءِ ڪٿي وڃائجي وئي آهي. ائين اسان اڃا تائين غفلت جي ننڊ ۾ پيا آهيون. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته وڃائڻ لاءِ اڃا ڇا باقي آهي؟ آبپاشي کاتي جي نااهلي سراسر نظر اچي ٿي. ايندڙ خطري جي پيش نظر جيڪڏهن وقت سربندن کي مضبوط ڪيو وڃي ها ته ڇا صورتحال اڄ ايتري بدتر هجي ها!؟ ڪجهه وقت اڳي قاسم آباد جي سحرش نگر وٽ ٻه هزار فوٽ جو بند ڏنل هو، جتي چار ايڪسڪويٽر ۽ ٽريڪٽر بند جي پاڙن مان مٽي ڊوئيندي نظر ايندا هئا. فقط چند پئسن جي لالچ ۾ ان مضبوط بند کي کوکلو ڪيو ويو. ڪير به ان عملدار کان پڇا ڪرڻ وارو نه آهي ته هن فقط چند پئسن جي لالچ ۾ ٻه هزار فوٽ ويڪرو بند ڇو کوٽائي ڇڏيو؟ هاڻي جيڪڏهن حيدرآباد کي ڪو نقصان پهتو ته ان جو ذميوار اهو آفيسر هوندو، هتي جنهن کي جيڪو وڻي ڪري ٿو، ادارن تي ڪا نظر ثاني ڪونهي، ماتحت اعليٰ عملدارن کي رشوت ڏيئي خوش ڪري وينا آهن، هر غلط ڪم رشوت جي آڙ ۾ ٿي رهيو آهي. اسان جي ادارن ۾ نظم و ضبط، ايمانداري ۽ وقتائتي منصوبابندي جي کوٽ آهي.





سنڌ جا علائقا ٻوڏ جي حوالي سان خطرناڪ ڄاڻائڻ باوجود، انهن علائقن ۾ ريسڪيو ٽيمون ڏڪيءَ ويل نه پهچي سگهيون. ماڻهن کي جيڪڏهن گاڏيون مهيا ڪري کين محفوظ جڳهه تي منتقل ڪجي ها ته شايد سندن ايترو جاني يا مالي نقصان نه ٿئي ها.!

سنڌ جي عوام ۽ سياستدانن ۾ فاصلا سدائين کان رهيا آهن. عوام هر دور ۾ بدحال ۽ حڪمران خوشحال ۽ بي خبر هوندا آهن. اها روش تاريخ جي صفحن ۾ پڻ بند آهي. چارلس نيپئر جي سنڌ اچڻ واري دور ۾ سنڌ جي عوام ۽ ان وقت جي حڪمرانن ۾ ڪو به عوامي رابطو نه هو، محمود غزنوي به ان سوچ تي پنهنجي هنن لفظن جي مهر هڻي ڇڏي ته ”عوام جو ڪم رڳو اطاعت ڪرڻ آهي، نه ڪي وڙهڻ.“ سنڌ جو عوام هر دور ۾ حڪمرانن جي اطاعت ڪرڻ تي مجبور آهي. شايد سنڌ جي سياستدانن جي سوچ به محمود غزنوي جي خيالن سان متفق هجي! ٻاهران آيل حڪمرانن سنڌي ماڻهن کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو ۽ هر دور ۾ اٻوجهه سنڌي اها برتري تسليم ڪندا پيا اچن. هو پنهنجن ۽ پراون جي ذهني غلاميءَ جي اثر کان اڄ تائين آجا نه ٿي سگهيا آهن. هن ملڪ جي جمهوريت اسان لاءِ ڪارلائل جي واري اصطلاح مطابق، سنڌي ماڻهن لاءِ هڪ ڏائڻ جو ڏيک ڏيندي رهي آهي. ڇو ته سندن حقن جا ترجمان وڏيرا ۽ زميندار آهن. جيڪي ووٽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ عوام تي اطاعت جي مهر هڻي پنهنجي فرضن کان غافل ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اڄ سنڌ جو عوام ائين لاوارث بڻجي نه ٻڏي ها! قدرتي آفت پنهنجي جڳهه تي، پر ان کان بچڻ لاءِ ترت اپاءَ نه وٺڻ، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه نه هجڻ، ٻي گهر عوام جي درد کي دل جي گهراين سان نه محسوس ڪرڻ ۽ سندن نقصان جي تلافي بروقت نه ڪري سگهڻ وارو رويو ڇا ان ڳالهه جي نشاندهي نٿو ڪري ته عوام جا چونڊيل نمائندا انفرادي سوچ ۽ ذاتي فائدن کي ترجيح ڏين ٿا! ذُالفقار علي ڀٽو اهو واحد سياستدان هو. جنهن پورهيتن ۽ محنت ڪندڙ طبقي جي حقن جي ڳالهه ڪئي. لاڙڪاڻي ۾ ڀٽو صاحب ۽ ايوب کهڙو اليڪشن جي مهم تي نڪتل هئا ته ڪنهن کهڙي صاحب کي ٻڌايو ته ڀٽو صاحب باگڙين جي وچ ۾ ويٺو اهي. اهو ٻڌي هن ذهني شڪست قبول ڪئي ته جيڪو ماڻهو ڇڳل ڪٽن ۽ پراڻن تنبن ۾ ويٺو آهي. اهو واقعي عوامي نمائندو ٿي سگهي ٿو. اڄ جا هي عوامي نمائندا متاثرين جي دلجوئي لاءِ گاڏين ۽ گاردن جي جلوس ۾ نڪرن ٿا. عوام جي سهائتا لاءِ نڪرندڙ انهن عوام جي چونڊيل ڪامورن جو پروٽوڪول ۽ ڏيکاءُ ڏسڻ وٽان آهي. توهان هڪ رات کليل آسمان هيٺان عوام سان گڏ گذاري ته ڏسو! عوامي ڪپڙا پائي عوامي ميڙن ۾ زمين تي ويهي ساڻن ڪچهري ته ڪيو جيئن اٻوجهه عوام کي يقين اچي ته توهان سندن حقن جي تحفظ لاءِ معمور ڪيا ويا آهيو، سندن رهبر، پرجهلو ۽ هڏ ڏوکي آهيو.

اڄ جڏهن سموري سنڌ ۾ روڄ راڙو متل آهي. ماڻهن جا مال مويشي لڙهي ويا

آهن. قيمتي جانين جو نقصان ٿيو آهي. اهڙي وقت ۾ لطيف آباد، قاسم آباد ۽ سحرش نگر جا ماڻهو بندن تي پهرا ڏيئي رهيا آهن ته ٻئي طرف ڪچي واري علائقي ۾ سرڪار کان ڪٽت واري زمين تي رٽائرڊ ڪامورا پنهنجا ووٺ ۽ ڪيلي جي فصلن کي بچائڻ لاءِ هيوي مشينن ۽ سوين ٽريڪٽرن جي مدد سان پنهنجا باغ بچائڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. ڪچي وارو اهو علائقو اڳي سنڌوءَ جو وسيع پيٽ هو، اتي درياهه ورهائجي ويندو هو ۽ پاڻيءَ جو زور گهٽجي ويندو هو. سرڪاري ڪٽت جي ڪري ٻيلا ۽ سنڌوءَ جو پيٽ ڪٽي هٽرادو بند ٻڌايا ويا آهن. اتي ڪيٽين ۾ روڊ رستا، عاليشان عمارتون ۽ ٽرانسفارمر هٽايا ويا آهن. هاڻ جڏهن سنڌ ٻڏي رهي آهي ته اهي بااثر ماڻهو پنهنجا باغ، ڪيٽيون بچائڻ لاءِ ڳورين مشينن ۽ سوين ٽريڪٽرن سان سنڌوءَ جي بندن کان ٻه وڏا بند ٻڌي پنهنجا اثاثا بچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. ڇا اها مشينري هن خطري جي وقت شهرن کي بچائڻ لاءِ استعمال نٿي ٿي سگهي!

ٻوڏ جا ستايل تڪليف ۾ آهن. ڪين ڳالهين بدران عملي طور مدد جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جا سجاڳ ذهن، اين جي اوز ۾ ڪم ڪندڙ نوجوان، شاعر ۽ اديب اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن هنن اڄ ڏکيءَ ويل ۾ سنڌي قوم لاءِ ڪجهه نه ڪيو ته عوام جو سندن لفظن تان ٻه اعتبار ڪچي ويندو.!





# سپر فلڊ ۽ حيدرآباد شهر جي سلامتي

**محمد ادريس راجپوت**

گڊو بيراج تي چوٽيءَ وارو وهڪرو 11 لک 48 هزار ڪيوسڪ 8 آگسٽ تي 12 بجي منجهند ٽيڻ ڪان پوءِ شام 4 بجي لهي 11 لک 33 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو. انهيءَ حساب سان اتي چوٽيءَ وارو وهڪرو 28 ڪلاڪ هليو، سکر تي چوٽيءَ وارو وهڪرو 24 ڪلاڪن ڪان پوءِ 9 آگسٽ تي منجهند 12 بجي پهتو ۽ اهو 11 لک 30 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ٿيو. اهو پاڻي سکر بيراج تي 60 ڪلاڪ هلڻ ڪان پوءِ 11 آگسٽ تي رات 12 بجي گهٽجي 11 لک 13 هزار ڪيوسڪ رهجي ويو. معنيٰ ته گڊو تي چوٽيءَ وارو وهڪرو 24 ڪلاڪ رهيو ۽ سکر تي 60ڪلاڪ اهو پاڻي 24 ڪلاڪن ۾ سکر پهتو، گڊو بيراج جي ڪاٻي مارجينل بند ۾ ڪنڌ ۽ ٽوڙي بند ۾ ڪنڊ ڪان پوءِ ٻه 98 سيڪڙو پاڻي سکر تي پهتو. ٻنهي ڪنڊن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار ڪيوسڪ پاڻي وهيو هوندو. معنيٰ ته گڊو بيراج تي اٽڪل 12 لک ڪيوسڪ پاڻي هيو هاڻي اڃو ڏسون ته ڪوٽڙي بيراج تي گهڻو پاڻي پهچڻ جي اميد آهي. اهو ڪڏهن پهچندو ۽ ڪوٽڙي بيراج تي اهو چوٽي وارو وهڪرو گهٽا ڏينهن هلندو؟

مستقبل جي اڳڪٿي 2 جوڙ 2 برابر 4 واري ڳالهه ناهي. انهيءَ ۾ ڪيترا Variable اچي وڃن ٿا. جن جي ڪري اڳڪٿي 100 سيڪڙو صحيح نٿي ٿي سگهي. مثلن وچ ۾ نين جو پاڻي اچڻ، درياهه ۾ ڪي رنڊڪون اچڻ جيئن پل، ڪچا بند وغيره، مان ان اڳڪٿي لاءِ گذريل سپر فلڊن جو تجزيو ڪندس ۽ انهيءَ جي بنياد تي مٿين ٽن سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوش سڪندس.

## ڪوٽڙي بيراج تي گهڻو پاڻي پهچڻ جي اميد آهي؟

ٻوڏ وارا سال جن ۾ تمام گهڻو پاڻي آيو آهي. 1955-1956-1958-1973-1975-1978-1986-1988-1992- ۽ 1995ع سالن دوران سکر کان هيٺ گهڻو پاڻي هليو، ڪوٽڙي تي گهڻو پهتو ۽ پهتل پاڻي جو سيڪڙو ڇا رهيو، جا تفصيل هن ريت آهن. سال 1955ع ۾ سکر کان هليو 7.65 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري تي پهتو 8.04 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي جو سيڪڙو ٿيو 105 ڪيوسڪ معنيٰ وچ ۾

برساتن سبب نين جو پاڻي بہ مليو هو. سال 1956ع ۾ سکر کان هليو 9.79 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري پهتو 9.81 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي ٿيو 100 سيڪڙو. معنيٰ ان سال بہ رستي ۾ نين جو پاڻي مليو. سال 1958ع ۾ سکر کان هليو 10.5 لک ڪيوسڪ، ڪوٽڙي تي پهتو 7.64 ۽ پهتل پاڻي 73 سيڪڙو ٿيو. سال 19732ع ۾ سکر کان هليو 10.76لک ڪيوسڪ ، ڪوٽڙي کي پهتو 8.11 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي ٿيو 75 سيڪڙو سال 1975ع ۾ سکر کان هليو 10.24 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري تي پهتو 4.90 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل سيڪڙو ٿيو .48 سال 1976ع ۾ سکر کان هليو 11.61لک ڪيوسڪ، ڪوٽڙي تي پهتو 7.65 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي هيو 68 سيڪڙو . ياد رهي تہ سکر بيراج تي 1976ع ۾ وڏ ۾ وڏ چوٽيءَ وارو وهڪرو رڪارڊ ٿيو هو. سال 1978ع ۾ سکر بيراج تان هليو 10.92 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري بيراج تي پهتو 7.22 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي ٿيو 66 سيڪڙو. سال 1986ع ۾ سکر بيراج کان هليو 11.66 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري بيراج تي پهتو 6.02 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي جو سيڪڙو ٿيو .45 سال 1988ع ۾ سکر بيراج کان هليو 10.69 لک ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بيراج تي پهتو 6.60 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي هو 62 سيڪڙو ياد رهي تہ انهيءَ سال 17 آگسٽ تي ساڳي ڏينهن سرجاني بند کي ڪنڊ لڳو هو. جنهن ڏينهن ضياءُ الحق جو جهاز ملتان کان اڏڻ تي ڦاٽي پيو هو. سال 1992ع ۾ سکر بيراج کان هليو 10.22 لک ڪيوسڪ، ڪوٽري بيراج تي پهتو 6.89 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي ٿيو 67 سيڪڙو. سال 1995ع ۾ سکر بيراج کان هليو 9.39 لک ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بيراج تي پهتو 7.89 لک ڪيوسڪ ۽ پهتل پاڻي جو سيڪڙو ٿيو .85.

مٿين تجزئي مان خبر پئي تہ مٿين وڏي ٻوڏ وارن سالن ۾ سکر بيراج کان هليل پاڻي ڪوٽري بيراج تي 45 کان 105 سيڪڙو پهتو. جيڪڏهن سراسري ٿا ڪڍون تہ ٿئي ٿو 72 سيڪڙو. جيڪڏهن ڪيرٿر جبلن ۾ مينهن پون ٿا تہ نين جو پاڻي اچڻ ڪري ڪوٽڙي تي ذري گهٽ سئو سيڪڙو پاڻي پهچي ٿو اتي هٽبو ڏکو مان سمجهان ٿو تہ جبلن تي مينهن نہ پوندا ۽ نين جو پاڻي نہ ايندو ۽ سکر جو هليل پاڻي 60 کان 70 سيڪرو پهچندو سکر مان وڏو وهڪرو هليو هو 11.24 لک ڪيوسڪ انهيءَ حساب سان ڪوٽڙي تي پهچندو 6.74لک ڪيوسڪ يا 7.86 لک ڪيوسڪ معنيٰ تہ ڪوٽري بيراج تي 8 لک کان مٿي پاڻي نہ پهچندو.

### چوٽيءَ وارو وهڪرو ڪوٽري بيراج تي ڪڏهن پهچندو؟

انهيءَ تجزئي ۾ بہ مٿيان ٻوڏ وارا سال وٺي اهو ڏسبو تہ سکر بيراج کان هليل وهڪرو ڪڏهن ڪوٽري بيراج تي پهتو هو؟ سال 1955ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو سکر کان 30 آگسٽ تي هليو ۽ ڪوٽڙي تي 6 سيپٽمبر تي پهتو. يعني 7 ڏينهن ۾





سال 1976ع م چوٽي وارو وهڪرو 10 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 14 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. معنيٰ چئن ڏينهن ۾ سال 1958ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 18 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 24 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. معنيٰ ڇهن ڏينهن ۾ سال 1973ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 22 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 30 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. معنيٰ 8 ڏينهن ۾ سال 1975ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 2 سيپٽمبر تي سکر کان هليو ۽ 9 سيپٽمبر تي ڪوٽري پهتو. يعني 7 ڏينهن م سال 1976ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 17 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 24 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. يعني 8 ڏينهن ۾ سال 1978ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 20 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 27 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. يعني 7 ڏينهن کان پوءِ سال 1986ع م چوٽيءَ وارو وهڪرو 15 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 25 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. يعني 10 ڏينهن کان پهتو. سال 1988ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 31 جولاءِ تي سکر کان هليو ۽ 18 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. يعني 18 ڏينهن کان پوءِ سال 1992ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 20 سيپٽمبر تي سکر کان هليو ۽ 30 سيپٽمبر تي ڪوٽري پهتو. يعني 10 ڏڏينهن کان پوءِ سال 1995ع ۾ چوٽيءَ وارو وهڪرو 7 آگسٽ تي سکر کان هليو ۽ 19 آگسٽ تي ڪوٽري پهتو. يعني 12 ڏينهن کان پوءِ پهتو. سکر کان ڪوٽري چوٽي واري وهڪري جي پهچڻ جو وقت 4 کان 22 ڏينهن آهي. تازن سالن ۾ اهو ٽائيم انهيءَ ڪري وڌي ويو آهي جو رستي تي دادو- مورو پل ٺهي وئي آهي ۽ ڪيترا زميندار بند ٺهي ويا آهن. جيڪي پاڻي جي وهڪري کي روڪين ٿا. وري تازو لاڙڪاڻو- خيرپور پل ٺهي وئي آهي. جنهن ڪري اهو ٽائيم اجا وڌندو هن سال چوٽيءَ وارو وهڪرو سکر کان 11 آگسٽ تي هليو آهي. اجان اهو دادو- مورو پل تي نہ پهتو آهي. جنهن کي 4 ڏينهن گذري ويا آهن. منهنجي حساب ۾ اهو ڏهن ڏينهن ۾ سکر کان ڪوٽري پهچندو. يعني 21 آگسٽ تي.

چوٽيءَ وارو وهڪرو ڪوٽري بيراج تي گهٽا ڏينهن هلندو؟ انهيءَ جي پوري ڊيٽا نہ ملي سگهي آهي. پر جڏهن گڊو تي چوٽي وارو وهڪرو هڪ ڏينهن. سکر تي ٻہ ڏينهن هليو آهي تہ هتي اهو ٻن ڏينهن کان وڌيڪ هلندو. منهنجي خيال ۾ اهو هتي چئن کان پنج ڏينهن هلندو.

### ڪوٽري بيراج تي چوٽيءَ وارو وهڪري جو اثر:

ڪوٽري بيراج جي پاڻي ڪڍڻ جي گنجائش پوڻا نوَ لک ڪيوسڪ آهي. جڏهن تہ 1956ع ۾ اتان 9.81 لک ڪيوسڪ پاڻي پاس ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري اتان 8 لک ڪيوسڪ پاڻي پاس ڪرڻ ۾ خاص تڪليف نہ ٿيندي. هن سال آيل ٻوڏ ڪري بيراجن جي مارجينل بندن کي ڪنڊ لڳا آهن. پهرين پنجاب جي تونسا بيراج جو ليفٽ مارجينل بند 52 فٽ ويڪر ۾ ويهجي ويو. جنهن ڪري اتي ڪنڊ لڳو. جنهن ڪري

ڪوٽ ادو، مظفر ڳڙهه واريون ايراضيون ٻڏي ويون، ڪوٽ ادو شهر ٻڏي ويو ۽ مظفر ڳڙهه جي چوڌاري پاڻي پرجي ويو. تنهن کان پوءِ گدو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند کي 13 هين ميل تي ڪنڊ لڳو. جنهن ڪري پنگ جي مشهور مسجد سوڌو ڪيترا ڳوٺ ٻڏي ويا. چون ٿا ته پاڻي قومي شاهراهه ڪراس ڪري ويو آهي، جنهن ڪري پنجاب ۽ سنڌ ۾ ٽريفڪ بند ٿي وئي آهي. ان ڪري ڪوٽري بيراج جي مارجينل بندن جي زبردست سار سنڀال جي ضرورت آهي ۽ ان سان آفيسرن جي رات جي وقت نظرداري سپر ويزن ڪپي.

## ٻوڏ جو حيدرآباد شهر تي اثر

حيدرآباد شهر سنڌو درياهه جي هٽ تي آهي. جنهنجي بچاءَ لاءِ ڳهليان بند، ڄامشورو فرنٽ بند، گدو مل (لطيف آباد) بند ۽ ڪوٽري بند ٺهيل آهن جيڪڏهن هن ٻوڏ ۾ انهن بندن کي ڪجهه ٿيو ته حيدرآباد شهر ٻڏي سگهي ٿو، بند جو بچاءُ آهي ڏينهن رات پهرو ۽ مناسب بندوبست مان انهيءَ جي اهميت ٻڌائڻ لاءِ سنڌ جي بندن جي بائيبل جنهن کي ”بند مينوئل“ چئجي ٿو، هيٺيون پيراگراف نقل ڪندس:

“The First line of defence when the river is in floods, requires crose and constant patrol and unremitting supervision, both by day and night, by adequate trained staff, A stitch in time saves nine, timely warning and timel action, which efficient undermitting patrolling alone can provide, will save a dangerious situation while complacency born of a false sence of security following a series of low rivers, may lead to sisaster” (Para 105, Page 117 “Bound Manual”_1954)

ترجمو: ٻوڏ جي وقت ۾ پهرين بچاءَ واري لائن جي تجربيڪار ۽ ڪافي تعداد ۾ رکيل ماڻهن جي مدد سان مستقل گشت ۽ نه گهٽجندڙ جانچ ڪپي، جو چوندا آهن ته هڪ وقتائتو ٽاڪو پوءِ وارن نون ٽاڪن کان بچائي ٿو، وقتائتو چتاءُ ۽ وقتائتو عمل جيڪو مستقل ۽ نه گهٽجندڙ گشت پهري سان حاصل ٿي سگهي ٿو، سو ڪنهن به خطرناڪ صورتحال کان بچائي سگهي ٿو، جڏهن ته اهو اطمينان ته ”سڀ خير آهي، جو ڪيترا سال ٻوڏ نه آئي آهي“ بربادي آڻي سگهي ٿو.

ڪيترا سال ٻوڏ نه اچڻ ڪري بندن جي حالت خراب آهي، پراڻو اسٽاف جيڪو بندن جو ڪم ڄاڻندو هو، رٽائر ٿي چڪو آهي، نئين اسٽاف کي بندن جي ڄاڻ ڪونهي ۽ هنن جو حال به پورو سارو آهي. وري ڦليلي ڊويزن جيڪا انهن بندن جي انچارج آهي، سا سيڊا جي ماتحت ته آهي، جتي آبپاشي وارن ماڻهن کان علاوه ٻيا به



ماڻهو آهن، جن کي بندن جي ڄاڻ ڪونهي ۽ انهيءَ صورت ۾ پهري ۽ بندوبستن وارو ڪم صحيح ٿيندي نٿو ڏسان انهيءَ لاءِ مان حيدرآباد، قاسم آباد جي قومپرستن ۽ لطيف آباد جي ايم ڪيو ايم وارن جو ڌيان ڇڪائڻ ضوري سمجهان ٿو ته هو رات جو ٻي ٻجي کان پنجين ٻجي تائين مٿين بندن تي هلن ۽ ڏسن ته ڇا ماڻهو بندن تي گشت ڪن ٿا ۽ بندوبست صحيح ٿيل آهن يا نه؟ جيڪڏهن هو انهن ۾ ڪجهه گهٽتائي ڏسن ٿا ته پنهنجا ماڻهو ڏين، جيڪي رات جو سيڊا وارن سان گڏجي گشت ڪن، بندن ۾ پيل کنڊن جي رڪارڊ مان خبر پئي ٿي ته ڪنڊ گهڻو ڪري رات جي پوين پهر ۾ پيا آهن، جو انهيءَ وقت گشت ڪندڙ عملو سست پئجي وڃي ٿو ۽ رات جو روشنيءَ جو انتظام به صحيح نٿو رهي.

جيڪڏهن سيني انهيءَ ڪم ۾ حصو ورتو ته انشاءَ الله حيدرآباد شهر بچي ويندو. نه ته ڪا به اوچتي صورتحال خرابي پيدا ڪري سگهي ٿي.

# ڪوٽڙيءَ ڏانهن وڌندڙ وهڪرو، ڪني تارٽيل منڇرءِ آربي او ڊي

امداد علي سومرو

ٻوڏ هونئن ته قدرتي آفت آهي. پر اها نساني الميو تڏهن بڻجي ويندي آهي. جڏهن قدرت جي نظام سان هٿ چراند حد کان وڌي وڃي ۽ جڏهن انسان قدرت جي نظام ۾ حد دخليون ڪرڻ لڳي. ٻوڏ جي عام وهڪرن ۾ به سنڌوءَ جون ڇوليون ڪنهن کان جهليون ناهن ٿيون. هن وقت به سنڌو مان جيڪا ٻوڏ گذري رهي آهي، ان بابت هر ماهر جو چوڻ آهي ته اهڙي ٻوڏ سوين سالن جي تاريخ ۾ سنڌو ۾ اڳ ڪڏهن به ناهي آئي. وڏڙن واتان اسان 1942ع واري ٻوڏ جو ذڪر ٻڌندا رهندا آهيون ۽ ان ٻوڏ کي ڪاري ٻوڏ چئي ياد ڪيو ويندو آهي، پر هن ٻوڏ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سمورن ماهرن ۾ اتفاق آهي ته هيءَ سئو سالن جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ بدترين ٻوڏ آهي. يعني 1942ع واري ڪاري ٻوڏ کان به وڏي ٻوڏ آهي.

هن وقت سنڌو خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب بعد سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جيڪا تباهي پکيڙي ڊيلٽا ڏانهن وڌي رهيو آهي. ان جو هڪ ڪارڻ ته ماضي جي مقابلي ۾ سنڌو جي ڪيچمينٽ ۾ هر سانوڻي جي مينهن جي پيٽ ۾ ڍهوڻ تي وڌيڪ وٺل برساتون آهن ته ان کان به وڏو ڪارڻ سنڌو اندر ڪيل حددخليون ۽ سنڌو جي نظام سان ڪيل هٿ چراند آهي. جنهن قدرتي آفت جو زور ۽ اثر ايترو ته وڌائي ڇڏيو آهي جو سنڌو جي پاڻي کان نه ڪي بلوچستان جا علائقا محفوظ آهن نه ڪي سنڌ جا مٿانهين وارا ضلعا بچي سگهيا آهن. امڪان اهي به آهن ته نه ڪي سنڌو جي ڇولين کان حمل ڊنڊ محفوظ رهي سگهندي. نه ڪي منڇر ڏانهن وڌندڙ وهڪرا ان کي بچائي سگهندا. سنڌو ۾ حد دخلي ۽ هٿ چراند سالن کان جاري هئي ۽ اڃا تائين جاري آهي، پر ڪنهن به حڪومت ڪنهن به وس واري ان معاملي تي ڪڏهن آواز نه اٿاريو. ڪنهن به اسيمبلي ان جي حوالي سان قانونسازي نه ڪئي ۽ نتيجو اڄ سڄو ملڪ ڀوڳي رهيو آهي. پهرين ته سنڌو جي ڪناري تي آباد ٻيلا، پوءِ اهي گلگت- بلتستان ۽





خيبر پختونخواهه جي حدن ۾ جهنگن جي صورت ۾ هجن يا پنجاب ۽ سنڌ اندر هجن، انهن جو ڪڏهن تحفظ ئي نه ڪيو ويو ۽ سنڌو جي ٻنهي ڪنارن تان وڻ وڍي، ٻيلا پٽي چٽ ڪيا ويا ۽ سنڌو جي ڪنارن کي ٿوڙهو ڪيو ويو، جنهن ڪري هيلوڪي ٻوڏ جو پاڻي بي قابو ٿي ويو، ٻيلا درياهه جي بندن جو ڪم ڪندا آهن. درياهه جي وهڪري ۽ ڇولي جو زور ٽوڙيندا آهن ۽ پاڻي جي رفتار گهٽائيندا آهن. جنهن ڪري دريائن جي مستي انهن ٻيلن ۾ داخل ٿيڻ بعد اتي ئي ختم ٿي ويندو آهي ۽ درياهه ڪچي کان ٻاهر نڪري ناهن سگهندا. زور آور ناهن رهندا ۽ ٻيلن جي موجودگي ۾ ٻوڏن جو خطرو اڌو اڌ گهٽجي ويندو آهي. پر ڊيلٽا کان ويندي ڪالاباغ تائين جتان سنڌو ميدانن ۾ داخل ٿئي ٿو، اتان سفر ڪريو ته خبر پئجي وڃجي ٿي ته سنڌو جا ٻئي ڪنارا خالي آهن. وڻن نالي اتي ڪا به شيءِ ناهي، ٻيلن جو نالو نشان ئي ڪونهي ۽ زور آور سنڌو يا تبتين جي زبان ۾ شير درياهه جي ڇولين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مٽي جا بند باقي بچيا. جيڪي به انتهائي ڪمزور حالت ۾ هئا. جنهن ڪري سنڌو کي ڪچي ۾ داخل ٿيندي ان جو زور ٽوڙڻ وارا وڻ موجود نه هئا ۽ ڇولين بندن کي ڪک پن ڪري اڏائي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو، جيڪو اڄ سڄو ملڪ ڀوڳي رهيو آهي، پنجاب جي مقابلي ۾ سنڌ وڌيڪ ڀوڳي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ ته بندن ۽ ٻيلن جي حالت پنجاب کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. ان کان پوءِ حددخلين تي اچو ته سنڌو جهڙي درياهه ۾ جيڪي اڏاوتون ڪيون ويون ، اهي ان جي تاريخي وهڪرن ۽ هاءِ بئنڪس يعني آخري ڪنارن کي نظر انداز ڪري ڪيون ويون. پوءِ بئراجن جي اڏاوت هجي يا بندن جي، پلون هجن يا آر بي او ڊي (ٽو) جهڙا منصوبا ڪٿي به سنڌو مٿان اڏاوت ڪندي دريائن بابت عالمي اصولن ۽ قانونن کي خاطر ۾ نه آندو ويو ۽ هر سال درياهه اندر ڪا نه ڪا حد دخلي ڪئي وئي. ڪچي ۾ زرعي بند ۽ ڪيٽين کي بچائڻ لاءِ جوڙيل هٿرادو بند انهن کان سواءِ آهن،ز رعي بند يا ڪيٽين جا بند ته خير انفرادي ڏوهن ۾ شامل ٿين ٿا، پر جيڪي حڪومتي سطح تي درياهه اندر حد دخليون ڪيون ويون انهن جو حساب ڪير ڏيندو؟

هتي اهو به واضح ڪندو هلجي ته دريائن بابت عالمي اصول ۽ قانون انسان نه، پر دريائن جا وهڪرا پاڻ متعين ڪندا آهن ۽ دريائن جا هاءِ بئنڪس درياهه جي آخري چاڙهه کي نظر ۾ رکي وجود ۾ آندا ويندا آهن، يعني درياهه سڀ کان وڏي چاڙهه دوران ڪيستائين پاڻي جي چر ڪئي؟ جيستائين درياهه چر ڪندو، اهو علائقو درياهه جي حد تصور ڪيو ويندو آهي. ان حوالي سان سنڌو جا آخري ڪپر يا هاءِ بئنڪس ٻنهي پاسي گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ وڌ ۾ وڌ ويهه ميل آهن. پر اسان جيڪڏهن سمورن بئراجن ۽ پلن جو جائزو وٺون ته ڇا اهي درياهه جي ڪپرن کي نظر ۾ رکي اڏيا ويا آهن يا نه؟

وڏي ۾ وڏي پل يا بئراج جي ڊيگهه ٿي ڪلوميٽر مس هوندي، يعني پلن يا

بئراجن وارن علائقن مان درياهه جو ميلن ۾ پکريل وهڪري کي هڪ ڏيڍ ميل تائين سوڙهو ڪري گذارڻ جي حماقت مسلسل ٿي رهي آهي. جنهن سبب درياهه جا وهڪرا رڪجي وڃن ٿا ۽ ڪنڌين تي وهڪرن جو دٻاءُ وڌي وڃي ٿو. جنهن سان درياهه ڪنڌين، پلن، روڊن ۽ رستن تي ٽڪر هڻي رستو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪٿان ڪو بند لڙهي وڃي ٿو، ڪٿي ڪنهن بئراج لاءِ خطرو پئدا ٿي وڃي ٿو، (جيئن سکر بئراج تي ٿيو) ۽ ڪٿي درياهه پنهنجي پيٽ مان وڏا بند توڙي اڏيل روڊ لوڙهي وڃي ٿو. جيئن دادو- مورو روڊ کي درياهه بادشاهه جو پاڻي لوڙهي ويو آهي. صاف نظر اچي رهيو آهي ته اهڙا منصوبا اڏڻ وقت درياهه جي چاڙهه ۽ آخري وڏي وهڪري کي نظر ۾ ناهي رکيو ويندو. جيڪڏهن دريائي وهڪرن يا درياهه جي حدن کي نظر ۾ رکي ان قسم جا منصوبا اڏيا وڃن ها ته شايد جيڪا تباهي اڄ سنڌ سميت ملڪ جا ٻيا صوبا ڀوڳي رهيا آهن ان جي شدت تمام گهٽي گهٽ هجي ها. دريائن تي پلون ٺاهڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ درياهه بادشاهه جي پيٽ ۾ جيڪي بند ٻڌي روڊ اڏيا وڃن ٿا، انهن روڊن جي هيٺان ڪجهه ڪجهه وٿي تي ننڍيون ننڍيون موريون به جوڙيون وڃن ها ته اڄ درياهه هڪ هفتي تائين دادو- مورو پل وٽ يا مٿي لاڙڪاڻو- خيرپور پل وٽ ڦاٿل نه رهي ها. عام حالتن ۾ سنڌو جا وهڪرا سکر کان نڪرڻ بعد ڪوٽري بئراج يعني ڄامشوري واري پل تائين 78 ڪلاڪن يا وڌ ۾ وڌ پنجن ڇهن ڏينهن تائين پهچي ونيدا آهن. اڄ ڏيڍ هفتو گذري وڃن باوجود وڏو وهڪرو ڪوٽڙي بئراج تائين ناهي پهتو ۽ آخري اطلاعن مطابق سکر مان هليل ساڍا يارنهن لک ڪيوسڪ پاڻي مان پوٽا چار لک ڪيوسڪ پاڻي به ڪوٽڙي بئراج تائين مس پهتو هو. يعني جنهن وهڪري کي چار پنج ڏينهن اڳ ۾ ڪوٽري بئراج وٽان لنگهڻو هو، اهو وهڪرو رستي ۾ مختلف هنڌن تي سنڌو ۾ ٿيل حد دخلين سبب ڦاسندو اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ درياهه کي جيڪا رواني گهرجي. اها ان کي نه پئي ملي. نتيجي ۾ درياهه جو بندن تي دٻاءُ وڌڻ سان بند ٽٽڻ سبب وڏن وڏن شهرن جي ٻڏڻ جو خطرو به وڌي رهيو آهي.

مٿي دادو- مورو ۽ خيرپور- لاڙڪاڻو پل جو مٿاڇرو احوال لکي آيو آهيان پر ان کان هيٺ درياهه سيوهڻ پهچڻ بعد درياهه ڇو ڦاسي پيو، اتان ڇو درياهه جي وهڪرن لنگهندي ڏينهن لاتا آهن، ان جو ڪارڻ ٻڌائڻ کان اڳ مان موسميات کاتي جي فلڊ فورڪاسٽ ڊويزن جي انهن اڳڪٿين بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو. جيڪي انهن سنڌ ۾ ٻوڏ جي داخل ٿيڻ بعد بئراجن ۽ خاص ڪري ڪوٽري تائين وهڪرن جي پهچڻ جي حوالي سان ڪيون. سڀ کان پهرين اها وارننگ ڏني وئي ته سکر مان گذرڻ بعد پاڻي جا وڏا وهڪرا يعني سپر فلڊ نائين ۽ ڏهين آگسٽ تائين يعني هي ستون لکڻ کان اٺ ڏينهن اڳ ڪوٽڙي بئراج تي پهچندا ۽ پهرين وارننگ مطابق پهريون وڏو وهڪرو 14 هين آگسٽ تي سمنڊ ۾ وڃي ڪرڻو هو، خيرپور- لاڙڪاڻي ۽ دادو-





مورو پل ڪانسواءِ سکر کان دادو- مورو پل تائين ڪيتريون ئي ڪيٽيون آهن، جن جي بندن به پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون، سيوهڻ کان هيٺ ته ڪا ڪيٽي ناهي. ڪا پل ناهي. پوءِ اتي ڇو پاڻي بيهي رهيو ۽ ڇو وهڪرا ڦاسي پيا؟ هيءُ اهو سوال آهي. جيڪو اڪثر ماڻهن جي ذهنن ۾ آهي. ان سوال جو جواب آر بي او ڊي منصوبو آهي. آر بي او ڊي (ٽو) پان سيد آباد ۽ سيوهڻ کان هيٺ درياءَ سان گڏوگڏ هلي ٿو. ان منصوبي تي 30 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن، پر لڳي ٿو ته هن ٻوڏ ۾ اهي 30 ارب رپيا ان ڪري ٻڏي وڃڻ جا امڪان آهن، جو ڊزائين ئي غلط ڪئي وئي. ان سان نه رڳو سنڌو سوڙهو ٿيو، بلڪ ان ڪيترن ئي اهڙن ڳوٺن ۽ شهرن جي ٻڏڻ جو خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي اڳ ڪڏهن به ناهن ٻڏا. الله ڪري اهي شهر بچي وڃن، پر ان منصوبي جو حساب سنڌ جي آبپاشي ماهرن ۽ ڪنسلٽنٽس کان نه وٺڻ سنڌ سان تاريخي زيادتي هوندي، جن ماهرن ايم اين وي ڊرين ذريعي پهرين منڇر ڍنڍ جهڙي مٺي پاڻي جي ايشيا جي سڀ کان وڏي ڍنڍ کي گدلو ڪري لکين ميربحرن کي دربدر ڪري ڇڏيو. انهن ئي ماهرن ۽ انهن جي پيروڪار ماهرن وري هڪ نئين سازش سٽي سنڌو کي سوڙهو ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. جنهن تحت ايم اين وي يعني مين نار ويلي ڊرين ذريعي منڇر ۾ ڇوڙ ٿيندڙ گدلي پاڻي کي رائيٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (ٽو) يعني آر بي او ڊي ٽو ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي.

هن منصوبي لاءِ ايم اين وي يعني ڇنڊڻ جو پاڻي ٻوڏ جي ڏينهن ۾ سنڌو ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ عبدالله شاهه جي دور ۾ جوڙيل انڊس لنڪ واري منصوبي کي به روڪيو ويو. انڊس لنڪ بنيادي طور تي اڄ جهڙين حالتن ۾ جڏهن منڇر نئين گاج ۽ ٻين جابلو نئن جي وهڪرن سبب ڀرجي ويندي آهي. ان ۾ ڇنڊڻ جو پاڻي پوڻ سان منڇر جي سطح خطرناڪ حد تي پهچي ويندي آهي. جيئن اڄڪلهه پهتل آهي. ان ڪري منڇر جي سطح کي مينٽين رکڻ لاءِ انڊس لنڪ جو منصوبو اڏيو ويو ته جيئن منڇر جي ڪني تار ڀرجي وڃڻ بعد انڊس لنڪ ذريعي ڇنڊڻ جو پاڻي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪري سگهجي ٻوڏ جي حالتن ۾ جڏهن سنڌو تار تي ويندو آهي ته منڇر جا ڪئنال يعني اڙل ۽ دانستر ابتا وهڻ شروع ڪندا آهن ۽ منڇر جو پاڻي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪرڻ بدران آهي ڪئنال سنڌو جو پاڻي منڇر ۾ ڪٽي ويندا آهن. جنهن ڪري انڊس لنڪ جو متبادل منصوبو جوڙيو ويو هو. گهٽي پاڳي اهو منصوبو مڪمل ٿي ويو هو، پر آخري حصي ۾ اچي مشرف حڪومت ۾ آر بي او ڊي (ٽو) جو موتمار منصوبو جوڙيو ويو ۽ انڊس لنڪ جو ڪم ڪرمپور وٽ بند ڪري اتان کان آر بي او ڊي (ٽو) کي ڪوٽڻ شروع ڪيو ويو. سيوهڻ کان سمنڊ تائين نالي هن منصوبي جي اڏاوت شروع ڪرڻ وقت ڪل لاڳت 14 ارب رپيا ٻڌائي وئي. بعد ۾ ان جي لاڳت منهنجي اطلاعن مطابق 34 ارب رپيا ٿي وئي ۽ منصوبي تي سٺ کان ستر سيڪڙو رقم خرچ

۽ ڪئي وئي. ان هوندي به منصوبي جو ڪٿي به ڪو وڏو اسٽرڪچر مڪمل ناهي ٿيو ۽ ڪاغذن ۾ آر بي او ڊي (ٽو) جو ست سيڪٽرو ڪم مڪمل ڄاڻايو ويو. ست سيڪٽرو مڪمل ٿيل ڪم جي نالي ۾ پٻجي ٽوڙي ڪان وٺي گهاري ڪريڪ تائين سنڌو جي ساڄي ڪنڌي تي مٽي جا وڏا ڍير ڪري رکيا ويا آهن ۽ ڊرين جي کوٽائي ڪئي وئي آهي. جيڪا ٻوڏ جي هن صورتحال ۾ اهي تباهيون آڻيندي، جيڪي تباهيون شايد 2003ع ۾ ايل بي او ڊي جي ڪري لاڙ ۾ آيون هيون. آر بي او ڊي (ٽو) جو منصوبو سنڌو جي ڪناري سان سنڌو جي هاءِ بئنڪس کي نظر انداز ڪري ڊيزائن ڪيو ويو. جڏهن ته سيوهڻ ڪان هيٺ ٻوڏ جي حالتن ۾ سنڌو ڪاٻي پاسي به ڪيترن ئي ميلن تائين پکيڙ ڪري ويندو آهي. آر بي او ڊي (ٽو) جو گهڻو حصو سنڌو سان لڳو لڳ ڊيزائين ڪيل آهي. خاص ڪري پٻجي ٽوڙي ڪان ڄامشوري تائين ۽ حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ساڄي ڪنڌي وارا سمورا وڏا شهر آمري. سن، مانجهند ۽ ٻيا درجنين ننڍا وڏا ڳوٺ آر بي او ڊي (ٽو) جي بند ۽ سنڌو جي وچ ۾ آهن. جنهن ڪري هن وقت مانجهند ۽ سن شهر ته پاڻي جي گهيري ۾ آهن ۽ پاڻي آر بي او ڊي (ٽو) جي بندن سبب ڇر ناهي ڪري سگهيو، ان ڪري انهن شهرن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ جو خدشو آهي، جيڪي اڳ شايد ئي ڪڏهن ٻڏا هجن. پهرين ته جڏهن مون اها خبر رپورٽ ڪئي ته وڏن وڏن ماهرن ترديدون ڪيون ته آر بي او ڊي (ٽو) سبب ڪا تباهي نه ٿيندي، نه ئي سنڌو جا وهڪرا هن ڊرين جي بندن کي لوڙهيندا پر جيئن ئي سنڌو جي وهڪرن آر بي او ڊي (ٽو) جي بندن کي لوڙهڻ ۽ ان سبب پاڻي ڳوٺن ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿيو ته انهن ماهرن کي چپ لڳي وئي آهي. ڇو ته سنڌو سان اهڙو ڪيس ڪرڻ بعد اهي چوندي نه پئي ٿڪا ته آر بي او ڊي (ٽو)/ تباهي نه ڪندي؟ پلي هو پٻجي ٽوڙي ڪان مانجهند تائين سفر ڪري ڏسن ته اتي آر بي او ٽي (ٽو) ڪهڙا راڱا ڪيا آهن. اڃا ته اهو پاڻي جڏهن ڪوٽڙي بئراج وٽ پهچندو ته ان جي پويان آر بي او ڊي (ٽو) جي بندن سبب ڄامشوري جو جيڪو حشر ٿيندو، اهو به ڏسڻ باقي آهي. منهنجي دعا آهي ته ڄامشوري کي الله آر بي او ڊي (ٽو) جي تباهين کان محفوظ رکي. ٻي صورت ۾ پاڻي سپر هاءِ وي کي ٻوڙي وڃي ڪراچي واهه سان گڏوگڏ نه ڄاڻ ڪيستائين تباهي پکيڙيندو. ڇاڪاڻ ته آر بي او ڊي جو سم نالو ڄامشوري ڪالوني ۽ ڦاٽڪ جي آبادي جي وچان ڪڍيو ويو آهي. سپر هاءِ وي تائين بند جا ڍير ته ڪيا ويا آهن. پر سپر هاءِ وي وارو حصو اڃا ناهي ٺهيو، ان ڪري بند سان ٽڪرائجي پاڻي ڄامشوري ڪالوني کي ٻوڙي سگهي ٿو ۽ ان بعد سپر هاءِ وي ۽ ڪراچي واهه جي بندن جي وچان گذري نه ڄاڻ ڪيستائين وڃي پهچندو. هن وقت سنڌو، جيڪا به تباهي پکيڙي آهي. ان جو ڪارڻ سنڌو اندر حد دخلي آهي. ان ڪري جهوپڙي اڏڻ وقت به خيال ضرور رکڻ گهرجي ته سنڌو رحم دل سان گڏ هڪ زور آور درياهه به آهي. جنهن سئو سالن دوران پنهنجي حدن اندر ڪيل حددخلين لوڙهي





ڇڏيون آهن. سرڪار ۽ وس وارا هن ٻوڏ کي سبق بنائي مستقبل جي رٿابندي ڪن ته جيئن اڳتي سنڌو ڪا ايڏي تباهي نه آڻي، ويندي ويندي ڏاهن جي هڪ ڳالهه ورجائيندو هلان ته هڪ صدي ۾ ڏهه سال ڏڪار جا ۽ ڏهه سال ٻوڏ جا هوندا آهن. ڏڪار وارا ڏهه سال اسان ڀوڳي چڪا آهيون. ٻوڏ وارن ڏهن سالن جي شروعات ٿي چڪي آهي. ان ڪري ٻوڏ متاثرن جي واهر سان گڏ درياهه کي بحال ڪرڻ جو به ڪم تيزيءَ سان شروع ڪيو وڃي ته جيئن آئندا امڪاني ٻوڏ جي تباهڪارين ڪان سنڌ کي محفوظ بنائي سگهجي.

# ٽائٽانڪ ٻڏي ويل منهنجو ڳوٺ

دودو چانڊيو

”تو ٽائٽانڪ فلم ڏٺي آهي؟“ ڪراچي جي مروت باغ واري علائقي ۾ هڪڙي نوجوان مون کان اهو سوال ان وقت ڪيو، جڏهن آئون ڪي ٽي اين جي مائيڪ هٿ ۾ کڻي انتهائي بي رحم انداز ۾ ٻوڏ متاثرين کان ”ٻوڏ ڪيئن آئي؟“ وارو سوال ڪري رهيو هئس. مون ان نوجوان طرف ڏسي ڪنڌ ”ها“ ۾ لوڏيو، منهنجو ڪنڌ ”ها“ ۾ لوڏڻ ڇا هو، ڄڻ هن کي پنهنجي اندر جو سمورو درد اوڳاڇڻ جي اجازت ملي وئي. ”اسان جو ڳوٺ بلڪل ٽائٽانڪ وانگي ٻڏو، اسان پنهنجو مال پاڻي ۾ ٻڏندي، مرندي اکين سان ڏٺو، اسان پنهنجو سامان لڙهندي ڏٺو، هر شيءِ اکين آڏو وهڪرن ۾ وهندي ڏٺي، اسان چاهيندي به ڪجهه به بچائي نه سگهياسين ڪو بکيا ماڻهو ناهيون. الله پاڪ سڀ ڪجهه ڏنو هو، هتي رات کان ڪجهه ناهي کاڌو.“ هو ڳالهائيندو رهيو. آئون ٻڌندو رهيس، ”هاڻي الاءِ ڳوٺ وڃي سگهنداسين يا نه. پر پاڻي ته ڳوٺ ۾ نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو هوندو.“ هو مون سان ڳالهائيندو به رهيو ۽ پنهنجي ڳوٺ جون حسين يادون به بيان ڪندو رهيو. مون کي اهو نوجوان ميلي ۾ وڃائجي ويل ان ٻار وانگر لڳو. جيڪو ماڻهن کي پنهنجي مائٽن جون نشانيون ٻڌائيندو هجي. اوچتو، ”ٺا ٺا ٺا“ فائرنگ شروع ٿي وئي ٿي. هو پنهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڊوڙي ويو ۽ پٿر هٿ ۾ کڻي ٿو، سامهون فائرنگ ڪندڙن کي سنڌي گاڏڙ اردو ۾ چوي ٿو ”هي به منهنجي ڌرتي آهي، مجبورن پنهنجا ويڙها ڇڏيا اٿئون هتان ڪو نه لڏينداسين.“

آئون رڪارڊنگ اڌ ۾ ڇڏي آفيس ڏانهن روانو ٿيان ٿو، ڪجهه هٿيار ۽ ڪجهه گوليون منهنجو به پيڇو ڪن ٿيون آئون پنهنجي اداري سان گڏ حڪومتي اختيارين کي به صورتحال جي آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ٻئي هنڌان ته ڪٿان به ڪا موٽ نٿي ملي. پر اوچتو ذوالفقار مرزا جو فون اچي ٿو وڃي، ”دودا انهن ماڻهن کي منهنجو نياپو ڏي ته اوهان لاوارث ۽ ننڌڻڪا ناهيو، ڪراچي به اوهان جي ڌرتي آهي. ڪنهن جي پيءُ جي ناهي. آئون نٿي جي سجاول بند تي آهيان. سڌو اوهان ڏي اچان





ٿو، ”ذوالفقار مرزا جي انهيءَ ڳالهه تي منهنجون همٿون وڌي وڃن ٿيون. مٿان وري علي قاضي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي اسٽوڊيو ڏانهن اٿي ٿو ته منهنجي همتن کي چار چنڊ لڳي وڃن ٿا. آئون ٻيهر مروت باغ جي انهن گهٽين ڏانهن رخ ڪريان ٿو، جتي چند گهڙيون اڳ گوليون انهن ٻوڏ متاثر ماڻهن سان گڏ منهنجي به ڳولا ڪري رهيون هيون.

مروت باغ ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثرن جي پهرين ڪيمپ هئي، جيڪا ڳوٺاڻن پاڻمرادو مڙسي ڪري قائم ڪئي هئي. رات جي 12 وڳي ٻوڏ متاثر ۽ آئون فائرنگ واري واقعي بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته ذوالفقار مرزا به اچي پهتو. ڪراچي ۾ ٻوڏ متاثرن کي اهو پهريون سهارو هو، جنهن کان پوءِ ڏسندي ڏسندي صورتحال وڃي اها بيٺي آهي ته هڪڙي صحافي چيو ”ڪراچي ۾ ماڻهو بلڪل ائين اچي رهيا آهن جيئن 1947ع کان پوءِ آيا هئا. هن وقت ڪئمرائون رنگين آهن. ان وقت بليڪ اينڊ وائيٽ هيون. هاڻوڪن فٺيجز تان ڪلر هٽرائي ڏسو ته بلڪل هڪ جهڙي صورتحال نظر ايندي. اهي ئي ٽرينون پريل، اهي ئي قافلا، اها ئي دربدي، اهي ئي لٽجڻ جون ڪهاڻيون ۽ اهائي اجهي جي ڳولا.“ بلڪل صحيح آهي. بس فرق رڳو اهو آهي ته اهي واقعي پناهگير هئا. هي ڌرتي ڌڻي آهن، پر هنن کي به پناهه گيرن وانگي پنهنجي ڌرتي تي ڪيمپن ۾ رهڻو پيو آهي. ڄڻ هن شهر ۾ رهندڙ ماڻهو دلي طور خوش ناهن ته ٻوڏ متاثر وٽن اچي رهن. اهو ئي سبب آهي ته ذوالفقار مرزا ۽ جميل سومري کي ڪئمرائن آڏو شڪايتي انداز ۾ چوڻون پيو ته ”ڪراچي جا رهواسي هنن ٻوڏ متاثرن لاءِ پنهنجي دلين ۽ گهرن جا دروازا ائين کولين، جيئن 1947ع ۾ کان پوءِ اسان جي وڏن هنن لاءِ دلين ۾ گهرن جا دروازا کوليا هئا. ڪراچي جي اڪثريتي رهواسين دلين ۽ گهرن جا در الاءِ کوليا يا نه، پر ڪراچي جي سنڌين جهڙي ريت ڪراچي شهر ۾ پنهنجي ٻڌي ۽ سجاڳي جو ثبوت ڏنو آهي. وقت جو ڪو به مورخ انهيءَ کي وساري نٿو سگهي. آئون ڪنهن ڪنهن جا نالا ڪڻان، ڪهڙا ڪهڙا حوالا ڏيان؟ رات ڏينهن ڪيمپن ۾ انهن جي سار لهندڙ ڊاڪٽر نجم طارق جو نالو ڪڻان يا ابراهيم حيدري، يٽائي آباد، سچل، چڪرا ڳوٺ، يٽائي ڪالوني، ڪيٽل ڪالوني، پپري، گلشن حديد، جوهر، سفوران چورنگي، ماڙي پور کان ملير تائين انهن گمنام هيرن جو ذڪر ڪريان، جن انساني سمنڊ آڏو خدمت جون ٻانهون کولي رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو آهي. مون کي ته شهيد فاضل راهو جي ان ننڍڙي ڌهٽي جو به نالو ياد ناهي. جنهن ويسٽ پوائنٽ ٽاور جي هڪ هڪ فليٽ تي وڃي هزارين رپين جو سامان گڏ ڪيو ۽ نه وري مون کي ميڊم ممتاز پٿو جي ان ڌيءَ جو نالو ياد آهي. جنهن ڏينهن رات هڪ ڪري ڪراچي ۾ ٻوڏ ستايل پينرن لاءِ ڪپڙا گڏ ڪيا. اکين جو نور وڃائي ويٺل بشير چانڊيو به جڏهن سامان کڻي امدادي ڪيمپن تي پهتو ته دل باغ بهار ٿي وئي.

مون ڪراچي جي قديمي سنڌين (ڪڇين، ميمڻ، گجراتين) کي پنهنجي ڀائرن جي مدد ۾ مصروف ڏٺو ته مون سڏير ميراڻي، ممتاز ڪنڊر، شبير سنجراڻي جهڙا ڪوڙ نوجوان رات ڏينهن پنهنجي ڀائرن جي مدد ۾ پنهنجا سمورا سک قربان ڪندي ڏٺا. ڪراچي ۾ رهندڙ سمورن سنڌين جي عجيب ڪيفيت آهي.

هو ٻوڏ جي تباهين تي ته ڏکارا آهن. پر ڪراچي ۾ لکين سنڌين جي آمد تي خوش آهن. مون هر سنڌيءَ جي زبان مان اهو لفظ ٻڌو ته ”ٻيلي هاڻي واپس نه وڃجو، هتي ئي رهجو، “ مون ۽ نور جوڪئي کي ٽي اين آفيس جي هيٺان هڪ ٽيبل رکي جڏهن امدادي ڪئمپ هنئين ته چند ڪلاڪن ۾ اسان کي ايترو سامان مليو. جنهن جو اسان تصور به نه ڪيو هو، ڄڻ ڪراچي جو هر سنڌي چاهي پيو ته هو پنهنجو سمورو الهه تلهه انهن ٻوڏ متاثرن کي ڏيڻ لاءِ تيار آهن، پر اهي ٻوڏ متاثر رڳو هڪڙو واعدو ڪن ته هو واپس نه ويندا. هتي ئي رهندا مون کي نثار احمد کهڙي جا مذاق ۾ چيل اهي لفظ ياد اچن ٿا ته: ”آئون امداد ان کي ئي ڏيندس، جيڪو هتي گهر ٺاهيندو.“ مون خوش نه ڏٺو ته رڳو باچا خان جي پيروڪارن ۽ اسان جي جديد سنڌين کي نه ڏٺو، باقي ڪراچي جي هر ماڻهو هن وقت پنهنجون ٻاهون کولي ڇڏيون آهن. هڪ هفتي کان آئون امدادي ڪيمپن تي ويٺو آهيان. انتهائي ذميواري سان اها ڳالهه ڪندي نٿو ڊڄان ته ڪراچي جي سنڌين جي وس ۾ جيڪو آهي. اهو هو ٻوڏ متاثرن لاءِ ڪري رهيا آهن. ڀلي اهو آفيسر هجي، پوليس وارو هجي، دڪاندار هجي، عورت هجي يا ٻار هجي، هر ڪو هن وقت ان ڪوشش ۾ آهي ته ٻوڏ متاثرن جي جيترو ڪم اچي سگهجي ٿو، اوترو اچجي. مون ننڍڙن ٻارن کي پنهنجون خرچيون ڪيمپن تي جمع ڪرائيندي ڏٺو آهي، مون رضوان ميمڻ کان وٺي ممتاز شاهه تائين سيڪريٽري سطح جي ڪامورن کي ماڻهن جا هٿ ڏوئاريندي ڏٺو آهي. ٻيو ته ٺهيو، پر ڪراچي ۾ اسان جي قومپرست جماعتن جي ڪارڪنن تي هميشه تنقيد ٿيندي آهي، انهن جي محنتن جو جيڪڏهن ذڪر نه ڪبو ته ناانصافي ٿيندي. سنڌ ترقي پسند پارٽي، جسم، عوامي تحريڪ، سنڌ نيشنل پارٽي جا ڪارڪن رات ڏينهن انهن ٻوڏ متاثرن جي پرگهور لهڻ ۾ مصروف آهن.

ڏک ماڻهن کي گڏيندا آهن، ڏک ماڻهن ۾ برداشت ۽ سهپ پيدا ڪندا آهن. سنڌ ۾ آيل ٻوڏ سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ڇٽي هيٺ گڏ ڪري ڇڏيو آهي. آئون جڏهن ڪراچي جي ڪيمپن ۾ ڏسان ٿو ته مهر هجي يا جتوئي، اڄڻ هجي يا ڪليري، لنڊ هجي يا پتافي، اوڳاهي هجي يا تيغاڻي، هڪ ئي شامياني هيٺ نه رڳو پڻ ويٺو آهي. پر پنهنجي مائرن، ڀينرن سوڌو امداد لاءِ آيل پٽ به گڏجي ڪائي ٿو، ڪيڏانهن ويو قبيلائي جهيڙن جو زهر، ڪيڏانهن ويو نام نهاد غيرت جو تصور، ڪنهن کي به ڪنهن کان ڪا شڪايت ناهي. مون جڏهن اڪثر ڪيمپن تي وڃي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون ته اڪثر ماڻهن جي اهائي راءِ هئي ته هاڻي واپس ڪجهه به ناهي





رهيو، وڃي ڇا ڪينداسين؟

سنڌ سرڪار جيڪڏهن ڪرڻ چاهي ته ڪراچي ۾ ڀهتل لکين ماڻهن لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿي. هن شهر ۾ 10 هزار وڏيون فيڪٽريون آهن. هزارين ملٽي نيشنل ڪمپنيون آهن. لکين دڪان، هوٽلون ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز آهن. ڪنسٽرڪشن جون ڪمپنيون آهن. سيڪيورٽي گارڊ ڀرتي ڪرڻ جون ڪمپنيون آهن. 18 ٽائونز آهن. جيڪڏهن واقعي رٿا بندي ڪجي نه ته 3-4 لک ماڻهن کي روزگار مهيا ڪري ڏيڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. ڪراچي جي اڳوڻي ناظم مصطفيٰ ڪمال 15 ڏينهن ۾ هڪ لک ڪوڪا ٺهرائي هڪ لک ماڻهن کي روڊن جي ڀر ۾ روزگار کولي ڏنو. ان ڪانسواءِ انهن ماڻهن کي ڪورنگي، بلديه ٽائون، گلشن حديد، اورنگي ۽ ٻين صنعتي علائقن جي ويجهو رهائڻ گهرجي، جيئن هو خود به روزگار هٿ ڪري سگهن. تنهنڪري سنڌ حڪومت کي، سمورن وزيرن کي ذوالفقار مرزا وانگر ڦڙتيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. جيئن موررڙي جي ماڳ تي مورڙا موٽي ٻيهر آباد ٿي سگهن.

# منڇر واري ٻوڏ کان بچڻ لاءِ دعا سان گڏ ڪهڙي دوا ممڪن آهي؟

اختيار کوکر

سنڌ ۾ آيل وڏي ٻوڏ هن وقت تائين درياهه جي ساڄي ڪپ وارن چئن اترين ضلعن ڪشمور، جيب آباد، شڪارپور ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ وڏي تباهي آڻي چڪي آحي. ٻوڏ جو اهو پاڻي تيزي سان دادو ۽ ڄامشوري ضلعن ڏانهن وڌي رهيو آهي. جيڪو ايندڙ چند ڏينهن م منڇر ڍنڍ ۾ اچي چوڙ ڪندو. جيڪا ڍنڍ پهريان ئي ڀري بيٺي آهي. منڇر ۾ پاڻي ڀرڻ جي وڌ ۾ وڌ گنجائش 116 فٽ آهي، جڏهن ته 18 آگسٽ تائين ان جي ليول 111.5 فٽن تائين پهريان ئي پهچي چڪي هئي. ٽوڙي بند ٽٽڻ سان قمبر-شهدادڪٽ ضلعي ۽ حمل ڍنڍ کان ٿيندو منڇر ڍنڍ ۾ چوڙ ڪرڻ لاءِ تيزي سان وڌندڙ پاڻي جو اٽڪل هڪ لک ڪيوسڪ وارو وهڪرو ماهرن جو اندازو آهي ته ان کان ڏهن ڏينهن اندر منڇر ڍنڍ ۾ پاڻي جمع ڪرڻ واري گنجائش جي آخري حد کي پار ڪري ويندو. منڇر ڍنڍ مان پاڻي ٻاهر ڪڍڻ جو صرف هڪ ئي رستو آهي ته سيوهڻ شهر جي اترين پاسي کان منڇر مان نڪرندڙ چنڊڻ واهه ذريعي پاڻي کي درياهه م داخل ڪيو وڃي، جڏهن ته سيوهڻ جي هيٺين پاسي کان منڇر ڍنڍ ۽ درياهه کي ملائيندڙ اڙل واهه ذريعي درياهه جو پاڻي منڇر ڍنڍ م داخل ڪيو ويندو آهي. حيرت جهڙي ڳالهه اها ٿي آهي جو ٽوڙي بند ٽٽڻ ۽ ٻوڏ جو وڏو وهڪرو ڦري منڇر ڍنڍ ۾ اچي پوڻ واري صورتحال پيدا ٿي وڃڻ کان پوءِ به ان پاڻي لاءِ گنجائش پيدا ڪرڻ، ڍنڍ کي خالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بدران صوبائي آبپاشي کاتي جي انتظاميه اڙل واهه جا دروازا کولي رکيا ۽ درياهه جي پاڻي سان ڍنڍ کي ڀريندي رهي. حالت نيٺ حالت اها وڃي بيٺي جو ٻوڏ جو پاڻي پهچڻ کان پهرين جبلن تان وهي آيل نئين ۽ درياهه مان ڀيل پاڻي سبب ڍنڍ پهريان ئي ڀرجي وئي. آبپاشي کاتي پنج ڏينهن اڳ اڙل واهه جا دروازا بند ڪري درياهه جو پاڻي ڍنڍ ۾ پوڻ کي روڪيو آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن ٻوڏ جو پاڻي وارو خطرو ڍنڍ ڏانهن وڌي





رهيو هو ته پوءِ ڍنڍ ۾ پهريان موجود پاڻي خارج ڪرڻ بدران درياهه جي پاڻيءَ سان ڍنڍ کي مسلسل ڇو ڀريو ويو؟ پاڻي معاملن جي ماهر محمد ادريس راجپوت جو چوڻ آهي ته منڇر ڍنڍ تار ڀرجي وڃڻ باوجود ان جو پاڻي درياهه ۾ ان ڪري داخل نه ڪري سگهبو، جو هن وقت درياهه جي وهڪري جي سطح منڇر ڍنڍ جي سطح کان گهڻي مٿي آهي. جيڪا ايندڙ اٺن ڏهن ڏينهن تائين به ان سطح تي نه اچي سگهندي، جو منڇر جو پاڻي درياهه ۾ چوڙ ڪري سگهجي. ان وقت به درياهه جي پاڻي جي سطح اٽڪل 119 فوٽ هوندي. جنهن ۾ منڇر جو 116 فٽ اونچائي وارو پاڻي داخل ٿيڻ ممڪن ناهي. هو چوي ٿو ته منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ان وقت داخل ٿي سگهندو، جڏهن سيوهڻ وٽ درياهه جو وهڪرو ست اٺ لک ڪيوسڪ کان گهٽجي اٽڪل 2 لک ڪيوسڪ تي اچي. ان وقت درياهه منڇر جي پاڻي کي پنهنجي پيٽ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيندو، ان ڪري منڇر جي ٻوڏ واري صورتحال تمام گهڻي خطرناڪ بڻجي وئي آهي. هو چوي ٿو ته منڇر واري ٻوڏ کان بچڻ لاءِ هن صورتحال ۾ صرف دعا ئي ڪري سگهجي ٿي اهو ائين آهي. جيئن ڪنهن مريض کي ڪو ڊاڪٽر لاعلاج قرار ڏئي ڇڏي ۽ وارثن کي چيو وڃي ته سندس وڏيڪ علاج ڪرائڻ بدران گهر م سندس سار سنڀال رکو ۽ سندس لاءِ دعا گهرو، ٻين لفظن ۾ ان جو مطلب اهو ٿيو ته پاڻي جي وهڪرن جي موجوده صورتحال موجب منڇر ڍنڍ جو بند ٽٽڻ اٽڙ آهي. منڇر ڍنڍ جي بند ٽٽڻ سان جيڪا تباهي ايندي. اها ٽوڙي بند ٽٽڻ سان آيل تباهي کان گهٽ نه هوندي ماهرن جو چوڻ آهي ته منڇر جو بند ٽٽڻ سان بوبڪ، ڀان سعيد آباد، ٽلٽي، سيوهڻ شريف، دادو کان وٺي خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ تائين جو سڄو علائقو ٻڏي سگهي ٿو ۽ اهو پاڻي وڃي جڏهن درياهه واري بچاءَ بند سان ٽڪرائبو ته ان بند کي پڻ ٽوڙي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اهو بند ٽٽو ته پوءِ درياهه جي مٿين سطح وارو پاڻي وهڪرو پڻ ٻوڏ کي وڌائي ڇڏيندو. الله سائين خير ڪري ٻوڏ جي هڪ اهڙي وڏي ۽ خطرناڪ تباهي واري صورتحال نظر اچي رهي آهي. صوبي جا وڏيڪ لکين ماڻهو ٻوڏ کان متاثر ٿيندا ۽ وڏيڪ هزارين ڳوٺ ۽ شهر تباهي جي لپيٽ ۾ اچي ويندا. پر برباد ٿيندڙ علائقي جي بحالي پڻ سالن تائين مسئلو بڻيل رهندي، سوال اهو آهي ته ڇا اسان کي سامهون نظر ايندڙ ان تباهي جي اچڻ جو صرف هٿ ٻڌي ائين انتظار ڪرڻ گهرجي. جيئن ڪو ڪنهن لاءِ علاج مريض جي فوت ٿيڻ جو انتظار ڪندو هجي؟ يا ان تباهي کان بچڻ جون ڪوشسون ڪرڻ گهرجن ۽ هر قسم جي تدبيرن ۽ تجويزن تي غور ڪرڻ سان گڏ معاملي کي حل ڪرڻ ۽ ان مصيبت کان بچڻ لاءِ دعا سان گڏ دوا به ڪرڻ گهرجي ۽ سڀ هيلا وسيلا ڪتب آڻن کان وسئون نه گهٽائڻ گهرجي؟ اها مصيبت صرف ان وقت ٽري سگهي ٿي، جو هڪ ته ٻوڏ جو پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ پهچڻ ۾ دير ڪري ۽ منڇر ڍنڍ جي سطح تار ٿي وڃڻ کان پهرين درياهه جي سطح هيٺ لهي وڃي. نمبر ٻه سست رفتاري جو شڪار ٿي ويل درياهه جي پاڻي

جو وهڪرو تيز ٿئي ۽ منڇر جي تار ٽيڻ کان پهرين سيوهڻ وٽ درياهه جي سطح مناسب حد تائين هيٺ لهي اچي. انهن ٻنهي آپشنز مان ٻوڏ جي پاڻي جي منڇر ڏانهن وهڪري جي رفتار کي گهٽائڻ ڏاڍو ڏکيو نظر اچي رهيو آهي. جڏهن ته درياهه جي وهڪري جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ هڪ تدبير موجود آهي.

آبپاشي کاتي جي رڪارڊ موجب 1975ع ۾ سکر بئراج کان نڪتل درياهه جو وڏو وهڪرو اٺن ڏينهن ۾ ڪوٽري بئراج وٽ پهتو. 1978ع ۾ ان وهڪري ست ڏينهن ورتا، پر 6/198ع ۾ دادو- مورو پل تعمير ٿيڻ کان پوءِ سکر کان ڪوٽڙي تائين پهچڻ ۾ ٻوڏ جي وڏي وهڪري 10 ڏينهن لڳائي ڇڏيا. وهڪري ۾ اها سستي دادو- مورو پل اڏڻ لاءِ درياهه جي پيٽ ۾ تعمير ڪيل ايپروچ بند سبب ٿي. گذريل سال هڪ ڪلوميٽر ڊيگهه واري لاڙڪاڻو- خيرپور پل اڏڻ لاءِ درياءَ جي 15 ڪلوميٽر پيٽ کي بند ڪرڻ لاءِ اڏيل نون ايپروچ بندن وهڪري جي انهي رفتار کي وڌيڪ سست ڪري ڇڏيو آهي. دادو- مورو ۽ لاڙڪاڻو- خيرپور پلين جي ايپروچ بندن ۾ مختلف هنڌن تان پاڻي جي نيڪال جو ڪو به نظام نه رکڻ جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو نه صرف سکر بئراج مان پاڻي جي نيڪال جي رفتار ۾ گهٽتائي آئي آهي. بلڪ سکر بئراج کان نڪرندڙ پاڻي جو وهڪرو ڪوٽڙي بئراج تائين پنجن کان ڇهه ڏينهن وڌيڪ دير سان پهچي ٿو، پاڻي جي وهڪري جي رفتار ۾ آيل ان گهٽتائي جي نتيجي ۾ خاص ڪري سکر بئراج کان لاڙڪاڻو- خيرپور پل تائين بچاءَ بندن تي پاڻيءَ جو دٻاءُ پڻ زبردست وڌي ويو آهي. رفتار ۾ آيل گهٽتائي ڪوٽڙي بئراج تائين سيني بندن تي پاڻي جو دٻاءُ پڻ زبردست وڌي ويو آهي. رفتار ۾ آيل گهٽتائي ڪوٽڙي بئراج تائين سيني بندن تي پاڻي جو دٻاءُ پڻ وڌايو آهي. اهو مسئلو پنهنجي جاءِ تي، پر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري ويل منڇر ڍنڍ جي ٻوڏ واري مسئلي جو پڻ وڏو تعلق درياهه جي پاڻي جي وهڪري جي سست رفتاري سان آهي، ان ڪري هڪ اهم تجويز اها آهي ته جيڪڏهن لاڙڪاڻو- خيرپور پل ۽ دادو- مورو پل جي ايپروچ بندن کي ڇهن کان اٺن هنڌن تي هٿرادو گهارا ڏجن ته درياهه جي پاڻي جي رفتار تمام گهڻي تيز ٿي سگهي ٿي ۽ جيئن ته درياهه جي مٿين وهڪرن ۾ لاٿ اچڻ شروع ٿي وئي آهي. ان ڪري ايندڙ اٺن کان ڏهن ڏينهن اندر جيستائين ٽوڙي واري ٻوڏ جو پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ پهچندو ۽ منڇر تار ٿيندي ان وقت تائين سيوهڻ وٽ درياهه جي پاڻي ۾ پڻ وڏي لاٿ اچڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو رستو کلي سگهي ٿو.

ان معاملي تي مون پاڻي واري ماهر جناب ادريس راجپوت کان جڏهن راءِ گهري ته هن چيو ته هو اصولي طور تي پلين جي ايپروچ بندن کي هٿرادو گهارا هڻڻ کي ٺيڪ نٿو سمجهي. پر ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ايپروچ بندن کي گهارا ڏيڻ سان سنڌو جي پاڻي جي وهڪري جي رفتار تيز ٿي ويندي ۽ پاڻي جو پويون وهڪرو





سيوهڻ تائين پهچڻ ۾ ڇئن ڏينهن جو پئجي ويندو. هو چوي ٿو ته ڏسڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڇا پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ايندڙ ان تيزيءَ جي نتيجي ۾ ايندڙ اٺن ڏهن ڏينهن اندر سيوهڻ وٽ منڇر جو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ لاءِ سنڌو وٽ وهڪرو گهربل ٻه لک ڪيوسڪ تي اچي ويندو. هو چوي ٿو ته پاڻي جي مٿين وهڪرن کي نظر ۾ رکندي سندس اندازو آهي ته انهيءَ عرصي دوران سيوهڻ وٽ پاڻي جي وهڪري جي سطح شايد گهربل حد تي نه اچي سگهي. پر اها ڳالهه طئه آهي ته انهيءَ تجويز تي عمل ٿيڻ سان سيوهڻ وٽ پاڻي جي وهڪري ۾ لاٿ آڻڻ ۾ ڇئن پنجن ڏينهن جو فرق پئجي ويندو.

ڏنو وڃي ته جڏهن هڪ وڏي ۽ اٽل مصيبت کان بچڻ لاءِ ڪو به آپشن موجود نه هجي. ان حالت ۾ درياهه جي سطح ۾ چارج پنج ڏينهن پهرين گهٽائي اچڻ پڻ ڪا گهٽ ڳالهه ناهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته جيڪڏهن خدا نه ڪري منڇر ڍنڍ جو بند اوور ٽاپ به ڪري وڃي ۽ ان کان پوءِ جلد درياهه جي سطح گهربل حد تائين هيٺ لهي وڃي ۽ منڇر جو پاڻي درياهه ۾ وهائڻ جو رستو کلي وڃي ته پوءِ به هڪ وڏي علائقي کي تباهي کان بچائي سگهجي ٿو. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڻي جي مٿين وهڪرن جي رفتار کي نظر ۾ رکندي ان تجويز تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ان تجويز تي عمل ڪرڻ سان منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪرائڻ جو ڪو رستو وقت اندر نڪري سگهي ٿو يا ٻيو نه ته دادو ۽ ڄامشورو ضلعن ۾ ايندڙ ممڪن تباهي جي نقصانن کي گهٽائي سگهجي ٿو ته اها به هڪ وڏي ڪاميابي هوندي.

# ٻوڏ ڪٿي ڏنگ ڪندي؟

محمد ادريس راجپوت

ٻوڏ جو چوٿيءَ وارو وهڪرو گڊو ۽ سکر بيراجن تي لهڻ ڪان پوءِ هاڻي ڪوٽڙي براج تي پهچي رهيو آهي ۽ 21 آگسٽ 12 بجي ڏينهن جو اتي 7 لک 75 هزار ڪيوسڪ پاڻي وهي رهيو هو، گذريل 55 سالن ۾ ڪوٽري بيراج ڪان مٿين پر رڳو 8 سال اهڙا رهيا آهن. جڏهن اتي 7 لک ڪيوسڪ ڪان مٿي پاڻي آيو هجي. سال 1995ع ان پوءِ اتي ڪا وڏي ٻوڏ نہ آئي آهي. جيڪا بندن جي لحاظ ڪان خطرناڪ آهي. جو انهيءَ عرصي ۾ بند سيڪجي نہ سگهيا آهن، وري چاڙهہ ايترو تکو آهي. جو پوين ٽن ڏينهن ۾ اٽڪل سوا چار لک ڪيوسڪ پاڻي ڪوٽڙي بيراج تي چڙهيو آهي. انهيءَ تڪڙي چاڙهہ ڪري بندن ۾ روڻ پوڻ جا امڪان وڏي وڃن ٿا. خبر پئي آهي تہ هالا ۽ مٽياري ۾ ڪيتريون روٽيون پيون آهن. جيڪي وقت تي ليپي وڃڻ ۽ ڏينهن رات پهري سبب ڪنٽرول هيٺ اچي ويون آهن. جيڪڏهن روڻ ڪنٽرول نٿي ٿئي تہ اها ڪنڊ ۾ بدلي وڃي ٿي. جيترين روٽيون ڪنٽرول ڪيون ويون آهن .سمجهو تہ اوترا ڪنڊ پوڻ ڪان بچي ويا، جيڪا هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

بندن ۾ ڪنڊ پوڻ جا 89 سبب بند مينوئل ۾ ڄاڻايل آهن. اهي آهن درياهہ جي پاڻيءَ جو بند مٿان ورڻ، يعني اوور ٽاپنگ روڻ پوڻ، بلو آئوٽ، چولين ڪري بند جو ڪاٽڻ درياهہ جي ڪاڌ بندن جو سيمو ڪرڻ، بندن جو ويهي وڃڻ ۽ بند سلوس جو فيل ٿيڻ انهيءَ ۾ سڀني ڪان وڌيڪ خطرناڪ روڻ آهي. بند مينوئل ۾ روڻ پوڻ جا سبب هن ريت ٻڌايل آهن. پهري ڏيندڙ بيلدار جي لاپرواهي. ليڪ ڪي بند ڪرڻ لاءِ ضروري سامان جي گهٽتائي اڻ سڪيل بند تي پاڻي جي تڪڙي چاڙهہ، سيمي ٿيندڙ لائين مٿان مٽي گهٽ هجڻ، خراب مٽي واري بند ۾ حفاظت لاءِ Sand diapharm core جو نہ هجڻ، بند مينوئل ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ جيڪڏهن نگراني ڪندڙ عمل جهجهو آهي. هوشيار رهي ٿو ۽ سڀ شيون اٿن ۽ اهي روڻ ڳولهي وٺن ٿا، انهيءَ جو رخ ڳولي وٺن ٿا ۽ روڻ بند ڪري وٺن ٿا تہ ڪنڊ پوڻ ڪي ڪاميابي سان روڪي سگهجي ٿو، هن سال آيل ٻوڏ ۾ بند اڻ سيڪيل آهن ۽ پاڻيءَ جو چاڙهہ تمام تڪڙو آهي. تنهن ڪري خطرناڪ آهي. انهيءَ ڪي سٺي بندوبستن ۽ صحيح پهري سان





ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

ٻوڏ جي وقت ۾ ٻين شين جو فڪر رهندو آهي. هڪڙو پاڻي گهٽو ٿو پاس ٿئي. يعني اخراج ٻيو گيج يا ليول گهٽي رهي. بيراجن جي پاڻي پاس ڪرڻ جي لحاظ ڪان اخراج اهم آهي. جڏهن تہ بندن جي لحاظ ڪان گيج يا ليول اهم هجي ٿي. جيئن بندن تي پاڻي جي ليول مٿي. تيئن بند ڪي وڌيڪ خطرو، ڪوٽڙي بيراج ڪان هيٺين بندن لاءِ ڪوٽري گيج اهم آهي. 16 فوٽ گيج تائين حيدرآباد جي بندن تي ڪو خطرو ناهي، جو انهيءَ گيج تي پاڻي جي ليول ۽ زمين جي ليول هڪ ٿئي ٿي. انهيءَ ڪان مٿي گيج معنيٰ پاڻي جو عميق، بندن تي جيترو گيج هجي، انهيءَ مان 16 فوٽ ڪٽي باقي عميق ليکبو. 21 آگسٽ تي ڪوٽري گيج 20.2 فوٽ هيو، معنيٰ تہ بندن تي لڳل پاڻي 4.2 فوٽ جو زور ڏيون بيٺو آهي. تاريخي رڪارڊ موجب وڌ ۾ وڌ ڪوٽري گيج سال 1956ع ۾ 26.4 فوٽ هيو. ٻيو نمبر سال 1973ع ۾ 25.4 فوٽ ۽ ٽيون نمبر سال 1976ع ۾ 25.3 فوٽ هيو هينئر هي 1956ع واري 26.4 ڪان 4.2 فوٽ گهٽ آهي. معنيٰ اڃان بندن تي پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽ آهي. پر پوءِ بہ تمام خطرناڪ آهي. جو ڪيترن سالن ڪان بندن ڪي پاڻي نہ لڳو آهي ۽ بند اڻ سيڪيل آهن.

ڪوٽڙي ڪان هيٺ سمنڊ تائين جي بندن لاءِ 5 سببن ڪري نقصان ٿي سگهي ٿو. هڪڙو روڻ سبب ٻيو بلو آئوٽ ڪرڻ، ٽيون سيمي ڪرڻ، چوٿون Wave wash ڪرڻ، ۽ پنجون چانڊوڪي راتين ۾ سمنڊ جي وير چڙهي اچڻ ڪري روڻ ۾ ميرو پاڻي بند مان زمين واري پاسي نڪري ايندو آهي. بلو آئوٽ ۾ بند ڪان پري زمين واري پاسي پاڻي ٻڙڪا ڏئي نڪري ايندو آهي. سيمي سبب پاڻي بند ڪي زمين واري پاسي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي. هوا جي ڪري چوليون پيدا ٿينديون آهن. جيڪي بند جي مٽيءَ ڪي ڪائن ٿيون. وير چڙهڻ جي ڪري سمنڊ درياهہ جي پاڻي ڪي روڪي بيهي ٿو. جنهن ڪري بندن تي پاڻيءَ جو دٻاءُ وڏي وڃي ٿو ۽ بندن تي پاڻي ليول چڙهي وڃي ٿي. روڻ ڪي منهن تان بند ڪبو آهي، بلو آئوٽ لاءِ يا ڊرم رکي ڇڏبو آهي يا وري پويان مٽيءَ جي منگلي ڏبي آهي. سيمي لاءِ بند تي زمين واري پاسي مٽي چاڙهبي آهي. چولين جي ڪاڌ لاءِ مهاڙيون ٺاهبيون آهن. ساموڊي وير جي ڪري بندن ڪي اوورٽاپ ٿيڻ ڪان بچائبو آهي. يعني يا مٽي جو ٻنو ڏبو آهي يا ڳوٽيون مٽي سان ڀري رکبيون آهن.

الله جي فضل ۽ ماڻهن جي ڪوشش سان ٻن ڪنڌن ڪان پوءِ (جن جي ڪري وڏي تباهي آئي آهي) باقي سنڌ محفوظ رهي آهي. اميد آهي تہ هيءَ ٻوڏ باقي وارو سفر بہ بنا ڪنهن نقصان ڪرڻ جي سمنڊ ۾ لهي ويندي.

## ٿوڙي واري ڪنڌ جا هاڃا:

ٿوڙيءَ واري ڪنڌ ملڪ ٻوڙي ڇڏيا آهن ۽ اڃان انهيءَ جو سفر جاري آهي. ڪنڌ بند نہ ٿيو آهي ۽ انهيءَ مان پاڻي هينئر بہ وهي پيو ۽ انهيءَ وقت تائين وهندو رهندو، جيستائين ڪنڌ بند نٿو ڪيو وڃي. بند مينوئل ۾ 1942ع واري ڪنڌ ڀڃڻ جو ذڪر آهي. اهو تڏهن بند ڪرڻ شروع ڪيو ويو هيو، جڏهن درياهہ جو وهڪرو گهٽجي اڍائي لک ڪيوسڪ ٿيو هو، اهو ايف پي بند ڪان مٿي ورايل پاڻي وري حمل ڍنڍ ۾ گڏ ٿي ايم اين وي ڊرين وسيلي منڇر ڏي روانو ٿيو. جنهن ايم اين وي ڊرين کي ٿوڙي ڇڏيو. وري باقي بچيل پاڻي هيٺ هليو ۽ گهاڙ مين ڊرين ۽ ڏامراهہ برانچ ڊرين کي ڪٽي ميهڙ سامهون سپريو بند کي اچي لڳو. سپريو بند ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ کي بچائي ٿو. سپريو بند ڪان هيٺ هليل پاڻي ايم اين وي ڊرين کي ٿوڙيو، جيڪو جوهي برانچ تي پهچي ويو، پر ان کي اتي روڪيو ويو ۽ جوهي شهر ٻڏڻ ڪان بچي ويو. اهو پاڻي منڇر ڪان مٿي اٿلي پيو ۽ منڇر جي زيرو پوائنٽ تائين پريل رهيو ۽ نيٺ منڇر ۾ ويو.

شهدادڪوٽ ڪان هيٺ زمين جو سلوپ ايف پي بند سان لڳو لڳ منڇر ڏي آهي. ٿوڙي بند جو پاڻي بہ ساڳيو رستو وٺندو ۽ منڇر ۾ ڇوڙ ڪندو. ڏسڻو اهو آهي تہ منڇر تائين پهچڻ تائين انهيءَ کي ڪيترو گهٽايو وڃي ٿو، جيئن سال 2007ع ۾ ڪيو ويو هو، جو ڪجھ پاڻي ايف پي بند کي ڪٽ هڻي حمل ڍنڍ ۾ اماڻيو ويو هو، پر پلي پاڻي ايف پي بند ڪان مٿان وڃي يا هيٺ انهيءَ جو پڇاڙيءَ وارو ڇوڙ جو هنڌ منڇر آهي. جنهن تي دٻاءُ وڌندو، هينئر منڇر جي ليول 111 فوٽ آهي ۽ درياهہ جي ليول 120 فوٽ. هينئر منڇر جو پاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ نٿو ڪري سگهجي. ٿوڙي واري پاڻي اچڻ ڪري منڇر جي ليول وڌندي، پر درياهہ جي ليول گهٽبي. درياهہ جي ليول اٽڪل 110 فوٽ تڏهن ٿئي ٿي. جڏهن سکر بيراج ڪان هيٺ وهڪرو اٽڪل 2 لک ڪيوسڪ ٿئي ٿو، منهنجي خيال ۾ 15 ڏينهن تائين تہ سکر بيراج تي وهڪرو 2 لک ڪيوسڪ ٽيڻ ڏکيو آهي. جيڪڏهن ٿوڙيءَ جو پاڻي پندرهن ڏينهن ۾ منڇر پهچي وڃي ٿو ۽ منڇر جي ليول وڌي ٿي ۽ اهو پاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ نہ ڪري سگهجي تہ منڇر جو بند ٽٽي سگهي ٿو، جنهن ڪري پر وارا علائقا ٻڏي سگهن ٿا.

چوندا آهن تہ مارڻ واري ڪان بچائڻ وارو وڌيڪ طاقتور آهي. جيڪڏهن هو ٻاجھ ڪري تہ سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو، ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ منڇر جي ليول ايتري نہ چڙهي ۽ درياهہ تڪڙو لهي وڃي ۽ منڇر جو پاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ ڪري سگهي.

جي ليلائي نہ لهين تہ پڻ ليلائيج،
آسرو نہ لاهيج سڄڻ ٻاجهارو گهڻو!

(شاهہ)

Sindhica Academy



# هن ٻوڏ ۾ ڇا ڇا ٻڏڻ گهرجي؟

اشفاق آذر

جيتوڻيڪ درياءَ جي هن ٻي رخي ۽ ڪاوڙ جا ذميوار رڳو چند ماڻهو آهن، پر توهان ڏسو تہ درياءَ پنهنجي دوستي ۽ دشمني برابري سان ورهائيندو آهي، هو ڪا تفريق ناهي رکندو. هن ديس جا جهونا بہ ڪنن کي هٿ هڻي چون ٿا تہ هنن اهڙي ٻوڏ اڳ ڪڏهن بہ ناهي ڏٺي. جن جي درياءَ سان سنگت ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين محيط آهي. اهي بہ هيل درياءَ جي دهشت ڪان خوفزده آهن. هي قصو ٿوڙي بند کي لڳل/ هنيل گهاري ڪان شروع ٿيو ۽ پوءِ هر گذرندڙ ڏينهن پاڻ سان گڏ ٻوڙ ٻوڙان جا ڪيترائي داستان ڪٽي ايندو رهيو، اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. هن ٻوڏ ڇا ڇا نہ ٻوڙي ڇڏيو آهي، ماڻهن جا ڪچا گهر، گهرن جا اڱڻ اڱڻ ۾ وڪريل ننڍپڻ جون يادون، رانديون ڪيڏڻ جا ميدان، اهي گهٽيون، جن تي هاڻ پيرن جا نشان بہ ناهن رهيا، مال مويشي، هنڌ ٿپڙ، اکين جو نور نچوئي ٺاڪيل رليون، ڦڙي ڦڙي ڪري گڏ ڪيل مال متاع... جيڪي بچيو سو سڪٽا سر هئا، جيڪي ڪٽي ماڻهو ڪي ڪيمپن تائين پهتا، ڪي اڃان دربدر آهن.

گڊو ڪان ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، شڪارپور ڪان وٺندي شهدادڪوٽ پير جو ڳوٺ ڪان وٺندي مانجهند تائين هزارين ڳوٺ آهن، جن ۾ رهندڙ لکين ماڻهو پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن آهن. هن ٻوڏ پلي پٽ سرڪاري اهليت جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي. هاڻي ماڻهن کي چڱي ريت اهو اندازو ٿي چڪو آهي تہ سرڪار هنن جي لاءِ ڇا ڇا ڪري سگهي ٿي؟ سرڪار کين نہ رڳو خطري ڪان اڳ آگاهي نٿي ڏيئي سگهي، کين محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل نٿي ڪري سگهي، سندن لاءِ بروقت ڪيمپن جو بندوبست نٿي ڪري سگهي پر سندن سار سنڀال بہ نٿي ڪري سگهي، ڪجھ آفيسرن کي ڇڏي ڪري عوام جي ئي ٽيڪسن جي پيسي مان ڳرين پگهارن ۽ مراعاتن تي رکيل ڪامورن توڙي لاڳاپيل ادارن جي عملدارن جي ڪارڪردگي تي هن ٻوڏ جي پاڻي چڱي نموني پاڻي ڦيري ڇڏيو. حالت

www.sindhsalamat.com

اها رهي ته وزير هجن يا ڪامورا سڀ پاڻي جي پويان ڊوڙندا رهيا ۽ پاڻي کين ڊوڙائيندو رهيو، پوءِ جنهن کي جتان سمجهه ۾ پئي آيو، اتان پاڻي کي ڪٽ ڏيڻ شروع ڪري ڏنائون. هڪ علائقي کي بچائڻ لاءِ ٻيا علائقا ٻوڙڻ شروع ڪري ڏنائون. توهان غور ڪيو ته پاڻي ايترو ناهي ٻوڙيو، جيترو انهن همراهن جي ”عقل ۽ دورانديشي“ انهن علائقن کي ٻوڙيو آهي. اهو ياد ڪرڻ ڪانسواءِ ته پاڻي پنهنجا گس پاڻ ناهيندو آهي هو ڪٽ لڳائيندا ويا، نتيجي ۾ ڳوٺ ۽ شهر ماڻهن کان خالي ٿيندا ويا. ماڻهن جون مال ملڪيتون پاڻي جي قبضي هيٺ اچي ويون ۽ سرنديءَ وارن وڏن شهرن ۾ قائم ڪيل بنگلن ۾ پناهون وٺي خلق کي چورن، لٽيرن ۽ بي رحم لهرن جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏنو. ماڻهو ڀڄڙن مٺ تي پنهنجا زيور ۽ ڳهه ڳٺا ڪپائي ٽرانسپورٽ جا ڀرا ڀاڙا ڀري نڪرڻ لڳا ۽ سرڪار اهي اعلان ڪندي رهي ته ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت نڪري وڃن! هيئنر به ڪيترن ئي علائقن ۾ ماڻهو ڦاٿل آهن جن لاءِ ڪا واهر ڪانهي. هنن کي پاڻي نه، پر بک ماري رهي آهي! توهان نٿا سمجهو ته هن ٻوڏ ۾ سرڪار جي اها ”گڊ گورننس“ به لڙهڻ گهرجي؟

هن پاڻي نه رڳو آبپاشي کاتي جي ”بند مينوئل“ کي ٻوڙي ڇڏيو آهي پر کين اهو به يادگيرو ڏياريو آهي ته جڏهن درياءَ سان ڪئونس ڪئي ويندي آهي ته درياءَ جو انتقام ڪنهن به بند يا ڪٽ کي مڃڻ جو محتاج نه هوندو آهي. هن ٻوڏ ۾ جيڪڏهن ٻڏڻ گهرجي ته آبپاشي کاتي جي عملدارن جي اها بي حسي ٻڏڻ گهرجي. جيڪا هو بندن سان روا رکندا آيا آهن. سندن اها غفلت لڙهڻ گهرجي. جنهن جي ڪري اڄ سنڌ کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پئجي رهيا آهن. سندن اها روش لڙهڻ گهرجي. جنهن ۾ هو نوڪري بچائڻ کي ترجيح ڏيڻ بدران بندن ۽ ڪنارن کي بچائڻ تي ڌيان ڏين. هن ٻوڏ ۾ هنن جي سرڪاري جي حضوري ۽ ها ۾ ها ملائي ماڻهن کي حقيقت کان بي خبر رکڻ وارو رويو ٻڏڻ گهرجي. توهان کي ٽي وي اسڪرين ۽ اخبارن ۾ ڪيترائي اهڙا بيان ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ مليا هوندا. جنهن ۾ غلط تجزيا، سڀ خير هجڻ جون دعوائون ۽ ميڊيا کي هراس نه پکيڙڻ جون هدايتون ٿيل هونديون پر پاڻي انهن سمورين دعوائن ۽ تجزين کي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو. هن ٻوڏ جي پاڻي ۾ هاڻي اها ”سرڪاري حقيقت پسندي“ به ٻڏڻ گهرجي.

جيڪڏهن اهو سوچجي ته ٻوڏ کان اڳ واري سنڌ ڪيئن هئي ته اها قبائلي جهيڙن ۾ ورتل نو گو ايرياز واري سنڌ به هئي. اتر سنڌ جا اهي علائقا جتي برادرين جا هٿياربند هڪٻئي جي علائقن ۾ وڃڻ کان لنوائيندا هئا. پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ مورچابند ٿي رهندا هئا. انيڪ بردارين جا سردار پنهنجي انا ۽ ضد سبب انهن قبائلي جهيڙن کي هٿي ڏيندا هئا. سرڪاري سرپرستي ۾ جرڳا ٿيندا هئا. خير ٿيڻ بعد وري رتو ڇاڻ ٿي ويندي هئي. ويگنن، بسن ۽ ٽريڪٽر ٽرالين مان ماڻهن کي لاهي گولين جو بک بڻايو ويندو هو. انهن ئي نو گو ايرياز ۾ ٻوڏ جي پاڻي نه رڳو





داخل ٿي ڏيکاريو، پر انهن برادرين کي بي دخل ٿيڻ تي پڻ مجبور ڪري ڇڏيو، پاڻي لاءِ ڪو به نو گو ايريا نه هوندو آهي، پاڻي پنهنجا ايريا پاڻ طئي ڪندو آهي. ڪو ئي ٻڌائي ته ڇا پاڻي اهو فرق رکيو ته فلاڻو اوڳاهي آهي، تيغاڻي، لنڊن، بوزدار، مهر، جتوئي آهي يا ڪو ٻيو... ڇا پاڻي اها تميز رکي ته فلاڻي برادري جي ڳوٺن ۾ داخل ٿيڻو آهي ۽ فلاڻي برادري کي بخش ڪري ڇڏڻو آهي..؟ پاڻي سڀني سان برابري جو سلوڪ ڪيو. اهي ماڻهو جيڪي هڪٻئي جي ڳوٺن ڏانهن منهن نه ڪندا هئا. سي پنهنجا سر بچائي هڪٻئي سان گڏجي ٻوڏ مان نڪتا. مون کي خبر ناهي ته جڏهن ٻوڏ جو پاڻي لهندو ۽ سمورين برادرين جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن واپس ورندا ته ڇا وري هو ساڳين ئي نو گو ايرياز ۾ قيد ٿي ويندا. ڇا وري هنن جي زندگي ۾ سردارن جي انا رڪاوٽ بڻجي ويندي؟ پر منهنجي خيال ۾ هاڻي وقت آهي ته هو درياءَ مان سبق سکن ۽ هن ٻوڏ جي پاڻي ۾ اهو ضد، اهي قبائلي جهيڙا، اهو جرڳائي نظام ۽ اهي فرسوده ريتون رسمون به لوڙهي ڇڏين، جن ورهين کان هن سماج کي انساني، اخلاقي قدرن کان کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ جڏهن اهي ماڻهو واپس پنهنجي تر موٽين ته اسان کي اهي منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا ته انهن برادرين جي ماڻهن جي هٿن ۾ هٿيارن بدران ڪوڏرون ۽ تغاريون هجن ۽ بنا فرق جي هڪٻئي جي گهرن جي تعمير ۾ حصو وٺن. اسان کي اهي به منظر ڏسڻ ۾ اچن ته سمورين برادرين جا سردار بنا ڪنهن تفريق جي ماڻهن جي مدد ڪري سگهن. اها مدد جيڪا هو ٻوڏ کان اڳ نه ڪري سگهيا. تنهن کي هو پنهنجو ڪفارو سمجهي ادا ڪن، جن ڪاٽڪوئن کي هو پنهنجي پناهه ۾ رکندا آيا آهن. تن کان دستبردار ٿين ۽ جيڪي به قبائلي جهيڙا هلندڙ آهن، تن جي هميشه لاءِ خاتمي جو اعلان ڪن.

هن ٻوڏ هاڻي يادگيري ۾ فقط پاڻيءَ جي تيز وهڪرن، لڙهندڙ لوڙهڻ پاڻي ۾ ڦاٿل ماڻهن جي صدائن، ڪيمپن ۾ سٽيل بيمارين وگهي مرندڙ ماڻهن جي داستان ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڇڏيو. سنڌ جي ڳوٺن مان ٿيندڙ هجرتن جا منظر ڄڻ ته هڪ نئين تاريخ رقم ڪري رهيا آهن. 47ع کان پوءِ ورهاڱي سبب جيئن سنڌ جي شهرن جي ڊيمو گرافي تبديل ٿي. امن ۽ سڪون برباد ٿيو، قبضا خوري، ڀتا خوري جا نوان داستان جنم وٺڻ لڳا. تن ڄڻ ته ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ئي ديس ۾ اجنبي بڻائي ڇڏيو هاڻي هي ٻوڏ لڏ پلاڻ جا نوان منظر ڏيکاري رهي آهي. انهن ئي شهرن ۾ جتي ڪڏهن سنڌين جي اڪثريت هوندي هئي، تن جي سيني تي اردو جي محاوري وانگر .سانپ لوٹ رهي هين“ مختلف طريقن سان کين تنگ ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي ته هڪ خاموش مهم به هلندڙ آهي ته ڪنهن طريقي سان انهن ٻوڏ متاثرن کي انهن شهرن ۾ آباد ٿيڻ کان روڪيو وڃي ۽ جيڪي اچي چڪا آهن. تن جي جلد کان جلد واپسي ممڪن بڻائي وڃي. توهان جيڪڏهن خبرداري سان مختلف چينلن جو جائزو وٺندئو. اخباري خبرن کي ڌيان سان پڙهندئو ته سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي،

توهان ان رويي جي هڪ جهلڪ ڪراچي جي مروت باغ ۾ ٿيندڙ واقعي مان ٻه ڏٺي هوندي ته مختلف چينلس تي سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن سان منسوب ڪيل بي بنياد بيانن مان ٻه اندازو لڳائي سگهو ٿا. جنهن ۾ ٻوڏ متاثرن جي آمد ڪراچي م روڪڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ قائم ڪيمپن ۾ متاثرن جي زندگي ان حد تائين مشڪل بڻائڻ واري روش هلي رهي آهي ته جيئن اهي تنگ ٿي جلد کان جلد پنهنجي ڳوٺن ڏانهن واپس وڃڻ جو مطالبو ڪن. اهي ڳوٺ جيڪي هاڻي هنن جا پنهنجا ناهن رهيا. پر سنڌ جي سڄاڻ حلقن م اهو سوال گردش ڪري رهيو آهي ته جڏهن هي ڌرتي ٻاهران ايندڙ غيرن کي پناهه ڏيئي سگهي ٿي. ڪين روزگار ۽ گهر ڏيئي سگهي ٿي ته پوءِ هن ئي ڌرتي جي ماڻهن لاءِ هتي ڪا گنجائش ڇو نه هجڻ گهرجي؟ انهن وڏن شهرن ۾ سرڪاري سرپرستي ۾ ٻوڏ متاثرن جون باقاعده وسنديون قائم ٿيڻ گهرجن، جتي ڪين گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڪين روزگار ڏنو وڃي ته جيئين هو پنهنجا ڪٽنب پالي سگهن. هن ٻوڏ ۾ هاڻ اها تعصب پرستي، ٻه اڪيائي ۽ ڌرتي ڌٽين ڏانهن ويڳاڻپ جو رويو ٻه لڙهڻ گهرجي. جنهن سنڌ کي ڪن ڌاڪن کان وٺي ٻولي جي بنياد تي ورهائي رکيو آهي. ڪياماڙي ٽائون ۾ ورهاڱي کان اڳ آيل هڪ پناهگير ميرپور ٻرڙو جي ٻوڏ متاثرن کي پناهه ڏيڻ وقت چيو هو ته، ”اسان جا وڏا جڏهن لٽجي هتي سنڌ پهتا هئا ته سنڌين ڪين پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، اسان سندن ٿورو ته ڪڏهن ٻه نٽا لاهي سگهون پر هڪ ننڍڙي ڪوشش ضرور ڪري سگهون ٿا ته هن مشڪل جي گهڙي ۾ هنن لاءِ ٻه پنهنجي دلين جا دروازا کوليون، پر تنهن هوندي ٻه هنن جا انيڪ احسان اسان جي ٿوري نيڪي مٿان ڳرا آهن! هن ٻوڏ ۾ هاڻ اهي سموريون تلخيون ۽ نفرتون ٻڏڻ گهرجن. جن جي ڪري سنڌ جا وڏا شهر سنڌين لاءِ اوپرا ٻڻجي ويا آهن، جتي مفاد پرست ٽولا ڏينهن رات رڳو پنهنجي فائدي لاءِ سرگردان آهن. هن ڌرتي پنهنجن ۽ پراون سڀني کي نوازيو آهي. هاڻ هن ٻوڏ جي پاڻي ۾ ڪوٽا سسٽم ٻه لڙهڻ گهرجي ته ڊوميسائيل جو شرط ٻه ٻڏڻ گهرجي!.





# ٻوڏ جا سبب ۽ دربدر ٿيل سنڌ واسين جو مستقبل

ڊاڪٽر مير عالم مري

تازو سنڌ ۾ شديد برساتن سنڌو ندي جي ڏن پروندين ۾ آيل سيلابن سبب، سنڌو درياهه ۾ تمام وڏي ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي آهي. آيل خبرن ۽ تجزيه نگارن جي تجزين موجب ٻوڏ جو بنيادي سبب مون سون جون تمام گهٽيون برساتون آهن. اسان جي نظر ۾ اهو سبب درست آهي پر اهو اڪيلو سبب ڪونهي. ٻوڏ ۽ ان جي نتيجي ۾ خاص طور تي سنڌ اندر ٿيل تباهي جا بنيادي سبب ڪجهه ٻيا آهن. جن تي يا ته ڳالهايو ڪو نه پيو وڃي يا وري انهن سببن کي گهربل اهميت نه پئي ڏني وڃي. اهي سبب هي آهن.

(1) سنڌ کان ٻاهر، بالخصوص پنجاب اندر جيڪي ڊيم يا فلڊ ڪئنال ٺاهيا ويا آهن. انهن جو بنيادي مقصد ئي اهو هو ته ٻوڏ ۾ جڏهن سنڌو ندي اندر سيلابي پاڻي جو مقدار وڌي وڃي، تڏهن اهي ڊيم/ فلڊ ڪئنال وغيره ڀريا/ وهايا وڃن. پر پنجاب پنهنجو روايتي مظاهرو ڪندي اهي ڊيم (تربيلا ۽ منگلا وغيره) ان وقت ئي ڀري ٿو ڇڏي. جڏهن سنڌو درياهه ۾ پاڻي جو مقدار ملڪي ضرورتن لاءِ ئي ناڪافي هوندو آهي. نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿيو پوي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته موجوده ٻوڏ کان ڪجهه هفتا اڳ م ئي پنجاب تربيلا ۽ منگلا ڊيم ڀرڻ کان علاوه چشما- جهلم ڪئنال وغيره زوري زبردستي تار ڪري/ وهائي ڇڏيا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ اندر پيئڻ جي پاڻي جي ٻه کوٽ پيدا ٿي پئي هئي. جنهن بعد جيئن ئي مون سون جي شديد برساتن جو سلسلو شروع ٿيو ته جيئن ته سڀ ڊيم، ڪئنال وغيره اڳي ئي پنجاب حڪومت ڀري ڇڏيا هئا. تنهن ڪري سيلابي پاڻي کي روڪڻ جي پنجاب وٽ گنجائش ئي نه رهي ۽ پنجاب سيلاب جو سمورو پاڻي، سنڌ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ ٻڏڻ لڳي آهي. يعني پنجاب جي پاليسين سبب سکي ٻه سنڌ ته ٻڏي ٻه سنڌ. وفاقي حڪومت توڙي (انڊس رور سسٽم اٿارٽي)

ارسا فقط نمائشي ادارا ٿي آهن.

(2) 1976ع کان پوءِ سنڌو درياهه ۾ هي ٻي وڏي ٻوڏ آهي. 35 سالن جي انهيءَ عرصي دوران اربين رپين جا فنڊز، سنڌو درياهه جي ڪپرن، بندن کي مضبوط ڪرڻ ۽ پچنگ لاءِ جاري ڪيا ويا، پر آبپاسي کاتي جا رشوتخور ۽ بدعنوان ڪامورا، انهن فنڊن تي هٿ صاف ڪندا رهيا آهن، نتيجي طور نه ته بندن، بيراجن جي ڪا جوڳي مرمت ٿي آهي ۽ نه ئي بهتر طريقي سان ڪا پچنگ ٿي آهي. آبپاشي کاتي جي اهڙي عوام آزار ڪردار جو اعتراف تازين ٻوڏن دوران، سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه به ڪري چڪو آهي. پر صورتحال جي سنگيني جي پيش نظر، انهن خلاف ٺوس جاچ ڪرڻ ۽ سخت ڪارروائي ڪرڻ جي به ضرورت آهي.

(3) مختلف زميندارن، سنڌو درياهه جي پاڻي مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ يا پنهنجون ڪيٽيون ۽ زمينون آباد ڪرڻ لاءِ هڪڙا بند ڊاٿا آهن ته ٻيا بند ڏياريا آهن، جنهن ڪري به درياهي ٻوڏ تباهي مچائي آهي.

هن وقت پنجاب وري نوان ڊيم ٺاهڻ جو راڳ آلاپڻ شروع ڪندي انهن موجوده سيلاب کي دليل طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم سميت ٻيا ڊيم ٺهيل هجن ها ته ٻوڏ جو هي پاڻي نه ضايع ٿئي ها ۽ نه ايترو نقصان ٿئي ها. ان سلسلي ۾ اسان جو موقف واضح آهي. جيئن ته پنجاب جي حدن ۾ ٺهيل ڊيمن ۾ پاڻي ڀرڻ يا خارج ڪرڻ جو فيصلو سنڌ جي مفادن ۽ ضرورتن مطابق نٿو ٿئي. پنجاب ڪنهن به معاهدي يا واعدي تي قائم نٿو رهي ۽ ڏاڍ مڙسي جي ذريعي سنڌو درياهه جي پاڻي سان هٿ چراند ڪندو، زوري يا چوري ڪندو ٿو رهي. تنهن ڪري سنڌ کان ٻاهر (پنجاب يا پاڪستاني ڪشمير جي جاگرافيائي حدن اندر) ڪو به ڊيم يا ڪينال وغيره جو منصوبو نه ٺاهيو وڃي. جيڪڏهن پاڻي جا ڪي ذخيرا بجلي، زراعت يا ٻين ضرورتن لاءِ ٺاهڻ ضروري آهن ته پوءِ اهي سنڌ اندر ٺهڻ گهرجن ته جيئن انهن تي اختيار به سنڌ جو هجي. موجوده صورتحال جو ٻيو پاسو اهو آهي ته موجوده سيلاب جي ڪري سکر، ڪشمور، جيڪب آباد يا شڪارپور ضلعن ۾ جيڪو وڏي پيماني تي نقصان ٿيو آهي. ان جو سبب بيراج بچائڻ لاءِ درياهه کي هٿرادو ڪٽ هڻڻ آهي. اهي ڪٽ هڻڻ سان انهن ضلعن جا هزارين ڳوٺ ۽ ڪيترائي شهر ٻڏي ويا آهن. سوين انساني جانيون ضايع ٿيون آهن. هزارين جانور مري ويا آهن ۽ اربين رپين جون ملڪيتون، گهر، زرعي زمينون، روڊ، ريلوي لائينون ۽ بجلي جو نظام تباهه ٿي ويو آهي، چيو پيو وڃي ته ان صورتحال جا ذميوار وفاقي ۽ سنڌ حڪومت جا پنج وزير آهن. جن پنهنجون زمينون شهر بچائڻ لاءِ ٻين کي ٻوڙي ڇڏيو آهي. انهيءَ معاملي جي غير جانبدار جاچ ڪرائڻ لازمي آهي.

سيلاب کان پوءِ سنڌ اندر وڏي پيماني تي، خاص طور تي اتر سنڌ ۾ وڏي





تباهي آئي آهي. جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت هن وقت تائين ابتدائي طور تي 19 ضلعن کي آفت سٽيل قرار ڏئي ڇڏيو آهي. پر ڪيترو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. ان جو مڪمل سروي نه ٿي سگهيو آهي. سنڌ حڪومت عوامي دٻاءُ تي ٻوڏ سٽيل ماڻهن کي سنڌ جي وڏن شهرن خاص طور تي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ موڪلڻ جو اعلان ۽ بندوبست ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڏاري آبادڪاري جي لحاظ سان موجوده ٻوڏن ۾ هڪڙي ڳالهه اها ٿي آهي ته پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جا زميني رابطا گهٽجي ويا آهن، نه ته پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جا لکين ٻوڏ متاثر به سنڌ ڏانهن رخ ڪن ها. هن دفعي ۽ شايد تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻوڏ سبب سنڌ جي متاثر ماڻهن ڪراچي ڏانهن رخ ڪرڻ شروع ڪيو آهي، ان جا بنيادي سبب هي آهن.

(1) ڪراچي ۾ روزگار جا ذريعا وڌيڪ آهن، تنهنڪري ٻوڏ سٽيل ماڻهن کي گذر معاش جي سهولت ڪراچي ۾ وڌيڪ نظر اچي ٿي.

(2) جديد مواصلات ۽ آمدرفت جي ذريعن جي ترقي سبب ماڻهن سنڌ جي شهرن ڏانهن رخ ڪيو آهي. نه ته ماضي ۾ آيل ٻوڏن جي نتيجي ۾ ايئن نه ٿيو هو.

(3) گذريل ٽن ڏهاڪن دوران سنڌ جي شهرن خاص طور تي ڪراچي ۾ جيڪي لکين پنجابي، پناڻ، افغاني، بنگالي ۽ ٻين قومن جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ اچي آباد ٿيا آهن. ان جي نتيجي ۾ سنڌين ۾ اهو احساس پيدا ٿيو آهي ته ڪراچي جو شهر عملي طور سنڌين جو شهر ناهي رهيو، تنهن ڪري وڏي پئماني تي، سنڌين کي ڪراچي ڏانهن رخ رکڻ، آباد ٿيڻ ۽ پنهنجن شهرن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي.

(4) سنڌ جي قومپرست جماعتن جو موقف ۽ جدوجهد به اها رهي آهي. تنهنڪري قومپرست ڪارڪنن جي حيثيت ۾ اهو اسان جو فرض آهي ته وڌ کان وڌ سنڌين کي ڪراچي ۾ آباد ڪريون.

(5) ان سان سنڌ جي شهري، لساني ۽ مذهبي جماعتن جي به پرک ٿي ويندي ته اهي دهشتگردي، بدامني يا روزگار سبب ملڪ جي جي ٻين صوبن يا پاڙيسري ملڪن مان ايندڙ ماڻهن کي جتي ڪراچي ۾ برداشت ڪندا آيا آهن ته ڇا اهي سنڌين کي برداشت ڪندا؟ حالانڪ سنڌي ته سنڌ جا مالڪ آهن. اهي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، هڪ ضلعي کان ٻئي ضلعي ۽ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين، جڏهن به ۽ جتي به رهڻ يا آباد ٿيڻ چاهين ته ٿي سگهن ٿا ۽ ان لاءِ سنڌين کي ڪنهن کان اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪونهي.

موجوده صورتحال کان پوءِ مستقبل جي حوالي سان اهو ضروري آهي ته: (1) سڄي سنڌ کي آفت سٽيل قرار ڏئي سمورا زرعي قرض ۽ ڍلون معاف ڪيون وڃن (2) جاني ۽ مالي نقصانن جو سرڪار معاوضو ادا ڪري (3) ڊگهي مدت وارا ۽ آسان قسطن ۽ وياجن وارا قرض (زرعي توڙي صنعتي) ڏنا وڃن (4) پرڏيهه مان ٻوڏ سٽيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ ملندڙ امداد سان سنڌ کي ان جو جائز حصو ڏنو وڃي ۽ سماجي

۽ معاشي ترقي جو وسيع پروگرام شروع ڪيو ويجي. (5) ڪراچي ۾ سرڪاري زمين تي سنڌين کي پلاٽ ڏنا وڃن ۽ ڪين سرڪاري خرچ تي گهر ٺهرائي ڏنا وڃن (6) جيڪڏهن حڪومت ذوالفقار آباد جي نالي سان نئون شهر جوڙڻ ۾ سنجيده آهي ته اهو شهر مڪمل طور سنڌين جي حوالي ڪري (7) ڪراچي جي صنعتي (سرڪاري توڙي نجي) ادارن کي پابند ڪيو وڃي ته اهي نوڪريون ترجيحي بنيادن تي ٻوڏ سٽيل سنڌ واسين کي ڏين ۽ ڪل ملازمن جو 90 سيڪڙو سنڌين کي ڏين، ٻي صورت ۾ انهن کي ٽيڪس يا ڪنهن ٻئي قسم جي ڏنل رعايت ختم ڪري اهڙن ڪارخانن کي سنڌ حڪومت جي تحويل ۾ ورتو وڃي (8) جيڪي به وفاقي ادارا آهن. انهن ۾ ڪوٽا ۽ قانون جي ٻين شرطن کي معطل ڪري سنڌين کي 70 سيڪڙو نيون ڀرتيون ڪري نوڪريون ڏنيون وڃن (9) سنڌ اندر ننڍا ننڍا ڊيم ٺاهڻ جي منصوبابندي ڪئي وڃي ته جيئن پاڻي ذخيرو ڪري انساني مفادن لاءِ استعمال ڪري سگهجي. (10) سنڌ حڪومت، جلد ڪل جماعت ڪانفرنس سڏائي ٻوڏ جي سببن، امدادي ڪارروائين ۽ مستقبل جي منصوبن بابت سياسي پارٽين کي اعتماد ۾ وٺي.





# سنڌو، چانڊوڪيون راتيون ۽ سمنڊ ۾ وڏي وير جو چڙهڻ

نواز خان زئور

سنڌو دريا پنهنجي جوڀن تي آهي، وڏا وهڪرا گڊو بئراج ۽ سکر بئراج سان منهان منهن ٿيڻ کان پوءِ ڪوٽڙي بئراج سان برسر پيڪار آهن ۽ اتان لنگهي پاڻي تيزي سان وهندو سمنڊ ڏانهن ڏوڪيندو وڃي. ڪوٽڙي بئراج کان مٿي توڙي هيٺ بندن تي اجا پاڻي جو دٻاءُ جيئن جو تيئن موجود آهي. جيڪو مٿئين پاسي جي بندن تان ته هاڻي آهستي آهستي گهٽجندو ويندو، پر هيٺئين پاسي جي بندن تي تيزي سان وڌندو. حيدرآباد، ٺٽي، ٽنڊي محمد خان ۽ ٺٽي ضلعي جي حدن ۾ دريا جا جيڪي بند اڳيئي ڪمزور ڄاڻايا پيا وڃن. تن جو اصل امتحان ته اجا هاڻي تڏهن ٿيڻو آهي، جڏهن سمنڊ ۾ وڏي وير جوار ياتا، جنهن کي عام طور تي جوار ڇئبو آهي. جي چڙهڻ سان دريا ۽ سمنڊ جي وچ ۾ جهيڙو مچندو. هي جهيڙو هينئر ان ڪري به چوٽان چوٽ ٿيندو جو دريا پنهنجي پوري جوڀن تي هجڻ سان گڏوگڏ ڪئين سالن کان پوءِ پيو اچي سمنڊ، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان دريا جي روڪ ٽوڪ نه هجڻ سبب بنا اٽڪاءَ جي اڳتي وڌندو آهي. سو هينئر به ساڳيو ئي جوش ڏيکاريندو، وچڙيلن جو ميلاپ هميشه جذباتي، جوشيلو ۽ گرمي ڀريو هوندو آهي. سو هيڏانهن دريا مستيءَ مان سمنڊ ڏانهن وڌي رهيو آهي ۽ هوڏانهن سمنڊ سندس سامهون ٿيڻ لاءِ ڪنهن تجربيڪار ڪيڏاري وانگر هوريان هوريان سندرو ڇڪي رهيو آهي. ٻئي ان مهل هڪٻئي سان منهان منهن ٿيندا. جنهن مهل وڏو وهڪرو سمنڊ جي عين اڳيان هوندو ۽ سمنڊ ۾ وري جوار ياتا پنهنجي پوري اوج تي هوندي.

## ڇوليون ڇو ٿيون پيدا ٿين؟

چنڊ ۽ ڌرتي جي وچ ۾ موجود ڪشش ثقل جي نتيجي ۾ سمنڊ جي پاڻي ۾ ڇوليون پيدا ٿينديون آهن، جن ڇولين کي ٻن درجن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ ننڍيون ڇوليون، ٻيون وڏيون ڇوليون، ننڍين ڇولين جا به وري ڪيترائي نمونا ٿين ٿا، جن

مان هڪڙيون ڇوليون اهي هجن ٿيون، جيڪي هر ڏهين سيڪنڊ ڇُلنديون ساحل سان ٽڪرائجنديون رهن ٿيون هي ننڍيون ڇوليون سمنڊ تي گهلندڙ وڏي واءُ يا هلڪن طوفانن جي نتيجي ۾ اڀرن ٿيون. سج جي ڪشش جي ڪري به سمنڊ ۾ ڇوليون اٿن ٿيون. پر سج جي ڌرتي کان تمام گهڻو پري هئڻ ڪري اهي بنهه ننڍيون هونديون آهن. تنهن ڪري انهن کي ڪمزور لهرون چيو ويندو آهي. اهڙيون ئي لهرون رومي ڏند ڪٿا ۾ پيار ۽ سونهن جي ديوي وينس جي نالي سان سڏجندڙ شمسي منڊل جي سڀ کان روشن سياري زهرا ۽ ساڳي رومي ڏند ڪٿا جي جنگي ديوتا جي نالي واري سياري مريخ جي اثر سبب پڻ پيدا ٿين ٿيون. خود سمنڊ جي پاڻي ۾ موجود تحرڪ، وهڪ ۽ ڪشمڪش جي نتيجي ۾ به اهي لهرون اڀرن ٿيون. اهڙي طرح ڌرتي تي موجود وڏن توڙي ننڍن سمنڊ ۾ ننڍين وڏين لهرن جا لڳ ڀڳ ٽي سئو قسم ڳڻيا ويا آهن. جن مان مکيه ڇوليون اهي آهن. جيڪي چنڊ سان تعلق رکن ٿيون.

## چنڊ سان تعلق رکندڙ ڇوليون

چنڊ سان تعلق رکندڙ ڇولين کي به ساڳئي ئي طريقي سان ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. پنجويهن ڪلاڪن دوران ٻه ننڍيون ۽ ٻه وڏيون لهرون واري واري سان چڙهن ۽ لهن ٿيون، هر ساڍي ٻارهين ڪلاڪ وڏي لهر چڙهي ٿي. جنهن جي لهڻ سان ننڍي لهر اڀري ٿي. جنهن جي پٺيان وري وڏي لهر ۽ ان کان پوءِ وري ننڍي لهر جو وارو اچي ٿو، اهي عام لهرون آهن. جن ۾ چنڊ جي گهٽ وڌائي ۽ ڏينهن رات جي حساب سان گهاٽي واڌي اچي ٿي ۽ وڏي لهر بنهه وڏي ۽ ننڍي لهر صفا ننڍي ٿي وڃي ٿي. ان حد تائين جو سمنڊ بلڪل سانت ٿي وڃي ٿو. دنيا جا ڪجهه بندر اهڙا به آهن، جتي ان وڏي لهر جي چڙهڻ سان ئي ساموندي جهازن تي مال لڏيو ۽ لاٿو وڃي ٿو، ننڍي لهر دوران اهي جهاز اتي بندر سان لڳا دڪي کان هيٺ بيٺا رهن ٿا ۽ مٿن مال چاڙهڻ يا لاهڻ ممڪن نه ٿو هجي.

## وڏي وير/ جوار ڀاٽا

جڏهن چنڊ نئون يا مڪمل (پورڻماس) هوندو آهي. تڏهن چنڊ ۽ سج جي ثقلي ڇڪ پاڻ ۾ گڏجي پوندي آهي. انهن ڏينهن ۾ سج، چنڊ توڙي ڌرتي هڪ ئي سڌ ۾ اچي ويندا آهن ۽ چنڊ ڌرتي جي مدار جي ويجهو هوندو اهي. ان ويجهڙائي جي ڪري چنڊ ۽ ڌرتي جي وچ ۾ ڇڪ وڌي ويندي آهي ۽ اهي هڪٻئي کي چقمق جيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ شروع ڪندا آهن. پوري چنڊ سان جيئن ته سج جي قوت گڏ هوندي آهي، تنهنڪري اهو ڌرتي کان وڌيڪ سگهارو ٿي پئي ٿو ۽ ڌرتي تي موجود هر شئي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو، ڌرتي پنهنجي ڪنهن به شئي کي پنهنجي قوت سان روڪي





رکندي آهي. پر پاڻي جيئن ته متحرڪ هوندو آهي، ان ڪري اهو ڌرتي جي ضابطي ۾ نه ايندو آهي ۽ چنڊ جي ڇڪ تي مست ٿي ڏانهنس اڀرڻ الرڻ لڳندو آحي. جنهن جي نتيجي ۾ وڏي وير چڙهي ٿي، پر سج، چنڊ ۽ ڌرتي ٽئي متحرڪ عنصر آهن ۽ لڳاتار نظام شمسي جي مدار ۾ چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا، تنهن ڪري انهن جي بيهڪ ۾ ڦير ڦار ايندي رهي ٿي. اهي پهرين ۽ وچين تاريخن وارين سڌائين دوران پنهنجيون جڳهيون بدلائين ٿا. پهرين تاريخن دوران سج ۽ چنڊ ڌرتي جي هڪڙي ئي پاسي هوندا آهن ۽ وچين تاريخن دوران اهي ڌرتي جي ٻنهي پاسان اچي ويندا آهن. جنهن ڪري ڌرتي ۽ سج ۽ ڌرتي ۽ چنڊ جي وچ ۾ موجود مفاصلو ساڳيو نه ٿو رهي. ان ڪري خود پهرين تاريخن ۽ وچين تاريخن (پورڻماسي) وارين ويرن جي شدت ۽ اپار ۾ به فرق هجي ٿو مختلف سمنڊن ۽ ساحلن تي انهن ڇولين توڙي وڏين ويرن جي جسامت، تيزي ۽ شباهت ۾ فرق هوندو آهي. انهيءَ تفاوت جو ڪارڻ زميني بيهڪ، آبهوا، ماحول، دريائي وهڪرا. ساموندي ڪنارن جي گهرائي، ساموندي پاڻي ۾ موجود تک، ڏڪاٽي ۽ چرپر جا انداز، موسمون، گرمي پد ۽ ٻيا عنصر هجن ٿا.

## سنڌو دريا ۽ جوار ڀاٽا

وير چنڊ جي پهرين رات سان چڙهڻ شروع ٿيندي آهي. انهن ڏينهن ۾ چنڊ سج ۽ ڌرتي هڪٻئي جي سڌ ۾ هجن ٿا، پر اها سڌ جلدي ختم ٿيو وڃي ۽ سج ۽ چنڊ ڌرتي جي ساڄي پاسي ڏانهن لڙي وڃن ٿا. نتيجي ۾ پهرين چوٿائي ۾ سمنڊ صفا ماٺو ٿي وڃي ٿو. نائين جي رات کان وري وير چڙهڻ لڳي ٿي. جيڪا تيرهينءَ جي رات تائين پڇندي پڇندي جوان ٿي وڃي ٿي. جوار چنڊ جي تيرهينءَ جي رات کان سورهينءَ جي رات تائين جاري رهي ٿي. اهي چار راتيون دريا ۽ سمنڊ جي وچ م تمام وڏي ويڙهه هلي ٿي. جوار دريا جي اڳيان ڪنهن پٽ وانگر ٿي بيهي رهي ٿي ۽ دريا کي سمنڊ ڏانهن لنگهه نه ٿو ملي. اهو جهيڙو ايڏو زور آور ۽ سخت هوندو آهي جو جيڪا به شئي ان جي وچ ۾ اچي ٿي، سا چيپاٽجيو ختم ٿيو وڃي، ان حد تائين جو جيڪڏهن وڏي مڇي به ٻنهي پاڻين جي وچ ۾ اچي وڃي ٿي ته اتان نڪري نه ٿي سگهي ۽ مريو ٿي وڃي. ساندهه چئن راتين تائين هلندڙ ان ويڙهه ۾ فاتح آخرڪار سنڌو درياهه ٿئي ٿو. هونئن ته وڏي وير جو چاڙهه ارڙهينءَ تائين هوندو آهي پر سنڌو دريا ان کي سورهينءَ تائين مات ڏيو آلڙ ڪريو ڇڏي. پوءِ جيئن ئي وير آلڙ ٿئي ٿي ته سنڌو دريا ڪنهن فاتح وانگر ميلن جا ميل سمنڊ ۾ ڪاهيندو ويندو آهي.

### ويرءِ آلڙ جي وچ ۾ واريون چار راتيون

چانڊوڪي سدائين جادو ڀري هوندي آهي. سنڌ جي سينڌ چانڊوڪي ۾ ته اجا وڌيڪ دلڪش ۽ وڻندڙ ٿي پوندي آهي پر هينئر جڏهن سنڌ جي آسمان تي چانڊوڪي پنهنجي آب تاب سان هوندي. تڏهن چانڊوڪين راتين ۾ چاندي جيان جرڪندڙ لاڙ پٽ جي ماڻهن ۾ ٿورڙي پريشاني پڻ هوندي. ان ڪري جو انهن راتين ۽ ڏينهن دوران سمنڊ سنڌو دريا جي پاڻي کي اڳتي وڌڻ کو نه ڏيندو ۽ ان کي پاڻ ۾ سمائڻ کان روڪي رکندو هڪ پاسي ڪوٽڙي بئراج مان پاڻي جو وڏو وهڪرو تيزي سان سمنڊ ڏانهن وڌندو رهندو ۽ ٻئي پاسي چوڙ واري ماڳ تي پاڻي جي سمنڊ ۾ داخلا بند هوندي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻي اڳتي وڌڻ بدران پوئتي ڀراءُ ڪندو، جنهن جو دٻاءُ هڪ پاسي دريا جي بندن تي گليل ۽ منارڪي کان وٺي ملاڪاتيار تائين پوندو. ته ٻئي پاسي پاڻي اڳتي وڌڻ لاءِ نوان گس ۽ چارا ڳوليندو.

جوار ڀاٽا جي انهن چئن ڏينهن ۽ راتين دوران سنڌوءَ جو پاڻي گهوڙا ٻاري، شاهبندر، ڪيٽي بندر ۽ کارو ڇاڻ تعلقن جي پڪي وارن علائقن کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيندو پنهنجا نوان پيچرا ڳوليندو. جمنا سر ۽ جنگي سر جي وچ ۾ خير شاهه ڳوٺ تائين اچي دريا جا بند ختم ٿي وڃن ٿا. خير شاهه واري ماڳ کان دريائي پاڻي جهالو، ٻگهاڻ، ڏانذاري، ڪيٽي بندر ۽ ٻين علائقن ڏانهن وهڪ ڪري سگهي ٿو اهو به امڪان آهي ته گهارو ڦاٽ ۾ پاڻي ڀرجي ابتي وهڪ ڪري ۽ ميرپور ساڪري تعلقي ۽ گهاري شهر کي اچي ويجهو پوي. جنگي سر کان اڳتي دريا تي ڪو به بند ڪونهي. سنڌو دريا، جنهن کي پورالو دريا سڏيو ويو آهي. ان جا پور چوڙ واري علائقي ۾ به ساڳيا رهيا آهن. اهو چوڙ جي علائقي ۾ به پنهنجا وهڪرا ۽ رخ مٽائيندو رهيو آهي. هينئر جتي اهو امڪان آهي ته دريا جا ڪجهه پراڻا ڦاٽ وري وهي سگهن ٿا. اتي ان ڳالهه کي به رد نٿو ڪري سگهجي ته جيڪڏهن دريا جا بند جوار ڀاٽا ۽ دريا جي جهيڙي جي سٽ سهي وڃن ٿا ته پوءِ درياهه جنگي سر کان هيٺ پنهنجو ڪو نئون ڦاٽ پڻ ٺاهي سگهي ٿو.





# ٻوڏن ۾ مهاڻا زندگيون بچائيندڙ مسيحا

عزيز رانجهاڻي

اڳوڻي دادو ۽ هاڻوڪي ڄامشوري ضلعي جي سيوهڻ تعلقي ۾ واقع سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ۽ منڇر ڍنڍ جي اوڀر ۾ انڊس هاءِ وي سان لڳ ٻوبڪ نالي سان هڪ قديم وسندي ايامن کان پنهنجي منفرد رنگ ڍنگ ۽ مهاڻي ڪلچر سان هڪ وڏي ٿلهي يا دڙي تي ڪر ڪنيو بيٺي آهي. سندس اتر پاسي سنڌو منڇر جو قديم وهڪرو اڙل ۽ اوڀر ۾ سنڌو درياهه ۽ اولهه ۾ منڇر ڍنڍ ڪيس هڪ ٻيٽ وانگر ٻڌائي ڇڏيو آهي. ٻوبڪ سنڌ ۾ شايد مهاڻن جي وڏي وسندي هجي، پر اها حقيقت آهي ته سنڌ ۽ ملڪ جي حوالي سان جڏهن به مهاڻن جو ذڪر ٿيندو ته اهو ٻوبڪ کانسواءِ اڌورو هوندو ۽ اهڙي طرح ٻوبڪ جو ذڪر مهاڻن کانسواءِ پڻ. ٻوبڪ نه صرف مهاڻن جي قديم وسندي رهي آهي. پر سنڌو تهذيب جو هڪ عاليشان ۽ مشهور شهر به رهيو آهي، تعليم ۽ وڻج واپار جي حوالي سان به ۽ سنڌ ۾ انهن هنڌن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. جتي اڄ به مهاڻن (ملاحن) ۾ ڪچي ۾ رهندڙ ماڻهن جي لاءِ ٻيڙيون ٺاهڻ وارو فن ۽ هنر جاري آهي. ٻوبڪ ۾ ئي ملاحن جي هڪ پاڙي پارهيڙي سان واسطو رکندڙ ملاح هي مخصوص فن ڄاڻن ٿا ۽ ان کي زنده رکندا آيا آهن. سنڌوءَ ۾ تازو 7 آگسٽ تي سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي واقع ٽوڙي بند کي ٽوڙي وٺان جيڪو گهارو لڳو تنهن اڌ سنڌ کي دربدر ۽ تباهه ڪري ڇڏيو ۽ سنڌوءَ جي ساڄي پاسي اڌ سنڌ پاڻيءَ سان ڀرجي وئي آهي ۽ ڪي هڪ ڪروڙ ماڻهو پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا، جن کي مصيبت ۾ بروقت سنڌ جي درياهي ۽ منڇري مهاڻن ئي ڪڏي محفوظ هنڌن تي پهچايو. سنڌ ۾ اڃا به موجود هزارن جي تعداد ۾ ڪچي ۽ پڪي ۾ ٻيڙين ۽ انهن کي هلائيندڙ /ڪاهيندڙ مهاڻن پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي سنڌوءَ جي لهرن ۽ خطرناڪ وهڪري سان مهاڏو اٽڪائي لکين ماڻهن جي زندگي بچائي ورتي، سنڌ جي مهاڻن جو هي ڪارنامو صدين تائين سنڌ واسين کي ياد رهندو. منڇر کان وٺي سموري ڪاڇي ۾ غيبي ديرو شهدادڪوٽ تائين ايف پي بند ۽ ڪيرٿر جابلو سلسلي جي وچ ۾ هر سال جابلو نين نئين گاج ۽ ٻين وهڪرن سبب جيڪا اوچتو ٻوڏ ايندي آهي، تنهن ۾ هزارين ڪاڇيلن کي رات پيٽ ۾ اهي منڇر جا مهاڻا ئي پاڻيءَ جي

گهيري مان ڪڍي محفوظ هنڌن تي پهچائين ٿا.

سنڌي مهاڻن جي اهڙي عالمي ڪارنامي سبب اڄ ڏينهن تائين ڪين ڪڏهن ڪا ميڊتا نہ ملي آهي، جيڪا افسوس جي ڳالھ آهي. هن مها ٻوڏ ۾ تہ واقعي منڇر سميت سنڌ جي درياهي مهاڻن بروقت پنهنجون سون جي تعداد ۾ ٻيڙيون ڪاهي لکين ٻڏندڙ ماڻهن کي ڪڍي رات ڏينهن هيٺ ۾ محفوظ هنڌن تي پهچايو ۽ هي ٻوڏ آپريشن اڃا سوڌو جاري آهي ۽ اڄ بہ دادو ضلعي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ روڊ رستا ۽ ڳوٺ پاڻيءَ جي گهيري ۾ هئڻ سبب ٻيڙي ئي واحد ذريعو آهي، جنهن ۾ ماڻهن ۽ مال جي اچ وڃ ٿئي. هي حقيقت آهي هن وڏي ٻوڏ ۾ سنڌ جي مهاڻن هزارين ماڻهن کي لڙهڻ ۽ مرڻ کان بچايو ۽ پنهنجي جان کي جوکم ۾ وڌي ۽ بغير ڪنهن خان يا سرڪار جي حڪم، ڪنهن دٻدٻي يا لالچ جي پاڻمرادو پنهنجي ديس جي ماڻهن جي حياتين ۽ مال ملڪيتن ۽ چوپائي مال کي بچائڻ لاءِ سنڌو جي زوردار وهڪري ۾ گهڙي پيا ۽ اڄ چار مهينا گذرڻ باوجود هو تاريخ جي سڀ کان وڏي بوٽ ريسڪيو آپريشن کي ڪچي ۽ ڪاڇي ۾ جاري رکندا پيا اچن، هن آپريشن ۾ 5000 ٻيڙين ۽ 40000 کان وڌيڪ مهاڻن حصو ورتو. هي واقعي هڪ غير معمولي ڪارنامو آهي، جيڪو سنڌ جي مهاڻن جي حصي ۾ آيو آهي. هاڻوڪي ٻوڏ ۾ جڏهن اڌ سنڌ پاڻيءَ هيٺ هئي تہ تاريخ 26-8-2010 تي دادو شهر ۾ باءِ پاس وٽ آرمي پبلڪ اسڪول سامهون روڊ سائيڊ تي هڪ هوٽل جي کليل ميدان تي اشتياق انصاري سان گڏ ويٺو هئس تہ سامهون صندل تي ويٺل ڪي چار نوجوان (شايد ٽرانسپورٽر هجن) پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا تہ يار هاڻي روڊ تہ ويا ٻڏي ۽ بند ٿي ويون. پنهنجون گاڏيون ڇا هاڻي پاڻي تہ هلنديون ڇا؟ سو هاڻي واقعي سوچيو تہ ڪا گاڏي وڪڻي ڪي ٻيڙيون وٺجن ۽ بہ ٽي مهينا خيرپور، جوهي ۽ سيوهڻ ۽ ڪاڇي ۾ هلائجن ڇو تہ نہ ڄاڻ ڪيترا مهينا پاڻي بيٺل رهي ۽ روڊ بند هوندا، پوءِ ڇا پاڻ بک مرنداسين ڇا؟ انهن نوجوان ٽرانسپورٽرن جو فڪر ڪا مذاق نہ بلڪ حقيقي فڪر محسوس ٿي رهيو هو. اشتياق انصاري مون ڏي ڏسي چوي ٿو تہ پاڻ ٻئي بہ مشترڪ هڪ ٻيڙي وٺون تہ جيئن مصيبت ۾ يا هاڻي اچ وڃ لاءِ ڪم اچي!

بهرحال ڪجھ بہ هجي، سنڌ ۾ تاريخ جي هن وڏي ٻوڏ نہ صرف ٻيڙين جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو آهي، پر مهاڻن لاءِ بہ روزگار جا نوان گس پيدا ڪيا آهن ۽ سنڌن اهميت ۽ ڪارنامن کي دنيا اڌو آڏي ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ مستقبل ۾ ايندڙ ٻوڏن جي خطرن کي نظر ۾ رکندي سنڌ سرڪار، اين جي اوز ۽ عالمي ادارن کي سنڌ جي ملاحن کي همٿائڻ لاءِ ڪين کي انعام ايوارڊ ڏنا وڃن ۽ کي پروگرام ڪري ڪين مان ڏنو وڃي تہ جيئن هو مستقبل ۾ ريسڪيو آپريشن بہ ساڳئي جذبي سان بلڪ اڃا وڌيڪ جاري رکن، جيڪو وقت جي ضرورت آهي، ڇو تہ سرڪار تہ ايڏي وڏي ريسڪيو آپريشن ڪرڻ جي اهل نہ آهي ۽ نہ ئي ان وٽ ڪا منصوبابندي آهي.





# ڇا سنڌ خلاف ٿيندڙ ڳناهن بہ آب حيات پيتو آهي؟

سنڌ ۾ هونئن تہ فرشتا تہ پري ماڻهن جو بہ ڏڪار آهي، پر هاڻ جڏهن درياھ بادشاھ جو پاڻي ٻوڙان ٻوڙ ڪندو جهر جهنگ ۽ واهڻ وستيون لٽيندو، پنهنجي پٺيان بربادين جا مينار ڇڏيندو اڳتي وڌي رهيو آهي تہ الائي ڇو دل ۾ اهو خيال اچي ٿو تہ سنڌ ۾ هاڻ لومڙ، گدڙ ۽ ڳجهن بجاءِ ڪي ماڻهو بہ پيدا ٿين. نيٺ ماڻهن جو ڪهڪاءُ ڪنهن ماڻهوءَ کي ئي ايندو. بگهڙ گدڙ کي نہ!

نہ تہ، سنڌ تہ گدڙ، بگهڙ ۽ لومڙ گڏجي کائي ويا آهن ۽ جيڪو بچيو آهي ان تي ڳجهن جي اک آهي. اهي گدڙ، جيڪي آبپاشي کاتي ۾ تڏهن پرتي ٿيا هئا جڏهن بيراجن جي بندن ۽ واهن جي ڪڙن تي انگريز انجنيئرز هٿان لڳل ٽالهي جا وڻ ڪچڙي جواني ۾ هئا ۽ واهن ۾ کاتي هر سال ٿيندي هئي. ڪين مجال ڪو نہ هئي تہ پڇڙي جي شاخ جو پاڻي ڪنهن مهڙ جي زميندار کي وڪڻي ڏين. يا اهي بگهڙ جن کي سياست جو چوغو پاتل هو ۽ سياست کي گورک ڌنڌي بنائڻ کان اڳ هو نظرين ۽ انقلابن جون ڳالهيون ٻڌائي خلق کٽي ڪندا هئا ۽ لومڙ؟ اها مخلوق هر کاتي ۽ هر شعبي ۾، تپيدار، مختيارڪار، صوبيدار جهڙين شڪلن ۾ موجود رهي آهي. موجوده ٻوڏ سنڌن ڪرتوتن ۽ دعائن جو نتيجو آهي.

چون ٿا تہ سنڌ جو آبپاشي جو نظام جي ايشيا نہ تہ، ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان منظم نهري نظام آهي. سکر کان نڪرندڙ روهڙي ڪئنال سوين ڪوھ پري لاڙ واري سنڌ جون زمينون سيراب ڪري ٿو. پر بقول جوهي جي فقير موسي بروهي جي تہ:

انگريز ڳئي چوڙ،
ياڙئي گهن ڳئي زور.

هي جي اوهان کي آبپاشي کاتي جي رٽائر ۽ حاضر سروس ڪامورن ۽ عملدارن جا ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وڏ بنگلا نظر اچن ٿا، سي ڪين سنڌ جي ان نهري نظام جي تباهي جي قيمت ادا ڪري مليا آهن. 1942ع، 1956ع ۽ 1976ع جي ٻوڏن جي سٽ سهندڙ سنڌ جي نهري نظام کي لڳل ڪاموري اڏوهي اڄ اڌ سنڌ کي گهران ڪڍي ڪئمپن ۾ ڌڪي آڻي بيهاريو آهي.

هي عجيب مخلوق آهي، جيڪا مرڻو بہ ڪائي تہ پرڻو بہ. انهن ڳڌجي سنڌ ٻوڙي، هاڻ ٻوڙڻ ڪان پوءِ تارڻ لاءِ جيڪي ڏوڪڙ ايندا، سي بہ هي ونڊي ڪائيندا. هي ڊي سي اوز، مختيارڪار، مقامي سياستدان، وزير ۽ مشير اڳواٽ ئي امداد جي تصور تي بہ قربان وڃن ٿا. جيڪا ڪين غريبن ۾ ورهائڻ لاءِ ملندي ۽ جنهن مان هو دبئي ۽ ملائيشيا ۾ ٽڪ پيڻ ۽ مالش ڪرائڻ جا ڏوڪڙ ڪيڻ لاءِ ايترو تہ دماغ وڙهائي چڪا آهن.

هاڻ اوهان سوچيندا هوندئو تہ باقي ڳجهون ڪير آهن؟ تہ سائين منهنجا اها مخلوق اوهان کي ان انتظار ۾ ملي تہ سرڪاري مشنري مخلوق مان هٿ ڪڍي تہ باقي رهيل مال اسان کائون تہ ان مخلوق کي پاڻ ڳجهہ سڏيندا‌سين. اوهان ڪين پل سماج سڌارڪ ڪوٺيو. جي ايئن ناهي تہ پوءِ هي جي سنڌ ۾ سنڌ ڪابينا جي ميمبرن جيان بيشمار سماج سڌارڪ آرگنائيزيشن آهن، سي ٻوڏ ڪان پوءِ ماڻهن جي مالڪي ڪنديون نظر اچن ها. سندن بحالي لاءِ مليل امداد کي ڪوڙين رسيدن رستي خرچ ڪندي نظر نہ اچن ها.

بقول وسعت الله خان جي تہ هي همراهہ ٻوڏ ڪان پوءِ ايندڙ ٻوڏ- ڊالرن جي ٻوڏ، جي تصور تي في الحال تہ عطر هنيو گهمن ٿا. ايندڙ مهينن ۽ هفتن ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ سڄي ملڪ سميت سنڌ ڏي بہ ڊالر منهن ڪندو، ڇا ڪو اهڙو معجزو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هي مخلوق جن وٽ ماڻهن جو مرون جيترو ئي ڪهڪاءُ آهي، سا پاڻ بہ ماڻهو ٿي پوي؟

آخر سئو ڪوئا ڪائڻ ڪان پوءِ ٻلي ڪي، پلي پار جي زيارت ڪرڻ جو شوق جاڳندو آهي، هي مخلوق هيل ڇو نہ ٿي ٻلي جيان ثواب ڪٽي؟

سنڌ خلاف ٿيندڙ گناهہ جي بہ هڪ عمر ۽ حد هجڻ ڪپي.





# بگ بينگ ڪان پوءِ واري سنڌ!

افيئر جي گذريل شماري جي تياري ڪان پوءِ آخري گهڙي ۾ تيار ڪيل ٽائيٽل تي اسان جيڪا مجذوبانہ سٽ ”ٽوڙي بند ٽوڙي، سنڌ ڇڏيائون ٻوڙي“ لکي هئي، تنهن لکڻ وقت اسان جي تحت الشعور جي ڪنهن بہ پٽڪيل گليءَ ۾ ان پوائنٽي گمان جو اندازو نہ هو تہ واقعي بہ هڪ بند کي ٽوڙي اسان جا وس ڏٽي سڄي سنڌ ايئن دربدر ڪندا، جيئن گذريل مهيني کن کان سنڌ ٿي رهي آهي.

اها قوم، جنهن کي ٽرڙا حڪمران پنهنجي ڳوٺ کان ڏهہ ميل جي فاصلي تي پرديس ڪوٺڻ جو مهڻو ڏيندا رهيا ۽ ان مزاج کي سندس ترقي آڏو وڏي رڪاوٽ ڪوٺي، دفاع ۽ ٻين ادارن ۾ سندس اٽي ۾ لوڻ برابر نمائندگي کي پنهنجي تعصب بجاءِ سندس ڪمزوري ڪوٺيندا رهيا، سا قوم غوث پور کان وٺي جاتي تائين، درياهہ جي ٻنهي ڪپرن تي لُٽيل قافلن جي ٻچيل راهگيرن جيان دربدر آهي. سنڌ سندن لاءِ سوڙهي ٿي چڪي آهي.

ٿورو تصور تہ ڪيو تہ اهي لکين ماڻهو، جن جا ڪچا گهر پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويا ۽ جن جا فصل پاڻي پيل ڪري ڇڏياسي ڪنهن مٿ مائٽ جي در تي، يا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪيمپ تي کهڙي اذيت جي زندگي گذاريندا هوندا؟ سنڌين جي تاريخ جي اها سڀ ڪان وڏي لڏپلاڻ آهي. ان لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ جيڪا بہ پوڳندا اسان جا ماڻهو پوڳيندا، پر هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ سنڌ ان گهڙي ڪان پوءِ ساڳي نہ رهي آهي. هي هڪ تبديل ٿيندڙ سنڌ لاءِ ”بگ بينگ“ جهڙي گهڙي آهي.

صدين کان پنهنجي صوفي مزاج جي اثر هيٺ Status quo کي ڇهتيل سنڌ لاءِ هي گهڙي Shock therapy ٿي سگهي ٿي، بشرطيڪ سنڌ کي تبديلي جي گس تي گامزن ڪرڻ جي نيت ۽ همت رکندڙ قوتون هن ٻوڏ سبب دربدر ٿيل سنڌين جي بي وسي ۽ ڪروڌ کي ڪو سياسي ۽ انقلابي دڳ ڏين، سنڌي سماج جي بيٺل پاڻيءَ ۾ هي واقعو پٿر نہ، پر هڪ پهاڙ ٿي ڪريو آهي. اهي ماڻهو جيڪي ڪٽڪ جي ماني سان بصر پيچي ڪائڻ تي رب جو شڪر بجا آڻيندا رهيا، تن کي دربدريءَ ۽ ٺوڪرن ۾ مليل گرهہ تبديل ڪري رهيو آهي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي ڪيمپن توڙي واهن ۽ روڊن تي رهيل سنڌي ماروئڙن کي هاڻ ٻيو نہ تہ اها ضرور خبر پوندي تہ گهٽي

ويهين سئو آهي ۽ اسان جي خيال ۾ اهو ليکو سکڻ تمام ضروري هو. نہ تہ، هي درويشن جي ڌرتي، يا جيئن ڏاريا چوندا آهن تہ ”سائين لوگون کي ڌرتي“ پنهنجي درويشائپ ۾ اجا الائي ڪيترين صديون گذاري ڇڏي ها. سنڌ ۾ نڪرندڙ تيل ۽ گئس، اين ايف سي ۾ ڏنل ناڻي ۽ سنڌ جي اقتدار اعليٰ تي غير سنڌين جي مالڪي سان سنڌن سروڪار ئي نہ هو. ڪين ٿلهو ليکو ڪرڻ ئي نہ اچي. ان ليکي نہ ڪرڻ ڪري هو هميشہ سنڌ جي قومي مفاد کي آڏو رکي نہ پر کي خاندان ۽ نظريا آڏو رکي فيصلا ڪندا رهيا ۽ حد تہ ڏسو، تہ اهي پارٽيون جيڪي سنڌن ووٽ جي مجاوري ڪندي بنگلن ۽ ماڙين جون مالڪ بڻيون، سي ٽرڙائپ ۾ اهو بہ چونديون رهيون تہ اسان جيڪڏهن ڪنهن بجلي جي ٿنڀي کي بہ اليڪشن جي ٽڪيٽ ڏيون تہ اهو ٿنڀو اليڪشن کٽي ويندو ۽ واقعي بہ اها پارٽي ”ٿنيا“ ئي سنڌن نرڙ ۾ هٽندي رهي. ائين نہ هجي ها تہ ڇو سنڌي ماڻهو ايئن دربدر ٿين ها جو ڪين ٻوڏ کان بچائڻ يا پاڻي لهڻ کان پوءِ اجها اڏي ڏيڻ تہ پري، اهي ”ٿنيا“ انهن ماڻهن کي ملندڙ امداد ۾ بہ اکيون وجهيو ويٺا آهن. ماڻهن کي ٻن ويلن بجاءِ هڪ ويلو ملي ٿو تہ هڪ ويلو ايندڙ اليڪشن جي خرچ واري اڪائونٽ ۾ منتقل ٿئي ٿو. ڪشمور ضلعي کان هيل پاڻي دادو پهتو آهي، پر انهن ”ٿنين“ کي ڪو پتو ڪونهي تہ ان پاڻيءَ کي کهڙو گس ڏجي جنهن سان اهو پاڻي گهٽ ۾ گهٽ انساني آبادي جو نقصان ڪري مٿان شيرازين جي تڪ کي لوڙهي اتي هيرو ٿيڻ جي چڪر ۾ ٿٽي ضلعي مٿان هڪ غير ضروري ٻوڏ مڙهي وئي آهي. ڪيولين جيان گهرن مان نڪتل اهي ماڻهو هاڻ بدين ۽ مڪلي جي قبرستان ۾ پناهہ وٺيو ويٺا آهن، ڪين سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مهينو اڳ درياهہ ۾ چاڙهہ اچڻ کان پوءِ بہ درياهہ جا بند ايئن ڪمزور ڇو ڇڏيا ويا جو پاڻي جي وهڪري جي سٽ ئي سهي نہ سگهيا؟ هي ڪا اوچتو آيل قيامت تہ ڪا نہ هئي؟ اجا تہ سنڌ لاءِ ڏک گرم آهي،، ان ڪري سور جو احسا گهٽ آهي، جيئن جيئن ڏک ٺرندو ڪين سور ياد پوندا ويندا. علي واهڻ کي ڪٽ نہ ڏيڻ جا سبب سوچيا ويندا، ۽ سرڪاري ڪيمپ ۾ نڌڻڪائپ جي نتيجن تي بہ ويچاربو ۽ اهي ماڻهو ان ڳالهہ تي بہ سوچڻ لڳندا تہ هو جن ”ٿنين“ کي ووٽ ڏين ٿا سي سندن ووٽ جي لائق آهن يا نہ، ان تبديل ٿيل سنڌ جي سرواڻي ڪنهن جي مقدر ۾ لکجي ٿي. اهو تہ وقت ئي ٻڌائي سگهي ٿو. جي تخليق ڪنهن شئي مان ڪجهہ نئين ٺهڻ جو نالو آهي تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ هي بہ اها ئي گهڙي آهي. تخريب کان پوءِ ئي تعمير ٿئي ٿي. هاڻ ڏسون تہ ان تخليق کي کهڙي هنرمند جا هٿ نصيب ٿين ٿا.





# اڇوتہ ماڻهن لاءِ دربدريءَ جا دربند ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون

**ماروي ميمڻ**

خيبرپختونخواهہ ۾ ٻوڏ جي تباهي ۽ سنڌ ۾ ايندڙ خطري جو اڳواٽ اندازو هڻي مون بہ آگسٽ تي اتر سنڌ جو دورو ڪري روهڙي، سکر، عاقل آگاڻي، لاڙڪاڻو، خيرپور- لاڙڪاڻو پل ۽ موئن جو دڙو وٽ سنڌوءَ جي بندن جو دورو ڪري ماڻهن کي وري وري پئي ٻڌايو تہ بابا. پاڻي تمام گهڻو پيو اچي. پنهنجا سڙهہ سنڀاليو، ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ ٻوڙان ٻوڙ آهي. سياسي وابستگين کان هٽي ۽ ڪنهن کهڙي بند کي ڪٽ هڻايو يا ڪنهن نہ هڻايو وارين ڳالهين کي ڇڏي، مون ٻوڏ متاثرين لاءِ پنهنجو ذاتي رليف فنڊ قائم ڪيو ۽ گذريل ٽن هفتن ۾ بہ ڀيرا سنڌ ۽ هڪ ڀيرو بلوچستان جي ماڻهن سان تڪليفون ونڊڻ لاءِ ويس بلوچستان ۾ مون ٻوڏ جي تباهين کي، سياستدانن پاران بندن کي ٽوڙڻ ۽ سرداري نظام جي بي رحميءَ سان سلهاڙيل ڏٺو، ڪوئيٽا کان ڊيرا الهيار تائين روڊن جي ٻنهي پاسن ماڻهو پنهنجي بچيل سچيل ڪٽن جي اوٽ ٿاهي، لٽيل الهہ تلهہ جي ڏکويل تصوير بڻيل نظر آيا. هنن جي ڏکن کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن، ان سڄي سفر ۾ عوامي نمائنده مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيا. جن بابت چئي سگهجي تہ هو پنهنجن ووٽرن، يا سياست کان هٽي ڪري سيني انسانن جي هن مصيبت جي گهڙيءَ ۾ ڪا واهر ڪندا هجن، ڊيرا مراد جمالي ۽ ڊيرا الهيار ۾ جيڪي ڪارڪون، بسڪوٽ، پاڻي، داليون ۽ ڪپڙا مون ورهايا، اهي قطعي طور تي ناڪافي ۽ اڻ پورا هئا، پر ڇا ڪجي؟ انهن علائقن ۾ غوثپور، ٺل، جيڪب آباد جا ماڻهو بہ ڪيمپن ۾ آيل هئا ۽ مقامي ماڻهو بہ هئا. ڪوئيٽا ۾ ڪجهہ سردار ٽائيپ ماڻهن سان منهنجيون گڏجاڻيون ٿيون، سيلاب متعلق ڪين ڄاڻ سرسري هئي ۽ درد انهن جي اکين کان دور هو تہ ڪيئن سندن ماڻهو روڊن تي بي يارو و مددگار پيا آهن، ڊيراالهيار ۾ پاڻي گندو ۽ بدبودار ٿي سائي رنگ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. ڪو عملدار اهڙو نظر نہ آيو، جيڪو مئل ڍورن کي تلف ڪرائڻ

جو ئي ڪم ڪري ته جيئن بيماريون نه ڦهلجن. اهو ساڳيو مرده جانورن وارو الميو، هر ان شهر ۾ نظر آيو، جتي ٻوڏ آئي آهي. يا جتان ٻوڏ گذري وئي آهي. پر حڪومت اها صفائي جيڪا انساني صحت لاءِ تمام ضروري آهي. ڪرڻ ۾ رڌل ڪٿي به نظر نه آئي. ٻوڏ بابت منهنجو سنڌ جو دورو ان ڪري وڏيڪ اهم هو، جو اهو دورو مون پاڻي سنڌ ۾ پهچڻ کان اڳ ڪيو هو ۽ پنجاب ۾ ڏٺل تباهين ۽ حڪومتي غلطين جي نشاندهي، ٻوڏ اچڻ کان اڳ ڪري مون حڪومت توڙي وزيراعظم آڏو هر گهڙي پئي رکيون جن ڪي نظر ۾ رکي پلاننگ ڪئي وڃي ها ته سنڌ ۾ شايد تباهي ڪجھ گهٽ ٿئي ها.

سنڌ ۾ مون ٻيو دورو ٻوڏ کان پوءِ ڪيو ته نظر آيو ته سنڌ ۾ پنجاب ۽ خيبر پختوانخواھ کان وڌيڪ تباهي آئي آهي. شايد ٻوڏ نه، پر حڪومت جي ريسڪيو ۽ رليف واري نااهلي مظلوم ماڻهن لاءِ دربدريءَ جا دروازا کولي ڇڏيا آهن. سنڌ ۾ مون شروعات ڪراچي ۾ ڊالميا جي علائقي ۾ قائم ڪيمپ کان ڪئي. جتي مون ڪي سنڌ جا اصل وارث گندگيءَ جي ڍير تي بغير ڪنهن ڇت جي نظر آيا، الائي ڪهڙين مصيبتن ۽ ڪشالن بعد پنهنجا ديور ڍڳا وڪڻي ڀاڙو ڪري سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ پهتل مظلوم ماڻهن ڪي، گند جي ڍير تي جڳھ ڏني وئي هئي. مون اتي اهي جملا ٻڌا، جيڪي ملڪ لاءِ خطرناڪ آهن. 1947ع ۾ هندستان مان آيل مسلمانن ڪي اسان گند جي ڍير تي رهايو هيو؟ اسين ڪنهن ٻئي ملڪ يا ٻئي صوبي مان ته نه آيا آهيون؟ چوهٺ سال کان پوءِ ڇا اسان سان اهو سلوڪ ئي ڪيو وڃڻو هو؟ اسين پاڻي کان بچي آيا آهيون، پر لڳي ٿو ته اسين هتي سنڌ جي گادي واري شهر ۾ بيمارين سان مري ويندا سين.“ مان هڪ مخالف ڌر جي ايم اين اي هجڻ ڪري مان اهڙا جملا ٻڌي حڪومت ڪي ٻڌائي سگهان ٿي ته جيئن اسان سڀ گڏجي ماڻهن کي خراب صورتحال مان ڪڍي اهڙا جملا ٻڌڻ کان بچي سگهون، مان ڊالميا ڪيمپ ۾ صرف پاڻي ئي ورهائي سگهيس. منهنجو پرائيويٽ ڊونيشن فنڊ هڪ علامتي ئي آهي. 20 لک ماڻهن جي امداد لاءِ ڇا وسيلا هجن اها حڪومت کي چڱي ريت خبر آهي. پرڏيهي امداد کي ڪٿي ۽ ڪيئن استعمال ڪئي ويندي، اهو نظر اچڻ گهرجي. شفاف طريقي سان متاثرن جي مدد نه ٿي ته تباهي حدون ٽپي ويندي، ڪراچي بعد ڄامشورو پهتيس ته خطرناڪ ۽ ڪمزور بند آبپاسي کاتي جي ڪارڪردگي ٻڌائي رهيا هئا. مٽياري، هالا ۽ ڀٽ شاھ پهتس ته لطيف سرڪار جي نگريءَ ۾ آھ نڪري وئي ته لطيف جي سنڌ جو ڇا حال ٿي ويو آهي! لطيف جي در تي مان پنهنجو درد وڏيڪ سانڍي نه سگهيس ۽ منهنجي اکين مان ڳوڙها ۽ زبان تي سندس لفظ تري آيا.

ڪنڌي جهليو ڪانهن، عاشق ايو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياھ توتي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي!





سياستدانن پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ بندن سان اٿل پٿل ڪري سنڌ ٻوڙي ڇڏي. بدترين ڳالھ اها ته حڪومت نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ کي تعلقي سطح تي ٿيل تباهي جا انگ اکر به فراهم نه ڪيا آهن. وفاقي صوبائي ۽ ضلعي حڪومتون هڪ ٻئي سان تعاون نه ٿيون ڪن. سيئي وائڙا لڳا پيا آهن. ڀٽ شاھ کان نوشهري فيروز پهچي امدادي سامان ورهائي سڄي رات هڪ بند تي پهري وارو ڪم ڪري، ڪچي جو دورو ڪيم ته اها ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي ته ماڻهو اڃا تائين پنهنجا گهر ڇڏي محفوظ هنڌن ڏانهن ڇو نه پئي آيا. شايد هو ڪيمپن جي سرڪاري انتظامن کان ڊنل آهن. خيرپور ضلعي ۾ ساڳيا ڏک ۽ منظر نظر آيا. ماڻهو پاڻيءَ جي هڪ ڍڪ لاءِ سامان ورهائڻ وارين هڪ به ٽرڪن پٺيان ڊوڙي رهيا هئا. اسان ان جاءِ تي اهو راشن ورهايو، جيڪو ڪراچيءَ جي واپارين منهنجي رليف فنڊ ۾ جمع ڪرايو هو.

سکر بئراج پهتيس ته ڪجھ ڏينهن اڳ واري سکر بيراج ۽ هاڻي واري سکر بيراج ۾ زمين آسمان جو فرق هو، پاڻي اڃا تائين سمنڊ وانگر موجون هڻي رهيو هو. سکر بئراج کان راتو رات واپس ڪوٽڙي بئراج پهتيس جتي هاءِ الرٽ واري پوزيشن هئي. سيلاب جو ايندڙ شڪار ٺٽو ٿيندو، جيڪو شايد سنڌوءَ جي پاڻي سبب نه، پر Flood flow management ۾ ناڪاميءَ سبب ٿيندو. ڪوٽڙي تي مون کي سيلاب جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي ته مون انتظاميه کان انهن علائقن جي لسٽ ورتي. جيڪي وڌيڪ متاثر ٿيندا ته جيئن مان اتي خيما پهچائي سگهان. بلوچستان ۽ سنڌ جي ان دوري ۾ مون کي مجموعي طور خبر پئي ته حڪومت اڃا تباهيءَ جا ڪاٿو ناهي لڳايو. ان ڪري امدادي ڪمن ۾ ڪو ربط نه آهي. ان کان اڳ جو پر تشدد احتجاج شروع ٿي وڃن. پرڏيهي ادارن کي جلد امداد شروع ڪرڻ گهرجي. بکيا ماڻهو وڙهندا نه ته ٻيو ڇا ڪندا؟ اسان جا حڪمران هڪ رات ته، ڇت کان بغير رهي ڏيکارين، ست ڏينهن ته بکيو رهي ڏسن! 2005ع جي زلزلي جي تباهيءَ ۾ Unity of command جي کوٽ هئي ۽ هاڻي Unity of executive branch جي کوٽ آهي. اسان کي وزير، وزيراعظم ۽ صدر ٻڌائي ته هو ذاتي طور ڪيترو پيسو عوام تي خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ مون 2 آگسٽ تي عاقل بند جو دورو ڪري بند پڪو ڪرڻ لاءِ حڪومت کي چيو هو، پر انهن ڌيان نه ڏنو ۽ هاڻي بند ڪمزور ٿي چڪو آهي. 24 ڪلاڪ ٽرڪون بند مضبوط ڪرڻ ۾ پوريون آهن.

# سنڌ کي ڏنڌوڙي نه پر حقيقي هيروز گهرجن

اشفاق آذر

اهو سنجها جو وقت هو، جڏهن راڌڻ کان ڪجهه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سيري بند کي روڻ پوڻ شروع ٿي. روڻ پوڻ جو اطلاع ملڻ تي ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿي ويا. جن ۾ ڳوناڻا به هئا ته ڪي آبپاشي عملدار ۽ سرڪاري ماڻهو هئا. سڀئي ان روڻ کي بند ڪرڻ ۾ جنبي ويا ته جيئن پاڻيءَ کي آبادي ۾ گهڙڻ کان بچائي سگهجي. انهي ڪم ۾ رضا ڪاراڻا طور تي ڳوناڻا به آبپاشي عملدارن جو هٿ ونڊائڻ لڳا، جن ۾ 3 ڳوناڻا بند جي هيٺئين پاسي بند ٻڌن ۾ مصروف هئا ته ٻئي پاسي پاڻي بند کي ڪائڻ ۾ مصروف هو، ايتري ۾ اوچتو مٽي جي هڪ پڪ ڏماڪي سان انهن ٽنهي ڳوناڻن مٿان ڪري پئي. هڪ ڳوناڻي کي ته ماڻهن بچائي ورتو، جڏهن ته ٻه ڄڻا انهيءَ پڪ ۾ دٻجي ويا. اهي عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڌڙو هئا، جن جا نالا به هڪجهڙا هئا، زندگيون ۽ سندن موت به هڪجهڙو هو، سنجها ٽاڻي پيل انهي روڻ کي ٻئي ڏينهن اسر ويل بند ته ڪيو ويو پر انهي روڻ سان گڏ ٻنهي نوجوانن جا ساهه به بند ٿي ويا. سيهڙ وليج جا اهي رهواسي ڳوناڻا پورهيو ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا. هو نه ته ڪنهن پيتا خوري کان واقف هئا، نه ئي هنن وٽ ڪي قبضي جا پلاٽ هئا، هي سنڌ جا اهي گمنام سپاهي هئا، جيڪي اڄ تائين انهيءَ بند ۾ دفن آهن. سندن مڙهه ان ڪري نٿا ڪديا وڃن ته ان سان بند کي نقصان ٿيندو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ان بند کان پاڻي ٽپيو ته سيهڙ ۽ سرگاٽي سميت انيڪ ڳوٺن ۽ راڌڻ، سعدي موساڻي، ڀيٽو جتوئي، ميهڙ ۽ خبر ناهي ته ڪيترن علائقن کي ٻوڙي ڇڏي. اهي علائقا سنڌ جي انهن گمنام سپاهين جا اڄا تائين ٿورائتا آهن، جن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏيئي پاڻي کي اڳان روڪي رکيو آهي! انهي بند مٿان ٻنهي ڄڻن جون عارضي قبرون ٺاهيون ويون آهن. مٽي جي انهن ٻنين مٿان روزانو اگربتيون ٻاريون وڃن ٿيون، انهن نوجوانن جي مائٽن ۽ جهور والدين کي پنهنجي پٽن جي قرباني تي فخر آهي، جن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي ڪيترن ئي ڳوٺن کي ٻڏڻ کان بچائي





ورتو! منهنجي نظر ۾ هي سنڌ جا اهي حقيقي هيروز آهن، جن جا مڙهه جڏهن انهي بند مان ڪديا ويندا ته پوري سنڌ کين سلام پيش ڪندي.

هن ٻوڏ جتي درياهه جي بندن سان گڏ اڪين جا بند به ڀڃي ڇڏيا آهن، جتي دلين کي روح تائين گهارا پئجي رهيا آهن ۽ جتي ساهه ساهه کي روز روڻيو پون پيون، اتي بدقسمتي سان ڪي اهڙا گروهه به آهن جيڪي انهن ٻوڏ متاثرن جي اهنجن ۽ ايذائن کي ڪيش ڪرائڻ ۾ مصروف آهن. آئون هتي انهن ڏرين جو ذڪر ڪرڻ نٿو چاهيان، جن سنڌ ۽ سنڌين کي ڪڏهن دل سان قبوليو ئي ناهي، جيڪر اهي سنڌ جا سڄڻ هجن ها. سنڌ واسين سان مخلص هجن ها ته صوفين جي هيءَ ڌرتي ڪڏهن دهشتگردي جو منهن نه ڏسي ها، هتي ايئن بي گناهن جو رت وهندي نظر نه اچي ها، هو ڪالهه به پراوا هئا ۽ اڄ به ڌاريا ئي آهن، جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته جيئن ڌرتي ڌڻين هنن جي آجيان لاءِ پنهنجي دلين جا در کوليا هئا، تيئن اڄ اهي ڌرتي واسين جي آجيان لاءِ هنن جي اکين جون پنبڙيون وڇايل هجن ها، پر ايئن ڪونهي، ڪالهه جي سچ ۽ اڄ جي حقيقت ۾ وڏو فرق آهي. اڄ جي حقيقت اها آهي ته اڄ اهي ڌرتي واسي پنهنجي ئي ديس ۾ دربدر آهن، جن جي زخمن مٿان پراون سان گڏ "پنهنجا" به لوڻ ٻرڪي رهيا آهن.

هن پيري جتي هڪڙي پاسي سيهڙ وليج جي عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڌڙو جي بي مثل قرباني جهڙا وقعا آهن ته ٻئي پاسي وري سنڌ جي انهن "جوڌن" جا ڪارناما آهن، جيڪي انهن ٻوڏ متاثرن جي دم تي به دمڙي ڪمائڻ چاهين ٿا. ڪراچي اڄڪلهه انهن ڏنڌوڙي ماڻهن لاءِ آئيڊيل شهر بڻيل آهي. جيڪي پنهنجي ڳلي ۾ سنڌ سان سڄڻائپ جو ڪارڊ وجهي گهمائيندا وتن ٿا، پر پردي جي پويان سندن حريس نگاهون فقط قبضي گيري ۽ پيتا خوري جي داستانن کي جنم ڏينديون رهن ٿيون، بجاءِ ان جي جو هو هن مها مصيبت جي گهڙي ۾ سمورا فرق، سمورا ويڇا، سمورا نظرياتي توڙي سياسي اختلاف هڪ پاسي رکي هڪڙي ئي جذبي سان انهن جي مدد ڪن، هو انهن متاثرن کي به "غيبي امداد" سمجهي ايئن استعمال ڪرڻ ۾ ڇهٽي ويا آهن جيئن جورون ڪنهن بيمار جسم کي چنبڙنديون آهن. پاڻ کي عظيم فڪر ۽ فلسفي جا پوئلڳ سڏائيندڙ انهن ماڻهن جي درپرده قصن جي انهن معصومن کي ڪل ئي ڪانهي، جن جي ڪلهي تي بندوق رکي هو هلائي رهيا آهن. پر هي دور ڪو بي خبري جو دور ڪونهي جتي ڪين هر اره زورائي، هر ٺڳي ۽ هر چور بازاري ڦٻي وڃي. ڪراچي اهو شهر آهي، جنهن ۾ سنڌ جي دل ڌڙڪي ٿي، هن شهر پراون کي ايترو ئي نوازيو آهي، جيترو پنهنجن کي محروم رکيو آهي، تنهنڪري هي شهر جتي لکين پناهگيرن، افغانين، بنگالين، برمين کي پناهه ڏيئي سگهي ٿو ته اتي پنهنجن لاءِ گنجائش نه هجڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. انهي ڳالهه کي هڪ "سياسي حقيقت" طور مڃرائڻ هر سنڌ واسي جو فرض آهي پر انهي فرض ۾ "مال

ميڙڻ“ واري نيت سان ڪاٽ هڻن ڪي ڪو به حقيقي سنڌ واسي ڪيئن ٿو برداشت ڪري سگهي!؟ ڪراچي جي بلال ڪالوني ۾ 5 هزار رپين عيوض ٻوڏ متاثرن ۾ پلاٽ ورهائيندڙ ڪي ڌاريا ته ڪو نه هئا، ليبر ڪالوني ۾ ٻوڏ متاثرن جي نالي ۾ پنهنجن ماڻهن کي ويهاريندڙ به ڪي پراوا ته ڪو نه هئا، خانگي بلڊر جي فليٽن تي قبضا ڪندڙ به ڪي غير ڪو نه هئا!؟ سو قبضا مافيا ۽ ليند مافيا جا جيڪي اصطلاح پاڻ فقط ڌارين جي حوالي سان مخصوص ڌرين بابت ٻڌندا پئي آياسين، هاڻي ان ۾ ”پنهنجن“ به هٿ ٻوڙڻ شروع ڪري ڏنا آهن. پر افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته اهو ڏنڊو سياسي پوائنٽ اسڪورنگ بدران انهن مسڪين، مجبور ۽ بي وس ماڻهن جي قيمت تي ٿي رهيو آهي، جيڪي هن شهر کي پنهنجو شهر سمجهي آيل آهن، جن کي جيڪو به ڪلهو ملي ٿو ته هو ان تي پنهنجو ڪنڌ رکي ٻوڏ جي ڀيانڪ يادگيرين جو غم هلڪو ڪن ٿا، هو ٻهراڙي جا راهڪي ڪندڙ ماڻهو جن کي اها خبر ناهي ته هتان جي ”شهري بابوئن“ جو پنهنجو لائيف اسٽائيل ڪهڙو آهي ۽ هو ڪيئن انهن ماڻهن جي اوچتو مالڪيءَ لاءِ نڪري پيا آهن، جن ڪڏهن هنن جي علائقن ۾ پهچي ڪانئن ڪڏهن حال حوال به ناهن اوريا، اهي ڏنڊوڙي ماڻهو وقت جي سرڪار مٿان پريشر رکڻ، وسنديون جوڙائي ڪين آباد ڪرڻ، انهن جي ڪاڌ خوراڪ، ڪپڙي لٽي ۽ ٻين ضرورتن جو خيال رکڻ ۽ انهن جي زخمن تي ڦها رکڻ بدران جن ڪرتوتن ۾ ملوث آهن، تن کي ڪهڙو نالو ڏيئي سگهجي ٿو؟

جڏهن کان ٻوڏ متاثرن جي ڪراچي آمد جو سلسلو شروع ٿيو آهي، تڏهن کان توهان ڏسو ته انهن جي آمد آڏو دهشت جا بند ٻڌا پيا وڃن، شهر ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو سلسلو ان ئي دهشت جي ڪڙي آهي ته جيئن ان کان گهٻرائجي ٻوڏ متاثر پنهنجين اونداهين زندگين ۾ روشنين جي شهر جو اجالو آڻي نه سگهن. ظاهر آهي ته ڪا به ڌر جنهن جا مفاد هن شهر سان وابسته آهن، سا هن مشڪل جي گهڙي ۾ ڪليل نموني پنهنجا ڪارڊ استعمال نه ڪندي، نه ئي انهن وٽ ايتري جرئت ٿي سگهي ٿي، جو اهي علي الاعلان انهن ٻوڏ متاثرن جي ڪراچي آمد جي مخالفت ڪري سگهن، هو اهڙا ئي هٿڪنڊا استعمال ڪنديون ۽ ايئن ئي اڻ سڌي ريت پنهنجو پيغام واضع ڪرڻ چاهينديون. ان پيچيده صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ بصيرت ۽ فهم جي ضرورت هجي ٿي، ڪردار جي مضبوطي ۽ موقف جي سچائي گهربل هوندي آهي، پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ ۽ ان کي ميرائڻ جي ڏانءُ جي گهرج هوندي آهي، پر اها سمجهه اسان جي ”سڄڻن“ کي بدقسمتي سان ناهي، جنهن ڪري هڪڙي پاسي ڌرتي ڌڻين جي پنهنجي ئي ديس ۾ عزت سان رهڻ وارو مسئلو هڪ ڀيانڪ خواب ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. مون پنهنجي گذريل آرٽيڪل ۾ به اها ڳالهه چئي هئي ته ”سنڌ جي سڄاڻ حلقن ۾ اهو سوال گردش ڪري رهيو آهي ته جڏهن هي ڌرتي ٻاهران ايندڙ غيرن کي پناهه ڏيئي سگهي ٿي، ڪين روزگار ۽ گهر ڏيئي سگهي ٿي ته پوءِ هن ئي





ڌرتي جي ماڻهن لاءِ هتي ڪا گنجائش ڇو نه هجڻ گهرجي؟ انهن وڏن شهرن ۾ سرڪاري سرپرستي ۾ ٻوڏ متاثرن جون باقاعده وسنديون قائم ٿيڻ گهرجن، جتي کين گهربل بنيادي سهوليتون فراهم ڪيو وڃن. کين روزگار ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجا ڪٽنب پالي سگهن. هن ٻوڏ ۾ هاڻ اها تعصب پرستي، ٻه اکيائي ۽ ڌرتي ڌڻين ڏانهن ويڳاڻپ جو رويو به لڙهڻ گهرجي. جنهن سنڌ کي ڪن ڍاڪن کان وٺي ٻولي جي بنياد تي ورهائي رکيو آهي.... ”آئون اڄ به اها ڳالهه ورجائڻ چاهيان ٿو ته هي وقت هڪ منظم ۽ مربوط حڪمت عملي جوڙڻ جو آهي، نه ڪي ٺلهي شعبدي بازي ۽ نعريبازي جو آهي، نعريبازي ۾ اسان اڳ ئي پنهنجا نسل وڃائي چڪا آهيون. سو هن وقت جيڪي به توتڙيون، ٻينيون ۽ ٻاجا آهن، تن کي هڪ پاسي رکي اهو سوچڻ جو وقت آهي ته اها سنڌ، جنهن جي پيرن جي هيٺان به پاڻي آهي ۽ اکين ۾ به پاڻي آهي، تنهن کي ٻيهر ڪيئن پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي ٿو؟ هن وقت جڏهن هڪ انتهائي مشڪل صورتحال درپيش آهي ته اهو وقت حساب ڪتاب ۽ ليکا ڪرڻ جو ناهي، اهو وقت پنهنجون حدون جاچڻ ۽ هڪٻئي ڏانهن آڱريون کڻڻ جو به ناهي، هي وقت ميڊيا کي ”حدود اربع“ سمجهائڻ جو وقت به ناهي ته ميڊيا فقط پنهنجي دائري ۾ رهي فقط رپورٽنگ ڪري، اهو نه ڏسي ته ڪير ڪٿان ڪهڙي بدمعاشي ڪري رهيو آهي، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جتي به جنگيون ۽ قدرتي آفتون اينديون آهن ته ميڊيا رڳو بي حس بڻجي ”اڻ ڌرئي“ هجڻ واري خول ۾ ناهي رهندي، اها پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ماڻهن سان گڏ بيهندي آهي، جيڪي ماڻهو انهي نقطي سان اختلاف رکندڙ آهن، سي مهرباني ڪري آمريڪا کان وٺي برطانيا ۽ جاپان کان وٺي چين تائين جي ملڪن جي ميڊيائي ڪردار جو مطالعو ڪن ته کين خبر پئجي ويندي ته آفتن جي گهيري ۾ آيل انهن ملڪن جي ميڊيا اتان جي مصيبت سٽيل ماڻهن جي واهر پئي ڪئي يا ”ڏنڊوڙي“ ماڻهن جو ساٿ پئي ڏنو!؟ شابس آهي انهن ڌرين کي، جيڪي هن ڏکئي وقت ۾ به اخباري خبر جي سنگل، ڊبل ڪالم ۽ اليڪٽرونڪ ميڊيا جي ڪوريج جي فرمائش کان وڌيڪ ان ڳڻتي ۾ آهن ته ميڊيا ذريعي کين جيڪا خبريت ۽ خطرن کان آگاهي ملي رهي آهي تنهن جي آڌار هو انهن ٻوڏ متاثرن جي ڪيئن مدد ڪن، جڏهن ته ٻئي پاسي اهي به آهن، جيڪي فقط انهي ڏک ۾ ڏٻرا ٿي رهيا آهن ته ميڊيا ڪڏا ڪم ڪندڙن کي هيروز ڪري ڇو نه پئي پيش ڪري؟ هي وقت انتهائي ذميواري ۽ فهم جو وقت آهي، هي وقت دردن کي توانائي ۾ بدلائي ڪمزور ۽ ڪنجهندڙ ماڻهن کي سگهارو ڪرڻ جو وقت آهي، کين سنڌن ڇهرن تان ڪسجي ويل مرڪون موٽائي ڏيڻ جو وقت آهي، هن ڦهري وقت ۾ به جيڪڏهن اسان جا ڪي ناخدا ڀريل ٻيڙي کي ڪن ۾ اڇلائي پنهنجا پاند پسائڻ کان آجا ڪرڻ چاهيندا ته ڇا تاريخ ڪڏهن انهن کي معاف ڪري سگهندي؟

هيءَ اها سنڌ آهي، دريا جنهن جي نئين تاريخ لکي رهيو آهي. هي پاڻي لهي

ٻه وڃي، گهارا ۽ روڙيون بند ٻه ڪري وڌجن پر پاڻي جي انهن بي رحم تحريرن سان جيڪي واقعا ۽ داستان جنم وٺي رهيا آهن، تن جو سيمو نہ ڄاڻ ڪيترن سالن تائين روح کي پائيندو رهندو. هن وقت اسان کي سيهڙ وليج جي عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڊڙو جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي، سنڌ کي اهڙن هيروز جي ئي ضرورت آهي، جيڪي ڪنهن بہ مفاد ۽ لالچ کان مٿانهان ٿي فقط پنهنجي ديس جو درد رکن. سنڌ ۾ پاڻي لهڻ کان اڳ ئي جن ماڻهن جي اکين جي حيا ۽ شرم جو پاڻي لهي ويو آهي، سي پنهنجن خسيس مفادن کان مٿيرو ٿي سوچين تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن ۽ ڪنهن جي لاءِ ڪري رهيا آهن!؟ سياڻي واري سنڌ غيرن ۽ ڌارين کان تہ هونئن ئي پڇڻو ڪندي پر ڪٿي ايئن نہ ٿئي تہ ڪجھ ”پنهنجا“ بہ انهيءَ قطار ۾ بيٺل نظر اچن.





# ٻوڏ ڪٿي ٻڌتي؟

محمد ادريس راجپوت

گڊو ۽ سکر بيراجن تي چوٽي وارا وهڪرا ترتيب وار گهٽجي 26 آگسٽ تي ساڍا ڇھ لک ۽ ست لک تي ويا آهن. دادو- مورو پل تي گيج 132.3 مان گهٽجي 131.6 فوٽ تي ويو آهي. معنيٰ هنن هنڌن تان چوٽي وارو وهڪرو گذري چڪو آهي، ۽ هينئر هو ڪوٽڙي بيراج تان پاس ٿي رهيو آهي. جتي 24 آگسٽ کان 26 آگسٽ تائين چوٽي وارو وهڪرو 9 لک 38 هزار ڪيوسڪ آهي، جيڪو اجان ڏينهن ٻہ هلندو. ياد رهي تہ ڪوٽڙي بيراج تي وڏي ۾ وڏو وهڪرو سال 1956ع ۾ آيو هو، جيڪو 9 لک 81 هزار ڪيوسڪ هو، معنيٰ تہ ڪوٽڙي بيراج تي آيل هن سال واري ٻوڏ پاڻي جي وهڪري جي لحاظ کان ٻيو نمبر رهي، ڪوٽڙي بيراج جي پاڻي پاس ڪرڻ جي ڊيزائن گنجائش 8 لک 75 هزار ڪيوسڪ آهي. هيٺين پر وهڪرو 9 لک 16 هزار ڪيوسڪ آهي. معنيٰ ڪوٽڙي بيراج پنهنجي ڊيزائين گنجائش کان 5 سيڪڙو وڌيڪ پاڻي پاس پيو ڪري.

هاڻي اچو گيج تي، بيراج جي لحاظ کان ڊسچارج اهم آهي، پر بندن جي لحاظ کان گيج اهم آهي. جيترو بندن کي مٿي پاڻي لڳو اوترو بندن لاءِ وڌيڪ خطري وارو نٿي ٿو، ڪوٽڙي کان هيٺ بندن لاءِ ڪوٽڙي گيج اهم آهي. اهو وڌ ۾ وڌ 1956ع ۾ 26.4 فوٽ رڪارڊ ٿيو هو، هن سال اهو 26.5 فوٽ رڪارڊ ٿيو آهي. يعني تاريخي طور وڌ ۾ وڌ رڪارڊ ٿيل گيج کان اٽڪل هڪ انچ مٿي، تنهن ڪري بندن تي دٻاءُ تمام گهڻو آهي. الله سائين جي فضل ۽ عوام جي محنت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ حيدرآباد وارا بند محفوظ آهن. پر بدقسمتي سان ڪوٽڙي کان هيٺ ڪاٻي پاسي دڙو شهر سامهون ايم ايس بند جي 18 ميل 2 فرلانگ وٽ رات جو ٽئين وڳي ڪنڌ لڳي ويو. اتي هڪ لوپ بند بہ هو، جيڪو پڻ ٽٽي پيو، ۽ پاڻي اٽڪل 50 فوٽ ويڪري گهاري مان دڙو شهر ڏانهن وڌي رهيو آهي. درياهہ جو لڳل گهارو جڏهن درياهہ ۾ 9 لک ڪيوسڪ پاڻي هجي. تڏهن يڪدم گهارو بند ڪرڻ ڏکيو آهي. اهو تڏهن بند ٿي سگهندو، جڏهن درياهہ ۾ وهڪرو گهٽجي ڏيڍ ٻہ لک ڪيوسڪ ٿيندو، بند مينوئل مطابق ڪنڌ لڳڻ کان پوءِ ٻهريون ڪم ڪنڌ جي سيرن (Ends) کي وڌڻ کان روڪڻ جو بندوبست ڪرڻو ضروري آهي تہ جيئن ڪنڌ وڌي نہ ۽ ڪنڌ مان نڪرندڙ پاڻي بہ نہ وڌي. ٽوڙي واري

واقعي ۾ بہ ائين نہ ڪيو ويو ۽ ڪنڌ وڏي 3000 فوٽ ٿي ويو آهي. ان ڪري انهيءَ مان لک ڏيڍ لک وهڪرو پاس پيو ٿئي. جنهن اتي تباهي مچائي ڇڏي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ بند جي ويجهو عمودي نموني جڪ ورڪ ڪبو آهي، بند مينوئل ۾ انهيءَ جي هٽڻ جو طريقو ٻڌايل آهي. زمين جي ليول مطابق اهو پاڻي شهر ٻوڙيندو جاتي تائين ويندو ۽ تنهن کان پوءِ شاهہ بندر وٽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو، رستي تي جيڪي مکيہ شهر اچن ٿا، سي آهن ميرپور بٺورو، سجاول ۽ جاتي، اهو سجاول- بدين رستي کي بہ ڪٽيندو، جنهن ڪري انهن شهرن وچ ۾ ٽريفڪ بہ بند ٿي ويندي.

هينئر ڪوٽڙي بيراج تي وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ آهي، انهيءَ کي گهٽجي بہ لک ڪيوسڪ ٿيڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 ڏينهن لڳندا، تنهن ڪري ڪنڌ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن وهندو رهندو ۽ سڄو ضلعو ٻوڙيندو رهندو. سال 1988ع ۾ 17 آگسٽ تي، جنهن ڏينهن ضياءُ الحق جو جهاز ملتان کان اڏامڻ تي هوا ۾ ڦاٽو هو، هن سال پيل ڪنڌ کان ڪجهہ ميل هيٺ سورجاڻي بند کي ڪنڌ لڳو هو، جنهن تمام گهڻي تباهي آندي هئي. پر ان مهل درياهہ ۾ ڊسچارج اٽڪل 6 لک ڪيوسڪ هو، هينئر ڊسچارج 9 لک ڪيوسڪ هو، جنهن ڪري نقصان وڌيڪ ٿيندا. 1988ع واري ڪنڌ کان پوءِ سجاول شهر کي بند ڏئي بچايو ويو هو. هن سال مون کي اهو شهر بچائڻ ڏکيو لڳي ٿو. الله سائين سڀني کي بچائي. (آمين)

## ٽوڙي واري ڪنڌ جي صورتحال:

اخباري خبرن مطابق چيف منسٽر صاحب ٽوڙي واري ڪنڌ کي بند ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ڪنڌ ايف ڊبليو او ۽ آرمي ڪور آف انجنيئرنگ جي مدد سان نبري ويندا. چون ٿا تہ اهو گهارو هڪ هفتي ۾ بند ڪيو ويندو. سنڌ بند مينوئل ۾ 1942ع واري سال ۾ سکر بيگاري بند کي لڳل ڪنڌ کي بند ڪرڻ جو ذڪر ٿيل آهي. اچو ڏسون تہ اهو ڪهڙين حالتن ۾ ۽ گهڻي وقت ۾ بند ڪيو ويو. اتي ٽي ڪنڌ هئا. جن جي ڪل ڊيگهہ 2650 فوٽ هئي. ڪنڌ بند ڪرڻ وقت درياہ ۾ وهڪرو اڍائي کان ساڍا ٽي لک ڪيوسڪ هو ۽ ڪنڌن مان 50.000 ڪيوسڪ پاڻي وهي رهيو هو. ڪنڌ بند ڪرڻ جو ڪم 22 آگسٽ 1942ع تي شروع ڪيو ويو هو. پهريون ڪنڌ 23 آڪٽوبر 19742ع تي يعني ٻہ مهينن 2 ڏينهن کان پوءِ بند ڪيو ويو، ٻيو ڪنڌ 22 نومبر 1942ع تي يعني ٽي مهينن ۽ هڪ ڏينهن کان پوءِ بند ڪيو ويو، ٽيون ڪنڌ 26 سيپٽمبر 1942ع تي يعني هڪ مهيني 4 ڏينن کان پوءِ بند ڪيو ويو، ڪنڌن کي بند ڪرڻ لاءِ ٿاهيل منگلي جي ڊيگهہ 7500 فوٽ يعني اٽڪل ڏيڍ ميل هئي.

جڏهن ڪنڌ بند ٿيا تہ درياهہ ۾ ڊسچارج اٽڪل 50 هزار ڪيوسڪ ۽ ڪنڌن مان ڊسچارج 1500 کان ٻہ هزار ڪيوسڪ پاس پئي ٿي. اسان وٽ 26 آگسٽ تي گڊو وٽ ڊسچارج 6 لک 40 هزار ڪيوسڪ آهي، ڪنڌن مان اٽڪل لک کان ڏيڍ لک





ڪيوسڪ پاس پيو ٿئي. ۽ ڪنڌن جي ڊيگهہ اٽڪل ٽي هزار فوٽ آهي. پهرين اسان جي گڊو وٽ ڊسچارج ٽي لک ڪيوسڪ ٿيڻ کپي. تنهن کان پوءِ ڪنڌن ۾ ڊسچارج گهٽجي 50 هزار ڪيوسڪ ٿيڻ کپي ۽ درياهہ ۾ مسلسل لاٽ هجڻ کپي، تنهن کان پوءِ ڪنڌ کي ٻڌڻ جو ڪم شروع ڪري سگهبو. وري ٽنهي ڪنڌن کي بند ڪرڻ ۾ ڪل ٽي مهينا لڳا. انهيءَ زماني ۾ سڄو ڪم آبپاشي کاتي وارن ڪيو هو، پر انهيءَ زماني ۾ ايترين مشينون ڪو نہ هيون، ٽرانسپورٽ ايتري تڪڙي نہ هئي. هينئر آبپاشي جي مدد لاءِ ايف ڊبليو او ۽ آرمي انجنيئرنگ ڪور وارا بہ آهن، ٽرانسپورٽ بہ تڪڙي ٿي سگهندي ۽ تمام وڏي مٽي ڪٽڻ ۽ ڍوئڻ واريون مشينون آهن، پر ڪنڌ بند ڪرڻ هڪ صبر آزما ڪم آهي. منهنجي خيال ۾ هي ڪيتري بہ تڪڙ ڪن. تہ بہ ڪنڌ مهيني تائين يعني سيپٽمبر جي پڇاڙي تائين مشڪل سان بند ٿي سگهندو، تيستائين ڪنڌ مان نڪرندڙ پاڻي جي ٻوڙ ٻوڙان هلندو رهندو. هوڏانهن وري ٽوڙي مان نڪرندڙ پاڻي وڌيڪ تباهي مچائي رهيو آهي. ڪاوش مطابق ٻوڏ واري پاڻي قبو سعيد خان شهر جي 60 سيڪٽرو علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو آهي. آر بي او ڊي ۽ شهدادڪوٽ ڊرين کي وڌيڪ گهارا لڳڻ سبب قمبر ۽ ميرو خان جا وڌيڪ ڳوٺ ٻڏي ويا. ڪير ٿر ڪينال کي گهارن سبب پاڻي جو رخ ڳڙهي خيرو ۽ شهداد ڪوٽ طرف ٿي ويو. انهن سڀني وهڪرن جو پڇاڙي وارو ڇوڙ منڇر آهي. هينئر تائين ايف پي بند کي زيرو پوائنٽ تي ڪراس ڪري پاڻي شهدادڪوٽ ڊرين ۽ ميروخان ڊرين وسيلي ايف پي بند جي مٿان حمل ۾ پيو وڃي، جتان هي ايم اين وي ڊرين وسيلي ۽ سڌو مٿان ڦري منڇر ۾ ويندو ۽ اڃان تائين پاڻي ميرو خان ڊرين کان هيٺ قمبر واري پاسي نہ ويو آهي. پر شهداد ڊرين ۾ ڪنڌ پوڻ ڪري جڏهن ميرو خان ڊرين تي دٻاءُ وڌندو تہ پاڻي اتان هيٺ وهڻ شروع ڪندو ۽ سال 2007ع جي ٻوڏ وارو رستو وٺندو. يعني قمبر، وارهہ، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهہ وارو رستو وٺي ايم اين وي ڊرين جي ٻنهي پاسي ڦهلجي منڇر ۾ ويندو، پر انهيءَ ۾ ڪجهہ وقت لڳندو.

26 آگسٽ تي منڇر جي ليول 111.40 فوٽ ٿي وئي آهي. 115 فوٽ ليول تائين منڇر کي ڪو خطرو ناهي. جنهن سست رفتاريءَ سان منڇر ۾ پاڻي چڙهي رهيو آهي تہ 115 جي ليول تي پهچڻ ۾ ڏهہ ڏينهن لڳندا سکر بيراج تي درياهہ روز لهي رهيو آهي. انهيءَ حساب سان 10 ڏينهن ۾ درياهہ لهي وڃڻ ڪري درياهہ جي ليول منڇر سامهون ايتري گهٽجي ويندي، جو منڇر جو پاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي. ۽ منڇر وارا ماڻهو وڏي مصيبت کان بچي وڃن.

هن سال سنڌ کي جياپو ڏيندڙ سنڌو درياهہ سنڌ وارن کي ڇٽي ڇڏيو آهي. ۽ رحمت بدران زحمت بڻجي ويو آهي. انهيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي اسان جون ڪوتاهيون بہ شامل آهن. دعا ٿا ڪريون تہ سنڌ وارن تان اهي عذاب جون ساعتون جلد ختم ٿين ۽ سنڌ وارا وري سکي ٿين. (آمين).

### پهاڙي وهڪرن ۽ دريائي پاڻيءَ جو ميلاپ

# منڇر کي کھڙو روپ ڏيندو

عزيز رانجهاڻي

سنڌ ۾ ٻوڏن جي حوالي سان ڪچو ۽ ڪاڇو سنڌو ماٿريءَ جا اهي علائقا آهن، جيڪي صدين کان شير درياهه سنڌو ۽ کيرٿر ڪاڇي جي درياهه (سگهاري نئين گاج) ۽ ٻين جابلو نين سبب پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ هزارين ماڻهو ۽ چوپايو مال مصيبت ۾ اچي لڏپلاڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي. لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهه ٿي ويندا آهن، ڪي مهينن جا مهينا ڪچي ۽ ڪاڇي ۾ آمدرفت جا رستا بند ٿي ويندا آهن. مختلف بيماريون منهن ڪڍنديون آهن ۽ ڪڏهن ته ڪچي ۽ ڪاڇي ۾ وڏين ٻوڏن ۽ اوچتو جابلو نين جي وهڪرن سبب وڏو مالي نقصان پڻ ٿيندو آهي ۽ لکن جي تعدا دِ ۾ ماڻهو مفلسي جو شڪار ٿي ڪيمپن ۾ دربدريءَ واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي پوندا آهن، پر پوءِ به صدين کان هن ڏکايل سنڌو ماٿري ۾ جڏهن سوڪهڙو ٿئي ٿو ته ڪچي، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ٿر جا مسڪين مارو ئڙا مينهن، برسات، ٻوڏن لاءِ ڏٽيءَ در ٻاڏائين ٿا. صدين کان اهو سلسلو ائين جاري ۽ ساري آهي.

ڄامشورو، دادو، قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ واقع کيرٿر جابلو سلسلي جي هنج ۾ 1932ع ۾ انگريزن پاران بئراجن جي تعمير کان پوءِ سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي زرعي زمينن کي ۽ آبپاشي نظام کي بي قابو ۽ ڇڙواڳ جابلو نئن، جنهن ۾ اهم نئن گاج آهي، کان بچائڻ لاءِ منڇر کان شهدادڪوٽ تائين ايف پي بند (بچاءُ بند) جي تعمير ڪئي وئي، جنهن بعد منڇر ڍنڍ کان وٺي شهدادڪوٽ تائين کيرٿر جابلو سلسلي ۽ ايف پي بند جي وچ ۾ آيل پوري مٿيءَ واري ديس کي ڪاڇو سڏيو ويو. نه ته ان ايف پي بند اچڻ کان اڳ ڪاڇي جون حدون ان کان اڳتي وسيع ۽ ويڪريون هيون. سچ پچ ڪاڇي جي باراني زمين تي رهندڙ 3 لک کان وڌيڪ ابادي به صدين کان برسات جي رحم ۽ ڪرم تي هوندي آهي، جيڪڏهن سوڪهڙو ٿيندو





آهي ته بدترين ڏڪار ڏسندا آهن ۽ ڪاڇو ڇڏي پڪي تي اچي پڪڙا اڏين ٿا. جيڪڏهن جابلو نيون وهي اچن ته اچڻ وڃڻ کان لاچار ٿي ويندا آهن، پر ايترو آهي ته جڏهن ٻوڏ ۽ نئن جو پاڻي لهي ويندو آهي ته پوءِ ڪاڇي ۾ گل و گلزاري ٿي ويندي آهي، سندن ڇهرن ۽ ڇپن تي جيڪا مرڪ ۽ خوشي هوندي آهي،، يا سندن هلڻ جو اندازو هوندو آهي، سو ڪو شاعر ئي بيان ڪري سگهي ٿو، سنڌ ۾ تازين برساتن ۾ کيرٿر جابلو سلسلي ۾ برساتون پوڻ جي نتيجي ۾ نئين گاج سميت ڪاڇي کي سيراب ڪندڙ ۽ منڇر کي پرندڙ ٻيون نيون، جن ۾ نئينگ، نئين انگئي، نئن ڪڪڙاني، نئين نلي، نئن سول، نئن تقي ۽ ٻيون نيون وهي اتر ڪاڇي جي پوري مٿي جي اُچ اجهائڻ کان پوءِ هڪ مهينو گذرڻ باوجود منڇر ۾ ايئن داخل ٿي رهيون آهن. جيئن سنڌو درياهه سمنڊ سان ميلاپ لاءِ سنڌ جي حدن ۾ تڪڙي وک يا ڊوڙ پريندو وڃي رهيو هجي.

نئن گاج ۽ کيرٿر جي ڪجهه ٻين نين جو پاڻي ۽ بلوچستان جي حدن مان ايندڙ پاڻي ته ڪن مهينن تائين منڇر ۾ ڇوڙ ٿيندو رهندو آهي، جيتوڻيڪ کيرٿر ۽ ڪاڇي ۾ برساتن جي هن تازي لهر سبب ڪو وڏي پيماني تي جاني نقصان نه ٿيو آهي، جيئن 1995ع ۾ اوچتو نئين گاج جي تيز وهڪري سبب فقط ڪاڇي جي ميدانن ۾ موجود ڪي 200 کان وڌيڪ ماڻهو لڙهي ويا هئا ۽ هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال لڙهي ويو هيو، 300 کان وڌيڪ ڳوٺ ڪي مهينن تائين پاڻيءَ جي گهيري ۾ هيا ۽ گجندڙ نئين گاج پنهنجو رخ مٽائي 1932ع ۾ کان پهرئين واري گس تي وهي ايف پي بند ۽ مين نارا ويلي ڊرين (الهندي ناري) جابند ٽوڙي دادو شهر کان ڪي 15 ڪلوميٽر اتر طرف کان وهي وڃي سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪيو هيو، اهڙي تباهيءَ ۽ ٻوڏ سبب ڪاڇي ۾ چار لک ايڪڙن تي بيٺل فصل ته تباهه ٿيا هئا، پر هڪ لک کان وڌيڪ انساني آبادي رات پيٽ ۾ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ مال متاع ڇڏي ايف پي بند، ايم اين وي ڊرين جي ٻنهي ڪنارن وارن بندن ۽ منڇر ڪنيڪٽو بند تي کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويهي رهيا. هنن تازين برساتن سبب ڪاڇي ۾ اهڙي صورتحال ته نه ٿي. پر پوءِ به منڇر ڍنڍ کان وٺي فريد آباد ويجهو حمل ڍنڍ تائين نئين گاج ۽ ٻين جابلو نين جي پاڻيءَ جوهيءَ کان واهي پانڌي، ڊرگهه بالا، حاجي خان، علي مراد شاهاڻي، ڇني، ٽندو رحيم خان ۽ ٻين سوين ڳوٺن کي ملائيندڙ روڊ رستن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ايف پي بند کان ڇنيءَ تائين اچ وڃ ٻيڙين رستي ٿئي پئي.

تازي صورتحال ائين آهي ته منڇر ڍنڍ جي سطح جيڪا نئين جي پاڻيءَ سبب تيزيءَ سان وڌي آهي ۽ هاڻي سنڌو ۾ سپر فلڊ سبب ڍنڍ مان پاڻي درياهه ۾ نيڪال ڪرڻ ته ممڪن نه رهيو، پر الٽو سنڌوءَ جو پاڻي سيوهڻ شهر ويجهو منڇر ۾ سنڌوءَ کي ملائيندڙ قديم وهڪرن اڙل ۽ دانستر ذريعي منڇر ۾ تيزي سان داخل ٿي ان جي سطح وڌائي رهيو آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ٻيهر کيرٿر ۽ ڪاڇي ۾ ڪو

www.sindhsalamat.com

وڏو وسڪارو ٿيو تہ پوءِ جيڪا صورتحال جنم وٺندي، سا 1995ع واري صورتحال کان مختلف نہ هوندي. هينئر بہ منڇر کان وٺي ڇني شهر ۽ ان کان بہ اڳتي اتر اولهہ طرف ڪاڇي جي ڪيترن ئي ڳوٺن تائين منڇر جا مهاڏا ٻيڙيون ڪاهي ماڻهن جي اچ وڃ کي جاري رکيو ويٺا آهن. هينئر بہ پورو ڪاڇو خوف ۾ آهي تہ جيڪڏهن ٻيهر برساتون ٿيون ۽ نيون وهي آيون تہ پوءِ منڇر جي پاڻيءَ جي سطح بلند ٿيڻ سبب اهو پاڻي هڪ وڏي الميئي کي جنم ڏيندو.



# جيئرن ڪان خالي ٿيندڙ شهر

## ڊاڪٽر ايوب شيخ

سورجاڻي کي پيل گهاري جي ڪري ڪيترو نقصان ٿئي ٿو، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي، پر درياءَ کي گهارو لڳل آهي تہ اهو ايترو ئي نقصان ضرور ڪندو، جيترو نقصان "توڙي بند" جي ڪري ٿيو آهي. پنهنجي سڄي ڄمار قمبر، لاڙڪاڻو، شهدادڪوٽ، رتوديرو، وارهہ، دڙو، سجاول، ميرپور بٺورو، "ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد پيرين پنڌ جهاڳي ڏٺاسين. قمبر تہ پنهنجي جنم ڀومي آهي، جنهن ۾ منهنجي پڙ ڏاڏي دين محمد شيخ کان وٺي وڏن جون، مائٽن ۽ منهنجي والده جي قبر آهي. اهي سڀ شهر جيئرن کان خالي ڪرائي ڪين ڇيو پيو وڃي تہ "پنهنجو خيال ڪجو" اسان جي ڪٽنب ۾ منهنجي پڙڏاڏي کان اڳ سڀ هندو هئا. سندس ڀاءُ پريم چند مسلمان ٿيڻ بدران ڀارتي شهر ممبئي هليو ويو هو. مرڻ تائين پريم چند جو ڪو بہ پريم پتر نہ آيو. ايوب خان جي دور ۾ هڪ ڏينهن ڀارت مان آيل ڪنهن ماڻهوءَ اسان جي وڏن کي ٻڌايو هو تہ "پريم چند خوش ۽ خاموش هوندو هيو، آخر ۾ بخار ٿيو هيس. مون کي قمبر جي ايڊريس ڏئي چيائين تہ فلاڻي نالن ۽ ڀارن سان ماڻهن سان ملي ڪين ٻڌائجانءِ تہ پريم چند مري ويو." ان ئي قمبر ۾ اسان پنهنجي والده کي بہ سال اڳ ۽ ان کان بہ شهر ڀري محترمہ بينظير ڀٽو کي اٽڪل ٽي سال اڳ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو هو. ويرم ئي ڪا نہ گذري آهي تہ سڄي سنڌ موت جي منهن ۾ پئي آهي. سنڌ سرڪار وس ڪيا آهن، ڪجهہ "ماڻهن جهڙا ماڻهو" آفيسر، ايم پي اي ۽ ايم اين اي بندن تي ويٺا آهن. ڪن جا نالا اچن ٿا ڪن جا نالا ميڊيا تي اچن ئي نہ ٿا. وڏي ۾ وڏي محنت ۽ رلڻ جو ڪم سيد قائم علي شاهہ صاحب ڪيو آهي. ميڊيا ۾ انفرميشن پهچائڻ جو شاندار ڪم ڪي ٽي اين ڪيو آهي. پر اردو ٽي وي "دنيا" ۽ "سما" وارن بہ ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. بحراني دورن ۾ سنڌي ميڊيا جو هڪ حصو تہ پنهنجي ڌرتي ماءُ سان گڏ هجي ٿو، پر اردو ميڊيا جي ڪري ڳالهہ سڄي ملڪ تائين پکڙي ۽ پهچي ٿي. ڪي ٽي اين جي جان محمد

مهر، سرڪش، سڏايو، ممتاز بخاري ۽ ٻين دوستن جي رپورٽن جي ڪري الاهي مثبت اثر پيا آهن. الاهي ڄاڻ ملي سگهي آهي، پر انهن سمورن رپورٽن ڪي ايڏي تباهي ۾ ”ڇا ڪري سگهي ٿو“ جهڙو عنصر پڻ ڏيڻ گهري ته جيئن ڪنهن به انتهائي وڏي ۽ خطرناڪ خبر يا اونداهه ۾ ڪي اميد جا ڪرڻا اسان جي ماڻهن ڪي نظر ۾ اچن.

منهنجي ڳوٺائي ايريگيشن جي سپهه سالار ادريس راجپوت صاحب جي سمورين اڳڪٿين غلط ثابت ٿيڻ سان ئي مون ڪي محسوس ٿيو هيو ته ”پاڻي سر ڪان چڙهيل آهي.“ ان ڪري آبپاشي جي سمورن ماهرن، سنڌ جي سرڪار، سنڌ جي ميڊيا ۽ سنڌ توڙي ملڪ جي ٽي وي تي تبصرا ڪندڙ ائنڪر پرسن ڪي گهرجي ته اهي اها ڳالهه پنهنجي ذهن ۾ رکن ته هي درياءَ جي ”بي مهار ٻوڏ“ هڪ صديءَ ڪان پوءِ پاڻ مٿان آيل سمورن الزامن، درياءَ مٿان اڏيل هوٽلن ۽ عمارتن، درياءَ ڪي روڪيندڙ زميداري بندن، بنگلن ۽ ماڙين، ڪيٽين ۽ شڪار گاهن ڪي پاڻي ڪندي شهرن جا شهر ٻوڙيندي مسڪين ناراض ڪندي هتي پهتي آهي. ان سانحي جي سمورن پاسن تي غور ڪرڻ جي گهرج آهي. علي قاضي چواڻي ته ”هڪ وڏي ٻوڏ بيمارين جي ايندي“ ته ان تي به غور ڪرڻو آهي. سياسي ۽ سماجي ماهرن ڪي به ڏسڻو آهي. سپر هاءِ وي تي افغاني بستي جي ويجهو سرڪاري خوراڪ کاتي جي گدامن جي زمين تي قبضو ڪري اتي نوان دڪان اڏيا پيا وڃن روينيو وارا ٻوڏ جي ڪم سبب خاموش آهن ۽ قابض ٻوڏ جي صورتحال مان فائدو وٺي يا ته سرڪار جي پٺي ۾ خنجر هڻن ٿا يا وري مسڪينن جو مال ڦٻائين ٿا. لاڙڪاڻي ۾ اسٽيشن روڊ تي ڊاڪٽرن جي گهرن تي قبضا ڪرڻ جو داداگيري وارو ڌنڌو عروج تي آهي. پوليس ۽ روينيو.، ڊي سي او عاقل بند ڪي ڏسن يا انهن قبضن ڪي ڏسن؟ بحراني حالتن مان ماڻهو پنهنجي فراڊ جو ڪيئن پيا پيٽ ڀرين؟ ڪراچي ۾ هڪڙا فراڊي هر فليٽ تي ”پنج پنج هزار“ ماهانو وٺڻ جي ”قومي ڪم“ سان لڳا پيا آهن، هڪڙن وري فليٽن تي قبضا ڪري ان تمام وڏي انساني سانحي ڪي پنهنجي ”پيداگيري“ ۾ بدلائي ان سڄي مقصد جا لاهه ڪڍڻ شروع ڪيا آهن ته جيئن سڄي خلق خدا سنڌين تان ڪلي.

سڄي سنڌ جنهن نموني تباهه پئي ٿئي. انهن ڪي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته سنڌين ڪي اڪيلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سنڌين ڪي اڪيلو ڪرڻ جو مقصد انهن ڪي ٻي واهو ڪرڻ جي برابر هوندو، عالمي قوتن ڪان ويندي لوڪل صاحب سنڌ جي سمورن ڏکن سورن ڪان لاپرواهه ۽ بي نياز ٿيا ويٺا آهن. ڪوئي به ڪنهن ڪان نٿو پڇي ته آخر انهن لکين سنڌين ڪي ٻوڏ جي ڪري لڳل بيمارين جو علاج ڪير ڪندو؟ صحت کاتو ڪٿي آهي؟ منهنجي گذارش آهي ته سنڌين ڪي پنهنجي مڙسي پاڻ ڪرڻي پوندي، سنڌ جي سرڪار ڪي پنهنجي سموري ايڪشن م ربط ۽ ضبط پيدا ڪرڻو پوندو، ماڻهن جي آبادڪاري لاءِ ضروري آهي ته ڪين ”امداد جي آسري تي جيئڻ“ بدران پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو فن سيکاريو وڃي، اهي ٻوڏ





ستايل کهڙي به ڏک ۽ درد جي واديءَ کي ڪراس ڪري وڏا وڏا لڪ لنگهي مصيبتون سهي اتي پهتا آهن. انهن ڪي امدادون ڏيڻ بدران انهن ڪي هنر سيکاريو. انهن ڪي ڪئمپن ۾ رهائڻ بدران انهن واسطي ”بينظير بستيون“ ٺاهيون، هڪ ڀيري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ڪراچي م چيو هو ته ”ڪراچي جي جياپي لاءِ ”ايگرووِل“ (زرعي ڳوٺ) ۽ ميٽرووِل (شهري ڳوٺ) جو پاڻ ۾ ملڻ ضروري آهي.“ سندس اهو خيال ضيائي قوتن جي اچڻ جي ڪري پورو ٿي نه سگهيو هو، هاڻي تاريخ جي بدترين سانحي جي ڪري ڪجهه هزار سنڌي اچي ويا آهن. ڪجهه ڀيا به اچي ويندا، اهي جيڪڏهن سيڪيورٽي گارڊ هوندا، اهي جيڪڏهن سٺا ٽوبچي هوندا، اهي ٻئرا ۽ بورچي هوندا، اهي واڍا ۽ ڪٽون واٽيندڙ ۽ ڏڪاڻڪو ڪم ڪندا، اهي سڀ ڳوٺن جي ڪلچر ڪي ڪراچي ۾ متعارف ڪرائي هتان جي سونهن وڌائي سگهن ٿا. انهن ماڻهن ڪي عام طريقن سان ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ آباد ڪرائجي. انهن ماڻهن سميت سڄي سنڌ ۾ جيڪي لکين بي گهر ٿيل سنڌي آهن، جيڪي دربدر آهن، تن جي مٿان بيمارين جي ڪري لٽڪندڙ موت جي تلوار هٽائي وڃي.

سنڌ سرڪار ڪي گهرجي ته قمبر، لاڙڪاڻي، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، شڪارپور، گهوٽڪي، ٺٽي، ڄامشوري ۽ ٻين علائقن ۾ ڪئمپن جو جيڪو به ڪين ”تجربو“ حاصل ٿيو آهي. انهن ۾ موجود ڪميون پيشيون بنا دير ختم ڪرڻ گهرجن، سنڌ سرڪار ان سلسلي ۾ چونديل عيوضين، اين جي اوز، خيرات ڪندڙ ادارن سان گڏ ويهي انهن ڪان سڪي صورتحال ڪي بهتر بنائين. اچو ته ”ربط ۽ ضبط“ سان انهن ٻوڏ سٽيل سنڌين جي زندگين ۾ ڪي اميدون پيدا ڪريون. انهن جا ڪي علاج ڪرايون، گيسٽرو ڪي پاڙئون پٽڻ جون ڪوشسون ڪرڻ گهرجن ڪجهه وقت ڪان پوءِ سياري جي خنڪي ۾ وري ساهه ۽ سهڪي جون بيماريون پيدا ٿينديون. ان لاءِ سمورن سنڌين ڪي گڏ ٿيڻو پوندو. ڪنهن آسري تي نه، پر اميد وڌائڻ لاءِ.

# ڪراچي پهتل ٻوڏ ستيلن جي آبادڪاري لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي؟

**اختيار کوکر**

ڪراچي شهري حڪومت پاران 24 آگسٽ 2010ع تي جاري ڪيل انگن اکرن موجب حڪومت پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ ٻوڏ ستايلن لاءِ قائم ڪيل 29 امدادي ڪئمپن ۾ 32 هزار متاثرين رجسٽر ٿي چڪا آهن. جڏهن ته اي ڊي او روينيو ڪراچي جو چوڻ آهي ته ڪراچي پهتل اٽڪل 15 هزار متاثرين اهڙا آهن، جيڪي شهر اندر پنهنجي مِٽن مائٽن يا مختلف خانگي تنظيمن پاران قائم ڪيل امدادي ڪئمپن ۾ ترسيل آهن، مطلب ته اٽڪل 10 هزار خاندان ڪراچي پهچي ويا آهن. شهر اندر ٻوڏ ستايلن جي آمد جو سلسلو اڃا جاري آهي. جيڪو سلسلو هاڻي اڃا ان ڪري به وڌندو، جو ٺٽو ضلعو به خالي ٿي رهيو آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت پڻ پارٽي جي صوبائي جنرل سيڪريٽري تاج حيدر جي اڳواڻيءَ ۾ پيپلزپارٽي ڪراچي جي اڳوڻن جي هڪ ڪاميٽي جوڙي ڇڏي آهي. انهي ڪانسواءِ شهر جي مختلف علائقن لاءِ پارٽي جي مقامي اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن تي ٻڌل ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون آهن. انهن ڪاميٽين جي ذميواري آهي ته هو امدادي ڪئمپن جا معاملا ڏسندڙ انتظاميه جي ان ڏس ۾ رهنمائي ڪن. ڪراچي ايندڙ ٻوڏ ستايلن کي سرڪاري ڪئمپن ۾ ضروري سهولتون ڏيارڻ کي يقيني بڻائن، شايد صوبي جي ٻين علائقن کان صوبي جي راڄڌاني ڏانهن سنڌي ماڻهن جي هيءَ پهرين وڏي ۽ تاريخي لڏ پلاڻ آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهن ڪراچي ۾ رهڻ ۽ آباد ٿيڻ جو گر سکي ورتو ته ڪراچي شهر اندر روزگار جا موجود وسيع ذريعا يقينن صوبي جي معاشي تباهي جو شڪار ٿيل وڏيڪ آبادي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا.

سنڌ جي زراعت کاتي پاران تيار ڪيل ابتدائي رپورٽ موجب ٻوڏ سبب 16 لک 22 هزار ايڪر آباد زمين پاڻي هيٺ اچي وئي آهي ۽ زراعت جي شعبي کي اٽڪل 76 ارب رپين جو نقصان ٿيو آهي. هن سال 15 لک ايڪڙ زمين تي چانور





پوکيا ويا. جن مان ساڍا 8 لک ايڪڙ فصل ٻوڏ تباهه ڪري ڇڏيو آهي. صوبي جي ڇئن اترين علائقن جي روڊن رستن، آبپاشي، پبلڪ هيلٿ، صحت، تعليم جو تقريبن سڄو بنيادي ڍانچو تباهه ٿي ويو آهي. ٻوڏ سبب صرف هائوسنگ واري شعبي يعني ماڻهن جي گهرن جو اٽڪل 200 ارب رپين جو نقصان ٿيو آهي. چاليهه لکن کان وڌيڪ آبادي متاثر ٿي آهي. صوبائي حڪومت جو اندازو آهي ته اٽڪل 500 ارب رپين کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان ڀيانڪ تباهي جي بحالي ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيندي؟ ملڪ ۽ سنڌ ۾ ماضي ۾ زلزلي ۽ سامونڊي طوفان جهڙين قدرتي آفتن وارو تجربو ته اهو ٿو ٻڌائي ته آفتن جي ستايلن جي بحالي جا صرف اعلان ٿيندا آهن يا چند هزار سندن هٿ ۾ ڏئي حڪومت پنهنجي ذميواري پوري ڪري ڇڏيندي آهي. سوچ چوڻ جو مطلب اهو آهي ته تازي ٻوڏ کان پوءِ سنڌ جي ٻهراڙي جي ماڻهو لاءِ جيئڻ مسئلو بڻجي ويو آهي. صوبي جي ٻين ضلعن ۾ صنعتڪاري يا وڻج واپار جي به اهڙي صورت نظر نٿي اچي، جو ماڻهن کي پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ روزگار جا ذريعا ملي سگهن.

### ڪراچي جي ٻوڏ ستايلن جي ڪئمپن جي حالت:

ڪراچي جي امدادي ڪئمپن جي دوري دوران اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪراچي پهتل اڪثريت انهن ماڻهن جي آهي، جن جو ٻوڏ ۾ الهه تلهه چٽ ٿي ويو آهي، انهن م وڏو تعداد ، ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ننڍو ڪاروبار ڪري گذر سفر ڪندڙ يا محنت مزدوري ڪري پيٽ پاليندڙن جو شامل آهي. جڏهن ته ڪجهه ننڍا آبادگار يا مالوند ماڻهو پڻ انهن متاثرين ۾ شامل آهن. هتي پهتل 80 سيڪڙو ماڻهو اهڙا آهن جن جون پوئتي سڀ ٻيڙيون ٻوڏ ٻوڙي ڇڏيون آهن. انهن ماڻهن مان اڪثريت جي ڪل ملڪيت سندن ڪجهه گهر يا چند ڍور هئا. سندن ڍور مري ويا ۽ گهر مٽي جو ڍير بڻجي چڪا آهن. هنن وٽ ايتري طاقت ڪونهي. جو واپس وڃي اهو اڏائي سگهن. ان ڪري جيڪڏهن سندن ٻڏي ويل ڳوٺ يا شهر مان پاڻي سڪي به ويو ته پوءِ به هنن جي واپسي جو رستو في الحال بند ٿيل نظر اچي ٿو. ڪراچي شهر سڄي ملڪ جي ماڻهن ڪانسواءِ لکين غيرقانوني پرڏيهين کي پالي رهيو آهي. ملڪ جهان جا لکين ماڻهو هتي اچي آباد ٿين ٿا پر تڪليف ۽ معاشي بدحالي جي باوجود ڊرتي ڌڻي پنهنجي راڄڌاني واري شهر کي پنهنجو ڇو نه ڪري سگهيا آهن. اهو هڪ الڳ بحث آهي. جيڪو پڻ ٿيڻ گهرجي پر جيستائين مون کي سمجهه ۾ اچي ٿو ته ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهو جي ٽڪي رهڻ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ اسان جي ماڻهن جو مزاج آهي. جيڪو هن شهر جي مزاج سان نٿو ملي ۽ ظاهر آهي ٻهراڙيءَ ۾ پلجندڙ ماڻهو شهري زندگي ۾ ايترو آساني سان ايڊجسٽ نٿو ڪري سگهي، پر حالتن جو جبر انسانن کان گهڻو

ڪجھ ڪرائي ٿو وٺي. ٻوڏ کان ستجي ڪراچي پهتل تقريبن سيني ماڻهن کي يقين آهي تہ ڪراچي پهچڻ تي حڪومت سندن واهر ڪندي. 80 سيڪڙو ماڻهو اهو بيان ٿا ڏين تہ هو هتي هميشہ لاءِ رهڻ آيا آهن .تقريبن سيني ماڻهن جو هڪ جهڙو مطالبو آهي تہ حڪومت کين روزگار ۽ رهڻ جي سهولت ڏي، باقي هو پاڻ سنڀالي وٺندا. ٿي سگهي ٿو ڪراچي ۾ مستقل آباد ٿيڻ جي حقيقي خواهش رکندڙن جو انگ 80 سيڪڙو بدران 50 سيڪڙو هجي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سرڪار سنجيده ڪوششون وٺي. ڪراچي ۾ مستقل رهائش جي خواهش رکندڙ کي روزگار ڏياري سگهي ٿي. خانگي شعبي ۾ انهن ماڻهن کي کپائڻ لاءِ هڪ وڏي فيسلٽيٽر جو پڻ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڪراچي جي امدادي ڪئمپن جو انتظام سنڀاليندڙ آفيسرن ۾ پ پ اڳواڻ تاج حيدر ان جي تصديق ڪئي آهي تہ ڪراچي جي امدادي ڪئمپن مان ماڻهو واپس پنهنجي علائقن ڏانهن وڃڻ شروع ٿيا آهن. هو چوي ٿو تہ، سندس خيال آهي تہ ايندڙ هڪ ٻن هفتن اندر جيئن ئي ٻوڏ وارن علائقن م پاڻي هيٺ لهڻ شروع ٿيندو، ڪراچي پناهہ لاءِ پهتل ماڻهن جو وڏو تعداد واپس روانو ٿي ويندو، هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ پوئتي سڀ ڪجھ پاڻي ۾ ٻڏي وڃڻ جي باوجود ۽ ڪراچي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪرڻ جي ارادي سان آيل ماڻهو پاڻي سڪڻ کان پهرين ئي واپس ڪيئن پيا وڃن؟

ڏنو وڃي تہ اها واپسي ماڻهن جي مايوسي جو اهڃاڻ پڻ آهي. ڪراچي ۾ قائم ڪيل امدادي ڪئمپن جي حالت اهڙي آهي. جو ٻارن ٻچن واري ڪنهن خاندان لاءِ انهن ڪئمپن ۾ هڪ هفتو بہ رهڻ مشڪل آهي. مون ڪراچي جي اڪثر ڪئمپن ۾ پاڻ وڃي حالتون ڏٺيون آهن. مختلف اسڪولن، سرڪاري عمارتن ۽ فليٽن ۾ قائم ڪيل ڪئمپن جي حالت جيڪڏهن اهڙي هجي، جو هڪ ئي وقت هڪ ڪمري ۾ مختلف خاندانن جا چاليهہ پنجاهہ ماڻهو رهايا وڃن، جن ۾ نوجوان عورتون ۽ مرد، ٻار ٻچا، ٻڍا ۽ بيمار بہ شامل هجن تہ تصور ڪيو تہ اهڙي حالت ۾ ڪو شريف خاندان ماڻهو ڪيترا ڏينهن رهي سگهي ٿو. اڪثر ماڻهن کي ڪئمپن ۾ پنهنجي نياڻين جي پردي، عزت جو خيال رهجي ٿو، حڪومت جي امدادي ڪئمپن ۾ ڪا بہ ڪئمپ اهڙي ڪونهي، جنهن ۾ هڪ ڪمري اندر 25 کان 30 ماڻهن کان گهٽ ماڻهو ترسيل هجن. انهي ڪانسواءِ ڪئمپن ۾ غسل خانن ۽ بيت الخلا جي اڻاٺ هڪ وڏو مسئلو آهي. وچڙندڙ بيمارين ۾ واڌ اچي رهي آهي. اهڙين حالتن ۾ ماڻهن جي ننڊ آرام حرام ٿيل آهي. ڪاڏو بہ وقت تہ نٿو ملي.رات جو ماني ملڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ٽئين چئين وڳي ماني ملي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن تہ صرف هڪ ويلو ماني ملي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن تہ صرف هڪ ويلو ماني تي کين گذارو ڪرڻو پئجي ٿو وڃي. اهو ممڪن ئي ناهي تہ ماڻهو گهڻا ڏينهن اهڙي حالت ۾ امدادي ڪئمپن ۾ ترسي رهي سگهن. اها ڳالھ جڏهن مون اڳوڻي سينيٽر تاج حيدر کان پڇي تہ اوهان کي اندازو آهي تہ جن حالتن ۾ ماڻهن کي امدادي ڪئمپن ۾ رهايو





ويو آهي. انهن حالتن ۾ هو گهڻا ڏينهن ترسي سگهن ٿا. هو پڻ مڃي ٿو تہ انهن حالت ۾ ماڻهو گهڻا ڏينهن نٿا رهي سگهن. ان ڪري وري نئون فيصلو ٿيو آهي تہ اسڪولن، ڪاليجن، ٻين سرڪاري عمارتن ۾ ورڪرز ويلفيئر بورڊ وارن فليٽن ۾ ترسايل ماڻهن کي پڪين عمارتن مان ٻاهر ڪڍي کليل ميدانن تي ٽينٽ ۽ پال هڻي انهن ۾ رهايو ويندو، هو چوي ٿو تہ اهو ڪم جلد شروع ٿيڻ وارو آهي. پر ٽينٽ ۽ پالن ۾ ٻوڏ ستايل هزارين ماڻهن کي ترسائڻ سان ڇا هو محفوظ ٿي ويندا، چوماسي جي برساتن جي موسم هلندڙ آهي. ان صورت ۾ ماڻهو ڪيڏانهن ويندا؟

## ٻوڏ ستيلن جي روزگار جو مسئلو:

حڪومت کي ان معاملي تي سنجيده ٿيندي مسئلي جي اصل حل طرف اچڻ گهرجي. ان لاءِ ضروري آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي. ڪراچي پهتل ماڻهن کي روزگار سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ سندن مستقل رهائش جو بندوبست ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن. جيڪڏهن اهي ماڻهو ڪراچي ۾ ڪنهن ڌنڌي سان لڳندا ويندا تہ شهر جي زمين تي سندن پير ڄمڻ شروع ٿيندا. ظاهر آهي هزارين ماڻهن کي حڪومت هڪ ئي وقت سرڪاري کاتن ۾ نٿي کپائي سگهي. صنعتن واري صوبائي کاتي جي رڪارڊ موجب ڪراچي شهر اندر 10 هزارن کان وڌيڪ صنعتون آهن. انهن ڪارخانن جا ڪيترائي معاملا صنعتن ۽ محنت وارن کاتن جي ڪنٽرول هيٺ اچن ٿا، جيڪڏهن هر ڪارخاني واري کي پابند بڻايو وڃي تہ هو پنهنجي ڪارخاني ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن ٻوڏ ستايلن کي نوڪري ڏيندا تہ هزار ماڻهن کي روزگار ملي سگهي ٿو، حڪومت جو پنهنجو هڪ روپيو بہ خرچ نہ ٿيندو، انهي ڪانسواءِ ڪراچي سٽي پوليس، جنهن ۾ صوبي جي ٻين علائقن جي نوجوانن جي ڀرتي جا دروازا بند ڪيا ويا آهن. اهي دروازا کولي، شهري پوليس ۾ خالي ست هزار جاين مان شهري ڀراڙي واري ڪوٽا موجب گهٽ ۾ گهٽ چار هزار نوجوان ڀرتي ڪري سگهجن ٿا. اهو ڪم جيڪڏهن ڪرڻ چاهي تہ ڪراچي ۾ ٻہ ڪروڙ سنڌين کي آباد ڪرڻ جا اعلان ڪندڙ گهرو کاتي وارو وزير ڪري سگهي ٿو، انهي ڪانسواءِ بينظير يوٿ ڊيولپيمنٽ پروجيڪٽ هيٺ ڇئن پنجن هزار نوجوانن کي تربيت ڏئي کين سٺي روزگار جي لائق بڻائي سگهجي ٿو. انهيءَ سان نوجوانن کي ماهوار ست هزار رپيا ملندڙ وظيفي سان سندن خاندان جي مالي سهائتا بہ ٿي پوندي. انهيءَ ڪانسوءِ مختلف هنر ڄاڻيندڙن جهڙوڪ موچين، حجامن، درزين، ڊڪٽن وغيره کي پنهنجا ڌنڌا کولي ڏئي سگهجن ٿا. ٻيو نہ تہ ڪراچي ۾ سبزي ۽ فروٽ جي ريڙهي هلائيندڙ بہ روزانو پنج سئو کان هزار رپيا ڪمائي ٿو. جيڪي ماڻهو ٻيو ڪو ڪم نٿا ڪري سگهن ۽ سخت پورهيو ڪرڻ کان بہ لاچار آهن. حڪومت انهن جي ٿوري مالي ۽ رابطي واري

مدد ڪري ڪين اهڙا ڏنڏا ڪولي ڏئي سگهي ٿي. اهو ڪم هاڻي کان ئي شروع ٿيڻ گهرجي ته پهرين فرصت ۾ وڏي وزير کي ڪراچي جي صنعتڪارن جي نمائندن سان گڏجاڻي ڪري ڪين ٻوڏ سٽيل ماڻهن کي شهر جي ڪارخانن ۾ روزگار ڏيارڻ لاءِ ڪوششون وٺن گهرجن. ان لاءِ حڪومت جي نمائندن کي جيڪڏهن صنعتڪارن جي تنظيمن جي دفترن فيڊريشن هائوس ۽ ڪراچي چيمبر ۾ به وڃڻو پوي ته پير پري وڃن. ٻيو اهو ته امدادي ڪئمپن ۾ ويٺل ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ ۽ انهن کي ڪراچي ۾ ترسائڻ ۾ دلچسپي وٺندڙ يا سرگرمي ڪندڙ ٻيون سياسي ۽ سماجي تنظيمون ۽ فرد پڻ پنهنجي سطح تي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ڪراچي ۾ رهندڙ هر سنڌي انهيءَ ڪم ۾ ڪردار ادا ڪري ته گهڻا ماڻهو روزگار سان لڳي سگهن ٿا. هي شهر ملڪ جهان جي ماڻهن کي پالي رهيو آهي. چاليهه پنجاهه هزار ماڻهن کي ايڊجسٽ ڪرڻ ڪو ايڏو وڏو مسئلو به ڪونهي، جو سڀ ڪجهه لٽائي صرف اميد ۽ آسرو ڪٽي هتي پهتل ڌرتي ڌڻي ٻي يارو مددگار بڻجي واپس هليا وڃن ۽ ڳوٺ واپس وڃي به هو ڇا ڪندا؟ جيڪڏهن ڪين پيٽ پالڻ لاءِ جائز روزگار نه مليو ته پوءِ ناجائز رستو اختيار ڪندا.

## ٻوڏ سٽيلن جي اجهي جو مسئلو:

پنهنجي اجهي ڪانسواءِ ڪو ماڻهو پليٽ فارم تي ويٺل مسافر مثل آهي. پنهنجي اجهي جو صرف احساس ئي ڪنهن هنڌ تي ماڻهو جي ٽڪي پوڻ لاءِ ڪافي ٿئي ٿو. سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ ستايلن کي ٻن ڪمرن وارا گهر نهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪري، ماڻهن کي هڪ پلو دلاسو ڏنو آهي. پر جيڪڏهن حڪومت ڪراچي ۾ ٻوڏ ستايلن لاءِ صرف فوري طور تي زمين الاٽ ڪري ڇڏي ته دلاسو ماڻهن جي يقين ۾ تبديل ٿي ويندو. ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ ۾ مدد ڪرڻ سان گڏ جيڪڏهن ڪين گهر ملڻ جو يقين ٿي وڃي ته ضمانت سان چئي سگهجي ٿو ته ٻوڏ ستايل ڪراچي مان واپس وڃڻ بدران وڏيڪ متاثرين ماڻهو ڪراچي اچڻ کي ترجيح ڏيندا. اچو ته سوچون ته اهو ڪم ڪيئن ٿي سگهي ٿو. سنڌ حڪومت سنڌ ڳوٺ آباد اسڪيم هيٺ ڪوآپريٽو سوسائٽين کي رهائشي مقصدن لاءِ زمين ڏئي سگهي ٿي. سرڪاري رپورٽ موجب ڪراچي ۾ 40 هزار ايڪڙ زمين تي لينڊ مافيا جا ناجائز قبضا آهن. اهي قبضا ڇڏائڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ حڪومت پاران اينٽي انڪروچمينٽ مهم پڻ شروع ڪئي وئي ته ڇا ڪراچي ۾ 240 چورس والن وارا پنج ڇهه هزار پلاٽ ڪڍڻ حڪومت لاءِ ڪو مسئلو آهي؟ ڪراچي جي سٺي شهري رٿابندي واري علائقي گلشن حديد جي رٿابندي ۾ لي آئوٽ پلان موجب 240 گزن جي ڇهه هزار پلاٽن لاءِ صرف 500 ايڪڙ زمين گهربل آهي. ان ۾ روڊن رستن ۽ راندين جي ميدانن، تعليمي ادارن ۽ ڪميونٽي سينٽرن جي زمين به شامل آهي. 500 ايڪڙ زمين حڪومت لاءِ





ڪو مسئلو ناهي. ٻيو نه ته شهري حڪومت تازو هلايل اينٽي انڪروچمينٽ مهم دوران لينڊ مافيا 800 ايڪڙ زمين ڇڏائي ورتي آهي،. اها موجود آهي. جيڪڏهن دلچسپي وٺي هنگامي بنيادن تي ڪم ڪيو وڃي ته زمين جي الاٽمينٽ ۽ ڊيمارڪيشن لاءِ صرف هڪ هفتو گهربل ٿئي ٿو. انهي زمين تي ٻن ڪمرن وارو هڪ گهر اڏائي ڏيڻ جو اٽڪل خرچ ٻه لک رپيا ٿئي ٿو. اهڙي طرح سان پنج هزار گهرن جي اڏاوت جو ڪل خرچ هڪ ارب رپيا بڻجي ٿو. هاڻي اچو ته اوهان کي ٻڌايون ته اهي پئسا ڪٿان اچي سگهن ٿا؟

سنڌ حڪومت جا مختلف تجارتي بئنڪن ۾ مختلف فنڊن جي مد ۾ هن وقت به 45 ارب رپين کان وڌيڪ پئسا پيا آهن انهن پئسن ۾ اٽڪل ڏهه ارب رپيا سنڌ سوشل رليف فنڊ جا پڻ شامل آهن. پيپلزپارٽي هائوسنگ فنڊ جي اڪائونٽ ۾ هڪ ارب رپيا پيل آهن. جڏهن ته ڊزاسٽر مئنيجمينٽ فنڊ جي اڪائونٽ ۾ پڻ اٽڪل ڏيڍ ارب رپيا، سنڌ بئنڪ واري فنڊ ۾ پنج ارب رپيا پيل آهن. انهي ڪانسواءِ ملازمن جي پينشن ۽ جي پي فنڊ جي اڪائونٽن ۾ حڪومت جون رقمون رکيل آهن. انهن رقمن مان سوشل رليف فنڊ جا 10 ارب رپيا اهڙي رقم آهي، جيڪا گذريل ڪيترن ئي سالن کان هر سال صوبائي بجيٽ مان ٻه ٽي ارب رپيا بچائي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ انهي فنڊ ۾ رکي گڏ ڪيا ويا آهن. پر وڏي حيرت ۽ ڏک جهڙي ڳالهه اها آهي ته گذريل سالن دوران صوبي ۾ ٻوڏ ۽ سمونڊي طوفان جهڙيون وڏيون آفتون اچڻ ۽ لڪين ماڻهن جي متاثر ٿيڻ جي باوجود انهيءَ فنڊ کي ماڻهن جي سهائتا لاءِ استعمال نه ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ماڻهن جي امداد لاءِ بئنڪ اڪائونٽن ۾ رکيل اها رقم اڄ به استعمال نه ٿي ته پوءِ ڪڏهن استعمال ٿيندي. بئنڪ ۾ رکيل ان رقم مان صوبائي حڪومت کي هر سال اٽڪل هڪ ارب رپيا نفعو ملي رهيو آهي. جيڪڏهن سوشل رليف فنڊ جي هڪ سال جي منافعي واري رقم به استعمال هيٺ آندي وڃي ته ڪراچي ۾ ٻوڏ ستايلن جا پنج هزار گهر اڏجي ويندا. اسان ان بحث ۾ ڪو نه ٿا وڃون ته 45 ارب رپين جي فنڊ واريون اهي رقمون ڪهڙين تجارتي بئنڪن ۾ ڪهڙن شرطن تي رکيون ويون آهن ۽ ناڻي کاتي جا ڪامورا ۽ ٻيا انهن اڪائونٽن جي بدلي بئنڪن کان ٻيون ڪهڙيون مراعتون وٺندا رهيا آهن، پر جڏهن اڌ صوبو ٻڏي ويو آهي. لکين ماڻهو دربدري جي زندگي گذاري رهيا آهن. هاڻي ته گهٽ ۾ گهٽ ان سماجي فنڊ تي ويٺل واسينگ نانگ کي ڀڄائڻ گهرجي. هن وقت سنڌ حڪومت اهڙي مالي پوزيشن ۾ آهي. جو سوشل رليف فنڊ، پيپلز هائوسنگ فنڊ، ڊزاسٽر مئنجمينٽ فنڊ ۽ سنڌ بئنڪ قائم ڪرڻ لاءِ رکيل فنڊ جا بئنڪن ۾ پيل ساڍا سترنهن ارب رپيا هڪ ڏينهن اندر اڪائونٽن مان ڪڍرائي ٻوڏ متاثرين جي واهر ۽ بحالي تي خرچ ڪري سگهي ٿي. پر جيڪڏهن اڃا به ماڻهن کي صرف آسرن ۽ دلاسن تي رکيو ويو ته شايد ان کان وڏي بي حسي ۽ ظلم ٻيو نه ٿيندو.

# ٻوڏ، امدادي ڪيمپون ۽ عزت نفس

نثار ڪوکر

ان ڏينهن ڪراچي جي علائقي رزاق آباد ۾ سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ قائم امدادي ڪئمپ ۾ داخل ٿيس ته ٻوڏ متاثرين جو هڪ ٽولو چوگرد ڦري آيو. گاڏيءَ جو شيشو هيٺ ڪرڻ سان ئي هنن جا ڪجهه ڏينهن ڪان رٽيل سنڌي گاڏڙ اردو وارا جملا ٻڌڻ ۾ آيا. "سائين هماري ڪو ڪجهه ديدو، همارا تو سب ڪجهه ٻوڏ ۾ لڙهه گيا هي." گاڏيءَ ۾ ئي ويٺي مون کين سمجهايو ته بابا مون وٽ امدادي سامان ناهي. مان صرف توهان جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ فوٽو ڪڍڻ آيو آهيان. سنڌيءَ ۾ اهڙي ورندي ٻڌي، ٻوڏ متاثر ٽولي جا نوجوان مايوس ٿي ۽ ننڍليون ڪندي پوئتي هليا ويا، باقي ٻارڙن ضد ڪيو ته "ماما اسان جا فوٽو ڪڍ." انهن کي ريجهائي انهن جا فوٽو ڪڍي اڃا واندو ئي ٿيو هئس ته ان "حملي آور" ٽولي ۾ شامل هڪ اڌڙوٽ عورت چيو، "جيڪو ٿو ماريو اڇي فوٽو ڪڍي هليو ٿو وڃي. امداد ڏي نه ته پڃاڻ نه ڪئميرا." عورت جي اهڙي ڪاوڙ ڏسي فوٽو ڪڍڻ بند ڪيم ۽ خاموشيءَ سان گاڏي ڪٽي پوليس جي گاڏين وچ ۾ بيهاريم. رزاق آباد ڪيمپ ۾ ٻوڏ متاثرين جو هڪ مخصوص انداز آهي. امداد وٺڻ جو امداد ڪٽي ايندڙ گاڏيءَ مان امدادي سامان يا ته ڇني وٺن ٿا يا ڦني وٺن ٿا. امدادي ڪئمپ هلائيندڙ سرڪاري ڪاموري مهدي علي شاهه ٻڌايو ته امداد ڪٽي ايندڙن کي هو چون ٿا ته سرڪاري عملدارن وٽ جمع ڪرايو ته جيئن سرڪار انهن کي منظم انداز ۾ سامان ورهائي ڏيئي. پر مخير حضرات جي اڪثريت ائين ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي ۽ هو پنهنجي هٿن سان پاڻ امداد ورهائڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

رزاق آباد ڪيمپ جي انچارج سان ڳالهيون ڪري اڃان سنڌس ڪيمپ آفيس کان ٻاهر آيس ته هڪ مزدا گاڏيءَ تي ٻوڏ سٽيلن جو هڪ هجوم نظر آيو، مزدا ٽرڪ مان مزدور برياني‌ءَ جون ٿيلهيون ڪٽي ان هجوم طرف اڇلي رهيا هئا ۽ هجوم هڪٻئي کي ڌڪا ڏئي گهٽي کان گهٽيون بريانيءَ جون ٿيلهيون ڪٽڻ جي ڪوشش





ڪري رهيو هو. ان مزدا ٽرڪ واري بريانيءَ جي امداد ڪٽي ايندڙ برگر، پر "مخير حضرات" جي نوجوان اولاد پري کان پنهنجي گاڏيءَ وٽ بيهي اهو لقاءُ ڏسي رهيو هو، ۽ جيڪب آباد نه پر هنن جي لفظن مان سنڌ کان آيل ٻوڏ سٽيلن جي غربت ۽ بدنظميءَ تي افسوس ڪري رهي هئي. انهن ويچارن کي ته ڪائڻ جي به تميز به ناهي." برگر مخير حضرات مان هڪ پٽڪيو. رزاق آباد ۾ ست هزار ۽ ڪجهه سئو ماڻهن کي سرڪاري انتظام هيٺ ترسايو ويو آهي. سنڌ سرڪار جنهن جي سموري ساک پٽ درياهه جي ٻوڏ ۽ بندن کي پيل گهارن سان گڏ لڙهي وئي آهي. تنهن رزاق آباد ڪيمپ ۾ ٻن ڏينهن کان پوءِ متاثرين کي مانيءَ کان جواب ڏئي ڇڏيو هو. ڪراچي جي هڪ تاجر عقيل ڪريم ڍيڍيءَ ۽ سيلاني ٽرسٽ ان ڪيمپ کي سرڪاري ناڪاميءَ کان پوءِ کاڌ خوراڪ جي حساب سان اپنايو. ڪئمپ انچارج موجب سحري افطاري جو کاڌو عقيل ڪريم طرفان اچي ٿو. پاڻي ڪنهن ٻئي اداري طرفان اچي ٿو. باقي سموريون ضرورتون سرڪار پوريون ڪري ٿي. باقي کهڙيون ضرورتون آهن. جيڪي سرڪار پوريون ڪري ٿي؟ تنهن جي ورنديءَ ۾ هنن صرف دوا درمل جو نالو ورتو. سنڌ سرڪار ۾ شامل ڪجهه وزيرن جا اهي بيان ته ٻوڏ سٽيلن کي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو. امداد ڏبي. انهن جي مالڪي ڪبي. سي نعره ته کوکلا ۽ خالي نظر اچن ٿا. جڏهن تين تلوار ٽريفڪ چوراهي تي جيڪب آباد جي گگهي پاتل "آئي" هر رکندڙ ڪار جو شيشو کڙڪائي، ٻاڏائيندڙ آواز ۾ چوي ٿي "ابا هم ني تو ڪراچي ڏٺا هي نه ٿا، ٻوڏ تباهه ڪر ديا هي." پاڻي ته سنڌو ۾ گهٽو اچي ويو آهي. پر سنڌ جي نام نهاد ايليٽ ڪلاس جي اکين جو پاڻي ايترو سکي ويو آهي. جو هو آرامده گاڏين ۾ انهن چوراهن تان "ڪال گرلز کي ته لفٽ ڏين ٿا. پر ٻوڏ سٽيل عورت کي ڏهه رپيا به نٿا آڇين.

ان ڏينهن فيس بڪ تي هڪ اهل دل سنڌيءَ پنهنجو درد روئيندي چيو ته "جيڪڏهن ڪراچي رزاق آباد ۾ عقيل ڪريم جهڙو سيٺ ست هزار ماڻهن کي ٻه ويلا ماني کارائي سگهي ٿو ته انهن ماڻهن کان هر سال ووٽ وٺندڙ پوتار ڪٿي گم آهي؟ سنڌي امدادي ڪم به اهڙي غير منظم ۽ ذلت آميز طريقي سان ڇو پيا ڪن." ان وقت مون کي ڪجهه ڪاوڙ آئي ۽ ان جي ڳالهه سان به آئون سهمت نه هيس. پر ڪالهه ڄامشوري پهچي امدادي ڪيمپن جا حال احوال وٺي لڳو ته ان اهل دل سنڌيءَ جي ڳالهه هروڀرو سئو سيڪڙو غلط به ناهي. ڄامشوري پهچڻ کان پوءِ رزاق آباد ڪراچي ڪيمپ جو اهو جهونو مڙس بار بار ياد آيو. جنهن موڪلائڻ مهل روايتي سنڌي انداز ۾ هٿ ٻڌندي چيو هو. "ابا هڪ ڳالهه چوانءِ ڪاوڙ ته ڪا نه لڳنديءِ". مون وراڻيو "نه نه سائين حڪم ڪريو." ڳاڙهي ٽوپي مٿي تي ۽ اڇو رومال ڪلهي تي رکيل همراهه جو ننڍو پٽ ڪيمپ جي خيمي اندر برياني واري ٿيلهي مان ڇانور ڪڍي کائي رهيو هو جهوني مڙس ان ڏانهن اشارو ڪندي چيو "ابا هي امداد ائين ورهائيندا ته مون کي

هڪ ڏپ ٿو لڳي اسان جو نئون نسل هتي مهينو ٻه ترسڻ کان پوءِ يا ته ڦورو ٿيندو يا فقير ٿيندو.... ابا سرڪار کي چئه ته ائين فقيرن وانگي امداد نه اڇلائين.“ جيڪب آبادي ٻوڏ متاثر جهوني جي اها التجا ڄامشوريءَ ۾ پهچي منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳي. سرڪاري امداد جا اهي حال ڏسي ڪجهه ٻوڏ متاثرين ته ڄامشورو ٽول پلازه وٽ امدادي نه، پر فقيراڻيون ڪيمپون هٽي ڇڏيون آهن ۽ هر ايندڙ ويندڙ کان هٿ جهلي خيرات گهرن ٿا. انهن ڪيمپن ۾ نه ته خيما ملن ٿا. نه منظم امداد. ”ڄامشوري ضلعي حڪومت سمورين امدادي ڪيمپن جو انچارج حڪمران جماعت جي يوٿ ونگ جي هڪ عهديدار کي بڻايو آهي. جنهن کي هڪ پوٺوهار گاڏي ٻه مليل آهي. روزانو ڏيڍ سئو لٽر پيٽرول سميت ان ماڻهوءَ جي مرضي آهي ته پندرهن سئو ماڻهن لاءِ ٻه ديڳيون ڏئي يا ٽي...“ ڄامشورو ۾ هڪ امدادي ڪئمپ ۾ رضاڪارانه ڪم ڪندڙ هڪ نوجوان ٻڌايو، ”حيدرآباد ۾ امير پوتارن يا سيٺين جي ڪا ڪمي ته ڪونهي، پوءِ اهي ڪراچيءَ جي سيٺين جيان متاثرن جي ڪيمپن کي خوراڪ جي حساب سان ڇو نٿا اپنائين؟“ هڪ حساس دل دوست اهڙو سوال پڇيو، جنهن جو سچ پچ ته مون وٽ ڪو ٻه جواب نه هو، سنڌ هڪ طرف پنهنجي تاريخ ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٿيل وڏي ۾ وڏي لڏپلاڻ کي منهن ڏئي رهي آهي ته ٻئي طرف ڏهاڪن کان پوءِ آيل وڏي ۾ وڏي ٻوڏ يا قدرتي آفت کي منهن ڏئي رهي آهي. هڪٻئي منجهان جنم وٺندڙ انهن ٻنهي آفتن کي منهن ڏيڻ سنڌ سرڪار يا ڪنهن نجي اداري جي وس جي ڳالهه ناهي. پر ڇا سنڌي سماج اندر چند اهڙا فرد ٻه ناهن، جيڪي منظم انداز ۾ ”هنن ڌرتي ڌڪاڻن“ جون مهاجر ڪيمپون هلائي سگهن؟ اهي ڌرتي ڌڪاڻا، جيڪي ڪيترن نسلن کان صرف پوتار جون اوطاقون ۽ جيل ٿاڻا ڏسي چڪا آهن، پر هاڻي شهرن ۾ هو هيسيل، ڊنل، ذلت واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جتي مدد خان جو اولاد ٻه هنن کي ٽيڏي اک سان ڏسي ٿو ۽ يو پي سي پي وار ڪلچرڊ ذهن ٻه انهن جي موجودگيءَ کان خائف آهن. اهڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ حڪمران جماعت جو نيٽ ورڪ ڪٿي آهي؟ حڪمران جماعت جي ڳالهه بار بار ان ڪري ٻه ٿئي ٿي. جو سنڌي ماڻهو نسلن کان ان جو ووٽر رهيو آهي، هن ڪڏهن ٻه اليڪشني پوتارن جو ڳلو پڪڙي ڳوٺ لاءِ اسڪول ۽ اسپتال جي گهر ناهي ڪئي.

ڄامشوري ۾ هڪ امدادي ڪيمپ اهڙي ٻه نظر آئي.“ جتي ”ڇنڻ يا پنڻ“ وارو تصور نظر نه آيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ڪالونيءَ جي گرلز هاءِ اسڪول واري ڪيمپ تي اسان جيئن پهتاسين ته ان جو ٻاهريون دروازو بند نظر آيو. ڪجهه مردن آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ اسڪول جي بينچن تي وچي ويٺاسون. جيڪو امدادي سامان هو. سو ڪنهن گاڏيءَ يا ه هٿن مان نه ڦريو، پاڻ ڪٽي وچي اسٽور ۾ جمع ڪرايائون. اها ڪيمپ ڳڙهي خيرو جي ارڙهن سو ماڻهن تي مشتمل آهي. ڪئمپ سرڪار وٽ رجسٽر ٿي آهي. پر سرڪار انهن کي ڪو خيمو ٻه نه ڏنو آهي ۽ نه وري ڪو راشن. ان ڪيمپ





کي سنڌ يونيوسٽيءَ جو هڪ آفيسر حبيب بروهي پنهنجي پٽن ۽ محمود مغل جهڙن ساٿين جي مدد سان هلائي رهيو آهي. حبيب بروهي ۽ ان جا پٽ 24 ڪلاڪ واري واري سان ڪيمپ ۾ موجود رهن ٿا. انهن اسڪول اندر هڪ ننڍڙي ڪمري کي اسٽور بڻائي رکيو آهي. جتي ڪير، او آر ايس، منرل پاڻي ۽ اٽي جو ڪجهه ڏينهن وارو اسٽاڪ رکيل اٿن. هنن ڪيمپ منجهان ئي ڪجهه پڙهيل لکيل نوجوانن کي رضاڪار بڻائي ڇڏيو آهي. ڳڙهي خيرو جي انهن ٻوڏ متاثرين ۾ ڪجهه پڙهيل لکيل ماڻهو ۽ ڊسپينسر يا ڪمپائونڊر ٻه شامل آهن. جيڪي ٻارڙن کي دوائون ڏيڻ جي ذميواري ڪڻن ٿا. سنڌ يونيورسٽي جا ڪجهه نوجوان استاد ٻه شام جو ڪيمپ تي اچي رضاڪارانه ڪم ڪن ٿا. ان ڪيمپ ۾ هنن هڪ ننڍڙو رجسٽر ٻه رکيو آهي. جنهن ۾ جمع ٿيندڙ شيون ۽ روزانو استعمال ۾ ايندڙ شيون لکيون وڃن ٿيون. سرڪاري خوراڪ هنن کي ڪڏهن ملي ٿي ته ڪڏهن نه ( ۽ خدا ڄاڻي سرڪاري وزيرن ۽ ڪامورن لاءِ ڪنهن ٻڌايو آهي ته ٻوڏ متاثر صرف چانور يا پٽ ڪائيندا آهن) ان ڏينهن ڪنهن پڇيو ته جڏهن ٽوڙي بند کي گهارو پوڻ نه پوڻ جو اعليٰ سطحي غور پئي ٿيو ته ان ڏينهن وزيرن ۽ ڪامورن جي لنچ سکر جي واحد کي ايف سي تان آئي هئي. پر ان گهاري جي پاڻيءَ ۾ جيڪي لڙهي. مري ۽ بچي نڪتا آهن. انهن جي عورتن، ٻارڙن ۽ مردن کي خيرات جي مانيءَ جهڙو پٽ يا چانور ڏنا ٿا وڃن. ڄامشورو جي سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڪيمپ ۾ ان شام اسان داخل ٿياسين ته ڄڻ ڳڙهي خيرو جي ڪنهن ويڙهي ۾ داخل ٿيا هجون. مرد پنهنجي روايتي ڪچهرين، سرٻاٽن ۽ سگريٽ ڦوڪڻ ۾ پورا هئا، ته عورتون ڪاٺين واري چلهه ٻاري چانورن ۽ ڪٽڪ جون مانيون پچائڻ ۾ رڌل هيون.

ڪيمپ انچارج حبيب بروهي ٻڌايو ته چوويهه ڪلاڪ چانورن وارو هڏو پٽ ماڻهن کي ڪو نه ٿو وڻي. ان ڪري ڪجهه راشن ڏيئي هو سندن وات جو ذائقو تبديل ڪن ٿا. ڄامشورو ڪمپ ۾ ارڙهن ماڻهو رهن ٿا. پر ايڏي هجي يا عمران خان، يا وري دنيا جهان ۾ ٻوڏ متاثرين جي نالي ۾ چندو گڏ ڪندڙ گرهه، هنن جي در تائين ڪو ٻه نه پهتو آهي. امدادي ڪيمپ جي اسٽور واري ڪمري ۾ ڪچهري ڪندي سهڻو رائيٽر، ڪمپير ۽ استاد محمود مغل ٻه اچي اسان جي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. محمود ٻڌايو ته سڀ ڪجهه هو پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪن ٿا. ان دوران حبيب ڪيس دريءَ ۾ پيل تيل جي ٻن ٽيلهين ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته ”سائين تيل ختم ٿي ويو اٿوَ.“ محمود پنهنجي موبائيل تان ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري کي فون ڪيو. حجت ٻه ڪيائين. گذارش ٻه ته سياڻي تيل پهچڻ ڪپي درياهه جي دهشت کان متاثر ٿي لڏ پلاڻ ڪندڙ لکين سنڌين جي دربدريءَ ۾ ڄامشوري جي هڪ اسڪول واري هيءَ ڪيمپ برابر ته اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. بيشڪ محدود آهي. پر منهنجي هڪ دوست چواڻي ”منظم انداز ته آهي. ماڻهن کي اعتماد ته آهي. متاثرين ڦرين يا پنن ته نٿا.“ ٻوڏ متاثرن جي

نالي ۾ سياست ۽ قبضا گيريون بہ اجا گھڻو قت هلنديون پر هي وقت حبيب بروهي ۽ محمود مغل جيان منظم  ڪيمپون هلائيندڙن جا هٿ مضبو ط ڪرڻ جو آهي. انهن ڪي دل کولي ڏيو تہ جيئن هو ٻين ڪيمپن ۾ بہ هٿ وجهي سگهن.“ سنڌي سرنديءَ وارا ڪٿي آهن. اهي اڳتي اچي متاثرن جي ڪيمپن ڪي منظم انداز ۾ چو نٽا ڪاڌ خوراڪ پهچائين.“ ڪيمپ ڪان واپسيءَ تي حساس دل دوست چيو. ان وقت اسان دهشت واري درياهہ جي ڄامشورو پل ٽپي رهيا هئاسين. مان خاموش رهيس. پر اهو احساس ضرور ٿيو تہ هن ٻوڏ سان گڏ سنڌي سماج جو گھڻو ڪجھ لڙهي ويو.





# سنڌ ۾ ٻوڏ جا هاڃا

محمد ادريس راجپوت

گدو ۽ سکر بيراجن تي وهڪرا گھٽجي رهيا آهن، ڪوٽڙي بيراج تي بہ 26 آگسٽ تي وهڪرو نوَ لک 64 هزار جي چوٽ چڙهي 27 آگسٽ تي گھٽجي 9 لک 50 هزار تي ويو، ڪوٽڙي گيج 26 آگسٽ تي 626.8 فوٽ تي 27 آگسٽ تي هڪ ڊيسيمل گھٽجي 26.7 فوٽ تي ويو آهي. ياد رهي تہ ڪوٽري گيج وڏ ۾  وڏ سال 1956ع ۾ 26.4 فوٽ ٿيو هو. يعني هن سال وڏ ۾ وڏ گيج ڪان اٽڪل 5 انچ مٿي رڪارڊ ٿيو، جيڪو ڪنڌن جي لحاظ ڪان تمام خطرناڪ آحي. انهيءَ جو اثر ڪوٽڙي ڪان هيٺ  ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن 24 ۽ 25 آگسٽ جي رات مولچند شاهہ بندر بند جي 18 ميل چوٿين فلرناگ تي بند ڪي ڪنڊ لڳو ۽ پاڻي ٻيلو شهر ٻوڙي دڙو ۽ سجاول طرف وڌي رهيو هو، جيڪو ڪالهہ وارين خبرن موجب ٺٽو-سجاول روڊ  پاڻيءَ هيٺ اچي ويو هو، پاڻي سجاول ڪان ٻہ چار ڪلوميٽر جي فاصلي تي هو. ايندڙ ڪجھ ڏينهن ۾ هن ڪنڊ جو پاڻي سجاول بدين روڊ ڪي ڪٽي جاتي طرف رخ ڪندو ۽ شاهہ بندر ويجهو سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو، ان دوران رستي تي جيڪا تباهي آٽيندو، سا ٻڌائڻ ڪان مٿي آهي. وري 26 ۽ 27 آگسٽ جي رات سنڌو جي ساڄي ڪپ تي  بگھاربند جي چوٿين ميل ۽ چوٿين فلرناگ تي هڪ آبپاشي ماڊول پرسان ڪنڊ لڳو، جنهن جو پاڻي پويان ڪلري بگھاڙ فيڊر لوئر ڪي لڳو، جيڪو ان جو ڪاٻو ڪپ  توڙي انهيءَ ۾ گھڙي ويو، آبپاآشي وارن ڪلري بگھار فيڊر جي ساڄي ڪپ ڪي مضبوط ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر انهيءَ فيڊر جو ساڄو ڪپ ڪنڊ مان نڪري ايندڙ پاڻيءَ جو دٻاءُ جهلي نہ سگهيو ۽ انهيءَ ۾ ٽن هنڌن تي ڪنڊ  پئجي ويا، هڪڙو 12  آر ڊي تي، ٻيو 22 آر ڊي تي ۽ ٽيون 54 آر ڊي تي انهن ٽنهي ڪنڊن جي هٿ ۾ ٺٽي جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي. پهريون ڪنڊ ڪلري بگھار فيڊر لوئر  جي قومي شاهراهہ واري ڪراسنگ ڪان اٽڪل ڏيڍ ميل هيٺ آهي، ٻيو ٺٽي شهر جي ذري گھٽ سامهون آهي ۽ ٽيون جتي ٺٽو  سجاول روڊ ڪلري بگھار فيڊر لوئر ڪي ڪراس ڪري ٿو، انهيءَ ڪان اٽڪل منو ميل هيٺ آهي.

## ڪنڊن جو اثر:

ٿنهي ڪنڊن جو پهريون اثر ته ٺٽي شهر تي ٿيندو، جيڪو ٻڏي ويندو، آر ڊي 12 ڪنڊ جي ڪري جيڪڏهن قومي شاهراهه ٽٽي پوي ٿو ته هڪ ته ڪراچي ۽ حيدرآباد وايا ٺٽي واري ٽريفڪ بند ٿي ويندي ۽ ٻيو اهو پاڻي هاليجي ڍنڍ ڏانهن رخ ڪري سگهي ٿو، رستي ۾ ڪراچي جي واٽر سپلاءِ واري لائين به آهي. جيڪا ڪينجهر ڍنڍ مان پاڻي ڪراچي کڻي وڃي ٿي، يعني ڪينجهر- گجو ڪينال، جيتوڻيڪ اهو پڪو واهه آهي ۽ ليول به مٿي آهي. پر ٻوڏ واري پاڻي جي اثر جو ڪجهه چئي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪينجهر- گجو ڪينال کي ڪجهه ٿيو ته ڪراچي وارن کي پيئڻ جي پاڻي جي سپلائي تي اثر پئجي سگهي ٿو. آر ڊي 22 جي ڪنڊ جي پاڻي سڌو ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيندو، آر ڊي 54 جو پاڻي ٺٽي ڏي به ايندو، پر مڪلي کان هيٺ پير پٺو، وَرِ غلام الله کان لگهندو، ڪيٽي بندر ڏي رخ ڪندو، رستي تي آيل شهرن، ڳوٺن ۽ فصلن کي ٻوڙيندو، غريب ماڻهن جي تمام گهڻي لڏ پلاڻ ٿيندي.

## تجزيو:

ٽن بيراجن جي ڪري سنڌو درياهه ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو گڊو بيراج کان سکر تائين اٽڪل 100 ميل ٻيو حصو سکر بيراج کان ڪوٽڙي بيراج تائين اٽڪل 200 ميل ۽ ٽيون حصو ڪوٽڙي بيراج کان سمنڊ تائين اٽڪل 100 ميل سنڌو درياهه جي پهرين ۽ پڇاڙي وارن حصن ۾ ڪنڊ پيا ۽ وچون حصو، جيڪو ٻنهي باقي حصن جي برابر آهي خير ٿيو جيتوڻيڪ درياهه جو مارو اچا آگاٽي عاقل ۽ ٻين هنڌن تي جاري آهي. پاڻي ته سيني هنڌن تي سکر فلڊ وارو هو، پوءِ ڪهڙو سبب هو. جو وچون حصو بچيو ۽ مٿيون ۽ هيٺيون حصو ٻڏو؟ اهو ٻڌائيندو هلان ته سيني هنڌن تي بند جي ٽاپ وڏ ۾ وڌ آيل پاڻيءَ جي ليول کان 6 فوٽ مٿي ٺاهي وئي هئي. چون ٿا ته ٽوڙي تي بند اوور ٽاپ ٿيو، پر اهو اڃا ثابت ڪرڻو آهي. معنيٰ ڪٿي به بند اوور ٽاپ نه ٿيو آهي. ٻيو ته ڪنڊ پوڻ جو مکيه سبب روڻ آهي. ڏينهن شينهن آهي. ڏينهن جي ٽائيم ۾ پيل روڻ جو پتو پئجي وڃي ٿو ۽ اها ڪنٽرول ٿي وڃي ٿي. رات جو ٽائيم اهڙو آهي. جڏهن عملو غفلت ڪري ٿو يا گشت نٿو ڪري يا سمهي پوي ٿو، جنهن ڪري روڻ جي وقت سر خبر نٿي پوي جيڪا وڏي ڪنڊ ۾ مٽجي وڃي ٿي. گڊو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند، مولچند شاهبندر ۽ بگهار بند کي ڪنڊ رات جي وقت لڳا آهن. معنيٰ اتي روڻ پئي. جيڪا وقت سربند نه ٿي ۽ ڪنڊ ۾ مٽجي وئي. معنيٰ انهي هنڌن تي غفلت ٿي، جنهن ڪري ڪنڊ پئجي ويا. هاڻي اچو ٽوڙي بند تي. اتي ڏينهن جو ٽين وڳي ڪنڊ لڳو، جيڪو چون ٿا ته اوور ٽاپ ٿيڻ ڪري پيو، چون ٿا انهيءَ بند جي اوور ٽاپ ٿيڻ جي خبر هنن کي به ڏينهن اڳ ۾ هئي. جنهن جو





بندوبست ڪري سگهجي ها. منهنجي حساب ۾ ٽئني ڪنڊن ۾ عملي جي غفلت ۽ لاپرواهي کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

سکر کان ڪوٽري واري ٻن سئو ميلن جي حصي ۾ به مسئلا اٿيا. ساڄي پاسي راڻڻ پرسان هڪ زبردست بلو آئوٽ ٿيو ۽ رات جو ٿيو، پر ماڻهو هوشيار هئا ۽ صورتحال کي منهن ڏئي ويا، سڀيون- مٽياري بند تي به روٽيون پيون. پر ماڻهو الرٽ هئا ۽ زميندارن مدد ڪئي. مون سان پاڻ هڪڙي ڏينهن دربيلي جي ايم اين اي ظفر علي شاهه بند تان ڳالهايو. خيرپور ۾ پير پاڳاري صاحب پنهنجي حرن کي بند سنڀالڻ جي هدايت ڪئي. هالا ۽ مٽياري ۾ مخدوم صاحبن پنج سئو کن ماڻهو ڏنا. جن ڪيتريون روٽيون بند ڪيون ۽ ڪيترن هنڌن تي ڪاڏ کي روڪيو خاص طرح پاٽوٺ بند وٽ، بدقسمتيءَ سان اهي ڳالهيون گڊو سکر حصي ۽ ڪوٽري کان سمنڊ واري حصي ۾ زوردار طريقي سان نه ٿي سگهيون ۽ نتيجو اسان ڏسون پيا. غريب ماڻهو دربدر آهن، جيئڻ لاءِ ماني ۽ صاف پاڻي لاءِ هٿ ٽنگيو بيٺا آهن. الهه تلهه لڙهي ويا.

## لڳل گهارن جو ٻڌجڻ:

پهريون گهارو ٽوڙي بند کي 7 آگسٽ تي لڳو هو، گهاري لڳڻ کان پوءِ آبپاشي کاتي جو عملو اتان غائب ٿي ويو ۽ گهاري جي Ends کي وڌڻ کان روڪڻ جي ڪو ڪوشش نه ڪئي وئي. جنهن ڪري اهو 50 فوٽن مان وڌي ٿي هزار فوٽ ٿي ويو. نتيجي ۾ اٽڪل هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي گهاري مان نڪري ٻوڙ ٻوڙان ڪري پيو، ڪيترا ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏي ويا، ڪيترن شهرن جي چوڌاري پاڻي بيٺو آهي. افراتفري جي فضا آهي ۽ هرڪو ڏاڍو پنهنجي ايراضي بچائي ٻين کي ٻوڙي ٻيو، جيڪڏهن ٻوڏ واري پاڻي جو صحيح نيڪال ڪيو وڃي ها ته ايتري تباهي نه ٿئي ها، جيتري هينئر پئي ٿي. هاڻي چون ٿا ته ڪنڊ ٻڌڻ جو ٺيڪو ايف ڊبليو او کي ڏنو ويو آهي. جنهن تي 20 ڪروڙ خرچ ايندا. جنهن مان 10 ڪروڙ هنن کي يڪدم ڏيڻ جو چيو وڃي ٿو. اتي مشينون پهچائڻ لاءِ پهريون روڊن کي ٺيڪ ڪرڻو آهي، تنهن کان پوءِ ڪنڊ ٻڌڻ جو ڪم شروع ڪيو ويندو منهنجي خيال ۾ ٽوڙي وارا ڪنڊ سيپٽمبر جي پڇاڙي تائين مس بند ٿي سگهندا.

ٻيو ڪنڊ گڊو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند کي 8 آگسٽ تي پيو، اها پنجاب جي ايريا هئي. انهيءَ ڪري قومي شاهراهه به ڪجهه وقت بند ڪرڻو پيو، اتي پر واري زمين مٿي هجڻ ڪري ڪنڊن مان پاڻي ڊسچارج لهڻ کان پوءِ ڪافي گهٽجي ويو ۽ اتي لڳل ڪنڊ بند ڪيا ويا آهن.

وري اچو ڪوٽڙي کان هيٺ مولچند شاهه بندر ۽ پنا- بگهاربندن کي لڳل ڪنڊن تي اهي 26 ۽ 28 آگسٽ تي لڳا آهن، انهن جو ٻڌجڻ درياهه جي لهي وڃڻ تي

آدار رکي ٿو، منهنجي خيال ۾ ايندڙ پندرهن ڏينهن ۾ انهن جو ٻڏجڻ ممڪن ناهي ۽ انهن مان نڪرندڙ پاڻي اتي هيٺين آبادين کي ٻوڙيندو رهندو.

### ٿوڙي واري ڪنڀ جي پاڻي جو احوال:

اهو پاڻي ننڍين وڏن شهرن جي چوڌاري پکڙجي پنهنجي آخري منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي. ايف پي بند جي اولهه ۾ اهو حمل ڍنڍ ۾ پهچي پيو، جتان ايم اين وي ڊرين وسيلي اهو منڇر اماڻيو پيو وڃي. جنهن ڪري منڇر جي ليول وڌي پئي ۽ 28 آگسٽ تي اها 111.90 فوٽ تي وئي آهي. ٻئي پاسي شهدادڪوٽ، قبو سعيد خان آيل پاڻي ايف پي بند سان لڳو. اهو پاڻي شهدادڪوٽ ۽ ميروخان ڊرين کي ٿوڙي پنواري شاخ کي ٿوڙي نصير آباد ويجهو گهاڙ ڊرين تي پهچي ويو آهي، خبر پئي آهي ته فوج وارن جي مدد سان گهاڙ ڊرين کي ڪٽ ڏنا ويا آهن. اهو پاڻي هيٺ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ويجهو سپريو بند ۽ ايف پي بند جي وچان هيٺ منڇر ڏي ويندو.

هڪڙي پاسي منڇر جي ليول چڙهي پئي ته ٻئي درياهه جي ليول لهي پئي، پر هينئر ٻه درياهه جي ليول منڇر کان اٽڪل ڇهه فوٽ مٿي آهي. الله ڪري منڇر جي ليول هوريان چڙهي ۽ درياهه جي ليول تڪڙي لهي ته جيئن منڇر جي پاڻيءَ جو درياهه ۾ ڇوڙ ممڪن ٿي سگهي ۽ منڇر وارا منڇر ٽٽڻ جي عذاب کان بچن. هن سال درياهه جي ٻوڏ جيڪا تباهي آندي آهي. تنهن جو ماضي ۾ ڪو مثال ڪونهي. اتر ۽ لاڙ وارا ماڻهو مصيبت ۽ عذاب ۾ آهن. وچولي جا ماڻهو بچي ويا آهن. وچولي وارن ماڻهن کي کپي ته مصيبت سٽيل ماڻهن جي واهر ڪن ته هو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن!





# سنڌ کي ٻوڙيندڙ ”ڏنڊوڙين“ کان حساب ڪير وٺندو؟

**امداد علي سومرو**

ٻوڏ زندگي جي نشاني جل کي اجل بنائي ڇڏيو ۽ ڏنڊوڙي ان کي پنهنجي ڏنڊي جو طريقو بنائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جو جنهن ۾ مفاد آهي. هو اهڙي تجويز ڏئي ان کي حتمي سمجهي عمل درآمد لاءِ مختلف حربا استعمال ڪري رهيو آهي. ڏنڊوڙي سياستدان، ڪامورا ۽ ماهر ان معاملي ۾ سڀ کان اڳڀرا آهن. ڪو تجويز ڏئي رهيو آهي ته صوبن کان سمورا پئسا وٺي وفاقي حوالي ڪيا وڃن ۽ پوءِ اتان واپس صوبن ۾ ورهايا وڃن. ڪير وري لنڊن مان ويهي فوج کي مارشل لاءِ لڳائڻ جو دعوتون ڏئي رهيو آهي. آبپاشي جا ماهر وري هاڻي نيون نيون تجويزون پيش ڪري ڪالر چنڊي هلي رهي آهن. ٻئي پاسي ٻوڏ متاثر آهن. جيڪي سڪي تي ٻه غوطا کائي رهيا آهن. انهن جو ڇا ڪرڻو آهي. ان پاسي ڪير اچي ئي نٿو، سياستدانن کي ته چاهيندي نه چاهيندي عوام ۾ وڃڻو ئي پوندو آهي. ان ڪري اهي عوام ۾ موجود آهن. خاص ڪري سنڌ ۾ چونڊيل نمائندا پنهنجي پنهنجي ٻڏل علائقن ۾ موجود نظر اچي رهيا آهن. خيبرپختونخواهه وارا ٻه ڪنهن حد تائين متحرڪ نظر اچن پيا، پر پنجاب ۽ بلوچستان ۾ ته جهڙوڪر ست ئي خير لڳا پيا آهن. پنجاب جي وڏي وزير شهباز شريف کي ته هر هنڌ ڏنو ۽ ٻڌو وڃي ٿو عملي طور تي پنجاب جي حڪومت جهڙوڪر ان کان شروع ٿي ان تائين ختم ٿي وڃي ٿي. ڪير پنهنجي مهارت جي ثابتيءَ لاءِ ڪيتريون ٻه فني ڳالهيون ڪري متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هجي. پر پاڻ عمل جا قائل آهيون ته سرزمين تي ڇا ٿي رهيو آهي. ڇا ٿيڻ گهربو هو ۽ ڇا ڪيو ويو ؟ هي اهي سوال آهن جيڪي ٻوڏ کان اڳ ۽ ٻوڏ کان پوءِ اٿاريا ويندا رهيا، پر ڪڏهن ٻه انهن ماهرن ۽ خاص ڪري سنڌ آبپاشي جي ڪن تي جونءِ نه سري، اربين رپين جا فنڊ آيا ويا، اربين رپين جون مشينون زنگجي ويون، آئون گذريل ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي مضمونن ۾ سنڌ جي آبپاشي نظام جي تباهي جي حوالي سان رکي رکي لکندو پيو اچان. مون ڪيترائي پيرا هنن پنن ۾ اهو

لکيو آهي ته سنڌ جو آبپاشي نظام ختم ٿي چڪو آهي. سنڌو ته سنڌو ان جا ننڍا وڏا واهه به تباهه ٿي ويا آهن. سالن کان انهن جي ڪاٽي ناهي ٿي. ننڍين ننڍين شاخن کي ته ڪپر ئي ناهن رهيا، پر انهن جي ڪاٽي جي نالي ۾ هر سال پاڻي جي وارابندي وقت اربين رپيا هڙپ ڪيا وڃن ٿا. ڪاٽي ڪندڙ مشينون آبپاشي جي آفيسن ٻاهران بيهي بيهي زنگجي ويون آهن. اڪثر مشينون ته ڪيترن ئي فوٽن تائين زمين اندر دٻجي ويون آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي منهنجي هنن ڳالهين جي پڪ نه ٿئي ته وڃي پنهنجي پنهنجي علائقي جي آبپاشي آفيسن جي ٻاهران بيٺل اربين رپين جي انهن مشينن جو ٿيل حشر پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي.

هيءَ سلسلو ڪو مهينن جو نه، سالن جو آهي، سنڌ جي ضمير زنگيل آبپاشي ڪامورا شاهي اهڙو حشر ڪيو آهي. جيڪو ڏسي ڪنن کي هٿ لائڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ويهه پنجويهه سال اڳ جيڪڏهن شاخن، واهن ۽ برانچن جي ڪنارن تي وڃبو هو ته اهي ٽالهين، ٻيرن، نمن، سرينهن جي وڻن سان سٿيون پيون هونديون هيون، پر هاڻي ڪنهن ميهار کي انهن شاخن ڪناري ڪجهه گهڙيون ساهه پٽڻ لاءِ وڻ جي ٿڌي ڇانءِ به نٽي نصيب ٿئي. اهو حشر ظاهر آهي ته انهن آبپاشي ڪامورن ڪيو، وڻ ته مٽي جي بندن لاءِ سربي جهڙو ڪم ڪندا آهن، وڻن جون پاڙون بندن کي انٽيڪٽ رکنديون آهن ۽ جڏهن وڻ ئي نه هوندا ته بند ڪيئن بڇل رهندا ۽ ڪيئن مضبوط رهندا. آبپاشي جي مجموعي نظام تي ڳالهائبو ته ڳالهه ڏکي ٿي ويندي. ان ڪري اهو معاملو ٻئي ڪنهن پيري هن وقت مسئلو آهي، ٻوڏ جي صورتحال جو.

سنڌو درياهه مجموعي طور تي تبت ۽ لداخ کان جيڪي تباهه ڪاريون شروع ڪيون. اهي پنهنجي آخري مرحلي ۾ آهن ۽ درياهه جو خطرناڪ وهڪرو هاڻي ڪوٽڙي بئراج وٽان لنگهي سمنڊ ڏانهن پنهنجو سفر شروع ڪري چڪو آهي. الله لاڙ کي تباهڪارين کان محفوظ رکي، ڇاڪاڻ ته لاڙ سنڌ جو اهو علائقو آهي، جيڪو گذريل ڪيترن ئي سالن کان آفتن جو شڪار ٿيندو پيو اچي. ڪڏهن لاڙ کي ايل بي او ڊي ٻوڙي ڇڏيو ته ڪڏهن وري سائيڪلون سانورن لاڙين کي تباهه ڪري انهن جا اجها اڏائي ڇڏيا. لاڙ واسي اڳ ئي آبپاشي ۽ واپڊا جي ماهرن جي مهارتن جو شڪار ٿيندا رهيا آهن ۽ هاڻي وري اهو خطرو هو ته ڪٿي انهن جا لوڙها هڪ دفعو وري نه لڙهي وڃن. ۽ ٿيو به ائين ئي . هن وقت ٺٽي ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو آهي. ان تباهيءَ کان هرڪو واقف آهي.

ڪجهه ڏينهن کان منڇر ۽ حمل ڍنڍ جو چرچو ٿي رهيو آهي. منڇر ۽ حمل سنڌو درياهه جي ساڄي ڪنڌي تي ٻه وڏا قدرتي ڍنڍ آهن. جن مان منڇر کي ته آر بي او ڊي ذريعي تباهه ڪيو ويو، جنهن جو ذڪر اڳ به گهڻو ٿي چڪو آهي پر منڇر ۽ حمل ڍنڍن مان ٻوڏ جي ڏينهن ۾ پاڻي نيڪال ڪرڻ جو سرشتو ڇو موجوده جديد دور ۾ اختيار نه ڪيو ويو، منهنجو سوال اهو آهي ته جيڪي ڪامورا سنڌ جي غريب





ماڻهن جي ڪروڙين رپيا پگهارن جي مد ۾ ۽ اربين رپيا آبپاشي نظام جي نالي ۾ ڪائي هڙپ ڪري رهيا آهن، انهن کي ڇو نه گهر موڪلي ڇڏجي؟ منڇر ۽ حمل ۾ ڪو پهريون ڀيرو اهڙي خطرناڪ صورتحال پيدا ناهي ٿي، ماضي ۾ انهن ٻنهي ڍنڍن جي سطح ريڊ زون کان ٿيندي رهي آهي. پر ٻوڏ ٽري وڃڻ بعد آبپاشي ڪاٽي پئسا هڙپ ڪري ونڊي ورهائي ڪائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪيو ۽ مستقبل ۾ اهڙي صورتحال کان بچڻ لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا. گهڻو پري نٿا وڃون. آگسٽ جو ئي مهينو 2007ع جو سال هو، جڏهن منڇر ۽ حمل جي اها ساڳي صورتحال ٿي هئي. حمل پنهنجي آخري حد ڪراس ڪري پاڻي جيو هڪ وڏو ريلو ماڏي ۽ فريد آباد وٽان ڪاڇي ۾ ڇندڻ شروع ڪيو ۽ پاڻي آهستي آهستي ڪاڇي جا پٽ ٻوڙي منڇر ۾ وڃي پهتو ته منڇر ٽٽڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو. ان وقت به ايم اين وي يعني آر بي او ڊي ون يا ڇندڻ ۾ حمل جو پاڻي ڇڏيو ويو. جنهن سان ڇندڻ کي ڪنڊ لڳڻ سبب لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جا ڪيترائي علائقا پاڻي ۾ ٻڏي ويا. وڏي ٻوڏ ٽري وئي پاڻي آهستي آهستي سنڌو درياهه ۾ لهي ويو، پر ڇندڻ جون ڪڙون جتان ٽٽيون انهن کي ٻڌو ئي نه ويو. واپڊا وارا چپ ڪري گهرن ۾ وڃي سمهي رهيا. جوهي لڳ ڳوٺ ڪمال خان کان وٺي منڇر جي زيرو پوائنٽ تائين ڇندڻ کي اولهندي ڪڙئي باقي نه هئي. جنهن ڪري ڇندڻ اتي لکين ايڪڙن تي ٻڌل علائقا ٻوڙي ڇڏيا، پر ٻيهر ڪنهن به وڃي اها ڪڙ ٻڌڻ جي ڪوشش نه ڪئي. جيڪا اڄ به جيئن جو تيئن پئي آهي. ڇندڻ جو پاڻي منڇر بدران سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ ڀان سيد آباد شهر جي مٿان عبدالله شاهه جي دور ۾ انڊس لنڪ نالي نئون ڊرين نالو کوٽيو ويو، اڳتي هلي ان کي آر بي او ڊي (ٽو) جو حصو بنائڻ سبب ڪرم پور تائين کوٽي ان جو ڪم بند ڪيو ويو ۽ سنڌو جي پيٽ مان موتمار آر بي او ڊي ٽو جي کوٽائي شروع ڪئي وئي جنهن سنڌ ۾ آيل تباهي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. منڇر 2007ع ۾ ٽٽندي ٽٽندي بچي هئي. ان بعد ته انهن کي ڪو هوش اچڻ گهرجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ ٻوڏ جي مند ۾ منڇر جو پاڻي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ ڇندڻ کي منڇر بدران سنڌو ۾ اڇلائڻ جو ڪو بندوبست ته ڪيو وڃي ها، ٻيو ته ٺهيو انڊس لنڪ نالي تي جيڪو ڪم ٿيو پئي. حڪومتن کي ابتا سبتا مشورا ڏئي اهو به روڪرايو ويو. اها حقيقت آهي ته عام ڏينهن ۾ ڇندڻ جو پاڻي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو مطلب سنڌو کي گدلو ڪرڻ آهي. پر معاملو عام ڏينهن جو ناهي. سوال آبڪلاڻي جي مند جو آهي، جڏهن سنڌو به ڪنارن کان ٻاهر اچي ويندو آهي ۽ منڇر به ڪني تار ٿي ويندي آهي اهڙي مند ۾ جڏهن حمل به ايم اين وي کي ان جي ڊيزائين ڪيل گنجائش کان وڌيڪ ڀري ڇڏيندي آهي ۽ نئن گاج، نئن نلي، نئن سوري سميت نه ڄاڻ ڪيتريون جابلو نديون جبلن تي پوندڙ مينهن جي پاڻي جو هڪ هڪ ڦڙو ڪٺي اچي منڇر ۾ ڇنڊينديون آهن ۽ منڇر ان ڪيفيت ۾ اچي ويندي آهي ، جنهن ۾ هن وقت آهي اهڙن ڏينهن ۾ ته منڇر

جو پاڻي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ ڪو ڪئنال هجڻ گهرجي ها. ڄاڻڪارن جو چوڻ آهي ته منڇر جا ٻئي ڪئنال اڙل ۽ دانستر ابتا وهڻ شروع ڪندا آهن. سو 2007ع ۾ جڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي ته اهڙا ڪئنال ڇو نه کوٽيا ويا. جيڪي منڇر جو پاڻي ڪٽي وڃي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪن؟ هڪ نه ڪيترائي ڪئنال کوٽي سگهجن ٿا. پر ڄاڻ ته اهڙا ڪئنال ٻوڏ ٽاري ڇڏين ها ۽ آبپاشي جي ڪامورن جا پيٽ خالي رهجي وڃن ها. ان ڪري انهن اهڙي ڪا صلاح سامهون ئي نه آندي ۽ حڪومتن ڪي آر بي او ڊي (ٽو) جهڙي موتمار منصوبي ۾ الجهائي ڇڏيو. جنهن جي آڙ ۾ آهي هر سال اربين رپين جا فنڊ ڪائي سگهن. سو منڇر جو ڪو نه ڪو آئوٽ ليٽ ڪڍڻو پوندو ۽ حڪومت به هن ٻوڏ کي منهن ڏئي اهڙا ٻه چار منصوبا شروع ڪري جن ذريعي حمل ۽ منڇر کي خطرناڪ حد تائين پهچڻ کان اڳ خالي ڪري سگهجي.

هاڻي ڪجهه ٻوڏ تي ٿيندڙ سياست جو ذڪر، جنهن ذريعي متاثرن جي واهر ڪرڻ بدران ملڪ جا چوٽي جا سياستدان پنهنجو پنهنجو حصو وصول ڪرڻ جي چڪر ۾ پئجي ويا آهن. 14 هين آگسٽ تي مسلم ليگ نون جي قائد نواز شريف وزيراعظم سان ٻوڏ جي صورتحال جي حوالي سان ملاقات ڪئي. ان ملاقات بعد وزير اعظم ۽ نواز شريف اهو اعلان ڪيو ته هڪ آزاد، خودمختار ڪميشن قائم ڪئي ويندي ۽ سمورا صوبا پنهنجي پنهنجي ساليانيِ ترقياتي بجيٽ مان 30 سيڪڙو ڪڍي ان فنڊ ۾ جمع ڪرائيندا. وفاق به ان ۾ حصو وجهندو ۽ مجموعي طور مقامي سطح تي 350 ارب رپين جو هڪ فنڊ قائم ڪيو ويندو. پرڏيهه مان ايندڙ فنڊ به ان ۾ شامل ڪيا ويندا ۽ ان بعد اهي فنڊ صوبن ۾ ورهايا ويندا. يعني اين ايف سي جي موجوده ايوارڊ کان اڳ واري ناٽي ورچ جي شڪل ٻيهر بحال ڪرائڻ جي هڪ ڪوشش هئي. جيڪا ٻين صوبن جي وڏن وزيرن وزيراعظم سان ٿيل ملاقات ۾ رد ڪري ڇڏي. اصل ۾ ان تجويز جو ڪارڻ اهو هو ته پنجاب شهباز شريف حڪومت جي ناقص مالي پاليسين سبب ڪنگال ٿي چڪو آهي. صوبو اوور ڊرافٽ تي هلي رهيو آهي ۽ ٻوڏ جي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ صوبائي حڪومت وٽ اضافي پئسو ناهي، جيڪو خرچ ڪري سگهجي. نواز شريف اصل ۾ پاڻ جي قيادت ۾ ڪنگال ٿيل پنجاب جي معيشت کي ٻوڏ جي هن صورتحال جو فائدو وٺي ڪجهه پيرن تي بيهاري سگهي. ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻوڏ متاثرن جي واهر نه ٿي سگهڻ جي صورت ۾ پنجاب حڪومت سڄي جو سڄو ملبو پيپلزپارٽي جي وفاقي حڪومت مٿان وجهي سگهي ها. ڄاڻڪارن ته منهنجي اطلاعن مطابق پنجاب حڪومت جو خزانو خالي ٿي ويو آهي. جنهن ڪري شهباز شريف پنهنجو پسنديده "سستي روٽي" منصوبو ختم ڪري ڪجهه ارب رپيا ٻوڏ متاثرن جي امداد لاءِ رکيا آهن. ٻيو اهو ته پنجاب ۾ ست ضلعا ٻڏا آهن ۽ سنڌ جيتري نه سهي. پر وڏي تباهي ٿي آهي. پر شهباز شريف





ڪانسواءِ صوبائي ڪابينا جو ڪو وزير ۽ نواز شريف ڪانسواءِ مسلم ليگ نون جو ڪو اڳواڻ ميدان تي نظر ئي نٿو اچي. باوجود اردو ميڊيا جي حمايت جي پنجاب ۾ ڪٿي به امدادي ڪم اهڙو ناهي. جنهن تي متاثر ٿورا به مطمئن هجن. ان جو هڪ ڪارڻ پنجاب جو ڪنگال هجڻ آهي. جنهن سبب صوبي جا چونڊيل نمائندا انهن تڪن ۾ هٿين خالي وڃڻ جي صورت ۾ عوام جي رد عمل جو شڪار ٿيڻ کان ڊڄي رهيا آهن ۽ جيڪا رقم آهي. اها شهباز شريف پنهنجي هٿن سان خرچ ڪرڻ چاهي ٿو. ان جو پنهنجي ڪنهن وزير تي اعتبار ناهي. ان ڪري هو پاڻ اڪيلو ڦرندو پيو وتي.

ٻئي پاسي سياست آهي، جيڪا ٻوڏ تي به ڪئي پئي وڃي. مارشل لا لڳائڻ جا مطالبا به ٿي رهيا آهن. شايد اهڙين ڌرين کي ڪراچي ۾ سنڌين جي آبادڪاري جو جيڪو خوف ورائي ويو آهي. ان جو ٽوڙ ڪڍڻ لاءِ بهرحال اهي ڌريون هٿ پير ته هڻندا. پر سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام کي عرض آهي ته اهڙين چالبازين جو شڪار ٿيڻ بدران اهي پنهنجي شهر ڪراچي وڃي آباد ٿيڻ کان نه ڪيٻائن. عوام ڪراچي وڃي ۽ حڪومت انهن جي واهر ڪري، انهن جي آبادڪاري جو بندوبست ڪري، شهر ۾ لکين ايڪڙ زمين غيرآباد پئي آهي. اتي ٻوڏ متاثرن لاءِ پڪيون ڪالونيون ٺاهيون وڃن. سنڌ جي تباهه ٿيل هڪ ڪروڙ مان جيڪڏهن 20 لک ماڻهن کي به ڪراچي ۾ اهڙي نموني آباد ڪيو ويو ته ڪراچي جي مالڪي واپس ورائڻ سولي ٿي پوندي. ڊڄڻ بدران مضبوط حڪمت عملي ذريعي ماڻهن کي ڪراچي ۾ آباد ڪرڻ جا منصوبا جلد کان جلد شروع ڪري ۽ جن ماهرن ۽ ڪامورن جي ڪري ٻوڏ جون تباهڪاريون وڌيون آهن. انهن خلاف به ڪا ڪميشن قائم ڪري انهن کي سزائون ڏنيون وڃن.

# ٻوڏ جي تباهيءَ کان پوءِ جنم وٺندڙ دردناڪ قصا

سهيل ميمڻ

صرف چار مهينا اڳ مان ٿائي لينڊ ۽ برما جي سرحد تي، برمي پناهگيرن جي ڪئمپن ۾ ڪيس اسٽڊي ڪندي سندن تڪليفن ۽ اهنجن جو جائزو وٺي رهيو هيس ته منهنجي خواب خيال ۾ به نه هو ته رڳو چار مهينا پوءِ، منهنجو پنهنجو وطن، انهن برمي پناهگير ڪئمپن، کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ تعداد ۾ ڪئمپن ۾ تبديل ٿي ويندو ۽ لکين سنڌي ٻارين ٻچين سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، هر رستي، هر پاڙي، هر گهٽي، هر روڊ، هر وڻ هيٺيان ٻارين ٻچين، سڪايل ۽ اجايل چپن، روئيندڙ ۽ رڙندڙ انگ اگهاڙن، بيماري بکايل ٻارن سميت پيا هوندا. سنڌي ماڻهن جي فلاح لاءِ قائم ڪيل ڪئمپن جي حالت، برمي پناهگيرن جي قائم ڪيل ڪئمپن کان هزارين ڀيرا بري، بدتر ۽ ڏکوئيندڙ آهي. سنڌوءَ جي سيلاب سان درياهه سان ڳوٺ ڳوٺ سفر ڪندي اهڙا داستان نظر آيا. جن جيءُ جنجهوڙي وڌو آهي.

شهدادڪوٽ جي منهنجي ماءُ کان به وڏي سنت مگسي، منهنجا ۽ منهنجي پرڏيهي ميڊيا ٽيم جي عملدارن جا پير پڪڙي ۽ چنبڙي پئي. هن بکايل ۽ اجايل هوندي نه ماني گهري، نه پاڻي، هوءَ صرف اسان کان اهو گهري رهي هئي ته وٺس نه ڪرايو آهي. نه سگهه جو اڳ م ئي ميل پنڌ ڪري آئي هئي. ان ڪري ڪيس ۽ سندس ٻارن کي ڪٽي ڪنهن محفوظ هنڌ پهچايون . هن جون منٿون ۽ زاريون دل ڏارڻ لاءِ ڪافي هيون. هوءَ جنهن زميندار جي هارياڻي هئي. سڄي عمر جنهن جي زمين کاهي ڪيس ڪمائي ڏنو هئائين، اهو زميندار ڪيس ۽ سندس ٻچن کي پنج ميل پري، محفوظ هنڌ تي پهچائڻ جي تڪليف به نه ڪري سگهيو.

سکر جي هڪ ڪئمپ ۾ ٻن جاڙين ڌيئرن کي جنم ڏيندڙ هزارو شيديءَ جي زال ڪريما پنهنجي ٻن ڌيئرن کي سيني سان سانڍي روئيندي ٿي رهي ته، هنن نياڻين جا نصيب ڏسو، گهر هوندي ڪئمپن ۾ ڄايون آهن، نالن جي معنيٰ جي خبر نه هوندي به ردا ۽ ندا جا نالا نياڻين کي ڏيندڙ ماءُ کي اهو خوف به آهي ته اهي





معصوم گل ڪٽي ڪئمپن ۾ تيزي سان ڦهلجندڙ ڪالرا، گيسٽرو، فلو، يا ٻين بيمارين جي ور نه چڙهي وڃن. ننڍڙين معصوم نياڻين کي اجرڪ سان ٺهيل ڪپڙا ڪرتا پڻ ڪئمپ واري اسڪول جي ماسترياڻي نهرائي ڏنا آهن. غوث بخش چاچڙ اسان جي سي اين اين جي ٽيم کي لنڊي شاخ ڪرمپور وٽ پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ مليو. ٻنهي جي مٿي تي به ڀريون هيون جنهن ۾ ٻارن لاءِ پاپا، ۽ ڪجهه اڌ ڦاٽل ڪپڙا هئا. انهن ٻنهي زال مڙس جو بس اهو ئي ڪجهه بچيو هو، غوث چاچڙ سکر واري ڪئمپ کان تڪليفون ڪٽي، ٻار پويان ڇڏي، ڳوٺ پئي ويو ته ڏسان ته ڇا بچيو آهي. ڪرمپور سيلاب کان هٿ ٽيل شهر آهي. سندس چوڌاري اجان ته پاڻي آهي. ان ڪري لنڊي شاخ کان پوءِ ٽريڪٽر ئي واحد سواري هو، جنهن تي اچي وڃي پئي سگهيو. زال نصيبن سان گڏ پيرين پنڌ چيلهه جيڏي پاڻي ۾ ڪرمپور ڏانهن هليو ويو. جڏهن اسان ٽريڪٽر اچڻ بعد اڌ پنڌ تي پهتاسين ته غوث ۽ سندس زال کي اڌ مئي حالت م ٿڪل ٽٽل هڪ مٿانهين تي ساهه پٽيندي ڏسي ڪين پاڻ سان ڪٽي، پراڻي بيگاري وٽ لاٿوسين، سندس ڳوٺ سامهون هو، پر وڏي پاڻي ۾ ٻيڙي ڪرائي غوث ۽ سندس زال کي ڪٽي اسان سندس ڳوٺ حاجي شاهنواز بنگلاڻي پهتاسين ته ڳوٺ ۾ سواءِ ٻيڙي هلڻ جي ٻيو ڪو رستو بچيل نه هو، غوث چاچڙ جو گهر جهري چڪو هو، سندس زال چيلهه کان وڏي پاڻي ۾ پنهنجو ٻن ڪمرن واري گهر مان تمام ٿورو بچيل سڇيل پر برباد ٿيل سامان ٻاهر ڪڍندي پئي رهي ۽ روئيندي به پئي رهي گهر ويا، سامان ويا، ان ويا، لٽا ڪپڙا ويا، روزگار ويا، ٻچا ٻار رلي ويا ۽ مستقبل جي خبر ناهي ته ڪيڏانهن ويندا سين ۽ ڇا ٿيندو. ؟

ٽريڪٽر ذريعي ئي، پر ڏاڍي خطرناڪ سفر بعد ڪرمپور پهتاسين. اجڙيل هر هنڌ، سائو، بدبودار پاڻي بيٺل، گند ڪچرو ۽ سرڪاري ڪارڪردگي سواليه نشان بڻيل شهر جي ٻن پاسن کان زبردست سيلابي ريلا گذري رهيا هئا ۽ شهر جي ڪيترن رستن تي مٺل ڍور مستقبل ۾ وچڙندڙ بيمارين جي اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. ڪرمپور جي ڪجهه مٿانهن علائقن ۾ ماڻهو پنهنجا بچيل سڇيل سامان ۽ ڏنڌا ڏاڙي ٻيهر استعمال جي لائق بڻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. ڪرمپور ۾ اسان جي رهنمائي ڪندڙ اڪبر نصيراڻي ٻڌايو ته، تباهي تصور کان وڌيڪ آهي ۽ ڪرم پور ۾ به ماڻهو راتيون جاڳي گذارين ٿا.

سکر جي هڪ ڪئمپ ۾ رحمت الله چاچڙ جا سور ڪيئن سلجن، صرف پندرهن ڏينهن ۾ ڪيمپ ۾ سندس اڳ ۾ ڪجهه مهينن جو پٽ گذاري ويو. اڃان ان جي ڏک ۾ گهر جي ڀاتين جا ڳوڙها ئي نه سڪا هئا ته، سندس ڇئن سالن جي نياڻي گيسٽرو جي ڏک ڳڙڪائي ڇڏي. اهو سور به نه ڇٽو هو ته، سندس ٽيون ٻار ڇهه سالن جي نياڻي پڻ نازڪ حالت ۾ آهي ۽ هو، اسپتالن توڙي رليف ڪئمپن ۾ قائم ميڊيڪل ڪئمپن مان سندس علاج ڪرائي ٿڪجي پيو آهي.

هي قصا نہ پر حقيقتون بلڪ قيامتون آهن. جيڪي غوث چاچڙ، رحمت الله ۽ نصيبان شيدڻ جيان هزارين نہ، پر لکين ماڻهن تي روزانو گذري رهيون آهن. ننڍڙن گلن جهڙن ٻارن جي جسمن تي چنبڙيل مکيون ۽ سندن ڦٽن مان نڪرندڙ رت ۽ پونءِ هانءُ ڏارڻ لاءِ ڪافي آهي. اسان جي انتظاميہ جي عملي وٽ اهڙين تباهين سان منهن ڏيڻ جي تربيت جي کوٽ ۽ رهي سهي قصر ڪرپشن جي ڪڍي ڇڏڻ ڪري حالتون سنگين کان سنگين پيون ٿينديون وڃن.

سکر شهر ۾ بيراج تان پاڻي ڪافي هيٺ لهي ويو آهي. سيلاب آيو ۽ گذري ويو. پر هاڻي مظلوم ماڻهن جي جيڪا ٻوڏ آئي آهي. اها گهٽ ٿيڻ واري نظر نہ پئي اچي. آرمي، نيوي ۽ ايئرفورس کان علاوه سرڪاري توڙي غير سرڪاري تنظيمن پاران نيون قائم ٿيندڙ ڪئمپن جو صاف مطلب ڪڍي سگهجي ٿو تہ ڪين اجا بہ متاثر اچڻ جي توقع، بلڪ پڪ آهي. معنيٰ ٽوڙي بند واري تباهي اجان وڌندي رهندي.

ائين بہ سنڌو درياهہ مٿي ۽ زمين هيٺ هجڻ ڪري درياهہ وارو ٻاهر نڪتل پاڻي درياهہ ۾ واپس نہ ايندو. جيترو پاڻي ڌرتيءَ کي پيئڻو هو. ان پي ڇڏيو. معنيٰ هاڻي صرف هڪ ئي رستو آهي تہ اهو پاڻي خشڪ ٿئي. اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو پاڻي خشڪ ٿيڻ ۾ ڪيترو وڏو ٽائيم لڳائيندو. معنيٰ متاثرين گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا تہ پنهنجي گهرن ڏانهن شايد ئي وڃي سگهن.





# ٻوڏ سبب تباهہ ٿيل سنڌ ۽ سرڪار جي ذميواري

## سوڀو گيانچنداڻي

ٽوڙي بند جي حوالي سان ڏسيندو هلان تہ ان لاءِ هڪ انگريز رٿ ڏني هئي تہ، ”سکر بئراج کي موجوده هنڌ تي ٺاهڻ بدران ٽوڙي بند وٽان ٺاهيو وڃي، جيئن درياءَ ۽ جبلن مان وهي ايندڙ نئين جو پاڻي مڪمل طور تي قابوءَ ۾ رهي ۽ اولهہ سنڌ کي سمنڊ تائين سرسبز بڻائي.“ ان انگريز جي رٿ کي نوابشاهہ، سانگهڙ ۽ ٻين اوپر وارن ضلعن جي انجنيئرن رد ڪيو. اهڙي طرح سکر بئراج تہ ٺهي ويو، پر اسان کي يعني اولهہ وارن کي امڪاني ٻوڏ کان بچاءَ جو ڪوبہ دڳ ٺهي ملي نہ سگهيو.

ياد پيو اچي تہ هڪ ڀيري سائين جي ايم سيد کان پڇيو هيم تہ ”عبدالستار پيرزادي گڊو بئراج رٿ تي ڇو زور ڏنو هو؟“ تہ سائينءَ وارڻيو هو، ”سکر کان مٿان وارا وڏيرا ڇتا ٿي پيا هئا ۽ چون پيا تہ اسانکي هر صورت ۾ سکر بئراج جهڙو بئراج ٺاهي ڏنو وڃي، جنهن ڪانپوءِ ئي گڊو بئراج ٺاهيو ويو.“

”Water water every where, but no a glass to drink“ . انگريزيءَ جي ان چوڻيءَ جو ترجمو ٿيندو، ”هر هنڌ پاڻي ئي پاڻي آهي، پر پيئڻ لاءِ هڪ گلاس بہ پاڻيءَ جو ڪونهي.“ اها چوڻي مونکي انڪري ياد پئي اچي، جو هندستان ۾ بہ اڄڪلهہ ٻوڏ آهي ۽ هزارين ماڻهو ان ۾ ٻُڏي رهيا آهن. بادلن مان وڄ پئي ڪري ۽ سوين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي چڪا آهن. ساڳي صورتحال پاڪستان جي ۽ خاص طور تي سنڌ جي بہ آهي.

جواهر لال نهرو وڏو عالم ماڻهو هو، جنهن دنيا جي مختصر تاريخ بہ لکي. هو جڏهن وزيراعظم هو تہ هڪ رٿ ڏنائين، جنهن کي پاڳل پٽي جي حد ڇئي رد ڪيو ويو. اُها رٿ اِها هئي تہ ”اتر هندستان ۽ پاڪستان جو پاڻي مڌيا پرديش جي چوڌاري ڦيرائي ڏکڻ هندستان تائين نجي، ۽ پوءِ ان مان واهہ ڪڍجن، جيڪي سڄي هندستان کي سرسبز ڪن.“ هو خواب ڏسندڙن شخص هو ۽ پڇاڙيءَ ۾جڏهن چين، هندستان تي حملو ڪيو تہ ان وقت هو بيهوش ٿي ڪري پيو هو ۽ سندس مٿو ”سِري ساشڻ“

۾ هيو ۽ ساڳي گهڙيءَ موت جي مُنهن ۾ هليو ويو.

”سري ساشڻ“ اها ورزش آهي، جنهن ۾ مٿو هيٺ زمين تي رکي، پير مٿي هوا ۾ لوڏبا آهن. اهڙيون ٻه ٽي ڪسرتون ان قسم جون ڪيون ويندڙيون آهن، جيڪي مون پڻ پنهنجي جوانيءَ وارن ڏهاڙن ۾ ڪيون هيون.

ته مون پئي چيو ته، جواهر لال نهرو هڪ خواب لهندڙ شخص هو ۽ اسان جو ايوب خان هڪ حقيقت پسند ماڻهو هو. چين طرفان هندستان تي حملي کان اڳ اُن جواهر لال نهروءَ کي گڏيل بچاءَ جي رٿ ڏني هئي، پر جواهر لال ڪيس وراڻيو هو ته، ”منهنجو ڪوبه دشمن ڪونهي.“

هتي اها ڳالهه ٻه ڪندو هلان ته، اها خبر ايوب خان کي ڪانه هئي ته، سندس پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽي جا لاڳاپا چين سان ايترا گهرا هئا، جو چين جي آسري تي پنهنجا ڏهه هزار فوجي ڪشمير ۾ بغاوت ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنا هئائين. پوءِ جڏهن لڙائي هلي ته هندستان جا جنرل پاڪستان پهچي ويا ۽ لاهور جا ڦيرا ڏئي وجهي پنهنجي فوجين کي لڙائيءَ لاءِ تيار ڪيائون. ڳالهه ايستائين وڌي وئي، جو ايوب خان نيٺ ڀٽي صاحب کي چئي ڏنو ته، ”هاڻِ ڀلا ڏي مُنهن.“ ڀٽي صاحب ايئرمارشل اصغر خان کي موڪليو ته چين سان ڳالهائي، ۽ چين وارن موٽ ۾ چيو ته، ”جي حڪم ڏيو ته سڌو ٿُبيٽ مان ڪشمير ۾ پهچون.“ ”ايوب خان ان تي سوچيو ۽ انديشو ڏيکاريائين ته، جي چيني هتي هڪ وار آيا ته انهن کي ڪيندو ڪير؟“

بعد ۾ هڪڙي ڳالهه ٻڌايانوَ، جنهن جو تعلق هن ڳالهه سان پڻ آهي ته، چيني جتي به ويا آهن، اتان ڪڏهن به موٽيا ناهن. ان سلسلي ۾ هڪ واقعو ٻڌايانوَ ته، هڪ ڀيري اسٽالن، مائوءَ کي چيو، ”اسان جو اوپر سائبيريا وارو علائقو واندو پيو آهي.“ مالوٽو، اسٽالن جو پرڏيهي سيڪريٽري هيو، تنهن اسٽالن کي خبردار ڪندي چيو ته، ”ڪامريڊ، چيني هڪ وار آيا ته انهن کي واپس ڪير موڪليندو؟“ ائين پوءِ اسٽالن ڪٽي ماٺ ڪئي. آمريڪا هڪ ڀيرو جيئن افغانستان جي چڪر ۾ ڦاسي چڪو آهي ته اتان نڪرڻ جي واهه ڪانه ٿي سُجهيس ۽ ڀيو ٿو پاڪستان مان ڪسرون ڪڍي.

هيلوڪي ٻوڏ برڪت چئجي يا سزا، جڏهن ته ان کان اڳ پنجاب، سنڌوءَ مان اسان جو پاڻي سينا زوري ڪري چورايو پئي ۽ ڪوبه ڪيس روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونه هيو. پوءِ جڏهن الله جي عدالت حرڪت ۾ آئي ۽ ڀناٽن کي ٻوڙڻ بعد پنجاب کي ٻه سٽڪو ڏنائين ته، ان ڪٽي سموري ٻوڏ جي پاڻيءَ جو رخ ورائي سنڌو درياءَ ڏانهن ڪري ڇڏيو. اِن وڏي پئماني تي ڀهتل پاڻيءَ لاءِ ڪن چيو پئي ته، ”هماليا جبل جون برفاني چوٽيون رِجيون آهن،“ ته ڪن پئي چيو ته، ”هندستان پنهنجي ٻوڏ جو پاڻي اسان ڏانهن موڪليو آهي.“ تازي صورتحال اها آهي ته، اتر اڪنڊ مان هندستان جا وهي ايندڙ درياءَ اڄڪلهه ڪنارا لوڙهي چوطرف ٻوڏ ئي ٻوڏ ڦهلايو بيٺا آهن.

پنهنجي ملڪ جو ۽ خاص ڪري سنڌ جو جائزو وٺجي ته، ٻوڏ کان بچاءَ جي





ڪابه واهه ڪونه هئي. درياءُ ايڏي جنون ۾ پئي آيو، جو ماڻهو ڏينهن رات پهرا ڏئي پنهنجن علائقن کي بچائڻ ۾ پورا هئا، تنهن هوندي به ٽوڙي بند کي جو گهارو پيو ته سنڌ جو هڪ وڏو حصو ٻوڙي، پاڻي اڇي منڇر ۾ پيو ۽ منڇر کي به ٻوڙي، ان جي زهريلي پاڻيءَ کي مٿو ڪري، ڪپر ۽ ڪنارا ڪوريندو ۽ وڏي تباهي ڦهلائيندو سنڌوءَ ۾ چوڙ پيو ڪري.

ٽوڙي بند جي حوالي سان هتي اوهان کي اها آگاهي به ڏسيندو هلان ته، ان لاءِ هڪ انگريز رٿ ڏني هئي ته، ”سکر بئراج کي موجوده هنڌ تي ٺاهڻ بدران اتان يعني ٽوڙي بند وٽان ٺاهيو وڃي، جيئن درياءَ ۽ جبلن مان وهي ايندڙ نئين جو پاڻي مڪمل طور تي قابوءَ ۾ رهي ۽ اولهه سنڌ کي سمنڊ تائين سرسبز بڻائي.“ ان انگريز جي رٿ کي نوابشاهه، سانگهڙ ۽ ٻين اوپر وارن ضلعن جي انجنيئرن رد ڪيو. اهڙي طرح سکر بئراج ته ٺهي ويو، پر اسان کي يعني اولهه وارن کي امڪاني ٻوڏ کان بچاءَ جو ڪوبه ڏڳ ٺهي ملي نه سگهيو.

ياد پيو اچي ته، هڪ ڀيري سائين جي ايم سيد کان پڇيو هيم ته، ”عبدالستار پيرزادي گڊو بئراج رٿ تي ڇو زور ڏنو هو؟“ ته سائينءَ وراڻيو هو، ”سکر کان مٿان وارا وڏيرا ڇتا ٿي پيا هئا ۽ چون پيا ته، اسانکي هر صورت ۾ سکر بئراج جهڙو بئراج ٺاهي ڏنو وڃي، جنهن ڪانپوءِ ئي گڊو بئراج ٺاهيو ويو.“ منهنجي خيال ۾ گڊو بئراج ئي بلوچستان جي جعفرآباد کي ٻوڙڻ جو زميوار يا ڪارڻ آهي ۽ اڄڪلهه جعفر آباد ۾ چوطرف پاڻي ئي پاڻي آهي.

موجوده حڪومت کي هتي ٻوڏ ڏاڍي مهانگي پئي آهي، ايتري قدر جو الطاف ڀائي ته غير جمهوري راڄ لاءِ بندوق بردارن کي دعوتون ڏئي رهيو آهي، ڇو ته ڪيس خوف آهي ته جيڪڏهن ٻوڏ ستايل لکين ماڻهو ڪراچيءَ ۾ مستقبل رهائش لاءِ پهچن ٿا ته، هُن جي من مانيءَ کي ٻنجو اچي سگهي ٿو.

مان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت کي پنهنجي طرفان اها تجويز ڏيان ٿو ته، اها ڪراچي ۽ حيدرآباد وچ ۾ هڪ ذوالفقارآباد نه، پر ٽي ذوالفقار آباد شهر ٺاهڻ جو اعلان ۽ انتظام ڪري، جنهن سان نه صرف ٻڏل ۽ لڙهيل سنڌين جي تباهيءَ جو ازالو ٿيندو، پر ان جو سڌو سنئون فائدو وري به موجوده حڪومت کي ئي ٿيندو ۽ ان جو ووٽ بئنڪ اڳي جي ڀيٽ ۾ گهٽو وڌي ويندو ۽ مهاجر پڻ ڏيهه واسين سان ڪير ڪنڌ ٽيڻ تي مجبور ٿيندا.

هيءَ ٻوڏ اسان لاءِ وڏا سبق ۽ امتحان کڻي آئي آهي، جنهن مان عقل سان پار پوڻ لاءِ اسان کي ڏاڍي خبرداريءَ سان سوچڻو ۽ هلڻو پوندو، نه ته ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ٻوڏ سڄي ملڪ کي هڪ نئون مُهين جو دڙو بڻائي ڇڏي.

# سنڌ جي تباهي: وفاق ڪٿي آهي؟

علي قاضي

اسان وٽ سنڌ لاءِ عالمي امداد جون صرف ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ٿي سگهي ٿو ته پنجاب ۾ ڪٿي عالمي امداد پهتي به هجي، پر سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان ٿي چڪو آهي. اسان وٽ اهو چيو پيو وڃي ته، ”عالمي ضمير ڪڏهن جاڳندو؟“ پر عالمي ضمير جڏهن جاڳي، ان کان اڳ ۾ ڏسجي ته اسلام آباد جو ضمير ڪاڏي ويو؟ وفاق ڪٿي آهي؟ خيبر پختونخوا ۽ پنجاب سميت سيني کي مدد ملڻ کپي ۽ سرڪار انهن ڏانهن به توجهه ڏئي، پر سنڌ ۾ تمام وڏي تباهي ٿي آهي. ان ڪري سنڌ، وفاقي سرڪار جي وڌيڪ توجهه جي گهرجائو آهي.

توڙي بند ٽٽڻ وقت اسان جي صحافي دوستن جڏهن خبرون ڏئي سنڌ واسين کي خبردار پئي ڪيو ته ان وقت چيو پئي ويو ته، ”ماڻهن کي پريشان نه ڪيو ۽ panic پيدا نه ڪيو،“ ۽ اسان سيني ڏٺو ته توڙي بند کان ڪاهي ايندڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ سبب تباهي ٿيندي رهي ۽ اسان رڳو ڏسندا رهجي وياسين، ته پوءِ اهي دعوائون خبر ناهي ڪيڏانهن ويون، جيڪي حڪمرانن ڪيون پئي ته ڪو مسئلو ناهي.

ٻوڏ ڪٿان اچي پئي؟ ڪيڏانهن ويندي ؟ ڪيترو نقصان ڪندي؟ اهي اندازا ۽ نقشا ڪڍڻ ڏاڍا سولا آهن، پر ٻوڏ وارن علائقن ۾ هزارين خاندان پريشان آهن. هر ڪٽنب جو ٻار گهر ڇڏڻ وقت پنهنجن رانديڪن کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندي گهر ڇڏيندو هوندو. هر گهر جو هر ڀاتي پنهنجو سر بچائڻ لاءِ تڙ تڪڙ ۾ نڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. اهڙي طرح هزارين ماڻهو پريشان آهن ۽ اهڙن علائقن جون هزارين ڪهاڻيون هونديون. اهو سڀڪجهه سرڪار جي ناقص مشينري جي ڪري ٿيو آهي، ڇاڪاڻ جو هِن وقت لڳ ڀڳ سموري سنڌ پريشان آهي. شهدادڪوٽ کان ٺٽي تائين اجا به خطرا موجود آهن، پوءِ به چيو وڃي ٿو ته خبرون هلائي ماڻهن کي پريشان نه ڪيو وڃي. هن وقت لڳي ٿو ته ٻوڏ متاثرن جو تعداد 40 لکن مان وڌي لڳ ڀڳ 50 لکن تائين پهچي چڪو آهي.

توڙي بند ٽٽڻ کان پوءِ ڪافي نقصان ٿيو آهي، پر اجا تائين چيو پيو وڃي ته، ”سروي ٿيندي ۽ پوءِ ڏسبو ته ڇا ڪرڻ گهرجي،“ پر اهو ڪنهن به ڄاڻڻ جي ڪوشش





ناهي ڪئي ته، اتي ڇا ٿيو؟ ۽ توڙي بند ڇو ٽٽو؟ ڪا خبر نٿي پوي. ٺٽي ۾ به ايئن ٿي ٿئي پيو. هتي به خبر نٿي پوي ته سورجاڻي بند جي ٽٽڻ وقت اتي مشينري ۽ عملو ڇو موجود نه هو؟ اتي شرپسندن جي ڪاررواين جون خبرون به آيون آهن. اکين ڏٺا شاهد شاهديون ڏين پيا، ڳوناٺا چون پيا ته مشين گهارو هنيو. اهي سڀ ڳالهيون تقاضا ڪن ٿيون ته ان جي ڪا اعتبار جوڳي جاچ ڪرائي وڃي. مون ٻڌو آهي ته ڪنهن مختيارڪار وٽ چار سوزوڪيون آيون، جن مان ٻه ڪو صاحب ڪاهي ويو ۽ ٻيون ٻه اچن پيون. اها حالت آهي سرڪار جي طرفان مهيا ٿيندڙ ٽرانسپورٽ جي سهولت جي. جڏهن ته ٻوڏ هيٺ آيل مختلف جاين تي ٻيڙيون به نه پيون پهچايون وڃن. ان سان مسئلا حل نه ٿيندا. ماڻهن کي ٽرانسپورٽ جي سخت ضرورت آهي ۽ ان ڏس ۾ اهي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٺٽي ۾ سامهون آيل صورتحال جي جاچ ٿئي ۽ ايم ايس بند کي لڳل گهاري جي ڪري ٿيندڙ تباهي ۽ هن کان اڳ ٿيل تباهي آبپاشي کاتي جي نااهليءَ ڪري ٿي آهي.

اسان وٽ سنڌ لاءِ عالمي امداد جون صرف ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ٿي سگهي ٿو ته پنجاب ۾ ڪٿي عالمي امداد به پهتي هجي، پر سنڌ لاءِ قيصر بنگالي چوي ٿو ته،” سنڌ جو ساڍا پنج سئو ارب رپين جو نقصان ٿيو آهي،“ پر نقصان ان کان وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو سنڌ سنڌ جو سمورو رائيٽ بينڪ تباهه ٿي ويو آهي ۽ هاڻي ٺٽي جو وارو آهي. هوڏانهن دادو ضلعو ۽ منڇر ڏانهن ايندڙ پاڻي ڪهڙا نتيجا ڏيندو؟ اهو اجا ڏسڻو آهي. اسان وٽ اهو چيو پيو وڃي ته، ”عالمي ضمير ڪڏهن جاڳندو؟“ پر عالمي ضمير جڏهن جاڳي، ان کان اڳ ۾ڏسجي ته اسلام آباد جو ضمير ڪاڏي ويو؟ وفاق ڪٿي آهي؟ خيبر پختونخوا ۽ پنجاب سميت سيني کي مدد ملڻ کپي ۽ سرڪار انهن ڏانهن به توجهه ڏئي، پر سنڌ ۾ تمام وڏي تباهي ٿي آهي. ان ڪري سنڌ، وفاقي سرڪار جي وڌيڪ توجهه جي گهرجائو آهي.

اهو ائين آهي جيئن ڪنهن ڊاڪٽر وٽ چار مريض داخل هجن ۽ انهن مان هڪ کي بخار، هڪ کي مٿي ۾ سور، هڪ کي ڪا ٻي تڪليف ۽ هڪ انتهائي نازڪ حالت ۾ هجي، ته ڊاڪٽر ان مريض ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيندو، جنهن جي زندگي وڌيڪ خطري جي ور چڙهيل هوندي. ساڳئي نموني وفاقي سرڪار توڙي سنڌ سرڪار کي سنڌ ۾ ٻوڏ جي تباهين کي روڪڻ ۽ متاثر ماڻهن جي بحاليءَ ڏانهن توجهه ڏيڻ کپي. ڇاڪاڻ جو ٻين صوبن ۾ ته ٻوڏ بند ٿي وئي آهي، پر اها سنڌ ۾ جاري آهي.

اسان وٽ گولي غلام واري صورتحال هئي. اڄ مس مس سنڌ حڪومت ڊونرس ڪانفرنس سڏائڻ جو اعلان ڪيو آهي. پختونخوا اهڙي ڪانفرنس ڪرائي چڪو آهي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ حڪومت سان ان جي capacity جو مسئلو آهي، پر سنڌ حڪومت کي وفاق جي هدايت جو انتظار ڪرڻ بجاءِ لکين ماڻهن کي آٿت

ڏيڻ گهرجي ۽ اڳتي وڏي ڪين ڪاڏ خوراڪ ۽ ضرورت جي ٻين شين جو بندوبست ڪري ڏيڻ گهرجي. ماڻهو اهو به صحيح ٿا چون ته ”آفيسر اي سي ڪمرا ڇڏي ٻاهر نڪرن.“ ائين ٿيڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو مسئلو واقعي سنگين آهي، پر اهڙي ڪوشش ٿيندي نظر اچڻ گهرجي. باقي اهو چئي ڇڏڻ ته مريض تمام گهڻا آهن ۽ اسان وٽ ايترا ڊاڪٽر ڪونهن يا لکين ماڻهو آهن. اُنهن کي ماني نٿا ڪارائي سگهون يا گهارو بند ڪرڻ وس جي ڳالهه ناهي. ائين چئي بس ڪري ويهي رهڻ مناسب ناهي.

اهو نه سمجهيو وڃي ته هيءَ ٻوڏ ڏهه پندرهن ڏينهن هلندي، پوءِ معاملو ٺيڪ ٿي ويندو. اهو صحيح ناهي. انهن ڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ ٻيون ٻوڏون اينديون. سماجي ۽ معاشي مسئلا ڪُر ڪڍندا. تنهنڪري سنڌ حڪومت کي هاڻي اهو نه ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙو وزير ڪنهن جي پرچيءَ تي آيل آهي، ڇاهي ڪهڙي به پرچيءَ تي آيل هجي، پر هر وزير کي ڪارڪردگي جي بنياد تي پرکيو وڃي ۽ جيڪو ڪم نٿو ڪري، ان کي هٽايو وڃي. ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ ۽ سندن بحالي وارو معاملو به اڃا رهيل آهي. اها ساڳي مشينري ان دوران به ڪم ڪندي، جنهن جا حال هن وقت ڏسون پيا. هن ٻوڏ کان پوءِ جيڪا سنڌ جڙندي، ان سنڌ جا ماڻهو پنهنجو ووٽ پوتار کي ڏسي ڪونه ڏيندا، پر ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ووٽ حاصل ڪري سگهبا. اسان جيڪا تبديليءَ جي ڳالهه پئي ڪئي، اُها هاڻي هنن حالتن کي ڏسي ماڻهن کي سمجهڻ گهرجي. ان ڪري پوتارن کي اڳتي وڏي مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي. هر ڪيمپ تي وزير جو هجڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ جو مختيارڪار يا ڊي سي او جو محدود اختيار آهي ۽ وزير ڪيمپ تي هوندو ته ميڊيا وارا ۽ ٻيا واسطيدار ان سان ڳالهائي سگهندا ۽ هو موقعي تي مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

اها ڳالهه به درست آهي ته ٻوڏ قدرتي آفت آهي، جنهن کي نٿو روڪي سگهجي، پر ڪئمپن ۾ ڦهليل بيمارين جي ٻوڏ ته روڪي سگهجي ٿي، جتي به غير سرڪاري طور ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪئمپون قائم ڪيون آهن، اتي منظم نموني ڪم ٿئي پيو، پر جتي سرڪاري ڪئمپون قائم ٿيل آهن، اتان دانهون اچي رهيون آهن. آئون ڪراچيءَ جي هڪ ڪئمپ ۾ ويس، اتي زمين تي پيل پٿرن جي ڪري مان انهن پٿرن تان هلي نه پئي سگهيس، ته پوءِ اُتي ٻار، عورتون ۽ مرد ننڊ ڪيئن ڪندا هوندا؟ جنهن زمين تي پنڌ هلي نه سگهجي، جتي پٿر پيل هجن، اتي چادر وجهي ڪيئن آرام ڪري سگهبو؟ هن وقت ماڻهو اهڙين حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، جتي جانور به نه رهي سگهن. سنڌ ۾ آيل ٻوڏ کان محفوظ گهراڻا اڳتي وڌن ۽ ٻوڏ ستايل ماڻهن جي مدد ڪن. جيڪڏهن هڪ گهراڻو هڪ ٻوڏ ستايل گهراڻي جي مدد ڪري ته، اهڙي نموني سمورن ٻوڏ ستايل خاندانن جي سهائتا ٿي سگهي ٿي ۽ سنڌ واسي هڪٻئي سان جڙي سگهن ٿا ۽ ڪين جڙڻ گهرجي.





# ڇا سنڌ ”جوهي“ ڪانءَ سگهي ٿي؟

جوهي شهر هوندئن ته قومي ۽ ڪاڇي ڌر جي ڪارڪنن جي حوالي سان ۽ بعد ۾ اخباري ڪارڪنن ۽ اين جي اوز جي تعارف سان سڄي سنڌ ۾ سڃاتو ويندو هو، پر تازي ٻوڏ ڪيس هڪ نئون تعارف ڏيئي وئي آهي. هڪ باغي شهر جو تعارف، بغاوت روايت کان انڪار جو نالو آهي. سنڌ جا ڪمزور شهر ٻوڙڻ جي روايت تازي ٻوڏ وڏي جوهي هڪ ننڍڙڪو شهر، جنهن جا چونڊيل نمائندا به مقامي ڪو نه هئا. تنهن ٻڏڻ جي روايت کان انڪار ڪيو ان انڪار کان اڳتي اها تاريخ آهي، جيڪا ان شهر پاڻ پنهنجي لڦون پيل هٿن سان لکي سنڌ کي اهو اتساهه ڏنو ته سنڌ جو هي نسل پنهنجي تقدير جو پاڻ مالڪ ٿي سگهي ٿو.

ٽوڙي بند کي ڪاٽ هڻي نڪتل پاڻي ٻوڙان ٻوڙ ڪندو سيپٽمبر جي پهرين تاريخن ۾ جوهي جي بچاءُ لاءِ ٺاهيل اوڏڪي پٽ جهڙي رنگ بند کي لڳو ته هڪ پاسي سنڌ حڪومت کي پاڻيءَ جي ماهرن تي صلاحون ڏيندڙ ادريس راجپوت ڪاوش اخبار ۾ ڪالم لکيو ته ”جوهي ٻڏي ئي ٻڏي“ ٻئي طرف سنڌ جي وزيراعليٰ جوهي کي ٻڏڻ کان بچائي نه سگهڻ جو اعلان ڪندي جوهي واسين کي سر بچائي پڇڻ جي صلاح ڏني. جوهي مان چونڊيل ايم اين اي ڪين شهر خالي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي جوهي جي رنگ بند تي ڪم ڪندڙ ٻه چار سرڪاري ٽريڪٽر به پڇائي ڇڏيا، پر اڄ ٽي هفتا گذرڻ کان پوءِ به جوهي ٻڏڻ لاءِ تيار ناهي. آبپاشي جا اڪابر ۽ سرڪاري ڪارندا هاڻ ڪين خراج تحسين موڪلي پنهنجي عقلي ڪوتاهي جو اعتراف ڪن ٿا. سنڌ ٻوڙائي ناس ڪندڙ حڪمرانن کان هاڻ هر جاءِ تي اهو سوال ٿئي ٿو ته جڏهن جوهي شهر کي اتان جا ماڻهو خالي هٿين بچائي سگهن ٿا ته پوءِ باقي سنڌ کي اوهان ڪروڙين رپين جي بجيٽ هوندي ڇو نه بچائي سگهيا؟

جوهي شهر کي بچائڻ ۾ ڪي به ڪوهه قاف جا جن ۽ پريون نه، پر عام انسان وارا ڪردار هئا. جن سان اسان روزمره جي زندگي ۾ ملون ٿا. ڊاڪٽر، ماستر، صحافي، سياسي ڪارڪن، دڪاندار، هاري، مزدور ۽ بي روزگار نوجوان، ڪين سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ هڪ مقصد ته پنهنجو شهر پاڻي کان بچائڻو آهي، گڏ ڪيو ۽ ڪين حڪومت جي هٿ ڪڍي وڃڻ کان پوءِ يتيمي جي احساس پاڻ تي اعتماد

ڪرڻ ۾ پاڻ تي پاڙڻ سيکاريو.

ان لمحي کان اڳتي جيڪو ٿيو تنهن سنڌ جي هڪ نئين تاريخ جوڙي ڇڏي آهي. جوهي کي حالت جنگ ۾ جنهن نه ڏنو تنهن زندگيءَ ۾ ڪجھ ناهي ڏٺو.

اجگر پاڻي، جهن اڌ سنڌ ٻوڙي منڇر سان ملڻ لاءِ جوهي جو ڏگ ورتو، تنهن کي جوهي ان ريت رستو ڏنو ته پنهنجي بچاءَ لاءِ اتر ۽ اوير ۾ بند ٻڌي، ان تي ڏينهن رات ايئن پهر ڏنا، جيئن نيرون ڪوٽ وارا دشمن لشڪر جي حملي کان پوءِ قلعي ۾ پناهه وٺي قلعي جي برجن تي نه رڳو اوجاڳا ڪري پهرا ڏيندا هئا، پر ان کي هر لمحي مضبوط به ڪندا هئا. اهو بند، جيڪو سيپٽمبر جي ٽين تاريخ، جڏهن ٻوڏ جو پاڻي جوهي جي اوير پاسي کي لڳو، اوڏڪي پٽ مثل، ڪي به چار فٽ متانهون هو، سو اڄ درياهه جي پاڻي کي روڪڻ جيترو اوچو ۽ متانهون ٿي چڪو آهي، اوهان يقين ڪريو ته اهو بند ناهڻ لاءِ جيڪڏهن آبپاسي کاتي کي چئجي ها ته اهي سرڪار تي به چار ڪروڙ رپين جو بل ڪڍن ها.

جوهي جي شهرين کي ان بغاوت جي سزا سرڪار پاران ان ريت ملي رهي آهي ته اڄ به جوهي شهر جو ٻاهرين دنيا سان رابطو سواءِ ٻيڙين جي ٻيو ڪونهي- شهر ۾ ڪاڌي جي شين جي ڪوٽ آهي. ٻيڙي وارا مهاڻا جوهي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ من پسند ڀاڙو وٺن ٿا. جوهي شهر ۾ سرڪاري ڪاڌ خوراڪ جو ٺيڪو جنهن مختيارڪار حوالي هو، تنهن جو شمار انهن ڪامورن ۾ ٿيندو آهي، جن جي گهرن ۾ پگهار مان ڪُني چڙهڻ تي گهر ڀاتين کي دست الٽيون ٿي پونديون آهن.

جوهي سنڌ جي ڪنهن به شهر کان مختلف ڪونهي- نه ئي اتان جا ماڻهو باقي سنڌ کان نرالا آهن- سواءِ ان جي ته سياسي شعور رکندڙ، هيٺين وچولي ڪلاس جي ان شهر ”پاڻ کي سجاڳي ورتو“ ڪين پنهنجي اندر ۾ لڪل ان سگهه ڳولي لهڻ ۾ هڪ ته پاڻي جي للڪار مدد ڪئي ٻئي چونڊيل نمائندن پاران ٿيل دغا. اڄوڪي سنڌ ڪٽي ٻوڏ جي پاڻي نه سهي، پر ان جهڙن ٻين انيڪ خطرن جي ور چڙهيل آهي. متان ڪين منزل جي راهبرن رڻ ۾ رلائي ماريو آهي. اڄوڪي سنڌ جيڪڏهن پاڻ سجاڳي. پاڻ تي اعتماد ڪري، پنهنجي تاريخ پاڻ لکڻ لاءِ تاريخ جي بي رحم وهڪري ۾ لڙهي وڃڻ بجاءِ بند ٻڌي ٻيهي رهي ته سنڌ ايئن ئي بچي سگهي ٿي. جيئن جوهي تري پار ٿي آهي.

اچو ته اسان اڄوڪي سنڌ جي هيروز کي ڪن ديومالائي ڪهاڻين بجا روزمره جي ننڍڙين نيڪين ۽ ڪامياٻين ۾ ڳولڻ شروع ڪيو- اوهان ڏسندئو ته اوهان تي صبح جي هير جهڙي فرحت ٻري اميد جا تاڪ کلڻ لڳندا ته ها، اسان سنڌ نه رڳو بچائي سگهون ٿا، پر ان کي پنهنجو قابل فخر تعارف به بڻائي سگهون ٿا.

سال 2010ع کان پوءِ جوهي جو نالو سنڌ جي تاريخ جي انهن جنگن جي ميدانن جيان ورتو ويندو، جتي سنڌي لشڪر ايرانين، عربن، مغلن، ترخانن ۽ انگريزن سان چوٽون ڪاڏيون- ۽ پنهنجي تاريخ جوڙي!





# ٻوڏ کان پوءِ تبديل ٿيل سنڌ

علي قاضي

ڪجھ ٻين بيمارين مان هڪ بيماري، جنهن جو نالو Herpes zoster (هرپيس زوسٽر) آهي. اها ڪنهن ماڻهو کي تڏهن ورايو وڃي، جڏهن انسان جو Immune system (مدافعاتي نظام) ڪمزور ٿيو پئي. ڊاڪٽرن چواڻي ته ان بيماري جو وائرس انسان جي اندر سالن يا ڏهاڪن تائين موجود هوندي به انسان کي تيستائين بيمار نٿو ڪري، جيستائين ان ماڻهو جو مدافعاتي نظام ڪمزور نٿو ٿئي. ان بيماري ۾ جسم جي ڪجھ حصن تي داڻا ٿيڻ سان گڏ شديد سور به ٿئي ٿو ۽ ڪا به دوا وٺو، پر اها بيماري 21 ڏينهن پنهنجو مدو پورو ڪري ختم ٿئي ٿي. انسان جو مدافعاتي نظام ڪمزور ٿيڻ جي ڪيترن ئي سببن مان به اهم ڪارڻ گهٽ غذائيت واري ڪاڌ خوراڪ ۽ گهڻو ذهني دٻاءُ، ٽينشن، پريشاني وغيره ٻڌايا وڃن ٿا. ان بيماري جو ذڪر صرف ان ڪري نه پيو ڪريان. جو اهو مضمون لکڻ مهل آئون پاڻ گذريل ڇهن ڏينهن کان ان بيماري ۾ ورتل آهيان پر ڏٺو وڃي ته سڄي سنڌ ۾ اهڙي ئي بيماري سبب شديد تڪليفون ۽ سور برداشت ڪري پئي. چاڪاڻ ته ڏهاڪن کان موجود سنڌ جي اقتداري توڙي انتظامي نظام کي ڪرپشن ۽ خراب حڪمراني ايترو ته ڪوڪلو ڪري ڇڏيو هيو ۽ ان جو مدافعاتي نظام ايترو ته ڪمزور ٿي ويو هيو جو درياهه ۾ آيل وڏي وهڪري سنڌ جي سڄي وجود کي ان بيماري ۾ وڪوڙي ڇڏيو آهي ۽ الميو اهو آهي ته ماڻهو کي ته اها بيماري 21 ڏينهن ۾ پاڻمرادو ڇڏي ويندي آهي. پر سنڌ کي ان بيماري جا اثر سالن جا سال رهندا ۽ بيماري جو ڪارڻ يعني مدافعاتي نظام جي ڪمزوري، يعني خراب حڪمراني به الائي ڪيترو عرصو اڃان باقي رهندي؟ آئون پهرين ڏينهن کان اهو چوان ٿو ته سنڌ ۾ آيل تازي تباهي درياهه ناهي آندي، بلڪ ڪمزور بندن آندي آهي ۽ ڪمزور بندن جو ذميوار آبپاشي کاتو آهي ۽ آبپاشي کاتي جي خراب ڪارڪردگي معنيٰ خراب حڪمراني، ساڳئي ريت جيڪي سوين ٻوڏ متاثر گيسٽرو يا ٻين بيمارين سبب فوت ٿيا آهن. يا بيمار ٿيا آهن ته ان جو ذميوار درياهه ڪيئن ٿيو، بلڪ ان جو ذميوار صحت کاتو آهي. يعني حڪومت آهي، بلڪل ائين ئي جيڪڏهن ماڻهو ٽرانسپورٽ نه هجڻ سبب دربدر آهن يا ڪاڌ

خوراڪ لاءِ پريشان آهن ته ان جو ذميوار درياهه ڪيئن ٿيو. ان جي ذميوار ضلعي انتظاميه آهي، يعني خراب گورننس/ حڪمراني.

هرپيس زوسٽر جي بيماري به ماڻهو جي ڪاٻي يا ساڄي يعني ڪنهن هڪ پاسي کي متاثر ڪندي آهي ۽ هن مهل سنڌ ۾ به پاڻ کي وڏيڪ تباهي درياهه جي ساڄي پاسي تي ٿيندي نظر آئي آهي. پر جيئن ته مٿي چئي آيو آهيان ته ماڻهو هجي يا صوبو يا ملڪ جيڪڏهن ان جو مدافعاتي نظام ڪمزور، هوندو ته پوءِ ڪو وائرس، ڪا ٻوڏ يا ٻئي قدرتي توڙي هٿ سان آندل آفت سڄي وجود کي شديد سور ۽ تڪليف ۾ وجهي ڇڏي ٿي. اسان کي سنڌ ۾ امن و امان جي خراب حالت، برادرين جا جهيڙا، شهرن ۾ ٽارگيٽ ڪلنگز، ميرٽ جي لتاڙ، انصاف ملڻ مهانگو ۽ مشڪل، ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن وغيره غرض ته خراب سياسي ڪلچر سبب، خراب حڪمراني سبب ڏهاڪن کان هلندڙ معاملا اهي واضح علامتون هيون، جن ظاهر پئي ڪيو ته اسان جي حڪومتي سرشتي جو مدافعاتي نظام بنهه ڪمزور ٿي چڪو هيو/ آهي جنهن بابت رڙيون دانهون ڏهاڪن کان ڪيون پئي ويون، پر ان کي ”مخالفن“ جي ”اجائي تنقيد“ جو نالو ڏئي ڪنهن به نه ٻڌو ۽ نيٺ ٽوڙي بند ۽ پوءِ ٿُٽي جي بندن جي گهارن آڏو اهو حڪومتي مدافعاتي نظام ائين ڍهي پيو، ڄڻ اهو ڪڏهن هوئي نه!! جيڪي دوست مون سان ورهين کان اهو بحث ڪندا هئا ته سنڌ جي سورن جو حل سٺي حڪمراني ناهي. منهنجو خيال آهي ته 50 لک کان وڌيڪ سنڌ واسين جي دربدري، لکين گهرن جي ڍهڻ، ڪربين رپين جي پراپرٽي جي ٿيل نقصان، سوين ماڻهن جي بيمارين وگهي فوت ٿيڻ کي ڏسي شايد هاڻ ڪين به چٽي ريت سمجهه ۾ اچي ويو هوندو ته جڏهن سياسي ڪلچر ۾ تبديلي وسيلي سٺي حڪمراني لاءِ دانهون ڪبيون هيون ته ان جو مطلب ڇا هيو؟ جيڪڏهن اجان به ڪو خدا جو بندو اهو چئي ته تباهي وڏي ٻوڏ سبب ٿي آهي ۽ ان جو خراب حڪمراني سان ڪهڙو تعلق؟ ته ان الله جي نيڪ بندي لاءِ گذارش اها آهي ته ٽوڙي يا ٿٽي جا بند ان ڪري ٽٽا جو انهن جي ڏهاڪن کان ڪنهن به سار نه لڌي هئي. ظاهر آهي ته انهن جي سار سنڀال جو ڪم آبپاسي کاتي جو هيو، سو انهن بندن جو ٽٽڻ ظاهر آهي اسان جي خراب حڪمراني جو نتيجو هيو، ساڳئي ريت ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ٻيڙين جي اڻاٺ يا ٽرانسپورٽ جي اڻ هوند يا ٻوڏ هيٺ آيل شهرن مان ڦرلٽ يا مرضن جي ور چڙهيل ماڻهن جي علاج ۾ ڪوتاهي يا ڪاڌ خوراڪ جي ڪوٽ غرض ته اهو سڀ ڪجهه ظاهر آهي ته خراب گورننس جي ڪري ئي ٿيو آهي. ڇاڪاڻ ته ڏهاڪن کان اسان جي سرڪاري مشينري ڪرپشن، سياسي پسند ناپسند، ميرٽ جي لتاڙ، پڇاڙي جي کوٽ وغيره سبب ايتري زنگيل ۽ فرسوده ٿي چڪي هئي. جو ايتري وڏي چيلينج کي منهن ڏيڻ جي قابل ئي نه هئي.

ان پاڻي جي ٻوڏ جتي لکين ماڻهن کي بي گهر ڪيو، سندن الهه تلهه لوڙهي





ڇڏيو، پنهنجن جو وڇوڙو ڏيکارڻ سان گڏ ڏکن ۽ تڪليفن جي هزارين قصن کي جنم ڏنو، اتي ئي ماڻهن منجهه سٺي ۽ خراب حڪمراني بابت شعور چٽو ۽ واضح ڪري ڇڏيو آهي ۽ گڏوگڏ برادرين جي نالي ۾ پوتارن پاران پيدا ڪيل نفرتون به اها ٻوڏ پاڻ سان لوڙهي وئي آهي ۽ گڏوگڏ ووٽ وٺي وڏن شهرن ۾ پنهنجن وڏن بنگلن ڏانهن روانو ٿي ويندڙ پوتار جڏهن هن ڀيري به بي يارو مددگار لکين ماڻهن کي ٻڏندي ڇڏي تڪڙ ۾ انهن علائقن، ڳوٺن ۽ شهرن کي ڇڏي ڀڳا، جن علائقن کي هو پنهنجي جاگير ۽ اتي رهندڙن کي پنهنجو راڄ، برادري وغيره سڏيندا هئا ته هاڻ ماڻهن کي اها پڪ ٿي وئي ته جنهن کي هو پنهنجو پوتار سمجهندا هئا. اهو ان ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ ساڻن ڪو نه بيٺو، ان ٻوڏ جتي صدي جي وڏي ۾ وڏي تباهي آندي، اتي ئي ان ٻوڏ ماڻهن جي تمام وڏي انگ جي ذهنن ۾ ڏهاڪن کان موجود ان فرسوده سياسي توڙي حڪومتي نظام بابت خوشفهميون به لوڙهي ڇڏين آهن ۽ گڏو، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج مان 10 کان 12 لک ڪيوسڪ جي غير معمولي سطح جي وهڪري ماڻهن جي سوچڻ ۽ شعور جي سطح ۾ به غير معمولي طور اضافو ڪيو آهي ۽ هينئر ظاهر آهي ته ماڻهو پنهنجي افراتفري ۽ دربدري ۾ ورتل آهن. پر پاڻ سڀ ڏسنداسين ته وقت سان گڏ ماڻهن جي شعور جي مٿي آيل ٻوڏ ۾ هي روايتي، بلڪ فرسوده سياسي ۽ انتظامي سرشتو لڙهي ويندو، هتي اها وضاحت ڪندو هلان ته ظاهري طرح ٻوڏ درياهه جي ساڄي پاسي وارن علائقن کي وڌيڪ نقصان پهچايو آهي، پر سنڌو درياهه جي کاٻي پاسي رهندڙن به پنهنجن سنڌ واسين سان ٿيندڙ ان الميي کي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي ۽ کين اها ڄاڻ آهي ته اڄ ساڄي پاسي آهي ته خدا نه ڪري سڀاڻي هي يا اهڙي ٻي ڪا آفت اتي به اچي سگهي پئي، سو ائين چئجي ته قطعي غلط نه ٿيندو ته اسان مان هڪڙن اها آفت پاڻ پوڳي سڪيو آهي ۽ ٻين ڏسي سڪيو آهي.

تبديلي جي حوالي سان ورهين کان لکيل پنهنجين لکڻين ۾ اڪثر وقت تي زور ڀريندو هيس ته اسان وٽ وقت گهٽ آهي، ظاهر آهي ان مهل مون کي اها ڄاڻ ته نه هئي ته ڪو ٻوڏ ايندي ۽ اسان جا بند ٽٽڻ سبب ايڏو وڏو الميو جنم وٺندو. پر اها حقيقت پڌري پٽ هئي يا چئجي ته سامهون پٽ تي لکيل نظر آئي پئي ته اسان جي فرسوده سياسي ڪلچر مان جنم ورتل خراب حڪمراني ڪنهن به سياسي، معاشي، انتظامي آفت يا مشڪل يا چئلينج کي منهن ڏيڻ جي قابل نه رهي آهي ۽ اهو سمجهڻ ان ڪري ڏکيو نه هيو ته عام حالتن ۾ به اسان جي حڪومتي/ انتظامي مشينري جا افعال پاڻ سڀ ڏسندا آيا آهيون، سو ظاهر آهي ته غير معمولي حالتن ۾ اها مشينري ڇا پئي ڪري سگهي؟ مثال طور پاڻ ڏٺو آهي ته سوڪهڙي واري موسم ۾ ڪئنالن يا بندن کي گهارا لڳيو وڃن ته پوءِ وڏي ٻوڏ ۾ گهارا نه لڳڻ ڪيئن ممڪن هيو؟ عام حالتن ۾ صحت کاتي جي ڪارڪردگي پاڻ سڀني آڏو رهندي آئي آهي ته پوءِ غير معمولي صورتحال ۾ ان کان ڪنهن بي مثال ڪارڪردگي جي اميد ڪئين پئي رکي سگهجي؟ ساڳئي

ريت امن و امان هجي يا رليف جو ڪم روينيو کاتي کي ڏنل هجي. انهن سڀني جو حال اڳ ۾ ئي پاڻ کي سجهي پيو، سو هاڻ ڇا توقع ڪجي ها؟ سو جڏهن لکندو هيس تہ وقت گهٽ آهي تہ سئو سيڪڙو اها پڪ نہ هئي تہ آفت جي نوعيت ڇا هوندي، پر اها پڪ ضرور هئي تہ اسان جي ڏهاڪن کان تيزي سان خراب ٿيندڙ گورننس ڪنهن بہ آفت کي منهن نہ ڏئي سگهندي. تنهن ڪري ڪنهن وڏي تباهي کان اڳ تبديلي آڻجي.

اڳ ۾ تبديلي پسند جو وڏو انگ اسان جي وڏن، ننڍن شهرن، ٽائونز، وڏن ڳوٺن ۾ پيدا ٿي رهيو هيو، پر هاڻ ان ٻوڏ يقينن انهن ننڍين وسندين ۽ ڪچي جي ڳوٺن ۾ رهندڙن تائين تبديلي جي خواهش کي شديد انداز ۾ اڀاريو هوندو. جنهن تائين ميڊيا جي بہ رسائي نہ هئي ۽ آئون وري چوان پيو تہ اها هڪ ٻوڏ جي تباهي پاڻ پوڳي آهي، بلڪ پوڳيون پيا، پر ايندڙ سال (خدا نہ ڪري) وري درياهہ ۾ ٻوڏ اچي پئي سگهي، سياڻي شهرن ۾ دهشتگردي جي ٻوڏ، وبائي بيمارين جي ٻوڏ، سنڌ کي ورهائڻ جي سازش جو زلزلو، مهانگائي جو طوفان، غرض تہ آفتون، مصيبتون، ٻوڏون ڪهڙيون بہ هجن، اهي تڏهن ئي وڏيڪ هاڃيڪار ثابت ٿين ٿيون، جڏهن اسان جو مدافعاتي نظام ڪمزور هجي، يعني خراب گورننس هجي، خراب سياسي ڪلچر هجي، سو تبديلي پسندن وٽ وقت سوڙهو ٿيندو پيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ وقت بہ درياهہ جي پاڻيءَ جيان ڪنهن جي عمل جو انتظار نہ ڪندو ۽ جيڪڏهن ان کي سولو رستو نہ مليو تہ هو پنهنجو رستو پاڻ ٺاهي وٺندو آهي، ساڳئي ريت اڄ جنهن نئين سنڌ ۾ اسين رهون پيا، جنهن ۾ ماڻهن جي سوچ ۽ جذبن جو وهڪرو تمام مٿانهين درجي تي ويهي رهيو آهي، جيڪڏهن تبديلي پسندن ان کي بروقت صحيح رستو نہ ڏنو تہ اهو وهڪرو بہ بندن کي ٽوڙي وڏي تباهي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو.

گذريل سال اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ هڪ ٻئي جي پويان بہ مضمون ”وقت جي ٽڪ ٽڪ“ ۽ ”جاڳندا رهجو“ ۾ وقت جي اهميت تي زور ڀريو هيم ۽ اڄ ٻوڏ جي تباهہ ڪاري کان پوءِ ڪا ڊگهي ڳالهہ ڪرڻ بدران صرف ان ساڳئي نقطي تي زور ڏيان پيو تہ سنڌ واسي گهڻو ڪجهہ وڃائي چڪا آهن ۽ ان کان اڳ جو (خدا نہ ڪري) وڃائڻ لاءِ باقي ڪجهہ بہ نہ بچي تبديلي پسند ماڻهو عملي طور ڪردار ادا ڪن، جيئن سنڌ واسين جي شعور ۽ جذبن جون موجون هٽندر درياهہ خير خوبي سان تبديلي جي سمنڊ تائين پهچي ۽ اسين هڪ خوشحال سنڌ ۾ رهي سگهون، جنهن ۾ جيڪڏهن سياڻي وڏي موجن سان سنڌو درياهہ اچي تہ سنڌ واسي پريشاني ۽ خوف ۾ وٺجڻ بدران يا بندن تي ڊپ وچان راتيون گذارڻ بدران درياهہ ڪناري پڪنڪ ڪندي، درياهہ جي موجن جو مزو وٺندي ٽي وي اسڪرينز تي نظر اچن ۽ اهو سئو سيڪڙو ممڪن آهي ۽ جڏهن لکين، ڪروڙين سنڌ واسي اهو عزم ڪري ميدان عمل ۾ آيا تہ ڪين تبديل ٿيل سنڌ ڪيپي تہ انشاءَ الله اسين پنهنجين اکين سان اها ڏسنداسين. (آمين)

Sindhica Academy



# ڇا سنڌ سرڪار وٽ ٻوڏ سٽيلن جي بحاليءَ لاءِ ذريعا ڪونهن؟

**بئريسٽر ضمير گهمرو**

فرانس جي بادشاهہ لوئي پندرهن (Louis-xv چيو هو تہ After me, the deluge ) مون کان پوءِ وڏي ٻوڏ ايندي. هن جو چوڻ هو تہ مان رياست آهيان ۽ مون ڪانسواءِ ملڪ ۾ انڌيرو ڇانئجي ويندو. لوئي پندرنهن جي 1710ع کان 1774ع تائين جي چوهٺ سالا اقتدار فرانس کي کوکلو ڪري ڇڏيو، فرانس افراتفري ۽ ڀيچ ڊاهہ جو شڪار ٿيو، نتيجي ۾ ٺيڪ 15 سالن کان پوءِ 1789ع ۾ فرانس ۾ وڏو انقلاب برپا ٿيو، جنهن سڄي يورپ کي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو. لوئي پندرهين جا 64 سال ۽ هن ملڪ جا 63 سال تقريبن ساڳيو عرصو آهي، فرانس ۽ موجوده پاڪستان جي سماج ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي. اتي بہ عوام تي ڳري کان ڳرا ٽيڪس لڳل هئا. سرڪاري عهدا وڪرو ٿيندا هئا ۽ هينئر هن ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ بہ وڪرو ٿي رهيا آهن. خراب حڪمراني، بدعنوانين ۽ ابتر معاشي صورتحال جي ڪري بدعنوان عنصرن تي تہ ڪا آفت نہ آئي، پر فرانسيسي انقلاب جي ابتر اها آفت وري بہ عوام تي آئي، سنڌ جا لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ ماڻهو هترادو گهارا هٽڻ جي ڪري پنهنجن اجهن کان محروم آهن، بک ۽ بدحالي توڙي بيماريون ڪين ورائي ويون آهن. ڀهريون دفعو هو بدتر سرڪاري ڪيمپن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا آهن. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ بااثر ماڻهن سکر کان لاڙڪاڻي تائين پنهنجون زمينون ۽ ڪارخانا بچائڻ لاءِ ڪيترا گهارا هٽايا آهن ۽ سکر ۽ گدو بيراجز تي پاڻي لهڻ باوجود ٺٽي کي بہ بچائي نہ سگهيا آهن. جنهن مان سنڌن انتظامي اهليت پلي پٽ ظاهر ٿي پئي آهي. هاڻي وڏو اشو اهو آهي تہ آگسٽ جي پهرين هفتي کان آيل برسات ۽ ٻوڏ جي نتيجي ۾ دربدر ڌرتي ڌڻين لاءِ سرڪار وٽ نہ تہ ڪو معاشي پلان آهي، ۽ نہ وري هيڏن سارن ماڻهن کي اجهو ڏيڻ لاءِ ڪو بندوبست ڏسجي ٿو. سنڌ ڪابينا جا اڪثر ميمبر وائڙائپ افراتفري جو شڪار آهن، سنڌ توڙي وفاق وٽ سوين ارب رپيا، هزارين ايڪڙ سرڪاري زمين ۽ اربين رپيا ٻاهرين امداد هجڻ باوجود هو ماڻهن کي اجهو آڇڻ لاءِ صرف ڪوڙا دلاسا ڏئي

www.sindhsalamat.com

رهيا آهن ته هاڻي هتي اچو ته توهان کي آباد ڪريون. نه زمين جو پلاٽ، نه روزگار جو آسرو، نه رٿابندي، بس ڪابينا رڳو عوام کي متاثرين جا انگ اکر ٻڌائڻ ۾ مصروف آهي ته هيترو نقصان ٿيو، پر الائي ڇو اهو ٻڌائڻ ۾ عار محسوس ڪن ٿا ته سنڌ سرڪار وٽ ماڻهن کي آباد ڪرڻ جا هيترا وسيلا آهن. وفاقي سرڪاري وٽ هيترا آهن ۽ ٻاهرين امداد هيتري آهي، ڇو ته اهڙي وقت هميشه حڪمرانن ۽ عوام وچ ۾ رهي آهي ته حڪمراني ڪندڙ اشرافيه ماڻهن کي وسيلن جا تفصيل ڏيڻ کان لنوائيندي رهي آهي ۽ اهو سمجهندي آهي ته اهي اهڙا تفصيل ٻڌائڻ جي قابل نه آهن، جيئن اسان اين ايف سي جي ڪارروائي دوران ڏٺو.

سرڪار وٽ پئسن جي ڪا به ڪمي نه آهي، رڳو متاثرين کي اربين رپين جي اهل سمجهڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو هر آفت دوران سنڌ ۾ ٿيندو رهيو آهي ته عوام کي عزت، احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسڻ بدران پنج هزار ڏئي گهر روانو ڪيو ويو آهي، ملڪ جي وسيلن تي حڪمران اشرافيه عوام جو حق تسليم ڪڏهن به نه ڪيو آهي. اهڙي روش يورپ ۾ Medieval دور ۾ عام جام هئي، جتي جي اشرافيه پڻ رياست جي ڪاروهنوار تي فقط پنهنجو حق سمجهندي هئي، جنهن ڪري لفظ Snobbish ايجاد ٿيو، جنهن جي تشريح اها آهي ته اشرافيه ئي دولت، علم، ڏاهپ جي وارث آهي ۽ عام ماڻهو جو رياست جي وسيلن تي ڪو به حق نه آهي، هينئر اسان جي سرڪار وٽ پئسن جو مسئلو هرگز نه آهي، مسئلو رڳو رويي جو آهي. ته ڇا هنن بي گهر ۽ بي يارومددگار متاثرين لاءِ صرف ٻه ويلا ماني ۽ ٻه ٽي هزار ڪافي آهن؟ باقي ڇاڻن پاڻ؟ اربين رپيا جيڪي سرڪاري خزاني ۾ پيل آهن، ڇا اهي رڳو اشرافيه جي شاهه خرچين لاءِ آهن؟ اصل ۾ سنڌ جي عوام جو مسئلو پ پ سرڪار کي اهو باور ڪرائڻ آهي ته هي متاثرين اربين رپين جي نه صرف امداد، پر پلاٽن توڙي روزگار جا به اهل آهن سرڪار وٽ جيڪي وسيلا آهن، انهن کي هيٺين نموني نروار ڪري سگهجي ٿو.

## صوبائي سرڪار جا وسيلا:

هن سال صوبائي سرڪار جي بجيٽ سوا چار سئو ارب رپيا آهي ۽ هڪ سئو پندرهن ارب جو صوبائي ترقياتي پرگرام آهي، صوبائي ملازمن جي پگهارن ۾ اضافي جي مد ۾ هن سال سرڪار ايڪتيهه ارب (31) رپيا وڌيڪ پريندي، ترقياتي پروگرام مان ٽيهه ارب ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهار ۾ هن سال اضافي مان رڳو ڏهه سيڪڙو ڪيڻ سان سرڪار کي ٽي ارب کان وڌيڪ رقم مهيا ٿيندي، اهڙي طرح اختيار ڪوڪر جي رپورٽ موجب سوشل رليف فنڊ جا ڏهه ارب، ڊزاسٽر مئنيجمينٽ فنڊ جا ڏيڍ ارب گڏائي اها رقم وڃي لڳ ڀڳ 45 ارب رپيا بيهي ٿي، پر ترقياتي





پروگرام جا جيڪڏهن سرڪار هن سال پنجاهه ارب آبادڪاري لاءِ رکي ٿي ته اها رقم پنجهٺ ارب رپين تائين بيهندي.

## سروسز تي سيلز ٽيڪس:

جيڪڏهن صوبائي سرڪار پنهنجا اختيار استعمال ڪندي سروسز تي سيلز ٽيڪس لڳائي ٿي ته ان مان ڪيس لڳ ڀڳ چاليهه ڪان پنجيتاليهه ارب ميسر ٿيندا، جنهن رقم کي به ٻوڏ متاثرن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر هن صورتحال ۾ به جيڪڏهن صوبائي سرڪار سروسز تي سيلز ٽيڪس مرڪز حوالي ڪيو ته پوءِ اهو سمجهبو ته هو مرڪز جي غلام آهي، ڇو ته ائين ۾ هي ٽيڪس نج صوبائي آهي.

## وزيراعليٰ جو ٻوڏ وارو فنڊ:

وزيراعليٰ جيڪڏهن فوري طور پنهنجو رليف اڪائونٽ قائم ڪري ها، اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ ان ۾ رقم جمع ڪرائڻ لاءِ اشتهار ڏنا وڃن ها ۽ پنج لک سرڪاري ملازمن جي ٻن ڏينهن جي پگهار ان ۾ جمع ڪئي وڃي ها ۽ صوبي ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ڪمپنين، ادارن، چيمبر آف ڪامرس، ايگريڪلچر کي اعتماد ڏياريو وڃي ها ته هي رقم صاف ۽ شفاف نموني سان متاثرين جي آبدڪاري تي خرچ ڪئي ويندي ته هوند سنڌ سرڪار آسانيءَ سان پنج کان ڏهه ارب رقم حاصل ڪري وڃي ها.

## قرض:

سنڌ سرڪار کي بينڪنگ سيڪٽر مان Sovereign grantee تي آسانيءَ سان ڏهه کان ويهه ارب رپيا قرض ملي ويندو، جيڪا رقم هو آسانيءَ سان متاثرين جي آبادڪاري تي خرچ ڪري سگهي ٿي، ڇو ته وفاقي سرڪار بينڪنگ سيڪٽر مان هر سال ٻه ٽي سئو ارب جو قرض ڪٽندي آهي ۽ ههڙي آفت ۾ سنڌ سرڪار صوبائي سرڪار جي ڪنسوليڊيٽيڊ فنڊ جي گارنٽي تي ايتري رقم آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهي ٿي. انهن سمورين رقمن کي جيڪڏهن جوڙ ڪبو ته اها رقم لڳ ڀڳ هڪ سئو ٽيهه ارب رپين تائين پهچي ٿي. پر سرڪار جو ناٽي وارو ڪاتو ۽ نام نهاد مشير شايد ئي ڪابينا کي ان پاسي وڃڻ ڏين، ان ڪانسواءِ سرڪار جي ٻوڏ متاثرن لاءِ پنهنجو رويو به اهڙي پلاننگ جي عڪاسي ڪندو، ڇو ته ڇپل سن سٺي ۾ خالي پيل فليٽن ۾ ويٺل ٽي هزار ماڻهن کي جنهن بيدردي سان اتان ڪڍي ٻن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو، ان مان ظاهر آهي ته ٻوڏ ستايلن کي سرڪار ٽئين درجي جو شهري سمجهي ٿي. ڇو ته اهي فليٽ لينڊ مافيا غيرقانوني طور تي سرڪاري زمين تي ٺاهيون آهن، جڏهن بلڊر کي اهو پتو پيو ته هن کي ته زمين جا ڪاغذ آهن ئي ڪو نه

۽ هو ڪورٽ ۾ بہ وڃي نٿو سگهي تہ هن سرڪاري مشينريءَ کي استعمال ڪري نہ رڳو ٻوڏ متاثرين جي ٻارن ۽ عورتن تي پوليس ۽ رينجرس ڪان تشدد ڪرايو. پر ٻن ٻوڏ متاثرين هر هڪ غلام قمبر سومري ۽ اياز پنهور کي گولين جو بک بڻايو، بلڊر نہ رڳو اسان جي سنڌي آفيسرن کي استعمال ڪيو، پر تاثر اهو ڏنو تہ ڄڻ هن پنهنجي زمين تي فليٽ ٺهرايا آهن، سرڪار کي تہ گهرجي ها تہ اهي غيرقانوني طور سنڌ صوبي جي سرڪاري زمين تي ٺهيل فليٽ ٻوڏ متاثرين حوالي ڪري ها، ڇو تہ پرسان ٺهيل مخدوم بلاول ڳوٺ جيڪو بہ ان زمين جو حصو آهي، جنهن تي بہ بلڊر جو قبضو هو، پر ان تي هاءِ ڪورٽ اسٽي جاري ڪيو آهي ۽ هاڻي بلڊر گم آهي، سنڌين جو ڳوٺ هر سهولت سان مالا مال آهي، ڪراچي جا ڪيترائي بلڊر سنڌي عوام جي سرڪاري زمين تي پراجيڪٽ ٺاهي ويٺا اهن، جيڪڏهن عارضي طور انهن ۾ ٻوڏ متاثر ويٺا تہ ڪهڙي اربعا خطا آهي ۽ قانون موجب اهڙي ملڪيت سرڪار پنهنجي تحويل ۾ بہ وٺي سگهي ٿي. ان ڪري پ پ سرڪار ڇپل سن سٽي مان ڪڍيل متاثرين ٻيهر اتي ويهاري شهيد ٿيل ماڻهن سان انصاف ڪري ۽ بلڊر کي گرفتار ڪيو وڃي.

## وفاقي سرڪار جا مالي وسيلا:

هن سال وفاقي سرڪار جي ڪل بجيٽ ٻاويهہ سئو ارب رپيا آهي ۽ ڇهہ سئو ارب رپين کان وڌيڪ ترقياتي بجيٽ آهي. وفاقي سرڪار اعلان ڪيو آهي تہ هو ترقياتي پروگرام مان لڳ ڀڳ اڍائي سئو ارب ٻوڏ متاثرين تي خرچ ڪندي، ان ڪانسواءِ لڳ ڀڳ اڍائي سئو ارب کان وڌيڪ رقم ڪين عالمي ادارن مان ملندي، اهڙي طرح پيپلز پروگرام ۽ بينظير انڪم سپورٽ جا اربين رپيا سرڪار وٽ پيل آهن. جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ وفاقي سرڪار وٽ ٻوڏ متاثرين لاءِ پنج سئو ارب کان وڌيڪ رقم دستياب آهي. جنهن مان سنڌ کي گهٽ ۾ گهٽ وفاقي سرڪار ڏيڍ سئو ارب حوالي ڪري ڇو تہ سنڌ ۾ تباهي ۽ ٻوڏ متاثرين جو انگ سمورن صوبن کان وڌيڪ آهي.

انهن انگن اکرن موجب سنڌ سرڪار کي 280 کان ٽي سئو ارب رپيا رقم دستياب ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ان رقم کي موثر نموني سان استعمال ڪيو وڃي تہ سرڪار جهوپڙيون اڏڻ بجاءِ هڪ نئون شهر بہ اڏي سگهي ٿي ۽ باقي متاثرين کي پنهنجي پنهنجي گهرن لاءِ ٻہ کان ٽي لک رقم بہ ڏئي سگهي ٿي. ڇو تہ هڪ لک خاندانن کي ٽي ٽي لک ڏيڻ سان سرڪار جا ٽيهہ ارب رپيا خرچ ٿيندا. هڪ لک خاندان معنيٰ ڏهہ لک ماڻهو آباد ٿي سگهن ٿا. اهڙي طرح سرڪار وٽ وسيلن جي کوٽ هرگز نہ آهي، پر شايد سنڌ حڪومت جا مشير ۽ ناٽو ڪاتو هاڻي هن رٿابندي ۾





سرڪار کي صحيح صلاح نٿا ڏين. سنڌ سرڪار جيڪڏهن پنهنجي وسيلن ۽ وفاق پاران ملندڙ رقم هيٺ ٽي سئو ارب رپيا حاصل نٿي ڪري سگهي تہ پوءِ ڇئبو تہ اها فرانس جي لوئي پندرهين واري سرڪار آهي ۽ پوءِ غير جمهوري قوتون ان مان ضرور فائدو وٺنديون، ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ جمهوريت ڪارڪردگيءَ سان ڳنڍيل آهي، جو اهو عوام جو آفاقي حق آهي، ان ڪري پ پ سرڪار پنهنجي ڪارڪردگي سان ئي جمهوريت قائم رکي سگهي ٿي. ان ڪري ئي چيو پيو وڃي تہ لوئي پندرهين کان پوءِ جيئن فرانس ۾ انقلاب آيو هو. هتي وري مارشل لا تہ انقلاب هوندي آهي. پر جي عوام لاءِ مارشل لاهوندي.ا ن ڪري پ پ سرڪار درست رخ ڏانهن وڃي. انهن جو احساس ڪري جيڪي هن وقت ٻوڏ ۾ دربدر ٿيل آهن. اها وسيلا موبائيز ڪرڻ ۾ يقين رکي ۽ ٻوڏ متاثر ماڻهن کي پنهنجي طبقاتي رويي جي ڪري ٽئين درجي جو شهري نہ سمجهي.

## ويهہ هزار سوزوڪيون پڪ اپ:

ڪي ٽي اين جي پروگرام ”اوپن فورم“ ۾ سرڪار کي تجويز ڏيندي مشهور صنعتڪار جاويد جبار ميمڻ چيو آهي تہ سرڪار فوري طور پنج پنج لک ۾ جيڪڏهن ويهہ هزار سوزوڪيون پڪ اپ خريد ڪري تہ ان تي صرف ڏهہ ارب رپيا خرچ ايندو، جنهن سان ڪراچي ۽ حيدرآباد ايندڙ ٻہ لک ماڻهن کي روزگار سان لڳائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح اسٽيل مل جي سرڪاري زمين تي اسٽيل مل جي جدا ڪمپني قائم ڪري لوهہ جي ڪم تي سرڪار ويهہ هزار کان وڌيڪ ماڻهو روزگار سان لڳائي سگهي ٿي.

## سرڪاري پلاٽ:

ڪراچي ۾ سنڌ سرڪار جي هزارين ايڪڙ سرڪاري زمين خالي پئي آهي. جنهن مان پنج هزار ايڪڙ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي کي ڏني وئي. ان زمين جا پنج ارب سرڪار کي نہ مليا. جنهن ڪري اها زمين هاڻي سنڌ سرڪار جي ملڪيت آهي. ان سميت ٻي پنج هزار ايڪڙ سرڪاري زمين آرام سان ميسر ٿي سگهي ٿي ۽ ڏهہ هزار ايڪڙ سرڪاري زمين تي لکين ماڻهو آباد ڪري ، نوان شهر قائم ڪري سگهجن ٿا. هي ڪم سرڪار آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿي، پر هن معاملي ڏانهن بہ سنڌ سرڪار جو رويو غير سنجيده آهي ۽ ان لاءِ نہ تہ ڪا ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي آهي، نہ وري روينيو کاتي کي اهڙا حڪم جاري ٿيا آهن.

## ڊيمو گرافي:

سنڌ جي سري کي گذريل 63 سالن دوران جهڙي نموني هٿرادو فاصلا ٺاهي پنهنجي راڄڌاني يا لاڙ کان پري رکيو ويو. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. جو ته جيڪڏهن 1990ع کان ئي ڪراچي- سکر موٽر وي ۽ لاڙڪاڻو- گڏاپ روڊ ٺاهيو وڃي ها ته هوند سکر کان ڪراچي تي ڪلاڪ ۽ لاڙڪاڻي کان ڪراچي اڍائي ڪلاڪ جو فاصلو هجي ها. پر قدرت هاڻي ئي وڃي ڪراچي ۽ حيدرآباد کي باقي ڪٽيل سنڌ سان ملايو آهي. سموري آبادي هاڻي پنهنجي راڄڌاني ۽ لاڙ جو رخ ڪيو آهي، جنهن سان سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڊيموگرافي، سياست توڙي سماجي ۽ معاشي بيهڪ تبديل ٿيندي. قبائلي جهيڙن جا متاثر ماڻهو شهرن جو رخ ڪندا ۽ رياست جيڪو سماج کي غير صنعتي رکي ڪين پوئتي رکيو آهي، ان مان جان آجي ٿيندي، سنڌي پهريون دفعو انڊسٽريل ايج ۾ داخل ٿيندا. جنهن ۾ ڪاروڪاري، قبائلي جهيڙا پويان پير ڪندا.

يورپ سدائين ڊيمو گرافي ۽ سياست کي پاڻ ۾ ملايو آهي. اسين آهيون جو پنهنجن علائقن جي اهميت به نه سمجهي سگهيا آهيون. سنڌ جي راڄڌاني ڌرتي ڌڻين کان ائين ڏور ڪئي وئي. جڻ اها ڪنهن ٻئي گرهه تي قائم ڪيل آهي. جڏهن ته هن دور ۾ اها لاڙڪاڻي کان اڍائي ڪلاڪن جي فاصلي تي سکر کان ٽي ڪلاڪ ۽ بدين کان ڏيڍ ڪلاڪ جي فاصلي تي هجڻ گهرجي. ان لاءِ سنڌ ۾ رڳو ٽي موٽر وي گهرجن ٿا. موجوده ٻوڏ سنڌ جي ڊيموگرافي مڪمل تبديل ڪري ڇڏي آهي. پر پ پ سرڪار جيڪڏهن ڌارين جي پريشر ۾ سنڌين جي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پرگهور نه لڌي، انهن کي پلاٽ نه ڏنا ته پوءِ سنڌ ۾ بدترين سماجي ۽ سياسي بحران جنم وٺندو. جنهن ڪري ئي مارشل لا جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون آهن جو ته ڊيمو گرافي ۾ تبديلي سنڌ جي سياست کي تبديل ڪري ڇڏيندي.





# جوهي ته هر حال ۾ ٻڏندو!

**محمدا دريس راجپوت**

7 آگسٽ تي ٽوڙي بند ۾ لڳل ڪنڌ جو پاڻي ٻوڙ ٻوڙان ڪندو پنهنجي آخري منزل منڇر ڏانهن وڌي رهيو آهي، هن پاڻي جو شهرن کي ٻوڙڻ کان بچائڻ لاءِ انهيءَ جو رخ ڪيترائي ڀيرا مٽايو ويو. جيڪب آباد ۽ ان جي ايئربيس کي بچائڻ لاءِ نور واهه کي ڪٽ ڏئي اهو پاڻي بلوچستان ڏي ورايو ويو، جنهن ظفر الله جمالي جي ڳوٺ جعفر آباد کي ٻوڙي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ اهو ڦري قبو سعيد خان ڏي آيو ۽ انهيءَ کي ٻوڙي ڇڏيائين. وري شهدادڪوٽ ڏي لڙيو، پر نادر مگسي جي مڙسي سبب هي شهر ٻڏڻ کان بچي ويو، جو ان هن جي چوڌاري بند ٻڌرايو ۽ پاڻ انهيءَ جي ڏينهن رات چوڪسي ڪرائي. تنهن کان پوءِ هن پاڻيءَ قمبر ۽ وارهه شهرن ڏانهن رخ ڪيو، پر اهي شهر ته بچي ويا، پر انهن جا پر وارا ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويندا، وارهه ويجهو نصير ڊسٽري کي ٽوڙي هي هيٺ هلي ٻن چاڙن ۾ ورهائجي ويو. هڪڙي چاڙ سپريو ۽ ايمر اين وي ڊرين وچ ۾ وهي پئي ۽ ٻئي چاڙ ڳاجي کهاوڙ وارن ڳوٺن کي ٻوڙيندي ڏامراهه برانچ سان لڳي آهي. جنهن کي مضبوط ڪيو پيو وڃي ۽ جنهن جي ٽٽڻ ڪري ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه شهر ٻڏي سگهن ٿا. اخباري خبرن مطابق ڏامراهه برانچ کي ڪنڌ ڏيڻ تي دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي ضلعي انتظاميه ۽ پ پ جي چونڊيل نمائندن ۽ اڳواڻن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي. پ پ جو ميهڙ مان چونڊيل ايم پي اي فياض ٻٽ اڳوڻو ايم پي اي شفيق مهيسر، عوامي اتحاد جا سابق ايم پي اي احسان جتوئي ۽ صداقت جتوئي ڏامراهه واهه کي ڪٽ ڏيڻ جي خلاف آهن. جڏهن ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعي وارا چاهين ٿا ته ڪنهن به نموني ٻوڏ وارو پاڻي هيٺ هلي ته انهن جي ايريا مان پاڻي جو زور گهٽجي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڇا ڏامراهه واهه جو بند مضبوط ڪرڻ سان اهو ٻوڏ جي اڻ ڪٽيل پاڻي جو دٻاءُ جهلي سگهندو؟ ۽ جيڪڏهن نه جهلي سگهندو ته ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ٻڏندا. ڇا ڪو اهڙو آپشن نڪتو ٿي سگهي ته پاڻي هيٺ هليو وڃي ۽ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ٻڏڻ کان بچي وڃن.

مون انهيءَ سلسلي ۾ آبپاشي کاتي جي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر شفقت وڌي سان ڳالهايو، جيڪو پاڻي هيٺ پاس ڪرائڻ واري ڪم جي نگراني ڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو ته ڏامراهه برانچ ٻوڏ جي پاڻيءَ جو دٻاءُ نه جهلي سگهندي ۽ ٽٽندي، جنهن ڪري ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ٻڏندا. هن جو خيال آهي ته ڏامراهه برانچ جو پاڻي سپريو بند کي ڪٽ ڏئي ايم اين وي ڊرين ۾ سپريو بند وچ مان لنگهايو وڃي ته جيئن ڏامراهه برانچ ٽٽڻ کان بچي ۽ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه نه ٻڏن، پر اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن ايم اين وي ڊرين ۾ سپريو بند وچ ۾ بيٺل پاڻي هيٺ لهي ۽ ڏامراهه برانچ کان ايندڙ پاڻيءَ کي هيٺ پاس ٿيڻ جو رستو ملي. انهيءَ سلسلي ۾ جوهي برانچ کي ايم اين وي ڊرين جي ساڄي پاسي ڪٽ ڏيڻو پوندو ته متيون بيٺل پاڻي ڪري. (ڏسو نقشو) پر دادو جي ضلعي انتظاميه ۽ واسطيدار ايم پي اي انهيءَ جي مخالفت ڪن ٿا. مون چيو ته ائين ڪرڻ سان جوهي شهر ٻڏندو. جو اهو ايم اين وي ڊرين ۽ ايف پي بند جي وچ ۾ آهي. شفقت وڌو ٻڌايو ته انهيءَ کي رنگ بند ڏئي بچائي سگهجي ٿو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ايم اين وي ڊرين کي ڪيترن هنڌن تي ڪنڌ لڳي چڪا آهن ۽ پاڻي اڳي ئي جوهي برانچ ۽ ايم اين ڊرين وچ م پکڙجي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ شفقت وڌو جي آپشن ۾ جان آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته ڏامراهه برانچ ٽٽڻ جي صورت ۾ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻيا ڪيترائي ڳوٺ ٻڏندا ۽ پوءِ پاڻي اچي جوهي برانچ سان لڳندو ۽ اها ٽٽندي ۽ وري ساڳي صورتحال ٿيندي، جيڪا جوهي برانچ کي هينئر ڪٽ ڏيڻ جي ڪري ٿيندي. رڳو اهو ٿيندو ته انهيءَ ۾ ٻه ٽي ڏينهن دير ٿيندي پر تيستائين ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻيا ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويندا اسان وٽ سياسي وڏيرن ۽ نوڪر شاهي ۾ انا جو وڏو مسئلو آهي ۽ عام مفاد کي نٿو ڏنو وڃي. اسان جي ڳالهه ڇو هيٺ ٿئي. اهو برداشت ناهي ڪرڻُ ڀلي ڪير ٻڏي يا بچي. سنڌ جو عوام جنهن مصيبت ۾ ورتل آهي. انهيءَ ۾ انا کي فنا ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو آپشن آهي ته ٿوري نقصان سان ملڪ بچي سگهي ٿو ته انهيءَ تي عمل ڪرڻ کپي. اهو نه ڏسڻ کپي ته ائين ڪرڻ لاءِ ڪير چوي ٿو. پر ڏسڻ اهو کپي ته هو ڪيترو صحيح چوي ٿو؟ ڀلي چوڻ وارو اوهان جي نظرن ۾ اهم نه هجي. مٿيون آپشن منهنجي خيال ۾ ٺيڪ نظر پيو اچي. دادو جي ضلعي انتظاميه ۽ فوج وارن کي انهيءَ تي سڀ ڳالهيون ڏسي غور ڪري عمل ڪرڻ کپي، ته جيئن نقصان گهٽ ۾ گهٽ ٿئي.

### منڇر جي صورتحال:

ايم اين وي ڊرين جو پاڻي اچڻ ڪري منڇر جي پاڻي جي سطح هوريان هوريان وڌي پئي. اها پهرين سيپٽمبر تي 112.6 فوٽ هئي ۽ سراسري طور روز ٻه ڊيسيمل





چڙهي پئي. انهيءَ حساب سان اها اٽڪل 12 ڏينهن ۾ 115 فوٽ ٿيڻ کپي. پر جڏهن ٻوڏ وارو پاڻي چڱي مقدار ۾ هيٺ لهندو ته اها ان کان اڳ ۾ 115 فوٽ جي ليول تي پهچي سگهي ٿي. ٻئي پاسي سکر بيراج تي وهڪرو گهٽجي پيو، پوين ڏهن ڏينهن ۾ سراسري لاٿ في ڏينهن اٽڪل ٽيهه هزار ڪيوسڪ رهي. پهرين سيپٽمبر تي سکر جو هيٺيون وهڪرو چار لک 96 هزار ڪيوسڪ هو، جنهن کي اٽڪل 2 لک ڪيوسڪ ٿيڻ ۾ مٿي سراسري لاٿ واري ريٽ سان اٽڪل ڏهه ڏينهن لڳڻ کپن ۽ چار ڏينهن سکر کان سيوهڻ پاڻي پهچڻ ۾ لڳن ٿا. معنيٰ اٽڪل 14 ڏينهن کان پوءِ منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ٿي سگهندو، منهنجي خيال ۾ منڇر جي پاڻيءَ جي درياهه ۾ ڇوڙ ٿيڻ جي صورتحال ايتري خراب ناهي. جنهن نموني سان منڇر جي ليول چڙهي پئي ۽ درياهه جي ليول لهي پئي. اهو عين ممڪن آهي ته منڇر جو پٽي درياهه م ڇوڙ ڪري سگهجي، وڌ ۾ وڌ اسان کي منڇر جي 20 ميل بند تي ڪجهه ڏينهن لاءِ چوويهه ڪلاڪ پهرو ڏيڻُ پوندو.

### پنا ـ بگهار ڪنڊ جو بند ٿيڻ:

سنڌ ۾ ڪوئي ٻه بند جو ڪنڊ پاڻي لهڻ تائين بند نه ٿي سگهيو آهي. خودبند مينوئل ۾ لکيل آهي ته 1942ع ۾ سکر بيگاري بند کي لڳل ڪنڊ جڏهن درياهه ۾ پاڻي گهٽجي اٽڪل ٽي لک ڪيوسڪ ٿيو تڏهن بند ڪرڻ شروع ڪيو ويو. هن سال اها تاريخ لکجي وئي ته سپر فلڊ ۾ لڳل ڪنڊ پاڻي لهڻ کان اڳ بند ڪيو ويو . انهيءَ جا ڪجهه سبب هئا مثلن اهو ته ڪنڊ مکيه وهڪري کان پري لڳو. پٿر ويجهو رکيل هو. فوجي گاڏيون ۽ ماڻهو موجود هئا. مون پنهنجي هڪ مضمون جيڪو ڪاوش ۾ 31 آگسٽ تي ڇپيو، ٻڌايو هو ته اتي پٿر جي منگلي يا رنگ بند درياهه پاسي ٺهي ويو هو ۽ تمام ٿورو پاڻي انهيءَ مان سيمو ڪري پيو. انهيءَ سيمي کي گهٽائڻ لاءِ پويان هڪ ڪانين جي منگلي ٺاهڻ جو پروگرام هو، جنهن کان پوءِ انهن ٻن منگلين جي وچ ۾ مٽي جون ڳوٽيون ڀرڻ جو پورگرام هو، مان جڏهن ٺٽي جي انجنيئر فهيم سومري کان تازو حال احوال ورتو ته هن ٻڌايو ته انهن ٻنهي ڪمن جي ضرورت نه پئي ۽ سيمو ٿوٻن ذريعن درياهه واري پاسي پٿرن جي سوراخن ۾ مٽيءَ جون ڳوٽيون وجهڻ سان ذري گهٽ بند ٿي ويو آهي. هاڻي پوئين ڪنڊ واري هنڌ کي نئون ٺاهڻو آهي. جنهن لاءِ پري کان سني مٽي آڻڻ جو پروگرام آهي. شڪر آهي جو انهيءَ ڪم سان ٺٽو شهر ٻڏڻ کان بچي ويو ۽ ٻئي پاسي انهيءَ مصيبت مان ان ڳالهه جي به خبر پئي ته ڪن حالتن ۾ درياهه جو ڪنڊ پاڻي لهڻ کان اڳ به ٻڌي سگهي ٿو.

# ٻڏيءَ ڪان پوءِ!

عبدالقادر جوڻيجو

درياهه جي چاڙهه ڪان پوءِ پاڻي پهرئين پهرئين ”ڪاٺ“ هٽندو آهي. جنهن ۾ پاڻي ٻنڌ جي هيٺين حصي مان ٻاهر سمڻ لڳندو آهي. ڪاٺ ڪان پوءِ ”ڇهڪ“ پوندا آهن، جنهن ۾ ٻنڌ جي اندران سنهيون سنهيون سيرون پونديون آهن. انهيءَ ڪان پوءِ ڇهڪ وڏي ”روڻ“ جو روپ ڌاريندا آهن. روڻيون پوڻ ڪان پوءِ جي درياهه پڻ ارهه زورائي ڪري ٻنڌ کي ڪنهن نه ڪنهن هنڌان ٽوڙي وجهي ته انهيءَ کي ”گهارو“ چوندا آهن، پر جي ڪي ماڻهو ٻنڌ ٽوڙين ته انهيءَ کي ”ڪنڌي“ چيو ويندو آهي. پر جي ٻنڌ پڪي پختي هجي ته پوءِ درياهه جو پاڻي ٻنڌ مٿان وهڻ لڳي ته انهيءَ کي ”اٿل“ چئبو آهي. پر جي اٿل وڏي وڃي ته انهيءَ کي ”اڇل“ چيو ويندو آهي. پر انهن سڀني ڪان وڌيڪ خطرناڪ وهڪري کي ”ور“ چيو ويندو آهي. جنهن ۾ درياهه جو پاڻي اڳتي وڌڻ جي بدران ابتو وهڻ لڳندو آهي. ماضي قريب ۾ سنڌو درياهه صرف هڪڙو ڀيرو ور ڪاڏو آهي. پشاور گزئيٽر 1931ع موجب 1858ع ۾ جڏهين سنڌو درياهه اٽڪ وٽ پهتو ته درياه جي چولين 80 فوٽ مٿي چاڙهه ڪاڏو ته درياهه پنجاب ۽ پوءِ سنڌ ڏانهن اچڻ جي بدران ور ڪائي واپس وڃي ڪابل درياهه ۾ ڪاهي پيو ۽ هٽي پختونخواهه جا تڏا پٽي ڇڏيا هئائين.

هن وقت سنڌ درياهه وانگي ئي سنڌ جي سوسائٽيءَ جا سڀئي پهلو ڪاٺ، ڇهڪ، روڻ، گهاري، ڪنڌيءَ، اٿل ۽ اڇل جي مرحلن مان نڪري ور تائين پهچي چڪا آهن انهن پهلوئن مان ڪي هاڪاري ته ڪي ناڪاري آهن. سنڌ Catch 22 مان نڪري High noon تائين اچي پهتي آهي. هونئن به هڪ سچ ۾ پاڇا هوندو آهي، هتي عام پڙهندڙن لاءِ اهو به عرض ڪري ڇڏجي ته Catch 22 ٻئي عظيم جنگ تي لکيل هڪ شاهڪار ناول آهي. جنهن ۾ بمباري ڪندڙ فائيٽر پائلٽ وائرليس ذريعي اهڙي گفتگو ڪندا آهن، جو لکي به الهڏنو ته پڙهي به الهڏنو، اها گفتگو هڪ مونجهاري سان ڀريل هوندي ڪري به پنهنجي پويان معنويت سان ڀرپور هوندي آهي، پر پائليٽ کي خبر نه هوندي آهي ته اهي ڇا پيا ڳالهائين. اڳتي هلي اهو ناول اخباري





اصطلاح بڻجي چڪو آهي. جڏهين ته High Noon هالي ووڊ جي ڪائو بواءِ فلم آهي. جنهن ۾ وڏو جنگاڻ متل هوندو آهي. اڳتي هلي اها فلم به اخباري اصطلاح بڻجي چڪي آهي. سو سنڌ به مونجهاري مان نڪري هاڻي جنگاڻ ۾ اچي پيئي آهي. اڃا به سوليءَ سنڌي ۾ انهن ٻنهين ڳالهين کي ائين چئي سگهجي ٿو ته ٻوڏ اچڻ وقت ”اک نه ڏسي گوڏي کي“ واري ڪيفيت آهي. جڏهين ته ٻوڏ اچڻ ڪان پوءِ ”هڻ ته چتي“ واري صورتحال بڻبي.

وڻ اڪڙيا، گهر اڪڙيا ۽ ماڻهو اڪڙيا، ڪا ڪٿي ڪري ته ڪاٿي ڪري، ڪک نه ڳڏيو ڪک سان سنڌو درياهه جو پاڻي هاڻي ماڻهن جي اکين مان لڙڪ بڻجي ڳڙي رهيو آهي. هاڻي وڏو سوال اهو آهي ته اکين مان وهندڙ پاڻي ڪٿي چوڙ ڪندو ۽ کهڙي ڊيلٽا ٺاهيندو. هاڻي حالت اها آهي جو ماڻهو مانيءَ ٽڪر لاءِ امدادي ٽرڪن جي پويان ڊوڙندي هڪ ٻئي کي ڇنڊي، ڪيرائي، ماري مچائي، ماني ڦٻيو ڦرڻ لاءِ هوش مان نڪري ويا آهن، بک ۽ اڃ جي انڌ ۾ ڪير اهو ڪو نه ٿو ڏسي ته ڪنهن کي ڪٿان اڳتي وڌٺو آهي ۽ ڪٿان پوئتي هٽڻو آهي. جو ننڍيا ٻار ته نه ڇيچن ائين ڪندي هڪڙي ئي مانيءَ جو ڪو ڀيو ڪنهن جي هٿ ۾ اچي ٿو، ڪنهن جا ڪپڙا ڦاٽا پيا آهن، ڪو ڌڪو ڪائيو پٽ تي اونڌي منهن ته ڪو سڌي منهن ڪري پيو آهي. ڪنهن جا دڙڪا، دهمان گڇا پيا آهن. ڪو خاموش لڙڪ ڳاڙي رهيو آهي ته ڪو وري ٻاڪاري رهيو آهي. ڪو مانيءَ جو ٽڪر کٽي ائين ڊوڙندو پيو هجي ڄڻ سندس پويان ڪتا ڪاهي پيا هجن. ڪو چرڻ جي بدران اکيون ڦوٽاري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو آهي ته ڪو هٿ مان ڪري ويل مانيءَ جو ٽڪر ڳولڻ لاءِ ڦرموٽيءَ وانگر ڦري رهيو آهي. ڪي وري خالي ٿالهه، وٽا ۽ ديڳڙا کڻي، انهن کي ڪاڏي جا ٿانوَ سمجهڻ جي بدران هٿيار سمجهي هڪ ٻئي کي هڻندي وڙهي رهيا آهن. ڪنهن عورت جي ٻانهن ۾ مئل ٻار آهي ته انهيءَ کي اهو هوش ناهي ته گهٽ ٻوساٽ ۽ وڙهه وڙهان ۾ سندس ٻار مري چڪو آهي. پر پوءِ به هوءَ پنهنجي ٻارڙي لاءِ ڪير ڍڪ هٿ ڪرڻ لاءِ امدادي ٽرڪ جي پويان ڀڄندي وڃي ته ٻارڙي لاءِ ڪير ملي پر پاڻ ڀلي بک وگهي مري وڃي. ڪنهن جا پٽا اگهاڙا آهن ته ڪنهن جي سٿڻ جا پائنچا ڦاٽل آهن. ڪنهن جي پير ۾ جتي ناهي ته به ڪيس خبر ناهي ٿر جي گرميءَ ۾ سندس پيرن ۾ لڦون پئجي چڪيون آهن ۽ مرين مان رت وهي رهيو آهي. غريب ماڻهوءَ جو وڏي ۾ وڏو ساٿ مال آهي. اهو مال وڃائڻ ڪان پوءِ ڳٽتين جي ڳاري ۾ ته آهي، پر ڪيس اها خبر ناهي ته پويان سندس مري ويل مال کي ڪتا پٽي رهيا آهن. مري ويل مال تي ڳجهون لامارا ڏينديون آهن. پر اهي به اپ تان غائب ٿي چڪيون آهن. جنهن ٻار ڪان پنهنجي ڳوٺ جون گهٽيون ۽ گهٽين ۾ ٿيندڙ راند، ڪوڪريا، مائرن جا سڏ، ڊوڙون ۽ سيٽيون ڦرجي چڪيون آهن. اهو انهيءَ حيرانيءَ ۾ آهي ته اهو سڀ ڪجهه اوچتو ئي اوچتو ڪيڏانهن غائب ٿي ويو آهي، جن ماڻهن جي نظر ۾ درياهه جو پاڻي جياپو

هو، اهي ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي پريشان آهن ته جياپي جو سنيهو ڪٽي ايندڙ درياهه اوچتو ئي اوچتو ڇو ڪاوڙجي پيو آهي. ايڏي به ڪاوڙ ڪبي آهي ڇا جو نه گهر ٻار رهي، نه اڱڻ تي ڊوڙندڙ خوشيون رهن، نه جهوپڙيون مان شام جو نڪرندڙ دونهون رهي. نه ڪل ٻوڪ رهي ۽ نه ڪنڌيءَ جا ڪانهن رهن. جن ڪي جهلي روئجي محبتون، روساما، ڪاوڙيون، لڙڪ، ٺهڪ، ڳالهيون، پڇارون، يادون، جهونگارون، اشارا، آواز، پهه، ننڊون، خواب ۽ فئنٽسيون سڀ هڪڙي ريلي ۾ لڙهي ويا، سي ته لڙهي ويا، پر جاني دشمنيون ۽ دوستيون به لڙهي ويا. همتون به پاڻيءَ ۾ لڙهي ويون. ڪک نه ڳڏيو ڪک سان. هاڻي هڪڙي پاسي پيچ پيچان، مار ماران آهي، بکيا پيٽ آهن، جيڪي دهل وانگر وڄڻ لڳا آهن. ٻئي پاسي آحاڪمن ۽ ڪامورن جا دڙڪا آهن، الرون آهن. لٺبازي آهي، ٽيئر گيس آهي ۽ هوائي فائرنگ آهي. ڪٿي ڪٿي ائين به ٿيو آهي ته پوليس جي فائرنگ جي موٽ ۾ فائرنگ ٿي آهي. جن اڪثري آيل ماڻهن وٽ ڳراڳرا هٿيار آهن. تن کي اها خبر ناهي ته بريٽا ڇا آهي. آئوزي 9 ايم ايم ڇا آهي. سيمي مشين گن ڇا آهي ۽ جي ٿري ڇا آهي. سندن نظر ۾ وٽن موجود آهي سڀ جا سڀ هٿيار يا ته بندوقون آهن يا پستول آهن يا رائفلون آهن يا ڪلاشنون آهن. جن ماڻهن کي پنهنجي هٿيارن جا نالا نٿا اچن. انهيءَ مان ماڻهو اهو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته سردار شاهي سندن معصوميت ۽ ذهني ليول کي ڪيئن ٿي استعمال ڪري ۽ ڪيئن ڪين شعور کان محروم رکي ٿي. ٻيو ته ٺهيو، پر ڄامشوري ضلعي جي ڪيمپن جو اهو حال آهي جو ڪٿي ڪٿي ڪي غير سرڪاري تنظيمون جڏهن ٻوڏ جي ستايل ماڻهن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻيءَ جا ڊرم ڏيئي ٿيون وڃن ته اتي اهي ماڻهو ڪجهه پاڻي پيئي باقي رهيل پاڻيءَ سان پنهنجين مينهن کي وهنجارڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. انهن درويشن کي اها به خبر ناهي ته پيئڻ جي پاڻيءَ ۽ مال وهنجارڻ جي پاڻيءَ ۾ ڪيترو فرق اچي ويو آهي. انهن لاءِ پاڻي مڙيوئي پاڻي آهي. جيڪو يا ته تاري ٿو يا ته ٻوڙي ٿو، يا پيرن ۾ بيهاري ٿو. يا لوڙهي وڃي ٿو. سڀ هاءِ وي تي ڪي ڪي اهڙا ماڻهو به پاتا وڃن ٿا. جن کي جڏهين UNDP جهڙو ڪو ادارو ماني پاڻي ڏيڻ لاءِ لنگهي ٿو وڃي ته اهي ماڻهو بڪن ۾ پاهه هوندي ڪري به انهيءَ ڏکئي وقت جي امداد کي به خيرات سمجهي وٽن کان نٿائين ٿا. جي پڇون ته جواب ڏين ٿا، ”بابو منهنجو، اسان ڏيڻ وارن مان آهيون، وٺڻ وارن مان ناهيون، جيڪو هٿ سدائين مٿي رهيو آهي، اهو هٿ هيٺ نه هوندو آهي.“ جڏهين گهٽي هڻ وٽ ۽ بحثا بحثيءَ کان پوءِ اهي ماڻهو لاچاريءَ وچان امداد وٺن ٿا ته شرم وچان سندن ڪنڌ هيٺ جهڪيل هوندا آهن ۽ سندن ٽڏا ساهه ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن کي اهڙي دل ڏاريندڙ ٽريجڊي پڙهڻي آهي ته قرت العين حيدر کي پڙهي ڏسي. انهيءَ ڏس ۾ سندس لکيل ڪهاڻي ”خاندان“ پڙهڻ وٽان آهي ظاهر آهي ته پاڻي جي قلم ۾ سگهه ناهي جو ڪجهه لکي سگهجي.





جيئن زلزلي جي ٿرمنالاجي ۾ هڪڙو ته هوندو آهي After shock اصل ۾ زلزلي جي اچي هليو وڃڻ کان پوءِ زمين اندر هيٺ ڪاڏ جي ڪري وڏيون ڀڪون ۽ ڇپون رهجي وينديون آهن. اهي ڪيترائي مهينا ڪسڪڻ ۽ پاڇڙ ۾ هونديون آهن ته انهيءَ جي نتيجي ۾ رکي رکي زلزلا ايندا رهندا آهن، جن کي ئي After shock چيو ويندو آهي، پر زلزلي اچڻ کان پوءِ بچيل ماڻهن کي رکي رکي اوٿارا (ننڊ مان ڊپ وچان ڇرڪ ڀري اٿڻ) ٿيندا آهن. ڪن ماڻهن کي هلندي هلندي ڦيري اچي ويندي آهي، ڪن کي کٽ تي ليٽي ليٽي، ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڪي ماڻهو سندس کٽ هيٺان پئجي ڪيس مٿي کڻي رهيا آهن. ڪن کي وري اهو محسوس ٿيندو آهي ته گهر جي ڇت مٿانئس ڪري رهي آهي. ڪن کي اهو لڳندو آهي ته اهي زمين ۾ هيٺ گهڙندا پيا وڃن .ڪي وري پاڻ کي اڏامندو محسوس ڪندا آهن. انهن نفسياتي ڪيفيتن کي Shock after shock چيو ويندو آهي. هن وقت ٻوڏ جا ڪيترائي ستايل ماڻهو گهٽ پيماني تي سهي، نفسياتي طور Shock after shock جو شڪار ٿجندا پيا وڃن. رات جي پيٽ ۾ ٻوڙيندڙ پاڻيءَ جو اچي وڃڻ، ڪن پل ۾ ٽڏا ويڙهه ٿيڻ ۽ پنهنجا اباڻا پٽ ڇڏڻ ڪو جهڙو تهڙو عذاب ته ناهي.

اها ته ٿي نفسياتي بيماري، پر ٻوڏ اچڻ کان پوءِ جسماني طور تي ٻوڏ جي ستايل ماڻهن ۾ (خاص ڪري ٻارن ۾) جيڪي پيٽ جون بيماريون، مليريا ۽ چمڙيءَ جون بيماريون ٻوڏ وانگر ئي ڪاهي پيون آهن. انهن سڀني بيمارين کي گڏ ڪري هڪ خوفناڪ وبا چئي سگهجي ٿو. جيڪا تيزيءَ سان پکڙجي رهي آهي. اها وبا ٻوڏ کان بچيل ماڻهن کي به پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي سگهي ٿي. انهيءَ وبا کي لنڊن مان نشر ٿيندڙ بي بي سي ٽيليويزن سڏو سڏو ”ڪالرا“ جو لفظ ڪتب ٿي آڻي. هن کان اڳ 1920ع ۾ سنڌ ۾ به لوس جي بيماري ( Yellow cholera) ڪاهي پيئي هئي ۽ ماڻهو ماڪوڙن وانگر مرڻ لڳا هئا، جو انهيءَ وقت اجا لوس جو علاج نه نڪتو هو، پر هن وقت علاج ته موجود آهي، پر پوءِ به ماڻهن وڏي پيماني تي مها ماريءَ جو شڪار ٿجي ڏڙا ڏڙ مري رهيا آهن، ايڏين سارين مصيبتن کان پوءِ اها خبر نٿي پوي ته اها وبا، لڏ پلاڻ، بک ۽ اڃ ڪٿي وڃي دنگ ڪنديون.

شوڪت شوري (جنهن جو ڳوٺ پڻ ٻڏي چڪو آهي) جي لفظن ۾ هاڻي اها سنڌ سنڌ نه رهندي، ٻوڏ جي ستايل قافلن جون قطارون جيئن پوءِ تيئن وڌنديون پيون وڃن، سنڌ اجا تائين روڙجي، ڦتجي ۽ ڦتڪي رهي آهي، سڏڪا ۽ ٻاڪارون اجا تائين وڌندا پيا وڃن، تازو ڄمندڙ ٻارن تي ”پرديسي“ ۽ ”پرديسڻ“ جا نالا اجا تائين رکيا پيا وڃن. پنهنجي ديس ۾ هوندي ڪري پرديسي هئڻ جو احساس اجا تائين زورئون زور آهي. احتجاج، مظاهرا، ڌرڻا، پوليس جي مار جو زيپٽ ۽ ڦرمار جا واقعا آهن، سي وڃن وڌندا. سرڪار سڳوريءَ طرفان، ”ڪو خطرو ناهي“ جو رينگٽ ڪٽڻ جو نالو ئي نٿو ڪٽي. آسرا، ڏنا ۽ پوزيون جاري ساري آهن، عقل جي مار ۽ سطحي

ذهنيت عروج تي آهي، پاڻيءَ کي لڳايون ويندڙ ڪنڊيون اجا تائين ڪنڌ ڪنڌ ۾ آهن. جڏهن تہ اصل حقيقت اها آهي تہ هيستائين جيڪي ڪجهہ ٿيو، اهو درياهہ نہ ڪيو آهي، جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي. اهو خود اسان جي غلطين ، هوڙهاين ۽ ذهني ٽاپڻ ٽيڙن جو نتيجو آهي. سو نہ تہ ڪا درياهہ تي ميار آهي ۽ نہ ئي وري ڪا بيوقوفين تي ميار آهي. جن جا هوش ئي خطا هجن، انهن تي ڪهڙيون مياريون جيڪي چالاڪ هئا، سي منڍ ۾ ئي چالاڪي ڏيکاري ويا، سرڪار جي هنج ۾ ويٺل اهي مالدار ماڻهو جيڪڏهن منڍ کان وٺي غلام مرتضيٰ خان جتوئي جيڏي دل ڏارين ها تہ ڪر ايڏا هاڃا نہ ٿين ها ۽ مڪليءَ جو قبرستان دلين جو قبرستان نہ بڻجي ها. خير، جيڪو ٿيو سو تہ ٿي چڪو، هاڻي اچون ٻوڏ جي نتيجن تي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪراچي ڌرتي ڌڻين جو شهر آهي، جتي سنڌين جي آبادڪاري ضروري آهي ۽ اها آبادڪاري ٿي بہ رهي آهي ۽ اجا بہ ٿيندي رهندي، تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اجا بہ تڪڙي آبادڪاري ڪرائڻي آهي، تہ پوءِ اهو ڪم عام ۽ نارمل حالتن ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. ائين جيئن مهاتير محمد اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ملائيشيا جي چينين سان ستيل شهرن ۾ ملئي ماڻهن جي آبادڪاري ڪرائي Sleeping partnership آبادڪاريءَ جي فارمولي کان شروع ڪيل اهو ڪم هاڻي ايستائين پهچي چڪو آهي جو ملائيشيا جا شهر ملئين سان سٽجي چڪا آهن. خود بهتر تعليم ۽ مختلف ڌنڌن جي تربيت بہ بهتر اقتصادي حالتن ۾ ئي ڏيئي سگهجي ٿي. پر اهو سڀ ڪجهہ نارمل حالتن ۾ ٿي سگهي ٿو، باقي هيڏي ساري ٻوڏ جي نتيجي ۾ ماڻهن کي پاڙان اکوڙي ۽ پاڙي جي ٻوڏ کان بچيل هنڌن کان پاسيرو ڪري هن دور جي عظيم فلم "Stalin" جي ڏيکن وانگيان ماڻهن کي سٽي ڪراچي ڪٽي وجڻ ۽ پوءِ انهن کي اتي نڌڪو ڇڏي ڏيڻ هڪ اهڙو فيصلو هو، جنهن جو اختتام ٻوڏ کان بہ وڏي مصيبت تي ٿيڻو آهي. اهو بلڪل ائين آهي جيئن ٻڪرين جو ڌڻ گاڏيءَ ۾ سٽي وجي ڪراچيءَ ۾ اڇلائڻ، هونئن بہ زور جي ميندي لڳڻي ناهي. اهي غريب ماڻهو تہ لاچار هئا ۽ بيوس هئا. گهڻن کي تہ ٻوڏ جي عذاب جي ڪري اها بہ خبر نہ رهي تہ ڪين ڪيڏانهن نيو پيو وڃي، ڪنهن جي لاچاريءَ مان سياسي فائدو وٺڻ ۽ پوءِ سندن پرگهور نہ لهڻ تہ هڪ قسم جي اذيت پسندي آهي.

اذيت پسنديءَ مان فائدي جي بدران نقصان ئي ٿيڻو آهي، هاريءَ کي مزدور ۾ تبديل ڪرڻ سان هو ڌوٻيءَ جي ڪتي وانگر نہ گهر جو رهندو، نہ گهاٽ جو، انهيءَ جي بدران اتر سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهڙي هنڌ ڪيمپون قائم ڪيون وڃن ها، جيڪي انهن ماڻهن جي راڄن پاڳن کي ويجهيون هجن ها، جتان ٻوڏ جي ستايل ماڻهن کي واپس پنهنجن پڪن ڏانهن سهوليت سان وڃي سگهن ها ۽ پرائي ڄڄ ۾ وائڙا نہ ٿين ها، جن ماڻهن کي ڄامشوري جون هوائون ئي نٿيون آئڙن، اهي ڪراچيءَ ۾ ڇا وڃي ڪندا. ؟

اتر سنڌ جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي ابتڙ لاڙ جي ماڻهن کي اها خبر هئي تہ ستايل، غريب ۽ بيوس ماڻهو جو هڪ ڪاسمو پوليٽن شهر ۾ ڪهڙو حشر ٿيندو





آهي، ڇاڪاڻ تہ لاڙ جا ماڻهو ڪراچيءَ کي ويجهو آهن ۽ ڏينهن ايندا ويندا رهن ٿا. ڪنهن بہ ڪم سانگي صبح جو ڪراچيءَ وڃن ٿا ۽ شام جو موٽيو اچن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو لاڙ جا ماڻهو اڳتي وڌڻ جي بدران مڪليءَ جي آسپاس گهارو وغيره ۾ ڪپ ڪوڙي ويهي رهيا آهن ۽ لالچن، دڙڪن ۽ دهمانن جي باوجود اتان چرڻ لاءِ تيار ناهن. جيتوڻيڪ بکن ۾ ڪيرا ٿيا پيا آهن. ڪيترائي لاڙي تہ موڙيو پويان پير ڪري بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ حيدرآباد ۽ ڄامشوري ضلعن ۾ اچي ويٺا آهن تہ جيئن پاڻي لهڻ کان پوءِ واپس وڃي پنهنجا اجها وسائين. جو ڪين خبر آهي تہ ڪراچي پري ناهي، وقت اچڻ تي اوڏانهن بہ پير ڪبا، جنهن لاءِ نئون نسل ٺهي جڙي تيار هوندو. سو ڪراچي ڪيڏانهن ڪا نہ ٿي وڃي، پر وزير ڪبير انهن ٿاپين ۾ آهن تہ جي اهي ماڻهو هينئر ڪراچيءَ نٿا وڃن تہ ڪين زوري موڪلجي معنيٰ تہ موچڙا هڻي اهو ڌڻ بہ ڪراچيءَ ڏانهن موڪلجي، پر رت ٿيل انبوهہ اهو نہ ڏسندو آهي تہ ڪهڙو چڱو مڙس آهي ۽ ڪهڙو ناهي، تنهن ڪري اهو چتو ٿيل انبوهہ ڪنهن جي بہ پٽڪي کي نہ ڏسندو، مورڳو ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو. سو وزير ڪبير مهرباني ڪري اهڙا موچڙا ڪٽ جا ارادا ترڪ ڪري ڇڏين. چڱي صلاح تہ اها آهي. جيڪڏهن ڪي سياسي دوست سنڌ جون جيوپوليٽيڪل حالتون تبديل ڪرڻ گهرن ٿا تہ انهن کي عرض آهي تہ اهو ڪم نارمل حالتن ۾ ئي ٿي سگهي ٿو، سو ڪا تڪڙ ڪرڻ جي ضرورت ناهي. پهرئين ماڻهن کي ساهہ پٽڻ ڏيو، پوءِ اهڙا اپاءَ وٺو، صبر بہ تہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي. اهو ڪم ڪنهن رٿابنديءَ تحت ڪبو. تڏهن وڃي انهيءَ جو ڦل ملندو. سنڌ کي هيءُ پهريون سبق آهي، اهو تہ پڙهڻ ڏيو، باقي ڪراچي ڪنهن جي باپ جي ملڪيت ناهي جو ڦرجي ويندي. ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. همت کان ڪم وٺڻو آهي، تڪڙي ڪتيءَ وانگر انڌا گلر ڄڻڻا ناهن.

جڏهن درياهہ ڪاوڙ ڇڏي ٺڏو ٿيندو، اتر جي ڦرڪ لڳندي ۽ سر نسرندا، ڪونجون ورنديون، اباڻن ڪکن جي ياد ستائيندي تہ ڪراچيءَ جي ڪيمپن ۾ ڌڪيا ڏينهن گذاريندڙ خلقت ائين واپس ورندي جو ڪيس ڪا بہ طاقت روڪي نہ سگهندي، اها خلقت بہ درياهہ جو "ور" بڻجي پنهنجن اجهن ڏانهن وهڻ لڳندي. ماڻهو ڪاري مٽي جو ڌڻي آهي ۽ ڪنهن بہ وقت ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو، ڊنل ڦٽل گهر، هنڌان هنڌان ڦاٽل واٽر ڪورس ۽ لڙهي ويل شاخون بنا ڪنهن سرڪاري مدد جي ائين ايا ٿي ويندا، جو اڳ ۾ نہ تو ڏنا، نہ مون ڏنا. شهر جي ماڻهن کي شايد اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي، پر ڌر ڌڻي ڄاڻن ٿا تہ اهو سڀ ڪجہ ڪيئن ڪبو، پر هڪ ڏکي ۽ اذيتناڪ اجتماعي تجربي مان گذرڻ کان پوءِ عام سنڌي ماڻهن جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ اقتصادي حالتن کان وٺي سماجي روين ۽ سياسي لاڙن تائين جا رخ تبديل ٿي ويندا ۽ ڪير ڪوٺو ڪير سچو جي خبر پئجي ويندي. ڌڪا ڌومائي تہ ماڻهوءَ جي تربيت ڪندا آهن. رولڙو ئي سڀ ڪجهہ سيکاريندو آهي. پير پٿون ڪرڻ کان پوءِ ئي تہ محبوب ملندا آهن. شعور ڏکن جي ڪک مان ئي جنم وٺندو آهي.

# ٽٽي ڪانَ پوءِ دادو!

انجنيئر ظفر علي شاهه

اسان جو سنڌي ماڻهو هميشھ خدا ڪان مينهن جون دعائون گھرندو رهيو آهي ته شال ! مالڪ رحمت جون ڪٽيون وسائي، سنڌ سڪار ڪري، پر اڄ جي حڪومت انهيءَ رحمت کي بہ عوام ۽ ملڪ لاءِ آفت برپا ڪري ڇڏي. اڄ سنڌ ڄڻ طوفاني ٻوڏ کي منهن ڏئي رهي آهي. پر انهيءَ ٻوڏ کي وڌيڪ شديد ۽ خطرناڪ ڪرڻ ۾ اسان جي حڪومتي ڍانچي جو وڏو حصو شامل آهي. ڇا اسان جي حڪومت ڪنهن جي آڏو بہ جوابده نہ آهي، ڪو بہ ادارو عدالتي جاچ ڪان بالاتر آهي؟ جهڙي طرح اسان ڄاڻون ٿا تہ 1990ع ڪان وٺي ارضياتي سائنسدان ۽ ماحولياتي سائنسدان دنيا جي حڪومتن کي خبردار ڪندا رهيا آهن تہ جيڪڏهن صنعتي ترقي کي انڌا ڌنڌ وڌايو ويو تہ Ozone ليئر تباهه ٿي ويندو ۽ دنيا ۾ گرمي پد جو واڌارو انسان جي حيات کي ناممڪن بنائي ڇڏيندو. سڄي دنيا اندر حڪومتن جو ڪاروهنوار انتهائي سائنسي اصولن تي هوندو آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اسان وٽ حڪومتون فقط جڳاڙن ۽ ڌڪن تي هلايون وڃن ٿيون. اسان جي حڪومتن وٽ نااهل مشينريءَ جي فوج هجي ٿي ۽ نالائق ڪامورن کي چونڊي چونڊي ڀرتي ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اسان وٽ واٽر مئنيجمينٽ جو ڪو بہ نالو نشان ئي ڪو نہ آهي. هن ٻوڏ ۾ اقوام متحده جي انگن اکرن مطابق 2 ڪروڙ انساني جانيون متاثر ٿيون آهن. اهي سماجي، معاشي، نفسياتي طبعي ۽ هر لحاظ ڪان آفت جو شڪار ٿيون آهن. ڇا هن حڪومت وٽ انهن 2 ڪروڙ انسانن لاءِ ڪا بہ همدردي نہ هئي؟

جڏهن قوم ٻوڏ ۾ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهي هئي تہ اسان جا ڪجھ وزير عام معمول واري زندگي گذاري رهيا هئا. اسان جا ڪامورا پنهنجي شغلن ۾ مصروف هئا. جڏهن تہ خيبرپختونخواهه ۾ تيز برساتن مان اسان جي واپڊا جي ڪامورن کي سنجيده هئڻ کپي ها. ڇو تہ پنجاب ۽ واپڊا ان وقت پنهنجا ڊيم ڀرائي رهيا هئا. جڏهن تہ سنڌ شديد پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي هئي. نتيجو اهو نڪتو تہ جڏهن گليشيئرن جي ڳرڻ ڪري پاڻي ۾ واڌ آئي تہ ڊيمن مان پاڻي جلد نيڪال نہ ٿي سگھيو ۽ سنڌ ڏانهن پاڻي 11 لک ڪيوسڪ جي صورت ۾ موڪليو





ويو، جنهن سنڌ جي معيشت ڪان وٺي نفسيات تائين ولوڙ پيدا ڪري ڇڏي. اڄ سنڌ جي اڌ آبادي دربدري جو شڪار آهي. انهيءَ سڄي سانحي جو زميوار آخر ڪير آهي؟ ٽوڙي جي بند کي جڏهن ڪنڊ هنيو ويو تہ اهو 50 فوٽ هو، جيڪو 3000 فوٽ تائين پهتو ۽ 80 هزار ڪيوسڪ 24 ڪلاڪن اندر ڇوڙ ڪري رهيو آهي. ٽوڙي بند ڪان نڪرندڙ پاڻي آخرڪار تہ منڇر ۾ پهچڻو آهي. پر انهيءَ جي باوجود ايريگيشن جا ڪامورا منڇر ڍنڍ کي خالي نہ ڪرائي سگھيا. جڏهن تہ منڇر جي Dead level 4 فوٽ باقي بچي آهي. هاڻي جيڪو ٽوڙي بند وارو پاڻي حمل ڍنڍ ڪان ٿيندو منڇر اچڻ وارو آهي تہ پوءِ اسان کي ٻڌايو وڃي تہ آخر منڇر انهيءَ پاڻي کي ڪيئن جهل ڏيندي. انهيءَ جو مقصد تہ باقي بچيل انسانن کي بہ ٻوڙيو ويندو. هونءَ ئي اهي امڪان هئا تہ ان صورتحال ۾ دادو، جوهي، خيرپور ناٿن شاهه، سيوهڻ، ڀان سيد آباد ٻڏندا. انهن مان ڪالهه خيرپور ناٿن شاهه تہ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. ڪو معجزو ٿي سگھي ٿو تہ منڇر جو پاڻي درياءَ منجھ ڇوڙ ڪري. ٻي صورت ۾ ٽوڙي بند وارو پاڻي اٿل ڪائي جڏهن واپس ورندو تہ اهو جوهي، دادو، ڀان، سيوهڻ کي ٻوڙي ڇڏيندو. انتظاميہ جو اهو حال آهي تہ ايم اين وي ڊرين کي گهارا لڳڻ ڪان پوءِ بہ جوهي شهر جي رنگ بند کي وڌيڪ مضبوط نہ ڪيو ويو، سڄو دارومدار چندڻ واهه جي ڪپرن تي رکيو ويو. دادو شهر ۽ چندڻ واهه جي وچ ۾ ڪو بہ رنگ بند نہ ڏياريو ويو آهي. چندڻ واهه جي ڪپرن تي اعتبار ڪرڻ هڪ وڏي بيوقوفي هوندي. جيڪڏهن چندڻ واهه جي ڪپرن کي ڪو بہ گهارو لڳي ٿو، اهو دادو شهر کي نقصان پهچائيندو، ضرورت ان ڳالهه جي هئي تہ چندڻ واهه جي ڪپرن تي چوڪسي ڪئي وڃي ها ۽ ان جي هائيٽ وڌائي وڃي، سيوهڻ" ڀان سيد آباد، دادو شهرن کي رنگ بند ڏياريا وڃن ها. اڄ عوام مطالبو ڪري ٿو تہ:

(1) ٽوڙي بند ڪٽ هو يا گهارو هو؟ انهيءَ جي اعليٰ عدالتي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي (2) 7 آگسٽ تي جڏهن ٽوڙي بند کي گهارو لڳو تہ منڇر جي ساڳي سطح رهي. جڏهن تہ اهو پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرڻ وارو هو، انهيءَ لاپرواهيءَ جي بہ جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي. (3) آر بي او ڊي، جيڪا سنڌ دشمن رٿا آهي. انهيءَ لاءِ بہ هڪ جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي، ڇو تہ آر بي او ڊي سنڌ ۾ تباهي جو سبب بڻي آهي.

## ٻوڏ ستايلن جي بحاليءَ جي لاءِ ڪجھ گذارشون

اسان جا ماروئڙا جيڪي پنهنجو الهه تلهه ڇڏي الله جي آسري تي نڪتا آهن (1) مهرباني ڪري انهن جي تذليل نہ ڪئي وڃي (2) هو ڪنهن گاڏي مان زوري ڪجھ ڪڻن ٿا تہ انهن کي ماريو ڪٽيو نہ وڃي ۽ انهن کي ڪڻڻ ڏنو وڃي (3) ٻوڏ آيل

علائقن ۾ زرعي قرض کهڙي بہ بئنڪن جا هجن، اهي وياج ۽ اصل سان معاف ڪيا وڃن (4) هائوس بلڊنگ جا ڏنل قرض بہ معاف ڪيا وڃن (5) ٻوڏ ستايل جيڪي ڪراچي حيدرآباد آيا آهن. انهن کي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ انهن جي اهليت مطابق نوڪريون ڏنيون وڃن (6) تڪڙي رجسٽريشن ڪئي وڃي. رجسٽريشن لاءِ ووٽر لسٽون ڪم آڻي سگهجن ٿيون (7) ٻوڏ ستايلن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پلاٽ ڏنا وڃن (8) تيار ڪاڏي ڪان سنو آهي تہ ٻوڏ ستايلن کي ڪيمپن ۾ راشن ڪارڊ ڏنا وڃن ۽ ڪيمپن ٻاهران يوٽيليٽي اسٽور جون موبائيل وينون بيهاريون وڃن تہ جيئن هو پنهنجو تازو کاڌو ٺاهي سگهن (9) بينظير سپورٽ پروگرام مان ٻوڏ ستايلن جي مالي مدد ڪئي وڃي. (10) جن ماڻهن جا ٻوڏ ۾ گهر تباهہ ٿي ويا آهن. انهن جي سروي ڪرائي انهن کي اوتري رقم مهيا ڪئي وڃي (11) فصلن جي سروي ڪرائي فصلن جو جائز معاوضو ڏنو وڃي (12) مال مويشي جي مرڻ جو بہ معاوضو ڏنو وڃي (13) اڳتي جي لاءِ تعلقي ليول تي Disaster management unit کوليا وڃن.



# ٻوڏ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو؟

محمد ادريس راجپوت

سنڌ جو هر دردمند دل رکندڙ ماڻهو ٻوڏ متاثرن جو حال ڏسي پريشان آهي. سنڌ جي غريب ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن کي ٻوڏ جيترو بيحال ڪيو آهي. انهيءَ تي هرڪو پريشان آهي، سمجھ ۾ نٿو اچي تہ هيترن لکن ماڻهن جي پنهنجن گهرن ڏي واپسي ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيندي، پر ڪي ماڻهو آهن، جيڪي انهن ڏتڙيل ۽ برباد اڻهن جي مدد ڪري اڳتي لاءِ بہ سوچين ٿا. انهن مان هڪڙو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو سربراهہ سيد جلال محمود شاهہ آهي، جنهن مون کي دعوت ڏني تہ مان ان سان گڏ بند جي ڪجھ علائقن جو دورو ڪريان ۽ ڏسان تہ ٻوڏ سنڌ مان پاس ٿيڻ ۾ ڪهڙا مسئلا پيدا ڪيا، اسان جي همراهن ڪيئن منهن ڏنو ۽ ٻوڏ اسان کي ڪهڙا سبق ڏئي وئي ۽ اڳتي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺجن، تہ جيئن هن سال واري تباهيءَ بربادي کان بچي سگهجي.

مان هڪ غير سياسي ماڻهو آهيان، منهنجو ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ سان واسطو ناهي، پر جڏهن ڪو ماڻهو، (سياسي يا غير سياسي) سو مون کان سنڌ جي معاملن ۽ مسئلن بابت ڪجھ بہ مدد گهري ٿو يا ڪنهن بہ قسم جو تعاون گهري ٿو، جنهن مان ان جو مقصد سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ڀلائي ۽ بهتري هجي ٿي تہ مان يڪدم حاضر هوندو آهيان. ڪڏهن چيف منسٽر سنڌ چشما - جهلم لنڪ ڪئنال بابت فني راءِ لاءِ گهرائي ٿو تہ مان حاضر هوندو آهيان ۽ وزيراعظم جي گڏجاڻي ۾ اهو چوڻ کان بہ نٿو ڪيٻايان تہ ارسا جي وقتي چيئرمين زوري چشما - جهلم لنڪ کولي ائين ارسا جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. جيئن هڪ فوجي آمر آئين جي ڀڃڪڙي ڪري مارشل لا هڻي ٿو. جيڪا ڳالھ پنجاب جي چيف منسٽر شهباز شريف کي نہ وڻي ۽ انهيءَ تي اعتراض واريائين. ڪڏهن ٻوڏ جي سلسلي ۾ مان صلاح ٿو ڏيان تہ چوڏهن سالن کان پوءِ ٻوڏ اچي پئي. انهيءَ کي گهٽ نہ سمجهو ۽ بہ ڳالهيون يڪدم ڪريو، هڪڙي اها تہ آبپاشي کاتي وارن کي پئسا رليز ڪيو تہ هو ٻوڏ کي منهن ڏيڻ

لاءِ ماڻهن ۾ مٽيريل جو بندوبست ڪري سگهن. ٻي اها ته بندن تي صحيح پهرو تڏهن تي سگهندو، جڏهن ملڪ ۾ امن امان هوندو، پوليس امن امان قائم نٿي ڪري سگهي. تنهنڪري يڪدم فوج کي گهرايو، ته بندن تي ڪم ڪندڙ ماڻهو بنا ڪنهن ڀَوَ جي ڊيوٽي ڏئي سگهن. ڪڏهن ٽن پراڻن سيڪريٽريز يعني مزمل قريشي، بشير احمد ڏهر ۾ مون کي گهرايو ته وڃي ته اسان فوج وارن کي Convince ڪيون ته انهن جو اهو ارادو هو ته سکر بيراج کي ٻوڏ واري پاڻي کان بچائڻ لاءِ علي واهڻ وٽ ڪٽ ڏنو وڃي صحيح ناهي. نيٺ ا مني ڪلاڪ جي بحث کان پوءِ ڪور ڪمانڊر ۾ جي او سي پنو عاقل Convince تي ٿا وڃن ۾ علي واهڻ وٽ بند کي ڪٽ نٿو هنيو وڃي. مان پنهنجيون اهي Services سنڌ ۾ سنڌ وارن سان محبت ۾ سڪ جي جذبي تحت ڏيان ٿو ۽ ڪوشش ڪندو آهيان ته سنڌ ۾ خوشحالي اچي ۽ دعا ڪندو آهيان ته سنڌ وارن کي ڪو ڪوسو واءُ به نه لڳي.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته مان انهن معاملن تي سنڌ جو ڪنسلٽنٽ آهيان ۽ سنڌ سرڪار کان پگهار ڪٽان ٿو، مان لاهور جي هڪ ڪمپني نيشنل ڊولپمينٽ ڪنسلٽنٽ ۾ نوڪري ڪريان پيو، جن کي ٻن ٻين ڪمپنين سان گڏ سنڌ جو هڪ آبپاشي جو پراجيڪٽ مليل آهي. مان انهيءَ پراجيڪٽ جو سنڌ ۾ پراجيڪٽ مئنيجر آهيان پگهار متين ڪمپنين کان ڪٽان ٿو ۽ جڏهن پراجيڪٽ ختم ٿي ويندو ته به مان انهيءَ ڪمپني جو ملازم رهندس. مان سنڌ جي پاڻي وارن مسئلن تي سنڌ سرڪار جو پگهار تي رکيل ملازم ناهيان ۽ اها خدمت مان سنڌ ۾ سنڌ وارن سان محبت ۾ پيار واري جذبي هيٺ ڪريان ٿو ۽ موجوده پراجيڪٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ به ڪندو رهندس، انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ وارن جيڪا مون کي محبت عزت ۽ سڪ جي موٽ ڏني آهي، تنهن جو مان تمام ٿورائتو آهيان، جلال محمود شاهه صاحب جي اها ڳالهه مون کي تمام سٺي لڳي ۽ مان اها دعوت خوشي سان قبول ڪئي اسان چنڇر 14 آگسٽ تي پهريون سگهيون متياري بند تي اڏيرو لال چنڊڻ کان پاٽوت کان هالا تائين هلياسين ۽ تنهن کان پوءِ واپسي تي وري اڏيرو لال چنڊڻ کان هيٺ گهليان بند، ڪوٽڙي بيراج جو ليفٽ مارجينل بند، ڄامشورو فرنٽ بند ۽ گدو مل بند (لطيف آباد بند) توڙ تائين ڏٺوسين، انهن بنهي بابت تاثرات هن ريت آهن.

### اڏيرو لال چڏڻ کان پاٽوت بند ( هالا):

انهيءَ رينج ۾ متياري ۽ هالا جا شهر اچي وڃن ٿا. بند مينوئل مطابق اٺ سببن ڪري بند کي نقصان ٿي سگهي ٿو. اهي آهن بند جو اوور ٽاپ ٿيڻ، روڻ، ويو واش، بلو آئوٽ، بند سلوس جو فيل ٿيڻ، درياهه جي ڪاٽ، بند جو سيمو، بند جو ويجهي وڃڻ، پوين ٻن سببن کي ڇڏي متيان ڇهه ئي سبب اسان کي انهيءَ حد ۾ ڏسڻ ۾ آيا.





پر جيڪي سيني کان خطرناڪ سبب ڏسڻ ۾ آيا، اهي هئا اوور ٽاپ ٿيڻ ۽ ويو واش، بندن تي پاڻي جي ليول ايتري متي هئي. جو پڙهڻ وارا لڳل گيج ٻڏي ويا ۽ انهن تي ٻيو واڌو گيج هنيو ويو، گيج تي وڏ ۾ وڏ آيل 1976ع واري ٻوڏ جو نشان به لڳل هو. ڏٺوسين ته پاڻي انهيءَ نشان کان 5 کان 6 فوٽ متي آيو هو. ياد رهي ته اسان جا بند وڏ ۾ وڏ آيل ٻوڏ جي ليول کان ڇهه فوٽ متي نهيل هوندا آهن. معنيٰ بندن تي فري بورڊ جيڪو ڇهه فوٽ هجڻ کان پوندو هو. اهو ڪو نه هو ۽ بند وور ٽاپ ٿيڻ جو خطرو هو. نهيءَ سوال تي ته توهان ايتري وڏي حد ۾ بند کي اوور ٽاپ ٿيڻ کان ڪيئن بچايو؟ حد جي ايس ڊي او ٻڌايو ته انهيءَ لاءِ سرڪاري ۾ غير سرڪاري مشينري استعمال ڪئي وئي. جنهن ۾ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ايڪس ڪيويٽر وڏو ڪم ڪيو، مان جڏهن ويو واش بابت پڇا ڪئي ته ايس ڊي او ٻڌايو ته انهيءَ لاءِ ٻڪ ورڪ ڪيوسين ۾ متيءَ جون ڳوٽيون پري رکيون ويون، پر جيترو ڪم ٿيل هو، اهو ريگيولر ۾ آبڪلاٽي وارن بيلدارن جي وس کان ٻاهر هو، ايس ڊي او ٻڌايو ته ماڻهن جي سلسلي ۾ لوڪل ماڻهن هنن جي ڏاڍي مدد ڪئي. متياري مان امير علي شاهه ۾ هالا مان مخدوم امين فهيم ۾ سندس فرزند جميل الزمان ٻوڏ واري سڄي وقت ۾ هزارين ماڻهن سان گڏ بند تي موجود هئا. هنن جي سروري جماعت پنهنجي ليڊر جي قيادت ۾ جيڪا ڊيوٽي ڏني آهي. انهيءَ ڪانسواءِ بند بچي ئي نه سگهن ها. آبپاشي واري ايس ڊي او ٻڌايو ته ائين سمجهو ته هالا وارا بند مخدوم صاحبن ۽ متياري وارا بند ڄاموٽ صاحبن بچايا. اسان رڳو بندن تي مشينن وسيلي متي چاڙهڻ ۾ رابطي ۾ مشغول رهياسين. هن وڌيڪ ٻڌايو ته انهن ماڻهن ۾ ڪيترا تجربي ڪار ماڻهو به هئا. جيڪي روڻ ڳولهڻ ۾ ان کي بند ڪرڻ ۾ به ماهر هئا. پاٽوت وٽ اسپرن جو ٿيل ڪم به ڏٺوسين، هن ٻوڏ ۾ رڳو هڪڙي اسپر تي ڪاڙ ٿي. باقي نيڪ بيٺا رهيا. رستي تي اسان پراڇا وارو ڪيلن جو باغ به ڏٺوسين. جيڪو ڪچي ۾ هيو. ان جي بچاءُ لاءِ زميندار بند به ڏنل هو، جيڪو ٽٽي ويو. باغ ٻڏي ويو ۽ سندس ڪچي ۾ نهيل بنگلو به پاڻي هيٺ هو. رستي تي اهو به ڏٺوسين ته بند تي ڪيترائي گهر ۾ پڪيون جايون به ٺهيل هيون. ڪن هنڌن تي بند تي ٻنهي پاسي جهنگ ۾ ديويون بيٺيون هيون. جتي بند تي صحيح پهرو ممڪن نه هو. گهلياڻ، ڄامشورو، فرنٽ ۽ گدو مل بند .

### لطيف آباد بند:

اهي ٽئي بند حيدرآباد شهر جي سلامتي لاءِ تمام اهم آهن. مون پنهنجي مضمون ۾ جيڪو ڪاوش ۾ 18 آگسٽ تي ”سپر فلڊ ۽ حيدرآباد شهر جي سلامتي“ جي عنوان هيٺ لکيو هو. واسطيدار عملدارن کي انهن خطرن بابت چتاءُ ڏنو هو ته

جيڪڏهن هنن صحيح ڊيوٽي نہ ڏني تہ حيدرآباد شهر ٻڏي سگهي ٿو. بند جو انچارج ايس اي محمد خان نظاماڻي اسان سان گڏ هو. گهلياڻ بند تي تمام گهٽي اوور ٽاپ واري حد ڪانسواءِ اسان تمام گهٽي ويو واش ۾ زمين واري پاسي سيمو ڏٺوسين. اسان پاڻ ڏٺوسين تہ پاڻي وڏ ۾ وڏ آيل ٻوڏ ڪان اٽڪل ڇهہ فوٽ مٿي هو. فري بورڊ ڪو نہ هو. جڳهن جڳهن تي ميلن ۾ بند تي مٽي چڙهيل هئي. ويو واش لاءِ ڳوڻيون درياهہ واري پاسي سلوپ تي رکيل هيون. ايترو ڪم ٿيل هو جو اسان کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ اهو ڪم ڪيئن ٿيو. جڏهن پئسا ئي رليز ڪو نہ ٿيا هئا تہ ايترين مشينون ۽ ايترو مٽيريل گهرائڻ ڪيئن ممڪن ٿيو. انچارج ايس اي ٻڌايو تہ پاڻي ايترو خطرناڪ ۽ مٿي هو تہ اسان سوچيوسين تہ بند بچائڻ ڏکيو آهي. پر وسپ جي پي ڊي جيڪو اسپيشل ڊيوٽي م هو. تنهن هنن کي چيو تہ هن مهل پنهنجي سلامتي ۽ پئسن جي ڳالهہ بدران حيدرآباد جي سلامتي وڌيڪ اهم آهي. تنهنڪري پنهنجي ڄاڻ ۽ واقفيت جو فائدو وٺي سرتوڙ ڪوشش ڪرڻي آهي. سو اسان مشينن ذريعي بند تي مٽي چاڙهيندا وياسين ۽ ماڻهن وسيلي ڳوڻيون ڀري درياهہ واري پاسي سلوپ تي رکندا وياسين، تہ جيئن ويو واش ڪري بند نہ ڪاڇي. ماڻهو ۽ هر طرح جي مدد امير علي شاهہ ڄاموٽ ڏني. جنهن جي مدد ڪانسواءِ اهو ڪم ناممڪن هو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هڪ رات صورتحال ايتري خراب ٿي تہ هن سمجهيو تہ بند هاڻي ٽٽي ويندو، مون بي وس ٿي بانگ ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ چئن هنڌن تي بانگ ڏنم، تنهن ڪان پوءِ مون ڏٺو تہ پاڻي جو زور ٽٽي ويو ۽ بند بچي ويو. محمد خان نظاماڻي اهو فني مشورو ڏنو تہ بند ٺاهڻ جي Specification تبديل ڪرڻ کپي بند جي ٽاپ تي ويڪر 20 فوٽن بدران 40 فوٽ ٿيڻ کپي ۽ بيڪ برم 5 فوٽن بدران 10 فوٽ رکڻ کپي، تنهن ڪان پوءِ اسان ڪوٽڙي بيراج جو ليفٽ مارجينل بند، ڄامشورو فرنٽ بند ۽ گدو مل بند ڏٺاسين. ڄامشورو بند تي گيج وارا پلر ٻڏي ويا هئا. فري بورڊ ڪو نہ بچو هو ۽ ڪاڌ تي هئي. ڪاڌ لاءِ ايترا پٿر آندا ويا، جو هلڻ جو رستو ئي سوڙهو ٿي ويو هو، مشين ذريعي بند کي مٽي چاڙهيو ويو، پٿر وجهي ڪاڌ کي روڪيو ويو، ڪيترن هنڌن تي ماڻهن بند تي گهر ۽ اڏاوتون ٺاهي ڇڏيون هيون. خاص طرح سحرش نگر سامهون، گدو مل بند جي حالت ناجائز اڏاوتن جي لحاظ ڪان تمام خراب هئي. ايم ڪيو ايم وارن بند تي ڊيوٽي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو ڏنا. پر پٿر اڻ ڪٽ گهرايو ويو، جتي ضرورت نہ هئي، اتي بہ پٿر گهرايو ويو. بند تي هنڌ هنڌ ايترو پٿر پيو هو، جو هلڻ ئي ڏکيو ٿي ويو، ڪچي ۾ پارڪ ٺاهيو ويو هو جيڪو ٻڏي ويو.

اهي بند ڏسڻ ڪان پوءِ منهنجي ۽ جلال محمود شاهہ جي آبزرويشن اها هئي تہ سيڊا وارن تمام خراب حالتن واري بندن کي اٽڪ ڪوشش ۽ محنت سان مشينن ۽ ماڻهن جي مدد سان حيدرآباد وارن بندن کي ٽٽڻ ڪان پوءِ بچايو ۽ انهن جي ڪاوش ۽ ڪوشش کي نہ ساراهڻ زيادتي ٿيندي. بندن تي سوسائٽي جي ڏاڍائين ۽ ڪچي ۾





حددخلين تي تبصرو ڪندا وياسين. مستقبل ۾ ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو.

(1) اهو سمجهڻ تہ بند سنڀالڻ رڳو آبپاشي کاتي جي جوابداري آهي. صحيح ناهي. جيستائين معاشرو سڄي جو سڄو انهيءَ ۾ شامل نہ ٿيندو، بندن ۾ نقصان جو انديشو رهندو، جتي بہ لوڪل ماڻهن انهيءَ ڪوشش ۾ حصو ورتو. بند محفوظ رهيا، جتي ائين نہ ڪيو ويو تہ اتي نقصان ٿيا.

(2) بندن تي ڪنهن بہ اٽڪر ۽ اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينن جي گهرج آهي، جيئن بندن تي مٽي چاڙهڻ، روڻ بند ڪرڻ ،بلو آئوٽ لاءِ منگلي ٺاهي سگهجي. تنهنڪري آبپاشي کاتي وارن وٽ ججهي انگ ۾ مشينون هئڻ کپن.

(3) ڪنهن بہ اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ آبپاشي کاتي وارن وٽ هنگامي پلان (Contingentplan) هجڻ کپي، جيئن جيڪڏهن ڪند ڀڄي وڃي تہ ڇا ڪرڻ کپي، جدا جدا جاين تي پاڻي کي ڪهڙو رستو ونرائڻ کپي تہ گهٽ ۾ گهٽ نقصان ٿيو، بيراج جي گنجائش ڪان وڌيڪ پاڻي اچي تہ ڇا ڪرڻ کپي وغيره.

(4) بند تي ڪم ڪندڙ اسٽاف کي تربيت ڏيڻ کپي تہ مختلف صورتن ۾ ڪيئن بند کي بچائجي. اها ٽريننگ ٻوڏ اچڻ ڪان اڳ ۾ ڏجي. اپريل جي مهيني ڪان ئي بندن جي سار سنڀال ٿيڻ کپي.

(5) بندن جي (Specification) ورجائڻ کپن. جنهن ۾ بند جي ويڪر، بيڪ برم جي ويڪر، فري بورڊ ۽ ٻين شين جي گهرج شامل ڪرڻ کپي.

(6) ڪچي ۾ زمينداري بند ٺاهڻ تي بندش هجڻ کپي. ڇو جو اهي بند درياهہ جي پاڻي کي مين بند کي لڳڻ ڪان روڪن ٿا، جنهن ڪري جڏهن اهي ٽٽن ٿا تہ مين بند کي اوچتي پاڻي لڳڻ ڪري اهي بہ ٽٽي پون ٿا، جنهن ڪري تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو.

(7) بند تي ٺهيل اڏاوتون ڊاهڻ کپن ۽ نيون اڏاوتون ٺاهڻ تي پابندي هجڻ کپي، بلڪ جيڪو ٺاهي انهيءَ تي ڏنڊ وجهڻ کپي.

(8) سکر بيراج تي بند وال اندر ٺهيل سڀ گهر ۽ اڏاوتون ڊاهڻ کپن تہ جيئن پاڻي جو رستو بلاڪ نہ ٿئي.

هي ڪجهہ تجويزنون مٿيان بند ڏسڻ ڪان پوءِ ذهن ۾ آيون. ڪجهہ بند خاص طرح آر بي او ڊي وارا اڃا ڏسڻا آهن. جيڪڏهن انهن کي ڏسڻ ڪان پوءِ ڪجهہ وڌيڪ تجويزون ذهن ۾ آيون تہ سنڌ وارن آڏو پيش ڪبيون.

# تاريخ مان سبق نه پرائڻ جا نتيجا

محمد ادريس راجپوت

دنيا جي مشهور تاريخدان پروفيسر ٽائن بي جو چوڻ آهي ته، ”تاريخ مان پرايل سبق هي آهي ته اسان تاريخ مان ڪو سبق نٿا پرايون.“ ٽوڙي جي ٻوڏ واري پاڻيءَ ڪي صحيح نموني دڳ نه ڏيڻ ڪري جيڪي شهر ٻڏا ۽ جيڪا لڏ پلاڻ ٿي، سا تاريخ جو حصو ٿي وئي. جنهن شهر ڪي بچائڻ لاءِ ٻيا شهر ٻوڙيا ويا يا جن زمينن کي بچائڻ لاءِ ملڪ ٻوڙيو ويو، سي به نه بچي سگهيون آهن يا نه بچي سگهنديون. ڇا اڳي به ائين ٿيو آهي؟ اچو ته تاريخ جا ورق اٿلايون ۽ ڏسون ته اسان تاريخ مان ڪيترو سبق پرايو آهي ۽ جن نه پرايو آهي ته انهن ان جا ڪهڙا نتيجا ڀوڳيا آهن.

هن دفعي آيل ٻوڏ هڪ مثالي ٻوڏ آهي پر تاريخ ۾ هڪ ٻي ٻوڏ جو به ذڪر آهي. جنهن کي ”ڪاري ٻوڏ“ سڏيو وڃي ٿو. اها 1942ع واري ٻوڏ آهي. جنهن ۾ سکر بيگاري بند کي ڇڪ ڳوٺ ويجهو ڪنڌ لڳو هو، جنهن جو پاڻي رستي تي ملڪ ٻوڙيندو شهدادڪوٽ پهتو هو ۽ شهدادڪوٽ کي ٻوڙي قمبر، وارهه وارو رستو ڏئي ڊامراهه ڪئنال کي لڳو هو ۽ ڊامراهه ڪئنال جي ٽٽڻ ڪري خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ کي ٻوڙيو هو ۽ پوءِ هيٺ ٻوڙ ٻوڙان ڪندو منڇر تائين پهتو هو. انهيءَ ٻوڏ جو احوال ان وقت جي هڪ انگريز سب ڊويزنل مئجسٽريٽ (SDM) پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ڏنو آهي. جنهن جو ترجمو يا وچور قاضي آصف ڪاوش دنيا ۾ آچر واري ڏينهن قسطوار ڏئي رهيو آهي، هن انگريز آفيسر جو نالو راجر پيئرس هو ۽ هن وٽ لاڙڪاڻي ضلعي جا ٽي تعلقا شهدادڪوٽ، قمبر ۽ وارهه هئا. راجر پيئرس مطابق ٻوڏ واري پاڻيءَ شهدادڪوٽ شهر ٻوڙي ڇڏيو هو ۽ ماڻهن اهو سمجهي ورتو هو ته ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ هڪڙو ته پاڻيءَ کي رستو ڏنو وڃي ته اهو تڪڙو هيٺ وهي وڃي ۽ ٻيو ته ان جو رخ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن موڙيو وڃي. هنن قمبر شهر کي بچايو هو ۽ ٻوڏ وارو پاڻي ڊامراهه واهه کي اچي لڳو هو، جتي ان جي روينيو حد پوري ٿي ٿئي ياد رهي ته انهيءَ زماني ۾ سپريو بند ڪو نه هو ۽ ڍرينن وارا سم نالا به





ڪو نه هئا. ڊامراهه واهه دادو ضلعي جي حد ۾ هو، سڄي صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ هن ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر دادو کي . جنهن جو نالو گالگهر هو، تار موڪلي ته ڊامراهه واهه کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڏنا وڃن ۽ ڪوشش اها ڪئي وڃي ته ايف پي بند کي ڪٽ هڻي ٻوڏ واري پاڻيءَ کي ان جي اولهه ۾ ورائي منڇر ڏانهن نيو وڃي، پر اتي آفيسر شاهي آڏو آئي ۽ دادوءَ جي ڊپٽي ڪمشنر انهيءَ م پنهنجي گهٽتائي سمجهي ته ٻئي ضلعي جي ايس ڊي ايم کي ماڻهو ڪم ڪرڻ لاءِ ڏنا وڃن. گالگهر جواب ڏنو ته، ”ڪئنال منهنجي حد ۾ آهي. تنهنڪري اها منهنجي ذميواري آهي.“ هن ڊامراهه واهه کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ماڻهو نه ڏنا. ٻئي پاسي ڪجهه ٻيا ماڻهو ڊامراهه برانچ کي ڪٽ ڏيڻ لاءِ تيار بيٺا هئا، جن کي راجر پيئرس ڪٽ ڏيڻ کان روڪيو ۽ واعدو ورتائين ته هو ڊامراه واهه کي ڪٽ نه ڏيندا. تنهن کان پوءِ هو ايف پي بند کي ڪٽ ڏيڻ جي ارادي سان اتي پهتو پر پويان خبر پئي ته ڊامراهه واهه م ڪنڌ پئجي ويو ۽ اهو به اتان پيو، جتي ماڻهن ڪنڌ ڏيڻ جو سوچيو هو. ظاهر آهي ته خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ ٻڏا. هن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن دادو جو ڊپٽي ڪمشنر گالگهر هن جي مدد ڪري ها ته ڊامراهه واهه جي پاڻيءَ جو رخ موڙي ايف پي بند کي ڪٽ هڻي اهو پاڻي ايف پي بند جي مٿان ورائي سگهجي ها. پر ائين نه ڪيو ويو ۽ دادو ضلعو ٻڏي ويو هو. هو وڌيڪ لکي ٿو ته، وارهه شهر کي بچائڻ لاءِ هن اتر واري شاخ ۾ ڪنڌ هڻڻ جو چيو پر ائين ڪرڻ سان ڪجهه وڏن زميندارن جون زمينون ٻڏڻ جو خطرو هو، جن ڪنڌ ڏيڻ کان روڪڻ لاءِ شاخ تي ماڻهو ويهاريا ۽ ڪٽ نه ڏيڻ ڏنو، جنهن ڪري وارهه شهر ٻڏي ويو.

راجر پيئرس جي مٿين بيان مان تاريخي ٽن ڳالهين جي خبر پئي

(1) پاڻيءَ کي وهڻ جو رستو ڏنو وڃي ته جيئن اهو تڪڙو هيٺ وهي وڃي، يا ان جو رخ هڪڙي علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن موڙيو وڃي.

(2) سرڪاري ڪامورن انا جو مسئلو بڻائي ملڪ ٻوڙايو.

(3) زميندارن پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ شاخ کي ڪنڌ نه ڏيڻ ڏنو، جنهن ڪري وارهه جو شهر ٻڏو.

هاڻي اچو ته ڏسون ته مٿين تاريخي سبق جي پيٺ ۾ اسان ڪهڙو عمل ڪيو سين ۽ انهيءَ جا ڇا نتيجا نڪتا.

ٻوڏ وارو پاڻي جڏهن جيڪب آباد مان ڦرندو ۽ بلوچستان کان موٽندو قبي سعيد خان شهر وٽ پهتو ته ان کي ٻوڙي ڇڏيائين. جڏهن شهدادڪوٽ ڏانهن وڌيو ته نادر مگسي جي ڪوشش سان ان کي رنگ بند اچي ويو ۽ شهدادڪوٽ شهر ٻڏڻ کان ته بچي ويو پر تنهن هوندي به لڏ پلاڻ ٿي. قمبر ۽ وارهه جو بچاءُ ٿيڻ کان پوءِ پاڻي وري ڊامراهه واهه کي اچي لڳو. انهيءَ جي ٻي ڇاڙ سپريو بند ۽ ايم اين وي ڊرين جي وچان هيٺ هلي. جنهن جو هي برانچ تي زور وڌو. جيئن ته ڊامراهه واهه تي پاڻي

روڪڻ ڏکيو هو. تنهنڪري سپريو بند کي ڪٽ ڏئي اهو پاڻي سپريو بند ۽ ايم اين وي ڊرين مان گذارڻ ڪپندو هو. پر اهو ڪمپارٽمينٽ اڳي ئي ٻوڏ جي ٻي چاڙ ڪري جوهي برانچ تائين پريو بيٺو هو. جيستائين اهو پاڻي هيٺ نہ لهي ها. مٿيون پاڻي ڪيٽن هيٺ سلامتي سان لهي سگهي ها. معنيٰ جوهي برانچ کي ڪٽ ڏئي اهو پاڻي ايم اين وي ڊرين ۽ جوهي برانچ وچ ۾ هيٺ موڪليو وڃي ها. انهيءَ ڪري جوهي شهر پاڻي هيٺ اچي ها. دادو جي ضلعي انتظاميہ ۽ واسطيدار زميندارن. جيڪي سياسي طرح بہ مضبوط هئا. تن جوهي برانچ کي ڪٽ نہ هڻڻ ڏنو ۽ اتان دٻاءُ نہ گهٽجڻ ڪري مٿي سپريو بند ۾ ڪنڌ پئجي ويو. جنهن خيرپور ناٿن شهر کي ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ ٽريفڪ بند ٿي وئي آهي. سپريو بند جي ٽٽڻ کان پوءِ جوهي برانچ کي ڪنڌ هنيو ويو ۽ اهو پاڻي پنهنجي قدرتي رستي سان هيٺ وهي پيو پر اهو زمزما فيلڊ ۽ جوهي شهر کي ٻوڙيندو. توڙي جو جوهي برانچ کي ڪٽ تہ هنيو ويو پر اهو دير سان هنيو ويو. جيڪڏهن جوهي برانچ کي اڳ ۾ ئي ڪٽ هنيو وڃي ها تہ ڪمپارٽمينٽ مان پريشر رليز ٿيڻ ڪري سپريو بند ۾ ڪنڌ نہ پوي ها ۽ خيرپور ناٿن شاهہ ٻڏڻ کان بچي وڃي ها

رام بيئرس جي ڪتاب ۾ جن ٽن ڳالهين جو ذڪر ٿيل آهي. جن ڪري ملڪ ٻڏو. انهن ٽنهي ڳالهين تي عمل نہ ٿيو. يعني پاڻيءَ کي هيٺ وهڻ جو سلامتي وارو رستو نہ ڏنو ويو. سرڪاري ڪامورن ضلعي جي بنياد تي جوهي برانچ کي ڪٽ نہ ڏيڻ ڏنو ۽ زميندارن پنهنجا علائقا ۽ زمينون بچائڻ لاءِ ڪٽ ڏيڻ ۾ دير ڪرائي. معنيٰ تہ 1942ع کان سال 2010ع تائين جي عرصي ۾ نہ آفيسرن جي عادت مٽي، نہ زميندارن پنهنجو رويو تبديل ڪيو. اجتماعي سوچ بدران انفرادي سوچ جو زور رهيو. قبيلائي ۽ وڏيرڪي نظام ۾ اهي شيون اجا تائين مٽجي نہ سگهيون آهن. آفيسرن ۾ بہ پراڻي انا. جيڪا انگريزن جي وقت ۾ هئي. سا هينئر بہ آهي. انهيءَ م ڪا گهٽتائي نہ آئي آهي.

اهي ڳالهيون ڏسي پروفيسر ٽائن بي جي چيل اکرن جي صداقت ثابت ٿئي ٿي تہ. ”تاريخ مان پرايل سبق هي آهي تہ اسان تاريخ مان ڪو سبق نٿا پرايون.“

## منڇر تي ڇا ٿيندو؟

ٻوڏ واري پاڻي جي آخري منزل منڇر آهي، جنهن جي سطح ذري گهٽ ٻن ڊيسيمل جي حساب سان چڙهي رهي آهي، ڪالهہ اها 113.45 فوٽ هئي. ٻئي پاسي سکر بيراج تي درياهہ جو وهڪرو گهٽجي رهيو آهي ۽ ڪالهہ اهو ٻہ لک 64 هزار ڪيوسڪ هو. انهيءَ جي نتيجي ۾ منڇر جي ليول ۽ درياهہ جي ليول جو فرق گهٽجي رهيو آهي. 25 آگسٽ تي اهو فرق 7.7 فوٽ هو پر ڪالهہ اهو فرق گهٽجي 2.1 فوٽ





رهجي ويو آهي. يعني درياهہ جي ليول منڇر جي ليول کان 2.1 فوٽ مٿي آهي. اهو فرق سراسري اڌ فوٽ جي حساب سان گهٽجي رهيو آهي. انهيءَ حساب سان چئن ڏينهن ۾ ٻنهي جي ليول هڪ جيتري ٿي ويندي ۽ تنهن کان پوءِ منڇر جو پاڻي دريا ۾ ڇوڙ ٿيڻ شروع ٿي ويندو. پر ڇوڙ جو مقدار تمام گهٽ هوندو. جو ٽن واهن جي گنجائش. جيڪي منڇر جو پاڻي دريا ۾ ڇوڙ ڪري سگهن ٿا. سا گهٽ آهي. اهي آهن دانستر. اڙل- منڇر ۽ اڙل- لڪي. منڇر جي بندن کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ منڇر مان ڪنهن بہ نموني پاڻي ڪڍڻ لاءِ سوچڻو پوندو. منهنجي خيال ۾ صورتحال ايتري خراب ناهي ۽ انهيءَ کي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

# منهنجو شهر

منظور ميراڻي

اهو شهر، جنهن جي گهٽين ۾ منهنجو ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جا شروعاتي ڏينهن وڪريل آهن. سو شهر بہ ڏڍي ويو. شهر بہ محبوبن وانگر هوندا آهن جنهن شهر ۾ اوهان زندگيءَ جو پهريون عشق ڪيو هجي، سو شهر ڪنهن محبوب کان گهٽ تي بہ ڪيئن ٿو سگهي. گذريل هڪ مهيني کان پوڏ تي لڪيل آرٽيڪلز ڪي نظر مان ڪيندي، خبرون پڙندي، تباهين جا داستان سهيڙيندي، ٽي وي اسڪرين تي دل ڪي چيريندڙ منظر ڏسندي ڪيترائي ڀيرا اکيون آليون ٿي ويندڙيون هيون. پر مون کي اها خبر نہ هئي تہ جن جا شهر ٻڏا آهن، سي ڪيئن محسوس ڪندا هوندا. جڏهن خيرپور ناٿن شاهہ ٻڏو تہ اهي ڪوڙ سارا ڳوڙها، جيڪي ڪيترن ڏينهن کان پنبڻين جي بند ۾ قاتل هئا، انهن کي ڪرڻ کان مان روڪي نہ سگهيس. توڙي جو هاڻي مان خيرپور ناٿن شاهہ ۾ رهيل نہ هئس. توڙي جو مان اتان نڪري ڪنهن ڪيمپ ۾ نہ پهتو هئس، پوءِ بہ لڳو تہ ڄڻ منهنجو سڀ ڪجهہ لڙهي ويو هجي. لڳو تہ ڄڻ مان بہ ڪيمپ ۾ پهچي ويو هجان، ۽ پوءِ اهي سڀ منظر مون کي پنهنجا لڳڻ محسوس ٿيا. جيڪي هن وقت ڪيمپن ۾ ماڻهن سان ٿيندڙ جنين جي صورت ۾ جنم وٺي رهيا آهن... پوءِ مون سمجهيو تہ جن ماڻهن جا شهر ٻڏا آهن، تن ايئن ئي محسوس ڪيو هوندو تہ ڄڻ انهن جا محبوب ٻڏي ويا هجن. جو هر شهر ان جي هر رهواسيءَ جو محبوب هوندو آهي، ان ڪري خيرپور ناٿن شاهہ مون سميت ڪوڙ اهڙن ماڻهن جو محبوب هوندو. جيڪي هاڻوڪن ڏينهن ۾ توڙي جو هن شهر جو پيرو گهٽ پچندا هوندا، انهن کي پلي هيءُ شهر ڏٺي ورهيہ گذريا هجن، پر هن شهر جي ٻڏڻ جو ٻڌي انهن جي دل بہ ضرور ٻڏي وئي هوندي. وچوڙا رڳو ماڻهن جا ناهن ٿيندا، وچوڙا شهرن ۽ وسندين جا بہ ٿيندا آهن. جيڪي ماڻهن جي وچوڙن کان وڌيڪ ڏکائيندڙ ۽ اندر ڪائيندڙ هوندا آهن. اوهان پلي ٻاهران کلندا بہ رهو، پر اندران پور پور ٿيل محسوس ڪندا آهيو.





مون جڏهن خيرپور ناٿن شاهہ جي ٻڏڻ جي خبر ٻڌي تہ مون کي ان وقت فوري طور تي سوئيڊن ۾ رهندڙ اهو ناٿن شاهي ياد آيو، جنهن سان منهنجي ملاقات لنڊن ۾ ٿي هئي.... عبدالجبار، جنهن پنهنجي قوهہ جوانيءَ جا ڏينهن تہ يورپ ۾ گذاريا، پر خيرپور ناٿن شاهہ جو ذڪر ٿيڻ تي هن جي چهري تي جيڪا رونق اچي وئي. انهيءَ ڪيفيت جي ڪو آرٽسٽ شايد ئي تصوير ڪشي ڪري سگهي. هن فوري طور پنهنجو پرس ڪڍي ڏيکاريو، جنهن ۾ عبدالجبار هن شهر جي مٽي رکي هئي. هن خيرپور ناٿن شاهہ کي ايئن پئي ياد ڪيو، جيئن ورهاڱي وقت هتان ويل سنڌ ورڪي سنڌ کي ياد ڪندا آهن. مذهبي طور ماڻهو پنهنجي پنهنجي عقيدي تحت ڪنهن مخصوص ملڪ جي مٽي پاڻ سان گڏ رکندا آهن، ڪو مخصوص شهر انهن لاءِ مقدس هوندو آهي، پر هن جي پرس ۾ پنهنجي ان شهر جي مٽي پيل هئي. جنهن شهر ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي شعور ۽ لاشعور وارا ڏينهن گذاريا هئا... هن جو شهر سان ڪهڙو عقيدو هو، ان وقت اسان کي سمجهہ ۾ نہ آيو هو، پر هاڻي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هو ان وقت بہ هن شهر سان فراق واري ڪيفيت ۾ هو، وڇوڙي واري ڪيفيت ۾ هو. اهو وڇوڙو، جنهن کي اسان هن وقت محسوس ڪري رهيا آهيون. ہ ڏينهن پهرين مون ڪاوش ۾ اها تصوير بہ ڏٺي، جهن ۾ اهو هاءِ اسڪول بہ ٻڏل هو، جنهن جي ڪلاسن ۾ اندس هاءِ وي پاسي ڪلندڙ درين مان اسان روڊ تي ڊوڙندڙ موٽر گاڏيون ڏسي سگهندا هئاسين. هاڻي ان روڊ تي هڪ ٻيڙي هلي رهي هئي. اسان تہ سوچيو بہ نہ هو، تہ اسان جنهن ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. ان ئي ڪلاس پرسان گذرندڙ اندس هاءِ وي تي ڪڏهن ڪي ٻيڙيون بہ هلنديون! ٻيڙين جو اهو منظر ڏسي فوري طور تي مون کي ريڊيو جو اهو پراڻو گيت ياد اچي ويو تہ

ٻارو ڏسو نرالو کيل
ٽلڪ چاڙهيءَ تي ٻيڙيون ڊوڙن
سنڌو نديءَ ۾ ريل،
ٻارو ڏسو نرالو کيل!

هن شهر سان واقعي بہ نرالو کيل ٿيو آهي. بلڪ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن سان بہ کيل ٿيو آهي. جو جيڪي شهر ٻڏا بہ نہ هئا. سي ٻڏي ويا. اسان جا اسڪول، اسان جا گهر، اسان جي يادن ۾ ويڙهيل گهٽيون. اسان جا روڊ، ۽ اهي هوٽل، جن تي ويهي اسان زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ ڏيندا هئاسين، سڀ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا آهن... بس جيڪڏهن ڪير ٻڏن نٿا تہ اسان جا اهي سياسي ماڻهو آهن. جيڪي پنهنجن واعدن ۽ دلاسن سان هن وقت تائين اسان جي شهرن کي سدائين ٻوڙيندا رهيا آهن ٻڏڻ وارن لاءِ تہ اڪين جو پاڻي ئي ڪوڙ هجي ٿو، باقي جنهن کي ٻڏڻو ناهي. سو شهر جي هن هيڏي ساري ٻوڏ ۾ بہ نٿو ٻڏي. اسان جي سياستدانن جو تعلق ووٽ سان تہ هجي ٿو، پر ووٽر سان نٿو هجي، هن دور جو وڏي ۾ وڏو الميو ان کان علاوه ٻيو ڪهڙو ٿي

سگهي ٿو!؟

هن وقت جهڙي نموني سان شهر ٻڏي رهيا آهن. اهو محسوس ٿي رهيو آهي. ڄڻ سموري سنڌ موهن جو دڙو بڻجڻ ڏانهن وڃي رهي آهي... موهن جي دڙي جي ذڪر تي ئي مون کي ياد اچي ٿو ته اسان جي گهر ۾ ڪتابن جو هڪ ڪٻٽ هوندو هو، ان ڪٻٽ جي هڪ تاڪ تي مون آئل ڪلر ڪٽي برش سان پٽائيءَ جي هڪ بيت جي خطاطي ڪئي هئي. ۽ ان خطاطيءَ ۾ پٽائيءَ جي نالي هيٺان مون پنهنجو نالو لکي تاريخ هٽي ڇڏي هئي. ڪنهن مون کان پڇيو هو ته تو پنهنجو نالو ڇو لکيو آهي، خبر ناهي ڇو ان وقت مون ان کي اهو جواب ڏنو هو ته ”ممڪن آهي هيءُ شهر ڪڏهن موهن جو دڙو بڻجي وڃي ۽ جڏهن ڪو جان مارشل هتان جي کوٽائي ڪري ته نوادرات ڪٻٽ جو هيءُ تاڪ به هو ڳولي لهن، ان ڪري ڪين خبر پوي ته هتي ڪو منظور ميراڻي به رهندو هو. اڄ مان پنهنجي ان جواب تي سوچيان ٿو، اها ڳالهه ان وقت منهنجي تحت الشعور مان لفظن جو روپ وٺي ڪيئن ٻاهر نڪري آئي هئي... ڪتابن جو اهو ڪٻٽ مان هن ڀيري به گهر ۾ ساڳي حالت ۾ ڏسي آيو هئس، پر جڏهن اسان جا سڀ گهر ڀاتي مختصر وقت ۾ نڪرڻ جي وارننگ کان پوءِ سڀ ڪجهه اتي ڇڏي فقط ڪپڙا ڪٽي نڪري آيا آهن، تڏهن مان سوچيان ٿو ته ڇا اهو ڪٻٽ ۽ ان جي تاڪ تي لکيل منهنجا هٿ اکر به منهنجي اسڪول وانگر ٻڏي ويا هوندا؟ اهو سوچڻ کان پوءِ مان وري به دعا ڪريان ٿو ته منهنجو شهر موهن جو دڙو نه بڻجي. نه وري ڪو جان مارشل اچي، نه ڪو منهنجا هٿ اکر نوادرات ۾ ڳولي لهي.... هي گهرن جون ننڍيون ننڍيون شيون آهن، ۽ توڙي جو اهي بي جان شيون آهن، پر انهن سان گڏ گذاريندي گذاريندي ماڻهو انهن کي پنهنجي وجود جو حصو تصور ڪرڻ لڳندو آهي، انهن سان ماڻهن جي جذباتي وابستگي ٿي ويندي آهي.... هن وقت به اوهان رليف ڪيمپن ۾ وڃي ڏسو، ماڻهو اوهان سان پنهنجين ننڍين شين جو ذڪر ڪندا، ٻار اوهان سان پنهنجي معمولي قسم جي رانديڪن جو ذڪر ڪندا، مرد پنهنجي ٻڪرين، مينهن ۽ ڳئن جو ذڪر ڪري ٽڏا ساهه پريندا، ۽ عورتون خاص طور تي پنهنجي هٿن سان سبيل رلين جي ڳالهه ڪندي چونديون ته اسان جي هندن جي پيٽي به اتي رهجي وئي... هندن جي پيٽي ته هر گهر جي کهاڻي هجي ٿي، ۽ عورتون ان تي ڇو نه جذباتي هجن، جو رلين ۾ رڳو ڌاڳا ٽوپيل ناهن هوندا، انهن ۾ ته عورتن جو نور ٽوپيل هوندو آهي.

انهيءَ محبوب شهر جو اهو کهڙو لمحو آهي، جيڪو اڄ مون کي ياد نه اچي رهيو هجي؟ ممڪن آهي ته اڄ پيپلزپارٽيءَ کان اهي لمحا وسري ويا هجن، جڏهن خيرپور ناٿن شاهه ضياءُ الحق جي زماني ۾ سنڌ جو ويٽنام بڻيل هو. اسان کان نه آهي. صبح وسرندا. جڏهن پيپلزپارٽيءَ جا ڪارڪن توڙي عام شهري پتنگن وانگر ايم آر ڊي تحريڪ ڏانهن ڇڪبا پئي ويا... صبح جو روزانو انڊس هاءِ وي





جي مين بس اسٽاپ تي ماڻهو پروانن وانگر گڏ ٿي ويندا هئا، پوليس گهٽ هوندي هئي، پر گرفتارين ڏيڻ وارا گهڻا هوندا هئا، جيڪي ان ڏينهن گرفتاري ڏيڻ کان رهجي ويندا هئا. آهي ائين ئي افسرده هوندا هئا، جيئن ڪو ماڻهو حج تي وڃڻ جي شديد خواهش باوجود جهاز ۾ چڙهڻ کان رهجي وڃي. ماڻهن پٽي صاحب جو رت ڏٺو هو، جنهن رت مان انهن کي مينديءَ جي خوشبوءِ پئي آئي. ۽ هو مقتل ڏانهن ڊوڙندا پئي ويا. جڏهن ايم آر ڊي جو ذڪر نڪري ٿو، تڏهن ڇا اسان کي اهي شهيد ياد نٿا اچن، جيڪي ان تحريڪ دوران گولين جو بک بڻيا هئا؟ انهن شهيدن کي پيپلزپارٽيءَ ته وساري ئي ڇڏيو، پر اسان کان اهي ڪيئن ٿا وسري سگهن، هو به انهيءَ تحريڪ جا اهڙا ئي هيروز آهن، جهڙا هن ٻوڏ ۾ بند هيٺان آيل عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڌڙو آهن... انهن شهيدن مان هڪ شهيد نظام نائچ مون کي اڄ به ان ڪري ياد آهي. جو هو ڪير ڪپائڻ سان گڏ اسٽيج ڊرامن جو آرٽسٽ به هو، اهي شهيد، جن جا يادگار ته جيڪي نهيا، سو نهيا، پر انهن جا پونيئر دانهون ڪندا رهيا ته شهيدن جي اولاد کي ڪو روزگار ڏيو، ڪين روزگار نه مليو، ۽ شهيدن جو اولاد آسرو لاهي بدحاليءَ ۾ ئي جيئڻ لڳو.... هيءُ پاڪستان آهي ۽ هيءُ پيپلزپارٽي آهي. جتي شهيدن کي ائين ئي ياد ڪبو آهي. جڏهن هيءُ شهر ٻڏي رهيو هو ته هرڪو اهي دانهون ڪري رهيو هو ته شهيدن جي شهر کي بچايو... پر شهيدن جو شهر نه بچيو... شهيدن جي اولاد کي نوڪري به نه ملي. انهن جو يادگار به نه ٺهيو، ۽ انهن جي ياد لاءِ قبرن جي صورت ۾ جيڪي يادگار هئا، سي نشان به هاٺوڪي ٻوڏ لوڙهي وئي... هيءَ پيپلزپارٽي آهي، جيڪا شهيدن ۽ انهن جي قبرن سان ايئن ئي ڪندي آهي.

هيءُ اهو خيرپور ناٿن شاهه هو... آثم، وفا وقار، نشتر ۽ راز ناٿن شاهي جو خيرپور ناٿن شاهه... شاعرن ۽ اسٽيج ڊرامن جو خيرپور ناٿن شاهه... جنهن ۾ ناٽڪ منڊليون ايئن ئي سرگرم هيون. جيئن 16 هين صديءَ ۾ قائم ٿيل Elizabethan theatre اڄ تائين ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو رهي ٿو، ان دور جو خيرپور ناٿن شاهي واقعي به Renaissanceوارو خيرپور ناٿن شاهه هو، مشاعره، موسيقيءَ جون شامون، اسٽيج ڊراما، ۽ سياست توڙي نظرين تي ٿيندڙ ڊگهيون ڪچهريون... ڪن لاءِ سن مقدس هوندو هو ته ڪن لاءِ ڳڙهي خدا بخش... ڪي سوويت يونين جي عشق ۾ گرفتار هوندا هئا. ۽ ڪن لاءِ وري شاهراهه ريشم جو ڏڳ حقيقي ڏڳ هوندو هو، خيرپور ناٿن شاهه هوندو ته هڪ شهر هيو، پر ان کي جڏهن اسان جي ٿهي پنهنجي عمر جي فريم ۾ ڏسي ٿي ته اهو شهر نه هو، پر ڪو ڪافي هائوس هو، جنهن ۾ الڳ الڳ سوچ، الڳ الڳ شعبن ۽ الڳ الڳ نظرين جا ماڻهو گڏ ٿيندا هئا، پر پوءِ به هڪڙو نظريو رکندڙ مخالف سوچ رکندڙ جو احترام ڪندو هو، ان ڪافي هائوس جهڙي شهر سان ”ڪافي“ ٿي ويو... هاڻي پاڻي انهيءَ شهر کي ٻوڙي وڃي سيتا روڊ

جي آخري ڊفينس لائين کي لڳو آهي. ۽ جڏهن مان خيرپور ناٿن شاهه ۽ سيتا کي ڳنڍيندڙ روڊ جو تصور ڪريان ٿو، تڏهن مون کي اهو قبرستان به ياد ٿو اچي. جتي 9 مهينا کن اڳ منهنجي ماءُ جي تدفين ٿي هئي.... ڇو ته اهو قبرستان ناٿن شاهه-سيتا روڊ تي ئي آهي. جيڪي ماڻهو مون سان رابطي ۾ آهن، مان انهن کان سڀ ڪجهه پڇان ٿو، پر مان ڪنهن کان اهو پڇڻ جي همت ساري نٿو سگهان ته ”ڇا شهر جو قبرستان به ٻڏي ويو؟“ جو مان ان سوال جي جواب کان ڏاڍو خوفزده آهيان. ... مان اهو ٻڌي نٿو سگهان، جو ڪير چئي ته قبرستان به ٻڏي ويو... ان قبرستان ۾ امان دفن ٿيل آهي.

جڏهن امان گذاري وئي هئي... تڏهن مون پنهنجي لاءِ هن شهر ۾ اچڻ جو سبب تلاش پئي ڪيو، ۽ سوچيم ته هاڻي انهيءَ شهر ۾ ڪنهن لاءِ اچبو، ڇاڪاڻ جو گهر ۾ اها هستي ته باقي نه بچي هئي. جيڪا عيد برات تي خيرپور ناٿن شاهه واري گهر پهچڻ تي ڀراٽڙي پائي مٿي ڏيندي هئي.... ”هاڻي جڏهن ناٿن شاهه ايندس ته گهر ۾ پهچڻ تي ڪير هوندو، جيڪو ڀراٽري پائي مٿي ڏئي آجيان ڪندو؟“ امان جي وڇوڙي کان پوءِ اهو سوال مسلسل منهنجو اندر چيريندو رهيو... ۽ پوءِ مون فيصلو ڪيو ته هاڻي جڏهن به ان شهر ويندس ته پهرين امان جي قبر تي ويندس ۽ پوءِ گهر وڃبو ۽ واقعي به مان امان جي وڇوڙي کان پوءِ جڏهن به ان شهر ويس پهرين امان جي قبر جي حاضري ڀري، پوءِ ئي گهر ويس. اسان روحانيت ۾ يقين رکڻ وارا ماڻهو آهيون، ان ڪري واقعي به مون کي اهو محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ امان مون کي ڀراٽري پاتي هجي ۽ مان ان جي مٿيءَ کي به محسوس ڪندو هئس.... هن ڀيري به خيرپور ناٿن شاهه ٻڌڻ کان فقط ٻه ڏينهن پهرين مان خيرپور ناٿن شاهه ويو هئس... ۽ حسب معمول پهرين امان جي قبر تي ويس. ان کان پوءِ گهر وڃڻ ٿيو، قبرستان ۾ به مان اهو ئي سوچي رهيو هئس ته جيڪڏهن ٻوڏ آئي ته ڇا هيءُ قبرستان به ٻڏي ويندو ۽ جيڪڏهن قبرستان ٻڏي ويو ته ڇا قبرن جا سڀ نشان به ڊهي ويندا؟ پوءِ مان ڪهڙي قبر جي پيرن کان ويهي اهو محسوس ڪندس ته امان مون کي ڀراٽڙي پائي مٿي ڏئي رهي آهي؟



# سياسي تنظيمون ۽ ويلفيئر جو تصور

حفيظ ڪنير

ها! تو منهنجي لاءِ صحيح ٻڌو هو ته آئون شڪارپور کان پوءِ جيڪب آباد طرف نڪري وئي هيس ۽ پوءِ سجاول کان هيٺ چوهڙ جمالي ۽ ان جاتي تائين وڃي پهتيس... جنهن جاتي کي ٻوڙڻ وقت پوتارن جي محتاج انتظاميه ڪا به وارننگ جاري نه ڪئي هئي. توسان فون تي رابطو ڪٿان ڪريان! منهنجو موبائيل فون به ٿل ۾ پاڻي ۾ گهيريل، رڙيون ڪندڙ عورتن، ٻارڙن کي ٽڙ تڪڙ ۾ ڪڍڻ دوران ڪٿي ڪري پيو هو، سڀ نمبر انهيءَ ۾ هئا. اهو ٿيلهو جنهن ۾ تنهنجا ڪجهه خط ۽ ڪجهه فون نمبر هئا، سو ٿيلهو به الائي ڪٿي لڙهي ويو، واپسي ۾ نه موبائيل وٺڻ لاءِ پئسا هئا، نه ئي وقت، نه ئي ٻوڏ جي حشر ۾ مون کي يادگيري هئي.

ان رات پنهنجي پراڻي ڳوٺ لاءِ لڙهي ويس. ڳوٺ جي مٿان چنڊ هو چنڊ جي هيٺان منهنجي ڳوٺ جا وڏا وڻ هئا ۽ وڻن جي وچ ۾ منهنجو ڳوٺ ان پاڻي جي قبرستان ۾ دفن ٿيل هو، جيڪو پاڻي پوتار پنهنجي بنگلي کي بچائڻ لاءِ منهنجي ڳوٺ ڏي روانو ڪيو هو، چاچو بچايو انهيءَ ڳوٺ جي قبرستان جو مجاور ٿيو ويٺو هو.... آئون ان ٻير جي وڻ سان ٽيڪ لڳائي سوچيندي رهيس. سوچيندي رهيس...!! ڪجهه به ڪو نه ٿي سمجهيو. پريان چاچو بچايو چپ چاپ چنڊ ڏسندو رهيو. ڳوٺ تي نظرون اڇليندو رهيو. ”هي ٻير اهو ئي آهي. جنهن ۾ تون ۽ سڪان لوڏ ٻڌي لڏنديون هيون.“ چاچي بچائي ان وقت خاموشي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن آئون سندس ڌيءَ سڪان بابت سوچي رهي هيس. ٽي سال اڳ سڪان ويم وگهي مري وئي هئي. چاچي بچائي جو هٿ جهلي پاڻي مان ٽڙندي، ٿاٻڙندي بند تائين الاءِ ڪيئن پهتيس. چاچو بخار ۾ هو، منهنجي چادر ته پهرين ئي آلي ٿي وئي هئي. پر پوءِ به ڪيس اهو چئي زوري ڍڪايم ته آلي چادر ڍڪيندي ته بخار جي شدت گهٽجي ويندي. هو وري انهيءَ تي ضد ڪري بيٺو ته ”امان! مٿي اگهاڙي ڪئمپ تي ڪيئن پهچندئين!؟ ماڻهو ڇا چوندا!؟ انهيءَ بحثا بحثي ۾ انهيءَ ڪئمپ تائين

پهتاسون. جتي مننجي ڳوٺ جا سڀ رهواسي منتقل ٿي چڪا هئا. وڏي ڳوٺ جا ماڻهو بہ هتي ئي پهتل هئا. منهنجي ڳوٺ ۽ وڏي ڳوٺ وارن جي سالن کان هلندڙ دشمني هيءَ ڪئمپ دوستي ۾ تبديل ڪري چڪي هئي. سڀ گڏجي صلاح ڪري رهيا هئا تہ ڏڳي ڳاڏي هٿ ڪجي، پر ڪيئن هٿ ڪجي!؟ ڪٿان ڪجي؟ ڇو تہ لاش ڪي گهڻو ٽائيم ٿي چڪو هو.... لاش چاچي سومار جو هو. اسان جي ڳوٺ جو پراڻو پهريدار... ڪئمپ ۾ ئي ڪنهن زهريلي نانگ ڪائي ماري وڌو هئس. انهيءَ ساڳي رات ڪونئرو ڪي ٻارڙو ڄائو ڪئمپ ۾ منهنجي سهيلي ڪونئرو هڪ سال اڳ جڙئي سان پرڻي هئي. جنهن ڪي پوتار ٻني مان گاهہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ جهلي پوليس هٿان تشدد ڪرائي هڏ گڏ ڀڃائي ڇڏيا هئا. جڙيو ويچارو اجا بہ ٽنگ کان منڊڪائي هلي ٿو. اها رات ڪئمپ ۾ آٿتن دلاسن، ڏيندي اکين مان ڪٽي، صبح جو پنهنجو ڳوٺ ڪئمپ ۾ ڇڏي، پننجي ئي ڀين ڳوٺن ڏي نڪري ويس. سجاول ڪيئن پهتيس. جاتي تائين سفر ڪيئن رهيو، اهو لکڻ جي ضرورت ناهي. هلندي هلندي مون ڪيترائي امداد جي نالي نمائشي فوٽو سيشنز ڏٺا. ڪيترائي سٺا سرڪاري ڪم ڏٺا، بندن تي ڪئمپن ۾ جهيڙا ڏٺا. اهي بہ ڪيترائي ماڻهو ڏٺا، جن نالي نہ ظاهر ڪرڻ جي شرط تي ماڻهن جي مالي مدد پئي ڪئي. ڪاڌ خوراڪ پئي پهچائي. ڪي ماڻهو تہ فقط رات جو ظاهر ٿيندا هئا. ڪنهن هڪ شخص جي حوالي سامان ڪري گم ٿي ويندا هئا. ڪيترن هنڌن تي مون اهي همدردي ۽ حوصلي وارا منظر بہ ڏٺا، جن ڪي ميڊيا ڄاڻي واڻي Black out ڪيو، ڪيتريون تنظيمون رليف جي ڪم ۾ شامل ٿي ڏينهن رات ڪم ڪي لڳي ويون آهن .ميڊيا اها خبر ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. ميڊيا اها خبر الائي ڇو نٿي ڏي تہ پنهنجي سماج ۾ سماجي ڀهبود جو ڪيترو حصو بچيو آهي!؟

پر هن سڄي منظر ۾ مون کي سنڌ جي مالڪي ڪندڙ، يا دعويٰ ڪندڙ ڪنهن بہ پارٽي جي ڪا بہ ويلفيئر آرگنائيزيشن يا ويلفيئر ونگ منظم نموني ڪم ڪندي نظر نہ آئي. ها! انهن جا ڪارڪن ضرور ڏٺم، جن پارٽين جي نمائندگي کي ظاهر پئي ڪيو، پر پارٽين وٽ ويلفيئر ۽ رليف جو تصور ڪهڙو آهي!؟ اهڙي صورتحال ۾ ماڻهن تائين پهچڻ ڪين ترت رليف ڏيارڻ لاءِ پارٽين اندر ڪو الڳ خودمختيار ادارو ڪهڙو آهي، سو مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو، جنهن جي شديد ضرورت آهي ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندڙ سيني تنظيمن کي هزارين ڏکيائين، وسيلن جي کوٽ جي عذر، بهانن هوندي بہ عام ماڻهن تائين پهچڻ جو هڪ اهم وسيلو آهي.

آئون سوچيندي رهيس، سوچيندي رهيس تہ اخر اهو ڪهڙو سبب آهي جو پنهنجي پارٽين جي منشور ۾ ويلفيئر اسٽيٽ جي ڳالهہ ور ور دهرائيندڙ، ان جي حق ۾ دليل ڏيندڙ سياسي پارٽيون پنهنجي صفن ۾ انهن ويلفيئر ونگن کي ڇو جاءِ نہ ڏئي سگهيون آهن، جيڪي هنن ڏکين موقعن تي پارٽين جي نمائندگي بہ ڪن تہ Rescue توڙي رليف جي مرحلي تي بہ اڳيان اچن. سنڌ ۾ اهڙي ڪا بہ تنظيم ناهي، جنهن ڪي





پنجاهہ ڪارڪن، ڊاڪٽر، يا رضاڪار ڊاڪٽر نہ ملي سگهن. يا هزارين ڪارڪنن جي شڪل ۾ موجود پارٽين وٽ ايتري افرادي هوندي، جن جي تربيت ويلفيئر جي شعبي لاءِ ٿي سگهي، پر اسان وٽ ويلفيئر جو تصور شايد ”غير سياسي ٿيڻ، سان جوڙي رکيو ويو آهي. نتيجي ۾ سياسي پارٽين ۾ اهو ڪلچر جڙي ئي نہ سگهيو آهي ۽ مون کي اجا بہ نٿو لڳي تہ اسان جون وڏيون توڙي ننڍيون پارٽيون هن آفتن جي تازي تاريخ مان ڪو سبق وٺي ان طرف وينديون بہ سهي. انهيءَ صورتحال ۾ تون علي قاضي جو سالن کان صحيح نموني مٿو ڪائي رهيو آهين تہ ڪو سماجي ڀلائي جو ادارو قائم ڪر، جنهن وٽ ٻيو نہ تہ بيمارن کي اسپتالن تائين پهچائڻ لاءِ ايمبولينس تہ هجي. ڪنهن ايمبوليسن ۾ فري موبائيل ميڊيڪل ڊسپينسري اهڙي هجي، جهڙي هن ڏکئي وقت ڊاڪٽر گلزار خواجہ گهر واري سان گڏجي هڪ ڪئمپ کان ٻي ڪئمپ تائين هلائي رهيو آحي. ان ڪم جي شروعات جلال محمود شاهہ ڪئي آهي. ڪيس جس هجي.

# سنڌ ۾ قدرتي آفت جي تباهڪاريءَ پٺيان غير قدرتي فيڪٽرز جو ڪردار

نصير ميمڻ

ٽن چئن ضلعن کي ڇڏي ڪري سڄي سنڌ ٻوڏ جي گهيري ۾ آهي ۽ سنڌ ورهاڱي کان پوءِ واري تاريخ جي هڪ وڏي ڏونداڙ مان گذري رهي آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران سنڌ ۾ جيڪا اپري سيري ترقي ٿي هئي. اها ڇهن هفتن اندر ڏوپجي وئي آهي ۽ عملي طور سنڌ معاشي ۽ سماجي حوالي سان ڪيئي ڏهاڪا پٺتي ڌڪجي وئي آهي. مري ويلن ۽ بي گهر ٿيلن جو ماتم تہ جاري رهندو، پر ان سان گڏوگڏ انهن فيڪٽرز کي سمجهڻ بہ انتهائي ضروري آهي تہ ڪهڙي طرح غلط رٿابندي ڪمزور حڪمراني، ادارتي زوال ۽ انتظامي نااهلي هڪ قدرتي آفت کي انساني آفت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هي فيڪٽر سمجهڻ ان لاءِ بہ ضروري آهن تہ جيئن سموري تباهڪاريءَ جو الزام رڳو قدرت جي کاتي ۾ وجهڻ بجاءِ ان پٺيان موجود انساني هٿن کي بہ سڃاڻي سگهجي. هن بحث جو ٻيو اهم رخ آهي هن بربادي کان پوءِ نئين سنڌ جي اڏاوت جو. هن وقت جاري رليف ۽ انساني همدرديءَ واري ڪم سان گڏ ايندڙ مهينن ۽ سالن تي سوچ ويچار ڪرڻ پڻ نهايت اهم آهي. جولاءِ جي پڇاڙڪن ڏهاڙن کان شروع ٿيل ٻوڏ پختونخواهہ ۽ سرائيڪي وسيب کي اجاڙيندي جڏهن سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿي تہ ان بابت شروعاتي ڄاڻ کي هفتو کن گذري چڪو هئو. ان هفتي دوران سنڌ سرڪار جيتوڻيڪ بئراجن ۽ بندن جي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سار سنڀال لڌي، پر ڪنهن ممڪنہ انساني الميي بابت شايد ئي ڪا تياري ڪئي وئي. ميڊيا ٻڌائي ٿي تہ ڪيترن بندن تي اسٽون پچنگ جو ڪم بہ ان هفتي دوران ڪيو ٿي ويو. جنهن مان آبپاشي کاتي جي تياريءَ جو اندازو لڳائي ٿو سگهجي. ڏکڻ پنجاب ۾ ڪوهہ سليمان تان نئين واري ٻوڏ لهڻ کان اڳ ماهرن جو اندازو هئو تہ سکر بئراج وٽ اٺ لک ڪيوسڪ کن جو وهڪرو پهچندو، جيڪو ايترو سيريس مسئلو نہ هئو قدرتي آفتن جي جيئن تہ مڪمل ۽ حتمي اڳڪٿي گهٽي پاڱي ممڪن ناهي هوندي، تنهن ڪري ان جي تياري ”بدترين منظر نامي“ هيٺ





ڪئي ويندي آهي. سنڌ ۾ اها تياري البتہ بهترين منظرنامي هيٺ ڪئي وئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ايڏي وڏي انساني الميي کي منهن ڏيڻ حڪومت لاءِ ممڪن نہ رهيو.

ٻوڏ جي انتظامڪاري Flood management هڪ الڳ سائنس آهي. جنهن ۾ ٻوڏ جي بهتر اڳڪٿي، سيٽلائيٽ نقشن وسيلي انساني آبادين جي نشاندهي ۽ انتهائي صورتحال ۾ هٽرادو ڪنڀ وجهڻ لاءِ مناسب ماڳن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. جديد سائنس ان سڄي عمل کي سياسي فيصلا سازيءَ بجاءِ هڪ فني مهارت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اڄڪلهہ جي دور ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ ڪا راڪيٽ سائنس ناهي. ان قسم جي ٽيڪنالاجي هاڻي سهولت سان ميسر آهي. بدقسمتيءَ سان هن ٻوڏ کان اڳ ان قسم جي جاچ ۽ گهڻ رخي تياريءَ جا ڪي چٽا آثار نہ ٿا نظر اچن. اهو ئي سبب آهي جو هٽرادو ڪنڀ هڻڻ لاءِ فيصلا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ بجاءِ سياست طئي ڪيا، نتيجي ۾ سڄي سنڌ ۾ هٽرادو گهارن وسيلي ۽ ٻين طاقتن سبب جيڪا ٻوڏ آئي ان بابت گهڻو ڪري ماڻهن کي ڪو بہ اڳواٽ اطلاع نہ هئو ۽ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو مشڪل سان جانيون بچائي گهرن مان نڪري سگهيا آبپاشي کاتو جيڪو هاڻي هنرمند ۽ ايماندار آفيسرن کان لڳ ڀڳ وانجهو ٿي چڪو آهي، ان جي ڪمزور رٿابندي ۽ ناقص فيصلي سازيءَ پڻ علائقا ٻوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، ائين سالن جي جاکوڙ کان پوءِ ماڻهن جا ٺهيل اپرا سيرا اجها ۽ مال ملڪيتون لڙهي ويون ۽ هڪ رات وچ ۾ لکن جي انگ ۾ ماڻهو بي يارو مددگار ٿي اجهن بجاءِ رستن تي ويٺل هئا. ۽ ڪين ڪو بہ پتو نہ هئو تہ سندن اڳين منزل ڪهڙي هوندي.فلڊ پلاننگ جيان ڊزاسٽر مئنيجمينٽ بہ هڪ مڪمڪل سائنس آهي. تباهڪاريءَ اچڻ کان پوءِ واري انتظامڪاريءَ جا چار اهم مرحلا هوندا آهن، يعني ريسڪيو (بچاءُ) رليف (واهر) ريهيبليٽيشن (بحالي) ۽ ريڪنسٽرڪشن (نئين سر اڏاوت) انهن چئن مرحلن کي گڏائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ چيو ويندو آهي. ريسڪيو توڙي رليف وارن پهرين ٻن مرحلن ۾ اهم ترين فيڪٽر وقتائتي ۽ ٺيڪ ڄاڻ جي فراهمي هوندي آهي. بدقسمتيءَ سان اهو بنيادي عنصر گهٽي پاڱي غائب رهيو. ڪنهن کي ڪو بہ پتو نہ ٿي پيو تہ هن آفت اچڻ کان پوءِ ماڻهن کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ ڪيئن پهچڻو آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو غوثپور بند کي ڪنڀ هڻڻ کان پوءِ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي پاران جاري ڪيل ابتدائي رپورٽ ۾ اٽايو ويو تہ سکر جيڪب آباد روڊ تي هزارين ماڻهو بنا ڇت جي ويٺل آهن، اهڙو ئي منظر سڄاول ٻڏڻ کان اڳ ۽ پوءِ ٺٽي ضلعي ۾ نظر آيو. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڪيمپون ۽ خاص ريل گاڏيون نظر آيون، پر تيستائين آفت سٽيل لکين ماڻهو هڪ بدترين لاوارثيءَ مان بک ۽ بدحاليءَ جو مرحلو اڪري چڪا هئا. ٽي وي اسڪرين تي انهن بي گهر ٿيل ماڻهن جا انٽرويوز ٻڌي صاف اندازو ٿي رهيو هو تہ حڪومت ۽ حڪمراني نالي جي ڪا بہ شيءِ سندن پاسي کان نہ گذري هئي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ تباهڪاريءَ جو

اسڪيل تمام وڏو آهي ۽ اڪيلي سر حڪومت جي پهچ کان ٻاهر آهي. پر تنهن هوندي بہ جيتريون شيون حڪومتن جي وس ۾ هونديون آهن، اهي بہ نظر نہ ٿي آيون. مثال طور متاثرين کي پاڻيءَ مان نڪرڻ کان پوءِ محفوظ ماڳن تائين پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو ڪو بہ جوڳو انتظام نظر نہ ٿي آيو، سر بچائي نڪتل ماڻهن کي پبلڪ ٽرانسپورٽ جا غير انساني مالڪ جيئن ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن. ان جو حڪومت وٽ ڪو بہ حل ناهي، جيڪڏهن چوندن ۽ اهم سياسي جلسن وقت هفتو اڳ کان حڪومت روڊن تي چرندر پرندڙ هر گاڏيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ وٺي سرڪاري ڊيوٽين تي لڳائي ڇڏيندي آهي تہ پوءِ هن غير معمولي آفت دوران ٽرانسپورٽ ڪنٽرول هيٺ آڻي متاثرين جي واهر لاءِ ڇو نہ استعمال ٿي سگهي؟ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ ڏيڍ سئو کان ٻہ سئو رپيا ليٽر پيٽرول وڪامجندو رهيو، پر حڪومت جو ان تي ڪو بہ ڪنٽرول نظر نہ آيو، حڪومت نهايت آسانيءَ سان پي ايس او جي معرفت پيٽرول ۽ ڊيزل جي سپلاءِ تي ڪنٽرول ڪري ٿي سگهي، پر ان قسم جي آپشنز کي ڪنهن شايد ويچار هيٺ ئي نہ آندو. جن ضلعن ۾ ڊي سي اوز ۾ ڪجهہ اهليت يا ڪمٽمينٽ هئي. انهن پنهنجي طور تي سرڪاري ۽ غير سرڪاري وسيلا ڪتب آڻي ماڻهن جي واهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ظاهر آهي تہ لکن جي انگ ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن جي واهر ڪرڻ ڪو چرچو ناهي. حڪومت طرفان ٻوڏ متاثرن جي واهر لاءِ اعلانيل 10 ارب رپيا اعلان ڪئي ڏهاڙا گذرڻ کان پوءِ بہ ضلعن تائين نہ پهتا هئا ۽ ضلعي حڪومتون مختلف مدن ۾ رکيل رقمن ۽ اوڌرن تي ڪم هلائينديون رهيون. حڪومت وٽ ايمرجنسي ۾ بروقت رقمون پهچڻ جو بہ ڪو فعال نظام نظر نہ آيو.

در حقيقت تباهڪاريءَ جي تياري تباهڪاريءَ کان اڳ ڪئي ويندي آهي، نہ ڪي برباديءَ ٿيڻ کان پوءِ. ان مقصد لاءِ ملڪ ۾ 2005ع جي زلزلي کان پوءِ نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي، پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز ۽ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز قائم ڪيون ويون هيون، پر انهن جي ادارتي حالت ڪا خاص بهتر نہ آهي، قومي سطح جي جڙيل اٿارٽيءَ جو ڪم گهٽو ٽٽو رابطي وارو آهي. باقي اصل ڪم صوبائي ۽ ضلعي اٿارٽيز جو هوندو آهي. بدقسمتيءَ سان صوبائي ۽ ضلعي سطح تي اهي اٿارٽيز آفتن بابت فني مهارت رکندڙ ماهرن بجاءِ سول بيورو ڪريسي حوالي آهن. جيڪي ٿوري گهڻي انتظامي ڀڄ ڊڪ جا تہ شايد ماهر هجن پر آفتن واري صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ انهن حالتن جي انتظامڪاري سندن تربيت يا مهارت جو حصو ناهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن اٿارٽيز وٽ ٻوڏ جي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا بہ اڳواٽ رٿابندي يا وسيلا موجود نہ هئا ۽ ڦري گهري زميني ۽ آبي فوج کي ٻيڙيون ۽ هيليڪاپٽر آڻي ٻوڏ ۾ ڦاٿل ماڻهن جي ريسڪيو جو ڪم ڪرڻو پيو. ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز رڳو نالي ماتر ادارا بڻيل آهن. جن وٽ





گهربل انتظامي اختيار، مالي ۽ انساني وسيلن، ڄاڻ ۽ تربيت جي سخت اڻاٺ آهي. ان صورتحال ۾ انهن ادارن اندر جيڪڏهن ڪي چار چڱا آفيسر موجود بہ هوندا تہ اهي بہ ڪو نتيجو ڏئي نہ سگهندا.

حڪومت نہ رڳو سرڪاري ادارن ۾ اهليت ۽ ڪمٽمينٽ جي اڻاٺ سبب هن انساني الميي کي منهن نہ ڏئي سگهي. پر ساڳي وقت ان جو سياسي ڍانچو بہ ڪو فعال ڪردار ادا ڪندي نظر نہ آيو، صوبي ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي جنهن کي انهن تباهہ حال علائقن جا ماڻهو چئن ڏهاڪن کان ووٽ ڏيندا رهن ٿا، ان جا لکين ورڪر ڪنهن منظم شڪل ۾ متحرڪ نظر نہ آيا، اهي سڀ ماڻهو جيڪي چونڊ مهم وقت ڳوٺ ڳوٺ جي هر گهر ۽ گهٽيءَ تائين پهچي ويندا آهن اهي سواءِ انفرادي چرپر جي ڪنهن وڏي هلچل جي شڪل ۾ ڪجهہ ڪندي نظر نہ آيا، جيتوڻيڪ سياسي ڌريون ڪنهن منظم طريقي سان متحرڪ نہ ٿي سگهيون، پر تنهن هوندي بہ سڄي سنڌ م سياسي ورڪرن، سماجي تنظيمن ۽ شهرن پاران ٻوڏ ستايلن جي واهر لاءِ ڪيل اڳڀرايون نهايت قدر لائق نظر آيون، ٻوڏ دوران پڪي جي علائقن مان ٿيل لڏ پلاڻ تہ بندن کي لڳل ڪندبن سبب ٿي، پر ڪچي وارن علائقن مان بہ هڪ اندازي موجب لڳ ڀڳ 20 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن، اصولي طور تي ڏسجي تہ ڪچي جو علائقو دريائي ٻوڏ جي پٽيءَ لاءِ وقف هوندو آهي ۽ ماضيءَ ۾ اتي محدود آبادي هوندي هئي. جيڪا آبڪلاٽي طرز ۾ بندن تي منتقل ٿي ويندي هئي. آبڪلاٽي ڪچي جي ماڻهن لاءِ سرهائي ڪٽي ايندي هئي. ڇو تہ ان کان پٺيان ڪچي ۾ زراعت، چوپائي مال، ماهيگيري ۽ ٻيلن مان ٿيندڙ اپت ۾ واڌ ايندي هئي. جيئن جيئن سنڌ اندر دريائي چاڙهہ جو زمانو ختم ٿيندو ويو ۽ ٻهراڙين جي معيشت ڪمزور ٿي تہ ڪچي ۾ آباديءَ ۾ اضافو ايندو ويو ۽ اتي پڪي جيان ڳوٺ ٻڌجڻ لڳا. هن ڀيري جڏهن ٻوڏ جي اڳڪٿي ٿي ۽ ڪجهہ علائقن ۾ سرڪاري مشينري ڪچي ۾ ماڻهن کي علائقا خالي ڪرڻ جو چيو تہ انهن تيستائين نڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيو، جيستائين نوبت ٻيڙين تي نڪرڻ جهڙي نہ ٿي.

تربيلا ڊيم ٺهڻ کان اڳ سنڌ جي ڪچي ۾ ٽي لک ڪيوسڪ تائين جي ٻوڏ لڳ ڀڳ هر سال ايندي هئي، جڏهن تہ پنج لک ڪيوسڪ جي وچولي ٻوڏ هر ڏهن مان ستن سالن لاءِ ايندي هئي، اهو ئي سبب آهي جو ڪچي ۾ ٻوڏ وهڪري وارن پيچرن ۾ مستقل انساني آبادين جو رواج نہ هوندو هيو، سنڌوءَ مٿان ڊيم ۽ بئراج ٺهڻ کان پوءِ نندي توڙي وچولي ٻوڏ جي ورجاءَ وارن سالن جي وٿي وڌندي وئي ۽ بچاءَ بندن جي وچ ۾ هڪ مخصوص وهڪري واري پٽيءَ کي ڇڏي باقي وسيع ايراضي مستقل طور پاڻيءَ کان وانجهي ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪچي جو علائقو انساني آباديءَ جي لحاظ کان عملي طور پڪي ۾ تبديل ٿيندو ويو، ڪشمور کان ڊيلٽا تائين بچاءَ بندن جي وچ ۾ موجود لڳ ڀڳ 21 لک ايڪڙ ايراضيءَ مان ڇهہ لک ايڪڙن جي

لڳ ڀڳ ايراضي سنڌو جو خالي ڪيل پيٽ آهي. گذريل ٽن چئن ڏهاڪن دوران ان ايراضي تي انساني آباديءَ جي والار ٿي آهي. ٻيلا ڪٽي آبادي ۽ پوکي ڪرڻ وارا انگ اکر اڃا الڳ آهن. هن ٻوڏ جي دوران جڏهن انهن علائقن ۾ ماڻهن کي گهر خالي ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويو ته هو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئا ته اتي ڪا ٻوڏ به اچي سگهي ٿي. ٻيو ته اڪثر ماڻهن کي اهو به ڀروسو نه هئو ته سرڪار جي چوڻ تي علائقا خالي ڪرڻ کان پوءِ سرڪار ڪين کو عزت ڀريو ٺڪاڻو فراهم ڪري سگهندي. ساڳي طرح سنڌ مٿان راڄ ڪندڙ بدامنيءَ جي راڪاس سبب ڪين اها به ڳڻتي هئي ته سندن پٺيان گهرن ۾ مال متاع جو ذمو ڪير کڻندو. پاڻيءَ ۾ چاڙهه اچڻ کان پوءِ آخري وقت تي گهر خالي ڪندڙ انهن لکين ماڻهن کي سنڀالڻ خود هڪ وڏو چئلينج هئو، جنهن کي اڪيلي سر حڪومتي مشينريءَ لاءِ سنڀالڻ ممڪن نه هئو. بهرحال ان سڄي ٽريجڊيءَ کان پوءِ هاڻي اهم ترين مرحلو متاثرن جي بحاليءَ جو آهي. هن وقت اڃا علائقا ٻوڏ هيٺ آهن ۽ مٿهن جو سمورو ڌيان رليف ڏانهن آهي. جيئن جيئن ٻوڏ جو پاڻي لهندو ۽ چوماسي جون برساتون بند ٿينديون ته پوءِ انهن لکين ماڻهن جي بحاليءَ جو پوائنٽو سوال کڙو ڪندو. سون جي تعداد ۾ ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ آيل آهن. جن جي بحالي کو آسان ڪم ناهي. بحاليءَ جو مقصد ماڻهن جا گهر، ڪاروبار، زراعت، مال مويشي ۽ ٻهراڙين جو انفرااسٽرڪچر بحال ڪرڻ آهي. ٻوڏ سٽيل علائقن جو انفراسٽرڪچر ته هونءَ به بربادي‌ءَ واري حال ۾ هئو، هاڻي ته اهو مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي. گذريل سٺ سالن دوران انهن علائقن ۾ شرم کان ڪنڌ جهڪائيندڙ ترقي مس ٿي هئي. جيڪا هاڻي مڪمل طور لڙهي چڪي آهي. انهن سوين ڳوٺن مان ٻي گهر ٿيل لکين ماڻهن جي گهٽائيءَ جو گذر سفر زراعت، چوپائي مال ۽ ننڍن ڪاروبارن تي هئو، انهن جي يڪدم بحالي تمام ڏکيو ڪم آهي. سرڪار جا وسيلا سيني کي سڄهن ٿا. جيڪڏهن ٻاهرين ملڪن مان ڪا امداد اچي به وڃي ته سرڪاري مشينري انتهائي حدن کي ڇهندڙ ڪرپشن ۾ ٻي حسي ٻوڏ متاثرن تائين امداد جو ڪيترو لاپ پهچڻ ڏيندي، ان جو اندازو به سڀ کو لڳائي سگهي ٿو. ميڊيا ۾ اهو رپورٽ ٿي چڪو آهي ته مالي واهر ڪندڙ عالمي ادارا سرڪاري مشينريءَ وسيلي امداد ڏيڻ ۾ ناخوش آهن. سنڌ حڪومت به ساک جي اهڙي ئي بحران جو شڪار آهي ۽ جنهن قسم جي گورننس موجود آهي، ان ۾ بحاليءَ واري امداد جي پٺيان جيڪي مفادن جا ٽڪراءُ ٿيندا، اهي خود هڪ وڏو ڏزاسٽر ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن بحاليءَ وارو ڪم شفاف طريقي سان مڪمل رٿابنديءَ هيٺ نه ٿيو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ هڪ ٻيو سماجي ڊزاسٽر جنم وٺي سگهي ٿي. جنهن جو نتيجو خطرناڪ بدامني ۽ غربت جي نتيجي ۾ سامهون اچي سگهي ٿو، ان معاملي ۾ سنڌ سرڪار کي هڪ وڏي چئلينج کي منهن ڏيڻو پوندو ته ٻوڏ متاثرن جا درست انگ اکر ڪٺا ڪري ۽ ٻوڏ جي نقصانن جو صحيح ڪاٿو





لڳائي. بدقسمتيءَ سان ٻوڏ جي نقصانن جي انگ اکرن ۾ سنڌ سرڪار کي جيترو سجاڳ رهڻ گهرجي ها. ان جون نشانيون گهٽ نظر اچن ٿيون. مثال طور وفاقي حڪومت جي اداري فيڊرل فلڊ ڪميشن طرفان ٻوڏ متاثرن جي جاري ڪيل انگن اکرن ۾ چٽي هيراڦيريءَ جي باوجود سنڌ سرڪار ان تي ڪو جوڳو رد عمل نه ڏيکاريو آهي. 20 آگسٽ تي فيڊرل فلڊ ڪميشن ٻوڏ متاثرن جي انگن اکرن ۾ پنجاب صوبي اندر متاثرن جو انگ 19 لک ڄاڻايو آهي. جڏهن ته 2 سيپٽمبر جي رپورٽ ۾ اهو تعداد حيرت انگيز طور 80 لک ٻڌايو ويو آهي. جيئن ته ان دوران سموري تباهي سنڌ صوبي اندر ٿي رهي هئي. بدقسمتيءَ سان سنڌ حڪومت جو هينئر تائين ڪو به باقائدي رد عمل ان تي سامهون نه آيو آهي. ساڳي طرح سنڌ جو وڏو وزير جنهن ڏينهن سنڌ اندر متاثرن جو انگ 70 لک ٻڌائي رهيو هو، ساڳي ڏينهن صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيءَ جي رپورٽ ۾ اهو اڱ 47 لک ٻڌايو ٿي ويو. انگن اکرن ۾ ايڏي وڇوٽي ملڪي توڙي بين الاقوامي امداد جي معاملي ۾ سنڌ کي نقصان پهچائي سگهي ٿي. سنڌ سرڪار کي گهرجي ته ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ جامع رٿابنديءَ جو ڪم به هنگامي بنيادن تي شروع ڪري ۽ ان ڪم لاءِ رڳو سرڪاري مشينريءَ تي ڀاڙڻ بدران سول سوسائٽي جي ساڪائتن فردن ۽ ادارن کي گڏ ڪٽي ڪو اهڙو مڪينزم جوڙي، جنهن سان سنڌ جي ماڻهن ۾ اهو يقين پيدا ٿئي ته بحاليءَ وارو ڪم شفاف طريقي سان ٿيندو، اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته لکين ماڻهن جي بحالي مهينن نه، پر سالن جو ڪم آهي. ساڳي طرح ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ انفرااسٽرڪچر جي بحالي به هڪ ڊگهو پراسيس آهي ان مرحلي کي حڪومت اڪيلي سر منهن نه ڏئي سگهندي ۽ خدشو آهي ته ٻوڏ سٽيل علائقا ٻوڏ لهڻ کان پوءِ هڪ نئين سماجي بحران کي منهن ڏيندا. خاص طور تي فصل تباهه ٿيڻ سبب ڪجهه عرصي اندر خوراڪ جو بحران به ڪر کڻي سگهي ٿو، جنهن سان مهانگائي ۽ بدامنيءَ جي پوائنٽي لهر ڪر کڻي سگهي ٿي.

اهم ترين ڳالهه اها آهي ته هن هيڏي وڏي سانحي مان سنڌ سرڪار ڇا پرائيندي؟ هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته موسمياتي تبديلين جي ڪري هيءُ خطو ايندڙ سالن ۾ طرح طرح جي قدرتي آفتن کي منهن ڏئي سگهي ٿو. غير معمولي سوڪهڙو، غير معمولي چوماسو ۽ گليشيئرن جو ڳرڻ هن خطي بابت ايندڙ خطرن جي علامت آهن. ساڳي طرح ڏاکڻي سنڌ جي ساحلي پٽيءَ تي سامونڊي طوفانن جي شدت ۾ اضافي جون پڻ اڳڪٿيون آهن. سنڌ سرڪار کي گهرجي ته سنڌ اندر ڊزاسٽر مئنيجمينٽ جي ڪم کي بهتر ادارتي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪا منظم حڪمت عملي جوڙي، جنهن ۾ سماج جي مختلف شعبن جي ماهرن کي شامل ڪري ايندڙ سالن ۾ هن قسم جي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ جو ڪو ماسٽر پلان جوڙي، اهو ڪم آفتن اچڻ کان پوءِ نه، پر اڳي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# دريا جا بند ضرور ٽٽا آهن پر اسان جا حوصلا نه!

علي قاضي

سنڌ ۾ لکيل تاريخ جي آيل سيني کان وڏي تباهيءَ کان پوءِ سنڌ ڪيئن هوندي، ماڻهن جا سماجي، سياسي، معاشي رويا ڇا هوندا؟ وغيره، اهڙا سوال آهن، جيڪي سماجيات ۽ سياسيات جي موضوعن جي استادن ۽ شاگردن جي ذهنن ۾ گردش هيٺ آهن. عام طرح حال ۾ ٿيل ڪنهن واقعي ۽ سانحي جي اثرن کي سمجهڻ لاءِ ان نوعيت جي ئي ماضي ۾ ٿي گذريل ڪنهن واقعي/ سانحي کي ريفرنس يا حوالي طور سامهون رکي تجزيو ڪيو وڃي ٿو. مثال طور جيڪڏهن آمريتي دور اچي ٿو ته ماضي جي آمريتي دورن کي آڏو رکي تجزيو ڪيو آهي. ڪنهن سياسي تحريڪ کي ماضي جي تحريڪن، ڪنهن جهاز يا ٽرين حادثي کان ويندي زلزلي جي Impacts (اثرن) کي به ماضي ۾ آيل زلزلي سان ڀيٽيو ويندو آهي. پر سنڌ ۾ آيل تازي تباهي جي اثرن کي سمجهڻ لاءِ ڪو ماضي جو مثال، حوالو يا ريفرنس نٿو ملي، جنهن کي آڏو رکي پڪو پختو تجزيو ڪريون ته هاڻوڪي تباهي اسان جي سماجي، معاشي ۽ سياسي منظر تي ڪهڙي قسم جا نشان ڇڏي ويندي. پر اهو طئي آهي ته اهي نشان تمام گهرا ۽ تڪڙ ۾ متجڻ وارا ڪو نه هوندا ۽ اسين اڄ هڪ نئين سنڌ ۾ رهون پيا. جيتوڻيڪ اڌ سنڌ ان ٻوڏ جي تباهي کي سڌي ريت ڀوڳيو آهي ۽ اڌ سنڌ ان جي تباهي کان محفوظ رهي آهي، پر ان تباهي درياهه جي ٻنهي پاسن تي رهندڙن جي دل ۽ دماغ تي اثر ضرور ڇڏيا آهن. اهي جن جا شهر، ڳوٺ، زمينون، ملڪيتون، ڍور ڍڳا وغيره ٻڏي ويا. جيڪي هاڻ ڪئمپن ۾ دربدري جي زندگي گهارين پيا، اهي جن ٻڏڻ جي خوف سبب لڏپلاڻ ڪئي ۽ راتيون جاڳي ڪاٽيون، پر قدرت جي مهرباني سبب آخر ۾ ٻڏڻ کان بچي ويا، يا اهي جن پنهنجن سنڌ واسين کي ان تباهي کي منهن ڏيندي پنهنجي ٽي وي اسڪرينز تي ڏٺو. سيني لاءِ هيءُ ايڏو وڏو ذهني، جسماني ۽ جذباتي جهٽڪو هو، جنهن سڄي سنڌ کي لوڏي به ڇڏيو ۽ جهنجهوڙي به ڇڏيو آهي. جنهن سبب پيڙهين کان موجود سياسي، سماجي تعلق





بدلجندي صاف نظر اچي رهيا آهن. ڪٿي دوست هڪ ٻئي کان اجنبي ۽ ڪٿي دشمن ان ڏک ۾ برابر جا شريڪ نظر اچن پيا. برادرين جي ناليءَ ۾، تڪرار ۾ آيل هاڻ هڪ ئي برادري يعني "ٻوڏ متاثر"، جا ٿي، هڪ ٻئي جي سار لهندي نظر اچن پيا. ڪالهه تائين پوتار آڏو ڪنڌ هيٺ ڪري پٽ تي ويهندڙن جي اکين ۾ انهن ئي ساڳين پوتارن لاءِ باهه صاف نظر اچي رهي آهي. ڪالهه جنهن جي وڏين ڳاڏين آڏو "جيئي جيئي" جا نعرا هڻي پنهنجون نڙيون خشڪ ڪندڙن جي چپن تي اڄ انهن ساڳين صاحبن لاءِ اهڙو ڪجهه آهي، جيڪو اخلاقيات جي دائري ۾ نه اچڻ سبب لکي نٿو سگهجي. ان کانسواءِ ايندڙ ڏينهن ۾ ان تباهي جي After shocks (تباهيءَ کان پوءِ واري اثرن) طور تي مهانگائي، امن و امان، بيمارين ۽ مجموعي طور تي سماج ۾ سهپ جي کوٽ، پئسي ۽ اخلاقي ڪرپشن سبب جيڪا سماج ۾ ٻيج ڏاهه ٿيندي، ان کي سوچي ڪري وار ڪنڊارجي وڃن ٿا ۽ هڪ خوشحال، پرامن، ترقي يافته سنڌ جي خواب جي ساڀيان جي ڪاوش ان تباهي سبب وڏيڪ ڏکئي سفر جو ڏس ڏئي ٿي.

دعا ڪرڻ جي نفيس ۽ خوبصورت عمل دوران انسان پنهنجي مالڪ آڏو پنهنجي دل جو حال ته اوري رهيو هجي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ هو اڻ سڌي ريت پنهنجي پاڻ سان به ڊائيلاگ ڪري رهيو هوندو آهي دعا گهرڻ مهل انسان جي اندر جا مونجهارا به ختم ٿي رهيا هوندا آهن ۽ کيس چٽي ريت سمجهه ۾ اچي رهيو هوندو آهي ته کيس ڇا گهرجي. سندس خواهش ڇا آهي ۽ ان سان گڏوگڏ انسان کي پنهنجين ترجيحات جي به پروڙ ٿي رهي هوندي آهي. مثال طور ڪو ٻار جڏهن هومر ورڪ ڪرڻ کانسواءِ اسڪول وڃي رهيو هوندو آهي ته سندس دعا هجي ٿي ته اڄ ڪلاس ۾ استاد کي هومر ورڪ چيڪ ڪرڻ وسري وڃي، پر جڏهن ساڳيو ٻار وڏو ٿي پاڻ والد يا والده ٿئي ٿو ته سندس دعا هجي ٿي ته سندس ٻار ڪلاس ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري. هڪ نوجوان اڳ ۾ نوڪري ۽ پوءِ اڃا سٺي نوڪري لاءِ دعا گهري ٿو، غرض ته انسان سڄي ڄمار پنهنجي دعائن ۾ ترجيحات به مٽائيندو رهندو آهي. دعا پنهنجي رب ۽ خود پنهنجي پاڻ سان ملڻ جو هڪ Pure (خالص) طريقو آهي، جنهن سان خود ماڻهوءَ جو اندر به ڌوپجي ويندو آهي، دعا هڪ اهڙو عمل آهي. جنهن سان ماڻهو کي آٿت به ملي ٿي ته گڏوگڏ همت ۽ حوصلو به، ڇاڪاڻ ته ڪنهن مشڪل ۾ يا ڪنهن خواهش جي تڪميل لاءِ جڏهن اسين دعا ڪريون ٿا ته اسان منجهه اها اميد هجي ٿي ته رب ڌڻي آڏو اها دعا ضرور اگهامندي، پر گڏوگڏ اسان ان مالڪ جي مدد جي اميد آڌار انهن خواهشن جي تڪميل لاءِ پاڻ به عمل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃون ٿا. مثال طور ڪو به شاگرد امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي دعا ان اميد سان نه ڪندو ته هو امتحان ڏيندو ئي نه، بس ائين ئي پاس ٿي ويندو! اهڙن ڪوڙ دنياوي مثالن سان گڏ اهو مثال به ڏئي سگهجي ٿو ته جڏهن ڪو آخرت ۾ دوزخ جي عذاب کان بچائڻ لاءِ دعا گهري ٿو ته گڏوگڏ هو پنهنجا اعمال ۽ افعال به بهتر ڪرڻ

جي ڪوشش ڪري ٿو ته جيئن هو آخرت ۾ عذاب کان بچي سگهي، سو دعا نه صرف انسان کي پراميدي ڏئي ٿي، بلڪ عمل لاءِ همت ۽ حوصلو به ڏئي ٿي، پر شرط آهي ته دعا جو عمل خالص جذبي سان ڪيو وڃي.

24 جنوري تي جڏهن لکين سنڌ واسين اها دعا پئي ڪئي ته اسان جي سنڌو ۾ ٻيهر موجون اچن ته ڪنهن پئي ڄاتو ته ان اجتماعي دعا کي اگهامڻ ۾ صرف ڇهه (6 مهينا) لڳندا ۽ سنڌو گجگوڙ ڪندي نظر ايندو، پر جيئن وڏا چوندا آهن ته جنهن شيءِ لاءِ به دعا ڪريو ته گڏوگڏ دعا ۾ ان جي سار لهڻ ۽ هضم ڪرڻ جي به رب کان دعا ڪريو، مثال طور جيڪڏهن دعا پئسي يا دولت لاءِ هجي ته خدا کان ان پئسي کان صحيح ڪتب آڻڻ ۽ ان ۾ برڪت جي دعا به ڪجي، جيڪڏهن دعا شهرت لاءِ هجي ته خدا کان تڪبر کان بچڻ جي دعا به ڪجي. جيڪڏهن دعا طاقت جي لاءِ هجي ته گڏوگڏ ان طاقت کي هضم ڪرڻ لاءِ به دعا ڪرڻ گهرجي.

لکين سنڌ واسين وٽ سنڌو ۾ موجون موٽي اچڻ جي دعا اٺ مهينا اڳ به هئي ۽ اڄ به آهي، پر هاڻي ان دعا سان گڏ رب ڏٽي آڏو اها به التجا آهي ته، ”اي رب اسان کي ان رحمت کي سنڀالڻ جي سگهه ۽ اهليت به ڏي، اسان کي ها توفيق ڏي ته سنڌو جي پيٽ کي سوڙهو ڪندڙ ڪچي جي علائقن ۾ ناهيل سمورين رڪاوٽن کي ٽوڙي سگهون، جيئن درياهه جي وهڪري ۾ سوڙهه نه اچي، اي رب! اسان کي صلاحيت ڏي جو اسان جا بند ۽ بيراج ايترا مضبوط بڻايون جو درياهه جو موجون حفاظت سان سمنڊ تائين پهچي سگهن. انهن بندن جي سار سنڀال، مرمت ۾ ڪرپشن جو خاتمو آڻي سگهجي. اي منهنجا خدا! اسان تنهنجا شڪر گذار آهيون. جو تو اسان جي درياهه کي ٻيهر موجون بخشيون، پر اسان جي ناقص گورننس سبب بند ٽٽا ۽ تنهنجا لکين بندا دربدر ٿيا ۽ سنڌ کي ان تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. اسان کي تون حوصلو ڏي، همت ڏي جو اسين ان ڏکئي گهڙي مان پار ٿي سگهون. اسان کي ايتري سگهه ۽ صلاحيت ڏي، جو اسان ان برباديءَ مان نڪري ٻيهر آباد ٿيون. ان بربادي مان جيڪي ٻيون بربادين جنم وٺنديون، انهن کان اسان کي محفوظ رک ۽ انهن کي ٽارڻ لاءِ عمل ڪرڻ لاءِ فهم ڏي، يا رب العزت اسان سنڌ واسين ۾ ايڪتا ڏي، اجتماعي فهم کي وڌاءِ اجتماعي سگهه کي وڌاءِ ۽ عمل ڪرڻ جو حوصلو ڏي، جيئن اسان هڪ تبديل ٿيل خوشحال ترقي يافته سنڌ ٺاهي سگهون، جيڪا سنڌ بند ٽٽڻ جي خوف، ڪرپشن جي ناسور، صحت جي سهولتن جي اڻاٺ، بدامني جي عذاب، غرض ته خراب حڪمراني کان آجي هجي. (آمين)

هينئر سنڌ واسين کي جيتري حوصلي، فهم ۽ ايڪتا جي ضرورت آهي. اها شايد ئي ڪڏهن رهي هجي، اسان کي پنهنجي ڪاوڙ، ڏک ۽ تڪليفن کي سهيڙي هڪ اهڙي ڌارا ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي، جيڪا خود هڪ ٻوڏ جي صورت اختيار ڪري، جيڪا تبديلي جي ٻوڏ جي صورت اختيار ڪندي سمورن فرسوده سياسي،





سماجي بندن کي لوڙهي ڇڏي. اهو سمجهڻ ۾ ڪا به عربي ۽ فارسي ناهي ته اسان جي پڪي جي علائقن کي سنڌوءَ جي ٻوڏ ناهي ٻوڙيو، بلڪ اها تباهي ڪرپشن، خراب سياسي ڪلچر ۽ خراب حڪمرانيءَ جي ٻوڏن آندي آهي، سو جيستائين تبديليءَ جي ٻوڏ آڻي خراب حڪمرانيءَ جي بندن کي ٽوڙيو نه ويندو، لوڙهيو نه ويندو، تيستائين پاڻي، بيمارين، مهانگائي، بدامني وغيره جي ٻوڏن مان نڪرڻ ممڪن نه هوندو.

هن سال اڌ سنڌ جا فصل ٻڏڻ ڪري مڪمل طور تباهه ٿي ويا، جڏهن ته ٻئي ته ٻئي اڌ جا فصل سوڪهڙي سبب شديد متاثر ٿيا پر هاڻ خريف جو فصل به ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڪيئن ٿي سگهندو ۽ ايندڙ سال ربيع جي فصل تائين ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ايريگيشن جو تباهه ٿي ويل نظام ڇا بحال ٿي سگهندو، جو ايندڙ ربيع جو به فصل ٿي سگهي؟ ۽ مسئلو صرف ڪئنالن ۽ واٽر ڪورسن کي ٻيهر ٺاهڻ جو ناهي پر مسئلو اهو به آهي ته ، ماڻهو پوکي لاءِ پئسا ڪٿان آڻيندا ۽ اهو سڄو عرصو آهي ڪٿان پنهنجو گذر سفر ڪندا؟ ساڳي ريت پوائنٽي ڳالهه اها آهي ته اگر ايندڙ سال يا ان کان پوءِ واري سال ۾ به سنڌو ۾ وڏا وهڪرا آيا ته پوءِ ڇا باقي بچيل سنڌ؟؟؟ اچو ته هڪ دفعو وري لکين سنڌ واسي دعا لاءِ هٿ کڻون ته، ”يا خدا سنڌ کي قدرتي توڙي Man made (انسان جي آندل) آفتن کان بچائي. منهنجي خواهش آهي ته دعا جي ڏهاڙي جو سڏ ڏجي ۽ جنهن ڏينهن اسين سڀ سنڌ واسي رب ڏٽي کان گڏيل طور دعا گهرون ته هو پنهنجي ٻاجهه ڪري، اسان کي صبر ڏئي، حوصلو ۽ فهم به ڏئي ته جيئن اسين نه صرف ان مشڪل جي گهڙيءَ مان نڪري سگهون، بلڪ آئينده اهڙي تباهي ٿيڻ جي سببن کي اڳواٽ ختم ڪري سگهون، بلڪ آئينده اهڙي تباهي ٿيڻ جي سببن کي اڳواٽ ختم ڪري سگهون. انهن ڏينهن لکين سنڌ واسي پختو وچن ڪن ته هو هڪ خوشحال ۽ ترقي يافته سنڌ لاءِ عملي قدم ضرور کڻندا. ان ڏهاڙي تي اگر لکين سنڌ واسي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائيندا ته هو هڪ ٻئي لاءِ آٿت ۽ حوصلي جو سبب به بڻبا ۽ سيني کي نياپو به ملندو ته ايڏي تباهيءَ باوجود اسان جا حوصلا ٽٽا ناهن. اسين ٻيهر سنڌ کي ٺاهينداسين ۽ هن ڀيري اها سنڌ تبديل ٿيل سنڌ هوندي ۽ اسان کي پنهنجي ڌرتي سان به محبت آهي ۽ سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو، سو ٻوڏ جا ڊپ ڏئي ڪير سنڌو درياهه تي وري ڪو ڊيم ٺاهڻ جو رينگٽ شروع نه ڪري، منهنجي خواهش آهي ته ان تڪليف جي وقت ۾ اسان سڀ ايڪتا جو مظاهرو ڪريون ۽ دعا جي ڏهاڙي تي لکين سنڌ واسي گڏ ٿي سڄي جهان کي اهو نياپو موڪلين ته خراب حڪمرانيءَ جي ڪري اسان جي دريا جا بند ضرور ڀڳا آهن پر اسان جا حوصلا ناهن ٽٽا ۽ هڪ بدليل سنڌ جو خواب ناهي ٽٽو.

جنهن ريت سوين جڳهين تي بندن ۾ پوندڙ روڻين ۽ رنگ بندن کي ڳوٺاڻن ۽ شهرين پنهنجي مڙسيءَ سان بند ڪيو، ساڳئي جذبي هيٺ هڪ خوشحال ۽ ترقي يافته سنڌ لاءِ سنڌ واسين کي پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، نه ته خدا نه

ڪري، اسان ڪي خراب حڪمرانيءَ سبب پيدا ٿيندڙ مختلف ٻوڏن جو منهن، ايندڙ نسلن تائين ڏسڻو پوندو.. آئون سمجهان ٿو ته سنڌ واسين وٽ هاڻ وڃائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي، سواءِ تباهين جي. سو ان ڪان اڳ جو اهي ٻيون ٻوڏون اچن، خدا ڪري ته سنڌ واسي پنهنجي فهم ۽ حوصلي سان تبديليءَ جي ٻوڏ ايتري وڏي ۽ مضبوط ڪري وٺن، جنهن ۾ اهي ٻيون ٻوڏون فنا ٿي وڃن، گم ٿي وڃن (امين).



# ڇا منڇر ٽٽڻ ڪان بچي ويندي؟

محمد ادريس راجپوت

ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مٺي پاڻيءَ جي سڏائيندڙ ڍنڍ منڇر سنڌ ۾ سيني جي نظرن جو فوڪس بڻيل آهي، واپڊا وارن جي مهربانين ڪري هي مٺي ته نه رهي آهي، جو آر بي او ڊي جو لوڻياٺو پاڻي ڇوڙ ڪري اها ڪاري پاڻي جي ڍنڍ بڻجي وئي آهي. پر پوءِ به انهيءَ ڪري فوڪس ۾ آهي جو ٿوڙي بند ٽٽڻ ڪان پوءِ ان جو نڪتل پاڻي ٽن رستن سان ان ۾ ڇوڙ ڪري رهيو آهي. هڪڙو ايف پي بند رستي، ٻيو ايم اين وي ڊرين رستي ۽ ٽيون زيرو پوائنٽ تي ايف پي بند کي ڏنل ڪٽ رستي، انهيءَ ڪري ان جي ليول چڙهي پئي ۽ ايم سي بند تي دٻاءُ وڌي پيو، سنڌو درياهه ۾ ٻوڏ ڪري انهيءَ جي ليول منڇر جي ليول ڪان مٿي هئي. جنهن ڪري منڇر جو ڇوڙ درياهه ۾ ممڪن نه هو ۽ اهو خطرو هيو ته جيڪڏهن درياهه جي ليول نه لٿي ته انهيءَ ڪري منڇر جي بندن کي ڪو نقصان نه پهچي ۽ ملڪ نه ٻڏي، منڇر جي لحاظ ڪان سيني ڪان خطرناڪ ٻوڏ سال 1976ع ۾ آئي. انهيءَ ٻوڏ ۾ منڇر جي ليول 125 فوٽ تي وئي. جنهن ڪري بند ٽٽي پيا ۽ تمام گهڻو نقصان ٿيو. انهيءَ ڪان اڳ بند 117 جي پاڻي جي ليول لاءِ ڊيزائن ٿيل هئا. اها ٻوڏ نئين گاج ۾ اٽڪل 250000 ڪيوسڪ پاڻي اچڻ ڪري پيدا ٿي. جنهن سال درياهه جي ليول 120 فوٽ هئي. جنهن ڪري منڇر واري پاڻي جو درياهه ۾ ڇوڙ ڏکيو ٿي پيو ۽ ڪنڌ پيا. انهيءَ ڪان پوءِ ايف پي بند ۽ منڇر جي ليول 1976ع جي ٻوڏ واري ليول جي حساب سان رکي وئي. آبپاشي وارا چون ٿا ته منڇر 117 فوٽ ليول تائين هيٺ آهي. يعني جيڪڏهن منڇر جي ليول 117 فوٽ تائين رهي ته بچاءُ ٿيندو. نه ته منڇر جو بند ٽٽي تباهي آڻي سگهي ٿو. منڇر جي ليول 117 تڏهن رهي سگهي، جڏهن منڇر ۾ ايندڙ پاڻي ۽ ان مان نڪرندڙ پاڻي ۾ بيلنس رهي. 8 سيپٽمبر 2010ع صبح تائين منڇر مان درياهه ۾ ڇوڙ ممڪن نه هو، جو درياهه جي ليول منڇر جي ليول ڪان هيٺين ريت مٿي رهي.

پهرين سيپٽمبر تي 4.2 فوٽ، ٻي سيپٽمبر تي 3.9 فوٽ، ٽئين سيپٽمبر تي

3.4 فوٽ، چوٿين سيپٽمبر تي 3.0 فوٽ، پنجين سيپٽمبر تي 2.7 فوٽ، ڇهين سيپٽمبر تي 2.1 فوٽ، ستين سيپٽمبر تي 1.5 فوٽ ۽ اٺين سيپٽمبر تي ان جي ليول 0.7 فوٽ رهي. خوشقسمتيءَ سان اٺين سيپٽمبر شام جو درياهه جي ليول ۽ منڇر جي ليول هڪ ٿي وئي ۽ منڇر جو ڇوڙ درياهه ۾ ممڪن ٿي ويو، 9 سيپٽمبر جي صبح ڇهين وڳي درياهه جي ليول منڇر کان 4 ڊيسيمل هيٺ ٿي وئي. جنهن ڪري اڙل ٽيل ريگيوليٽر جا پنج ئي دروازا کوليا ويا، ۽ منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪري پيو. هن ريگيوليٽر جي پاڻي ڪڍڻ جي گنجائش چون ٿا ته، 25000 ڪيوسڪ آهي، پر اهو تڏهن جڏهن درياهه تمام هيٺ لهي وڃي. هن مهل هي ريگيوليٽر وڌ ۾ وڌ 3 کان پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪڍي سگهندو هوندو، ٻئي پاسي منڇر ۾ تمام گهڻو پاڻي پيو اچي. خالد حيدر ميمڻ چيف انجنيئر، جيڪو اتي اسپيشل ڊيوٽي ڏئي رهيو آهي، تنهن جو چوڻ آهي ته ايم اين وي ڊرين ۽ ايف پي بند جي زيرو پوائنٽ واري ڪٽ کان اٽڪل 20 کان 25 هزار ڪيوسڪ پاڻي اچي رهيو آهي. جنهن ڪري منڇر جي ليول تمام تڪڙي چڙهي پئي. پهرين اها ليول 0.2 فوٽ في ڏينهن جي حساب سان چڙهي رهي هئي. هينئر اها 8 سيپٽمبر کان 9 سيپٽمبر تائين هڪڙ ڏينهن م 0.4 فوٽ چڙهي 114.35 فوٽ ٿي وئي آهي ۽ انهيءَ ريٽ ۾ واڌ ٿيڻ واري آهي. ٻيو مسئلو خالد حيدر ميمڻ اهو ٻڌايو ته زيرو پوائنٽ تي جتي جوهي يا ڪٽ وارو پاڻي ڪٽ ڏئي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرايو پيو وڃي. اتي تمام گهٽي ڪاڌ آهي ۽ خطرو آهي ته اتي منڇر جو بند نه ٽٽي پوي ۽ منڇر اٿلي نه پوي .

## منڇر مان درياهه ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرائڻ وارا آپشن:

منڇر جي ليول تڏهن ڪنٽرول ٿي سگهندي، جڏهن منڇر مان درياهه ۾ ڇوڙ وڌايو وڃي، جو منڇر ۾ ايندڙ پاڻي تي ڪو ڪنٽرول ممڪن ناهي، ڇوڙ ڪرائڻ جا هيٺيان آپشن ٿي سگهن ٿا.

(1) اڙل لڪي ٽيل ريگيوليٽر: مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته انهيءَ جا پنج ئي دروازا ڪليل آهن ۽ پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪري پيو پر ڪراس ڪٽ آف گهٽ هجڻ ڪري ايترو پاڻي نٿو وڃي ۽ ايندڙ چئن پنجن ڏينهن ۾ درياهه ۾ گهٽي لاٿ ممڪن ناهي. مٿان ايندڙ پاڻي اتان نڪرندڙ پاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو آهي.

(2) اڙل واهه ذريعي: اڙل واهه درياهه ۾ سيوهڻ انسپيڪشن بنگلي ويجهو ڇوڙ ڪري ٿو، ان جي هينئر گنجائش 500 کان هزار ڪيوسڪ آهي، اتي اڃا درياهه جي ليول مٿي آهي. تنهن ڪري ڇوڙ ممڪن ناهي، ڏينهن ٻن ۾ اتي ڇوڙ ٿي سگهندو، پر ايترو گهڻو رليف نه ملي سگهندو.





(3) دانستر واهه: هي بنيادي طرح ڦاٽن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ آهي. پر درياهه ۾ ڇوڙ به ڪري سگهي ٿو، پر ان جي به گنجائش تمام ٿوري آهي. وڌ ۾ وڌ 500 ڪيوسڪ تنهن ڪري اهو به خاص رليف ڏئي نه سگهندو. (4) انڊس لنڪ: ايم اين وي ڊرين جنهن کي هينئر آر بي او ڊي به چون ٿا، اها منڇر ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، پر هڪ لنڪ ذريعي اها ڪرم پور وٽ درياهه ۾ ڇوڙ ڪري سگهي ٿي، جو انڊس لنڪ درياهه تائين ٺهيل آهن. انهيءَ جي گنجائش 3500 ڪيوسڪ آهي، پر اهو درياهه جي ليول تي منحصر آهي ته گهڻو پاڻي ڇوڙ ٿي سگهندو، اتي اڃان درياهه ايترو نه لٿو آهي، پر جيڪڏهن اهو ممڪن به ٿي سگهي ته وڌ ۾ وڌ 3500 ڪيوسڪ پاڻي ورائي سگهبو.

(4) لال باغ واري پاسي کان درياهه ۾ پاڻي ورائڻ: لال باغ واري پاسي منڇر کي بند ناهي، اتان اڙل واهه ويجهو وهي ٿو، منڇر جو پاڻي اتان ڪٽي ريلوي لائن جي ڪنهن پل هيٺان لنگهائي انڊس هاءِ وي کي ڪٽي ڪراس ڪري درياهه ۾ موڪلي سگهجي ٿو. اتي زمينون مٿي آهن. ڏسڻو اهو پوندو ته منڇر جو پاڻي ڪنهن اهڙي پوائنٽ تان ورائي سگهجي. جتان زميني سلوپ درياهه ڏانهن وڃي ۽ ڪا رنڊڪ وچ ۾ نه اچي، اهو هڪ ڏکيو آپشن آهي. وچ ۾ ملٽري جي ايريا به اچي ٿي. ٻيو منڇر ڊنڊ مان انهيءَ پوائنٽ تائين وهڪري جو ستو به ڳولڻو پوندو، وري اهي ڳالهيون به ڏسڻيون پونديون ته انڊس هاءِ وي تان ٽريفڪ بند ٿيندي ۽ ريلوي لائين تان به ٽريفڪ بيهي سگهي ٿي. هي هڪ ڏکيو آپشن اهي، پر مصيبت جي وقت ۾ هر آپشن ٽرائي ڪري سگهجي ٿو.

سيئي آپشن ٽراءِ ڪرڻ کان پوءِ منڇر جي ليول تڪڙي چڙهندي. جو خالد حيدر ميمڻ مطابق ٿوڙي جو روڪيل پاڻي تمام تڪڙو ۽ جهجهي مقدار ۾ منڇر ۾ وري پيو. اهو پاڻي مٿي جيڪي ٻوڙ ٻوڙان ڪري آيو آهي، هاڻي انهيءَ جو حملو انهيءَ جي پڇاڙي واري ڇوڙ واري جڳهه يعني منڇر تي آهي ۽ منڇر جو ڇوڙ رڳو سنڌو درياهه ۾ آهي، جنهن ۾ ڪيتريون ڏکيائيون آهن. انهيءَ صورت ۾ منڇر تي سخت Flood fighting جي ضرورت آهي. ماڻهن ۽ مٽيريل جو زبردست بندوبست ڪرڻ کپي. چوويهه ڪلاڪ سخت پهرو Patrolling کپي. مٿان آفيسر رات جي پوئين پهر بند تي نڪرن، جو اهو ٽائيم هيٺين اسٽاف طرفان غفلت ٿيڻ جو ٽائيم آهي. انهيءَ سخت ڪوشش کان پوءِ رب تي ياڙجي ۽ جيئن ميلن ۾ گهلياڻ بند تي مٽي چاڙهڻ ۽ سلوپ تي مٽي جون ڳوٽيون ڀري رکڻ کان پوءِ به جڏهن صورتحال ڪنٽرول ۾ ٿيندي نظر نه آئي ته انچارج سپرنٽينڊنگ انجنيئر محمد خان نظاماڻي رات جو بند تي الله جي مدد لاءِ بانگو ڏنيون ۽ رب مهربان سنڌس ڪم ۾ سولائي ڪئي. انهيءَ نموني الله سائين کان مدد گهرجي ۽ اميد رکجي ته اها بلا ٽري ويندي.

# يا ته مفاهمت رهي سگهندي يا وري ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثر!

نواز ڪنير

ملڪ ۾ آيل بلڪ هلنڊڙ ٻوڏ جي ماڻهو ماريا، گهر تباهه ڪيا، جهنگلي، جيوت کي نقصان پهچايو زندگي جون بنيادي ضرورتون، جيڪي هتي آسائشن ۾ شمار ٿيون ٿين. انهن کي ڊاهي پٽ ڪيو آهي اتي ٻوڏ مان ڪيترين ئي اميدون به وابسته ڪيون پيون وڃن. "ٻڏيءَ جا ٻيٽا" واري چوڻي ته پيٽائي صاحب سهڻيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي حوالي سان استعمال ڪئي هئي پر هن ڀيري اها چوڻي صفا ٻئي مطلب ۽ معنائن ۾ ورتي پئي وڃي. ڪن ڌرين کي اميد آهي . بلڪ انهن جي خواهش آهي ته ٻوڏ جي "مهرباني" سان دربدر ۽ ڳوٺن مان نڪري ڪراچي پهتل ماڻهن جي انگ ۾ اڃان به وڌيڪ اضافو ٿئي اهي ٻوڏ متاثر مستقل طور تي ڪراچي ۾ ئي رهن. جنهن سان ڪراچي ۾ سنڌين جو تعداد وڌي ۽ پوءِ ڪراچي وري سنڌين جي مالڪي ۾ اچي وڃي. وغيره وغيره جيستائين ٻوڏ متاثر ڪراچي ۾ آباد ٿين ۽ پنهنجن پيرن تي بيهن، تيستائين انهن متاثرين جي مدد ڪراچي وارا ڪن! انهن جي ڪاڌ خوراڪ اٽي لٽي ۽ اجهي جو بندبست به ڪراچي وارا ڪن ۽ علاج به ڪراچي وارا ڪن، جي هو سڀو بار نٿا کڻن ته ڀاڳي پائيوار ضرور ٿين! ڇو جو ڪراچي سنڌ آهي ۽ اسان اڳ ۾ اهڙو جذبو ڏيکاري چڪا آهيون. جنهن تي هاڻ پريشان به آهيون. هاڻ جواب ۾ هو به اهڙو جذبو ڏيکارين! يا ته اسان صفا سادا ۽ معصوم آهيون يا ٻين ۾ اسان کي عقل جي گهٽتائي ئي نظر اچي. ٻنهي صورتن ۾ اسان خوشفهمي جو ائين شڪار محسوس ٿيون ٿا. جيئن ورهاڱي وقت، نون آيلن جي استقبال وقت هئاسين.

اسان اهو وساري ٿا ويهون ته ان وقت جي آيلن ۽ هاڻوڪن آيلن ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي؟ ان وقت آيلن جي گهڻائي انهن علائقن ۾ آندي وئي هئي. جيڪي علائقا non agreed هئا. يعني اهي علائقا جن مان لڏپلاڻ ٿي ئي ڪونه هئي، لڏپلاڻ رڳو بنگال ۽ پنجاب مان ٿي هئي.

ڪراچي جي ڪمشنر هاشم رضا، پنهنجي ڳوٺائين لاءِ لياقت علي خان سان گڏجي ڇا ڇا نه ڪيو! نون آباد ٿيندڙن کي نه صرف ڪوڙن سچن ڪليمن ذريعي نوازيو ويو، بلڪ انهن کي هتي پلاٽن ۽ گهرن لاءِ قرض به ڏنا ويا. جيڪي پوءِ معاف ڪيا ويا. سڄي سرڪاري مشينري کي انتهائي منظم نموني، نون آيلن جي شانائتي آڌر ڀاءُ لاءِ مختلف ڊيوٽيون لڳائي مقرر ڪيو ويو. انهن جي هر طرح سان نه صرف مالڪي ڪئي وئي. بلڪ ان ئي وقت تعصب جو بنياد وڌو ويو . ان وقت هڪ ته ڪراچي جي ايتري آبادي نه هئي. روزگار جا موقعا وڌيڪ هئا ۽ آيل ماڻهو به زندگي جي مختلف ميدانن مان آيل هئا. مٿان حڪوت جو هٿ، هندن جون ڇڏيل جائيدادون ۽ ملڪيتون. رهجي ويل مقامي ماڻهو سست، سو آيلن کي آباد ٿيڻ ۾ نه ته ڪا گهڻي تڪليف ٿي ۽ نه ئي ڪو مقابلو هو. مٿان حڪومت جو هٿ! سو ڪم سولي ڪان سولو ٿيندو ويو. اهو جيڪو آزادي لاءِ قربانين جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي. ان جا پيرا ڪٽجن ته اهي قربانيون. آزادي کان وڌيڪ آباد ٿيڻ لاءِ سفري ۽ لڏ پلاڻ جون صعوبتون هيون، جڏهن ته هاڻ ڪراچي ايندڙن لاءِ نه ته ڪليمن ۾ جائيدادون ملڻ جو آسرو آهي، نه ئي ڪو مٿي تي حڪومت جو هٿ، سرپرستي، نه ئي انهن کي ڪراچي ۾ آباد ٿيڻ ۽ ڪرڻ لاءِ حڪومت وٽ ايترا وسيلا آهن. انهن کي ته اهي به وساري ويٺا آهن. جن جا هي ووٽر آهن. رڳو گهڙي گهڙي اهي بيان ڏين ٿا ته، ڪراچي ڌرتي ڌڻين جي آهي. ڪير به انهن کي ڪراچيءَ مان ڪڍي نٿو سگهي... پر عملي طور تي انهن کي ڪراچي ۾ مستقل طور تي آباد ڪرڻ لاءِ اڇا تائين ته ڪا پلاننگ نظر نٿي اچي. تبديليون خواهشن سان ته ڪو نه اينديون آهن! رڳو عيد تي پنج ڪان ويهه هزار ڏيڻ سان ڪجهه ڪو نه ٿيندو.

ورهاڱي وقت ڪراچي آيلن ۽ موجوده ٻوڏ سبب آيلن ۾ ڪيترن ئي حوالن سان وڏو فرق آهي. ٻوڏ متاثر گهڻي ڀاڱي هاري ۽ مالوند ماڻهو آهن. ٿورا گهڻا ڪاروباري يا محنت مزودري جي ٻين شعبن سان وابستا ضرور آهن پر انهن جو تعداد گهٽ آهي. ڪاروڪاري، خوني تڪرارن جي وچ ۾ پروان چڙهيلن وٽ اهي مهارتون. اهو ذهن ڪيتري قدر آهي. جنهن جي آڌار اهي ڪراچي ۾ مستقل طور تي آباد ٿي سگهن؟ (انهن جو اهو رويو امداد ورهائڻ وقت ڏسي سگهجي ٿو) ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي. هتي هڪ اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ لازمي آهي ته سنڌي ماڻهو بنيادي طور Home sickness واري نفسيات رکندڙ آهن. انهيءَ نفسيات سبب ئي انگريزين سنڌين لاءِ "ڪاري پاڻيءَ" جي سزا تجويز ڪئي هئي. سو هوم سڪنيس رکندڙ ماڻهن ڪان پنهنجا اباڻا ڪک وسارڻ لاءِ ڪين ڪراچي ۾ انهن ڪکن ڪان وڌيڪ سهولتون ملڻ گهربيون هيون. پوءِ ئي شايد اهو اجتماعي طور تي ڳوٺ ۽ گهر وساري، ڪراچي ۾ مستقبل طور آباد ٿيڻ جو سوچين ها پر هنن حالتن ۾ سهولتون ته اسان جي خواهش ته ٿي سگهي ٿي پر عملي طور ائين ٿيڻ ۾ شايد ڏکيائيون گهڻيون آهن. هي 1947ع ناهي. 2010ع آهي. دنيا گهڻي بدلجي چڪي آهي. انهن بدلين حالتن ۾ متاثرن جي آبادڪاري لاءِ جديد ذهن به کپن ته ذريعا به جيڪي هن مفاهمت واري دور ۾ مشڪل ڪم آهي. جنهن جو آسرو ڪرڻ ٻبرن مان ٻير گهرڻ برابر آهي. يا ته مفاهمت رهي سگهندي يا متاثر ڪراچي ۾؟

# ٻوڏ ستيلن جي بحاليءَ جو اٽانگو سفر

نصير ميمڻ

سنڌ ۾ مهينو گذرڻ جي باوجود ٻوڏ ڪٽڻ جو نالو ئي نه ٿي وٺي، آگسٽ جي شروع ۾ ٽوڙي بند کي لڳل/ هنيل گهارو ڪنهن راڪاس جيان سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ وارن ضلعن کي ڳڙڪائي رهيو آهي. سکر، ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ قمبر شهدادڪوٽ کان پوءِ هاڻي ٻوڏ جو بدروح دادو ضلعي ۾ ڪاهي پيو آهي. ٻئي طرف ڪراچيءَ کي ڇڏي باقي سنڌ جي ذري گهٽ اڌ آبادي بي گهر بڻيل آهي ۽ سنڌ جو عوام ٻوڏ جي بربادي‍ءَ سان گڏوگڏ هڪ احساساتي ۽ نفسياتي صدمي جو شڪار پڻ بڻيل آهي. سرڪار ۽ سول سوسائٽي جا ادارا ۽ فرد جنهن همت سان هن صورتحال کي ڪنهن حد تائين سينالي رهيا آهن. اها غير معمولي ڳالهه آهي. رليف معنيٰ واهر وارو هي مرحلو ٻوڏ ستايلن جي ايڏي وڏي انگ کي اجهو، کاڌو ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ غير معمولي همت ۽ وسيلن جو گهرجائو آهي. تمام گهڻين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي باوجود سنڌ جي ماڻهن مجموعي طور امتحان ۽ آزمائش جي هنن ڏکين لمحن جو هڪ زندهه قوم جيان مقابلو ڪيو آهي. جنهن سان سنڌي سماج جي اندروني سگهه بابت ڪيئي اتساهيندڙ تصور پڻ جنم وٺي رهيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم هن نوعيت جي ڏونداڙ کي پهريون ڀيرو منهن ڏئي رهي آهي ۽ اجتماعي آزمائش اجا تائين ان جي گڏيل حوصلي کي آڻ نه مڃائي سگهي آهي. ان دعويٰ جي دليل ۾ ننڍا وڏا سوين مثال ڏئي سگهجن ٿا. پر رڳو هڪ جوهيءَ جي شهرين جو حوالو ئي ان لاءِ ڪافي آهي جتي شهرين نه رڳو شهر کي بچائڻ لاءِ سمورا آسرا پلي پاڻ اڳيرائي ڪئي آهي پر نيم بدحواسيءَ واري انتظامي ماحول ۾ شهر اندر ڪا ذري جيتري به انارڪي نه پکڙجي سگهي. رليف بهرحال هڪ عارضي مرحلو آهي. جيڪو ڪنهن نه ڪنهن ريت گذري ويندو. پر اصل ڳنڀير سوال متاثرين جي بحاليءَ جو آهي. سنڌ اندر وڏي وزير چواڻي 16 ضلعا متاثر ٿيا آهن. جن مان 8 شديد متاثر آهن. جن باقي ضلعن ۾ ٻوڏ هاڃا نه ڪيا آهن. اتي ٻوڏ ستيلن جو هڪ تمام وڏو انگ پهتل آهي. جنهن ڪري زندگيءَ جو





ڪارونهوار اتي به رواجي ناهي. ائين مجموعي طور ڏسجي ته سڄي سنڌ ٻوڏ جي اثر هيٺ آهي. اجا متاثر علائقن مان ٻوڏ جو پاڻي ناهي نڪري سگهيو، تنهن ڪري هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ اٺهو ٻوڏ ۾ لڙهي ويل زندگيءَ جي بحاليءَ واري اوکي سفر جي شروعات ناهن ڪري سگهيا. گڏيل مفادن واري ڪائونسل ٻوڏ ستايلن کي گهر اڏڻ لاءِ لک رپيا في گهر ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. هونءَ ته ان رقم مان اڄ جي دور ۾ ڊٺل گهرن جو ملبو هٽائڻ به مشڪل آهي ۽ اڃان اهو به پتو ناهي ته اهي پئسا حقدارن تائين ڪيئن پهچندا ۽ ان رقم اندر هٿرادو گهارا نه لڳڻ کي ڪيئن يقيني بنايو ويندو. پر هڪ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته متاثرن جي بحالي رڳو هڪ لک رپيا ڏيڻ سان نه ٿي ويندي. ٻوڏ ستيل علائقن جي مڪمل بحالي هڪ ڊگهو، منجهيل ۽ اوکو ڪم آهي. جنهن ۾ هيٺيان مرحلا اهم آهن.

## بحاليءَ جي جامع رٿابندي:

هي سڀ کان اهم ۽ ترت شروع ڪرڻ وارو ڪم آهي. جنهن ۾ ڪا به دير نه ڪرڻ گهرجي رٿابنديءَ جي مرحلي ۾حڪومت کي سڀ کان پهرين متاثر علائقن جي مختلف نقصانن جا تفصيلي انگ اکر ڪٺا ڪرڻا پوندا ۽ ان لاءِ مختلف شعبن جهڙوڪ ڪميونيڪشن ريلويز، آبپاسي، صحت، تعليم، زراعت، چوپائي مال، ڪاروبار، ٽائون پلاننگ وغيره جي شعبن تي ٻڌل هڪ ٽيم گهرجي. جيڪا سيٽلائيٽ نقشن وسيلي نقصانن جو ڪاٿو لڳائي سگهي. رٿابنديءَ کي خامين کان آجو ۽ قبولڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ بهتر اهو ٿيندو ته ان ڪم ۾ سرڪاري ادارن کان سواءِ ضلعي سطح تي بهتر ساک رکندڙ غير سرڪاري ادارن، چونڊيل عيوضين ۽ فردن کي به شامل ڪيو وڃي. نقصانن جو درست ڪاٿو بحاليءَ جي بهتر رٿابنديءَ جا بنياد رکندو. ساڳي طرح انفرادي سطح تي ماڻهن جي ذاتي ملڪيتن ۽ گذر سفر جي وسيلن جي نقصانن جو به ڪاٿو لڳائڻو پوندو ته جيئن متاثر ڪٽنب جي سماجي ۽ معاشي بحاليءَ لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪري سگهجي. ان لحاظ کان حڪومت کي ننڍي وچلي ۽ ڊگهي مدي وارا پلان تيار ڪرڻا پوندا جن جي عملدارآمد ۽ ان جي نگرانيءَ لاءِ ادارتي ڍانچو طئي ڪرڻو پوندو، جيئن ٻوڏ متاثر بحاليءَ جي مرحلي تي سرڪاري دفترن ۽ وڏيرن جي اوطاقن جا ڌڪا نه کائيندا رهن. ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ماڻهن جي بحاليءَ وارو ڪم جيڪڏهن شفاف ۽ انصاف جي آڌار تي نه ٿيو ته ان جا سياسي ۽ سماجي اثر ٻوڏ کان به خراب ثابت ٿي سگهن ٿا. بحاليءَ واري رٿابنديءَ دوران ٿيل نقصانن جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ انهن کي هيٺين ڪيٽيگريز ۾ ورهائڻ گهرجي.

ٻوڏ کان بچاءَ ۽ آبپاسي وارو ڍانچو جهڙوڪ بچاءَ بند، ريگيوليٽر، شاخون،

واهن جا ڪپر، رنگ بند وغيره فلڊ مئنيجمينٽ پلان بابت الڳ مضمون ۾ تفصيلي بحث ڪنداسين. انفرادي ملڪيتون ۽ گذر سفر جا وسيلا جهڙوڪ گهر، دڪان، ٻنيون، چوپايو مال، وڻاڻ، گاڏيون، ڪاروباري مرڪز ۽ اوزار، مڇيءَ جا تلاءُ، فصل، گودام وغيره شهري ڍانچو جهڙوڪ گهٽيون، پارڪ اسٽريٽ لائيٽس، صحت ۽ تعليم جا مرڪز، سرڪاري آفيسون، بس اڏا، ريلوي اسٽيشنون، بئنڪون، پوسٽ آفيسون، ٿاڻا، ڪورٽون وغيره

انهن مکيه ڪيٽيگريز هيٺ نقصانن جي ڪاٿي ڪان پوءِ بحاليءَ جي مڪمل رٿابنديءَ ڪئي وڃي. انهن ۾ ڪجھ ڪم فوري نوعيت جا هوندا ته جيئن زندگيءَ ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ٿي سگهي. ڪجھ ڪم وچولي مدي وارا هوندا. جيڪي سال ڏيڍ اندر ڪرڻا پوندا ته جيئن اجتماعي ضرورتن جو پورائو ٿي سگهي ۽ ڪجھ ڪم ڊگهي مدي وارا هوندا ته جيئن علائقن جي ترقيءَ جو رڪجي ويل ڦيٿو نئين سر روان ٿي سگهي. نائين سيپٽمبر تائين پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سنڌ پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب سنڌ اندر ساڍا ست هزار ڳوٺ متاثر ٿيا آهن. 72 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن. 72 لک ايڪڙ ايراضي متاثر ٿي آهي. جنهن ۾ لڳ ڀڳ 26 لک ايڪڙ پوکيءَ هيٺ زمين شامل آهي. ساڳي طرح 2 لک 63 هزار ڍور به صايع ٿيا آهن. اسپتالن، اسڪولن، روڊن، رستن ۽ ڪاروبارن جا انگ اکر اڃا سامهون نه آيا آهن. ان پئماني جي بحالي ڪيڏو ڏگهو ۽ اوکو ڪم آهي. ان جو اندازو هر ڪوئي لڳائي سگهي ٿو. بحاليءَ واري ان ڪم ۾ عام شهرين کي پيرن تي کڙيءَ ريت بيهاري سگهجي ٿو ۽ ان لاءِ کهڙا اپاءَ تڪڙن بنيادن تي وٺڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ڪجھ رٿون هيٺ ڏجن ٿيون.

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ماڻهن جي بحالي ٽن ڪان پنجن سالن جو ڪم آهي. ان ڪم جي سائنسي بنيادن تي رٿابندي، عملدارآمد ۽ نظرداري لاءِ سنڌ سرڪار کي فلڊ ريهبليٽيشن اٿارٽي جهڙو ڪو ادارو قائم ڪري ان جو انتظامي ڍانچو جوڙڻ گهرجي.

ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ ٿيل نقصانن لاءِ ٻوڏ ڪان اڳ ۽ پوءِ واري سيٽلائيٽ نقشن وسيلي انهن جو ڪاٿو لڳائي اثرائتي رٿابندي ڪئي وڃي. اهو ڪم سائنسي بنيادن تي ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي تپيدارن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏڻ گهرجي.

شهري ۽ نيم شهري يا ڪچي وارن علائقن ۾ عوامي بحاليءَ جي ڪم جي شروعات جو پهريون اهم ڏاڪو ڪميونيڪيشن نظام جي بحالي آهي. جن علائقن ۾ اونهو پاڻي بيٺل آهي. اتان فوري طور تي پاڻي نيڪال ڪري علائقن ۾ اچ وڃ جي نظام کي بحال ڪيو وڃي. ان سان گڏ ٽٽل رستن، پلين ۽ شاخن جي مورين کي فوري طور تي مرمت ڪري اچ وڃ جهڙو بنائڻ جي ضرورت پوندي ته جيئن ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن واپسي ممڪن بڻائي سگهن.

ٻوڏ جي ڏهاڙن ۾ سرڪار جي اڳواٽ تياري نه هجڻ سبب ٽرانسپورٽر ۽ پيٽرول





پمپن وارن ٻوڏ ستايلن جي جسم تي باقي بچيل ڪل به پاڙن وسيلي لاٿي هئي. حڪومت کي گهرجي ته ٻوڏ ستايلن جي واپسيءَ لاءِ ٽرانسپورٽ جو اڳواٽ مناسب انتظام ڪري.

شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن واپسيءَ ڪان پوءِ ماڻهن جي پهرين ضرورت روزگار ۽ اجهن جي بحالي هوندي. جيئن ته زرعي معيشت وارن هنن علائقن ۾ ماڻهن جا فصل ۽ ڍور ڍڳا ختم ٿي چڪا آهن. تنهن ڪري اهي ايندڙ ڇهن ڪان ٻارنهن مهينن تائين هو معاشي محتاجي ۽ مفسليءَ واري حال ۾ هوندا. نيم شهري ڪاروبار به اڻ سڌي طرح زراعت سان واڳيل آهن. تنهنڪري عملي طور انهن بدحال علائقن ۾ بيروزگاريءَ وارو ماحول هوندو، حڪومت کي گهرجي ته سخت متاثر ٿيل علائقن ۾ رهواسين کي ڇهن مهينن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ راشن سرڪاري خرچ تي فراهم ڪري ته جيئن ماڻهو اٿي جي ڳٽيءَ ڪان آجا ٿي زندگيءَ جي بحاليءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي قابل ٿي سگهن. هن ڪان اڳ خيبر پختوانخواهه ۾ دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي متاثرين کي به حڪومت فوڊ ٽوڪن جي سهولت وسيلي ساڳي سهولت فراهم ڪندي رهي آهي. تنهن ڪري اهو سنڌ ۾ به ڪرڻ ممڪن آهي.

متاثر علائقن بابت 9 سيپٽمبر تائين پي ڊي ايم اي سنڌ طرفان سامهون آيل انگن اکرن موجب 11 لک گهر مڪمل ۽ جزوي طور متاثر ٿيا آهن ٻيا ڪاروبار جهڙوڪ دڪان، کئبنون ۽ بازارون ان ڪان الڳ آهن. متاثرين جي واپسيءَ ڪان پوءِ وڏي پيماني تي نئين سر اڏاوت جو ڪم شروع ٿي ويندو. ان ڏس ۾ به ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. زلزلي متاثر علائقن ۾ جڏهن نئين سر اڏاوت شروع ٿي هئي ته حڪومت هڪ اداري ايرا وسيلي اڏاوتن لاءِ نئون ڪوڊ متعارف ڪرايو هيو ته جيئن انهن علائقن ۾ ٻيهر ڪو زلزلو اچي ته نيون اڏاوتون ان ڪان محفوظ رهن. هاڻي به ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته سنڌ اندر فلڊ ريهبليٽيشن اٿارٽي سنڌ جي مختلف علائقن لاءِ اهڙو اڏاوتي ڪوڊ تيار ڪري جنهن سان ٻيهر تعمير ٿيندڙ وستيون ۽ اڏاوتون مستقبل ۾ ٻوڏ جي اثرن ڪان محفوظ رهي سگهن يا گهٽ ۾ گهٽ متاثر ٿين اهو ڪوڊ مقامي ماحولياتي جٽاداريءَ کي مدنظر رکي تيار ڪيو وڃي ۽ ان نئين اڏات کي ٽائون پلاننگ جي اصولن آڌار ڪيو وڃي. اهو ڪم ناممڪن ناهي پر تيز رفتاري، بهتر انتظامڪاري، سياسي عدم مداخلت ۽ سياسي توجھ جو گهرجائو آهي. ساڳي طرح نين اڏاوتن کي انرجي، ايفيشنٽ پڻ بڻائڻ جو هي هڪ بهترين موقعو آهي. اڄڪلھ اهڙا اڏاوتي نمونا عام آهن، جن سان انهن گهرن ۾ رهندڙن کي سج جي روشني ۽ تپش وسيلي ٻارڻ ۽ بجليءَ جو استعمال گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. سنڌ ۾ يو اين ڊي پي جيف پروگرام اهڙا گهر آزمائشي بنيادن تي ڪاميابيءَ سان متعارف ڪرائي چڪو آهي. ان اداري ۽ ٻين ماهرن جي مدد سان نئين اڏاوت لاءِ ان ماڊل کي عام ڪري عوامي ڀلائيءَ وارو ڪم ڪري سگهجي ٿو.

نئين اڏاوت واري ڪم ۾ هڪ ٻيو چئلينج ايڏي وڏي مقدار ۾ اڏاوتي سامان جي رسد هوندي، تمام گهڻا امڪان آهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ سنڌ اندر اڏاوتي سامان جي گهرج ۽ رسد واري فرق سبب اڏاوتي سامان جي بليڪ مارڪيٽنگ شروع ٿي وڃي. سنڌ سرڪار کي ان لاءِ هاڻي کان ئي رٿابندي ڪرڻ گهرجي ۽ يونين ڪائونسل يا تعلقي سطح تي اڏاوتي سامان جي ڪنٽرولڊ پرائيز تي فراهميءَ جا ڊپو قائم ڪرڻ گهرجن. اهو به ممڪن آهي ته ماڻهن کي نئين اڏاوتي ڪوڊ تي آماده ڪرڻ لاءِ انهن ڊيپوز تان رڳو انهن ماڻهن کي سامان ڏيڻ جي اجازت هجي. جيڪي نئين اڏاوتي ڪوڊ هيٺ اڏاوتون ڪري رهيا هجن. ان لاءِ خاص اجازت ناما جاري ڪري سگهجن ٿا. ان سان هڪ طرف عام ماڻهن کي مناسب اگهن تي اڏاوتي سامان ملي سگهندو ته ٻئي طرف نئين اڏاوتي ڪوڊ تي عملدرآمد به آسان ٿي پوندو. فلڊ ريهبليٽيشن اٿارٽي جهڙو ڪو ادارو هاڻي کان ئي انهن ڪمن جي رٿابندي ڪري سگهي ٿو.

ساڳي طرح ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ زراعت جي بحالي عوامي روزگار جي بحاليءَ جو اهم قدم هوندي. مٿان ربيع جي سيزن شروع ٿيڻ واري آهي. حڪومت کي گهرجي ته فوري طور تي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ زمينن جي بحاليءَ لاءِ سروي شروع ڪرائي. ان ڏس ۾ پاڻيءَ هيٺ آيل زمينن مان پاڻيءَ جو نيڪال، زمين جي بحالي، ٻج، ڀاڻ ۽ مشينريءَ جي گهرج ٿيندي، حڪومت کي گهرجي ته فلڊ ريهبليٽيشن اٿارٽيءَ وسيلي سنڌ ۾ تعلقي سطح تي زرعي بحالي مرڪز قائم ڪري ننڍن ۽ وچولن زميندارن کي زمينن جي بحالي ۽ ايندڙ فصل جي پوکيءَ جون سهوليتون فراهم ڪري. ان ڏس ۾ آبپاسيءَ جو بنيادي ڍانچو پڻ فوري طور بحال ڪرڻو پوندو ته جيئن ٻوڏ ۾ لڙهي ويل شاخون ۽ واٽر ڪورس فوري طور بحال ڪري ربيع جي فصل جي تياريءَ کي ممڪن بنائي سگهجي. ان سڄي ڪم ۾ ضرورتمند ننڍن ۽ وچولن آبادگارن کي وڏن آبادگارن جي سياسي اثر کان ڪيئن محفوظ ڪري سگهبو. ان ڏس ۾ سرڪار جو گورننس وارو تجربو گهڻو همٿائيندڙ ته ناهي. پر بهرحال ان تي ڀاڙڻ کانسواءِ ڪجهه ڪري به نٿو سگهجي. ان اٿارٽيءَ کي حڪومت جيترو سياسي مداخلت کان پاڪ رکي ڪم هلائڻ ڏيندي اوترو ئي عوام ۽ حڪومت لاءِ بهتر ثابت ٿيندو.

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ زرعي ۽ ڪاروباري قرض مڪمل طور معاف ڪرڻ يا انهن جو ڪجهه حصو ملتوي ڪرڻ لاءِ به سوچڻ گهرجي. هن وڏي برباديءَ کان پوءِ عام ماڻهو اهي قرض لاهڻ جهڙا نه رهيا آهن. جيڪڏهن حڪومت وڏن صنعتڪارن، سيٺين ۽ سياسي اڳواڻن جا اربين رپين جا قرض معاف ڪري سگهي ٿي ته پوءِ ايڏي وڏي آفت جي ستايل ماڻهن جا قرض انهن جو معمولي حصو به نه ٿا بڻجن. ساڳي طرح ٽن کان ڇهن مهينن لاءِ انهن علائقن م يوٽيلٽيز جا بل به معاف ڪرڻ گهرجن.

ٻوڏ ستايل ماڻهن ۾ هزارن جي انگ ۾ هنرمند مرد ۽ عورتون پڻ شامل آهن.





جيڪي ٿوري گهڻي واهر سان شهري علائقن ۾ روزگار سان لڳي سگهن ٿا. ان ڏس م ٻن رخن کان سوچڻ جي ضرورت آهي. هڪ ته ان قسم جي هنرمند ماڻهن کي عالمي مارڪيٽ ۾ روزگار سان لڳائڻ لاءِ سمنڊ پار پاڪستانين واري وزارت هنگامي بنيادن تي پيڪيج تيار ڪري، بهتر سفارتڪاريءَ وسيلي ماڻهن جي هڪ چڱي موچاري انگ کي پرڏيهه ۾ ورزگار ڏياري هزارين ڪٽنبن کي فوري طور بحال ڪري سگهجي ٿو. هونءَ به پرڏيهه ۾ روزگار جي حوالي سان سنڌ ماضيءَ ۾ نظر انداز ٿيندي رهي آهي. هن موقعي مان فائدو وٺندي ماضيءَ جيان انهن زيادتين جو به ازالو ڪيو وڃي.

ان ڪم جو ٻيو حصو سنڌ ۽ پاڪستان جي وڏن صنعتي مرڪزن ۾ شهري مارڪيٽن ۾ پير رکڻ لاءِ انهن هنرمندن جي واهر وارو ٿي سگهي ٿو ليبر ۽ انڊسٽريز وارن کاتن وسيلي مقامي صنعتن ۾ ٻوڏ ستايل هنرمندن کي اوليتي بنيادن تي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ اسڪيمون جوڙي سگهجن ٿيون ساڳي طرح ڪراچي. حيدرآباد، لاهور، فيصل آباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ انهن هنرمندن کي رهائش جي بنيادي سهولت فراهم ڪري ننڍا قرض ڏئي خود روزگار لاءِ واهر ڪري سگهجي ٿي. ان قسم جي قرضن لاءِ ورلڊ بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ کي آسانيءَ سان راضي ڪري سگهجي ٿو، ساڳي طرح نيشنل رورل سپورٽ پروگرام، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ سرڪاري ۽ خانگي بئنڪ ۽ ٻين اين جي اوز وسيلي هزارين ماڻن کي ان سهولت وسيلي ڇهن مهينن اندر پيرن تي بيهاري ڪين سماجي بدحالي غربت ۽ ڪرائيم ۾ ڌڪجڻ کان بچائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪراچيءَ ۾ سڄي دنيا جا بيروزگار اچي گذر سفر ڪري سگهن ٿا ته سنڌ جي نوجوانن جو اتي اولين حق بڻجي ٿو. ٻوڏ ستايل علائقن ۽ متاثرن جي بحاليءَ جو مرڪز مقامي سطح تي معيشت جي بحالي هجڻ گهرجي ۽ ان ڏس ۾ ڍگهي عرصي وارن خيراتي ۽ امدادي پروگرامن کان پرهيز ڪري اهي رقمون مقامي معيشت جي بحاليءَ ۾ صرف ڪرڻ گهرجن. ان ڏس ۾ عالمي سطح تي ڪيئي ڪامياب ماڊل موجود آهن. جن کي بنياد بنائي معاشي بحاليءَ جي رٿابندي ڪري سگهجي ٿي. هتي آئون حوالي طور 1930ع واري ڏهاڪي دوران آمريڪي گريٽ ڊپريشن مان بحاليءَ واري تجربي جو مختصر حوالو ڏيڻ چاهيندس. ياد رهي ته هي رڳو هڪ حوالو آهي ۽ حڪومت کي سنڌ ۽ متاثر علائقن جي پسمنظر ۾ مقامي زميني حقيقتن کي آڏو رکي نهڪندڙ رٿابندي ڪرڻي پوندي. تنهن هوندي به هي ماڊل يا ان جهڙا ٻيا ماڊل تجزئي ۽ رٿابنديءَ لاءِ هڪ ڪارائتو حوالو ٿي سگهن ٿا.

ٻين مهاڀاري لڙائي کان ڏهاڪو کن اڳي آمريڪا ۾ هڪ شديد معاشي بحران ڪر ڪنيو 1930ع ۾ شروع ٿيل ان بحران ڏهاڪو کن سالن تائين آمريڪا کي ڌونڌاڙيو، تاريخ ۾ ان کي great depression چيو وڃي ٿو ان دوران بين االقوامي

واپار اڌ کان وڌيڪ گهٽجي ويو ۽ آمريڪا ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 25 سيڪڙو کان وڌي وئي. يعني ڪم ڪرڻ جي سگهه رکندڙ هر چوٿون آمريڪي بيروزگار هيو. صنعت، زراعت بينڪنگ، سميت زندگيءَ جا سمورا شعبا ڏانوانڊول ٿي چڪا هئا. ان وقت جي آمريڪي صدر فرينڪلن روزويلٽ جي نالي هيٺ هڪ پلان متعاف ڪرايو. جنهن جو مقصد ايمرجنسي رليف ۽ پبلڪ ورڪس پروگرام وسيلي معاشي بحاليءَ ڪرڻ هيو. ان پروگرام جو سڄو بنياد ان ڳالهه تي هئو تہ سرڪاري شعبي هيٺ وڏيون رٿائون شروع ڪيون وڃن. ان سان هڪ طرف روزگار جا وسيلا پيدا ٿيندا تہ ٻئي طرف سرڪاري ناڻو ملڪي انفرااسٽرڪچر جي ترقيءَ ۾ استعمال ٿي سگهندو. هي پروگرام خيرات يا امداد بجاءِ ترقيءَ واري رويي تي ٻڌل هئو. آمريڪي، صدر ان دور کي ”زمانہ امن جي ايمرجنسي“ قرار ڏنو ۽ وفاقي حڪومت رياستن بجاءِ سنڌو سنئون ان ڪم جي سرواڻي ڪئي. ان مقصد لاءِ صدر روزليٽ ”فيڊرل ايمرجنسي رليف ايڊمنسٽريشن نالي ادارو قائم ڪيو. ان اداري طرفان رياستن کي رقمون فراهم ڪيون ويون. جيڪي گهٽي ڀاڱي ڪم ذريعي واهر طور استعمال ڪيون ويون ۽ ڇهن مهينن اندر چاليهہ لک ماڻهن کي ڪم سان لڳايو ويو. پنجن سالن کان پوءِ اهو ڪم رياستن ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان دوران پبلڪ بلڊنگ ايڊمنسٽريشن ۽ پبلڪ روڊس ايڊمنسٽريشن ڪاتن وسيلي شهرن اندر روڊن، اسڪولن، پلين وغيره جا وڏا پراجيڪٽ شروع ڪيا ويا. نيو ڊيل رٿا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ان تي تمام گهڻي تحقيق پڻ ڪئي وئي آهي. هڪ ريسرچ موجب پبلڪ روڪس ۽ رليف ۾ هڪ ڊالر خرچ ڪرڻ تي ملڪ اندر 85 سينٽ آمدنيءَ ۾ واڌارو ٿيو. ساڳي طرح هڪ ٻي ريسرچ سان تعلق رکندڙ ڏوهن ۾ 1.5 سيڪڙو گهٽتائي آئي. ساڳي طرح ٻارن ۽ مائرن جي موت ۽ خودڪشين تي بہ وڏو فرق آيو، جيڪو مختلف رسرچ پيپرز ۾ تفصيل سان موجود آهي. آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ان دور جا تمام وڏا پراجيڪٽ اڄ بہ نظر اچن ٿا.

ان يا ان نوعيت جي مختلف ماڊلز کي ذهن ۾ رکندي حڪومت کي ايندڙ پنجن سالن لاءِ ٻوڏ ستيل علائقن ۾ سرڪاري شعبي اندر خانگي شعبي ۽ سول سوسائٽي سان گڏ وڏي پيماني تي ترقياتي پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ صوبائي سطح تي هڪ پنج سالا ماسٽر پلان تيار ڪرڻ گهرجي. جنهن هيٺ ضلعي سطح جا ترقياتي پلان جوڙڻ گهرجن. ان پلان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ ضلعي سطح تي پلاننگ، ايگزيڪيوشن اينڊ مانيٽرنگ سيل قائم ڪيا وڃن. جن ۾ خانگي شعبي، سول سوسائٽي جي ادارن ۽ عالمي ڊونر ادارن کي بہ شامل ڪيو وڃي. سنڌ سرڪار کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ٻوڏ ستايلن جي بحالي هڪ گهڻ رخو ۽ پيچيده ڪم آهي. جنهن ۾ سوسائٽي جي سمورن شعبن کي گڏ ڪٽي هلڻ سان ئي گهربل نتيجا حاصل ٿي سگهندا.





# ٻوڏ کان پوءِ ”نئين سنڌ“ جي تعمير لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي

ڊاڪٽر ايوب شيخ

هاڻوڪي جمهوري سرڪار جو وفاقي ۽ صوبائي حصو ان باري ۾ اها ڳالهہ ضرور سوچي تہ ٻوڏ کان پوءِ ڇا ڇا ڪري سگهجي ٿو؟ ان سلسلي ۾ ۽ ان باري ۾ ڪهڙي حڪمت هجڻ گهرجي؟ ٻوڏ جي سانحي جا اثر ورهين تائين رهندا. ان لاءِ ماڻهن جي گڏجي ويهڻ جي گهرج آهي، بہ وکون اڳتي وڌڻ ۽ اڳتي وڌي فرنٽ لائين تي اچي سياسي طور ڪيڏڻ جي بہ ضرورت آهي تہ سماجي طور ڪيئي مهارتون گهربل آهن اها ڳالهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ جيڪي بہ پارٽيون ۽ اين جي اوز يا صوبا ۽ صوبائي حڪومتون پنهنجي رفتار ۾ پوئتي رهجي ويون. سي گڏو ڪري نظرن کان اوجهل ٿينديون وينديون.

## پروپيگنڊائون:

اوهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ پختونخواهہ جي شهر نوشهره جي ٻڏي وڃن کان پوءِ ڪالاباغ ڊيم عملي طور هڪ خطرناڪ خيال ثابت ٿيو آهي. پنجاب کي ان ڊيم لاءِ جيڪي خواب من اندر هئا، سي سڀ جو سڀ ”دل خوش فهم کي اميد“ وانگر سامهون اچي ويا آهن، پر هاڻي سنڌين جي وجود جي ڪري اسان انهن صاحبن جا اهڙا بيان دل تي نہ ڪٽنداسين. اچو تہ سوچيون کو اڳتي قدم! جڏهن تہ ٻئي طرف ڪجهہ نہ ٿي سگهڻ ۽ سنڌ لاءِ ڪو مناسب خيال نہ هجڻ ڪري هر دم اهو خيال سنڌن پاسو ورائي ٿو تہ ”سنڌ واپس وڃن کان پوءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جو آخر ڪهڙو جواب ڏبو؟“ اصل ۾ جمهوري حڪمراني ان بيچيني جو نالو آهي جيڪا حڪمران حصي ۾ لازمي طور هجڻ گهرجي تہ ”ڪيئن“ ۽ ”ڪهڙي طريقي“ سان عوام جي خدمت ڪجي تہ جيئن جمهوري نظام ۾ ماڻهن جو ويساهہ پختو ٿئي. اهڙي بيچيني پيدا ٿيڻ ۽ پوءِ عملي طور نظر اچڻ جمهوري سرڪار جي فرضن ۾ شامل هجي ٿو. هن سانحي ۾ لکين انسان متاثر ٿيا آهن، انهن سمورن انسانن جي باري ۾ اسان سمورن کي

پنهنجو پنهنجو رول يا ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اڳتي قدم ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ ۽ ڪٿان ڪان شروع ڪجي؟ جا ﭴ سوال هن ٻوڏ سانحي سان لاڳو ڪري ان تي بحث ڪري سنڌ ۽ سنڌين جي مدد ڪرڻ گهرجي. اچو ته ان باري ۾ خيالن کي پيش ڪري سنڌ جي باري ۾ يا ڪٿي ايئن چئجي ته ”نئين سنڌ“ جي اڏاوت ۽ انهن جي ”ٿي سگهڻ“ جهڙين عملي شڪلين تي غور ڪريون.

## سنڌ جي معيشت:

معيشت جا بنياد ڪارخانا، بئنڪ، زراعت ۽ انهن سان واڳيل پرڏيهي مٽا سٽا جا واپار هجن ٿا. عوام جي هڪ وڏي انگ پاران پرڏيهي ملڪن ۾ روزگار وسيلي ناڻو موڪلڻ پڻ وڏو وسيلو هجي ٿو. ذڪر ڪيل انهن سمورن اسمن مان اسان جي حصي ۾ رڳو زراعت آهي. اسان جي واپار ۽ پرڏيهي روانگي ۽ آمدني واپار جي صورتحال ذڪر ڪرڻ جهڙي ﭴ ناهي. ان ڪري جيڪي ﭴ ”سنڌ، سنڌ“ ڪن ٿا، تن ڪي سنڌ جي اصل بنياد يعني معاشي سرگرمين ۽ معيشت“ جي باري ۾ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. اسان وٽ نه ٻارتي امباني جهڙا قومي سرمائيدار آهن، نه مستقل مزاج مڊل ڪلاس آهي، نه ڪي وڏا واپاري سيڙپڪار آهن. ”سنڌ بئنڪ“ ٺاهڻ جو اعلان خواب مثل آهي. ”مهراڻ بئنڪ“ سياسي لالچن ۾ تباهه ٿي چڪي آهي. ”سنڌ زميندار بئنڪ“ ۽ ”سنڌ ڪوآپريٽو بئنڪون“ ڪتابن جي آخري باب ۾ ياد طور لکيل آهن. ٿورڙي سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪجي ها ته ﭴ الاهي ڪم ٿي وڃن ها. اوهان کي ياد هوندو ته ”سنڌ بئنڪ“ ٺاهڻ جو ٻن سالن کان اعلان ڪيو ويو هو، ان جي ” فزيبلٽي رپورٽ“ ڪجهه خير خواهه بئنڪن مفت ۾ ٺاهي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي. سنڌ جي ناڻي واري کاتي اها رپورٽ ٺاهڻ لاءِ ادائي ڪروڙن ۾ ٺيڪو ڏنو، نه نه رپورٽ ٺهي، نه بئنڪ، رڳو ان ڪمپني کي ائڊوانس جا پئسا ملي ويا. باقي پئسا رپورٽ پوري ٿيڻ کان پوءِ سرڪار ادا ڪندي سنڌ زرعي پيشي سان لاڳاپيل صوبو آهي. ٻوڏ جي ڪري اها زرعي معيشت نه رڳو لڙهي وئي آهي پر ان سانحي معاسي طور غربت جي ليڪي کان هيٺ رهندڙ لکين ماڻهن جي سڄي زندگيءَ جو هساب ڊانوانڊول ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي شهر ڪراچي مان جيڪا ﭴ پيداوار ٿئي ٿي. اها گڏو ڪري ”گڏيل وفاقي گودڙي“ ۾ وجي اتان ذرو ذرو ٿي سنڌ کي ملي ٿي. جنهن ڪري ترقيءَ جو سڄو حساب ڪتاب هيٺ مٿي ٿيندو رهي ٿو سو، سنڌ ايندڙ ورهين ۾ ڇا هوندي. ان باري ۾ ڪنهن وڏي الفا بيٽا جي گهرج ناهي. پر ان سڄي تباهي جي باوجود کي اهڙا ڪم ٿي سگهن ٿا. جيڪي ڪري سگهڻ جهڙا آهن. جيڪي ٿي سگهن ٿا ۽ جيڪي ڪرڻ ۾ ڪا ﭴ هٻڪ نه هجڻ گهرجي . اهو سمجهڻ گهرجي ته هي سانحو ڪا ”رت جي ڪئنسر“ ناهي. جنهن ۾ سنڌ کي اوس مرڻو ئي آهي. هي





هڪڙي ٽئين درجي جي ٿي بي ضرور آهي. جنهن جو لاڳيتو ۽ مناسب علاج ٿيڻ لاءِ رٿابندي جا ڪي ضروري ۽ معياري پاسا طئي ڪري ڇڏجن. جيڪا رٿابندي ٿئي. ان ۾ ڊگهي مدي واريون پاليسيون ﭴ جڙڻ گهرجن ته ننڊي مدي واريون پاليسيون ﭴ ٺهن.

## فيصلو ۽ ايڪشن ڪرڻ جو توازن:

اوهان کي ٽي وي ڏسندي يا اخبار پڙهندي ڇا اها ڳالهه شدت سان محسوس نه ٿي ته جيڪڏهن فيصلو ڪرڻ ۽ ايڪشن ڪرڻ ۾ مناسبت ۽ توازن هجي ها ته ڇا سنڌ ۾ ايڏي تباهي اچي ها؟ جيڪڏهن هر تعلقي ۾ فيصلي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ ۾ توازن هجي ها ته سنڌ جا ڪيئي شهر بچي وڃن ها. سپ ڪان اڳ اڳونو ”ڪمشنري نظام“ بحال ڪري سنڌ ۾ هڪ ڪرو سسٽم پيدا ڪيو وڃي. ان سسٽم وسيلي ڪيئي ڳالهيون از خود حل ٿي ويندبون. هڪڙو اهڙو سسٽم پيدا ٿي پوندو. جنهن ۾ ”فيصلو“ ۽ ”ايڪشن“ جهڙا مونجهاري جو شڪار ﭴ مرحلا بنا دير حل ٿي ويندا. اها ڳالهه هيئن سمجهي سگهجي ٿي ته ”مشرف سسٽم“ ۾ پوليس کي لٽ يا گولي رکڻ ۽ هلائڻ جو اختيار مليل آهي. جنهن ڪري سول انتظاميه ڪنهن ﭴ موقعي يا واقعي تي هٿ ڇنڊي بيهي رهي ٿي پر اڳوڻي ڪمشنري نظام ۾ پوليس وٽ برابر هٿيار ته هجي ٿو پر ان جي هلائڻ جو اختيار يا ايڪشن ڪٽڻ جو حڪم سول انتظاميه ڏئي ٿي. محترمه جي قتل جي ڳالهه هجي يا سيالڪوٽ جا واقعا، اوهان کي سول انتظاميه نه رڳو بيخبر نظر ايندي پر اها رڳو پوليس تي ئي ٻاڙيندي نظر ايندي. ريلوي سسٽم کي ڏسو. ڊرائيور يل جي انجڻ تي ويٺل ته آهي پر اهو گارڊ جي جهنديءَ جو محتاج آهي. ان ڪري جيڪڏهن ”اجازت ۽ ايڪشن“ جو توازن ٺيڪ نه ڪيو ويو ته ﭴ مسئلا صحيح نموني حل نه ٿيندا.

## ٻوڏ ستايل ماڻهن جي بحالي جي پاليسي:

سنڌ سرڪار نعري بازي ڪرڻ ۽ جذباتي ٿيڻ بدران جيڪي ﭴ عملي ڳالهيون ڪري سگهي. سي ضرور ڪرڻ گهرجن. اها ڳالهه طئي ڪرڻ گهرجي ته انساني روئي هيٺ لکين ماڻهن جون زندگيون بدلائڻ چاهيون ٿا. اهي لکين ماڻهو ڪنهن ﭴ معنيٰ ۾ ڪچي جي علائقن ۾ نه موڪلن گهرجن. جيڪي اڄ ڪئمپن ۾ آهن. انهن جي باري ۾ ماڊرن سوچ جي گهرج آهي. ان باري ۾ هيٺ پڙهندا ان جي عورتن کي ووڪيشنل يا هنري سکيا جي ادارن ۾ موڪليو وڃي. ملڪ اندر موجود اين جي اوز ۽ سهائتا ڪندڙ ادارن سان لهه وچڙ ۾ اچي سندن خدمتون وٺي. انهن سمورين عورتن کي سماجي طور سکيو ڪرڻ لاءِ سندن زندگي بدلائڻ جون ڪوششون ڪرڻ گهرجن. مختلف ضلعن ۾ مختلف اين جي اوز ڪم ڪن. ٻارن کي اسڪولن ۾

موڪلڻ لاءِ جامع رٿابندي ناهي وڃي. مردن کي شهرن اندر ٽيننڊڙ هنر سيکاري انهن جي ”ڳوناٽي سوچ“ کي هنر ۽ اهليت سان ”شهري سوچ“ ۾ بدلائڻ گهرجي. اهڙا هنر مزدوري، ڊڪاٽڪي، لوهارڪي، ڊرائيواري، سيڪيورٽي گارڊ درزي، بورچي، بيراگيري ۽ ٻيا ٿي سگهن ٿا. روزگار جي باري ۾ جامع پاليسي هن نموني سوچي سگهجي ٿي (1) جوان ۽ باهمت مردن کي فوج ۾ هنگامي طور داخل ڪرائڻ لاءِ فوج سان ڳالهائڻ (2) سنڌ پوليس ۾ سمورن ضلعن جون ڪوٽائون انهن 15 ضلعن جي عوام لاءِ مخصوص ڪرڻ (3) بينظير ڀٽو يوٿ ڊولپمينٽ هيٺ نوجوانن کي هنري سکيا ڏيڻ (4) ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنس، نجي ادارن، تيل ڪمپنين ۾ ٻوڏ ستايلن جا ماڻهو اوليت جي بنياد تي کڻڻ.

## ٻوڏ هيٺ آيل پڪن علائقن جي تعمير ۽ مرمت جي رٿابندي

جيڪي شهر نوان ٿي سگهن ٿا، اتي جي عوام سان گڏجي ماڊرن شهر ٺاهڻ ۽ شهرن جي اندر واپاري ۽ رهائشي ماسٽر پلاننگ سڏي، سهٽي ۽ عالمي پيماني جي هجڻ گهرجي. انهن شهرن جي اڏاوت جو خاڪو تيار ڪري اتي هڪ رفتار سان ڪم ڪري سگهجي ٿو.

هن سڄي سانحي کان پوءِ سڀ کان ڏکيو ۽ سڀ کان وڏو ڪم آهي سنڌو درياءَ کي بچائڻ ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ. ان ۾ وري سڀ کان ڏکيو ڪم آهي ڪچو خالي ڪرائڻ جڏهن قانون هوندو آهي ته اهو ڪمپيوٽر جي سافٽ ويئر وانگر پنهنجون حدون ناهي ڇڏيندو آهي. ان ڪري ان قانون ۾ ڪچي تي قبضي ڪرڻ جي ڪا به اجازت هجڻ ئي نه گهرجي. اجازت نه هوندي ته ڪو به آفيسر ان باري ۾ قانون جي سهاري هيٺ جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ هوندو. سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي هجڻ جي آڙ ۾ 20 لک ايڪڙن تي ٻيلن ٻيلن ۾ موجود ڪروڙين وڻن کي گذريل ڏيهن ورهين ۾ ڪاٽيو، ڪپيو ۽ وڪرو ڪيو ويو آهي.

ڪيوبا، ڀارتي بنگال، لبنان وغيره ۾ موجود سسٽم جي سکيا حاصل ڪري ڪنهن به آفت سان منهن ڏيڻ لاءِ قومي بنيادن تي ٽريننگ شروع ڪرائي وڃي. جيئن ڀٽي صاحب جي دور ۾ ”قومي رضاڪار“ واسطي اسڪائوٽ ٽريننگ لازمي هئي. چون ٿا ته بنگال جي ڪميونسٽ سٽم ۾ شهر ڪلڪتي ۽ ٻين ۾ جهڙ مٿان ٻينو يا طوفان منهن ڪيو ته اتان جا رضاڪار ڪنهن ميونسپل جو آرڊر نه وٺندا. اهي خودڪار طريقي سان ڪم شروع ڪري ڇڏيندا. ڪين کهڙي آفت سان ڪيئن منهن ڏجي. اهو هنر اچي ٿو ان ڪري سنڌ کي ”گدڙ جي شڪار لاءِ تياري شينهن جي ڪرڻ“ گهرجي جيئن هي ٻوڏ سمورن ماهرن جي نظر ۾ هڪ گدڙ مثل هئي. پر اوچتو شينهن اچي ويو سڀ اتي جو اتي ويهجي ويا.



## ايريگيشن جي ناقص پاليسي ۽ سزائن جي مقري لاءِ جاچ ڪميشن

پاڪستان ۽ صوبائي ليول تي ايريگيشن کاتي جي غفلتن، ڪرپشن، لاپرواهين جي باري ۾ اڀياس ڪرڻ گهرجي. ان کاتي ۾ جيڪي فنڊ مشينري وٺن ۽ بندن جي مرمت ۽ سنڀال لاءِ بجيٽ ڪيا ويا، جيترا کاتي کي مليا. جيترا کاتي استعمال ڪيا انهن جو حساب قوم کي ٻڌايو وڃي. جيڪڏهن ان مد ۾ ڪا به رقم ئي نه رکي وئي آهي. پوءِ ته کاتي تي ڪنهن به ڏوهه جي گنجائش ئي نٿي بچي. پر جيڪڏهن پيسا به مليا ڪم به نه ٿيو ته ويهن سالن جو حساب سمورن آفيسرن ۽ وزيرن کان ورتو وڃي. ٽوڙي بند کان ويندي سمورن بندن بابت جتي به ٽيڪنيڪي فيصلن بدران ”پاڻ بچائڻ“ وارا فيصلا ڪيا ويا آهن. تن جي باري ۾ بنا دير عدالتي ڪميشن ويهاري انهن سمورن بااثر ماڻهن، سياسي ۽ غير سياسي ڌرين جي باري ۾ عوام کي ڄاڻ ڏني وڃي. عوام کي اڻڄاڻ رکڻ رڳو ڏوهه ئي ناهي. پر مونجهارا وڌائڻ جو اوزار پڻ آهي. جيڪي به ڌريون، ماڻهو، سياسي ۽ غير سياسي بااثر ملوث هجن. تن کي عدالت وسيلي ويهن ورهين لاءِ سياست، ملازمت ۽ سماجي حيثيت کان آجو ڪجي. اهو ڏوهه ”ون يونٽ جي غداري جهڙو ۽ ماڊرن دور ۾ ان کان وڏو ڏوهه آهي ان ڪري سرڪار پنهنجا ۽ تاريخ جا پاند آجا ڪرڻ لاءِ اهو فيصلو هاڻي ئي ڪرائي ڇڏي. جن آفيسر غفلتون ڪيون آهن اهڙن آفيسرن جي لسٽ ناهي انهن کي سزا طور اول هڪ عهدو پوئتي ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڏوهه وڏو هجي ته انهن کي سخت ترين سزائون ڏنيون وڃن.

انهن سمورن مردن، عورتن ٻارن ۽ ٻين جا نالا سنڌ جي تاريخ ۾ ياد رکيا وڃن جن جي محنت ۽ قرباني سان سنڌ تمام وڏين تباهين کان وري به بچي سگهي. ڪيئي علائقا موت کان بچي ويا. اهڙن ماڻهن جي باري ۾ بنا دير هڪ سبق سنڌ جي سمورن درجن ۽ سمورين ٻولين ۾ تيا رڪري شامل ڪيو وڃي. سبقن کان ٻاهر اهي ادارا ۽ اين جي اوز به ياد رکيا وڃن. جن جي ڪري ٻوڏ سٽيلن جي سهائتا جا نوان مثال قائم ٿيا. شاهه لطيف سکن کي ڏکن کان جدا نه ٿو ڪري. بلڪ اهڙا سک ڏکن مٿان گهوري ڇڏي ٿو. سمورا صاف سترا گل ۽ وڏا ماڻهو ڪي صاف سٿرن ماحولن ۾ پيدا نه ٿيندا آهن. آمريڪا هجي يا آفريقا، لئٽن آمريڪا جا ملڪ هجن يا جاپان، چين هجي يا روس، ويٽنام هجي يا ڪيوبا، ايران هجي يا ترڪي انهن سمورن ملڪن ۽ انهن جي قومن جيڪي تڪليفن مان پار پوڻ جا مثال قائم ڪيا آهن. تن مٿان سڄي دنيا ۾ هزارين ڪتاب لکيل ۽ سوين فلمن ٺهيل آهن. سوا ارب انسانن جي ٻوڏ جو قافلو پالڻ ۽ دنيا جو معاشي ليڊر ٿيڻ رڳو چين جي نصيب ۾ اچي سگهيو آهي. اڄ آمريڪا به ان چين جو قرضي آهي. ائٽم بمن ۾ ڀسمر ٿيڻ کان پوءِ خاڪ مٿان نئون جهان ٺاهڻ جو معجزو جپان جنهن نموني ڪري ڏيکاريو آهي. جو اڃا تائين دنيا جي انسانن جون آڱريون انهن ڏندن مان نڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن.

# سنڌ جو آئيندو- سکر بئراج

اختصار ۽ ترجمو- عبدالقادر جوڻيجو

برطانوي حڪومت جي حڪم تي اي اي مستو هيءَ رپورٽ 1921ع ۾ ٺاهي. انهيءَ کان ڪجھ پوءِ سال 1933ع ۾ اها رپورٽ ڪتابي صورت ۾ ٽائيمز پريس نامي وارن ڇپائي پڌري ڪئي. جيئن ته اها رپورٽ ڊگهي، تفصيلي ۽ ٽڪائيندڙ آهي. انهيءَ ڪري هتي انهيءَ رپورٽ جو اختصار پيش ڪجي ٿو

## زندگي ۽ موت جو مسئلو:

سکر بئراج جي مقصد ۽ دائره ڪار کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اتان جي ملڪ، ماڻهن ۽ صدين کان جاري رهندڙ آبپاشيءَ جي ڪمين پيشين کي سمجهڻو پوندو. سنڌ اولهه ۽ اتر طرف کان ڪير ٿر جبل جي ڊگهي سلسلي، ڏکڻ طرفان سمنڊ ۽ رڻ ڪڇ ۽ اوير طرف کان ٿر جي اواريءَ ۾ گهيريل آهي. جيڪي سنڌ تي نامهربان آهن، پر سنڌ جي وچ مان وهندڙ سنڌو درياهه سنڌ جو مهربان آهي. تنهن کان علاوه سنڌو درياهه جا ڦاٽ، نارو درياهه، پڇاري ڍنڍ، ڦليلي ڍنڍ ۽ گهاڙ ڍنڍ به موجود آهن. جن کي اڳتي هلي ڪئنالن جو روپ ڏنو ويو. صدين کان وٺي سنڌو درياهه پنهنجين فطري ٻنڌين مان نڪري مٿان آندل لٽاشو اڇلائيندو رهيو آهي. تنهن ڪري سنڌ جون زمينون پوک جي حساب سان امير آهن. سنڌ جي ڪل ايراضي ذري گهٽ انگلينڊ جيتري آهي. انهيءَ ايراضي 47 هزار چورس ميل مان اڌ ايراضي تي جبلن، ٽڪرين پورڙ دڙن ۽ واريءَ هيٺان اچي وڃي ٿي. باقي ڏيڍ ڪروڙ ايڪڙ زمين پوک لائق آهي. 1921ع ۾ ڪيل آدمشماريءَ موجب سنڌ جي ڪل آبادي 32 لک 79 هزار 3 سئو 77 آهي. جنهن مان 75 سيڪڙو مسلمان ۽ 25 سيڪڙو هندو آهن. انهيءَ آباديءَ جي 40 سيڪڙو ماڻهن جو گذر سفر ٻني ٻارو آهي. ڪجھ حصو مالوند ماڻهن جو آهي ۽ باقي ماڻهو ٻي ڌنڌا ڪندا آهن. سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو پٽي آهي. جو سنڌ ۾ سراسري هر سال ساڍا پنج انچ مينهن پوندو آهي. 1915-16ع ۾ گهٽ مينهن پوڻ جي ڪري ڏڪار پيو هو. جڏهن ته 1917-18ع ۾ گهاٽو مينهن پوڻ جي ڪري





ٻوڏ آئي هئي. سنڌ جو ماڻهو انهيءَ تلاش ۾ سرگردان رهيو ته پٽيءَ جي حاصلات لاءِ سنڌو درياهه مان ڪم ڪڍجي، وسڪاري جي مند ۾ جڏهن درياهه 20 فوٽن کان به مٿي چاڙهه ڪائيندو هو ته ٻوڏ ايندي هئي. باقي سياري ۾ درياهه ماٺو ٿي رهندو هو ۽ بنا گوڙ جي سمنڊ ۾ وڃي ڪرندو هو. مسيپي درياهه وانگر سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسان موجود زمين لهانديءَ تي آهي. انهيءَ ڪري جڏهن به ٻوڏ ايندي آهي ته ٻنهي پاسان سائيڪو ميلن تائين پاڻي ٻوڙ ٻوڙان ڪندو آهي. جيستائين ڪار رڪاوٽ نه اچي، درياهه جو پيٽ اڌ ميل کان وٺي 5 ميلن تائين ويڪرو آهي ۽ درياهه جي ٻنهي ڪپرن تي ڪنڌ وارا ٻيلا آهن. جيڪڏهن ڊگهيءَ نظر کان ڪم وٺبو ته ڪئنال سسٽم ٺاهي سنڌ جي زرخيز زمينن تائين پاڻي پهچائي سگهجي ٿو. خود درياهه جي لهاندي پنجاب ۾ في ميل هڪ فوٽ، جڏهن ته سنڌ ۾ سمنڊ وٽ چئن ميلن ۾ هڪ فوٽ آهي. جيڪڏهن سراسري ٻڌجي ته سڄيءَ سنڌ ۾ ها لهاندي في ميل اڌ فوٽ ٻڌبي. انهيءَ ڪري ڪئنال کوٽڻ وقت اهو خيال رکڻو پوندو ته ڪئنالن جو رخ ترڇو ڪرڻو پوندو. ائين جيئن ڍرڪيل ٻانهون هونديون آهن. سوين سالن کان وٺي سنڌي جن ڪڙين تي پوک ڪندا اچن. اهي ڪڙيا به ائين ٺهيل آهن اونهاري جي مند ۾ سنڌي ماڻهو ڪڙين مان سڌي طرح پاڻي ڪٽي پوک ڪندا هئا. جڏهن ته سياري جي مند ۾ پاڻي گهٽ ٿي ويندو هو ته سنڌي ايرانين وارو طريقو استعمال ڪندي هلرن ۽ نارن جي ذريعي کسين مان پاڻي مٿي ڪڍي پوک ڪندا هئا. جڏهن سکر وٽ درياهه جي پاڻيءَ جي ليول ٻارهن فوٽ يا مٿي هوندي هئي. تڏهن ڪڙين ۾ پرتو پاڻي هوندو هو ۽ ڪڙين جي ڪنارن سان پيو لڳندو هو. جيڪو 15 جون کان 15 سيپٽمبر تائين هلندو هو.

ڪڙين ۾ هڪڙي ته اها خرابي هئي جو هاري ۽ سندس ڍڳن جي جوڙي صرف چئن مهينن لاءِ ڪم ۾ رڌل هوندا هئا ۽ باقي اٺ مهينا هٿ هٿ تي رکي واندا ويٺا هوندا هئا. ٻيو اهو ته جڏهن درياهه ۾ گهٽ پاڻي ايندو هو ته ڏڪار جهڙي صورتحال ٻڻجي ويندي هئي. ٽيون اهو ته ڪڙين جي پاڻيءَ جي پهچ تمام گهٽ ايراضيءَ تائين هوندي هئي. چوٿون اهو ته ڪڙين ۾ جيڪو پاڻي ايندو هو، اهو سڄو جو سڄو پاڻي منڍ جا زميندار ڪٽي ويندا هئا. پنجون اهو ته جڏهن درياهه ۾ ٻنهين گهڻو پاڻي اچي ويندو هو ته ڪڙيا پاڻيءَ جي دٻ جهلي نه سگهندا هئا ۽ ٻوڏ اچي ويندي هئي. ڇهون اهو ته ڪڙين جي پاڻي ڪجھ مقدار ۾ ضايع ٿي ويندو هو. اهي حالتون اهڙيون هيون جن جي ڪري سڄي سنڌ جي زراعت جوا جي راند ٻڻجي چڪي هئي. انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي ڪئنال سسٽم جي رٿابندي ڪئي ويئي انهيءَ رٿابنديءَ تحت اهو فيصلو ڪيو ويو ته سکر روهڙي جي پٽڙين وٽ ٺاهجي. جو اتي سڄيءَ سنڌ کان درياهه مٿانهون به آهي ۽ سوڙهو به آهي. تنهن کان علاوه اهو ويچار به موجود هو ته انهيءَ هنڌان جيڪي ڪئنال ڪڍيا، انهن جي ڊيگهه به وڌيڪ هوندي ۽ ڪئنالن جو

وهڪرو بہ تکو هوندو. انهن ڪئنالن مان جيڪو پاڻي نڪرندو. انهيءَ جي ذريعي وسيع ايراضي تي پوک پوکي سگهبي ۽ جتي اڳي ڪڏهن بہ پوک ٿي نہ سگهندي هئي. اتي بہ ٿي ويندي. اها بہ رٿا جوڙي ويئي تہ جيڪي اڳ ۾ ڪڙيا هئا. انهن کي بہ ڪئنالن ۾ تبديل ڪيو ويندو انهن نون ڪئنالن جي اونهائي ايتري هوندي جو سياري جي مند ۾ لٽل درياهہ مان بہ پاڻي ڪٽي سگهندا انهيءَ کان علاوه ڪن ڪئنالن کي نارو درياهہ جي وهڪري سان بہ ڳنڍي سگهبو ڪئنالن جي انهيءَ رٿا تي عمل ڪرڻ کان پوءِ جا خطرا تہ موجود هوندا پر انهن خطرن کي هاڪاري خطرن ۽ نقصانن ۾ تبديل ڪرڻ جي گنجائش موجد هوندي. ائين خطرن کي ٽاري جيڪڏهن ڪئنالن جو نظام ٺاهيو ويندو تہ هن ملک کي وڏو فائدو رسندو. اها ڳڻ ڳوت ڪري سکر بئراج جي رٿا بامبي سرڪار هٿ ۾ ڪٽي چڪي آهي. منهنجي خيال ۾ انهيءَ رٿا جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ زراعت چوٽ تي چڙهي ويندي ۽ پوءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو نہ رهندو.

## رٿا جي مختصر تاريخ:

1842ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ 1843ع ۾ گڏيل طور تي ڪئنال ۽ ٻيلو کاتو وجود ۾ آيو. انهيءَ کاتي جي سربراهہ ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ 47-1846ع ۾ سنڌ جي سروي ڪري رپورٽ ٺاهي. جنهن ۾ هن اڳ ۾ ئي موجود ڪڙين جي نظام ۽ نتيجي ۾ ٿيندڙ پوک جو جائزو وٺي اها راءِ ڏني تہ ڪڙين کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ جي ضرورت آهي. هن پنهنجي رپورٽ ۾ وڌيڪ اهو ڄاڻايو تہ دنيا جي اڪثر درياهن تي ڊيم ٺاهي ۽ ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪري پوءِ اتان ڪئنال کوٽي زمينن تائين پاڻي پهچايو ويندو آهي. اهڙا ڊيم صرف مٿانهين پٽرائين هنڌ تي ٺاهيا ويندا آهن. سنڌ ۾ صرف سکر ۽ روهڙيءَ جي پٽڙين وٽ اهڙو هنڌ آهي. پر سنڌو درياهہ هڪ چتو درياهہ آهي جنهن تي جيڪڏهن ڪٿي بہ ڊيم ٺاهيو ويو تہ سنڌو درياهہ ڪنهن بہ مٿانهين هنڌ وٽان اٿل کائي پنهنجو رخ بدلائي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري سنڌو درياهہ تي ڊيم ٺاهڻ جي بدران اڳ ۾ ئي موجود ڪڙين جي نظام ۾ سڌارا ۽ واڌارا آندا وڃن تہ جيئن درياهہ پنهنجي اصلي رخ ڏانهن وهندو رهي ۽ ڪا گڙٻڙ نہ ڪري. پر ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ جي موڪليل تجويز جو ڪو ڪڙتيل ڪو نہ نڪتو، مورڳو 1849ع ۾ اهو ڪاتو ئي ختم ڪيو ويو بہ ٽي سال رکي وري ساڳيو کاتو ڪجهہ تبديلين سان وجود ۾ آيو. جنهن جو سربراهہ ليفٽيننٽ فائيف کي مقرر ڪيو ويو. 1985ع ۾ فائيف اڳ ۾ ئي ٺهيل رپورٽ جي آڌار تي نئين رپورٽ ٺاهي سنڌ سرڪار اڳيان رکي جنهن ۾ هن والٽر اسڪاٽ وانگر ڊيم ٺاهڻ جي تجويز کي وڌيڪ بهتر انداز ۾ رد ڪيو هن ڊيم کي رد ڪرڻ جو مثال بہ ڏنو تہ جيئن مصر ۾





درياهہ جو پيٽ وارياسو هئڻ جي ڪري ڊيم ٺاهي نٿو سگهجي. ائين سنڌو درياهہ تي بہ ڊيم ٺاهڻ خطرناڪ ثابت ٿيندو. انهيءَ کان علاوه فائيف ڪڙين جي پراڻي نظام کي ختم ڪري ڪئنالن جو نئون نظام ٺاهڻ جي تجويز ڏيندي 56 عدد نوان ڪئنال کڻڻ لاءِ گذارش ڪئي. جيڪي هن ريت هئا. (1) درياهہ جي ساڄي ڪپ تي سکر کان وٺي سيوهڻ تائين هڪ وڏو ڪئنال کوٽيو وڃي. جيڪو انهيءَ پاسي جي زمينن کي آباد ڪري (2) درياهہ جي ساڄي ڪپ تي سکر وٽان هڪ ٻيو ڪئنال کوٽيو وڃي. جيڪو پهرئين ڪوٽڙي ۽ پوءِ جهرڪ ۽ تنهان پوءِ سمنڊ تائين موجود زمينن کي آباد ڪري سگهي (4) درياهہ جي کاٻي ڪپ تي روهڙيءَ وٽان هڪ ويڪرو ۽ ڊگهو ڪئنال کوٽيو وڃي. جيڪو پهرئين سانگهڙ ۽ پوءِ ويندي جهڏي تائين زمينون آباد ڪري سگهي. (4) درياهہ جي کاٻي ڪپ تي روهڙيءَ وٽان هڪ ٻيو ڪئنال کوٽيو وڃي. جيڪو حيدرآباد تائين زمينون آباد ڪري سگهي (5) درياهہ جي کاٻي ڪپ تي حيدرآباد وٽان بہ هڪ ڪئنال کوٽيو وڃي. جيڪو حيدرآباد کان جهرڪ جي سامهون ٻئي ڪپر تائين زمينون آباد ڪري سگهي (6) درياهہ جي کاٻي ڪپ تي جهرڪ جي سامهون هڪ ڪئنال کوٽيو وڃي، جيڪو سمنڊ تائين زمينون آباد ڪري.

ليفٽيننٽ فائيف رڳو روهڙيءَ کان حيدرآباد تائين ڪوٽجندڙ ڪئنال جي خرچ جو کاٽو 26 لک رپيا لڳايو. سو بہ اهڙي ڪئنال جو جيڪو 2200 ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي سگهي. پنهنجيءَ رپورٽ ۾ هن اهو بہ ڄاڻايو تہ پهرئين اهو ئي ڪئنال کوٽيو وڃي. ڄاڻان تہ انهيءَ ڪئنال ٺهڻ کان پوءِ ئي ڪاميابيءَ جو اندازو لڳائي سگهبو تہ سنڌ جي املهہ زمين ڪيتري حد تائين اپت ڏيئي سگهي ٿي. اها رٿا بامبي سرڪار فائيف کي واپس موڪلي ڏني تہ هو انهيءَ تي نظرثاني ڪري. فائيف انهيءَ رٿا تي نظرثاني ڪري 1859ع ۾ واپس بامبي سرڪار کي موڪلي ڏني. پر اها رٿا 1867ع تائين سرد خاني جو سڪار ٿي ويئي 1868ع ۾ فائيف جي ڪرسي سنڀاليندڙ کاتي جي نئين سربراهہ ڪئپٽن لي ميزيوريئر ساڳئي رٿا مٿي موڪلي ڏني. پر وري بہ بامبئي سرڪار اها اڙي هنئي تہ رٿا تي نظرثاني ڪئي وڃي. 1869ع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ اهو حڪم جاري ڪيو تہ سنڌ جي آبپاشي کي بهتر بنائڻ، ڪڙين جي نظام جي بهتري ۽ روهڙيءَ کان حيدرآباد تائين ڪئنال کڻڻ جي سلسلي ۾ ڪيس آگاهي ڏني وڃي تہ بنا ڪنهن دير جي لي ميوزيوريئر اها رٿا ٺاهي ساڳئي سال مٿي موڪلي ڏني. پر سنڌ جي ڪمشنر انهيءَ رٿا تي اختلافي نوٽ هڻي اها رپورٽ مٿي موڪلي ڏني ۽ ائين سڄو قصو ررڪجي ويو. 1871ع ۾ انڊيا سرڪار بابمبي سرڪار کي حڪم ڏنو تہ ڪڙين کي سڌارڻ لاءِ تجويزون موڪليون وڃن. 1872ع ۾ انڊيا جو وائسراءِ لارڊ نارٿ بروڪ سنڌ جي دوري تي آيو ۽ حڪم ڏنائين تہ روهڙي ڪئنال جي ٻئي رٿا کي ختم ڪري رڳو جمڙائو ڪئنال جي رٿا ختيار

ڪئي ويجي. انھيءَ ڪان پوءِ پھرئين 1877ع ۾ ئي پوءِ 1880ئع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ وري سنڌ ۾ آبپاشي جي نطام کي درست ڪرڻ لاءِ زور ڀريو تہ ڪنھن بہ صورت ۾ اھو ڪم ڪيو ويجي. 1881ع ۾ بامبي سرڪار سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي رپورٽ موڪليندي اھا گذارش ڪئي تہ جيتوڻيڪ درياھ جي ٻنھي پاسن تي موجود اصلي ڪڙين کي ڪئنالن ۾ تبديل ڪري سگھجي ٿو. پر انھيءَ ڪان بھتر اھو ٿيندو تہ پھرئين سنڌو درياھ مان روھڙي ڪئنال ۽ اوڀر ناري وٽان جمڙائو ڪئنال جو ڪم ھٿ ۾ ڪنيو ويجي. پر پوءِ بہ اھو مسئلو 1890ع تائين ٽنگيو رھيو، تان جو ساڳئي سال بامبئي سرڪار جي گورنر لارڊر ري چا ڪيو جو ليفٽيننٽ فائيف جي ٺاھيل پراڻي رٿا جي حق ۾ نوٽ ھٽي ڪاتي ڪان پڇاڙو ڪيو، جنھن جي نتيجي ۾ 1892ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سرايوان جيمس جي سربراھيءَ ۾ ڪميٽي ٺاھي ويئي. جنھن وري اھا رپورٽ ڏني تہ روھڙي ڪئنال جي ڪا ضرورت ناھي. ڇاڪاڻ جو اھا رٿا مھانگي پوندي. تنھن ڪري جمڙائو ڪئنال کي وڌائي اوڀر نارو جي سسٽم سان گڏي پوءِ ھيٺ ڏانھن (ڏکڻ ڏانھن) کوٽائي ڪئي ويجي. انھيءَ ڪميٽي درياھ جي ساڄي ڪپ تي بہ ڌيان نہ ڏنو، بامبي سرڪار اھا تجويز مڃي. انھيءَ جي حق ۾ نوٽ ھٽي انڊيا سرڪار ڏانھن موڪلي ڏني. جيڪا فائيلن جو ڪاچ بڻجي وئي.

1901ع ڪان 1903ع تائين انڊين ايريگيشن ڪميٽي انھيءَ نتيجي تي پھتي تہ ليفٽيننٽ فائيف جي رٿا موجب سکر ۽ روھڙيءَ جي پٽڙين وٽ بئراج ٺاھي ويجي ۽ اھي ئي ڪئنال کوٽيا وڃن جيڪي فائيف پنھنجي رپورٽ ۾ لکيا آھن. اھا رٿا عمل جوڳي تہ آھي پر تمام ضروري ناھي، تنھن ڪري بئراج ٺاھڻ لاءِ ڪو ٻيو بہ ھنڌ چوندي سگھجي ٿو. جنھن لاءِ تحقيقات جي تہ وڌيڪ بھتر ٿيندو. تحقيقات لاءِ ڊاڪٽر سمرس تي بار رکيو ويو، جيڪو انھيءَ وقت انڊس ليفٽ بئنڪ جو ايس اي ھو، ڊاڪٽر سمرس سڄي سنڌ کي ھنڌان ھنڌان جانچي ڏٺو ۽ 1904ع ۾ اھا رپورٽ ڏنائين تہ سکر ۽ روھڙيءَ جي پٽڙين وٽ ئي بئراج ٺاھي درياھ جي ٻنھي پاسن ڪان ڪئنال کوٽي سگھجن ٿا. مارچ 1906ع ۾ گورنمينٽ ڪيس اھا بہ حمايت ڏني تہ حيدرآباد وٽان بہ درياھ جي ڪاٻي پاسي ڪان ڪئنال ڪڍي رھيل زمين بہ آباد ڪري سگھجي ٿي ۽ 1906ع ۾ ئي پيبامبيئسر اکر ڊاڪٽر سمرس جون تجويزون انڊيا سرڪار جي خدمت ۾ پيش ڪيون. جنھن ۾ خرچ جو ڪاٿو بہ لڳايل ھو. ڊاڪٽر سرمس جي رپورٽ م چار نکتا ڏنل ھئا. جيڪي ھن ريت ھئا. (1) سکر وٽ بئراج ٺاھي وڃي. جتان پاڻي وڃي ڪئنالن ۾ پوي (2) اوڀر نارو جي سسٽم کي بہ سنڌو درياھ مان نڪرندڙ ڪئنالن سان ڳنڍيو وڃي (3) روھڙيءَ ڪان حيدرآباد تائين ڪئنال ڪڍيو وڃي (4) سکر وٽان درياھ جي ساڄي ڪپ تي بہ ڪئنال ڪڍيو وڃي.

ڊسمبر 1906ع ۾ انڊيا سرڪار بامبي سرڪار جي انھيءَ رٿا کي ٿوريءَ ڦير گھير سان منظور ڪيو ۽ جنروي 1907ع ۾ بامبي سرڪار سنڌ جي آبپاشي کاتي





کي حڪم جاري ڪيو تہ سکر بئراج ۽ روھڙي ڪئنال جي رٿائن تي ڪم شروع ڪيو وڃي. پر فيبروري 1907ع ۾ بامبي سرڪار وري اھو حڪم بہ جاري ڪيو تہ سکر وٽان درياھ جي ساڄي ڪپ تي ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪاٻي ڪپ تي موجود اوڀر نارو جي سسٽم کي بئريج سان ڳنڍڻ جي سلسلي ۾ خرچ جو ڪاٿو لڳائي موڪليو وڃي. مارچ 1909ع ۾ گورنر سرڪلئرڪ جي طرفان انڊر سيڪريٽري پبلڪ ورڪس ڊاڪٽر سمرس کي حاڪماڻو خط لکندي حڪم موڪليو تہ گورنر صحب سندس جوڙيل رٿا جي ڪجھ اسمن کي ڇڏي ڪري متاثر تہ ٿيو آھي. پر سکر بئراج ٺاھڻ کان اڳ ۾ روھڙي ڪئنال جوڙيو وڃي. اھو گورنر صاحب جو حڪم سمجھيو وڃي. انھيءَ حڪم جو جواب ڏيندي ڊاڪٽر سمرس اھا گذارش ڪئي تہ ھو چئن سالن ڪان اھو عرض ڪندو پيو اچي تہ پھرئين بئراج جوڙي پوءِ اتان درياھ جي ساڄي توڙي ڪاٻي پاسي ڪئنال کوٽي ڪڍيا وڃن. پر تنھن ھوندي بہ روھڙيءَ ڪان حيدرآباد تائين ڪئنال پھرئين کوٽيو ويندو. جڏھن تہ بئراج تمام ضروري آھي. جنھن کي ڪنھن بہ صورت ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگھجي.

# سنڌڪي مليل نياپو

نثار کوکر

ان ڏينهن سکر جي ايم ڪي هاءِ اسڪول ۾ قائم ٻوڏ متاثرين جي ڪيمپ مان عورتن ۽ مردن جا انٽرويوز ڪري ٻاهر نڪري رهيو هئس ته هڪ اٺن سالن جو ٻارڙو پويان لڳو آيو. هن منهنجي ٻرانگهن سان ڊوڙندي پنهنجي رفتار هلائي ۽ نماڻيون اکيون کڻي چيائين. ”مان ٻه ڳالهائيندس“ مون کي ٿورڙو تجسس ۽ هن جي معصوميت تي پيار آيو، پڇيومانس ”ڇا ڳالهائيندئين“ شرمائي چپ ٿي ويو. اسڪول ۾ قائم ڪيمپ مان نڪري ذري گهٽ در تي اچي پهتو هئس. ننڍڙي جي مٿي جي وارن تي آڱريون ڦيري پڇيم، ”نالو ڇاهي بابا؟“ وراڻيائين. منصب علي سومرو، ”ڪٿان آيو آهين منصب علي؟“ وراڻيائين. ٿل کان منصب جي اکين ۾ اڻ تڻ ڏسي مون سوچيو هو شايد عورتن ۽ مردن جي هجوم کان گهٻرايل هو ۽ اڪيلي سر پنهنجو مسئلو ٻڌائڻ پيو چاهي. منصب جي پتڪڙي قد سان پنهنجو قد ملائڻ خاطر مان گوڏن پر هيٺ ويهي رهيس. ريڊيو جي مائيڪ هن اڳيان ڪندي صحافين وارو تڪڙو تعارفي سوال ڪيم. جي منصب ڇا مسئلو آهي تنهنجو پراڻو پر صاف سٿرو پهرياڻ پاتل معصوم منصب هيڏي هوڏي ڏسي چيو. مرچائي چانور مختصر جواب ۾ ڳالهه نه سمجهي سگهيس ته وري پڇيومانس ته ”جي؟ هاڻي منصب تفصيل ٻڌائڻ لڳو. ”ڪمپ تي اسان کي رڳو مرچائي چانور ٿا ڏين. روزو به ان سان ٿا رکون ۽ کوليون. اسان جو هاڻ سري ٿو. هنن کي چئو ته اڇا چانور ڏين هن کان پڇيم اڇا چانور ڇا سان کائيندين؟ منصب کلندي ٺهه پهه وراڻيو کير سان هاڻي منصب جو اهو مسئلو ڪير سمجهي. سرڪار پاران ٺيڪي ۾ مليل ديڳين کي گرم مصالحن وارا بورچي تيار ته ڪن ٿا پر سرڪار به ڪين اهڙا حڪم ڏيئي ٿي ته برياني پچايو ٻوڏ ۾ لڏ پلاڻ ٻهراڙي ۽ ڪچي جي انهن لکين ماڻهن ڪئي آهي. جن جي سالن کان ”ڊنر“ کير ۽ اڇا چانور رهي آهي. ان ۾ وڏيڪ لذت اها ڳڙ واري مٺائي پيدا ڪندي آهي. جيڪا اهي ماڻهو شوق سان اڇن چانورن (ڀت) جي پليٽ تي وجهي ان مٿان کير هاري ڳڏائي





جو کائي سمهن ٿا ته هنن جو هاڻ به بقول منصب جي ٺريل رهي ٿو. پر هو دربدري واري حالت ۾ ويهن ٽيهن ڏينهن کان برياني يا مرچن وارا چانور کائي کائي اصل رت ٿي پيا آهن.

ٻوڏ متاثر علائقن جي چڪر دوران ڪجھ اهڙا به منظر ڏسڻ لاءِ مليا. جيڪي شايد اکيون ڏسڻ نه چاهين ها. ٻيرلوءِ باءِ پاس واري باغيچي ۾ هڪ خاندان خانه بدوشن وانگر ڪاٺين ۽ ڪٽن جي سهاري رليون ٽنگي مٿي تي ڇانوَ ڪري ويٺل هو. ان رلين واري ”خيمي“ اندر ٽي عورتون ويٺل هيون. جڏهن منهنجي نظر انهن تي پئي ته ان مان هڪ عورت کي قميص يا چولو پاتل ڪو نه هو، مون غير يقني واري حالت ۾ اکيون ٻوٽي ڪجھ سڪندڙ کان پوءِ گاڏيءَ جي شيشي مان وري ڏٺو ته اها ساڳي عورت هڪ ڏوتل قميص يا چولو پائي چڪي هئي ۽ وارن ۾ وهنجڻ کان پوءِ واري ڦٽي ڏئي رهي هئي. اهي عورتون گرمي جي شدت کان بيزار ٿي سهولتن جي کوٽ سبب عام چوراهن تي لڳل جر وارن نلڪن هيٺان ڪپڙن سميت تڙ ڪن ٿيون. جنهن کان پوءِ هڪٻئي جي اوٽ ۾ ويهي ڪپڙا تبديل ڪن ٿيون. ڪو وقت منهنجو غير يقيني ۽ حيرانيءَ ۾ گذريو ته وقت ڪيڏا نه حادثا ڪري ٿو. نه ته هي انهن علائقن م قبيلن جون عورتون آهن. جن ڏانهن اشارو ڪرڻ يا ڏسڻ تي به ڪاروڪاريءَ جا الزام لڳن ٿا ۽ خوني جهيڙا ٿيندا رهن ٿا.

ٻيرلوءِ باءِ پاس پرسان سرڪاري اسڪول ۾ ترسيل ماڻهن کان حال احوال وٺن دوران ٻاهر روڊ ڪناري ويٺل ماڻهن جو به هجوم اچي گڏ ٿيو. ان هجوم اهي دانهون ڪيون ته امدادي سامان صرف سرڪاري ڪيمپن ۾ ويٺل ماڻهن کي ٿو ملي. ان هجوم ۾ شامل هڪ عورت دانهون ڪري سيني کي پاسيرو ڪيو ۽ پاڻ اڳتي اچي چوڻ لڳي. ”اسان کي ٻه وقت ڀت (مرچائي چانور) ڏئي ٿا وڃن. پر اسان کي اهو به نه کپي. ننڍڙا ٻچا اس ۾ سڙي ويا آهن. انهن کي مٿي جي ڪا ڇانوَ ڏيو. ويٺا به روڊ تي آهيون. پر اسان ڏي ته ڪو لڙي به نٿو، اسن ۾ سڙي ويا آهيون. مٿي جي ڇانوَ ڏيو. “ ٻروچاڻو گهگهي وارو پهراڻ پاتل ان عورت ۽ ننڍڙي منصب علي جو مسئلو ڪير سمجهي ۽ حل ڪري سگهي ٿو. ڪا خبر ناهي. ڇو ته سرڪار ۽ ان جا ادارا يا ته ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ لڙهي ويا آهن. يا وري امدادي ڪمن تان ملندڙ ڪميشن جي پئسن جو حساب پنهنجي ڪلڪيوليٽر تي ڪري رهيا آهن. تنهنجو مسئلو ڪير سمجهي بابا. مان ته تنهنجي لاءِ ڪجھ نٿو ڪري سگهان. منڙا منصب، ڇئہ پنهنجي نصيب کي بابلا..." الاءِ ڇو اهي اکر لکندي ۽ پنل اکين اڳيان منصب اچي ٿو. وڃي.

جڏهن سوين لکين منصب گڏجي سامهون اچن ٿا ته هو پنهنجي سرڪار مٿان بي اعتمادي ڪندي نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ ٻوڏ جي سياست تي تفصيلي ڪڏهن ٻئي پيري لکبو. پر جس آهي جو هي وارن کي جنهن ٻوڏ جي سرڪاري سياسي چال کي پنهنجي همت، حوصلي ۽ اتحاد ذريعي منهن ڏنو. جوهي دادو ضلعي جو هڪ ننڍڙو

شهر ضرور آهي. پر متحرڪ بہ آهي. هونئن تہ جوهي ڪيترن ئي قومپرستن ۽ ڪاٻي ڌر جي ڪامريڊن جو اباڻو شهر آهي. پر سڀني ڪان وڌيڪ اهم تہ پيپلزپارٽيءَ جو ڳڙهہ آهي. پيپلزپارٽي جي سربراهہ محترمہ بينظير ڀٽو جي قتل خلاف پهريون پيرو عورتن جو جلوس شهر ۾ مارچ ڪيو هو، پر هن ڀيري پنهنجي پارٽيءَ جي حڪومت هوندي عورتن مردن سان گڏجي همت ڪئي ۽ ٻوڏ جي راڪاس جيان وڌندڙ پاڻيءَ کي شڪست ڏني. جوهيءَ وارن جي چونڊيل نمائندن ۽ سرڪار ڪين پهرئين ڏينهن شهر خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، سرڪار ڪراچيءَ مان 3 سئو گاڏيون آڻي جوهي واسين جي در تي بيهاريون. پر سرڪار جي ”ٻوڏ سياست“ کي هو ڀانپي ويا. سياسي وابستگين کان هٽي ڪري سائين بخش رند، ڊاڪٽر حميد، قربان ڪوکر ۽ ٻين انيڪ ماڻهن فيصلو ڪيو تہ شهر کي بچائبو. سرڪار انهن جي ”ضد“ کان تنگ ٿي چيو قلم هڪ سئو چوئيتاليهہ لڳائي ماڻهن کي زبردستي ڪيندا سين پر ماڻهن جو جذبو اهڙو زور جهڙو ٻوڏ جو پاڻي. جوهي واسين جي ٻوڏ سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ڪهاڻي پندرهن ڏينهن تائين جاري رهي. ڏينهن رات هڪ ڪري ويا. ان جدوجهد ۾ اهڙين عوامي ڪهاڻين جنم ورتو. جيئن شهر جي هڪ لوهار چيو ”ٻيو ڪجهہ نٿو ڪري سگهان پر پنجاهہ ڪوڏرون منهنجي پاران امداد اٿوَ“ شهر جي حفاظتي بند پرسان قائم ڳوٺ وارن اهي ڏينهن پنهنجي مينهن جو ڪير وڪرو ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. ڇيائون. ڪم وارن لاءِ چانهہ ۾ اهو ڪير مدد ڏيندو جوهي وارن سان بظاهر ائين ڪو اسيمبلي ميمبر يا وزير گڏ ڪو نہ هو، جيئن شهدادڪوٽ وارن سان نادر مگسي ۽ سموري حڪومتي مشينري گڏ بيٺل هئي. پر پوءِ بہ سگهڻ هٿن ۽ خالي کيسن تي همراهہ وڃي هٽي هنڌ ڪيو.

جوهي وارا هن ڀيري اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن جي ٺڏي ٺوري کان بچي پيا. ڪراچيءَ ۾ پنهنجي آفيسريءَ واري نوڪري ۽ ٻار ٻچا ڇڏي لاڳيتو پندرهن ويهہ ڏينهن وڃي جوهي وسائيندڙ محمد موسيٰ رند جو تہ وري قصو ئي الڳ آهي. ان ڏينهن جوهيءَ مان فون تي ٻڌايائين تہ هن جي پنهنجي ناني سان گهڻي انسيت هئي ۽ حقيقت ۾ هو سيڙهجي ان ناني جي قبر پاڻيءَ کان بچائڻ پهتو آهي. جنهن ڪيس آڱر ڪان وٺي هلڻ سيکاريو موسيٰ رند جو نانو ملهہ پهلوان هو ۽ موسيٰ ٻين جوهي واسين سان گڏجي هن ڀيري ٻوڏ کي ملهہ ماري آهي. جوهي وارن جو اعتماد پيپلزپارٽيءَ تي اڃا رهندو يا نہ ڪا خبر ناهي. ڇو تہ هن ٻوڏ ۾ بہ حڪمران پارٽيءَ ڪين ائين اڪيلو ڇڏيو آهي. جيئن سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر جي ٽڪيٽ ورهاست دوران انگريزي محاوري مطابق ٻاهر ٿڌ ۾ بيٺل هوندا آهن. پيپلز پارٽي جو رڪارڊ رهيو آهي تہ جوهي مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ٽڪيٽ نہ ڏني اٿن.

جوهي واسين جو اعتماد رهي نہ رهي. پر ايم آر ڊي جي شهيدن واري علائقي خيرپور ناٿن شاهہ واسين جو هاڻي مٿن ڪو اعتماد نہ رهيو آحي. ”ناٿن شاهي ماڻهن





جو هاڻُ ٿو ڪري جڏهن هو انهن رستن تي ٻيڙيون هلندا ٿا ڏسن. جتي هو ڇهل قدمي ڪندا هئا. هڪ ناٿن شاهيءَ ٻڌايو تہ اخبارن ۾ ڇپيل اهو فوٽو واقعي بہ ان شهر جي حالتن مٿان ماتم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. جنهن ۾ جڳهن جي ڇتين مٿان ويٺل ماڻهن کي اڳوٽي مصروف بازار ۾ ٻيڙين تي ويندڙ ماڻهن ڏي اشارو ڪندي ڏيکاريل آهي. ”خيرپور ناٿن شاهہ جا اهڙا برا ڏينهن جو انهن جي پنهنجي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ سندن شهر ۾ ارڙهن ڏينهن کان پاڻي بيٺل هجي ۽ حڪومتي ادارا پنهنجي عملي بي ڌيان ۽ لاتعلقي ذريعي اهو ئي چئي رهيا هجن. ”سنڌي پنهنجي ضد سبب ٻڌا آهن“ جيئن وزيراعظم گيلاني ڪجهہ ڏينهن اڳ فرمايو هو هاڻي لڳايو حساب تہ حڪمران سنڌين کي نياپو ڪهڙو ٿا ڏين؟

# لاڙ ۾ ٻوڏ ۾ لٽي جون سرگرميون

محمد ادريس راجپوت

انگريزي ۾ چوندا آهن Seeing is believing يعني ڏٺي کان پوءِ اعتبار اچي ٿو .لاڙ ۾ ٻن بندن کي ڪنڊ لڳا، هڪڙو مولچند شاهبندر ڪي. ٻيو پنا- بگهار بند کي ٻئي ڪنڊ ٺٽي-سجاول روڊ جي پل کان مٿي لڳا ۽ ذري گهٽ هڪ ٻئي جي سامهون هئا. مولچند شاهه بندر واري ڪنڊ ٺٽي ضلعي جا ٻه تعلقي يعني ٺٽو ۽ جاتي ٻوڙيا ۽ پنا بنگهار بند ۾ ڪنڊ ٿوري نقصان کان پوءِ هلندي پاڻيءَ ۾ بند ڪيو ويو ۽ ٺٽي جو تاريخي شهر ٻڏڻ کان بچي ويو. انهن ٻنهي ڪندن جي صورتحال ڏسڻ لاءِ مان ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو سربراهه سيد جلال محمود شاهه آچر 19 سيپٽمبر تي ڪراچي کان ٺٽي وياسين. ٺٽي کان درياهه جي پل ڪراس ڪري سجاول شهر مان لنگهي بدين ڏانهن وياسين. پر سجاول کان 10 لوميٽر اڳتي روڊ ٻوڏ جي پاڻي ڪري بند هو. تنهن ڪري اسان موٽي آياسين ۽ درياهه جي پل کان مٿي بند ورتوسين. پنجاري سرڪل جو آبپاشي جو ايس اي جنيد ميمڻ اسان سان گڏ هو. رستي تي بند تي 30 ميل تي ٻيلو بنگلو ڪراس ڪيوسين. ٻيلي بنگلي ڏسڻ سان مون کي 1973ع واري سپر فلڊ ياد اچي وئي. جنهن وقت ۾ مان ڪوٽڙي بيراج تي انجنيئر هئس. ان وقت بگهار سرڪل جو ايس اي محسن شيخ هو، جڏهن ته چيف انجنيئر مير محمد علي ٽالپر هو. 1973ع واري ٻوڏ ٻه 14 سالن کان پوءِ آئي هئي. مون کي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جو ڪو تجربو نه هو، چيف انجيئر سان هڪ گڏجاڻي ۾ مون خيال ظاهر ڪيو ته تمام وڏي ٻوڏ پئي اچي. بند مٿي جا ٿهيل آهن. اهي ٻوڏ جي پاڻيءَ جو دٻاءُ جهلي نه سگهندا. جڳهه جڳهه ڪنڊ پوندا ۽ ملڪ ٻڏندو. مير محمد علي ٽالپر چيف انجنيئر مون ڏي ڪاوڙ ۽ حيرت جي نظر سان ڏٺو ۽ چيائين ”مسٽر تون ٻار آهين، توکي بندن ٺاهڻ جي ٿيوري جي ئي خبر ناهي. جيتوٽيڪ هي ٻوڏ 14 سالن کان پوءِ اچي رهي آهي. پر سنڌ ۾ اڳي به ٻوڏون ايندڀون رهيون آهن ٻوڏن کان بچائڻ لاءِ درياهه جي ٻنهي پاسي بند ٺهيل آهن ته جيئن ٻوڏ جو پاڻي ٻنهي بندن وچ ۾ رهي.





اٿلي نه ۽ ملڪ نه ٻوڙي، بند برابر مٿيءَ جا ٺهيل آهن. پر اهي رڳو ٻوڏ جي پاڻيءَ کي اٿلڻ کان روڪين ٿا. ٻوڏ جي مکيه وهڪري جي ڪري ٿيندڙ ڪاٽ ۾ انهن کي نقصان پهچي سگهي ٿو، پر بند جي ٿيوري اها آهي ته جتي به درياهه جو مکيه وهڪرو بند کان 3000 فوٽ کان گهٽ تي پهچي وڃي ته اهو سمجهبو ته فرنٽ بند خطري ۾ آهي. ويڪر ۾ ٻوڏ لهڻ کان پوءِ اتي پويان ٻيو دفاعي بند ٺاهيو آهي. جنهن کي لوپ بند چئبو آهي. بند جو بچاءُ انهيءَ ۾ آهي ته پاڻي لڳڻ کان پوءِ جيئن جيئن پاڻي چڙهي انهيءَ جي چوويهه ڪلاڪ چوڪسي ڪجي. جن شين جي ڪري بند کي نقصان ٿيڻ جو پوَ هجي. انهيءَ جو وقتائتو تدارڪ ڪجي. مکيه نقصان جا ڪارڻ آهن روڻ، ويو واش، بلو آئوٽ ۽ اوور ٽاپ، جيڪڏهن هي شيون ٻن ٽن ڪلاڪن اندر ڪنٽرول ڪري وٺجن ته بند بچي ويندو. نه ته ڪنڊ پئجي ويندو. سنڌ بند مينوئل ۾ انهن نقصانن ۽ انهن جي تدارڪ جا طريقا ڏنل آهن. اهو بند مينوئل 100 سالن جي تجربي جي بنياد تي ٺهيل آهي ۽ انهيءَ کي ٺاهڻ لاءِ آمريڪا جي مسيپي درياهه جي تجربن جي به ڄاڻ ورتل آهي. بند کي ڪنڊ لڳڻ معنيٰ آبپاسي کاتي جي عملدارن جي ڪٿي نه ڪٿي غفلت يا فلڊ فائٽنگ لاءِ صحيح بندوبست نه هجڻ.

مير صاحب جي انهن ڳالهين منهنجا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا. 1973ع جي ٻوڏ ۾ چيف انجنيئر ۽ ايس اي رات ڏينهن بدن تي هلندا هئا. مان بيراج جو انجنيئر هئس. جنهن جو ڪم بيراج مان ٻوڏ جو پاڻي سلامتيءَ سان لنگهائڻ هو. 1973ع جي ٻوڏ ۾ سکر کان هيٺ ساڄي پاسي ڪنڊ لڳو. جنهن ڪري لاڙڪاڻي شهر ٻڏڻ جو خطرو هو. يعني وزيراعظم ذوالفقار عي ڀٽي ۽ چيف منسٽر سنڌ ممتاز علي ڀٽي جو ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو هو، پر ٻوڏ جي پاڻي رستو مٽايو ۽ لاڙڪاڻو شهر ٻڏڻ کان بچي ويو.

ٻوڏ لهڻ کان يڪدم پوءِ ممتاز علي ڀٽي چيف منسٽر سنڌ ٻيلو بنگلي جي Renovation ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جيڪو ڪم هڪ هفتي ۾ ڪرڻو هو. چيف انجنيئر اهو ڪم ٽائيم جي گهٽ هجڻ کي نظر ۾ رکندي منهنجي حوالي ڪيو. مون کي ياد آهي ته مان هر صبح جو ڄامشوري کان نڪري ٻيلو بنگلي تي پهچندو هئس. اتي ڏسندو هئس ته ڪهڙيون شيون کپن. اهي نوٽ ڪري ڪراچي پهچندو هئس. اتان اهي شيون وٺي رات جو ڄامشورو پهچندو هئس ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اهي شيون ٻيلو بنگلي تي پهچائي ڪري ڪراچي ٻيون شيون وٺڻ لاءِ ويندو هئس. اهو معمول هفتي تائين رهيو ۽ ستن ڏينهن ۾ اسان ٻيلو بنگلو نئون ڪري ڏنوسين. ممتاز صاحب ڪچي ۾ شڪار لاءِ ايندو هو ته هن بنگلي ۾ رهندو هو ۽ اسان جو هڪ داروغو، جنهن جو نالو علي اڪبر هو، ممتاز صاحب جي حاضري ۾ هوندو هو، ڪيترا آفيسر انهيءَ داروغي جي چاپلوسي ڪندا هئا ته ڪٿي چيف منسٽر صاحب آڏو انهن جي ڪا شڪايت نه ڪري ڇڏي. اسان ٻيلو بنگلي وارن ماڻهن کان انهيءَ داروغي جو پڇيوسين ته خبر پئي ته هو گذاري ويو هو.

ٻيلي ٻنگلي کان اڳتي اسان مولچند شاهه بندر بند جي ڪنڊ واري هنڌ لاءِ روانا ٿياسين. جيڪو ڪوٽ عالمو ڳوٺ ويجهو هو. رستي تي اسان سرهاڻي بند تان به لنگهياسين. جتي 1988ع واري ٻوڏ ۾ ڪنڊ لڳو هو. هاڻي اتي پٿر جا اسپر ٺاهي پويان نئون بند ٺاهيو ويو آهي. رستي ۾ ڏٺوسين ته بند سلوپ تي تمام گهڻو ڪاڏل هو. جنيد ميمڻ ٻڌايو ته اتي تمام گهڻي ويو واش ٿي هئي. جنهن ڪي ڪاٺين جو جڪ ۽ مٽيءَ جون ڳوٽيون رکي منهن ڏنو ويو. اسان جڏهن ڪنڊ واري هنڌ پهتاسين ته اتي اسان کي انجنيئر قاضي رفيق مليو. اتي ڏٺوسين ته ڪجهه ٽڪري ۾ ڪنڊ بند ڪرڻ لاءِ جڪ ٻڌل هئا ۽ پويان مٽيءَ جون ڳوٽيون پري رکيون پيون وڃن. جنيد ميمڻ اسان کي ٻڌايو ته ڪنڊ اٽڪل هزار فوٽ ويڪرو ٿي ويو هو. جنهن کي بند ڪرڻ لاءِ درياهه واري پاسي 1600 فوٽ واري منگلي ٺاهي پئي وڃي. اٽڪل 600 فوٽ ڊيگهه ۾ منگلي ٺهي وئي آهي. جنهن پٺيان ڳوٽيون پري رکيون پيون وڃن. درياهه جو ڪنڊ مان وهڪرو گهٽجي اٽڪل 7 کان 8 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو آهي. تنهن ڪري ڪم سولو ٿي ويو آهي ۽ اٽڪل ڏهن ڏينهن ۾ ڪم پورو ٿي ويندو. ايتري ۾ منظور احمد شيخ چيف انجنيئر ڪوٽڙي بيراج به انسپيڪشن ڪندو اتي پهچي ويو. جنهن ٻڌايو ته هي ڪنڊ بند مينوئل ۾ ڏنل طريقي مطابق ٻڌو پيو وڃي ۽ان تي اٽڪل 15 لک رپيا خرچ ايندو. ايف ڊبيو او وارن ان لاءِ اٽڪل 70 لک رپيا گهريا هئا. جيڪي پٿر وجهي ان کي بند ڪن ها. جڏهن اهو پڇيوسون ته هي ڪنڊ ڇو پيو؟ ته چيف انجنيئر ٻڌايو ته پاڻي تمام گهڻو هو. پاڻي واري پاسي بند کي پٿرن جي پچنگ ٿيل آهي. جنهن ڪري روڻ پوڻ ڪري پاڻي تمام تيزي سان زمين واري پاسي بند مان نڪري آيو. انهيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سين. پر اها ڪنٽرول نه ٿي سگهي ۽ ڪنڊ پئجي ويو. هن ٻڌايو ته پٿر جي پچنگ ڪرڻ سان بند ويو واش لاءِ ته مضبوط ٿي وڃي ٿو. پر انهيءَ ڪري درياهه واري پاسي روڻ پوڻ جي خبر نٿي پئجي سگهي ۽ پٿرن جي ڪري اها درياهه واري پاسي ڳولهڻ ۾ ڏکي ٿي پوي ٿي. انهيءَ سوال تي ته ڪنڊ هٽرادو وڌو ويو هو. منظور صاحب ٻڌايو ته مخالف ڌريون ائين هڪ ٻئي تي الزام هڻن ٿيون. اسان کي شيرازين بند تي ڪم ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڏنا ۽ هر طرح مدد ڪئي. اها اسان جي بدقسمتي هئي ته ڪنڊ پئجي ويو. نه ته اسان ته هر طرح جا بندوبست ڪيا. مان ان رات به ويجهو بند تي هئس ۽ ايس اي صاحب بند لانڊي تي هو. هي معاملو ايترو تڪڙو ٿيو. جو سنڀالجي نه سگهيو. ان سوال تي ته سنڌو جي ساڄي پاسي پنا- بگهار کي لڳل ڪنڊ اوهان پٿرن جي منگلي ٺاهي بند ڪري ورتو ته پوءِ ساڳي ڪوشش هتي ڇو نه ڪئي وئي؟ منظور صاحب ٻڌايو ته هر ڪنهن ڪنڊ جي جدا پوزيشن هوندي آهي. هن ڪنڊ تي درياهه جو مکيه وهڪرو تمام ويجهو هو ڪنڊ تمام تڪڙو ڊيولپ ٿيو. زمينون تمام هيٺ هيون. منگلي ٺاهڻ لاءِ پٿر ويجهو ڪو نه هو ۽ مشينري ۽ اسٽاف به ڪو نه هو. مان اهي سڀ ڳالهيون توهان کي پنا- پڳهار





واري ڪنڊ تي ڏيکاريندس. ڳالهيون ڪندي منظور صاحب اهو به ٻڌايو ته مون وانگر هن کان به ڪجهه اٿارٽي وارن ماڻهن پڇيو هو ته ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي ان جي ڊيزائن ٿيل گنجائش يعني پوڻا نوَ لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ پيو اچي. جڏهن پاڻي وڌيڪ پيو اچي. انهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هن وٽ ڪهڙا Contigent planآهن. منظور صاحب چيو ته مون وٽ ڪو پلان ڪونهي. جو ساڄي پاسي جبل آهن ۽ کاٻي پاسي حيدرآباد جو شهر ساڄي پاسي کان درياهه جو پاڻي ورائي نٿو سگهان ۽ کاٻي پاسي حيدرآباد شهر ٻوڙائي نٿو سگهان. باقي هي بيراج تمام مضبوط ٺهيل آهي. جنهن کي نوان در وجهڻ مهل وڌيڪ ضبوط ڪيو ويو هو. 1956ع ۾ ان مان نوَ لک 81 هزار پاڻي پاس ٿيو هو. هاڻي به اٽڪل ساڍا نوَ لک پاڻي ايندو ۽ ان مان بيراج کي ڪو خطرو ڪونهي.

پنجاب وارن جي سوچ ڊيزائن کان مٿي پاڻي اچڻ جي صورت ۾ بيراج کي بچائڻ لاءِ بيراج کان مٿي ڪٽ ڏيڻ آهي. جيڪو پنجاب جي بيراجن ۾ ممڪن آهي. جو ڪٽ وارو پاڻي بيراج کان هيٺ وري درياهه ۾ اچي وڃي ٿو. پر سنڌ ۾ صورتحال ٻي آهي. سنڌ ۾ ٻوڏ واري وقت ۾ درياهه مٿانهين Ridge تي وهي ٿو. جنهن ڪري ڪٽ وارو پاڻي ٻيهر درياهه ۾ نٿو اچي ۽ ملڪ ٻوڙي ٿو. جيڪڏهن اڳتي پاڻي وڌيڪ اچي ٿو ته اسان کي بيراجن جي پاڻي پاس ڪرڻ جي گنجائش وڌائڻي پوندي جنهن جا ڪيترائي طريقا ٿي سگهن ٿا.

ڪوٽ عالمو واري ڪنڊ ڏسڻ کان پوءِ چيف انجنيئر صاحب اسان کي ٺٽي واري پاسي پنا- بگهاربند ۾ پيل گهاري ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو. اسان اتي شهر جي اندران ئي هڪ روڊ وسيلي پهتاسين. جنهن مان اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نه هو ته جيڪڏهن هي گهارو بند نه ٿئي ها ته ٺٽي جو پراڻو ۽ تاريخي شهر ٻڏي وڃي ها. اتي پهچي اسان ڏٺوسين ته درياهه جو مکيه وهڪرو اتان پري هو. پاڻي جو عميق درياهه واري پاسي گهٽ هو. زمين واري پاسي به زمين مٿي هئي. پوئتي ٺٽا ڊسٽري هئي ۽ تنهن کان پوءِ کي بي فيڊر لوئر هو. ڪنڊ جو پاڻي ٺٽا ڊسٽري کي ڪراس ڪري کي بي فيڊر لوئر جو کاٻو ڪپر ٽوڙي ان ۾ گهڙي ويو هو ۽ ٽن هنڌن تي ان کي ٽوڙي ڇڏيو هو. انهيءَ صورتحال ۾ اهو خيال ڏيکاريو ويو ته جيڪڏهن پٿر هجن ته انهن جي منگلي ٺاهي. ان کي بند ڪري سگهجي پيو. پٿر آڻڻ لاءِ ڊمپر هئا ۽ پٿر ويجهو چليا وٽ موجود هيو. ڊمپرن وارن ڪجهه گڙ ٻڙ ڪئي. پر فوج وارن انهن جي اٺ اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي مقرر ڪري جڳهه جڳهه چيڪنگ تي ماڻهو ويهاري ڇڏيا. ائين چوويهه ڪلاڪ پٿر ايندا رهيا ۽ اهي ٻنهي پاسن کان وڌا ويا ۽ ڪنڊ وارو گيپ پرجي ويو. انهيءَ مان پاڻي سيمو ڪري پيو. جنهن لاءِ مٿي سان پريل ڳوٽيون پٿر جي سوراخن ۾ وڌيون ويون ۽ ان نموني اهو سيمو به بند ٿي ويو. هيءُ ڪنڊ غير روايتي طريقي بند ڪيو ويو، نه ته روايتي طرح درياهه جو ڪنڊ پاڻي لهڻ کان پوءِ ڪاٺ جي منگلي ٻڌي

بند ڪيو ويندو آهي. جيئن هينئر ڪوٽ عالمو وٽ ڪيو پيو وڃي. حد جي انجنيئر فهيم سومري ٻڌايو تہ اهو ڪنڌ منهنجي امڙ جي دعا ۽ الله جي مدد سان بند ٿيو، جو ائين ڪنڌ بند ڪرڻ جو مثال سنڌ ۾ ڪونهي.

ٻڌايو ويو تہ هڪڙو سبب ڪنڌ پوڻ جو اهو بہ هو تہ ڪچي ۾ هڪڙو زمينداري بند هو، جڏهن اهو ٽٽو تہ اوچتو پاڻي هن بند کي لڳو. جنهن ڪري ان ۾ ڪنڌ پئجي ويو. ڪنڌ پوڻ ايڪسيڊنٽ آهي. جيئن روڊ تي ايڪسيڊنٽ جو سبب يا گاڏي ۾ ڪا خرابي يا ڊرائيور جي غفلت ۽ لاپرواهي ٿئي ٿو. تيئن بند ۾ ڪنڌ سنڀاليندڙ عملي جي نااهلي يا غفلت سبب ٿئي ٿو. انهن ٻنهي لاءِ آبپاشي جو عملو ذميوار آهي. ٿوڙي واري ڪنڌ جيڪا تباهي ۽ بربادي آندي. انهيءَ مان اهو سبق مليو تہ اسان سنڌ ۾ ڪنهن بہ بند ۾ ڪنڌ برداشت نٿا ڪري سگهون. ۽ انهيءَ لاءِ آبپاشي عملي سان گڏ زميندارنکي بہ مدد ڪرڻي پوندي. جي اهي گڏجي ڪم ڪندا تہ ”ہ تہ ٻارنهن“ جي مثال موجب ڪنڊن تي ڪنٽرول ڪري سگهبو ۽ ملڪ ٻڏڻ کان بچي ويندو.





# سنڌ جي سونامي ءَ جو ذميوار ڪير آهي؟

مير محمد پرهياڙ

هن ڪهاڻي جي شروعات ڪرڻ کان اڳ لفظ سونامي Tsunami کي سمجهڻ ضروري آهي. جيڪو جاپاني زبان جي ٻن لفظن تي ايس يو TSU (هاربر يا ڪنارو) ۽ Nami ويريا ڇولي لفظ تي T خاموش آهي. ان ڪري سونامي پڙهيو ويندو آهي. جاپان ۾ هيستائين 195ع دفعا تيز سونامين جي ڪري تمام گهڻا نقصان ٿيا. پر سال 2004ع ۾ انڊونيشيا جي صوبي اَچ Ache سان لڳندڙ هندي وڏي سمنڊ ۾ زير زمين زلزلو، جنهن جي گهرائي 30 ڪلوميٽر هئي ۽ اهو ايتري شدت سان آيو. جنهن ڪري سامونڊي ڇوليون 50 فوٽن کان بہ مٿي اٿيون ۽ ان جي ڪري نہ صرف انڊونيشيا، بلڪ ٿائيلينڊ، سري لنڪا، هندستان جو تامل ناڊو صوبو مالديپ جي سامونڊي علائقن ۾ 23000 انساني جانيون اجل جو شڪار ٿيون. ان کان علاوه ٻِر وارن ملڪن ۾ جهڙوڪ سينگارپور، ملائيشيا ۽ ڪجهہ آفريڪي ملڪن تائين ان جو اثر پهتو. انهي واقعي کان پوءِ دنيا ۾ جتي بہ زلزلو، ٻوڏ يا سامونڊي طوفان جي ڪري تباهي اچي ٿي تہ ان کي سونامي چيو وڃي ٿو. دنيا ۾ سال 2004-ع کان اڳ اهڙي قسم جي سونامي پنج دفعا آئي ۽ آخري 1138ع عيسوي ۾ آئي. جنهن ۾ تقريبن اڍائي لک ماڻهو پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا.

پر ڇا سنڌ ۾ سونامي پهريون دفعو آئي آهي؟ جيڪڏهن اسان سنڌ جي تاريخ ڪڍي ڏسون. تڏهن سنڌ جي عام ماڻهو جي معاشي ۽ سماجي زندگي تي نظر وجهون تہ ائين ٿو لڳي تہ سونامي ڄڻ ڄائي سنڌ لاءِ آهي. جڏهن آئون سنڌ جو ذڪر ڪريان ٿو تہ ان جو مطلب سنڌ جو عام ماڻهو آهي. مهاتما گانڌي چيو هو تہ انڊيا غريب آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جي ٻهراڙي ۾ رهڻ وارا غريب آهن. هن تہ اهو 80 سال اڳ چيو هو ۽ هاڻي هندستان جي ٻهراڙي ۾ ڪافي خوشحالي آئي آهي. پر سنڌ جي ٻهراڙي ۾ حالت ويتر خراب آهي. سماجي ۽ اقتصادي ماهرن قوم يا ملڪ جي ترقي جا معيار مقرر ڪيا آهن. مثال طور شهرين جي آمدني، معياري صحت ۽ تعليم، پيئڻ لاءِ

صاف پاڻي. صحتمند ڊگهي عمر ۽ ٻيون بنيادي سهولتن جو هجڻ پر انهن سان گڏ تفريح، تحفظ، آزاد سماجي زندگي وارو ماحول ۽ سياڻي جي پيٽ پوڄا جو فڪر هئڻ نهايت ضروري آهي پر هتي ته اڪثريت جو حال آهي. "آٽين ۽ چڙهين" وارو آهي. جيڪو صدين کان هلندو پيو اچي.

منهنجي نظر ۾ سنڌ ته ڄڻ سونامي جو اصل گهر آهي. جيڪا گهمي ڦري وري هتي اچي ٿي. جيڪڏهن ٿڌي دماغ سان سوچجي ته ويجهڙائي ۾ گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جا ڪافي ضلعا پاڻي جي نامناسب ورهاست ۽ برساتن جو گهٽ پوڻ ڪري غربت جو شڪار رهيا آهن. جهڙوڪ جيڪب آباد ضلعي جو ڳڙهي خيرو، قمبر-شهدادڪوٽ جو قبو سعيد خان، وارهه، خيرپور ناٿن شاهه جو مٿيون علائقو، جوهي تعلقي جا ٽي حصا، ٺٽي ضلعي جي جا ٽي ۽ ميرپور بٺورو ۽ سجاول ۽ بدين ضلعي جي گولاڙچي، بدين ۽ ٽنڊي باگي جو تقريبن اڌ حصو، ميرپور مخاص ضلعي جي جهڏي ۽ ڊگهڙي جو ڏاکڻيون حصو، عمرڪوٽ ضلعي جا تقريبن ٽي حصا، ضلعي ٽنڊوالهيار جو هيٺيون پاسو ۽ سانگهڙ ضلعي جا ڏاکڻيا حصا، جيڪي پاڻي جي صحيح ورهاست نه هئڻ سبب تباهه ٿي ويا آهن ۽ برسات گهٽ پوڻ ڪري ٿر، ڪوهستان ۽ ڪاڇي جي رهواسين جي حالت تمام تشويشناڪ رهي آهي. انهيءَ صورتحال کي ذهن ۾ رکي. جيڪڏهن سنڌ جي نقشي تي نظر ڦيرائبي ته باقي چند ضلعا بچن ٿا، جتي زراعت لاءِ پاڻي مهيا ٿي رهيو آهي. پر اتي به ڪجهه علائقن جهڙوڪ، خيرپور جي صوبو ديرو ۽ نري ميرواهه ۽ حيدرآباد ضلعي جي شيخ ڀرڪيو، ٽنڊو غلام حيدر، ٽنڊو قيصر جي علائقن ۾ پاڻي جي هميشه اڻاٺ رهي آهي.

صورتحال هيءَ آهي جو هڪ پاسي پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب فصل ٿين ئي ڪو نه. پر جيڪڏهن ٿين ته ايترو ته گهٽ، جو پوکي لاءِ ڪيل خرچ به نٿو لهي. ٻئي پاسي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو انهيءَ حالت کان بيزار ٿي جڏهن شهرن جو رخ ڪري ٿو ته اتي به روزگار نٿو ملي ڪارخانه جيڪو واحد ذريعو آهن بيروزگاري کي منهن ڏيڻ جا اهي به نه پيا لڳن. هوڏانن لکين انسان هر سال هن دنيا ۾ قدم رکي رهيا آهن. جڏهن روزگار جا ذريعا گهٽجي رهيا آهن پر آبادي ۾ واڌارو ٿيندو رهيو آهي ته پوءِ سونامي نه ايندي ته ٻيو ڇا ايندو. سواءِ سماجي خرابين، بي راهه روي ڏوهه، بک بيماري ۽ مايوسي جي پر انهن حالتن جو ذميوار ڪير آهي؟ اسان يا اهي جن جي هٿ ۾ واڳ آهي؟ يقينن اسان ڇو ته واڳ به ته اسان ئي ڏني آهي.

اها هلندڙ سونامي يا تباهي هن سال پنهنجي انتها تي پهچي ويئي آهي. اسان جا ڪجهه جذباتي شاعر انهيءَ تباهي جي ميار درياهه بادشاهه کي ڏين ٿا ۽ ان کي ڏوراپا به ڏين پيا، جيڪو مناسب نه آهي. ڀلا سهٽيءَ کي درياءَ ٻوڙيو يا ڪچي گهڙي، درياءَ ڪڏهن به تباهي نه آڻيندا آهن. البته جيڪڏهن ان جي صحيح سار





سنڀال نه ٿيندي ۽ ان جي وهڪري ۾ رنڊڪ وجهبي ته پوءِ درياهه بادشاهه جڏهن مستي ۾ هوندو ته وڙهندو ۽ جڏهن بند ٽوڙي ٻاهر نڪتو ته پوءِ جيڪڏهن اسان جي پوٽارن هن کي ڪٿي روڪيو يا ڪٿي غلط ڏڳ لڳايو ته ان ۾ ڀلا هن جو ڪهڙو ڏوهه؟ ڏسڻو اهو آهي ته درياءُ ناراض ڇو ٿيو؟ انهي باري ۾ ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. خاص سبب آهن درياءَ جي پيٽ ۾ زميندارن پاران ٻڌل بند، ٻيلن جو ختم ٿيڻ، بندن جي مرمت ۽ مضبوطي تي توجهه نه ڏيڻ ۽ بندن جي صحيح سار سنڀال نه ڪرڻ، هن ٻوڏ دوران ٽنهي بئراجن وٽان مقرر ڪيل ڊيزائين ڊسچارج کان وڌيڪ پاڻي لنگهي ويو، ان مان اهو ثابت ٿيو ته بئراجن کي ڪو به خطرو نه هو ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو بقول محترم ادريس راجپوت جي ته هنن ڪور ڪمانڊر ۽ جنرل آفيسر ڪمانڊنگ جي او سي پنوعاقل کي قائل ڪيو ته سکر بئراج کي ڪو به خطرو نه آهي. ان ڪري علي واهڻ بند کي ڪٽ نه هنيو وڃي.

بالڪل صحيح صلاح ڏني ته درياءَ جي بندن جي ٽٽڻ جو ڪو به خطرو نه هو، پوءِ درياءَ جو بند ٽوڙي ۽ سرجاڻي وٽان ڇو ٽٽي پيو؟ اهي گهارا هٽرادو هئا يا بند پاڻي جو دٻاءُ جهلي نه سگهيا؟ انهيءَ تي بحث هلي پيو، پر حالتون ٻڌائين ٿيون ته في الحال انهيءَ حقيقت تان پردو نه لهندو. پر هر شعور رکڻ وارو آبپاشي کاتي جي اعليٰ عملدارن جي بي حسي، نااهلي، بي پرواهي ۽ لاپرواهي کي ڏوهاري قرار ڏيئي ٿو.

بند مينوئل جو چوٿون ايڊيشن سال 2008ع ۾ ڇپيو انهيءَ ڪتاب جي Appendices جي صفحي نمبر 39-36 ۾ درياءَ ۽ جبل کان ايندڙ پاڻي کي روڪڻ لاءِ ايف پي بند، منڇر بند ۽ ٻين بندن جي انهن هنڌن جي نشاندهي ڪيل آهي جن کي ٻوڏ جي پاڻي جي دٻاءَ ڪري ٽٽڻ جو خطرو آهي. جنهن ۾ ٽوڙي ۽ سورجاڻي به آهي. اهو ته پنهنجي جڳهه تي پر ٽوڙي ۽ سرجاڻي بند ته هن کان اڳ به ٽٽا آهن. ٽوڙي، جنهن ۾ هن کان اڳ گهارو 1995ع جي ٻوڏ ۾ پيو ۽ سورجاڻي بند 1988ع جي ٻوڏ ۾ ٽٽي پيو هو.

ساڳئي بند مينوئل جي باب 9 ۾ بندن جي آبڪلاڻي کان گهٽ اڳ سياري ۾ بندن جي مرمت ۽ مضبو جو ڪم شروع ڪرڻ آهي ۽ باب 10 ۾ آبڪلاڻي دوران بندن جي سار سنڀال، مرمت ۽ ان لاءِ ضروري سامان مشينري، ليبر فورس ۽ طريقن جو ذڪر ٿيل آهي. باب 11 ۾ درياءَ ۾ ٻوڏ جي پاڻي ڪري ٿيندڙ گهارن جي خطرن جا سبب ۽ انهن کي ڪيئن روڪجي جو ذڪر آهي. اهو سڀ ڪجهه لکڻ جو مقصد هي آهي ته آبپاشي کاتي جي هر انجنيئر کي چڱي طرح ڄاڻ آهي يا هئڻ گهرجي ته ڪهڙا بند آهن. جتي پاڻي جو دٻاءُ پوندو ۽ انهن جي ٽٽڻ جو انديشو آهي ۽ درياءَ جي بندن جي ڪيئن سار سنڀال ڪرڻ گهرجي.

ٽوڙي بند کي جڏهن 1995ع ٻوڏ ۾ گهارو پيو پر گهاري جي پاڻي کي بيگاري ڪئنال ، جنهن کي Bs Feeder به چوندا آهن روڪيو ويو اها به هڪ دلچسپ ڪهاڻي

آهي. جنهن جو ذڪر جنرل لهراسب جيڪو ان وقت ڪراچي جو ڪور ڪمانڊر هو ڪندي چيو ته ”جنهن وقت ٽوڙي ۾ گهارو پيو، ان وقت وزيراعظم بينظير ڀٽو صاحبه جاپان جي دوري تي هئي ۽ جيئن ئي هن کي خبر پئي ته هن حڪم ڏنو ته ٻوڏ جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ بند فوج جي حوالي ڪيو وڃي. فوج ٽوڙي گهاري کي روڪڻ لاءِ بيگاري ڪئنال جي ڪاٻي ڪپ کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو ۽ 2 لک مٽي جي ٻورين سان بند کي مضبوط ڪيو ويو ۽ ائين سنڌ سونامي کان بچي ويئي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ان سال به سپر فلڊ هو. گڊو وٽ پاڻي ڏهه لک ڪيوسڪ کان مٿي رڪارڊ ڪيو ويو هو. پر هن دفعي ائين نه ٿيو. حالانڪ پاڻي جو وهڪرو 12 لک کان مٿي ٻڌايو پئي ويو.

پاڻي جو سفر صوبي خيبر پختونخواهه کان سنڌ تائين 15 ڏينهن جو هو ۽ ٻي صورتحال، جنهن جي به آبپاشي عملدارن کي چڱي طرح ڄاڻ هئي. ياد رکڻ کپي ها ته خيرپور- لاڙڪاڻو پل جي ڻاهڻ کان پوءِ پاڻي کي سکر بئراج کان هيٺ گذرڻ کان پوءِ ان کي رنڊڪ ٿيندي آهي. ساڳئي طرح ڪچي اندر زميندارن جا ٻڌل بند به پاڻي کي روڪين پيا، لازمي آهي ته جڏهن پاڻي کي رنڊڪ ايندي ته اهو مٽي پراءُ ڪندو. اها ڄاڻ هوندي به آبپاسي جا عملدار چو خاموش رهيا جيڪڏهن ڪنهن بند کي ڪٽ ڏيڻ جي ضرورت نه هئي ته پوءِ ٽوڙي بند کي شروعات ۾ فوج جي حوالي ڇو نه ڪيو ويو؟ ٽوڙي گهاري جو پاڻي اڃان تائين تباهي مچائي رهيو آهي ۽ هاڻي منڇر به ٽٽي آهي. الله ڪري خير ٿي وڃي. انهيءَ دوران ڪشمور کان خيرپور ناٿن شاهه تائين جيڪا تباهي ٿي. ان تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي.

ٽوڙي بند ۾ گهارو 7 آگسٽ تي پيو. ان کان پوءِ 20 ڏينهن جو سفر ڪندي ٻوڏ جو پاڻي وڃي سورجاني بند تي چڙهائي ڪئي ۽ بند کي ٽوڙي گجگوڙ ڪندو سجاول، جاتي کان ٿيندو وڃي سمنڊ ۾ لٿو آهي. مان يقين سان چوان ٿو ته جيڪڏهن هي بند به فوج جي حوالي ڪجي ها ته ڪڏهن به نه ٽٽي ها. پر هتي سوال اٿي ٿو ته آبپاشي کاتي وارن سورجاڻي بند جي مضبوطي لاءِ اپاءَ ڇو نه ورتا؟ ڇا هڪ ميهنو ڪافي نه هو سورجاڻي بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انهي بندن جي ٽٽڻ جا ڪارڻ کهڙا به هجن. پر آبپاشي کاتي جي نااهلي ۽ لاپرواهي جي ڪري اهڙي تباهي ا آئي آهي. جنهن جو حساب ڪتاب ضرور ٿيندو. اڄ نه ته سڀاڻي ضرور . انڊونيشيا ۾ زير زمين زلزلو صرف 8 کان 10 منٽ آيو ۽ ان جي ڪري جيڪا تباهي آئي آهي. ان کي دنيا سونامي جو نالو ڏنو، پر ٻوڏ جيڪا سنڌ اندر ڏيڍ مهيني کان هلي پئي. ۽ جنهن اقتصادي سماجي ۽ نفسياتي تباهي ا آندي آهي. ان کي جيڪڏهن سپر سونامي جو نالو ڏجي ته غلط نه ٿيندو.

منهنجي اندازي موجب سنڌ جي آبپاشي کاتي کي صدي جي هلندڙ ڏهائي ۾ هڪ کرب (100 ارب) نه ته به ان جي لڳ ڀڳ صوبائي ۽ مرڪزي حڪومت، ورلڊ





بينڪ توڙي فيڊرل فلڊ ڪميشن وٽان ملي چڪا آهن. جن مان ان کاتي کي شاخن ۽ بندن جي مرمت ، مضبوطي، اونچائي وڌائڻ، اسٽون پچنگ، ريگوليٽرن جي مرمت، تبديلي ۽ سکر بئراج جي اسپيشل مرمت ڪرائڻي هئي. پر انهيءَ باوجود اهو چيو وڃي ٿو ته بند ڪمزور آهن. ڪو آهي جيڪو آبپاشي جي عملدارن کان پڇي ته ايتري رقم خرچ ڪرڻ باوجود به شاخون برسات دوران بند ڇو ٽيون ٿي وڃن يا ڇو ٽا گهارا پون؟ آر بي او ڊي جي تڪميل نه ٿي آهي ته برساتن ۾ انهيءَ سم نالي کي ڪوٽڙي ۽ جهرڪ وچ ۾ گهارا ڇو پيا؟ ٽوڙي ۽ سورجاڻي بند ڇو ٽٽا، منڇر جا بند ڇو ٽٽي رهيا آهن؟

ڇا انهن ڪنسلٽنگ فرمن کان ڪو پڇندو (جيڪي گهڻو ڪري آبپاشي کاتي جي رٽائرڊ ڪامورن جون پنهنجون فرمز آهن يا اهي اهڙين فرمز ۾ ڪم ڪن ٿا) ته انهن ٺيڪيدارن جا بل ڪيئن پاس ڪيا. جن جا ڪم صحيح نه هئا. ڪير آهي. جيڪو اختياري وارن کان پڇي ته سوين اهڙيون انڪوائريون ۽ جاچون. جن ۾ ڪروڙن جا گهپلا ٿيا آهن. اهي ڪيئن ختم ٿيون يا سرد خاني ۾ ڇو هليون ويون؟ ڪيترن ٺيڪيدارن ۽ ڪنسلٽنٽ فرمز کي بليڪ لسٽ ڪيو ويو يا بليڪ لسٽ ٿيل فرمن کي ڪنسلٽنٽ ڪيئن مقرر ڪيو ويو آهي؟ ڪو انهن کان پڇي ته اسسٽنٽ انجنيئرن کي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي چارج تي مهينن جا مهينا ڇو رکيو ويو؟ اهو سڀ ڪجهه لکڻ جو مقصد کاتي کي بدنام ڪرڻو نه آهي. ۽ ائين به نه آهي ته کاتي ۾ صفا پيننگ لڳي پئي آهي. سٺا انجنيئر به آهن. جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ايمرجنسين دوران ڪم ڪن ٿا. بندن کي مضبوط ڪن ٿا. جهن جو مثال ادريس راجپوت ڏنو آهي ته ڪيئن محمد خان نظاماڻي ڊائريڪٽر ليفٽ بئنڪ ڪئنال ۽ هن درياءَ جي بند کي مضبوط ڪري حيدرآباد شهر کي ٻوڏ کان بچايو.

جيڪو ٿيو. اهو ٺيڪ ٿيو هو، ان جو سبب هي آهي ته 1985ع کان وٺي سنڌ آبپاشي کاتي تي ٺيڪيدارن، ڪنسلٽنٽس ۽ انجنيئرن جي مافيا قابض آهن. ڀلا مافيا کان ٻئي کهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. پر فڪر ڪرڻو آهي ته ائين نه ٿئي جو ”ٻڏي جا ٻيٽا“ ٻوڏ جي ستايلن بجاءِ انهي مافيا لاءِ ٿين ۽ جنهن انداز ۾ کاتي جي آفيسرن جي نااهلي تي پردو رکيو پيو وڃي. ائين لڳي ٿو ته وري به مزا مافيا جا ٿيندا ائين نه ٿيڻ گهرجي. بلڪ ڪرڻ نه ڏنو وڃي. انهيءَ لاءِ سنڌ جي هر سڄاڻ، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ کپي. ٻي صورت ۾ سنڌ کي هٽرادو سوناميون ڪٿي گم نه ڪري ڇڏين.

# خيرپور ناٿن شاهه:
## ٻوڏ ۾ ٻڏل هڪ لاوارث شهر جي دردڪٿا

سهيل ميمڻ

آهي ڪو والي وارث خيرپور ناٿن شاهه جو!؟ اسان اها فقيري صدا ان لاءِ هڻڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون جو اسان جو رومانوي شهر ناٿن شاهه جي خيرپور، گذريل ٻاويهه ڏينهن کان اٺ کان ڏهه فٽ پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي ۽ هاڻي ته ان شهر جا گهر پورا پورا ٿي جهرڻ شروع ٿيا آهن. پر ان شهر جي بچائڻ لاءِ بحاليءَ لاءِ ڪٿان ڪا صدا ٻڌڻ ۾ نٿي اچي. ناٿن شاهه جي خيرپور شهر جو معاملو سڄي سنڌ کان جدا ان ڪري آهي، جو اهو شهر لڳ ڀڳ هڪ مهيني کان ڊنڊ بڻيل آهي. پر ان لاءِ ڪنهن آفيسر، وزير، وزيراعليٰ، وزيراعظم يا صدر تائين ڪنهن هڪ لفظ به نه ڪڍيو آهي ته ٻيلي شهر ڪهڙي مهيني، ڪهڙي تاريخ يا گهٽي مدي تائين ڊنڊ بڻيل رهندو. جنهن کان پوءِ ان کي بحال ڪنداسين ڪو ته وقت، ٽائيم ٽيبل ٻڌايو. ڪو ته پلان ٻڌايو ته فلاڻي ڏينهن کان ڪم شروع ٿيندو پاڻي نيڪال ڪرڻ جو ڪو ته اعلان ڪيو. سڪٽو اعلان ئي ڪٿي ڪيو. ٻڌايو ته سهي ته اهو پاڻي ڪڍهن، ڪيئن، ڪيستائين ۽ ڪهڙي پاسي ڪهڙي طريقي سان ڪڍبو. هرويرو ئي سهي ڪي اين شاهه جي علائقي ۾ ڪا ته ڪاموڪي چرپر، ڪا مشين جي هلچل، ڪو ڪوڙو ئي سهي، پر واعدو ته ڪيو، سنڌ جي هن سڀاجهڙي ۽ ٻوڏ ۾ زخمي ٿي جهري پيل، تباهه ٿيل شهر لاءِ هڪ اڌ همدردي ۽ ڏک وارو لفظ ته ڪڍو، ان شهر بابت هي چپ ڇو آهي؟ هي مڪمل بليڪ آئوٽ ڇو آهي؟ ڇا خيرپور ناٿن شاهه، ڪنهن عالمي جنگ ۾ تباهه ٿيل دشمن جو ڪو اهڙو شهر آهي. جنهن جو ذڪر ئي گناهه سمجهيو پيو وڃي.؟

ڪي اين شاهه ۾ بيٺل پاڻي سائو ٿي بدبودار ٿي چڪو آهي. الائي ڪيترا ڍورن جا لاش ان ۾ پيا آهن ۽ ڪجهه انساني لاش پڻ ان ۾ لڙهي پهتا آهن. بيماريون پيدا ٿينديون نه، پر پيدا ٿي چڪيون آهن. شهر جي بجلي بحال آهي ڪو نه، جيڪڏهن آهي به ته ڪنهن لاءِ ۽ ڪٿي، ٽيليفون ته خراب آهي ئي آهي. موبائيل فون جا ٽاور پڻ





ڪم ڪرڻ ڇڏي چڪا آهن. معنيٰ موبائيل فون به بند، ڏهه فوٽ گدلي سائي. بيمارين سان ڀرپور پاڻيءَ واري شهر خيرپور ناٿن شاهه جا اٽڪل 60 سيڪڙو گهر، دڪان ڇپرا گدام پٽ پئجي ويا آهن. جيڪي بچيا آهن. اهي به ڪهڙا بچيا. انهن جا بنياد لڏي، جهري ويا آهن. جر وڌي وڃڻ سبب زمين ۾ مٿانهين وارن ڪجهه گهرن ۾ به فرش مان پاڻي پيو ٽمي، پاڻي نڪرندو ڪڏهن، پاڪستان جي ايوان صدر کان وٺي، دادو جي ڊي سي او ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي مختيارڪار تائين ڪو ٻڙڪ نه پيو ڪڍي، پاڻي نڪرندو به ته، اهي گهر ڪهڙي قابل هوندا. جيڪي بظاهر اجا بيٺل آهن انهن گهرن ۾ خيرپور ناٿن شاهه جا ماڻهو پنهنجي معصوم ٻچڙن سان گڏ، بي خوف ڪيئن ننڊ ڪندا، جن بابت خبر ناهي ته پٽيون ۽ ڇتيون اڄ ڪرن يا سڀاڻي، ٻڌون نه ٿا، ڏنو به آهي ته شهدادڪوٽ وارن مڙسي ڪري شهر جي ٻاهران پاڻي ٽپايو، جوهيءَ وارن به همت ڪئي. ميهڙ ۾ شهر جي ايڊمنسٽريٽر غفار شيخ جون اوجاڳي ۽ هڻ هٽان سبب ڳاڙهيون اکيون مون پاڻ ڏٺيون. ڀان سيد آباد ۾ روشن ٻرڙو، مولا بخش لغاري، بخشل سيهڙو ۽ سندن سٿ جي ڪم ڪار ڀان بچائڻ ۾ وڏو ڪردا رادا ڪيو، سيد جلال محمدو شاهه جي جوهيءَ کان وٺي ڄامشوري تائين ڏينهن رات جي ڪيل محنت جي شاهدي سندس مخالف به ڏين پيا. سائين ادريس راجپوت ڪي ساٿ ڪٽي علائقي جو تفصيلي وزٽ ڪرائي. جلال شاهه جهڙي نموني جتان ماڻهو ڪيرائٽا آهن. انهن کي ڪيرائڻ ۽ ڪين محفوظ هنڌن پهچائڻ ۾ وسان نه گهٽايو ۽ جنهن شهر کي بدن سان بچائٽو آهي. اتي ماڻهو، پئسو، جيڪو شاهه صاحب جو وس پڳو پاڻ ڪيائين. ائين ئي خيرپور ناٿن شاهه جا ماڻهو به ڪن ها، هو به همت وارا ماڻهو آهن. بند ٻڌن ها. مڙسي ڪن ها. پر ڪين حڪمران موقعو ته ڏين ها. ڪي اين شاهه جي ماڻهن لاءِ ٻوڏ جوهيءَ وانگر يا شهدادڪوٽ وانگر آهستي آهستي نه، پر هڪ اوچتي بم جي صورت ۾ ڇڏي وئي. ان وقت انتظامي حڪم تي شهر خالي ڪرڻ واري اعلان کان پوءِ ڇا ماڻهو پنهنجا معصوم ٻار شهر مان ڪڍن ها يا بند ٻڌڻ ڏانهن اچن ها!؟

ٻوڏ سڄي سنڌ کي ڌوڏي ڇڏيو آهي. پر خيرپور ناٿن شاهه سان جهڙو حشر ڪيو ويو آهي. اهڙو ڪنهن سان نه ٿيو آهي. شهيدن جو شهر، شهيدن جو شهر ڇئي. ڇئي تقريرون ڪري ووٽ وٺندڙن خيرپور ناٿن شاهه کي هاڻي فقط انهن چند شهيدن جو نه، پر پوري خيرپور ناٿن شاهه جي مڪمل عوام جو شهيدن جو شهر ڪري ڇڏيو آهي. قومي اسيمبليءَ جو اجلاس هلي رهيو آهي. پر ڪنهن ”معزز ميمبر“ سنڌ جي ڪنهن ميمبر ٻوڏ بابت هاڪاري نه ته ناڪاري ئي سهي. ڪو لفظ به ڪڍيو آهي. خيرپور ناٿن شاهه جي ايم اين اي طلعت مهيسر جي گهٽ ۾ گهٽ قومي اسيمبليءَ ۾ اها صدا ته بلند ٿيڻ گهرجي ته آهي ڪو والي وارث ڪي اين شاهه جو؟ ان شهر جي ايم پي اي عمران لغاريءَ جي ته حالت اها آهي، جو ٻوڏ وقت به هو شهر مان غائب

هو، پر هاڻي جڏهن ان شهر جا لکين ماڻهو دربدر ٿي ڪيمپن ۾ پهتا آهن ته اتي به اهي ماڻهو ان جي شڪل ڏسڻ کان محروم آهن. هو ٻوڏ کي نه روڪي سگهيو. پر ٻي گهر ٽيلن وٽ ته پهچي سگهي ٿو. نه هو پهتو آهي. نه وري اتان جو ايم اين اي طلعت مهيسر ڪي ماڻهن اتي ڏٺو آهي. هي ٻئي نمائنده شايد وري ووٽ وٺڻ مهل ان لاوارث شهر جي ماڻهن ڪي نظر اچن ۽ شهيدن جو واسطو ڏئي هڪ ڀيرو وري شهيدن جي هن شهر جي ماڻهن کان ووٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪن.

خيرپور ناٿن شاهه شهر کي گڏيل قومن کي خاص اسائنمينٽ تحت Adopt ڪرڻ گهرجي. گڏيل قومن وارا دنيا ۾ آفتن ۾ تباهه ٿيل شهرن جا شهرAdopt ڪري انهن جي بحالي لاءِ سڌي ڪارروائي ڪندا آهن. هيءُ هڪڙو شهر نه پر هڪ لک کان مٿي ماڻهن جي پنجاهه سالن جي محنت ۽ پورهيو آهي، جيڪو هن هٽرادو ٻوڏ جي نذر ٿي ويو آهي. ماڻهن پاران مستقبل لاءِ ڪيل پلان، خواب، خواهشون، جذبا، امنگون سڀ تباهه، برباد ٿي ٻوڏ ۾ ڊوبجي ويا آهن. ان ڪري ان شهر جو ڪيس باقي سنڌ جي علائقن کان جدا ۽ منفرد آهي.

جيترو جدا ۽ منفرد ڪي اين شاهه جي تباهيءَ جو قصو ۽ لاوارثي جو مثال آهي. اوترو ئي ان شهر کان لاتعلق بڻيل اسان جي سياسي ۽ سماجي پارٽين جو رويو آهي. لک کان مٿي انسانن جو پڪ سرو شهر، گندي بدبودار پاڻيءَ جي ڍنڍ بڻيل آهي. پر اسان جون قومپرست پارٽيون به ان لاءِ ڪو منظم، مڪمل، اثر انگيز لائحه عمل نه ڏئي سگهيون آهن. ان شهر جي لاءِ ڪا مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال، ڪو شهر جي پاڻي جي نيڪال جي تاريخ ڏيڻ تائين ڪو ڌرڻو، ڪو لانگ مارچ ڪنهن به ڪو اعلان ڇو نه ڪيو آهي؟ اسان جا سياستدان خاص ڪري قومپرست اعلان ته ڪن. اڳواڻي ته ڪن، خيرپور ناٿن شاهي جوان، هزارن جي تعداد ۾ انهن سان گڏ بلڪ اڳيان اڳيان هوندا.

هوڏانهن ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي ٽيم، ڊاڪٽر حليم، ڀٽي، صغير شيخ، ڊاڪٽر لکو مل، روبينا شيخ، هدايت ڀٽو، ثريا مخدوم علي، ميمڻ ۽ سنجي ڪمار ۽ ٻين سنڌ ۾ سيلابي تباهي وارو معاملو جنيوا ۾ اٿارڻ لاءِ سرگرمي شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪي اين شاهه معاملو سنڌن لسٽ ۾ پهرين نمبر تي آهي.





# نئين سنڌ جي تعمير جا خد و خال واضح ٿيڻ گهرجن

## منوج ڪمار

جنگيون، زلزلا، ٻوڏون ۽ ٻيا حادثا قومن جي زندگين ۾ ايندا رهندا آهن. اهي قومن جا امتحان به هوندا آهن ۽ انهن مان قومن جي سگهه ۽ ڪمزورين جي خبر پوندي آهي. انهن فطري ۽ ماڻهن جي آندل آفتن مان ئي پتو پوندو آهي ته ڪا قوم ڪيتري قدر پاڻ تي آيل مصيبتن ڪي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي ۽ ڪيتري قدر انهن مصيبتن اڳيان ڍهي پوي ٿي. يورپ ۾ ٿيل جنگين، فطري آفتن ۽ وبائن يورپ جي سڄي تاريخ تبديل ڪري ڇڏي هئي. انهن آفتن کان پوءِ يورپ جي حڪومتن ۽ سياسي ڌرين پنهنجن نظامن جي جائزو ورتو. انتظامي ڪمزورين تي سوچيو ويچاريو ويو. پنهنجين خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ پاليسيون جوڙيون ويون. آئيندي جي مصيبتن کان بچڻ لاءِ نون ادارن جا بنياد وڌا ويا. اهڙا ميڪنزم جوڙيا ويا. جو جيڪڏهن ڪي ٻيون ۽ اڳ نه آيل آفتون اچن ته به گهٽ ۾ گهٽ انساني مالي ۽ انتظامي نقصان نه ٿئي. هن وقت به يورپ، آمريڪا سميت ٻين سڌريل ملڪن ۾ ماهر مستقبل ۾ ايندڙ چئلينجن جي اڳواٽ سڌ رکڻ لاءِ رڌل هوندا آهن. اهي مسلسل موسمن تي نظر رکندا اچن، انهن موسمن جي تبديليءَ جي نتيجي ۾ پوندڙ اثرن جي اڳڪٿي ڪن ٿا ۽ انهن جي امڪاني منفي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ حل به ڏيندا رهندا آهن. مختلف يونيورسٽين ۾ ماهر انهيءَ تي تحقيق ۾ رڌل آهن ته مستقبل ۾ وبائون ڪهڙيون صورتون اختيار ڪري سگهن ٿيون ۽ انهن وبائن کي ڪيئن منهن ڏبو. ساڳي طرح سياسي ماهر موجود ۽ ايندڙ سياسي منظرنامن جو جائزو وٺندا رهندا آهن ۽ انهيءَ تي به بحث ڪندا رهندا آهن ته انهن مان ڪهڙا تڪرار اڳتي هلي ڪو خطرناڪ رخ وٺندا ۽ انهن جا دنيا تي ڪهڙا اثر پوندا. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته انهن مصيبتن، عذابن ۽ تڪليفن مختلف ملڪن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ انهن جي نتيجي ۾ انهن ملڪن جي نظامن ۾ انقلابي تبديليون آيون. بلڪ انهن ملڪن جي هڪ نئين جوڙجڪ ٿي.

انهيءَ ۾ هاڻ ته ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌ ۾ آيل هن تباهيءَ جي وسعت ۽

گهرائي ايتري آهي. جيتري ڪنهن جنگ ۾ ايندڙ تباهي جي هوندي آهي. هيءَ سموري تباهي اسان جي اجتماعي يادگيريءَ جو هاڻي حصو ٿي وئي آهي ۽ ماڻهو انهيءَ تباهيءَ جا قصا ايندڙ ڪيترن ئي نسلن تائين منتقل ڪندا رهندا. هيءُ ڪا عام تباهي ڪانهي، جنهن کي ايترو جلدي وساري سگهون. هيءَ تباهي اڃا ڪيترائي سال اسان جي شعور کي جهنجهوڙيندي رهندي. هن ٻوڏ جي آندل تباهيءَ جي ڪري اسان وٽ لکين ماڻهن کي پنهنجا اجها ڇڏي دربدر ٿيڻو پيو. اسان جي آبپاشي ۽ رابطن جي نظامن کي ايترو نقصان پهتو آهي جنهن جو پورائو شايد سالن ۾ به نه ٿي سگهي. اسان وٽ زرعي شعبي ۾ نديڙن آبادگارن جو گڏيل طور تي اربين رپين جو نقصان ٿيو ۽ اهي سالن تائين پٺتي پئجي ويا. زرعي شعبي ۾ ئي لکين ماڻهو معاشي طور تي بيدخل ٿي ويا ۽ في الحال بيروزگاري کي منهن ڏئي رهيا آهن. مالوند ماڻهن جو چوپايو مال يا ته ٻڏ جي پاڻي ۾ لڙهي ويو يا ڪين پنهنجو مال مويشي صفا گهٽ اگهه تي وڪڻي لڏ پلاڻ ڪرڻي پئي.ا سان وٽ آهستي آهستي پير ڄمائيندڙ واپارين جي اربين رپين جي ڪيل سيڙپ ۽ موڙيءَ جي واپسيءَ جو ڪو ٿورو ئي امڪان آهي. اسان جي نديڙن نديڙن شهرن ۾ موجود ننڍي ۽ وچولي سطح جي دڪاندارن جون سالن جون ڪمايون چٽ ٿي ويون آهن ۽ هاڻ ڪين نئين سر شروعات ڪرڻي پوندي. نوڪري پيشه ماڻهن جون بچتون تاراج ٿي ويون سالن جي پورهين کان پوءِ جوڙيل ماڻهن جا گهر پٽ پئجي ويا آهن. جن ماڻهن ڪڏهن سوچيو به ڪو نه هو. تن کي بکون، بيماريون ۽ لاچاريون ڏسڻيون پيون. سنڌ جي هڪ تمام وڏي علائقي ۾ صدين کان رهندڙ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن کي بي يقيني ۽ خوف جي اذيتن مان گذرڻو پيو. جن کي پنهنجي محفوظ هئڻ جو ڀرم هو، انهن جو اهو ڀرم ٽٽي پيو جن کي پنهنجي خوشحال هئڻ جي پڪ هئي. اها پڪ ختم ٿي وئي. جن کي پنهنجون پاڙون پختيون هئڻ جو يقين هو. سو يقين شڪ ۾ تبديل ٿي ويون. ماڻهن کي ڀهريون ڀيرو ائين لڳو ته ڪنهن سان ڪٿي به ڪهڙو به حادثو پيش اچي سگهي ٿو ۽ ڪنهن کي به لائوڊ اسپيڪر جي هڪڙي اعلان تي سڀ ڪجهه ڇڏي نڪرڻو پئجي سگهي ٿو. پر سوال اهو آهي ته هي جو اسان وٽ هيڏي وڏي آفت آئي آهي. ڇا اها آفت اسان جي حڪومتي حلقن، سڄاڻ ماڻهن ساڃهه وند ڌرين، سيسي ۽ سماجي تنظيمن کي انهيءَ تي مجبور ڪندا ته اسان به سنجيدگي سان پنهنجو جائزو وٺون ۽ پنهنجين ڪمزورين جي نشاندهي ڪريون؟ هاڻ جڏهن پاڻي آهستي آهستي پنهنجو ڏگ وٺندي. پنهنجي فطري آماجگاهه ڏانهن وڃي رهيو آهي، هاڻ جڏهن پنهنجن گهرن کي ڇڏي خانه بدوشي جي زندگي گذاريندڙ ماڻهو ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽي رهيا آهن. هاڻ جڏهن واپاري دڪان کولي پنهنجي ٿيل نقصان جو اندازو لڳائي رهيا آهن هاڻ جڏهن آبادگار پنهنجين ٻنين تي وڃي اهو ڏسي رهيا آهن ته هاڻ ڇا ڪجي؟ ته هاڻ اهو وقت به اچي ويو آهي ته اسان





مٿا جوڙي ويهون ۽ اهو ويچار ڪريون ته اسان وٽ آهي ڪهڙيون ڪچايون هيون، جن جي ڪري اسان کي هن هيڏي اذيت جو منهن ڏسڻو پيو. هاڻ اسان کي اهو به سوچڻو پوندو ته اهي ڪهڙا سبب هئا. جو هيڏي وڏي تعداد ۾ اسان جي ماڻهن کي دربدر ٿيڻو پيو. اسان کي انهيءَ تي به غور ڪرڻو پوندو ته اخر اسان وٽ اها ڪهڙي ڪمي رهجي وئي. جو ايترو وڏو نقصان سهڻو پيو. انهن سببن جو جائزو وٺڻو پوندو.ا سان جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن کي انهيءَ تي مٿا ڪٽ ڪرڻي پوندي ته جيئن اهو معلوم ٿي سگهي ته اسان ۾ اهي ڪهڙيون ڪوتاهيون هيون. جن جي ڪري اسان جي ماڻهن کي هي سڀ مصيبتون برداشت ڪرڻيون پيون. جيستائين اسان انهيءَ جو جائزو نه وٺنداسين. تيستائين انهن مسئلن جو ڪو پائيدار حل به نڪري نه سگهندو. اسان وٽ هن وقت هڪ ڳالهه سيني جي وات ۾ آهي ۽ اها آهي هڪ نئين سنڌ جي تعمير،ا سان وٽ هر شئي ڊهي پٽ پئجي چڪي آهي. آئون سمجهان ٿو ته بلڪل هيءُ ئي اهو وقت آهي. جو اسان هڪ نئين سنڌ جي تعمير جو خواب ڏسي سگهون ٿا. پرا سان لاءِ نئين سنڌ جي تعمير بس هڪڙو خواب نه هئڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ اسان کي باقاعده تياري ڪرڻي پوندي. اسان کي نئين سنڌ جي تعمير جا نقشا ٺاهڻا پوندا اسان کي نئين سنڌ جي تعمير جا خد و خال واضح ڪرڻا پوندا. اسان کي انهيءَ جي اڳواٽ منصوبابندي ڪرڻي پوندي ته نئين سنڌ جي انتظامي جوڙجڪ ڪهڙي هوندي. اسان کي اهو به سوچڻو پوندو ته نئين سنڌ لاءِ ڪهڙا نوان ادارا ٺاهڻا پوندا. اسان کي انهيءَ تي به متفق ٿيڻو پوندو ته نئين سنڌ جي رهواسين جا سياسي ۽ سماجي رويا ڪهڙا هوندا. بلڪ نئين سنڌ لاءِ اسان کي نوان سماجي معاهدا ڪرڻا پوندا. اسان جي ادارن ۽ اسان جي شهرين جي وچ ۾ نوان رشتا جوڙڻا پوندا. اسان کي نئين سنڌ لاءِ نوان معاشي نظام ڪپندا. اسان کي انهيءَ لاءِ نوان قانون ڪپندا. نوان اصول ڪپندا ۽ نئين اخلاقيات ۽ نئون فڪر ڪپندو.

نئين سنڌ جي تعمير لاءِ اسان کي ٻين جو انتظار ڪرڻ نه گهرجي. اسان کي ان لاءِ هڪ نئين بحث جي شروعات ڪرڻ گهرجي. پر اهو بحث فقط بحث نه هئڻ گهرجي. انهيءَ مان ڪي ٺوس نتيجا به اچڻ گهرجن. انهن نتيجن مان ڪي منصوبا جڙڻ گهرجن. انهن منصوبن تي عمل ٿيڻ گهرجي. ۽ انهن منصوبن جا مثبت اثر ماڻهن تائين پهچڻ گهرجن. اهو جلد کان جلد ٿيڻ گهرجي ته جيئن اسان جي ايندڙ نسل کي اهي عذاب نه ڀوڳڻا پون. جيڪي اسان جي هن نسل ڀوڳيا آهن.

# هيءَ مها ٻوڏ قدرتي آهي يا هٿرادو؟

رسول بخش پليجو

99 سيڪڙو ماڻهو ڪالاباغ ڊيم جا حمايتي ٿي ويا آهن.“ ها آهي پنجاب جي شائونسٽ ذهنيت رکندڙ اسٽيبلشمينٽ جي ترجمان هڪ روزاني انگريزي اخبار جي گذريل عيد جي ڏينهن واري پرچي جي فاتحانہ شاهہ سرخي.

مهيني کن کان اها اخبار روزانو هڪڙي مخصوص ڪالم ۾ ڪالاباغ ڊيم جا ڳڻ ڳائيندي، ان کي سڄي پاڪستان جي سمورن دردن جو درمان مشهور ڪندي ان جي مخالفت ڪندڙ سنڌين ۽ ٻين ماڻهن کي قومي ڏوهي ۽ مجرم ٺهرائيندي، ان کي زوريءَ نہ ٺهرائيندڙ حاڪمن کي پاڪستان جو غدار ۽ سياسي بزدل ثابت ڪندي رهي آهي ۽ روزانو عام راءِ وٺڻ جو اشتهار هلائيندي رهي آهي. هاڻ گذريل عيد جي سڀوري ڏينهن تي اهو اعلان ڪري خوشخبري ٻڌائي اٿس تہ پاڪستان جا 99 سيڪڙو ماڻهو ڪالاباغ ڊيم جا پرجوش حامي آهن. ان کان سنت پوءِ پنجاب جي پ پ واري محترم گورنر صاحب ساڳيو مطالبو ڪيو آهي ۽ تازو خود محترم وزيراعظم چيو هو تہ ڪيس ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪو بہ اعتراض ڪونهي. پ پ پنجاب جي پارليامينٽري سيڪريٽري فائزه ملڪ چيو آهي تہ پ پ ئي قوم کي ڪالاباغ ڊيم جو تحفو ڏيندي، البتہ وزيراعظم ٿورڙو بيان ڦيرايو آهي تہ ڪالاباغ ڊيم ٺهي ضرور، پر ٻين صوبن جي صلاح سان ٺهي، پنجاب جي لاڪيٽي پ پ گورنر جناب تاثير صاحب وري چيو آهي تہ جيئن هيترا سارا ٻيا (سنڌ دشمن) ڪم ٺاهہ ڪري ٺاهيا ويا آهن، (جهروڪ ون يونٽ، گريٽر ٿل ڪئنال وغيره) تہ پوءِ هي ”قومي“ ڪم ڏرين جي ٺاهہ سان ڇو نٿو ٿي سگهي؟ مطلب ڳالهہ جو تہ اڳيئي هٿرادو پاڻيءَ جي ڪوٽ زريعي سنڌ کي ويران ڪري ڇڏيو اٿئون، مٿان هن مها ٻوڏ سنڌ کي ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو آهي. موقعو آهي جلدي ڪريو فورن ڪالاباغ ڊيم ٺاهي سنڌ کي صفا رڻ پٽ بنائي ڇڏيو ۽ سنڌي قوم کي ڪوچڙا ۽ کهيري بنائي تاريخ جي صفحن تان ميسارڻ ۾ دير نہ ڪريو.

Sindhica Academy



مطلب تہ ان خير جي (سنڌ کي رڻ پٽ بنائڻ جي) قومي ڪم ۾ سنڌي قوم خلاف هر سازش ۽ ڏوهہ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ترت تيار بلڪ ٻي چيني سنڌي پوتارن کي بہ شريڪ ڪجي تہ بهتر تہ جيئن سپاٽي سنڌي اها گهوڙا گهوڙا بہ نہ ڪري سگهن تہ جيئن 1859ع کان وٺي گذريل ڏيڍ سئو سالن کان سنڌ جي حقن ۽ پاڻيءَ سميت سمورن وسيلن تي داداگيري سان ڌاڙا هڻندا آيا آهن تيئن هي سنڌ کي نسورو رڻ پٽ بنائڻ جو ڪم بہ ڪو سنڌ خلاف زبردستيءَ ٿيو آهي. ٻئي طرف جتان غضبناڪ احتجاج جون صدائون، زبردست ترديدون، مظاهرا، جلسا، جلوس ڪري سڄي ڌرتي تپائي ٿامو ڪري ڇڏڻ گهرجي. اتي اها خوفناڪ چپ ۽ موتمار ماٺ آهي، جنهن جي پڙاڏن کي سڄي سنڌ، سڄي پاڪستان بلڪ سڄي دنيا جي حقيقتن کان آگاهہ انصاف پسند ماڻهن جي ڪنن مان نڪاءَ ڪڍي ڇڏڻ گهرجن. سنڌ جو وزير اعليٰ خاموش آهي. صوبائي ڪئبنيٽ خاموش آهي ۽ سنڌ صوبائي اسيمبلي خاموش آهي. مجموعي طور سنڌ جا گهٽگهرا، اديب، اهل قلم، اڪثر صحافي، دانشور، مفڪر، نام نهاد پاڻيءَ جا ماهر خاموش آهن. وڪيل، ڊاڪٽر، ميمبر، ناظم، پير، مير، سردار خاموش آهن. سنڌ خاموش اهي. ڪٿان بہ ڪو سرٻاٽ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ پيو اچي تہ ڪو سنڌ ڪالاباغ ڊيم نهڻ جي خلاف آهي ۽ هرگز ڪا نہ نهڻ ڏيندي. هي جو ڪالاباغ ڊيم جي گهوڙا گهوڙا پئي پوي، سو سوال آهي تہ ڇا واقعي بہ اهو سچ آهي تہ سنڌ ۾ مها ٻوڏ ڪالاباغ ڊيم نہ نهڻ ڪري آئي آهي؟ ان سلسلي ۾ هيٺين سوالن جا ڪهڙا جواب آهن؟

(1) سنڌو درياهہ ۾ آيل ٻوڏ دوران پنجاب جي پنجن ندين ۾ ٻوڏ ڇو نہ آئي (2) افغانستان، هندستان، چين ۽ پاڪستان ڏانهن ايندڙ نديون هڪ گليشيئر مان نڪرن ٿيون تہ پوءِ سنڌ درياهہ ڪانسواءِ ٻيو ندين ۾ پاڻي ڇو ڪو نہ ويو. رڳو سنڌو درياهہ واري ڪيچ مينٽ ۾ برساتن جو وسڪارو ڇو ٿيو؟ (3) ڪابل نديءَ ۾ تہ ٻوڏ آئي، پر افغانستان ۾ برساتن نقصان ڇو ڪو نہ ڪيو؟ (4) ڪابل نديءَ تي قائم سرياب ڊيم ڇو خالي ڪيو ويو؟ پاڪستان جا ٻيا ڊيم ڇو نہ وقت سر ساڳي ريت خالي ڪيا ويا؟ (5) ٻوڏ دوران پاڪستان جا چشما- جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسا- پنجند لنڪ ڪئنال جيڪي خاص هھڙي قسم جي ٻوڏ جو پاڻي ڇڪڻ ۽ ٻوڏ کي ختم ڪرڻ لاءِ بنايا ويا هئا، اهي هوندئن تہ ڪليل هئا ۽ عين ٻوڏ وقت ڇو بند ڪيا ويا؟ (6) پاڪستان جي ڊيمن ۾ منگلا، تربيلا وغيره ۾ پاڻي ٻوڏ دوران ذخيرو ڇو نہ ڪيو ويو، ڇو اهي اڳواٽ پري تار ڪري ڇڏيا ويا تہ سنڌ مٿان ڪڙڪايل ٻوڏ جو ڍڪ پاڻيءَ جو بہ زيان نہ ٿئي ۽ سنڌ کي ٻوڙڻ جي ئي ڪم اچي؟ (7) ٻوڏ دوران پنجاب جا سمورا ڪئنال ۽ بئراجون ڇو بند ڪيون ويون؟

زميني حقيقتن جي ڄاڻ رکڻ جا دعويدار ماڻهو وڏيڪ اهو بہ پڇن ٿا تہ (8) سنڌ ۽ سنڌو درياهہ جي ڪاٻي ڪپ تي سانگهڙ ضلعي ۾ واقع ڊنڊون ڇو ٻوڏ دوران نہ

www.sindhsalamat.com

پريون ويون؟ (9) سنڌو درياهه جي ڪابي ڪپ طرف علي واهڻ ڪان ڇو ڪٽ نه هنيو ويو؟ ان طرف پاڻي موڪلڻ سان زرعي نقصان به گهٽ ٿئي ها ۽ ماڻهو به متاثر تمام گهٽ ٿين ها. اهو پاڻي ٿرپارڪر هليو وڃي ها يا ڪوٽڏيجي وارن پهاڙن ۾ واريءَ جي پٽن ۾ بيهي ها، جتان جمڙائون ڪئنال ۽ هاڪڙي ذريعي اهو پاڻي ٿرپارڪر موڪليو وڃي ها. (10) ريٽي ڪئنال وارو قدرتي گس جيڪڏهن پاڻيءَ کي ڏيارجي ها ته گهوٽڪي ضلعي جو مٿيون پاسو وني پاڻي اچڙي ٿر ۾ وڃي ها، جتي اسان جو نه جاني نقصان ٿئي ها ۽ نه مالي نقصان ٿئي ها. ائين ڇو نه ڪيو ويو؟ (11) ڇا اها تباهي آندي ئي ان ڪري وئي آهي ته جيئن ڪالاباغ ڊيم لاءِ آسانيءَ سان راهه هموار ڪري سگهجي؟ (12) سنڌو درياهه جي ساڄي پاسي غير فطري ڪٽ هڻي جيڪو 7 ضلعن کي تباهه ڪيو ويو ته جيئن هڪ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿين ۽ ڊيم ٺاهڻ تي راضي ٿين. ڇاڪاڻ ته ڪابي پاسي ڪٽ هڻن سان مشڪل سان (5) لک ماڻهو متاثر ٿين ها. (13) سکر بئراج جا 13 دروازا بند ڪرڻ پٺيان ڪهڙو راز آهي؟ 15 لک ڪيوسڪ پاڻي لنگهائڻ واري سکر بئراج کي ڇو ري ماڊلنگ ڪري ان جي گنجائش تمام گهٽي گهٽائي 9 لک ڪيوسڪ ڪئي وئي. ان پويان ڪنهن جو ۽ ڪهڙو هٿ آهي؟ (14) سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ وڏيرن جون زمينون ۽ بند ڪيئن قائم ڪرڻ ڏنا ويا؟ (15) ڪچي مان ٻيلن مان ڇو وڻ وڍڻ ڏنا ويا؟ (16) سالن ڪان بندن جي مرمت ڇو نه ڪئي وئي. انهن کي ائين ڇو لاوارث ڇڏيو ويو؟ (17) ايم اين وي ڊرين جا بند ڇو مضبوط نه ڪيا ويا؟ (18) منڇر ڍنڍ کي ٻوڏ اچڻ جي اطلاع باوجود ڇو وقت سر اڳواٽ ئي خالي نه ڪيو ويو؟ (19) مون بندن جو معائنو ڪندي پنهنجي اکين سان ڏٺو ته حيدرآباد ۾ بند جي قاسم آباد واري حصي تي بند تي پٿر رکيا هئا. پر هيٺ بند جي بچاءَ لاءِ ڪجهه به ڪو نه پئي ٿيو، پر ان جي برعڪس لطيف آباد واري حصي تي ڏڙا ڏڙا گاڏيون بجري، پٿر ڪٽي آيون ويون پئي، بچاءَ بند کي مضبوط ڪرڻ جو ڪم زور شور سان پئي ٿيو.

ساڳي حالت سجاول جي بند سورجاڻي وغيره جي هئي. بند تي پٿر ۽ بجري رکيل هئا. پر بچاءَ بند جو ڪم ڪو به ڪو نه پئي ٿيو، ائين ڪنهن ۽ ڪهڙي سبب ٿي ڪيو؟ نيت ڇا هين؟ (20) قمبر-شهدادڪوٽ ڪان وٺي دادو ضلعي تائين ايف پي بند کي ڇو مضبوط نه ڪيو ويو؟ (21) سپريو بند ڇا لاءِ ڪمزور رهيو؟ آر بي او ڊي، حمل ڍنڍ ۽ منڇر ڍنڍ وارن بندن جو ڪهڙن ادارن جي نگراني ۾ ڪم هلندڙ آهي؟ اهي واپڊا جي حوالي ڇو ڪيا ويا؟ (22) چيو وڃي ٿو ته 1953ع ۾ ايوب خان جي دور ۾ ٺهيل گڊو بئراج جي وهڪرن ۾ ٻوڏ جي وقت ۾ پاڻي کي نيڪال ڏيڻ لاءِ علي واهڻ وٽ ايگزٽ ڊور رکيو ويو هو ۽ بند جي پريان هڪ مخصوص پٽي ان مقصد لاءِ رکي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ان پٽيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا به آبادڪاري يا ڪو به ادارو قائم نه ڪيو ويندو، جيئن پاڻي اچڻ جي صورت ۾ نقصان ڪان بچي سگهجي.





پر پوءِ جي سياسي حڪومتن مصلحت پسندي، اقتدار پرستي وارن قبضا گروپ، بااثر ماڻهن انهن علائقن ۾ قبضا ڪري آبادڪاريون، فئڪٽريون ۽ زمينون زراعت لاءِ حاصل ڪيون، جنهن ۾ هن وقت لکين ماڻهو سوين هزارين ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. هڪ رپورٽ موجب علي واهڻ کي ڪٽ ڏيڻ واري فيصلي ۾ اهي مٿيون بااثر ڏريون رڪاوٽ بڻيون آهن. هڪ ٻئي رپورٽ موجب ڪنهن بااثر جي فئڪٽرين ۾ اربين رپين جي ڪنڊ ۽ ڪٽڪ رکيل آهي. تن کي به بچايو ويو. (24) ڪي ته اها به دعويٰ ٿا ڪن ته جيتري وڏي تباهي ايندي اوتري وڏي نئين سر تعمير جي ضرورت پوندي ۽ واسطيدار اختياريءَ وارن کي اوتري اٿاهه ڪمائي ٿيندي ۽ سڄا سون ٿي ويندا. (24) ائين ته ناهي ته ٻين ڳالهين سان گڏ ڪنهن بلڪل نئين ۽ جديد ترين سائنسي ٽيڪنالاجي کي ڪم آڻي هي هٽرادو ٻوڏ آندي وئي آهي. (25) ڇا دنيا ۾ ڪا اهڙي ٽيڪنالاجي وجود ۾ آيل آهي. جنهن جي ذريعي قدرتي موسم کي ڪنٽرول ڪري ان کي پنهنجي هٿ وس بنائي، جتي وڻي اتي ڏڪار، ٻوڏ، طوفان وغيره آڻي سگهجن؟ سائنس انساني عقل ۽ دماغ جي ٻين پئدائشن وانگر نه قطعي نيڪ آهي نه بد آهي. ان کي جيڏانهن ڇڪبو ٽيڏانهن ويندي، موتمار هٿيارن جي معاملي ۾ به سائنس ڪان جيڪو ڪم ورتجي ٿو. اهو ڏي ٿي. قديم زماني ڪان جنگ تلوارن، ڀالن، نيزن سان ٿيندي هئي. شايد يارهين ٻارهين صديءَ ۾ چينين بارود ايجاد ڪيو. جنهن ڪان ٻي دنيا اهو فن سکيو. هاڻي لڙايون بندوقن ۽ توبن سان ٿيڻ لڳيون. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنن راڪيٽ ايجاد ڪرڻ ۽ ائٽمي قوتن کي ڪتب آڻڻ جو ڪم شروع ڪيو، پر ان ڪم جي مڪمل ٿيڻ ڪان اڳ ئي جنگ ختم ٿي وئي ۽ آمريڪين اها ائٽمي ۽ راڪيٽ ٽيڪنالاجي جرمن سائنسدانن ڪن سکي 1945ع ۾ دنيا کي ڊيڄارڻ لاءِ بنا ڪنهن خاص ضرورت جي جپان جي شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽم بم هڻي ائٽمي هٿيارن جو دور شروع ڪيو.

رڳو ننڍڙي ۽ پٽڪڙي اسرائيل وٽ 200 ائٽم بم آهن. جن سان اهو عرب دنيا جو ساهه سڪايو ويٺو آهي. ان ڪان پوءِ به موتمار هٿيارن جي تلاش ۽ کوجنا بند ڪو نه ٿي ۽ اڳي ڪان اڳري آهي. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته هن وقت آمريڪا ۾ موسمي هٿيار مڪمل ٿي چڪا آهن. جن جي ذريعي اها جتي چاهي اتي خلا کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري، جتي وڻيس اتي ٻوڏون، ڏڪار، طوفان آڻي دنيا کي تباهه ۽ برباد ڪري سگهي ٿي. ان باري ۾ ڪافي اطلاع ۽ احوال موجود آهن. في الحال ڏسو روزاني دي نيشن جي 21 سيپٽمبر واري پرچي ۾ اي آر جيرل A.R.Jerral جو سائنسي مقالو (Haarp The American WMD)آمريڪا جو دنيا جي خلق کي تباهه ڪرڻ جو هٿيار.

ٻي صحبت ۾ اسين ان خطرناڪ موسمي هٿيار تي ڪجهه تفصلي روشني وجهنداسين.

# ٻڏل سنڌ جي نقصان جو ڪاٿو ۽ زميني اپٽ

محمد ادريس راجپوت

شاعر ڪنهن بہ معاشري جو اهو ماڻهو ٿئي ٿو، جيڪو تمام گهڻو حساس ٿئي ٿو. ان وٽ شين کي ڏسڻ جي نظر تمام ڳوڙهي ٿئي ٿي. شين کي تمام غور ۽ گهري نظر سان ڏسڻ کان پوءِ انهن جو اثر پاڻ تي طاري ڪندو آهي ۽ انهن اثرن جو اظهار پنهنجي شعرن ذريعي ڪري ٿو، اهو اظهار اندرين ڪيفيت ۽ محسوسات جي نتيجي ۾ نڪري ٿو، تنهنڪري تمام گهڻو اثرائتو ٿئي ٿو. جڏهن شاعر تي اها ڪيفيت طاري ٿئي ٿي تہ شعر مٿان شعر نڪرن ٿا، جنهن کي ”آمد آمد“ چئجي ٿو، پر جڏهن اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي تہ ڪيترا ڏينهن اهڙا گذري وڃن ٿا، جو هڪ شعر بہ نٿو نڪري.

جڏهن چنگيز خان هٿان بغداد ۾ عباسين جي حڪومت ختم ٿي ۽ هن بغداد ۾ ماڻهن جو ڪوس ڪرايو تہ ايران جي بلبل شيراز يعني شيخ سعدي پنهنجي شعرن ذريعي انهيءَ ظلم، بربريت ۽ بربادي جو نقشو چٽيو. جڏهن انگريزن هٿان هندستان جي مغل سلطنت ختم ٿي ۽ دلي شهر ۾ ڪوس ڪرايو ويو تہ شاعر داغ دهلوي انهيءَ بربادي جو ٿر پاڻ تي طاري ڪري پنهنجي شعرن ذريعي دنيا کي اهو ظلم ڏيکاريو. اندلس ۾ جڏهن غرناط شهر ۾ ڪوس ٿيو ۽ اهو شهر برباد ٿيو تہ اندلس جي شاعر ابن بوزون انهيءَ بربادي جو نقشو پنهنجي شعرن ذريعي دنيا کي ڏيکاريو. هن سال سنڌو ۾ آيل ٻوڏ جي ڪري پيل ڪندن جي پاڻي سنڌ ۾ جيڪا تباهي آندي آهي. تنهن شاعرن تہ ڇا هر ڪنهن طبقي جي ماڻهن کي ڌهڪائي ڇڏيو آهي. انهيءَ صورتحال کي ماڻهن سامهون آڻڻ ۾ ٽيليويزن وارن جيڪو رول ادا ڪيو آهي. تنهن شاعرن ۽ اديبن کي مات ڪري ڇڏيو آهي. خاص طرح کي ٽي اين وارن، تہ انهيءَ صورتحال جي لائيو ڪوريج ڪري حد ڪري ڇڏي آهي. مان سچ ٿو ٻڌايان تہ جڏهن مون هڪ ننڍڙي ڇوڪري، جنهن جي ماءُ گذاري وئي هئي. پيءُ هيپاٽئيٽس جو مريض هو، ٽي يا چار ننڍا ڀائر هئا ۽ ٻوڏ ڪري هو بي گهر ٿيل هئي، روئيندي کي ٽي اين ٽي ان جو نعت ٻڌو تہ مان روئي ويٺس ۽ ڪيترو وقت طبيعت خراب رهي. اهڙا ڪيترا منظر





هئا. جن هر دردمند ماڻهو کي رئاري ڇڏيو هو.

پر مان هڪ شاعر نہ آهيان. هڪ انجنيئر آهيان، في الحال انهن بدحال ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي مدد حڪمت ۽ ٻيا ڪيترا فلاحي ادارا ڪري رهيا آهن. جيڪا ناڪافي آهي. اهو ڏکيو وقت الله ڪندو گذري ويندو. مان انهن کي ٻيهر پنهنجن پيرن تي بيٺل ڏسڻ چاهيان ٿو، اهي ٻيهر پنهنجن ماڳن ڏي موٽن، ٻيهر پنهنجي روزگار کي لڳن. ٻيهر ڪيمپن جي مرچ وارن پاروٽن چانورن بدران اڇا چانور کير سان کائن ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن اهي ٻيهر پوکي ڪندا. پر اهو ڪڏهن ممڪن ٿي سگهندو، اچو تہ ان جو جائزو وٺون.

هن سال مها ٻوڏ ڪري سنڌ ۾ ڇئن هنڌن تي ڪنڊ پيا. پهريون 7 آگسٽ تي ٽوڙي بند کي، ٻيو گڊو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند کي 8 آگسٽ تي، ٽيون مولچند شاهہ بندر کي ڪوٽ آلمو وٽ 24 ۽ 25 آگسٽ جي وچين رات ۾ ۽ چوٿون پنا-بگهار بند کي ٺٽي شهر سامهون 25 ۽ 26 آگسٽ جي وچين رات ۾ اطلاعن مطابق پنا- بگهار وارو گهارو هلندي پاڻيءَ ۾ بند ڪيو ويو. ليفٽ مارجينل بند وارو گهارو بہ پاڻي لهڻ کان پوءِ بند ڪيو ويو. مولچند شاهہ بندر وارو گهارو وزير آبپاشي سيف الله ڌاريجي مطابق 24 سيپٽمبر تي بند ڪيو ويو ۽ ٽوڙي وارو گهارو بہ ڏينهن ٻن ۾ بند ٿي ويندو.

## گهارن ڪري ڪهڙا ضلعا ۽ نظام متاثر ٿيا؟

گڊو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند کي لڳل گهاري ڪري سنڌ جي ڪا ايراضي متاثر نہ ٿي، انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪا ايراضي نہ ٻڏي، نہ وري اتي سنڌ جو ڪو واهہ آهي، اتي پنگ واري هڪ مشهور مسجد هئي. جنهن جي چئوطرف پاڻي اچي ويو. مون بہ اها مسجد ڏٺي آهي. ۽ اهڙي سهڻي مسجد اڃا تائين نہ ڏٺي آهي. انهيءَ ڪنڊ واري ٻڏل ايراضي کي پنجاب وارا ڏسن پيا.

ٽوڙي واري ڪنڊ ڪري سنڌ جا 8 ضلعا متاثر ٿيا، اهي آهن ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻو، قمبر-شهدادڪوٽ، دادو ۽ ڄامشورو، جيڪو نهري نظام متاثر ٿيو، سو آهي بيگاري سنڌ فيڊر، اين ڊبليو ڪينال، رائيس ڪنال ۽ دادو ڪينال، سنڌ جي ڊيزرٽ ڪينال جنهن کي عام طرح شاهي واهہ“ سڏيو وڃي ٿو ۽ کير ٿر ڪينال تي رکيل بلوچستان جي ايراضي بہ متاثر ٿي آهي. وري نور واهہ کي ڏنل ڪندن ڪري بلوچستان جو جعفر آباد شهر ۽ ٻيا ڪيترا علائقا ٻڏا آهن.

مولچند شاهہ بندر جي 34 ميل 4 فرلانگ تي لڳل ڪنڊ ڪري ٺٽي ضلعي جا ٺٽو ۽ جاتي تعلقا متاثر ٿيا آهن. انهيءَ ڪنڊ کان هيٺ ۽ پرپاسي ۾ پنجاري ڪئنال جي هيٺين ايراضي متاثر ٿي آهي. پنا-بگهاربند کي لڳل ڪنڊ ڪري ٺٽي ضلعي جو

تعلقو نئو متاثر ٿيو آهي ۽ نهري نظام ڪلري بگهار فيڊر لوئر متاثر ٿيو آهي. هلندي پاڻيءَ ۾ ڪنڊ بند ٽٽڻ ڪري ڪو گهڻو نقصان نہ ٿيو آهي.

## گهاري ڪري گهٽي ايراضي ٻڏي آهي؟

سروي ڪرڻ ڪانسواءِ اهو ٻڌائڻ ڏکيو آهي تہ اصل ڪيتري ايراضي ٻڏل آهي. انهيءَ سرويءَ ۾ وقت لڳندو. پر ٿلهي ليکي ڪاٿو لڳايو ويو آهي. بيگاري سنڌ فيڊر جي ساڍا است لک ايڪڙ ايراضي ٻڏي آهي. جڏهن تہ ان تي ڪل آبادي لائق ايراضي ڏهہ لک ايڪڙ آهي، معنيٰ تہ 75 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. نارٿ ويسٽ ڪئنال تي ٻہ لک ايراضي ٻڏي وئي آهي. جڏهن تہ آباديءَ لائق ايراضي نوَ لک 65 هزار ايڪڙ آهي. معنيٰ اٽڪل 20 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. رائيس ڪئنال تي اٽڪل اڍائي لک ايراضي ٻڏي وئي آهي. جڏهن تہ ان ڪئنال تي آبادي لائق ايراضي پنج لک 20 هزار ايڪڙ آهي. معنيٰ تہ ٽڪل 20 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. دادو ڪئنال تي اٽڪل ساڍا ٽي لک ايراضي ٻڏي وئي آهي. جڏهن تہ ان ڪئنال تي آبادي لائق ايراضي پنج لک 50 هزار ايڪڙ آهي. معنيٰ تہ ٽڪل 64 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. پنجاري ڪينال تي اٽڪل ست لک ايراضي ٻڏي وئي آهي. جڏهن تہ ان تي ڪُل آبادي لائق ايراضي ست لک 86 هزار ايڪڙ آهي. معنيٰ تہ اٽڪل 89 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. ڪلري بگهار فيڊر لوئر تي ڪا ايراضي نہ ٻڏي آهي، سنڌ ۾ ڪل آبادي لائق ايراضي هڪ ڪروڙ 28 لک ايڪڙ آهي، جنهن مان ڪل ايراضي جيڪا ٻڏي آهي. سا 22 لک 50 هزار ايڪڙ آهي. معنيٰ اٽڪل 17.5 سيڪڙو.

## آبپاشي نظام کي ٿيل نقصان

واهن کي ٽن طرح نقصان ٿي سگهن ٿا. هڪڙو ڪنڊن ڪري واهن جي بندن کي نقصان، ٻيو ٽريفڪ وارين پلين کي نقصان ۽ ٽيون واهن ۾ پاڻي ڪنٽرول ڪرڻ وارن ريگيوليٽرن کي نقصان بيگاري سنڌ فيڊر جي مين ڪينال کي 200 ميلن ۾ ڊسٽري ۽ مائنرن کي 550 ميلن ۾ ۽ 95 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي. نارٿ ويسٽ ڪئنال جي مين ڪئنال کي 100 ميلن ۾ ڊسٽري ۽ مائنرن کي 200 ميلن ۾ 30 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي. رائيس ڪئنال جي ڊسٽري ۽ مائنرن کي 150 ميلن ۾ 15 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي. دادو ڪئنال جي ڊسٽري مائنرن کي 350 ميلن ۾ 25 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي. پنجاري ڪئنال، مين ڪئنال کي 100 ميلن ۾، ڊسٽري ۽ مائنرن کي 650 ميلن ۾ 80 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي. ڪلري بگهار لوئر کي ڊسٽري ۽



مائنرن کي 200 ميلن ۾ 5 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصن پهتو آهي. معنيٰ تہ ڪل 2500 ميل ۾ واهن کي ۽ 235 پلين ۽ ريگيوليٽرن کي نقصان پهتو آهي.

## بيراجن کي نقصان

گڊو بيراج مان وهڪرو ان جي ڊيزائن ڪان گهٽ رهيو، پر سکر ۽ ڪوٽري بيراجن تي وهڪرو ڊيزائن ڪان مٿي پاس ٿيو، ظاهر ۾ ڪنهن بہ بيراج کي ڪو نقصان نہ ٿيو، پر پاڻي اندر جزن کي نقصان جي خبر چڪاس ۽ سائونڊنگ وٺڻ ڪان پوءِ پوندي، اڳين ٻوڏن ۾ بہ اهڙا نقصان ٿيا آهن. نڪاسي واري نظام جو نظام ڇئن ضلعن يعني شڪارپور، قمبر-شهدادڪوٽ، دادو، نئو ۾ 1400 ميل ڊرينن کي نقصان پهتو آهي.

## نقصان جو ڪاٿو

نقصانن جو صحيح ڪاٿو لڳائڻ هن وقت ممڪن ناهي، جو اجا پاڻي بيٺو آهي. واهن جي بندن تي گهٽي مٽي پوندي. پلين ۽ ريگيوليٽرن کي ڪيترو نقصان ٿيو آهي. بيراجن تي گهڻو نقصان ٿيو آهي. اهي سڀ پاڻي لهڻ ڪان پوءِ ۽ سروي ڪرڻ ڪان پوءِ معلوم ٿيندا، پر سڀ ايجنسيون اهو گهرن ٿيون تہ گهڻو نقصان ٿيو تہ پئسن جو بندوبست ڪري سگهجي. جو اهي سڀ ڪم پنهنجن پئسن سان ڪرڻ ڏکيا آهن ۽ اسان کي لازمي طرح عالمي مالياتي ادارن جهڙوڪ عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ وغيره ڪان مدد وٺڻي پوندي. انهيءَ ڪاٿي لاءِ سراسري جي بنياد تي حساب لڳايو ويو آهي. يعني هڪڙي واهہ تي هيتري مٽي پوي ٿي تہ سڀني واهن تي انهيءَ حساب سان هيتري مٽي پوندي. جنهن جي قيمت هيتري ٿيندي. وري هڪڙي پل يا ريگيوليٽر تي هيتري نقصان لاءِ هيترا پئسا گهربا تہ ساڳي معيار تي باقي رهيل ريگيوليٽرن لاءِ هيترا پئسا گهربا. ظاهر آهي تہ صحيح سروي ڪان پوءِ انهيءَ ڪاٿي ۾ ڪافي فرق اچي سگهي ٿو. تمام رف ڪاٿي مطابق جنهن کي ڏکو چئي سگهجي ٿو. هينئين نقصان ٿيو.

آبپاشي نظام: 50 ارب رپيا.
ڊرينيج نظام: 12 ارب رپيا.
بيراجن کي نقصان: 10 ارب رپيا.
حساب ڪبو تہ اها ڪل رقم ٿئي ٿي 80 ارب رپيا.

## آبادگارن کي پوکيءَ لاءِ پاڻي ڪڏهن ملي سگهندو؟

ٻوڏ وارن علائقن ۾ ربيع جو فصل پوکڻ ڏکيا آهن. جو اجا پاڻي بيٺو آهي ۽

ڊسمبر جنوري تائين پوکي مشڪل آهي. جڏهن ربيع جا فصل پوکيا ويندا آهن. پاڻي سڪڻ کان پوءِ اپريل ۾ خريف جا فصل پوکي سگهبا، پر هينئر بہ ڪن علائقن ۾ جتي ٿورو پاڻي بيٺل آهي. ڪجھ ربيع جا فصل پوکي سگهجن ٿا. آبپاشي کاتي وارن کي ڪم ڪرڻ جي ترجيحات اهڙي نموني ۾ مقرر ڪرڻ کپن تہ جتي ربيع ممڪن هجي. اتي جلد ڪم ڪرائن ۽ جتي ربيع ممڪن نہ هجي اتي پلي وڏيڪ ٽائيم وٺن. ڪم ٽن طرح جا آهن. هڪڙو ڪڙن تي مٽي وجهڻ، ٻيو روڊ واريون پليون ۽ ٽيون ريگيوليٽر،

مٽي وجهڻ لاءِ مشينون استعمال ڪيون وڃن. روڊ واريون پلين کي في الحال ڇڏي ڏين. رڳو واٽر وي صاف ڪن تہ پاڻي پاس ٿي سگهي. باقي ريگيوليٽرن جو ڪم مکيو آهي. جيڪو ٽائيم وٺندو. هينئر کان ريگيوليٽرن جي سروي ڪرائن ۽ ڊيزائن تيار ڪري ايسٽيمينٽ ٺاهن. في الحال پئسن جي ڳڻتي نہ ڪن. هن سال واري اي ڊي پي جا فنڊ استعمال ڪن. تيستائين ٻيا پئسا اچي ويندا.

جيڪڏهن آبپاشي کاتي وارا مڙسي ڪن ۽ حڪومت بہ انهن جي مدد ڪري تہ ڪجھ علائقن کي ربيع ۾ پاڻي ڏئي سگهبو، پر ايندڙ خريف ۾ تہ سيني کي پاڻي ڏيٽو پوندو تہ جيئن بي گھر ٿيل ماڻهو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن.





# ڇا اسان آمريڪا جي تيار ڪيل موسمي هٿيار هٿان ٻڏا آهيون؟

رسول بخش پليجو

گهٽا سال اڳ آمريڪا جي هڪڙي اڳوڻي قومي سلامتيءَ جي صلاحڪار رنگ نيو برزرينسڪيءَ هڪڙو ڪتاب لکيو هو، جنهن جو عنوان آهي ”ٻن زمانن جي وچ ۾“ هن لکيو هو تہ ”ٽيڪنالاجي مکيہ عالمي قوتن جي رهنمائن کي اهي طريقا ٻڌائيندي جن سان هو پنهنجي مخالف ملڪن خلاف ڳجهيون جنگيون ڪري سگهندا... موسمن ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب ردوبدل ڪرڻ جا طريقا استعمال ڪري هو (انهن ملڪن ۾) ڊگهي عرصي تائين هلندڙ ڏڪار يا طوفان پيدا ڪري سگهندا.“

اي آر جيرل لکي ٿو: ”هاڻي جيڪي خبرون پيون آهن، سي ظاهر ٿيون ڪن تہ آمريڪا ۾ جيڪا ٽيڪنالاجي High frequency active aural research program HAARP واري پروگرام جي ماتحت جوڙي راس ڪئي پئي وڃي. سا ستارن جي جنگين واري منصوبي جو حصو آهي. اهو پروگرام آمريڪا جي رياست الاسڪا جي شهر گوڪوما ۾ هلندڙ آهي. ان جو انتظام آمريڪي ايئرفورس ۽ نيوي گڏ هلائي رهيون آهن. ان پروگرام تحت هٿيارن جا نوان نظام تخليق ڪيا پيا وڃن. جن جي ڪمان آمريڪا جي ريسرچ لئبارٽرين واري خلائي گاڏين جي ڊائريڪٽوريٽ جي هٿ ۾ آهي. (HAARP) ڇا آهي؟ اهو ڪمپيوٽر جي ڪنٽرول هيٺ هلندڙ طاقتور انٽنائن جو نظام آهي. جيڪي خلائي جهازن ۾ مرضي موجب مڪاني ردوبدل ڪري سگهن ٿيون.

”سائنسدان ڊاڪٽر نڪولس بيگچ جيڪو HAARP يعني آمريڪا واري عام مخلوق کي ختم ڪري سگهندڙ موسمي هٿيار خلاف جدوجهد هلائي رهيو آهي. سو چوي ٿو تہ، ”اها ٽيڪنالاجي طاقتور ريڊيائيا لهرن جا تيرورا استعمال ڪرڻ سان خلائي دنيا جي ڪيترين ايراضين تان اهي مٿيان طاقتور ترورا استعمال ڪري گھربل ايراضين کي تپائي ٻاھ ڪري ڇڏي ٿي. پوءِ بجلي ۽ مقناطيس جون لهرون انهن تتل

خلائي ايراضين سان ٽڪرجي جڏهن ڌرتي ڏانهن موٽ ڪائينديون تڏهن جيڪا به شيءِ يا دنيا، جيئري يا مئل، سامهون اچين ٿي، تنهن ۾ سمائجيو وڃن.“

هن ان موضوع تي هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي ”ملٽري پئنڊورا باڪس“ ان ۾ هن مٿين ٽيڪنالاجي دنيا سان جيڪو حشر ڪري سگهي ٿي، تنهن جا خوفناڪ مثال ڏنا آهن. 3 نومبر 2000ع تي لنڊن جي مشهور معروف ٽائيمس اخبار جڳ مشهور سائنسدان ڊاڪٽر روزلي برٽيلس جو هڪڙو سائنسي مقالو شايع ڪيو، جنهن ۾ مٿين ڳالهه جي تصديق ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر صاحبه لکي ٿي ”آمريڪا جا فوجي سائنسدان ان رٿا تي ڪم ڪري رهيا آهن ته موسمي نظامن کي ڪيئن هٿيارن طور ڪم آندو وڃي. انهيءَ ڪم ۾ جيڪي طريقا استعمال ڪرڻ تي ڪم ٿئي پيو، سي آهن ته ڌرتيءَ جي خلائي ماحول ۾ زبردست طوفان اٿارجن ۽ گهم جي ندين جا رخ موڙجن ته جيئن جتي وٽي اتي پاٽيءَ جي مڪمل سوڪ يا ڏڪار پيدا ڪري سگهجي ۽ جتي وٽي اتي زبردست ٻوڏون آڻي سگهجن.“ ڊاڪٽر برٽيل وڌيل لکي ٿي ته هڪڙو اجگر جيڏو هيٽر آهي، جيڪو خلائي ماحول ۾ ڳڙٻڙيون پيدا ڪري خلائي ديوار ۾ رڳو ٺونگ ٺينڊا نه، پر ڊگها ڇهڪ ڏئي ڌرتي جي گولي کي ٺهڪائي ٿاندا ڪري سگهي ٿو. آمريڪي هوائي فوج جي يونيورسٽيءَ هڪڙي آخري رپورٽ آمريڪي سرڪار کي موڪلي آهي. جنهن ۾ ايئرفورس طرفان خلا تي تحقيق جو نتيجو پيش ڪيو ويو آهي. ان رپورٽ مطابق خلا ۾ هٿرادو ڇهڪ ۽ چير ڏئي ڌرتي جي موسمي نظام ۽ سنڌس ريڊار نڪما ۽ بي اثر بنائي سگهجن ٿا.“

هڪڙي فوجي هٿيار طور هارپ ائٽم ۽ هائڊروجن بمن کان وڌيڪ تباهه ڪندڙ ۽ خطرناڪ آهي. اهو ليزر ۽ پارٽيڪل ترورن ذريعي تباهه ڪندڙ قوت جا ڌرتيءَ جي ڪنهن به حصي تي اهڙا وار ڪري سگهي ٿو، جيڪو ائٽمي بمباري واري تباهي مچائي سگهندا. هن هٿيار جي زور تي ئي هن بش جي پيءُ صدر جارج بش جي ايڏي جرئت ٿي جو هن اعلان ڪيو ته اچو ته نئين عالمي نظام ڏانهن مارچ ڪريون.

نئون عالمي نظام لِڪَ جو نالو آهي. آمريڪا جي نئين فاشسٽ ٽولي Neo-con نيوڪان جي انهيءَ خواب جو ته 21 هين صدي آمريڪا جي صدي هجي. جنهن ۾ آمريڪا سڄي جهان جي مٿان حڪم هلائي. هن خوفناڪ ڳجهي هٿيار کي استعمال ڪري موسمي نظامن کي تهس نهس ڪري دنيا جي ملڪن جا سڄي جا سڄا قومي اقتصادي نظام درهم برهم ڪري سگهجن ٿا. مزو وري اهو هوندو ته ڪنهن به ملڪ کي اها خبر ئي ڪا نه پوندي ته اهو حشر ڪيئن ٿيو آهي. هرڪو پيو قدرت کي ڏوهه ڏيندو. ڪنهن کي به اهو خيال ڪو نه ايندو ته آمريڪا بهادر ڪا مٿس چڙهائي ڪئي آهي. مطلب ته آمريڪا جنهن ملڪ تي ڪاوڙجي تنهن کي بدمعاش قرار ڏئي ان جي زراعت ۽ اقتصاديات کي تباهه ۽ برباد ڪرائي سگهي ٿو، پوءِ اهو





ملڪ پنهنجي ماٺهن تان لامارا ڏيندا موت جا راڪاس ٿارڻ لاءِ لاچار پيو آمريڪا جي هٿ ٺوڪين اقتصادي ايجنٽن ۽ آءِ ايم ايف اڳيان جهوليون جهليندو ۽ گيسيون ڪندو، ان ڪري دنيا جي پوئتي پيل ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن لاءِ لازم آهي ته هو پنهنجي بچاءَ لاءِ حڪمت عمليون تيار ڪن. في الحال سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ جيڪا سڄي دنيا ۾ گهوڙا گهوڙا لڳي پئي آهي ته قدرتي طرح دنيا جون موسمون بدلجي ويون آهن ۽ دنيا قدرتي طرح تپي ٿاندا ٿي ويئي آهي. سا ڳالهه دراصل نتيجو آهي هارپ ۽ ان جي فوجي سائنسدانن جي ڪرتوتن جو، ان خوفناڪ حقيقت کي لڪائڻ لاءِ آمريڪا رات ڏينهن هڪ ڪري اهي افسانا پئي ڦهلائي ته دنيا جي گرم ٿيڻ جو سبب چين، هندستان ۽ ٻين ترقي ڪندڙ ملڪن طرفان گهڻا ڪارخانا هلائڻ ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو صحيح نيڪال نه ڪرڻ ڪري، اهو نتيجو نڪتو آهي. ٻئي طرف اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته دنيا جي ملڪن دنيا کي گرم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ گهربل اپائن وٺڻ جو جيڪو عهدنامو تيار ڪيو آهي. تنهن تي صحيح ڪرڻ لاءِ آمريڪا هرگز تيار ناهي. ڇو ته ان تي صحيح ڪرڻ سان آمريڪا کي هارپ جو هٿيار استعمال ڪرڻ ۾ رنڊڪون درپيش ايندين (حوالو: Haarp American WMD ڏسو A.R jerral جو سائنسي مقالو روزاني The nation 21 سيپٽمبر 2010.

سنڌ تي ڪڙڪايل هن مها ٻوڏ جي بيان ڪيل صورتحال ۽ آمريڪا بهادر جي نئين خوفناڪ موسمي هٿيار جي حقيقتن جي روشني م جيڪي ماڻهو مشڪل ۽ خطرناڪ مسئلي جي ڪارڻ جي سوال پڇڻ تي جواب ۾ ”الائجي؟“ ”خدا کي خبر!“ چئي جان ڇڏائيندا آهن، تن کي ڇڏي باقي جيڪي دنيا جهان بابت ڪجهه نه ڪجهه سڌ سماءُ رکندڙ آهن، خاص ڪري اهي جن جو قدرتي ۽ سماجي سائنس Natural and social sciences سان ڪافي واهپو آهي. سي ان نتيجي تي پهچڻ کان بچي نه سگهندا ته هيءَ مها ٻوڏ بلڪل هٿرادو آندل آهي ۽ ان ۾ اسان جي سموري موجوده جهان جي وارث آمريڪا مائي باپ، ا سان جي وڏن موڙي پنجاب اسٽيبلشمينٽ جي بزرگ پائرن ۽ اسان جي پنهنجي گهر جي وڏن ۽ وارثن سدائين خود بخود چونڊجندڙ سياسي وڏيرن پوتارن، سردارن، ڪاني ڪرامت جي صاحب پيرن ميرن جون دل جان سان ڪيل قربائتيون ڪوششون شامل آهن.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ٻيا ته پنهنجي جاءِ تي، پر اسان پنهنجن قابل احترام پنجاب اسٽيبلشمينٽ جي بزرگ پائرن جو ڪهڙو ايڏو وڏو ڏوهه ثواب ڪيو آهي. جو هو گذريل ڏيڍ سئو سالن کان وٺي اسان جو ساهه نپوڙي ڪڍڻ بنا هڪ پل به رهي نه ٿا سگهن؟

ان ۽ ٻين لاڳاپيل ڳالهين تي پاڻ ايندڙ صحبت ۾ ويچاريندا سين.

# خوف کي فتح ڇو نه ڪجي؟

علي قاضي

وڏي شهرت ماڻيندڙ ڪتاب 48 Laws of power (اقتدار جا اٺيتاليھ قانون) جي ليکڪ رابرٽ گريني پنهنجي نئين ڪتاب The 50th law (پنجاهون قانون) جو موضوع ان نقطي کي بڻايو آهي ته خوف جو احساس ڪيئن نه انسان کي ڪمزور، جمود پسند ۽ ناڪامي جي ڏيڻ ۾ ڦاسائي رکندو آهي ۽ جڏهن ماڻهو پاڻ کي خوف، ڊپ جي احساس کان آجو ڪري ٿو، تڏهن ئي هو طاقتور، تخليقي ۽ ڪامياب ٿئي ٿو. واقعي به انسان هر مهل ڪنهن نه ڪنهن ڊپ ۾ ورتل هجي ٿو. جنهن سبب هو ڪيترائي اهڙا ڪم نٿو ڪري، جيڪي سندس هٿ وس هجن ٿا ۽ جنهن سبب سندس زندگي به بدلجي سگهي ٿي. پر هو مختلف نوعيت جي ڊپن سبب نٿو ڪري. ڪڏهن ڪيس ناڪامي جو خوف هجي ٿو، ڪڏهن ڪيس نقصان رسڻ جو ڊپ هجي ٿو، ڪڏهن ڪنهن جي ناراضگي ته وري ڪڏهن پنهنجي اهليت/ سگهه جي گهٽ هجڻ جو وسوسو. انسان پنهنجي اندر لڪل ڪوڙ سارين صلاحيتن کي سڀ جي جمار پنهنجي اندرئي ٿاهيل ڊپ جي صندوق ۾ تالو هڻي بند رکي ٿو. جو ڪجهه به ڪرڻ کان اڳ نانگ بڻجي سندس اندر ويٺل خوف ڦڻ ڪڍي ڪيس هر نئين ڪم ڪرڻ کان روڪي ٿو، پاڻ اڪثر همراهن کي چوندي ٻڌون ٿا ته ”يار، محفل ۾ ائين ضرور چوان ها، پر ڊپ هئم ته متان سنگت منهنجو مذاق اڏائي،“ يا ”اظهار محبت ڪرڻ لاءِ ته بيقرار آهيان، پر خوف اٿم ته هو انڪار نه ڪري ڇڏي.“ يا ”ڪاروبار ڪريان ته سهي پر ڊپ آهي ته ناٽو ٻڏي نه وڃي“ وغيره وغيره، ڪجهه ڊپ اهڙا به انسان منجهه گهر ڪري ويهي رهن ٿا. جن لاءِ ماڻهوءَ وٽ ڪو منطقي سبب نٿو هجي. اهي خوف انسان جي لاشعور ۾ هجن ٿا. جن جو ٻين سببن سان گڏ هڪ ڪارڻ ننڍي هوندي جو ڪو واقعو به ٿي پيو سگهي. جيڪو ائين ته شايد ماڻهو کي وسري به ويو هجي. پر ان واقعي سبب ننڍي هوندي دل ۽ دماغ تي رهجي ويل دهشت يا اثر انسان کي سڄي ڄمار خوف ۾ رکي ٿو. جيئن اڪثر ماڻهو اونداهيءَ کان ڊڄن ٿا يا وري ڪجهه ماڻهن کي





اڪيلائيءَ کان خوف ٿو ٿئي. وغيره پر جڏهن ڪو شخص پنهنجي اندر ويٺل ڪنهن شعوري يا لاشعوري خوف کان آزادي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ته منجهس بي پناهه خود اعتمادي اچي ٿي ۽ سندس سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن ۾ پڻ تمام گهڻو اضافو ٿئي ٿو ۽ هو شخص پوءِ ڪو فيصلو يا عمل ڪرڻ مهل يا نه ڪرڻ مهل ان فيصلي يا عمل جي ميرٽ کي ڏسي رهيو هجي ٿو ۽ هڪ Positive (مثبت) ائپروچ اختيار ڪيل هجي ٿو، نه ڪي خوف جي Negative (منفي) انرجي سندس فيصلن يا عمل تي ڇانيل هجي ٿي. سو ماڻهوءَ کي ڪو ڪم عمل يا فيصلو ڪرڻ مهل خوف جي احساس کان پاڻ کي آجو ڪرڻ گهرجي. اتي ان سڄي ڳالهه مان اهو هرگز مطلب ناهي ته ڪو ماڻهو ڏهه ماڙواري بلڊنگ تان بي خوف ٿي ٽپو ڏئي ڇڏي ته ڪيس ڪجهه ڪو نه ٿيندو يا ڪو وڃي نانگ جي ٻر ۾ هٿ وجهي ۽ سوچي ته بي خوف ٿي ائين ڪبو ته ڪجهه ڪو نه ٿيندو يا اگر بي خوف ٿي ڏوهه جي ڪارروائي ڪري ۽ سمجهي ته هو قانون جي گرفت ۾ ڪڏهن نه ايندو. وغيره. بلڪ پاڻ ڳالهه پئي ڪئي خوف ۽ ڊپ جي انهن قسمن جي، جيڪي انسان کي اڳتي وڌڻ، ڪجهه نئون سوچڻ يا ڪرڻ وغيره کان روڪي رکن ٿا ۽ ماڻهو سڄي ڄمار هڪ جمود واري ڪيفيت ۾ رهي به ٿو ۽ نه چاهيندي به ان جمود کي بچائيندو رهي ٿو، صرف ان ڊپ جي ڪري ته اگر اهو جمود ٽٽي پيو ته متان سندس زندگيءَ جون حالتون سندس هاڻوڪي حالتن کان ويتر خراب ٿي وڃن.

سنڌ جي پڪي جي علائقن ۾ بند ٽٽڻ سبب آيل ٻوڏ (ائين ان ڪري لکان پيو، جو آئون ان کي قدرتي طور آيل درياهه جي ٻوڏ نٿو مڃان. ڪان اڳ سنڌ واسي به ڏهاڪن کان جمود هيٺ آيل نظام ۾ زندگي گهاري رهيا هئا. جنهن نظام جا بنياد ڀوتارڪي سياسي ڪلچر، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ، غرض ته خراب حڪمراني تي بيٺل هئا. پر اسان جي سماج وٽ ان جمود کي ٽوڙڻ جي رستي ۾ مختلف قسم جا ڊپ رڪاوٽ بڻيل هئا. ڪنهن کي ڊپ هو ته جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ناڪام ٿي ويندي. ڪنهن کي ڀوتارن جو ته وري ڪنهن کي اسٽيبلشمينٽ جو ڊپ، غرض ته سماجي تبديلي جي شديد خواهش هوندي به ماڻهو مختلف انديشن ۽ خوف سبب ان فرسوده نظام ۾ رهڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهن پيا، پر هڪ ڏينهن اوچتو ڪنڊ ڪوٽ- ڪشمور ضلعي ۾ ٽوڙي بند ٽٽي پيو. جنهن اڌ سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيو، وري هڪ ڏينهن نٽي ۾ بند ٽٽي پيو، وري منڇر جا بند ٽٽي پيا. سو اسان جيڪي خوف وچان هاڻوڪي فرسوده نظام سان گڏ هلندا پئي آياسين ته متان ان ۾ تبديلي آڻڻ سان اسان جي زندگيءَ ۾ ڪي بحران اچي وڃن، پر ٿيو ان جي ابتڙ، يعني ڪرپشن ۽ خراب حڪمرانيءَ جي ان نظام اسان کي ايتري وڏي بحران ۾ آڻي ڇڏيو، جنهن جو تاريخ ۾ ڪو مثال ئي نٿو ملي. سو بندن جي ٽٽڻ ڪري هاڻ اهو خوف به ٽٽڻ گهرجي ته هاڻوڪو نظام اگر ٽٽو ته ڪا قيامت اچي ويندي، چاڪاڻ ته اگر اسان وٽ سڻي

حڪمراني اڳ م اڇي چڪي هجي ها تہ يقينن اسين اهو سڀ ڪجهہ نہ ڀوڳيون ها، جيڪو اسان کي اڄ ڀوڳڻو پئجي ويو آهي.

اڄڪلهہ اقتداري ايوانن ۾ هلندڙ وٽ وٺان جي باريڪين جو تجزيو ڪرڻ بدران ساڳئي نقطي يعني خوف جي Element (عنصر) کي آڌو رکي معاملي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون تہ ڳالهہ بنهہ سادي آهي تہ حڪومت کي سنڌن اقتدار وڃڻ جو ڊپ آهي. پر سوال اهو آهي تہ پ پ ۾ سنڌس اتحادي حڪومت عوام کان ووٽ وٺي آيا هئا تہ پوءِ ڪين ٻيهر عوام کان ووٽ نہ ملڻ جو ڊپ آهي ڇا، جو هو ايترا پريشان ۽ بتال ٿين پيا؟ جيڪڏهن اهو ڊپ ناهي تہ پوءِ حڪومت تہ ڪين ٻيهر بہ ملي پئي سگهي. سو ٻيهر ماڻهن ۾ اچڻ کان ڇو پيا لنوائين ۽ مختلف رياستي ادارن کان پنهنجو حڪومتي مدو وڌائڻ لاءِ منٿ ميڙ ڇو پيا ڪن؟ آئون ڪا انوکي ڳالهہ نہ پيو ڪريان، بلڪ دنيا جي جمهوري ملڪن ۾ اڪثر حڪومتون مدو پورو نٿيون ڪري سگهن ۽ پوءِ سياسي پارٽيون ٻيهر عوام ڏانهن وڃن ٿيون. اتي اها ڳالهہ بہ جائز آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ بحران جي پويان سازشن جي نوعيت اسريل جمهوري ملڪن کان مختلف آهي. ڪارڻ ڀلي مختلف هجن پر علاج وري بہ ساڳيو ئي آهي. يعني عوام جي سگهہ ۽ حمايت لاءِ عوام ڏانهن اچڻ مون کي ڪڏهن ڪڏهن سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ، اسان جون وڏيون سياسي پارٽيون. جيڪي ڏهاڪن کان اقتداري سياست ۾ آهن. اهي ڇوڻ جي حد تائين تہ ٺيڪ پر عملي طور عوام جي سگهہ ۾ يقين ڇو نٿيون آڻين؟ آ خر انهن وٽ ٻي اهڙي ڪهڙي طاقت آهي. جو اهي اسٽيبلشمينٽ جهڙي طاقتور اداري جي طاقت آڏو پنهنجي حيثيت مڃرائي سگهن؟ بند ڪمرن ۾ جوڙ ٽوڙ، آمريڪا بهادر جي آشيرواد وغيره وقتي طور تي ڪين حڪومت ڏيارڻ ۽ حڪومتي مدي ۾ واڌاري جا سبب بڻجي سگهن ٿا، پر ڊگهي مدي ۾ سياسي قوتون مائنس عوام ڪهڙي حيثيت ٿيون رکن، سو اسان جي سياسي ڌرين کي اهو ڊپ ڇو ٿو ورائي وڃي تہ اگر اڄ حڪومت وئي تہ پوءِ ڪڏهن نہ ملندي؟ ظاهر آهي ان جو سبب سادن لفظن ۾ اهو ئي آهي تہ سنڌن ڪارڪردگي ايتري خراب هجي ٿي، جو ڪين عوام مان موٽ نہ ملڻ جو ڊپ هجي ٿو. سو اگر ٻن ٽن قوتن کي راضي رکڻ واري سوچ ڌارين ها تہ ڪين ڪڏهن بہ حڪومت وڃڻ جو خوف نہ هجي ها.

حڪومت مخالف سياستدان، صحافي وغيره اڄڪلهہ اها ڳالهہ ڪندي خوشيءَ وچان ڳاڙها ٿيو وڃن تہ، ”سنڌ ڪارڊ“ تازي ٻوڏ ۾ پسي ويو آهي. ڪجهہ چون ٿا تہ اهو ڪارڊ لڙهي ويو. ڦاٽي پيو. وغيره آئون هڪ کان وڌيڪ ڀيرا سنڌ جي احساسن، جذبن ۽ حقن جي شعور کي هڪ ڪارڊ قرار ڏيڻ واري روش ۽ ذهنيت کي بدنيتي قرار ڏيندو رهيو آهيان، پر اتي ان اصطلاح کي اڄڪلهہ جي اقتداري سياست جي حوالي سان سمجهڻ خاطر بحث هيٺ آڻيون ٿا. دراصل پي پي مخالف قوتن پنهنجو ذهن ائين ٺاهيو آهي تہ اگر پي پي سان ڪجهہ ٿيو تہ سنڌ وفاق خلاف ٿي ويندي ۽ پ





پ پاڻ بہ اهڙي سوچ کي همٿائي ٿي تہ اگر انهن جي حڪومت سان ڪجهہ ٿيو سنڌ ۽ وفاق وچ ۾ وڇوٽيون وڌنديون، جنهن جي جواب ۾ اسٽيبلشمينٽ ماضيءَ ۾ ڪڏهن پير صاحب پاڳاري تي، ڪڏهن ڪنهن قومپرست تي، ڪڏهن ٻين ڀوتارن جو سهڪار حاصل ڪري، ڪين متحده قومي موومينٽ سان جوڙي سنڌ ۾ پ پ جي متبادل طور پيش ڪندي آئي آهي. ظاهر آهي تہ اهي ڳٺ جوڙ بنهہ مصنوعي هوندا هئا ۽ خراب حڪمرانيءَ جا اعليٰ مثال هئا. تنهن ڪري نہ انهن مان سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي ڪو رليف ملندو هو ۽ نہ ئي سنڌ جي مجموعي مفادن جو تحفظ انهن جي ترجيحن ۾ ڪڏهن شامل رهيو. سو جڏهن بہ ماڻهن کي موقعو مليو تہ انهن پ پ کي وڏي انگ ۾ ووٽ ڏنو، پر بدقسمتيءَ سان پ پ بہ سنڌ کي واقعي بہ صرف ڪارڊ سمجهي ورتو آهي. جيڪو ڏيکاري هو اسلام اباد جي اقتداري ايوانن ۾ داخل ٿي سگهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو پ پ سنڌ جي مجموعي حقن بابت ڪجهہ ڪرڻ کان اهو چئي پاسو ڪندي رهي تہ، ”اسين وفاقي پارٽي آهيون“ سو سنڌ واسين آڏو ڏهاڪن جي اقتداري راند ڏسڻ کان پوءِ اهو نتيجو آيو آهي تہ اسٽيبلشمينٽ جڏهن ايندي تہ اها خراب حڪمرانيءَ شاهڪار رڪارڊ رکندڙن اهڙن ماڻهن کي آڻيندي، جن جو عام ماڻهوءَ جي راءِ کان ويندي سنڌ جي اجتماعي حقن سان ڪو واسطو نہ هجي ۽ اگر پ پ ايندي تہ ان وٽ بہ سنڌ هڪ ڪارڊ کان وڌيڪ حيثيت نہ رکندو ۽ ان وٽ بہ سٺي حڪمراني ترجيحي تہ نہ هوندي. سوال اهو آهي تہ سنڌ واسي پاڻ سان ٿيندڙ اهو لقاءُ ڪيستائين خاموشي سان ڏسندا رهندا؟

چون ٿا تہ اسلام آباد ۾ آيل اقتداري بحران جي خاتمي لاءِ حڪومت کي مشروط طور ڪجهہ وقت ڏنو ويو آهي تہ هو پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪري ۽ اگر ٻن هفتن دوران هو سٺي حڪمراني آڻڻ لاءِ اپاءَ وٺندي تہ ڪيس اڃا هلڻ ڏنو ويندو ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ اسلام آباد مان ڪجهہ وزير، ڪجهہ ڪامورا فارغ ٿين. ڪجهہ نوان ٽيڪس لاڳو ٿين وغيره پر منهنجي خيال ۾ اقتداري بحران ان سان ڪجهہ دير لاءِ ٽري تہ وڃي پر پوري طرح ختم شايد ئي ٿي سگهي ۽ لڳي ائين ٿو تہ پ پ دير سوير ”سنڌ ڪارڊ“ ميدان ۾ آڻيندي پر ڇا سنڌ ان ڀيري پ پ کان اهو پڇندي نہ، تہ توهان سنڌ کي ڏنو ڇا آهي؟ آئون سمجهان ٿو تہ پ پ جي اڪابرن کي هاڻ سنڌ جي ماڻهن کي ڪو ڪارڊ سمجهڻ واري روش ختم ڪندي ٻيهر ان سان پنهنجائپ وارو معاهدو ڪرڻ گهرجي. سٺي حڪمراني، سنڌ واسين جو حق تصور ڪري ڪين ڏني وڃي، ڇاڪاڻ تہ رڳو سنڌي هجڻ واري ڳالهہ هاڻ شايد ئي هلي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي تہ اسان جا اهي ڀوتار بہ آهن. جن کي اسٽيبلشمينٽ آڻيندي رهي آهي. سو اڄ نہ تہ سڀاڻي پي پ کي پنهنجي سگهہ عوام ۾ ئي ڳولهڻي پوندي ۽ سنڌي عوام ماضيءَ ۾ پ پ جي وڏي سگهہ رهي آهي. پر سنڌي ماڻهن کي For granted وٺڻ واري روش پ پ کي ڇڏڻي پوندي. جيڪو ڪرڻ لاءِ وٽس وقت گهڻو ناهي بچيو ۽ اگرا ئين ٿيو

( جنھن جا امڪان گھٽا آھن) تہ پوءِ سنڌ پنھنجن جذبن، احساسن ۽ حقن جي شعور کي صرف ھڪ ڪارڊ طور ھاڻ شايد استعمال ٿيڻ نہ ڏي.

دعا جي عمل ۾ جتي انسان جي خيالن ۾ چٽائي اچي ٿي. اتي ئي سندس من اندر موجود مختلف خوف ۽ ڊپ بہ غائب ٿيو وڃن ۽ وٽس عمل ڪرڻ جو حوصلو ۽ فھم بہ پيدا ٿئي ٿو. اچو تہ گڏجي سنڌ ۾ ھڪ حقيقي تبديليءَ لاءِ دعا گھرون. جيئن اسان جي اندر تبديلي اچڻ جي عمل لاءِ حوصلو پيدا ٿئي ۽ تبديليءَ کان سنڌ واسين کي ڊيڄاريندڙ پاڻ سنڌي ماڻھن جو گڏيل فھم، حوصلو ۽ بي خوف عمل ڏسي خوف وچان غائب ٿي وڃن.





# سنڌ ٻڏڻ کان بچائي نہ پئي سگھجي؟

امداد علي سومرو

لڳ ڀڳ بہ سئو ڪلوميٽرن جي ڊيگھہ ۽ ڏھہ کان پنجاھہ ڪلوميٽرن تائين جي ويڪر وارو پاڻي ڏيڍ ڪلوميٽر جي ويڪر مان ڪيئن گذري رهيو آهي؟ اهو سوال آهي، جنهن جو جواب سنڌ حڪومت جا پرڏان ۽ ماهر جوهي اچي چڱي نموني ڳولي سگهن ٿا. ان سان نہ رڳو انهن کي پنهنجي نااهلين جو ثبوت ملندو، بلڪ مستقبل م ٻوڏ جي تباهڪارين کان بچڻ لاءِ جوهي جي رنگ بند کي سامهون رکي حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ مدد ملندي. اها ڪا هوائي ڳالهہ ناهي، هڪ تاريخ آهي جيڪا جوهي جي ماڻهن لکي آهي. اها حقيقت آهي تہ جيڪڏهن عام ماڻهو پڻ نہ اٿن ها تہ شايد اڄ جوهي جي مندر جا در بہ پاڻي ۾ ٻڏل هجن ها. پاڻي هن وقت بہ جوهي شهر کان اوڀر طرف تائين شاخ ۽ چنڊڻ جي ڏيڍ ڪلوميٽر جي وٿي مان گذري رهيو آهي. هونئن تہ اهو ڏيڍ ڪلوميٽر جو لنگهہ آهي پر اتي ڪيترائي ڳوٺ هجڻ سبب عملي طور تي پاڻي جي گذرڻ جو رستو اڌ کان هڪ ڪلوميٽر بہ مس آهي، پر چوڪسي ۽ 24 ڪلاڪ بند جي حفاظت سبب سنڌو درياهہ، جابلو ندين ۽ حمل ڍنڍ جي ٽن پاڻين جوهي سامهون گذاريو پيو وڃي، وڏيون آزمائشون گذري چڪيون آهن ۽ پاڻي آهستي آهستي لاٿ ڪندو تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهي. جڏهن اجا پاڻي جوهي طرف وڌي رهيو هو تہ هڪ پاسي شهرين کي شهر خالي ڪرڻ لاءِ وارننگون ڏنيون پئي ويون تہ ٻئي پاسي وري پاڻي جي ماهر ادريس راجپوت ڪاوش جي هنن ئي صفحن تي اهو لکيو هو تہ جوهي شهر جو ٻڏڻ فطري آهي پاڻي جي مقدار ۽ رويي کي ڏسي ادريس راجپوت جو اهو اندازو صحيح هو، پر جوهيءَ بابت اهو انداو غلط ثابت ٿيو، سنڌ حڪومت، حڪومت جي مخالفن، دادو ضلعي جي چونڊيل نمائندن جي اڪثريت دادو سان لاڳاپيل صوبائي وزيرن ڏانهن ميارون تہ گهٽيون آهن پر انهن ميارن جو مٽاڇرو، جائزو پيش ڪرڻ کان پوءِ جوهي ڪئين محفوظ رهي. ان طرف تفصيل سان لکندس تہ جيئن حڪومت کي بہ اندازو ٿئي تہ

جيڪڏهن حڪومت شهر بچائڻ چاهي ته بچي سگهن ٿا.

عيد کان اڳ ٻوڏ سبب موڪل ڪري جڏهن آئون جوهي پهتس (اها شايد سيپٽمبر جي ٻين يا ٽين تاريخ هئي) ته مملڪتي وزير رفيق احمد جمالي، سنڌ جو سينيئر صوبائي وزير پير مظهرالحق، جوهي سان لاڳاپيل ايم پي اي غلام شاهه جيلاني، ايم پي اي ڊاڪٽر سجيلا لغاري ۽ هڪ ٻي ايم پي اي شايد رشيده پنهور هئي. سي جوهي جي ڪميونٽي سينٽر ۾ گڏجاڻي ڪري رهيا هئا. هر مسئلي ۾ شهرين جي همت وڌائيندڙ ڊاڪٽر حميد سومرو مون کي ساڻ ڪري ڪميونٽي سينٽر وٺي ويو، جتي ٻيون جيڪي ڳالهيون ٿيون سي ٿيون رفيق احمد جمالي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت وٽ ٽوڙي، بلوچستان ۾ ٻين وسيلن کان اچي جوهي برانچ وٽ گڏ ٿيل پاڻي کي ڪاري موري وٽان ڪٽ ڏئي جوهي ڏانهن چوڙ ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. بچيو. ان ڪري پنهنجي ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي بچائڻ لاءِ هاڻي اسان سڀني کي گڏجي ڪا حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. جيڪي ڳالهيون ٿيون اهي گهڻي ڀاڱي رپورٽ ٿي چڪيون آهن مون ان گڏجاڻي ۾ چونڊيل نمائندن کي چيو هو ته جيڪڏهن ڪٽ ڏيڻ اٽر آهي ته جوهي شهر ۽ ان جي ڀرپاسي وارا وڏا ڳوٺ بچائڻ لاءِ ڇندڻ کي انڊس لنڪ وٽان ڪٽ ڏئي پاڻي اڙل واهه ۽ انڊس لنڪ جي وچان يعني ڀان سيد آباد ۽ سيوهڻ شهر جي وچان گذاريو وڃي. ان سان منڇر به ڦاٽڻ کان بچي ويندي ۽ ڪيترائي ڳوٺ تباهه ٿيڻ کان محفوظ رهندا. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويندو ته پاڻي بيهي چاڙهه ڪندو رهندو، جنهن سان ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويندا. ٻوڏ جي پاڻي کان محفوظ رهڻ جو بهترين حل پاڻي کي رستو ڏيڻ آهي پر ان لاءِ ضروري آهي ته عقل ۽ هوش هٿ کان وڃائڻ نه گهرجي. جيڪو اسان جي سنڌ حڪومت پهرين ڏينهن کان وڃائي ويٺي هئي. وٺي ڪندي رهي ۽ نتيجي ۾ خيرپور ناٿن شاهه جو شهر، جيڪو ٻڏڻو ئي نه هو، اهو نه رڳو ٻڏي ويو پر هن وقت به ان ۾ پنج کان ڏهه فوٽ پاڻي بيٺل آهي ۽ جڏهن اهو پاڻي لهندو ته سڄو شهر موئن جو دڙو بڻجي ويندو. خيرپور ناٿن شاهه ٻڏڻ جو ڪارڻ به پاڻي کي هروڀرو ذخيرو ڪرڻ ۽ هوش کان ڪم وٺي وقت سان فيصلا نه ڪرڻ هو، هڪ پاسي بند ٽٽڻ ڪري خيرپور ناٿن شاهه ٻڏو، ٻئي پاسي ڪاري موري وٽ ڪٽ ڏئي سنڌ حڪومت جوهي مان هٿ پٽي پنهنجي حساب ڪتاب ۾ جوهي شهر ٻوڙائي ڇڏيو ته ٽئين پاسي وري حمل ڍنڍ ڦاٽي پئي. جنهن جي نتيجي ۾ ٻيا به ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر ٻڏا. جوهي ته شهرين ۽ ڳوٺاڻن بچائي ورتي. پر جڏهن اهو پاڻي جوهي شهر کان ڪراس ڪري آسپاس جي ڳوٺن کي تباهه ڪندو منڇر ۾ گڏ ٿيو ته به اختيار ڌڻين هوش کان ڪم نه ورتو ۽ پاڻي کي رستو نه ڏنو، لڳ ڀڳ هڪ هفتي کان ڏهه ڏينهن تائين گڏجاڻيون ڪيون ويون پر فيصلو نه ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي م منڇر اٿان ٽٽي، جتان ڪيترائي ماڻهو حڪومت کي صلاحون ڏئي رهيا هئا ته ڪٽ ڏئي پاڻي درياهه ڏانهن موڪليو وڃي. ڇندڻ يا منڇر کي ڪنٽرولڊ ڪٽ ڏيڻ جو سڀ کان





وڏو مخالف سيد مراد علي شاهه هو، جنهن جي تڪ جا ٻئي وڏا شهر ڀان ۽ سيوهڻ هن وقت تائين خطري هيٺ آهن. سمجهه ۾ اهو نٿو اچي ته مراد علي شاهه کي سينيئر سياستدان پير مظهرالحق، وڏو وزير قائم علي شاهه ۽ ٻيا پاڻي کي رستو ڏيڻ تي راضي ڇو نه ڪري سگهيا ۽ ڇو انهن حمل ڍنڍ جي ڦاٽڻ مان سبق حاصل نه ڪيو هو، جنهن ڪري سنڌو جو سمورو ساڄو پاسو ٻڏي تباهه ٿي ويو آهي، جنهن کي ٻيهر بحال ڪرڻ ۾ نه ڄاڻ ڪيترو وقت لڳندو. ڇاڪاڻ ته ٻوڏ سان روڊ رستا ته تباهه ٿيا ئي آهن. ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن جا شهر به مليا ميٽ ٿي ويا آهن. سنڌو جي ساڄي ڪنڌي وارو آبپاشي جو نظام به جهڙوڪر ختم ٿي ويو آهي. هاڻي ان جي بحالي جي آبپاسي جي کاتي ويجهڙ ۾ ڪا به اميد ناهي. سو دادو ضلعي جي چونڊيل نمائندن ڏانهن جوهي واسين جي اها ميار آهي ته انهن هٿ وٺي ٻوڙائي ته ڇڏيو، پر هڪ ڦيرو به اچي ڪنهن خبر نه لڌي.

آئون جوهي شهر جي رنگ بند سان پاڻي جي ٽڪرائجڻ کان وٺندي 23 هين سيپٽمبر تائين ڏينهن رات بند تي موجود هئس. ان ڪري آئون اها ڳالهه دعويٰ سان چئي سگهان ٿو ته جيڪڏهن جوهي جي عوام وانگر سنڌ حڪومت ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ صحيح فيصلا ڪري ها ته سنڌ ۾ وڏي تباهي کي روڪڻ ممڪن هو، اڃا ڪاري موري وٽان ڪٽ نه هنيو ويو هو، سڄو جهان ٻوڙي پاڻي اچي جوهي برانچ وٽ گڏ ٿيو هو. ڳوٺاڻا ٻوڏ جي هن وڏي ريلي کي ”ابو بحر“ ڪري سڏين پيا. تڏهن کان جوهي شهر جي اوڀر واري ڳوٺ بخش علي رند جا ڳوٺاڻا ڪوڏرون ۽ کهاڙيون ساڻ ڪري ديرا ڄمائي رنگ بند تي ويهي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته ڇندڻ يعني ايم اين وي ڊرين کي محبت فقير وٽ لڳل گهاري جو پاڻي دادو جوهي روڊ جي ٻنهي پاسن کان سمورا ننڍا وڏا ڳوٺ ٻوڙيندو اچي رنگ بند سان ٽڪرايو هو. ان ڏينهن کان اڄ تائين شهري ۽ ڳوٺاڻا چئني پاسن کان رنگ بند تي مودجو آهن. جنهن وقت پاڻي رنگ بند سان اچي ٽڪرايو هو، ان وقت رنگ بند جي سرڪاري ٺيڪي جو ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار جا ٻه ايڪسيويٽر رنگ بند تي ڪم ڪري رهيا هئا. پر جيئن ئي جوهي جا رستا بند ٿيڻ لڳا ته ٺيڪيدار ٻئي مشينون ڪيرائي ڀڄي ويو، ڪجهه ونگاري ٽريڪٽر هئا، جيڪي بند کي ٻڌڻ لاءِ ناڪافي هئا. پر جوهي واسين جي همت هئي جن پاڻي سان ويڙهاند جاري رکي. جنهن ڏينهن شهرين وٽ بند تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا مشين ڪو نه بچي ان ڏينهن هڪ دفعو وري رفيق جمالي ڪميونٽي سينٽر ۾ گڏجاڻي ڪري آگاهي ڏني ته پاڻي تمام گهڻو آهي. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ شهر مان عورتن، ٻارڙن ۽ پوڙهن کي ڪنهن محفوظ جاين تي منتقل ڪجي، بند جو ڪم به تيز ڪجي ۽ ان لاءِ ٽريڪٽرن جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي، وڏيڪ مشينون به سنڌ حڪومت کان گهريون آهن. جيڪي پڻ ملي ويندي ۽ ڪجهه ڪميٽيون پاڙن لاءِ ٺاهجن ته جيئن چوري چڪاري کان به گهرن کي بچائي سگهجي. ان بعد شهر جا ماڻهو جيڪي بند

تي اچي چڪر ڏئي واپس هليا پئي ويا. انهن به اچي ڪوڏرون هٿن ۾ ڪنيون، ٽريڪٽرن جو انگ وڌيو، بعد ۾ مرحليوار هڪ ايڪسويٽر ۽ ٽي ڊوزر به سنڌ آبپاشي کاتي جوهي لاءِ دان ڪيا. سنڌ جي آبپاسي کاتي ڪان ڪيترائي ڀيرا مشينري گهري وئي هئي. پر هر ڀيري انڪار ڪيو پئي ويو. بعد ۾ جڏهن بچاءَ بند ڪي ميان جي ڪنڊي وٽ ڪنڊ لڳو ۽ دادو شهر لاءِ خطرا وڌيا ته اهو ڪنڊ ٻڌڻ لاءِ اها مشينري جوهي موڪلي وئي. هڪ ايڪسيويٽر واپڊا ڪان به ورتو ويو. ونگاري ٽريڪٽر به ڪم ڪندا رهيا ۽ پاڻي هڪ انچ واڌ پئي ڪئي ته ڳوٺاڻن هٿن سان يا مشينري جي مدد سان بند کي هڪ فوٽ مٿي پئي ڪيو، مٿي سان سوين ٻاچڪا اڳواٽ ڀري رکيا پئي ويا، جيئن ئي پاڻي چولي سان پچنگ ڪري بند کي مضبوط بنايو پئي ويو. روڻ لڳي ته ڏهه ڏهه جوان ماڻهو مار پاڻي ۾ گهڙي روڻ ڳولڻ ۽ بند ڪرڻ ۾ لڳي پئي ويا، ڏينهن رات هڪ ڪري شهرين اهو بند ٻڌو، بنا ڪنهن شڪ جي رنگ بند جي ڪم ۾ قيادت بخش علي رند جي هارين، مزدورن ۽ زميندارن ڪئي ۽ سمورن ڳوٺن ۽ شهر جي ماڻهن ان ۾ پاڻ ملهايو. شهر جي هر ماڻهو ان ۾ حصو وڌو، جنهن جي جيتري حيثيت هئي جيتري همت هئي ان پاڻ ملهايو ۽ جن ڪي سياست ڪرڻي هئي. انهن به گهٽ نه ڪئي. پر حڪمت عملي اها هئي ته ڪنهن به تڪرار ۾ ناهي پوڻو، ڪير ڪجهه به چئي اسان جو ڌيان رنگ بند جي مضبوطي تي لڳل رهندو.

جوهي واسين جي اصل آزمائش مينهن واري ڏينهن هئي، شايد 27 هين رمضان جو ڏينهن هو، ٻنپهرن ۽ ٽنپهرن جي وچ جو وقت هو اسان سڀ معمول مطابق بند تي ڪم ڪري رهيا هئاسون ته اوچتو مينهن شروع ٿي ويو، ڪجهه دير جي مينهن ڪان پوءِ پورب ڪان طوفاني هوائون هلڻ لڳيون. جن پاڻي ۾ سامونڊي چوليون پيدا ڪيون، جن سان ڳوٺ بخش علي رند سامهون نائين شاخ موري جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي وارن حساس پوائنٽس وٽ بند پروڻ ٿي ويو، ڪاٻي پاسي واري بند جي پيڙهه ڪان اڌ تائين وارو حصو ڇڄي اچي زمين تي پيو، پر ڳوٺاڻن همت نه هاري بند کي ڇڄندو ڏسي سوين نوجوان، پوڙها ۽ پڪا بند جي مٿان چڙهي بيهي رهيا. بند ۾ روڻ مٿان روڻ پئي لڳي. سڀ پريشان ٿي وياسون پر هوش ۽ عقل جو دامن ڪنهن نه ڇڏيو. اٽڪل ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي طوفان بعد ان آزمائش جو مقابلو ڪرڻ بعد پاڻي گهٽجڻ شروع ٿيو. آڌي رات بعد ٻيهر پاڻي ۾ هر ڪلاڪ تي هڪ ڪن ٻه انچ جي واڌ پئي ٿي ۽ 24 ڪلاڪن ۾ پاڻي ٻه فوٽ چڙهي ويو، پر بند ڪنهن به نه ڇڏيو، ڪنهن به ڪوڏر نه ڇڏي، ڪنهن کي به ننڊ جو خيال نه آيو ۽ ائين بند مضبوط ڪان مضبوط ٿي ويو.

جيڪڏهن مان اهو چوان ته غلط نه ٿيندو ته دادو شهر کي سنڌ حڪومت نه بلڪ هڪ تيل ڪمپني بچايو، جنهن ڏينهن رات هڪ ڪري چنڊڻ جي اوپر واري ڪڙ کي مضبوط پئي ڪيو ۽ ان ۾ لڳندڙ هر روڻ ٻڌي بند جي سطح پئي وڌائي. جوهي جي رنگ بند ۾ ڏينهن ۾ ٻه چار روڙيون ٿي پيون پر چنڊڻ جي اوپرندي ڪڙ ۾ روزانو ڏهه





کان پندرنهن روڙيون ٿي پيون، جيڪڏهن تيل ڪمپنيءَ جي هيوي مشينري نه هجي ها ته چنڊڻ جو بند به مٿي نه ٿي سگهي ها ۽ جوهي جي رنگ بند تي پنج ڪان ڇهه فوٽن تائين پاڻي جي چاڙهه سبب بند چنڊڻ اوپر پاسي اٿلي پئي ها ۽ پوءِ اهو ئي حشر ٿئي ها، جيڪو منڇر جو ٿيو يا وري ٽوڙي بند جو ٿيو، چاڪاڻ ته جڏهن ٽوڙي وٽ پاڻي اوور ٽاپ ڪيو ته سڄو عملو ڀڄي ويو ۽ جڏهن منڇر اوور ٽاپ ڪيو ته اتي سواءِ ٻن سپاهين جي باقي ڪير نه بچيو هو، سڄو سرڪاري عملو اتان نڪري هليو ويو.

هتي نادر مگسي جي ڪردار کي نظر انداز ڪرڻ وڏي زيادتي هوندي، جنهن هر وقت سنڌ حڪومت کي پاڻي کي رستو ڏيڻ جي صلاح ڏني، جنهن دادو ۽ ڄامشوري جي چونڊيل نمائندن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حق سچ چوندو رهيو. جوهي رنگ بند تي ويهارو ڪن ڏينهن گذاري جتي مون ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جون ڪيتريون ئي مهارتون ڏٺيون، اتي اهو به سکيو آهي ته ٻوڏ کي صرف ۽ صرف هوش ۽ عقل سان منهن ڏئي سگهجي ٿو، جيڪڏهن پاڻي ڏسي هٿ پير ٿڌا ڪري ويهي رهبو ته پاڻي خيرپور ناٿن شاهه وانگر اهي علائقا به ٻوڙيندو، جن جي ٻڏڻ جو ڪو به انديشو نه هوندو ۽ جيڪڏهن هوش ۽ عقل ڪان ڪم وٺي وقت سان فيصلا ڪبا ته جوهي جهڙو شهر به بچي ويندو، جنهن کي سنڌ حڪومت، آبپاشيءَ جا ماهر ٻوڏ ڪان ڪيترائي ڏينهن اڳ ٻوڙائي چڪا هئا.

# سنڌو ندي ڇو نه سنڀالجي سگهي

علي گوهر تنيو

سنڌو ندي ڪنهن وقت مائيٽي رور Mighty river جي نالي سان جڳ مشهور هئي. ايتري وڏي ۽ حيرت انگيز هئي. جهڙي مصر جي نيل ندي، هن ڪي پورالو ندي ٻه ڪري ڪوٺيو ويندو هو. جو هو پنهنجي مرضي سان وهڪرو مٽائيندي رهندي هئي. اها نانگ وانگر ور وڪڙ هڻندي ڦوڪون ڏيندي ڪيٽي بندر وٽ ائين لڳندي هئي ڄڻ ته ڪو ننڍو سمنڊ هجي. هن ندي کي سنڌوندي انهيءَ ڪري سڏيو ويو، جو هيءَ سنڌ جي ماڻهن جي جيءَ جو جياپو هئي. پنجاب گڏيل هندستان جي وقت کان وٺي ڪوشش پئي ڪئي ته ڪهڙي نموني سنڌو درياهه جو پاڻي پنجاب اندر استعمال ڪيو وڃي، حالانڪ پنجاب جي ندين ۽ زير زمين جو وڏو مٺي پاڻي جو ذخيرو پنجاب جي زمين لاءِ ڪافي کان به وڌيڪ هو. هنن کي سنڌو ندي مان پاڻي ڪڍڻ جي گهر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ئي نه هئي، پر وري به پنجاب گورنمينٽ ٿل پراجيڪٽ ٺاهي انڊيا گورنمينٽ جي منظوري لاءِ موڪليو، پر وقت جي وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ پنجاب جي اها گهر بي واجبي ۽ نامناسب سمجهي رد ڪري ڇڏي اهو فيصلو ڏنو ته پنجاب کي سنڌو درياهه مان هڪ ڦڙو به پاڻي نه ڏنو وڃي.

1923ع ۾ پنجاب گورنمينٽ آزمائشي طور ٿيل ڪئنال واسطي صرف 750 ڪيوسڪ پاڻي جي گهر ڪئي، جيڪا به لارڊ ڊينگا جيڪو ان وقت انڊيا جو وائسراءِ هو، تنهن پنجاب حڪومت جي اها رٿ نهايت اهم دليلن سان رد ڪري ڇڏي ۽ چيو ته ٿل پراجيڪٽ منظور ڪرڻ سان سنڌ سان نهايت سنگين بي انصافي ٿيندي، پنجاب سنڌوندي مان جيڪو پاڻي پاڪستان ٺهڻ کان 80 سال اڳ حاصل ڪري نه سگهيو، سو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٿورن سالن جي اندر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن وقت هنن 43 ڪئنال ۽ 12 انٽر لنڪ ڪئنال، 2 وڏيون ڊيمون ٺاهي سنڌ جي پاڻي تي مڪمل ڪنٽرول ڪري ورتو آهي. انگريزن جي وقت ۾ هڪ ننڍو ڪينال تونسا براج مان ڪڍڻ ڪري سنڌ- پنجاب پاڻي جي ورهاست لاءِ 1945ع ۾ هڪ





ايگريمينٽ ڪئي ويئي جنهن مطابق اهو فيصلو ڪيو ويو ته پنجاب سنڌو ندي مان 25 سيڪڙو پاڻي کڻي ۽ سنڌ کي 75 سيڪڙو پاڻي سنڌوندي مان ڏنو وڃي. ساڳي وقت پنجاب پنهنجن ندين مان 25 سيڪڙو پاڻي سنڌ کي ڏئي ۽ باقي 75 سيڪڙو پاڻي پاڻ کڻي. اها ايگريمينٽ اجا تائين قائم آهي. پر 1991ع وارو رڪارڊ بنائڻ سبب انهيءَ 45 واري ايگريمينٽ تي عمل نه ٿيڻ لڳو. 1945ع واري ايگريمينٽ جي فقره 8 ۾ اهو به ڄاڻايو ويو ته پنجاب کو به ايريگيشن اسٽرڪچر سنڌ جي مرضي کان سواءِ نه ٺاهيندو. اهڙن واعدن هوندي به پنجاب واهن ۽ لنڪ ڪئنالن جو ڄار وڇائي، سنڌ کي آگاهه ڪرڻ کانسواءِ سنڌوندي جي پاڻي تي قابض ٿي ويو، ان وقت جيڪي سنڌو جا ايريگيشن آفيسر هئا، تن نه پاڻ کو اعتراض اٿاريو ۽ نه سنڌ جي ماڻهن جو انهيءَ طرف ڌيان ڇڪايو، نتيجتا سنڌوندي جو پاڻي ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو ۽ گهٽ ڊسچارج وهڻ ڪري سنڌو ندي جو پيٽ لٽبو ويو، ايتري قدر جو ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ واريءَ جا دڙا ٺهي ويا. سنڌ ۾ پاڻي جو بحران شروع ٿيو ۽ هزارين ايڪڙ زرخيز زمين بنجر بڻجي وئي. شاخن جون پچڙيون ميلن ۾ سڪي ويون.

**بند:**

سنڌو جي پاڻي تي قبضي کان اڳ سنڌو ندي موج ۾ وهندي هئي ۽ جيڏانهن مرضي پوندي هوس هئس رخ رکندي هئي. انگريزن هندستان تي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ انهن سيني ڳالهين جو نوٽيس ورتو، سنڌو درياءَ کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ سنه 1898ع ۾ مسٽر ڊاسن کي آمريڪا موڪليو ته مسيسپي نديءَ جو جائزو وٺي اچي ته ڪهڙي نموني رور کي ڪنٽرول ۾ رکيو ويو آهي. هن سنڌو نديءَ سان ٻنهي ڪنارن تي بندن ٻڌڻ جي تجويز ٻڌايو، ان کان پوءِ انڊس رور ڪميشن بنائي ويئي جيڪا بندن جي باري ۾ وقتن فوقتن ملي پنهنجون سفارشون پيش ڪندي رهي. سنه 1930ع ۾ سکر بيگاري بند ۾ ڪنڊ پيو، جنهن جي نتيجي ۾ بند مينوئل 1936ع ۾ ٺاهيو ويو، جيڪو ڪم (K.K framji) آفيسر ان سپيشل ڊيوٽي کي سونپيو ويو. سنه 1942ع سکر بيگاري بند ۾ ڪنڊ پوڻ کان پوءِ مسٽر انجلس وڌيڪ سفارشون پيش ڪيون، جيڪي بند مينوئل ۾ درج ڪيون ويون. مسٽر کي فريمجي جو بند مينوئل اجا تائين موجود آهي جنهن جي ڪاپي هر انجيئر وٽ هجڻ کپي. بند مينوئل تي عمل ڪرڻ سان بند ۾ ڪنڊ پوڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. هن کان اڳ ڪئين سپر فلڊس خير خوبي سان پاس ٿي ويون آهن پر هڙا راڳا ڪڍهن نه ٿيا، بندن ۾ روڙيون به پونديون رهنديون هيون. پر آسانيءَ سان انهن تي ڪنٽرول ڪيو ويندو هو. چون ٿا ته پاڻيءَ جي ڊسچارج تمام گهٽي هئي. پر ڏيکاري گهٽ ويئي آهي. اهو چوڻ بلڪل غلط آهي. ڇاڪاڻ جو درياءَ جو پيٽ درياءَ ۾ مسلسل پاڻي گهٽ وهڻ ڪري، تمام

گهٽو لٽجي مٿي ٿي آيو آهي ۽ جيڪا گيج پڙهي ڊسچارج ڀڏائي پئي ويئي. اها اصل ڊسچارج کان گهٽو گهٽ هئي. جيئن ڪئنال ۾ پراڻيون گيجز لڳل 12 فوٽ پاڻي ڀڏائينديون آهن. پر پاڻي جو عميق ونڻ سان خبر پوندي آهي ته پنج فوٽ به پاڻي نه هوندو آهي. ڪانءُ ۽ دڪيءَ جو سبق پڙهندا هئاسين ته دڪيءَ ۾ پاڻي ايترو هيٺ هو جو ڪانءُ جي چهنب ان کي رسي نه ٿي سگهي ۽ هو ان مان پاڻي پي نه پئي سگهيو، ڪانءُ کي خيال ۾ آيو ته دڪيءَ مان پٿريون وجهڻ سان پاڻي مٿي ايندو، پوءِ آئون پاڻي پي ڍئو ڪري ويندس. هن اها حڪمت عملي آزمائي ۽ دڪي ۾ پٿريون وجهڻ لڳو. پٿريون وجهڻ سان پاڻي مٿي آيو ۽ ڪانءُ آساني سان پاڻي پي هليو ويو. ساڳي دستور تحت درياءَ جو پيٽ مٿي اچڻ کي چئبو آهي جيڪو درياءَ جي سلٽنگ ڪري مٿي ٿي آيو آهي. ڪوٽڙي ۾ هڪ سبب ڊويزن هئي. جنهن جو ڪم رور سروي جو هوندو هو. اهي هر سال ندي جي پاڻي جو وهڪرو ۽ ان جي صورتحال نوٽ ڪندا هئا ۽ اهڙا نقشا ناهي اڳئين نقشن سان ڀيٽا ڪئي ويندي هئي ته هن سال ندي جو ڇا رهيو. هاڻي اهي سڀ طريقا ختم ٿي چڪا آهن. انهيءَ ڪري ڪا خبر ڪا نه ٿي پوي ته ندي جو رخ ڇا آهي ۽ ان جو پيٽ ڪيترو مٿي چڙهي آيو آهي.

اڳي ڊسچارج ونڻ جو اهو طريقو به هو جو درياءَ جي پيٽ جي مٿان هڪ ڪيبل لڳل هوندي هئي. انهيءَ جي ٿوري ٿوري مفاصلي تي ويلاسٽي ميٽر لڳل هوندا هئا. جيڪي انهيءَ پاڪيٽ جي پاڻي جي رفتار ڀڏائيندا هئا ۽ ساڳي وقت سائو ڊنگر ذريعو پاڻي جو اصل صحيح عميق به ماپيو ويندو هو، جنهن مان صحيح ڊسچارج جي خبر پوندي آهي. پر اهي سڀ ڳالهيون ختم ٿي وينديون آهن ۽ پاڻي جي گيج پڙهي ڊسچارج ڀڏائي پئي وڃي، جيڪا ساڍا 12 لک ڪيوسڪ نه پر ست لک ڪيوسڪ مس هئي. بند ۾ بريچ ٻن سببن جي ڪري پوندي آهي. هڪ روڻ پوڻ ڪري، جيڪا ڪئن جي ٻرڙن مان ٿئي يا ميئهن جي گهارن کي بند نه رکڻ ڪري پاڻي گهارن ۾ وجڻ سان بريچ ڪري وجهي ٿو. ڪا به روڻ جنهن جو جيڪو به ڪو سبب هجي. گهٽ کان گهٽ 24 ڪلاڪ وهندي آهي. انهيءَ وچ ۾ جيڪڏهن اها روڻ ڪنهن جي نوٽيس ۾ نه آئي ته کلي بريچ ٿي ويندي، بريچ پوڻ جو ٻيو ڪارڻ اوور ٽاپنگ ٿئي ٿي. پر پاڻي جي اوور ٽاپنگ ورلي ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ جو فل سپلاءِ ليول جنهن تي اڳ ۾ سپر فلڊ جو پاڻي پهتل هجي. ان کان 4 کان 6 فوٽ فري بورڊ ڏنو ويندو آهي. ٻنهي حالتن ۾ جيڪڏهن ماڻهو 24 ئي ڪلاڪ چوڪسي ڪندڙ آهن ته بريچ روڪي سگهن ٿا. پر ٿوري ئي غفلت ڪرڻ سان بند م بريچ پئجي ويندي ۽ Havoc مچي ويندو. ان کي ڪنٽرول ڪرڻ ڪو آسان نه آهي. درياهه سڄو انهيءَ پاسي اٿلي پوندو. ڪن جي چوڻ مطابق ته اها قدرتي آفت هئي. اسان پنهنجي غفلت کي قدرتي آفت سڏيون، سو نامناسب آهي. قدرتي آفت ائين هئي. جيئن حضرت نوح عليہ السلام جي زماني ۾ پاڻي هيٺان زمين مان به ۽ آسمان کان به ايترو آيو جو جبلن جي چوٽين کان به مٿي هليو





ويو. زلزلن جو قدرتي آفت آهي. جو انسان ۾ ان جي روڪڻ جي طاقت نه آهي. پر بند ۾ بريچ پوڻ اها سان جي غفلت آهي. سکر بيگاري بند ۾ جيڪو 1942ع ۾ ڪنڊ پيو. ان ۾ ايس اي کان وٺي هيٺيون اسٽاف گهر موڪليو ويو. يعني نوڪرين تان فارغ.

هاڻي گهٽو ڪري بندن جون جدا سب ڊويزنس آهن. جن جو ڪم رڳو اهو آهي ته سارو سال بند جي ديک ڀال ڪن ۽ آبڪلاڻي جي موسم ۾ بندن تي جوڳو بندوبست رکن. جيئن ڪٿي به بريچ نه پوي. اڳي بندن لاءِ ڪي خاص فنڊس ڪو نه ڏنا. ويندا هئا. پر هاڻي ڪروڙن ۾ بندن جي بچاءَ لاءِ فنڊس ڏنا وڃن ٿا. جيڪڏهن 1978ع کان وٺي حساب ڪبو ته ڪيترا فنڊس بندن تي منظور ڪيا ويا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪم بندن تي ٿيا آهن. انڪوائري ڪرڻ سان سموري خبر پئجي ويندي. سنه 2008ع ۾ ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ڄامشوري بند لاءِ پچنگ ۽ اسپرس لاءِ ڪروڙن ۾ فنڊ منظور ٿيل آهن. بورڊ جي منظوريءَ سان اهي فنڊس استعمال ڪيا ويندا. سڀني ميمبرن فيصلو ڪيو ته بند جو معائنو ڪري پوءِ فيصلو ڪيو وڃي ته آيا انهن فنڊس جي ڪٿي ڪٿي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. بند جي معائني ڪرڻ سان ڏٺو ويو ته سمورو بند پٿر جي پچنگ ٿيل هو ۽ ان جي اڳيان ايترو گهاٽو جهنگ هو، جو ويو واش ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. سر زمين تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن بند تي ڪنهن قسم جي پٿر جي ڪم ڪرائڻ جي ضرورت نه آهي. پر ان فيصلي باوجود وقت جي آفيسرن اهي فنڊس اتي استعمال ڏيکاريا. جيڪڏهن بندن جي صحيح سار سنڀال ٿئي ته 14 يا 15 لک ڊسچارج آسانيءَ سان پاس ڪري سگهجن ٿا.

مٿي جيئن ذڪر ڪري چڪو آهيان ته درياءَ جو پيٽ تمام گهٽ سلٽ تي چڪو آهي. ان مان ڊريجر ذريع سلٽ ڪڍي وڃي. درياءَ جي سڄي پيٽ مان سلٽ ڪڍڻ شايد ممڪن نه ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ وڏا وڏا ڊڙا ڊاٽا وڃن. جيئن درياءَ ۾ پاڻي چڙهي ته آسانيءَ سان پنهنجو وهڪرو ناهي هلي. اسان وٽ ڪي اهڙا انجنيئر صاحب به آهن. جن کي واهه وهائڻ يا بندن کي سنڀالڻ جو ڪو تجربو نه آهي. اهي بيڪ ڊور کان اچي پنهنجي سينيئرز کان به اڳ ايس اي ۽ چيف ٿيو وڃن. اهڙن صاحبن کي ڪا چنتا نه آهي ته ڪو سڪي ٿو يا ڪو ٻڏي ٿو.

هٿ سان بندن يا واهن کي ڪٽ هڻي ملڪ کي بچائڻ هڪ نئين ٽيڪنالاجي آهي، جيڪا اڃا آمريڪا يا ٻين ڊولپڊ ملڪن ۾ نه آئي آهي. بند ۾ بريچ پوڻ يا بريچ وجهڻ هڪ وڏي بدناموسي آهي. اها لاڳاپيل آفيسر جي غير ذميواري ليکڻ گهرجي. بندن جي ڪندن کي هر حالت ۾ بچائڻ، اڻ ڄاڻائي ۽ لاعلمي ڪري لکن ماڻهن کي دربدر ڪرڻ، انهن جا مال ۽ ٻار پاڻي ۾ لڙهي وڃڻ وڏو گناهه آهي. بند مينوئل ته فريمجيءَ 1936ع ۾ جوڙيو، پر هن ماڊرن سائنسي دور ۾ سائنس آف سائل مڪينڪس ايتري ترقي ڪئي. آهي جو ڪنهن به بند، ليوي، بئنڪ، ڊيم ۾ بريچ

پوڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اسان ايتري چنتا ڪري ڇو نوان نوان طريقا اختيار ڪيون، ڇوندا آهن تہ ”ابي گهر مهمان، مون کي لوڏو ئي نہ“ پڏن تہ غريب ٿا، اسان ڇو ايترو فڪر ڪريون. ڪنهن هنڌ سوڪ ٿي ٿئي تہ ڪنهن هنڌ ڪنب پيا پون. ڪروڙين اربين رپيا واهن تي خرچ ڪيا ويا آهن، پر حال تہ اهي ئي خراب اٿن.

## منڇر ڍنڍ

وڏي ۾ وڏي هن ملڪ جي مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍ جيڪا اٽڪل 12 ميل سيوهڻ شريف کان مفاصلي تي آهي. هن جي چوڌاري وارو بند بوبڪ جي ويجهو پورو ٿئي ٿو. هيءُ هڪ قدرتي ڍورو آهي. جيڪو کيرٿر جبلن جي واهن سان پرجي ٿو. سنڌ صوبي جو هڪ تمام سٺي پاڻيءَ جو ذخيرو آهي. هن ڍنڍ مان تمام گهڻي مڇي مرندي هئي ۽ ڪافي آبادي ٽيندڙ هئي. سياري جي موسم ۾ تمام گهڻا پري کان پکي اچي مڙندا هئا، پري پري جا شڪاري شوق ڪرڻ لاءِ اتي ايندا هئا. سياري ۾ ڪڏهن ڪڏهن سڪي ويندي هئي ۽ اونهاري ۾ اٽڪل 100 چورس ميلن تائين پکڙيل هوندي هئي. شروع ۾ هيءَ ڍنڍ آر ايل 116 تائين پاڻي جهلڻ جي گنجائش رکندي هئي. منڇر ۾ پاڻي ٽن جدا جدا ذريعن کان ايندڙ هو، هڪ جبلن تي پوندڙ مينهن جي پاڻيءَ جو ذريعو، ٻيو سکر بئراج جي سڄي پاسي آباد ٿيندڙ زمينن جو بچتو پاڻي، ۽ ٽيون ذريعو هو درياهہ کان ايندڙ پاڻي، سڀ کان وڏيڪ منڇر ۾ پاڻي آٽيندڙ ذريعو هو جبلن تي پوندڙ مينهن جو پاڻي، جنهن ۾ گاج نئين جي پاڻي جو ڏو حصو هو، گاج نئين کان مينهن جو پاڻي اٽڪل 170000 ڪيوسڪ اچي ٿو، ان کان علاوه ٻين نئن جو پاڻي بہ منڇر ۾ اچي پوي پيو، انهيءَ کان علاوه ڪوئيٽا جي جبلن تان لهندڙ پاڻي ۽ سبي کان ايندڙ پاڻي بہ منڇر ۾ اچي پوي ٿو.

اسان جي سنڌ آبپاشي کاتي کي پنهنجا ايترا فنڊس ڪو نہ آهن، جو ڪئنالس کي ماڊرنائيز ڪن ۽ سڌارين. انهيءَ ڪري هو ورلڊ بئنڪ کان ملندڙ فنڊس تي ڀاڙين ٿا. ورلڊ بئنڪ وارا پنهنجن شرطن تي فنڊس ڏين پيا. هڪ تہ جيڪي ڪم ڪرايا ويندا، اهي ڪنسلٽنٽس جي معرفت ڪرايا ويندا. آبپاشي کاتي وارا صرف نگراني ڪندا. ڪمن جي رٿابندي توڙي ڊزائين بہ ڪنسلٽنٽس جي معرفت ٿيندي. سڀ ڪنسلٽنٽس ڪمپنيون گهڻو ڪري پنجاب سان واسطو رکن ٿيون. انهن جي انجنيئرن کي گهڻو ڪري سنڌ جي حالتن ۽ ڪئنالس جي ڪا خبر نہ آهي. ڪنسلٽنٽس جيڪي بہ اسڪيمون هن وقت تائين پيش ڪيون آهن ۽ مڪمل ڪيون آهن. انهن مان هڪڙي اسڪيم بہ ڪامياب نہ ويئي آهي. آر بي او ڊي اسڪيم بہ ڪنسلٽنٽس کان پيش ٿيل آهي. جيڪا بلڪل فيل ويئي آهي. انهن ڪنسلٽنٽس جو چوڻ آهي تہ بلوچستان کان جيڪو پاڻي منڇر ۾ پوي ٿو، اهو زهريلو ۽ کارو آهي.





دراصل آر بي او ڊي اسڪيم جي ڪاميابي ڏيکارڻ لاءِ منڇر جو پاڻي کارو ڪيو ويو. ڊيرا اسماعيل کان پنجاب جو کارو زهريلو پاڻي بلوچستان جي جبلن کان وهائي منڇر ۾ آندو ويو تہ جيئن منڇر جي پاڻي کي بلوچستان کان ايندڙ پاڻي ڏيکاري. زهريلو ثابت ڪيو وڃي ان کان علاوه سوين ٽرڪون چني جو منڇر جي پاڻي ۾ وجهي پاڻي کي کارو ڪيو ويو. جيڪو بہ وزيٽر منڇر تي آيو پئي. ان کي منڇر جي پاڻي مان گلاس ڀري چکايو پئي ويو ۽ هو پاڻي چکي چوندو رهيو تہ واقعي بہ منڇر جو پاڻي کارو ۽ زهريلو آهي. اهو ڪنهن کو نہ پئي سوچيو تہ جيڪو صدين کان بلوچستان جي جبلن کان ايندڙ پاڻي کارو ڪو نہ هو، هاڻي آر بي او ڊي اسڪيم هٿ ۾ ڪڻڻ کان پوءِ ڪيئن کارو ٿي ويو؟ ڪنسلٽنس جي وسيلي اربن ۽ ڪروڙن جا ڪم ٿيا آهن، پر هڪ ڪم بہ ڪامياب نہ ويو آهي، انهن لاءِ آئون ثبوت پيش ڪري سگهان ٿو.

# هڪ انجنيئر جي ٻوڏ دوران بند تي لکيل ڊائري

اشتياق انصاري

چوڦير اونداهي ڦهليل آهي. مان بند تي عارضي قائم ڪيل ڪئمپ پهچي چڪيدار ڪان ڪالهوڪي ٻوڏ ۾ لڙهي آيل همراهه جي باري ۾ پڇا ڪريان ٿو، ڪالهه سنجها ڏاري اسان جي ڪئمپ پرسان اوچتو رڙيون ٿي ويون "بچايو... بچايو... ٻڏان ٿو..." ڏسون ته هڪ همراهه ٻوڏ جي پاڻي ۾ لڙهندو هيانءَ ڦاڙ دانهون ڪندو ٿو اچي. اتي موجود ڳوٺ جي نوجوانن ٽپيون هڻي وڏي مشڪل سان ڪيس ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. همراهه ڪجهه سامت ۾ اچڻ بعد ٻڌايو ته سندس ڳوٺ بچاءَ بند پرسان آهي. هو اوڏانهن پنهنجي گهر وڃڻ چاهي پيو ته اوچتو گولي جهڙو وهڪرو کين گهلي ويو. همراهه ايڏا غوطا کائڻ بعد به ضد ڪري رهيو هو ته هن مان هٿ ڪڍو ته هو پنهنجي ٻچن سان ملڻ وڃي. هو پنهنجي ٻچڙن جي باري ۾ بي حد فڪرمند هو. هن کي خوف هو ته سندس ٻار ٻچا به ان طوفاني ٻوڏ ۾ لڙهي ويا هوندا. هن هيجاني ڪيفيت ۾ وري هڪ اڌ دفعو پاڻي ۾ لهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان جي اها جنوني ڪيفيت ڏسي سوچيان پيو ته، ڇا! واقعي اولاد پنهنجي جان کان به پيارو هوندو آهي؟ هن کي اهڙي خودڪشي کان باز رکڻ لاءِ ڪيس زوري پاڻ وٽ سوگهو ڪري ويهاريو. هن جي ڪيسي مان نڪتل بندڙي مان فون نمبرن تي ڪيس پنهنجي مائٽن سان به ڳالهرايو آهي. تنهن هوندي به احتياطن ڪئمپ جي چوڪيدار مجيد جمالي کي خاص هن جي نظر داري لاءِ مقرر ڪيو آهي.

اسان جو چوڪيدار مجيد جمالي، پٽو خاندان جو شيدائي آهي. ايم آر ڊي دوران ڪيس ٽي سال جيل ۾ پندرنهن ڦٽڪا لڳا هئا. جنرل ضياءَ جي دادو جي دوري دوران هن اگهاڙو ٿي سندس استقبال ڪيو هو. پٽو صاحب کي جڏهن ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو هو ته هن جوهيءَ جي جيل ۾ پنهنجي مٿان گاسليٽ هاري پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيو هو، جنهن جا نشان اڄ به هن پورهيت جي بدن تي ظاهر آهن. اڄڪلهه منهنجي ايم اين وي ڊرين تي ڊيوٽي آهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ بعد ڪيترائي واهڻ،





وستيون ۽ شهر ويران ڪرڻ کان پوءِ اهو هزارين ڪيوسڪ خوني پاڻي هن ڊرين ذريعي ئي منڇر بعد سنڌو درياهه ۾ پهچڻو آهي. هي چندبڻ ساڍا ٽي هزار ڪيوسڪ تي ڊزائين ٿيل آهي. پر ان وقت ان مان يارنهن هزار ڪيوسڪ پاڻي ٽاڙهيا ڪري وهي رهيو آهي. ان ڪري چندبڻ ڦوڪٽي وانگر ڦاٽڻ تي هئي. واپڊا جو سارو عملو ڏينهن رات ان جي چوڪسي ڪري رهيو هيو، ايتري قدر جو لاهور کان ميمبر واٽر راغب عباس شاهه ۽ حيدرآباد کان جي ايم علي شير بلوچ به اچي، عيد پنهنجي عملي سان ڳڏ بند تي ملهائي هئي. ڇو جو اسان جي ٿوري به غفلت اک ڇنڀ ۾ دادو لاءِ قيامت ثابت ٿي سگهي پئي. ڪجهه دير ڪئمپ ۾ ويهي مان جيپ تي چڙهي بندن تي معائني لاءِ نڪتس ته ڪجهه نوجوانن تيز موٽر سائيڪلون ڊوڙائيندي اڳيان اچي هٿ ڏئي روڪيو. انهن مان هڪ نوجوان سهڪندي ٻڌايو ته، "ڪجهه اهلڪار ڪٽ هڻڻ لاءِ ڦلجي ڳوٺ وٽ بيٺا آهن. ساڳي وقت هنن پاڻي ۾ ترندڙ گئس جا بم به اڇلايا آهن." مان هنن جي سادگي تي مسڪرائي کين تسلي ڏيندي چيو "اهلڪار ڇو هرو ڀرو ڪٽ هڻي دادو جي لکين ماڻهن کي ٻوڙيندا، ٻيو جيڪڏهن هنن بم اڇلايا آهن ته فڪر نه ڪريو. اسان جي اڳيان جيڪا پل آهي، اهي بم اتي رڪجي ويندا."

مان پاڻ اها صورتحال ڏسڻ لاءِ سرزمين تي پهتس ته اتي سوين ماڻهو هٿيارن سان جهنجيل، اهلڪارن جي ٽرڪن کي روڪيون بيٺا هئا. اهي اهلڪار هن ريسڪيو آپريشن ۾ مشغول هيا. جن ڪجهه ڪير جا ڊٻا ۽ منرل واٽر جون خالي بوتلون پاڻي ۾ اڇليون هيون. جن کي ماڻهو ڪيميڪل يا گئس جا بم سمجهي رهيا هئا. اسان جي ڪجهه آفيسرن ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي ته هو وڌيڪ ناراض ٿيا ته توهان هنن ڪٽ هڻندڙن جا ساٿاري آهيو. آخر ۾ شايد ڊي سي او جي مداخلت تي ڳوناڻن جي اها غلط فهمي دور ٿي. هت هر هڪ هٿ ۾ موبائيل فون هئڻ ڪري ماڻهن جو پاڻ ۾ مسلسل رابطو رهي ٿو. ڪٿي به ڪا چرپر ٿئي ٿي ته موبائيلن تي ٽڙڪا ٿي وڃن ٿا. چند منٽن ۾ خبر ساري علائقي ۾ باهه جيان ڦهلجي وڃي ٿي. سرڪاري آفيسن کان وٺي وزيرن جون فونون ڪڙڪي وڃن ٿيون. ڪي چئنل ته بنا تصديق جي خبرون ۾ اسڪرول به هلائي ڇڏين ٿا. سنڌ جي ماڻهن وٽ اڄڪلهه اعتبار جوڳو چئنل ڪي ٽي اين ئي آهي. جيئن ڪنهن زماني ۾ بي بي سي تي ماڻهن کي ڀروسو هوندو هو ۽ تجسس سان ٻڌندا هيا، تيئن هاڻي ماڻهو ڪي ٽي اين جي خبر کي پٿر تي ليڪو سمجهن ٿا. منڇر جا مهاڻا ته فيض ڪوسو کي مارڪ ٽيلي سڏن ٿا. اسان کي ته بندن تي ڊيوٽي دوران به عزيز رانجهاڻي موبائيل تي ميسيج ذريعي ڪي ٽي اين نيوز کان هر وقت باخبر رکند رهندو هو.

بند جي مختلف نازڪ هنڌن تي ڳوناڻا، پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪٽون رکي پهرو به ڏئي رهيا هئا. روڻ يا گهارو پوڻ کان علاوه کين اهو به خطرو هو ته مٿان ڪو زوري يا دشمني ڪري بند کي ڪٽ نه هڻي وڃي، ڇاڪاڻ جو هو ٽوڙي بند ٽٽڻ کان وٺي

ڏاڍ مڙسن ۽ سياستدانن جي پاڙي سان فٽ بال مئچ ڏسندا آيا هئا. هاڙي تہ چونڊيل نمائندا بہ هڪ ٻئي تي شڪ ڪرڻ لڳا. متان اڳيون ڪا حرڪت ڪري سندس ساک نہ خراب ڪري. هنن تہ پوليس موبائيل ڪي بہ بندن تي اچڻ کان روڪي ڇڏيو، ان ڪري هاڙي بند تي ڳوٺاڻا پاڻ هٿيارن جي چوڪسي ڪن پيا. خاص ڪري اڌ رات تائين ڪيترين گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جون روشنيون بند تي ڊوڙندي نظر ايندڙيون هيون. ساڳي وقت مختلف هٿيارن جي جهنڪار ٻڌڻ لاءِ ملندي آهي. اتي مون هڪ نوجوان کي روڪي چيو، ”يار انهن هٿيارن جي جاءِ تي هڪ هڪ ڪوڏر ڪٽي اچو تہ ڪيڏو نہ سٺو.“ همراهہ کي اها ڳالهہ نہ وڻي هو پنهنجي ڪليشن تي هٿ گهمائيندو موٽر سائيڪل جي روشني ۾ اوندهہ کي چيريندو غائب ٿي ويو. ساري علائقي ۾ بند متاثرين تي هئڻ ڪري ڪيترائي ٻوڏ متاثرين اچي رهيا آهن، ڪن کي امداد ۾ ٿورا تنبو مليا آهن. ڪافي بغير ڇت جي نٿهڻ اس ۾ ويٺا آهن. اسان بندن کي مضبوط رکڻ لاءِ لڪڙا، ٿوها، پاڇڪا ۽ ڳوٽيون بہ رکيون آهن. ڪن همراهن ڇپرا ٺاهڻ لاءِ لڪڙا ۽ ٿوها گهريا، ايمرجنسي هوندي بہ ڪين انڪار ڪري نہ سگهيس.

پاڙي جي ڪري ٻرن مان ڪيترائي نانگ نڪري آيا آهن. هر روز ڪيترائي نانگ بندن تي ريڙهيون پائيندي نظر اچن ٿا. هٽ ڪنپاري، سرنگهہ، ٻہ منهن نانگ گهٽي انداز ۾ آهن. ٻوڏ سٽيل ويچارا ايڏن بلائن جي وچ ۾ هيٺ پٽن تي ستا پيا آهن. انهن مان ڪيترن ئي مسڪينن کي نانگن ڏنگيو بہ آهي. ان رات بہ گشت دوران هڪ ڇهن سالن جو ٻارڙو ننڊ ۾ ليٽڙيون پائيندو وچ بند تي اچي پيو هو، ٿوري بہ غفلت ٿئي ها تہ پاڙي ۾ وڃي ڪري ها، يا ڪا گاڏي ڪيس چيپاٽي ڇڏي ها. مان ٻار کي ڪٽي ننڊ ۾ اگهور سندن مائٽن حوالي ڪيو. رات جو اڪثر جوهي مان ڊاڪٽر حميد سومرو سان فون تي حال احوال ٿيندو رهندو هو، جوهي واسي بہ ان وقت ڏينهن رات جوهي جي چوگرد ڏنل رنگ بند جي حفاظت ڪري رهيا هئا. حالانڪ سرڪار جوهي کي خالي ڪرڻ جي وارننگ ڏئي ڇڏي هئي. تنهن هوندي بہ جوهي جي ٻارن ٻڍن، نوجوانن توڙي نياڻين ڏينهن جو پگهر وهائي ۽ رات جو اوجاڳا ڪري سمنڊ سان سينو ساهيو، پاڙيءَ جو اهو آڙاهہ، عوام جا اهي بلند حوصلا ڏسي پاڻ ئي همت هاري ويو. جوهي جو مان مٿانهون ڪرڻ لاءِ هارين، مزدورن ، سياسي ورڪرن، ڪان وٺي مذهبي ڌرين بہ پاڻ ملهايو. جن ۾ ڊاڪٽر حميد سومرو، سائين بخش رند، امداد سومرو، قربان بلوچ، عبدالفتاح ڏاهري ۽ ٻيا دوست سدائين سنڌرا ڪڇيون بيٺا هئا. هنن جا ارادا ڪير ٽر جيان اڏول آهن. سنڌ ۾ اهو هڪ بي پناهہ اتساهہ پيدا ڪندڙ عوامي اتحاد جو مثال آهي. هڪ پاسي رياستي ادارا ڊڄڻا وڏيرا ۽ چونڊيل نمائندا ٻئي طرف رڪ جهڙي انساني هٿن جو ڪمال، جيڪي پنهنجي هٿن ۾ پيل لڦن سان تاريخ جو هڪ انوکو ۽ نئون باب لکي رهيا هئا. رات جو عبدالله ۽ حبيب الله جمالي ڳوٺ جا نوجوان بہ بند جي نگهباني لاءِ ويٺا هوندا هئا. جيئن پولڙو قلابازي کان نہ





مڙندو آهي. مان بہ... چانهہ جي چڪي تي هنن نوجوانن سان ادبي ۽ تاريخي ڪچهري ڪري پنهنجي ٻاڙ ماريندو رهيس. خاص ڪري خان جمالي، رفيق جمالي، ممتاز، معشوق، علي حسن، ذولفقار جمالي ۽ ٻين دوستن سان ڪڪڙن جي دس هٽڻ تائين اتان لنگهندي رهاڻ رهندي هئي.

ڪافي ماڻهو ٻوڏ جي پاڙي ڪري گهر خالي ڪري مختلف هنڌن تي وڃي رهيا آهن. اسان جي سامهون بہ هڪ ٻيٽاري تي بيٺل ڳوٺاڻا گهر خالي ڪري ڪاڏي هليا ويا آهن، البتہ هڪ ڪراڙي مائي الائي ڇو اڪيلي ان ٻيٽاري تي رهي ٿي. اڪثر رات جو جڏهن آسپاس جي ڳوٺن ۾ جاين ڪرڻ جا خوفناڪ ڌڌڪا ٿين ٿا تہ هوءَ ويچاري خوف وچان رڙيون ڪري ٿي. هن جون خوفناڪ چيخون اسان جي لونءَ لونءَ ڪانڊاري ڇڏينديون آهن. ماڻهو ٻڌائن ٿا تہ هن جا نوجوان پٽ آهن، جيڪي ماءُ کي ڦٽو ڪري پنهنجا ٻار ٻچا وٺي وڃي دادو رهيا آهن. البتہ اسان جي سامهون هر روز هڪ ڪتو صبح جو سوير ٻوڏ جو تيز ۽ موتمار وهڪرو پار ڪري هن سان ملڻ ويندو هو هڪ طرف ماءُ جي ٿڃ لڄائيندڙ بي شناس پٽ، ٻئي پاسي در تي پاليل هڪ ڪتي جي وفاداري ڏسڻ وٽان هئي. آخر ڪالهہ ڪجهہ ماڻهو ٻيڙي تي وڃي زوري ڪراڙي کي ڪنپي ڪٽي آيا. اسان هن کي ڪئمپ جي پرسان ئي آڻي ويهاريو آهي. ان وقت سج اجا ڪني ڪا نہ ڪڍي هئي. سڄي رات بند تي پيٽرولنگ ۽ اجاڳي بعد مان ٿڌڙي هير ۾ گرم گرم چانهہ جي چسڪي ۽ هي ڊائري لکڻ دوران چانهہ جو ڪوپ ۽ بسڪوٽ ان جيجل امڙ ڏي بہ موڪليو هو.

# چونڊيل نمائندا ۽ قومپرست ڪٿي گم ٿي ويا آهن؟

همسفر گاڏهي

خيرپور ناٿن شاهه جنهن کي ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏندي ٻه کو اڃي مهينو سوا ٿيو آهي، پر اڃا تائين ڪنهن ٻه اختيار ڌڻيءَ کي درڙي ناهي آئي ته هي ٻه کو لکن جي آباديءَ وارو شهر آهي. جنهن ۾ انسان ٿي رهيا. ان کي فطرت جي جبر ٻوڙيو يا هتان جي چونڊيل نمائندن اها ڳالهه هاڻي ڪو ڳجهه نه رهي آهي. اهو ان ڪري جو دادو ضلعي مان چونڊيل نمائندا جيڪي مملڪتي وزير ٻه آهن، اسيمبلي ميمبر ٻه ته صوبائي وزير ۽ مشير ٻه، انهن جي غلط حڪمت عملي ۽ هٺ ئي هن شهر کي ٻوڙايو. پر افسوس ته ان چونڊيل تڪ جي صوبائي اسيمبلي ميمبر تي ٿئي ٿو، جيڪو بظاهر روئي اهو تاثر ڏيندو رهيو ته سندس تڪ کي ٻڏڻ جو خطرو آهي. پر هن ان کي بچائڻ لاءِ عملي طور ڪنهن ٻه سطح تي ڪي ٻه ڪوششون نه ورتيون، جيئن نادر مگسي شهدادڪوٽ بچائڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري بندن جي نگراني ۽ حفاظت لاءِ خلق کي همٿائيندو رهيو. پر هن تڪ جي چونڊيل نمائندي نه ته چنڊڻ جي بندن جي نگراني ڪئي. نه وري خيرپور ناٿن شاهه جي آخري ڊفينس لائين خدا واهه جي ڪَڙ کي مٿي ڪرايو. نتيجي ۾ نه رڳو شهر ٻڏو. پر تعلقي جا لڳ ڀڳ 400 ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. 37 ماڻهو موت جو کاڄ ٿيا، ماڻهن جو الهه تلهه لڙهي ويو ۽ تان جا ماڻهو سنڌ جي مختلف شهرن جي ڪئمپن ۾ اڄ ٻه دربدري ۽ ذلت واري زندگي گذاري رهيا آهن.

سنڌ جو تاريخي شهر خيرپور ناٿن شاهه جنهن سان منهنجي شناسائي ته تنهن ڏينهن کان آهي. جڏهن وڪون ڪٽي هلڻ جهڙو مس ٿيو هئس ۽ اسان کي بابا سائين ناٿن شاهه ۾ هر سال لڳندڙ جڙيل شاهه جي ميلي ۾ وٺي ايندو هو، پلي ته منهنجو جنم ڪٽي ننڍڙي ڳوٺڙي بيد شريف ۾ ٿيو هجي. پر هي شهر مون کي پنهنجو جنم ڀومي ئي ڀاسندو آهي. ڇاڪاڻ جو هن شهر ئي اسان سميت سوين ماڻهن لاءِ علم، ادب، سياست ۽ صحافت جا رستا هموار ڪيا. هن شهر ئي سوين نوجوانن کي





زندگيءَ جا داءَ پيچ سيکاريا، جيئڻ جو ڍنگ ۽ اتساهه ڏنو. اڄ اهو شهر ماڻهن کان پالهو شهر ويراني جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. اهي سوين نوجوان جن لاءِ هي شهر اتساهه جو ذريعو رهيو آهي. انهن جي دل ڪڙهي ٿي. ڇو ته اهي اهو چڱي ريت سمجهن ٿا ته هن شهر جو سنڌ جي علم، ادب، صحافت، سياست ۾ مک ڪردار رهيو آهي. هي جمهوريت جي شهيدن جو ٻه شهر آهي ته قومپرست، عوام دوست ۽ سنڌ دوست سياست جون لاٽون ٻه هتان نڪرن ٿيون، اها هن شهر جي  بدقسمتي چئجي جو سدائين ان کي غير مقامي چونڊيل نمائندا مليا، جن جو هن شهر سان اڃي نه وڃي. انهن سڀني جي دلچسپي رڳو سيٽن کٽڻ سان رهي آهي. تڪ جي ووٽرن يا عوام سان نه اهو ئي ڪارڻ آهي جو شاهاڻا شوق رکندڙ تڪ جو ايم اين اي، ايم پي اي توڙي هتان ڪيئي پيرا چوندجندڙ ٻه هن ڏکي وقت ۾ شهر مان هٿ ڪڍيو ويٺا آهن. هاڻوڪي ٻوڏ پلي ته اسان ماڻهن جو الهه تلهه لوڙهي وئي هجي. پر اها ڳالهه ٻه نه وسارڻ گهرجي ته اها سياستدانن تي عوام جي اعتماد ۽ ڀروسي کي ٻه لوڙهي وئي آهي. اهو اعتماد ۽ ڀروسو ان ڪري لڙهي ويو، جو هنن همراهن سدائين عوام جو اعتماد پئي چورايو آهي، پر ڪين هيلتائين سڀ ڪجهه ڦٻي پئي ويو. مون کي هتي اعتماد جي چوريءَ جي حوالي سان مهاتما گانڌي جي اها ڳالهه ٿي ياد اچي، جنهن ۾ هن جي جڏهن واچ چوري ٿي وئي هئي تڏهن برصغير ۾ موجود گوري   انگريز جي هڪ عملدار ڪيس چيو هو ته ”گانڌي جي واچ لاءِ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، اهڙيون ڪوڙ واچون.“ تڏهن گانڌي وراڻيو هو ته ”گورا صاحب! گانڌي جي واچ جي چوري پوري هندستان جي اعتماد جي چوري آهي. جنهن ٻه هندستاني واچ چورائي آهي. اهو انسانيت جو قتل ٻه ڪري سگهي ٿو، تنهن ڪري اها معمولي نه پر غير معمولي ڳالهه آهي.“ سو اسان جي نمائندن ٻه عوام جو جيڪو ورهين کان اعتماد پئي چورايو، تنهن جي پت ٻوڏ کولي ڇڏي، هٺي اڃا ڪارا پڌرا ٿي پيا آهن.

سنڌ ۾ ٻوڙان ٻوڙ واري صورتحال کان پوءِ سنڌ سيمبليءَ جو پهريون اجلاس ٿيو ته هڪ اميد ڪر ڪنيو ته سڄي سنڌ جا چونڊيل نمائندا ايوان ۾ گڏبا، جتي سڄي سنڌ جي  ٻوڏ سبب آيل تباهي تي بحث ٿيندو. اتي هڪ ٻڏل شهر جي داد فرياد لاءِ ٻه ڪو آواز اٿاريو ويندو، پر افسوس اهڙو ڪجهه ٻه نه ٿيو، اسيمبلي ميمبرن پنهنجا تڪ فوڪس رکيا، هڪ پريو تريو شهر جيڪو هڪ مهيني کان اٺ فوٽ پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي ۽ هيلتائين 4 هزار کان مٿي جايون پٽ پئجي ويون آهن. آسپاس آبادين ۾ ڇڊا رهندڙ ماڻهو گدلو پاڻي پيئڻ سبب بيمارين جو شڪار آهن ۽ اتان جا لکين شهري دربدر آهن، ذلت، ڌڪا ڌاٻا سندن مقدر بڻيل آهن. انهن لاءِ ڪ ڪو هڪ ٻه آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو، تڪ جو ايم پي اي ڪٿي آهي؟ هن فورم تان ڪيس کڻڻ لاءِ هر ڪ آتي هئي. پر هن ٻه اسيمبلي فلور تي  ناٿن شاهه جو ڪيس پيش ڪرڻ بدران سنڌ جي وزيراعليٰ لاءِ تعريفي ڪلمات چيا، جنهن مان پڻ سندس شهر  لاءِ ”ڏک“ جو اندازو ڪري

سگهجي ٿو. پاڻ جيڪڏهن ٿورو به حقيقت پسند ٿيو ته اهو واضح ٿي ويندو ته چونڊيل اسيمبلي ميمبرن، وزيرن، توڙي صدر ۽ وزيراعظم تائين جي به سنڌ ۾ اڪيلي مڪمل طرح ٻڏل شهر تي اک ئي نٿي ٻڏي، اهو ئي سبب آهي جو هيلتائين نه ته ان شهر مان پٽي جي نيڪال جا ڪي فوري انتظام ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن. نه وري اتان جي ماڻهن جي بحاليءَ لاءِ ڪک ڪٽي ٻيٽو ڪيو ويو آهي. حالانڪ هي ڪم حڪومت جي ذميواري ۾ شامل آهن. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن شهر سان اها ويڌن ڇو ڪئي پئي وڃي ۽ اهو انتظار ڇو پيو ڪيو وڃي ته هي شهر مڪمل طرح سان مسمار ٿي ڪنڊر ۾ تبديل ٿي وڃي. ناٿن شاهه واسين ڪي شڪايت ته انهن عالمي ادارن کان به آهي، جيڪي ٻوڏ واري آفت کان پوءِ سموري ملڪ جي سار لهن پيا، پر هي شهر ڪانئن جهڙوڪر وسريل آهي ۽ ان جي بحاليءَ جي سلسلي ۾ اجا تائين ڪي به ڪوششون نظر نه پيون اچن.

هن ٻڏل ۽ تباهه ٿيندڙ شهر لاءِ حڪومتي سطح تي ڪو ٻوٽو ناهي ٻاريو ويو، ان حقيقت کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي، پر سنڌ جا گهڻ گهرا، قومپرست ڌريون جيڪي سدائين سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشان رهن ٿيون. اهي به هن ٻڏل شهر کي سنجيده وٺڻ لاءِ تيار نه آهن. ان جو واضح مظهر اهو آهي ته هينئر تائين ڪنهن هڪ به قومپرست اڳواڻ يا ڌر خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ آيل تباهيءَ کان پوءِ ان جي بحاليءَ جي سلسلي ۾ نه ته ڪا پريس ڪانفرنس ڪئي آهي. نه وري ڪو مظاهرو يا ريلي ڪڍي آهي. حالانڪ هاڻي به دير نه ٿي آهي، هن تباهه ٿيل شهر کي ”موئن جو دڙو“ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلائي بي حس حڪمرانن کي مجبور ڪري سگهجي ٿو. ته اهي هن درد جي ڪتا بڻيل شهر جي واهر ڪن. نه رڳو شهر جي بحاليءَ جو مسئلو مضبوط نموني کڻڻ جي ضرورت آهي، بلڪ جن وزيرن ۽ مشيرن طرفان ڪاري موريءَ وٽ هٿياربند ويهاري پاڻي کي رستو ڏيڻ ۾ دير ڪئي وئي. جنهن سبب هي شهر ٻڏو، ان جي به عدالتي جاچ ڪرائڻ گهرجي. اهو نه وسارڻ کپي ته هن شهر رڳو ووٽ وٺندڙن جو ساٿ ناهي ڏنو، پر سنڌ جي حقن لاءِ هلايل هر هلچل ۾ هتان جي شهر واسين جو حصو رهيو. درد جو المناڪ باب بڻيل هي شهر اڄ هر سنڌ واسي کي پڪاري ٿو، ان ابهم ٻار جيان جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻڏو ته آهي، غوطا پيو کائي، پر اڃا ساهه جي تند اٽڪيل اٿس!





# متاثرن تي ٿيندڙ لٺبازي ۽ ”نادرا“ آڏو بي وس بڻيل سنڌ حڪومت!

**اختيار کوکر**

ٻوڏ جي نتيجي ۾ سڀ ڪجهه لٽائي ويٺل سنڌ جي ٻوڏ ستايل خاندان لاءِ حڪومت پاران اعلان ڪيل 20 هزار رپيا في خاندان معمولي امدادي رقم حاصل ڪرڻ هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو بڻيل آهي. اها امدادي رقم ڏيڻ لاءِ حڪومت ۽ وفاقي اداري ”نادرا“ پاران صوبي جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪيل امدادي مرڪز تشدد مرڪزن ۾ تبديل ٿي رهيا آهن، جتي سڄو ڏينهن وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ جي آس ۾ نٿهڻ اس ۾ بيٺل پيرين اگهاڙن ۽ ڪيسن خالي ماڻهن کي سرڪار جي بي حسيءَ جي ور چڙهي روزانو پوليس جي لٺين جا سٽڪا سهڻا ٿا پون، روزانو اهڙا دردناڪ منظر ٽي وي جي اسڪرين ۽ اخبارن جي پهرين صفحي تي نظر اچن ٿا. ٻوڏ ۾ الهه تلهه ڇٽ ڪرائي ويٺل لکين ماڻهو هن وقت ايترا مجبو ر آهن. جو روزانو لٺيون کائڻ جي باوجود امدادي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ وري وري وڃي ”نادرا“ مرڪز واري قطار ۾ بيهن ٿا. چند ماڻهو امدادي ڪارڊ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، جڏهن ته هزارين ماڻهو شام ڌاري مايوسي ۽ نراسائي جو شڪار ٿي هٿين خالي امدادي ڪئمپن ڏانهن واپس ورن ٿا. اها صورتحال انهن جي ٻوڏ وارن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ وارو ڪم ڪري ٿي. صوبي جي ٻوڏ هيٺ آيل اترين علائقن ۾ پاڻي سڪڻ شروع ٿيڻ کان پوءِ امدادي ڪئمپن ۾ ويٺل ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد پنهنجي اباڻن ڪکن ڏانهن واپس ورڻ چاهي ٿو، پر انهن جو ڪو به واهر ڪرڻ وارو ڪونهي. حڪومت وٽ انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ارلي رڪوريءَ جو ڪو به منصوبو نظر ڪو نه ٿو اچي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ٻوڏ ستايلن کي امدادي رقم يا امدادي ڪارڊ ڏيڻ ۾ پيدا ٿيل تمام وڏي بدنظمي جو ذميوار ڪير آهي؟ امدادي مرڪز هلائيندڙ سرڪاري انتظاميه لٺين جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن کي ان بدنظمي جو ذميوار قرار ڏئي ٿي. جڏهن بڪ ۽ بدحالي واري انتهائي خراب حالت هجي ۽ هزارين ماڻهو امداد

حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن هنڌ تي گڏ ڪيا وڃن ته انهيءَ هنڌ تي بدنظمي ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن ماڻهن لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ وارو نظام بهتر ۽ تڪڙو هجي ۽ ٿوري وقت اندر گهٽي ڪان گهڻا ماڻهو اڪلايا وڃن ته امداد وٺندڙ ماڻهن جون قطارون سڏيون ڪرڻ جو ايڏو وڏو مسئلو نه رهندو، پر جيڪڏهن روزانو هزارين ماڻهو سڄو ڏينهن قطار ۾ بيهي خالي هٿين واپس هليا وڃڻ تي مجبور ڪيا وڃن ته پوءِ انهيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بدنظمي جو ذميوار عام ماڻهو کي قرار ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي؟ هاڻي اچو ته ان جو تفصيلي جائزو وٺون ته سنڌ جي ٻوڏ ستايلن سان ڪين امداد لاءِ رجسٽر ڪرڻ ۽ وطن ڪارڊ ڏيڻ لاءِ مٿين سطح تي ڇا ٿي رهيو آهي؟

عيدالفطر کان پهرين 25 آگسٽ 2010ع تي چيئرمين نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي صدارت هيٺ اسلام آباد ۾ ٿيل گڏجاڻي ۾ ”نادرا“ جي اختيارين ٻوڏ متاثرين آئي ڊي پيز کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ جوڙيل رٿا بابت بريفنگ ڏني، بريفنگ واري انهيءَ دستاويز جي مليل ڪاپي موجب رجسٽريشن جي طئي ڪيل طريقيڪار موجب صوبائي حڪومتون ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ”نادرا“ کي ان جي ڪاپي اماڻينديون. ”نادرا“ انهن علائقن جي خاندانن جي وڏن (هيڊ آف فيمليز) جي جاري ڪيل قومي سڃاڻپ ڪارڊن جي نمبرن جي تصديق ٿيل لسٽ جاري ڪندو اها لسٽ طئي ٿيل بئنڪ کي ڏني ويندي، جيڪا ان لسٽ ۾ ڏنل سڀني ماڻهن (هيڊ آف فيمليز جا ورچوئل اڪائونٽ کولي انهن جا اي ٽي ايم ڪارڊ (وطن ڪارڊ) تيار ڪندي ۽ جيڪي ”نادرا“ پاران قائم ٿيندڙ مرڪزن ذريعي رجسٽر ٿيل ماڻهن کي جاري ڪيا ويندا. اي ٽي ايم ڪارڊن ذريعي ٻوڏ متاثر امدادي رقمون پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ مان ڪڍي سگهندا. انهيءَ گڏجاڻي ۾ شريڪ سنڌ جي نمائندي سڀ کان وڏو اعتراض اهو ڪيو ته سنڌ ۾ خاص ڪري ٻوڏ هيٺ آيل ضلعن ۾ اٽڪل 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ئي ٺهيل ڪونهن. جڏهن ته ان رجسٽريشن جو بنياد ئي قومي سڃاڻپ ڪارڊن کي بڻايو پيو وڃي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته صوبي جا 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ٻوڏ متاثر رجسٽر ئي ڪو نه ٿي سگهندا ۽ ڪين امدادي رقم نه ملي سگهندي انهيءَ تي ”نادرا“ جي اختيارين پهرين ته سنڌ جي نمائندي جي ان دعويٰ کي رد ڪيو ته سنڌ ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهيل ڪونهن. هنن چيو ته ٻوڏ وارن علائقن ۾ 70 سيڪڙو ماڻهن جا ڪارڊ ٺهيل آهن. باقي رهيل 30 سيڪڙو ماڻهن جا ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ لاءِ ”نادرا“ پاران خاص ڪوششون ورتيون وينديون انهيءَ تي پڻ سنڌ جي نمائندي اعتراض ڪيو ۽ چيو ته نادرا جا انگ اکر ٺيڪ ناهن. سنڌ حڪومت پاران ڪيل سروي موجب 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن جا ڪارڊ ٺهيل ئي ڪونهن. ٻيو ته ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جا ماڻهو صوبي جي مختلف علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن. انهن علائقن جي انتظاميه پاران سندن قومي سڃاڻپ ڪارڊ





فارمن جي تصديق ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. ته پوءِ انهن ماڻهن جا نوان ڪارڊ ڪيئن ٺهي سگهندا. هن اهو پڻ چيو ته اي ٽي ايم ڪارڊ جي چڪر ۾ پوڻ بدران متاثرين کي بئنڪ ذريعي روڪ رقم ڏني وڃي. ان گڏجاڻي ۾ سنڌ جي نمائندي نادرا جي ٻوڏ آئي ڊي پيز جي رجسٽريشن واري پلان کي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته سنڌ ۾ انهيءَ پلان تي عمل ڪرڻ سان گهڻا ماڻهو امداد کان رهجي ويندا ۽ حڪومت لاءِ هڪ وڏو سياسي مسئلو پيدا ٿي پوندو. انهي کان پوءِ اهو ٿيو جو سنڌ جي رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي جي ڪامورن اسلام آباد ۾ ٿيل انهيءَ گڏجاڻي جي وڏي وزير کي پڻ رپورٽ ڏني ۽ هن پڻ سنڌ حڪومت جي نمائندي پاران گڏجاڻي ۾ اختيار ڪيل موقف کي ٺيڪ قرار ڏنو ۽ سي ايم هائوس جي هدايتن تي اين ڊي ايم اي ۽ نادرا اختيارين کي هڪ خط لکي ڪين نادرا جي تيار ڪيل رجسٽريشن نظام تي سنڌ جي اعتراضن کان آگاهه ڪيو ويو ۽ تجويز ڏني وئي ته متاثرين کي 20 هزار رپيا واري فوري امداد ڏيڻ لاءِ في الحال سنڌ حڪومت جي روينيو کاتي ۽ امدادي ڪئمپن جي انچارجن ذريعي تيار ٿيندڙن نالن جي لسٽن کي بنياد بڻايو وڃي ۽ متاثرين کي عيد کان پهريان هٿو هٿ روڪ رقم ڏني وڃي. پر سنڌ حڪومت جي ان تجويز کي اهميت نه ملي، جنهن کان پوءِ وزيراعظم جي صدارت هيٺ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي ٿيل گڏجاڻي ۾ ”نادرا“ واري پلان جي منظوري ڏني وئي ۽ فوري طور تي چئني صوبن ۾ ان تي عمل شروع ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون. انهيءَ کان پوءِ ان معاملي تي ”نادرا“ سان ٿيندڙ گڏجاڻين لاءِ صوبائي ڊزاسٽر مئنجيمنيٽ اٿارٽيءَ سنڌ حڪومت جو نمائندو پڻ تبديل ڪري ڇڏيو.

گڏجاڻين لاءِ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ لاڙڪاڻي جو ڊوميسائيل رکندڙ آفيسر بدران صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي ۾ مقرر ٿيل پنجاب جو ڊوميسائيل رکندڙ آفيسر کي فوڪل پرسن بڻايو ويو آهي. سنڌ جي بورڊ آف روينيو کاتي 3 سيپٽمبر تي ٻوڏ هيٺ آيل آفت ستيل ديهن جو پهريون نوٽيفڪيشن جاري ڪيو، جنهن ۾ ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، قمبر-شهدادڪوٽ ۽ ٺٽي ضلعي جي ديهن کي شامل ڪيو ويو هو، انهيءَ نوٽيفڪيشن جي بنياد تي نادرا اختيارين انهن علائقن جي اٽڪل چار لک خاندانن جي وڏن جي ٿيل قومي سڃاڻپ ڪارڊن جي بنياد تي رجسٽريشن لسٽ تيار ڪري صوبائي حڪومت کي اماڻي ڏني ۽ اها لسٽ پنهنجي ڪمپيوٽر نظام تي آندي، انهيءَ لسٽ جي بنياد تي صوبي جي ٻوڏ متاثرين کي وطن ڪارڊ ۽ امدادي رقم ڏيڻ جو عمل شروع ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ صوبائي روينيو کاتي ٻوڏ هيٺ آيل دادو، ڄامشورو ۽ ٺٽي ضلعي جي وڌيڪ علائقن کي ٻوڏ ستيل قرار ڏيڻ واري نوٽشيفڪيشن جو حصو بڻايو ۽ اهو نوٽيفڪيشن پڻ نادرا جي حوالي ڪيو، جيئن انهن علائقن جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ خاندانن جي وڏن جا نالا پڻ وطن ڪارڊ واري لسٽ ۾ شامل ڪري سگهجن.

سنڌ جي رٿابنديءَ ترقي واري صلاحڪار ۽ معاشي ماهر ڊاڪٽر قيصر بنگالي ڪجھ ڏينهن اڳ ڪي ٽي اين نيوز کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته صوبي اندر ٻوڏ سبب 73 لک ماڻهو يعني 18 لک خاندان متاثر ٿيا آهن. جن مان نادرا پاران وطن ڪارڊ ڏيڻ لاءِ جاري ڪيل لسٽ ۾ صرف چار لک خاندان جي وڏن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن. هو چوي ٿو ته 2008ع ۾ هن بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ ڏيڻ واري رٿا جي تياريءَ جي سلسلي ۾ جڏهن جيڪب آباد ضلعي جو سروي ڪيو ته ڪيس معلوم ٿيو ته ضلعي ۾ صرف 30 سيڪڙو ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل آهن ۽ 70 سيڪڙو ماڻهن جا ڪارڊ ٺهيل ئي ناهن. هن جو چوڻ آهي ته نادرا ذريعي سنڌ جي ٻوڏ ستايل ماڻهنڪي رجسٽر ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل نه هجڻ آهي. ان ڪري سنڌ حڪومت نادرا تي زور ڏئي رهي آهي ته جن ٻوڏ ستايلن جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل ناهن. انهن کي ڪارڊ ٺاهي ڏنا وڃن. ساڳي وقت سنڌ جو وڏو وزير پڻ چئي چڪو آهي ته صوبي جي ڪچي واري علائقي جي 80 سيڪڙو ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل ڪونهن. هن اهو به چيو آهي ته سنڌ حڪومت نادرا وارن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته صوبائي حڪومت کي انهن پاران امدادي ڪارڊ ڏيڻ لاءِ جاري ڪيل نالن جي لسٽن تي اعتبار ناهي. 27 سيپٽمبر 2010ع تي سنڌ جي قائم مقام چيف سيڪريٽري جي صدارت ۾ ان معاملي تي ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ پڻ رٿابنديءَ واري صوبائي سيڪريٽري ۽ وڏي وزير جي نياڻي ناهيد شاهه درانيءَ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ نادرا جي نمائندن آڏو اهو ئي مسئلو اٿاريو ته سنڌ جي ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جي صرف 40 سيڪڙو ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل آهن. ۽ نادرا انهن ماڻهن کي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ لاءِ ڪي به جوڳا اپاءَ نه پئي وٺي. ان گڏجاڻيءَ ۾ پڻ نادرا اختيارين تي زور ڏنو ويو ته هو قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ لاءِ ٻوڏ هيٺ آيل علائقن ۾ اضافي هنگامي مرڪز قائم ڪن. پر ان گڏجاڻيءَ کان پوءِ نادرا جي اتر سنڌ واري جنرل مئنيجر ڪرنل خالد سان جڏهن منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ ساڳيو سوال مون هن آڏو اٿاريو ته هن سنڌ حڪومت جي دعويٰ کي رد ڪندي چيو ته، سنڌ ۾ ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جي 72 سيڪڙو ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل آهن. باقي رهيل 28 سيڪڙو ماڻهن کي ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ لاءِ نادرا اهڙا ته هنگامي اپاءَ ورتا آهن جو تقريبن 20 سيڪڙو ماڻهن جا ڪارڊ ٺهي ويا آهن. باقي 10 سيڪڙو جا به ڪجھ ڏينهن ۾ ٺهي ويندا. ان ڪري اهو ڪو به مسئلو ئي ناهي. هن چيو ته مسئلو صرف اهو آهي. جو نادرا جنهن بئنڪ کي وطن ڪارڊ فراهم ڪرڻ جو ٺيڪو ڏنو آهي. اها بئنڪ گهربل تعداد ۾ نادرا مرڪزن تي ڪارڊ نٿي پهچائي سگهي. هو چوي ٿو ته اهي ڪارڊ ملائيشيا مان ٺهي ٿا اچن ان ڪري بئنڪ جو به وڏو ڏوهه ناهي. اهڙي طرح سان هو قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل نه هجڻ وارين سنڌ جي وڏي وزير ۽ رٿابنديءَ واري صلاحڪار جي دعوائن کي رد ڪن ٿا.





سنڌ حڪومت پاران وطن ڪارڊ جي معاملي ۾ نادرا سان فوڪل اداري طور نامزد ڪيل پي ڊي ايم اي سنڌ جي ڊي جي کان راءِ ورتي ته هن پڻ نادرا وارن جي راءِ ورجائي ۽ چيو ته نادرا وارا چون ٿا ته صرف 20 سيڪڙو ماڻهن جا ڪارڊ ناهن ٺهيل، جنهن لاءِ نادرا وارن کي چيو ويو آهي ته هو باقي رهيل ماڻهن کي ڪارڊ ٺاهي ڏين. هن اهو پڻ ٻڌايو ته نادرا وارن سنڌ جي اٽڪل ساڍا 9 لک ٻوڏ ستايل خاندانن جي وڏن جا نالا پنهنجي ڪمپيوٽر نظام تي آڻي ڇڏيا آهن. پر انهن مان وطن ڪارڊ ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ قائم ڪيل 20 مرڪزن ذريعي گذريل 20 ڏينهن دوران صرف 65 هزار 773 ماڻهن کي ڪارڊ ملي سگهيا آهن. انهيءَ عرصي دوران سنڌ جي مرڪزن کي بئنڪ پاران صرف 68 هزار 889 ڪارڊ فراهم ڪيا ويا. سو معلوم اهو ٿو ٿئي ته سنڌ جي ٻوڏ ستايل آئي ڊي پيز کي رجسٽر ڪرڻ ۽ کين وطن ڪارڊ جاري ڪرڻ ۾ جيڪي مسئلا آهن. انهيءَ ۾ سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي جو ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جي اڪثر ماڻهن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل ئي ڪونهن پر جيڪڏهن ٺهيل آهن ته گهڻن ماڻهن جا پنهنجي ڪٽنب جا وڏا هجڻ جي باوجود ڪٽنب جي وڏي طور ڪارڊ ٺهيل ناهن. ان ڪري سندن نالا لسٽ ۾ نٿا اچي سگهن. ۽ ماڻهن کي اهڙي ڪا به ڄاڻ ڪونهي ته نادرا پنهنجي ڪمپيوٽر نظام تي جن ماڻهن جا وطن ڪارڊ جاري ڪرڻ لاءِ نالا آندا آهن. انهن ۾ سندن نالو شامل آهي يا نه؟ اڪثر ماڻهو ڏکي قطار پار ڪري جڏهن ڪارڊ لاءِ ٽوڪن وٺڻ واري دريءَ تي پهچن ٿا ته کين جواب ملي ٿو ته انهن جو نالو نادرا جي ڪمپيوٽر سسٽم ۾ نه آيو آهي. نادرا جي انتظاميه سنڌ حڪومت جي اعليٰ اختيارين جي انهن دعوائن کي رد ڪري رهي آهي ته صوبي جي اڪثر ٻوڏ ستايلن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل ڪونهن ۽ سنڌ حڪومت وٽ پنهنجي دعوائن کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ ڪو به هوم ورڪ ٿيل ڪونهي ۽ نه ئي ان ڏس ۾ سندن ڪو باقاعده سروي ٿيل آهي. رٿابنديءَ وارو صلاحڪار هڪ ڳالهه ٿو ڪري ته وڏو وزير ٻي ڳالهه ۽ بي ڊي ايم اي سنڌ جو ايم ڊي وري ٽين ڳالهه ٿو ڪري. سنڌ حڪومت وٽ اهڙا ڪي ٺوس انگ اکر آهن ئي ڪو نه، جن جي بنياد تي هو نادرا جي دعوائن کي رد ڪن. اها حقيقت آهي ته صوبي جي اڪثر علائقن خاص ڪري ڪراچي ۽ ڪاچي وارن علائقن جي 70 کان 80 سيڪڙو ماڻهن وٽ نوان قومي سڃاڻپ ڪارڊ ڪو نه آهن. پر جڏهن قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ وارو وفاقي دارو اوهان جي دعوائن کي رد ڪري رهيو آهي ته ڇا سنڌ حڪومت صوبي جي ٻوڏ ستايلن کي وفاق پاران ملندڙ امداد مان پنهنجو جائز حق ڏيارڻ لاءِ پنهنجي ڪيس جي ڪا تياري ڪري رهي آهي يا هنگامي بنياد تي ڪو اهڙو باقاعده سروي شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جي بنياد تي نادرا وارن جي ڪوڙي دعويٰ کي رد ڪري سگهجي؟ جن ٻوڏ ستايلن وٽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ ڪونهي. اهي نه صرف هن وقت ملندڙ 20 هزار رپيا في خاندان واري امداد بلڪ بعد ۾ گهرن، مال متاع ۽ فصلن جي معاوضي طور

ملندڙ امدادي رقمن کان پڻ محروم رهجي وڃن جا امڪان آهن. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا سنڌ جا 60 سيڪڙو ٻوڏ ستايل امداد کان محروم رهجي ويندا ۽ سنڌ حڪومت صرف ڪيل تماشو ڏسندي رهندي؟ ڇاڪاڻ جو ان معاملي ۾ سنڌ حڪومت هن وقت تائين مڪمل طور تي بي وس بڻيل آهي ۽ صوبي جي اڪثر ٻوڏ ستايلن کي نادرا وارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، انهن جي مرضي آهي تہ ڪيترن ماڻهن کي نوان قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهي ڏين. امداد ڏيڻ لاءِ صوبي ۾ ڪيترا مرڪز قائم ڪن. انهن مرڪزن مان روزانو ڪيترا ڪارڊ جاري ڪن.

سنڌ حڪومت جون اعليٰ اختياريون نادرا وارن کي صرف گذارش ڪرڻ ۾ پوريون آهن. ٻيو تہ جنهن اداري ۾ جن ڪامورن کي صوبي جي ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ نادرا لاءِ فوڪل ادارو ۽ فوڪل پرسن بڻايو ويو آهي. اهي پڻ جيڪڏهن وفاقي اداري جي آفيسرن واري ٻولي ڳالهائين ۽ انهن مان ڪي سنڌ جو ڊوميسائل رکندڙ ئي نہ هجن تہ پوءِ ڪهڙي اميد رکجي. سنڌ ۾ نادرا پاران وطن ڪارڊ جاري ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل مرڪزن تان انتهائي گهٽ ڪارڊ جاري ٿيڻ جو سڀ کان وڏو سبب انهن مرڪزن تي وطن ڪارڊن جي فراهمي جي رفتار انتهائي گهٽ هجڻ آهي. مثال طور 10 هين سيپٽمبر کان 30 سيپٽمبر تائين سنڌ جي مرڪزن تي صرف 68 هزار 889 ڪارڊ پراسز ڪيا ويا. جن مان 65 هزار 773 جاري ٿيا. ان مان بہ صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ گهٽ ڪارڊ جاري ٿيڻ جو بنيادي ڪارڻ ڪارڊ حاصل ڪندڙ ماڻهن جي بدنظمي ناهي، بلڪ مرڪزن تي ڪارڊن جي رسد ئي نہ ٿيڻ آهي. جيڪڏهن طلب تمام گهٽي هوندي ۽ رسد تمام گهٽ هوندي تہ پوءِ قطارون ٽوڙڻ واري بدنظميءَ کان بہ وڌيڪ خراب صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. هاڻي تہ ائين بہ ٿي رهيو آهي. جو امدادي مرڪزن جا روز روز چڪر ڪاٽي ۽ لٿيون ڪائي مايوسي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿي ڪيترن ئي ٻوڏ متاثرن امدادي مرڪزن جا چڪر ڪاٽڻ پڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ بي سرو سامانيءَ واري حالت م پنهنجي تباهہ ٿيل گهرن ڏانهن روانا ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. جيڪڏهن امدادي مرڪزن تان وطن ڪارڊ جاري ٿيڻ جي رفتار اها ئي رهي تہ پوءِ يقينن ڪيترائي حقدار روز روز جي تذليل کان مايوس ٿي امدادي رقم حاصل ڪرڻ تان ئي هٿ ڪڍي ويندا. ڇا امدادي مرڪزن تي امدادي ڪارڊن جي رسد جي رفتار ان ڪري گهٽ رکي وئي آهي؟ ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ حڪومت جي هڪ ذميوار صلاحڪار جو چوڻ آهي تہ نادرا صوبي جي صرف چار لک ڪٽنبن جي وڏن جا نالا پنهنجي سسٽم تي آڻي سگهيو آحي. جڏهن تہ نادرا جي دعويٰ آهي تہ هنن صوبي جي اٽڪل 10 لک خاندانن کي امداد لاءِ پنهنجي نظام تي آندو آهي. سنڌ حڪومت پاران مقرر ڪيل فوڪل اداري پي ڊي ايم اي جو ڊي جي پڻ نادرا وارن جي دعويٰ جي تصديق ڪري ٿو تہ پوءِ اهو طئي ٿيڻ گهرجي تہ ڪنهن جي دعويٰ درست آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ حڪومت بنا دير جي نادرا جي ڪمپيوٽر





نظام تي آندل صوبي جي ٻوڏ متاثر ڪٽنبن جي وڏن جا نالا پنهنجي ويب سائيٽ تي پڌرا ڪري ۽ انهن نالن جون لسٽون لاڳاپيل امدادي مرڪزن تي پڻ لڳايون وڃن. جيئن نادرا جي دعوائن جي تصديق سان گڏ ماڻهن کي پنهنجي نالن جي تصديق ڪرڻ ۾ پڻ سولائي ٿئي. ان سان ايئن بہ ٿيندو، جن ماڻهن جا نالا لسٽن ۾ نہ اچي سگهيا آهن، اهي امدادي مرڪزن تي اچي رش ڪي وڌائڻ بدران پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ ۽ پنهنجا نالا لسٽن ۾ شامل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا. حڪومت فيصلو ڪيو آهي تہ نادرا مرڪزن تي پوليس ۽ رينجرز جي نفري وڌائي صورتحال کي ڪنٽرول هيٺ آندو ويندو، چوندا آهن تہ ”بکيو گدڙ شينهن سان بہ وڙهي پوڻ ۾ دير نہ لڳائيندو.“ ان ڪري معاملو صرف نفري وڌائڻ سان حل ٿيڻ وارو ناهي. آخر ڀلا پوليس نفري وڌائي پيٽ بکين ماڻهن تي وڌيڪ لٺيون وسائڻ جو سامان گڏ ڪرڻ بدران ڪارڊ جاري ڪندڙ مرڪزن جو تعداد وڌائڻ ۽ انهن مرڪزن تي ڪارڊن جي رسد کي طلب مطابق ڪرڻ ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊن کان محروم ٻوڏ ستايلن کي ڪارڊ ٺاهي ڏئي. سندن نالا امدادي لسٽ ۾ شمل ڪرڻ وارا اپاءَ ڪڻي مسئلي جي اصل حل ڏانهن ڏيان ڇو نٿو ڏنو وڃي.

# پاڻيءَ سان ”پاڻي“ ٿي ويل شهر کي ”نئون“ ڪيئن ڪجي؟

ڊاڪٽر ايوب شيخ

3 سيپٽمبر 2010ع تي پاڻي ڪاهه ڪندڙ فوج وانگر خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪاهي پهتو، پندرنهن هزار گهرن ۽ دڪانن سان سٽيل شهر پنهنجو هزارين رهندڙن کان خالي ٿي چڪو هيو، ان کان اڳ ڪيئي ٻوڏون، بدنصيبيون، تحريڪون، طوفان آيا پر هن شهر جي ماڻهن پنهنجا گهر خالي نہ ڪيا هئا. درياءَ بادشاهه جي بي مهار پاڻي جي اڇل اوچتو سڄي شهر کي عوام کان پري اڇلائي ڇڏيو. تاريخ ۾ 150 ورهيہ آباد پراڻو شهر پاڻيءَ ۾ پاڻي ٿي ويو. اڄ خيرپور ناٿن شاهه ”پراڻو“ شهر بڻجي چڪو آهي. جنهن جي باقي بيٺل عمارتن، دڪانن، ماڙين جي ”هجڻ“ تي ڪنهن کي بہ ڀروسو ڪونهي ۽ هر ماڻهوءَ جو ايمان جي حد تائين يقين آهي تہ جيڪڏهن اهي پاڻ نہ ڪريون تہ ماڻهن کي ڪيري ماري ڇڏينديون، ان پراڻي خيرپور ناٿن شاهه کي ”نئون“ ناٿن شاهه ڪرڻ جي گهرج تمام گهڻي ۽ ضروري آهي. ان لاءِ سنڌ جي سرڪار، چونڊيل عيوضين ۽ ميونسپل انتظاميہ کي سڄو شهر پنهنجو گهر سمجهي ٺهرائڻو پوندو ۽ ماڻهن جي مڪمل مدد ڪرڻي پوندي. شهرن جي نسبت يا تہ اتي جي وڏن ۽ مشهور ماڻهن سان هجي ٿي يا وري ڪي مشهور هنڌ، ماڳ ۽ ڪوٽ قلعا انهن شهرن کي مشهور ڪن ٿا. غالب ان باري ۾ ڪمال جو شعر چيو هو:

ہر چیز کو نسبت اس کے مکان سے ہے
مجنون جو مرگیا، تو جنگل اداس ہے۔

1933ع ۾ خيرپور ناٿن شاهه لاڙڪاڻي ضلعي کان ڌار ڪري دادو ضلعو ٺهڻ جي ڪري ان ۾ تعلقي طور شامل ڪيو ويو هو. اهو اصل ۾ ”سيد ناٿن شاهه“ نالي هڪڙي پير صاحب جي نالي پٽيان آباد شهر آهي جيڪو سيد جڙيل شاهه سان گڏجي موري جي پرسان شهردولتپور صفن مان اتي لڏي آيو هو، هاڻي واري ٻوڏ سبب سيد جڙيل شاهه جي مزار پڻ پاڻيءَ جي قبضي ۾ آهي. هن شهر جي سياسي حيثيت ان





خوني ڊرامي جي ڪري ”بي بي سي“ هتان مشهور ٿي هئي. جڏهن 1983ع جي ايم آر ڊي واري هلچل ۾ ضياءَ جي نگهباني ۾ هلندڙ فوجين جلوس ڪيندڙ ستن ڄڻن کي شهيد ڪري ڇڏيو هو. انهن ۾ نظام نائچ پڻ شامل هيو، جيڪو شام جو پنهنجي ڳوٺ مان کير کڻي اچي شهر ۾ وڪڻندو هو، ۽ شوقيہ طور شهر ۾ ٿيندڙ اسٽيج ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري ڪندو هو، هي اهو شهر آهي، جنهن جي ٻاهران هڪ ڳوٺ سان ئي سنڌي فلمن جي مشهور اداڪار مشتاق چنگيزي جو تعلق آهي، جيڪو مشتاق چنگيزي سنڌ فلمن جي عروج واري دور ۾ هر سينيما جي زينت بڻجي ويو هو، فائين آرٽس جي شعبي مان راز ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي اهم ڪردار آهن ان شهر جو هڪڙو اهم ڪردار حاجي جمعا خان شيخ بہ هيو، جنهن بجلي نہ هجڻواري زماني ۾ بہ ”نثار ٽاڪيز“ وسيلي فلمن وسيلي شهرين کي ٻي دنيا کان واقف ڪرايو هو. ان ئي شهر مان اخبارن جي هاڪر مان شهر جو چيئرمين بڻجندڙ عبدالقادر ٻگهيو بہ آهي. جنهن ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿيڻ تي چيئرمين شپ تان استعيفيٰ ڏئي جمهوريت لاءِ گرفتاري ڏني هئي. ايم آر ڊي ۽ عبدالقادر ٻگهيو هن شهر جي هڪ وڏي ۽ ”عجب ڪهاڻي“ آهي. جڏهن تہ جديد سياست ۾ اڳوڻو وفاقي وزير حاجي ظفر لغاري ۽ هاڻي ايم پي اي عمران لغاري، مختلف تنظيمن جا مشهور سياسي ڪارڪن نواب لغاري، نور نبي راهوجو ۽ ٻيا خيرپور ناٿن مان اڀري نڪتا آهن.

## وجئي ڪمار جو ناٿن شاهه

ان شهر جو هڪڙو ٻيو اهم ترين ڪردار علي حسن ڪوسو هيو، جيڪو اداڪار دليپ ڪمار جي مهانڊي هجڻ ۽ ان کان متاثر هجڻ سبب فلمن ۾ اچڻ جو شوقين هيو. قسمت ڪيس باربر ٿيائي ايران تائين پهچايو، جتي شاهه ايران جي زماني ۾ هن کي ننڍن ننڍن ڪردارن کان پوءِ فلمي هيرو جو رول مليو، اهو علي حسن ڪوسو، جيڪو ايراني فلمي انڊسٽري ۾ وجي ڪمار جي نالي سان مشهور هيو، تنهن کي خيرپور ناٿن شاهه جا ماڻهو ”ايراني“ ڪري سڏيندا هئا. ايران جي مهابي هن جي بيگم نصرت ڀٽو سان ملاقات ٿي هئي. 1977ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي جمهوري سرڪار ختم ٿيڻ سان هن پنهنجي گهر مٿان ڪارو جهنڊو چاڙهي ڇڏيو هو، جيڪو سندس مرڻ واري ڏينهن لاٿو ويو هو، وجئي ڪمار زندگيءَ جي زبردست ڏينهن ۾ ايران جهڙو حسين ملڪ ۽ اتان جا حسين ماڻهو ڏسي آيو هو، پر ان کي ڀٽي صاحب جي عشق ماري وڌو هو. ان ساڳئي اداڪار وجئي ڪمار کي هڪ ڏينهن مارشل لا اختياري وارن ڦٽڪا هنيا هئا. هن جي ميڙي پونجي ختم ٿي چڪي هئي. هن زندگيءَ ۾ خراب ڏينهن جي شروعات ۽ انتها ڏٺي، هن جو سياسي ۽ سماجي طور ڪو بہ اوهي واهي نہ ٿيو. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ هو فلمي هيرو وارو فل سوٽ

پائي پنندو هو. ايراني ايڪٽنگ ڪري ٻارن کي وندرائيندو هو. ٻارن جا جلوس ڪڍي ان زماني جي ماڻهن کي شرمائيندو هو. هڪ ڏينهن گڏهه گاڏي تي ڪي شهري ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي ڪيس ڪٽائي آيا. هن ڊاڪٽر کي وڏيڪ تڪليف نه ڏني ۽ دوا جي سور ڪان اڳ زندگي جي سور ڪان موڪلائي ڇڏيو هو. هن جي ايراني بيگم ”عقي ڪمار“ ايراني انقلاب اچڻ سبب ايران بدران جرمني ۾ پناهه ورتي هئي. هن وجئي ڪمار کي ساڻ هلڻ لاءِ الاهي ٻاڏايو. پر ڦاهي چڙهيل پٽي سان سندس عشق جو حساب ڪجهه ٻي نوعيت جو هيو. اج ايم آر ڊي شهيدن جي ياد ۾ ٺهيل يادگار به ٻوڏ جو ستايل آهي. جنهن جي ياد ۾ انسانن جي ”خون“ سان گڏ ”پاڻي“ به شامل ٿي ويو آهي.

## اهم سوالن جا جواب

ڇا هر سرڪار هر سوال جو جواب ”نه“ ۾ ڏيندي آهي. جواب آهي ته ”نه“ ڇا هن دنيا جي ڪجهه اهم هنگامي مامرن تي سادي فارمولا ڪم جي رهي ٿي ۽ ان سان مسئلا حل ٿين ٿا؟ جواب آهي ته ”نه“ ڇا هر معاملي جو حل ڪنهن وهم، وسوسي وسيلي ختم ٿي سگهي ٿو؟ جواب آهي ته ”نه“ ڇا، هر ڪم ۾ رڳو سرڪار مدد ڪندي آهي؟ جواب آهي ته ”نه“ ڇا رڳو عوام پنهنجي مدد پاڻ ڪندو ته معاملو حل ٿي ويندو؟ جواب آهي ته اهو به ”نه“ ان جو مطلب هي آهي ته سرڪار ۽ عوام، ادارن ۽ شهرن کي گڏجي ڪو نه ڪو ضروري حڪمتون ٺاهڻيون پونديون آهن. تنهن توازن سان مسئلا حل ٿي سگهندا آهن. جيڪڏهن رڳو ”جونءَ پير“ هلبو ته سفر طئي نه ٿيندو. جيڪڏهن ٽپا ڏيئي منزل ويجهي ڪبي ته هڏ گڏ ڀڄڻ جو خطرو موجود آهي. ان ڪري نئون خيرپور ناٿن شاهه به سانهن ستيءَ سان پر منظم ۽ مضبوط ارادي ۽ اداري ڪانسواءِ نه ٺهي سگهندو.

## سنڌ سرڪار جو فرض

سنڌ جو رٿابندي جو ادارو، مڪاني اداري سان گڏجي سيپ ڪان اڳ شهر جو ”نئون نقشو“ ٺاهي. ان ۾ جديد طرز جون سموريون سهولتون ڏنيون وڃن. سرڪار سمورن سرڪاري ادارن معرفت پاڻي ۽ گندگي جي نيڪال، ڊرينج سسٽم، ٽيليفون، سسٽم، گيس، پاڻي جي فراهمي ۽ شهر اندر ويڪرن روڊن جو پلان ٺاهي. ان تي رٿائون ٺاهي بنا دير ڪم ڪيو وڃي. تعلقي ليول جون سرڪاري اسپتالون، ويم گهر، اسڪول، ڪاليج مختيارڪاري ۽ ٻيون آفيسون ۽ ٿاڻو توڙي عدالتون جوڙائڻ جو ڪم سرڪار پنهنجي سر تي کڻي. هڪ دفعو اهي رٿائون ٺهي ويون ته شهر جو منهن مهاندو ظاهر ٿي پوندو. هاڻي عوام کي سهولتون ڏيئي انهن جي واپاري مرڪز

Sindhica Academy



۽ شاپنگ سينٽر جون رٿائون ۽ نقشا تيار ڪري انهن کي اهي اڏائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي. سرڪار ان ڳالهه تي پڻ سوچ ڪري سگهي ٿي ته خيرپور ناٿن شاهه ۾سان وجئي ڪمار عرف علي حسن ڪوسي جو ڳوٺ يا گوزو جهڙا وڏا علائقا ”ماڊل وليج“ ٺهرائڻ جون رٿائون تيار ڪرائي.

## سرڪار ۽ عوام جو گڏيل فرض

(الف) گهرن اڏائڻ لاءِ قائم هائوس بلڊنگ فنانس ڪاتي ۽ زرعي قرض ڏيندڙ ”زرعي ترقياتي بئنڪ“ وسيلي آسان قسطن ۽ گهٽ وياج تي شهرين کي سندن حيثيت آهر قرض ڏنا وڃن.

(ب) گهرن جي ٺهڻ لاءِ ڪتب ايندڙ بڻي جي سرن ڪان ويندي لوهه، سيمينٽ، ڪاٺ ۽ ٽرانسپورٽ تي ”ٽئڪس فري“ مال ڏنو وڃي.

(ت) شهر جي ميونسپل شهر جي اڏاوت لاءِ ذميدار بنائي وڃي ۽ شهر جو ايم پي اي اهو سڀ ڪجهه عوام کي فراهم ڪرڻ لاءِ ذميدار هجڻ گهرجي. جيڪڏهن سرڪاري امداد ۽ مڪمل سهڪار جي باوجود متاثر علائقن جا چونڊيل عيوضي پنهنجي ذميداري ادا ڪري نه سگهن يا آفيسر صاحبان پنهنجي رواجي ڪاهلي ڪان پاسو نه ڪن ته بنا دير فيصلا ڪري انهن سمورن مهربانن کي اهڙي وزن کڻڻ ڪان آجو ڪيو وڃي.

(ٿ) ملٽي نيشنل ڪمپنين، بينڪن ۽ٻين نجي ادارن جهڙوڪ گيس ڪمپنين وغيره ڪان شهر جي مختلف حصن کي اڏائڻ لاءِ جوڳي مدد ورتي وڃي.

(ٽ) شهر جي بدحال عوام جي نوجوانن کي بنا دير ”بينظير يوٿ ڊولپيمنٽ“ وسيلي هنرمند بنائي کين ڏيساور جي ملڪن ۾ ڪمائڻ لاءِ موڪليو وڃي. هڪ دفعو وجئي ڪمار جي شهر جا ٻوڏ ستيل دنيا ۾ پهتا ته اهي وڏا وڏا ڪارناما ڪري سگهن ٿا، وڏيون ڪمايون ڪري سگهن ٿا. پنهنجي جسم ۽ دماغ تي لڳل پاڻيءَ جي حملي وارو گهاءُ سيڪي سگهن ٿا. سنڌ جي سرڪار توڙي لاڳاپيل وفاقي ڪاتا پرڏيهه جي ڪنهن به امداد بدران خيرپور ناٿن شاهه کي نئين سر اڏڻ لاءِ پنهنجن رٿائون ۽ محنتون تيز ڪن عوام کي پڻ گهرجي ته جيڪي به محنت مزدوري ڪري سگهن ٿا. اهي هڪ پاسي پنهنجا گهر اڏين ته ٻئي پاسي پنهنجي گهر جي اڏاوت تي مزوري تي لڳندڙ خرچ بچائين. هيءَ دنيا زبردست آهي. وجئي ڪمار جي جذبي جيئان. اچو ته گڏجي هٿ هٿ ڪري جبلن جهڙيون رڪاوٽون پار ڪرڻ لاءِ پهريان قدم کڻئون.

www.sindhsalamat.com

# ڪنڍن جي جاچ بابت اڀرندڙ ڪجهه سوال

محمد ادريس راجپوت

ماڻهو مون کان اڪثر پاڻي معاملات بابت سوال ڪندا آهن ۽ مان پنهنجي مطابق انهن کي مناسب جواب ڏيندو آهيان. ڪڏهن اهي پاڻي ورهاست بابت پڇندا آهن، ڪڏهن ڪالاباغ ۽ ٻين ڊيمن بابت پڇندا آهن. ڪڏهن ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي جي گهرجن بابت ۽ ڪڏهن صوبي اندر غير مناسب ورهاست بابت ڄاڻ معلوم ڪرڻ چاهيندا آهن. ٽوڙي بند ۽ مولچند شاهه بندر بند کي ڪنڍ لڳڻ کان پوءِ ۽ ماڻهو مون کان پڇن ٿا ته انهن ڪنڍن ڪري سنڌ ۾ زبردست تباهي ۽ بربادي آئي آهي. اٽڪل سنڌ جي 20 سيڪڙو ايراضي ٻڏي وئي آهي. لکين ماڻهو گهرن کان بي گهر ٿي بندن روڊن، ڪئمپن، اسڪولن ۾ ترسيل آهن. ماني ٽُڪي لاءِ ٻين جا محتاج آهن وطن ڪارڊن لاءِ ڏکيون ڏکيون قطارن ۾ سڄو ڏينهن بيهڻ کان پوءِ به ڪيترا نامراد ٿي موٽي وڃن ٿا. ڪئمپن ۾ ڪيترا ماڻهو خاص طرح ٻار بيمارين و گهي گذاري وڃن ٿا. پر پوءِ به سرڪار انهن  ڪنڍن جي پوڻ بابت انڪوائري  نٿي ڪرائي. جڏهن ته واهن ۾ ڪنڍ پوڻ تي آفيسر معطل ڪيا وڃن ٿا. انڪوائريون ڪرايون وڃن ٿيون. آفيسرن تي فرد جرم هنيو وڃي ٿو، ۽ جوابدارن کي سزا ڏني وڃي ٿي.

هڪڙي همراهه مون کي سال 2002ع ۾ پٽ شاهه پرسان روهڙي ڪينال ۾ پيل ڪنڍ جو حوالو ڏنو، جيڪو 24 جولاءِ تي ان جي آر ڊي 844 تي لڳو، جنهن کان پوءِ 2 آگسٽ تي روهڙي ڪينال جو سپرنٽنڊنگ انجنيئر ڄام متا خان ۽ هالا ڊويزن جو انجنيئر غلام سرور شيخ معطل ڪيا ويا ۽ پوءِ 12 سيپٽمبر تي سرويئر رياض احمد جتوئي ۽ دادو جو علام نبي ميراڻي معطل ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ جناب منظر حسين پٽو سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو جي سربراهي ۾ انڪوائري ڪاميٽي ٺاهي انڪوائري ڪرائي وئي. انهيءَ انڪوائري ڪاميٽي کي پنج مول متا ڏنا ويا، جن مان مکيه مول متو هن ريت هو:

To probe into the casuse that resulted in th recent breach





in Rohri, main canal near bhitshah that has caused great financial loss to the local population and to fix responsibility on the officers for their negligence in perfomrance of their official duties.

ترجمو: ڀٽ شاهه وٽ تازو روهڙي ڪينال کي پيل ڪنڍ جي جاچ، جنهن ڪري مقامي آبادي کي تمام گهڻو نقصان ٿيو ۽ آفيسرن تي انهن جي سرڪاري ڊيوٽي ۾ نااهلي ڪري ذميواري مقرر ڪرڻ.

مان ڪجهه وقت تائين انهيءَ سوال جو جواب نه ڏئي سگهيس. هڪڙي ٽي وي انٽرويو ۾ ملاقات دوران مون سنڌسماءَ واري صوبائي صلاحڪار جميل سومري کان ان بابت پڇا ڪئي. جنهن ٻڌايو ته سرڪار جلد فني انڪوائري ڪرائيندي. فني انڪوائري ته نه شروع ڪئي وئي پر سرڪار هڪ جوڊيشل ڪميشن 30 سيپٽمبر تي جوڙي، جنهن ۾ به ريٽائرڊ ٽيل جج جسٽس زاهد قربان علوي ۽ جسٽس غلام نبي سومرو رکيا ويا. مون اهو نوٽيفڪيشن هٿ ڪيو، جيڪو هن ريت آهي:

No. so (judicial-1) HD/L 8/2010: with the approval of Chief minister, sindh. Government of sindh hereby setup judicial commission under section 3 of west pakistan tribunals of inquiry ordinance, 1969, consisting of justice (Retd) zahid Alvi and justice (Retd) Gulam Nabi soomoro to hold inquriy in to  the breaches in tori bund (district kashmor) and Ms bunds (district thatta) that led to the inundation of large areas.

2. the terms of reference of the commission are as under

(1) to ascertain the causes in the breaches in river indus embankments/protective bunds.

(2) to determine whether any protective measures were adopted by the concerned agencies.

(3) the commissions shall submit its report in three weeks time.

مون ان همراهه کي اهو نوٽيفڪيشن ڏيکاريو ۽ چيم ته سرڪار فني ڪاميٽي ٺاهڻ کان وڌو ڪم ڪري ڇڏيو آهي. جو ججن جي ڪميشن ٺاهي ڇڏي آهي. جنهن ۾ فني ڳالهين کان علاوه مجرماڻين ڳالهين جي به جاچ ٿيندي. همراهه نوٽيفڪيشن ڏسڻ کان پوءِ به مطمئن نه ٿيو ۽ سوال ڪيائين ته ”ڇا اوهان ڪميشن جا مول متا پڙهيا

آهن؟“ مون جواب ڏنو ته ”ها“ ۽ هيٺان به مول متا پڙهي ٻڌايم.

(1) دريائي بندن ۾ پيل ڪٽن جا سبب معلوم ڪرڻ

(2) اهو معلوم ڪرڻ ته ڇا واسطيدار ايجنسين بچاءَ جا اپاءَ ورتا هئا.

همراهه سوال ڪيو ته مول متن ۾ ڪٿي لکيل آهي ته اهو معلوم ڪن ته انهن ڪٽن پوڻ جو جوابدار ڪير آهي؟ ڪميشن اهو ته ڪري وٺندي ته ڪٽ پوڻ جا سبب ڇا هئا ۽ واسطيدارن صحيح اپاءَ ورتا يا نه. پر تنهن کان پوءَ ڇا ڳالهه اتي ئي ختم ٿي ويندي؟ پوءِ جن جي غفلت، لاپرواهيءَ ۽ نااهلي سبب سنڌ جا لکين ماڻهو دربدر آهن، لکين ايڪڙ فصل ٻڏي ويا، ڪيترا وڏا شهر ۽ هزارين ڳوٺ ٻڏي ويا، انهن جي ذميوارن کي ڪجهه نه ٿئي ته ڇا اهو انصاف آهي؟ جيڪڏهن ائين ٿيو ته اڳتي اهڙين برباديـن جو ڪيئن تدارڪ ٿي سگهندو؟ مان انهي همراهه جي ان سوال جو جواب نه ڏئي سگهيس.

ڪٽ پئجي ويا، يا وڌا ويا اهو مامرو انهيءَ وقت شروع ٿيو، جڏهن سنڌ جي آبپاسي واري وزير ڄام سيف الله ڌاريجي 8 آگسٽ تي هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ چيو ته توڙي وارا ڪٽ اسان پاڻ وڌا هئا. تنهن کان پوءِ وزير صاحب ان جي ترديد به ڪئي ته ان کي غلط انفارميشن ڏني وئي هئي. ڪٽ اسان نه وڌا آهن. پر پئجي ويا آهن. پر پوءِ ڪير ٿو ٻڌي، مامرو شروع ٿي ويو، الزامن ۽ ڪائونٽر الزامن جو سلسلو اڃا بند نه ٿيو آهي. تازو جڏهن انڪوائري ڪميشن جا جج توڙي ڪٽ ڏسڻ ويا ته اخباري خبرون مطابق ڳوٺ سبزوئي وارن جيڪي ڪٽ جي سامهون ڪچي ۾ ويٺل هئا. تن بيان ڏنو ته هنن کي ڪميشن وارن سان ملڻ نه ڏنو ويو ۽ هن مطابق اهو ڪٽ انهيءَ ڪري پيو، جو بند اوور ٽاپ ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ آبپاشي واري عملي ڪا ڪوشش نه ڪئي. ڳوٺ وارن ماڻهن کي انهيءَ هنڌ وٽ وڃڻ کان روڪيو ويو، اها ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نٿي اچي ته آبپاشيءَ وارا پاڻ ڇو ڪٽ هڻندا؟

ڪي ماڻهو چون ٿا ته اهو انهيءَ ڪري ڪيو ويو ته جيئن علي واهڻ وٽ ڪٽ نه هنيو وڃي. پر سوال ٿو اُٿي ته ڇا اهي ٻه آپشن هئا ته يا ٽوڙي کي ڪٽ هنيو وڃي.يا علي واهڻ کي؟ سنڌ بند مينوئل مطابق فرنٽ بند تي پاڻ ڪٽ هڻڻ جو پرووزن ناهي. ڇاڪاڻ جو ڪنهن هنڌ پاڻ ڪٽ هڻڻ جو مطلب ڄاڻي ٻجهي انهيءَ ايريا کي ٻوڙڻ آهي. وري اها ڳالهه ته ڇا سکر بيراج کي بچائڻ لاءِ ائين ڪري سگهجي ٿو؟ پنجاب به ائين ڪيو آهي. جو اتي درياهه جو پاڻي وري موٽي درياهه ۾ هيٺ اچي وڃي ٿو. سنڌ ۾ اهو ممڪن ناهي، جو ٻوڏ واري وقت ۾ سنڌ ۾ درياهه مٿاهين تي وهي ٿو ۽ ڪٽ وارو پاڻي موٽي درياهه ۾ نٿو اچي سگهي ۽ ملڪ ٿو ٻوڙي.

اخباري خبرن مطابق سنڌ جي ڇهن سياسي پارٽين جي سربراهن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني پٽيشن داخل ڪئي آهي ته انهن ڪٽن جي جاچ هاءِ ڪورٽ جي حاضر سروس ججن معرفت جوڊيشل ڪميشن تشڪيل ڏئي ڪرائي وڃي. انهن مان به





يعني ممتاز علي خان ڀٽو ۽ لياقت علي خان جتوئي سنڌ جا چيف منسٽر رهي چڪا آهن، جڏهن ته ٽيون سيد جلال محمود شاهه سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر ۽ سيد شاهه محمد شاهه سنڌ حڪومت جو صلاحڪار رهي چڪو آهي. انهن جون گهرون هي آهن:

(1) Direct the sindh governemnt to constitute a judicial enquiry/tribunal, comprising the siing judges of this honorable court with concurrence of the chief justice of this honorable court, to assess and determine the illegalities committed by the respondents and hold the same accountable

(2) declare the artificial breach of the "Torri bund" Ghouspur loop bund and "B.S Feeder" to be illgeal and void"

(3) pass any other or further order as may just and appropraiate.

ترجمو: (1) سنڌ حڪومت کي هدايتون جاري ڪيون وڃن ته هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي راضپي سان حاضر سروس ججن تي مشتمل جڊيشل انڪوائري/ ٽربيونل جوڙيو وڃي ته جيئن اهو ٽربيونل جوابدارن پاران ڪيل غيرقانوني شين بابت معلومات حاصل ڪري سگهي.

(2) ٽوڙي بند، غوث پور بند ۽ بي ايس فيڊر کي ڏنل هٿرادو ڪٽن کي غير قانوني قرار ڏنو وڃي.

(3) انهيءَ ڏس ۾ مناسب ۽ انصاف وارو حڪمنامو جاري ڪيو وڃي.

انهيءَ پٽيشن ۾ ٻه ڳالهيون اهم آهن. هڪڙي اها ته ڪميشن جا جج حاضر سروس ججن ۽ هٿرادو ڪٽ هڻندڙن خلاف ڪارروائي ٿئي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته ريٽائرڊ جج صحيح انڪوائري نه ڪري سگهندا ۽ انهن جي انڪوائري ايتري طاقتور نه هوندي، جيتري حاضر سروس ججن جي.

مٿين آئيني پٽيشن ڪجهه سياسي پارٽين پاران هڪ سياسي حڪومت جي خلاف آهي. منهنجو ڪنهن به سياسي پارٽي سان واسطو ناهي، مان سنڌ وارن جي حقن لاءِ حڪومت مخالف سياسي پارٽين توڙي حڪومت ٻنهي سان گڏ آهيان، پر هن سال پيل ڪٽن جيڪا بربادي آندي آهي، انهي تي سنڌ وارن کي مطمئن ڪرڻ ضروري آهي. جيستائين هنن پيل ڪٽن جي شفاف ۽ اڻ ڌري جاچ ڪرائي ذميوار اٿهن کي سزا نه ڏني ويندي، سنڌ وارا مطمئن نه ٿيندا ۽ حڪومت خلاف محاذ آرائي بند نه ٿيندي.

# ڪنهن نجات ڏياريندڙ جو انتظار ڪندڙ سنڌ!

شبنم گل

پنجن هزار سالن جي تهذيب جي وارث قوم، جيڪا خوددار هئي، مهمانواز مشهور هئي. لوڪ ڏاهپ ۽ لوڪ گيت سندس سڃاڻپ هئا، هٿ جي هنرن ۾ ڪير سندن ثاني نہ هو، جنهن جي سادگي ۽ سٻاجهائپ جا هر پاسي چوٻول هئا. اڄ اها سنڌي قوم روڊن ۽ رستن تي جهول ڦهلائي بيٺي آهي. حڪمرانن اهڙا بيان بہ ڏنا تہ ”ايتري امداد ملي آهي جو سنڀالڻ مشڪل ٿي پئي آهي.“ يا وري اهو چيو ويو تہ ”پاڪستان ۾ پئسي جي ڪمي ناهي.“ پر پوءِ بہ ماڻهو خالي هٿ ۽ خالي جهول ڪٽي بيٺا آهن. امداد ورهائڻ لاءِ ڪا بہ شفاف ۽ غير جانبدار ڪاميٽي جوڙڻ بدران امداد ورهائڻ جي ذميواري وڏيرن، رئيسن ۽ جاگيردارن جي حوالي ڪئي وئي آهي. جيڪي امداد ورهائڻ جي ڪريڊٽ کڻي انتهائي خوش آهن. انهن مان ڪجهه ايم پي اي، ايم اين اي اهڙا بہ آهن، جيڪي امدادي سامان سان ڀريل گودامن کي تالا ڏيئي اسيمبليءَ جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ نڪري وڃن ٿا، سندن پٺيان ڏتڙيل عوام کي اهو چئي در تان موٽايو وڃي ٿو تہ سرڪار پاڻ اچي پنهنجي هٿن سان امداد ورهائيندي.

صدين جي تاريخ جي وارث سنڌي قوم هڪ پينو جو روپ ڌاري رستن تي هٿ ٽنگي ويٺي آهي. اهو هڪ فڪر جو لمحو آهي. سموري سنڌي سماج لاءِ اديبن، دانشورن ۽ سماج سڌارڪن لاءِ جيڪي خوبصورت ڳالهين. دعوائن ۽ پرفريب لفظن جي پيٽا ڏيڻ کان علاوه اڃان تائين ڪليل طور تي ڪجهه بہ نہ ڪري سگهيا آهن. سنڌي ماڻهو ڪنهن معجزي جي انتظار ۾ آهن. سيموئل بڪيٽ جي ڊرامي Waiting for Goddot جي ڪردار جيان جنهن جو شدت سان انتظار ڪيو وڃي ٿو. اهو ڪردار گڊو هڪ نئين سوچ ۽ تبديليءَ جو اهڃاڻ آهي. هو ايندو تہ بيٺل پاڻيءَ جهڙي زندگي هڪ ڪشادي درياهہ ۾ بدلجي ويندي، پر پهرين سين کان آخري سين تائين اهو مسيحا يا رهبر ظاهر نٿو ٿئي. سنڌي قوم بہ لڳي ٿو تہ اهڙي ڪنهن مسيحا يا رهبر





جي انتظار ۾ آهي. ”گڊو“ هڪ خوشفهميءَ جو نالو ئي چو نہ هجي. پر اها خوشفهمي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ اتساهہ جو سبب بڻجي ٿي. خواب ساپيان ماڻين يا نہ، پر خواب ڏسڻ تبديليءَ جو پهريون ڏاڪو آهي. تبديلي ٻاهرين اثر کان وڌيڪ ذهني ڪيفيت جو نالو آهي. تبديلي سوچ جي بدلجڻ سان اچي ٿي. سوچ هڪ طاقت آهي. هڪ ٻڻ زمين ۾ ٻج پوکڻ سان سلوو نہ ٿو ڦٽي. ان لاءِ زمين کي زرخيز ۽ هموار بنائڻ لاءِ ڪوشش جي ضرورت آهي. پاڪستان جي سياست ٻڻ زمين تي ٻج پوکڻ جي ڪوشش آهي. ٻوٽي جي اسرڻ ۾ زرخيز زمين، هوا، پاڻي ۽ روشنيءَ جي هڪجيتري شراڪت ٿي گهرجي. هوا، پاڻي ۽ روشني هجي، پر زمين زرخيز نہ هئڻ سان مطلوبہ نتيجو ڪڏهن بہ نٿو ملي سگهي. جمهوريت جو ٻوٽو اڃان ننڍو آهي، جيڪو سخت موسمن سان مقابلو ڪري رهيو آهي. ٻوٽو جڏهن وڏي وڻ ٿئي ٿو تہ ان جي ڊيگهہ ۽ گهاٽي هجڻ جو تعين موسم ۽ آبهوا تي دارومدار رکي ٿو.

دنيا جي ڪيترين قومن تي تباهيون آيون آهن، ڪيترين قومن هڪ ڊگهي بقا جي جنگ وڙهي آهي. سمجهدار قومن ڏهڻ جي لمحن کان تعميري سگهہ وٺي خود انحصاريءَ جو هٿيار ساڻ ڪري، پاڻ کي دنيا جي نظرن ۾ سرخرو رکيو آهي جپان هيروشيما ۽ ناگاساڪي جي تباهيءَ کان پوءِ هٿيار ٺاهيندڙ فيڪٽرين کي صنعتي ترقيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي صف ۾ اچي بيٺو، چائنا بہ نشي جي اونداهين دور مان نڪري پاڻ کي معاشي طور تي مضبوط ڪري هڪ متحد سماجي سرشتو جوڙي ورتو. جنگ جي تباهہ ڪارين کي منهن ڏيندڙ ويٽنام جو نقشو سندس عوام سخت جاکوڙ ۽ خود انحصاريءَ سان بدلائي ڇڏيو آهي. تاريخ ۾ اهڙين ڪيترين قومن جا مثال ملن ٿا. جن محنت ۽ پاڻ پرائيءَ جو عزم ساڻ ڪري پنهنجي تقدير پاڻ بدلائي آهي. هتي صورتحال ابتڙ آهي. عوام کي سدائين حڪمرانن ۽ وڏيرن کي پنهنجي پورهئي جي پوري اجوري کان بہ محروم رکيو وڃي ٿو.

اهو ئي عوام، جنهن کي پاڪستان جي سياست ۾ ثانوي حيثيت جو حامل سمجهيو ويو، ٻوڏ جي وسيع پئماني تي ٿيندڙ تباهيءَ کان پوءِ پاڻ هلي حڪمرانن تائين پهتو آهي. جن کي ڏسي سرڪاري عملدارن جون وايون بتال ٿي ويون. سندن ذاتي ڪم ڪار بيهي ويا ۽ سرڪاري مال ۾ سندن گهوٻين جا سلسلا بہ منقطع ٿي ويا. سندن بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويا ۽ هو ماتحتن تي بنا مند جي برسات جيان وسڻ لڳا. ٻوڏ متاثرين جي مختلف ڪيمپن ۾ قيام دوران سندن مناسب طريقي سان پرگهور نہ لهڻ جي هاءِ گهوڙا شروع ٿي وئي. وقت تي ماني پاڻي نہ ملڻ. طبي امداد جي اڻاٺ ۽ بنيادي سهولتن جي فقدان انتظامي طور تي غير منظم هئڻ جي نشاندهي ڪن ٿا. هڪ واضح ۽ فعال منصوبابندي جي کوٽ پڻ محسوس ٿي. ڪجهه ڪيمپن ۾ تمام سٺو انتظام ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن تہ ڪيترين ڪيمپن ۾ ماڻهو بک ۽ اڃ تي گذارو

ڪندا رهيا. وسيلا هئڻ باوجود بہ صحيح طريقي سان سندن پرگھور نہ ٿي سگھي. ان امداد ورهائڻ دوران بہ رشوت خور آفيسرن پنهنجا جوهر ضرور ڏيکاريا. ٻوڏ جي ستايل قافلن ڪي رستي ۾ لٽيو ۽ ڦريو ويو، خالي گھرن ۾ ڦورن ٻيڙين تي چڙهي سامان جو صفايو الڳ ڪيو. ان تمام صورتحال دوران اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ ماڻهن جي نفسيات ۾ پنهنجو حق ڦري وٺڻ جو رجحان شامل آهي. اها لٽ مار، ڦرڻ ۽ ڌانڌليون هڪ قوم جي مزاج جو حصو بنايون ويون آهن. جيڪو ڏاڍو آهي اهو سرخرو آهي. ڪمزور سدائين بي وس ۽ نقصان ۾ آهي. پاڪستان جي سياست بہ ان ٻٽي رويي جي ترجماني ٿي ڪري، سياست جي ايوانن ۾ هڪ غاصب ۽ ڦورو گروپ آهي. جيڪو سازشون سٽي پنهنجو مفاد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو، ٻئي پاسي ڪمزور عوام آهي. جنهن جي حقن جو مستقل استحصال ٿيندو رهيو آهي.

مارشل لا جي اونداهين ۾ ڪٿي ڪٿي جمهوريت جو چند چمڪندي نظر اچي ٿو، پر ٻيهر بربريت جا ڪارا ڪڪر ڪيس وڪوڙي وڃن ٿا. جنرل پرويز مشرف آمريت جي قافلي جو آخري سرواڻ آهي. (خدا ڪري ائين هجي) جنهن آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي قابليت جا جوهر ڏيکاريا ۽ طالبان ڪي وڏيڪ مڃرائي ڇڏيو. آمريڪا طالبان جي آڙ ۾ پنهنجا ڪيترائي مفاد حاصل ڪرڻ گھري ٿو جيئن آمر سندس هٿ ۾ ڪٺ پتلي بڻيا آهن. ائين جمهوري قوتون بہ سندس اک جي هلڪي جنبش کان خوفزده رهيون آهن. آئڊيالاجي ڪانهي. اجتماعي شعور ڪونهي جنهن ۾ عوام جي مسئلن جي حيثيت ثانوي رهي آهي. مشڪلاتن جي باوجود ڪجهہ سالن جو سفر ڪاميابيءَ سان طئي ڪيو آهي. جيڪڏهن هيءَ حڪومت پنهنجو جمهوري مدو پورو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي تہ ايندڙ وقت ۾ جمهوريت جو آئيندو روشن نظر اچي ٿو. پاڪستان ۾ نان سيويلن حڪومتن ۽ طبقاتي اڻ برابري انفرادي سوچ کي جنم ڏنو آهي. گذريل ڪجهہ سالن کان ماديت پرستي جو وڌندڙ رجحان ناانصافين، لاقانونيت ۽ ڏوهن ۾ اضافي جو سبب بڻيو آهي. جنهن غاصب، ڦورو ۽ لٽيرا پيدا ڪيا آهن. اهي ساڳيا وڏيرا، جاگيردار ۽ سرمائيدار عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ مامور ڪيا ويا آهن، جن پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ذخيرا اندوزي ڪري عوام تي خود ساختہ مهانگائيءَ جو عذاب نازل ڪيو آهي. اٽي جي بحران وقت يو اين او جي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ”ڪڻڪ جي پيداوار ماڻهن جي گھربل ضرورتن کان ڪجهہ گھٽ هئي.“ ڪافي ڪڻڪ ٻاهر اسمگل ڪئي وئي. جيڪا موجود هئي ان جي اٽاث کي ظاهر ڪري اگهہ وڌايا ويا. اهي ماڻهو اٽي جي هٿرادو اٽاث ظاهر ڪري لکين رپيا ڪمائيندا هئا ۽ منافعي جو حصو سياستدانن ۽ حڪمرانن کي پڻ ارپيندا هئا. انهن اٽي جي واپارين ڪجهہ سياستدانن سان ملي اضافي ڪڻڪ بہ سئو ڊالر ٽن جي حساب سان عالمي منڊي ۾ فروخت ڪئي. اٽي جي بحران جي صورت ۾ انهن پنج سئو ڊالر في ٽن جي حساب سان ڪڻڪ خريد ڪري پاڪستان کي سپلاءِ





ڪئي ۽ اربين رپيا ڪمايا. اها ماديت پرستي ۽ انفرادي سوچ آهي. جنهن عوام کي سدائين نقصان پهچايو آهي.

موجوده ٻوڏ جي دوران ڪيترن زميندارن پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ ڳوٺن جا ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا، جن مان اڪثريت اسيمبلين ۾ عوام جو ووٽ کڻي سرخرو ٿي ويٺل آهي. ڏوهہ تہ سنڌ جي سڀاجهي عوام جو آهي. جيڪي انهن کي رهبر سمجهي اعتماد ڪن ٿا. عوام پنهنجي ووٽ ذريعي کين اسيمبلي تائين پهچڻ ۾ مدد ڪري ٿو، اهي ساڳيا نمائندا تڪليف ۽ ڏک جي وقت عوام جي سچائيءَ سان پرگھور لهڻ بدران پنهنجي بينڪ اڪائونٽس جو گراف وڌائيندا رهن ٿا. موجوده صورتحال جي اها تقاضا آهي تہ سمورا سياستدان ۽ حڪمران ذاتي سوچ مان ٻاهر نڪري عوام جي اجتماعي ڀلي لاءِ سوچين. جنهن لاءِ هڪ منظم منصوبابندي جي ضرورت آهي.

ٻوڏ ڪان پوءِ سنڌ جي زرعي صنعت کي وڏو نقصان رسيو آهي. سنڌ جا ساريالي فصل جا علائقا 60 ڪان 80 سيڪڙو پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. انهن سمورن مسئلن کي سامهون رکي 50 سيڪڙو پيداوار گھٽ لهڻ جو امڪان ڄاڻايو ويو آهي. 200 رائيس ملون پاڻي هيٺ اچڻ سبب چڙهائيءَ جو ڪم نہ ٿي سگھندو ۽ 50 سيڪڙو چانور ايڪسپورٽ نہ ٿي سگھندا. فصلن جي صورتحال آهي. ان مطابق ٻوڏ هيٺ آيل علائقن ۾ تڪڙي پوک ممڪن نہ آهي. پيداوار جي سگهہ گھٽجڻ سان مهانگائي وڌڻ سان گڏ غذا جي اٽاث جا مسئلا بہ سامهون ايندا. ٻوڏ ستيل علائقن ۾ حڪومت ياڻ ۽ ٻج مفت ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان جو ڪو خاطر خواهہ نتيجو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ڇو تہ ڪيترا علائقا اهڙا آهن جن ۾ سالن تائين فصل ٻيهر ٿيڻ جو امڪان نظر نٿو اچي.

هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ پوک سان وابستہ ماڻهن کي روزگار جو ڪو ٻيو ذريعو ڏنو وڃي. اهو ڪم حڪومتي سطح تي ممڪن ٿي سگھي ٿو، اهي زميندار، جن غير قانوني طور تي ڪٺ ڏيئي آبادي وارن علائقن کي هٿ سان ٻوڙيو، انهن تي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ ۽ انهن لاءِ وسيلا پيدا ڪرڻ جي ذميداري رکي وڃي. يا وري انهن ماڻهن کي ٻين علائقن ۾ زمينون ڏيئي آبادگاريءَ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. ڪا بہ ڳالهہ ممڪن آهي. مسئلن کي ورجائڻ بدران جيڪڏهن انهن جو حل ڳوليو وڃي تہ هڪ مسئلي جا ڏهہ حل موجود آهن.

ڪنهن زماني ۾ آمريڪا ۾ روز هزار ٽن خوراڪ ضايع ٿيندي هئي. ريسٽورنٽ ۽ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ کاڌو ضايع ٿيندو هو. جڏهن تہ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو فاقہ ڪشي ڪرڻ تي مجبور هئا. ڪجهہ باشعور ماڻهن اڳتي وڌي فوڊ بينڪ جي نالي سان اين جي او جو بنياد وڌو، جيڪي هوٽلن ۽ ريسٽورنٽ مان بچيل کاڌو کڻي گرم ڪري ضرورتمندن تائين پهچائڻ لڳا. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترا صاحب اختيار ماڻهو انهن سان شامل ٿي ويا. اهو فقط هڪ مثال نہ آهي. باشعور قومن وٽ

ايترا ڪيترا مثال موجود آهن .جڏهن مشڪل وقت ۾ اڳتي وڌي هنن پنهنجي هم وطنن جي دل و جان سان مدد ڪئي. اسان وٽ گهرن، دعوتن ۽ شادين ۾ بي انداز کاڌو ضايع ٿئي ٿو. اهو کاڌو جيڪڏهن ڪيمپن ۾ موڪليو وڃي ته هڪ بهتر صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. مون هڪ خاتون کي اهو ڪندي ڏٺو ته هوءَ بچيل کاڌو پيڪ ڪري جڏهن به ڪم سان ٻاهر ويندي هئي ته فقيرن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي. پر انفرادي سوچ جا حامل ماڻهو فقط پنهنجي مفاد جي دائري ۾ ڦرندا رهن ٿا. مصيبت ۾ ڦاٿل انسانن جي مدد ڪرڻ واري سوچ آمريڪا جهڙي ناپسنديده ملڪ ۾ ته نظر اچي سگهي ٿي. پر مسلمان ملڪن ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. دنيا جي امير ترين ماڻهو بل گيٽس جو تعلق به آمريڪا سان آهي. جنهن جا ڪيترائي فلاحي ادارا انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته دنيا جي ٻئي امير ترين عرب شهزادي جا جوا جا اڏا سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهن. يورپي ملڪ هجن يا آمريڪا هجي. پر انساني فلاحي ڪمن ۾ رڌل آهن. هنن اها رمز پرکي ورتي آهي. ته سڪون ۽ خوشحالي تڏهن ممڪن آهي، جڏهن معاشري مان بي سڪوني ۽ معاشرتي اڻ برابري ختم ڪئي ويندي. هو جيڪا ڳالهه پنهنجي لاءِ خراب سمجهن ٿا، اها ٻين لاءِ به سٺي نه آهي. هنن حقن ۽ ذميدارين ۾ هڪ توازن ڳولي لڌو آهي.

وقت هميشه ساڳيو نٿو رهي. ڪي قدرتي آفتون ۽ سانحا قومن جي ظرف کي آزمائڻ جي ڪسوٽي بڻجي وڃن ٿا. تضاد ۾ اصليت کلي سامهون ايندي آهي. ڪڙي آزمائش ۾ چهرن تي پيل ٻيائي جا نقاب کلي ويندا آهن. قوم جي بگڙيل نفسيات جا ڪيئي لڪل ۽ پيچيده رخ سامهون ايندا آهن. قومن جي نفسيات اتي جي حڪمرانن جي عملن سان ٺهندي يا ڊهندي آهي. حڪمرانن جيڪو ٻيائيءَ جو سلو پوکيو، قوم اها پوک لٽي رهي آهي. ٻوڏ جي آفت سنڌي قوم جي خودداريءَ کي هڪ وڏو ڌڪ رسايو آهي. انهن پورهيتن، جن ڪڏهن ڪنهن جي آڏو هٿ نه ٽنگيو هوندو، قطارن ۾ ويهي ماني ملڻ جو انتظار ڪن ٿا، هو امداد لاءِ واجهائي رهيا آهن. ڪين هٿ ٽنگيندي ڏسي سندن ٻارن جي ذهنن تي ڇا اثر پوندو. جيڪي اڳتي هلي گهري ڪانئڻ کي عيب نه سمجهندا. يا انهن جي معصوم ذهن ۾ ٻوڏ جي تباهه ڪارين جو خوف مستقبل ۾ ذهني پيچيدگين ۾ بدلجي ويندو! ڇا هو پينو جي روپ ۾ ذهني مريض ٿي زندگي گذاريندا!!؟



# سنڌ جي ٻڏل شهرن مان پاڻي ڪڏهن نڪرندو؟

محمد ادريس راجپوت

آگسٽ مهيني واري ٻوڏ ڪري جتي لکين ماڻهو پريشن ۽ دربدر آهن، اتي حڪومت وارا به سخت پريشان آهن. انهيءَ جا چونديل نمائندا پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ نٿا وڃي سگهن، جو ماڻهو ساڻن وڙهڻ ٿا اچن. خاص طرح انهن شهرن جا ماڻهو، جن کي ٻوڏ ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ جتان پاڻي نڪرڻ جا ويجهڙائي ۾ ڪي به آثار نظر نٿا اچن. تازو سومر 11 آڪٽوبر تي صدر پاڪستان کي بينظير آباد ۾ سنڌ حڪومت جي عملدارن بريفنگ ڏني، پر اڌ بريفنگ ۾ صدر صاحب سيٽلائيٽ جو اهو نقشو اچلائي ڇڏيو، جنهن ۾ ٻوڏ وارو پاڻي ڦهليل آهي ۽ پڇيائين ته پاڻي ڪڍڻ جو پلان ٻڌايو، جڏهن ڏنائين ته هنن وٽ اهڙو ڪو پلان ناهي ته حڪم ڪيائين ته 48 ڪلاڪن اندر ٻڏل ايراضين مان پاڻي ڪڍڻ جو پلان پيش ڪيو وڃي. سنڌ هڪومت جي منصوبابندي واري صلاحڪار ۽ چيف سيڪريٽري 12 آڪٽوبر تي سيني واسطيدار کامورن جي گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ مون کي به هڪ ماهر طور گهرايو ويو. اهو ٻڌائيندو هلان ته مان اتي پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ سنڌ جي گهڻ گهرو جي حيثيت ۾ ويس. جو سنڌ وارن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ چاهي مون کان سرڪار مدد گهري يا مخالف ڌر يا قومپرست گهرائين مان حاضر هوندو آهيان، ڇو ته منهنجو فوڪس سنڌ وارن جي ڀلائي آهي ۽ نه ڪي سياست.

مٿين گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته آبپاسي کاتي وارا ۽ لوڪل گورنمينٽ وارا سرزمين تي معلوم ڪن ته ٻڏل شهرن ۽ ايرضين مان پٽي ڇو نٿو نڪري، کهڙيون رنڊڪون ۽ رڪاوٽون آهن؟ انهن کي ڪيئن هٽايو وڃي ته جيئن پاڻي تڪڙو نيڪال ٿي سگهي ۽ انهيءَ لاءِ کهڙيون شيون کپن، انهيءَ ڪم لاءِ مون کي انهن جي سربراهه جي طور مقرر ڪيو ويو. انهيءَ گڏجاڻي ۾ ڊي جي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي به شامل هو، جنهن ٻڌايو ته هو انهيءَ جاچ لاءِ يو اين جي مدد طور هيلي ڪاپٽر ڏئي سگهي ٿو. مان سيد مظهر علي شاهه ايڊيشنل سيڪريٽري آبپاشي


www.sindhsalamat.com

۽ محمد سليمان چانڊيو اسپيشل سيڪريٽري ٽيڪنيڪل لوڪل گورنمينٽ انهيءَ ڪم لاءِ سکر پهتاسين. جتي يو اين وارن اسان کي ٻن ڏينهن لاءِ هيلي ڪاپٽر ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن انهيءَ جا نمائندا بہ اسان سان گڏ هليا. اسان 15 ۽ 16 آڪٽوبر تي جائزو وٺڻ لاءِ ٽوڙي وارن ڪنڊن، غوثپور، ڪرمپور، ٺل، سلطان ڪوٽ، ڳڙهي خيرو، قبو سعيد خان، شهدادڪوٽ، سپريو بند، خيرپور ناٿن شاهہ، ايم اين وي ڊرين، منڇر ڍنڍ، ڪرمپور مٿان اڏام ڪئي سين. ان دوران جيڪو ڪجهہ اسان ڏٺو، سو هنيان ڏارينڊڙ هو. واهن ۽ شاخن جو ڪو نالو نشان ڪو نہ هو، ڪيترا ڳوٺ صفا ڊٺل هئا. ڪن جي چوڌاري پاڻي بيٺل هو ۽ اچڻ وڃن جو ڪو رستو نہ هو. رستا ۽ روڊ ڪٽيل هئا. ميلن ۾ پاڻي بيٺل هو. هڪڙي يو اين واري چيو تہ هي ٻوڏ جو پاڻي آهي يا سمنڊ؟ شهرن ۾ اندر جايون ٻڏل هيون. ڪيترا گهر ڊٺل هئا، چوڌاري پاڻي بيٺو هو، ائين سمجهو تہ شهر ۽ ڳوٺ ٻيٽ بڻيل هئا. سيني کان گهڻو ٻڏل شهر پهريون نمبر خيرپور ناٿن شاهہ، ٻيو نمبر ڳڙهي خيرو ۽ ٽيون نمبر قبو سعيد خان هئا. شهدادڪوٽ چوڌاري پاڻي بيٺل هو، پر شهر ٻڏڻ کان بچي ويو هو، بلڪ بچايو ويو هو.

17 آڪٽوبر تي هيليڪاپٽر جو بندوبست نہ ٿي سگهيو ۽ اسان بائي روڊ روانا ٿياسين. پهرين ايم اين وي ۽ جوهي جي ڪراسنگ تي پهتاسين، جنهن کي ”ڪاري موري“ چون ٿا. اتي جوهي برانچ 77 آر ڊي تي ايم اين وي مٿان ٽپي وڃي ٿي، جنهن کي فني ٻولي ۾ Aqueduct چجي ٿو. اتي ايم اين وي کي موري کان مٿي ڪٽ لڳل هئا تہ جيئن خيرپور ناٿن شاهہ وارو پاڻي ايم اين وي ۾ ڪري سگهي. وري انهيءَ موري کان هيٺ جوهي برانچ کي ڪٽ لڳل هئا تہ جيئن مٿان ايندڙ پاڻي هيٺ پاس ٿي سگهي. تنهن کان پوءِ اسان ڪرمپور ويجهو درياهہ کي ڏنل ڪٽ تي وياسين. جتان پاڻي درياهہ ۾ پيو وڃي. تنهن کان پوءِ اسان پمپا شاخ، لوڪل بورڊ وارو روڊ ۽ انڊس هاءِ وي ڏٺوسين. انهن ۾ ڪٽ هجڻ ڪري اسان رڳو ٿورو ٽڪرو ڏسي سگهياسين.

## حڪمت عملي Strategy

هر ڪنهن ڪم ڪرڻ جي حڪمت عملي هوندي آهي. جنهن جو فيصلو ڪري انهيءَ تي وڏيڪ ڪم ڪرڻو هوندو آهي. اسان کي ٻڏل شهرن ۽ زرعي زمينن مان تڪڙو پاڻي ڪڍڻو آهي تہ جيئن ماڻهن کي رليف ملي ۽ زمينون آبادي لائق ٿي سگهن. جيڪڏهن شهرن مان پمپن وسيلي پاڻي ڪڍجي تہ اهو صحيح حل ناهي، ڇاڪاڻ جو جيترو پاڻي ڪيندئو، اوترو پاڻي پرپاسي مان وري اچي ويندو. تنهن ڪري پهرين شهرن جي چوڌاري بيٺل پاڻي کي ڪڍڻو آهي، جڏهن اهو نڪري ويندو تہ ڪڏن ۽ کوٻن ۾ بيٺل شهرن جو پاڻي پمپن وسيلي ڪڍي سگهبو جن شهرن ۾





چوڌاري پاڻي بيٺل نہ آهي ۽ رڳو شهرن ۾ بيٺل آهي. اهو پمپن ذريعي نيڪال ٿي سگهي ٿو.

وري بيٺل پاڻي قدرتي نموني ۾ ڇوڙ واري رستي منڇر ۾ تنهن کان پوءِ درياهہ ۾ وڃڻو آهي. اهو قدرتي رستو آر بي او ڊي ايم اين وي ۽ منڇر آهن. بيٺل پاڻي ٺهيل واهن. سم نالين رستي قدرتي ڇوڙ واري لائين ۾ وجهڻو آهي. جيڪڏهن اهي لٽيل آهن يا رستي ۾ رنڊڪون آهن تہ انهن مان لٽ ڪڍڻو پوندو ۽ رنڊڪون دور ڪرڻيون پونديون. وري منڇر، واري رستي جيڪو ڪرمپور کان پاڻي ڇوڙ ڪري ٿو. انهيءَ لاءِ روڊ، شاخ، ريلوي لائين کي ڪٽ ڏيڻا پوندا. وري رستي جو کلڻ بہ اهم آهي. منڇر ۽ انڊس لنڪ واري ڪمپارٽمينٽ ۾ انڊس هاءِ وي ٻڏل آهي. جنهن کي بحال ڪري ٽريفڪ هلائڻ جي سخت گهرج آهي. يعني متضاد گهرجن وارو سوال اٿي ٿو. هڪڙي پاسي انڊس هاءِ وي کي وڌيڪ ڪٽ ڏيڻا آهن ۽ ٻئي پاسي ٽريفڪ بحال ڪرڻي آهي. اهو ان طرح ممڪن آهي تہ ڪٽ ڏيڻ بدران وڏا لوهي پائيپ رکو ۽ انهن مٿان مٽي وجهي روڊ بحال ڪيو، پائپن مان پاڻي پاس ٿيندو ۽ مٿان ٽريفڪ هلندي.

## ٻڏل شهرن مان پاڻي ڪيئن نڪري

غوثپور، ڪرم پور، ٺل، سلطان ڪوٽ ۽ ٻين ننڍڙن شهرن ۾ پاڻي بيٺو آهي. پر چوڌاري پاڻي ڪونهي اهو پاڻي ٽي ايم اي يعني ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن وارا پاڻ پمپن ذريعي ڪڍي سگهن ٿا. رڳو انهن کي گهربل پمپ ڏنا وڃن. ٽن وڏن شهرن يعني ڳڙهي خيرو قبو سعيد خان ۽ خيرپور ناٿن شاهہ مان جيڪڏهن رڳو پمپن وسيلي ڪڍبو، تہ اوترو پرپاسي بيٺل پاڻي شهر ۾ اچي ويندو، تنهن ڪري پهرين چوڌاري بيٺل پاڻي کي قدرتي طرح وهائي Gravity flow ڇوڙ ڪرڻ واري رستي ۾ آڻڻو پوندو ۽ منڇر تائين پهچائي درياهہ ۾ ڇوڙ ڪرائبو. جڏهن چوڌاري بيٺل پاڻي نڪري ويندو تہ پوءِ شهر اندر بيٺل پٽي پمپن وسيلي ڪڍي شهر سڪائي سگهجن ٿا.

### 1_ ڳڙهي خيرو:

هي هڪ تمام گهڻو ٻڏل شهر آهي، جنهن جي چوڌاري پاڻي ميلن ۾ بيٺو آهي. جيستائين چوڌاري بيٺل پاڻي نہ ڪڍبو، شهر مان پاڻي نہ نڪري سگهندو. پاڻي ڏکڻ واري پاسي کان ڪڍڻو آهي. جيڪو عيدن شاخ جي آر ڊي هڪ تي پئجي سگهي ٿو. جيڪو آر بي او ڊي ٽري ۾ محمد خان پٽو ڳوٺ پرسان پوندو، پر عيدن شاخ لٽيل آهي ۽ گهربل پاڻي کڻي نہ سگهندي. تنهن ڪري پهرين ان جي کاٽي مشينن ذرعي تڪڙي ڪرائڻ کپي. هن شهر ۾ ٻوڏ وارو پاڻي بيگاري ڪئنال، ڪيرٿر ڪئنال ۽ سيف الله مگسي ڪئنال جي ڪنڊن مان پيو اچي. جن کي يڪدم بند ڪرڻ کپي. ڪنڊ

بند ٽيڻ کان پوءِ ۽ عيدن شاخ جي ڪاٽي ڪان پوءِ ڊڪڻ پاسي ڪان پاڻي اٽڪل 15 ڏينهن ۾ نڪري ويندو. تنهن ڪان پوءِ شهر ۾ بيٺل پاڻي پمپن ذريعي 15 ڏينهن ۾ نڪري ويندو ۽ شهر سڪي ويندو. پمپن ذريعي پاڻي ڪڍڻ وارو ڪم ٽي ايم اي وارا پاڻ ڪري سگهندا. انهن کي گهربل پمپ ڏنا وڃن.

## 2_ قبو سعيد خان

قبو سعيد خان شهر ۾ ٻُڙهي خيري جيترو پاڻي ڪونهي. پر ان جي اولهه ۽ اوڀر ۾ پاڻي بيٺو آهي. اوڀر واري پاڻي کي نيڪال جو ڪو رستو ناهي. انهيءَ کي قدرتي طرح سڪڻ لاءِ ڇڏڻو پوندو. اولهه واري پاڻي کي ڪڍڻ لاءِ روڊ ۽ موٽر وي رنڊڪون آهن. انهن کي قبو کان ڪچي پل روڊ کان ٻه ڪلوميٽر پري ڪٽ ڏيڻا پوندا. پر انهن ڪٽن جي ڪري موٽر وي بلاڪ ٿيندو. بهتر اهو ٿيندو ته روڊ هيٺان وڏا لوهي پائيپ وجهي مٿان رستو ٻه هلائجي. لوهي پائيپ يا ته نيشنل هاءِ وي وارا ڏين يا يو اين وارن کان گهر ڪجن. اهي پنهنجي Early recovery plan جي فنڊن مان گهربل پئسا ڏئي سگهندا. اها ڳالهه انهن اسان کي هيلي ڪاپٽر ذريعي اڏام دوران ٻڌائي. رڳو ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي وارن ذريعي انهن کان اها گهر ڪئي وڃي.

## 3_ خيرپور ناٿن شاهه

هي شهر ٻوڏ جي ڪري سڀني کان گهڻو متاثر ٿيل آهي. ان شهر ۾ هينئر ٻه 4 کان 7 فوٽ پاڻي بيٺو آهي ۽ شهر جي چوڌاري ميلن ۾ پٽي بيٺل آهي. پهرين پاڻي ڪڍڻ لِءِ خدا واهه ۽ نارا ڊسٽري کي ڪٽ ڏيڻا پوندا. تنهن کان پوءِ ايم اين وي ڊرين جي ساڄي ڪپ تي جوهي واري ڪاري موري کان مٿي اٽڪل 1000 فوٽ جا نوان ڪٽ ڏيڻا پوندا ته جيئن شهر جي ٻاهران بيٺل پاڻي نڪري، وري جوهي برانچ کي ٻه ڪاري موري کان هيٺ 1000 فوٽ جا وڏيڪ ڪٽ هٽڻا پوندا ته جيئن روڪيل پاڻي هيٺ هلي. اهو پاڻي پڇاڙي ۾ منڇر ۾ پوندو. جتان اڙل ٽيل ۽ ڪرم پور واري ڪٽ وسيلي درياهه ۾ ڇوڙ ڪندو. منهنجي خيال ۾ انهيءَ ۾ ٻه مهينا لڳي سگهن ٿا. جڏهن شهر جي چوڌاري بيٺل پاڻي نڪري ويندو ته شهر جو بيٺل پاڻي پمپن وسيلي 15 ڏينهن ۾ ڪڍي سگهبو. جيڪو ٽي ايم اي وارا پاڻ ڪري سگهندا. رڳو انهن کي گهربل پمپ ڏنا وڃن.

اهو ٻڌائيندو هلان ته خيرپور ناٿن شاهه مان پاڻي ڪڍڻ بابت پ پ سنڌ جي وائيس پريزيڊنٽ ۽ هوم منسٽر ذوالفقار مرزا 18 آڪٽوبر تي آفيسرن جي هڪ گڏجاڻي ڪئي هئي. جنهن ۾ مون کي ٻه آبپاشي وارو سيڪريٽري وٺي هليو. انهيءَ ۾ مرزا صاحب ايم اين وي ۽ جوهي برانچ ۾ ٻڌايل ڪٽ ٽن ڏينهن اندر مڪمل ڪري





انهن کي هلائڻ جو حڪم ڏنو، ڪم کي تڪڙي ڪرڻ لاءِ دادو جي انجنيئر حبيب الله ڪابوري کي ٻن مهينن لاءِ هڪ پجيرو گاڏي ٻه ڏني ته هو صحيح پيچ ڊڪ ڪري سگهي. مان اهي فيصلا ڏسي حيران ٿي ويس. جيڪڏهن هن کان اڳ اهڙا وقتائتا ۽ تڪڙا فيصلا ٿين ها ته ٻوڏ جي صورتحال ايتري خراب نه ٿئي ها. انهن فيصلن جي ڪري خيرپور ناٿن شاهه مان پٽي ڪڍڻ وارو ڪم تڪڙو ٿي ويندو ۽ هنن کي ٻن مهينن کان اڳي ٻه رليف ملي سگهي ٿو.

مٿيان هئا ڪجهه مشورا، جيڪي سرزمين ڏسڻ کان پوءِ، ماهرن ۽ مقامي ماڻهن سان ملڻ کان پوءِ اسان ٽن ڄڻن يعني مان، سيد مظهر علي شاهه ۽ محمد سليمان چانڊيو ڏنا آهن. اهي رڳو شهرن مان پاڻي ڪڍڻ بابت آهن. پر شهرن کان علاوه ٻُڙهي خيرو کان ويندي منڇر تائين پاڻيءَ جو سمنڊ بيٺو آهي. جنهن ۾ هزارين ننڍا وڏا ڳوٺ ٻڏل آهن. اسان کي انهن کي ٻه رليف ڏيڻُ آهي. انهن ايراضين مان ٻه پاڻي ڪڍڻو آهي، جيئن ٻيٺ ٻٽيل ڳوٺ وارا وري شهرن ۾ اچي سگهن. وري آباديون ڪري سگهن. ڳوٺن مان پاڻي ڪيئن نيڪال ڪجي. انشاءَ الله اهي مشورا ٻئي مضمون ۾ ڏبا.

# سنڌ جي ٻڏل ايراضين مان پاڻي ڪيئن ڪڍجي؟

محمد ادريس راجپوت

ڪاوش جي 24 آڪٽوبر واري اخبار ۾ منهنجو مضمون بعنوان ”سنڌ جي ٻڏل شهرن مان پاڻي ڪڍهن نڪرندو؟“ شايع ٿيو، جنهن ۾ مون شهرن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ صلاحون ڏينديءَ، خاص طور ڳڙهي خيرو، قبو سعيد خان ۽ ڪي اين شاهه مان ٻوڏ واري پاڻي جي نيڪال بابت ڪجهه مشورا ڏنا هئا. سينيئر وزير ذوالفقار مرزا، ڪي اين شاهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ، آبپاشي عملدارن کي منهنجن مشورن تي ٽن ڏينهن ۾ عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن انهن حڪمن مطابق 21 آڪٽوبر تائين ايم اين وي ڊرين کي ڪاري موري ڪان مٿي ۽ جوهي برانچ کي ڪاري موري کان هيٺ هزار، هزار فوٽ جا ٻه ڪٽ ڏنا، جن جي نتيجي ۾ ڪي اين شاهه شهر مان پاڻي نڪرڻ شروع ٿيو ۽ رپورٽ موجب پاڻي لهڻ ڪري دادو- ڪي اين شاهه روڊ تي پاڻي گهٽ ٿي ويو ۽ ٽريفڪ شروع ٿي ويئي. مالڪ جو ڪرم آهي ته ماڻهن کي رليف ملڻ به شروع ٿي ويو آهي ۽ جيئن جيئن پاڻي نڪرندو ويندو. ماڻهن کي وڌيڪ فائدو ٿيندو ويندو اهو رڳو ڪي اين شاهه ۾ ٿيو آهي منهنجي مشورن تي اجا ڳڙهي خيرو ۽ قبو سعيد خان شهرن جي حوالي سان عمل نه ٿيو آهي. جيڪڏهن انهن تي به عمل ڪيو وڃي ته اتي پڻ بهتر نتيجا ماڻي سگهجن ٿا.

بهرحال، اها ته رڳو ٽن شهرن جي ڳالهه آهي. هزارين ڳوٺ ۽ قبو سعيد خان کان منڇر تائين ايم اين وي ڊرين جي ٻنهي پاسن کان تمام گهٽي زرعي ايراضي ٻوڏ جي پاڻي هيٺ آيل آهي (ڏسو نقشو) جيڪڏهن انهيءَ کي ايئن ڇڏي ڏجي ته ڇهن مهينن تائين به پاڻي نه سڪي سگهندو. اهو پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اتي ڦاٿل بي وس ۽ لاچار ماڻهن کي به جلد رليف ملي سگهي.

## حڪمت عملي Strategy

انهن ڪوششن جي حوالي سان به ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. پهرين اها ته هينئر





جيڪو پاڻي واهن ۾ پيل ڪندن مان، يا آبپاشي نظام مان اچي رهيو آهي. تنهن کي روڪيو وڃي. ٻي ڳالهه اها ته ٻوڏ جي اٽيل پاڻي کي قدرتي نڪاسي واري رستي ڏانهن ورائڻ لاءِ ڪوشش ٿيڻ گهرجي. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو. جڏهن جيڪي واهه، رستا يا سم نالين پاڻي کي روڪيو بيٺيون آهن. تن کي ڪٽ ڏنا وڃن ۽ قدرتي نڪاسي واري رستي آڏو آيل رڪاوٽون پري ڪيون وڃن.

### (الف) واهن مان ايندڙ پاڻي:

هن مهل به رائيس ڪينال ۽ وارهه برانچ مان ڳچ پاڻي نڪاسي واري لائين ۾ اچي رهيو آهي. جنهن کي روڪڻ لاءِ اهي واهه هينئر يڪدم بند ٿيڻ گهرجن. پوءِ اڳتي هلي انهن کي هڪ هفتو کولي رکجي ۽ ٻيو هفتو بند رکجي. ته جيئن رڳو آبپاشي لاءِ پاڻي استعمال ٿئي ۽ نڪاسي واري لائين ۾ نه اچي. ان ڪانسواءِ جن واهن ۽ ڊرينز ۾ ڪنڊ پيل آهن. اتان به پاڻي اچي پيو. تن ڪنڊن کي بند ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهو پاڻي اڳي ئي ٻڏل ايراضين ۾ نه اچي.

### (ب) قدرتي نڪاسي واري لائين مان رنڊڪون پري ڪرڻ:

ان ڪم لاءِ هيٺانهين کان شروعات ٿيڻ گهرجي ۽ پوءِ مٿانهينءَ ڏانهن اچڻ گهرجي. ٿيوري اها آهي ته پاڻيءَ کي هيٺانهينءَ ڏانهن جو رستو ڏجي. درياهه ۾ ڇوڙ کان اڳ ڇپاڙڪي ڇوڙ واري جاءِ منڇر ڍنڍ آهي. تنهنڪري، اسان منڇر کان شروع ڪري مٿي هلنداسين. ڇو جو پاڻيءَ کي جيڪڏهن هيٺيون گس نه ملندو ته اهو هيٺ ڪيئن لهندو؟

(i) **منڇر ڍنڍ:** 26 آڪٽوبر تي منڇر جي سطح 116 فوٽ هئي. اها روز هڪ ڊيسي مل لهي رهي آهي. اسان کي اها اٽڪل 112 فوٽ ڪرڻي آهي. جنهن ۾ چاليهه کن ڏينهن لڳندا اهو عرصو اسان کي گهٽائي 20 ڏينهن تائين محدود ڪرڻو پوندو انهيءَ لاءِ اسان کي وڏيل منڇر، يعني ڀان سعيد آباد تائين اٽيل منڇر، جي ڪرمپور واري ڪٽ تائين تڪڙو پاڻي پهچائڻ لاءِ انڊس هاءِ وي، ريلوي ٽريڪ، ڀنيا شاخ ۽ لوڪل بورڊ واري روڊ کي اٽڪل 1000 فوٽ وڌيڪ ڪٽ ڏيڻا پوندا. جنهن سان پاڻي درياهه ۾ تڪڙو ويندو ۽ ڀان سعيد آباد جي چئن ديهن ۾ بيٺل پاڻي به نڪري ويندو. ان لاءِ ايڪس ڪويٽر مشينون آڻي اونها ڪٽ ڏيڻا پوندا. جيڪڏهن انڊس هاءِ وي چالو رکڻو آهي ته وڏا پائيپ وجهي مٿان ٽريفڪ هلائي سگهجي ٿي.

(ii) **منڇر کان ڪاري موري تائين:** ڪاري موري اها جاءِ آهي جتي جوهي برانچ ايم اين وي ڊرين مٿان ٽپي ٿي. جنهن کي فني ٻولي ۾ Aqueduct چئجي ٿو. اتي ايم اين وي ڊرين کي هڪ هزار فوٽ جو ڪٽ ڏيڻو آهي ته جيئن ڪي اين شاهه شهر جو پاڻي نڪاسي واري لائين ۾ اچي. ٻيو هزار فوٽ جو ڪٽ وري جوهي برانچ کي ڏيڻو آهي. ته جيئن رڪيل پاڻي هيٺ هلي. اهي ٻئي ڪٽ 21 آڪٽوبر تي ڏنا ويا

آهن ۽ پاڻي هيٺ هلي پيو. وري جتي ايم اين وي، منڇر ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، جنهن کي زيرو پوائنٽ چئجي ٿو. اتي به ايم اين وي کي وڍيڪ ڪٽ ڏيڻ ضروري آهي. ته جيئن پاڻي تڪڙو منڇر ۾ پئجي سگهي ۽ ڪرمپور وٽ درياهه ۾ تڪڙو ڇوڙ ٿي سگهي.

(iii **ڪاري موري کان ايم اين وي ڊي جي آر ڊي زيرو O تائين:** ايم اين وي ڊرين ۾ سپريو بند وچ ۾ ٽي رنڊڪون اچن ٿيون. هڪڙي سم نالو، ٻي شاخ ۽ ٽيون روڊ. انهن ٽنهي کي وڍيڪ ڪٽ ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن پاڻي هيٺ لهي سگهي. سپريو بند جي آر ڊي 49 تي پيل گهاري کي هزار فوٽ ويڪرو ڪرڻ گهرجي ته جيئن سپريو بند ۽ انڊس هاءِ وي وچ ۾ اٽيل پاڻي موٽ ڪائي ايم اين وي ۾ ڪري سگهي. وري ميهڙ جي ڀرپاسي وارين ايراضين جو پاڻي ڪڍڻ لاءِ سپريو بند کي هڪ هزار فوٽ جو ٻيو ڪٽ ڊامراهه برانچ جي ڳاڙهي ريگيوليٽر وٽ ڏيڻ گهرجي. جنهن سان ڊامراهه برانچ جي ساڄي پاسي وارو بيٺل پاڻي گاجي کهاوڙ شهر تائين نڪري سگهندو.

(iv **ايم اين وي ڊرين جي هيڊ کان زيرو پوائنٽ (آر ڊي 475 ايف پي بند):** هتي ڪا رنڊڪ ڪانهي، هتي شهدادڪوٽ ڊرين ۽ ميرو خان ڊرين اچي آر بي او ڊي ۾ پون ٿيون ۽ ڪجهه پاڻي ايف پي بند جي مٿان کان به ٽپي ٿو. جيڪڏهن شهدادڪوٽ ڊرين ۽ ميرو خان ڊرين ۾ ڪي رنڊڪون آهن ته اهي پڻ هٽائڻ گهرجن.

(v **زيرو پوائنٽ کان ڳڙهي خيرو شهر تائين:** ڳڙهي خيرو شهر ۽ ان جي ڀرپاسي وارين ايراضين جو پاڻي رڳو ايدن شاخ وسيلي نڪري سگهي ٿو. ايدن شاخ آر بي او ڊي ٽري ۾ پوي ٿي. اها شاخ تمام گهٽي لٽيل آهي. انهيءَ جي سئي ڪاٽي ڪانسواءِ اها گهربل پاڻي گذر ڪري نه سگهندي. جيڪڏهن چار چين ٽائپ ايڪس ڪويٽر لڳايا وڃن ته اهو ڪم هڪ هفتي اندر ٿي سگهي ٿو. گڏوگڏ ڳڙهي خيرو ويجهو بيگاري ڪينال ۾ پيل ڪنڍ به بند ڪرڻ گهرجن.

(vi **زيرو پوائنٽ کان ايس ايم بند تائين:** قبو سعيد خان جي الهندي پاسي بيٺل پاڻي قبو ڊسٽري معرفت شهدادڪوٽ برانچ ڊرين ۾ پئجي سگهي ٿو. شهدادڪوٽ برانچ ڊرين وري اهو پاڻي زيرو پوائنٽ تائين ڪٽي وڃي ٿي. جيڪو آر بي او ڊي ۾ به وڃي ٿو ۽ ايف پي بند کي به ڪراس ڪري وڃي ٿو.

(vii **شهدادڪوٽ شهر جي چوڌاري بيٺل پاڻي:** شهدادڪوٽ ڪو نه ٻڏو هو، پر ان جي چوڌاري پاڻي بيٺو آهي. جنهن جي نيڪالي ضروري آهي. اتان آر بي او ڊي ٽري جو گذر ويجهو آهي. اهو پاڻي مناسب هنڌن تي ليڊنگ چينل ٺاهي آر بي او ڊي ٽري ۾ وجهي سگهجي ٿو.

(viii **جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن جو باقي بيٺل پاڻي:** انهن ضلعن





جو نڪاسي وارو پاڻي اڳ به اين ڊبليو ڪينال جي 154 آر ڊي تي ۽ ڪيرٿر ڪينال جي 116 آر ڊي تي پمپن ذريعي وڌو ويو ٿو. پر هينئر پمپن جو انگ وڌائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن پاڻي تڪڙو نڪري سگهي. وري ٻيو بيٺل پاڻي پمپن ذريعي ڪيرٿر ڪينال ۾ آر ڊي 50 ۽ 83 ۾ وجهي سگهجي ٿو. اهو پاڻي اتان هينئر رين ڊرين ۾ پوندو. جيڪا بلوچستان ۾ آهي. هينئر رين ڊرين جو ڇوڙ ايف پي بند جي مٿين پر آهي. جتان اهو وهي منڇر ۾ ۽ پڇاڙي ۾ درياهه ۾ پوندو.

## منصوبي تي عمل:

ڪو منصوبو ڪيترو به سٺو ڇو نه هجي. جيستائين ان کي صحيح نموني وقت سر، عمل ۾ نٿو آڻجي ته گهربل نتيجا ماڻي نه سگهبا. پهرين ته منصوبو سٺو هجڻ لازمي آهي. پوءِ انهيءَ تي عمل ڪرڻ جو فيصلو گهرجي ٿو. تنهن کان پوءِ اها ايجنسي گهرجي ٿي جيڪا ان تي عمل ڪندي. پڇاڙي ۾ عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ واري اٿارٽي کي ان منصوبي تي ٿيندڙ عملدرآمد جو جائزو وٺڻو آهي ته اهو ڪيئن پيو هلي ۽ جي عمل نه ٿيو آهي ته ان صورت ۾ ڪهڙا قدم کڻجن. پهرين ته سرڪار جو پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪو منصوبو يا پلان ڪو نه هو، تنهنڪري ئي اسان کي اهو ڪم سونپيو ويو. ٻن سرڪاري ماهرن منهنجي ليڊرشپ ۾ سرزمين جو مڪمل معائنو ڪرڻ کان پوءِ فيلڊ عملدارن جي مدد سان ٻوڏ جو پاڻي ڪڍڻ جو منصوبو جوڙيو جنهن جي رڳو ڪجهه حصي تي عمل ڪرڻ سان خبر پيئي ته ڪي اين شاهه جو پاڻي نڪرڻ شروع ٿي ويو. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته منصوبو صحيح هو. تنهن هوندي ڪنهن ٻئي ماهر يا ماهرن جي ٽيم کان ان جي مناسب هجڻ جي تصديق ڪرائي سگهجي ٿي. ان کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ٿيڻ کپي. فيصلي ٿيڻ کان پوءِ اهو ڪم اهڙي ٽيم کي ڏنو وڃي جيڪا اهو ڪم ڪرڻ جي اهل هجي. ان ٽيم کي ٽائيم فريم ڏجي ته هيتري وقت ۾ هي ڪم ڪرڻو آهي. انهن جون جيڪي گهرجون هجن. اهي پوريون ڪيون وڃن. پر جيڪڏهن اها ٽيم ناڪام ٿئي ته انهن جو احتساب پڻ يقيني بڻايو وڃي.

خيرپور ناٿن شاهه مان پاڻي ڪڍڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي گهرو کاتي واري وزير ۽ پ پ سنڌ جي سينيئر نائب صدر ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا فيصلي جي طاقت ۽ عمل جو مظاهرو ڪيو آهي. منهنجي سنڌ جي وڏي وزير کي گذارش آهي ته انهيءَ منصوبي تي عمل ڪرائڻ جي ذميواري مرزا صاحب کي ڏني وڃي. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو ته اميد آهي ته ٻڏل شهرن ۽ ايراضين جو پاڻي مناسب وقت ۾ نڪري ويندو ۽ ماڻهو جلد پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي سگهندا.

# هڪ اجڙيل شهر جي سار

منوج ڪمار

اها شهر جي سار هئي. جيڪا انهن پنهي شهر ڇاون ڪي اوڏانهن وٺي وئي. انهن ڪي اهو ڏسڻ جي اون هئي ته ٻوڏ انهي جي شهر سان ڪهڙو ظلم ڪيو هو. انهن ڪي انهيءَ جي ڳڻتي هئي ته اسڪول جي اها عمارت باقي هئي يا نه. جن جي پٽين بينچن تي ويهي پنهنجي سنگتين سان مشڪريون ڪندا هئا. انهن ڪي اهو به ڏسڻو هو ته سندن گهر به بچيا هئا يا پاڻي گهرن جي بنيادن سان گڏ انهي گهر سان جڙيل سپني يادن ڪي پاڻ سان لوڙهي ويو. انهن معلوم ڪرڻ پئي چاهيو ته انهيءَ شهر جون گهٽيون. هاڻ ڪهڙي حال ۾ آهن جن گهٽين ۾ هو رات دير دير تائين رلندا رهندا هئا. انهن انهيءَ هوٽل جي خيريت به معلوم ڪرڻ پئي چاهي. جن جي بئنچن تي ويهي هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سياسي بحث ڪندا هئا. پر انهيءَ ڪان وڌيڪ انهن اهو پئي ڄاڻڻ چاهيو ته سندن انهيءَ محبوب شهر جي ماڻهن جو ڪهڙو حال هو. ايئن ته نه هو، جو سندن شهر پوائتي فلمن جي انهن شهر وانگر ٿي ويو، جتي عمارتن هئڻ جي باوجود زندگي جو واسو نه هوندو هو، هنن پنهنجي ننڍي هوندي جي دوستن سان ملڻ پئي چاهي. هنن پنهنجي مٽن مائٽن جي خيريت ڄاڻڻ پئي چاهي. هنن شهر جي انهن واسين جي حالت معلوم ڪرڻ پئي چاهي. جن ڪانسواءِ شهر جي سڃاڻپ اڌوري هئي. خيرپور ناٿن شاهه جي شهر ڇاون منظور ميراڻي ۽ رفيق چانڊيو سان شهر جي انهيءَ سار واري دوري ۾ آئون ساڻن گڏ هئس. آئون يقينن انهي شهر جو ڄاول نه هئس ۽ سچي ڳالهه ته انهيءَ شهر ڪي مون صبح جي روشني ۾ ڪڏهن چڱي طرح ڏٺو به ڪونهي. پر انهيءَ جي باوجود مون ڪي خيرپور ناٿن شاهه جي شهر سان هڪ خاص قسم جي انسيت آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته يونيورسٽي جي پهرين سال ڪان وٺي منهنجي ويجهي دوستن جو وڏو حلقو خيرپور ناٿن شاهه جو هو. منهنجا اهي ناٿن شاهي دوست پنهنجي شهر جو ذڪر اهڙي ته چاهه سان ڪندا هئا. جو اهو شهر منهنجي لاشعور جو حصو بڻجي ويو هو. باوجود انهي جي آئون ڪڏهن انهي شهر ۾





ڪو نه ويو هئس. پر مون ڪي لڳندو هو ته ڄڻ آئون به اتي جو ئي رهواسي هجان. مون ڪي انهيءَ شهر جي ڪردارن سان هڪ خاص قسم رغبت آهي. جيتوڻيڪ آئون انهن مان ڪنهن سان به ڪڏهن ذاتي طور تي نه مليو آهيان. منهنجي ذهن جي پردي تي انهيءَ شهر ۾ ٿيل اسٽيج ڊرامن جا منظر چڱي طرح نقش آهن. حالانڪ اهي مون ڪو نه ڏٺا آهن. آئون اتي جي سياسي منظر نامي ڪان چڱي طرح واقف آهيان. جيتوڻيڪ اتي جي ڪنهن به سياسي عمل ۾ آئون شريڪ نه رهيو آهيان. خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم نه وٺڻ جي باوجود مون ڪي خبر نه آهي ڇو، پر اهو شهر پنهنجو لڳندو آهي. مون ڪي اتان جا ماڻهو پنهنجا لڳندا آهن. مون ڪي اتان جون گهٽيون پنهنجيون لڳنديون آهن. اتي جا رستا پنهنجا لڳندا آهن. سو شهر سان پنهنجي محبت جي سبب آئون منظور ۽ رفيق سان گڏ خيرپور ناٿن شاهه جي سار لهڻ لاءِ هلي پيس.

جيتوڻيڪ خيرپور ناٿن شاهه پهچڻ لاءِ سيتا روڊ ڪان هڪ رستو ڪليل هو، پر اسان جوهي برانچ ڪان هيٺ ٻوڏ جي پاڻي هيٺ آيل رستي تان وڃڻ ڪي ترجيح ڏني. اسان پاڻ ڏسڻ پئي چاهيو ته اتي صورتحال ڪهڙي هئي. جوهي برانچ ڪان پوءِ خيرپور ناٿن شاهه تائين وڃN لاءِ ٻيڙيون ئي ذريعو هيون. پر انهيءَ ڏينهن اتي موجود ماڻهن ٻڌايو ته ٻيڙين سان گڏوگڏ تجرباتي طور تي هڪ ٽريڪٽر ٽرالي به هلي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته روڊ ٿورو مٿيرو هئڻ سبب اها ٽريڪٽر ٽرالي روڊ تي بيٺل انهيءَ پاڻي مان گذري سگهي پئي. پنهنجي جڳهه تي اهو خطري وارو سفر هو، ڇاڪاڻ ته اهو ور وڪڙن وارو ٻڏل روڊ ڪنهن ڪي به نظر ڪو نه پئي آيو ۽ ڊرائيور مڙئي پنهنجي حساب سان اندازي تي ٽريڪٽر هلائي رهيو هو. اسان انهي ڳالهه ڪان آگاهه به هئاسين ته ڪو به هڪڙو غلط موڙ اسان ڪي انهيءَ غائب ٿيل روڊ جي ڪنارن تي ٿهي ويل پاڻي جو ڪنهن اهڙي ڪن ۾ هٽي سگهي ٿو. جتان اسان ڪي ڪيڻ لاءِ ڪير به آس پاس ڪو نه هوندو. پوءِ به اهو خطرو ڪٽي اسان انهيءَ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ چڙهي پياسين.

اسان ڪجهه ڪلوميٽرن جو اهو فاصلو اڍائي ڪلاڪن ۾ طئي ڪيو. اهو منهنجي زندگي جو انتهائي عجيب سفر هو. مون ڪي محسوس ٿي رهيو هو ته آئون ٽريڪٽر تي چڙهي درياءَ جي وچ سير مان گذري رهيو هجان. مون ڪي انهيءَ سفر ئي انهيءَ سموري درد ۽ پيڙا ڪان واقف ڪرايو. جنهن پيڙا مان سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي جا اهي لکين ماڻهو گذري رهيا آهن. جتان هيترن مهينن گذرڻ جي باوجود به اڃان ٻوڏ جو پاڻي هٽي نه سگهيو آهي. اها پيڙا نه ته ڪير اخبار جي تصويرن ڪي ڏسي محسوس ڪري سگهي ٿو ۽ نه وري انهيءَ علائقي جو ڪو فضائي دورو ڪري انهي علائقي جي ماڻهن جو ڪو درد معلوم ڪري سگهجي ٿو. ڪا ٽي وي تي آيل رپورٽ توهان ڪي اتي آيل تباهي جي حقيقي تصوير نٽي ڏئي سگهي ٿي. انهيءَ درد جو ڪو ٿورو ئي حصو سهي، پر توهان تڏهن ئي محسوس ڪري سگهو ٿا، جڏهن توهان پاڻ

اتان گذرو. اتي اسان ڳوٺن جا ڳوٺ پاڻيءَ جي هيٺ ڏٺا. اسان اهي باغ ڏٺا، جتي ڪجھ مهينا اڳ تائين وڻ مختلف ميون سان جھنجھيل هئا. پر هاڻ اتي بيٺل وڻ رڳو اها شاهدي ڏيڻ لاءِ بيٺل هئا ته اتي پاڻي ايترو ته آيو هو، جو انهن جون چوٽيون به سڪي ويون هيون. اتي بيٺل سارين جي فصل جو ته ڪو نالو نشان ئي ڪو نه هو. اهو فصل، جنهن جي لهڻ جي اميد سان هزارن گھرن جون خوشيون وابسته هيون. اسان ڪي ڊٺل ڪچا گھر نظر آيا ۽ جيڪي گھر اجا ڪو نه ڊٺا هئا. اهي پنهنجي ڌهڻ جي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا. اسان کي قبرستان نظر آيا. جن جون قبرون هاڻ پاڻي پٽ ڪري ويو هو، اتي جي روڊن ۽ رستن جي سرشتي جي باقي بچڻ جو ڪو به امڪان نه هو، اتي آبپاشي جو نظام هاڻ استعمال جوڳو نه رهيو هو. اسان جڏهن خيرپور ناٿن شاهه جي شهر ۾ پهتاسين ته اسان کي اجان شهر جا وڏا حصا پاڻي هيٺ نظر آيا. اهي علائقا، جتان پاڻي هٽي ويو هو. اتي به عمارتن تي پاڻيءَ جا ڇڏيل نشان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي پاڻي جي اوچائي جو ڏس ڏئي رهيا هئا. جيئن ڪو جنگ کان پوءِ پنهنجا زخم ڏيکاريندو آهي. اجان شهر جون بنيادي سهولتون بحال نه ٿيون هيون. نه ئي ڪو شهر جو واپار اجان کلي سگھيو هو، شهر انهيءَ بيمار شخص وانگر لڳي رهيو هو. جنهن جو ساهه ته هلي رهيو هو. پر جنهن کي علاج نه ملڻ جي صورت ۾ ڪجھ به ٿي سگھيو پئي.

آئون ڪو آبپاشي جو ماهر نه آهيان جو ٻڌائي سگھان ته ڪيئن ٿوڙي کان وٺي منڇر تائين بيٺل سوين اسڪائر ڪلوميٽرن ۾ بيٺل پاڻي کي نيڪال ڪري سگھجي ٿو. آئون رڳو اهو چئي سگھان ٿو ته سرڪار انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي ڪوششون وٺي رهي آهي. انهي کي تيز ڪيو وڃي ته جيئن هزارين ايڪڙن تي بيٺل پاڻي هٽي وڃي ۽ جيڪڏهن هن مند ۾ نه ته گھٽ ۾ گھٽ ايندڙ پوکي تائين ماڻهن جو ن زمينون آبادي جي لائق ٿي سگھن ۽ ماڻهن کي وري گذر لاءِ موقعو ملي سگھي. جيڪو ڪجھ ڪرڻو آهي. سو جلدي ڪيو وڃي ته ماڻهن کي هيتري عذاب کان پوءِ ڪو سک جو ساهه کڻڻ جو موقعو ملي سگھي.





# ايندڙ سال واري ٻوڏ ۾ سنڌ پڻ ڪان بچي ويندي؟

محمد ادريس راجپوت

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل بان ڪي مون جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ پاڪستان ۾ برساتن ۽ انهن جي نتيجي ۾ آيل ٻوڏ جي تباهين ڪري انهيءَ کي گڏيل قومن جي تاريخ جي سڀني کان وڏي قدرتي آفت سڏيو آهي. گڏيل قومن جي هڪ اداري Office of Co-ordination for humanitarian Assistance يعني انساني همدرديءَ جي مدد واري رابطي جي آفيس جنهن کي مختصر ڪري او سي ايچ اي OCHA لکيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ ٿيل نقصان جا انگ اکر گڏ ڪيا آهن. 13 آڪٽوبر 2010ع تائين گڏ ڪيل معلومات هيٺ ٽيبل ۾ ڏنل آهي.

خيبرپختونخواهه صوبي ۾ نقصان رڳو شديد برساتن ڪري ٿيا. جڏهن ته سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ گھڻي ڀاڱي نقصان ڪنڊن/ گھارن جي ڪري ٿيا، پوءِ چاهي اهي ڪنڊ دريائي بندن ۾ پيا يا دريائي ڪنڊن کان پوءِ واهن يا سم نالين ۾ پيا يا وڌا ويا. ٻوڏ جو پاڻي جيئن رم اسٽيشن کان هيٺ لٿو ته پهريون ڪنڊ پنجاب جي تونسا بيراج جي ليفٽ مارجينل بند ۾ پيو. تنهن کان پوءِ 7 آگسٽ تي ٿوڙي بند ۾ پيو. 8 آگسٽ تي گدو بيراج جي ليفٽ مارجينل بند ۾ پيو، وري جڏهن اهو پاڻي ڪوٽري بيراج کان هيٺ لٿو ته 24 ۽ 26 آگسٽ جي رات ننڍي ويجھو بند کي فقير جي ڳوٺ وٽ ۽ 25 ۽ 26 آگسٽ جي رات سجاول ويجھو مولچند-شاهبندر بند کي ڪوٽ عالمو وٽ ڪنڊ پيو. ائين سنڌ ۾ چار ڪنڊ ۽ پنجاب ۾ هڪ ڪنڊ لڳو. اڃو ته ڏسون ته انهن ڪنڊن کان پوءِ پنجاب حڪومت ڪهڙو ايڪشن ورتو ۽ سنڌ حڪومت ڇا ڪيو.

پهرين سيپٽمبر 2010ع تي پنجاب جي گھرو کاتي هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي ٽن ميمبرن واري هڪ ٽربيونل آف انڪوائري جوڙي، جنهن ۾ هيٺيان ميمبر مقرر ڪيا ويا: 1 جسٽس سيد منصوب علي شاهه (چيئرمين) جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ 2 منصور علي زيدي.

رٽائرڊ سيڪريٽري پنجاب ايريگيشن (ميمبر) 3 عبدالستار شاڪر، ڊين سول انجنيئرنگ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪناالجي لاهور (ميمبر) انهيءَ ٽربيونل آف انڪوائري جا مول متاءَ هي آهن:

1. To inquire into the causes of breaches at main bunds including Jinnah bbarrage, Taunsa Brrage, Jampur and Mithan kot and to ascertain whether prescribed procedure was followed by I & P Department with regard to the induced breaches.
2. To inquire into the causes of consequent breaches in canal network, Roads, bounds and drains and to furnish detailed report with regard to cases of malfeasance, it any of part of I&P departmanet, other agencies or locals.
3. To fix responsibility on th delinquent(s) in cases of malfeasance.
4. Any other recommendations that the tribunal of the inquiry may deem appropriate to make in the facts and circumstance of the cases.

ترجمو: (1) مکيه بندن (جنهن ۾ جناح بيراج، تونسا بيراج، جام پور، مٺن ڪوٽ شامل آهن) ۾ پيل ڪندن جي سببن جي جاچ ڪرڻ ۽ اهو معلوم ڪرڻ ته آبپاشي کاتي وارن انهن ڪندن کي روڪڻ لاءِ مقرر ڪيل اپاءَ ورتا هئا.

(2) انهن ڪندن جي نتيجي ۾ پيل ڪندن جي سببن جي جاچ ڪرڻ، جيڪي آبپاشي نظام، رستن، بندن ۽ سم نالين ۾ پيا. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ تفصيلي رپورٽ ڏيڻ. ته اهي آبپاشي کاتي وارن يا ٻين ادارن يا مقامي ماڻهن جي غلطي يا شرارت ڪري ته نه ڏنا هئا.

(3) غلطي يا شرارت ڪرڻ وارن تي ذميواري عائد ڪرڻ

(4) ڪي ٻيون سفارشون، جيڪي ٽربيونل آف انڪوائري ڪيسن جي حقيقتن ۽ حالتن مطابق ڏيڻ مناسب سمجهي.

متئين نوٽيفڪيشن ۾ ٽي ڳالهيون نوٽ ڪرڻ جهڙيون آهن. پهرين اها ته ٽربيونل جو جج هڪ حاضر سروس جج آهي. جيڪو لاهور هاءِ ڪورٽ جو جسٽس آهي. ٻي ڳالهه اها ته ان سان ٻه ميمبر فني ماهر آهن ۽ ٽين ڳالهه اها ته مول متن ۾ ڪندن جي





جوابداري ٻه رکيل آهي. هاڻي اچون ٿا ته سنڌ تي، سنڌ جي گهرو کاتي انهن ڪندن بابت هڪ جوڊيشل ڪميشن جو نوٽيفڪيشن 30 سيپٽمبر تي جاري ڪيو. جنهن ۾ ٻه رٽائر ٿيل هاءِ ڪورٽ سنڌ جا جج، زاهد علوي ۽ غلام نبي سومرو مقرر ڪيا ويا. انهن کي جيڪي مول متاءَ ڏنا ويا، سي هي آهن:

(1) To ascertain the causes in the breaches in river Indus embankments/protective bunds.

(2) To determine whether and protective measures were adopted byu the concerned agencies.

(ترجمو): (1) سنڌو درياهه جي بندن ۾ پيل ڪندن جا سبب معلوم ڪرڻ (2) اهو معلوم ڪرڻ ته ڇا واسطيدار ايجنسين بچاءُ جا اپاءَ ورتا هئا.

سنڌ گهرو کاتي واري نوٽيفڪيشن ۾ ٻه ٽي ڳالهيون نوٽ ڪرڻ جهڙيون آهن. پهرين ڳالهه اها ته ، ڪميشن جا جج حاضر سروس ناهن. بلڪ رٽائرڊ آهن. ٻي ڳالهه اها ته انهن سان گڏ ڪي ٻه فني ماڻهو ناهن. ٽئين ڳالهه اها ته مول متن ۾ انهن ڪندن جي ذميواري مقرر ڪرڻ وارو ٽاسڪ مليل ناهي.

هاڻي اچون ٿا رٽائرڊ ۽ حاضر سروس ماڻهن تي، مان پاڻ هڪ رٽائر ٿيل سرڪاري ملازم آهيان. جيڪو پاور ۽ اٿارٽي ڪرسي تي ويٺل هجڻ وقت هوندي آهي. اها رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ناهي. انهيءَ ڪري رٽائرڊ ماڻهن کي ”چٽل ڪارتوس“ ۽ ”بجلي جي تار، بنا ڪرنٽ“ به چوندا آهن. مان انهيءَ بابت مزيدار حقيقت اوهان کي ٻڌائيندو هلان آبپاشي کاتي جو هڪ ناليوارو سپرنٽينڊنگ انجنيئر رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ڪم سان هڪ مختيارڪار سان ملڻ ويو. ڪارڊ اندر موڪليو ويو، پر صاحب نه سڏايو. ڪلاڪ کن کان پوءِ صاحب سڏايو پر دير سان گهرائڻ واري شرمندگي لڪائڻ لاءِ مختيارڪار پنهنجي پٽيوالي کي هيئن مخاطب ٿيو. ”اڙي چورا، مون توکي چيو ڪو نه هو ته جڏهن به ڪو يتيم ٻار، رن زال يا رٽائرڊ آفيسر مون سان ملڻ اچي ته ان کي يڪدم اندر وٺي ايندو ڪر، تو صاحب کي ڇو ايترو ترسايو؟“ اهو سپرنٽينڊنگ انجنيئر تنهن کان پوءِ سڀني کي اها ڳالهه مزا وٺي ٻڌائيندو هو ته رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو يتيم ٻار ۽ رن زال جي ڪيٽيگري ۾ اچي ويو هو.

ڪنڊ پوڻ جا سبب معلوم ڪرڻ ۽ اهو ڏسڻ ته مناسب اپاءَ ورتا ويا يا نه. اهو فني جاچ سان تعلق رکي ٿو. انهن جون پيچيدگيون انجنيئر ئي سمجهي سگهن ٿا. پر جوڊيشل ڪميشن ۾ ڪو به فني ماهر ڪونهي. مثال طور، چون ٿا ته ٽوڙي بند اوور ٽاپ ٿيو، جنهن ڪري اهو ٽٽي پيو، تنهن کان پوءِ پويان ٺهيل لوپ بند به ٽٽي پيو، ائين لڳي ٿو ته بند اوور ٽاپ ٿيڻ ڪري ٽٽي پيو، جڏهن بند اوور ٽاپ ٿيو ته آبپاشيءَ

وارا ڇا ڪن؟ وري جيڪڏهن لوپ ڪنڌ واري پاڻيءَ جو دٻاءُ برداشت نہ ڪري سگهڻ سبب ٽٽي پيو تہ آبپاشي وارا ڇا ڪن؟ هڪ عام ماڻهوءَ لاءِ تہ اها ڳالهہ ٺيڪ لڳندي. پر بندن جي ٿيوري سان واقف هڪ ماهر انهيءَ جواز کي نہ مڃيندو. بند کي اوور ٽاپ ٿيڻ کان بچائڻ جا بہ طريقا آهن. جيڪي بند مينوئل ۾ ڏنل آهن. انهن تي عمل ڇو نہ ڪيو ويو؟ لوپ بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بند سلوس هلائي ڪمپارٽمينٽ پرٽو آهي تہ جيئن لوپ بند کي پاڻي لڳي ۽ اهو مضبوط ٿئي. پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ، ڪمپارٽمينٽ ڇو نہ ڀريو ويو؟

اسان اڪثر سٺي حڪمرانيءَ جو لفظ ٻڌندا آهيون. انهيءَ جو ڇا مطلب آهي؟ ٿلهي ليکي انهيءَ جو اهو مطلب آهي تہ حڪومت ۽ ان جا ماتحت ادارا ڪنهن نظم نسق مطابق هلن يعني قاعدا قانون هجن ۽ انهن تي عمل ٿئي. اهو ڏسڻ لاءِ تہ حڪومت قاعدن قانونن مطابق هلي ٿي. انهيءَ جي مانيٽرنگ ٿيڻ کپي. انهيءَ مانيٽرنگ جي بي بنياد تي احتساب هجڻ کپي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا ادارو قانون مطابق ڪم نٿو ڪري يا سونپيل جوابداريءَ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو تہ ان کي سزا ملڻ کپي ۽ جيڪا حڪمت ائين نٿي ڪري تہ ان کي خراب حڪمراني چئجي ٿو.

پنجاب حڪومت تونسا بيراج جي ليفٽ مارجينل بند کي ڪنڌ لڳڻ کان پوءِ واسطيدار عملدارن کي معطل ڪيو ۽ يڪدم ٽربيونل آف انڪوائري مقرر ڪيو، جنهن جو سربراهہ پنجاب هاءِ ڪورٽ جو حاضر سروس جسٽس آهي ۽ بہ فني ماهر آهن ۽ مول متن ۾ جوابدارن تي ذميواري عائد ڪرڻ جي شق آهي. سنڌ ۾ بندن ۾ ڇئن هنڌن تي ڪنڌ لڳا. حڪومت ڪنهن بہ آفيسر کي معطل نہ ڪيو، جوڊيشل ڪميشن دير سان مقرر ڪئي وئي. جنهن ۾ رٽائرڊ جج رکيا ويا ۽ ڪو بہ فني ماهر نہ رکيو ويو ۽ مول متن ۾ جوابداري عائد ڪرڻ جي شق ئي ڪانهي. جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ اسان کي اڳي معلوم آهي تہ ڪنڌ پوڻ جا ڪجهہ سبب هئا ۽ واسطيدار اداري مناسب اپاءَ نہ ورتا. تڏهن تہ ڪنڌ پيا. پر جن جي نااهليءَ جي ڪري سنڌ ۾ ايڏي وڏي بربادي آئي. جو 11 لکن کان مٿي گهر ڊٺي. ڊهي پيا ۽ 72 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. جن جي اڪثريت هينئر بہ ڪئمپن ۾ بي حال آهي ۽ هر ويلي لاءِ مدد جا محتاج آهن. ايڏي تباهي آڻيندڙن کي ڪا بہ سزا نہ ملي. ڇا اهو انصاف آهي؟ ايندڙ سال جيڪڏهن وري ساڳئي نموني جي ٻوڏ آئي تہ اهي افيسر ڇو بندن کي بچائيندا؟ ڇو صحيح ڊيوٽي ڏيندا؟ ۽ ڇو سرڪار پاران مليل پئسا پاڻ ۾ ورهائڻ بدران بندن جي سنڀال تي خرچ ڪندا؟

مالڪ کان دعا ٿو گهران تہ ايندڙ سال ٻوڏ نہ اچي. نہ تہ وري ساڳئي نموني ڪنڌ پوندا ۽ سنڌ ۾ برباديءَ جي هڪ نئين باب جو اضافو ٿيندو.





# منڇر ڳدلاڻ کان آجي ڪيئن ٿي سگهندي؟

محمد ادريس راجپوت

ڊان اخبار جي اطلاع مطابق سنڌ سرڪار ۽ واپڊا خميس 11 نومبر تي ڪراچي جي آواري ٽاور هوٽل ۾ ڳدلاڻ کان پاڪ منڇر ڍنڍ جي موضوع تي هڪ سيمينار ڪري رهيا آهن. جيئن موضوع مان ظاهر آهي تہ سيمينار جو مکيہ مقصد منڇر ڍنڍ کي هميشہ لاءِ ڳدلاڻ کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ڊگهي عرصي وارو حل ڳولهڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ماهرن، ڪنسلٽنٽس ملڪي ۽ عالمي ڪمپنين کي دعوت ڏني وئي آهي تہ هن سيمينار ۾ شريڪ ٿين ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪن تہ ان مسئلي جو مستقل حل نڪري سگهي. انهيءَ لاءِ هيٺين عنوانن تي پيپر پڙهڻ ۽ پريزنٽيشن ڪرڻ جو چيو ويو آهي.

## ڳدلاڻ جو سبب يا ذريعو

منڇر ڍنڍ ۾ ايندڙ وهڪري جو ڪيميڪل ۽ بائلاجيڪل تجزيو.
ڳدلاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ مناسب طريقو يا ٽيڪنالاجي
پاڻي کي صاف ڪرڻ لاءِ مناسب جايون.
رٿا جي ڊگهي عرصي واري ۽ گهٽ عرصي واري ممڪنات.

## حل

(1) سيمينار ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟

منڇر ڍنڍ جي ڳدلاڻ تي سپريم ڪورٽ از خود نوٽيس وٺي واپڊا ۽ سنڌ گورنمينٽ کي انهيءَ بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو چيو. اها رپورٽ واپڊا ۽ سنڌ گورنمينٽ گڏجي سرزمين جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ ٺاهي. انهيءَ رپورٽ تي بحث مباحثي کان پوءِ ۽ ماهرن جا رايا وٺڻ کان پوءِ مستقل حل تي منصوبو ٺاهيو ويندو تہ منڇر جي ڳدلاڻ وارو مامرو هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي.

### (2) رپورٽ ۾ ڇا آهي؟

رپورٽ ۾ منڇر ڍنڍ جو پاڻي خراب ٿيڻ جا 6 سبب ڄاڻايا ويا آهن. پهريون درياهه ۾ اڙل واهه ۽ اڙل لڪي ذريعي ايندڙ پاڻي جو گهٽجڻ. ٻيو ايم اين وي ڊرين مان لوڻياٺي پاڻي جو منڇر ۾ ڇوڙ. ٽيون مقامي ماڻهن جو نين وسيلي منڇر ۾ ايندڙ پاڻي جو وڏيڪ استعمال. چوٿون مهاڻن پاران مڇي مارڻ لاءِ زهريلي دوائن جو استعمال. پنجون منڇر ڍنڍ ۾ مستقل بنياد تي پاڻي نه اچڻ. ڇهون ڇنڊڻ ۽ مکيه واهن يعني رائيس ۽ دادو ڪئنال جو لٽجڻ ۽ سال 1996ع کان 2009ع تائين خشڪ موسم هجڻ.

### منڇر ۾ پاڻي اچڻ جا ذريعا:

رپورٽ ۾ انهيءَ بابت ٽي ذريعا ٻڌايا ويا آهن. پهريون ڪيرٿر جبلن تي برسات سبب نين جو پاڻي منڇر ۾ اچڻ. ٻيو سنڌو درياهه مان اڙل واهه ۽ اڙل لڪي وسيلي پاڻي جو اچڻ ۽ ٽيون ايم اين وي وسيلي مختلف سم نالين ۽ ڇنڊڻن جو پاڻي اچڻ. ڪيرٿر جبلن تي پيل برساتن جي نين جي آيل پاڻيءَ جو ساليانو مقدار اٽڪل 0.107 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو. پر خشڪ سالي وارن سالن ۾ انهيءَ جو مقدار نالي ماتر ٿئي ٿو. منڇر ڍنڍ سنڌو درياهه سان ٻن واهن وسيلي ڳنڍيل آهي. اهي آهن اڙل واهه ۽ اڙل لڪي- اڙل واهه جي گنجائش 4.370 ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته اڙل لڪي جي گنجائش 7.984 ڪيوسڪ آهي. اهي ٻئي ڊبل ايڪٽنگ آهن. يعني درياهه جي ليول منڇر کان مٿي هجڻ وقت درياهه جو پاڻي منڇر ۾ آڻين ٿيون ۽ منڇر جي ليول درياهه کان مٿي هجڻ وقت منڇر جو پاڻي درياهه ۾ ڪڍي وڃن ٿيون. ايم اين وي ڊرين ۾ ٻن ذريعن کان پاڻي اچي ٿو. هڪڙو واهن جي ڇنڊڻن وسيلي منو پاڻي اچي ٿو. انهن ۾ هڪڙي ڇنڊڻ آهي راوت، جنهن جي گنجائش 500 ڪيوسڪ آهي ۽ اها رائيس ڪئنال مان نڪري ٿي ۽ ٻي پريچرڊ ڇنڊڻ، جنهن جي گنجائش به 500 ڪيوسڪ آهي ۽ اها دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. اهي ٻئي ڇنڊڻون لٽجي چڪيون آهن ۽ هينئر ڪم نٿيون ڪن. ايم اين وي وري حمل ڍنڍ مان نڪري ٿي، جيڪا حمل ڍنڍ، نارٿ دادو ڊرينج پروجيڪٽ ۽ ڇنڊڻن جو پاڻي کڻي اچي ٿي. ايم اين وي مان ساليانو سراسري 0.025 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي اچي ٿو. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته منڇر 100 چورس ميلن ۾ پکڙيل آهي ۽ 0.75 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ٺهيل آهي.

### رپورٽ ۾ منڇر کي گدلاڻ کان آجو ڪرڻ لاءِ ٽي حل ڏنا ويا آهن:

(1) پاڻي مان لوڻ ڪڍي منڇر ۾ وجهڻ





(2) آر بي او ڊي 11 ٿو منصوبي کي پورو ڪرڻ

(3) سنڌو مان مٺي پاڻي جو منڇر ۾ وجهڻ.

پاڻي مان لوڻ ڪڍي انهيءَ کي منڇر ۾ وجهڻ بابت ايم اين وي مان ايندڙ لوڻياٺ واري پاڻي کي مناسب جاين تي ٽريٽمينٽ پلانٽ هڻي صاف ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ مناسب ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي ويندي. جنهن لاءِ واپڊا ۽ سنڌ سرڪار هڪ ورڪشاپ ڪندا ته اهي ٽريٽمينٽ پلانٽ ڪهڙين جاين تي هڻن ۽ انهن لاءِ ڪهڙي ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي وڃي. جيتوڻيڪ واپڊا وارن اڳي ئي ايم اين وي ڊرين تي هڪ ٽريٽمينٽ پلانٽ هڻڻ جو پي سي ون حڪومت کي موڪلي ڇڏيو آهي. پر پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته انهن جو انگ وڌايو وڃي ۽ وڌ ۾ وڌ گنجائش لاءِ ڪم ڪيو وڃي. سنڌ سرڪار ۽ واپڊا ٻنهي يقين ڏياريو آهي ته ايم اين وي ڊرين تي کاري پاڻي کي منو ڪري منڇر ۾ وجهڻ لاءِ ٽريٽمينٽ پلانٽ هنيا ويندا. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٽريٽمينٽ پلان هڻڻ ۽ انهن جاين جي چوند، جتي اهي هنيا ويندا جو ڪم تيز رفتاري سان ڪيو ويندو ۽ چيئرمين واپڊا ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ انهيءَ ڪم جي ذاتي طرح نگراني ڪندا.

ٻئي حل يعني آر بي او ڊي ٿو کي مڪمل ڪرڻ بابت رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته اها ڊرين آر بي او ڊي ون ۽ ٽري جو پاڻي منڇر ۾ وجهڻ بدران سڌو سمنڊ ۾ ڪڍي ويندي. پر جيئن ته پاڻي کي ٽريٽ ڪرڻ هڪ متبادل آهي ۽ اها سرڪار جي پاليسي به آهي ۽ هن سال ٻوڏن ڪري آر بي او ڊي کي ڪافي نقصان به پهتو آهي. اهو فيصلو ڪيو ويو ته انهيءَ منصوبي جي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ معاملي کي پاڻي کي صاف ڪري استعمال ڪرڻ واري متبادل جي روشني ۾ ڏٺو وڃي.

رپورٽ ۾ ٽين آپشن يعني سنڌو درياهه مان ٻوڏ واري وقت پاڻي وجهڻ بابت چيو ويو آهي. اڙل جي هيڊ ريگيوليٽر ۽ واهن جي ري ماڊلنگ ڪرڻ کپي ۽ اهو ڪم تڪڙو ڪرڻ کپي. وڌيڪ اهو ٻڌايو ويو آهي ته آبپاشي کاتي وارن منڇر ۾ مختلف ذريعن وسيلي منو رپ پاڻي پهچائڻ جي خاطري ڪرائي.

### رپورٽ جو تجزيو

پهرين ڳالهه اها ته منڇر ڇو خراب ٿي؟ منڇر هڪ قدرتي مٺي پاڻي جي ڍنڍ آهي. جنهن کي 1932ع واري سکر بيراج ۾ ترقي وٺرائي وئي ۽ هڪ 20 ميل ڊگهو بند ٺاهيو ويو انهيءَ کي ڀرڻ جا ٻه قدرتي ذريعا هئا. هڪڙو سنڌو درياهه ۽ ٻيو ڪيرٿر جبلن تي برسات پوڻ کان پوءِ نين جو وهي اچڻ ٽيون ذريعو ايم اين وي ڊرين هئي. جيڪا حمل ڍنڍ مان پاڻي کڻي ايندي هئي. انهيءَ ايم اين وي ۾ رائيس ۽ دادو ڪئنال ۽ پريچرڊ ڇنڊڻن جو پاڻي به پوندو هوندو. انهي سيني مان منو پاڻي ايندو هو

۽ منڇر ۾ ڪا گدلاڻ نہ هئي. 1976ع ۾ واپڊا وارا نارٿ دادو سرفيس ڊرينيج وارو منصوبو ڪٺي آيا. جنهن جو ڇوڙ هنن منڇر ۾ تجويز ڪيو انهيءَ منصوبي ذريعي لوڙيانو پاڻي اچڻو هو. جنهن ڪري منڇر ۾ گدلاڻ ٿي پئي سگهي. تنهنڪري سنڌ جي آبپاشي کاتي ۽ پلاننگ کاتي انهيءَ تي اعتراض واريو تہ انهيءَ پاڻي ڪري منڇر جي لوڙياڻي ليول وڌي ويندي. واپڊا وارن ٻڌايو تہ هنن جا ڪنسلٽنٽ چون ٿا تہ انهيءَ پاڻي جي ڪري منڇر جي لوڙياڻي ليول 700 کان مٿي نہ ٿيندي. جڏهن تہ پيئڻ لاءِ اها ليول 1000 ۽ زراعت لاءِ 1500 آهي. ائين زوري اهو منصوبو منظور ڪرايو ويو . انهيءَ تي عمل شروع ڪري ڏنائون. جڏهن اهو منصوبو پورو ٿيو ۽ انهيءَ جو پاڻي ايم اين وي ڊرين ذريعي منڇر ۾ اچڻ لڳو تہ انهيءَ ۾ گدلاڻ پيدا ٿيڻ شروع ٿي ۽ سال 1990ع ۾ انهيءَ جو لوڙياڻي ليول 3500 ٿي وئي. جنهن ڪري ان جي ڪنارن تي ٿيندڙ آبادي ختم ٿي وئي. مڇي مرڻ گهٽجي وئي. پر وارن ڳوٺن جو پيئڻ وارو پاڻي خراب ٿي ويو. مطلب تہ قدرتي نظام کي وڏو لوڏو اچي ويو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي اعتراضن تي ٻيو منصوبو ڪٺي آيا. جنهن ۾ منڇر بدران اهو زهريلو پاڻي درياهہ ۾ ڪرمپور وٽ وجهڻ جو رٿيو ويو. ڪرمپور تائين انڊس لنڪ ٺاهي ڇڏيائون. 1999ع ۾ جڏهن مان سيڪريٽري آبپاشي هوس تہ اسان انهيءَ تي سخت اعترض واريو تہ واپڊا وارا منڇر کي بچائي هاڻي درياهہ جي پاڻي کي خراب ڪندا. جنهن مان حيدرآباد ۽ ڪراچي شهرن کي پيئڻ جو پاڻي ملي ٿو. نيٺ فيصلائتي گڏجاڻي ان وقت جي فوجي سربراهہ پرويز مشرف جي صدارت ۾ اسلام آباد ۾ ٿي. جنهن ۾ مون زوردار نموني ۾ انهيءَ جي مخالفت ڪئي. جنرل مشرف فيصلو اسان جي حق ۾ ڏنو ۽ انهيءَ جو پاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ ڪرائڻ نہ ڏنائين پوءِ آرمي ۽ آبپاشي وارن گڏجي سروي ڪري آر بي او ڊي ٽو جو منصوبو ٺاهيو. جيڪو ايم اين وي جو پاڻي هڪ وڏي سم نالي وسيلي گهارو شهر ويجهو گهارو ڪوري ۾ وجهي سمنڊ ۾ اماڻيندو. انهيءَ منصوبي تي سال 02-2001ع کان ڪم هلندڙ آهي. جنهن جي اصل قيمت 14 ارب رپيا هئي ۽ پوءِ بلوچستان جو وڌيڪ پاڻي آڻڻ ڪري وڌي 20 ارب رپيا ٿي وئي آهي. انهيءَ منصوبي ۾ 273 ڪلوميٽر جي ڊرين آهي. جنهن ۾ 500 کان مٿي اڏاوتون آهن. منصوبي تي مالي طور 14.78 ارب رپيا خرچ ٿي چڪا آهن. يعني 50.58 سيڪڙو خرچ ٿي چڪو آهي. مٽي جو ڪم 75 سيڪڙو، پٿر جو ڪم 54 سيڪڙو ۽ اڏاوتن جو ڪم 67 سيڪڙو پورو ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن گهربل پئسا ملن تہ ڪم ٻن کان ٽن سالن ۾ پورو ٿي سگهي ٿو. چون ٿا تہ هن ٻوڏ ۾ انهيءَ کي نقصان ان ڪري ٿيو آهي. جو منصوبو صحيح ناهي. ٻوڏ دوران ۽ ٻوڏ کان پوءِ مون هي سڄو منصوبو ڏٺو آهي. نقصان انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو ڪم مڪمل نہ هو، مٽيءَ جو ڪم اڌ ۾ رهيل هجڻ ڪري بند اوور ٽاپ ٿي ويو. اسٽرڪچر مڪمل نہ ٿيڻ ڪري اتان پاڻي نڪري آيو. جيڪڏهن منصوبو مڪمل پورو ٿيل هجي ها تہ ڪو





نالي ماتر نقصان ٿئي ها. ٻوڏ جو پاڻي ايترو هو جو سالن کان ٺهيل بند ۽ منڇر بہ انهيءَ کي جهلي نہ سگهي پوءِ جتي ڪم ئي پورا نہ هئا. اتي تہ نقصان ٿيڻا ئي هئا.

آر بي او ڊي ٽو جو ڪم سنڌ آبپاشي کاتي وارا ڪرائن ٿا. واپڊا وارن کي اها ڳالهہ نٿي وڻي ۽ انهيءَ منصوبي کي تنقيد جو نشانو بڻائيندا رهن ٿا. ڀلا نہ مڪمل ٿيل آر بي او ڊي ٽو کي تہ نقصان پهتو، پر مڪمل ٿيل ۽ واپڊا پاران ٺاهيل آر بي او ڊي ون ۽ ٽري کي ڇو نقصان ٿيا؟

جيڪڏهن آر بي او ڊي ٽو جو ڪم مڪمل ٿي وڃي تہ منڇر جو مسئلو هميشہ لاءِ حل ٿي ويندو. جو جيڪو لوڙيانو پاڻي ان کي خراب ڪري ٿو، اهو ان ۾ پوندو ئي ڪو نہ. ٻاهران ٻاهران گهاري ڪري معرفت سمنڊ ۾ هليو ويندو. واپڊا واري پاڻي صاف ڪرڻ واري رٿا ۾ ايندڙ پاڻي 3500 ڪيوسڪ آهي. جنهن کي ٽريٽمينٽ پلانٽ وسيلي صاف ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا پيسا کپن. تمام گهڻي بجلي کپي ۽ انهيءَ تي ايم اينڊ آر جو هر سال تمام گهڻو خرچ ايندو. ڪڏهن پلانٽ ۾ ڪو مسئلو هوندو، ڪڏهن بجلي نہ هوندي ۽ پاڻي صاف نہ ٿيندو. انهيءَ وقت اهو پاڻي وري منڇر ۾ پوندو. ان کي خراب ڪندو. معنيٰ پلانٽ هڻڻ کان پوءِ بہ منڇر ۾ گدلاڻ ختم نہ ٿي سگهندي. ڪجهہ ڪيوسڪ سمنڊ جو پاڻي مٺو ڪرڻ لاءِ ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي وارن هڪ پلانٽ ڪراچي ۾ هنيو آهي. جنهن کي لڳي بہ ٽي سال ٿي ويا آهن. پر اڃا تائين صحيح ڪم نٿو ڪري. منهنجي خيال ۾ نوان، مهانگا ۽ شڪ وارا تجربا ڪرڻ بدران جنهن منصوبي تي 50 سيڪڙو خرچ ٿي چڪو آهي. انهيءَ کي پورو ڪرڻ کپي تہ جيئن منڇر جي گدلاڻ دور ٿي سگهي. جيئن نوان تجربا ڪنداسين. تيئن نوان مسئلا پيدا ٿيندا ۽ منڇر جي گدلاڻ مڪمل طرح ختم نہ ٿي سگهندي.

جيستائين سوال آهي منڇر کي ڀرڻ جو تہ اڙل واهہ، اڙل لڪي ۽ ڪيرٿر جبلن تي پوندڙ برساتن ڪري نين جو پاڻي منڇر ۾ اچڻ وارا ذريعا بي اعتبارا آهن. تنهن ڪري انهيءَ لاءِ ڪو خاطري وارو ذريعو ڳولڻو پوندو. اهو آهي ڏامراهہ وٽان رائيس ڪئنال مان واهہ ڪڍي اهو پاڻي منڇر ۾ ڪٽي اچڻ. انهيءَ جو پي سي ون بہ اڳي منظور ٿيو هو. پر لينڊ اڪيوزيشن جي مامرن سبب ڪم نہ ٿي سگهيو. انهيءَ منصوبي تي ٻيهر ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن زمين جي مالڪن کي مناسب معاضو ڏنو وڃي تہ هو زمين ڏيڻ تي راضي ٿي ويندا.

# منڇر جي گنڀير صورتحال!

محمد ادريس راجپوت

منهنجو مضمون، جيڪو ڪاوش ۾ ٻوڏ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو“ جي عنوان سان 6 سيپٽمبر تي ڇپيو، ان ۾ ٻڌايو ته مون سر جلال محمدو شاه سربراه سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سان گڏ مٽياري هالا ۽ حيدرآباد جي بندن جو 4 سيپٽمبر تي معائنو ڪيو ۽ مستقبل ۾ ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجھ مشورا ڏنا.ا نهيءَ مضمون ۾ مون وڌيڪ معائني کان پوءِ ڪجھ وڌيڪ مشورن ڏيڻ جو سوچيو هو. تنهن کان پوءِ مون ٻئي مضمون ۾ جيڪو ڪاوش ۾ ”ڇا منڇر ٽٽڻ کان بچي ويندي؟“ جي عنوان سان 10 سيپٽمبر تي ڇپيو ان ۾ مون منڇر ڍنڍ جي بابت ڪجھ ڄاڻ ڏني. تازو وري جناب سيد جلال محمود شاه سان گڏ ڄامشورو کان سيوهڻ تائين ٻوڏ جي مسئلن بابت ۽ منڇر ۽ ان سان وابستگي رکندڙ معاملن کي ڏسڻ جو موقعو مليو. اهو ٻڌائيندو هلان ته انهيءَ دوري جي دعوت مون کي شاه صاحب 4 سيپٽمبر واري دوري دوران ڏني هئي.

## ڄامشوري کان وٺي سيوهڻ تائين جو دورو:

سنڌو جو ساڄو پاسو جيڪو ڪوٽڙي بيراج کان سيوهڻ تائين آهي، اهو سڄو ڪچي جو علائقو آهي. سواءِ اٽڪل 12 ميلن جي س-ديھ واري بند جي جيڪو اتي مانجهند ۽ لاڪا شهر کي بچائي ٿو. ياد رهي ته سنڌ م ڪچو انهيءَ علائقي کي چئجي ٿو. جتي درياه کي ڦرڻ گهرڻ جي آزادي هوندي آهي. يعني درياه جو پاڻي جتي بنا ڪنهن روڪ جي وهي سگهي ٿو يا اٿلي سگهي ٿو. ڄامشوري کان سيوهڻ تائين درياه جي ساڄي پاسي جبل يا مٿاهين هجڻ ڪري بند ناهن. اتي ئي مکيه شيون آهن. سڀ کان پهرين ريلوي لائين جيڪا انگريزن ٺاهي هئي. تنهن کان پوءِ انڊس هاءِ وي جيڪو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٺاهيو ويو ۽ ٽيون آر بي او ڊي جنهن جو ڪم هلندڙ آهي. آر بي او ڊي درياه جي ساڄي پاسي آهي ۽ ڪٿي ريلوي لائين جي





ساڄي پاسي پر سدائين انڊس هاءِ وي جي ساڄي پاس آهي. ريلوي لائين ۽ انڊس هاءِ وي مان نين جو پاڻي پاس ڪرڻ لاءِ پليون يا ڪلورٽ آهن. جن وسيلي ڪيرٿر جبلن تي پوندڙ برسات جو پاڻي درياه ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. پر جڏهن درياه ۾ ٻوڏ اچي ٿي ته درياه جو پاڻي انهن پلين هيٺان وهي جبل واري پاسي جي هيٺين زمينن تي ڦهلجي وڃي ٿو. جتي پاڻي لهڻ کان پوءِ پليون آباديون ٿين ٿيون. آر بي او ڊي ۾ به نين جو پاڻي درياه ۾ موڪلڻ لاءِ ڪراسنگ ٺاهيون ويون آهن. تنهنڪري آر بي او ڊي نين جي پاڻيءَ کي درياه ڏي موڪلڻ يا درياه جي پاڻي کي جبلن جي هيٺين زمينن ڏي موڪلڻ لاءِ ڪا روڪ ناهي. پر ڪٿي ڪٿي ڪجھ مسئلا آهن. اهو محسوس ڪيو ويو آهي. گهٽيون موريون يا پليون ٺاهڻ بدران گهٽ موريون يا پليون ٺاهڻ گهرجن ته جيئن ڪن ڳوٺن ۽ انڊس هاءِ وي وچ ۾ درياه جو پاڻي بيهي نه رهي. وري جتي نيون نٿيون اڃن. اتي به ڪٿي ڪٿي اهي ٺاهڻ کپن ته جيئن درياه جو پاڻيءَ ٻئي پاسي وڃي اٿل تي ٽيندڙ ايراضين کي پاڻي ڏئي سگهي. گهٽي پاڳي آر بي او ڊي ڪنهن به ڳوٺ ۽ ايراضي کي نقصان نه ڏنو آهي. بلڪ فائدو ڏنو آهي. هينئر جيڪي به ٿورا گهٽا نقصان ٿيا آهن. اهي انهيءَ ڪري ٿيا آهن ته ڪم اڻ پورا آهن. حڪومت طرفان ان منصوبي لاءِ فنڊ ڏيڻ جي رفتار تمام سست آهي. جيڪا افسوس واري ڳالھ آهي. هي هڪ اهم منصوبو آهي. جنهن جي مڪمل ٿيڻ ڪري ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍ جيڪا واپڊا وارن برباد ڪري ڇڏي آهي. وري پنهنجي اصلي حالت ۾ موٽي ايندي ۽ مقامي ماڻهن جي خراب حالت سڌري ويندي. رستي تي شاه صاحب سان هن ٻوڏ جي اثرن بابت ڳالھ ٻولھ ٿي. شاه صاحب ٻڌايو ته هي هڪ تمام وڏي ٻوڏ هئي. جن علائقن ۾ اڳي ڪڏهن به پاڻي نه آيو هو هن سالن اتي به پاڻي آيو. ان ٻوڏ ڪچي ۾ نهيل ڳوٺن جيئن انڙپور، ٻڍاپور ۽ ڇڇر وڏا وارن لاءِ تمام ڏکيو ٽائم ڏنو. پر انهن همت ۽ گڏجي ڪم ڪري ٻڏڻ کان پاڻ بچائي ورتو. اسان ڇڇر وڏا ڳوٺ ڏٺوسين. جنهن جي چوڌاري ڳوٺاڻن تمام اوچو رنگ بند ڏنو هو، تنهن تي انهن ڏينهن رات پهرو ڏنو ته اهو ڳوٺ ٻڏڻ کان بچي ويو. انهيءَ جي مقابلي ۾ انڙپور ڳوٺ جي چوڌاري رنگ بند ڏنو ويو. پر مڪمل ٻڌي نه هئڻ ڪري ڪن ماڻهن سستي ڪئي ۽ رنگ بند ٽٽڻ ڪري انڙپور ٻڏي ويو، وري ٻڍاپور جي سامهون هڪ زميندارِي بند هو، جڏهن اهو بند ٽٽو ته ٻڍاپور وارو رنگ بند به اوچتو پاڻيءَ اچڻ ڪري دٻ جهلي نه سگهيو. ٽٽي ويو ۽ شهر ٻڏي ويو. شاه صاحب ٻڌايو ته پاڻي ايترو هو جو ننڍن ڳوٺن جو بچڻ محال هو. تنهنڪري هن صاحب انهن ڳوٺن جي ماڻهن کي اڳي چتاءُ ڏئي ڇڏيو هو ۽ انهن کي لڏائڻ ۾ مدد پڻ ڪئي جنهن ڪري انهن ماڻهن جو ڪو نقصان نه ٿيو، گهر ٻڏي ويا. پر ڪچي جا ماڻهو انهن ڳالهين تي هريل آهن. گهر وري ٻيهر ٺاهيندا ۽ وري زندگي شروع ڪندا. رڳو سر سلامت رهن.

## منڇر جو دورو:

منڇر جي ليول تيزي سان وڌي رهي آهي. پهرين اها رڳو ٻن ڊيسيمل في ڏينهن سان وڌي رهي هئي. پر ٽوڙي بند وارو پاڻي اتي پهچڻ ڪري انهي جي واڌ في ڏينهن 1.6 فوٽ ٿي وئي. تنهن کان پوءِ هاڻي اها في ڏينهن هڪ فوٽ وڌي رهي آهي. ٻئي پاسي درياهه ۾ لاٽ سست آهي. جيترو پاڻي منڇر ۾ اچي ٿو. انهي کان گهٽ پاڻي منڇر مان نڪري ٿو، منڇر جي سلامتي واري ليول 117 فوٽ آهي. جڏهن ته 14 سيپٽمبر تي اها ليول 120.15 فوٽ ٿي وئي. منڇر کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ ٻن شين جي ضرورت آهي. پهرين اها ته ايندڙ پاڻي گهٽجي. ٻي اها ته نڪرندڙ پاڻي ۾ واڌ اچي.

مٿئين ٻنهي ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اسان پهرين جهانگارا روڊ تي مٿي وياسين ۽ برهماڻي ڳوٺ تائين اهو ڏنوسين ته ڇا منڇر جو پاڻي لال باغ واري پاسي کان سيوهڻ کان هيٺ درياهه ۾ موڪلي سگهجي ٿو. علائقي جي ماڻهن کان پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته وچ ۾ ليول مٿي آهي ۽ جابلو علائقو آهي. ۽ درياهه تائين ڪو رستو موجود ناهي. سروي ڪري اهڙو ڪو منصوبو ناهي سگهجي ٿو. پر ترت علاج ڪونهي. ٻيو اهو ڏنوسين ته ڇا اڙل واهه ۾ گنجائش آه ته وڌيڪ پاڻي ڪٽي سگهي ته اڙل ٽيل ريگيويلٽر وٽ ريگيوليٽر جي پاسن کي ٽوڙي پاڻي هيٺ پاسي ڪجي؟ پر خبر پئي ته اڙل واهه جو ترو پٽر وارو آهي تنهنڪري هينئر ان کي ويڪرو نٿو ڪري سگهجي. تنهن کان پوءِ اسان اڙل ٽيل ريگيوليٽر تي آياسين. گيجن مان خبر پئي ته ڪراس ڪٽ آف چار ڊيسيمل آهي جيڪو درياهه واري پاسي گيج 15.8 فوٽ ۽ منڇر واري پاسي 16.2 فوٽ آهي. پنج ئي در فل کليل هئا ۽ منهنجي خيال ۾ وڌ ۾ وڌ ڏهه هزار ڪيوسڪ پاڻي اتان نڪرندو هوندو. جڏهن ته زيرو پوائنٽ تي اٽڪل 25 هزار ڪيوسڪ منڇر ۾ اچي پيو. تنهن کان پوءِ اسان اڙل هيڊ ريگيوليٽر تي وياسين. جنهن جا دروازا کليل هئا ۽ اٽڪل ٻه هزار ڪيوسڪ پاڻي درياهه ۾ وڃي پيو. پوءِ اسان منڇر جي آر ڊي 100 تي پهتاسين جنهن کي ”زيرو پوائنٽ“ چون ٿا. منڇر جي ليول 19.15 فوٽ هئي پر ڏٺوسين ته اجا ساڍا 3 کان 4 فوٽ فري بورڊ هو. سواءِ زيرو پوائنٽ کان ٿي آر ڊي ۾ جتي فري بورڊ گهٽ هو. زيرو پوائنٽ تي ايم اين وي جو پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اتي جيتوڻيڪ پاڻي ۾ تڪ ڪو نه هو، پر تنهن هوندي به بند کي ڪائي پيو، اتي لوهي پليٽون اپيون هڻي ڪاڏ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر اهي هيٺ لهي ويون. اهو منصوبو رٽائرڊ چيف انجنيئر پير منور جو هو، جيڪو ڪامياب نه ٿي سگهيو. اتي بيني ئي بند پڪ ڏني ۽ بند جو ٽڪرو ڪري پيو. اسان محسوس ڪيوسين ته اتي وڏا پٿر وجهي ڪاڏ کي روڪڻ ڪپندو هو، وري ٿن آر ڊي ۾ فري بورڊ کي وڌائڻ جي گهرج هئي ۽ هوا جي ڪري ڪاڏ کي روڪڻ لاءِ مٿي سان





پري ڳوٽيون رکڻ ضروري هو زيرو پوائنٽ کان اسان ايم اين وي ڊرين مان نڪرندڙ انڊس لنڪ ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو. رستي تي اسان کي زاهد شيخ انجنيئر مليو. جنهن ٻڌايو ته زيرو پوائنٽ تي ڪاڏ کي روڪڻ لاءِ ٿئي مان پٿر گهرايو ويو آهي. جيڪو رستي تي آهي. اهو اتي وڌو ويندو. فري بورڊ ۾ ويو واش کي روڪڻ لاءِ بند تي مٿي چاڙهي پئي وڃي ۽ مٿي جون ڳوٽيون پري سلوپ تي رکيون پيون وڃن. جڏهن اسان ايم اين وي ڊرين تي اتي پهتاسين جتان انڊس لنڪ نڪري ٿو ۽ ته اتي ڪي ٽي اين جو رپورٽ فيض کوسو اسان کي ملي ويو. جنهن مون کان اتي لائيو انٽرويو ورتو. مان حيران ٿي ويس ته ڪي ٽي اين ايتري پري واري جڳهه تي اهو بندوبست ڪيو هو. اتي مون چيو ته انڊس لنڪ ذريعي اٽڪل پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ڪري سگهجي ها. جيڪڏهن 15 ڏينهن اڳ فيصلو ڪيو وڃي ها. پر اهو ڏسڻ لاءِ ته اهو ممڪن آهي يا نه، درياهه تي ڪرمپور ويجهو اها جاءِ ڏسڻ لاءِ وڃان پيو ته اتي درياهه جي ليول ڪيتري آهي ۽ انڊس لنڪ جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ٿي سگهي ٿو يا نه اجان مان ڪرمپور وٽ درياهه جي ليول جو مقابلو انڊس لنڪ جي ليول سان ڪري ٻيٺو هئس ته سنڌ جي فنانس منسٽر مراد علي شاهه جي فون آئي ته ڪي ٽي اين وارن پٽي هلائي ڇڏي هئي ته جيڪڏهن 15 ڏينهن اڳ انڊس لنڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو وڃي ها ته اتان پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ ٿي سگهي ها. مون شاهه صاحب کي ٻڌايو ته هنن رڳو خبر جو هڪڙو حصو هلايو آهي. مون اهو به چيو هو ته مان اها صورتحال ڏسڻ لاءِ هتان ڪرمپور وڃان پيو ۽ معائني کان پوءِ خبر پئي ته اجان درياهه جي ليول مٿي آهي ۽ انڊس لنڪ جو پاڻي درياهه ۾ ڇوڙ نٿو ٿي سگهي مراد علي شاهه انهيءَ ڳالهه جو ذڪر رات جو ڪي ٽي اين سان پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ به ڪيو رستي تي موٽندي خبر پئي ته چيف منسٽر پاران ٺاهيل فني ڪاميٽي منڇر ۾ ڇوڙ گهٽائڻ جي خيال کان حمل وٽان ايم اين وي جا دروازا بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اڙل هيڊ تي ويڪر وڌائي درياهه ۾ ڇوڙ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو.

منڇر جي صورتحال ڳنڀير آهي. ان جي ليول خطرناڪ حد کي پهچي وئي آهي. ۽ ان جي بند ٽٽڻ جو خطرو آهي. پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پاڻي سان ويڙهه. دشمن سان جنگ ڪرڻ وانگر آهي. ڪڏهن به همٿ نه هارڻي آهي. پڇاڙي دم تائين وڙهڻو آهي ۽ پوءِ الله سائين کان مدد گهرڻي آهي. هو بچائڻ وارو آهي. مان تازو مثال ڏيندس سيڊا جي هڪ ايس اي محمد خان نظاماڻي جو. جنهن جي هن ٻوڏ ۾ ٻوڏ سان فل مقابلي ڪرڻ باوجود بند ٽٽي پيو. ٻي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هن الله سائين کي ياد ڪيو ۽ بند تي ڇٽن هنڌن تي ٻانگ ڏني. منهنجي خيال ۾ هن ڳنڀير صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن.

(1) وڏا پٿر وجهي زيرو پوائنٽ تي بند جي ڪاٽ کي روڪڻ کپي.

(2) زيرو پوائنٽ ويجهو منڇر جي بند کي ٽن آر ڊين ۾ مٽي چاڙهيو وڃي ۽ هوا جي چولين واري ڪاٽ کي روڪڻ لاءِ بند جي سلوپ تي مٽي سان ڀريل ڳوٽيون رکيون وڃن.

(3) منڇر ڍنڍ جي 20 ميلن ۾ فلڊ فائٽنگ زبردست نموني ۾ ڪئي وڃي يعني ڏينهن رات سخت پهرو، آفيسرن ۽ وزير صاحبن طرفان چيڪنگ خاص طرح رات جو ۽ مناسب شين جي بروقت دستيابي.

(4) جتي بند اوور ٽاپ ٿيڻ جو خطرو هجي اتي مٿيءَ سان ڀريل ڳوٽيون رکي اوور ٽاپ ٿيڻ کان بند کي بچايو وڃي.

(5) ڪيتري به سخت ڊيوٽي هجي ۽ صورتحال ڳنڀير هجي همت نه هارڻ گهرجي.

(6) جڏهن صورتحال کي منهن ڏيڻ ۾ ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته رب سائين کي ٻاڏائي مدد گهرڻ گهرجي.

(7) پنهنجي وسان ته نه گهٽائجي، باقي اڳتي الله جي مرضي جو هڪ شاعر چئي ويو آهي.

شکست و فتح تو قیمت سے ہی ملی اے میر
مقابلا تو دلِ ناتواں نے خوب کیا!





# هن مخلوق جي سار ڪير لهندو؟

مير محمد پرهياڙ

ٿوڙي بند جي ڳهارن مان نڪرندڙ ٻوڏ جي پاڻي کي پورا ٽي مهينا ٿي چڪا آهن، پر پوءِ به اڃا تائين غوثپور کان وٺي سيوهڻ تعلقي جا اڪثر ڳوٺ ۽ وڏا شهر به پاڻي هيٺ آهن. جتي ڪيمپن مان واپس خوشي خوشي ايندڙ خاندانن جي حالت به رحم جوڳي آهي. ڪي بنا اجهي جي جهوپڙيون اڏي رهن پيا ته ڪي وري ڏار ڏنل گهرن ۾ هر وقت خوف واري زندگي گذاري رهيا آهن. چوڌاري بدبودار ۽ جراثيم وارو پاڻي رهيل آهي. جتي تعليم، صحت ۽ صاف پاڻي پيئڻ جي سهوليت اڃا تائين مهيا نه ڪري سگهيا آهن. ساڳي صورتحال بلوچستان جي سنڌ سان مليل ٻوڏ ۾ آيل علائقن جي آهي. سڀ کان وڏيڪ هنن لاءِ فڪر اهو آهي ته ڪيمپن مان آندل سامان ته هڪ مهيني ۾ ختم ٿي ويندو. پوءِ ٻچن کي ڇا کارائيندا؟ وطن ڪارڊ تحت ملندڙ رقم کان وڌيڪ انهن کي ڳٽتي ڪرندڙ گهرن جي ڇت يا ديوار جي مرمت، اڀرو سيرو جهڳو ٺاهڻ، ايندڙ سياري کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙا ۽ ناڪافي سامان وغيره جي آهي.

جيستائين ربيع پوکي جو سوال آهي ته اڃا تائين 70 سيڪڙو کان مٿي زمين پاڻي هيٺ آهي. ۽ جنهن سست رفتاري سان پاڻي جي نڪاسي جو عمل هلي رهيو آهي ۽ جيڪو شيڊول آبپاشي کاتي ڏنو آهي. ان مطابق ڊسمبر جي آخر ڌاري مس وڃي پاڻي نڪرندو. مسئلو صرف پاڻي جي نيڪالي جو نه آهي. پر ان زمين جو خشڪ يا سنوت ۾ اچڻ جو به آهي. سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين ساريال مکي فصل آهي. جنهن ڪري زير زمين پاڻي جي ليول هميشه مٿانهين هوندي آهي. پر ٻوڏ جي پاڻي بيهڻ ڪري زمين جو پاڻي ايترو ته مٿي آيو آهي. جو جنوري تائين زمينون خشڪ نه ٿينديون ۽ چيٽ جي پوکيءَ جي مند ڊسمبر جي آخر تائين مشڪل سان هلي ٿي، پر جيڪڏهن ڪٿي پوکي ٿي به وڃي ته مسئلو آهي پاڻيءَ جو، جنهن جي آبپاشي کاتي پاران ڪا به گارنٽي نه هوندي آهي. ڇو ته انهيءَ سڄي علائقي ۾ سواءِ تعلقي دادو ۽ جوهي ۽ منڇر ڍنڍ تي آباد ٿيندڙ علائقن

جي ڇهه ماهي (آبڪلاڻ) پاڻي ملي ٿو ۽ بنا پاڻي ڏيڻ جي پيدائش ايتري ته گهٽ ٿئي ٿي. جو پورو خرچ به نه نڪرندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن علائقن ۾ آبادگارن جي اڪثريت ساريال جي آخري پاڻي ڏيڻ کان پوءِ سرهه، توريو لوسڻ داليون، مٽر، ڪٽڪ وغيره جو ٻج اڇلائي ڇڏيندا آهن. پوءِ جيڪڏهن سم جو پاڻي شاخن ۾ آيو ته ڏيئي ڇڏيندا. نه ته جيڪو نصيب.

جيڪا صورتحال سامهون اچي ٿي ته ڪشمور کان وٺي شاهبندر تائين ٻوڏ هيٺ آيل علائقن ۾ ربيع جو فصل ورلي ڪٿي ٿيندو ۽ خود اقوام متحده جي اداري ايف اي او FAO جو به اهو رايو آهي. رهيو ايندڙ خريف جو فصل ته ان جا رونبا ايندڙ جون ۾ شروع ٿيندا ۽ لاٻارا آڪٽوبر ۾ پوندا انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته ٻوڏ جي آيل متئين علائقن مر ايندڙ آڪٽوبر کان اڳ ڪنهن به فصل لهڻ جو آسرو ئي نه رهيو آهي. هڪ خريف جو فصل تباهه ٿيو، ٻيو ربيع جو آسرو نه رهيو ۽ ايندڙ خريف فصل به آڪٽوبر ۾ لهندو. تيستائين هيءَ بدنصيب مخلوق ڪيئن جيئندي؟ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ اهري صورتحال ۾ حڪومتون ”ورڪ فار فوڊ“ شروع ڪنديون آهن. پر هتي اجا تائين ڪا اهڙي چرپر نظر نٿي اچي. غريبن جو مال متاءُ ته اڳ ئي لڙهي ويو. جنهن وٽ مال بچيو ته ڊور ڊڳا وڪڻي پنهنجي ٻچن کي ڪٽي نڪتا ۽ هاڻي وجي ٿيندا سيئين جي حوالي جيڪي انهن کي اٿو چانور ۽ ٻيو سامان وڏن اگهن تي ۽ مٿان وياج وجهي پوءِ ڏيندا. پر ان جي باوجود انهن شين ۾ ايتري ته ملاوٽ هوندي آهي يا غير معياري هونديون آهن جو عام حالتن ۾ ماڻهو جانورن ۽ پکين کي به نه کارائيندا آهن.

اهڙي تشويشناڪ صورتحال ۾ حڪومت جي ذميواري ٿئي ٿي ته اتي ايندڙ خريف فصل لهڻ تائين مفت راشن ڏي، اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي ته تازو سوات آپريشن دوران متاثرن ماڻهن کي واپس پنهنجي گهرن ڏانهن موٽڻ تي صوبائي حڪومت يو اين او جي تعاون سان تقريبن پورو سال مفت راشن ڏنو. سنڌ ۾ آيل ٻوڏ جي تباهڪاري هن صدي جي وڏي ۾ وڏي تباهي آهي. ۽ ساڳي صورتحال بلوچستان جي ٻوڏ متاثرن جي آهي. ان ڪري حڪومت جي ذميواري ٿئي ٿي ته انهن جي لاءِ به راشن جو بندوبست ڪري. جيڪڏهن متاثرن جي سروي صحيح نموني ڪجي ٿي ۽ ورهاست جو سسٽم درست هوندو ته بين الاقوامي ادارا ۽ اين جي اوز به ميدان ۾ ايندیون جهڙي نموني انهن سوات متاثرين لاءِ مفت راشن مهيا ڪيو پر اڳتي اهي نه آيا ته متاثرين کي بک کان بچائڻ لاءِ حڪومت ڪجهه ارب رپيا خرچ ڪيا ته ڇا ٿي پوندو؟

ٻيو مسئلو جنهن طرف صدر صاحب جي تازين هدايتن کان پوءِ آبپاشي کاتو جاڳيو آهي. اهو آهي پاڻي جي نيڪال جو جنهن لاءِ سيڪريٽري آبپاشي طرفان هڪ شيڊول آيو آهي. جنهن مطابق ڊسمبر جي آخري ڏاري ٻوڏ هيٺ آيل علائقن مان پاڻي نڪري ويندو الله ڪري ائين ٿئي. پر مون کي نٿو لڳي. هر ڪنهن جي ڪاوڙ





آبپاشي کاتي تي آهي ۽ هئڻ به گهرجي. جو انهن جي نااهلي ڪري ايڏي وڏي تباهي آئي آهي. پر ضلعي انتظاميه جنهن جو هيڊ اڳي ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ هاڻي ناظم آهي. جنهن جي چارج هينئر ڊي سي او وٽ آهي جو ذڪر ٻوڏ يا ان کان پوءِ جي صورتحال کي منهن ڏيڻ بابت گهٽ آيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن حالتون ڪنهن به کاتي جي نااهلي ڪري يا اوچتو قدرتي آفت سبب خراب ٿيون ته پوءِ ضلعي انتظاميه جي هيڊ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي. پر هن دفعي ائين نه ٿيو ڪجهه ڊي سي اوز صاحبن ڪوشش به ڪئي. پر سياسي دٻاءُ حاوي ٿي ويو، پر ڇا پاڻي جي نيڪال لاءِ به انهن تي دٻاءُ آهي؟ ڇا اهو به دٻاءُ آهي ته پاڻي نه ڪڍو يا سروي صحيح نه ڪريو؟ نه بلڪل نه پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو پاڻي جي نيڪال ۾ ايتري سستي ٿي آهي؟ اسان مثال وٺون ٿا خيرپور ناٿن شاهه شهر جو، جيڪو وڏ ۾ وڏ متاثر ٿيو آهي. جتي 14 نومبر تي منهنجو به وڃڻ ٿيو. صورتحال هيءَ آهي ته پاڻي بچاءَ بند جي هيٺين پاسي ماڏو، بگ ٻرڙا، ٻيگو ديرو کان شروع ٿي جوهي شاخ جو اتريون ڪپ وٺندو وڃي بالي شاهه جو دنگ ڪيو آهي ۽ اتان رائيس ڪئنال جو ڏاکڻيون پاسو وٺندي راوت لغاري کان اولهه طرف نارا ڪئنال جي ٻنهي پاسي پاڻي ئي پاڻي آهي. ان جي نيڪال لاءِ جوهي بئراج تي يوسف نائچ ڳوٺ وچ ۾ پنج پمپنگ مشينون رکيل آهن. جيڪي ٽريڪٽرن تي هلن ٿيون. ۽ جڏهن ٽريڪٽر جون مشينون گرم ٿين ٿيون ته پمپ بند ٿيو وڃن.

خيرپور ناٿن شاهه شهر مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ باءِ پاس روڊ تي رکيل ڏهه پمپنگ مشين، جيڪي اتي ٽريڪٽر وسيلي هليون پئي. اهي شام جو اڪاڙي ڪٽي ويا. ڇو ته باءِ پاس روڊ کي ٽريفڪ لاءِ کولڻو هو نه ئي آبپاشي کاتي جي عملدارن ۽ نه ئي ضلعي انتظاميه سوچيو ته ڪو نعم البدل حل ڪڍن ڇا ڊي سي او جيڪو هاڻي ضلعي ڪائونسل جو ايڊمنسٽريٽر به آهي ان لاءِ ڪا پابندي آهي ته هو ايمرجنسي تحت پئسا ڪيرائي شهر جي بچاءَ لاءِ 50 مشينن جو بندوبست ڪري؟ انهيءَ کي به ڇڏيو ضلعي دادو جي ڀهراڙين ۾ واٽر سپلاءِ تقريبن بند آهن. يا وري وڏن شهرن ۾ واٽر سپلاءِ يا ڊرينج لاءِ بند پيل يا خراب مشينون ٺيڪ ڪرائي ڪم هلائي سگهجي ٿو. خرچ ته ساڳيو ٿيندو، ڇو ته ٿوريون مشينون پاڻي ڪڍڻ ۾ مهينا لڳائينديون ۽ گهڻي تعداد ۾ پمپنگ مشينون هفتن ۾ پاڻي ڪڍي وينديون ۽ اهي خريد ڪيل مشينون بعد ۾ ڪٿي ڪم اچي وينديون.

ڪهڙي نه افسوسناڪ صورتحال آهي. جو دادو جيڪو پ پ پ جو قلعو سمجهيو ويندو هو ۽ خيرپور ناٿن شاهه. جنهن کي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ شهيدن جو شهر ٿيڻ جو لقب مليو. اتي جا رهواسي ايترا ته ناراض آهن. ڇا ان وقت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سنڌ جي شهيد راڻيءَ جو روح تڙپيو نه هوندو؟

ٻوڏ جي متاثر ٻين علائقن ۾ تقريبا ساڳي صورتحال آهي. افسوس ٿو ٿئي

ضلعي انتظاميه جي بي حسي ۽ لاپرواهي تي، ٻيو مثال وٺون ڪراچي واهه ۽ ڪوٽڙي شهر ڏانهن ويندڙ رستي جي وچ واري صورتحال جو. جڏهن حيدرآباد کان ڪراچي وڃبو ته جيئن ئي درياءَ جي پل ڪراس ڪبي ته ڏاڪٽي پاسي ڪراچي واهه تائين پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو درياهه ۾ پاڻي مهينو اڳ لهي ويو آهي. پر ٻوڏ جو پاڻي وچ ۾ ڦاسي بيهي رهيو آهي. جيڪڏهن انتظاميه ٿوري به ڪوشش وٺي ته ڪراچي واهه م پاڻي جي ليول گهٽ ڪرائي واهه جي ڪپ کي ٽڪا ڏيئي سيمنٽ جا پائيپ رکي يا پمپنگ مشين رکي ڪري پاڻي نيڪال ڪري سگهجي ٿو يا وري نيشنل هاءِ وي کان ڪوٽڙي ڏانهن ويندڙ رستي کي مناسب جاءِ تي ڪٽ ڏيئي هيٺان پائيپ رکي اڳيان ننڍا چئنل ٺاهي پاڻي درياءَ ۾ نيڪال ڪري سگهجي ٿو. پر ايتري تڪليف ڪير ڪري!؟

محترم سائين قائم علي شاهه کي گذرش آهي ته خود سرزمين تي جائزو وٺي ذميوار ۽ نيڪ نيت آفيسرن جي ٽاسڪ فورس ٺاهي انهن کي پاڻي جي نيڪالي جا اختيار ڏي. پوءِ ڏسو ته ڪيئن ٿو پاڻي نڪري وڃي. ٽيون مسئلو آهي امدادي سامان جي اين جي اوز يا امداد ڏيندڙ ادارن پاران ورهاست جو حقيقت هي آهي ته غير ملڪي امدادي ادارن، اين جي اوز ۽ پاڪستان جي وڏن شهرن ۽ خاص طور ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سيٺين ٻوڏ جي ڌتڙيلن جي دل کولي مدد ڪئي ۽ هاڻي به ڪرڻ لاءِ تيار آهن. شرط هي آهي ته راشن وغيره حقيقي ماڻهن کي ملي. هينئر صورتحال ڪجهه هن طرح آهي. جو جيڪو آيو، سامان ورهائي هليو ويو. البته ڪٿي ڪٿي ڪئمپون اين جي اوز کي ورهائي ڏنيون ويون آهن. اهو اوستائين ته صحيح هو. جڏهن افراتفري هئي. هاڻي ائين هئڻ گهرجي جو ڪيمپن م رهندڙ يا ڳوٺن ۽ پاڻي وچ ۾ آيل شهرن جي خاص طور ڪچي واري آبادين ۾ ويٺل متاثرين ۾ راشن جي ڪوٽا ۽ ڏينهن مقرر ٿيل هجن ۽ ساڳي طرح مختلف اين جي اوز امدادي ادارن ۽ سرڪار پاران ٻوڏ متاثر علائقا ورهايل هجن ته هر ڪنهن کي ضرورت مطابق راشن ملي ۽ امداد ورهائڻ جي ڪارڪردگي جي به خبر پوي.

لکڻ لاءِ ته ڪافي مواد آهي. پر اهو لکي اجازت ٿو وٺان ته خيرپور ناٿن شاهه جو گل محمد شيخ اڄ به رئيس صحبت خان چانڊيو ۽ هوت خان ٻگهيو کي ياد ڪري روئي ٿو ڏي. جن 1952ع جي ٻوڏ جي پاڻي کي راڄ ڇيڙون ڪري خدا واهه جي ڪپن کي ايترو ته مٽي چاڙهيو ۽ مضبوط ڪيو. جو پاڻي اتي ٽڪرجي بيهي رهيو ۽ خيرپور ناٿن شاهه شهر بچي ويو. پر هينئر ته مشيني دور آهي. پوءِ ائين ڇو نه ٿيو؟ شايد خيرپور ناٿن شاهه وارا ڪنهن آسري تي رهيا. پر جوهي شهر واسين همت ڪئي ۽ انهن 1995ع جي ٻوڏ دوران جڏهن هي ناچيز ڊپٽي ڪمشنر دادو هو ته جوهي شهر کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ رنگ بند ٺهرايو هو. ان کي مضبوط ڪري شهر کي بچائي ويا. جوهي واسين کي جس هجي. انهيءَ کي چوندا آهن ته اپٽي گهوٽ ته نشا هو وئي. شل ڪا رب کي ٻاجهه پوي.





# ڳهارن بابت عدالتي ڪميشن جي رپورٽ!

محمد ادريس راجپوت

اٺين ڊسمبر 2010ع تي سنڌ جي وڏي وزير چيف منسٽر هائوس ۾ عدالتي ڳهارن بابت ڪميشن جي رپورٽ جا تفصيل پڌرا ڪيا. اها رپورٽ ٻن رٽائر ٿيل هائي ڪورٽ جي ججن جيڪي عدالتي ڪميشن جا ميمبر هئا. تن اٽڪل ڏهه ڏينهن اڳ چيف منسٽر صاحب کي پيش ڪئي هئي. انهيءَ رپورٽ بابت چيف منسٽر صاحب ڪجهه ڳالهيون ڪيون ۽ ڪجهه عملدارن جي بدلي ۽ انتظامي عملن جو ذڪر ڪيو انهن تي ڪجهه ڳالهائڻ کان اڳ اچو ته پهرين ڏسون ته ڪميشن کي ڪهڙو ڪم سونپيو ويو. ۽ انهيءَ تي هن ڪهڙي رپورٽ ڏني؟ اها ڪيتري قدر صحيح آهن ۽ چيف منسٽر صاحب جي ڳالهين تي ڪيترو عمل ٿيو آهي؟

## ڪميشن جي جوڙجڪ ۽ مول مٽا:

عدالتي ڪميشن 20 سيپٽمبر 2010ع تي جوڙي وئي. جنهن ۾ سنڌ هائي ڪورٽ جا ٻه رٽائر ٿيل جج جسٽس زاهد قربان علوي ۽ جسٽس غلام نبي سومرو رکيا ويا. هنن کي ٽن هفتن ۾ رپورٽ ڏيڻ جو چيو ويو. ڪميشن جا ٻه مول مٽا هن ريت هئا.

(1) سنڌو جي بندن ۾ لڳل ڳهارن جا سبب معلوم ڪرڻ

(2) اهو معلوم ڪرڻ ته ڇا واسطيدار ادارن انهن کي روڪڻ لاءِ ڪي مناسب اپاءَ ورتا هئا.

اهو ٻڌائيندو هلان ته اها عدالتي ڪميشن رڳو ٽوڙي ۽ مولچند شاهه بندر بندن ۾ لڳل ڪنڊن بابت هئي. انهيءَ کان علاوه گڊو بيراج جي مٿين پر واري ڪاڇي مارجنل بند ۽ ٺٽي ويجهو پنا-بگهاربند ۾ به ڪنڊ پيا هئا. جن بابت ڪا انڪوائري نه ڪرائي وئي.

## ڪميشن جي تشخيص (Findings):

**(1) ڪنڊ پوڻ جا سبب:**

رڪارڊ تيل شهادتن مطابق اهو بلڪل واضع آهي ته ٽوڙي بند کي ڪو هٿرادو ڪنڊ نه هنيو ويو هو، متين پڌايل شهادتن مطابق اهو خاطري سان معلوم ٿيو آهي ته ٽوڙي بند ۾ لڳل ڪنڊ قدرتي هو ۽ قدرتي گڏ ٿيل جزن بند کي ٽوڙيو ساڳي نموني ۾ مولچند شاهه بندر بند کي پيل ڪنڊ به قدرتي هو ۽ هٿرادو نه هو، اهو به قدرتي هو ۽ ڪيترن جزن Combined elements of nature جي نتيجي ۾ اهو ڪنڊ پيو. مولچند شاهه بندر بند 18 ميل 3 فرلانگ تي ڪوٽ عالمو وٽ پيل ڪنڊ کي مجموعي غفلت سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. جو بند جي نگراني وارا سڀ همراهه اڳ ۾ ئي پڌايل حساس جاين کي ڏسڻ ۾ رڌل هئا.

**(2) ڪنڊن کي روڪڻ بابت ورتل اپاءَ:**

رڪارڊ تي آيل شهادتن مطابق مون سون شروع ٿيڻ کان اڳ وفاقي ۽ صوبائي ادارن معياري اپاءَ وٺڻ جو چيو هو. اها ڳالهه واضع آهي ته ڪيترين گڏجاڻيون ٿيون پر اهو واضع نه ٿي سگهيو ته ڪهڙا اپاءَ ورتا ويا. انهيءَ باري ۾ شهادتن جي گهٽتائي آهي ته بندن کي ڪيترو مضبوط ڪيو ويو، چاهي اهو ٽوڙي بند هجي يا مولچند شاهه بندر بند-اهو سنڌ آبپاشي کاتي جو ڪم آهي ته هر سال بندن جي سار سنڀال لهن. انهن کي ٺيڪ رکن ۽ مضبوط ڪن. انهن ڪمن کي ڪرڻ جو هنن کي اختيار مليل آهي. يعني انهن جي جوابداري آهي. انهيءَ لاءِ هدايت ڏيندڙ مينوئل يعني بند مينوئل ۾ چٽي طرح ڏنل آهي ته هنن کي ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن. انهن قدمن کڻڻ بابت صحيح معلومات نه ملي سگهي. تنهنڪري اسان اهو چوڻ تي مجبور آهيون ته انهيءَ جو سبب آبپاشي کاتي جي گڏيل غفلت آهي. ٽوڙي بند تي آبپاشي کاتي ڪهڙا احتياطي اپاءَ ورتا. انهيءَ بابت معلومات اڻپوري (ناڪافي) آهي ۽ اسان اهو خاطري سان چئي سگهون ٿا ته اتي گڏيل غفلت پڪي طرح ٿي آهي. انهيءَ جي ابتڙ مولچند شاهه بندر ميل 18 ۽ 3 فرلانگ تي ڪوٽ المو وٽ آنڌل شهادت پوري آهي.

**سفارشون:**

عدالتي ڪميشن جو ڪم رڳو مول متن کي پنهنجيون Findings ڏيڻيون هيون پر هنن ڪافي سفارشون به ڏنيون آهن. جيڪي هن ريت آهن:

- آبپاشي کاتي جو ڪم بندن جي سارسنڀال لهڻ ۽ مضبوط ڪرڻ آهي. جيتوڻيڪ ڪنڊ تمام گهڻي ٻوڏ سبب پيا، پر جيڪڏهن وقت تي اُپاءَ وٺن ها ته ڪنڊ نه پون ها. سال 1976ع کان پوءِ 2010ع تائين سپر فلڊ نه آئي هئي. انهيءَ ڪري اهو





اطمينان ته ٻوڏ نه ايندي. ڪنڊ پوڻ جو سبب ٿيو. قوم اهڙو اطمينان برداشت نٿي ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ ٽوڙي بند تي هڪ صحتمند مثال قائم ڪرڻ کپي ته جيڪي انهيءَ جي سار سنڀال جا ذميوار آهن. سي استعيفيٰ ڏئي وڃن. اهو هڪ صحيح قدم هوندو. جو اسان هڪ قوم جي حيثيت ۾ اها ذميواري قبول ڪريون جيتوڻيڪ انفرادي طور اسان ان لاءِ ذميوار نه هجون.

- بند مينوئل ڏسڻ سان خبر پوي ٿي ته هي هڪ مڪمل ڪتاب آهي ۽ آبپاشي کاتي وارن کي انهيءَ جي سکيا لاءِ پنهنجن ماڻهن لاءِ ريفريش ڪورس ڪرائڻ کپي جيڪڏهن مينوئل تي عمل ڪيو وڃي ته ڪنڊ پوڻ جا امڪان تمام گهٽ گهٽجي سگهن ٿا. انهيءَ ۾ ٻوڏ اچڻ کان اڳ اپائن بابت پڌايل ڳالهيون چيف انجنيئر ڪان هينين عملي تائين پهچائڻ فائدي ۾ ٿيندو.
- بند مينوئل کي اپڊيٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو ڪم زاهد حسين جوڻيجو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ۾ 75 سال اڳي تارون موڪلڻ، فارم پرڻ جا طريقا ڏنل آهن. جيڪو هڪ بيلدار متين آفيسرن کي موڪليندو هو. هينئر مواصلات جا ذريعا تمام گهڻا سڌري ويا آهن. تنهنڪري انهيءَ ۾ انهن جو ذڪر ڪرڻ کپي.
- بند جي نين اسڪيمن لاءِ انهن جي هر سال سار سنڀال لاءِ پئسا هڪڙي هنڌان ملڻ کپن One Window Operation ٿيڻ کپي. انهيءَ نموني بندن جي انچارجن کي يڪدم پئسا ملي سگهندا. انهن جي مانيٽرنگ لازمي ٿيڻ کپي. جيڪا فنانس کاتي کي ڪرڻ کپي ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪم صحيح نٿو ٿئي ته اتي وڌيڪ پئسا نه ڏيڻ کپن.
- اهڙا ادارا نه ناهڻ کپن جن جا مقصد ته اعليٰ پڌايا وڃن پر اهي موجود ادارن جي ڪاپي هجن. سڄي ملڪ ۾ سول ڊفينس جو نظام موجود آهي. انهيءَ کي پنٽي ڏکيو ويو آهي. اهو گهڻي ڀاڱي جنگ جي وقت استعمال ڪيو ويو آهي. انهيءَ اداري کي چڱي طرح سامان ڏئي استعمال ۾ آندو وڃي. انهيءَ کي انهيءَ ڪم لاءِ پئسا ڏيڻ کپن ته جيئن ٻوڏ واري وقت ۾ ڪم ڪري سگهي. انهيءَ ۾ 100 کان 200 ماڻهن جو وفد هر وقت تياري ۾ هجڻ کپي. جيڪو ڪنهن آفت وقت ڪم ۾ اچي سگهجي. انهن کي ترڻ اچڻ کپي. تڏي ۽ گرم موسم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ کپي. اهي سڄي پاڪستان جي بنياد تي هجڻ کپن ۽ جتي ضرورت هجي. اتي پهچي سگهن. انهيءَ ڏس ۾ بواءِ اسڪائوٽ ۽ گرل گائيڊ جو به ذڪر ضروري آهي. هر ڪنهن اسڪول ۾ بواءِ اسڪائوٽ ۽ گرل گائيڊ جا دستا هجڻ کپن.

- اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ درياهہ ۾ ۽ بندن ويجهو حد دخليون آهن. وري درياهہ جي وچ ۾ آباديون ٿين ٿيون. اهي يڪدم بند ڪرڻ ڪپن. حد دخليون ختم ڪجن ۽ زراعت لاءِ ڏنل ليزون رد ڪرڻ ڪپن. اهي قدم ڪٽڻ مستقبل جي زيان ڪي گهٽائڻ لاءِ ضروري آهن. سرڪار ڪي اهڙي ٽيڪنالاجي ٻاهرين ملڪن ڪان گهرائڻ ڪپي. جيڪا ٻوڏ جو مقدار، ان جي رفتار ڪنهن بہ وقت ڪنهن جاءِ يا بيراج تي ٻڌائي سگهي.
- بند جي ويجهو مڇين جو تلاءُ نہ ٺاهڻ ڏنو وڃي. جو انهيءَ ڪري بند ڪي نقصان پهچي ٿو.
- بيلدار ڪان وٺي ايس ڊي او تائين ڪي پابند ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي حد ۾ بندن جي نگراني ڪري. انهن ڪي وقت جو پابند ڪجي ۽ هو انهيءَ وقت تائين بند نہ ڇڏين. جيستائين ٻيو ماڻهو نہ اچي وڃي. بندن تي مقرر عملي ڪي تجربو هئڻ ڪپي ۽ ڊيوٽي جو پابند هجڻ ڪپي. موجود بندن تي اسٽون پچنگ ڪئي وڃي.
- بند مينوئل ۾ انهن بندن جا نالا ڏنل آهن. جتي ماضي ۾ ڪنڌ پيا. انهن ڪي پيل ڪنڌن جا تفصيل باب چوٿين ۾ ڏنل آهن. اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ ٽوڙي بند ۾ 1996ع ۾ بہ ڪنڌ پيو هو. ائين ڪرڻ سان عملي ڪي بندن بابت هدايت ملندي تہ جيئن انهن بندن تي خاص ڌيان ڏين. انهيءَ سان گڏ باقي بندن جو اوترو ئي خيال رکڻو پوندو ائين ڪرڻ سان مستقبل ۾ وڏيون مصيبتون ٽري ويندين. ٽوڙي بند جي ٽوپو گرافي ڦرنڊڙ گهرنڊڙ آهي. جڏهن تہ مولچند شاهہ بندر جي ڪوٽ آلمو وٽ هڪ ڪري آهي. ٽوڙي بند ۾ پيل ڪنڌ سامهون ڪچي ۾ ڄام سونهارو چاچڙ جو ڳوٺ آهي. انهيءَ لاءِ حالتون ٺيڪ ڪرڻ ڪپن اتي سروي ڪرائي بند جي ويجهو ٿهيل ڳوٺن ڪي ختم ڪرائڻ ڪپي. جتي بہ بند ويجهو يا درياهہ ۽ بند وچ ۾ انساني آباديون هن. اهي ختم ڪرائڻ ڪپن.
- ٻيلي ڪاتي جون زمينون سياسي بنيادن تي آبادي لاءِ ماڻهن ڪي ليز تي ڏنيون ويون آهن. انهن ڪي ختم ڪرڻ ڪپي ۽ مستقبل ۾ ائين نہ ڪيو وڃي. جو وڻ ختم ٿيڻ ڪري زمين ڍري ٿي وڃي ٿي ۽ موسمي ڦير گهير ڪري انهيءَ ڪي نقصان پهچي ٿو.
- سال 2010ع ۾ سرڪار چونڊيل نمائندن ۽ ڊي ايم جي گروپ وارن ڪي حرڪت ۾ آندو تہ جيئن احتياطي تبديرو وٺن تہ ٻوڏ ڪي منهن ڏئي سگهن. اسان ڏسون ٿا تہ جيتوڻيڪ پوريون ڪوششون ڪيون ويون. جنهن ۾ فوج ۽ پوليس بہ شامل هئي. پر خاص پلان نہ هجڻ ڪري اهي بهترين ڪيل ڪوششون ضايع ٿي ويون





اين ڊي ايم اي يعني نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي ڪي هڪ تفصيلي پلان جوڙڻ ڪپي. جنهن پلان تي عمل ان جي لاءِ لازمي هجي. اهو پلان سڄي پاڪستان لاءِ ٺاهڻ ڪپي. سول ڊفينس واري عملي ڪي بہ چست ڪرڻ ڪپي. آفتن ڪي منهن ڏيڻ وارو پروگرام تعليمي ڊفينس وارن ڪي ضلعن، تعلقن ۽ ديهہ سطح تي ڪرڻ ڪپن.

## ڪنڌ بابت رپوٽ جو تجربو:

رپوٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻئي ڪنڌ هٿرادو نہ هئا ۽ ٻئي ڪنڌ ”گڏيل غفلت“ جي ڪري پيا (يعني ڪو بہ ماڻهو اڪيلو سر جوبدار ناهي) منهنجي خيال ۾ چيف انجنيئر ڪان بيلدار تائين سڀ جوابدار آهن. ڪميشن جا ٻئي ميمبر قانوني ماڻهو آهن ۽ ڪو بہ فني ماهر انهن سان گڏ نہ هو، جيڪو ٻڌائي تہ بند اور ٿاپ ٿيڻ جي آبپاشي وارن ڪي اڳ ۾ ئي خبر رکڻ ڪپندي هئي. ۽ انهيءَ ڪي منهن ڏيڻ جا اپاءَ وٺڻ ڪپندا هئا. وري ٽوڙي بند پٺيان لوپ بند هيو. اهو ڇو نہ ڀريو ويو؟ اجا ٻيو لوپ بند بہ بي ايس فيڊر جي صورت ۾ هيو. ٽوڙي بند ٽٽڻ جي صورت ۾ لوپ تي ٻوڏ واري پاڻيءَ ڪي روڪڻ ڪپندو هو. وري مولچند شاهہ بندر تي روڻ پئي. جيڪا وقت سر نہ ٻڌي وئي ۽ هوريان هوريان اها ڪنڌ ۾ تبديل ٿي وئي. اتي بہ لوپ بند هو. اهو ڇو نہ ڀريو ويو؟ فرنٽ ڪنڌ ٽٽڻ جي صورت ۾ لوپ ڪي پاڻي روڪٽو هو، منهنجي راءِ ۾ ٻئي ڪنڌ محڪمي جي نااهلي ڪري پيا ۽ داروغي ڪان وٺي چيف انجنيئر تائين سڀئي ان جا ذميوار آهن. ڪميشن ڪي ذميوار مقرر ڪرڻ ۾ مول متو ڪو نہ ڏنو ويو، تنهنڪري هنن ”گڏيل غفلت“ جو اکر استعمال ڪيو آهي.

## ڪميشن جو شفارشون:

پهرين ڳالهہ، جيڪا هنن چئي آهي. اها آهي تہ ٽوڙي بند تان سڀ ماڻهو از خود استعيفيٰ ڏئي وڃن. از خود ڪير استعيفيٰ ڏيندو؟ ٻيون ڳالهيون سٺي حاڪميت بابت آهن تہ بند جي اسٽاف ڪي ڊيوٽي جو پابند بڻايو وڃي. ڪچي ۾ حد دخليون نہ ٿيڻ ڪپن. ڪچي ۾ ٻيلي ڪاتي جون زمينون ليز تي نہ ڏنيون وڃن. وغيره اهي سڀ ڳالهيون ٺيڪ آهن. پر اسان جي سياسي نظام ۾ ڪنهن بہ حڪومت پاران انهن تي عمل ڏڪيو آهي. مستقبل ۾ انهن ڪنڌن ڪان بچڻ جو رڳو هڪڙو طريقو آهي. ۽ اهو آهي احتساب جيڪڏهن سخت سزائون ڏنيون وڃن تہ اڳتي اهي خطرا گهٽي ڀاڱي گهٽائي سگهجن ٿا.

## چيف منسٽر صاحب جون رپورٽ تي ڪيل ڳالهيون:

چيف منسٽر صاحب رپورٽ پڙهي ڪندي هيٺيون ڳالهيون ڪيون:

- چيف انجنيئر گڊو بيراج کي عارضي طور بدلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.
- رپورٽ سپريم ڪورٽ کي موڪلي ويندي.
- ٽوڙي بند تي مقرر انجنيئر کان وٺي بيلدار تائين سڀني کي معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.
- معطل ٿيل عملي تي ٻيهر انڪوائري ڪرائي ويندي.

چيف منسٽر صاحب جي ڪجهه ڳالهين تي عمل ٿي ويو آهي ۽ ڪجهه تي عمل ٿئي پيو. مٿين رپورٽ جي پسمنظر ۾ چيف منسٽر جي ڪيل ڳالهين کان پوءِ هيٺان سوال اڀرن ٿا:

- ڪنڌ ٽوڙي ۽ مولچند شاهه بندر بندن کان علاوه گڊو بيراج جي ڪاڇي مٿاهين مارجنل بند ۽ ٺٽي ويجهو پنا- بگهاربند تي به پيا ڇا اتي جاچ ڪرڻ جي ضرورت ناهي؟
- جيستائين ڪنڌ پوڻ جي جوابداري مقرر نه ڪرائي وڃي ۽ جوابدارن تي ايڪشن نه ڪنيو وڃي. ڇا ايندڙ سال ايندڙ ساڳي نموني جي ٻوڏ ۾ اهي آفيسر بند بچائي سگهندا؟

منهنجي ذاتي راءِ ۾ جيستائين سڀني ڪنڌن جي انڪوائري انهيءَ مول متي جي بنياد تي نه ڪرائي ويندي ته جوابدار ڪير آهي. ۽ انهن کي سيڪت نه ملندي ته کاتي جا عملدار سنجيده نه ٿيندا ۽ ايندڙ ٻوڏ ۾ هن سال کان وڌيڪ ڪنڌ پوندا ۽ وڌيڪ نقصان ٿيندا. يعني هن سال ته رڳو 11 لک گهر ڊٺا آهن ۽ رڳو 72 لک ماڻهو بي گهر ٿي تنبن ۾ روڊن، بندن تي ترسيل آهن. ٻئي سال انهيءَ کان وڌيڪ گهر ڊهندا ۽ وڌيڪ ماڻهو دربدر ٿيندا. مالڪ شل سنڌ وارن کي انهيءَ آفت کان بچائي.

Sindhica Academy



# ٻڏل علائقن مان پاڻي نيڪال جو ڪم ڪٿي پهتو؟

**محمد ادريس راجپوت**

سنڌ آبپاشي کاتي مطابق ٻوڏ هيٺ آيل علائقن مان 88 سيڪڙو پاڻي نيڪال ٿي چڪو آهي. جڏهن ته يورپي يونين جي هڪ نمائندي مطابق ٻوڏ جو پاڻي ختم ٿيڻ ۾ اڃا ڇهه مهينا لڳندا. اچو ته ٻنهي خبرن جا ڪجهه تفصيل ڏسون.

چون ٿا ته آبپاشي کاتي وارن بحالي واري صوبائي وزير مظفر علي شجراع ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ غلام علي پاشا کي ٻوڏ هيٺ آيل علائقن مان پاڻي ڪڍڻ بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٻوڏ هيٺ آيل 247 ميل ڊگهي ايراضي کي پاڻي ڪڍڻ جي خيال سان پنجن حصن ۾ ورهايو ويو هو. جيڪا ڪشمور، شڪارپور، جيڪب آباد، قمبر- شهدادڪوٽ، دادو ۽ ڄامشورو ضلعن ۾ پکڙيل هئي. پهرين حصي ۾ ڪشمور ۽ شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جو ڪجهه ٽڪرو اچي وڃي ٿو، ٻئي حصي ۾ ٽنهي ضلعن يعني جيڪب آباد، شڪارپور ۽ قمبر-شهدادڪوٽ جا ڪجهه ٽڪرا اچي وڃن ٿا، ٽئين حصي ۾ قمبر-شهدادڪوٽ ۽ دادو ضلعن جا ڪجهه ٽڪرا اچي وڃن ٿا. جڏهن ته پنجين حصي ۾ دادو ۽ ڄامشورو ضلعن جا ٽڪرا اچي وڃن ٿا. 4 نومبر کان 4 ڊسمبر تائين يعني هڪ مهيني ۾ پاڻي جو نيڪال هن ريت رهيو.

| حصو | پاڻي نيڪاليءَ جو سيڪڙو |
|---|---|
| پهريون | 83 سيڪڙو |
| ٻيو | 90 سيڪڙو |
| ٽيون | 97 سيڪڙو |
| چوٿون | 73 سيڪڙو |
| پنجون | 94 سيڪڙو |
| ڪُل | 88 سيڪڙو |

www.sindhsalamat.com

پهرين حصي مان پاڻي ڪڍڻ جو حدف 9 نومبر، ٻئي حصي جو 17 نومبر، ٽئين حصي جو 26 نومبر، چوٿين جو 4 ڊسمبر هو ۽ پنجين جو 19 ڊسمبر هو، هنن ڪي 95 سيڪڙو پاڻي ڪڍڻو هو جيتوڻيڪ پهرين چئن حصن مان مقرر ٿيل تاريخن تي پاڻي نه نڪري سگهيو آهي. پر ڪل حاصلات ٺيڪ آهي. يعني 88 سيڪڙو ۽ 95 سيڪڙو حدف ۾ رڳو 7 سيڪڙو رهيل آهي. انهيءَ هوندي به شجراع صاحب ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ رفتار وڌائڻ جو چيو. تنهن کان پوءِ آبپاشي واري وزير ڄام سيف الله ڌاريجي 11 ڊسمبر تي دادو ۾ سيني واسطيدار کاتي جي آفيسرن جي هڪ گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ وري واهن ۽ بندن ۾ لڳل ڳهارن کي بند ڪرڻ ۽ پاڻي نيڪال جو جائزو ورتو ويو. وزير صاحب پاڻي نيڪال جو ڪم 31 ڊسمبر تائين پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وري اچو يورپي يونين تي، انهيءَ جي نمائندي پيٽرزنگل علائقن جو دورو ڪرڻ کان پوءِ چيو ته ”سنڌ جا ڪجھ حصا اڃا تائين پاڻي ۾ ٻڏل آهن. جتي اهي ماڻهو، جن جا گهر ٻوڏ ڪري ٻڏل آهن. اڃا روڊن تي ڪيمپن ۾ وينا آهن. انهن جا فصل ٻوڏ ٻوڙي ڇڏيا آهن. ٻوڏ جي پاڻي مان جان ڇڏائڻ جو رڳو هڪ طريقو آهي ته پاڻي ٻاڦ ٿي اڏري وڃي. اهو بيٺل پاڻي جي عميق ۽ موسمي حالتن تي مدار رکي ٿو، جنهن ۾ 2 کان 6 مهينا لڳي سگهن ٿا.“ هڪڙي پاسي آبپاشي وارا چون ٿا ته 88 سيڪڙو پاڻي نڪري ويو آهي. ٻئي پاسي يورپي يونين جو نمائندو چوي ٿو ته انهيءَ کي نڪرڻ يا سڪڻ ۾ 2 کان 6 مهينا لڳندا. سيٽلائيٽ تان نڪتل فوٽن مان خبر پئي ٿي ته اڃا ڪيترن علائقن م پاڻي بيٺو آهي. وري ڪيترن علائقن جا ماڻهو مون کي فون ڪري ٻڌائن ٿا ته انهن جون ايراضيون اڃا ٻڏل آهن. پوءِ اهو ڪيئن چيو وڃي ٿو ته 88 سيڪڙو پاڻي نڪري ويو آهي ۽ 31 ڊسمبر تائين سڄو پاڻي نڪري ويندو؟

اهو معلوم ڪرڻ لاءِ مون آبپاشي وارن سان رابطو ڪيو ۽ سيٽلائيٽ تان نڪتل پراڻا ۽ نوان فوٽو جن کي اميجري چون ٿا ڏنم، خبر پئي ته انهيءَ ۾ سوچ جو فرق آهي، آبپاشي کاتي وارا انجنيئر آهن. هو پاڻي ڪڍڻ جو حساب حجم (Volume) تي رکن ٿا. جڏهن ته عام ماڻهو ۽ سيٽلائيٽ وارا فوٽو ايراضي ڏيکارين ٿا. آبپاشي وارن جي سوچ اها آهي ته ٻڏل علائقن ۾ هيترو پاڻي جو حجم بيٺو آهي ۽ هنن کي انهيءَ جو 95 سيڪڙو ڪڍڻو آهي. باقي 5 سيڪڙو ڪڏن کوٻن ۾ پوءِ به بيٺو رهندو ۽ ڪڍي نه سگهبو. مان هنن کان پڇيو ته 247 ميلن ۾ بيٺل پاڻيءَ جي حجم جي اوهان کي ڪيئن خبر پوي ٿي؟ هنن ٻڌايو ته هو سپارڪو کان سيٽلائيٽ جا فوٽو وٺن ٿا، جن ۾ بيٺل پاڻي جدا رنگ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ بيٺل پاڻيءَ جي ايراضي





هنن کي سپارڪو وارا ڪڍي ڏين ٿا. تنهن کانپوءِ هو فيلڊ وارن ماڻهن کان مختلف هنڌن تي پاڻي جو عميق معلوم ڪن ٿا ۽ سپارڪو وارن جي ڏسيل ايراضيءَ کي مختلف حصن ۾ ٻڌايل عميق مان ضرب ڏيڻ سان پاڻي جو حجم معلوم ٿي وڃي ٿو. هنن کي روز سيٽلائيٽ جا فوٽو ملن ٿا. جنهن مان ٻوڏ واري بيٺل پاڻيءَ جي ايراضي به ملي ٿي.

فيلڊ وارن ماڻهن کان مختلف هنڌن تي پاڻي جو عميق معلوم ڪري هو هر روز پاڻي جو حجم معلوم ڪن ٿا. مثال طور هنن جيڪو ٻڌايو آهي ته 88 سيڪڙو پاڻي 4 ڊسمبر تائين نڪري ويو آهي ته انهيءَ جو حساب ڪتاب هن طرح آهي: 4 نومبر تي سيٽلائيٽ جي فوٽن مطابق ٻڌايل ٻڏل ايراضي جو حجم فيلڊ ۾ ٻڌايل عميق مطابق 1.75 ملين ايڪڙ فوٽ هو، وري هنن 4 ڊسمبر تي سيٽلائيٽ فوٽن مطابق ٻوڏ واري پاڻيءَ جي ايراضي ورتي ۽ فيلڊ وارن ماڻهن جي ٻڌايل عميق سان ضرب ڏئي 4 ڊسمبر تي بيٺل پاڻيءَ جو حجم ڪڍيو، جيڪو 0.201 ملين ايڪڙ فوٽ بچيو، معنيٰ هڪ مهيني ۾ 1.549 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڪڍيو ويو، جيڪو 88 سيڪڙو ٿئي ٿو، وري جنهن ايراضي ۾ پاڻي بيٺو رهيو، اها ڪجھ هن ريت رهي. سيٽلائيٽ فوٽن مطابق 4 نومبر تي ٻڏل ايراضي هئي 7 لک 92 هزار ايڪڙ-آبپاشي کاتي وارن مختلف حصن مان واهن. سم نالين. ايم اين وي ڊرين ۽ منڇر رستي سنڌو ۾ پاڻي ڪڍيو 9 ڊسمبر تي- سيٽلائيٽ نقشن مطابق جنهن ايراضي تي پاڻي بيٺو هو، سا هئي 3 لک 93 هزار ايڪڙ، يعني انهيءَ وقت ۾ 3 لک 99 هزار ايڪڙ ايراضي مان پاڻي نڪري ويو. معنيٰ 51 سيڪڙو ايراضي مان پاڻي نڪري ويو، پر 49 سيڪڙو ايراضيءَ ۾ پاڻي بيٺو رهيو، آبپاشي کاتي وارا چون ٿا ته 88 سيڪڙو پاڻي نڪري ويو آهي، پر سيٽلائيٽ فوٽن مطابق رڳو 51 سيڪڙو ايراضي مان پاڻي نڪري ويو آهي. پوءِ ڪير صحيح آهي. ڪير غلط؟

ڳالھ ڪندا آهن ته هڪ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ڪنهن واھ تي پهتو. جتي ڪراس ڪرڻ لاءِ پل نه هئي. هو واھ ٽپي ٻئي پر وڃڻ پيو چاهي. پر تارو ڪو نه هو، پرسان ئي هڪ آبپاشي کاتي وارو سرويئر واھ جو ڊسچارج پيو وٺي، جنهن ۾ واھ جو عميق به ونٽو هجي ٿو. هن همراھ آبپاشي واري سرويئر کان پڇو ته واھ جو عميق ڇا هو؟ هن ٻڌايو ته واھ جو سراسري عميق ساڍا چار فوٽ هو، همراھ سوچيو ته هن جو قد 5 فوٽ 3 انچ هو، سو سولائيءَ سان ٻئي پر پهچي ويندو. اهو سوچي واھ ۾ گهڙي پيو، جڏهن وچ سير جي ويجهو ٿيو پاڻي ته ڳچي تائين اچي ويو، رڙ ڪري سرويئر کي چيائين ته ”ميان تو ته ٻڌايو هو ته واھ جو عميق ساڍا چار فوٽ آهي. پر مان ته 5 فوٽ

3 انچن وارو آهيان ۽ ٻڏان پيو؟ سرويئر ورندي ڏني ته ”تون ٻڏين ٿو يا نه منهنجو واسطو ڪونهي، پر منهنجو حساب صحيح آهي ته واهه جو سراسري عميق ساڍا چار فوٽ آهي.“

هڪ ميز تي گلاس رکيل هو، جيڪو اڌ ڀريل هو، هڪڙي همراهه چيو ته گلاس اڌ ڀريل آهي. ٻئي چيو ته گلاس اڌ خالي آهي. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي سوچ ۾ فرق ٿئي ٿو، ٽيڪنيڪل ماڻهو ٽيڪنيڪل ٻولي ڳالهائين ٿا. غير ٽيڪنيڪل سادي ٻولي ڳالهائين ٿا. ٻئي صحيح آهن. پر اڀوجهه ۽ سادن ماڻهن کي ڪن جي ٽيڪنيڪل سوچ سبب تڪليف پهچي ٿي. حجم جي لحاظ کان 88 سيڪڙو پاڻي نڪري ويو ۽ رڳو 12 سيڪڙو بيٺو آهي. پر جن ماڻهن کي پنهنجن گهرن ڏي موٽڻو آهي، تن جو حجم سان ڇا؟ هنن کي ته سڪل زمين کپي، جنهن تي ٻيهر پنهنجا گهر ٺاهي سگهن ۽ آبادي ڪري سگهن. جيڪڏهن زمين تي فوٽ به پاڻي هجي ته نه گهر ٺهي سگهن ٿا، نه وري آبادي ٿي سگهي ٿي، پوءِ جڏهن اڃا 3 لک 93 هزار ايڪڙن ۾ پاڻي بيٺو هجي ته ماڻهن کي رليف ته نه مليو. ٻڏل ايراضين وارن ماڻهن کي ته تڏهن رليف ملندو. جڏهن سيني ايراضين مان پاڻي نڪري ويجي. آبپاشي کاتي وارن جي مجبوري اها آهي ته هڪ ته ڪجهه زور وارا ماڻهو پاڻي ڪڍڻ نٿا ڏين. ٻيو سڄو پاڻي قدرتي وسيلي ڪڏي نٿو سگهجي.

ڪاوش اخبار جي خبر مطابق وزير آبپاشي جڏهن دادو ۾ ويو هو ته آبپاشي کاتي جي هڪ انجنيئر عبدالغفور ٻڊايو ته هڪ هفتي جي رات ڏينهن محنت کان پوءِ ميرو خان ڊرين جي زيرو پوائنٽ تي آر بي او ڊي کي لڳل گهارو هنن بند ڪيو ته جيئن دادو ضلعي ڏانهن وهندڙ پاڻيءَ کي روڪي حمل ڍنڍ ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي ته جيئن دادو ۽ ڄامشورو ضلعن مان پاڻي نيڪال ٿي سگهي. پر ملڪ غيبي خان چانڊيو ۽ سندس سوين هٿياربندن ڏينهن ڏٺي جو حملو ڪري لکين رپين جي مڇي مارڻ جي خاطر اهو بند ٿيل گهارو ٽوڙي ڇڏيو ۽ غير قانوني پاڻيءَ جو گذر دادو طرف هلي رهيو آهي. جنهن تي واپڊا اسڪارپ جي جي ايم علي شير بلوچ دانهيو ته اهو گهارو ٽوڙڻ سان دادو ضلعي مان پاڻيءَ جو نيڪال ڪنهن به صورت ۾ نه ٿي سگهندو ۽ اهو فوري طور بند ڪري هٿياربندن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي. انهيءَ ڳالهه جو ٻيو قصو اهو ٿو ٻڌايو وڃي ته هي ڪم ميرو خان ڊرين جي ڪن زور وارن ٻروچن ڪيو هو. جو هنن کي خطرو هو ته ميرو خان ڊرين فل هلائي ويندي. جنهن ڪري انهيءَ جي ٽٽڻ جو خطرو هو ۽ هنن جا گهر ٻڏن ها. ٻئي پاسي ڳڙهي خيرو شهر جي اوپر واري پاسي جيڪو پاڻي بيٺو آهي. اتي ڪي ماڻهو هڪ روڊ کي ڪٽ هڻڻ





نٿا ڏين ته اهو پاڻي نڪري وڃي. پر ڪٽ نه هڻڻ ڏيڻ جي ڪري اهو پاڻي نٿو نڪري سگهي.

آبپاشي کاتي وارا ٻوڏ جو بيٺل پاڻي واهن. سم نالين ذريعي قدرتي وهڪرو ڪرائي ايم اين وي ڊرين ۾ آڻي منڇر ڏي ورائن ٿا. جتان اهو درياءَ ۾ هليو وڃي. جيڪڏهن زمينن تي بيٺل پاڻي جي ليول ايتري هيٺ ٿي وڃي جو اهو از خود وهي واهن ۽ سم نالين ۾ نٿو اچي سگهي ته هو اهو پاڻي نه ڪڍي سگهندا. جو اهو پمپ ڪرڻ ڪانسواءِ واهن ۽ سم نالن ۾ نٿو وڃي سگهي. پر آبپاشي کاتي جو اهو ڪم ناهي. هنن وٽ انهيءَ ڪم لاءِ نه پمپ آهن. نه مهارت، سم نالين جي نيڪال واري جاين تي پمپ لڳل آهن. پر اهي پڪي طرح لڳل آهن. جيئن گهاڙ پمپنگ پوائنٽ، وري پمپن جي لحاظ کان مهارت ۽ پمپ آءِ ايم اي IMA وارن وٽ آهن، پر اهي رڳو شهرن مان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ آهن. پوءِ زمينن ۾ بيٺل ٻوڏ جو اهو پاڻي. جيڪو هيٺ هجڻ ڪري واهن ۽ سم نالين وسيلي نڪري نٿو سگهي. انهيءَ کي ڪير ڪڍي؟ جيڪڏهن انهن ايراضين کي سڪڻ لاءِ ڇڏيو وڃي پوءِ ته يورپي يونين جي نمائندي مطابق انهيءَ ۾ 2 کان 6 مهينا لڳندا. پوءِ يا ته اسان انهيءَ جي سڪڻ جو انتظار ڪيون يا انهيءَ کي ڪڍڻ جو ڪو بندوبست ڪيون.

حڪومت ڇالاءِ هوندي آهي؟ ته ماڻهن جون ڏکيائون دور ڪري ۽ انهن کي سهولتون پهچائي. جيڪڏهن اهو ڪم هڪڙو کاتو نٿو ڪري سگهي ته ٻن ٽن کاتن کي گڏي اها ذميواري ڏني وڃي. ٻوڏ جا بدحال، بڪايل، بيروزگار ۽ بيمارين جا ماريل ماڻهو جلد پنهنجن ماڳن ڏي موٽڻ چاهين ٿا، پنهنجون زمينون آباد ڪرڻ چاهين ٿا. پر اهو تڏهن ٿيندو. جڏهن حڪومت ڪيئن به ڪري انهن جي زمينن کي ٻوڏ جي بيٺل پاڻي کان خالي ڪرائيندي.

# جاچ ڪميشن جي سفارشن تي عمل ڪير ڪرائيندو؟

اختيار کوکر

ڪشمور ضلعي وارو ٽوڙي بند 7 آگسٽ 2010ع تي ٽٽو ۽ ٺٽي ضلعي واري ايم ايس بند کي 26 آگسٽ تي گهارو پيو، حڪومت کي فوري طور تي انهن سانحن جي جاچ شروع ڪرائڻ گهربي هئي. پر بند ٽٽڻ کي قدرتي آفت قرار ڏئي سنڌ ۾ تاريخي تباهي جو سبب بڻيل تاريخي نوعيت جي غفلتن ۽ لاپرواهين تي پردو وجهي معاملي کي لٽ مٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سخت عوامي ۽ سياسي دٻاءُ پوڻ تي ڏيڍ مهيني ڪان پوءِ 30 سيپٽمبر 2010ع تي صوبائي حڪومت ٻن رٽائرڊ ججن تي ٻڌل ڪميشن جوڙڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. سنڌ ۾ بندن کي پيل گهارن جي جاچ لاءِ جوڙيل ڪميشن پنهنجي رپورٽ جي فائنڊنگس ۾ چيو آهي ته ٽوڙي بند ۽ ايم ايس بند کي ڪو به هٽرادو ڪٽ نه ڏنو ويو آهي. گهارا قدرتي هئا پر گهٽا عنصر گڏجي انهن گهارن جو سبب بڻيا. بندن جي ٽٽڻ کي صوبائي آبپاشي کاتي جي گڏيل غفلت قرار ڏنو ويو آهي. ساڳي وقت صوبي کي بندن جي ٽٽڻ ۽ ٻوڏ ڪان بچائڻ لاءِ سنڌ ۾ صوبائي يا ضلعي سطح تي ڪو به باقاعده پلان نه جڙڻ ۽ بندن جي سار سنڀال لاءِ مناسب رقمون جاري نه ٿيڻ نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي، صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي ۽ ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي پاران ٻوڏ ڪان بچڻ جي مناسب تياري نه ڪرڻ پڻ گڏيل غفلت جو حصو ڄاڻايو ويو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته دنيا ۾ جتي به اهڙيون آفتون ايندبون آهن. اتان جون لاڳاپيل ذميوار اختياريون پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي ذميواري پنهنجي سر مٿان ڪٽي عهدن تان استعيفي ڏئي ڇڏينديون آهن. پر پاڪستان ۾ اهڙي روايت جي کوٽ رهي آهي. رپورٽ ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته ٽوڙي بند جي سار سنڀال لهڻ ۽ ان کي مضبوط رکڻ جي ذميوار اختيارين کي استعيفيٰ ڏئي ڇڏڻ گهرجي. جيئن فخر سان چئي سگهجي ته اسان اهڙا قوم آهيون، جنهن جا ماڻهو گڏيل ذميواري محسوس ڪندي استعيفيٰ ڏيڻ جي اخلاقي جرئت به ڪري سگهون ٿا.

ڇا ان جو مطلب ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو نڪري ٿو ته جيڪي به اختياريون يا





سرڪاري عملدار تاريخي غفلت جا ذميوار آهن. انهن جي حڪومت ۽ انتظامي ڍانچي ۾ وڏيڪ ڪا به ضرورت ناهي؟ ٻيو ته جيڪڏهن پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏي قومي ڏوهه ڪرڻ يا قومي نوعيت جي تباهي آڻيندڙ غفلت جو مظاهرو ڪرڻ تي عهدو ڇڏڻ جي روايت ناهي رهي ته پوءِ جن ماڻهن کي نظام ۾ وڌيڪ رکڻ جي ضرورت نه هجي ته انهن مان نظام جي جان ڇڏائڻ لاءِ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو رستو بچي ٿو ته قانون ۽ قاعدن موجب ڪارروائي ڪندي نوڪريءَ مان برطرف ڪرڻ ۽ جبري رٽائر ڪرڻ وارن قانونن کي حرڪت ۾ آڻجي. يا ذميوار اعليٰ اختيارين ڪان سياسي فيصلي هيٺ عهدا ڇڏرائجن. ڪميشن جي ان رپورٽ جو جائزو وٺڻ لاءِ سپريم ڪورٽ پهريان ئي هڪ ئي ڪميشن جوڙي ڇڏي آهي. ان ڪري اسان صوبائي حڪومت پاران پنهنجي ماتحت ٻن ادارن ۾ ويٺل ٻن رٽائر ججن تي ٻڌل ڪميشن جي ان رپورٽ جي صحت تي وڌيڪ بحث نٿا ڪريون، پر صرف اهو ڏسڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ته جڏهن سنڌ حڪومت ان رپورٽ کي ميجي ورتو آهي ۽ صوبائي حڪومت پاران ڪيل ڪارروائيءَ طور ڪميشن جي رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ به جمع ڪرائي ڇڏي آهي ته حڪومت پاڻ ان رپورٽ جي بنياد تي ڪهڙي ڪارروائي ڪئي آهي. سنڌ حڪومت ان رپورٽ تي ڪاروائي ڪندي هن وقت تائين صرف آبپاشي کاتي جي 18 هين گريڊ جي ايگزيڪيوٽو انجنيئرن کي مقرر، 17 هين گريڊ جي ٻن اسسٽنٽ محمد رفيق قريشي ۽ نبي ڏنو وساڻ ۽ 17 هين گريڊ جي اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن جي عهدن تي مقرر ٿيل 16 هين گريڊ جي ٻن سب انجنيئرن شهاب الدين پٺي ۽ عبدالرزاق قريشي کي معطل ڪيو آهي. جڏهن ته گڊو بئراج جي چيف انجنيئر کي عهدي تان هٽائي آبپاشي کاتي ۾ ويهاريو ويو آهي، ۽ ڪميشن جي رپورٽ ڪان پهرين ڪوٽڙي بئراج جي چيف انجنيئر منظور شيخ کي بدلي ڪري 29 ارب رپيا لاڳت واري رٽا آر بي او ڊي جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر بڻايو ويو آهي. ڪوٽڙي بئراج جي لاڳاپيل 19 هين گريڊ جي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر احمد جنيد ميمڻ کي صوبائي آبپاشي کاتي ۾ پاڻيءَ جي معاملن بابت صلاحڪار واري 20 هين گريڊ جي عهدي تي رکيو ويو آهي. ٽوڙي بند جي ان وقت واري ۽ جاچ رپورٽ ۾ غفلت جي سڀ ڪان وڌيڪ شاهدين ۽ الزامن هيٺ آيل گڊو بئراج جي اڳوڻي چيف انجنيئر ۽ اڳوڻي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر کي بدلي ڪري آبپاشي کاتي ۾ ويهاريو ويو آهي. انتظامي حوالي سان ڪنهن آفيسر کي هڪ هنڌان بدلي ڪري ٻئي هنڌ مقرر ڪري ڇڏڻ يا رپورٽ ڪرائي هيڊ آفيس ۾ ويهاري ڇڏڻ ڪنهن ڳڻڻ جهڙي ڪارروائي جي دائري ۾ نٿو اچي. ان ڪري ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته حڪومت جي پنهنجي رپورٽ موجب صوبي جي 70 لک ڪان وڌيڪ ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ هنن جي اڻ ڪٿ ڏکن ۽ سورن جو سبب بڻيل چار سئو ڪان وڌيڪ ماڻهن ڪان جانيون کسي وٺڻ، هزارين شهرن ۽ ڳوٺن ۽ ٻارهن لکن ڪان وڌيڪ گهر تباهه

ڪرڻ سميت ڪل اٽڪل ساڍا ٽي سئو ارب رپين نقصانن ڏيندڙ ۽ سنڌ کي ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين معاشي حوالي سان پوئتي ڌڪي ڇڏيندڙ وڏي ٻوڏ جي ڪرايل جاچ جي نتيجي ۾ ان جي تصديق ٿي وئي آهي تہ اها صرف هڪ قدرتي آفت نہ هئي. سنگين نوعيت جي انساني غفلت جا گھڻا عنصر پڻ ان تباهي جو بنياد بڻيا آهن ۽ جڏهن گڏيل غفلت جو ٽرم استعمال ٿئي ٿو تہ ان سان مجموعي طور تي حڪومت ۽ سڀئي لاڳاپيل حڪومتي ادارا ان جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا.

دنيا اندر انساني تباهي آڻيندڙ اهڙين غفلتن تي انقلاب اچي ويندا آهن. حڪومت جا تختا اونڌا ٿي ويندا آهن. ڪيس داخل ٿي ويندا آهن. الزام هيٺ آيل ماڻهن سان جيل ڀرجي ويندا آهن. عدالتون حرڪت ۾ اچي وينديون آهن. پر هتي هن وقت تائين صرف ڪجھ بيلدارن. داروغن. 17 هين گريڊ جي ٻن ۽ 16 هين گريڊ جي ٻن هيٺين آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. اهم سوال اهو بہ آهي تہ جڏهن ڪميشن جي جاچ رپورٽ ۾ گڏيل غفلت جو ٽرم استعمال ڪندي بيلدار کان وٺي مٿي تائين سڀني لاڳاپيل آفيسرن ۽ اختيارين کي هڪ جيترو ذميوار قرا ڏنو ويو آهي تہ پوءِ ڪارروائي ڪرڻ ۾ فرق ڇو پيو رکيو وڃي؟ ڪارروائيءَ جو نزلو صرف چند هيٺين ملازمن تي ڪيرائي معاملي کي لئہ مٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڇو پئي ڪئي وڃي؟ آبپاشي کاتي جا پاليسي ۽ انتظامي معاملا هلائڻ وزير ۽ سيڪريٽري جي ذميواري آهي تہ وري بندن جي سار سنڀال لهڻ، مرمت جا ڪم ڪرائڻ ۽ ٻوڏ کان بندن کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ ذميواري چيف انجنيئر جي ٿئي تہ پوءِ سڀ کان پهرين ڪارروائي بہ مٿان کان شروع ٿيڻ گھرجي. ايم اين اي عبدالواحد سومرو ۽ ٻيا ذميوار ماڻهو بہ پنهنجي شاهدين ۾ ضلعي ۾ ٻوڏ جي آيل تباهي ۽ بندن جي سار سنڀال نہ لهڻ جو ذميوار گڏريل ڇهن سالن کان ڪوٽڙي بئراج جي چيف انجنيئر جي عهدي تي ويٺل کي قرار ڏئي رهيا آهن. پر خبر ناهي تہ هنڪي کهڙين خدمتن جي عيوض ڪارروائيءَ کان بچائيندي هڪ ٻئي وڏي رتا جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح سان ساڳيو سوال آبپاشي کاتي ۾ صلاحڪار واري چيف انجنيئر جي عهدي تي او پي ايس بنياد تي مقرر ڪيل سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي حوالي سان پيدا ٿئي ٿو يا معطل ڪرڻ بدران رپورٽ ڪرائي کاتي ۾ ويهاريل گڊو برائج جي چيف انجنيئر ۽ سپرنٽنڊنٽ انجنيئر بابت پڻ اهڙو ئي سوال ذهنن ۾ اڀري ٿو.

سنڌ جي وڏي وزير 8 ڊسمبر 2010ع تي ڪميشن جي رپورٽ پڌري ڪرڻ واري پريس ڪانفرنس ۾ چيو تہ رپورٽ موجب بند ٽٽڻ ۾ لاڳاپيل ڪامورن جي غفلت پڻ شامل آهن. هن انهن ڪامورن کي مشورو ڏنو تہ هو عهدن تان استعيفيٰ ڏئي وڃن ۽ چيو تہ غفلت ۾ ملوث انجنيئرن ۽ ملازمن کي معطل ڪري ڪارروائي ڪئي ويندي، پر اتي ئي اهو بہ چيو تہ ٽوڙي بند کي سنڀاليندڙ گڊو بئراج جي چيف





انجنيئر کي عارضي طور تي عهدي تان هٽايو ويندو. ان مان ئي اندازو ٿي ويو هو تہ حڪومت ڪميشن جي رپورٽ تي ڪهڙي قسم جي ڪيتري سخت ڪارروائي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي ۽ اهو پڻ محسو س ٿيو تہ آبپاشي کاتي جو هڪ چيف انجنيئر ڪيترو بااثر ٿئي ٿو، جو جاچ رپورٽ ۾ هڪ وڏي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ بابت غفلت جون شاهديون رڪارڊ تي اچي وڃڻ باوجود صوبي جي وڏي وزير کي بہ هن کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ "عارضي طور هٽائڻ" جا لفظ استعمال ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪيس عهدي تان هٽائڻ جي اعلان کي بہ هفتا گذري وڃڻ باوجود هن کي عهدي تان نہ هٽايو ويو. تيستائين هن کي سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ سبب آبپاسي نظام جي ڪئنالن ۽ واهن کي پهتل نقصانن جي ابتدائي بحالي واري پروگرام لاءِ جاري ڪيل هڪ ارب رپين جي رقمائن جا ٺيڪا ڏيڻ وارو مرحلو پڻ مڪمل ڪرڻ جو بہ موقعو ملي ويو. آبپاشي کاتي جي انتظاميہ جو چوڻ آهي تہ ٽني جي ايم ايس بند جي نگرانيءَ لاءِ مقرر ڪيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر وقار احمد قادريءَ جو نالو پڻ معطل ڪرڻ لاءِ صوبائي وزير آبپاشيءَ ڏانهن اماڻيل سمريءَ واري لسٽ ۾ شامل هو. پر فيصلو اهو ٿيو تہ جيئن تہ انهن بندن جي سار سنڀال جو هو ذميوار نہ رهيو هو ۽ سندس اصل مقرري ڊرينيج ڊويزن ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيل هئي ٻوڏ دوران ايم ايس بند جي نگرانيءَ جي ذميواري هن کي اسپيشل ڊيوٽي طور ڏني وئي هئي. ان ڪري ڪيس معطل نہ ٿيڻ گھرجي. توڙي جو هن جي نگرانيءَ هيٺ جيڪو بند ڏنو ويو اهو ٽٽي پيو ۽ رپورٽ ۾ اهڙيون شاهديون پڻ رڪارڊ تي اچي ويون آهن تہ ايم ايس بند کي پيل گھاري واري هنڌ چار ڏينهن پهريان ئي روڙيون پيون هيون، جن جو علم مبينا طور تي اسپيشل ڊيوٽي طور مقرر ٿيل ان انجنيئر کي بہ هيو. اهو منطق سمجھ کان ٻاهر آهي تہ جيڪو بندن جي سار سنڀال جو ذميوار هجي. ان کي گڏيل غفلت واري دائري ۾ آڻجي ۽ جنهن جي ڊيوٽي دوران بند ٽٽي ۽ آفت اچي ان خلاف ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿئي. مطلب تہ اڳتي اسپيشل ڊيوٽيءَ طور بندن جي سار لاءِ مقرر ٿيل انجنيئرن کي بند ٽٽڻ تي ڪارروائي ٿيڻ جو ڪو بہ خوف نہ ٿيڻ گھرجي. جاچ رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ انهيءَ گڏيل غفلت واري دائري ۾ آبپاشي کاتي کانسواءِ حڪومت جا ٻيا لاڳاپيل کاتا ۽ ادارا پڻ اچي وڃن ٿا.

هر سال ٻوڏ کان پهرين ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ صوبائي ۽ ضلعي سطح تي پلان جڙڻ گھرجي. پر هن سال اهرو ڪو بہ پلان نہ جوڙيو ويو ۽ نہ ئي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل عملي جي صلاحيت (ڪئپسٽي) وڌائڻ لاءِ ڪي ڪوششون ورتيون ويون. رپورٽ ۾ انهيءَ ناڪامي ۽ غفلت جو ذميوار نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيءَ (پي ڊي ايم اي ) ۽ لاڳاپيل ضلعن جي انتظاميہ کي قرار ڏنو ويو آهي. تہ پوءِ انهن ادارن جي لاڳاپيل اختيارين خلاف ڪهڙي ڪارروائي ٿي آهي. پي ڊي ايم اي جي قانون موجب صوبائي ڊزاسٽر

مئنيجمينٽ اٿارٽي جو چيئرمين صوبائي رليف ڪمشنر هوندو آهي. جڏهن ته صوبائي حڪومت جي 14 لاڳاپيل کاتن جا سيڪريٽري، صوبائي پوليس سربراهه، يونيورسٽين جا وائيس چانسلر، موسميات کاتي، هلال احمر، ڪور 5 هيڊڪوارٽر جا نمائندا ان جا ميمبر ٿين ٿا. انهيءَ اداري جي انتظامي معاملن کي هلائڻ لاءِ 19 هين گريڊ جو آفيسر ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿئي ٿو. انهيءَ اداري جي بنيادي ذميواري آهي ته آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پلان جوڙي ۽ انهن تي عمل ڪرائي. ساڳي وقت پي ڊي ايم اي جي مٿان صوبي جي وڏي وزير جي سربراهيءَ ۾ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪميشن (پي ڊي ايم سي) نالي اعليٰ سطحي صوبائي ادارو پڻ 10 سيپٽمبر 2007ع کان صوبي ۾ قائم ٿيل آهي. سنڌ اسيمبليءَ جو مخالف ڌر جو اڳواڻ، مخالف ڌر جو هڪ ميمبر. 15 صوبائي وزير، چيف سيڪريٽري، صوبائي رليف ڪمشنر، فوج ۽ سول سوسائٽيءَ جا نمائندا پڻ ان اداري جا ميمبر آهن. ان اداري جي قيام واري نوٽيفڪيشن موجب اداري جي ذميواري آهي ته صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ پاليسي جوڙي، نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪميشن پاران ڏنل گائيڊ لائنز جي روشني ۾ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ پلان لاڳو ڪري. صوبائي حڪومت جي کاتن پاران جوڙيل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ پلان جي منظوري ڏي. انهيءَ پلان تي نيڪ طرح عمل ڪرائي. آفتن کي منهن ڏيڻ وارن اپائن لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ تي نظر رکي. آفتن کي منهن ڏيڻ واري پلان تي عمل جي سلسلي ۾ صوبائي حڪومت جي لاڳاپيل کاتن وچ ۾ رابطو پيدا ڪرڻ کي يقيني بنائڻ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ رابطو پيدا ڪرڻ کي يقيني بنائڻ. آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن پاران عملي جي صلاحيت وڌائڻ (ڪئپسٽي بلڊنگ) لاءِ صوبائي حڪومت جي کاتن پاران ورتل اپائن جي نگراني ڪرڻ ۽ ان ڏس ۾ هنن جي رهنمائي ڪرڻ شامل آهن. صورتحال اها رهي ته صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي ٻوڏ واري آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪو به پلان نه جوڙي سگهي. جيڪو پلان جوڙي صوبائي ڪميشن ڏانهن اماڻڻ واري بنيادي ذميواري پي ڊي ايم اي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل جي ٿئي ٿي. جڏهن ته مجموعي طور تي سڀني کان وڏيڪ ذميواري صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪميشن جڙي آهي. ان وقت کان اڄ تائين ان اداري جي هڪ به گڏجاڻي نه ڪوٺائي وئي آهي. جڏهن ته اهو ادارو قائم ٿيڻ کان پوءِ صوبي اندر سامونڊي طوفان ۽ وڏين بارشن جهڙيون آفتون پڻ اچي چڪيون آهن.

مون جڏهن پي ڊي ايم اي سنڌ جي ذميوار آفيسرن کان اهو سوال ڪيو ته اداري ٻوڏ واري آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪو پلان ڇو نه جوڙيو ۽ ان ڏس ۾ صوبائي ڪميشن جي گڏجاڻي ڇو نه ڪوٺائي وئي؟ هنن جواب ڏنو ته پلان نه ٺاهڻ هنن جي ڪوتاهي آهي. پر هو اهو پڻ ٻڌائن ٿا ته پلان جوڙڻ ۽ لاڳاپيل صوبائي کاتن وچ ۾ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ وارن گڏيل اپائن لاءِ رابطو پيدا ڪرڻ جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ لاءِ





اعليٰ سطحي گڏجاڻي ڪوٺائڻ لاءِ اداري پاران سنڌ جي ان وقت واري چيف سيڪريٽريءَ کي مارچ ۾ خط لکيو ويو هو. هنن جو چوڻ آهي ته هر سال مارچ يا اپريل ۾ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ وارين تيارين جي اهڙي گڏجاڻي سنڌ جي چيف سيڪريٽريءَ جي صدارت هيٺ ٿيندي آهي. پر هي پهريون سال هو، جو اڳوڻي چيف سيڪريٽري کي اها گڏجاڻي ڪوٺائڻ لاءِ وقت ئي نه ملي سگهيو. اها ڳالهه پڻ رڪارڊ تي اچي وڃڻ گهرجي ته سنڌ جي ان وقت واري چيف سيڪريٽري کي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ صوبائي حڪومت ڪانٽريڪٽ بنيادن تي ٻيهر ذوالفقار آباد شهر اڏڻ واري پروجيڪٽ لاءِ صلاحڪار ڀرتي ڪري ورتو آهي. ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي چيئرمين جي عهدي تي مقرر ٿيل ڪامورو هن وقت صوبي جي وقتي چيف سيڪريٽري طور خدمتون پڻ سرانجام ڏئي رهيو آهي. سو ڏنو وڃي ته ڳالهه صرف آبپاسي کاتي جي ڪنهن بيلدار يا هيٺين انجنيئر تي ختم نٿي ٿئي. رسيءَ جي منڍ کان هلي چڪيو ته پويان لڪل غفلتن ۽ لاپرواهين جو ٻيو وڏو جهان نڪري سامهون اچي ويندو.

سنڌ ۾ آيل سال 2010ع واري ٻوڏ ايڏو وڏو سانحو آهي، جنهن کي چند ملازمن خلاف سطحي نوعيت جي ڪارروائي ڪري نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. سنڌ مان چونڊيل سڀني کان وڏي پارٽيءَ جي سربراهه ۽ ملڪ جي صدر جي حيثيت ۾ صدر آصف علي زرداريءَ جي بنيادي ذميواري ٿي بڻجي ته بنا دير جي انهيءَ سانحي جو گهٽن رخي ۽ فني جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميشن يا ڪاميٽي قائم ڪرائي. جنهنکي اها پڻ ذميواري ڏني وڃي ته غفلت ۽ لاپرواهين جو مظاهرو ڪندڙ حڪومت جي هيٺان کان وٺي مٿان تائين جي سڀني لاڳاپيل اختيارين جي ذاتي ذميواري ۽ لاپرواهيءَ جو پڻ تعين ڪيو وڃي ۽ سندن خلاف چارج فريم ڪري وڌيڪ ڪارروائي ڪئي وڃي جيستائين اها تفصيلي جاچ مڪمل ٿئي. تيستائين انصاف جي تقاضا اها آهي ته گڏيل غفلت جي الزام هيٺ سڀني اختيارين خلاف برابر ڪارروائي ڪري ڪين عهدن کان الڳ ڪيو وڃي. جيئن هو جاچ تي اثر انداز نه ٿي سگهن.

# وارثيءَ جي آس ۾ ڏکن هڻتان پيڙجندڙ خلق!

**مختيار چانديو خيرپور ناٿن شاهه**

ڳوٺ مير حسن کان خيرپور ناٿن شاهه ايندي ٻوڏ جي پاڻي ۾ لڙهي ويل 22 سالن جي نوجوان سجاد علي سومرو جي ٻڍڙي امڙ مريم سومرو جيڪا پٽ کي ياد ڪري پار ڪڍي روئيندي رهي ٿي، ٻه مهينا گذري وڃڻ باوجود هن جي اک ناهي لڳي ۽ هو رات ڏينهن روئيندي رهي ٿي. جڏهن سندس اک لڳي ٿي ته خوابن ۾ پنهنجي پٽ جي هٿن پيرن کي ميندي لائي موڙ ٻڌي، ڳيچ ۽ لاڏا ڳائيندي چرڪ پري اٿي پوي ٿي ته هر طرف تباهه ۽ برباد ٿيل گهرن کانسواءِ ڪجهه ناهي. پوءِ سياري جي رات ۾ روئيندڙ هن ماءُ جي پار ڪڍڻ تي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجا ڳوڙها نٿا روڪي سگهن. سجاد سومرو جو پيءُ چاچو شاهنواز سومرو، جنهن کي اميد هئي ته سندس نوجوان پٽ هن جي ٻڍڙائپ جو سهارو بڻجندو ۽ هو باقي زندگي سک ۽ آرام سان گذاريندو. پر هن جي پٽ جي حادثاتي ۽ بي وقتائتي موت هن جون سڀ اميدون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون. چاچو شاهنواز، جنهن جي پيري سبب هڪ اک اڳ ئي بي نور بڻجي ويئي آهي. پٽ جي وڇوڙي ۾ روئيندي روئيندي اکين جي نور کان محروم ٿي هڪ کٽ تي ويهي ويو آهي ۽ رات ڏينهن پنهنجي نوجوان پٽ کي ياد ڪري پيو ڳوڙها ڳاڙيندو آهي. ۽ شايد جيستائين زنده رهن تيستائين روئيندا رهن.

خيرپور ناٿن شاهه شهر کان صرف هڪ ڪلوميٽر جي فاصلي تي موجود هنن ماڻهن سان ايڏو وڏو حادثو ٿيو، پر هتان جي چونڊيل نمائندن توڙي مخالف ڌر جي سياست ڪندڙ وڏيرن ۽ ڪامورن 5 منٽ تڪليف ڪري هنن وٽ وڃي ٻه قل پڙهي دعا گهري عام رواجي لفظ چوڻ جي تڪليف به نه ڪئي ته "اسان کي توهان جي نوجوان پٽ جي موت جو ڏک آهي." هي نه صرف سجاد علي سومرو جي ماءُ پيءُ جا ڏک آهن. پر ٻوڏ دوران هتي ڪيترا اهڙا واقعا ۽ حادثا ٿيا. جن ڪيترن خاندانن جون زندگيون اجاڙي ڇڏيون ۽ انهن کي رت جا ڳوڙها روئاري ڇڏيا. ڳوٺ شاهي لغاري جا اهي ٽي نوجوان صدام حسين لغاري، جلال لغاري ۽ عرفان لغاري جيڪي پاڻي ۾ لڙهي ويا ۽ سندن لاش مشڪل سان مليا، اهي ٻڍڙي عورت حاڪم زادي جيڪا گهر





مان سامان ڪڍندي اڄ سبب اهو گندو پاڻي پيتو ۽ گيسٽرو ۾ مبتلا ٿي، علاج جون سهولتون نه هجڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي، يا اهو پيرسن جيڪو وطن ڪارڊ وٺڻ وقت روڊ تي سندس مٿان گاڏي چڙهڻ سبب فوت ٿيو يا اهو ثاقب علي لغاري، جنهن جي ٽنگ ڀڄي پئي. علاج نه هجڻ سبب اڄ به معزور بڻيل آهي. اهو ڪنڊي چڪيءَ جو گداگر فقير غلام حيدر ملاح، جنهن جوهي برانچ جي وٽن هيٺان پنهنجن ڇئن معصوم ٻارڙن ۽ زال سان پناهه ورتي هئي. جنهن روئيندي ٻڌايو ته هو هڪ هٽ ۽ جنگهه کان محروم آهي. ڪيس چار معصوم ٻارڙا آهن. گداگري بند ٿي وئي آهي. مان هن ٻوڏ جو سڀ کان وڌيڪ متاثر آهيان، پر سرڪار توڙي تنظيمن مان ايندڙ سامان مون کي نٿو ملي ۽ هن سڏڪا ڀريندي آسمان ڏانهن هٿ ڪنيو هيو ته مون کي الله سائين ڏيندو. هي ته صرف مثال آهن. انهن چند حادثن جا، پر هتي هر ڳوٺ ۾ ماڻهن جي ڏکن جا هزارين داستان آهن. جيڪي ٻڌي ماڻهن جون ننڊون اڏامي وڃن ۽ راتين جو اکيون بند نه ٿين ۽ انهن ڳالهين تي سوچي سوچي ماڻهو چريو ٿي پوي. جيئن شهباز ڪالوني جو اهو نوجوان جنهن جي گهر ۾ جڏهن ٻوڏ جو پاڻي داخل ٿيو ته دانهون ڪندو روئيندو روئيندو بيهوش ٿي ويو ۽ جڏهن هن کي هوش آيو ته هو پنهنجو دماغي توازن وڃائي چڪو هو. اڄ هو زنده ته آهي، پر چرين وانگر پنهنجي گهر توڙي گهٽين ۾ کلندو ۽ روئيندو رهي ٿو، ڪير ٻڌائي ته هي ماڻهو جيڪي آهستي آهستي موت ڏي وڌي رهيا آهن. ڪنهن جا ماڻهو آهن؟ ڪير سار لهندو. هنن ماڻهن جي جيڪي تڪليفن مصيبتن ۽ احساس محرومين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن؟

هتان جا ماڻهو جيڪي اڳ ئي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي ڏاڍين مصيبتن ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪيترائي ماڻهو بک، بدحالي ۽ بيروزگاري جو شڪار هئا. ٻوڏ انهن جي ڏکن تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. هارين ۽ آبادگارن جا پڪل فصل تباهه ٿي ويا. گهر ڊهي ويا، مينهون، ٻڪريون، ڳئون جيڪي سندن روزگار جا وسيلا ۽ ذريعا هئا. جن تي سندن گذر سفر ٿيندو هو، اهو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو آهي. اهي خوبصورت ڳوٺ ڪنڊراتن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن، جن ڳوٺن مان سدائين ڀيچن، لاڏن ۽ سهرن جا آواز گونجندا هئا. اڄ انهن ڳوٺن مان روئڻ، پار ڪڍڻ ۽ ماتم جا آواز اچن ٿا. هو ماڻهو مايوس ۽ پريشان آهن. نه هنن وٽ سر لڪائڻ لاءِ ڪو اجهو آهي. نه وٽن کائڻ لاءِ کاڌ خوراڪ، بک، بدحالي بيروزگاري ڄڻ ته سندن نصيب مقدر بڻجندي پئي وڃي. اڄ جڏهن هنن ماڻهن کي سرڪار جي مدد جي ضرورت آهي ۽ ڪين اجڙيل زندگين لاءِ ڪنهن سهڪار ۽ سهاري جي ضرورت آهي ته سرڪار نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي. ماڻهن کي راشن، خيما نٿا ملن. ايتري تائين جو مختلف بهانا ڪري انهن کي وطن ڪارڊن کان به محروم رکيو پيو وڃي. ڏينهن جا ڏينهن ماڻهو وطن ڪارڊ جي سينٽرن، چونڊيل نمائندن جي بنگلن ۽ ڪامورن جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي. پريشان ۽

مايوس ٿي مات ڪري ويهي رهيا آهن. ڪهڙي معيار ڏجي. هتان جي چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن ڪي، جيڪي عوام جي تڪليفن ۽ ڏکن کان لاتعلق بڻيل آهن ۽ انهن جون آهون ۽ دانهون انهن جي شاندارن گهرن ۽ گاڏين جي شيشن سان ٽڪرائجي واپس اچن ٿيون. خيرپور ناٿن شاهه جي چار لک ماڻهن جي دربدري ۽ ڪيمپن ۾ گذارڻ کي 3 مهينا ٿي ويا آهن ۽ ٻي عيد به گذري وئي. جيڪا به هنن پنهنجن گهرن ۽ ڳوٺن کان پري گذاري. هونءَ به اهي ماڻهو ڪهڙيون عيدون ملهائيندا. جن وٽ پائڻ لاءِ ڪپڙا ۽ کائڻ لاءِ اٽو ناهي؟ ڪهڙيون عيدون ملهائيندا اهي ماڻهو، جن جا معصوم ٻچڙا ۽ عورتون هن سرد راتين ۾ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن ۽ سر لڪائڻ لاءِ انهن وٽ ڇت ناهي. ڪهڙيون عيدون ملهائيندا اهي، جن جا عزيز وڇڙي ويا؟



# دردن جو ديس بڻيل شهر سان وس وارن جي ٻه اکيائي!

مختيار چانڊيو خيرپور ناٿن شاهه

خيرپور ناٿن شاهه شهر کي ايم آر ڊي جي شهيدن جو شهر هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. اتي قانون نافذ ڪندڙن جهموريت ڪاڻ جاکوڙيندڙ سنڌ جي سپوتن کي شهيد به ڪيو ته آمريت سان مهاڏو اٽڪائيندڙ جوانن کي زخمي ڪري ڪوڙا به هنيا ۽ جيلن پيڙو به ڪيو. ڏيڍ لک کان وڌيڪ آبادي واري ان شهر کي اهڙي جدوجهد جو سلو اهو مليو آهي ته ان کي هٿ سان ٻوڙيو ويو 2 سيپٽمبر واري رات لکين خيرپور ناٿن شاهه واسين کي رات وچ ۾ پنهنجا اجها ۽ روزگار جا ذريعا پٺيان ڇڏي لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي. اهي ٻوڏ متاثر هاڻي مهيني کان به وڌيڪ وقت کان مختلف ڪيمپن ۾ دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن ماڻهن جي نه ئي ڪنهن چونڊيل نمائندي سار لهڻ لاءِ وک وڌائي آهي ۽ نه ئي آفيسر شاهيءَ کي سندن پرگهور لهڻ ياد آيو آهي ايتريقدر جو ٻوڏ ۾ لڙهي ويلن يا حادثن سبب مارجي ويلن جي ڪا فهرست به جيڪڏهن تيار ڪئي ويئي آهي ته اهي به فوتين جي وارثن کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ سندن حوصلا افزائي ڪرڻ سان گهٽ ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ فاتحائن واري سلسلي سان وڌيڪ مقصود محسوس ٿين ٿيون.

ڪامورا به ان شهر مان ڪجهه ان ريت ئي گم آهن هنن ڪٿي به پنهنجون عارضي آفيسون قائم ناهن ڪيون. نه ئي اهڙي ذميواري محسوس ڪن ٿا. هن وقت تائين شهر ۽ تعلقي اندر 40 کان وڌيڪ ٻارڙا، عورتون ۽ مرد گيسٽرو، مليريا، ڊائريا ۽ ٻين بيمارين جو علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي چڪا آهن. پر اختيارين وٽ صرف 9 ماڻهن جي فوت ٿيڻ جو اڻپورو رڪارڊ آهي. هن وقت جڏهن ٻوڏ جو پاڻي آهستي آهستي شهرن توڙي ٻهراڙين مان لهي رهيو آهي ۽ ماڻهو ڪيمپن جي عذاب واري زندگي ڇڏي پنهنجن اجهن ڏانهن موٽي رهيا ته خيرپور ناٿن شاهه واسي پنهنجي شهر مان ٻوڏ جو ڏپ ڪري ويل ڪارو پاڻي نيڪال ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. جن علائقن ۾ ڪجهه ماڻهو ويٺل آهن. اتي گئس، پيئڻ جي پاڻي، بجلي، صحت ۽ صفائي جي اڻ هوند هنن جي تڪليفن ۾ واڌارو ڪري رهي آهي. واپس ايندڙ ماڻهن وٽ پنهنجن ڏکن ۽ تڪليفن جا هزارين داستان آهن ۽ هر داستان ۾ هزارين قصا ۽ ڪهاڻيون جيڪي ٻڌي انسان جو اندر جهري پوي ٿو. پر اهي آهون. دانهون، واڪا ۽ رڙيون چونڊيل نمائندن توڙي ڪامورن جي ڪنن تائين نه ٿيون پهچن.

www.sindhsalamat.com
Sindhica Academy

هي اهي ئي ماڻهو آهن جن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ”اٽو، لٽو ۽ اجهو“ واري نعري کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکيڙيو ۽ اڄ تائين اهي پنهنجن ٽڪن ۾ پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪندا رهيا آهن. هن وقت به هن ٽڪ تي عمران ظفر لغاري ايم پي اي ۽ ڊاڪٽر طلعت مهيسر ايم اين اي چونڊيل آهن. سنڌ توڙي وفاق ۾ پ پ جي حڪومت آهي. مطلب ضلعي توڙي تعلقي ليول تي رليف ڪاميٽين جا چيئرمين به پ پ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن آهن. ان باوجود نه ڄاڻ ڇو هتي جي ماڻهن جي دردن جي دوا نٿي ٿئي. هن وقت خيرپور ناٿن شاهه جي رحمت الله ڪالوني، شهباز ڪالوني، مدينه ڪالوني. گوليمار محلو، ڪريمداد لنڊ محلو، مير خان محلو، نيو آباد ڪالوني سميت ڪيترن ئي علائقن جون 80 سيڪڙو عمارتون پٽ ٿيل آهن. باقي بچيل گهر به زبون حال تي ويا آهن. لڏي ويل ماڻهو جڏهن شهر واپس اچن ٿا ته انهن جي رجسٽريشن نٿي ٿئي. انهن کي راشن ڪارڊ نٿا ملن خيما نٿا ملن. اهي پنهنجن ٻارن ٻچن. ضعيف عورتن ۽ مردن سميت ڪٿولا ٽنگي ڇانوَ ڪري، ويٺل آهن. انهن مان گهڻائي ماڻهو بيمار به آهن. ڪين دوائون، نٿيون ملن ۽ ٻيون ڪي به زندگي جون سهوليتون انهن کي ميسر ناهن. اڄ انهن کي رليف بجاءِ انهن کان سڀ ڪجهه ڦريو ويو آهي. اهي ماڻهو پنهنجن گهرن کان محروم ٿي ويا، معصوم ٻارڙن عورتن وٽ پائڻ لاءِ هڪ هڪ وڳي کان وڌيڪ لٽا ناهن. جڏهن اهي ”اٽي“ لاءِ احتجاج ڪن ٿا ته انهن کي حق ڏيڻ بجاءِ مٿن لٺيون وسايون وڃن ٿيون. انهن مٿان ڪيس داخل ڪرايا ٿا وڃن.

ڪيڏو نه افسوسناڪ الميو آهي ته جتي ٻوڏ حڪمران لڏي لاءِ هڪ وسريل اشو بڻجندي پيئي وڃي. اتي وري خيرپور ناٿن شاهه ۾ اڃان تائين ڪن. ڪن جاين تي 9/8 فوٽن تائين پاڻي بيٺل آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن خيرپور ناٿن شاهه کي دردن جو ديس نه چيو وڃي ته ٻيو ڇا چئجي؟ خيرپور ناٿن شاهه واسي پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ اڃان تائين ڪروڌي روين اختيار ڪرڻ واري واٽ تي ناهن آيا ۽ ان مان ئي ثابت ٿئي ٿو ته خيرپور ناٿن شاهه واسين کي اڃان به ڪا اميد آهي ته سندن مسئلن جو حل جمهوري حڪومتن کي نيٺ به ياد ايندو هاڻي جڏهن حڪومت پاران زرعي زمينون ٻوڏ متاثر بي زمين هارين ۾ ورهائڻ، زرعي ترقي لاءِ مفت ٻج ۽ مفت پاڻ جهڙيون اسڪيمون شروع ڪيون پيون وڃن. تڏهن اها هڪ وڏي سواليه نشاني بڻيل آهي ته خيرپور ناٿن شاهه جي ماڻهن جا ڏک ۽ ڏوجهرا ڇو وس وارن کان وسري ويا آهن؟ هن وقت تائين جنهن علائقي ۾ 8 فوٽن تائين پاڻي نظر اچي. جيڪو بدبوءِ ڪري ويو هجي ۽ ڪارو ٿي ويو هجي. تنهن کي مدنظر رکي. جيڪڏهن ٻوڏ متاثر علائقن جي بحاليءَ واري ميگا پراجيڪٽ بابت سوچيو وڃي ته گهڻو ڪجهه ناممڪن جي زمري ۾ زنجيرن سان جڪڙيل نظر اچي ٿو. نه ڄاڻ ڪڏهن ان ناممڪن واري لڪير کي وس وارا ڊاهڻ جي ڪوشش ڪندا؟ نه ڄاڻ ڪڏهن وس وارن کي دردن جو ديس بڻيل خيرپور ناٿن شاهه کي رليف ڏيڻ ياد پوندو!؟





ليک: محمد بخش شاهاڻي،
ڳوٺ علي مراد شاهاڻي، ٻهليل شاهه ڪاڇو

ادا کهڙو آ وطن ڪارڊ، غريب لاءِ آ ڪفن ڪارڊ
جوهي کان ويندي حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ نواب شاهه

## وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد/ داستان سفر جو

حڪومت پاڪستان جي اعلان مطابق ٻوڏ جي تباهه ڪارين بعد ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ وطن ڪارڊ جاري ڪيو ويو، جيڪو شايد ٻوڏ کان بعد اڃا وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيو. عنوان کي مدنظر رکندي اُهو وطن ڪارڊ ويريفاءِ (Verify) ڪندي منهنجو نالو به اچي ويو، اخبارن ۾ سنڌي ماڻهن جي لتاڙجي مري وڃڻ جا واقعا ۽ اُنهن تي سنڌ پوليس جو ظالماڻو تشدد به دل تي گهاءُ ڪندو رهيو. صبح جا 8 ٿيا ناشتو ڪري ٻه هزار رپيا خرچ جا کيسي ۾ ڪٽي هڪ دوست اويس ڪوسو سنگت ڪري رڪشا تي چڙهيس. اڇي رنگ بند تي لٿس ته پاڻي تي نظر پئي سوين ٻيڙيون بيٺيون هُيون. ماڻهن جي رش سبب پنج پنج منٽن ۾ ٻيڙي پرجيو وڃي، نيٺ هڪ ٻيڙي تي چڙهياسين جيڪا جوهي کان چندڻ تائين آخري پتڻ ڪندي، سفر ڪندي رهي. پنهنجي ماروئڙن جا ڊٺل ۽ ٻڏل گهر ڪاليج، اسڪول ۽ روڊ رستا ڏاڍو ذهن کي متاثر ڪندا رهيا. سخت ڏک پئي ٿيو وري به الله جو شڪر ادا ڪري دُعا گهريم اي منهنجا مولا پنهنجي ٻاجهه سان سنڌ ڌرتي تي رهندڙ اباڻن کي پنهنجي پنهنجي ڪکن ۾ ساد آباد رکجانءِ اُنهن جي حفاظت ڪجانءِ. ڏيڍ ڪلاڪ جو سفر ڪندي چندڻ موري تي پهتاسين. اتان رڪشا تي چڙهي دادو کان حيدرآباد واري وين تي چڙهياسين. ڪجهه فاصلو پري موري واري پُل کان درياءُ تي نظر پئي مخاطب ٿي چيُم ، اي سنڌ جي سونهن جا مهراڻ! شايد تنهنجو رُخ ٽوڙي بند کان ڪنهن ڌرتي جي دُشمنن موڙيو تنهنجا اَصُل رستا بند ڪيا ويا تنهنجي دل اندر لٽيرن جا ديرا ۽ وڏا بند ڊِٺل هئا تڏهن تو پنهنجي موج ۽ مستي ڪئي وري به تون پنهنجي خدا جي حڪم سان رحم ڪر. سفر جاري آ ذهن تي ٽينشن وڌي ويو آ. قاضي احمد کان وين جي ڊرائيور ڪجهه فريش ٿيڻ لاءِ 20 منٽ روڪيو. هوٽل تي ويٺاسين پاڻي پيتوسين. رَش هئڻ ڪري چانهه به نه ملي سگهي. ڊرائيور وري گاڏي اسٽارٽ ڪئي. شام جا 6:30 منٽ ٿيا ته حيدرآباد نياز اسٽيڊيم لٿاسين. اُتي هزارين ماڻهو وطن ڪارڊ لاءِ

پهتل هئا. رفيق عباسي سان بہ ملاقات ٿي. اڳتي وڌيس ماڻهن جي رش ڪي گيٽ جي اندران ڪي ٻاهران وڏين قطارن ۾ بيٺل هُئا. گيٽ تي سنڌ پوليس جا عملدار ڏنڊا کنيو بيٺا هئا. حالات کان باخبر ٿيندي ماڻهن جي نزديڪ انهن کان حال احوال ٻڌندو رهيس. هڪ جوهي جو دوست اميد علي لغاري ساٿين سان مليو ان چيو تہ مان بہ هاڻي آيس. اچانڪ گيٽ کان هڪ نوجوان ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوليس سپاهي ڏنڊا وسائڻ شروع ڪيا. ڏاڍو زخمي ٿيو مگر گيٽ ٽپي ويو. ڪجھ ماڻهو وري پوليس سپاهين کي چوڏاري ڦريو بيٺا هئا. نزديڪ وڃي معلوم ڪيم تہ رشوت وٺندر ايجنٽ ۽ سپاهي هُئا جيڪي ماڻهن کي ڦرڻ جي ڪوشس ڪري رهيا هئا. بي پُهچ اٻوجھ ماڻهو پنهنجي عزت بچائڻ جي خاطر هڪ هزار کان پنج هزارن تائين پئسا ڏيندي ڪارڊ حاصل ڪن پيا. انهن کي پوليس عملدار نادرا جي ڪائونٽر تائين با حفاظت پهچائين پيا. باقي غريبن کي ڏنڊن سان ڪُٽيندا رهيا. آخرڪار ٿڪ محسوس ٿيو. سوچيم باعزت ماڻهو جي عزت ۽ انساني حقن جي لتاڙ  ٿي رهي آهي. في الحال ٿڪل آهيون رات جو رهڻ جمال الدين سولنگي صاحب وٽ ٿيندو. سوزوڪي تي چڙهي ڪوٽڙي ريلوي ڦاٽڪ وٽ هڪ هوٽل تي پهچي چانھ پيتي سون. ادا سراج الدين کي فون ڪئي ان موٽر سائيڪل تي ڪٽي جمال الدين جي اوطاق تي پهچايو. ملاقات ٿي ۽ ان بعد حال احوال کان واقف ٿياسين بعد ۾ ماني ڪائي ريسٽ ڪيوسين. صبح سوير نماز پڙهي وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوٽڙي کان حيدرآباد نياز اسٽيڊيم تي لٿس. اُن جو مين گيٽ بند هُيو. ماڻهن جي رش پيھ جاري، پوليس وارا انهن کي گيٽ ٽپڻ نہ پيا ڏين. مون مايوسي مان موٽ جو سوچيو مگر اويس چيو تہ مان سِرَ جو سانگو لاهي گيٽ ٽپندس. اڳتي وڌيس هڪ نوجوان مليو جنهن جي قميص ڦاٽل هئي. ٻئي کي هڪڙي پير ۾ جُتي ۽ ٻيون پيرين اگهاڙو ڏٺم، چيائين پوليس جي پڃائڻ ۽ تشدد سان ٻوڙندي هي حالت ٿي آهي. اجا وڌيڪ سوچن جا سيلاب ڪري ويا. اُن ڏينهن پوليس جي لٺبازي گيٽ ٽپڻ نہ ڏنو. مايوس ٿي واپس جمال الدين وٽ هليو ويس مگر اويس مون کان وڇڙي ويو. هُن جي موبائيل جي بيٽري  لو (Low) هُئڻ ڪري ڪو بہ رابطو نہ ٿيو. وري ٻي رات گذري! پنهنجي غريب ماڻهن کي لٺين جي بارش وارو عڪس اکين ۾ پَسي آيو! انسانيت سان ناتو رکڻ جا دعويدار پاڻ کي اعليٰ اقتدار جي ايوان ۾ انساني حقن جي پاسداري ڪندڙ، ايوانن ۾ قسم کڻندڙ سياستدان نہ سوچين پيا تہ هي اسان جي ڪهڙي سيڪيورٽي آهي جيڪا حفاظت جي بجاءِ  انهن تي لٺيون وسائي رهي آهي. بهرحال ماروي وانگر سانگين جا سُک ۽ سور اندر ئي اندر ۾ دل سان سليندو رهيس. وري صبح جو ٽئين ڏينهن نياز اسٽيڊيم وڃڻ لاءِ روانو ٿيس. سراج الدين موٽر سائيڪل تي ڪٽي 9 بجي پهچايو. لهي گيٽ جي سامهون ڏٺم. هڪ نوجوان آهي جنهن کي پوليس وارو تشدد ڪندو رهيو. دل چاڪ ٿيڻ لڳي ٿڌو ساھ پريم سوچيم تہ اويس ڪوسو وڇڙي ويو





ڪا خبر ناهي. اگر آءٌ بہ هُن وانگر اندر داخل ٿيان ها تہ اِهائي حالت ٿئي ها. مگر اڌ ڪلاڪ بعد هڪ رشتيدار محمد حسين چانڊيو مليو، چيائين يار تون چو نٿو اندر وڃين. چيم (ذلت جي زندگي کان عزت جو موت بهتر آ) مان واپس ڳوٺ ويندس مگر هن بدنظمي واري نظام ۾ نٿو وڃي سگهان. آخر نواب شاھ جي نادرا سينٽر جي هڪ دوست ڳالھ ڪئي تہ هيڏي اچ تہ تنهنجو ڪم ڪرايان، مان فوراً رڪشي ۾ چڙهي ٻڪرا منڊي نوابشاھ اسٽاپ تي پهتس ۽ اُتي وين ۾ چڙهي وريام فقير سان رابطو ڪيو. هن چيو مان ۽ احمد نواز هڪ زرداري دوست سان ملي ڪم ڪرائيندس. 3 ڪلاڪن جو سفر ڪري نواب شاھ نادرا سينٽر تي پُهتس. احمد نواز ۽ وريام فقير اڌ ڪلاڪ ۾ مليا. اُتي سينٽر بند ٿي ويو. ماڻهو جن کي رهائش نہ هُئي، تن ڦٽ پاٿن تي سينٽر جي ٻاهران سمهي رات گذاري، اسان کي احمد نواز ڳوٺ وٺي ويو. رات رهياسين. صبح جو وري سينٽر تي واپس احمد نواز سان گڏجي آيس تہ گيٽ تي حيدرآباد کان وڌيڪ ميڙ هُيو. وڃڻ جي ڪوشش ڪيم مگر ماڻهن چيو تون ڪير آهين جو توکي وڪ وڌائڻ ڏيون. صبر ڪري نواز سان گڏجي ٻئي گيٽ تي ويس. اڌ ڪلاڪ گذري ويو پوليس گيٽ کوليو. هڪ هڪ ماڻهو بدران سيني کي هڪ ئي دفعي ڇڏيائين. ٿوري دير ۾ دانهن ڪوڪن سان گڏ مري ويس مري ويس جو آواز ڪَنِن تي پيو. پوليس جي لاٺي چارج فائرنگ شروع ٿي ويئي. اٺ ايمبولينس اچي ويون، زخمي ۽ لتاڙجي ويل ماڻهو ڪٽي اسپتال پهچايا ويا. تنهن ۾ بهاول جمالي ۽ راوت لغاري (جيڪي ٻئي ڪاڇي جا هئا) سخت زخمي حالت ۾ هئا. ٿوري دير بعد بهاول جمالي فوت ٿي ويو. اِن ۾ پوليس جو قصور آهي. اگر هڪ هڪ ماڻهو ڇڏين ها تہ شايد ايترا اٺ ماڻهو مري ۽ زخمي نہ ٿين ها. هڪ ٻوڏ جا ٻڏل ٻُک ۽ بدحالي ٻيو پوليس جو ظالماڻو تشدد ۽ اُپ ڏاريندڙ دانهون ڪِيهُون، سي مون کان ڪيئن وسرندا. ٿورو وقت گذرڻ بعد مون پاسو وٺي ڏسي ورتو تہ هڪ پوليس وارو هڪ همراھ کان پئسا رشوت وٺي ٻيو. ائين حيدرآباد وارو نظام  هتي بہ هلي پيو.

بهاول جمالي جي مري وڃڻ جو ارمان ۽ راوت لغاري جي معذور ٿي وڃڻ جا تحفا تہ سنڌ حڪومت کان انهن جي مائٽن کي مليا ۽ اڄ بہ منهنجي دل تي زخم آهن تہ هن سنڌ ڌرتي جو جهونو بهاول جمالي ۽ راوت جمالي انتظاميہ جي نااهلي ۽ آفيسرن جي بدانتظامي ڪري وطن ڪارڊ بدران ڪفن ڪارڊ وٺي ڳوٺ رسول بخش جمالي پهتو. جيڪڏهن سنڌ ڌرتي جي نياڻين، نوجوان، پوڙهن تي ڏنڊا وسايا ويا اهو برداشت نٿو ڪري سگهان. نيٺ قلم کڻي درد جو داستان لکي حڪومت جي لاپرواهي ۽ بُري عمل کي شرمنده ڪرڻ منهنجو حق بڻجي ويو آ تہ هِن تباھ ٿيل ڌرتيءَ جي مٿان بي پناھ اُجهي لٿي اٿي کان محروم سنڌي ماروئڙن کي ههڙي سزا سان وطن ڪارڊ ڏيندڙ حڪومت ڪفن ڪارڊ ڏيندي رهندي. اِهو ظالماڻو سُلوڪ ڪيستائين رهندو!!!

آخر رات جو هڪ بجي مون کي وطن ڪارڊ مِليو جيڪو ساڻ ڪري دادو ۾ هڪ دوست سائين عزيز رانجهاڻي سان مليس ۽ رات ان وٽ دادو ۾ رهيس جنهن سان پنهنجي ماروئڙن جا ڏک هن بيت سان شيئر ڪندو رهيس.

ادا کهڙا هي وطن ڪارڊ
غريبن لاءِ هي ڪفن ڪارڊ

❊

پٽي تي آندي جڏڙي
پوليس مريندي انهان کون ڏنڊڙي
ڪيڏي وجن انڌي منڊڙي
اُنهان دي هٿ وچ هي چارج
ادا کهڙا هي وطن ڪارڊ

❊

وڏيري ٿي ڳئي واپاري
ڪائن امداد هن سرڪاري
مس وارا ڏتا هن سرڪار
۽ پيٽ ڀريندي اُنهان دي گارڊ

❊

اين جي اوز واليان دي ڳالهه نہ ڪر
اُنهان لاءِ آوي ڏهہ سال ڏُڪر
امداد دي سامان نال ڇوڙيهين ڀانڊي ڀر
مار ڊاڙ آکن هيون سوشل ورڪر.

# ڪئمپ کهاڻي

# ڪئمپ ڪهاڻي-1

## عرفانہ ملاح

ٻوڏ جو پاڻي شهر کي ٻوڙي ئي ٻوڙي. ان کان اڳ ئي مبارڪپور جو حاجي عبدالغفور شهر مان نڪري آيو هو ۽ ٻوڏ کيس ايتري فرصت ضرور ڏني هئي. جو هو هڪ مينهن موٽر سائيڪل ۽ اي سي بہ ڪڍي سگهيو هو. هن جو سامان ڏسي ئي ٽرڪ ڊرائيور هن جي سامان کي ڍوئڻ جي حامي ڀري هئي. نہ تہ گهڻي قدر مسڪين حال ماڻهن کي ڏسي ٽرڪن وارا ڪين ڪٽڻ ئي نٿا. جيڪب آباد يا مبارڪپور کان ڪراچيءَ لاءِ ٽرڪ وارا اوترو ئي ڀاڙو اوڳاڙي رهيا هئا جيترو حيدرآباد کان لاهور جو ٿيندو آهي. ٽرڪ جو ڀاڙو 50 کان 60 هزار رپيا! جڏهن سوات ۾ آپريشن هلندڙ هو تہ سوات کان ڪراچيءَ تائين جو چوڏهن سئو ميلن جي مفاصلي تي پٺاڻن پنهنجون ٽرڪون مفت هلايون هيون. جيڪي لکين آءِ ڊي پي ايز(IDPS) کڻي ڪراچيءَ پهتيون هيون ۽ سڄي سنڌ ۾ روزگار بند ڪري انهن هوٽلن ۾ دربدر خاندانن کي ترسايو هو پرا فسوس هن ڀيري دريا جي ڪروڌ جا شڪار ماروئڙا پنهنجا سنڌي هئا. ۽ سنڌن ٽرانسپورٽر پر ڪي ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ نہ پر سنڌن ئي ڌرتيءَ ڄاوا، ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا. پر مصيبت جي هيءَ گهڙي سنڌن لاءِ ڪمائي ۽ ڌنڌي جي گهڙي ثابت ٿي. ڏهن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ رات جي چئين وڳي ڄامشورو ٽول پلازا وٽ ٽرڪ ڊرائيور ڪين روڊ تي ئي لاهي ڇڏيو. ٽرڪ ڊرائيور پنجاهہ هزار رپيا روڪ رقم ڪانسواءِ ڪين اڳتي وڌي وڃڻ لاءِ تيار نہ هو، سفيد پوش حاجي عبدالغفور ”پرديس“ ۾ بي يارومددگار، ڪنهن کي چا ٻڌائي تہ ڪيس هن ٽرڪ ڊرائيور لاءِ پورا پئسا ڪيسي ۾ نہ آهن. رات جي چئين وڳي کان منجهند جي ٻين وڳي تائين ڄامشوري جي نامهربان اس جي تپش. اڄ ۽ ٻک هن جي سفيد پوشيءَ کي نيٺ ٽوڙي وڌو. ننڍا ننڍا ٻار، تيز اس... آسپاس ماڻهن جا هجوم اچي گڏ ٿيا. ڇڻ ٻوڏ سٽيل نہ هجن. حاجي عبدالغفور جو خاندان ڪو زولاجيڪل گارڊن ۾ پهتل ڪا نئين مخلوق هجي! نہ ڪانئن ڪو پاڻي. ماني يا نٽهڻ اس ۾ روڊ ڪناري هجڻ جو سبب پڇي رهيو هو. نہ ئي ڪين ڪنهن دلداري ٿي ڏني. ان بي يارو مددگار خاندان وٽ پنجاهہ هزار رپيا روڪ رقم نہ هئي. تنهنڪري ڊرائيور رات جو





چئين وڳي ڏاري ڪين ان تہ واٽي تي بيهاري ڇڏيو آسپاس نہ دڪان، نہ ڪو پاڻي جو آسرو، جيڪب آباد کان حيدرآباد تائين هنن جو پاڻيءَ وارو ڪولر بہ خالي ٿي ويو هو، چاليهہ ڀاتين جي ان ڪٽنب نٽهڻ اس ۾ مال وانگر رسن سان ٻڌجي ٽرڪ ۾ ٻک تي سفر ان آسري ڪيو هو تہ سرڪار جي ڪنهن ڪئمپ ۾ پهچي هو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ويلا ماني تہ کائي سگهندا. اها تہ ڪين قطعي ڄاڻ نہ هئي تہ ٽرڪ ڊرائيور روڪ رقم نہ هجڻ تي ڪين رستي تي بيهاري ڇڏيندو. ٻک ۽ اڃ سبب ٻارن ۽ زائفائن جي حالت خراب هئي. بس حاجي عبدالغفور حوصلو ڪري بيٺو هو. اهو پهريون خاندان هو، جيڪو ڄامشوري جي ڀهاڙين ۾ لٿو هو. هر ايندڙ ويندڙ ڪين اچي ڏسي رهيو هو، ماڻهن جي تماشبين نگاهن مبارڪپور جي هن روايتي ٻروچ کي وڏيڪ جهوري وڌو هو، هن جا ننگ ۽ جوان نياڻيون روڊ تي ويٺيون هيون، ڊرائيور ڪين ڪراچيءَ تائين کڻي وڃڻ لاءِ ٻنهہ تيار نہ هو ۽ نہ ئي ڄامشورو انتظاميہ جي ڪنهن نمائندي جو ساڻن رابطو ٿيو ٿئي. شابس هجي موٽر وي پوليس وارن جوانن کي. جن هنن کي پاڻي بہ پياريو ۽ ڪين ٿورو گهڻو ڪاڌو بہ ڏنو. موٽر وي وارن بہ ٽرڪ ڊرائيور کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڊرائيور کي فون ملتان فون هئي ٽرڪ مالڪ ڊي ايس پي جي جيڪو کيس چئي رهيو تہ هاڻي تہ ٽرڪ جو ڀاڙو اڃا بہ وڌي ويو آهي. ماڻهو ستر هزار کان اسي هزار رپيا بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. وارو ڪر پئسا اوڳاڙ ۽ واپس اچ سوا ٿي سئو ميلن جي مفاصلي تي ٽرڪون اڌ لک جا ڀاڙا انهن مصيبت ماريلن کان وٺي رهيون آهن. جن جو الله تلهہ تہ ڇا پر گهرن ۽ قبرستانن جا سنڌا بہ لڙهي ويا آهن. آخرڪار اس ۾ تڙپندڙ ٻارن ۽ عورتن جا واسطا ڏيڻ کان پوءِ ڊرائيور ڪين ڄامشورو لمس ڪالونيءَ جي سرڪاري اسڪول تائين پهچائڻ لاءِ راضي ٿي ويو. پر ان کان پهرين ڊرائيور کي ضامن پئي ڪپيو تہ هي ماڻهو اتي پهچي سندس پئسا کيس ترت ڏيندا. حاجي عبدالغفور پنهنجي موٽر سائيڪل ۽ مينهن کيس ڏيڻ لاءِ تيار هو پر ڊرائيور چيو تہ صاحب جو حڪم آهي تہ ”روڪ رقم“ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ وٺ. هو روڊ تي موجود ماڻهن کي منٿون ڪرڻ لڳو تہ ڪير موٽر سائيڪل يا مينهن وٺي ۽ کيس روڪ رقم ڏئي. جبل جيڏي مڙس جا هواس ختم ٿيڻ لڳا. رات چئين وڳي کان اچي شام جا چار ٿيا. هن جي همت جواب ڏئي ويئي. هن ڏٺو پئي تہ منهن لڪائي ويٺل هن جون عورتون ٻارن جي رڙين ۽ ڪوڪن جي ڪري بيچين، وائڙيون ۽ پريشان ٿي هر هر اچي سندس پر ۾ پئي بيٺيون. ”بابا ڪڏهن هلنداسين؟“ هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت سندن پر ۾ اچي کيس ڪجهہ چيو. نہ سندس موٽر سائيڪل جو ڪو خريدار مليو. نہ ئي مينهن جو پيو ملهہ ٿئي. هو اڳيان وڌي سامهون بيٺل عورتن وٽ آيو ۽ ڪين چيائين تہ. ”امان، منهنجين نياڻين کي پاتل زيور رکو. مون کي پنجاهہ هزار رپيا ڏيو تہ مان هن ڊرائيور کي ڏيان.“ ان کان پوءِ هن پنهنجي نياڻين ۽ ٻين عورتن کي سڏ ڪيو ۽ ڪين جلدي ڀيرن مان ڪڙا لاهڻ لاءِ چيائين ڇوڪرين توڙي ٻين

عورتن ڪي پيرن ۾ ٿلها چانديءَ جا ڪڙا پيل هئا ۽ ڪنن ۾ سونا والا هئا. جڏهن هڪ هڪ ڪري هو وچ رستي تي پنهنجا زيور لاهڻ لڳيون ته سندن پيءُ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو، ڇڻ سندس اکين ڪي ڏنل ٻروچڪي همت ۽ حوصلي وارو ٽوڙي بند ٽٽي پيو هجي. هن جي اکين مان پاڻي جو درياهه ائين ئي وهي رهيو هو. جيئن هن مهل اجڙيل سنڌ جي سيني تان وهي رهيو آهي.



# ياڳان جو اپاءُ

هي ڳڙهي خيرو جو بروهي خاندان آهي. ڳڙهي خيرو: جنهن جي ٻڏڻ جو ڪو ٻه امڪان نه هو ۽ جيڪب آباد ڪي بچائڻ لاءِ جيڪا ”ڪٽا ڪٽ“ شروع ٿي. انهن ڪٽن مان پاڻي وڃي ڳڙهي خيرو جو گس ورتو. بروهين جو هي ڪٽنب ٽرڪ ۾ چڙهي سڌو اچي ڄامشوري پهتو. ڳڙهي خيرو مان موت جي راڪاس ڪي مات ڪري ياڳان پنهنجا سڀ ٻار سيني سان لائي. چند ڪٽون ۽ هڪ وڏي پيتي ساڻ ڪنئي هئي. پنهنجي ٻچن ڪي هن ڪڏهن رئي جي پلاند سان پئي ڊڪيو ته وري ڪڏهن ٽرڪ ۾ چانوَ واري پاسي پئي ويهاريو. اهو ڏينهن- رات جو سفر هو، هنن وٽ ڪجهه روڪ رقم هئي. جيڪا هنن گڏ ڪري ٽرڪ واري ڪي ايڊوانس طور ڏني هئي. هاڻي هو ايترو ته هٿين خالي هئا. جو رستي تي ٻارن ڪي پيارڻ لاءِ پاڻيءَ ڪانسواءِ وٽن ڪجهه ٻه نه هو، ياڳان ڪي آسرو هو ته هيءَ ظلم جي رات جهڙي اونداهي رات نيٺ پوري ٿيندي ۽ صبح ٿيندو، ۽ هوءَ پنهنجي ٻارن ڪي ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪائڻ لاءِ ڏيندي، پر رستي تي گاڏين جي رش ۽ پاڻي جي ڪري سندن سفر طويل ٿيندي پئي ويو. ڪيترائي ڪلاڪ هو اس ۾ روڊن تي اهڙي حالت ۾ بيٺا رهيا. ٽرڪ ايتري ته ماڻهن سان ٿيل هئي. جو هو لهي چڙهي ٻه نه پئي سگهيا. ٽرڪ ۾ انسان ائين ٿيل هئا. جيئن قربانيءَ جي عيد لاءِ ٽرڪ مٿان رسا ٻڌي انهن ۾ ٻاڪرو مال وجهندا آهن. ياڳان جا ٻه ٻار، جن ۾ ٻن سالن جي انيلا ڪي هوءَ جيتوڻيڪ هنج ۾ لڪائي اس ڪان ته بچائڻ ۾ ڪامياب وئي هئي پر ان ٽرڪ ۾ ٿيل انسانن جي هجوم ۽ بڪ، نه ختم ٿيندڙ سفر جي ٿڪاوٽ واري تڪليف انيلا جي سهپ ڪان گهٽي هئي هن معصوم ڪي اها ته ڪا ٻه خبر نه هئي ته سندس ماءُ پيءُ مسافريءَ ۾ آهن پر سندس ستن سالن جي ڀاءُ الطاف ڪي اها ڄاڻ هئي ته هو ”پرديس“ ۾ آهن. تنهنڪري هو خاموش ٿي سفر جي خاتمي جو انتظار ڪري رهيا هئا. سندس وڏي پيڻ ڪيس ٻڌائي رهي هئي ته هتان نڪري اسان جيئن ئي ”پڪي“ تي پهچنداسين ته پهرين ماني ڪائينداسين ۽ ان مانيءَ جو آسرو هنن ڪي ايتري ته همت ڏيندو رهيو، جو هو ڏهن ڪلاڪن تائين صبر سان رستي جي خاتمي جو انتظار ڪندو رهيو. رستي تي پيئڻ لاءِ ڪين صرف پاڻي پئي مليو. ياڳان جو هانءُ ان مهل ٻڏڻ ڳو. جڏهن تيز اس ۽ بڪ، رستي تان ملندڙ

 

پاڻي ڪري ٻن سالن جي انيلا کي تيز بخار ٿي پيو. هوءَ صرف خدا کي ٻاڏائڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه پئي ڪري سگهي ۽ ٻئي طرف سندس ٻارنهن سالن جي ڌيءَ، جيڪا هن وقت تائين الطاف کي ريجهائي رهي هئي ۽ هن معصوم کي سمجهائي رهي هئي ته هو روئي نه، هو جلد ڪٿي نه ڪٿي پهچي ويندا ۽ سامان لاهڻ کان پهرين هو ماني کائيندا. تنهن ڏنو ته الطاف جي برداشت جواب ڏيڻ لڳي آهي ۽ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان مسلسل پاڻي تي گذارو ڪندڙ الطاف کي الٽيون ۽ دست ٿي پيا آهن. هن پنهنجي ماءُ کي الطاف جي بيماريءَ جو ٻڌايو. هڪ ٽرڪ ۾ سٽيل پاڳان هڪ پاسي انيلا کي ويهاريو ته ٻئي پاسي الطاف کي ڪٽي پاڪر ۾ پريائين پر اها رات ڪٽي ڪو نه پئي. هن جي جگر جا ٽڪرا گيسٽرو ۾ مبتلا ٿي ساٿا ٿي پيا هئا. مسافريءَ جي عذاب، مال ملڪيت کي پوئتي ڇڏي اچڻ ۽ دربدريءَ جي اوني، جنهن اڳ ئي پاڳان کي پاڳان ڪري ڇڏيو هو. ان پاڳان جو سڄو وجود ئي ذرا ٿي پيو. جڏهن هن جي پنهنجي ٻانهن تي ٻي جان ٿيندڙ هن جي ڌيءَ هئي ۽ پٽ هو الطاف جي پيڻ. جنهن رات جي خاتمي جي خبر ٻڌائيندي الطاف کي ايترا ڪلاڪ ريجهايو هو، نيٺ ان رات جو صبح ته ٿيو پر جڏهن صبح جو اها ٽرڪ ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي اسڪول واري ڪئمپ سامهون بيٺي ته ان ڪئمپ ۾ سامان لاهڻ وقت پاڳان جيڪو پهريون ڳرو بار پنهنجي هٿن سان لاٿو، سي سندس مرده ٻارن جا جسم هئا. هنن گهر مان، ڳڙهي خيرو جي ٻڏندڙ ڇپرن ۽ لڙهندڙ جهوپي مان جيڪو سڀ کان قيمتي سامان بچايو هو. سو سندس ٻچن جو ساهه هو، پر ان نه ختم ٿيندڙ چوويهه ڪلاڪن جي سفر، جنهن ۾ خبر ناهي اهي ڪيترائي پيرا مئا ۽ جيئرا ٿيا ۽ جنهن صبح جي انتظار ۾ هو. جڏهن سڪي تي لٿا ته سامان کان پهرين ان جنهن قيمتي شين کي لاٿو. اهي سندس ٻچن جا لاش هئا. ڪئمپ ۾ پهرين امداد جا ڪين ملي. اها ماني نه هئي. جنهن جون ڳالهيون ٻڌائيندي پاڳان ڪيترائي ڪلاڪ پنهنجي ٻچن کي پئي سنڀاليو پر اهي سندس ٻن ٻارن، ٻن سالن جي انيلا ۽ ستن سالن جي الطاف جا ڪفن هئا. صبح ته ضرور ٿيو پر الطاف جا ڪفن هئا. صبح ته ضرور ٿيو پر الطاف جي زندگيءَ ۾ اهو صبح نه آيو. هي محبوب علي ۽ پاڳان جو ڪٽنب هو. جنهن پنهنجي رزق وسيلي لاءِ ”پرديس“ ۾ ڪمائي جو سهارو سلائي مشين به آندي هئي پر ان مشين تي به پئسا ڪمائيندڙ ڪو جوڙو نه پر ڪئمپ تي پهچڻ کان پوءِ جيڪو پهريون سيبو ۽ بخيو ڏنو ويو. سو سندن ٻچن جي ڪفن جو سيبو هو، ۽ پناهه لاءِ مين تي سندن گهر نهڻ کان پهرين سندن ٻن ٻارن جون قبرون ٺهيون هيون. ”پاڳان“ پنهنجي پاڳ اپاڳ کان بيخبر هڪ ڪٽ تي بيهوش پئي هئي ۽ سندس ننيڙي ڌيءَ بروهڪيءَ ۾ صرف ايترو چئي رهي هئي ته ” منهنجا غريب پاءُ ۽ پيڻ ” پرديسي“ هئا. موڪلائي ويا.





# ڪئمپ ڪهاڻي-2

سونا ٻنڊي ٻيلي ۾ آباد ڳوٺ غلام قادر چانڊيو جون اهي عورتون، جن لاءِ دادو شهر ئي ڪل ڪائنات هئي. ۽ جن جي ”ذات“ جي دهشت پوري علائقي ۾ هئي. ان ئي ڳوٺ جا چانڊيا، جيڪي پرو چانڊيي جا ذات ڀائي هئا. هنن کي اها ڪل ئي ڪا نه هئي ته ” پرو چانڊيي“ ڪانسواءِ به ٻي ڪا قوت ٿي سگهي ٿي. جنهن جي خوف ۾ هو راتو واهه ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ٿيندي ڏسندا ۽ اهڙي حالت ٿيندي جو ماڻهو ماڻهوءَ کان ڌار ٿي ويندو هنن ته هوش تڏهن سنڀاليو. جڏهن پراڻي وحدت ڪالونيءَ جي اسڪول ۾ اچي هنن جو لڏو لٿو، درياهه جهڙي دهشت رکندڙ علائقي جي هنن ماڻهن جو لڏو به خاموشيءَ سان لٿو پر ٻار توڙي عورتن ۾ موت جهڙي خاموشي هئي. شام لهي چڪي هئي. سيلاني ٽرسٽ طرفان ماني پهتي. پاسي واري در جا ٻار توڙي وڏا ٻڪي ٻوڙي ماني وٺي رهيا هئا. هنن وٽ ٻنهه خاموش هئي. ٻڪي ٻوڙي ماني وٺڻ ته پري جي ڳالهه پر ڪنهن ماني وٺي ڪين پهچائي ته هنن ان کي به هٿ نه پئي لاتو سڀ عورتون هٿن ۾ وڏي تسبيح ڪٽي پڙهڻ ۾ مشغول هيون ڪنهن زائفان جو آواز آيو، ”وڏي آواز ۾ ”ناد علي“ پڙهو. موليٰ حسين عليہ السلام جي صدقي خير ٿي ويندو الله ۾ آسرو رکو. روئو نه ان حڪم جي تعميل ڪندي ڪنهن ڳوڙها اگهيا ته ڪنهن ڳيت ڏئي سڏڪو روڪيو. سڀ ملي ڪري ناد علي پڙهڻ لڳيون. وچ ۾ سيل فون جي رنگ وڳي. ڌڻي ڏنو چانڊيو کي پويان رهجي ويل مردن جي فون هئي. سڀ عورتون ان کي ڦري ويون. خبر مڙئي ڪا خير جي نه هئي. تيز پاڻي جي وهڪري مال ته لوڙهي ڇڏيو پر همراهه ڇتين تي ويٺا هئا. انهن تائين اچي پاڻي پهتو آهي. هو ڪچي جا ويٺل ماڻهو هئا. ڪين پڪ هئي ته پاڻي ايندو. تنهنڪري هنن سامان ته پڪي ڏانهن موڪليو هو پر جڏهن ڏهن ڏينهن تائين سکر ۾ وڏي ٻوڏ کان پوءِ به پاڻي سندن ڳوٺ جي پر واري ڊنڍ ۾ به نه آيو ته هنن ڀانيو ته پاڻي هن واري پنهنجو رستو بدلائيندو يا وري سڀ خبرون ڪوڙيون آهن. سندن وڏڙي ٻڌائي پئي ته ”امان! ڇيو مان ته نڪري هلون. دير يا سوير پاڻي ايندو ضرور، مال به ڪڍو ته پڪي تي هلي ويهون. پر مجيائون ئي ڪو نه مرد چون پيا ته توهان ڊڄڻيون آهيو. جي پاڻي آيو به ته گوڏي جيڏو پاڻي ايندو. ايترو ته پنهنجي ڳوٺ جو بند جهلي ويندو. امان

اسان جيئن تہ ٽي وي پئي ڏيکاري تہ هيترا ڳوٺ پيا ٻڏن. پنهنجو ڳوٺ ڪيئن بچندو؟ تہ جيئن تہ ٽي وي وارا پڪي جا ماڻهو آهن. گوڏي جيتري پٽي تي بہ پيا هاءِ گهوڙا ڪن. اجايو ڏيڄاري ڳوٺ پيا لڏائين. ويچارن ماڻهن کي پيا بي گهر ڪن. امان اسان گهٽي هاءِ گهوڙا ڪئي ۽ احتياط طور مون تہ پنهنجي سلائي مشين بہ مٽي جاري ۾ لڪائي رکي. پر تو کي خبر ناهي تہ ڪچي ۾ مائيءَ جو وات مينهن جي رڙ کان بہ ويل آهي. ڪيترو بہ ڳالهائي پر ڪير ٻڌندو ئي ڪو نہ پوءِ تہ اهو ويل ٿي ويو. رات وچ ۾ اهڙو پاڻي پهتو جو مال ۽ سامان تہ اتي ئي ڇتو. بس ٻار ڪٽي. انهيءَ ڏٽي ڏني سان نڪتاسين. ويهہ جا ويهہ مرد پويان رهجي ويا آهن.“ هوءَ اڌ عمر جي زائفان ٻڌائي رهي هئي. ”امان، پاڻي تہ اسان پهرين بہ ڏٺو هو، ايندو هو پهرين گوڏي جيڏو پوءِ چيلهہ جيترو ٿيندو هو پر هيل تہ مٿان پيو وري. اسين هتي اچا مس پهتا آهيون تہ پاڻي ڇت تائين پهچي ويو آهي. هينئر سڀ گهرن جي ڇتين تي ويٺا آهن ۽ گهر ڪچا آهن. اجهو ٿا ڪرن.“ جڏهن اسان ان پوڙهيءَ کان حال احوال پئي ورتا هڪ ٻي اڌڙوٽ آئي ۽ هن چيو تہ ”امان اسين رڳو نہ ڦاٿا آهيون. پاسي جي ڳوٺن وارا بہ وٽن تي ويٺا آهن. سرڪار کي ٻڌايو تہ انهن جو بہ ٻڌايو“ ان تي ٻي زائفان چيس: ”اڙي بس، پهرين پنهنجا تہ ٻچا ۽ ور بچايون. ٻين کي ڇڏي ڏي.“ ان تي مائيءَ وراڻيو تہ ”ائين ڪيئن ڪنداسين سڄي عمر ڏک، سک ۾ گڏ رهياسين. ٻوڏ ۾ انهن کي ڇڏي ڏيون!“ اهي عورتون تہ اسان کي سرڪار جو ماڻهو سمجهي منٿون ڪرڻ لڳيون تہ ڪجهہ ڪريو. واهر ڪريو. ڪچا ڪوٺا آهن. رات جو لڙهي ويندا، صبح کان پاڻيءَ ۾ آهن. ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ آخر ڪنهن کي چئجي؟ ڇا ڪجي؟ ڪنهن دوست چيو تہ ڪي ٽي اين جي ٻوڏ سيل ۾ فون ڪريو. مشڪل سان ڪيمپ ۾ نمبر حاصل ڪري اتي انهن کي اطلاع ڏنوسين. ڪي ٽي اين ان وقت ساهہ لاءِ تند جو سهارو ٻڌجي پئي تہ. ڳوٺ غلام قادر چانديو ۾ ويهہ ماڻهو ڦاٿل آهن ۽ هو گهرن جي ڇتين تي ويٺل آهن. سياٽي تائين گهر ڊهي پوندا. انهن عورتن کي دلداري ڏيندي ڪين پنهنجو سيل نمبر ڏئي واپس آياسين تہ رات جو ٻارهين وڳي عورتن مان ڪنهن فون ڪئي تہ، ”ادي ٻيڙي تہ آئي. هڪ چڪر ڪري پاسي واري ڳوٺ جا ماڻهو ڪڍي وئي. اسان جا اجا اتي ويٺا آهن.“ هاڻي ڇا ڪجي؟ رات جي هن مهل، هنن عورتن جي بيوسي وئي پئي وڌندي. ”چنڙ“ جو مڙس، جوان پٽ ۽ ياءُ گڏ هئا. پر صبح تائين گهر ڊهڻ لڳا. ماڻهو ماڻهوءَ کان ڌار ٿي ويو. هو وٽن تي چڙهي ويا. سندس ياءُ جي ڪال آئي تہ هو افسانہ (مائي) جي پٽ ۽ گهر واري کان وڇڙي ويو آهي ۽ هنن جون موبائلون بہ بند ٿي ويون آهن. ٻي ڏينهن جي منجهند تائين ڊي سي او دادو جي هيلپ لائين تي فون ڪري انهن ويهن ماڻهن جو اطلاع ڏنوسين ڊي سي او دادو جي عملي چيو تہ اسين ٻيڙي موڪليون پيا. رات جا اٺ ٿيا پر ٻيڙي ان ڳوٺ نہ پهتي. پاڻي اچي وٽن تائين لڳو. مسلسل ٻن ڏينهن ۽ راتين جي اوجاڳي، بک مننار چانڊيو، جيڪو افسانہ جو





ياءُ هو. کي بيمار بہ ڪري وڌو. ”چنڙ“ روئي روئي پئي ٻڌايو تہ، ”ادي، هاڻي تہ پاڻي ۾ وٽن تي بيهي اسان جي ٻچن جا پير بہ سڄي پيا آهن. موبائل بہ جواب ڏيڻ واري اٽن. ڪا واهر ڪريو.“ ڊي سي او دادو جي هيلپ لائين تي ئي وري فون ڪيوسين تہ جواب مليو تہ سٺ ٻيڙيون هيون. سڀ وڏيرا ڪٽي ويا آهن. پنهنجا ماڻهو پيا ڪڍن سياٽي انهن جو ڊيزل بند ڪنداسين تہ پوءِ واپس ڪندا ۽ پوءِ ان علائقي ۾ ٻيڙي موڪليندسين. اها ٽئين رات هئي. جو هو وٽن تي بکيا ويٺا هئا تہ من ڪا واهر ٿئي. ٻئي ڏينهن وري هيلپ لائين تي جواب مليو تہ ”اسان ڊيزل بند ڪيو تہ هنن اچ مورو-دادو پل تي احتجاج ڪيو آهي. هاڻي تہ وڏيرا پنهنجا ڪتا گهُڙا بہ پيا ڪڍن“ هتي عورتن ۽ ٻارن جو ساهہ ٽنگيل هجي. هنن کي ڪيئن ٻڌائجي تہ ان جي ٻچن کان وڌيڪ وڏيرن جا ڪتا آهن! هو هڪ گرهہ بہ وات ۾ نہ پيا وجهن. نہ ئي سڄي رات مجال آهي جو ڪنهن کي ننڊ اچي افسانہ چوڻ لڳي تہ ”هنن سان گڏ پيا اوجاڳا ڪريون، اسين تہ سڪيءَ تي سنئين پٽ تي آهيو. هو تہ وٽن تي ٽنگيل آهن ۽ اڌ پاڻيءَ ۾ آهن. اچ ٻيڙي نہ پهتي تہ پاڻ بچائي ڪو نہ سگهندا ۽ پاڻيءَ ۾ ڪري پوندا. ”آخرڪار هر وسيلي کان فون گهمايوسين. وڏيرن کان ڪا هڪ ٻيڙي واندي ٿي جو چوٿين رات جو ائين وڳي ان علائقي ۾ پهتي مننار چانڊيي سميت ڪجهہ ٻيا ماڻهو نڪري آيا. چنڙ جو ياءُ تہ پهچي ويو پر سندس پٽ هوت ۽ مڙس امير بخش جي ڪا بہ خبر ڪا نہ پئي اها چوٿين رات هئي ۽ افسانہ، جنهن پنهنجي ٻچن جي ڏکي ويل ۾ پنهنجي پاسي واري ڳوٺ کي ياد پئي ڪيو ۽ انهن جي بہ پئي پارت ڪيائين. ان ئي چنڙ جو سڄو ڳوٺ تہ نڪري آيو پر سندس جوان پٽ ۽ ور ڪٿي رهجي ويا؟ ڪٿي انهن جا لاش بہ لڙهندي نظر ڪو نہ پئي آيا. جو سمجهي تہ پاڻي ۾ ڪري پيا هوندا. مننار چئي پيو تہ اسين مختلف وٽن کي لڙهندي چنبڙي پيا هئاسين ۽ هڪ ٻئي کان پري ٿي وياسين. ٻيڙي واري هيلپ لائين وارن چيو تہ. اسان ٽي ٻيڙا ساڳئي ڳوٺ ۾ ٻيڙي موڪلي آهي. هر وڻ تي ويٺل ماڻهوءَ کي تہ نٿا ڪٽي سگهون! چنڙ جو جيتوڻيڪ سڄو ڳوٺ بچي ويو هو ۽ ٻيون سڀ عورتون اتي هلڻ گهمڻ بہ لڳيون هيون پر هن کي اهائي تسبيح هٿ ۾ هئي. ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجن مردن سان بک پچائڻ ڪري هوءَ ساڻي ٿي چڪي هئي. مٿان جوان پٽ ۽ مڙس جي گمشدگي ڪيس بيحال ڪري ڇڏيو هو. ” ڪئمپ ۾ ماڻهو اچن وڃن پيا.“ هوءَ رنجيده ٿي چوڻ لڳي تہ، ”خبر ناهي تہ مان عدت ۾ بہ آهيان يا نہ“ شام اچي لٿي پر ان ڪئمپ ۾ بہ شام غريبان اچي لٿي هئي. جهڙي گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان سنڌ مٿان لٿل آهي. هر هند خيما بستيون آهن ۽ اجيا ۽ بکيا ماڻهو آهن. هڪ آخري ڪوشش طور وري ڊي سي او جي نمبر تي فون ڪئيسين. آسرو گهٽ هو، چوٿون ڏينهن هو، مسلسل اڄ بک تي هوت ۽ امير بخش جن مان هڪ افسانہ جو مڙس هو ۽ ٻيو پٽ، سي جيئرا بہ هجن. ڊي سي او دادوءَ جي نمائندي اسان جي منٿن ڪرڻ تي آخر هڪ دفعو ٻيهر ٻيڙي موڪلڻ جي حامي

پري پر وري رات ٿي چڪي هئي. هڪ طرف 18 ماڻهو بچي وڃڻ جي خوشي به هئي ته ٻئي طرف چٽڻ ڪي گهر لٽجڻ جو غم، هوت ۽ امير بخش جي نه ملڻ سيني کي بي انتها اداس ڪري ڇڏيو. هاٽي ته  چٽڻ کي دلاسي ڏيڻ جي لاءِ به ڪجھ ڪو نه بچيو هو. اسين  چپ چاپ هلي آياسون. ٻئي ڏينهن صبح جي ٻارهين وڳي امر سنڌو کي فون ڪيو ۽ هوءَ اوڇنگارون ڏئي روئي رهي هئي. جيڪي ڳوڙها هن چار ڏينهن روڪيا هئا. جيڪي سڏڪا هن نڙيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيا هئا. سي سڀ هن جي آواز ۾ پرجي ويا هئا. هن ٻڌايو ته هن جو گهر وارو ۽ پٽ ٻئي زندھ آهن ۽ آخري چڪر واري ٻيڙي نيم بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڪنهن وڻ تي ويٺل ٻنهي ڄڻن کي ڪڍي آئي آهي پر هنن جي حالت خراب آهي ۽ هو اسپتال ۾ آهن. ”هن سان گڏ اسان جون به اکيون پرجي آيون.





# ڪٽمپ ڪهاڻي-3

رات جي پهرئين پهر اهي ٻارن سميت پنهنجي گهر ۾ ستل هيون ته اوچتو سندن گهر ۾ ٽرٽلو مچي ويو، هر طرف گهمسان هو، جنهن کي جيڪا شئي پئي هٿ آئي. انهيءَ اها پئي ڪنئي ڪنهن جي پيرن ۾ هڪ جتي هئي ته ٻي نه هئي. عورتن پنهنجا ستل ٻار ڪلهن تي مس ڪنيا ته ٽرڪ اچي در تي بيٺي. هو تڙ تڪڙ ۾ ٽرڪ ۾ چڙهي نڪري پيا هئا. ڪين ڪا به ڪل ڪا نه هئي ته هو ڪيڏانهن ويندا ۽ ڇا ڪندا؟ هو مبارڪپور جي پاسي واري ڳوٺ جا ڪڙمي هئا. هي جٿو 36 خاندانن تي مشتمل هو، جيڪي پنجاھ سالن کان زميندار جميل پنجابيءَ جي زمين تي ڪم ڪندا هئا. ان وقت جڏهن هر طرف قيامت جو منظر هو، پاڻي اچي ڳوٺ سان لڳو هو، آسپاس جي هر زميندار جي اها ڪوشش هئي ته سندس زمينون بچي وڃن ۽ سندس هاري بچاءَ بندن تي ويٺل رهن زميندار ته پنهنجا ٻار ٻچا ڪڏي محفوظ هنڌن تي پهچائي چڪا هئا ۽ ڪين هارين جو ڪو به فڪر نه هو پر مبارڪپور جي هنن ابڙن جو نصيب انهيءَ لاءِ به چڱو هو جو سندن زميندار کي جڏهن محسوس ٿيو ته هاڻي هنن جو ڳوٺ محفوظ نه رهيو آهي . ته هن جي ماڻهن رات جو ڪين اطلاع ڏنو ته پاڻي رات وچ ۾ ڳوٺ تائين اچي پهچندو، ڪين نه صرف اطلاع ڏنو ويو پر زميندار ڳوٺ وارن لاءِ ٽرڪن جو بندوبست پڻ ڪيو، جيڪو اڌ رات تائين اتي پهچي ويون. هن ڪين اهو چئي رخصت ڪيو ته، ”مون کي ڪا خبر نه آهي ته اڳتي ڇا ٿئي. مون پنهنجا ٻچا به ڪڍيا آهن. هاڻي توهان کي ڪيئن بي يارومددگار ڇڏي هليو وڃان.“ ڪين ڪٿي ڪا به چت، ڪا به ڇانوَ ڪا نه پئي ملي. هو ذات جا  ابڙا هئا ۽ سندن ذات ڀائي ۽ پري جو مائٽ حيدرآباد شهر ۾ رهندو هو، آخرڪار مبارڪپور کان حيدرآباد تائين سواءِ ڏامر جي تپندڙ روڊ ۽ سنڌ جي  آڪاش جي جرڪندڙ سج ڪانسواءِ سندن ڪو به ساٿي نه هو. اهو پهريون قافلو هو، جنهن حيدرآباد شهر جو رخ ڪيو هو، پر شام ڌاري تيز برسات سندن حوصلا ٽوڙي وڌا. ڪين ائين لڳو ته جڻ پاڻي هو پاڻ سان گڏ ڪٽي نڪتا آهن ان رات آسمان جا بند ڀڄي پيا هئا. جيئن هاڻي سنڌوءَ جا ڪپر اٿليا آهن. تيز طوفاني برساتن مٽيءَ کان ميرپور بٺوري ۽ مبارڪپور تائين ڪيترائي ڪلاڪ ائين وسندي رهي. جو لڳي پيو ته دنيا جا سڀ سمنڊ سنڌ جي آسمان ۾ سموئجي ويا هئا. هو زمين تي موجود پاڻي کان ته بچي نڪتا پر هاڻي آسمان مان وسندڙ ان پاڻيءَ کان

ڪيئن بچن. جيڪو ان وقت پيو وسي، جڏهن هو 160 ماڻهو روڊ تي ويٺا آهن. هن عورت ڏاڍي ڏک سان پئي ٻڌايو تہ ”اسان جا ڪپڙا آلا ٿي ويا ۽ پوتيون بہ آليون ٿي ويون. وچ روڊ تي، اسان جي اکين آڏو اسان جون جوان ڌيئر بي پرده پئي ٿيون. هنياءُ پئي ڦاٽو، ڏسي ئي نہ پئي سگهياسين. بس هٿ ٿاهي ويٺاسين. وچ تي جوان ڇوڪريون ويهاريوسين، بس نہ پڇ تہ هڪ ئي وقت اسان تي زمين ۽ آسمان ڪيئن ڦاٽا هئا. نہ سفر پئي ختم ٿيو، نہ ئي برسات پئي ڪٿي، تيز برسات جي ختم ٿين جو آسرو لاهي اسان ٽرڪ ۾ چڙهي نڪري پياسين.“ آخر رات جي اونداهيءَ ۾ دربدر ٿيندڙ هن خاندان ڪي ٻي رات وچي انهن مائٽن جو ڏس پتو مليو ۽ هو وچي انهن جي درتي لٿا. هيترا سارا ماڻهو گهر ۾ رکڻ جي همت نہ ساري سندن مائٽ قاسم آباد ۾ پنهنجي ذات پائي سياسي اڳواڻ ڪي منٿ ميڙ ڪري هن قافلي ڪي اچي پٺائي ٽائون جي گرلس اسڪول ۾ ڇڏيو. ان رات شديد برسات جي ڪري بجلي بہ نہ هئي. ۽ اسڪول جا ڪلاس روم بہ بند هئا. هو ٻن راتين ڪان ٻکيا هئا ۽ انهن سڄي رات اسڪول جي ورانڊن ۾ ويهي گذاري. ٻن راتين جي بک، تيز برسات، ڏکي سفر هنن جا حال هيڻا ڪري ڇڏيا هئا. صبح جو اسڪول ۾ جڏهن ماسترياڻيون پڙهائڻ آيون تہ هي ماڻهن جو هجوم ڏسي حيران پريشان تہ ٿيو. پر سندن دل ان وقت ٻڏي وئي. جڏهن کين خبر پئي تہ هي خاندان ٻارن سميت ٻن ڏينهن ڪان ٻکيا آهن . هو جيڪي رات انهن ڪي هتي ڇڏي ويا هئا. انهن هنن ڪي پاڻي بہ نہ پياريو هو، هڪ طرف اهو غير سنڌي زميندار هو، جنهن ٽرڪون گهرائي کين پڪي تي پهچايو هو تہ ٻئي طرف اهي شهري اڳواڻ هئا. جيڪي کين هڪ اسڪول ۾ ڇڏي ”ڇومنتر“ ٿي ويا. هنن جي ايتري هلي پئي جو کين گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديڳ پٽ جي ڪارائي پئي سگهيا پر انهن ايتري ذميواري بہ محسوس نہ ڪئي اتي آيل ماسترياڻين پنهنجي پرسن مان پئسا ڪڍي پهرين تہ ٻارن ڪي بسڪوٽ ۽ ڪير گهرائي ڏنو. ان ڪان پوءِ هنن پنج پنج سئو رپيا ڪري هنن لاءِ ديڳ پٽ جي بہ ٺهرائي. انهن ماسترياڻين جي اڳواڻ سحر رضوي هئي. پورا ٻہ ڏينهن اهي ماڻهو بغير ڪنهن سرڪاري ادامداد جي اتي پيا رهيا. ماڻهو هر گهر مان جڏهن ٻہ مانيون ۽ ٻوڙ کڻي اسڪول اچڻ لڳا تہ. هنن عورتن جي ڳلن تان نير وهڻ لڳا. هو هڪ ٻئي ڪي ڀاڪر پائي روئڻ لڳيون . هو اها ڳالهہ برداشت نہ پئي ڪري سگهيون. هو چئي رهيون هيون تہ ڪڏهن اسين ماڻهن ڪي الله جي نالي تي ماني ڏيندا هئاسين ۽ هاڻي ماڻهو اسان ڪي پيا ماني موڪلين. ان ڳالهہ سحر رضوي جي دل ڪي اهڙو رنجايو جو ٻئي ويلي تي هن پنهنجي گهر ۾ پاڻ ديڳڙا رڌي پچائي کين ڪارايا. هن ئي آسپاس جي ماڻهن ڪان ڪپڙا لٿا. صابڻ ۽ ٻيون شيون وٺي کين ڏنيون نہ صرف ايترو پر هن هڪ ڊاڪٽر ۽ ڪجهہ دوائون پنهنجي دوستن جي مدد سان اتي پهچايون ۽ هي اهي ماڻهو هئا. جن ڪي حيدرآباد انتظاميہ اهو چئي رجسٽر ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ هي حيدرآباد جا متاثرين نہ آهن ۽ حيدرآباد انتظاميہ





وٽ صرف هتان جي ماڻهن لاءِ فنڊ آهن. ٺل يا جيڪب آباد واسين لاءِ کين ڪو بہ فنڊ مليل نہ آهي. هنن مبارڪپور واسين ڪي ڇئن ڏينهن جي دربدريءَ ايترو تہ سيڪاري ڇڏيو هو تہ درد جي ڪا بہ ٻولي نہ هوندي آهي. پر حيدرآباد انتظاميہ کين اهو ضرور محسوس ڪرايو تہ پئسي جي سرحد آهي ۽ فنڊن جي بہ حد آهي. ايتري قدر جو آخري آپشن طور هنن حيدرآباد باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو. جو اهي پنهنجي زميندار، جيڪو نہ سندن ذات پائي هو. نہ ئي سندس ٻولي ڳالهائيندڙ هو، جي مهربان روين جا عادي هئا. کين اها ڄاڻ قطعي نہ هئي تہ هن شهر جي انتظاميہ جون دليون ڪيتريون سوڙهيون آهن نہ ئي کين اها ڄاڻ هئي تہ سنڌ جي نالي تي سر قربان ڪندڙ داتا. هنن سنڌين لاءِ صرف چند هزار رپيا بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. پر فيض جي بقول، ”بڑا هي درد ڪا رشتا“... ۽ ٻئي طرف هن درد جي رشتي وارا بہ هئا. جن سندن ساٿ نہ ڇڏيو هو، اڄ کين ڪئمپن ۾ ڪيترائي ڏينهن ٿي چڪا آهن. هنن جون اکيون اڄ بہ پرجي ٿيون. وجن پر جڏهن هنن اهو ٻڌو تہ سندن ڳوٺ جو ساڳيو ئي زميندار سندن خير خيريت پڇڻ لاءِ حيدرآباد پيو اچي. اهو ٻڌي هو وري هنجون هاري ويٺيون. مصيبت جي چند ڏينهن ۽ عذاب جي راتين ۾ هنن جو سهارو ٿيندڙ حيدرآباد شهر ڇڏڻ هاڻي سندن لاءِ اجا ئي مشڪل ٿي ويو آهي.

# ڪئمپ ڪھاڻي- 4

هوءَ سنڌوءَ جي ماءُ هئي ۽ هن کي پاڻي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. پاڻيءَ جون لهرون جڏهن تيز هوائن تي رقص ڪنديون هيون ته هن جي روح ۾ ردم اچي ويندو هو. روهڙي ۽ سکر ۾ پنهنجون جوڀن گذاريندڙ امان سعيده جي اکين ۾ پاڻي جو تارئون تار درياهه قيد ٿي ويو هو. پر هاڻي هوءَ جتي رهندي هئي. اتي ڪنهن به درياهه جو گذر نه هو ۽ اها ڳالهه سنڌس لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي. ڪيس درياهه جي ڪپ تي آباد شهر يعني سکر ۽ حيدرآباد وڻندا هئا ۽ هو اتي آباد ماڻهن تي رشڪ ڪائيندي هئي. گذريل ڪيترن ئي سالن کان دريا جو خالي پيٽ ڏسي سنڌس اکيون پرجي ايندڀون هيون. هر سانوڻي جي وسڪاري واري مند ۾ هوءَ ڪوٽري بئراج تي پاڻي ڏسڻ ضرور ايندي هئي. هاڻي ته سنڌس ٻار به جوان ٿي ويا هئا. جڏهن درياهه ۾ ٿورو پاڻي ايندو هو. اهي "امان" کي ضرور وٺي ايندا هئا ۽ وچ درياهه ۾ واريءَ جا دڙا ڏسي هوءَ چوندي هئي ته. "مان تڏهن خوش ٿينديس، جڏهن پاڻيءَ جي سيني تي ڪو به دڙو نه هوندو." جڏهن سنڌس ٻار ڪيس درياهه تي وٺي ايندا هئا. جڻ ڪنهن ياترا تي وٺي ويندا هجن. هن جي درياهه ياترا، ڪٿي ڪيس ڏک ڏيندي هئي. پر هر سال، ان ياترا تي وڃڻ ضروري هو. هن سال درياهه تارئون تار پيو وهي ۽ درياهه جي سيني ۾ موجود واريءَ جا دڙا به ٻڏي ويا. امان سعيده جي ٻارن سوچيو ته، امان جي ياترا جو وقت ٿي ويو آهي، ڪيس هن ڀيري درياهه ڏسي ڪيتري نه خوشي ٿيندي! پر امان اهو چئي درياهه ڏسي اچڻ واري پنهنجي ياترا ڪان انڪار ڪيو ته، هن سال درياهه ته پل جوڀن تي هجي پر درياهه جي ٻنهي ڪپن تي پنهنجا گهر گهاٽ لٽائي، پاڻيءَ سان وڏي ويڙهه وڙهي دربدر ٿي ويل قافلا اچي لٿا آهن. جنهن درياهه جي پنهنجي ڪپن تي درد جي ماريل دربدر خلق جا قافلا هجن. ان درياهه جي جوڀن کي ڏسي مان تماشائين جي لسٽ ۾ شامل ٿيڻ نه پئي چاهيان. پر ٺيڪ ان وقت ئي. ان مهراڻ پل مٿان ڪئين قافلا گذري رهيا هئا. جن ۾ قبي سعيد خان جي پر واري ڳوٺ جي گل بانو به هئي. جنهن کي به امان سعيده وانگر پاڻيءَ سان محبت هئي. ساڳي طرح پاڻيءَ جو تيز وهڪرو ان جي آواز جي ردم جهڙي موسيقي گل بانوءَ کي به دل ۾ ويهي ويندي هئي. هوءَ زيرو پوائنٽ ڪان ٿورو اڳيان قبي سعيد خان جي پاسي واري





ڳوٺ جي رهواسڻ هئي. ڪيس پنج ٻار هئا ۽ هوءَ خوش هئي ته سنڌس پنج ئي ٻچڙا صحتمند ۽ خوش آهن. ڪيتي ڪندڙ هن خاندان لاءِ پاڻي ئي وڏي حقيقت هو. گذريل ڪيترن ئي سالن ڪان پاڻيءَ جي اڻ هوند جي ڪري سٺا فصل ڪو نه ٿيا هئا. سنڌس چوڻ هو ته، "هن سال هڪ هڪ سلي پوکڻ سان هر ساهه سان دل مان دعا پئي نڪري ته مولا پاڻي آڻ ۽ اسان جي روزي ڪشادي ٿئي. اسان جي محنت صاب پوي، اتي اهڙي حالت هئي جو سڄو ڏينهن رونبو ڪرڻ ڪان پوءِ پيئڻ لاءِ پاڻي به ڪو نه هوندو هو، اهو ئي پاڻي، جيڪو ٻنين کي ڏيندا هئاسين. اهو ئي پيئندا هئاسين." تنهن ڪري جڏهن ڪيس اها خبر پئي ته وڏي ٻوڏ پئي اچي. هو بي انتها خوش ٿي هي. ايتري قدر جو هنن خوشيءَ ۾ تاهري پت به چاڙهيو هو. هنن کي آسرو ٿيو هو ته هاڻي فصل سڪندا ڪو نه روزگار بهتر ٿيندو. پر جڏهن ڪين اها خبر پئي ته پاڻي تباهي مچائي ڇڏي آهي ۽ اچي شهدادڪوٽ ۽ قبي سعيد خان تائين پهتو آهي. تڏهن به هن تاهري پت جو ديڳڙو چاڙهي، خيرات ڪئي ته خير سان اهو پاڻي گذري وڃي ۽ سندن پوکيل فصل بچي وڃن، پر ڪيس اهو ته قطعي به اونو نه هو ته ڪو پاڻي سنڌس ڳوٺ کي به ٻوڙي ايندو. چاڪاڻ ته هنن جي ابن ڏاڏن جي سانڍير ۾ به اهڙي ڪا به يادگيري نه هئي ته ڪو هنن جي ڳوٺ تائين پاڻي آيو به هجي. ڪيس اها ڄاڻ ته ڪا نه هئي ته هيل پاڻي کي ڪنهن مست هاٿيءَ وانگر ائين ڇڏيو ويو آهي، جو هن جي مرضي پهاڙن تي چڙهي يا درياهه تي گهمي، تنهن ڪري سڀ خير سمجهي هو آرام سان پنهنجي جهوپڙن ۾ ويٺا هوندا هئا. پر ڪيس رڳو هر وقت فصل جو اونو هو. هنن جو زميندار به ڪو عام ماڻهو نه هو، پر اسيمبليءَ جو ميمبر هو، ڪين پڪو يقين هو ته اهو پنهنجي زمينن کي به بچائي ويندو، پر هڪ ڏينهن صبح جو جيئن ئي عورتون مينهن ڏهڻ لاءِ اٿيون ته تيز وهڪري سان گڙ گڙ ڪندڙ آواز سندن ڪنن تائين پهتو. هنن ٿورو ٻاهر نڪري ڏٺو ته ڪٻي پاسي ڪان تيزيءَ سان پاڻي ڳوٺ جي ننڍڙي بند ڪان هيٺ لهي رهيو هو. گل بانو رڙين تي اٿي ته پهرين ڪٽي ٻچا سنڀالڻ شروع ڪيائين. هن هڪ هٿ ۾ پنهنجي اڍائي سالن جو ٻار ڪنيو ته ٻئي ڪڇ ۾ ٻارنهن سالن جي ٻار کي ڪنيائين. سنڌس مڙس ٻن وڏن ٻارن سميت پنهنجي مينهن به ڇوڙي رسي سان هٿ ۾ ڪئي. ان وقت پاڻي جو اهو آواز جنهن کي ٻڌڻ لاءِ سنڌس ڪن آتا هئا. اهو پاڻي جنهن لاءِ هن تاهري پت جي ديڳ لاهي خيرات ڪئي هئي. ان پاڻي جو آواز هن جي ڪنن ۾ جڏهن پيو، ته هن کي ائين لڳو جڻ ڪنهن سنڌس ڪنن ۾ شيهو پگهاري وڌو هجي. هن جي پيٽ ۾ اهڙي باهه پئي ٻري. جڻ ڪنهن ٻرندڙ اماڙي ڪٽي سنڌس پيٽ ۾ رکي هجي. جيستائين ٻارن کي ننڊ مان اٿاري هوءَ نڪرڻ لڳي ته پاڻي اچي هنن جي پيرن ۾ پهتو، خوف ۾ تيز تيز قدم کڻندي هوءَ ٻارن کي گهلي هلڻ لڳي ته پنجن سالن جي "صنم" جي گوڏن تائين پاڻي اچي ويو. هوءَ ننڍڙي، پيرن اگهاڙي، تڪڙي تڪڙي ماءُ جي قدم سان قدم ملائڻ جي ڪوشش ۾ تيز هلڻ لڳي.

سنڌس ماءُ بيحد پريشان ھئي. ڇو ته پاڻي وڌي رھيو ھو ۽ ڳوٺ کان روڊ اڃا ڪلوميٽر ڪن پري ھو. وقت ھنن وٽ ٻنھ ڪو نه ھو، پاڻي ڪين تيزيءَ سان پڇائي رھيو ھو. ھن کي لڳو ته سنڌس ننڍڙي ڌيءَ ھاٽي پاڻي ۾ پير جھلي ھلي ڪو نه سگھندي. ته ھن ھڪ ٻار ڪڇ ۾ کڻي ٻئي ٻار کي ٻئي ڪڇ ۾ ھٽي چاھيو پئي ته ننڍڙيءَ کي ڪٽي مٿي ڪلھن تي ويھارجي. ان وقت اھڙي حالت ھئي جو ڪير اوسي پاسي ۾ به نه ھو جو صنم ڪيڪٽي سنڌس ڪلھن تي ويھاري. آخر ھن ٻارنھن مھينن جو ٻار ڪڇ ۾ وجھي جيئن ئي ھيٺ نوڙي صنم کي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌس ڪڇ ڪلي پيو ۽ سنڌس ننڍڙو ”اصغر“ پاڻي ۾ ڪري پيو. ھڪ طرف ”صنم“ پئي ڪري ۽ ان کي بچائيندي اصغر به ويو. ھن اھا سڄي وارتا ٻڌائي ۽ پوءِ ھن جي زبان کي ڄڻ تالا لڳي ويا. موت جھڙي اداسي ھن جي اکين ۾ لھي آئي. وڏو شوڪارو پريندي ھن ڊاڪٽر کي چيو ته، ”مننجي ٻچي کي ساھ جي تڪليف آھي. توھان ھن کي ڏسو.“ ھوءَ اسپتال آئي ھئي ننڍڙي اصغر کي ڏيکارڻ. ھن ٻڌايو ته، ”جيئن ئي منھنجو اصغر پاڻيءَ ۾ ڪريو ته ڄڻ مون ۾ غيبي طاقت اچي وئي. ڄڻ مان عورت يا انسان مان بدلجي ڪا ٻي مخوق ٿي وئي ھجان. مون جھڙپ ھٽي وھنڌڙ پاڻيءَ مان پنھنجو اصغر ائين ڪنيو. ڄڻ ڪا شئي ھجي. ڪا پيري ھجي. مون چيو ته مان انھيءَ پاڻي کي پنھنجا ٻچا کڻڻ نه ڏيندس. منھنجي ھڪ ھٿ ۾ اصغر ھو ته ٻئي ھٿ ۾ ٻئي ڏيئر، مون کي ايترو به ھوش نه رھيو ته منھنجو ٻار جيئرو به آھي يا نه، پر مان پنھنجو ٻچو زنده يا مرده پاڻ سان کڻنديس. ”اھڙي حالت ۾ ٽي ٻار کڻي ھڪ ڪلوميٽر کان مٿي رستو پار ڪري ھوءَ روڊ تائين پھچي وئي ھئي. اصغر صحيح سلامت ھو، پر گل بانو کان ساھ ئي نه پيا کڄن. ھن کي لڳي پيو ته اصغر کي ساھ جي تڪليف آھي ۽ اھو احساس ڪيس ھر وقت رھي ٿو. ھن کان روئڻ توڙي پاراتا ڏيڻ سڀ وسري ويو آھي. پر جڏھن ھوءَ سخت مشڪلاتن کي منھن ڏئي حيدرآباد پھتي ۽ درياھ جي مٿان ھنن جي گاڏي گذري. ته ھن جي خاموشي ٽٽي پئي. ھن ٻئي ھٿ پنھنجي ڪنن تي ڏئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ اصغر، صنم ۽ ڪبراٰءَ کي زور سان پنھنجي ڀاڪرن جي گھيري ۾ آڻي ڇڏيائين. رستي ۾ مينھن ڪپائي ھنن ياڙو ڪيو ھو. درد جو ھي قافلو درياھ مٿان ان وقت گزريو. جڏھن اتان سادا نوَ لک ڪيوسڪ پاڻي وھي رھيو ھو. جيتري دير سنڌن گاڏي پل مٿان رھي. گل بانوءَ کي ائين لڳو ڄڻ ڪير پنھنجي ھٿن سان سنڌس نڙي دٻائي رھيو آھي.





# ٻاجي ميڪون ڪيرڏيوين

ھن ڀوڳ رات وچ ۾ ھن کي پنھنجي عمر کان ڪي ڏھ پندرنھن سال اوچتو وڏو ڪري ڇڏيو ھو، ھو ڪئمپ ۾ موجود ٻين ٻارن کان مختلف ته ٻنھ ڪو ه ھو، ساڳيا ئي پير اگھاڙا مٽيءَ ۾ پيوت جسم، ميرا گھنجيل ڪپڙا. پر ڪا ڳالھ اھڙي ضرور ھئي. جنھن کي ٻين ٻارن کان مختلف پئي ڪيو. ھو ٻين ٻارن سان گڏ ڊوڙي به رھيو ھو، پر ان وقت به ھن جي ڇپن تان مرڪ غائب ھوندي ھئي. مختيار جسماني عمر جي حساب سان ته ڪو ستن اٺن سالن جو ھوندو پر ڪٽنب جي ذميداريءَ جي ڪري ھن جو روح ڪنھن ميچوئر مرد جھڙو پئي لڳو. پھرئين ڏينھن تي ڪئمپ ۾ ايندڙ سڀ ٻار ھيسيل ۽ اداس، پنھنجي مائرن سان چنبڙيل ھوندا آھن. ھو ماءُ جي ڪپڙن کي ھڪ ھٿ ۾ جھلي ٿورو ٻاھر جھاتي پائيندا ضرور رھن ٿا پر ٿورو به پري ڪو نه پيا وڃن. ڪئمپ اھڙي Melting pot ٿي وئي آھي. جو ڪٿي ابڙا، ڪٿي لاشاري، ڪٿي ٻرڙا ۽ ڪٿي چانڊيا.... ڪي سرائيڪي، ڪي ٻروھڪي ۽ ڪي وري سنڌي پيا ڳالھائين. ٻئي ڏينھن تي سڀ ٻار راند روند ۾ رلي ملي وڃن ٿا. ھو ھڪ ٻئي جي ٻولي به ڪو نه ٿا سمجھن پر جنھن مصيبت کين ھڪ جاءِ تي ڪٺو ڪيو آھي. ان جي ٻولي کين ضرور اچي ٿي. سنڌن رانديون به ڀوڳ واريون آھن. پاڻي کي پٽر ھٽي مارڻ واريون ۽ ھو سڀ راند جي زبان سمجھن پيا. پاڻيءَ کي ”پٽرن سان مارڻ وارن ٻارن کي اھا ڪل ڪا نه ھئي ته ھو ڪٿي آھن ۽ اتي ڪيترا ڏينھن رھندا؟ شھدادڪوٽ جي پاسي واري ڳوٺ کان لڏي آيل مختيار جي ٻولي سرائيڪي ھئي. ڪئمپ جي ستن ڏينھن ۾ ھن ڪئمپ جي ٻولي سکي ورتي ھئي. ٻين ٻارن کي سفر جي مشڪلاتن سان گڏ ماءُ جي ھنج به ملي ھئي ته پيءُ جا ڪلھا به مليا ھئا پر مختيار سڄي واٽ پنھنجو پندرنھن مھينن جو ڀاءُ پنھنجن ننڍڙن ڪلھن تي کنيو ھو. چاڪاڻ ته سنڌس پيءُ سال پھرين ئي وفات ڪري ويو ھو. ھن جي گھر ۾ معذور ڏاڏي ھئي. ماءَ ۽ ننڍو ڀاءُ ھو. سنڌس ماءُ، پوڙھيءَ کي ڪٽي ھلي رھي ھئي ته ڀاءُ وري مختيار کي ڪٽيو پيو ھو. جڏھن ڪئمپ ۾ ماني ورھائڻ جو ٽائيم ٿيندو ھو. ان وقت به ٻيا ٻار راند روند ۾ مصروف ھوندا ھئا. جڏھن ته وڏا ڪا ديڳڙي. ڪو ٿال، ڪو وٽو کڻي پھچي ويندا ھئا. جن وٽ ڪو ٿانءُ نه ھوندو ھو ته اھي جھولي جھلي يا پوتڙو کڻي اچي

نڪرندا آهن. پري کان ڪنهن گاڏيءَ ڪي ايندو ڏسي هو ٿورو آهستي هستي پنهنجي آستانن کان نڪرڻ شروع ڪندا آهن. پوءِ هڪدم هو ٻڪندي سهڪندي اچي ٽرڪ جو رستو جهليندا آهن ۽ ”مٽ چانورن“ تي جيڪا اتي حالت هوندي آهي. اها يقينن ڏکوئيندڙ هوندي آهي. اهو منظر شايد مڊل ڪلاس اخلاقيات وارن لاءِ اذيت ناڪ هجي پر ڪئمپ ۾ رهندڙن لاءِ اهو روز جو معمول هوندو آهي. اها ”ويڙهه“ ڏينهن ۾ ڪڏهن هڪ دفعو ته وري ڪڏهن ٻه دفعا لڳندي آهي. ان سان گڏ ڪجهه ”مخير حضرات به اها منظر ڪشي ڏسڻ لاءِ مصالحي ۽ مرچن وارن چهرن چانورن جي ديڳ ڪٽي پهچن ٿا ته هڪ دفعو وري ”جهپٽا جهپٽي“ شروع ٿئي ٿي. جيتوٽيڪ مختيار جو ننڍو ڀاءُ ۽ هو پاڻ اهو پٽ ڪائي ڪو نه ٿا سگهن پر تنهن جي باوجود هنن ڪي ايترو پيٽ پرٽو پوي ٿو، جيئن هو هلي سگهن. انهن ”مخير حضرات“ ڪي اها ڄاڻ بنهه نه آهي ته هر ڪئمپ ۾ سئو عورتن تي چار سئو ٻار آهن ۽ اهي به ٻارنهن سالن کان گهٽ عمر وارا اهي ٻار مرچن ۽ مصالحي وارا چانور ڪيئن کائيندا؟ ٻيو ڪجهه نه ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ مٺي چانورن جي ديڳ ته ڏئي سگهن ٿا! پر هي بدنصيب ٻار آهن، جيڪي نه پنهنجن مائٽن جي اوليت تي آهن. جيڪي خيمي ۾ گڏهه ته ٻڌن ٿا پر انهن جا ٻار ٻاهر پيا ڦرن نه ئي سرڪار هنن جي ڪاڏيءَ لاءِ ڪو سامان يا ڪير موڪلي ٿي. مختيار ستن، اٺن سالن جو اهڙو ئي ٻار هو، جنهن ڪي وقت جي چڪر ڪئمپ ۾ آٽي بيهاري ڇڏيو هو. جنهن ۾ ڪيس وقت تي ماني پئي ونٽي پوي. جنهن مهل مانيءَ جي ٽائيم تي ٻيا ٻار راند پيا ڪن ته يا رونشو پيا ڏسن ته ننڍڙي مختيار ڪي پاڻ رونشو ٿيٽو پيو پوي. سنڌس پتڪڙن هٿن ۾ هڪ ٿانءُ. وڏو وٽو يا جنهن ڪي اسين جمن چوندا آهيون. اهو هو، جيڪو پڻ پاڙي وارن بروهين کين ماني وٺڻ لاءِ ڏنو هو، هو راند مهل پيو رستو نهاريندو هو ته متان ڪا گاڏي ”امداد“ ڪٽي اچي ۽ هو ٻين گهر جي وڏن وانگر پنهنجي پاتين جو حصو وٺي نه سگهي. جڏهن ڪا گاڏي امداد ڪٽي پئي آئي يا راشن ورهائڻ جو ٽائيم پئي آيو ته سيني مردن ڪي چيو ويو ته هو ڪارڊ ڏيڪارين. جيڪي راشن ڪارڊ کين ڄامشورو انتظاميه طرفان مليا هئا پر مختيارجو ته ڪو به شناختي ڪارڊ نه هو. هو ڊوڙندو ماءُ وٽ ويو ۽ ٿوري دير ۾ پنهنجي مرحوم پيءُ جو ڦاٽل پراڻو شناختي ڪارڊ ڪٽي آيو ۽ پنهنجي ننڍڙن هٿن تي رکي چيائين: ”منهنجو نالو لکو!“ هن جي پيءُ جو شناختي ڪارڊ ڏسي مون ڪي محمود درويش جو نظم ”شناختي ڪارڊ“ ياد آيو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته: ”منهنجي بڪ کان ڊڄُ“ پر هي ته پاڻ بک جا ماريل هئا.“ ”هو ڪٽي پنهنجي ڳوٺ ۾، محلن ۾ نه رهندا هئا، هو پنهنجي ڳوٺ ۾ ”راهڪي“ ڪندا هئا. ”لفظ راهڪي مون ڪئمپ جي زائفائن جي واتان ئي ٻڌو هو. اهي سردار جي زمينن تي کيتي ٻاڙي ڪرڻ، رونبو ڪرڻ ڪي ”راهڪي“ پيون چون. پيءُ جي وفات کان پوءِ هنن جي ماءُ گهر هلائيندي هئي ۽ کين هڪ ڳئون به هئي. جنهن جو کير ته گهٽ ۾ گهٽ مختيار ڪي نصيب ٿيندو هو.





هن ڪڏهن به اسڪول جو ٻڌو به ڪو نه هو. سنڌس ڏاڏي چوي پئي ته. اسان جي ابن ڏاڏن ”راهڪي“ ڪئي. اسان جا ٻار پڙهندا ته اسين ڪائينداسين ڇا؟“ هن جي ڪلهن تي اسڪول بيگ ته ڪڏهن به نه رهي آهي پر ڳاهه جون پريون هن ڪڏهن کان ڪٽڻ شروع ڪيون هيون. اهو هن ڪي ياد نه آهي. هن جي هٿن ۾ قلم بجاءِ ڏاٽو ئي رهيو آهي. هو صرف پنهنجي ڳئون لاءِ ئي ڳاهه ڪندو هو. اها هن جي ذميواري هئي. اها ڳئون جنهن جي کير سان هو ماني ڪائيندو هو. سيلاب ان ڳئون کي هنن کان جدا ڪري ڇڏيو. هن ڏاڏي معصوميت سان چيو ته ”بابا جيئرو هجي ها ته اسان جي ڳئون گم نه ٿئي ها.“ مختار ڪي ماءُ جون رڙيون پئي پيون. سنڌس ننڍڙو ڀاءُ روئي رهيو هو. سنڌس ماءُ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو ته ”امان بک تي ٿيج آهي ڪو نه، ننڍڙي جو پيٽ ڪو نه پيو پرجي. مان ڇا ڪريان؟“ ڪالهه مختيار ماني آٽڻ ۾ ناڪام ويو هو ۽ هنن جو سڄو گهر ان رات بک تي ستو هو، سو مختيار جي ماءُ شام ڇهين وڳي ئي پنهنجي پٽ ڪي رڙيون ڪري پئي چيو ته، ”جمن کٽي وڃي رستي تي بيهه. ان رستي تي، جتان ديڳين واريون گاڏيون ايندڀون آهن.“ ايترو جلدي هو صرف ان لاءِ پيو وڃي ته جيئن ماني وٺي سگهي. ان وقت جڏهن هو جمن کٽي مانيءَ واري ٽرڪ جي انتظار ۾ ڪلاڪ پهرين ئي روڊ تي الرٽ لڳو بيٺو هو. ان وقت ٿورو اڳيان هڪ ٻي ٽرڪ آئي. ماني ”مس“ ڪرڻ جي خوف کان هو چپ چاپ اتي ئي بيٺو رهيو. سڀ ماڻهو ان ٽرڪ ڪي ڏانهن اچڻ لڳا. تڏهن به هو بيٺو رهيو. انهيءَ وچ ۾ ان ٽرڪ مان ”عمرو عيار“ جي زنبيل وانگر مختلف شيون نڪرنديون رهيون. ڪجهه ننڍڙن ٻارن جا ڪپڙا، ڪجهه راشن. ... ماڻهن جو هجوم ٽرڪ ڪي گهيري ويو هو. جنهن جي هٿ ۾ ڪا به شئي لڳي ٿي. اهو اهڙو فاتح ٿي پئي نڪتو. ڄڻ ڪنهن عالمي مقابلي کٽڻ کان پوءِ ڪپتان ڪپ ڪٽي نڪرندو. آهي. مختيار سڀ ڪجهه پئي ڏٺو پر هن جي نظر جڏهن ننڍڙن ڊٻن تي پئي ۽ ڪيس خبر پئي ته ان ڊٻن ۾ کير آهي ته مختيار بي اختيار ڊوڙ لڳائي اچي هڪ ورڪر جي پاسي کان سنڌس چولو ڇڪي چوڻ لڳو ته، ”باجي ميڪون اهيو کير ڏيوين، ميڏا ننڍڙا پرا روئيندا پيا اي.... باجي ... باجي ميڪون ڏس.“ هن ننڍڙي معصوم جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو، هن ڪيترائي ڏينهن کير نه پيتو هو، نه ئي سنڌس ڀاءُ کي کير مليو هو. هو کير جا ٻه ڊٻا وٺي جڏهن ٻاهر نڪتو ته سامهون مانيءَ واري ٽرڪ وري خالي ٿي چڪي هئي ۽ هن جو ”جمن“ اڄ به خالي هو پر هن جي هٿن ۾ ڀاءُ ڀاءُ جا ٻه کير جا ڊٻا هئا.

# ٻوڏ ۾ لڙهي ويل ويساهه

ننڍي هوندي جڏهن مينهن وسندو هو ته اسين ڳوٺ جا ٻارڙا ڏاڍو خوش ٿيندا هئاسين. جو اهو مينهن مٽيءَ ۽ دز ۾ لٿجي ويل ننڍيون ننڍيون شيون. جيڪي اسان جي راند جو سامان هيون. ڏوئي پڌريون ڪندو هو. پوءِ اڌ ڀڳل چوڙيون، ڪيڏي مهل ڪوڏ يا سپيون به ملي پونديون هيون. اهي ڀڳل چوڙيون ڪنهن خوبصورت ٻانهن مان ئي ٿٽي ڪريون هونديون ۽ وقت جي دز ڪين لتاڙي مٽيءَ ۾ قديم شهرن وانگر دفن ڪري ڇڏيندي آهي، پر آسمان مان وسندڙ پاڻي. انهن کي ڌوئي صاف ڪري اسان ٻارن لاءِ ٻاهر ڪڍي ايندو هو. پوءِ مٽيءَ ۾ ڊٻيل رنگ برنگي ڪانچ جا ٽڪرا. ان بي رنگ مٽيءَ ۾ ايتري ته چڪ پيا ڪندا هئا جو اسان جون اکيون انهن تي ئي کتل هونديون هيون. تيئن ئي سماج جا سڀ خوبصورت ۽ بدبودار رويا ۽ رسمون، ريتون ۽ هر الميي ۽ وڏي ڀونچال ۾ پڌرا ٿيندا آهن. جيڪي بظاهر ته اتي ئي موجود هوندا آهن پر اسان جي اکين کان اوجهل هوندا آهن. هن وڏي ٻوڏ اهڙين ڪيترين ئي حقيقتن کي سامهون ڪڍي آئي آهي. اهي سڀ پهرين ئي موجود هيون. سنڌ جي سيني جي انهن ناسورن کي هن تباهيءَ اوچتو اسان جي سامهون آندو آهي. هڪ ڳوٺ جيڪب آباد جي آسپاس ڪوسن جو به هو، جتي صرف انهن جا چاليهه خاندان ئي رهندا هئا. هو هڪ سردار جي زمين تي ”راهڪي“ ڪندڙ هئا. جڏهن ٻوڏ جي خبر پهتي ته، سردار کين اجازت ڏني ته هو ڪنهن محفوظ جاءِ تي نڪري وڃن. پر سردار نه کين ڪو راشن ڏنو، نه ئي ڀاڙو ڪرايو. هنن سامان گڏهه گاڏين تي رکي ڳوٺ ٻڏڻ کان هڪ ڏينهن پهرين ئي لڏو ڪنيو. چند ڪتون، ٻه ٽي ڪتا اٿي سان پريل، هڪ ٻورو چانورن جو ۽ گهر جا ڪجهه ٿانوَ ڪڍي هو نڪري آيا ۽ اچي روڊ تي ڪٽن جو خيمون ٺاهي ويٺا. کين اها ڄاڻ نه هئي ته ڪجهه ڏينهن ۾ اهو روڊ به پاڻي هيٺ اچي سگهي ٿو. هنن جو اندازو هو ته هي پاڻي هفتي کن ۾ گذري ويندو. پوءِ وڃي ڳوٺ ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بچندو ۽ هو پيهي هٽي ان تي ويهي رهندا. پر هفتي کان پهرين ئي کين روڊ تان به لڏڻو پيو. پوءِ جيستائين گڏهه گاڏا هليا ۽ خشڪي آئي ته هو پڙاءَ ڪري ويهي رهيا. سندن اٽو ته پهرين ئي پورو ٿي چڪو هو ۽ هاٽي چانورن جو ڪٽو به پورو ٿيڻ وارو هو، ان خشڪيءَ تي پهچڻ مهل صرف ايترا چانور رهيا، جو ننڍا ٻار

Sindhica Academy



ئي کائي پئي سگهيا. هنن جا ٻار توڙي مايون اٿين مهيني اميد سان به ڪاٽيءَ جهڙيون سنهڙيون هيون ۽ ٻار اهڙا، جهڙا اميجز اسان ايٿوپيا جي ٻارن جا ٽي وي تي ڏسندا هئاسين. پر ڪنهن اهو سوچيو به ڪو نه هو ته پنهنجي سنڌ ۾ به اهڙا ٻار آهن. جيڪي لنگهڻ ڪاٽڻ جا عادي آهن. هنن جو جڏهن سڄو آندل سيڌو سامان پورو ٿيو ته سندن آسرو به لٿو. هنن اتان لڏو ڪنيو ۽ اچي ذري گهٽ شڪار پور روڊ جي ويجهو پهتا ته سندن گڏهه به همت هاري ويٺا. مسلسل سفر، رستي ۾ پاڻي، هو گڏهن کي ڪارائين ته ڇا ڪارائين! سندن هڪ گڏهه ته اتي ئي ڪري پيو، سيني ۾ رانپاٽ پئجي ويا. گڏهه کين ٻچن وانگر پيارو هو ۽ اهي ڪتون، جن جو خيمون ٺاهي هو کليل آسمان هيٺان ويهندا هئا. جن جي اوٽ ۾ سندن عورتون ايندڙ ويندڙ جي ”بري“ نظر کان بچي ويندريون هيون. اهي به اتي ئي گڏهه گاڏي سميت ڇڏي هو پيرين پنڌ ئي ڪجهه سامان، جنهن ۾ خالي ديڳڙيون، ٿالهه، گلاس ۽ وٽا، چند ڪپڙن جا ڪتا ڪٽي اچي ويٺا، ٽي ويلا ٿي ويا هئا جو هنن جو پيٽ خالي هو، بک انهن پورهيت هٿن کي پنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو، اوچتو هڪ موٽر سائيڪل اچي هنن اڳيان بيٺي، پوڙهي جمعي اڳيان وڌي موٽر سائيڪل سوار کي چيو ته، ”ابا بکيا آهيون فقير ناهيون پر ٻوڏ ستايل آهيون، ٻچا بک کان پيا رنين، ڪجهه کارايو.“ ان تي ان همراهه پڇيس ته، ”چاچا ڪير آهين؟“ پوڙهي جمعي وراڻيو، ”ڪوسا آهيون“ ان تي ان شخص هٿ ملائي چيس. مان به ڪوسو آهيان مان اجهو ٿو ڪجهه کائڻ لاءِ ڪٽي اچان.“ ان شخص جنهن پنهنجو نالو رمضان پئي ٻڌايو، نه صرف کين ديڳ پٽ جي لهرائي ڏني پر ڪانئن حال احوال به پڇيا. کين اهو به ٻڌايو ته ، ”هيل پاڻي زور آهي، پلو ٿيندو جو هتان نڪري مٽي هليا وڃو، هتي توهان جهڙا لکين پيا بک مرن، مان ڪنهن سخيءَ سان ڳالهايان ٿو، توهان کي ڪا سواري ڪرائي ٿو ڏيان.“ هنن هن کي لک دعائون ڏنيون. پنڌ هلڻ جي هنن ۾ همت نه هئي. ٻه گڏهه ڪري پيا هئا ۽ هڪ گڏهه گاڏي تي هو ڪيترو سفر ڪري سگهن ها. اهڙي حالت ۾ سٺ ستر هزار روپين جي ٽرڪ هنن جي سوچ کان به ٻاهر هئي. ٻئي ڏينهن ان شخص ٽرڪ ڪرائي ڊرائيور کي پتو سمجهائي هنن کي روانو ڪيو. اهي سڄي رات طوفاني برسات ۾ روڊ تي ويٺا هئا. صبح جو ڏهين وڳي ٽرڪ ۾ ويٺا ته کين خبر نه هئي ته ٽرڪ ڪيتري ٽائيم تائين ”شهر“ پهچندي. اهڙي شهر، جنهن نالو به هنن ڪو نه ٻڌو هو ۽ عورتن کي اها به ڪل ڪا نه هئي ته اهو کهڙو شهر ٿي سگهي ٿو. جتي رمضان چواڻي، ڪڏهن به ٻوڏ نه ايندي آهي. پندرنهن ويهن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اها ٽرڪ ميرپورخاص اچي پهتي. کين هڪ سرڪاري اسڪول ۾ ترسايو ويو. ٻئي ڏينهن گهٽا ماڻهو پهتا. ڪنهن کين ڪاڏو ڪارايو ته ڪنهن صابڻ، ڪپڙا ڏنا، هنن جي بکايل پيٽ ۾ روٽي به پئي ۽ اس تي سڙيل جسمن کي عارضي ئي سهي ڪا ڇت به نصيب ٿي. هڪ دفعو وري هنن رمضان کي دعائون ڏنيون. هر ايندڙ ويندڙ کي سندس باري ۾ ٻڌايو.

www.sindhsalamat.com

ڪنهن چڱي مڙس چيو ته، ”اهڙن ئي ماڻهن جي ڪري دنيا هلي پئي.“ ڪنهن چيو ته، ”دنيا سان نيڪي لڏي ٿورئي وئي آهي!“ هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ ميرپورخاص ۾ به ماڻهن جا قافلا پهچڻ شروع ٿيا. پر انهن جي رجسٽريشن جو ڪو به جوڳو بندوبست نه هو، نه ئي سرڪار ڪين ماني پئي کارائي. ٻن ڏينهن کان پوءِ جمعي ڪوسي وٽ رمضان جي معرفت هڪ ماڻهو آيو ۽ ڪين چيائين ته، ”هلو توهان کي توهان جي اصلي جاءِ تي پهچايون، توهان سرڪاري مهمان نه پر رئيس فلاڻي خان جا مهمان آهيو،“ هنن مسڪين ماڻهن انهيءَ رئيس جو ته بيشڪ نالو نه ٻڌو هو پر ميرپورخاص جي شهرين کي پلي پت چاڻ هئي ته هو ڪير آهي. هو اهو ئي زميندار آهي. جنهن وٽ پهرين ئي ڪيترا هاري ”بانڊيڊ ليبر“ طور ڪم ڪن ٿا. رمضان هن جو ايجنٽ هو، جنهن هنن کي ڦاسائي ان ڏانهن موڪليو هو، جڏهن هنن کي ان حقيقت جي خبر پئي ته هو وائڙا ٿي ويا. هنن کي رئيس جو حڪم هو ته اهي ميرپورخاص شهر تيستائين ڇڏي نٿا وڃي سگهن. جيستائين هو ٽرڪ جا ستر هزار، جيڪي رئيس خرچ ڪيا آهن. اهي نٿا پري ڏين ۽ پنج هزار رپين جي مانيءَ جا پئسا ملائي ڪل 75 هزار رپيا واپس نٿا ڪن. هنن مسڪين، لٽيل، ڦريل ماڻهن جو هاڻي انسانيت مان ويساهه به کڄي چڪو آهي. هو ايترا ته خوفزده آهن، جو سامهون اچڻ کان به ڊڄن پيا، پر ڪجهه سياسي ماڻهن کي جڏهن اها ڳالهه معلوم ٿي ته هو پهرين ميرپورخاص جي ڊي پي او ۽ ڊي سي او سان مليا. ٻنهي روايتي نوڪر شاهي روين جو مظاهرو ڪندي وراڻيو ته، ”هي قرض تي ٽرڪ تي چڙهي آيا آهن. اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟“ جمعي ڪوسي کي اها ڄاڻ قطعي ڪا نه هئي ته صرف ستر هزار رپين جي عيوض هنن جو سڄو خاندان، صرف پنج هزار رپين جي ديڳين جي بدلي هنن جا پورهيت هٿ ۽ پيٽ هميشه لاءِ گروي ٿي ويندا. هن ٻوڏ ۾ نه ڄاڻ ٻيا ڪيترائي جمعي ڪوسي جهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي غليظ زمينداري روين ۽ استحصالي هٿڪنڊن جو شڪار ٿيندا. سرڪار جي عدم دلچسپيءَ کان مايوس جمعو ”راهڪي“ ته ڪندو هو پر ڪيس اها ڄاڻ نه هئي ته هيءَ ٻوڏ سندس الهه تلهه ٻوڙڻ کان پوءِ سندس ويساهه کي ”ڪن“ ۾ اڇلائي ڇڏيندي. نه ئي ڪيس اها خبر آهي ته هو اهو ستر هزار رپين جو قرض ڪڏهن چڪائي سگهندو؟



# منهنجو هوت نه آئيو

ڪئمپ جي ڇهل پهل ۽ امداد ڪٽي ايندڙن کان بيخبر پوڙهي صوبيءَ کي ڪنهن به شئي جي طلب ڪا نه هئي. هوءَ هر ايندڙ ويندڙ کان صرف ايترو پڇي رهي هئي ته ”نادر ڪوسا ٻڏ ڳيا يا بچ ڳيا“ .... وري ڪنهن ٻئي اهڙي ئي ڳوٺ جي باري ۾ پڇيائين ته به ڪيس ڪا به سڌ ملي نه سگهي ته اهو ڳوٺ ٻڏو يا بچيو. هر زائفان وٽ پنهنجو قصو هو. ڪنهن جو مڙس ته وري ڪنهن جو چوپايو مال پوئتي رهجي ويو هو، پر ”مڙهي صوبي“ (جيئن ڪئمپ جون مايون ڪيس پڪارين پيون) کي رڳو اها ڳالهه پئي پريشان ڪندي هئي ته اهي ڳوٺ ٻڏا الاءِ نه، پر جڏهن ڪيس خبر پي ته جيڪب آباد بچي ويو ته هوءَ بيحد خوش ٿي . هن جو پٽ جيڪب آباد ۾ گاڏين کي گريس لڳائڻ جو ڪم ڪندو هو، ان جو روزگار ته سلامت آهي! ڪيس ڪو به مال متاع ڪو نه هو ۽ ڪيس اها به خبر نه هئي ته جيڪب آباد سندس ڳوٺ کان ڪيترو پري آهي يا ڪهڙي طرف آهي. هوءَ ان شهر ۾ ڪو هڪ ڀيرو ئي وئي هئي ۽ سندس مطابق، پهر ڪن جو پنڌ پري هو اهو شهر، سندس ڳوٺ قادرپور پرسان هو، صوبيءَ کي هڪ پٽ ۽ چار ڌيئر آهن ۽ هن جون چار ئي ڌيئر توڙي پٽ، سڀ پڙهيل هئا. ڪيس اهو پسند نه هو ته سندس هڪڙو پٽ به هن وانگر ڪٽي ”راهڪي“ ڪري، تنهنڪري هن پنهنجي پٽ کي ميٽرڪ به ڪرائي. هن کي وڏي اميد هئي ته هو ميٽرڪ کان پوءِ ڪنهن ٺڏي ڇانوَ واري نوڪري ڪندو، تنهنڪري هن وڏا جتن ڪيا. ته هو پڙهي پر ميٽرڪ کان پوءِ به ڪيس ڪا نوڪري ڪا نه ملي سندس مڙس سردار جا چڪر لڳائيندي هن دنيا مان ئي لاڏاڻو ڪري ويو. آخر هن جي ميٽرڪ پاس پٽ ماءُ سان ٻنيءَ ۾ پورهيو ڪرڻ بدران شهر ۾ وڃي محنت مزدوري ڪئي ۽ ڪنهن ورڪشاپ تي ڪمائڻ لڳو. هوءَ خوش هئي ته گهٽ ۾ گهٽ مهيني مهيني پگهار ته ڪٽي ٿو. هن پنهنجي ٽئن ڌيئرن جي شادي به پاڻ ئي رونبو لاپ ڪري ڪرائي هئي. پر هن کي وري به چين ڪو نه ايندو هو ۽ هوءَ هن عمر ۾ به پنهنجون پورهيو ڪندي هئي ۽ پنهنجي ننهن سان گڏ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن صبح جو سردار جو ماڻهو سندن ڳوٺ آيو ۽ ڪين ٻڌايائين ته، بيگاري شاخ کي گهارو پيو آهي. رات تائين پاڻي اچي هن ڳوٺ کي ورائيندو. تنهنڪري شام تائين نڪري

وجو، ڳوٺ جا سڀ ماڻهو سواريءَ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. پاڻ ۾ پٽيون ڪري ٽرڪون ڪرائڻ لاءِ قادرپور شهر ويا. ڏاڏي صوبي ڪڏهن هتي ڦٽڪي ته ڪڏهن هن کي پئي منٿون ڪري ته ڪير سنڌس پٽ کي جيڪب آباد ۾ ٻڌائي ته اچي پنهنجا ٻار ڪڍي ڳوٺ ۾ برف جي ڪارخاني تي ڪم ڪندڙ سنڌس پائيٽي تائين صوبي وڃي پهتي، چاڪاڻ ته صرف ان وٽ ئي سنڌس پٽ جو موبائل فون نمبر هو ۽ ان جي سيٺ وٽ موبائل فون هئي. جو هو صوبيءَ جي پٽ ”هوت“ کي اطلاع ڏئي پئي سگهيو. ڪارخانو ڳپل پنڌ پري هو. هن ”مڙهيءَ“ کي اوستائين پهچڻ ۾ ڳپل ”ٽيم“ لڳو. هن مطابق، سچ اچي مٿان پهتو، تڏهن وڃي سنڌس ”هوت“ کي اطلاع پهتو. هو واپس آئي ته ڪجھ ماڻهو ٽرڪ ڪرائي آيا هئا. هر ٽرڪ ۾ في خاندان ڏھ هزار پئي پريا ۽ هڪ ٽرڪ ۾ چار ڪان پنج خاندان پئي سوار ٿيا. غريب وري ٽريڪٽر ٽرالي ڪرائي آيا. في خاندان هڪ هزار رپيا. اهو به پڪي تي پهچائڻ جو ڪرايو هو. سنڌس ٻن ڏيٽرن ارباب ۽ سوڍڻ جا مڙس ڪورن تي سرون پچائيندا هئا ۽ ڏيٽرون سرون وجهنديون هيون. پنجاھ رپيا ڪن اهي به روز ڪمائي اينديون هيون. پر گذريل ڏهن ڏينهن کان ڪين ڪا به مزدوري ڪا نه لڳي هئي. هنن مسڪينن وٽ هزار روپيو روڪ به ڪو نه هئا. ڪورا وسامي ويا هئا. اهي هزار رپيا ڪٿان پرين؟ آخر سنڌس ئي مائٽن رحم ڪائي ڪين ٽريڪٽر ٽرالي ۾ مفت ۾ ويهڻ ڏنو، ائين سنڌس به ڏيٽر ته پڪي ڏانهن نڪري چڪيون هيون گهٽي قدر مال وارن گهرن جا مرد پويان پئي رهيا. جيئن مال ڪاهي پنڌ نڪرن. صوبيءَ جي هڪ ڏيءَ عجو ور به پويان رهيو ته جيئن پنهنجون پنج ٻڪريون ڪڍي سگهي. اها سنڌس ڏيءَ اهڙي ٽرڪ ۾ سوار ٿي.جيڪا لاڙڪاڻي پئي وئي. پر ٽريڪٽر ٽرالين وارا پاسي وارن پڪي جي ڳوٺن تائين پئي ويا. هنن رڳو ڳوٺ مان نڪرڻ پئي چاهيو. جنهن جو جيڏانهن منهن ٿيو. اوڏانهن نڪري پيو. ڪنهن ڪنهن کي ٻڌايو ئي ڪو نه ته ڪيڏانهن ٿا وڃون. جڏهن ڪين پنهنجون ڳوٺ ڇڏڻ جو وقت ۽ منظر ياد پوي ٿو ته هنن جو اکيون پرجي ٿيون اچن ڪنهن جو مڙس پوئتي رهيو ته ڪنهن جو پٽ يا پاءُ هو ٻارن سان چند ماڻهو ساڻ ڪري نڪتيون هيون. اهي ڏکاري لهجي ۾ ٻڌائين ٿيون. ته .اسين ته هڪ ٻئي کان موڪلائي به ڪو نه نڪتاسين. ڪنهن کي ڪنهن جي خبر ڪا نه هئي ته ڪيڏانهن پيو وڃي. نه ئي ايتري فرصت ملي جو ٻڌائي سگهون. بيگاريءَ جو جيئن گهارو وڏو پئي ٿيو، تيئن اسان جا هانوَ پئي سوڙها ٿيا. سڀ مرد ٿي وي سامهون ايا هئا. هر هر پئي ڊوڙي گهر ٻڌايائون ته اجهو ٿو پاڻي پهچي ۽ سردار ته پهرين ئي رات تائين ڳوٺ مان نڪري وڃڻ جو چئي چڪو هو، شام تائين اڌ ڳوٺ خالي ٿي ويو. ”صوبيءَ جو پٽ به ميرانجهڙي مهل سوزڪي ڪاهي اچي پهتو. هن وٽ ايترا پئسا ڪو نه هئا جو ٽرڪ يا مزدا ڪري سگهي. سو سيٺ وٽان سوزڪي ڪٽي ئي نڪري سگهيو هو. هن پهرين پنهنجا ٻار ويهاريا. ان سان گڏ پنهنجون ساليون، ٻه ڪتا ان جا، ڪجھ ڪپڙا ۽ ٿانوَ





رکيا ته سوزڪي پرجي وئي. هن ماءُ سان واعدو ڪيو ته، اجهو ٿو جهٽ ڏئي ٻارن کي ڪنهن محفوظ هنڌ ڇڏي. اچي توکي ٿو ڪٽان. صوبي خوش ٿي وئي ته سنڌس ٻچا ته محفوظ هنڌ ڏانهن ويا. پوءِ ڪيس سنڌس ڏيٽرون ياد پيون. انهن جي ڪٽنب جي گاڏي اڃا نه پهتي هئي. جيئن ئي ڪنهن هارون جو آواز ٿي آيو ته سنڌس ڏيءَ گهٽيءَ ڏانهن ٿي ڊوڙي ته، شايد سنڌس گاڏي آئي هجي يا سنڌس پاءُ واپس وريو هجي ماءُ کي ڪٽڻ لاءِ، نته هوءَ به پنهنجون جوان ڏيٽر ڪڍي سگهي. خالي ٿيندڙ ڳوٺ مان مال ڇوڙي پٺ تي رهيل مرد به نڪرڻ لڳا. ڳوٺ جي گهٽين ۾ سچ ئي سچ هئي. اها صوبي. جيڪا رات جو پاڻيءَ جي واري تي به اڪيلي ويندي هئي. ان رات پنهنجي جهوپڙي جي لوڙهي وٽ به سنڌس هانءُ پئي ڦاٿو هن کي ائين لڳو ڄڻ ڳوٺ ۾ غيبات اچي وئي آهي. هوءَ اندر جهوپڙيءَ ۾ وڃڻ کان به ڊڄي رهي هئي ۽ گهر جي ٻاهرين لوڙهي وٽ پٽ وٽ ويهي رهي. هن هڪ گهڙي به ڳوٺ ۾ رهڻ نه پئي چاهيو، جنهن ۾ ماڻهو ته پري، چوپايو مال به نه رهيو هو، هنن مسڪينن جا پنج گهر ئي بچيا. رات ڪٿي ئي ڪا نه پئي. نه ئي سنڌس پٽ واپس ٿيو. ان وقت ڪيس ذهن ۾ آيو ته شايد هوت هن کي دلاسو ڏنو هجي، پر هن جي دل اهو مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئي. آخر اڌ رات جو سنڌس ڏوهٽي ڊوڙندي آئي. ”ناني.... ناني!“ صوبيءَ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو، اهو سوچي ته پاڻي پهچڻ کان پهرين نيٺ هوت پهچي ويو. منهنجو پٽ پڙهيل لکيل آهي. اهو ڪيئن ٿو پنهنجي مڙهي ماءُ کي ائين ڇڏي وڃي سگهي. ڏوهٽيءَ چيس، ”ناني، سڀ هليا ويا آهن، بابو ٽريڪٽر ٽرالي ڪاهي آيو آهي. امان موڪليو آهي توکي وٺي اچان.“ پوڙهي چپ ٿي وئي. ڪيس پڪ هئي ته، ”هوت“ ايندو پر ڪيس ”هوتن،“ جي تاريخ جو پتو ته ڪو نه هو ته ”هوت“ هليا ته واپس نه وريا. هن کي اونو لڳو ته هوت آيو ته ڇا ٿيندو؟ ڪير هن کي ٻڌائي ته مان توهان سان هلان پئي. هوت جي پيڻ کي خبر هئي ته سنڌس پاءُ نه ورندو، ان ڪري هن پنهنجي ماءُ کي زوريءَ ٽريڪٽر ٽراليءَ ۾ چاڙهيو. جڳھ ڪا نه هئي. سڄي واٽ هن ڪيس هنج ۾ ويهاري شڪارپور شهر جي روڊ تائين پهچايو. اتي سنڌس نياڻيءَ ڪيس ٻڌايو ته، ”هوت جي دوستن ٻڌايو ته هو ڪوئيٽا هليو ويو آهي.“ صوبي هن وقت پنهنجي ڏيءَ سان گڏ ڄامشورو سوسائٽي جي اسڪول ۾ آهي. صوبيءَ کي ڄامشوري جي باري ۾ بس ايتري خبر هئي ته، ڳوٺ ۾ ڪو بيمار ٿئي ته ان کي ڄامشوري وٺي وڃبو آهي. هوءَ ان ڳالھ تي ته خوش آهي ته سنڌس پٽ ڪوئيٽا ۾ محفوظ آهي. پر سنڌس ٻن ڏيٽرن ۽ انهن جي خاندان جو ڪو به پتو نه آهي. انهن ٻن ڳوٺن جي باري ۾ هر هر ايندڙ ويندڙ کان هوءَ پڇي ٿي. سي اهي ئي ڳوٺ هئا. جن ۾ سنڌس ڏيٽرون ويون هيون. هوءَ ڪنن تي هٿ رکي چوي ٿي ته، ”اها مشين به ڪا نه ٿي لڳي... جي اهي ڳوٺ ٻڏا ته منهنجون ڏيٽر ڪٿي آهن؟، سنڌس ڏيءَ به پنهنجي ڀينرن کي ياد ڪري ڳري پئي. هن هر هنڌ پڇا ڪرائي آهي ته آخر اهي ڪيڏانهن ويون؟ ٻئي طرف

جيڪا پيٽ لاڙڪاڻي پهتي. ان جو گهر وارو پنجن ٻڪرين سان گڏ گم ٿيو ته ان جي ڪا خبر نه آهي. صوبي رکي رکي آهه ڀري چوي ٿي ته، ”امان، منهنجا ٻچا ائين گم ٿيا. جڻ ٻليءَ جا ٻچا هجن. جي اهي ٻوٽ ٻڌا آهن ته منهنجون ڏيئرون ڪيڏانهن ويون؟ سندس ڌيءَ کيس تسلي ڏئي ٿي ته، ”امان اهي ٻوٽ ڪو نه ٻڌا آهن.“ پر هاڻي کيس پنهنجي ڌيءَ تي اعتبار ناهي. تنهنڪري ئي هر ايندڙ ويندڙ کان پڇي ٿي.



# ڪئمپ ڪهاڻي- 5

ڳڙهي خيرو جو هي ستاويهه خاندانن تي مشتمل قافلو پنهنجو سامان ڪٺي جڏهن نڪتو ته ان وقت جتي سيني ڪي پنهنجا جهوپڙا ٻڏڻ ۽ ”ديس“ ڇڏڻ جو ڏک هو، اتي ڏاڏي پانا کي پنهنجي دل ٻڏڻ جو صدمو به ماري رهيو هو. هن بروهي خاندان ۾ هوءَ واحد عورت هئي. جنهن کي سنڌي سمجهه ۾ به پئي آئي. هوءَ ڳالهائي به پئي سگهي. نه صرف ايترو، پر هن کي سرائيڪي به سمجهه ۾ پئي آئي ۽ هو سٺي طريقي سان ڳالهائي به پئي سگهي. مختلف ڪئمپن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي عورتون آهن جن کي ٽي چار ٻوليون ڳالهائڻ اچن ٿيون. پر هن ڪئمپ ۾ پانا ئي آهي. جنهن کي ٽي ٻوليون ڳالهائڻ اچن ٿيون. هن کي ڪچهري ڪرڻ ۾ ڏاڍا مزو پئي آيو. آسپاس جون جوان ڇوڪريون ۽ عورتون پاڻ ۾ ئي ڳالهيون ڪري رهيون هيون. هن جو چار ننهون ۽ ڪيتريون ئي پوٽيون ۽ پوٽا ساڻس گڏ هئا. کيس پنج پٽ هئا. ۽ وڏي پٽ کي به زالون هيون. گهڻي قدر هر ڪئمپ ۾ هر ٻي عورت اميد سان هئي ته هر ٻئي نر کي ٻه زالون هيون. جڏهن امداد پئي ورهائجي ته هڪ زائفان امداد وٺي وري ڏاڍي معصوميت سان چيو ته، ”ادي، منهنجي ”پهاڄ“ لاءِ به ڏيو، ”ٿوري دير کان پوءِ الا دين جي جن وانگر پهاڄ نڪري سامهون پئي آئي. هنن ۾ عجيب سچائي هئي. جيڪو رشتو هو، ان کي ان ئي نالي سان مڃتا مليل آهي. هو ڏاڍي اعتماد سان ان رشتي جي سڃي ”زهر“ ڪوڙاڻ کي جڳهه ڏئي رهيون هيون هو ان ۾ به ايتريون سچيون آهن. جو هڪ پراڻو وڳو به اڪيلي وٺي نه ٿيون پائين پر سڀ شيون هڪجهڙائي واري بنياد تي ڪن ٿيون هڪ اهڙي ڏکي پورين اڪين ۽ تيز نقش واري زائفان جڏهن به صابڻ جون ڇڪيون وٺي چيو ته، ”منهنجي پهاڄ لاءِ به ڏيو! ته مان چرڪي پيس اهڙي خوبصورت زال تي پهاڄ!! مان ڪانئس پڇيو ته توهان وٽ هر مرد جون ايتريون شاديون ڇو آهن؟ ته هن مرڪي چيو ته، ”اسان وٽ رواج آهي. هتي نر جا مزا آهن. هڪ زال بيمار ٿئي. ٻيءَ سان سيٽ لڳو پيو آهي.“ (هنن وٽ بروهڪيءَ ۾ ”مرد“ لفظ بجاءِ ”نر“ جو استعمال ٿئي ٿو. هنن جي پاڻ ۾ ڪامريڊ شپ به آهي. ڪجهه عورتن جا مڙس پويان هئا. هو صرف پنهنجو ن زالون ئي موڪلي سگهيا هئا ۽ هو پهاڄون هڪ ٻئي جو اهڙو پيون خيال ڪن. جو لڳي ئي نه پيو ته ڪي اهي پاڻ ۾

پهاڄون آهن پر پوڙهي ”پانا“ اهڙي ماحول ۾، جتي ٻه ٽي شاديون عام هجن. پنهنجي الڳ سوچ پئي رکي. هن کي پنج پٽ ۽ ٽي ڌيئرون هيون پنجن پٽن ڄمڻ کان پوءِ هوءَ بيمار ٿي پئي هئي. جنهن لاءِ ڳڙهي خيرو مان ڪيس لاڙڪاڻي وٺي آيا هئا. پوڙهي پانا پنهنجي منهن تي هٿ لائي ڏاڍي پيار مان چوي ٿي ته، ”امان ان وقت منهنجو منهن ڪو اهڙو ٿورئي هو. سڄو ڏينهن ٻنين ۾ ڪم ڪندي هيس. پر رنگ اهڙو صاف هو جو مايون منهنجي پڪي رنگ جا مثال ڏينديون هيون.“ سندس پر ۾ ويٺل وڏين اکين ۽ مڙيل پروئڻ واري ننهن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته، ”هن کان به سهڻي هيس مان ۽ نصيب به اهڙو پلو هو جو پهريان پنج ”نر“ ڄاوا. منهنجو گهر وارو پوري گهر ۾ چوندو وتندو هو ته زال ته پانا. ٻيون ماديون ته رڳو جهنگ جون ڳيريون آهن. پر مار پوي ان مئي بيماريءَ کي. سڄو مهينو وچي ڪٽ سان لڳيس. ڍھ ڏينهن وڏي اسپتال لاڙڪاڻي به ڪٽائي آيا. امان بيماريءَ بي حال ڪري ڇڏيو. آخر مڙس ٻن مهينن کان پوءِ ٻي شادي ڪري ڇڏي پر مون سان واعدو ڪيو هيائين ته سندس دل جي راڻي مان ئي آهيان ۽ هوءَ ته گهر جي ڪم ڪار ۽ ٻارن لاءِ ئي وٺي آيو آهي. ”ايتري ۾ سندس پٽ بروهڪيءَ ۾ ڪيس ڪجھ چيو. جيڪو چلھ تي پنهنجي زال جي پاسي ۾ ويٺو هو. سندس زال چانورن جو ڍوڍو پچائي رهي هئي. ان وڻ هيٺان هڪ ڪٽ ۽ هڪ اسڪول جي بينچ پئي هئي. ڏاڍي پانان ان بينچ تي ئي ويٺي هئي. ان جملي مان مون کي صرف ”ڳامون سچار“ لفظ ئي سمجھ ۾ آيو. جهن تي هن جي پوڙهي ماءُ ٿورو لڄي ٿي. پر هن سٺ جي لڳ ڀڳ. جهور جهور منهن واري ”پانا“ جي لڄي ٿيندڙ مسڪراهٽ ته ڪنهن سورنهن سالن جي ڇوڪريءَ جهڙي ادا پئي رکي. جنهن مان اندازو ٿيو ته هن جي پٽ ڪيس پنهنجي مڙس جي نالي تي ئي ڇيڙيو آهي.... ”سچل عشق نه ٻيڙا ٿيوي....“ هن جي قريب ويٺل ٻين عورتن به ڪجھ ٻڌائڻ پئي چاهيو ۽ پانا جو پٽ سندن مترجم هو. هن چيو ته، ”ڏاڏيءَ جي ڳالھ ڇڏي، اها جيئن هتي پهتي آهي. هر وقت ڪيس اها ڳالھ ئي ياد ٿي رهي.“ پر پوڙهي پانا جي شرمائڻ جو ڪو نه ڪو سبب ضرور هو، جو مون ٻڌڻ پئي چاهيو. پانا ٻئي لمحي ئي رکي ٿيندي چيو ته، ”مانا مڃيان ٿي ته مان ٻن مهينن لاءِ بيمار ٿي هيس ۽ هن کي شادي ڪرڻ جي به اجازت ڏني هيم پر مون کي دل سان اها پڪ هئي ته هو مون کي ئي گهڻو چاهي ٿو. هو مون کي چوندو به هو پر حقيقي ڳالھ اها اهي ته مان پنجن ٻارن جي ماءُ هيس ۽ هوءَ ننڍي نينٽي ڇوڪري، ان ڇوڪريءَ مون کي ٻين پهاڄن کان بهتر رکيو. گهر ته منهنجو هو، پٽ به منهنجا جوان هئا. هن کي مون پنهنجي گهر ۾ خوش رکيو. هن جا ٻار به پاليا. هن کي هاڻي ٽي پٽ ۽ پنج ڌيئرون آهن. هن سان گڏ مون کي به چار ڌيئرون ٿيون.“ مطلب ته 9 (ٻار) هن کي ۽ 8 ٻار سندس پهاڄ کي ٿيا، هڪ گهر ۾ 17 ٻار پر پانا ڏاڍي فخر سان ٻڌايو پئي ته ”گنج هئاسين... اهڙو سٺو فصل ٿيندو هو، ڪوٺو به پڪو ٺهرايو هو.“ سندس پٽ ڏک ۾





چيو ته ”ادي، هن سال ٿاهوڪو فصل لهي ها، پر پاڻيءَ اسان کي تباھ ڪري ڇڏيو، سندس ننهن به ڪجھ چيو، جنهن کي هن جي پٽ ترجمو ڪندي ٻڌايو ته، هوءَ چوي پئي ته، سٺو ڪوٺو هو، ان ۾ ڪيترائي خوبصورت گهگها پيل هئا. سهڻن سهڻن ڪاون وارا.... سڀ لڙهي ويا. اسين ڪپڙا به ڪني نه سگهياسين.“ هن منهنجي ڪپڙن ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، اسين اهڙا ٻسا، بغير پرت جي ڪپڙا ٿورئي پائيندا آهيون. اسان جا ڇئن ڇئن پنجن پنجن هزارن جا گهگها به لڙهي ويا.“ پر پانا جي دل ۾ ته ڪجھ ٻيو هو، جيڪو ڪيس انهن سڀني نقصانن کان بيخبر رکيو ويٺو هو، هن جو درد گهر ٻڏڻ، ”وطن“ ڇڏڻ جي درد کان به گهرو لڳي رهيو هو. ٻيون زائفائون،انهيءَ بيان ۾ ئي پوريون هيون ته هو ڪيئن پاڻيءَ سان ويڙھ وڙهي پڳيون هيون. ڪيئن ڳڙهي خيرو ۾ پاڻي ڪٿن تائين پهتو ته هي نڪتيون آهن. اهو حادثو، اهي پيانڪ لمحا هنن جي نڙيءَ کان هيٺ لهن ئي ڪو نه پيا. پانا جي ننڍي ننهن پنهنجي ڪپڙن ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، ”هي ڪپڙا پائي مان گوڏي جيڏي پاڻيءَ مان گهران نڪتي هيس. جيستائين واپس نه ٿيان. اهي ڪو نه متائيندس.“ هو عيد کان پهرين واپس ورڻ چاهين ٿيون پر پاڻي شايد عيد تائين ڪين واپس ورڻ نه ڏئي. ڏاڏي پانا ڪيس ڏٺو ۽ چيائين ته ٻڌل ”ديس“ ۾ واپسي ڪئي به ته اهو ساڳيو ديس ٿورئي هوندو! نه ساڳيا ڪوٺا هوندا. نه گهر هوندا، نه ئي گهر ڀاتي هوندا. هن جي ننهن چيس، ”اسين سڀ مري ٿورئي ويا آهيون. هڪ ڏاڏو نه هوندو ته ڇا؟ اهو به واپس ايندو، آخر ڪيڏانهن ويندو.“ مون پانا کان پڇيو ته، سندس مڙس ڪٿي گم ٿي ويو آهي ڇا؟ چيائين: ”گم ٿئي ها ته سٺو ، مون کي آسرو ته هجي ها ته جتي هوندو، منهنجو هوندو، هي ته منهنجي اکين آڏو ويو آهي!“ جڏهن ڳڙهي خيرو ٻڏي رهيو هو ته پانا جو گهر وارو، جيڪو سڀني جو وڏو هو، ٻه ٽرڪون وٺي آيو، جڏهن ٽرڪون آيون ته ان کان پهرين ئي هو ٻاهرئين ڏگ تائين وڃي بيٺا هئا. پاڻي هنن جي گهرن ۾ اچي چڪو هو، سڀ ٽرڪن ۾ ويهڻ لڳا، پوڙهي پانا کي به پنهنجن پٽن ٽرڪ ۾ سوار ڪيو، جڏهن ٽرڪون هليون ته ڪيس خبر پئي ته سندس گهر وارو ٻي ٽرڪ ۾ پهاڄ سان سوار ٿي هليو ويو آهي ۽ هن پانا کان موڪلايو به ڪو نه هنن جي ٽرڪ ڪراچي هلي وئي هئي ۽ هي ڄامشوري هليا آيا هئا. رستي جي اس، گرمي، توڙي ”ديس“ مان لٽجي نڪرڻ جو درد پنهنجي جڳھ تي ۽ اهو درد سڀني جو مشترڪ آهي پر پانا جو درد انهيءَ کان بنھ الڳ آهي. هن ٻوڏ سٺ سالن جي عمر ۾ هن کي اهو محسوس ڪرايو ته هن جي مڙس هن سان جيڪي به وچن ڪيا هئا. سي سڀ ڪوڙا هئا ۽ وٽس نه هن جي ٻچن جي ڪا اهميت آهي، نه ئي ڪا هن جي پيار جي عزت هئي هن کي ان درد جهوري وڌو، سندس اکيون پرجي آيون ته پٽ دلداري ڏنيس ته، ”اسين آهيون نه.... ڏک ڇو ٿو ڪرين؟“ هنن جي ٻوليءَ ۾ مونث، مذڪر جي تفريق نه آهي. پانا چيو ته، ”هن وڏي ٻوڏ ۾ به مان هن کي ياد نه پيس ۽ پهاڄ جي ٻارن سميت

ڪراچيءَ هليو ويو.“ هن ڪي هيڏي وڏي تباهي بہ پنهنجي ڏک آڏو هيچ پئي لڳي. ان وقت مون کي ”تارس بوبا“ فلم جو اهو ڊائلاگ ياد آيو هو، جڏهن فلم جو هيرو دشمن ديس جي بادشاھ جي ڌيءَ سان محبت ڪندو آهي. هوءَ ڪيس جڏهن پنهنجو ديس ياد ڏياريندي آهي ۽ ڪيس چوندي آهي تہ، ”منهنجي ڪري تون پنهنجي ديس سان غداري نہ ڪر!“ تہ هو هيرو ڪيس چوندو آهي تہ، ”تون ئي منهنجو قبيلو آهين، تون ئي منهنجي ڌرتي آهين ۽ تون ئي مهنجو ديس آهين.“ تيئن ئي ٻانا جو سڀ ڪجھ شهمير ئي هو، هو ئي هن جو ڳڙهي خيرو، ڪيٽ، سنڌ ۽ ڪل ڪائنات هو. هاڻي هوءَ واپس ڳڙهي خيرو وڃڻ نٿي چاهي پر ان ڄامشوري ۾ رهڻ چاهي ٿي. جتي سندس شهمير ڪيس ڇڏي سندس پهاج سان گڏ هليو ويو هو.





# ڪئمپ ڪھاڻي-6

درگاھ سعدي موساڻيءَ جو پڌر هميشہ وانگر هزارين زائرين سان ان ڏينهن پريل نہ هو، پر ڪي سئو ڪن ڳوناڻا هئا. جن درگاھ کي ڇڏڻ نہ پئي چاهيو. ڳوٺ ۾ مسجدن مان اعلان ڪرايا پئي ويا تہ، ڳوٺ ڇڏيو، پاڻي اچڻ وارو آهي. جيترو جلد ٿي سگهي نڪري وڃو، پر ڪجھ ڳوناڻا اهو اعلان ٻڌي ٻاهر ڪنهن سواريءَ لاءِ ڀڄڻ ڊڪڻ بجاءِ هو سعدي موساڻيءَ جي درگاھ ڏانهن ڀڳا. زرينا جي معذور پيءُ ڪي بہ سعدي موساڻيءَ جو آسرو هو. هو ان مزار تي اينڊڙ ويندڙ زائرين لاءِ ننديون ننديون شيون وڪڻندو هو. جوانيءَ ۾ ٽنگ کان معذور ٿيڻ کان پوءِ هن وڃي مزار وسائي هئي. ٽنگ کان معذور ”سڄڻ“ هو تہ چانديو پر ٻين کان مختلف ان ڪري هو جو هو نہ انهن وانگر ڪيتي ڪندو هو نہ ئي چوري چڪاري ۾ سندس دل لڳي. سالن کان درگاھ سان ئي نينهن هو هن جو هتان جي فقيرن ئي اڌ عمر کان پوءِ سندس شادي ڪرائي هئي. ڪيس بہ ڌيئر ۽ هڪ پٽ جو اولاد هو. درگاھ تي شيون وڪڻ مان ڪيس ايترو ملندو هو. جو هن جا ٻچا ڪڏهن بہ بکيا ڪو نہ رهيا. سندس ڌيءَ يارنهن ٻارنهن سالن جي هئي. پر قد آور هجڻ ڪري پنهنجي عمر کان وڏي پئي لڳي. البتہ سندس پٽ ننڍا هئا. هن جو آخري پاءُ ٻن سالن جو مس هو، ڪيترن ئي ڏينهن کان ڳوٺ ۾ بيچيني هئي. ماڻهن پنهنجو سامان گهر جي ڇتين تي رکڻ شروع ڪري ڇڏيو هو، باقي هڪ هڪ ٿي نڪري رهيا هئا. هڪ سڄڻ هو، جنهن کي ڄڻ ڪنهن ڳالھ جو اونو ئي ڪو نہ هو، هن جي زال ڪيس چيو بہ تہ هڪ تون ٽنگ کان معذور، ٻيو پوڙهو، بهتر آهي تہ مصيبت کان پهرين ئي ڪيڏانهن نڪري هلون. پر هن ڄڻ ٻڌو ئي ڪو نہ هميشہ وانگر گهوڙين تي آهستي آهستي هلي وڃي مزار تي پهنهنجي ننڍڙي ريڙهي تي ويٺو. ان وقت بہ سوين عقيدتمند موجود هئا. هن ڪي حيرت ٿي رهي هئي تہ گهر گهاٽ ماڻهن کي ايترا پيارا آهن، جو هنن جو عقيدو بہ لڙهي ويو آهي. ايتري ۾ هر طرف رڙيون پئجي ويون. ماڻهو نالا وٺي وٺي پنهنجي مائٽن کي سڏ ڪري رهيا هئا. سڄڻ جي سالي بہ پنهنجا ٻار وٺي اچي پهتي هئي. سندس وڏي ڌيءَ زرينا ڊوڙندي ٻاهر نڪتي تہ جيئن پيءُ کي ٻڌائي تہ پاڻي اچي پهتو آهي ۽ سندس ماسي بہ آئي تہ نڪري هلون. هو ٿورو ئي اڳيان وئي تہ ڪنهن ڪيس ڏکو

ڏئي پوئتي هٽايو تہ پوئتي پيچ اڳيان پاٽي آهي. هو جيئن ئي گهر پهتي تہ سندس ماءُ ۽ ماسي پهرين ئي ڀار ۾ قرآن ڪنيو بيٺيون هيون. زرينہ کين ٻڌايو تہ درگاهہ تي پاٽي اچي ويو آهي. سڀ ماڻهو ڀڄندا پئي آيا. ڪا خبر ڪا نہ پئي تہ هو ڪٿي آهي. سندس ماسي بہ نائين مهيني جي پيريي پيٽ سان نندي نيٽي عورت هئي. هن جو مڙس سمنڊ ۾ لانچ تي ڪم ڪندو هو ۽ ٽئين چوٿين مهيني واپس ٿيندو هو. هيل ڪيس وئي ڏيڍ مهينو ئي مس ٿيو هو. هن کي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي تہ پويان ”ناري“ ۾ پاٽي ڪاهي آيو ۽ سندس ڳورهاري زال، سندس ماءُ ۽ نندي ڀاءُ سان وڃي پنهنجي ڀيڻ وٽ پناهہ ورتي هئي. پر پاٽي ناري ڪان پهرين سعدي موساٽي جي درگاهہ تائين پهچي ويو هو. زرينا مجبورن پنهنجي ماءُ ۽ ماسيءَ سان ڳوٺ ڇڏي روڊ تائين پهتي هئي. ان روڊ تان وينون حيدرآباد تائين پئي ويون. آخر ڪنهن وين واري هنن 8 ڀاتين کي، جن ۾ هڪ بہ مرد نہ هو، صرف ٿي مايون ۽ چار ٻار هئا. ۽ هڪ نندڙي ٻن سالن جي ٻارڙي هئي. کي وين ۾ ويهاريو. انهن وٽ صرف ست سئو رپيا هئا. بقايا ڀاڙو وين وارن سندن حال ڏسي کين معاف ڪيو. سڄي واٽ زرينا کي اهو فڪر هو تہ، ”بابا ويچارو الاءِ ڪيئن هوندو! ڀيا فقير تہ صحيح سلامت هئا. هو ڀڄي ڊڪي سگهيا پئي پر هن جو ٻڍڙو ۽ معذور پيءُ الاءِ ڪيئن نڪتو هوندو.“ جڏهن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ کين وين ڪنيو هو تہ سڄو ڳوٺ پاٽي ئي پاٽي هو، هوءَ وين جي اچڻ تائين ڳوٺ جي گهٽيءَ ڏانهن غور سان نهاريندي رهي تہ اجهو ٿو بابا منڊڪائي سامهون نڪري اچي. هن جو معصوم ذهن اهو سمجهڻ کان قاصر هو تہ ان ڳوٺ ۾ پنجن ڪلاڪن ۾ پاٽي درگاهہ سعدي موساٽي جي قبي تائين پهتو هو. اتان هن جي بابا کي ڪيئن رستو ملندو! سندس ماءُ کي رڳو اهو فڪر هو تہ هوءَ پنهنجي ٻچن کي ڪدي سگهي ۽ سندس ماسيءَ کي پريا مهينا هئا. هوءَ نہ ايتري دير ويهي پئي سگهي. نہ بيهي پئي سگهي. مٿان ٻن سالن جي ڌيءَ بہ سندس هنج تي هئي. هن واري اميد واري ٿي هئي تہ هوءَ درگاهہ سعدي موساٽي جي مزار تي دعا گهرڻ آئي تہ هيل ڪيس پٽ ڄمي . هن جي مڙس کي گهٽا ٻار ڪو نہ پئي وٽيا. هن ڪيس چيو هو تہ بس ٽي ٻار ڄڻجانءِ. پوءِ توکي ڪراچي وٺي هلي رهائيندس. هوءَ پنج درجا پاس هئي ۽ سندس ڳوٺ جي هيلٿ ورڪر بہ سندس سڳي سئوٽ هئي. تنهن ڪري هن کي اونو هو تہ جلدي پٽ ٿئي. پر هن کي ”اڪي“ ٻار پسند نہ هئا. هن پنهنجي مڙس کي ”جوڙي“ تي راضي ڪيو هو. ڪيس الٽرا سائونڊ رپورٽ مطابق بہ جاڙا پٽ هئا. اهو ٻڌائي سندس اکيون پرجي آيون. ٻئي پينرون هڪ ٻئي کي ڳراٽڙيون پائي روئڻ لڳيون ۽ هڪ ٻئي کي دلداري ڏيڻ لڳيون. ٻئي جا مڙس غائب هئا. هن کي اهو ڏک هو تہ خدا سندس دعا تہ ٻڌي پر سندن هن دنيا ۾ ايندڙ ٻچن کي گهر بہ نصيب ڪو نہ ٿيو. ڪوٽڙيءَ جي گلشن شهباز ڪئمپ، جيڪا نازي جرمنيءَ جي ڪئمپن کان بہ بدتر آهي. جتي گڏريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ماني بہ پوري ڪا نہ





ٿي پهچي، نہ ئي لائيٽ آهي. نہ پاٽي آهي. ان ۾ اتي موجود سندس سئوٽ ساران کي ايترو وڏو ”پيٽ“ ڏسي سمهڻ لاءِ هڪ پڳل ڪٽ تہ پني ڏني آهي. هو هن ڪئمپ ۾ ڪاڏو ڪٿان آٽين؟ ڪو هڪ اڌ ڊاڪٽر اچي بہ ٿو تہ اهو هنن جي هٿن ۾ دوائن جون پرچيون ڏئي وڃي ٿو. جن کي ڪاڏو ڪونهي. اهي دوائون ڪٿان وٺن؟ ساران پهرين رات، انهن پيٽرن تي ئي ستي، سندس پيٽ ٻڌائي پئي تہ سڄي رات واريءَ تي ليٽون ٽا، رات جو مڇر ۽ گرمي تہ پنهنجي جڳهہ تي پر هيٽرن هجومن جي وچ ۾ اسين اڪيلون مايون، پاسو بہ بدلائڻ کان ڊپ ٿو لڳي. سڄي رات مان پنهنجي ڌيءَ ۽ ڀيڻ جو پهرو ڏيان ٿي. زرينا بہ هر وقت پنهنجي ماءُ ۽ ماسيءَ جي پاسي ۾ ويٺي رهي ٿي. ان ڏينهن هو آهستي آهستي پنهنجي ماءُ جي چوڻ تي امداد وٺڻ لاءِ آيل ٽرڪ ڏانهن وئي هئي. سڄي واٽ هن جي چپن تي پنهنجي پيءُ جو قصو هو. هن کي ويساهہ هو تہ هو اتي ئي مزار جي گنبذ ۾ ڪٿي ويٺل هوندو. پر ڪيس اهو ڏک هو تہ هن کي ڪاڏو ڪير پهچائيندو؟ بہ ڏينهن ٿي ويا آهن. ڪيس ڪيتري نہ بک لڳي هوندي! زرينا اسڪول مان واپس اچي سڌي پنهنجي پيءُ ڏانهن ماني ڪٽي ويندي هئي ۽ خرچي بہ وٺي ايندي هئي. سندس پيءُ ڪيس پيار مان .زرو“ ۽ ”مٺي“ سڏيندو هو. زروءَ جي اکين ۾ بہ رڳو پنهنجي پيءُ جو ئي منظر هو، امداد واري ٽرڪ ٿوري پري بيٺي هئي. روزي کان پوءِ ماڻهو آيا هئا. امداد ورهائڻ. رش ٿيڻ ڪري هنن ٽرڪ ٿورو پاسي تي بيهاري هئي. ماڻهن کي هو صبح جو ئي ٽوڪن ڏئي ويا هئا. روزي کان پوءِ جو ٽائيم طئي ٿيو هو، رات جو ان ٽائيم تي ”زروءَ“ کي بہ ماءُ ٽوڪن ڏئي اتان ويندڙ ٻين ماين جي پويان لڳايو تہ وڃ وڃي امداد وٺي اچ ، زروءَ تہ گهر کان سعدي موساٽي جو رستو ئي ڏٺو هو. هوءَ پنهنجي ڳوٺ ۾ اکيون بند ڪري بہ هڪ جڳهہ تان ٻي جڳهہ تي پهچي وڃي ها، پر ڄامشوري جي پٿريلين پهاڙين جي هيٺانهين مٿانهين ڪيس منجهائي وڌو، رات دير سان سندس ماءُ هر ڪئمپ ۾ پاڪ ڪتاب کٽي گهمندي رهي. پري پري تائين ”زرو ...زرو.... او منهنجي مٺي زرو.“ جا آواز ايندا رهيا. سڄي رات هوءَ دربدر هڪ ڪئمپ کان ٻي ڪئمپ تائين گهمندي فجر تائين ايل ايم سي جي در تي ويٺل ماڻهن کان پڇا ڪندي رهي تہ منهنجي ”زرو“ ڪنهن ڏٺي. هوءَ ڊگهي قد واري صاف سٿرا ڪپڙا پاتل پنج درجا پاس هئي. سندس ماءُ پاڪ ڪتاب ۽ ٻن پٿن سان ”زرو... او مٺي زرو“...“ سڏ ڪندي تہ سيني ڏني پر هوءَ واپس ڪئمپ تي نہ پهتي. ڪئمپ ۾ ڪنهن ذڪر ئي ڪيو تہ هڪ مائي ٻار پئي ڳولهيو، خبر ناهي تہ مليس الاءِ نہ.

# ڪئمپ ڪهاڻي- 7

سکر کان مکلي ۽ مکليءَ کان ڪراچي تائين سنڌ جي سڄي پڪي جي شهرن، روڊن توڙي پلن تي ماڻهن جا هجوم نظر اچن ٿا. ائين لڳي ٿو ڄڻ سنڌ هڪ وڏي ڪئمپ ۾ تبديل ٿي وئي هجي. جتي هر ڏگ، هر گهٽيءَ ۽ هر موڙ تي ڏک جو داستان آهي. مانجهند کان نوري آباد تائين روڊ جي ٻنهي پاسن ماڻهن جا قافلا نظر اچن ٿا. پر پيٽاڙي کان ڄامشوري جي ٽول پلازه تائين هر پهاڙي، هر خالي ميدان انگ اگهاڙن ٻارن ۽ پير اگهاڙين عورتن جي هجوم سان ڀريل آهي. ڪجھ هنڌن تي مرد به آهن. باقي گهڻائي اهڙين عورتن جي آهي. جن جا مرد پويان رهجي ويا آهن ۽ اهي چند هڙن، هڪ اڌ پيتي، ٻن ٽن رلين جي آسپاس گهمنديون رهن ٿيون. ڪي ڪٽن جي اوٽ ۾ وينيون پرت پرين ته ڪي ٽانوَ ڪنيون، پاڻيءَ جي تلاش ۾ هتي هتي گهمنديون رهن ٿيون. پر زينب خاتون جي دل هڪ مهيني کان پوءِ به آسپاس جي ماحول ۾ نه پئي لڳي. هوءَ ٻارن سان گڏ گاڏين ڏانهن ڊوڙي وري ٿوري دير بيهي رهي ٿي. مون کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي چيائين ته "اسان تي ڪل نه. نه ئي رحم ڪاءُ اسان کي بک ۽ موت ڊوڙايو آهي. جهٽ پٽ کان ڄامشوري وارو اسان جو سفر ختم ئي نٿو ٿئي." هن اهو چئي ڪلي ڏنو . ڪئمپ ۾ ڪجھ عورتون ننڍڙن ٻوڙن جي ڇانوَ ۾ ويهي خوبصورت گهگها پري رهيون هيون. مون کي اتي بيٺل ڏسي چيائين ته، "سڀ انهن کي ته ڏسن ٿا، پر ڪير منهنجي گهر ڪو نه ٿو اچي." سندس تعلق جيڪب آباد جي جهٽ پٽ نالي علائقي سان هو، هو ذات جا ابڙا هئا ۽ سندن کي ڏھ کن خاندان اتان نڪتا هئا. سڀ ٽڙي پکڙي ويا. هنن جا صرف پنج خاندان هتي پهتا هئا. هوءَ سڪل ڪاٺيءَ جهڙي تيز سانوري رنگ جي اڌڙوٽ عمر خاتون هئي. سندس تن تي ميرا ڪپڙا هئا. پر سندس چپن تي عجيب مرڪ هئي. هن کي شوق هو ته اسين سندس گهر ڏسون، جيڪو ڄامشوري ۾ لياقت يونيورسٽي جي آڏو کليل ميدان تي ٻاچڪن کي ڪولي هڪ طرف سج کان اوٽ ٿيل هئي ۽ ٻئي طرف هڪ چادر پيل هئي. هيٺ رلي وڇايل هئي. هڪ گڏھ گاڏو اوپو ٿيل هو، ان هيٺان سندس ڀاءُ طالب ستل هو، جنهن کي ديڳ جي چانورن بيمار ڪري وڌو هو. اسان کي ايندو ڏسي، هو اٿي ويهي رهيو ۽ مخصوص سنڌي طريقي سان ڀليڪار چيائين، ٿوري دير ۾ ٻيون





عورتون به اچي گڏ ٿيون، سڄي ڪئمپ ۾ هي واحد خاندان هو، جنهن جي سامان ۾ ٽي وي، فرج، ٽيپ رڪارڊر به هئا. سندس هڪ ڀاءُ جهٽ پٽ ويجهو ڪنهن سردار جي زمين تي هارپو ڪندو هو، ته ٻيو ڀاءُ ڪنڌڪوٽ کان جيڪب آباد تائين وين هلائيندو هو، جڏهن هو ڪنڌڪوٽ ۾ هو ته ڪيس موبائل فون تي سندس ڀاءُ اطلاع پهچايو ته جهٽ پٽ ويجهو سم نالي کي گهارو هٽي پاڻي جو رخ بلوچستان ڏانهن موڙيو ويو آهي. هو ويچارو سمجهي ويو ته مصيبت اچي مٿان پهتي آهي ۽ مينهن واءُ ڪري اچي ڳوٺ پهتو، ڪچڙي منجهند جو ٽائيم هو، طالب ته ٻنيءَ جي ڪم ڪري رهيو هو، پر زينب جو مڙس توڙي پٽ مال چارڻ لاءِ ويل هئا. جلدي سامان گڏھ گاڏن تي وڌو ويو، پاڻي ايتري مهلت ئي ڪا نه ڏني، جو زينب پٽ ۽ مڙس جو انتظار ڪري سگهي. هنن سامان گڏھ گاڏن تي رکيو، صرف هڪ فرج کنيائون، ٻه ٽي ڪٽون ۽ چند پيٽيون ۽ ٽانوَ به کنيا. ڪين پڪ هئي ته هنن جو علائقو مٿي آهي. جيڪب آباد "دور" آهي. اها ته ڪين ڄاڻ ئي نه هئي ته مورڳو سم نالي ۾ پاڻي ايندو، تنهن هوندي به هو وري به ٻين جي مقابلي ۾ تڪڙو نڪري سگهيا هئا. هو وڃي ڪيرٿر جي ڪڙ تي ويٺا، جيئن زينب جو مڙس ۽ سندس پٽ واپس اچن ته اڳيان هلجي. ڪيس اهو اونو نه هو ته ڪو ڪو ٻڌندا، ڇاڪاڻ زينب جو گهر وارو سٺو تارو هو، انهن وٽ مينهون به هيون، هو بس انتظار ڪرڻ لڳا ته اجهو ٿو پهچي. اجا ٽي ڏينهن ئي مس ٿيا، پاڻي اچي ڪيرٿر جي ڪڙ سان لڳو. ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻن مڙسن جو پتو ڪو نه پيو، هنن جي انتظار ۾ پنج خاندان ٻيا پئي ٻڏا. آخر پاڻي ڪاهي آيو، ڪا سواري به ڪا نه پئي ملي. زينب جي ڀاڄائي، فاطمه چيو ته پاڻي اچي ويجهو ٿيو آهي. سواري ملي ڪا نه پئي. پويان رهيل ته ويا وسري، باقي بچيل پئي ٻڏا. آخر فاطمه جي ڊرائيور مڙس فون ڪري حيدرآباد مان پنج مزدا گاڏيون گهرايون. جن مان هر گاڏيءَ 25 هزار رپيا ڪرايو ورتو ۽ جيستائين اهي پهچن. پاڻي اسان جي سامهون هو، طالب چيو ته، "منهنجي ڌيءَ جو چهرو اهڙو اچو ٿي ويو، ڄڻ مردي جو چهرو هجي ۽ چپ لاش جهڙا خشڪ هئا. منهنجي معصوم ٻارن جي اکين ۾ خوف هو، گاڏيون آيون، سڀ تڙ تڪڙ ۾ ويهي پڳاسين. اڌ سامان به پويان رهجي ويو." پر طالب کي ان پيٽيءَ جو ڏک هو، جهن ۾ سندس ڌيءَ جي ڏاج جو سامان هو، اهو سڀ هن پاڻ ئي جيڪب آباد شهر مان ورتو هو، ڪيس ڪپڙن جا سڀ رنگ به ياد هئا. پر هن ان ڌيءَ ڏانهن اشارو ڪندي هن چيو ته، مون کي هن منجهايو. هن جو منهن ڏسي مون کان سڀ وسري ويو، ٻارن جا چپ خوف ۾ ساوا ٿي ويا هئا. اسان اتان تڪڙو ڀڄڻ پئي چاهيو. "ان خوف جو اولڙو پندرنهن ڏينهن گذرڻ جي باوجود هنن جي منهن تي اچي ٿو. جڏهن هو ان جو ذڪر ڪن ٿا پر زينب جي نوجوان پٽ ۽ گهر واري جو ڪو ذڪر به نٿو ڪيو وڃي. طالب پنهنجي ڳوٺ ۾ سکيو ستابو هو، هو ٽيھ ايڪڙ زمين ڪيڙيندو هو ۽ هن پنهنجي ڌيءَ کي ڏسي ٻئي ٻانهون مٿي ڪٽي هن چيو ته، "هي

سلامت آهن ته ڪوڙ ڏاج ٿيندا“ فاطمه ٻڌايو ته پنجن مزدا گاڏين جا لک پنجويهه هزار پرڻ لاءِ هن ڪي پنهنجي ڌيءَ جي ڏاج جا زيور ڪپائڻا پيا. اهي زيور جيڪي هن چند مهينا پهرين 36 هزار تولي جي حساب سان ٺهرايا هئا. اهي هن پنجويهه هزار رپين جي حساب سان خيرپور ناٿن شاهه جي بازار ۾ ڪپايا. پر طالب پنهنجي زال کي دلاسو ڏنو، ”اسين بک نه مرنداسين.“ هن چيو ته، ”ڇا اسين ڳوٺاڻا انسان نه هئاسين. اسان جا ٻچا نه رليا. جو جيڪب آباد کي بچائڻ لاءِ اسان کي راهه گناهه ٻوڙايو ويو؟“ مون چيومانس ته اهو وڏو شهر آهي. هن چيو ته، ”ڇا وڏي شهر جي ماڻهن جو ملهه وڌيڪ آهي؟ ائين ڪونهي. هنن آمريڪا جي اڏي کي بچائڻ لاءِ اسان جو پاسو ٻوڙايو آهي. ڀلا آمريڪا ته امير ملڪ هو، اهو اڏو ٻيهر ٺهرائي سگهندو. اسان غريبن جي ابن ڏاڏن جي پگهر جي ڪمائي وارا گهر هنن ٻوڙايا. اسان کي هاڻي ٻج ڪير ڏيندو؟“ هن کي هاڻي ئي روزگار جو فڪر ڪائي رهيو هو. سڀ زينب جي ڳالهه کي ٻڌن ئي ڪو نه پيا. جنهن صرف پنهنجي مڙس ۽ پٽ جو ذڪر ڪرڻ پئي چاهيو. پنهنجي پاءُ کي وچڙو هٽندي هن چيو. ”منهنجو مڙس ۽ پٽ آيو ته پوءِ اسين ڪراچي ويندا سين. هتي ڪو نه رهنداسين. بس انهن جو انتظار آهي.“ هن ٿورو کلي چيو، ”منهنجي پاڙن وانگر منهنجو گهر وارو به همت وارو اٿئي ۽ منهنجو پٽ ”ڏنو“ ته پلوڙ تارو آهي. هڪ ٻن ڏينهن ۾ پهچي ويندا.“ مون ڪانئس پڇيو ته هو ڪٿي آهن؟ هن چيو، ”مال چارڻ وياهئا. پر هاڻي ڪٿي آهن، اها خبر ناهي هوءَ ٿورو کلي پيتيءَ مان پنهنجي مڙس جو شناختي ڪارڊ ڪڍڻ وئي. سندس پاءُ ڏڪارو ٿيندي چيو ته، ”ويچاري ادي زينب مڃي ئي ڪا نه ٿي. ادي، پندرهن ڏينهن ٿيا جو سندن پتو نه آهي. هو تارو هئا. پر پندرهن ڏينهن ڪان اتان ڪو به ماڻهو نڪتو نه آهي. نه ئي سرڪار ڪا ٻيڙي موڪلي. جي ٻڏي نه مئا ته جيڪي پويان بچيا هئا. اهي بکن ۾ مري ويا هوندا. جي ڪٿي سڪيءَ تي هجن ها ته اطلاع ته ڪن ها، پنهنجي باري ۾ ٻڌائين ته ها، ڪو ٻار ٿورئي هئا. هو اتي ئي وڻن تي انتظار ڪندا رهيا هئا. هنن سان گڏ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو ان وڻن تي هئا. جڏهن سڀ وڃي الله کي پهتا ته پوءِ هي ڪيئن بچندا؟! ”ايتري ۾ زينب پنهنجي مڙس جو ڪارڊ ڪڍي آئي. مون کي ڏيکاريندي چيائين، ”هي اٿئي منهنجو مڙس، منهنجي پٽ جو ڪارڊ اڃا ٺهيو ڪو نه هو، هتي ايندو ته ٺهرائيندس.“ وري ڪلي سيني کي وچڙو هٽڻ لڳي. سندس پاءُ جون اکيون پرجي آيون، فاطمه ٻڌايو ته سڄي رات روئندي آهي ۽ صبح جو روڊ تي ويهي هنن جي اچڻ جو انتظار ڪندي آهي. هر نئون ڏينهن ڪيس نئون ويساهه ڏيندو آهي. ته هو زنده آهن، جڏهن ته سندس پاڇائي ڪيس پاڳل سمجهي ٿي. پر هو سيني کان بي خبر پنهنجي ٽيڻ واري ننهن جي گم ٿيل ڏاج لاءِ به روڊ وارين ٻروچاڻين ڪان سڳيون ٺهرائڻ چاهي ٿي. پر هر وقت هوءَ روڊ جي آس پاس ئي نظر اچي ٿي.





# ڪئمپ ڪهاڻي-8

ريشمان ڪوسو جي هنج ۾ ڇهن سالن جو ذوالفقار هو، هوءَ صحت ڪاتي پاران لڳايل ميڊيڪل ڪئمپ جي ميرڀ فوم جي گدي تي تيز گرميءَ ۾، سنهي شامياني هيٺان ويٺي هئي. شامياني مان اُس ڇڻي رهي هئي. سندس پٽ ذوالفقار کي ڊرپ لڳل هئي. ان ئي ڪئمپ ۾ هڪ ليڊي ڊاڪٽر ۽ هڪ مرد ڊاڪٽر پڪي هيٺان ويٺا هئا. هنن جي سامهون رکيل ٽيبل تي ڪجهه ضروري دوائون پيل هيون ۽ انهن سيني سيرپ جي شيشين تي بولڊ اکرن ۾ واضح طور تي 35 ڊگري سينٽي گريڊ کان گهٽ گرمي تي اهي دوائون رکڻ جي هدايت درج ٿيل هئي. ان ڏينهن ڄامشوري ۾ گرمي پد چاليهه سينٽي گريڊ کان چڙهيل هو ۽ ان ڪئمپ ۾ به لڳ ڀڳ چاليهن جي قريب گرمي پد هوندو پر نه ڊاڪٽرن کي ان ڳالهه جو اونو هو، نه ئي صحت ڪاتي کي پرواهه هئي. هنن کي ڪاغذن جو پيٽ ڀرڻو هو ۽ ميڊيا جو وات بند ڪرڻ لاءِ ڪئمپ لڳائي وئي هئي. ڪهڙو ان ڪئمپ ۾ سندن ٻارن کي اچڻو هو، جو هو دوائن جي اثر لاءِ پريشان ٿين ها. نه ئي اتي ويٺل ريشمان ڪوسي کي خبر هئي ته سندس پٽ کي لڳل ”ٽيلهيءَ“ ۾ ڪيترو اثر آهي؟ صحت ڪاتي جهڙي سيٽي ڪاتي وٽ هڪ مناسب شامياني لڳائڻ جا پئسا نه هئا يا هي ٻوڏ ۾ ٻڏل انسان ايترا اهم ڪو نه هئا. جو هنن جي ٻارن کي بيماري حالت ۾ ڇٽندڙ اس هيٺان ئي سمهڻو پوي پيو. جو اهي هڪڙ اهڙو خيمو به نه پئي لڳائي سگهيا. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ چند ڪلاڪن لاءِ ئي سهي، ڪو ننڍڙو بيمار ٻار سک سان سمهي ته سگهي ها. جي انهن وٽ فنڊ نه به هئا ته سوين دوائن جون ڪمپنيون. هنن جي چوڻ ئي تي اهڙا خيما ڏيڻ لاءِ تيار ٿين ها. جڏهن ترڪيءَ ۽ چين ڪان ڊاڪٽر واٽر پروف ۽ گرمي پروف خيما ڪٽي پهچي سگهن ٿا ته ڇا هتان وارن کي اهي ٻار، انسان نٿا لڳن؟ ريشما پاڻ ته پگهر ۾ شل هئي پر بيماريءَ ۾ ساٿي سندس ٻارڙي جو به پگهر نيسارا ڪري وهي رهيو هو. گلشن شهباز ڄامشوري جي هن ڪئمپ ۾ بجليءَ جي سهولت صرف ٻن خيمن ۾ آهي. هڪ ميڊيڪل ڪئمپ واري خيمي ۾، ٻيو روينيو وارن جي تنبوءَ ۾ جنهن ۾ روينيو عملدارن بدران به ماستر ويهن ٿا. جيڪي اتي ايندڙ ويندڙن جي رجسٽريشن لاءِ مقرر ڪيل آهن. ڏينهن ۾ ٻه ڪلاڪ سندن ڊيوٽي لڳي ٿي. جيڪو ٽائيم ڪچهريءَ ۾ ئي گذري وڃي ٿو. تنهن ڪري ريشمان جو خاندان اڃا تائين رجسٽر ٿي نه سگهيو آهي.

ڪئمپ ۾ موجود ڊاڪٽرياڻيءَ ڪي هڪ ٻڍڙيءَ اچي چيو ته امان ٻار پيا روئن ڪا گوري ڏيو! ”ڊاڪٽرياڻيءَ پڇيس ته، ”ٻار ڇو پيا روئن؟ چيائين ته ”بک لڳي اٿن. اهڙي ڪا گوري ڏيو ته ننڊ اچي وڃين.“ ڊاڪٽرياڻيءَ ڪيس سمجهايو ته، ”بک مانيءَ سان ختم ٿي سگهندي آهي. گوريءَ سان نه!“ هوءَ پاسي واري خيمي ۾ مانيءَ جي پڇا ڪرڻ هلي ويئي. جتي ماسترن ڇڙٻ ڏئي چيس ته، ”پوڙهي! ماني پهچائڻ اسان جو ڪم نه آهي. اهي صاحب اچن ته انهن کان پڇجانءِ“ ڊاڪٽرياڻيءَ ٻڌايو ته ، سڀ ٻار ڪاڏي جي ڪميءَ جو شڪار آهن. انهن ڪي دوائون نه پر کاڌو گهرجي پر هتي هر ڪو دوائون کڻي پيو اچي ريشما جو هڪ پٽ بيمار آهي. هن جي اها حالت به کاڌي نه ملڻ جي ڪري ٿي آهي. ڊاڪٽرياڻي ڪيس سمجهائڻ لڳي ته، هاڻي وڌيڪ بک هن ڇوڪري لاءِ خطرناڪ ٿيندي. پر ريشمان جي اکين مان صرف خاموش ڳوڙها. ائين ٽپ ٽپ ڪري وهي رهيا هئا. جيئن ٿيلهيءَ (ڊرپ مان پاڻي سندس پٽ جي بدن ۾ وڃي رهيو هو. ان ساڳئي ئي خيمي ۾ سامهون رکيل بينچ تي ٻه ٻار ويٺا هئا. هڪڙو ننڍڙو ڇئن پنجن مهينن جو ٻار هوندو ۽ ان جي پاسي ۾ ئي هڪ ستن سالن جي ڇوڪري ۽ هڪ نون سالن جو ڇوڪرو ويٺو هو. سانوري رنگ واري ريشمان ڪي تيز گلابي رنگ جو چولو پاتل هو، جيڪو ٻن ٽن هنڌن تان ڦاٽل هو، ڪٿان ڪٿان ته هن جو جسم پئي ظاهر ٿيو پر هوءَ پنهنجي حال کان بيخبر، صرف پنهنجي پٽ جي اوني ۾ غلطان هئي. سندس ننڍڙو پٽ تنجڻ ۾ ٻڌل ۽ تختي واري بينچ تي ائين پيو هو ڄڻ ڪو رانديڪو هجي. ڪو گڏو هجي. انسان جو ٻچو نه هجي. نون سالن جو مهتاب، چپ چاپ پنهنجي ماءُ جي ڳوڙهن کي ڏسي ۽ سڏڪن کي ٻڌي رهيو هو ۽ سندس اکيون ننڍي ڀاءُ تي هيون، جيڪو ٻي سڌ ماءُ جي هنج ۾ پيو هو. ڊاڪٽرياڻي ٻارن ۽ عورتن جي باري ۾ ٻڌايو پئي ته هنن ۾ خوراڪ جي ڪمي آهي. اسين خوراڪ ته نٿا ڏئي سگهون. ريشمان جو تعلق سعدي موساڻيءَ واري علائقي سان هو، ڪين 18 جريب زمين هئي. هو پنهنجي گهر ۾ سکي هئي. ڪيس ٽي مينهون ۽ چار ڳئون هيون ۽ پنهنجي مڙس جي گهر ۾ هوءَ ئي وڏي هئي. رڌڻ پچائڻ ۽ ورهائڻ وارا هٿ سندس ئي هئا. ”وڏيري هياس. چنيسر جي راڄ ۾“ وانگر هو پنهنجي مڙس جي گهر ڏياڻي هئي. ان ڏينهن هن جو مڙس ٻنيءَ تي ويل هو ۽ سندس ڏير مال ڪاهي ويو هو. هوءَ پنهنجي ننڍڙيءَ پٽ کي ٿڃ پيئاري رهي هئي ته سندس ننديو ڀاءُ ڊوڙندي سهڪندي آيو ۽ ڪيس چيائين ته، ”ادي ڀڄ! پاڻي اوندا پيا اي“ هن سٽ ڏئي ننڍڙو ڪلهي تي ڪنيو. ايتري ۾ ڀاءُ کي ٻنيءَ تي موڪليائين ته وڃي هن جي مڙس ۽ ڏير کي وٺي اچي. پر اچا هن جو ڀاءُ به ڪو نه موٽيو هو ته پاڻي شاخ کان چڙهي آيو، هن پنهنجا 8 ٻار ڪنيا ۽ وڃي بند تي ويٺي. رات ٿي وئي. نه مڙس آيو، نه ئي ڏير واپس ٿيو، مورڳو ڀاءُ به گم ٿي ويو. اها وارتا ٻڌائڻ کان پوءِ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي ته سندس پٽ هنج ۾ اکيون کولي ڪجھ چوڻ لڳو. هوءَ سڏڪو اڌ ۾ ئي ڳلي ۾ دفن

Sindhica Academy



ڪري پنهنجي ٻچي کي ڏسي. ڇڄڻ لڳي. ”منهنجا مٺا ڇا پيو چوين؟“ .... ”امان بک لڳي آهي. بسڪيٽ ڏي؟“ هن جو پٽ ڪيتري ئي دير کان پوءِ هوش ۾ آيو هو يا ڳالهائڻ جهڙو ٿيو هو. بسڪيٽن جو ٻڌي جهٽ ڏئي مهتاب اٿي بيٺو ته وڃي پنهنجي ڀاءُ لاءِ بسڪيٽ وٺي اچي پر هو ٿوري دير ۾ ئي ويهي رهيو. گلشن شهباز جي ويراني ۾ دڪان به نه هو، وٽس پئسا به ڪو نه هئا. هو ماءُ کي ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. ماءُ ذوالفقار کي ڇاتيءَ سان لڳائي دلاسو ڏنو ته، ”ڪوڙ بسڪيٽ منهنجي ٻچي لاءِ، بس ٿيلهي لهي.“ جيڪا ماءُ ٻن ڏينهن کان ٻار کي کاڌو نه کارائي سگهي هئي. اها بسڪيٽ ڪٿان آڻيندي؟ هنکي هن ڪئمپ ۾ اچا چوٿون ڏينهن هو، چوويھ ڪلاڪ بند تي گذارڻ کان پوءِ هوءَ به هڪ بس ۾ چڙهي اچي هتي پهتي هئي. هن وٽ نه ڪو گلاس هو، نه ئي ڪو وٽو نه رلي نه وهاڻو، سندس سورنهن سالن جو جوان پٽ . ان رات پوتڙي ۾ ماني وٺي آيو هو ۽ ان وقت رات جو هڪ ٿيو هو، سندس ٻار بک تي ئي ستا هئا. چوويھ ڪلاڪن جي بک، ٽڪ ۽ ڄامشوري جي پٿريلي زمين تي هڪ رليءَ تي سندس سڀ ٻار بک تي ستا پيا هئا. هن به گرھ ڪائي ننڍڙي کي هنج ۾ ڪنيو ۽ سڄي رات ائين ئي ويهي گذاري. ٽن ڇئن مهينن جي ٻار کي هيٺ ڪيئن سمهاري! ٻئي ڏينهن ڪنهن اين جي او وارن ڪيس ڪليل آسمان هيٺ ننڍن ٻارن سان ويٺل ڏسي هڪ خيمو ڏنو، ته هن رڙ ڪري ڪين چيو ته، منهنجا ٻار بکيا آهن. مون کي خيمو نه، ٻارن لاءِ ماني ڏيو، پر هنن ڪيس ٻڌايو ته، سندن پراجيڪٽ صرف خيما ڏيڻ آهي، روٽي يا راشن ان ۾ شامل نه آهي. شام جو ڪجھ ماڻهو پاڻي صاف ڪرڻ جون گوريون ۽ سينيٽري پيڊ ڪٽي ايا. هن وٽ نه گلاس هو، نه وٽو هو، گورين کي ڇا ڪري ها. هن اهي خيمي جي پاسي ۾ ئي اڇلائي ڇڏيون. هن انهن کان ٿانوَ گهريا ته به هنن جو ساڳيو جواب هو ته، هو پاڻي صاف ڪرڻ واري پراجيڪٽ تي پيا ڪم ڪن. بک ڪنهن به پراجيڪٽ جو حصو نه هئي. بيوسي، ڏک، دربدري، .... کهڙو عذاب نه هو، جيڪو ريشمان نه سٺو هو پر ”بک“ جو گهاءُ هو پچائي ئي ڪا نه پئي سگهي. هن جو سڄو ڪٽنب هن کان وڇڙي ويو هو، ڪير ڪيڏانهن ويو، اها به ڪيس ڄاڻ نه هئي. هوءَ صرف پنهنجن ٻچن کي ئي سنڀالي سگهي هئي. ٻچن جي بک کيس ان لائق ئي ڇڏيو هو ته هوءَ پنهنجي مڙس ڀاءُ يا گهر گهاٽ جو ڏک ڪري سگهي ها. هن ڏک مان چيو ته. .ادي! اسان لڙهيا سهايا پر اسين بکيا نه ٿا سهائي سگهون.“ هن پنهنجي مهتاب ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، ”ادي“ پڇ منهنجي ٻچي کان ته هن ڪڏهن ماني کاڌي آهي.“ مهتاب ڪنڌ مٿي کڻي چيو ته ، ”ڪاله منجهند جو هن مهل.“ ٻئي ڏينهن جي منجهند ٿي هئي. گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان هو ڏينهن ۾ هڪ ويلو ماني کائي رهي هئا. هن جي ماءُ ڏک ۾ چيو ته اهڙا صدورا آهن منهنجا ٻچا، جو اهي به نٿا چون ته امان بک لڳي آهي پر مان ته هنن لٽل چهرن مان ئي سمجهان ٿي ته هنن جي حالت ڇا آهي! ڪنهن مهتاب کان پڇيو ته، بک لڳي اٿئي؟ ته

www.sindhsalamat.com

هن ڪنڌ مٿي ڪٽي ماءُ ڏانهن ڏٺو ۽ سندس اکيون پاڻيءَ سان ڀرجي ويون. هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ آهستي وراڻيائين. ها“ هن پنهنجي ماءُ کي وڌيڪ ڏک ڏيڻ نه پئي چاهي. هن جون وڏيون وڏيون اکيون پاڻيءَ سان ڀريل هيون. هو بک تي ضبط ڪرڻ نه سگهي ويو هو پر سندس اکيون هن جي بک جو ڏک وهائڻ لڳيون. ريشمان پنهنجي ٻچن جي جسم جي هڪ هڪ خليي جي بک جا چڪ پنهنجي روح تي محسوس ڪري رهي هئي. هن سڏڪا ڀريندي چيو ته ”بيماري ته منهنجي هڪ ٻچي کي آهي پر بک مون کان سڀ ٻچا کسي رهي آهي. مون کي نه چانوَ کپي نه صاف پاڻي، نه ئي دوا. مون کي روٽي کپي. مان هتي ٻچن جون قبرون ٺاهڻ نه آئي آهيان. انهن جي زندگي بچائڻ لاءِ آئي آهيان.“



# ڪئمپ ڪهاڻي-9

هوءَ ڊگهي قد واري، مضبوط خاتون هئي. ڪيلل روڊ تي هلڪي هوا ۾ ننڍن ننڍن ٻوٽن جي ڇانوَ ۾ پنهنجي ڏيئرن جي مٿان ٻيٺي هئي. سندن مرد پاسي واري هوٽل تي وڃي ويٺا هئا. جوان ڇوڪرين جي هوءَ ئي نگهباني ڪري رهي هئي. سندس مٿي تي هڪ ننڍڙي پوتي پاتل هئي. ۽ ٻروچڪو گهگهو، سيني ڪان ڪڇ هيٺان ڦاٽل هو، جتان سندس ڇاتي پئي نظر آئي. پر ڪيس رڳو جوان ڇوڪرين جو فڪر هو، روڊ ڪان ايندڙ گاڏي جيڪڏهن ڪٿي هلڪي ڍري پئي ٿي ته هوءَ ڊوڙي ڇوڪرين جي ويجهو پهتي پئي. سندس چار ڌيئر شادي شده هيون ۽ ٻه ڇوڏنهن ۽ سورنهن سالن جون غير شادي شده هيون. هوءَ ان ڳالهه تي مطمئن هئي ته هوءَ پنهنجين سيني ڏيئرن، هڪ پٽ ۽ مڙس سميت، ڳڙهي خيرو ڪان بچي نڪتي هئي. هنن کي ائين ئي روڊن تي رهندي اڌ مهينو ٿيڻ وارو هو، ڇاڪاڻ ته پاڻي جي اچڻ ڪان هوءَ ڪجهه ڏينهن پهرين ئي نڪتي هئي ۽ گهر ۾ هڪ پٽ ۽ ٽي نياڻيون رهائي آئي هئي. پر هوءَ پريشان نه هئي هو سڀ مال ڪاهي نڪتا هئا. ڪو ڪيڏانهن ويو ته ڪو ”ڪيڏانهن پر هو هڪ ٻئي سان اهو طئي ڪري آيا هئا ته سڀ عيد تائين واپس ورندا ۽ عيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪندا. عيد اچي مٿان بيٺي هئي. پر هنن کي ڪنهن ٻڌايو هو ته، ڳڙهيءَ ۾ پاڻي اجا لٿو ناهي. هو پنهنجي ڳوٺ ۾ سگهي هئي هو سندس سڀ ڌيئر بلوچي ڀرت ڀريندڙيون هيون ۽ سندس گهر وارو ڪوئيٽا ۾ ڀرت ڀريل ڪپڙن کي وڪڻي ايندو هو. ايتري قدر جو ڪراچيءَ مان به ڪين ڀرت لاءِ ڪپڙا ملندا هئا. هنن پهرين ڪوئيٽا وڃڻ پئي چاهيو پر جيڪب آباد مان اوڏانهن ويل ماڻهن جا قصا ٻڌي هنن سنڌ جو رخ ڪيو. سندس نالو صابره خاتون هو ۽ هنن کي روڊ جي پاسي ۾ ڀرت ڀريندڙ پنهنجي نياڻين جو فڪر کائي ويو هو. هو پنهنجي ڀرت جا سڀ سامان کڻي آيون هيون. ڪجهه ڪپڙا ڪين عيد تائين ڀري ڏيڻا هئا. اهي به کڻي نڪتيون هيون. ڇاڪاڻ جو هنن واعدو ڪيو هو ته هو عيد کان اڳ اهي ڀري پورا ڪنديون ۽ پنهنجي واعدي جي پورائيءَ ۾ اُس. گرمي توڙي بک ۾ پنهنجي ڪم سان لڳيون پيون هيون. ڪالهه ڳڙهيءَ مان خبر آئي هئي ته پاڻي اجا نه لٿو آهي. صابره ڏک ۾ ويٺي هئي ته اجا چار فوٽ پاڻي بيٺو آهي. هڪ فٽ ٿيندو ته اسين واپس ٿينداسين ۽ هاڻي

هنن وٽ تہ واپسيءَ جو ڀاڙو بہ نہ هو. ڄامشوري جي پيٽاري واري حصي جي پهاڙين تي اڃا سندن حصي وارو خيمو نہ آيو هو، هننکي ڪنهن ٻڌايو تہ ڄامشوري ڦاٽڪ جي سامهون رهيل ماڻهن کي خيما ملي رهيا آهن. سو هنن پنهنجون پيٽيون، رليون هڙون ڪلهن تي کڻي اچي لياقت يونيورسٽيءَ جي گيٽ سامهون رکيون پر هتي بہ هفتو ويهڻ ڪان پوءِ خميو ڪيس نہ مليو، ٽي پيٽيون هن جي ڪل ڪائنات هيون ۽ انهن کي قرف (تالا ) لڳل هئا. جن جون ڪنجيون سندس گهگهي واري ڳلي ۾ ٽنگيون پيون هيون اهي روڊ ڪان ٿوريون پاسيريون هيون. ڪيس خوف هو تہ ڪير کڻي نہ وڃي. تنهنڪري ئي رات جو سندس پٽ، پاڻ ۽ مڙس واري واري سان جاڳندا آهن. وچ تي سڀ ڇوڪريون سمهاري پيرن ڪان هن جي رلي هوندي آهي. تہ مٿن ڪان هن جي گهر واري جي هڪ پاسي پيٽيون ۽ ٻيو سمان، تہ ٻئي پاسي وري سندس پٽ هوندو آهي. سڄو ڏينهن هوءَ پيرن تي اپي بيٺي هوندي آهي. ڪيس خيمي جو هر وقت فڪر رهي ٿو، ”تون هر وقت اس ۾ ئي رهين ٿي ۽ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ تنهنجون ڇوڪريون رهن ٿيون. تہ پوءِ تون خيمي کي ڇا ڪندينءَ؟ واري سوال تي هوءَ مڇرجي پئي. ا.ئي ڇا پئي چئين؟ مان کو گهمان ٿورئي پئي. سامهون پاڻي پريان، ماني وٺان. تڏهن پئي ٻاهر رهان.“ سندس ڌيئرن سهڻا پرت پري رهيون هيون. هنن ڪيترائي ڳلا سفر ۾ بہ تيار ڪري ورتا هئا. صابره کي جڏهن واپسيءَ جي آس لٿي تہ هن کي ماڻهن سان ڪيل واعدن ۽ انهن جي امانتن جو فڪر ٿيڻ لڳو. هنن وٽ جيڪا ٿوري روڪ رقم هئي. اها بہ هن ڪپائي پوري ڪئي هئي . هن کي سرڪار جي ماني ڪا نہ پئي وڻي. هوءَ ڇانورن جي اٽي مان هڪ وڏو ڍوڍو پچائي کڻي آئي ۽ هڪ ئي ڍوڍچي مان ستن ماڻهن ٽڪر ٽڪر کڻي ڪاڏو. هنن جي مردن کي جڏهن خبر پئي تہ عيد تائين واپسيءَ جو آسرو نہ آهي. تہ هو مزدوري ڳولهڻ نڪري ويا هئا. هي سانده ٽيون ڏينهن هو، جو اهي ناڪام واپس پئي آيا. هنن کي هن شهر تي چڙ پئي آئي تہ هتي تہ مزدوري بہ نہ آهي. هو سوچڻ لڳا تہ يا تہ هو ڪراچي وڃن يا ڳڏهہ گاڏي تي لڏو کڻي آهستي آهستي ٻڙهيءَ جو پنڌ ڪن. صابره ڳوٺ واپس ٿيڻ پئي چاهيو، جيئن پنهنجي پٽ ۽ نياڻين سان ملي سگهي ۽ امانتون بہ واپس ماڻهن کي ڏئي سگهي. هن عيد ڪان پوءِ سندس ڌيءَ جي شادي بہ رکيل هئي. هن سمجهيو پئي تہ ، ٻڙهي پهچن تي سڀ ڪجهہ ساڳيو ئي هوندو. صرف گهر ئي تہ ويو هو! هن مردن ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ، ”هي سڀ سلامت آهن، چوپايو مال بہ جام آهي. منهنجي ڌيئرن جا هٿ بہ سلامت آهن. هو هر مهيني پنجن هزارن جو هڪ گهگهو پرين ٿيون. بس پاڻي لهي يا ڪٽان ڪرايو ملي تہ اسان واپس ٿيون.“ اتي مون کي ياد پيو تہ ڪجهہ ڏينهن پهرين هڪ ايس ايم ايس آيو هو تہ ڪير ڪراچيءَ وڃڻ چاهي تہ هنن نمبرن تي ڪال ڪيو وڃي. هو انهن ماڻهن جي ڪراچي وڃڻ جو بندوبست ڪندا. مان صابره جي گهر واري کي آئٽ ڏئي نمبر ملايو تہ سڀ جا سڀ نمبر بند مليا. مون





ڪيس چيو تہ، چاچا، هن مهل نمبر بند آهن. مان وري ملائي توهان کي ٻڌائيندس. صابره کي ڪراچي وڃڻ جو ڪو بہ شوق ڪو نہ هو، هن آهستي پڇيو. ”آئي، ڇا هو اسان کي ڳوٺ تائين واپسيءَ جو ڀاڙو يا سواري نٽا ڏئي سگهن؟ اسان کي ڪراچي نہ، واپس ڳوٺ موڪليو، مزدوري تہ ڳوٺ ۾ بہ آهي. آئي اسان جا اڏ ٻچا اتي جهوپا اتي. قبرستان اتي.ا سان جو ڪراچيءَ ۾ ڇا آهي؟ آئي. انهن کي چئو تہ ڳوٺ لاءِ سواري ڏين.“ هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪا نہ پئي آئي تہ جي هو سندن مدد ڪرڻ چاهين ٿا تہ پوءِ جيڪو هوءَ چاهي ٿي. ائين ڇو نٿا ڪن؟ ڪراچيءَ واري سياست ٻڙهي خيري واري صابره جي عقل ڪان ٻاهر هئي. ”منهنجي جوان ڌيءَ جي شادي ڦٽي وئي. هاڻي اضحيٰ واري عيد ڪان پوءِ ڪرائيندس. ”هوءَ ٻيو پلان ٺاهي ويٺي پر ڪيس خيمو پيو گهرجي. سو وري واپس ٿي.“ آئي پلا انهن کي چئو تہ ڳوٺ نہ ٿا موڪلين تہ نہ سهي. پر هتي انهيءَ پاڙي مان خيمو ئي وٺي ڏين. يا شاميانو هٽائي ڏين.“ مائي صابره جيڪا ايترن ڏينهن کان هونئن ئي اس ۾ پئي رهي اخر هاڻي خيمي لاءِ ايتري پريشان ڇو هئي؟ هن جي ڪل ڪائنات ٽي ننديون، سليٽي رنگ جو پيٽيون هُين. جن جي چوڪيداري هن لاءِ ايتري ضرور آهي جيتري پنهنجي جوان ڌيئرن جي . آخر انهن ۾ اهڙي کهڙي ملڪيت آهي؟ جي ملڪيت اٽس تہ هيئن روڊ تي ڇو ويٺي آهي؟ ڪٽي مسواڙ تي گهر وٺي ڇو نہ ٿيون رهن. مون صابره کي چيو تہ ”آئي تون ڇوين پئي تون سکي هئينءَ ”راهڪي“ بہ ڪو نہ ڪندي هئينءَ تہ پوءِ ڪو مسواڙ جو گهر وٺي ڇو نہ پئي رهين؟ صابره ٿورو چپ ٿي وئي. پنهنجي ٻن ڇوٽين کي پاسي ڪري. ٿورو ٻانهن پاسي ڪري پنهنجو ڦاٽل گهگهو ڏيکاريندي چيائين. توکي ڇا ٿو لڳي. مان پنهنجي اوگهڙ محسوس ڪو نہ ٿي ڪريان. يا بي خبر آهيان تہ منهنجو جسم ظاهر ٿي رهيو آهي نہ آئي نہ، پر منهنجون جوان ڌيئرون منهنجو لٽل يا پريشان منهن ڏسي حوصلو وڃائي ويهنديون. تننڪري مان هر وقت کلان ٿي. جيئن هو روڊن تي هوندي بہ منهنجي پناهہ جي ڍال کي محسوس ڪن. باقي منهنجون ٽي پيٽيون اچ تہ توکي ڏيکاريان تہ خيمي کي ڇا ڪنديس! هن ٽي نندڙيون ڪنجيون ڪڍيون. پهرين پيٽي کولي انهيءَ ۾ ٽي چار گهگها، خوبصورت پرت وارا پيل هئا. ”هي گهگها ڪوئيٽا کان پرت لاءِ آيا هئا. امانت آهن. پئسا مان وٺي چڪي آهيان. واپس وڃي انهن کي پهچائيندس. اهي ٻڌن ها تہ منهنجون اعتبار بہ لڙهي وڃي ها. هاڻي بہ انهيءَ جي حفاظت منهنجو فرض آهي. اها مانت آهي. اس تي رنگ خراب ٿيندا ۽ ڇون پيا مينهن بہ وسڻو آهي.“ هوءَ اها پيٽي ٻن ٻين پيٽين جي هيٺان رکي ويٺي هئي. ان جي مٿان هڪ ٻي پيٽي هئي جنهنکي کوليندي هن جون اکيون پاڻي سان پرجي ويون. مٿان هڪ گلن واري سڳي، هڪ چادر، نندڙو بلوچي پرت وارو رومال.... ”هي منهنجي ڌيءَ جو ڏاج اٿئي.... هي گهگهو، ڳلو، توڙي رومال مون پنهنجي هٿ سان پريا آهن.“ ٻي پيٽي ۾ چادرون ڪجهہ جوتا، ٽوال ۽ ڦٽي. آرسي ۽

اهڙيون ٻيون ننڍيون وڏيون شيون پيل هيون. هن عيد ڪانپوءِ صابره جي ڌيءَ جي شادي هئي. صابره خاتون اهي ٿي پيتيون جيءَ سان لڳائي ٻوڏ مان ٻه ڪڍي آئي هئي پر هتي اس ۾ ايندڙ برسات ڪان ڪيئن بچائي؟ هوءَ پهاڙن جي Privacy مان لهي روڊ تي پهتي ته ڪو ڪيس خيمو مليو. جتي هيءَ پنهنجي مستقبل جي خوشي ۽ پنهنجي ايمان جي امانت کي بچائي سگهي. پر خيمو ڪيس نه مليو ۽ پهرين سيپٽمبر جي منجهند جڏهن گهٽ ۾ ساهه پئي بند ٿيو، هن وري انهن سامانن کي ترتيب سان رکي واپس تالا لڳائي هر شئي بند ڪئي هئي. هوءَ اڌ اگهاڙي ٿي رهي هئي پر امانت رکيل گهگهن کي هوءَ سنڀالڻ ۾ پوري هئي. ۽ ڌيءَ جي ڏاج کي هٿ لائڻ لاءِ ته هو سوچي به ڪا نه پئي سگهي. هن کي صرف پنهنجي لاءِ هڪ وڏي پوتي پئي ڪپي. جا هوءَ ويڙهي هلي سگهي ۽ هڪ خيمو جنهن ۾ هي ٿي پيتيون. جيڪي هن پٽ، نياڻا ڇڏي به ساڻ ڪنيون هيون ۽ پيٽاري ڪان ڄامشوري ڦاٽڪ تائين ڪلهن تي کڻي آئي هئي. انهن جي حفاظت لاءِ ئي گهربل هو ان ڏينهن پهرين سيپٽمبر جي شام ئي ڄامشوري ۾ تيز برسات وسندي رهي. صابره خاتون جو جبل جيڏو حوصلو ۽ آسمان کان اوچو ايمان. ڇپن جي مرڪ ۽ ڌيءَ جي شاديءَ جا ڳيچ، انهن پيتين ۾ قيد آسمان جي ”رحمت“ تي ماتم ئي ڪندا رهيا.





# ڪئمپ ڪهاڻي-10

نائين آگسٽ جي رات ٻارنهن لڳي پندرهن منٽن تي اتر سنڌ جو پهريون قافلو هتان گذريو هو، اهو قافلو ٺل واسين جو هو، گهر بدر، دربدر ماڻهن جا قافلا ڪڏهن روجهاڻ جماليءَ مان پئي روانا ٿيا ته ڪڏهن جهٽ پٽ، جهل مگسي، سيف الله ڪئنال جي ڪپن تان آيل هتان پئي گذريا هئا. هنن جي ٻارن جا تن اگهاڙا هئا، ٽنگون سڪل ۽ مٿا وڏا هئا. هتان اڳ اهڙي ”مخلوق“ نه گذري هئي. وڏن گهگهن ۾، مٿان ڪانيپي وانگر ٻڌل، سڪل ۽ سنهڙيون عورتون ۽ انهن سان هڪ اڌ مرد اڌڙوٽ عمر جو گڏ هو، پهريون قافلو جڏهن هن ”در“ تان گذريو ته برسات پئجي رهي هئي. اهي مايون ڄڻ ته ڪبڙيون هجن. ٻارن کي وڪڙي ويهي ڇئي رهيون هيون ته، ”واهه مولا واهه! هيٺ ٻوڏ مٿان مينهن، ڪڏهن پيو ٻوڙين ته ڪڏهن پيو سڪائين!“ مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته ان ٽرڪ کي ڪٿي وڃي بريڪ لڳندو. ان رات آئون به حيران هئس. پر پوءِ قافلن جو اهڙو سلسلو شروع ٿيو، جو آئون انهن جو تعداد به رکي نه سگهيس. بس جيڪب آباد کان سيف الله جي ڪڙ تائين لاتعداد قافلا هئا. جن هتان ٽپي ڪٿي وڃي پڙاءُ وڌو. اهو ته مون کي اندازو نه آهي. منهنجي مالڪ ته مون کي هتي ان لاءِ بيهاريو آهي ته جيئن هتان گذرڻ وارن جو حساب ڪتاب ڪري سگهجي. مون کي وڏن صاحبن ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به گاڏيءَ تي رحم نه آيو، پر هنن لاچارن جا لٽل منهن منهنجي ڪنڪريٽ جي پيتين ۽ لوهه جي ڇتين کي به لوڏي رهيا آهن. مان اهڙو انسان ته نه آهيان. جو ڪنهن ڪئمپ ۾ ڪا ديگ پت جي يا دوائون ڏئي پنهنجي ضمير تي پوندڙ دربدريءَ جو بار پنهنجي ٻي گهر هجڻ جي تصور ڪان ڊڄي هنن کي چند پراڻا سراڻا، رديءَ لاءِ پاسي تي ڪيل سامان ڏئي سک جو ساهه کڻان ۽ سرڪار توڙي ٻين ڌرين تي ويهي ڇوهه چنديان، نه ئي مان ڪا گاڏي آهيان، جو هنن کي روڊن تان، بندن تان، پنهنجي پٽن تي کڻي اچان ۽ هڪ گهڙيءَ لاءِ جڏهن هنن جي اکين ۾ اهو آسرو پرجي ته هاڻي هو بچي ويا ته ڄڻ منهنجو سڄو ٿڪ لهي وڃي ها. مان ته ٻيڙي به نه هيس، اهڙي ٻيڙي جنهن لاءِ ڪنهن دل واري سرڪاري آفيسر لکيو هو ته ، ڪاش ميرا تن ڪشتي هوتا،

تيز لهرون ڪي ٿپڙ اپني
سيني پہ سهتا

مان تہ اها ڪشتيءَ بہ نہ هئس جو ڪجھ وٽن تي ويٺل جوان، جوڙا، محنت ڪش ۽ مزدور بک تي پاھ ٿي پاڻي ۾ ڪرڻ کان پهرين ڪڍي اڇان ها. يا اهي ڳوٺاڻيون عورتون، جن جا پير گوڏي جيڏي پاڻي ۾ ترڪيا هئا ۽ انهن جا لاش لڙهندي شڪارپور کان مٽياريءَ تائين ڏٺا ويا هئا تہ انهن جي پير ترڪڻ کان پهرين ئي پنهنجي سيني ۾ سوار ڪري ڪين ڪناري تي "پ هچايان ها. مان بدنصيب تہ هڪ خيمو بہ نہ هئس. جو اس ۽ نامهربان سج جي تپش، جيڪا هونئن ئي اگهاڙن پيرن ڪي سخت گرم پٿرن سان اڳ ئي ساڙيندي هئي، پر هاڻي سنهڙن پاڇڪن، اجرڪن ۽ رلين جي اوٽ مان ساڙيندي، ستائيندي، ان کان بچائي سگهان. هنن جا سڪل چپ، خشڪ ٿي ويل نڙيون ۽ آب وسائيندڙ اکيون، هنن منهنجي پٽين تي ڇاپجي ويون آهن. ڄامشوري جي اس ۽ گرمي واري گس تي مان ڪيترن ئي سالن کان ٽرڪن، بسن، ننڍين گاڏين، سوزوڪين توڙي ٽريڪٽر ٽرالين تي انسانن جا هجوم ڏٺا، پر هيل نائين آگسٽ کان اڄ تائين جيڪي انسان هتان گذريا آهن ۽ جهڙي حالت ۾ گذرن پيا، مون کي لڳي پيو تہ هيءَ ڪا نئين "مخلوق" آهي. جا هن ٻوڏ ٻوڙي ٻاهر ڪڍي آهي. مان سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري رهندڙن جو ڪراچي توڙي حيدرآباد ڏانهن واحد گزر گاھ آهيان ۽ ساڄي ڪناري جڏهن سنڌو سمنڊ ٿيو تہ، ڪراچي، حيدرآباد توڙي ڄامشوري ڏانهن ايندڙ ماڻهو هتان گذرڻ لڳا. مان اهو ڄامشورو ٽول پلازا آهيان. جتي اڄ ٿي سئو گاڏيون گڏ ٿي رهيون آهن. دادو، جوهي، سيتا... ڪهڙو ڪهڙو شهر ياد ڪريان؟ ڪهڙي ڳوٺ کي وساريان؟ هي وڃي رهيون آهن انهيءَ حاجران کي ڪٽڻ لاءِ جنهن جو تعلق عمر شيخ ڳوٺ سان آهي. هن جو ڳوٺ تہ هفتو کن پهرين ئي ٻڏو هو، هوءَ ڪيترائي ڪلوميٽر پيرين اگهاڙي، گوڏي جيتري پاڻيءَ ۾ بک تي هلي هئي. ننڍڙا ٻار سندس ئي ڪلهن تي هئا. جو سندس "ور" ڪنهن ڪن ۾ لڙهي ويو هو، هوءَ خيرپور ناٿن شاھ پهتي هئي. جتي پنهنجي دڪان اڳيان پٽ پڌائيندڙ ڪنهن دڪاندار هن کي ٿورو ڪاڏو ڏنو هو، هو جيڪو پاڻ بہ دربدر ٿيڻ وارو هو. هن جون اکيون نہ، دل روئي رهي هئي. هن ڄاتو پئي تہ حاجران ڪهڙي درد ۾ ڏري رهي آهي. پر هو تہ صرف هن کي هڪ ويلو ئي کارائي سگهيو هو. هن جون عورتون پهرين ئي فليٽ جا ڪارا برقعا پائي وين ۾ چڙهڻ شروع ٿي ويون هيون. دڪاندار، اندر وڃي حاجران کي رکيل بچيل سيڏي مان پاپا ڏنا هئا. حاجران ڪين منٿ ڪئي تہ هنکي هن وين ۾ ڪنيو هلن پر هنن جا تہ پنهنجا ئي ڪجھ ماڻهو موٽر سائيڪلن تي نڪتا هئا. هنن تہ پنهنجو فرج بہ پويان ڇڏيو هو، حاجران جا پاپا ختم ٿيڻ وارا هوندا يا ٿي ويا هوندا. ڇو تہ دڪاندار جو خاندان هتان رات گذريو هو، سندس ماءُ کي پاڪ ڪتاب سيني سان لڳل هو. هو سامهون واري سي اين جي تي بيٺا هئا. وين ۾ موت جهڙي خاموشي هئي. هن مهل تائين شايد پاڻي گهڙا منجيءَ جي ٽنگن تائين پهچي ويو هوندو، هنن صرف اهائي پويان پڌر ۾ ڇڏي





هئي. ڪين حاجران جو ڏاڍو ڏک هو، ٻئي دربدر هئا. ڪين هڪ وين جي ڪرائي جيترا پئسا هئا. سو هو برقعو بہ پائي نڪري سگهيو. هيون، پر حاجران جو تہ رئو بہ لڙهي ويو هو، هنن جا ڏنل پاپا الاءِ ڪيستائين حاجران جي ٻارن کي زندھ رکندا! ۽ پاڻي ايندو تہ حاجران ڪيڏانهن وينديءَ؟! هو تہ اڳ ئي ڪيترا ڪلوميٽر پنڌ هلي آئي هئي. مان خاموش اهو سوچي رهيو هئس تہ ڪاش! هي بسون تڪڙيون هلي پون. متان حاجران اڃان بہ سلامت هجي، پر ڪالھ رات هتان اڍائي سئو ٽرڪون، بسون، سوزوڪيون ۽ الاءِ ڪيتريون گاڏيون گذري چڪيون آهن. انهن گاڏين جي مسافرن کي ڪا بہ خبر نہ آهي تہ هو ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن. صبح جي وقت گذرندڙ ڏيڍ سئو گاڏيون بہ جنهن ڊنگ سان عورتن، ٻارن، ڪٽن ۽ سامانن سان ڀريل هيون. اهو مون پنهنجي تاريخ ۾ نہ ڏٺو آهي. هيٺ بانس جا لڪڙا آهن. ڪاٺيون آهن. انهن مٿان رليون آهن. هي نوناري آهن. ميهڙ جو قافلو آهي. واسي نوناري ڳوٺ جا ماڻهو، رلين مٿان عورتون آهن ۽ انهن مٿان رسيون آهن. جن ۾ ڪٽون ٻڌل آهن. انهن ڪٽن تي ڪولر، ٿانوَن جا ڪٽا، ٻار توڙي مرد آهن. هيءَ ننڍڙو ٻار ڪيتري ئي دير کان پنهنجي پيءُ جي ٻانهن تي سٽل آهي. هو ڪٽ جي پائي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو آهي ۽ ڏک هن ۾ چرڻ جي طاقت بہ نہ ڇڏي آهي. ٽرڪ سامهون Truk port تي وڃي بيٺي آهي. هي ائين ويٺل آهن. جو ٽرڪ جي سامان وانگر چري نہ ٿا سگهن. هو ڪيڏانهن ويندا. ڪين ڪا بہ ڄاڻ نہ آهي. منجهند جا ٻارنهن ٿيا آهن. نٿهڻ اس ۾ ٽرڪ بيٺي آهي. مان ڏسان پيو، ڪير بہ ڪين پڇڻ وارو نہ آهي. هيءَ ٽريڪٽر ٽرالي بہ ماڻهن سان سٽيل آهي. هي بہ جوهي شاخ کان لڏي آيل لغاري آهن. ٽريڪٽر ۾ ٿي ٻار ڪٽ تي بي سڌ سٽل آهن. الاءِ مري ويا، ڪي جيئرا آهن! هو چرن پرن بنھ ڪو نہ ٿا. زئفائن جون اکيون سڄيل آهن. ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽنگيل پکن کي ٿي ننڍڙا ٻار هٿ سان ڦيرائين پيا. هو بلڪل بي خبر آهن تہ هن ٽريڪٽر ٽرالي تي هو ڪيڏانهن پيا وڃن. ڪٽن تي بي سڌ پيل ٿي ٻار ائين جو ٽيئن پيا آهن. سڄي سنڌ کي شايد هو نظر ڪو نہ پيا اچن. پر مان مٿان ڏسان پيو، سندس مائٽ هاڻي سامهون واري ميدان تي لهڻ شروع ٿيا آهن. ڪٽ لاهي سي اين جي جي ڇانوَ ۾ رکي وئي آهي. عجيب آهن هي انسان بہ، زندھ ٻار اس ۾ پئي گهميا، پر لاش ڇانوَ ۾ رکيل آهن. هاڻي هي پيا وڃن ننڍڙي سوزوڪيءَ ۾... هي بہ جوهيءَ جا لغاري آهن. سيني مردن وٽ موبائيل فون آهن. عورتون وڃي اڳيان ٽرڪ پورٽ تي لٿيون آهن. شايد باٿ روم استعمال ڪرڻ لاءِ بيٺا آهن. رات روزو رکي نڪتا آهن. سوزوڪي جي ڇوڏاري اسڪولي ٻارن جي ٿيلهن وانگر ڪٽن ۾ شيون ٽنگيل آهن. ڪجھ پليٽون آهن. ديگڙيون ڪولر،.... ڪجھ ڪٽا اٽي ۽ ڇانورن جا... سوزوڪيءَ ۾ ڇوڪرا ۽ مرد ائين ٽنگيل آهن. جيئن ڄامشوري کان حيدرآباد تائين هلندڙ سوزوڪين تي مسافر چڙهيل هوندا آهن. اٺ ڪلاڪ هو ساندھ بيٺا آهن. ٻئي هٿ سوزوڪيءَ جي ڇت ۾ آهن. هنن جا هٿ سن ۽

پير پٽر تي ويا آهن. ٿورو بہ جهاڪو آيو تہ هاڻي وچي پٽ تي پوندا. ٻارن ڪي بک بہ ڏاڍي لڳي آهي. عورتون اخبار ۾ ويڙهيل مانيون ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻارن ڪي پيون کارائن. هاڻي هنن جا توا الاءِ ڪڏهن گرم ٿيندا؟ الاءِ ڪڏهن انهيءَ روٽيءَ جو ذائقو هنن جا ٻچا چکندا! مان صرف اهو ئي پيو سوچيان سرڪار جون اسي گاڏيون تہ ويون، متان حاجران بہ چڙهي سگهي هجي. ڏيڍ سئو گاڏيون صبح کان هن مهل تائين گذريون آهن. جيئن جيئن ڏينهن تتو آهي. تيئن ئي قافلا بہ وڌيا آهن. هيءَ سنڌ ڏسي هيتري دربدري، گهر بدري، هيئن سفر ۾ ٻچن جا لاش بي ڪفن پيا رلن. قبر جيتري چانوَ بہ ڪانهي. هڪڙي روٽيءَ جا ٽڪر ڪندڙ ماءُ جي دل جا ٽڪرا ٿي رهيا آهن. هيءَ منهن لٽل. چپ سڪل، پيرن اگهاڙن ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارن ماڻهن جي قافلن جو انت بہ ٿيندو؟ هي جيئڻ جي جدوجهد ۾ ڇا وڃائيندا؟ اڳيان ڪهڙو آسرو آهي؟ بک ۾ ڏک ۾ هنن ڪي پنهنجي ٻچن جا لاش بہ پاڻ تا ڪٽڻا پون، پنهنجي اکين جا ڳوڙها بہ پاڻ ئي تا اگهڻا پون. اڃا تي سئو بسون وڃن پيون. هاڻي ڪير ڪير ايندا؟ هيترا انسان هتان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن؟ اڳيان تہ سمنڊ آهي. بک ۾ دربدري جو سمنڊ آهي.





# ڪئمپ ڪهاڻي-11

هوءَ ڪٿان آئي هئي ۽ سنڌ جي ڪهڙي ضلعي، ڪهڙي ڳوٺ سان سندس واسطو آهي، اهو هاڻي هنن لاءِ بي معنيٰ ٿي ويو آهي، هو هاڻي صرف ايترو ئي تعارف رکن ٿا تہ هو ٻوڏ متاثر آهن. هنن کان جڏهن پڇجي ٿو تہ توهان ڪٿان آيا آهيو؟ هو جواب ڏين ٿيون تہ هاڻي ڪيڏانهن ويندا سين؟ جڏهن ٿي هفتا پهرين هوءَ شهدادڪوٽ جي پاسي واري ڳوٺ جي رهواسڻ اتان نڪتي هئي تہ هن کي پريا مهينا هئا ۽ هي پنجون ٻار هو، سڪل، سانوري رنگ واري نوران بہ هارياڻي ئي هئي. هن جو ان خاندان سان ئي واسطو هو، جيڪي ابي ڏاڏي، ”راهڪي“ ڪندڙ هئا. ان ڏينهن بہ هو ٻنيءَ تان ڪم ڪري موٽي هئي، کيس پاسي ۾ سور بہ محسوس ٿي رهيو هو. نائين مهيني جي چنڊ بيهڻ ۾ شايد ڪجهہ ئي تاريخون بچيون هيون. ”ايتري وڏي پيٽ سان تون ٻنيءَ ۾ ڪم پئي ڪيو؟“ ان سوال تي هوءَ حيران ٿي هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻڻ لڳي. کيس سمجهہ ۾ ئي ڪو نہ پئي آيو تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي اربع خطا آهي. سندس سس بہ ڪلڻ لڳي. انهيءَ ٻڌايو تہ هن پندرهن ٻار ائين ڄڻيا آهن، جو ٻنيءَ تي ڪم ڪندي سور پوندا هئا، پوءِ گهر اچبو هو. هنن کي تہ وري بہ ڪجهہ ڏينهن هئا، هن جون اکيون بلڪل پيليون هيون ۽ ائين نہ پئي لڳو تہ کيس ڪو پنجون ٻار آهي.هو بلڪل سڪل سنهڙي ڇوڪري پئي لڳي. ان ڏينهن جيئن ئي هوءَ ٻنيءَ تان واپس گهر آئي هئي تہ هن سور جي رڙ ڪئي هئي، پر ان کان پهرين جو ڪير هن جي رڙ کي موٽ ڏئي، سندس ئي گهر وارو سهڪندو گهر پهتو هو، ۽ اهو ٻڌائڻ لڳو هو تہ، جمالي سردار نياپو ڪيو آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي ڳوٺ ڇڏيو، پاڻي پيو اچي. هو ڪل ٻارنهن گهر هئا، پورو پاڙو هلچل ۾ اچي ويو، ائين پئي لڳو ڄڻ زلزلو اچي ويو هجي. هن کان سور بہ وسري ويو، پيرين اگهاڙي ماءُ جي گهر ڏانهن ڊوڙي تہ امان کي بہ ٻڌائي اچان. سندس سس سندس سڳي ماسي بہ هئي. نوران کان اهو بہ وسري ويو تہ هن کي جتي بہ پيرن ۾ ڪانهي. ماءُ کي هوشيار ڪري هوءَ واپس وري تہ سندس مڙس، ڏير توڙي پاڙي جا سڀ مرد پريشان حال سندس ڏير جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، جيڪو مال ورائي مس پهتو هو، هن ٻڌايو پئي تہ، ”پاڻي شاخ کي ٽوڙي چڪو آهي ۽ ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ ڳوٺ تائين پهچي ويندو، سواري گهرائڻ جو بہ ٽائيم

نہ آهي، تنهن ڪري جيئن نڪري سگھو، نڪرو“ ۽ پوءِ بہ هنن ڪجھ رليون ويڙهي مردن جي ڪلهن تي رکيون، ڪنهن وهاڻي جي ڇو لاهي ان ۾ ضروري ٿانوَ وڌا تہ ڪنهن ڪٿون ڪلهن تي ڪنيون. هو هڪ ڪلاڪ اندر ٻارين ٻچين پنڌ ئي نڪري پيا پاسي واري بچاءُ بند طرف، جيڪو پڻ ڪو چار پنج ڪلوميٽر پري هوندو، پر ان پاڻيءَ جي خوف، موت جي ڊپ ۾ نوران ڪان جتي پائڻ بہ وسري وئي هئي. هوءَ هونئن بہ ٻنين تي ڪم ڪندڙ هئي، پيرين اگھاڙي هلڻ هن لاءِ هونئن بہ ڪا نئين ڳالھ نہ هئي، پر ان مهل ڪيس ٿورو سور هو ۽ ڏينهن بہ تتل هو، هوءَ ٿورو آهستي پئي هلي تہ پويان سهري رڙ ڪيس تہ، ”مائي همت ڪر! ٻڏي مرندينءَ ڇا؟ پاڻي جا آواز منهنجي ڪنن ۾ گجگوڙ پيا ڪن، تڪڙي وک ڪڻ“ هو ائين منجهند جو هلي بند تي پهتا هئا ۽ اتي ڪٿون اپيون ڪري ٿوري دير ڇانوَ ۾ ويهي رهياهئا. سامهون پاڻي آهستي آهستي ڳوٺ کي ٻوڙڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. بند تي ان علائقي ۾ گھٽي دير ويهڻ بہ ڏکيو هو، اتي آسپاس چوريون بہ جام ٿي رهيون هيون. هنن وٽ گھٽو ڪجھ تہ ڪو نہ هو، پر وري پاڙي جيترا پئسا تہ هنن گڏ ڪري ئي ورتا هئا. ٻارنهن گھرن جو وڏو انور ٽرڪ جو انتظام ڪرڻ ويو هو. هنن کي ڪيڏانهن وڃڻو هو؟ ان جي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي، پر هتان هنن کي هر صورت ۾ نڪرڻو هو، پاڻي سڀاڻي تائين ڳوٺ جو شهدادڪوٽ تائين رستو بہ ٻوڙي ڇڏيندو، تنهن ڪري منجهند جو ئي هنن جو سهرو گڏھ گاڏيءَ تي چڙهي ٽرڪ لاءِ روانو ٿيو، ٽرڪ واري ستر هزار رپيا ڀاڙو پئي گھريو، هي مسڪين ڪل ملائي بہ چاليھ هزار رپيا گڏ ڪري سگھيا هئا. پر انهيءَ مصيبت ۾ ٻي سواري ملڻ مشڪل هئي ۽ ڪين بہ مينهون بہ تہ هيون، پر هيتري ساري خاندان ڪان پوءِ مينهن يا ڳئون جي گنجائش ڪھڙي بچندي؟ آخر ڪين زالن جي ڪنن جا والا ياد پيا ۽ هو مزي سان ٽرڪ ڪرائي رات جي پهرين پهر ئي پهچي ويو هو، نوران ايتري دير خاموش کٽ تي پئي هئي. جڏهن سامان ٽرڪ تي چڙهڻ شروع ٿيو تہ نوران کي اهو نيري رنگ وارو ڪٿو ياد پيو، جنهن ۾ هن پنهنجي ٿيڻ واري ٻار جو سامان، ان زلزلي جهڙي مهل بہ ياد ڪري پيتيءَ مان ڪڍي وڌو هو. هن کي پهرين چار ڏيئرون هيون، وڏي مشڪل سان پيرن تي پڙ وجھي هن دعائون گھريون هيون تہ هيل هن کي پٽ ٿئي. پوءِ ڳئون ڪپائي هوءَ لاڙڪاڻي واري وڏي اسپتال ۾ ڏيکاري آئي هئي. ڇهين مهيني ڪيس خبر پئي هئي تہ سندس پيٽ ۾ پٽ آهي. ڊاڪٽر ”ڦوٽو“ ڪڍي ڪيس ٻڌايو تہ ٻار صحيح سلامت آهي، پر تون ڏاڍي ڪمزور آهين. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. هن جي واپسيءَ جو رستو ئي نہ پئي ڪٽو، جو هو گھر ماسيءَ ۽ ماءُ کي ٻڌائي سگھي تہ ڇئن ڏيئرن ڪان پوءِ ڪيس پٽ ٿيو آهي. هن جو گھر وارو بہ ڏاڍو خوش هو، هو هن جي زندگيءَ جو انتهائي خوشيءَ وارو ڏينهن هو. ان ڏينهن هن کي پنهنجون ڏيئر بہ ڏاڍيون وڻي رهيون هيون، هن ان ڏينهن ڪان ننڍا رلڪا، ننڍڙا ڇمڇا، اسٽيل جون وٽيون، موتين جا ڳانا، سرمو ۽ چانديءَ جي سرائي





ٺهرائي رکي هئي. پنهنجي ٿيڻ واري پٽ جي سامان لاءِ هن ننڍڙي پيتي بہ گھرائي هئي. انهن سڀني سامانن کي هن زلزلي جهڙي وقت ۾ بہ ڪٿي ۾ وجھڻ نہ وساريو هو، پر الاءِ ڪيئن گھر مان نڪرڻ وقت اهو هن ڪان ڪڻڻ وسري ويو. هن جون اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون. هن جي ٻار جا پريل پهراڻ، ننڍڙا تنجڻ.... هر شئي کي ياد ڪري جڏهن هوءَ روئڻ لڳي تہ سندس ماءُ ڪيس دلاسو ڏنو تہ ٻار پنهنجو نصيب ڪڻي ايندو آهي. تون رڳو پنهنجو خيال ڪر، سندس ماءُ پنهنجي جتي بہ هن کي ڏني ۽ چار ڏوهٽيون بہ پاڻ سان ڪنيائين، جيئن هو ٿوري خلاصي ٿي ويهي سگھي. سندس سس بہ پئي هن جو خيال ڪيو، آخر پٽ جي ماءُ ٿيڻ واري آهي. سانوري رنگ واري نوران پنهنجي خواب ۾ پنهنجي پٽ کي گورو، مٿون پريل، ڪاري جهنڊ وارو ڏسندي هئي. هنن جي خواب واري پٽ کي سندس پريل پهراڻ پاتل هوندو آهي ۽ هو هن جا سرمي سان پرون ٺاهيندي رهندي آهي، پر هنن جي خوابن جا سڀ سامان انهيءَ ڪٿي ۾ رهجي ويا هئا. هن کي گھر گھاٽ ڇڏڻ ڪان وڌيڪ انهن شين جو ڏک هو، هن کي اونو ڪائڻ لڳو تہ هاڻي ڇا ٿيندو؟ هيڏين دعائن ڪان پوءِ موليٰ سائين پٽ ڏنو، ان کي پهرائڻ لاءِ ڪپڙا ڪٿان آڻيندس؟ ويچاريون نياڻيون تہ ائين ئي پيدا ٿيون هيون ۽ وڏيون بہ ٿي رهيون آهن. پر هن جو پهريون پٽ، جنهن ڪان پوءِ هن جي سس توڙي سهرو عزت ڪرڻ لڳا هئا. ان جو شان تہ نياڻين نماڻين ڪان بہ مٿانهون آهي، سندس ماءُ ڪيس ڏڪارو ڏسي ڇيو تہ، جيڪي ٻاهر آهن، اهي پيا لڙهن ۽ مرن، تو کي پيٽواري جو فڪر لڳو آهي. نوران واري قافلي سان گڏ صرف ٽي پوڙها هليا، سندس ور بہ پويان رهيو، تہ جيئن مال کي سنڀالي. اهي بہ پڪي ڏانهن مال ڪاهي نڪتا ۽ هيءُ بہ ٽرڪ پري شهر ڏانهن روانا ٿيا هئا. اهي سڄي رات هنن سڀني جاڳي ۽ روئي گذاري هئي. ”وطن“ ويو، گھر گھاٽ ويا ۽ مرد بہ پوئتي رهجي ويا. مٿان نہ رات پئي ڪٽي، نہ ئي سفر پيو پورو ٿئي. نوران ڪڏهن بہ ايترو وڏو سفر ڪو نہ ڪيو هو. هن ڪالھ ڪان ڪجھ ڪاڌو بہ ڪو نہ هو، نيٺ صبح ٿيو تہ هي اچي پيٽاري تائين پهتا. ٽول پلازه ٽپي هنن ڪليل آسمان هيٺان ئي ڪٿون اپيون ڪري سامان لاٿو، مايون ڪٿا ڪولي ٻارن لاءِ ڪجھ رڌڻ پچائڻ جي اُوني ۾ لڳي ويون، مرد الاءِ ڪٿان مُٺِ ڪاٺين جي ڪري آيا. آسپاس ڪٿي بہ پاڻي نظر نہ آيو، آخر ٿورو اڳيان ڪو گھر هو، نوران ديڳڙي ڪڻي، اتان رڌ پچاءُ لاءِ پاڻي وٺڻ وئي اجا واپس اڌ پنڌ تي ئي پهتي تہ ڪيس ور جي اهڙي سٽ پئي جو اتي ئي ويهي رهي. ٻڪ ۽ ٽڪ جي ڪري هوءَ اڳتي هلڻ لائق نہ هئي. مٿان ويم جي سور جي سٽ هن جي سهڻ ڪان وڏي هئي. سندس سهرو، ماءُ ۽ ٻيون مايون بہ ڊوڙنديون آيون. ڪنهن رلي آندي ۽ سندس هري ڪٽ اپي ڪئي. هن کي ويم جي سورن بيحال ڪري ڇڏيو هو، ٻار جي پيدا ٿيڻ ڪان پوءِ هوءَ بيهوش ٿي وئي. جڏهن ڪيس ٿورو هوش آيو تہ سندس خوابن جو گڏو خوبصورت ٻار، بلڪل اهڙو ئي جهڙو هن سوچيو هو، هڪ ميري رليءَ تي ماءُ جي رئي ۾

ويڙهيل ستل هو، هو پنهنجي ماضي، حال، مستقبل کان بيخبر، ماءُ جي ڪڇ ۾ اکيون بند ڪري پيو هو. نوران جي سهري ۽ سس ڪيس مبارڪون ڏنيون. پنهنجي معصوم ٻار کي ميري رئي ۾ ويڙهيل ڏسي هن جو هنيانءُ ئي ڇڄي پيو. پٽ جو چهرو ڏسي هن کي دربدريءَ ۽ بي وطنيءَ جو ڏک بہ ٿوري دير لاءِ وسري ويو. هونئن بہ ڪيس ماءُ جو جملو ياد پيو تہ هر ماڻهو پنهنجو نصيب پاڻ سان کڻي ايندو آهي. سو هن کي پورو ويساهہ هو تہ هن جي ٻچي جو نصيب هن تائين پاڻهي پهچندو. منجهند کان پوءِ ڪا خاتون، ننڍڙي ٻار کي پٽ تي رليءَ تي سمهيل ڏسي ڏکاري ٿي ۽ ٿوري دير کان پوءِ پنهنجي نئين چاول ڏيءَ جا ڪجهہ ڪپڙا ۽ چاريءَ وارو بسترو نوران کي ڏئي وئي. صبح کان ننڍڙو ٻچڙو رئي ۾ ويڙهيل هو. هن يڪدم ڪپڙا کوليا، سڀ ڇوڪرين وارا فراڪ هئا. هنن جي ماءُ جو جگر ئي اڌ ٿي پيو. هن جون بہ اکيون ٽمڻ لڳيون. هيڏين دعائن سان ڇئن ڏيئرن کان پوءِ هن کي هڪ پٽ ڄائو هو، پر هن جي نصيب ۾ ڇوڪرين جا ڪپڙا هئا. هوءَ ڏک ۾ پرجي چوڻ لڳي تہ، ”منهنجي ٻچي جو نصيب بہ موليٰ ڏيئرن جهڙو ڪيو.“



# ڪئمپ ڪهاڻي-12

هڪ ننڍڙي ڪمري نما ڍانچي، جنهن ۾ ڇئن سمينٽ جي ٿنڀن مٿان ڇت پيل آهي، ان ۾ هر طرف کان اُس اچي رهي آهي، پر اتي جو فرش پڪو آهي، جتي هڪ پراڻي رلي ۽ بہ وهاڻا پيل آهن، جڏهن تہ ٻين اهڙن ئي ڍانچن جي قطار آهي، لٽيل، ڦريل ماڻهو، هزارين بي گهر ماڻهو، انهن پٿرن تي ٺهيل انهن ڪمرن نما ڍانچن ۽ خيمن کي آباد ڪري ويٺا آهن،هنن آهستي آهستي ڪليل ڍانچن تي رليون ٽنگڻ شروع ڪيون هيون. ڪنهن وري آسپاس کان سرون ميڙي اُس کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي. مردن بہ پنهنجي ويهڻ لاءِ چنو ٺاهڻ شروع ڪيو. زندگيءَ هاڻي ساهہ سنڀالڻ شروع ڪيا هئا. هنن کي هن ويراني کي آباد ڪندي اڌ مهينو کن تہ ٿي ويو هو، تنهنڪري هاڻي جيئڻ جا جتن ٿي رهيا هئا. هڪ اڌ مرد کي مزدوري بہ لڳي هئي تہ ڳالهہ جماليءَ جو ننڍو پٽ وڃي پڪوڙن واري وٽ بيٺو هو، روز ٽيهہ رپيا ڏهاڙي ڪمائيندو هو، پر انهيءَ سڄي قطار ۾ ڪجهہ ڏينهن کان بہ پوڙهيون زائفائون بہ پئي نظر آيون، هو هتي هفتو کن اڳ پهتيون هيون. جيئن ئي ڪا ٽرڪ، سوزوڪي پئي گذري تہ هو آهستي آهستي سهڪنديون ٻارن سان گڏ انهن جي پويان پئي ڊوڙيون، سندن آسپاس هونئن تہ ٻارن جا هجوم هئا. پر ڪير بہ هنن کي ڇنبڙي ڪو نہ پيو، هو بہ هلڪي هلڪي چڙ ۾ پيون ٻارن کي دڙڪا ڏين، ”اڙي پري ٿيو، ڇو ٿا ماڻهن کي ”هلاڪ“ ڪريو... بس ڇا ڪجي ڇيڳرا ٻار آهن“ ۽ ٻار بہ پيا کين ڇيڙين، ”الاءِ ڇو ڇيڳرا آهيون، تون ويهہ نہ ڇپ ڪري پنهنجي گهر، ڇو پيون ٻارن سان گڏ ڊوڙو!“ ڏاڏي جنان ۽ ڳالان جو پاڻ ۾ ڀاڃائي نڻان وارو رشتو آهي، ذات جا سمان آهن ۽ هو خيرپور ناٿن شاهہ شهر کان لڏي آيا هئا. ٻئي پوڙهيون، روزي ۾ هجڻ ڪري ٿڪجي پر واري هڪ ڍانچي ۾ رڪيل کٽ تي ويهي رهيون. هنن وٽ ٻين زائفائن جو اچي هجوم گڏٿيو، ٻار ڇوڏاري ڪڙو چاڙهي جدا ٻيٺا هئا. انهن جي پويان نوجوان ڇوڪرا جهاتيون پائي رهيا هئا. ڏاڏي جنان ڳوٺ ۾ سهرا ڳائيندي هئي، سندس آواز اهڙو، جو ماڻهو پنڌپهڻ ٿي ويندا هئا. سندس نڻانَ هن جي آواز جون تعريفون ڪري ٿڪجي ئي ڪو نہ پئي، ”جنان ڪلام بہ واهہ جا ڳائيندي آهي، بس اسان جي ڳوٺ جي مائي ڀاڳي اٿئي.“ عورتن ڪيس اچي ورايو تہ اسان کي بہ ڪلام ٻڌائي. لغارين جي ان ڪئمپ ۾ جنان جي فرمائش تي ٿالهہ ڪوسن جي ڪئمپ مان آيو، ان جي ٿاف تي جنان کٽ جي ٻانهي تي ويهي ڪلام ڳائڻ شروع ڪيو، غير ارادي طور هن جي ڳلي مان مائي ڀاڳي وارو آلاپ ”لهرن مان لڙهندي اچي، ڇولين مان ڇلندي اچي، دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري“ ئي نڪتو.

www.sindhsalamat.com

Sindhica Academy

سندس آواز ڪڙو ۽ مٺو هو، ٿالهه جي آواز تي چانديا، جمالي، جنجهي، سيني ذاتين واريون عورتون اچي گڏ ٿيون، ڏاڍي جنان جيئن ئي ڪلام بند ڪيو ته عورتن پويان نندا نيٽا ڇوڪرا بيٺل ڏسي، نخري سان چيائين، ”اهي وري ڇو بيٺا آهن؟ انهن کي هٽايو ته پوءِ ٻيو ڪلام ٻڌايئينديس.“ جنان جي جڻ يادداشت واپس اچي وئي. هوءَ يڪدم ٻانهيءَ کان اٿي بيهي رهي ۽ ڏکاري آواز ۾ چيائين، ”مون کي ريڊئي تي وٺي هلو، مان اتي ڳائيينديس.“ پر ۾ بيٺل سندس ڀاڄائيءَ ڪيس ڪجهه ڪن ۾ چيو، ۽ پوءِ هن اسان کي چيو ته، ”هي ته پراڻو گهر آهي، توهان منهنجي گهر هلو.“ رستي ۾ هوءَ ٻڌائيندي هلي ته، ”اسان غريب ماڻهو آهيون. مون کي ٽي پٽ ۽ ٻه ڌيئر آهن ۽ ڌيئر منهنجي ڀاڄائي جي پٽن يعني ڀائيٽن سان پرڻايل آهن.“ مون چيو، ”مطلب ته تنهنجي ڀاڄائي تنهنجي ڌيئرن جي سس آهي، تڏهن ته توهان ۾ ايترو پيار!“ وري ڀاڄائي شروع ٿي، ”امان، هتي مان خوش آهيان. هيءَ ويچاري هتي پرديس ۾ آهي، اتي خيرپور ناٿن شاهه ۾ وڏيريءَ وٽ گهر ۾ ڪم ڪندي هئي هوءَ سٺي مائي هئي. ڏاڍو خيال ڪندي هئي هن جو، پر ٻوڏ سيني کي رلائي ڇڏيو. وڏيري ٻه لڏي وئي ۽ هيءَ ٻه نڪري آئي.“ مون گلان کان پڇيو ته، ”هيءَ پرديسڻ آهي ته تون وري هتان جي آهين ڇا؟“ ته هوءَ چوڻ لڳي، ”ها، مان ته شوري ڳوٺ جي آهيان، الله گنج ڏنو آهي، پنج پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن، هڪ ته جنان کي ڏني اٿم، ٻيون ٻاهر آهن، ذات کان ٻاهر، پهرين ميهڙ ۾ ويٺل هيون، هاڻي لاڙڪاڻي ويون آهن.“ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ٻنهي پوڙهين جو ان ڪئمپ ۾ موجود گهر ٻه اچي ويو، پٽ تي وڇايل ميري رلي، ٻه وهاڻا. مون جنان کان پڇيو، ”تنهنجا پٽ ڪٿي آهن؟ توکي ڪير رلي ٻه ٽنگي ڪو نه ٿو ڏئي؟ روزي ۾ ٻه اُس ۾ ويٺيون آهيو، رليون نه اٿوَ ڇا؟“ جنان چوڻ لڳي، ”امان پٽ ڪرن شوري ڳوٺ ۾ آهن، پر اسان کي امداد ملي ئي نٿي، اسين پوڙهيون زائفائون اجا پهچون ئي مس ٿيون ته ٻيون مايون ۽ مرد سڀ ڪٽي ٿا وڃن. امان، ڇا ٻڌايان، ڪالهه ته ٻاڙي واري ڪوسياڻي ٽانوَن واري ٽرڪ تي چڙهي وئي ۽ ٽرڪ جو ڪٽي هلي ته ڦهڪو ڪري وڃي پٽ تي پئي. پوءِ ته سڄي ڳاڙهي هئي. ڏهه ٽاڪا ٻڌو اٿم ته لڳا اٿس ۽ ٽنگ ٻه ڀڄي پئي اٿس.“ ”گلان سندس ها ۾ ها ملائي. ”پر امان منهنجا ڇهه نندا نندا پوٽا آهن، اهي ئي جنان جا ڏوهٽا ٿين، عيد جي ڪا خرچي، ڪو وڳو، ڪجهه ٻه ڪو نه ٿو ملي. امان اسان پوڙهيون ڪيڏانهن وڃون! ٻڌو آهي ته سرڪار عيد کان پهرين ويهه هزار رپيا ٻه ڏيندي الاءِ نه، اسان وٽ ته ڪٽ ٻه ڪانهي، فرش تي اڪيليون پيون آهيون. هاڻي ته سنڌن ۾ ٻه سور ٿي پيو آهي. پر امان، اسان کي امداد ملي ئي ڪا نه ٿي. منهنجون ننڍيون ننڍيون پوٽيون آهن...“ مون پڇيو، ”پر ڏاڏي، اهي نظر ته ڪو نه ٿيون اچن؟ ۽ ڏاڏي گلان، تون جڏهن شوري ڳوٺ ۾ رهين ٿي ته ڇا اهو ڳوٺ ڪچي ۾ هو؟ توهان جو ڳوٺ ٻڏي ويو؟“ مون حيران ٿي ڪانئس پڇيو، ته هن وراڻيو: ”نه امان نه، اها وائي وات مان ته نه ڪڍ، ڪا مهل ڪنهن جهڙي، سچ نه ٿي پوي، چڱي وائي وات مان ڪڍ.“ پر هو گهر گهاٽ هوندي آخر هتي ڇو آهن؟ شايد جنان، جيڪا سندس نٽان آهي ۽ سندس ڌيءَ جي سس آهي، ته شايد هوءَ ان جي پويان هتي آئي هوندي... مون سوچيو، هنن ٻنهي پوڙهين، رڳو پاڻيءَ تي





روزو رکيو هو، هنن جي ”گهر“ ۾ ڪو ٿانءُ ٻه ڪو نه هو. جنان چيو ته، ”الله خوش ڪرين، منهنجو ٻئي ننهرون پنهنجي ٻچن سان آهن، ڪاڙهي، اوندهه ۽ مڇرن کان خدا ڪين بچايو آهي.“ پوءِ اتي پاسي ۾ بيٺل آسيه ٻڌايو ته، ”هي ته هتي اڪيليون ئي آهن. اسان ته هتي هنن جا ٻار ڪو نه ڏٺا آهن. شام جو هن کي ماني ٻه ڪير اسڪوٽر تي اچي ڏيئي ويندو آهي.“ مون جنان کان پڇيو ته، اهو ڪير آهي؟ گلان خوش ٿي چيو، ”منهنجو ٻچو، هن جو نياڻو!“ مون پڇيو، ”ڇا هو ڪنهن ٻئي ڪئمپ ۾ پيا رهن؟ هن وراڻيو، ”نه امان، پنهنجي گهر شوري ڳوٺ ۾ آهن، اسان پوڙهيون هتي آهيون، جڙن شال، جوان ڇوڪريون ۽ ٻار ڀلا هن ميدان تي ڪيئن ويهن؟ اسان پوڙهين کي ڇا هي، سو اسين ٻئي هتي آهيون. امان امداد ته ملي ئي ڪا نه ٿي، اڄ سانده اٺون ڏينهن آهي، رڳو اٽي جون پنج پنج ڪلي جون ٻه ٿيلهيون ۽ پراڻا سراڻا ٻه ٽي وڳا مليا آهن. چون پيا سرڪار ويهه هزار ڏيندي پر اڃا ڪير آڱوٺو ٻه لڳرائي ڪو نه ويو آهي. هيٺ سمهي سمهي پٺيءَ ۾ پيو سور ٿئي، مٺان مڇر... سڄي رات پيون هڪ ٻئي کي واري واري سان وڃٹو هڻون.“ جنان چوڻ لڳي، ”امان ڀلا ايترو ته ملي، ڳوٺان هٿن خالي آياسين، هن پوٽڙين لاءِ عيد جو ڪو وڳو سڳو ئي ٿي پئي.“ گلان ٻه سندس ها ۾ ها ملائي. پر جڏهن هنن جا سڀ ٻار ڌيئر توڙي پٽ ڳوٺ ۾ پنهنجي گهرن ۾ رهن پيا ته ڇا هنن ٻن پوڙهين لاءِ وٽن ٻه ڪٿون نه هيون، جو هنن هجوم ۾ ويچارين کي اچي اڪيلو ڇڏي سندن ڌيئرون توڙي پٽ، پنهنجن ٻارن سميت ٿڌي ڇانوَ م ويٺا آهن ۽ هي ويچاريون امداد پويان ٻارن سان گڏ ڊوڙنديون رهن ٿيون... آئون سوچيندي رهيس. آسيه جيڪا پاڻ اتي جي رهواسڻ هئي. چپ ڪري مٿان بيٺي پوڙهين جا تاويل ٻڌندي رهي. وري گلان شروع ٿي، ”ويچارا غريب آهن، اسان پوڙهيون ٻه مٿن بار ڇو هجون!“ آسيه، جيڪا هيستائين انهن پوڙهين کي خاموشيءَ سان ٻڌي رهي هئي، سا آخر پنهنجي چڙ ۽ ڪاوڙ لڪائي نه سگهي، هن ڪين چيو ته، ”هاڻي گهڻو اولاد تي ڪک نه رکو، صاف صاف ڇو نه ٿيون چئو ته توهان جا اولاد توهان کي هتي ڇڏي ويا آهن ته جيئن هنن لاءِ امداد وٺي سگهو، ڪالهه رات تنهنجو پٽ اسڪوٽر تي اهي ٻئي اٽي جون ٿيلهيون کنيو پئي ويو، جيڪي ڪالهه توهان ڪلاڪ بيهي وٺي آيون هيون، هاڻي ڪين ويهن هزارن جو انتظار آهي.“ وري مون سان مخاطب ٿيندي چيائين، ”ادي! هنن جو ڌيئرون توڙي پٽ هتي ٻنهي کي ڇڏي ويا آهن ته جيئن ڪين امداد ملي. سڄو ڏينهن پيون ٻئي پوڙهيون هر ايندڙ ويندڙ گاڏي پويان ٻارن سان گڏ ڊوڙنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن جنان اتي ئي ويهي ڳائيندي آهي ته، ”دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري.“ ٻئي پوڙهيون گلان ۽ جنان هڪ ئي وقت چوڻ لڳيون. ”امان انهن تي ميار ڪانهي، اسان جا ٻچا، ڀلا مڙهيون ڪاڏي ڪن، ۽ ڪنهن ته ڪم اچون ٻچن جي ٻه“ آئون سوچڻ لڳيس، امداد پويان اٺن ڏينهن کان ڊوڙندي ٻه هو ٻچن لاءِ جواز پيون گهڙين پر صرف ويهه هزار رپين جي آسري ۾ هو الاءِ ڪيترا ڏينهن پٽرن تي سمهنديون.

# ڪئمپ ڪهاڻي-13

هوءَ چوڏهن پندرنهن سالن جي تيز سانوري رنگ جي ڇوڪري هئي، جيڪا سڄي ڪئمپ ۾ پئي گهمي، هن جي ڪٽنب جو تعلق بلوچستان جي اوستا محمد شهر سان هو، پر اوستا محمد ٻڏڻ کان ڪجهه پهرين اهي لڏي اچي وارهه ۾ پنهنجن مائٽن جي گهر پهتا هئا. ڪئمپ ۾ عجيب ماحول هو، لغاري، جمالي، چانڊيا، جهنجهي... مطلب ته ذات ذات جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. اتي عورتون به پنهنجي ذات جي حساب سان اٿنديون ويهنديون هيون. هڪ ذات جون عورتون ٻي ذات وارن جي ڪوارٽرن ڏانهن گهٽ وينديون هيون، پر جڏهن ڪا امداد جي ٽرڪ يا ڪا گاڏي ايندي هئي ته ان مهل ذات پات جو قيد ختم ٿي ويندو هو، هرڪو پيو پنهنجون عورتون اڳيان ڪندو هو ته وڃي امداد وٺي اچن. ساڳي طرح پاڻيءَ جي ٽينڪر تي به سڀ عورتون ديڳڙيون، بالٽيون ۽ ڪولر کڻي اچي گڏ ٿينديون آهن، جيئن ڳوٺن ۾ عورتون پاڻي جي کوهه تي گڏبيون هيون، اتي ئي سلميٰ جي لغارين جي ڪئمپ جي عورتن سان ڏيٺ ويٺ ٿي هئي. سلميٰ کي تيار ٿيڻ ۾ خاص طور سرمو پائڻ جو ڏاڍو شوق هو. ان ڏينهن به هو پنهنجي سهيلي نورخاتون جي خيمي ۾ سرمو وٺڻ آئي هئي. هن سانوري ڇوڪريءَ کي پنهنجي اکين ۾ سرمو ڏسڻ به سٺو لڳندو هو. نور خاتون وٽ سرمو سرائي ته هئي پر آرسي ڪا نه هئي. سلميٰ کي نور خاتون ٻڌايو ته آرسي جمالين جي عورتن وٽ آهي، جيڪي وري ڪنڊر نما ڪوارٽرن ۾ رهيل هيون. اهو ٻڌندي ئي هوءَ يڪدم اتان اٿي، ۽ پنهنجو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسڻ جي آس ۾ اجا ٿورو ئي اڳيان وئي ته پويان آهستي آهستي هلندي سنڌس بيمار سس به پهتي. جنهن رڙ ڪري سلميٰ کي اتي بيهاريو ۽ ڪيس چڙٻون ڏئي چوڻ لڳي ته، ”ائين پئي پوتي مٿي تان لاهي هتي هتي گهمين! مئي هاڻي جمالين واري ڪئمپ ڏانهن ڇو پئي وڃين؟“ سلميٰ کي ڄڻ سس جي آواز تي بريڪ لڳي وئي ۽ هن جو منهن ئي لهي ويو، هوءَ آهستي آهستي سس ڏانهن واپس ٿيڻ لڳي ۽ ڪيس چيائين ته، ”وڃان پئي آئينو ڏسڻ.“ اهو جواب ٻڌي سنڌس سس ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي. “ڇوري! ڪو اونو اٿئي؟ مڙسهين ايندو ته ڄُنڊن مان جهلي اهڙو هٽنڊئي پٽ سان، جو رتو رت ٿي وينديئين هاڻي جلدي هل، هلي پنهنجي گهر ويهه، هتي هتي رلندي نه ڪر!“ سلميٰ جنهن اسپيڊ سان آئيني





لاءِ ڊوڙي هئي، اوتري ئي سست رفتاريءَ سان واپس پنهنجي ڪنڊر نما گهر ڏانهن موٽي هئي. اڃا ٿوري ئي دير هوءَ گهر ۾ ويٺي هئي ته هن جي سس جي طبيعت خراب ٿي وئي هئي. سلميٰ اتان ٽپ ڏنو، سنڌس گهر ۾ ڪو به مرد نه هو، هوءَ ڊوڙ لڳائي وري لغارين جي خيمن تائين پهتي، اتان ڪنهن کي وٺي آئي. جنهن پوڙهيءَ کي ڪٽ تي کڻي وڃي ميڊيڪل ڪئمپ ۾ پهچايو، پوڙهي صفوران کي ڪا به جسماني بيماري ڪا نه هئي، گهر ٻار رلي وڃڻ ڪري هوءَ ذهني طور پريشان هئي. ۽ آخر ڪٽ سان لڳي ويئي هئي. صفوران کي پنهنجي ننڍڙي پوٽيءَ جي موت ماري وڌو هو. هوءَ هر وقت گهر گهاٽ ٻڏڻ ۽ ٻچن جي وڇڙڻ جي ڪري روئندي رهندي هئي. ڪالهه ئي ڪيس خبر پئي هئي ته سنڌس ڏيئرون پنجاب وڃي پهتيون هيون. هوءَ ان ڪان پوءِ وڌيڪ پريشان ٿي وئي هئي. هن ڏڪاري آواز ۾ چيو ته، ”منهنجا ٻچا ڪنهن ٽٽل تسبيح جي داڻن وانگر ڪٽو ڪٽو ٿي ويا، انهيءَ پاڻيءَ ٻوڙيو به آهي ته وڇوڙيو به آهي، الاءِ جيئري وري انهن کي ڏسي به سگهنديس يا نه. ”سلميٰ جيتوڻيڪ سس جي طبيعت جي ڪري پريشان به هئي پر وري به هوءَ ٿوري دير ڪان پوءِ ٻاهر هلي وئي. واپسيءَ تي هن جي پوتيءَ ۾ صابڻ جون ٽي ڇڪيون هيون. هڪ سرهو صابڻ به هو، هن خوش ٿي سس کي ٻڌايو ته، ”هڪ منهن ڌوئڻ وارو صابڻ به آهي، مان منهن ڌوئي اچان ٿي.“ پوءِ هوءَ وري غائب ٿي وئي، صفوران بيوسيءَ مان چيو ته، ”ادي! هيءَ وڏي ئي ڪا نه ٿي ٿئي، ڏسين پئي ته ڪيڏي نه ٻاراڻي طبيعت اٿس.“ سنڌس نٽان به هن سان سر ۾ سر ملايو، ”اهڙي ڪا ننڍڙي به ڪا نه آهي، لائق مس ٿي ته شادي ٿيس، ان کي ٻيو سال آهي، اڃا به هن جا پرڪار اهڙائي آهن، بس اسان جو ياءُ زهر جا ڍڪ پي رهجي ٿو وڃي. ڏس امان ويچاري ڪيتري نه بيمار آهي پر هن کي منهن ڌوئڻ جي لڳي پئي آهي.“ صفوران ڏک ۾ چيو ته، ”امان، بس اسان مال پيارو ڪيو، ٻچا به وڃائي ويٺاسين ٻڌوسين ته اوستا ۾ پاڻي پيو اچي ته اسين پهرين ئي نڪتاسين، منهنجي ڏيئرن کي مڙسن نه ڇڏيو، ڪالهه خبر پئي آهي ته هڪ ڏيءَ وڃي پنجاب وسايو آهي، منهنجو مڙس به مينهون ۽ هڪ ڳئون ڪاهي، اچي وارهه جي پر ۾ چانڊين جي ڳوٺ ۾ ويٺو هو، اسان کي ڪهڙي خبر ته اتي به اچي پاڻي پهچندو. امان، ڳوٺ ۾ پاڻي پهتو ته سڀ اتان به لڏڻ لڳا پر منهنجي پٽ ۽ گهر واري کي مال ايترو پيارو هو جو هنن اتان نڪرڻ نه پئي چاهيو، چيائون پئي ته هي ڳوٺ مٿي آهي، جي پاڻي آيو ته به هڪ فوٽ ئي هوندو، تنهنڪري لڏڻ جي ڪا به ضرورت ڪا نه آهي، ست اٺ گهر اتي ئي ٿورو ٻاهر ٿي بند سان گڏ ويهي رهيا، تان جو اچي پاڻي به پهتو، ان ۾ ڪاٺيون به جام گڏ ڪياسين، ايترو راشن هو جو پندرنهن ڏينهن ته آرام سان ڪڍي وڃون ها.“ ايتري ۾ سلميٰ منهن ڌوئي واپس اچي پاسي واري کٽ تي ويٺي. هن کي تيز نارنگي رنگ جو ويڪرو وڳو پاتل هو، ڳوٺ ۾ گهگها پائينديون هيون، پر هتي جيڪي ڪپڙا ملين، اهي ئي پائي ويٺيون هيون. سلميٰ کي

اهو رنگ ڏاڍو پئي وڻيو. هن پنهنجي سس جي ڳالهه جي فڪر ڪانسوءِ چيو ته هاڻي ڪيس هي ڪپڙا وڻن ٿا. واپس وڃي به هو اهڙائي ڪپڙا پائيندي. سندس نڻان ٽوڪيندي چيس ته، ”تون رڳو واپس هل. سڄي ڳوٺ ۾ لاشن جون قطارون لڳي وينديون جي تون اتي ائين گهمندينءَ“ ”صفوران، پنهنجي ڳوٺ جي ذڪر تي وري جهري پئي،“ ڪهڙو ڳوٺ؟ ڪهڙا اجها، هاڻي ته سنڌا به مٽجي ويا هوندا. واپس وڃي ڪهڙي نشانيءَ ڪي سڃاڻينديس.“ هن جون اکيون وري پاڻي سان پرجي آيون، ”پر امان واپس ته هلڻو آهي نه، اسان جا ابا ڏاڏا اتي، ڀنيون ڀارا اتي، مڙهه مقام اتي ئي آهن، “ ڏيءَ، ماءُ کي واپسيءَ جو آسرو ڏيڻ سبب ٻڌايو، ”امان، ڪهڙين ڪهڙين ٿي قبرن جو ڳالهيون ڪرين! ڪالهه ته هتي به هڪ قبر ٺهي وئي آهي، اڃا اهي ٻچا جيڪي پنجاب وڃي پهتا، رستي تي ڪٿي ڪٿي قبر نه ٺهي هوندي!“ گذريل ڏينهن هنن جي خاندان ۾ هڪ ٻار فوت ٿيو هو، پر پوڙهيءَ کي غم صرف انهيءَ ننڍڙي پوٽيءَ جو هو، جيڪا وارهه واري ڳوٺ ۾ وڇڙي وئي هئي. هو جڏهن ڳوٺ جي بند پرسان ڪٽون رکي رهڻ لڳا هئا، ۽ اڃا ٽي ڏينهن ئي مس ٿيا ته پاڻي اچي ڪٽن جي پاون سان لڳو هو. هو انهيءَ پاڻي مٿان پيل ڪٽن تي سمهندا هئا. ننڍڙي بينظير، جيڪا اٺن مهينن جي مس هئي. انهيءَ ڪپ تي ئي بانبڙا پائيندي هئي، صفوران جوان ۾ ساهه هو، ان رات هو به ڪٽون گڏائي ستا، هڪ پاسي ڏاڏي ڏاڏو هئا. ٻئي پاسي سندس جوان ڌيءَ ۽ ٽئين پاسي سندس ننهن سلميٰ ۽ ان جو گهر وارو هو، هو سڀ ٻن ڪٽن تي سوڙها ٿي سمهندا هئا. هڪ رات جو دير سان پاڻيءَ ۾ ڇبڙ ڇبڙ جو آواز آيو، پوڙهيءَ صفوران جي اک کلي، هن هيڏانهن هوڏانهن غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ڪجهه به نظر ڪو نه آيو، آخر خاموش ٿي سمهي پئي. ڪيس لڳو ته مينهون يا ڳئون پيون ڇبڙ ڇبڙ ڪن، پر صبح جو جڏهن سلميٰ جي سهري جي اک کلي ته هن هڪ فوٽ پاڻي ۾ ننڍڙي اٺن مهينن جي بينظير کي ترندي ڏٺو، اڃا صفوران ڳالهه ئي مس پوري ڪئي ته سلميٰ جيڪا ايتري دير هيٺ ٽنگون لوڏي رهي هئي. تنهن ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو، ”مان ڇا ڪريان؟ مان سڄو ڏينهن اس تي وڻ هيٺان ويهي ڪيس کيڏائيندي رهيس، ماني ڪئي، مينهن جي ڪَٽي ملي، پوءِ ته ستي هيس، هوءَ رات جو اتي به هئي.“ ننڍڙي بينظير کي هن ٿڃ پيارڻ لاءِ پاسي تي سمهاريو. اڃا هوءَ ٿڃ پي ئي رهي هئي ته سلميٰ کي ننڊ اچي وئي. هوءَ بانبڙا پائيندي هئي ۽ ٿڃ پيئڻ کان پوءِ بانبڙا پائيندي ڪٽ جي پيرانديءَ واري پاسي وڃي هيٺ ڪري، ائين هوءَ ڪيترائي دفعا ڪٽ تان ڪري پئي هئي. پر ان رات ته ڪٽ پاڻيءَ مٿان هئي، هن ڇبڙ ڇبڙ ڪئي پر هوءَ شايد روئي نه سگهي. صبح جو ڪين اٺن مهينن جي بينظير جو لاش پاڻيءَ ۾ ترندي ملي ويو. سلميٰ ڳيتون ڏيندي چوڻ لڳي، ”مان ڇا ڪريان؟ مون کي ننڊ اچي وئي.“ ننڍڙي بينظير، سلميٰ جي ڌيءَ هئي. ۽ سلميٰ، جنهن کي آئيني ڏسڻ ۽ ٻارن وانگر راند کيڏڻ جو شوق هو، ان ڏينهن اتي بند





تي انهن ننڍڙي بينظير جي قبر ٺاهي. ان کي دفنائي پنهنجو سڀ مال، مينهون ۽ ڳئون اتي ڇڏي پيرين پنڌ هلي وڃي روڊ تان بس ۾ چڙهي، سڄو خاندان وٺي نڪري آئي هئي. هن بينظير جي قبر سان گڏ سڄو مال ڇڏيو هو ته مٿان هوءَ سمهي ته هن کي اڪيلو ڇڏي مال مٺو ڪري ڪاهي ويا. صفوران کي اهو ڏک ڪائي ويو هو ته هن جي گهر وارن مال لاءِ ڳوٺ نه ڇڏيو پر ننڍا ٻچڙا ٻوڙائي ڇڏيا، سلميٰ وري ٻڌائڻ لڳي ته، بينظير کي ڳئون تي هوءَ ڪيئن ويهاريندي هئي.“ ”بند تي هوءَ مال، توڙي پاڻيءَ سان هاڻي هري وئي هوندي“ سلميٰ جي گهرين ڪارين سرمي پريل اکين ۾ اداسي لهي آئي هئي.

# ڪئمپ ڪهاڻي-14

”زندگي خوبصورت آهي“ نالي هڪ فلم 1997ع ۾ اٽليءَ ۾ ٺاهي وئي هئي. هن فلم جي ڪهاڻي هڪ سچي ڪردار تي ٻڌل آهي ۽ هي ڪردار رابرٽو بينيگو ادا ڪيو آهي ۽ هو ئي هن فلم جو پروڊيوسر به آهي. هن فلم ۾ ٻي جنگ عظيم دوران ڪنٽريشن ڪئمپ ۾ اٽلي جي هڪ يهودي خاندان جي جيئڻ جي جستجو ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ گدبيو اور فائس نالي هڪ شخص نازي جرمن جي ڪنٽريشن ڪئمپ ۾ پنهنجي پٽ ۽ زال سميت قيد ڪيو وڃي ٿو، پر هو پنهنجي ننڍڙي پنجن سالن جي پٽ کي ان سڄي ماحول کان بچائڻ چاهي ٿو ۽ هو ان کي ٻڌائي ٿو ته، هي ڪئمپ نه پر هڪ راند آهي ۽ ان راند ۾ جي هو هزار پوائنٽ اسڪور ڪندو ته کيس هڪ ٽينڪ انعام ۾ ملندي. جڏهن هن جي ماءُ کي هن کان جدا ڪيو وڃي ٿو ته هو هن کي چوي ٿو ته، هيءَ لڪ لڪوٽي راند آهي ۽ هن جي ماءُ هاڻي راند جي اصول مطابق هن کان پري رهندي. هي پٽ کي اهو به ٻڌائي ٿو ته هن راند ۾ جيڪڏهن هن بک يا اڃ جي شڪايت ڪئي ته سندس پوائنٽ گهٽجي ويندا. ائين ئي هو آخر تائين پنهنجي پٽ جي ننڍڙي ذهن کي هر تڪليف، تشدد، خوف کان نه صرف بچائيندي رهيو پر پنهنجي مسخرين سان هن کي کلائيندو به رهيو. آخر ۾ هو پنهنجي پٽ کي ته بچائي وڃي ٿو، پر زال جي تلاش ۾ هو نازي فوجين جي هٿ چڙهي وڃي ٿو، جيڪي کيس گولي هڻي ماري ڇڏين ٿا. هن جي پٽ ”گئسيو“ جي ٻڌايل ڪهاڻيءَ جي آڌار تي ئي .زندگي خوبصورت آهي“ فلم ٺاهي وئي هئي. جڏهن ڄامشوري جي هڪ رليف ڪئمپ زندگيءَ جي سيني تلخين، بک، بدحالي ۽ دربدريءَ جي باوجود ليليٰ چانڊيو عورتن جي هجوم ۾ ٺهڪڙو مچائي ڇڏي ته ان مهل يقينن نازي جرمنيءَ جي ڪئمپ ۾ موجود گدبيو جو ڪردار زنده ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن رابرٽو بينيگو هتي هجي ها ته هڪ فلم ليليٰ چانڊيو جي ڪردار تي به ٺاهي ها. جيڪا ڏک، تڪيلفن، تذليل توڙي بک باوجود پنهنجي خوبصورت جملن، طنز ۽ ٽوڪ کان وٺي اهلون ڪرڻ تائين سيني کي کلڻ تي مجبور ڪري ٿي ڇڏي. ٻوڏ متاثرين جي هنن ڪئمپن جي حالت ڪنهن کان به لڪل ڪا نه آهي. هڪ طرف وڇون پيا گهمن ته ٻئي طرف اس پئي چٽي، پر ليليٰ چانڊيو انهن وڇوئن جو ذڪر به ائين ٿي ڪري، ڄڻ اهي ڪي ننڍڙا ٻار هجن، ڄڻ هن کي ڪتڪتائي ڪرڻ آيا هجن. يا هن جا ٻوڏ ۾ وڇڙيل مائٽ، جيڪي هن سان ملڻ آيا هجن، هوءَ ڳالهه ائين ٿي ڪري، ته، ”رات وڇون آيو گهمڻ، ڄڻ منهنجو ٻوڏ م وڇڙيل چاچو، مامو هجي، بغير اجازت جي اچي ڪوارٽر ۾ لٿو، پوءِ پيو پير تي گهمي، لت هڻي پري ڪيومانس، چيومانس ته مئا، هاڻي تون به پيو جاسوسي ڪرين، جيڪو بچائي آيا آهيون، ان مان توکي به حصو پتي کپي ڇا؟! مئو اهو به ٻوڏ متاثر هو، ڪيترو به هڪليومانس، مڙيو ڪو نه. آخر چڪڙو پائي پوءِ ئي پچر ڇڏيائين.“ ليليٰ کي وڇون ڏنگ هنيو هو، پر هنن ان جي مذاق ٺاهي پئي ٻڌايو. هوءَ عمر شيخ نالي ڳوٺ جي هئي. جڏهن شهدادڪوٽ بچائڻ لاءِ پاڻيءَ کي ابتا پاسيرا ڪٽ لڳا ته ليليٰ جو ڳوٺ به خطري هيٺ اچي ويو. کيس ست ٻار هئا ۽ مڙس پنگ جو موالي هيس، تنهن ڪري کيس ڪو چڱو جهوپو به نه هو، مينهن وسندو هو ته هنن جي گهر جي ڇت ٽمندي هئي، تنهن ڪري هوءَ برسات ۾ وڃي اوسي پاسي جي گهرن ۾ پناهه وٺندي هئي. چوڻ لڳي ته، ”ادي، الله کي لڳو ته ليليٰ آسمان جي پاڻيءَ کان ته بچي ٿي وڃي، تنهنڪري زمين جي پاڻي سان اهڙي پاڄ وڌائين جو هاڻي سڀ هڪ ٿي ويا آهيون“ انهيءَ ڪئمپ تي ليليٰ تڏهن پهتي هئي. جڏهن خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جو ڪچو ٻڏو هو. هن ڪئمپ ۾ عورتون هر وقت امداد نه ملڻ. ننڊٽڪي هجڻ سان گڏ بک ۽ بيماريءَ جي رڙين ۾ پوريون هونديون هيون، پر ليليٰ جي هتي پهچڻ سان ڇهه هزار ماڻهن تي مشتمل ڪئمپ جي هن حصي جو نقشو ئي بدلجي ويو هو. اهي عورتون، جيڪي امداد حاصل ڪرڻ کي ئي زندگيءَ جو اول ۽ آخر فريضو سمجهنديون هيون، تن کي ليليٰ زندگيءَ جي ڀريئين ڏاکي ڏانهن واپس آڻن شروع ڪيو آهي، هوءَ هر ڏک ۽ محروميءَ کي مذاق بنائي ڇڏي ٿي. هن جا برجسته ۽ ٺهه پهه جواب ۽ جملا روئندڙن کي به کلائي ڇڏين ٿا. امداد ڏيڻ لاءِ آيل هڪ خاتون سندس ٺيڪ ٺاڪ حال ڏسي کيس چيو ته، ”تون ته ڪنهن به ريت ٻوڏ متاثر نٿي لڳين!“ ته وراڻيائين ته، ”مان پاڇا گپ ۾ پري، سنگهون ڳاڙيندڙ ٻار ڪٽي، ڏپ سان تنهنجي پاسي ۾ بيهان ته تون خوش ٿيندينءَ ۽ تون رحم ڪائيندينءَ، مون کي وڳو ڏيندي خوشي محسوس ڪندينءَ ته ويچاريءَ کي چڱو وڳو پارايم، مان توکي خوش ڪرڻ لاءِ ٿورئي پئي جيئان، مان ته پنهنجي لاءِ پئي زندگي گذاريان، امداد ڏيندينءَ ته مهرباني، نه ڏيندينءَ ته تنهنجي مرضي.“ هونئن به کيس امداد کان وڌيڪ روزگار جو فڪر رهي ٿو، کيس گڏهه گاڏو کپي ٿو، سندس موالي مڙس گڏهه گاڏو هلائيندو هو ۽ هن جو گڏهه هن ٻوڏ ۾ گم ٿي ويو، پر گاڏو پويان ڳوٺ ۾ ترسيل مڙس کپائي ڇڏيو. ان تي به ليليٰ ناراض ڪا نه هئي. بلڪ چوڻ لڳي ته، ”ادي، ويچارو موالي آهي، پنگ نه پيئدنو ته دماغ جا پردا ئي سڪي ويندس. ڪمائي آهي ڪا نه، بيٺل گاڏو ڇا ڪمائي ها؟ ويچاري پنهنجو دماغ ته ٺڏو ڪيو.“ جڏهن پاڻي ليليٰ جي ڳوٺ پهتو ته هن مناسب سمجهيو ته پنهنجي ٻائٽين سان گڏ نڪري اچي ۽

هوءَ پاڙي مان هڪ ڪلوميٽر پنڌ هلي نڪتي هئي، جيڪو سامان هوءَ گڏ کڻي نڪري سگهي هئي. ان ۾ هڪ ڏنڊو ڪونڊو به هو. اها هن جي مڙس جي نشاني آهي. جنهن (مڙس) کي هوءَ ”مجنون“ چوندي آهي جڏهن ڪنهن ڪانئس پڇيو ته، مجنون ڪٿي آهي؟ ته وراڻيائين، ”ڇڏي آئي آهيانس، جيئن ٻه ٽي غوطا کائي ته خبر پويس ۽ ڪجهه ڀنگ جو نشو به لهي وڃي ته پوءِ گهرائي وٺندي سانس.“ هيءَ مجنون کي ٽن ٻڪرين سان گڏ ڇڏي آئي هئي. ڪالهه ڪيس خبر پئي ته هن جي مڙس ٽي ٻڪريون کهي کائي ڇڏيون، ڇو ته پويان ڳوٺ ۾ هن وٽ کائڻ لاءِ ڪجهه به نه هو، پر ليليٰ کي مواليءَ جي خبر هئي. سو هن چيو ته، ”ادي، ٻڪريون هن کهي ڪو نه کاڌيون هونديون، اهي ٻڪريون هن وڪڻي کاڌيون آهن آخر ڀنگ جو ڏنڊُ ڪونڊو ته مان کڻي آيس پر هو به گهٽ ڪونهي، ڪٿان نه ڪٿان وٺي آيو هوندو. هاڻي ٻڪريون کپائي ويٺو عيش ڪري.“ ليليٰ هر صدمي کي ائين وٺي ٿي، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي. هن جو گڏهه گم ٿيو، گڏهه گاڏو کپائجي ويس، هاڻي اهي ئي ٻڪريون جن جي سنڀال لاءِ مجنون پويان رهيو هو، اهي به ويس پر هن ان ڳالهه جي به مسخري ڪندي چيو ته، ”ڪا ڳالهه ڪانهي، اجهو ٿو هتي پهچي، پاڻهي ٿي، ڇولا کپارايانس.“ پوءِ ٻئي ڏينهن ڪنهن هن کي امداد جا ڇٽا ڏنا ته هن انهن کي رڌي، پنهنجي پٽ کي ڏنا ته وڃي کپائي اچي. هوءَ ڪئمپ ۾ پهرين عورت هئي. جنهن امداد ۾ مليل سامان کي استعمال ڪندي پٽ کي ڪمائڻ لاءِ موڪليو ۽ هو پهرين ڏينهن ٽيهه رپيا ڪمائي آيو ۽ ليليٰ چيو ته، ” الله جو شڪر آهي، گنج آهن.“ هن ڪئمپ جي عورتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري. هڪ ڏينهن سهرا ڳاتا ته اهي عورتون، جن جون هر وقت اکيون آليون هيون، منهن لٿل هوندا آهن، تن کان سڀ ڏک وسري ويا. پوءِ ڪيترائي ڪلاڪ هو سڀ سهرا ڳائيندي رهيون. ليليٰ کي فنڪار غلام حسين عمراڻي جو ڳائڻ پسند آهي ۽ هن جو ڪلام ”ڪيڏا محبت وارا ماڻهو وقت ڏڪئي ۾ متجي ويا“ هن ٻوڏ وارن جي نالي ڳايو آهي. هن کي سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه سان ملڻ جو به بيحد شوق آهي، ڇاڪاڻ ته هو سمجهي ٿي ته سائين غريبن جو خيال ڪندو ۽ هو هن کي گذارش ڪندي ته ڪيس گهر ٺهرائي ڏئي. پوءِ مڙس چوندو ته سڄو ڏينهن سرانديءَ ڏنڊو ڪونڊو رکي ويٺي هونديس. چوندو ته ”سنڌي ڀنگ“ پياريندي سانس، چوندو ته ”مارشلا ڀنگ“ پياريندي سانس.“ مان ڀنگ جا اهڙا نالا هن جي واتان ئي ٻڌا هئا. پنهنجي ٽڻان جو نالو هن ”ائٽم بم“ رکيو هو. هن چيو ته ”هيءَ ڦاٽندي ته گهر ائين تباهه ٿيندو، جيئن ائٽم بم تباهه ڪندو آهي“ پنهنجي پاڃائيءَ کي ”هير رانجها“ جي نالي سان سڏي ٿي. هن کي پنهنجو ياءُ رانجهو بادشاهه لڳي ٿو، چيائين: ”ٻڌو اٿم ته هير جوڳياڻي فقيرياڻي هئي. سو هيءَ به هير آهي ۽ منهنجو ياءُ رانجهو بادشاهه، ان هن کي رلائي ڇڏيو، ليليٰ جي اچڻ کان پوءِ ڪئمپ ۾ عورتون جا ٿهڪ گونجڻ شروع ٿيا آهن ۽ هن جي محنت ڪش





ٻارن کي ڏسي ٻيا ٻار ۽ وڏا ڪم لاءِ نڪتا آهن. هن ٻڌايو ته، هاڻي پاڙي واريءَ جو پٽ به پڪوڙن واري وٽ ويٺو آهي. ليليٰ کي هڪ ڳالهه مزو نه ٿي ڏئي ته هتي آسپاس ڪٿي به ”ڀنگ“ ڪا نه ٿي ملي ۽ هو مارشل لا ڀنگ پيئندي آهي، پر صرف پنهنجي مجنون سان گڏ. تنهن ڪري هوءَ هاڻي ان انتظار ۾ آهي ته مجنون جو ٻڪرين جو پئسو پورو ٿئي. هو هتي اچي ۽ هو وري زيرو کان پنهنجي ڪکائين گهر جو بنياد وجهن. هن ٻوڏ سندس الهه تلهه ٻوڙي ڇڏيو، پر هن جي مزاح جي حس ۽ ظرافت کي ڪو به سيلاب لوڙهي نه سگهيو آهي. تنهن ڪري ئي هوءَ نه صرف پاڻ پئي جيئي پر ٻين ڏکويل عورتن کي پنهنجي پاڻ کي تماشو ٺاهي کلائيندي رهي ٿي. هوءَ يقينن سنڌ جي گڏيو آهي. هن پنهنجي زنده دلي سان سيلاب کي مات ڪيو آهي ۽ هوءَ زندگيءَ جي هن راند ۾ سڀ کان گهڻو اسڪور ڪندڙ ڪيڏاري آهي.

# ڪئمپ ڪهاڻي-15

هوءَ ڏگ جهلي بيٺي هئي، بت ۾ پريل اڌڙوٺ عمر جي مائي، هر گاڏيءَ ڪي تاڙي رهي هئي، پري کان گاڏيءَ مان لهندڙن کي هن اچي ٻانهن کان ٿي پڪڙيو. ”ابا، مون ڏانهن هلو، منهنجو حال ڏسو، سمهڻ لاءِ هڪ کٽ به نه ملي آهي، نه پکو آهي، نه ئي راشن آهي.“ جيڪڏهن ڪا عورت ٿي ڏنائين ته وري هن جي وضاحت بدلجي ٿي ويئي، ”امان، منهنجي وارڊ يارهين ۾ هلو، ڏسو ڪنهن به ٻار جي تن تي پورو ڪپڙو نه آهي، نه ئي پيرن ۾ جتي اٿن، اسان ته عيد تي به ائين ئي ويٺا رهياسين. صاحب آيا هئا. هر ٻار کي پنج پنج رپيا خرچي ڏنائون، اسين فقير آهيون ڇا، جو پنج پنج رپين لاءِ پيا هڪلين، عيد جي پلاري ڏينهن به راشن تي مارا ماري ٿي، ٽيهه ماڻهو زخمي ٿي پيا، هاڻي اسان جهڙيون عورتون ڪيڏانهن وڃن؟!!“ هن جي تقرير بغير ڪنهن فل اسٽاپ جي جاري رهي ٿي.“ عيد تي ڪجهه باجيون آيون هيون، پر اسان جي وارڊ ۾ ڪجهه به نه ڏنائون.“ هوءَ بضد هئي ته سندس ڳالهه ٻڌي وڃي. هزارين ماڻهن جي هجوم ۾ هو سينو ساهي، هر ايندڙ ويندڙ جي پوپان لڳي پئي وئي. حيدرآباد واري سبزي منڊيءَ جي مين ميدان تي مختيارڪار آفيس ۾ ڪجهه شاميانن ۾ اسٽال نما اين جي اوز جي ڪئمپن جي وچ تي سترسيل مايون توڙي مرد ائين گهمندا رهن ٿا، جيئن ڪنهن ايئرپورٽ تي ٽيڪسي ڊرائيور مسافرن پويان لڳل هوندا آهن ۽ آهستي آهستي هلي هو پنهنجي ڳري ڪرائي کان وٺي هوٽل جي لوڪيشن ۽ اگهه به ٻڌائي وٺندا آهن. هنن ماڻهن جو به اهڙو ئي مزاج ٿهي ويو آهي. هاڻي هنن کي پنهنجي دردن جو دڪان لڳائڻ ۽ کپائڻ جو فن اچي ويو آهي. گند جي ڍير جي وچ ۾ ٺهيل بلاڪن ۾ وچ تي اي سي(ايئرڪنڊيشن) آفيس ۾ هڪ تپيدار ويٺل هو، جيڪو مزي سان سگريٽ ڇڪي رهيو هو. هن جو ان سان ڪجهه به نه پئي ويو ته سيهڙ مان آيل سوين ماڻهو اجا رجسٽر به نه ٿيا آهن. يا عيد جي ڏينهن ٽيهه ماڻهو راشن پويان زخمي ٿيا آهن راڻي ميرجت چڙ مان آس پاس ڏسي چيو ته، ”مون کي به اڄ هتي ستون ڏينهن آهي. ان دوران هڪ ڏينهن به ڪو صفائيءَ وارو هتي صفائي ڪرڻ نه آيو آهي. هتي ڏس، هر طرف ماڻهن ۽ جانورن جو گند آهي.“ ان گند جي وچ تي ڪجهه عورتون پنجن سرن مٿان ٺئو اونڌو ڪري ماني پچائي رهيون هيون. راڻي ميرجت





ڪيسي مان هڪ پراڻي موبائيل ڪڍي ڪنهن سان ڳالهايو، ان کان پوءِ حقارت مان اتي اسٽول لڳائي ويٺلن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته، ”اهي رڳو فوٽو ڪڍڻ لاءِ ويٺا آهن اتي اسان کي ڪير ٻڌائي ته اسان ڪيڏانهن وڃون؟ هتي پهچڻ کان بهتر هو ته اسين ڳوٺ ۾ ئي مري وڃون ها.“ سبزي منڊيءَ جي يارهين بلاڪ ۾ اجا پڪا ڪو نه لڳا هئا. هر طرف ماڻهن جا هجوم ويٺا هئا، هن جي ننهن کي پريو مهينو هو، هو ڏهين مهيني پيٽ سان پٽ تي سمهي ڪو نه پئي سگهي. سڄي گهر کي هڪ کٽ مليل هئي. سخت گرمي، ڏپ ۾ هو ويٺو ڪٽي آئي. منهنجي منع ڪرڻ تي هوءَ چوڻ لڳي“ ”تون اسان جي مهمان آهين. اسين توهان وانگر مهمانن کي گند جي ڍير تي ٿورئي اڇلائينداسين؟ هي ڏس...“ هن پنهنجي پاسي ۾ بيٺل ٻين ڇوڪرين ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، ”هي ڏس... گهر ۾ بجليءَ وارو ايندو هو تڏهن به اسين ڇوڪرين کي پردو ڪرائيندا هئاسين پر هتي اسين، پنهنجا ننگ وٺي پڌري پٽ تي ويٺا آهيون“ راڻي ميرجت جو تعلق ڪرمپرو سان هو، هن جا ٻار شهر ۾ مزدوري ڪندا هئا، هو پاڻ به گهرن جو ڪم ڪار ڪندي هئي، پر سندس ڌيئر ۽ ننهون ماڻهن جا ڪم ڪو نه ڪنديون هيون، تنهن ڪري هتي به هو پنهنجي وارڊ ۾ ويٺل هيون. راڻي هنن پاران وٺ پڪڙ ۾ لڳي پئي هئي. ڪرمپور ۾ جڏهن پاڻي آيو ته هن جي گهر ۾ به قيامت اچي وئي. ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪو نه پئي آيو ته ڪيڏانهن نڪرن. پاڻي شهر کي چوڦير ڦري آيو. هنن غريبن کي ڪير ٻڌي ئي ڪو نه پيو. نه ئي ڪا ٻيڙي هنن کي پئي ڪٽي. ”امان ٻيڙيون به انهن ماين لاءِ هيون، جيڪي ڪيڪون دانهون پيون ڪن...“ هن جي آسپاس واٽياٽيون گهٽيون هيون، هوءَ مزا وٺي ٻڌائي رهي هئي ته، ”هنن ويچارين پاڻي ڏٺو ئي ڪو نه هو، سو رڳو هيون انهن جو دانهون اسان غريب ته هونئن ئي پيا مصيبت ۾ جيئون، سو اسان چپ ڪري پئي جهان ڏٺو، هو وڏا ۽ ڇڱا ماڻهو هئا. پهرين هنن کي ٻيڙين ڪڍيو، اسان جو وارو آخر ۾ آيو ته پاڻي پير جي پِٽُنِ تائين پهچي چڪو هو، اسان جا ٻچا ته ڪارا ڪوجها، پيرن اگهاڙا.... سو ٻيڙين وَارن کي ماڻهو ئي نه پيا لڳون، آخر مون مڙسي ڪري وڃي دانهون ڪيون. صفا ڏگ جهلي بيهي رهيس.“ هن پنهنجي پاڻ کي پاڻ ئي دَادُ ڏنو.“ جيئن هتي بيٺي آهيان. بلڪل ائين بيهي رهيس. اسان غريبن جون نياڻيون، ننگ توڙي ٻچا مئا ته به کهڙي ڪاتي ۾ اچن ها. تنهن ڪري مون پنهنجي ٻچن لاءِ ٻيڙيءَ واري جي وڃي ڳچي پڪڙي. تڏهن هنن اسان کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري بند تي پهچايو. ماڻهن سامان ڪڍيو ته ٻيڙيءَ اهو به ڪنيو. اسان جا سر به سامان کان سستا هئا.“ هن اتان ته جهڙو ڪري پنهنجا ٻچا بچايا هئا پر بند تي پهچڻ کان پوءِ ڪين اندازو ٿيو ته ٻيڙي صرف ٿورو اڳيان پئي ڇڏيو، چوڦير پاڻي هو، هو بند کان پنڌ به ٻاهر نڪري نه پئي سگهيا. غريب امير سڀ پهريون پيرو گڏ ويٺا هئا. جن واٽياٽي سيٺياڻي جا هوءَ ڪپڙا ڌوئيندي هئي. اها به اتي ويٺل هئي. راڻيءَ کي پهريون پيرو احساس ٿيو ته ٻوڏ

ڪيڏي وڏي آفت آهي. غريبن اميرن کي هڪ ئي قطار ۾ بيهاري ڇڏيائين. ان ڏينهن راڻي ميرجت پنهنجو پاڻ کي انتهائي مضبوط حوصلي وارو محسوس ڪيو. بند تي سڀ مايون روئي رهيون هيون، هو پنهنجي سيناڻي کي به آٿت ڏئي رهي هئي ته پنهنجي ٻچن کي به هن کي ٻيڙيءَ واري ٻڌايو هو ته هتان ”جهاز“ هنن کي ڪٿي شهر پهچائيندو. هيليڪاپٽر ٿوري هن کي ڪان پوءِ اچڻ شروع ٿيو. پهرين روئنڊڙ ماين کي ڪٽي ويو. راڻي وڏي دل ڪري سيني کي آٿت ۽ همت ڏياريندي رهي، پر هڪ دفعو وري ڪيس محسوس ٿيو ته هن ”جهاز“ ۾ اهي عورتون پهرين سوار ٿيون آهن، جن کي چڱا ڪپڙا آهن. هي ڪين گهٽ انسان سمجهن ٿا. پر پوءِ به هن اهو چئي پنهنجن ٻچن ۾ پاڻ جهڙن کي اها آٿت ڏني ته هي ڊڄڻا آهن. سو پلي پهريان هي نڪرن، پاڻ بهادر آهيون، پاڻ پوءِ نڪرنداسين. انهيءَ بند تي ويٺي ويٺي جڏهن راڻي ميرجت جي خاندان جو وارو آيو ته رات ٿي وئي هئي. هو سڄو ڏينهن، رات بکيا هئا. هن جا ننڍڙا ٻار ڪيس چئي رهيا هئا ته هو بهادر نه آهن. ڪين رڳو ماني کپي، راڻيءَ کي ڊپ ورائڻ لڳو ته اهو هيليڪاپٽر الاءِ واپس ايندو يا نه! هو ائين بند تي ڪنهن ڪان وسري ته ڪو نه ويندا هن کي پنهنجي دانهن نه ڪرڻ تي غصو به اچڻ لڳو، اڌ ڪلاڪ ڪان گهڻو عرصو وقت ويو. راڻيءَ کي لڳو ته اهو جهاز وري واپس نه ايندو. خوف ۾ بک جي ڪري هن جي ڏيءَ کي ڏندڻ پوڻ لڳا. راڻي يڪدم فون ڪڍي ۾ سيٺ جو نمبر ملائي وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳي: ”سيٺ! مون پهرين توهان جون مايون ڪڍيون، هو ويچاريون روئن پيون. مان چپ ڪري ڪين وڃڻ ڏنو، هاڻي تون جهاز وارن کي چئو ته منهنجا ٻچا پويان بند تي آهن.“ هن فون رکي سيني کي آسرو ڏنو ته سيٺ اجهو ٿو ”جهاز“ وارن کي موڪلي، اها صرف هن کي خبر هئي ته سيٺ جو نمبر ته بند آهي. پر پوءِ به هو مرڪي سيني کي ٻڌائڻ لڳي ته اجهو ٿو جهاز اچي. ان ڪانپوءِ هن وقت ڳڻڻ شروع ڪيو. ٻئي ڏينهن فجر ڪان پوءِ صبح ٿيڻ مهل پري ڪان هيليڪاپٽر جو آواز هنن جي ڪنن تي پيو. سڄي رات هنن انهن آوازن لاءِ پئي واجهايو پر ڪين راڻي دلاسو ڏئي ويٺي هئي ته هيليڪاپٽر ايندو ۽ جڏهن هو ان تي سوار ٿي ٻاهر نڪتا ته ڪين راڻيءَ ۾ انڌو ويساهه ٿي ويو هو ته هوءَ ڪٿان به ڪين بچائي وٺندي. راڻي ميرجت پاڻي مان ته نڪري آئي هئي پر هيڏي ساري سڪيءَ تي ڪيس ڪو به آسرو، ڪو به سهارو نظر ڪو نه پئي آيو. هو ڪيترائي ڏينهن مختلف ڪئمپن ۾ وقت گذاريندا رهيا پر اهڙو اجهو، جتي هن جي جوان ڌيئرن لاءِ ڪو جوڳو بندوبست هجي. ڪيس ڪٿي به نه مليو آخر لاڙڪاڻي مان سرڪار جڏهن مفت ڪراچي لاءِ ٽرين هلائي ته هن جو ڪٽنب ٽرين ۾ سوار ٿي حيدرآباد پهتو هو، هن جو سفر ڪرمپور ڪان شروع ٿيو هو، هڪ هڪ گهاٽ تي هوءَ وڙهي هئي پر هتي پهچي ڪيس ياد آيو ته سيٺ جي عورتن ۾ سندس ڌيئرن لاءِ ٻوڏ ساڳي نه آهي. نه ئي اڳيان هنن جي نصيب ۾ عزت جي روٽي به آهي. زندگيءَ جي هڪ مهيني جي سفر ۾ هن





هر لمحي جدوجهد ڪئي آهي. پر هتي هن حقارت مان ڏسندي چيو ته، مان محنت، حق لاءِ تڪليفون سهڻ ڪان ڪا نه ڊني آهيان پر هتي ته رڳو ”ذلالت“ آهي، مان هن مهل تائين ڌيئرن جي مناسب اجهي لاءِ ڌڪا ڪاڌا، خيرپور، لاڙڪاڻي، هاڻي حيدرآباد، ڇا اسان غريبن جي لاءِ ڪٿي به عزت ڀري زندگي نه آهي؟ مان هر ماڻهو کي پڪڙي پڪڙي پنهنجي ڳالهه ٿي ٻڌايان ته منهنجا ٻچا بک ٿا مرن ۽ هو جڏهن چڙ مان ٻانهن کي اڇل ڏيئي هليا وڃن ٿا، ته مان دل ۾ سوچيان ٿي ته هيليڪاپٽر ڪٿي نه اچي ها.

# ڪئمپ ڪهاڻي-16

هوءَ آف وائيٽ رنگ جي پينا فليڪس واري ٿهيل خيمي ۾ ويهي، پنهنجي آيل مريدياڻين کي ڏاڍا پڙهي ڏيئي رهي هئي. ان وقت وڏين خوبصورت اکين ۽ هلڪي سانوري رنگ واري لال بيبي سندس پير ۾ ويٺل هئي. لال بيبيءَ جي عمر ٻاويهه، ٽيويهه سال مس هوندي. سندس هنج ۾ پنجن سالن جي ڌيءَ سمهي پئي هئي. هوءَ معصوميت سان آسپاس ٿيندڙ گفتگو سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪالهه ئي ڪيس خبر پئي هئي ته مائي روزا هاڻي ڄامشوري آيل آهي. سندس ڏاڍي جو ٽائيم پورو ٿي ويو هو، ڪيس ڊپ هو ته هاڻي وري ڪيس ”جن“ تنگ ڪندو، تنهن ڪري هوءَ حب چوڪيءَ کان ڪهي اچي مائي روزا جي خيمي ۾ پهتي هئي. هن جي ارد گرد سڀ ڏاڍي وٺڻ وارين جو هجوم هو. هوءَ پنهنجي تر ۾ به ٽوٽي ڦيٽي جي حوالي سان سڃاتي ويجي ٿي، اوستا محمد، ڳڙهي خيرو، روجهاڻ جماليءَ کان وٺي جهل مگسي، ۽ جهل مگسيءَ کان حب چوڪي ۽ ڊفينس تائين سندس مريدياڻيون آهن. هوءَ گاجي شاهه جي فقيرياڻي آهي، سندس گهر وارو نذير فقير ته پورو سال ئي گاجي شاهه جي حاضري ڀريندو هو، گاجي شاهه وٽ سيوهڻ اسٽاپ لڳ سندس جهوپو به آهي، جتي ميلي جي وقت فقير نذير پنهنجي پوري خاندان سان اچي رهندو هو، روزا ٻارين ٻچين ٿي ڏينهن ساندهه گاجي شاهه تي جن ڪڍڻ لاءِ ايندڙن سان گڏ هوندي هئي. آخر ڪجهه سالن جي ياترائن ڪانپوءِ جن فقير هن جي قلب ۾ به داخل ٿيڻ شروع ٿيا، جنهن سان هن کي احساس ٿيو ته هوءَ به جنن سان ڳالهائي سگهي ٿي ۽ سڃاڻي به سگهي ٿي ته ڪنهن کي ڪهڙو جن آهي. سندس خيال ۾ جنن جون به ذاتيون آهن ۽ مذهب پڻ آهن. ڪجهه ڏينهن پهرين ڪيس حڪم ٿيو ته هوءَ قلندر شهباز جي مزار تي حاضري ڀري، تنهنڪري هوءَ پنج راتيون اتي رهي آئي آهي. هونئن به جڏهن گاجي شاهه جو ميلو شروع ٿيڻ وارو هوندو آهي ته اوستا، ڳڙهي خيرو، جهل مگسي کان روجهاڻ تائين جا سڀ سندس ڏاڍي وارا مريد ۽ مريدياڻيون هن وٽ اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ پوءِ سڀ گڏجي گاڏيون ڪري، جهانگارا باجارا کان ٿيندا وڃي سيوهڻ اسٽاپ تي لهندا آهن. پهرين ٽي راتيون هوءَ گاجي شاهه جي ميلي تي ايندڙن جا جن ڪڍڻ ۾ گذاريندي آهي، هن جي پير ۾ هڪ پراڻي ٽيپ به پيل آهي. هوءَ ٽيپ





ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳي، ”هن ۾ ريل پيل آهي. اهو هلائي پوءِ آئون جن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي آهيان. ان ريل ۾ گاجي شاهه جي درگاهه وارا ڪلام ڀريل آهن. پوءِ ان تي جن فقير جهمريون پائيندا آهن. آئون انهن سان ڳالهائيندي آهيان. ڪجهه ”ڊيڊ“ جن آهن، انهن کي موچڙي سان مڃائيندي آهيان. باقي ٻيا سڀ منهنجي ڏاڍي ۾ آهن“ خيمي جي ڀرسان ٻه گاڏيون به بيٺل هيون. هڪ سرمائي رنگ جي ايف ايڪس، ته ٻي ستر جي ڏهاڪي جي ميرون رنگ جي ٽويوٽا ڪرولا، اهي ٻئي گاڏيون روزا فقيراڻيءَ جون آهن، ڪيس مريدن تحفي ۾ ڏنيون هيون. سندس ٻئي ڏيئر صاف سٿرا ڪپڙا پهري ويٺل هيون. ڪيس جهل مگسيءَ کان موبائيل تي فون پئي آيو، جيڪو سندس ڏاڍي واريءَ مريدياڻيءَ جو هو، هن جي ڏاڍي جو وقت پورو ٿي ويو هو، جن ڪيس تنگ ڪري رهيو هو. هوءَ روزا فقيرياڻيءَ کي ٻڌائي رهي هئي ته هن کي جسم ۾ سور ۽ بخار آهي. ڪيس خبر هئي ته هاڻي روزا اوستا ڇڏي اچي ڄامشوري ويٺي آهي. هن روزا کي ٻڌايو ته سياڻي هوءَ جهل مگسيءَ کان نڪرندي. جيئن بخار لهڻ لاءِ ڏاڳو وٺي سگهي. مائي روزا جي ارد گرد هجوم هو. ڪيس گهٽو گوڙ پسند ڪو نه هو. هن ٻڌايو ته سندس مريدياڻين ۾ هڪ اڳوڻي وزيراعظم جي گهر جون عورتون به شامل آهن. ٻوڏ ۾ جڏهن هو ٻي گهر ٿي پئي ته ڪيس ٿانون کان وٺي هنڌ بسترن تائين سمورو سامان هڪ وزير جي زال موڪليو. هن جي ڏاڍي سان ان کي پٽ ڄائو هو. هن پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ مائي روزا فقيرياڻي کي ٽي سونيون چوڙيون به ٿهرائي ڏنيون هيون. ڪيس ڳالهائيندي ٿوري کنگهه ٿئي ٿي ته يڪدم سندس ڌيءَ منرل واٽر جي بوتل اڳيان ڪري ٿي. هتي هن ڪئمپ ۾ توڙي گهر ۾ سندس ڏيئر ڪڪ به پڇي ٻيٺو نه ڪنديون آهن. ڪئمپ ۾ آسپاس رهندڙ اوستہ ۽ ڳڙهي خيرو جون مايون هنن لاءِ ڪانيون گڏ ڪري ماني پچائين ٿيون. کنگهه، بخار جو ڏاڳو هاڻي روزا فقيرياڻي ڪين مفت ۾ ڏئي ٿي. لال بيبي حب چوڪيءَ کان هر سال اوستا محمد وڃي هن کان دعا وٺڻ ويندي آهي. هاڻي ڪيس هڪ پٽ ڄائو هو. هوءَ هن وٽ آيل هئي ته ڪيس دعا ڪري ته جيئن جوڙي ڄمي. اوستا ۾ جڏهن سيلاب آيو ته هن جي سيني مريدياڻين هن جي پويان ئي ڄامشوري جو رخ ڪيو هو، هن جي ارد گرد موجود ماين جو ويساهه هو ته بخار يا بيماريءَ به جن ڪن ٿا. ڪڏهن ماڻهوءَ کي هو بيمار ڪري تنگ ڪن ٿا، ڪڏهن اولاد ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا ته ڪڏهن وري پٽ جي پيدائش کي روڪين ٿا. مطلب ته هر برائي جو سبب جن آهن. ڪجهه جن، مائي روزا مطابق شريف آهن. جيڪي رڳو بيماري ڏين ٿا. ٻيا ته اهڙا منحوس آهن، جو اولاد ئي نٽا ڪرڻ ڏيڻ، جڏهن مون ڪانئس پڇيو ته، ”جنن جو اولاد سان ڪهڙو تعلق؟“ ته هوءَ چوڻ لڳي ته، ”نر آهن نه، پٽاڻي اولاد کان سڙن ٿا.“ هن جي ان ڳالهه تي اتي موجود سيني زائفائن هن جي ها ۾ ها ملائي. هوءَ لال بيبيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳي ته، ”ڏس! هن تي هڪ جن عاشق آهي. هو رڳو منهنجي سڳي ۾ آهي،

ڪنهن ٻي ڏانهن ويندي ته تنگ ڪندس. ۽ هيءَ بيمار ٿي پوندي.“ لال بيبي پنهنجون گهريون، وڏيون اکيون هيٺ ڪري شرمائيندي چوڻ لڳي ته، ”پوءِ منهنجي مڙس کي بيمار ڪري ٿو، ان سان ساڙ اٿس پر مائي روزا جي ڌاڳي سان مڙي وڃي ٿو.“ مائيءَ جي ڌاڳن جي معياد آهي. ڪير سال جو ڌاڳو وٺي ٿو ته ڪير ڇهن مهينن جو، جنهن جي ڪيسي ۾ جيترو مال آهي. ڪيس اوترو ڌاڳو ملندو، پوءِ ڌاڳي جي Expiry date ڪان پوءِ هن کي آمهون سامهون اچي مائيءَ سان ملڻو پوندو آهي. هوءَ فون تي دعا نه ڏيندي آهي. ايتري دير ۾ پاسي جي خيمي ۾ موجود زرينا ابڙو به هن وٽ اچي پهتي. هوءَ به مائيءَ جي مريدياڻي ٿي چڪي آهي. روزا هن ڪئمپ جي ماين جي هر دلعزيز آهي. سندس خيمو زائفائن جي درد ونڊڻ ۽ ڏک سور اورڻ جو  آستان آهي. مائي روزا ماين جي هجوم ۾ ڏاڍي احتياط سان ڳالهائيندي چوڻ لڳي ته، ”جن عورتن تي عاشق ٿين ٿا ۽ جنڙيون وري مردن کي تنگ ڪنديون آهن“ تنهن تي ڪنهن چيس ته، ”ڇو، جنن کي پنهنجون زالون، جنڙيون نه آهن ڇا؟“ ته پاسي ۾ ويٺل مائي روزا فقيرياڻيءَ جي پيڻ وراڻيو ته، ”ڇو جن مردن کي زالون هونديون آهن، اهي ٻين ماين تي عاشق نه ٿيندا آهن ڇا؟ جن به نر آهن، زالن جي هوندي سوندي به ڪنهن به عورت تي انهن جي دل اچي سگهي ٿي.“ مائي روزا فقيرياڻيءَ کي ڄامشوري ۾ جن اجان نظر ڪو نه آيا آهن. ڪنهن چيس ته ”ڏس، هتي هيٽريون زائفائون آهن. سهٽيون سهٽيون، انهن کي ته جن ڪو نه ٿا اچن؟“ ته ڏاڍي ٺٺول سان ڪلي چوڻ لڳي ته، ”آئي جنن جو ۽ مردن جو سونهن سان کهڙو واسطو؟ اهي ته جنهن کي ضابطي ۾ آڻي سگهندا ان جي ئي پويان هوندا.“ روزا فقيرياڻيءَ جو چوڻ آهي ته، گاجي شاهه جا مريد جن به هن جي ڪنٽرول ۾ آهن ته قلندر جا مريد جن به هن جي ڳالهه مڃين ٿا، پر هن جي ننهن هن کي پڇي ئي ڪا نه ٿي. هن ماٺهو موڪيلس ته اچ، ننهن چورائي موڪليس ته مٿي ۾ سور آهي، مون پڇيو مانس، ”ننهن کي تنهنجا ڌاڳا اثر ڪو نه ٿا ڪن ڇا؟“ ته مرڪي چوڻ لڳي، ”ڊيڊ جن اٿس، شاديءَ کان پهرين منهنجي حڪم ۾ هو،“ هن ئي سندس شادي پنهنجي پٽ سان ڪرائي هئي. پر شاديءَ کان پوءِ سندس ننهن جو جن مائي روزا سان چڙيل آهي. سندس ڌيئرن جي شادي نه ٿيل آهي. هو فقير آهن ۽ سندس سڀ مائٽ غريب راهڪي ڪندڙ آهن، جڏهن ته مائي روزا فقيرياڻيءَ کي پنهنجي مڙس فقير نذير چيو هو ته هوءَ ڌيئرن کي راهڪي نه ڪرائي. هن جي وڏي ڌيءَ جي عمر چاليهارو سال کن هوندي. هوءَ مستاني آهي، پنهنجي ماءُ کان پوءِ هوءَ به گاجي شاهه جي فقيرياڻيءَ واري رتبي تي پهچڻ واري آهي. مستاني ٻاهر روڊ تي ٻيٺي هئي ته ڪيس ڪنهن گاڏيءَ ٽڪر هنيو، هن جي ٻانهن زخمي هئي. مستانيءَ جو پنهنجو جهان هو ۽ مستانن جهڙائي طريقا هئس. مائي روزا مطابق، مستاني جنن سان ڳالهائي ٿي، هن کي ماڻهن جي ٻوليءَ سان ڪو به واسطو نه آهي، مائي روزا جنن کي ته سمجهائي وٺي پر سندس پٽ سندس ڳالهه نٿا مڃين. اهي ذات کان ٻاهر پينرن





جي شادي ڪرڻ نٿا ڏين. مون کيس چيو ته، ”پنهنجي پٽن کي ڌاڳو ڇو نٿي وجهين، جو تو کي اجازت ڏين!“ مستاني ته هاڻي حال کان وئي ۽ هوءَ جوانيءَ جا ڏينهن انتظار ۾ گذاري آخر وڃي مستاني ٿي، پر ٻيون ٻه ڌيئر اجا به انتظار ۾ آهن. هو گاجي شاهه جون مريدياڻيون ضرور آهن، پر مستانيءَ واري رتبي تي پهچڻ نٿيون چاهين. مائي روزا فقيرياڻي ٻنهي ڌيئرن کي ڏسي چوڻ لڳي ته، ”جنن کي سمجهائي سگهجي ٿو پر ”ٻروچن“ کي مڃائڻ ڏکيو آهي.“

# ڪئمپ ڪهاڻي- 17

گلان ڪوسو جو وقت ٻيهي رهيو هو، جڏهن سنڌس ڳوٺ جي گهٽين ۾ پاڻي اچي پهتو هو ۽ ان پاڻي مان نڪرڻ لاءِ مزدا گاڏي ڳوٺ جي هر ويڙهي جي در تي اچي بيٺي هئي. ان وقت هو ٻه دربدر ٿيا هئا ته هنن جي زندگيءَ جي تاريخ ٻه لڙهي، ٻڏي ۽ هنن سان گهر بدر ٿي وئي هئي. گلان کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن جو وقت ڪيڏانهن ويو؟ هوءَ جيئري ٻه آهي يا ڪٿي "سر بچائي" نڪرڻ وقت هن جو روح پويان رهجي ويو هو. وقت جا سڀ وهڪرا، سيئي رستا، هن جي زندگيءَ جا ڪل ماپا هن جي ماءُ جي قبر، پيءُ جو ٺهيل گهر ۽ اهو ننڍڙو پينگهو، جنهن ۾ هن جو پوٽو سمهندو هو ۽ جنهن ۾ هن جا پٽ ننڍا ٿي وڏا ٿيا هئا، اهو ٻه پويان رهجي ويو هو. هن جي اکين جا ڳوڙها لاڳيتو ڳڙي رهيا هئا. هوءَ مضبوط شخصيت واري خاتون هئي، پر اوستا محمد جي ٻڌڻ سان هن جو سڄو حوصلو، زندگيءَ جي جستجو ۽ جدوجهد ٻه لڙهي ۽ ٻڏي ويو هو. هوءَ ان ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي پيڙهين کان آباد هئي. اوستا ئي سندس وطن هو، ملڪ هو، ماضي ۽ حال هو. هوءَ صرف پنهنجي "ملڪ" کي تڏهن ڇڏيندي هئي، جڏهن هن جي ٻچن لاءِ باسيل ڪا باس پوري ٿيندي هئي. پوءِ هوءَ دهلن سان اوستا مان نڪرندي هئي ۽ قلندر سائينءَ جي سلامي ڀري، واپس ٿيندي هئي. هڪ ملڪ، ٻيو مرشد- هن رڳو اهي ٻئي گس ڏٺا هئا. هن جي زندگيءَ ۾ گهٽائي صدما آيا هئا پر هن کي صرف پنهنجي ماءُ جي موت ائين ئي چار ٽڪر ڪيو هو، جيئن هاڻي سنڌس ٻچن جي گمشدگيءَ ساڻس حشر ڪيو آهي. هوءَ پنهنجي سيني پينرن کان وڌيڪ غريب هئي. هوءَ ۽ سنڌس مڙس راهڪي ڪندا هئا، پوءِ هن جي امڙ جيڪي ٻه ڦٽيون چونڊيندي هئي. يا خيرپور ۾ ڪارڪن تي ڪم ڪرڻ ويندي هئي ته سڀ پئسا اچي پنهنجي ڌيءَ کي ڏيندي هئي. هن جي گهر ۾ رکيل پينگهو ٻه هن جي ماءُ جي پورهئي جي نشاني هو. ساڳي طرح هن جي گهر ۾ ان جي گندي ٻه ڪيس ماءُ ٺاهي ڏني هئي ۽ جنهن ڇن ۾ هوءَ رهندي هئي، اها سڄي هن جي مڙس ٻڌي هئي. ماءُ جي موت کان پوءِ هوءَ بيمار ٿي پئي هئي. قلندر جي درگاهه تي هوءَ پورو هفتو رهي هئي. ان کان پوءِ سمورو عرصو صبح جو ڪم تي ويندي ٻه ماءُ جي قبر تان پيرو ڏيندي هئي ۽





واپسيءَ تي ٻه هوءَ اتان ضرور چڪر ڏيندي هئي. هن جي ماءُ جي موت کي پندرنهن سال ٿي چڪا هئا. مائي گلان جا ٻار ٻه جوان ٿي ويا هئا. ڳوٺ ۾ سردار جي ڏنل زمين هنن جي ڪٽنب لاءِ ڪافي نه هئي، تنهنڪري ئي سندس پٽن واٽر جي ٻي پاسي خانپور ۾ وڃي ٻئي سردار جي ٻني ڪئي. پوءِ سڀ ٻائر آهستي آهستي اتي ئي جهوپا اڏي ويهي رهيا هئا پر گلان پنهنجي اباڻي ڳوٺ، پنهنجي وطن ۽ ماءُ جي قبر ڇڏي وڃڻ کان انڪار ڪندي اڪيلي سر ساڳئي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳي. ٿوري زمين هن پاڻ لاءِ ورتي هئي، جنهن تي هن جا پٽ هن کي هر هلائي ڏيندا هئا، باقي سڄو ڪم هوءَ پاڻ ڪندي هئي. سندس هٿ ترِيون ۽ پير ٻڏائين پيا ته هوءَ ڪيترو انهن ٻنين تي ڪم ڪري چڪي آهي. هن جي هٿن تي موجود هر نشان جي هن وٽ تاريخ هئي. ڏاڍي سان وڊيل آگر ڏيکاريندي چوڻ لڳي ته، "هي زخم شاديءَ کان اڳ جو آهي، مان رتو رت ٿي وئي هيس ته امان سڄي رات منهنجي پاسي ۾ ويٺي هئي. هن باس ٻه باسي هئي. پوءِ امان ڪا نه رهي ته زخمن جي نشانن کانسواءِ مون وٽ ڪجهه ٻه ڪو نه رهيو." هوءَ ڏاڍي حساس عورت هئي. آخر ۾ اڪيلائپ کان بچڻ لاءِ هوءَ پنهنجو پوٽو پاڻ سان گڏ رهائيندي هئي. هن ڪڏهن سوچيو ٻه ڪو نه هو ته ڪو جيئري هوءَ پنهنجي ملڪ کي ڇڏي پنهنجي ماءُ کان پري هلي ويندي. پنجاهه کن سالن جي گلان ماءُ جي ذڪر تي ائين ڳري پئي، ڄڻ هوءَ ستن اٺن سالن جي ٻارڙي هجي. جڏهن ڳوٺ ۾ موجود سنڌس پيڻ مزدا گاڏي وٺي آئي ته هن جون اکيون سنڌوءَ وانگر زارو قطار وهڻ لڳيون. هوءَ پنهنجي ماءُ کي اڪيلو ڇڏي ڪيئن نڪري؟! هن جي قبر، هن جي نشاني پينگهو ۽ ان جي گندي ٻه هوءَ نه پئي کڻي سگهي. مزدا ۾ هوءَ پاڻ اڏاري ويهي رهي هئي. هن جي پيڻ کي خبر هئي ته هوءَ اڪيلي پوٽي سان گڏ آهي، سنڌس پٽ توڙي ڌيئر واٽر جي پرئين پار رهن ٿا، تنهنڪري ئي هن پيڻ لاءِ گاڏي بيهاري هئي. گلان پوٽي خاطر ان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي هئي. گاڏي اچڻ کان پهرين ٻه جڏهن سڀ ماڻهو سامان ۽ هنڌ، بسترا، ٿانوَ تڪڙ ۾ ٻڌي کڻي رهيا هئا ته گلان رات جو ٻوڙي قبرستان پهتي هئي. ماءُ کان موڪلائڻ لاءِ آخر قريبن جا روح انتظار ۾ هوندا. هوءَ ڪڏهن ٻه رات جو قبر تي نه ويندي هئي. چو ته هن جي ڳوٺ ۾ چيو ويندو هو ته رات جو غيبات اتي گهمندي آهي پر ان رات ڪيس ڪنهن ٻه ڳالهه جو ڊپ نه هو، هن غيبات کان معافي ورتي ۽ پنهنجي ماءُ جي سيرانديءَ پاڪ ڪتاب رکي، قبر کي آخري چمي ڏئي پاڪر پائي هڪ مٺ قبر جي مٽيءَ جي پنهنجي پوتيءَ ۾ ٻڌي نڪري آئي هئي. سڄي واٽ هن کي ٻن ڳالهين کانسواءِ ڪجهه ٻه ياد نه هو. هن ماءُ جي نشاني ته پنهنجي پوتيءَ ۾ ٻڌي سيني سان لڳائي هئي پر سنڌس ڳوٺ اوستا جون گهٽيون اها ڇن جيڪا سندس ساڻيءَ پنهنجي پوڙهن هٿن سان پاڻ ٻڌي هئي. اها ته هوءَ پوئتي ڇڏي آئي هئي. جتي هن جي پيڻ پڙاءُ وڌو هو، اتي هيءَ ٻه لهي پئي هئي. ٻئي ڏينهن تي ڪيس خبر پئي ته واٽر جي پرئين پاسي ٻه ٻوڏ هاجا ڪري ڇڏيا

آهن ۽ هن جو هڪ پٽ، ننهن ۽ ٽي پوٽا ۽ پوٽيون ۽ ڌيءَ غائب آهن. هن تي اها خبر ڪنهن وڄ وانگر ڪري هئي. ٻوڏ هن کان هنن جي تاريخ ماضي ته ڪسي وئي هئي پر هن جا ٻچا ٻه گم ٿي ويا هئا. سڄي واٽ هوءَ رڳو اهو ياد ڪندي آئي هئي ته هو واپس وڃي ڪھڙين نشانين سان پنهنجي ماءُ جي قبر سڃاڻي سگهندي. اها پاسي واري ڪٻڙ کان چئن قدمن تي هئي. هوءَ ان مٿان هڪ وڏو ڪانو ٻه ڪوڙي آئي هئي. ڪيس ڪا ٻه پڪ ڪا نه هئي ته اهو ڪانو ٻه اتي هوندو يا لڙهي ويو هوندو پر ڪيس پاڪ ڪتاب تي ويساهه هو ته اهو هر شئي جي حفاظت ڪندو پر هيءَ ٻچن جي قيامت هن جي حوصلي، همت کان گهڻي هئي. هن پورهيت عورت جي دل ڪنهن معصوم ٻار جهڙي هئي. هن جي منهن جا گهنج، ڪمزور وجود، ڳالهه ڳالهه تي هن جا ٽڏا شوڪارا اهو ٻڌائي رهيا هئا ته هوءَ ڪھڙي دوزخ مان گذري رهي آهي. پندرنهن سالن ۾ پهريون پيرو هوءَ ماءُ کان پري ٿي هئي. اڃا هوءَ ان ڏک مان ٻه نه نڪتي هئي جو هي درد جو پهاڙ اچي هن مٿان ڪريو هو. سندس آسپاس اهڙيون ڪوڙ ساريون عورتون هيون، جن جا اڌ ڪٽنب گم هئا. هوءَ پنهنجو حال آخر ڪنهن سان اوري!

مٿان روڊ تي اس، نه هن وٽ خيمو هو، نه ٿانوَ نه ئي شناختي ڪارڊ، جو رجسٽرڊ ٿئي. سندس ستن سالن جو پوٽو، سندس گم ٿيل پٽ جي آخري نشانيءَ ڪي سنڀالڻ ٻه جو ٻار هن مٿان ئي پيل هو. هن جي پٽ ۽ ڌيءَ جي ڪا خبر چارئي نه هئي. هر روز هوءَ صبح جو اٿي ڪئمپ ۾ روڊ تي ويٺل ٻين جوان ڇوڪرين، ماين لاءِ پاڻي ڀري ايندي هئي. جڻ هوءَ پنهنجي ماءُ جي قبر تي ويندي هجي. پوٽيءَ ۾ ٻڌل پنهنجي ماءُ جي قبر جي مٽيءَ جي ڳنڍ کي ٻه چميون ڏئي هوءَ اٿندي هئي. پوءِ هر ڪم ۾ پوٽو هٿ ۾ هوندو هئس. هڪ ڏينهن هوءَ پوٽي سميت گم ٿي وئي. ڪنهن سندس درد ڪٿا ٻڌي ڪيس قلندر جي درگاهه تي وڃڻ جو پاڙو ڏنو هو. اتي ٻه هن جهڙين عورتن جو هجوم هو، هوءَ اتي پهريون پيرو دهلن ڪانسواءِ وئي هئي ۽ ڏڪايل واپس ٿي هئي. پندرنهن ڏينهن ۽ پندرنهن راتيون گذريون هيون. هڪ هڪ لمحو هوءَ مري مري گذاري رهي هئي سندس پٽ کي زمين ڳهي وئي يا آسمان ڪائي ويو سڀ ماڻهو ملي ويا هئا، هن جي ٻچن جو ئي ڪو اتو پتو ڪو نه هو، هوءَ ته مليل لاشن بابت پڇڻ کان ٻه ڊڄندي هئي. ڪئمپ ۾ موجود سيني ماڻهن جي ابتڙ هن جي صرف هڪ خواهش هئي ته هي ڏينهن اڃا وڏو ٿئي، وقت اڳيان نه وڃي، ڇاڪاڻ ته هنن جو آسرو وقت سان ٽٽي رهيو هو، هر وڌيڪ ڏينهن گذرڻ سان هن کي پنهنجي اولاد جي نه ملڻ جو ڊپ وڌي رهيو هو، ڪئمپ جا ٻيا ماڻهو ٻه ڪيس دلاسا ڏيڻ لڳا هئا. پر تنهن جي باوجود هن جي دل مڃي ئي ڪا نه پئي ته ڪو هن جو پٽ، پوٽيون، ننهن يا ڌيءَ سڀ لڙهي ويا هوندا. هوءَ چئي رهي هئي ته منهنجو پٽ مضبوط جوان هو، هو ڪيئن پنهنجي ٻچن ۽ پاڻ کي ٻڏڻ ڏيندو؟ هيترا سارا ماڻهو ڪيئن مري سگهن ٿا؟ جڏهن هوءَ پوڙهي، مڙهي ٻه پنهنجي پوٽي ماءُ جي مٽي ٻه کڻي آئي ته هن جو پٽ ڪيئن پنهنجا ٻچا ٻوڙڻ





ڏيندو؟ بس هي ڏينهن ٿورا وڏا ٿين، ايترو جلدي نه گذرن. هوءَ ڪئمپ ۾ ايندڙ هر ماڻهوءَ کان اهو ٻه ضرور پڇندي آهي ته اوستا مان پاڻي لٿو الاءِ نه؟ هوءَ ٽڪجي پئي هئي، ماءُ کان جدائي، اولاد جو وڇوڙو، هن کي لڳو پئي ته هوءَ هاڻي گهڻو وقت نه هلي سگهندي پر هن اوستا پهچي پوءِ مرڻ ٿي چاهيو. هن پرديسياڻي ٿي مرڻ نه پئي چاهيو، نه ئي هن ماءُ کان پري رهڻ پئي چاهيو. هوءَ چوڻ لڳي ته، ”امان ته مون کي پياري آهي. پر اولاد جي ملڻ سواءِ ته مان مري ٻه نٿي سگهان.“ چوويهن ڏينهن کان پوءِ آخر سندس پيڻ جي پٽ کي فون آئي، جيڪو بلوچستان مان ٻڌائي رهيو هو، هن جو پٽ ڏهه ڏينهن پيدل هلي وڃي سڪي تي پهتو هو. هن جا سڀ ٻار زنده آهن. مائي گلان ڪوسو ان وقت ڪئمپ کان ٻاهر ماين لاءِ ڪاٺيون ڪرڻ وئي هئي. سندس ننڍڙي پوٽي ڊوڙي وڃي ڪيس ٻڌايو ته، بابا، امان، ادا توڙي پيڻ سڀ ملي ويا آهن. سڀ زنده آهن. گلان يڪدم ماءُ جي قبر جي مٽيءَ واري ڳنڍ کي چميون ڏنيون، هاڻي هن کي يقين هن هو ته هن جي ماءُ جي قبر جو ڪانو ٻه نه لڙهيو هوندو، نه ئي هوءَ پرديسياڻي ٿي مرندي.

# ڪئمپ ڪهاڻي-18

هو جبلن جا ماڻهو هئا. پاڻي پهريون ڀيرو لوڙهي ۽ لوڏي ڪين اچي ميدانن ۾ چڙهيو هو. ان ڪان پهرين نه هنن، نه ئي هنن جي ڀچن ڪڏهن ٻوڏ جهڙي مصيبت جو نالو ٻڌو هو. نه ئي ڪين اندازو هو ته اها ڪهڙا هاڃا ڪري سگهي ٿي. عبدالجبار ڪوسي کي به اهو معلوم نه هو ته ٻوڏ آئي ته ڇا ٿي سگهي ٿو. هن وٽ نه ٽي وي، نه ئي ڪو ريڊيو هو. سنڌس سَتَر جي ڍاڪي جي هڪ پراڻي ٽيپ هئي، جنهن ۾ هو بلوچ ڳائڻي جا ڪلام شوق سان ٻڌندو هو. پاڻي ته هن جي ڳوٺ جي ويجهو ئي هو پر هن اهو ئي پئي سمجهيو ته اهو ڪو فوٽ ڏيڍ ڪان مٿي نه هوندو. هو ٻارين ٻچين ڪجهه ڏينهن روڊ تي ويهندا ۽ ضرورت جو سامان پيهي ٻڌي ان تي رکي ڇڏيندا. پر هن کي جڏهن اها خبر پئي ته، ايڏي وڏي ٻوڏ آئي آهي، جو روجهاڻ جمالي به ٻڏي ويو آهي ۽ سردار ظفرالله جمالي به ٻارين ٻچين نڪري ويو آهي، هن کي ڄڻ ڏڪڻي وٺي وئي. اهو سيني ڪان آخري خاندان هو، جنهن سواريءَ لاءِ واجهايو هو. اڌ روڊ به پاڻي هيٺ هئا. آخر هن جي پري جي مائٽ ۽ ويڙهي وارن فيصلو ڪيو ته سڀ گاڏين ۾ ورهائجي ويهن. پاڻي روڊ مٿان ورڻ لڳو هو. تنهنڪري ئي هنن چاهيو ٿي ته سڀ نڪري وڃن، ڪنهن کي به پويان نه ڇڏجي، سواءِ هڪ ٻن جوانن کي. عبدالجبار هڪ گاڏيءَ ۾ زال سان اڌ ٻار ويهاريا ته ٻيءَ ۾ پاڻ پنهنجي ڌيءَ شاهينا سان گڏ ويٺو. شاهينا، ٻت ۾ پريل پندرنهن سورنهن سالن جي نوجوان ڇوڪري هئي. هن شاهينا کي ماءُ بجاءِ پنهنجي پاسي ۾ ان لاءِ ويهاريو هو، جو شاهينا کي مرگهيءَ جا دورا پوندا هئا. هن کي ڊپ هو ته هن کي دورو پئجي ويو ته ماءُ ان کي ڪو نه سنڀالي سگهندي. عبدالجبار ڪوسي کي ايتري مهلت ئي نه ملي هئي جو هو هنڌ بسترا يا ٻيو سامان کڻي سگهي. پرائي سواريءَ ۾ پنج پنج هزار ڀري هن رڳو ٻار ويهاريا هئا. شاهينا پوتي پائي ڀين ماين وانگر پريل اکين سان پنهنجو ڳوٺ ڏسي رهي هئي. مزدا ۽ ٽرڪ گڏ گڏ هلي رهيون هيون. پاڻي هاڻي وڌي رهيو هو. سامهون واري روڊ تي ٽي ٽريڪٽر ۽ ٻه ٽرڪون وچ پاڻيءَ ۾ سامان سان پريل بيٺل هيون. ماڻهو لهي ويا هئا. گاڏيون ڦاسي پيون هيون. عبدالجبار شاهينا کي ڀين ماين جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ رڙهي، آهستي آهستي، گاڏين جي مٿان، ڊرائيور ۽ ڀين مائٽن ڪان پڇڻ لڳو ته،





گاڏيون نڪري سگهنديون يا اڌ رستي تي سامهون وارين گاڏين وانگر ڦاسي پونديون؟ ڊرائيورن ڪيس دلداري ڏني ته هو گاڏيون ڪڍي ويندا. اڃا هو اتي ئي هو ته شاهيانا جون اپ ڏاريندڙ رڙيون هن جي ڪنن تي پوڻ لڳيون. عورتن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي ته ڇوڪريءَ کي ”جن“ آهي، سڀ پري ٿي ويون. رڳو ٻه ننڍا ٻائر ڪيس پڪڙي بيٺا هئا. هلندڙ گاڏيءَ ۾ عبدالجبار، جيڪو ريڙهيون پائي ويو هو، اهو وڏيو ٻرانگهون پري مينهن واءُ ڪري واپس ٿيو ته مٿان ڇوڪري ٻائرن ڪان قابو نه ٿئي ۽ گاڏيءَ مان ڪري پئي. هن شاهينا جي وات مان وهندڙ گجيءَ کي پنهنجي پوتڙي سان صاف ڪيو، ۽ ماين کي ٻڌايو ته هن کي مرگهي آهي، پر هو وري به هن ويچاري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نه هيون. هوءَ ٿوري دير ڪان پوءِ هوش ۾ آئي. هوءَ مرگهيءَ جي مريضہ ضرور هئي پر هنجي صحت ٻين ڪان سٺي هئي. هن جي مرگهيءَ جي بيماريءَ ڪري شادي به نه ٿي هئي ۽ هو ٻني ٻاري تي ڪم به ڪو نه ڪندي هئي. هوءَ خوبصورت ۽ پرڪشش ڇوڪري هئي. شاهينا هوندئن به عبدالجبار کي پياري هئي. هو صدوري به هئي، جو هن پويان ڪيس لڳاتار ٽي پٽ ڄاوا هئا ۽ هن جي ماءُ چوندي هئي ته هن جي پيٽ جي نحوست هوءَ پنهنجي سر تي کڻي وئي، ته هن کي پٽ ڄاوا هئا. تنهنڪري هن جو خيال ٻائر به ڪندا هئا. هن جو پيءُ سڄي وات هن جي هٿ ۾ هٿ وجهي ويٺو رهيو. آخر گاڏي پاڻيءَ واري روڊ تان نڪري آئي هئي. سڀ ڊرائيور جي همت کي داد ڏئي رهيا هئا. هو ٿوري دير لاءِ روڊ جي پاسي ۾ بيٺا هئا. شاهينا جا ٻئي ٻائر ۽ عبدالجبار هن کي ماين سان ٻيهاري ٿورو پري ويا ته پويان رڙيون پئجي ويون، عبدالجبار وٺي جو ڀڳو ته ذري گهٽ گاڏيءَ هيٺان آيو هو. شاهينا جا آواز هن سڃاڻي ورتا هئا. شاهينا ٻائرن پويان وئي هئي ته جيئن پاسي واري گاڏيءَ ڏانهن وڃي، جتي هن جي ماءُ هئي ۽ ٻيا ٻائر ٻينر هئا. اها گاڏي اڃا انهيءَ مهل ئي ڀهتي هئي. هوءَ گاڏيءَ ۾ لڳندي لڳندي بچي هئي. هو ٿورو پري ڪري هئي ۽ خوف ۾ وري هن کي دورو پئجي ويو هو. سندس ماءُ پيءُ ڪيس سنڀالي وري گاڏيءَ ۾ ويهاريو. هوندئن ته ڪيس ڪڏهن ڪڏهن دورا پوندا هئا. پر خوف ۽ ڏک جي ڪري هن جي حالت خراب ٿي وئي هئي. ٻن ڪلاڪن ۾ هي ٻيو دورو هو. عبدالجبار توڙي سندس ماءُ ڪان ڳوٺ ڇڏڻ يا دربدر ٿيڻ جو ڏک به وسري ويو هو. هو صرف شاهينا جي فڪر ۾ وٺجي ويا هئا. آخر هنن جو سفر ڪوئٽيءَ ۾ تمام ٿيو، هن جو پيءُ ماءُ پورو سفر ساهه مٺ ۾ ڪري ويٺا هئا. ٽرڪ ۾ ويٺلن ۾ هوءَ خوبصورت ته هئي پر ٽن دورن هن کي ڪمزور ۽ بيحال ڪري ڇڏيو هو. عبدالجبار ٻارن کي ڪليل آسمان هيٺ ڇڏي ”پرديس“ ۾ پورا ٻه ڏينهن رليو ته ڪو اسڪول يا ڪا چار ديواري هجي ته هو پنهنجا ٻچا ويهاري، شاهينا جي بيماري گهر ڇڏڻ ۽ ماحول مٽجڻ ڪري وڌي وئي هئي. اخر ڪوئٽڙي جي هڪ اسڪول ۾ هڪ ڪمرو خالي هو، اتي ٻيا ماڻهو به ويٺا هئا. هو سيني مائٽن ۽ سڄي راڄ کي اتي ڇڏي

رات جو پنڌ هلي لمس ڄامشوري کان ان اسڪول تائين پنڌ پهتو. چار ديواري ڏسي هن جي ساهه ۾ ساهه پيو. چوويهه ڪلاڪن کان پوءِ اسڪول جي ڪمري ۾ ويهندي ئي ڪيس احساس ٿيو ته هن کي ڏاڍي بک لڳي هئي. پر ماني هن جي بک جي احساس سان نه پر سرڪار جي ٽائيم سان اچڻي هئي. هن ڏٺو ته هن جي ٻارن جا منهن به بک سبب ڪوماڻل هئا، پر هن کي خوشي هئي ته هاڻي شاهينا محفوظ آهي، اتي پهچي شاهينا جا دورا به گهٽ ٿيا. هوءَ اسڪول ۾ موجود ٻين ماين سان سڄو ڏينهن ڪچهري ڪندي هئي، هنن سان ملي هوءَ امداد لاءِ ايندڙن وٽ به وڃڻ لڳي هئي. هنن وٽ سمهڻ لاءِ رلي به نه هئي، نه امداد جا چانور وٺڻ لاءِ ٿالهه. وٽو يا صابڻ ڪجهه به نه هو. ڇا ڇا نه پئي کپيو پر کيسا خالي هجن ته ڇا ڪري سگهجي ٿو. هو چپ چاپ ڪمري ۾ ويٺل هوندو هو. ڪئمپ جون عورتون ئي اوڙي پاڙي جا در کڙڪائي ڪجهه وٺي پئي آيون. هڪ ڏينهن ڪير شاهينا کي ٿالهه. وٽو ۽ گلاس ۽ ديگڙي به ڏئي ويو. هن جو نماڻو چهرو ئي اهڙو هو، جڏهن هوءَ پڳل ٽٽل سنڌيءَ ۾ چوندي آهي ته، ”پاڻي لاءِ وٽو ڪو نه آهي...“ ته هر ڪنهن جي دل چوندي آهي ته ان مهل ئي ٻڪ جهلي هن لاءِ وٽو ٿي وڃجي. شاهينا لفظن تي هر ڪنهن کي اعتبار پئي آيو. هو اهڙي معصوم هئي، جو هن کي ڏسي ئي لڳي پيو ته سورنهن آنا سچ پئي ڳالهائي. هن جا پيءُ ماءُ خوش هئا ته هنن جي اها ڌيءَ، جنهن لاءِ هنن کان ”وطن“ جو ڏک به وسري ويو هو. اها ڌيءَ هنن لاءِ رحمت ٿي وئي آهي. هن جي ماءُ ته هن کي چوندي ئي ”صدوري“ هئي. هوءَ پنهنجي مڙس کي چوڻ لڳي ته، ”هن جي ڄمڻ سان منهنجي پيٽ جي نحوست پاڻ تي کڻي آئي جو هن کان پوءِ لاڳيتو مون کي ٽي پٽ ڄاوا، هاڻي هن جي ڪري اسان ٽڏي چانوَ ۾ ويٺا آهيون. هيءَ ئي اسان کي ڪاڙهي ۽ اُس مان ڪڍي آئي آهي.“ کين ڪئمپ ۾ پندرنهن ڏينهن ٿي ويا هئا، ٻين مائٽن جي مقابلي ۾ هي سکيا ويٺا هئا. شاهينا کي رڳوا يترن ڏينهن ۾ ٽي ٻيرا دورو پيو هو ۽ ڪئمپ جي ڊاڪٽر کيس دوا به ڏني هئي. وري به هوءَ بهتر هئي، سڄو ڏينهن ڪئمپ جي ٻين ماين سان گڏ رهندي هئي، هنن مان ڪير به کيس بيمار نه سمجهندو هيو، هڪ ٻه ٻيرا ٻاهر امداد ورهائيندڙن پويان اسڪول ڇڏي به وئي هئي ۽ واپسيءَ تي پنهنجي ننڍڙن ڀائرن ڀينرن لاءِ امداد ۾ مليل نوان ڪپڙا به وٺي آئي هئي. عيد جي ٻئي ڏينهن عبدالجبار ڪئمپ جي ٻين مردن سان گڏ DCO آفيس مان ”وطن ڪارڊ“ بابت پڇا ڪرائڻ ويو هو، هنن جي واپسيءَ تائين شام ٿي چڪي هئي، هن جي زال پنهنجي اٺن ٻارن سان گڏ ڪمري ۾ ويٺي هئي، شاهينا اتي ڪو نه هئي، عبدالجبار پنهنجي زال سان حال احوال اورڻ ويٺو، رات لڙندي رهي، هو اٿي ٻاهر ويو ته ڏسي شاهينا ڪٿي آهي. ڪئمپ جي عورتن چيو ته هنن شاهينا کي شام کان پوءِ نه ڏٺو آهي. عيد جي ٻئي ڏينهن ته ڪو امداد ڏيڻ وارو به نه آيو هو، جو هوءَ ٻاهر وڃي ها. ڪنهن کي ڪجهه به پتو نه هو ته هوءَ ڪيڏانهن وئي. هن جي طبيعت به ٺيڪ هئي. هن





جي پيءُ سڄي اوڙي پاڙي مان پڇا ڪئي، سڄي ڪئمپ ۾ گهمندو رهيو، صبح جو سويل هو ڪوسن جي ڪئمپ تي پهتو ته هن جي چپن کي ڄڻ تالو لڳل هو. هو خاموش ويٺو رهيو، هن جي پيٽ کي لڳو ته ڪجهه ٿيو آهي، پر هن جو پاءُ ٿوري دير خاموش ويهي اٿي هلڻ لڳو. سنڌس پيٽ به هن جي پويان هلڻ لڳي. ٿورو اڳيان وڃي هو اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو ته ”شاهو“ گم ٿي وئي آهي، پر هو مياري آهي، سيني ٻروچن جو مياري، تنهنڪري هو ڪنهن کي ڇا ٻڌائي؟ هو ماڻهن جا طعنا ڪيئن سهي سگهندو؟ هو بس چپ ئي رهندو. سنڌس پيٽ کيس پوليس ٿاڻي تي وڃڻ جو چيو، پر هن وراڻيو ته، ”شاهو“ سان ته بي انتها پيار ڪري ٿو، هو پلي هن ڏک ۾ مري وڃي، پر هو ٻروچن جون مياروں نٿو سهي سگهي. عورتون سرٻاٽن ۾ ”شاهو... شاهو“ ڪن ٿيون. سنڌس ماسي آهستي آهستي چوڻ لڳي ته، ”امان مان ڳوٺ جي هر گهر ۾ گهڙي پنهنجي شاهو جاچي سگهان ٿي، پر امان شهر جا ماڻهو ظالم آهن، متان اسان ٻڍڙين کي به واڙي ٿانوَ ٻهاري ڪرائين. آخر اسان ”شاهو“ ڪٿي ڳولهيون؟ ڪيئن ڳولهيون؟ هن نماڻيءَ ته ڳوٺ ۾ به ويڙهي کان ٻاهر ڪجهه نه ڏٺو هو، شاهو جي دوري ۾ به نڪري وئي هوندي ته واپسيءَ جي رستي جي ڪيس ڪيئن خبر پوندي! سنڌس ماسي ۽ ماءُ وري به ”شاهو....شاهو“ ڪنديون رهن ٿيون. هن نماڻي نياڻيءَ پويان هو اسڪول ۾ ويٺا هئا. کين ڪهڙي خبر هئي ته شاهو اتان گم ٿي سگهي ٿي. سنڌس ماسي هن جي قد، بت ۽ رنگ جو ذڪر ڪندي چئي ٿي، ”امان شاهو شهزادي لڳندي هئي. هن نماڻي بيمار کي ڪهڙي خبر هئي ته امداد ڏيندڙن جو اکيون کيس تاڙين پيون. کيس ڪيئن اندازو ٿئي ته کيس پاڻي لاءِ وٽو ڏيندڙ هٿ، سنڌس هٿ جهلي ويندا.“ ٻڍڙيءَ جون زماني شناس نگاهون ڪجهه ٻيو ڏسي رهيون هيون. ”شاهو“ جي ميارن جو ماريل پيءُ خاموش آهي ۽ ماءُ اڄ به صدوري شاهو لاءِ رستو تڪيندي رهي ٿي.

# ڪئمپ ڪهاڻي-19

پنهنجي هر جذبي، ڏک، پيڙا توڙي خوشيءَ کي لفظن ۾ اظهاريندڙ رجب ٻگهئي جي نڙيءَ ۾ سورهين سيپٽمبر جي ڏينهن سڀ لفظ اٽڪي پيا هئا، ۽ لفظن۾ موجود هن جي زندگيءَ جي ڏينهن به ڏينهن جو لکيل روزنامچو، هن جون ننڍڙيون ننڍڙيون خوشيون، زندگيءَ جون آزمائشون، پيڙا توڙي محبتون سڀ پاڻي ڳڙڪائي ويو هو. هو ڇا ياد ڪري ها! ڪهڙي ڏک کي قلمبند ڪري ها! هن جي تيز حافظي ۾ هر شئي قيد هئي، هر ڳالهه ياد هئي. هن ۽ هن جي سڄي ڳوٺ واسين به جوهي ۽ ميان صاحب جي رهواسين وانگر باجارا جي پاسي واري ڳوٺ وٽان بند مضبوط ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا هئا. هنن وٽ، نه ئي پاسي واري شيخن جي ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ اهڙو ڪو مثال هو ته هنن جا ڳوٺ ڪڏهن پاڻيءَ هيٺ آيا هجن. بندن تي ڪم ڪندڙ جوانن کي پوڙها، ڇاهتر جي وڏي ٻوڏ جا قصا ٻڌائيندا رهيا ته ڪيئن اڇن برقعن ۾ عورتن جا لاش لڙهندا آيا هئا ۽ هڪ لاش کي ته پيرن تي ميندي به لڳل هئي. ويچاري ڪا نئين ڪنوار هئي. هن ان ڏينهن پنهنجي ڊائريءَ ۾ ان ڪنوار جي نالي هڪ نظم به قلمبند ڪيو هو، ۽ تصور ۾ پنهنجي سهڻي ونيءَ کي آڻيندي. هن جو ساهه ئي سڪي ويو هو.ان رات هن ڊائري لکڻ بند ڪئي هئي. هن جي ڊائري باجارا جي هر فرد جي تاريخ هئي، ان ۾ هن جي ننڍپڻ کان وٺي نوجوانيءَ ۽ نوجوانيءَ کان هن مهل تائين جا سڀ واقعا، حادثا درج هئا. اها هن جي جذبن جي اجتماعي تاريخ هئي. ڇاهتر جي ٻوڏ هن جي حافظي ۾ محفوظ هئي الاءِ نه، پر هن جي شاعر ذهن ان کي اهڙو ته ويس پهرايو هو، جو هن کي لڳو پئي ته ڇاهتر جي ٻوڏ ۾ ڪوڏر هڻندڙ سندس پيءُ جي پگهر ۽ جسم جي حرارت کي هو ان مهل به محسوس ڪري رهيو هو. وقت جو ڦيٿو ابتو ڦريو هو، هاڻي هو پنهنجي پيءُ وانگر بند تي ڪم ڪري رهيو هو، هن قلم پاسي تي رکي ڪوڏر هٿ ۾ ڪنئي هئي. هي وقت ڪوڏر ڪڻڻ جو هو، هن جي اجتماعي ماضي کي بچائڻ جو وقت هو. هن جي ننڍپڻ جي يادن کي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان بچائڻو هو، پنهنجن پيارن جي آخري آرام گاهه اڳيان مياري ٿيڻ کان بچڻو هو. تڏهن هي استاد پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ڳوٺ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو رهيو. هن جو پگهر وهيو يا هٿن ۾ لڦون پيون، هن پاڻيو ته هن جو





پورهيو قبول پيو هوندو. هنن ڪافي وڏو بند ٺاهي ورتو هو. جڏهن لڦن وارن هٿن سان هن شاعريءَ لاءِ قلم هٿ ۾ ڪنيو هو ته هن جي هٿن مان رت نڪري آيو هو، پر هن کي گهر بچائڻو هو. اهو گهر، جيڪو هن جي پيءُ ماءُ جو خواب ۽ سندس ٻچن جو مستقبل هو. هن جي پنهنجي خواهش به هئي ته پنهنجي ننڍڙي ٻچي کي هو مضبوط اجهو ڏئي. هو هاڻ اسڪول ۾ پڙهائيندو هو. هن لاءِ مضبوط اجهو ٺهرائڻ بي انتها ڏکيو ڪم هو. ان خواب لاءِ هن کي لفظ اٽڻا ڪو نه پئي پيا پر ان لاءِ سيمينٽ، ۽ ڪنڪريٽ جي ضرورت هئي. هن جو سڄو پئسو لائبريريءَ جوڙڻ ۾ ويندو هو. ڪتاب گڏ ڪرڻ ئي سندس پهريون ۽ آخري عشق هو، پر جڏهن سندس گهر ۾ وني آئي ۽ پٽ ڄائو ته هن کي پنهنجي عشق تي ٿورو ڪمپرومائيز ڪرڻو پيو هو. 2007ع ۾ ويهه پگهارون وٺي مشڪل سان پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي خوابن جو گهر ٺهرايو هو ۽ ان ۾ پنهنجي ڪتابن لاءِ لائبريري به جوڙائي هئي. جڏهن هن جي گهر واري سڄو ڏينهن گهر جي صفائيءَ ۾ گذاريندي هئي ته رجب هڪ هڪ ڪتاب کولي ان کي صاف ڪري رکندو هو. هن کي مهيني کان گهڻو عرصو لڳو هو انهن ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ ۾ پر اهو سڀ هن جي محبت جو پورهيو هو! هو ڏينهن رات به ڪم ڪندو هو ته به ٿڪبو ڪو نه هو. اهو ڏينهن هن جي زندگيءَ جو سڀ کان گهڻو خوشنصيب ڏينهن هو، جڏهن هن جو نئون اجهو ٺهي پورو ٿيو هو. هن ان رات پنهنجي ڊائريءَ م لکيو هو ته، ”مان ماءُ جي هڪ خواب کي پورو ڪري سگهڻ کي پنهنجي پوري تخليق کان وڌيڪ اهم سمجهان ٿو، پوءِ ڪٿي مون کي پنهنجو قلم توڙي علم گروي رکڻو پوي. امڙ لاءِ سڀ قربان!“ هڪ امڙ، هن جي ڳوٺ جي ڌرتي به هئي، انهيءَ امڙ لاءِ به هو ساڳي طرح قربان ٿيڻ لاءِ تيار هو. انهيءَ ڌرتي امڙ جي خدمت ۾ هو پنهنجو پهريون ۽ اخري عشق به وساري ويٺو هو. هن جي لائبريريءَ ۾ ٽي هزار ڪتاب هئا، اياز جا گيت هئا، شاهه جا بيت هئا، مهتاب محبوب جون ڪهاڻيون هيون، جيل جون ڊائرين هيون ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا نه محفوظ ٿيل هو. هن اهو سوچيو به ڪو نه هو ته هيءَ ٻوڏ ڇاهتر کان به وڏي تباهي آڻي سگهي ٿي. هنن ته پنهنجي حساب سان ڳوٺ بچائڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. سڀني ملي فيصلو ڪيو هو ته ڪير به ڳوٺ نه ڇڏيندو. اهي سڀ ملي جوهيءَ وارن وانگر پنهنجي حصي جي ڌرتي پاڻيءَ کي ڳڙڪائڻ ڪو نه ڏيندا. ڪير ٿر جي جل ٿل ٿيڻ کان ئي هي ڪم ۾ لڳل هئا. منڇر جي گدلي پاڻيءَ کي جرڪندو ڏسي هنن جي منهن تي مرڪون اچي ويون هيون، پر ان ڏينهن هنن جي همت، حوصلي ۽ محنت کي گهارو لڳي ويو، جي منڇر مٿان وهي اچي ها ته به هي ڪو نه ٻڏن ها. هنن پنهنجي ارد گرد بند کي ايترو مضبوط ضرور ڪيو هو، جو هو پاڻيءَ جي گهيري ۾ ضرور پئي آيا پر ٻڏن ڪو نه ها. رجب ساهه مٿ ۾ ڪري ڏينهن رات پاڻيءَ کي رستي ڏيڻ وارو ڊرامو ٽي وي تي ڏسندو رهيو، منڇر جي سطح خطرناڪ حد پار ڪري وئي هئي. پاڻيءَ جو سيمو به ٽي رهيو

هو. هنن جي ڳوٺ جا پوڙها بند تي ڪٿون رکي ڇاهتر جي ٻوڏ جا قصا ٻڌائي جوانن جو خون گرمائي رهيا هئا. لڙهندڙ ڪنوار جي لاش جي ذڪر تي هنن جي جسم ۾ اڃا گهٽي گرمي پئي آئي. هو مرندي مري ويندا پر پنهنجون ونيون ائين نہ لڙهڻ ڏيندا. رجبڀڳهيو ڪين پنهنجي گيتن جي پيٽا سان جوش ڏياريندو رهيو. هو ڪيترين ئي راتيون اڪين ۾ گذاري ويا هئا. رجب کي يقين ٿي ويو هو تہ پاڻيءَ کي ڪرمپور ڪان رستو ملندو تہ اڪين ۾ پريل سپ نندون هو خالي ڪري سگهندو، پنهنجي ڪوڏر ڇڏي هو قلم ڪٽندو ۽ پنهنجي ٻچي کي پڙهائيندو. هن ڪيترن ئي ڏينهن ڪان نہ پاڻ پڙهيو هو، نہ ئي ڪنهن کي پڙهائي سگهيو هو. هيڏي ساري تباهي ڏسي هن جي شاعر دل ملول هئي پر هن کي هن ڳوٺ کي بہ بچائڻو هو ۽ ان لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻو هو، اندر ۾ مرندي، ڳرندي ۽ اڪين مان آب وهائيندي بہ جيئڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي هئي. هو هونئن بہ جاکوڙي شخص رهيو هو ۽ هن جي فطرت هن کي مايوس ٿيڻ نہ پئي ڏنو. ڪرمپور جي ڪٽ جي ڳالهہ ٻڌي ان رات هنن ڳوٺ جي بند تي رات جو اوجاڳو ڪيو هو، ٻيا توڙي جوان ۽ ٻارڙا اتي گڏ ٿيا هئا. ڪرمپور ڪان ڪٽ ڏيڻ ۾ جيتوڻيڪ تمام گهڻي دير ٿي هئي پر وري بہ هنن کي آٿت ٿي تہ سپاڻي ڪٽ ايندو تہ سپ ٺيڪ ٿي ويندو.. هو سوچڻ لڳا تہ ”ويندو لڙ لهي، ٿيندڀون اکيون اڪين جهڙيون.“ ٻئي ڏينهن صبح جو ڪو بہ اطلاع نہ پئي آيو تہ ڪو ڪٽ لڳو يا نہ! پاڻيءَ جو سيمو وڌي ويو هو، منڇر بند تي دٻاءُ بہ گهٽو ٿي ويو هو، منجهند ڌاري هو اڃا ماني ٽڪر هٿ ۾ ڪٽي پهريون گرهہ پيچي رهيو هو تہ ٻاهران ڊڪ ڊوڙ ۽ سڏن جا آواز اچڻ شروع ٿيا، هن گرهہ اتي ئي رکي پٽ سميت ٻاهر ڊوڙ پاتي منڇر جي بند کي گهارو لڳو هو، ايترو پاڻي هو جو پنج منٽ بہ وڏا هئا، وچي ڳوٺ جي بند کي پهتو. هن کي يڪدم پنهنجي امڙ ۽ ونيءَ جو خيال آيو، هو ڊوڙي گهر ڏانهن ڀڳو، يا تہ هو پنهنجي شاعريءَ جي ڪتابن جا مسودا ڪٽي يا پنهنجي امڙ کي وٺي آهستي آهستي نڪري وڃي اڃا هو پنهنجي ٻچن ۽ امڙ کي وٺي گهر جي چائنٺ وٽ ئي پهتو هو تہ پاڻي هنن جي گهر ۾ داخل ٿي ويو. هن پنهنجي امڙ اتان ڪڍي ۽ هو جڏهن بند تي پهتو تہ پاڻي هن جي ڳوٺ ۾ چئن فوٽن تائين پهچي ويو هو، منڇر جو گهارو ڪنهن آبشار وانگر هر رڪاوٽ کي ٽوڙي اڳيان وڌي رهيو هو. پاڻيءَ ۾ ايتري تہ تيزي هئي. جو اڌ ڪلاڪ اندر سڄو ڳوٺ پاڻي هيٺ هو. هو ڌهن منٽن ۾ ڇا ڪٽي ها! پنهنجي زال جو سون يا امڙ. يا اُهي سپ ڪتاب ۽ پنهنجي شاعريءَ جي ڪتابن جا مسودا؟ هن رڳو ماءُ جو هٿ پڪڙيو هو ۽ پٽ کي چيچ مان وٺي آلين اڪين سان انهيءَ گهر جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل چائنٺ ٽپيو هو، جنهن گهر کي هن قرض وٺي ٺهرايو هو ۽ هن سمجهيو هو تہ هن پنهنجي ٻچي کي مضبوط اجهو ڏئي ڇڏيو هو. هن کي ياد پيو تہ هن اڃا ٻن سالن جون قسطون بہ پوريون نہ ڪيون هيون. هر پگهار مان اٺ هزار رپين جي قسط پريندي هن ڪيتري ڏکيائي سان گهر جو ڪنو گرم رکيو





هو، اهو صرف هن ئي ڄاتو ٿي، اهو گهر اڄ پاڻي هيٺ هو ۽ اها لائبريري، جنهن جي هڪ هڪ ڪتاب تي هن تاريخ لکي هئي ۽ ڪيترائي ڪتاب هن لنگهڻ ڪاٽي جمع ڪيا هئا، مهراڻ جا 1980ع کان وٺي اڄ تائين وارا شمارا.... ڪيئن نہ هو فخر سان انهن کي سانديندو آيو هو. سامهون اها ڊائري بہ پاڻي ۾ ٻڏي وئي هئي. جنهن ۾ هن جو هر ڏک ۽ هر پيڙا پوکيل هئي. ڄڻ هڪ ئي وهڪري ۾ نہ صرف هن جو قلمي پورهيو. تخليقي پورهيو لڙهيو پر هن جو پگهر ۽ رت ست بہ منڇر جي گهاري ۾ ٻڏي ويو هو، هو پنهنجي ڪٽنب سميت اچي بند تي ويٺو هو. تيز پاڻي هن جي لائبريريءَ کي ٻوڙي چڪو هو، ٻاهر ڪجهہ پنا، اڃا پنا بہ نظر اچي رهياهئا. هن کي اوچتو لڳو تہ ڄڻ اهي پنا هن جي نئين ڪتاب جي مسودي جا آهن. هو گهڻي دير انهن کي غور سان ڏسندو رهيو. ميندي لڳل ڪنوار انهن پنن جي ورقن تي ترندي هن کي نظر آئي. هن جي شاعري پنهنجي چولين جي گرم پاڪرن ڪان پهرين ڪنهن سرد پاڻيءَ ۾ لڙهي وئي هئي. هن چپ چاپ هڪ ٻيڙيءَ ۾ امڙ کي چاڙهيو ۽ ونيءَ کي ويهاريو، هنج ۾ پنهنجو ٻچو ڪنيو، ڏنڌلين اڪين سان ان ڳوٺ کي ڏسندو رهيو، هو ياد ڪندو رهيو تہ اياز جا مجموعا بچيا هوندا الاءِ نہ! اهي تہ ڪجهہ مٿي رکيل هئا ۽ هو پٽائيءَ جو رسالو بہ لڙهيو هوندو شايد، ان جي سهڻي اکرن جي بيتن جي قيد ڪان آزاد ٿي متان ڪنهن پار بہ پهتي هجي. هن ان مهل ئي اکيون اگهيون ۽ هو پنهنجي امڙ کي حوصلو ڏئي پٽ کي زور سان پاڪر پائي سيوهڻ ڏانهن ڏسڻ لڳو، شايد سهڻيءَ جو ٻيو پار سيوهڻ ئي هجي.

# ڪئمپ ڪهاڻي- 20

خيرپور ناٿن شاهه تائين چنگچي رڳو ڏهه رپيا وٺندي هئي. هن جو ڳوٺ شهر کي ايترو ويجهو هو، جو شام جو هن جو مڙس گڏهه گاڏي تي ڪير ڪٽي شهر ڏيڻ ويندو هو. نوران لغاريءَ کي ارمان هو ته آخر تائين سنڌن تر جي ايم پي اي ڪين لڏڻ نه ڏنو. هو ڪين آٿت ڏيندو رهيو ته ڪجهه ڪو نه ٿيندو. خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ پاسي وارن ڳوٺن کي ڪو به خطرو نه آهي، نوران چوڻ لڳي، ”بس ادي، وڏن ماڻهن جي جنگ ۾ اسان جو ڳوٺ ئي ٻڏي ويو.“ 9 ٻارن جي ماءُ نوران ڏسڻ ۾ بلڪل ننڍي نيٽي پئي لڳي. سنڌس وڏي ڌيءَ بلڪل سنڌس برابر جي پئي لڳي. هوءَ ڄامشوري ۾ سنڌ دولپمينٽ سينٽر جي سامهون واري ڪار پارڪنگ جي ڇانوَ ۾ ويٺي هئي. ڊپارٽمينٽ جي لان ۾ پاڻي جي پائيپ سان ڪپڙن سميت هڪ عورت وهنجي رهي هئي. سامهون شاگرد توڙي اسٽاف جا ماڻهو به ويندا هئا. مون نوران کي چيو ته ”ٻلا توهان ڳوٺن وانگر ڪٿ اپي ڪري ڇو نٿيون وهنجو؟ انهيءَ لان جي پاسي کان ٻوڙن پرسان هي ڪٿ پاسيري ڪري ويهي ته سگهجي ٿو.“ هن ٿوري دير منهنجي تقرير ٻڌي، پوءِ سامهون اشارو ڪندي چيائين ته ”سامهون ڪٿ جي اوٽ واري خيمي کي ڏس! اتي پنج ڇهه ڪتون اُپيون ڪري اُس کان بچاءَ جا خيما نهيل هئا، انهن هيٺان ننڍڙا ٻارِ ويٺل هئا، چيائين: ”اهي ئي ڪتون آهن اسان وٽ، جي وهنجڻ جي اوٽ ٿاهيون ته ٻچا اُس ۾ سڙندا.“ هو گذريل هفتي کان اتي ويٺل هئا. نوران جي پاسي ۾ سنڌس ڏيرياڻي به ويٺي هئي. هوءَ ڇانوَ جي تلاش ۾ ڪار پارڪنگ واري شيڊ ۾ اچي ويٺي هئي. سنڌس پير به اگهاڙا هئا. هوءَ ۽ هن جو مڙس مال وند ۽ زمينن وارا هئا. مڙس ٻني ٻارو ڪندو هو ۽ هوءَ گهر ۾ ڇهه مينهون ۽ پنج وڇون پاليندي هئي. سنڌس گهر ۾ ٽي وي فرج به هئا. ”هتي ڏس پاڻي کهڙو ميرو آهي. اسان جي ته هٿن ڌوئڻ تي دل نٿي چوي، اسان جي ”ملڪ“ ۾ پاڻي صاف هو، هتي ته اسان جا ٻار به بيمار ٿي پيا آهن.“ هو پنهنجي سردار عمران لغاريءَ جي آسري تي آخر تائين ويٺا رهيا، جڏهن پاڻي هنن جي ڳوٺن تان ورڻ لڳو ته، عمران لغاريءَ هن کي چيو ته پاڻي گهٽو آهي، توهان نڪري وڃو. نوران ڪير وڪڻڻ واري گڏهه گاڏي تي پنهنجا 9 ئي ٻار ويهاريا ۽ پاڻ به ويٺي. سنڌس ڳوٺ کي پاڻي گهيري ويو هو، هنن پنهنجون مينهون ۽ وڇون به ڇوڙيون، جيڪي هنن جي گڏهه گاڏي پويان هلڻ لڳيون. ٿورو اڳيان ئي مس پهتا ته پاڻي وڌڻ لڳو. پاڻيءَ جي گوڙ ۽ وهڪري تي مينهون ٿهڻ لڳيون ۽ سڀ کان اڳيان هلندڙ مينهن ٻئي





پاسي نڪري ويئي. يڪدم نوران رڙ ڪري مڙس کي ٻڌايو ته ”پٺاري پوري مينهن مڙي وئي آهي. ان پويان ٻيون به پيون وڃن.“ هن جي مڙس دير ئي نه ڪئي. گڏهه گاڏو زال حوالي ڪري ڪٽي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏنائين، ۽ مينهن پويان ويو ته پاڻي هن جي ڳچيءَ تائين اچي پهتو، نوران جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو. هن جون مينهون ته ويون، پر مڙس به پئي ويو. نوران ان مهل ئي روئندي مڙس کي رڙ ڪئي ته ”واپس ٿي، پاڻي ڪٽي ويندءِ! هو ڳوٺ کان گهڻو اڳيان نه نڪتا هئا. سنڌس مڙس مينهن کي وڃائڻ نه پئي چاهيو، هو اتي ئي بيٺو رهيو. نوران کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪري!! هن وري مڙس کي رڙ ڪري چيو ته ”تون واپس نه ٿيندين ته مان به تنهنجي پويان پاڻيءَ ۾ لهان ٿي....“ ان گهڙيءَ کي ياد ڪندي هن جو ڳلو ڀرجي آيو. هن پيار مان اپي ڪٿ هيٺان ويل پنهنجي مڙس ڏانهن ڏسندي چيو ته ”ادي مينهون گهوريون مڙس تان، منهنجو ساهه پئي ويو پنهنجي مڙس کي ڳچيءَ تائين پاڻيءَ ۾ ڏسي، هي منهنجي ٻچن جو پيءُ آهي. مون يڪدم گڏهه گاڏو واري ڳوٺ ڏانهن رخ ڪيو. مينهون منهنجون پاليل آهن، مڙس به مڙي آيو، اسين واپس ڳوٺ پهتاسين، ڳوٺ ۾ گهڻو پاڻي نه هو، رڳو پير پسائڻ جيترو پاڻي هو. اڃا اسان اتي پهتاسين ئي مس ته ٿوري دير ۾ ئي سڀ مينهون اچي گهر پهتيون. سيني پٺارين کي ڏسي منهنجي دل وڏي ٿي وئي. اسان جو گهر ٿورو مٿانهينءَ تي هو، چوڦير وڏو پاڻي هو، هاڻي هتان نڪرڻ ناممڪن ٿي ويو هو، گڏهه گاڏو به هلي نه سگهي ها پر پيڻ، مينهون به ٻچن وانگر آهن، تون پيڻ آهين، منهنجا پير اگهاڙا آهن ته مون کي ڏک نه آهي، پر منهنجي مينهن بکي هوندي ته منهنجي هنيانءَ کي جهوٻو ٿو اچي.“ هو ڳوٺ ۾ رهجي ويا هئا. آخر هڪ ڏينهن کان پوءِ هڪ ٻيڙي هنن تائين پهتي. ٻيڙيءَ ۾ ڪو به سامان کڻڻ جي اجازت نه هئي. تنهنڪري ئي گڏهه گاڏي تي رکيل چند ان جون ٻوريون، ٿانون ۽ ڪپڙن جو پڙيون به هو کڻي نه سگهيا هئا. هوءَ ته نڪري آئي هئي پر هن جو ڇهه مينهون چار وڇون ۽ هڪ گڏهه پويان رهجي ويا هئا، انهن جو فڪر به ڪين گهٽو هو. هن جي گهر واري مينهن کي ڪڍڻ لاءِ ٽوبي سان ڳالهايو، سڄي ڳوٺ جو مال پويان هو، ٽوبي ڏهه هزار رپيا پئي گهريا، انهن وٽ ان مهل ڏهه هزار روڪ رقم نه هئي. آخر هڪ وچ ٽوبي کي باسي وئي. هو پوري ڪلاڪ جي مفاصلي تي ڪڙ وجهي سڀ مينهون ڪڍي آيو. هن هڪ مينهن کي رسي وڌي. انهيءَ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان جي پويان سڀ پٺاريون ترنديون نڪري آيون، ٽوٻو هڪ هڪ گهر جي مينهن ڪڍڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻي ۾ رهيو. نوران کي اطمينان ٿيو ته هن جون مينهون بچي ويون، هڪ وچ وئي ته خير آهي، ڳوٺ مان نڪري هو بند تي ويٺا رهيا. سنڌن ايم پي اي ٻن ڏينهن تائين نه پهتو، نيٺ پاڻي خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ به داخل ٿي ويو. سواري ڪٿي به ڪا نه هئي. هنن ٻن ڏينهن کان پوءِ مال ڪاهي پنڌهلڻ شروع ڪيو. چئن ڏينهن ۾ هو سڀ منزلون ڪندا سيوهڻ پهتا. ڪين پڪ هئي ته سيوهڻ بچي ويندو. پر سيوهڻ شهر ۾ به خوف هو، هن سيوهڻ ۾ پنهنجون به وڇون ٻيون به ڪپائي ڇڏيون هيون. اتان ئي هنن ڪجهه ٿانوَ ۽ ڪٿون به ورتيون

هيون، پر هاڻي سيوهڻ ڇڏڻ لاءِ ڪين گاڏيءَ جي ڀاڙي لاءِ اجا هڪ مينهن کپائڻي هئي. هنن جي لک رپين جي مينهن ان ڏينهن ڏهه هزار رپين ۾ وڪامي هئي. هو هڪ مزدا گاڏي ڪرائي اچي ڄامشوري پهتا هئا. سندن دربدريءَ کي هفتو ٿيو هو. هتي هنن کان پهرين ئي هر روڊ ۽ وڻ "آباد" هو. آخر هو سنڌ يونيورسٽي جي آسپاس سيوهڻ مان ورتل ڪٽن جي آسري ويهي رهيا. نوران پاڻ ته بک مري پئي سگهي پر پنهنجي مينهن لاءِ هو ڪجهه به برداشت ڪري ڪا نه پئي سگهي. آخر هن ڏاتو هٿ ۾ ڪنيو ۽ ماڻهن جي گهرن ۾ وچي لان جي آسپاس ڦٽل گاهه ڪري هوءَ مينهون پالڻ لڳي. جڏهن هن پئسن جي شڪايت ڪئي ته مون ڪيس چيو ته "تنهنجون به مينهون ڪير واريون آهن، تون انهن جو ڪير چو نٿي کپائين؟ " هن يڪدم آسپاس ٻارن جي هجوم تي نظر وجهندي چيو ته "هي هنن مينهن جي ڪير آسري ئي ته آهن. ماني ملي، نه ملي پر هنن کي مان ڪير ضرور ڏيندي آهيان." اتي ڪجهه جيڪب آباد جون ٻروچاڻيون به ويٺيون هيون. تن سندس "ها" ۾ "ها" ملائي. هو ڪير ڏهي، اتي سيني ننڍڙن ٻارن ۾ ورهائي ڏيندي هئي. هنن درد وندين جو پاڻ ۾ دربدريءَ جو رشتو هو، جو هڪ هفتي اندر ئي هنن جا ٻار نوران جا ٻار ٿي ويا هئا. ڪجهه ڏينهن گذريا ته نوران گاهه ڪندي نظر نه آئي. هڪ ڏينهن سندس ڏير نظر آيو، نوران جي ذڪر تي، هو ڏڪارو ٿي ويو، "ادي، ويچاريءَ جي طبيعت ٺيڪ نه آهي، هن جون مينهون هليون ويون آهن." مينهون ڪيڏانهن وڃي سگهن ٿيون؟ نوران چپ ڪري سامهون بيٺل مينهن کي ڏسندي رهي. هن جون ٻئي ڪير واريون مينهون هو پاڻ ئي گاهه چارڻ لاءِ آس پاس جي ٻوڙن ۾ وٺي وئي هئي. رستي تي هڪ جاءِ تي مينهون ڇڏي هن هڪ بنگلي اندر لان ۾ وڌيل گاهه ڪرڻ چاهيو، مالڪن ڪيس اجازت ڏئي ڇڏي، اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن هوءَ ٻاهر آئي ته مينهن جو پتوئي نه هو. هوءَ سڄي علائقي ۾ ڳولهي واپس پنهنجي اپي ڪٽ واري خيمي تي به پهتي، پر مينهن نه ملي. سڄي رات هن اکين ۾ گذاري. ان رات ڪير نه ملڻ ڪري اوسي پاسي سڀ ٻار روئندا رهيا. نوران ۽ ان جي مڙس هر ڪنهن کان پڇيو پر ڪين ڪنهن به ڏس پتو نه ڏنو. هن جي هڪ مينهن جو سيوهڻ ۾ پاڏو به ڄائو هو. هن ڏک مان چيو، "ڏس امان، ٻچن کان ماءُ جدا ڪبي ته ڏکي ٿيندو، هي بي زبان جناور به اسان کي پٽيندا هوندا. اسان اجا سيوهڻ نه پهتا هئاسين ته اهو پاڏو ڄائو هو. امان، مون کي هڪ ٻچو ٿيڃ تي آهي. آئون اهو پنهنجي پٺ کي ڏئي، ان پاڏي کي ٻانهن ۾ کڻي پنڌ هلي هيس. منهنجون ٻانهون به شل ٿي پيون هيون پر مون ان کي ڇڏڻ به نه پئي چاهيو. آخر منهنجي مڙس چيو ته پاڏو ڇڏ اتي رستي ۾! امان مان هن ٻچڙي کي ڪيئن رستي ۾ ڇڏيان ها. منهنجي نماڻي پوري مون کي ڏسي رهي هئي. مان بي زبان جو ڏک سمجهان ٿي، پر هاڻي هيءَ ڪيس ٿي ويو، روز ڪير مهل پاڏو رنڀي ٿو، پنهنجو ملڪ هجي ها ته ڪٿان نه ڪٿان وڃي مينهن ڳولهي اچون ها، پر هتي اسان لٽيلن، بي زبانن ، توڙي ٻارن جو ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟.





# ڪئمپ ڪهاڻي-21

هو هجوم ۾ نڪري آيون هيون ۽ هنن جي هٿن ۾ شناختي ڪارڊ هئا، هنن ڪجهه به نه پئي ڳالهايو، رڳو شناختي ڪارڊ ئي هنن پاران ڳالهائي رهيا هئا. هنن کي ائين لڳي رهيو هو ته جي هنن وٽ ڪارڊ نه هوندو ته ڪا امداد ته پري جي ڳالهه، ڪو ساڻن ڳالهائڻ به شايد پسند نه ڪندو. سندن اگهاڙا پير، ڪليل آسمان هيٺ رهڻ سبب سندن اُس ۾ لوساٽيل چهرا شايد ڪافي نه هئا، جو هاڻي ڪين وري پنهنجي تباهي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪارڊ به پئي کپيا. ريشمان ڪوسو وٽ ڪارڊ نه هو. هوءَ چوڻ لڳي ته "امان، اسان جهنگ جا ماڻهو، ڪارڊ ڪٿان آڻيون؟ هاڻي چون ٿا ته ڪارڊ ڪڍي اچ ته رجسٽر ڪريون!" اها سانوري ريشمان ڪوسو ويهه ڏينهن اڳ بت ۾ پريل مضبوط عورت هئي، پر اڄ هوءَ اڌ ڳري چڪي هئي. هنن ڪئمپن ۾ ڪين ايترو ئي ڪائڻ لاءِ ڏنو ٿو وڃي. جو هو صرف ساهه کڻي سگهن. ريشمان جو مڙس گم هو ۽ سندس پنهنجي هن ملڪ ۾ ڪا شناخت ڪا نه هئي، نادرا وارن ڪيس چيو هو ته هو خاندان جي ڪنهن مرد جو ڪارڊ، پاءُ يا پيءُ جو ڪارڊ ئي کڻي اچي ته پوءِ سندس ڪارڊ ٺهي سگهندو. هن جو پيءُ ۽ ڀائر ٻوڏ کان پهرين ته هن جي ڳوٺ ۾ ئي رهندا هئا پر ٻوڏ انهن کي ڌڪي وڃي نصير آباد لڳ ڪنهن ڳوٺ ۾ پهچايو هو، ٻوڏ جتي هنن جا گهر لوڙهيا، ور لوڙهيا، اتي شناختي ڪارڊ ڪيئن ٿا بچي سگهن؟ پر نادرا آفيس وارا سندن ڪجهه به نٿا ٻڌن. هن جي چئن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ کي ڪئمپ ۾ ته ماني ملي رهي آهي، پر واپسيءَ لاءِ ڀاڙي ڪرايي لاءِ ته هنن کي وطن ڪارڊ پئي کپيو، هن ٻوڏ ڪيترين ئي عورتن جا ور ٻوڙيا هئا، ۽ هو هاڻي سڄو ڏينهن "ڪارڊ-ڪارڊ" ڪنديون ٿيون وتن، ويهه هزار رپين ڪين احساس ڏياريو آهي ته پلي ست پيڙهيون هو ان ڳوٺ ۾ ئي رهيون هجن پر بغير ڪارڊ جي هو ڪو به ملهه نه ٿيون رکن ۽ خاندان جو سربراهه، جيئن ته هو نه آهن، تنهنڪري نادرا وارا ڪين نئون ڪارڊ جاري نه ڪري رهيا آهن. هنن جي درد ڪٿا اجا پوري ئي ڪا نه ٿي هئي ته مٿان جيئندا اچي بيٺي هئي، ڪارڊ هن وٽ به ڪو نه هو، هوءَ عورتن جي هجوم ۾، هيڏي گوڙ ۾ به چپ چاپ هئي. ائين پئي لڳو ته، ڪنهن هن کان پڇيو ته هوءَ روئي پوندي. ٿوري دير ۾ هڪ پوڙهيءَ هن کي وٺي وڃي هڪ پاسي تي ويهاريو هو. هتي اهڙي ته بک آهي، جو سالن کان ساڳين ڳوٺن ۾ گڏ رهندڙ به هڪ ٻئي جا حال پاڇي ڪو نه پيا ٿين، غير يقيني پنهنجي عروج تي نظر پئي اچي. ڪارڊ واريون عورتون توڙي بغير ڪاردن

وارن ڪي رحم جوڳي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. جيئندا ڪي ڪير به پڇي نه رهيو هو. جن عورتن جا پير اگهاڙا هئا، اهي پيرن لاءِ چپل جي ڳالهه ڪري رهيون هيون. ڪنهن کي ٽانوَ پئي ڪپيا. هن کي ڇا پئي کپيو؟.... بس به رليون يا ڪمبل.... پر ڇا لاءِ؟ هن سا‍ڙيندڙ اُس ۾ هوءَ رلين يا ڪمبل کي ڇا ڪندي؟ هن جي سس چيو ته، اسان وٽ ڪٿون هونديون هيون ۽ رليون به پنهنجون پاڻ ٺاهيندا هئاسين. هن جي پوڙهي سس، جيڪا هن کي وٺي پاسي تي ويهاري وئي هئي، ان وڏيڪ ٻڌايو ته، هن جو ننڍڙو ستن سالن جو پٽ بيمار آهي ۽ ٻن سالن جي ننڍڙي ڌيءَ کي رات وچونءَ ڏنگ هنيو آهي ۽ ان مهل کان هن مهل تائين جئيندا روئي پئي. رڪي رڪي هن کي پنهنجي گهر جون پندرنهن ڪٿون ياد اچن ٿيون. سندس سس چيو ته، ”ٻه راتيون اڳ اسان ڪئمپ جي وچ واري روڊ جي ٿورو ويجهو سڌي زمين تي ستيون پيون هيون، ته ڪجهه آواز ڪنن تي پيا. اٿي ڏسون ته هيڏو سارو نانگ ڪر ڪنيو ويٺو هو پر مان سري وٺي پڳيس. اسان ته الاءِ ڪهڙي جاءِ تي پهچي ويا آهيون. امان، مان ته وري به ڪچي نند واري پوڙهي هيس، جو اٿي پيس، ڪو ٻار هجي ها ته ڇا ٿئي ها؟“ هن خيمن ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، ”ڏس! سڀ پٽ تي پيا آهن. ننڍا ننڍا ٻچا رات ئي ننڍڙي ڪي مئو وچون ڏنگ هڻي ويو، پوءِ ريهون هيون. سڀ ماڻهو اٿي ايا ٿي ويا. ماڻهن سمجهيو ته ڪا بلا آهي، ٻار جي اڌ رات جي دانهن ٻڌي ويچاري سراپجي وئي آهي.“ هوءَ پنهنجي ننهن جي پريشان حال رويي کي بيان ڪري رهي هئي. جيئندا کي ڪا به پرواهه ڪا نه هئي. ته ڪا ماڻهو ڪيس چريو پيا سمجهن. هوءَ يقينن ڳاڏين پويان ڊوڙندڙن، ڦري ڪائيندڙن جي هن هجوم کان مختلف هئي. مانيءَ جي باري ۾ هن ڪجهه به نه پئي ڳالهايو، هوءَ به خيرپور ۽ ميهڙ جي وچ واري علائقي جي رهندڙ هئي. هن کان ڪنهن پڇيو ته تنهنجو ڳوٺ ڪهڙو آهي؟ ته چيائين، ”ٻوڏ ۾ ٻڏل ڳاڙي هيٺان ڪهڙي خبر ته ڪٿي هوندو؟“ سندس سس ٻڌايو ته هوءَ رليون به ٺاهيندي هئي ۽ ڪٿون به واٽيندي هئي. هن جي گهر ۾ مڇن جي واڻ جون واٽيل پندرنهن ڪٿون هيون. واڻ وٽڻ، توڙي وٽيون ٺاهڻ، سڀ ڪم هو گهرن ۾ ڪنديون هيون. جيئندا ماڻهن کي پئسن تي مڇن جي واڻ جون ٻٽي زنجيريءَ واريون ڪٿون واٽي ڏيندي هئي. هن جي هٿن جون آڱريون، ننهن وٽان ڦٽيل هيون. شادين جو ڪٿون پورو ڳوٺ هنن کان ئي واٽائيندو هو. جنهن جو اجورو هوءَ هزار رپيا وٺندي هئي. هوءَ واڻ کي رنگ ڏئي خوبصورت نمونن جون ڪٿون واٽيندي هئي. پر هتي هن جي ستن ٻارڙن مان اڄ به ٻار بيمار هئا. وڇونءَ جي ڏنگيل ننڍڙي کي به بخار هو پر هن جي ٻئي پٽ کي ڏاڍو تيز سيءَ وارو بخار هو ۽ هن وٽ رلي ئي ڪا نه هئي. جو هن کي ويڙهي ها يا وڇائي ٻئي ننڍڙي کي سمهاري ها، هوءَ به رليون ان لاءِ پئي گهري ته هڪ رليءَ جي هوءَ لڪڙا هٽي اهڙي پينگهه ٺاهي ها، جنهن ۾ پنهنجي ٻن سالن جي ٻار کي زمين کان ٿورو مٿي ڪري سمهاري ها ۽ ٻيءَ سان پنهنجي پٽ کي ڍڪي سگهي ها. جڏهن هن جي پٽ سيءَ جي پئي رڙ ڪئي ته هن يڪدم رئو لاهي ان کي پئي ويڙهيو، تنهن ڪري





راشن، ڳاڙي هن کي ڪو نه پئي کپيو، بس سڄي زندگي رليون ٺاهيندڙ ۽ ڪٿون واٽيندڙ جيئندا کي پنهنجن ٻچن لاءِ پراڻيو سراڻيون رليون ئي پئي کپيون، ان ڏينهن شام جو ڪليل آسمان هيٺ لڳ، سڀ خيما هڪ جهڙا هئا. ڪو هن لاءِ چار رليون ڪٽي آيو، پر ڪيس ڪيئن ڏئي؟ ڪهڙي خبر ته جيئنداد جو خيمو ڪهڙو آهي. جيستائين جيئندا اچي، ماڻهن جا هجوم گڏ ٿي ويا. ڪير ڳالهه ٻڌي ئي ڪو نه پيو ته جيئندا جا ٻچا بيمار آهن. هن جون صرف چار رليون آهن .ان کي ڏيڻ ڏيو، ٻڪ، انسانيت ڪي ڪائي وئي آهي، جيئندا کي مشڪل سان جڏهن چار رليون هٿ ۾ ڏنيون ويون ته اڪ چنبي ۾ هجوم هن مٿان هو، هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ هٿن مان رت وهي رهيو هئس. رليون ڪسي هجوم پاسي تي ٿيو ته هن ڏک ۾ چيو: ”اڄ هنن رليون ڪسيون آهن، سياڻي منهنجا ٻچا مري ويا ته هي ٻچا ئي نه ڪائي ڇڏين.“ سندس پير ۾ ويٺل ٻيڏڙي سس به جهري پئي هئي. هن ننهن جي ڳالهه سان سهمت ٿيندي چيو ته، ”امان، هاڻي ماس پيا مارين، پوءِ ساهه پيئندا. اسان ته ٻچن جي قبرن لاءِ به ڊنل آهيون ته مٿان مردا به نه ڪوٺجي وڃن.“ جيئندا کي رليون نه مليون ۽ ٻئي ڏينهن ڪئمپ ۾ خبر پئي ته هڪ ٻار فوت ٿي ويو، ڪنهن کي به خبر ڪا نه هئي ته ٻي خيمي ۾ ڪير مئو هو. هڪ خيمي واري چيو ته، ”مون کي ناهي خبر ته ڪا فوتگي ٿي آهي.“ ڪنهن چيو ته، ”ها ٻڌو هئوسين ته ڪو ٻار گذاري ويو آهي، ٿورو اڳيان آهن، اهي گهر، ”اڳيان پڇا ڪرائي ته چيائون ته، ”ها، خبر ٻڌي هئي پر اها خبر نه آهي ته ٻار ڪنهن جو هو“. اڌ ڪلوميٽر ۾ موجود انهن ماڻهن کي ڪا به خبر ڪا نه هئي ته اهي ڪير ماڻهو هئا. جن وٽ فوتگي ٿي هئي. ستن اٺن سالن جو ٻار اجل جو شڪار ٿيو هو پر ڪنهن کي ڪا به خبر ڪا نه هئي. آخر پريان جبلن تان چند مرد، جيئندا ۽ سندس سس آهستي آهستي هلندي نظر آيون. جيئندا هميشه وانگر خاموش هئي. سندس سس ڏک مان آهستي چيو ته، ”امان هي هاڻي آدم خور ٿي ويا آهن، ڪالهه هنن يتيمن جون رليون به ڪسي ورتيون هيون. مون کي ته ڊپ آهي ته هي لاشن کي به ڪڍي ڪپائي نه ڇڏين. تنهن ڪري ئي اسين چپ چپات ۾ دفنائي آياسين. ڪنهن وٽ هتي اڇو رئو به نه هو. جو ڪفن ڏيون ها. سڄي رات مون هڪ هڪ خيمي واري کان پڇيو، پر ڪنهن به ورائي نه پڇيو ته اڇو رئو ڇا ڪندين؟ آخر صبح جو جيڪي صاحب آيا، انهن کي منٿون ڪيون سين، اهي ڪفن وٺي ڏئي ويا.“ ٻنهي سس ننهن جي اک ۾ هڪ ڳوڙهو به نه هو، هو رڳو ان معاملي ۾ ئي پوريون هيون ته هن کي ڪفن مليو ۽ هو خاموشيءَ سان پنهنجو ٻچو دفنائي آيون هيون. جيئندا چوڻ لڳي ته، ”هاڻي مون کي ڪجهه به نه کپي، بس هنن ماڻهن مان ٻاهر ڪڍو.. ڪنهن رستي تي ڪنهن پل هيٺان به ويهنديس. باقي مان هتي نه ٿي رهڻ چاهيان.“ اندران خيمي مان هن جي ٻئي پٽ جي روئڻ جا آواز پئي آيا. اهو به شايد اڃا بيمار آهي پر جيئندا ٿڪجي پئي هئي. هوءَ روئندڙ ٻار کي ٿڃ ڏيندي اکيون بند ڪري ويٺي هئي.

# ڪئمپ ڪهاڻي-22

هوءَ خوبصورت ته ڪا نه هئي، نه ئي هن جي ڪڙم قبيلي جي ٻي ڪا عورت روايتي حسن جو شاهڪار هئي. هن جا پورهيت هٿ سخت هئا ۽ پيرن جون ڪڙيون ڦاٽل ۽ ڪل ايتري سخت، جو جون مهيني جي اُس ۾ به اگهاڙي پيرن هلي ته به سڙن ڪو نه پيا. هنن وٽ عمر جو ڪاتو رڳو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، ٻار، عورت ۽ پوڙهي، عورت ٻار پيدا ڪرڻ واري عمر ۽ پوڙهي ٻار نه پيدا ڪرڻ واري عمر، ۽ ٻار صرف ٽن سالن تائين آهي. ٽن سالن جي عمر کان پوءِ ٻارڙيءَ جي ڪپڙن سان گڏ پوتي به ٺاهي وجي ٿي ۽ هن کي ننڍن پائرن پينرن کي ڪٽي ڪيڏائڻ، ريجهائڻ پاڙهي اچي وجي ٿو. تنهن ڪري ڪين ڪا به خبر نه آهي ته ٻالڪپڻ به زندگيءَ جو هڪ حصو آهي. هاني بنگلاڻي ته اجا ماءُ جي پيٽ ۾ هئي ته سندس پيٽ لکي ڏنو ويو هو. هوءَ ڄائي هئي ته ڇٺيءَ تي سندس سس هن کي ننڍڙو ڳاڙهو ڳانو به ٻڌو هو، اها نشاني هئي، سڀو هو ان سَسُ جو، جيڪو هن جي ڄمڻ کان پهرين ئي هن جو نصيب ٿي چڪو هو. هن جي ماءُ جو پيٽ لکيل هو، هن جي ڄمڻ جو انتظار هو، هن جو نالو به هن جي ٽيڻ واري سس ئي رکيو هو. هوءَ ستن سالن جي مس ٿي ته هن جو نڪاح ٿيو هو ۽ نون سالن ۾ پنهنجي پڦي هن کي پنهنجي ”اصلي گهر“ وٺي وئي هئي. هن کي ڄمڻ کان ئي ڄاڻ هئي ته هو ڪنهن جي امانت آهي. سس جي گهر ۾ به هوءَ پهريان ٻه سال ته پنهنجي سس جا ٻار سنڀاليندي رهي. هن جو مڙس هن لاءِ شهر مان پلاسٽڪ جون چوڙيون ۽ نئين جتي به وٺي آيو هو. هن ٻنهي ٻانهن ۾ چوڙيون ڪڏهن به ڪو نه پاتيون هيون. نه ئي ڪاري فيشني ٻه پٽي چپل هن ڏٺي هئي. ان ڏينهن هوءَ اميد سان ٿي هئي ۽ سندس مڙس پيار مان ڪيس چوڙيون ۽ چپل وٺي ڏني هئي. هوءَ هاڻي ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ به وڃڻ لڳي هئي. سندس سس کي ٽي مهينا پهرين پٽ ڄائو هو ۽ ان جي جاءِ تي هوءَ ئي گهر جي مردن سان گڏ ڦٽيون چونڊڻ يا لاپ ڪرڻ ويندي هئي. هن کي جڏهن پريو مهينو ٿيو ته اها سارين جي رونبي جي موسم هئي. اهو هنن لاءِ سخت پورهئي جو وقت هوندو آهي. هوءَ ”پهريات“ هئي. ايتري ساري پيٽ سان رونبو ڪرڻ تي هن کي ڪک ۾ سور ٽيڻ لڳو هو، پر هن جي پر ۾ سسٽس سان ماءُ به گڏ ڪم ڪري رهي هئي. هوءَ ٿڪجي ٿوري دير پاسي تي ويهي رهي هئي ۽





اتي ئي سندس اک به لڳي وئي. مڙس جي رڙ تي هوءَ اٿي هئي. اڌ پاچا گپ ۾ پريل ۽ گهگهو ميرو گر جهڙو پائي وڻ هيٺان رکيل گاهه جي پريءَ تي هوءَ ليٽيل هئي. هن جي مڙس جي اکين ۾ رت لهي آيو هو. هن کي سمجهه ۾ ئي ڪو نه پئي آيو ته آخر ڪهڙي غلطي ٿي وئي؟!! هانيءَ کي ڏڪٽي وٺي وئي، ۽ اتي ئي سندس ڪُک جو سور ويم جي سور ۾ بدلجي ويو. سندس ماءُ ۽ ٻين عورتن ڪيس همت ڪري گهر تائين پهچايو. ڪيس پاڻ جهڙي ڌيءَ ڄائي هئي. هن کان ڌيءَ کي ڏسڻ به وسري ويو هو. هوءَ اجا به پريشان هئي ته آخر سندس گهر واري کي ايتري ڪاوڙ ڇا تي آئي هئي! ان رات سندس مڙس ڪيس ٻڌايو هو ته جڏهن هو ستل هئي ته هن جو ٻيو پڦاٽ ڪيس غور سان ڏسي رهيو هو، آخر اهو ائين وڻ هيٺيان ڇو پئي هئي؟ جي ڪيس سور نه پون ها ته هو هن کي ان مهل ئي ڪهاڙيءَ مان ڪدي ها، ۽ جبل خان کي به جيئرو ڪو نه ڇڏي ها. سندس سس سراپجي وئي. جبل سندس ٽيڻ وارو نياٽو هو. هو هن جي پيڻ جو پٽ هو، هن جي ڌيءَ اجا ستن سالن جي هئي ۽ جبل ويهن سالن جو جوان هو، آخر اک هيڏي هوڏي ٿڙڪيس ته ڪهڙي قيامت اچي وئي! هن کي به پنهنجي ننهن تي ڪاوڙ آئي ته ٺ واٽي تي آخر ڇو ستي پئي هئي! هوءَ هڪ دفعو به شهر ڪا نه وئي هئي، نه ئي هن ڪڏهن اسپتال جو منهن ڏٺو هو. هن جو هڪ ئي سفر هوندو هو، بيماريءَ جو تعويذ وٺڻ لاءِ هو پاسي واري ڳوٺ ۾ مرشدن وٽ وينديون هيون. ان ڏينهن هو صابڻ سان وهنجي تيل ڦليل ڪري، جتي پائي نڪرنديون هيون. ڪٽي بيمار ٻار لاءِ ڌاڳو وٺڻو هجي پر هو تيار ضرور ٿي ويندون هيون. مرشدن جي ڪشادي حويليءَ ۾ صاف فرش تي ويهي ڪين ڏاڍو مزو ايندو هو. آسپاس جي ٻين عورتن سان ڏيٺ ويٺ به سندن اتي ئي ٿيندي هئي. اتي ئي هن لاءِ پت چڙهندو هو، جنهن کي هو ”رب شريف“ چونديون هيون. اتي ئي ڪين خبر پوندي هئي ته سائين ڪراچي اسهيل آهن يا بيبيون به ڪراچيءَ ويل آهن. اتي ئي هنن ڪراچيءَ جو نالو ٻڌو هو، سندن مرشد، شاهه عبداللطيف رحه جي درگاهه جا مريد هئا. جڏهن ٻوڏ هنن کي اچي سوڙهو ڪيو، جيڪب آباد ٻڏو، پاڻي کي رستو ڏيڻ لاءِ جعفر آباد باءِ پاس ٽوڙي وئي ته پاڻي مينهن واءُ ڪندو اچي سندن ڳوٺ به پهتو. ان مهل نه پئي ڪنهن کي جتي ملي، نه ٻار پئي مليا. هنن ٽڙ تڪڙ ۾ ڪجهه ان، چانور ۽ ٿانوَ ۽ ڪپڙا ٻڌا، ڳوٺ جا ڪجهه ماڻهو گاڏي ڪرائڻ ويا هئا. آخر هڪ ٽرڪ پهتي. ڏهه گهر هڪ ٽرڪ ۾ هئا. سڄي واٽ سڀ مرد صلاحون ڪندا رهيا ته ڪيڏانهن وڃجي؟ ڪراچي جو رستو ته ڪليل هو پر ڪوئيٽا جو بند ٿي چُڪو هو. آخر گهٽي صلاح کان پوءِ هنن فيصلو ڪيو ته ڀٽ شاهه جي درگاهه تي وڃي ٽا ويهون، ڪراچي وڏو شهر هو ته جبلن جا اٻوجهه ماڻهو ڪٿي گم ٿي نه وڃن. هنن اچي ڀٽ شاهه ۾ ديرو ڄمايو، لنگر مان هو ڏيڍ سئو ڪن ماڻهو به کائيندا رهيا. نيٺ هنن کي اتان لڏڻو پيو ۽ وڃي اسڪول ۾ ويٺا ماڻهو ڪين سمجهائيندا رهيا ته وڃي شهر ۾ ويهو، پر هو ڪنهن ٻي ”قوم“ سان

گڏ ويهڻ نه پيا چاهين، نه ئي هنن وٽ ڪي ڪارڊ هئا، جو هو رجسٽر ٿي سگهن، نه ئي هنن کي اها سمجهه هئي ته رجسٽر ٿيڻ جو ڇا فائدو آهي! مهيني ڪن ۾ هنن کي آس پاس جي علائقن جي ڄاڻ به ٿي، ڪڙمي ماڻهو هئا، وڃي فصل ڄاڄيائون. هاني ۽ ٻيون عورتون پنهنجي مردن سان گڏ ڦٽين چونڊڻ لاءِ نڪتيون. هو روز جي حساب سان ٽيهه رپيا ته ڪمائي پئي ويون، هڪ ڏينهن هاني پٽ سائين جي درگاهه تان سائي رنگ جا ٻه چوڙا ورتا. ڪيترا ڏينهن ٿيا هئا. جو هن جي ڪراين چوڙيون نه ڏٺيون هيون. آس پاس مان ملندڙ صابڻ سان هن گهگهو به ڌوئي پاتو ۽ مهيني ڪن ڪان هن راهڪي ڪا نه ڪئي هئي ته هن جو رنگ به ٿورو صاف ٿيو هو. پهريان پندرنهن ڏينهن ته هوءَ اسڪول جي عمارت ڪان ٻاهر نڪتي ئي ڪا نه هئي. ڦٽين جو ٻڌي هن جي به دل چيو ته پنج رپيا ڪمائي اچان. سو هوءَ به ان ڏينهن ٻين عورتن سان گڏ نڪتي هئي. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ لڳي وئي هئي. هنن جا مرد ڪنواريون ڇوڪريون ٻاهر ڪو نه ڇڏيندا آهن. هن سان گڏ چند پوڙهيون هيون ۽ هن جهڙيون ٻه ٻيون زائفائون به هيون. هو ٻنيءَ جي مالڪ جو احترام ڪنديون هيون. ان ڏينهن به هن جو ڪمدار ڪيس سڏڻ آيو، هوءَ چون چوران ڪانسواءِ هلي آئي. هن سوچيو ته آخر مالڪ جو ڪم هوندو يا ڪنهن ٻي واريءَ تي ڪيس لڳائيندو. هوءَ ڪانپو چوڙي پاسي تي رکي پوتي وارن پويان ورائي هلي پئي. ڪيس ڪا ڪل ئي ڪا نه هئي ته هن سان ڇا ٿيڻ وارو آهي. نه ئي ٻين زائفائن انهيءَ ڳالهه جو نوٽيس ورتو. جڏهن اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ هاني واپس پهتي ته هوءَ چوندو شروع ڪرڻ بجاءِ سس ۽ ٻين زائفائن جي وچ ۾ ٻيٺي. سندس سس، جيڪا هن جي پڦي به هئي. ڪي ڏسي هانءُ ئي ڇڄي پيو. سندس سس سڄي ڳالهه سمجهي وئي، هن وٺي گوڙ ڪيو هو. پورهيت عورتون هيون، هتي محنت لاءِ آيون هيون ۽ سڄي زندگي هنن محنت ڪئي هئي پر اهڙي ويڌن هنن سان ڪڏهن نه ٿي هئي، هنن جو غصو خوف ۾ بدلجي چڪو هو. هانيءَ جو مڙس توڙي ٻيا سڀ تپي باهه ٿي ويا هئا. ڳالهه تيزيءَ سان پکڙجي وئي هئي. هانيءَ جو هنيانءُ ئي اڌ ٿي ويو هو. پورهيو ڪندي هنن سان ڏاڍائي ٿيندي، هن سوچيو به نه هو. ڳالهه پوليس ٿاڻي تائين پهتي، هاني مجرمن وانگر پوليس گاڏيءَ ۾ ڦرندي رهي. سندس ميڊيڪل رپورٽ ڪانسواءِ ڪيس ممڪن نه هو. هن هڪ اسپتال ڪان ٻي اسپتال جا ڌڪا ڪاڌا، مجبور لاچار پاڻ سان ٿيل ڏاڍائي ويساهه گهاتيءَ کي به هن کي ئي ثابت ڪرڻو هو. هنن اٻوجهه کي ڪا به ڄاڻ نه هئي ڪڏهن پوليس کين پٽ شاهه، ڪڏهن هالا ته ڪڏهن وري حيدرآباد پئي موڪليو. ڊاڪٽرياڻي سندس چيڪ اپ ته پري پر هن ڪان پڇيو به نه ته هن سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي. ميڊيڪل ڪان پوءِ مٽياريءَ جي مختيارڪار کيس ويهه هزار رپيا ڏنا، ان ڪان پوءِ هانيءَ جو پورو خاندان گم ٿي ويو. هو هليا ويا، يا ويهه هزار کين واپسي لاءِ ڏنا ويا هئا هو ڪٿي رجسٽر ٿيا ئي ڪو نه هئا، جو رڪارڊ هجي، نه ئي کين ڪي شناختي ڪارڊ هئا جو پتو پئي ته





ڪٿان آيا ۽ ڪيڏانهن ويا. نه ميڊيڪل رپورٽ آئي، نه ئي ڪيس اڳيان وڌيو. هانيءَ جا مائٽ اوچتو ڇو گم ٿيا؟ هانيءَ کي ٻنيءَ ۾ ننڍ اچڻ تي ڪهاڙيءَ مان ڪڍندڙ سندس ور هن کي آخر ڪٿي وٺي ويو؟ هن کي منظر ڪان غائب ڪري انتظاميه ته سک جو ساهه ڪنيو. اخبارن جي خبرن جو وقت پورو ٿيو. چند ڏينهن ۾ پوليس سي ڪلاس ڪري ڪيس خارج ڪري ڇڏيندي. هاني هتي پنهنجي نرڙ تي هڪ ٻي تقدير لکرائي وئي. جيئن ماءُ جي پيٽ مان هوءَ پنهنجي تقدير لکرائي آئي هئي. نه ڄاڻ اها تقدير ڳاڙهي آهي يا ڪاري؟.

❋❋